# ارپيان ٿو
# باباڪي

پڪ لڳندي...!

## رئيس علي شير خان منگي



# سٽاءُ


**مهاڳ.................................15**
**من اندر جي ڳالهه.............(xvii) 15**
**پنهنجي پاران.................... (xix) 15**

**1. جوئي آهيان، سوئي آهيان ...........17**
**26 نومبر 1947ع کان ................17**
ڄم (هيپي برٿ ڊي) .................. 17
پرائمري تعليم.......................... 19
پرائمري اسڪول ۾ ڪجھ ساٿي ...... 20
انگريزي اسڪول جي تعليم........... 21
عشق جو پاڇو ........................... 21
بابا جو انتقال ........................... 22
اسڪول جون رانديون....................... 23
اسڪائوٽنگ ............................ 24
سائين قاضي ۽ خاندان .............. 24
سائنس هال ............................. 24
سائين عبدالوهاب........................ 25
قرآن جي تعليم........................... 25
هندن جو اثر................................ 26
گهانگهرا ۽ سومرا .................... 26
سيد وريل شاهه ۽ ديدار حسين شاهه. 28
ڊيبيٽنگ ۽ اسڪائوٽنگ ............. 29
پارڪ ۽ لئبرري ......................... 29
راءِ صاحب گوڪلداس ............... 30
منهنجي وقت جون رانديون ........... 31
ڪليڪٽر.................................. 31
جوڳيءَ جو باغ.......................... 32
باغ جو مالهي ۽ ڊي. سي ............. 32
ادب ڏانهن لاڙو.......................... 33
ڪورس جا پراڻا ڪتاب .............. 33
امتحان رات ۽ فيض احمد فيض جو مشاعرو .............................. 33
ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ پري انجنيئرنگ ۾ داخلا.................... 34
شاگرد يونين ........................... 36
استاد بخاري.......................... 36

**2. آڪٽوبر 1968ع کان اپريل 1975ع .. 37**
فاريسٽ ڪاليج ۾ نوڪري ........... 37
بي. اي ................................... 38
فاريسٽريءَ ۾ ڊپلوما ................. 38
منهنجو مڱڻو، نڪاح.................. 39
فاريسٽ ڪاليج ۾ داخلا.............. 39
فاريسٽ انسٽيٽيوٽ پشاور........... 41
پنجاب جو دورو ....................... 42
سنڌ جو دورو .......................... 43
بلوچستان ............................ 43
ڪجھ ڳالهيون ڪجھ يادون ......... 44
زور جو روزو ........................... 45
جليبي ۽ پڪوڙا مهانگا پئجي ويا ..... 45
اداس شام ۽ امير علي ................ 46
ون يونٽ ٽُٽي پيو! ..................... 47
ڀُٽي صاحب سان ملاقات.............. 52
نوان تجربا ............................. 52
راجا ظريف............................ 53
فرنٽيئر فورس ۽ ملٽري ڪاليج آف انجنيئرنگ رسالپور ..................... 57
بنگال جو دورو ......................... 58


Gul Hayat Institute

ڍاڪا شهر ........ 59
شيخ مجيب جو جلسو........ 60
چٽگانگ ........ 60
چڪمہ قبيلو_ رانگامتي! ........ 61
ڪوميلا ........ 62
ڪلنا ۽ سندربن ........ 62
تمر جا وڻ ........ 63
بنگالي سفير........ 64
واپسي ........ 65
ڪاغان ويلي........ 65
ورڪنگ پلان ........ 66
بابوسر پاس ۽ بابوسر ٽاپ ........ 66
پاسنگ آئوٽ ........ 66
ڪٿي آيو خير سان....! ........ 67
بي. اي فائنل ........ 68
آر ايف او جي نوڪريءَ جي شروعات. 68
شادي خانہ آبادي ........ 69
خواب ۾ پيئڻ ........ 69
بيلي ڪاتي ۾ نوڪريءَ جو ماحول ..... 70
شيخ اياز سان ملاقات ........ 74
1973ع واري ٻوڏ ........ 75
ميهر شاهہ ........ 75

**3. مئي 1975ع کان سيپٽمبر 1979 تائين ........ 77**

اسٽنٽ ڪمشنر_ نئين منزل ........ 77
اسسٽنٽ ڪمشنر جو انٽريو ........ 77
لاڙڪاڻي جي ڊي سيءَ وٽ ٽريننگ .. 82
قبي سعيد خان ۾ تربيت ........ 82
ڊي سيءَ جو اسٽاف، ميمبر ........ 83
موهن جو دڙو جو ڪلچر ........ 84
لاڙڪاڻي جي ترقي ........ 85
شيخ زيد بن سلطان ۽ ٻين جي دعوت
۽ زيتون ........ 86
موهن جي دڙي جي اسٽوپا جي سامهون
شاهہ ايران ۽ ڀٽي صاحب وچم عهدنامو 86
غريبو مقام ۾ باهہ........ 87
شيخ زيد اسپتال ۽ ڪالوني ........ 87
درويش جمعو فقير ........ 87
ڀٽي صاحب جا لاڙڪاڻي ۾ معمولات
۽ اوپن ڪچهريون ........ 88
پنچيل خان ايس. پي ........ 89
خالد احمد ڊي سي لاڙڪاڻو (خالد
صاحب ويجهڙائيءَ ۾ فوت ٿي ويو) ........ 90
منهنجي پٽ انيس قادر جي پيدائش
۽ غيبي ديري ۾ ٻوڏ جي ڊيوٽي ........ 91
ڪالونيءَ ۾ پلاٽ ........ 93
ڪرلَ ........ 93
عبدالوحيد ڪٽپر ........ 94
ڪٽپر صاحب جو گهر ۽ لائبريري ........ 94
سر شاهنواز ڀٽو لائبريري ........ 94
ڪٽپر صاحب کي سزا ........ 95
اشرف عباسي صاحب ........ 96
رتيديرو جو چيئرمين ........ 97
جسٽس ديدار حسين شاهہ ........ 97
ٻيهرين پوسٽنگ ڪراچيءَ ۾ ........ 99
بابا جي دوست کان چارج ورتي ........ 99
سکر جو ماحول ........ 99
علي حسن منگيءَ جا پويان! ........ 100
ڀٽي صاحب جي شهادت........ 101
علي ڏنو ٻنهور ........ 103

**4. سيپٽمبر 1979ع کان سيپٽمبر 1981ع ........ 105**

انوکي منزل_ ڪپرو ........ 105
پير صاحب پاڳاري سان ملاقات........ 108
اڪيلو ووٽ پر چيئرمين! ........ 109
خليفو عاقل ۽ ٻيا اهم ماڻهو ........ 109
محمد خان جوڻيجو ........ 110



چانهيو برادران ........ 112
جنرل مشرف سان منهنجي پٽ عليءَ
جي ملاقات ........ 114
حسن عليءَ جا دوست! ........ 115
سرفراز راڄڙ ........ 115
منٺار فقير ........ 116
سهراب خان مري ........ 116
شهيد عبدالرحيم گرهوڙي ........ 116
رمضان جو احترام ۽ عُشر ........ 118
ڦٽڪا ........ 119
گرفتاريون_ مان ڊي سيءَ ۽ برگيڊيئر! . 119
ٻختو مل_ ڦر ۽ اغوا! ........ 121
ڏوهاري ........ 122
قيديءَ جي بدتميزي ........ 123
ڪٽپر صاحب سان ملاقات ........ 123
مختيارڪار لاڙڪ_ هاءِ ڪورٽ جو
جج ۽ انڪوائري ........ 123
اديب ۽ صحافي ........ 124
ڏٽي بخش بروهي ........ 125
بدلي ........ 125

**5. سيپٽمبر 1981 کان جون 1984 126**

رهي وڃ رات ڀنيور ۾ ... 126
ڊي سي عبدالله آخوند ........ 126
تاج محمد ابڙو........ 127
ڪي بي رند صاحب نتي جو ڊي سي 128
ڀنيور سيمينار ........ 129
ڀنيور جي ڪوتائي ........ 131
وزيرن جا گهاري ريسٽ هائوس جا دورا 134
ٺٽو ضلعو ........ 135
انيس قادر منگي........ 135
مٺخانو ........ 136
MRD جو نهڻ ........ 137
سياستدان گهاري ريسٽ هائوس
تي نظربند ........ 138
جوابدار عبدالحفيظ پيرزادو ۽
وڪيل رضا رباني ........ 140
پوليس وين ۽ جنرل جي ماني........ 142
ايڊي صاحب سان پهرين ملاقات ... 143
رشيد عباسي ۽ نور محمد چوهاڻ .. 144
ڊاڪٽر بنگالي ۽ ڊاڪٽر ڦڳڻ ديپ .. 144
ضياءَ شيخ........ 146
حاجي عبدالغني گبول........ 146
ڳاڙهو گرڊ اسٽيشن ........ 147
شيخ زيد جو محل ........ 148
حاجي سودو بگهياڙ ........ 148
اڪبر ڪلهوڙو........ 149
ڊاڪٽر موسيٰ........ 149
گهارو ريسٽ هائوس........ 150
بدلي_ گهاري کان... 150

**6. جون 1984 – جون 1986ع ....... 152**

ڪاڏي مُنهن مريم جو، ڪاڏي ٽنڊو الهيار152
ٽي نوجوان........ 152
شگر مل ........ 153
شگر مل جو انڊيننٽنگ سسٽم ........ 154
نشو ڀٽو........ 155
چيئرمين سان جهيڙو ۽ ناهہ آخر ۾.. 156
وتايو فقير لائبريري ........ 156
فضل احمد بچاڻي ........ 156
اياز گل_ بي پرواهہ بادشاهہ........ 157
مرتضيٰ ڏاڏاهي ........ 158
ڊاڪٽر پرڏان ........ 159
وتايو فقير........ 160
وتايو فقير سيمينار ........ 161
ريفرينڊم_ 1984 ........ 163
جنرل اليڪشن_ 1985 ........ 165
فوجين قاضي سمير اڪبر کي
گرفتار ڪري ورتو ........ 167
قاضي عابد ناراض ........ 169

Gul Hayat Institute

مير صاحب ناراض ٿي ويو ........ 170
صوبائي چونڊون_ 85 ........ 171
وزيراعظم_85 ........ 172
وزيراعليٰ سائين غوث علي شاهه ٿيو 173
منهنجي بدلي وري ڪينسل ٿي وئي 173
ٻانهن جو فريڪچر ........ 174
منهنجو اغوا ........ 175
منهنجي قسمت جو فيصلو_ الله
مالڪ آهي ........ 177
امان کي هارٽ اٽيڪ ۽ الله کي پياري
ٿي وئي........ 179

**7. اسان ماڻهو لاڙ جا، دريا جي ڀپاڙ جا ... 181**

سجاول بدلي ........ 181
بابو شاهه........ 181
ميرپور بٺورو ........ 183
شاهه عنايت........ 183
عوامي تحريڪ ........ 183
ممتاز صاحب جو فرنٽ ........ 184
ايم آر ڊي_ 1986 ........ 185
آگسٽ 1986ع جو جلوس ........ 185
مڇريل هجوم ۾ ڪاهي پيس ........ 186
ملڪاڻي........ 187
غلام قادر پليجو ۽ سسئي پليجو .... 188
ضلع ڪائونسل ٺٽو ........ 189
حمزو خان پليجو ........ 189
سيد عبدالستار شاهه شيرازيءَ جي
شهادت ........ 190
روشن ضمير ........ 190
وڏا ماڻهو ننڍيون عادتون ........ 192
جلسا جلوس ۽ يوسف ڪيراڙو .... 193
عبدالغفور قاسمي ........ 194
اعجاز خواجي جي گرفتاري ........ 195
يوسف چانڊيو ........ 195
ٺٽي جا اهم خاندان ........ 197
ملڪاڻي ........ 197
رئيس جمال خان لغاري ........ 197
محمد عيسيٰ خواجه ........ 198
سردار محمد عثمان سومرو ........ 198
سيد شير علي شاهه بخاري ........ 198
سائين قادر ڏنو شاهه شيرازي........ 199
سائين نور محمد پليجو ........ 200
لائبريريون ........ 200
رشيد ڀٽي، فقير محمد لاشاري ۽
سليم چنا........ 201
سنڌوءَ ۽ سمندر جو سنگم ۽ فقير
محمد لاشاري ڪاري چاڻ جيل ۾ .... 201
منهنجي سجاول مان بدلي ........ 202
ڏکيو وقت........ 203
گهاري ۾ شرنارٿي........ 203
سنڌ جي حڪومت ۽ انتظاميه ۾ تبديليون 205
اوجهڙي ڪئمپ ........ 205
جوڻيجي صاحب جي حڪومت ۽
اسيمبليون ختم ........ 205
جنرل رحيم سنڌ جو گورنر........ 206
جنرل ضيا جو موت........ 207
قاضي اختر نگران وزير اعليٰ ٿيو.... 207
حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪوس_ زال
۽ ڌيئرن کي هٿيار هلائڻ سيکاريا .. 207

**8. لاڙڪاڻو_ ساهه سيباڻو ........ 208**

ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو........ 208
ڪمشنر آفيس........ 208
اسٽاف جي ڀرتي ........ 209
اليڪشن 1988ع ........ 209
اليڪشن ڪان پوءِ........ 210
بي نظير صاحبه وزيراعظم ٿي وئي . 210
سنڌ جو وزير اعليٰ قائم علي شاهه... 211
ياسر عرفات ........ 211
ڪمشنر صاحب جا قرب! ........ 211





سيد سردار احمد، چيف سيڪريٽري 212
پيپلز پروگرام جو پي ڊي ........ 213
پيپلز پروگرام جو ائڊمنسٽريٽر
ماهوٽو صاحب ........ 213
غلام الله ماهوٽي جو اغوا ........ 214
جيالا ڪلچر ........ 214
لاڙڪاڻو_ ويڳاڻو ........ 215
ڀُٽي صاحب جي مزار ........ 216
ڀُٽي صاحب جي مقبري جو پي. ڊي . 217
محترمه جي حڪومت ختم........ 217
فهيم مغل جيل ۾ ........ 217
محترمه سان ملاقات ........ 218
ڄام صادق نگران وزير اعليٰ/ڪمشنر
جي بدلي ........ 218
غلام عباس سومرو ائڪٽنگ ڪميشنر . 219
ڄام صاحب وزير اعليٰ ٿي ويو ...... 219
لاڙڪاڻي ۾ نوڪريون مقامي ماڻهن
کي مليون! ........ 220
شاهه لطيف لائبريري رتوديرو کي
ڪتابن جو تحفو ........ 222
مامي ديدار حسين جو انتقال ........ 222
ڄام صادق علي........ 223
اسلم سنجراڻي ڪمشنر لاڙڪاڻو ۽
جلد بدلي........ 224
اسلم سنجراڻيءَ جي بدلي ........ 224
غلام عباس سومرو (ٻيو)........ 226
محمد صلاح الدين قريشي ........ 227

**9. جنوري 1992ع کان آگسٽ 1993ع . 229**

جي مون گهاريا ٿر ۾ ........ 229
اسان جي شاديءَ جي ويهين سالگرهه
........ 230
ٿـــر ........ 231
سرور منگي........ 232
خورشيد_ منهنجي زال جو موت ... 232
ٻيڙا ساڙي مٺيءَ پهتاسون........ 237
مٺيءَ ۾ پيئڻ لاءِ مٺو پاڻي........ 238
ڪمشنر جو ننگر جو دورو........ 238
ٿر جو طوفاني دورو ........ 239
عوام سان رابطا مهم ........ 240
گڊڙو ........ 241
ڊائريڪٽ فون ۽ سيل فون ........ 241
نجو ڪولهڻ ۽ سولر سسٽم ........ 242
ٿر ۾ پهريون ڊِش ائنٽينا ۽ ورلڊ ڪپ 92 . 242
ٻئٽ بال ........ 243
پريو سٽياڻي_ واشنگٽن........ 243
لائبريري ........ 244
مٺي پريس ڪلب ........ 244
پريم شواڻي هال ........ 245
جيم خانو_ مٺي ........ 245
گاڏي وارو لَڪ........ 245
منهنجي ٻارن جي تعليم ........ 246
مهمان جي گرفتاري ........ 247
14 آگسٽ ۽ فوزيه سومرو ........ 247
ٿر، قطب تارو ۽ رڻ ۾ رات ........ 248
واجد ........ 249
سائينداد ساند ۽ ٻيا دوست ........ 252
صادق فقير ........ 253
مقيم ڪنيار........ 254
موهن ڀڳت ........ 256
رينجرز ۽ صحافي........ 257
گورو، چاچي نواز جو گونگو پُٽ ۽
اسڪولي ٻارَ ........ 259
ڪليم لاشاري ........ 260
ٿر ۽ وڻ........ 261
انعام شيخ سان ملاقات ........ 262
ٿر ۽ هولي ........ 263
رام سنگهه سوڍو ........ 264
ٿر ۾ ذات پات ........ 266
ٿري ٻارن جو موت ........ 267


Gul Hayat Institute

گرم مصالحي جو خاندان .......... 269
تر ۾ اين. جي. اوز (Non Governmental Organizations)
.............. 269
ڊٽ (DDAT) .......... 271
تر، پانهن ٻيلي ۽ جاويد جبار .......... 271
مان توسان شادي ڪنديس...! ..... 272
مان ايوارڊ لائق نا هيان...! .......... 273
تر سيمينار .......... 274
بارش! .......... 277
تر سيمينار .......... 277
محفل موسيقي .......... 281
استاد بخاري گذاري ويو .......... 282
اسٽينلي ريڪس جي ڪتاب جي
رونمائي.......... 284
تر سيمينار جي روئداد .......... 286
ننگرپارڪر ۾ بجلي ۽ ٽي. وي .......... 286
منظور حسين پتو ۽ بسون .......... 287
ٻراج مان پيئڻ جو پاڻي .......... 288
روڊ رستا_ ڪوئلي جو اثر .......... 289
تر تي پهريون ڪتاب .......... 289
رائچند جو ڪتاب ”تاريخ ريگستان“ . 290
’تر‘ ڪتاب.......... 290
ليفٽيننٽ ڪرنل جارج برٽ ترائوٽ. 291
ملڪ ۾ سياسي راند .......... 293
مظفر حسين شاهه _ سنڌ جو نئون
وزيراعليٰ.......... 294
نگران حڪومت ۽ ڪورٽ جو فيصلو. 296
اسحاق خان ۽ نوازشريف گهر ويڙا . 296
معين قريشي .......... 297
وسيم سجاد _ صدر .......... 297
ڪيٽي بندر پورٽ .......... 299
تر تي (تڏ) ماڪڙن جو حملو .......... 299
اصلي ۽ نقلي مکڙ .......... 301
نون فنڪارن جي ڳولا .......... 302
بابري مسجد وارو سانحو .......... 302
جڳديش ملاڻي .......... 303
مسڪين جهان خان ڪوسو .......... 304
شيام داس جوشي .......... 305
صادق فقير سان آخري شام! .......... 306
سچل، ساقي ۽ سارنگ .......... 307
مائي ڀاڳي .......... 311
قسمت جو حال: موت يا زندگي.......... 312
سالن کان پوءِ وري تر .......... 315

**10. (آگسٽ 1993 - مارچ 1995ع) ..318**

وري ڪولاچيءَ جي ڪُن ۾ .......... 318
آغا شهاب الدين .......... 320
تعليم کاتي ۾ ڊائريڪٽر پلاننگ ..... 321
اشفاق ميمڻ، سيڪريٽري تعليم .... 321
SPEDP (پراجيڪٽ) .......... 322
تعليم کاتي جا حال .......... 322
سيد انوار حيدر .......... 323
فضل الله قريشي .......... 324

**11. مارچ 1995ع کان نومبر 1996ع ...326**

خيرپور جا ڏينهن رات_ ڊي سي خيرپور 326
خيرپور آمد .......... 327
اڇڻ_ ڪليري نهراءُ .......... 328
ڀيانڪ پيار ڪهاڻي! .......... 328
جرڳو_ فيصلو .......... 328
ڪم شروع .......... 330
ايڪسيڊنٽ ۾ 29 ماڻهن جو موت .. 330
خيرپور ۾ منهنجي ٻي رات ڀيانڪ هئي. 331
هنرمند، تعليمدان ۽ شاعر آندا ويا..332
زمين .......... 332
دلڪشا منزل (1890) .......... 333
خيرپور ڊويزن ختم .......... 334
سائين قائم علي شاهه سان ملاقات .. 334
تنوير عباسي.......... 336
تنوير، حميد سنڌي ۽ مان .......... 337





حميد صاحب جي گورنر کي منهنجي
خلاف شڪايت.......... 339
گورنر جو دورو.......... 339
وي. سي حميد ميمڻ جي بدلي_
ڊاڪٽر بشير شيخ نئون وي. سي .......... 340
خيرپور وومين ڪاليج .......... 340
تسليم منگي.......... 341
خيرپور جي سابق واليءَ مير علي
مراد خان ٽالپر سان ملاقات .......... 342
شخصيتون.......... 345
مذهبي شخصيتون ۽ مسئلا .......... 346
خيرپور ۽ لاڙڪاڻي جو ڪچو ۽
زوراٽيون ڌريون .......... 347
ڪچو، بند ۽ ٻوڏ .......... 347
ايس. پي قمر ۽ انعام.......... 349
ايس ايس پي قمرالزمان تي انڪوائري .. 349
ايس ايس پيءَ ممتاز صاحب سان
جهيڙو جو ٽيو_ مونکي انڪوائري
آفيسر مقرر ڪيو ويو .......... 350
مون انڪوائري شروع ڪئي .......... 351
غلام قادر ٽيبو_ ايس ايس پي خيرپور . 351
ڪميشنر نثار صديقيءَ جي اسٽائيل . 352
نثار صديقي روپوش ۽ انوار حيدر
جهلجي پيو.......... 352
آءِ بي اي سکر جو قيام.......... 353
چيف منسٽر عبدالله شاهه صاحب.. 354
ضمير گهمري جا جلوا .......... 355
مون کي دٻ!.......... 356
منهنجي ڌيءَ صفيه جي شادي.......... 357
منهنجي ٻي شادي .......... 358
شاديءَ جو رشتو .......... 360
محترمه بينظير ڀٽو جي عورتن ۾
زمين ورهائڻ جي پاليسي .......... 361
غلام علي شاهه پاشا، سکر جو ڪمشنر. 362
ڪجهه دوستن جي اچ وڃ .......... 362
پير ضياءُ الحق سهروردي .......... 362
عبدالغني چنا .......... 363
ڊاڪٽر پرڪاش ڪتواڻي.......... 364
ڊاڪٽر چندر وگيهاڻيءَ جو گهر .... 366
قمرالدين جوڻيجو ۽ ميهرچند اوڏ.. 367
خيرپور پريس .......... 367
تنوير عباسي .......... 367
مختيار ملڪ.......... 368
حاجي عبدالڪريم ڪرل .......... 369
خيرپور ضلعي جا منگي .......... 371
گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل
سائنس (GIMS).......... 371
محترمه گمبٽ ۾.......... 372
ڊاڪٽر قادر بخش ميمڻ .......... 373
نصرت حسين ابڙو.......... 373
جشن خيرپور_ مشاعرو.......... 374
بار ڪائونسل خيرپور .......... 374
مير مرتضيٰ جي شهادت .......... 375
خيرپور مان بدلي .......... 375
هو عاشق آهي! .......... 376
رتيديري جي رستي_ حيدرآباد ... 376
صبح مهراڻ_ نصير مرزا ۽ ملاح سسٽرز 378

**12. هجئي ناڻو ته گهم لاڙڪاڻو ..........379**

منهنجي بدلي لاڙڪاڻي .......... 379
چيف منسٽر ممتاز علي خان ڀٽو
سان ملاقات.......... 379
لاڙڪاڻي جي ڊي سيءَ جو آرڊر .... 381
لاڙڪاڻي آمد .......... 382
لاڙڪاڻي جي ڊي سيءَ جي چارج ورتي. 382
محترمه بي بيءَ جي لاڙڪاڻي آمد .. 383
ميڊم غنويٰ جو سڏ_ سبڪ مجيد
جون ڏمڪيون.......... 384
چيف منسٽر کي آگاهي.......... 386
ڪامريڊ سوڀو جو تحفو ”مها ڀارت“. 386


Gul Hayat Institute

پي پيءُ وارا .................... 387
جج .................... 387
ارباب صاحب جي ممتاز صاحب
سان ملاقات .................... 387
امداد چوليا ٽي (چانڊيو) .................... 389
قربان علي عباسي .................... 389
ڀڳيا ءِ انڙ .................... 389
سردار شبير احمد خان چانڊيو ..... 390
هار جيت .................... 390
ڪنور ادريس .................... 390
شهيد ڀٽو پارٽي .................... 391
بينظير صاحبه جا منهنجي خلاف
اخباري بيان! .................... 391
اليڪشن جو ڏينهن 3 فيبروري 1997ع 392
چيف منسٽر لياقت علي خان جتوئي .. 393
محترمه غنويٰ ڀٽو جي مونکي المرتضيٰ
هائوس تي چاءِ جي دعوت .................... 393
ڊنر جي دعوت .................... 394
المرتضيٰ هائوس .................... 396
محمد عريس خان جي پيدائش ..... 398
ڊاڪٽر بلقيس ملڪ .................... 399
پرائيم منسٽر نواز شريف جو ڇاپو . 399
چيف سيڪريٽري سعيد مهدي .... 401
چيف سيڪريٽري لاڙڪاڻي ۾ ...... 401
الله حق وڪيل آهي ـ ڪمشنر ءِ اسسٽنٽ
ڪمشنر جون منهنجي خلاف سازشون 403
انوار حيدري .................... 404
امداد الله انڙ .................... 405
تجر باغ .................... 405
نواب ولي محمد خان لغاري (ءِ نواب
احمد خان لغاري) .................... 406
نواب احمد خان لغاري .................... 407
موهن جو دڙو .................... 408
قاضي اختر .................... 408

ذوالفقار علي ڀٽو ءِ ڀٽو خاندان تي پي.
ايڇ. ڊي جي ڊگري ڏجي .................... 410
فاطمه ڀٽو جو ڪتاب SONGS OF BLOOD
AND SWORD .................... 411
لاڙڪاڻي جي ڀٽو خاندان جو شجرو ـ 1
.................... 412
1970 واري اليڪشن .................... 416
ڊرگهه ءِ لنگهه ڏيڻون ءِ ان جا مالڪ . 416
علامه عبدالڪريم بيرواري، سائين
حسين شاهه قنبرواري ءِ ديني رهنمائن
سان ملاقات .................... 418
نواز شريف ڪچي جي سرڪاري زمين
هارين ۾ ورهائي .................... 420
سمبارا هوٽل .................... 421


13. (20 آگسٽ 1997ع کان 20
جولاءِ 2002ع) .................... 423


لاڙڪاڻي مان بدلي .................... 423
SESSI ۾ پوسٽنگ .................... 424
شڪر آ منهنجي بدليءَ سان توهانجو
معاهدو بچي ويو .................... 425
سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ! .................... 426
سماجي ڀلائي جو کاتو .................... 427
سيد ممنون حسين! .................... 427
ممنون صاحب جي گاڏي .................... 428
ممنون حسين صاحب گورنر تي ويو . 428
ممنون حسين صاحب صدر تي ويو... 429
نيپا ٽريننگ .................... 430
بلوچستان/ ڪوئيٽا جو ٽوئر .................... 432
گوادر .................... 434
سرحد صوبي جو دورو .................... 435
پشاور .................... 435
سوات .................... 436
مالم جبه ـ سوات .................... 437
پوربن .................... 437





پنجاب ـ لاهور .................... 438
سردار ذوالفقار علي خان کوسو ..... 438
منهنجو ٻرٽ ڏي .................... 439
ڪينجهر .................... 440
پاسنگ آئوٽ .................... 442
جنرل مشرف چيف ايگزيڪيوٽو .... 445
ايئر مارشل داؤد پوٽو سنڌ جو
گورنر مقرر .................... 445
مان سسپينڊ ٿي ويس .................... 445
مليرڊيولپمينٽ اٿارٽي ۾ پوسٽنگ . 446
ايڊيشنل ڪمشنر حيدرآباد .................... 447
قاضي امتياز .................... 448
ڪمشنر جي پاءُ جو سياسي جلسو .. 449
ابرار قاضي جيل ۾! .................... 449
قاضي صاحب سائين جي ايم سيد
کي گرفتار نه ڪيو .................... 450
حيدرآباد ڪلب .................... 453
اياز گل ءِ صادق فقير سان شام .... 454
نئون نظام ـ ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ .. 454
صدر مشرف جو هجيءَ ۾ .................... 456
طوفان ۾ ماٺ هو مئو ته ڪمشنر
ذميوار هوندو! .................... 457
چيني سفير جو دادوءَ جي جهنگ ۾
هيليڪاپٽر خراب .................... 457
فنانس E.D.O .................... 459
نوان رشتا، نئون نظام ـ ڊي سي او طارق
ايوب ـ ناظم مخدوم رفيق الزمان .... 459
مان عارضي ڊي سي او حيدرآباد .. 460
ڊي سي او حيدرآباد ـ مير حسين علي
مقرر .................... 460


14. (20 جولاءِ 2002ع کان ڊسمبر
2003ع) .................... 462


چيف سيڪريٽري – ڪي بي رند .... 462
ڊي سي او نوابشاهه .................... 463

محترمه فريال تالپر سان پهرين ملاقات! 463
جنرل اليڪشن 2002 .................... 464
اليڪشن جا نتيجا ـ نوابشاهه ۾ پ پ
سپ سيٽون ميڙي وئي .................... 464
نوابشاهه جو تعارف .................... 465
نوابشاهه – ضلعو! .................... 466
شهيد بينظير آباد ضلعو ءِ ڊويزن .. 466
ترقياتي اسڪيمون .................... 467
ٻارهن ڪروڙ گم .................... 467
ٻارن جون اسڪالرشپ ءِ فارم ....... 468
پرائيم منسٽر جي روبرو جهيڙو محترمه فريال
تالپر ءِ غلام الرسول جو سبب مان هيس 469
گل حسن چنو، ڊي سي او نوابشاهه .. 471
چا پرائيم منسٽر، چا ٽپيدار ......... 472
گلن جي نمائش .................... 473
نئين ڊي سي او آفيس .................... 473
ڪجهه اهم شخصيتون .................... 475
سيد نواب شاهه .................... 475
ڪوتائي سيد .................... 475
ايچ ايم خواجه .................... 475
قاضي خضر حيات .................... 477
قاضي فيض محمد .................... 478
سيد زين شاهه (سائين جي. ايم.
سيد جو پوٽو) .................... 478
سيد محمد منير شاهه .................... 479
قلي بخش رند ءِ رند برادران ....... 480
رند صاحب جي لاڙڪاڻي مان بدلي 483
بي نظير صاحبه جي بي حڪومت ... 483
رند صاحب اسلام آباد بدلي ......... 484
گل محمد رند .................... 487
علي اصغر رند .................... 488
حمل فقير لغاري .................... 489
نوجوان اديب .................... 490
فياض چند ڪليري، منور سراج،
ضراب حيدر ءِ وسيم سومرو ......... 490


Gul Hayat Institute

چيف منسٽر مهر صاحب کي عيد
مبارڪ ........ 490
نوابشاهه مان بدلي ........ 491

**15. (3 ڊسمبر 2003 کان**
**فيبروري 2005) ........ 494**

سکر واريءَ پُل تي هوجمالو... 494
ممتاز کوکر شهيد ........ 496
لبِ مهراڻ ........ 498
سي ايم جو پروٽوڪول ........ 499
جنرل مشرف سان ملاقات ........ 500
صدر تي خوني حملو ........ 501
دردِ دل ........ 501
هارٽ اٽيڪ دل جي اسپتال ۾ ........ 502
اينجيو پلاسٽي ........ 502
دارالامان سکر ........ 504
ارباب صاحب چيف منسٽر ٿي ويو.. 506
چيف منسٽر جو مون سان پنهنجائپ
جو اظهار ........ 506
برگيڊيئر هُديٰ! ........ 507
CM سکر ۾ ........ 507
ڪِني آگر ........ 509
نائب ناظم جو جهيڙو ........ 509
ڪم ڪيئن ٿو هلي؟ ........ 510
رحيم بخش اعواڻ ........ 510
سکر جي "منگي" سياست ........ 511
اياز گل، ادل سومرو ۽ ممتاز بخاري 512
هندستاني سنڌي اديب ........ 513
لائبريري ڊاهيو، پلازا ناهيو! ........ 514
مسرت مرزا جو مشاعرو ........ 514
بيدل سائين ........ 515
سکر جو حال احوال ........ 516
سکر جي ترقي ۽ اوج ........ 516
ڪر جون ڪجهه اهم جايون ........ 517
سياڳو خان زخمي ........ 517

لئنسڊائون پل ........ 517
سکر بيراج ........ 518
معصوم شاهه جو مينار ........ 518
مسجد منزل گاهه ........ 519
ميونسپل جنرل لائبريري ........ 519
ساڌ ٻيلو ........ 520
سکر ميونسپلٽي ........ 520
انتظاميه ........ 521
منهنجي سکر مان بدلي ........ 523
سرخاب جا پَرَ ........ 523

**16. (فيبروري 2005 کان**
**سيپٽمبر 2006) ........ 525**

ڪلاچيءَ جو ڪُنُ ........ 525
سيڪريٽري G.A جي مقرري ........ 526
چيف سيڪريٽري فضل الرحمان........ 528
ڊاڪٽر حميده کهڙو سان عادل
صديقيءَ جي بدتميزي ........ 529
ماحوليات ۽ ٻيلن جي تباهي ........ 532
ڏاڙيل ۽ ٻيلا ........ 533
عرب ۽ وڻ ........ 533
نم ۽ جيل ........ 534
ٻيلن جي نامناسب وادي ........ 534
سچڻ سفر هليا ........ 535
هندو جيم خانو ۽ ناپا ........ 537

**17. (سيپٽمبر 2006 کان**
**سيپٽمبر 2007ع) ........ 539**

سيڪريٽري ڪلچر ........ 539
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ........ 539
ثقافت کاتو ........ 540
ڪلچر جي آفيس ڪسجي وئي ........ 541
شمس جعفراڻي ڊي. جي ڪلچر ........ 542
ڊرامه فيسٽيول جي قيمت 30 لک! .. 545
سنڌ صدين کان ........ 546





ڪلفٽن برج تي سنڌي ٽائيل........ 547
راحيلا مگسي ........ 548
صوفي ميوزڪ فيسٽيول ........ 549
طاقت جو مظاهرو ........ 550
نئين ڪوٽ ۾ صدر جو جلسو ........ 551
ظفر ڪاظمي جي قبر! ........ 551
سچل سائينءَ جو عرس ........ 552
شيخ اياز جي مزار ........ 554
۽ ڪتابن جي ڇپائي جي رٿا ........ 554
مالياتي بجيٽ ۽ ايم اي جليل جي مهرباني
۽ ڪاتي جي وزير کي اک ۾ ڪنڊو ........ 556
شاهه ٻيلو ۾ ڏاڙيلن جي جاءِ تي
سفاري پارڪ ڪڇي ۾! ........ 557
ٻاهرين ملڪن جا دورا ........ 558
ايران ۽ دبئيءَ جو دورو ........ 559
ايران روانگي ........ 559
دبئيءَ ۾ ٽرانزٽ ........ 560
ٻارٽ جي روشن سان ملاقات ........ 560
دبئيءَ کان امام خميني ايئرپورٽ لاءِ562
تهران ۾ ........ 563
ايڪو (ECO) ڪانفرنس ........ 564
آخري سيشن ........ 566
ECO (اقتصادي تعاون تنظيم) ........ 567
سرڪاري دعوت ۽ ساز ۽ سرود ........ 569
مشهد ۾ امام علي رضا جي مزار ........ 570
مشهد، ڪافي ۽ الرجي ........ 571
ميوزيم ........ 572

چڪن ٻوٽي ۽ ڊرائيور ........ 572
نادرشاهه ........ 573
امام علي رضا جي حرم ۾ ........ 574
امام رضا جي مزار جي زيارت ........ 575
ڊرائيور شاهين ........ 576
تهران ۾ برف باري ........ 577
دبئي چلو! ........ 582
ڀٽي صاحب جي عرب پاليسي ........ 582
رچرڊ نڪسن ۽ ڀٽو صاحب ........ 583
مهتاب ........ 583
ٻاهرين بند پر اندرين؟ ........ 584
نندو هوٽل، ٽي ڪلبون ........ 584
مارڪس ۽ اسپينسر ........ 586
سيڪلون ڪلب ........ 586
سيڪلون ڪلب جي 'مس نائيٽ'! .. 587
ٽارزن جي واپسي ........ 588
هلو ٽوري دبئي ۽ ابوظهبي هلون .. 589
ثقافتي تضادات ڪانفرنس ڪوئيٽا 592
عمري لاءِ ڀلي پار جو ٻيرو ........ 594
منهنجي سٺوين سالگرهه_ 2006ع... 595

**18. ريٽائرمينٽ کان پوءِ ........ 596**

ڌرتي ٽي. وي ........ 596
اسي لک ........ 599
سفاري پارڪ ........ 599

**هڪ ڏور جي پڇاڙي! ........ 601**

**انڊيڪس ........ 603**


Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

1

# جوئي آهيان، سوئي آهيان
## 26 نومبر 1947ع کان

### ڄم (هيپي برٿ ڊي)

منهنجي جنم جو ڏينهن 26 نومبر 1947ع آهي. 26 نومبر 2015ع تي منهنجا پُٽَ، ڌيئر ۽ انهن جا پٽ ۽ ڌيئر اچي منهنجي گهر گڏ ٿيا. ڪيڪ ۽ ميڻ بتيءَ جو بندوبست ڪيو هئائون. هڪ ميڻ بتي ۽ 10 پائونڊن جو پلين ڪيڪ. جنهن ۾ اندران چاڪليٽ پريل هيو. هڪ ميڻ بتي ٻاري وئي. ڪيڪ تي ڇُري رکي وئي، جيئن مان ميڻ بتيءَ کي ڦوڪ ڏئي وسايو تہ ٻارن وش ڪيو. ’هيپي برٿ ڊي، ڊيڊي!‘ منهنجا ٻار ۽ انهن جا ٻار بہ مونکي ڊيڊي ڪوٺيندا آهن. منهنجي ٻارن جا دوست بہ مون کي ڊيڊي سڏين. هن سال منهنجي عمر 68 سال ٿي وئي ۽ 69ـ هِين ڄم تاريخ ملهائي.

جڏهن مان ڄائو هئس تہ اسان جي گهر ۾ ڪو ننڍو ٻار ڪو نہ هيو. نہ ڌيءَ نہ پٽ. سو مان سڀني جي اکين جو تارو هئس. ٻار ڪو نہ بچندو هيو. مون کان اڳ ۾ بہ ٻائر ۽ هڪ ڀيڻ پيدا ٿيا، پر ننڍيءَ عمر ۾ ئي الله کي پيارا ٿي ويا. مون کان پوءِ هڪ ڀاءُ ڄائو اهو بہ پنجن مهينن ۾ الله ڏانهن واپس هليو ويو. آخري ٻار منهنجي ڀيڻ شمشاد 1958ع ۾ ڄائي. اها حال حيات آهي ۽ پنهنجن ٻارن ۽ وَرَ سان خوش آهي. سندس گهر واري غلام اڪبر منگيءَ کي واپڊا آفيس گدو ۾ اڪائونٽ آفيسر جي نوڪري هئي. گهر ۾ اڪيلو ٻار هجڻ جي ڪري مان سڀني ڀاتين جي توجهہ جو مرڪز هئس.

مان رتيديري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائس ۽ اسان جو ماڻٽاڻو گهر اڄ بہ اتي آهي. حالانڪہ منهنجو والد مديجي، تعلقي ڳڙهي ياسين جو هيو پر نوڪريءَ سانگي اچي رتيديري ۾ آباد ٿيو. شادي بہ اتان ئي ڪيائين، رٽائر بہ اتان ئي ٿيو. سندس وفات اتي ئي ٿي ۽ تدفين بہ.

اسان جي گڏيل فيملي هئي، جڏهن کان مون کي سانڀر ٿي تہ مون ڏٺو تہ منهنجي نانيِ ۽ مامون بہ گڏ رهندا هئا. سڄي گهر جو ٻار، بابا تي هيو. مامو ننڍو هيو ۽ بي فڪريو



هيو. اها بي فڪري تيستائين رهيس، جيستائين بابا حال حيات هيو. بابا جي فوت ٿيڻ کان پوءِ ذميواريون سنڀاليائين. جڏهن بابا جي وفات ٿي تہ مان اٺين ڪلاس ۾ هيس ۽ عمر چوڏهن سال کن ٿيندي.

بابا روينيو کاتي ۾ سپروائيزنگ تپيدار هيو. پاڻ 1904 ۾ پيدا ٿيا هئا ۽ فائنل سنڌيءَ تائين تعليم ورتي هئائون. انگريزي تعليم عام ڪونہ هئي. ان دور ۾ سنڌي تعليم پرائڻ بہ ڏونگر ڏورڻ وانگر هوندو هيو. جيئن نوڪري ملين تہ رتيديري جي طرف نڪري آيا ۽ ڏوڪري، جوهي، وارهہ، قمبر تعلقن ۾ بہ نوڪري ڪيائون، پر رتيديري ۾ گهڻو عرصو رهيا. سندن نالو علي شير خان هيو. منهنجي ڏاڏي جو نالو علي بخش عرف علڻ هيو. ڪيس مون نہ ڏٺو. منهنجي سانڀر کان اڳ ۾ ئي فوت ٿي ويو هيو. باقي ڏاڏيءَ کي بيماريءَ جي حالت ۾ بستري تي ڏٺم. هن پنهنجي عمر مديجيءَ ۾ گذاري ڇڏي. جڏهن آءٌ مديجي ويندو هئس تہ ساڻس ملاقات ٿيندي هئي، پڙ ڏاڏي جو نالو قادر بخش هيو.

بابا سڀني ماڻٽن مٽن جو خيال رکندو هيو ۽ وس آهر سندن ڪم ايندو رهندو هيو. مڊل ڪلاس جو self made ماڻهو ۽ مڃي مانيءَ لائق هيو. زندگي عزت ۽ مانَ سان گذاريائين. سڀني حلقن ۾ سچائي ۽ ديانتداري جي ڪري کين بي انتها عزت ۽ احترام جي نظر سان ڏٺو ويندو هو. بابا گهوڙي سواريءَ جو ماهر هيو. روينيو جي نوڪريءَ ۾ گهوڙو رکڻ لازمي هيو. شلوار قميص ۽ ٽُرڪي ٽوپي پائيندو هيو. بوسڪيءَ يا ململ جو پٽڪو اڪثر ڪري ٻڌندو هيو. پاڻ قد جو پورو پنو، ڇِٽو پورو رنگ، هلڪيون مڇون هونديون هئن. نظر تکي چيتي جهڙي ۽ ذهانت پريل. سائل جي دل جان سان مدد ڪندو هيو اهو دؤر هيو بہ رواداريءَ جو. اوڙو پاڙو پنهنجن ماڻٽن کان بہ وڌيڪ پيارو هوندو هئس.

بابا سويرو اٿي صبح جي نماز جماعت سان پڙهڻ لاءِ گهران نڪري ويندو هيو. اتر سنڌ جا سيارا ڏاڍا سخت هوندا هئا، نہ سيءَ جي ڳڻتي، نہ واءُ مينهن جي ڳڻتي. صبح جي نماز ضرور پڙهندو هيو ۽ اُها بہ باجماعت.

منهنجا ناناڻا رتيديري جا اوائلي رهاڪو هئا. ناني جو نالو جان محمد، نانيءَ جو نالو زليخہ. والده جو نالو غلام فاطمہ هيو. منهنجو نانو سچل جو صوفي راڳي هيو. هڪ پير ۾ ڇير ٻڌي نچندو بہ هيو. سندن زمينون ۽ رهائشي جايون فتح پور محلي، ٻيڙن ۽ سائين وريل شاهہ ۽ جسٽس ديدار حسين شاهہ جي پاڙي ۾ بہ هيون. پوءِ ڪو اهڙو واءُ وريو جو اهي جايون اوٽي پوٽي، هندن وٽ گروي ٿي ويون. وياج ايترو وڌيو جو اها ملڪيت پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ ئي هندن جي نالي تي ٿي وئي.

بابا پهريان ماستر ٿيو. پوءِ ماستري ڇڏي تپيداريءَ جو امتحان پاس ڪيائين. تپيداري اسڪول ۾ اڪثريت هندو شاگردن جي هوندي هئي.

Gul Hayat Institute

بابا سڄي سنڌ مان پهريون نمبر کنيو. کيس گربخشاڻي صاحب واري ’شاهه جي رسالي‘ جو پهريون جلد انعام ۾ مليو. اڄ به منهنجي ڪتابن ۾ اهو ’شاهه جو رسالو‘ نهايت نمايان طرح سان رکيل آهي.

## پرائمري تعليم

مون کي ابتدائي تعليم لاءِ اسڪول موڪليو ويو. ٻه ٽي مهينا ته ڪل خوشيءَ ۾ گذري ويا، پر جڏهن استاد چيو ته پڙهه، ته مان پِڙ ڪري ويهي رهيس. ڪڏهن چوان بخار آهي، ڪڏهن چوان مٿي ۾ سور، ائين ڪڏهن ڪهڙو بهانو ته ڪڏهن ڪهڙو. هاڻي ماستر صاحب جڏهن پڙهڻ لاءِ زور پريو، ته روئڻ شروع ڪري ڇڏيان.

اسان جي پهرين ڪلاس جي استاد جو نالو سائين غلام رسول ٿهيم هيو. سهڻو قد جو پورو پنو گهڻو ڪري اونهاري ۾ ململ جو چولو ۽ شلوار پائي اسڪول ايندو هيو. سنو استاد هيو جيئن تيئن ڪري پهريون درجو پاس ڪري ٻئي درجي ۾ داخل ڪرايائون. ته هاڻي ٻئي درجي ۾ پڙهڻ کان وري انڪار ڪري وينس.

صورتخطي لکڻ لاءِ چون ته نابري واري ويهان. هاڻي جڏهن لکان ئي نه ته سکندس ڇا. هڪ ڏينهن بابا مون کي ڪوٺوارن کان ڪٽائي اسڪول روانو ٿيو. تڏهن مون کان جيڪي ٻچا هيانءُ ڦاڙرانيات ڪيم. اهو شايد پهريون ۽ آخري دفعو هيو جو بابا مون کي دڙڪا ڏنا. ان کان پوءِ مون کي ڪڏهن به دڙڪا نه ڏنائون. مون کي اسڪول وڃڻ لاءِ به نه چيائون. مون کي به ضد ٿي پيو ته اسڪول نه ويندس. سال پورو ٿيو. طئي اهو ٿيو ته پيو سال به مون کي ٻئي درجي ۾ رهائجي. مان اٺن سالن جو اڃا ٿيو هوس، پر مون کي نقصان جو احساس ئي ڪونه هو. گهر ۾ لاڏلو هئس، سو هر انگل پورو پيو ٿئي، پوءِ اسڪول ڇو وڃان!
بابا منهنجي تعليم جي معاملي تان تقريباً هٿ کڻي ويهي رهيو. ڪڏهن ڪڏهن چوندو هيو ته تعليم حاصل ڪندين ته سٺي زندگي گذاريندين. ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيندين، ڪليڪٽر ٿيندين، وڏو ماڻهو ٿيندين. مون کي اسڪول نه وڃڻ جو ضد هيو. آءُ مرضيءَ جو مالڪ هيس، مون کي پاڻ کي فيصلو ڪرڻو هيو. مان پنهنجي زندگيءَ پنهنجي آئيندي جو مالڪ پاڻ هيس.

فيصلو ٿيو ته نينگر کي ڇڏي ڏيو. اسڪول وڃي ته ڇا، نه وڃي ته ڇا. ڪجهه ڏينهن گذري ويا، پوءِ ڪجهه مهينا گذري ويا. نه ڪو ضد، نه ڪا ڳالهه ئي. هاڻي اسڪول جي دوستن کي مون miss ڪرڻ شروع ڪيو.

تنگ ٿي اداس ٿي پيس، ڪو مزو ئي ڪونه پيو اچي. يارن دوستن سان اسڪول جي ٽائيم کان پوءِ راند روند ڪبي هئي، پاڻ ۾ اسڪول جون ڳالهيون ڪندا



هئاسين. دل چوڻ لڳي ته هاڻ مان به اسڪول وڃان، سو انهن دوستن کي چيم ته ”مان به اسڪول هلندس.“

آخر طئي ٿيو ته منهنجو مامو ديدار حسين به گڏ منهنجي ٽيڪ لاءِ مون سان گڏ اسڪول هلندو. مامي کي مڇون نڪتل هيون. مان اٺن سالن جو هئس ۽ مامو 18 سالن جو. منهنجو مامو پڙهي پيو. پوءِ اڳتي هلي دڪان کوليائين ته اها پڙهائي کيس گهڻو ڪم آئي.

پڙهائيءَ تي ٿورو توجهه ڏيڻ شروع ڪيو ته محسوس ٿيو ته ڪم ايڏو ڏکيو ڪونه آهي، نيون نيون شيون سکڻ لاءِ ملن ٿيون. ڇوڪرن سان به دوستي وڌڻ لڳي، سائين باگن شاهه به ڌيان ڏنو پئي. واقف هجڻ ڪري وڏيڪ خيال ڪندو هيو. پاڻ ٻئي درجي ۾ حساب ۽ جاگرافي پڙهائيندو هيو. حسابن ۾ ته آءُ ڏاڍو هوشيار هيس، جاگرافي به چڱي سمجهه ۾ اچي وئي، پڙهي به ويندو هيس، پر صورتخطيءَ مهل تپ چڙهي ويندو هيو.

ٽئين درجي ۾ سائين الله بخش ابڙو (لوڙ)، اصل طيب جو. منهنجو ڪلاس ٽيچر هيو. هُن مون تي توجه ڏنو، مان بدلجڻ شروع ٿيس. ڪلاس جو مانيٽر ٿي ويس. هاڻي صورتخطي به لکي ويندو هئس.

چوٿين درجي ۾ استاد سائين عبدالڪريم سومرو هيو. سومري صاحب منهنجي ڪايا بدلي ڇڏي. مون تي اسڪول جون ذميواريون وڌيون، مانيٽر ڪيو ويس. اسڪول جي ڪلاس جون چابيون ۽ گهنڊ وڄائڻ جو ذمو به مون کي ڏنو ويو. مون چوٿون ڪلاس پاس ڪيو ۽ پهريون نمبر آيس.

## پرائمري اسڪول ۾ ڪجهه ساٿي

پهرين ڪلاس پرائمريءَ کان چوٿين ڪلاس پاس ٿيڻ تائين ڪجهه دوست ۽ ساٿي شامل رهيا. ڪجهه رتيديري شهر جا هئا، ڪجهه ٻهراڙين مان آيا ۽ اچي سفر جا ساٿي بڻيا. پهرين درجي ۾ داخلا 55_1954ع ۾ ورتي هئي سون. اهو اٿل پٿل وارو دور هيو. اسان کي ته ان جوان وقت احساس ڪونه هيو پر وقت ۽ حالتن، ورهاڱي جي ڪري پاسو بدلايو هيو. هندو اڪثريت ۾ هندستان روانا پئي ٿيا ۽ ٻيا سنبت ۾ هئا. گهر ۽ ملڪيتون خالي ٿي رهيا هئا. هڪ خال ٿي رهيو هو. ٻهراڙيون شهرن جو رخ ڪري رهيون هيون، تعليم پرائڻ جو احساس مسلمانن ۾ اجاگر ٿي رهيو هو.

رتيديري شهر مان الطاف پٺي، مان، مشتاق ابڙو، چمن لال ۽ ميهرچند اوڊ، هرنام ۽ رتن لال (هريجن)، سندر، نندلال ۽ ڪجهه ٻيا ساٿي پڙهي رهيا هئاسون. منظور علي ۽ قربان علي سومرو جاڙا پائر بدي، ڊکڻ مان آيا هئا. قمرالدين جوٽيجو زنگيجا ڳوٺ مان،

Gul Hayat Institute

پرڪاش ڪتواڻي عالم خان اوڍي جي ڳوٺ مان آيا، نور محمد جلباڻي، اگهم ڳوٺ مان ۽ گل محمد لاکتي، پاڳناڙي بلوچستان کان آيو هو. جيئن ته هو بلوچستان مان آيو هو، ان ڪري منظور سومري صلاح ڏنس ته، "تون بلوچ سڏائيندو ڪر". سڀني دوستن پرائمريءَ جي چوٿين درجي ۾ اسڪالرشپ جو امتحان به پاس ڪيو.

## انگريزي اسڪول جي تعليم

اسان پهرين اپريل 1959ع تي ميونسپل هاءِ اسڪول رتوديرو ۾ داخلا ورتي. رتيديري ۾ هڪ ئي اسڪول هيو پر اسڪول پنهنجو مٽ پاڻ هيو. مان بي سيڪشن ۾ پهرئين اسٽينڊرڊ ۾ داخل ٿيس. تنهن زماني ۾ ڪلاس ڪونه هئا. چوٿين سنڌي کان پوءِ ٻار پهرين درجي انگريزيءَ ۾ داخل ٿيندا هئا، پهريون درجو پاس ڪيوسي. ٻئي درجي ۾ آياسي. ان سال ان کي ڇهون ڪلاس Declare ڪيو ويو ۽ ڪلاس سسٽم شروع ٿيو.

اسان جو پهرين درجي ۾ ڪلاس ٽيچر سائين موهن لال هيو. سٺو استاد، انگي حسابن جو ماهر هيو. هن مون کي مانيٽر چونڊيو ۽ ڪلاس جو انتظام منهنجي حوالي ڪيو. مان سندس ٻانهن ٻيلي ٿي ڪم ڪيو. هيڊماسٽر سائين رامچند هيو. اهو به رياضيءَ جو ماهر هيو. جڏهن اسڪول ۾ ڪلاس سسٽم شروع ٿيو ته هي اسڪول، گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٿي ويو.

ڇهين ڪلاس ۾ وچڙ وقت (1960) ۾ سائين موهن لال، جيڪو هاڻي ستين ڪلاس جو ڪلاس ٽيچر هيو. تنهن ڊبل پروموشن لاءِ چيو ته جيئن مان ڇهين مان ستين ڪلاس ۾ داخل ٿيان. اها آڇ سائين رامچند جي به هئي، پر مون دل نه ٻڌي. مون سندن مهرباني مڃي انڪار ڪيو.

## عشق جو پاڇو

اهو وقت اهڙو هيو، جو منهنجي جواني ڪر موڙي رهي هئي. عشق ٿي ويو هڪ ڇوڪريءَ سان، جيڪا اسان جي اسڪول ۾ پڙهندي هئي. منهنجي ڇوڏاري اندلٺ جا ست رنگ پکڙجي ويا. هڪ عجيب جذبو مون ۾ جنم وٺي رهيو هو. ان جذبي مون کي بي پايان سگهه ۽ همت ڏني. ان طاقت کي مون پڙهڻ ۾ ۽ پنهنجي ذات کي ناهڻ ۾ لڳايو. ته جيئن اها ڇوڪري مون کي پائي ۽ مون سان پيار ڪري. ڪيترا ڀيرا دل چاهيو ته هن کي چوان ته "منهنجو توسان عشق آهي"، پر همت نه ٿي. تان جو اسڪول جو دَور ختم ٿي ويو. رستا بدلجي ويا. هوءَ هڪ ڏڳ سان مان ٻئي ڏڳ سان. هوءَ به هاڻي ٻارن ٻچن واري ۽ مان به. اڄان تائين عشق جو اظهار نه ڪري سگهيو آهيان. پر اها حقيقت آهي ته عشق اڄان تائين ساڻس آهي. دل چوندي آهي ته ڪيس SMS ڪري ئي چوان ته "I Love you"،



پر پوءِ سوچيندو آهيان ته اها ڪيڏي نه مسخري ٿي ويندي، ڏڪ ڏڪيل ئي ڀلو.

مون شاعريءَ ۽ ادب ۾ پناهه ڳولهي. اسڪول جي هر مشغوليءَ ۾ اڳ کان اڳرو پر هن جي اڳيان بي زبان....! ڀٽائي سائينءَ جو جڏهن بيت پڙهيم: "ڳولهيان ڳولهيان مه لهان...." ڇڻ مون کي منهنجي بي زبانيءَ جو سبب ملي ويو.

1962ع ۾ ائين ڪلاس ۾ داخلا ورتم. ڪلاس ٽيچر سائين محمد ابراهيم عباسي هيو. عباسي صاحب سکر مان بدلي ٿي آيو هيو. سندس مٽ مائٽ هتي رهندا هئا. عباسي صاحب وڏي شهر جو پڙهيل ۽ وڏي شهر مان ننڍي شهر ۾ آيو هيو. روشن ضمير ۽ روشن دماغ انسان هيو. هن جا پڙهائڻ جا رنگ ڍنگ نرالا ۽ شاگردن سان ورتاءُ، دلڪش ۽ ڀائن دوستن وارو هيو. اسان جلدي ئي رلي ملي وياسون. اسڪالرشپ جي امتحان لاءِ تياري ڪرايائين، مان سميت ڪافي شاگرد ڪامياب ٿي ويا.

## بابا جو انتقال

انهيءَ سال، 1962ع جي مئي مهيني ۾ حج جي ڏينهن بابا جو انتقال ٿي ويو. مون ته سوچيو به ڪونه هيو. ٻڙ جي گهاٽي ڇانوَ منهنجي سِرَ تان لهي ويندي ۽ مان پاڻ کي مٿي ۽ پيرين اگهاڙو رڻ پٽ ۾ بيٺل محسوس ڪندس. جڏهن بابا الله سائين کي پيارو ٿيو، مون پاڻ کي 15 سالن جو نه پر تمام وڏو محسوس پئي ڪيو. چلولايون ۽ ٻاراڻيون سوچون سپ موڪلائي ويون، پر ان لاءِ مان تيز ۽ تکيون ٻرانگهون پريون ۽ پنهنجا رويا سنجيده ڪيا. پاڻ کي پڙهائيءَ ۽ ڪتابن ۾ غرق ڪري ڇڏيو. جنهن ۾ ئي مون کي پنهنجو آڇپو به نظر اچي رهيو هيو. چاهيم جلد کان جلد پاڻ کي ان لائق ڪجي جو گهر ۽ مائٽن جون ذميواريون سنڀالي سگهجن. منهنجو مامو ديدار حسين، جيڪو هاڻي گهر جو وڏو هيو. سگريٽ بيڙين جو دڪان هلائيندو هيو. هن مون کي به چڱي طرح سنڀاليو پر مون کي پنهنجي مستقبل جو اونو هيو. سو مون پنهنجي جدوجهد ۽ جستجو جاري رکي.

نائون ۽ ڏهون ڪلاس ڀرپور مستيءَ ۽ مشغوليءَ ۾ گذريو. ڄڻ سڄي اسڪول جا حاڪم ئي اسان هئاسون. مان نائين ڪلاس ۾ اسڪول جي راندين جو جنرل ڪئپٽن ٿي ويو هئس. شام جو پوري اهتمام ۽ ڊسيپلن سان رانديون ٿينديون هيون ۽ جنهن ۾ سڀني شاگردن کي به حصو وٺڻو پوندو هيو. جيڪو نه ايندو هيو، ان کي ٻئي ڏينهن اسيمبليءَ ۾ سزا ملندي هئي. مان پنجين ڪلاس کان اسڪول جو مانيٽر هئس.

نائين ڪلاس ۾ سائين عباسيءَ جي مرڻ کان پوءِ سائين عبدالوهاب صديقي ۽ سائين عبدالغني سومرو اسان جا استاد ٿيا. ڪجهه هندستان مان آيل ڇوڪرا، به پائر وجيهه الله ۽ سميع الله به اچي اسان جا همڪلاسي ٿيا. اسان کان هيٺين ڪلاس ۾ سيد

Gul Hayat Institute

اشرف عالم شاهه هيو جيڪو هينئر ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو ۽ اڃان تائين دوست آهي.

ڏهين ڪلاس ۾ اسان جو ڪلاس ٽيچر، سائين غلام رسول سومرو هيو. سائين ميٿيميٽڪس (جيوميٽري، الجبرا ۽ ارٿميٽڪ) پڙهائيندو هيو. هيڊماستر سائين ابوذر صديقي ۽ محمد اقبال انگريزي پڙهائيندا هئا. اهي ٻئي استاد ۽ سائين لطيف الدين، جيڪو سائنس پڙهائيندو هو ۽ سائين عبدالوهاب صديقي، مهاجر هئا. پنهنجي ڪم جا ماهر هئا. سائين عبدالخالق ابڙو ۽ سائين امان الله سيلرو به اسڪول جا دبنگ استاد هئا، پر انهن اسان کي نه پڙهايو. سائين نهال الدين سولنگي سٺو استاد هيو. مولوي محمد ابراهيم قرآن، مذهب ۽ عربيءَ جو استاد هيو. ڏاڍو ڇاٺو ۽ سٺو استاد هيو. صبح جو اسيمبليءَ ۾ تلاوت ڪري سٺي سمجهاڻي ڏيندو هيو. سائين عبدالخالق ابڙو ڪجهه سالن کان پوءِ وفاقي تعليم کاتي ۾ ويو. اتان رٽائر ٿي ڪراچيءَ ۾ اچي رهيو. هينئر فوت ٿي ويو آهي.

اسڪول ۾ هندو استادن مان هيڊماستر سائين رامچند نصير آباد تعلقي وارهه بدلي ٿي ويو ۽ سائين موهن لال هندستان هليو ويو. ڪنهيالال رتيديري مان ئي ريٽائر ٿيو ۽ اتي ئي رهيو. ٻيا ڪجهه استاد به ٻاهران آيا، پر جلدي بدلي ٿي ويندا رهيا، جن ۾ لشڪر خان، گل بيگ، خليل الله، عبدالرحمان پٺو (بنگل ديري وارو) ۽ ڪجهه ٻيا به هئا. اسان جا ٽي اهم ترين استاد هئا: امان علي سمون، شمس الدين ابڙو ۽ رجب علي قادري.

رتيديري اسڪول ۾ مان، پرڪاش، منظور، قربان، الطاف پٺي، قمر جوڻيجو مستان علي کوکر ۽ گل محمد بلوچ پاڻ ۾ ويجها دوست هئاسين.

## اسڪول جون رانديون

اسان جو پهريون گرائونڊ شڪارپور واري ناڪي تي هيو پوءِ اتي رورل هيلٿ سينٽر ٺهڻ ڪري فتح پور محلي ۾ اسڪول جو گرائونڊ منتقل ٿيو جتي گهڻو ڪري ڪرڪيٽ راند ٿيندي هئي. والي بال راند اسڪول جي ئي اسيمبلي گرائونڊ ۾ پڪي فرش تي ٿيندي هئي.

شام جو ٻار اسيمبلي گرائونڊ ۾ گڏ ٿيندا هئا، انهن جي حاضري لڳندي هئي ۽ هڪ ئي لائين ۾ گرائونڊ تي پهچندا هئاسي، واپسي به ساڳي نموني ٿيندي هئي، اسڪول ۾ واپس اچي راند جو سامان جمع ڪرائي پوءِ موڪل ڪئي ويندي هئي.

جيڪڏهن ڪو شاگرد بنا موڪل جي غير حاضر رهندو هيو ته ان کي ٻئي ڏينهن اسڪول ۾ سزا ملندي هئي، انهن ڳالهين ٻارن جي مزاج ۾ Discipline پيدا ڪيو هو.

مان ڪرڪيٽ، والي بال ۽ بيڊمنٽن جو بهترين رانديگر هيس. ڪرڪيٽ ۾ ته مان



آل رائونڊر هيس. ضلعي لاڙڪاڻي جي ڪرڪيٽ ميچ ۾ مون 10 وڪيٽون ورتيون ضلعي جو رڪارڊ ٺاهيو هيو، جو ڪو به ٽوڙي نه سگهندو ها، برابر ضرور ڪري سگهن ٿا.

ضلعي جو بيڊمنٽن ۾ سنگل ۽ ڊبل جو چيمپيئن پڻ رهيس.

والي بال ۾ اسڪول جي ٽيمن جي خلاف ته ڪيڏيم، پر ٻاهرين ٽيمن کان به مئچون کٽي آيس.

## اسڪائوٽنگ

اسڪائوٽس جي به ٽريننگ ملندي هئي. هر سال قومي ڏينهن تي اسان جي اسڪول جي رائيفل ٽيم شهر جو گشت ڪندي هئي ۽ شهر وارن کان داد ۽ تحسين ماڻيندي هئي، ان ڏس ۾ اسان ڪوئيٽا تائين به وياسين.

اهو ڪريڊٽ اسان جي ڊرل ٽيچر کي ٿو وڃي. سندس نالو هيو سائين غلام حسين نيازي. سرخ ۽ سفيد رنگ، قد ۾ 6 فوٽن کان ڊگهو، آواز ۾ ڪڙڪو ۽ ڪڙڪو، ريٽائرڊ فوجي هيو ۽ پنهنجي ڪم جو وڏو ماهر.

## سائين قاضي ۽ خاندان

سائين قاضي عبدالحئي قائل ڊرائنگ هال سنڀاليندو هيو ڊرائينگ ٽيچر هيو. هر سال ڊرائينگ جي امتحان لاءِ شاگرد تيار ڪندو هيو. سڄي اسڪول ۾ ڊرائنگ هال خوبصورت ڪمرو هيو. پاڻ نه صرف هن فن جو ماهر، پر شاعر به ڀلو هيو. وڏي ڳالهه ته وڏو اصول پرست هيو. سخت سياءُ هجڻ سبب اسان جو سائين کان ساهه ويندو هيو.

سائين جي اولاد ۾ قاضي خضر حيات، قاضي مقصود حيات عرف مقصود ‘گل’، قاضي اختر ۽ قاضي منظر حيات سندس ناميارا لائق فرزند آهن. قاضي ياسر، سائينءَ جو پوٽو آهي. سڀ ڏاڍا ڏاها، علم، ادب، شاعري ۽ آرٽ جا دلداده پڻ، سائين قاضي جو مرتيو سعوديءَ ۾ ٿيو ۽ اتي ئي جنت المولي، مڪي شريف ۾ تدفين نصيب ٿين.

## سائنس هال

اسڪول جو سائنس هال به زبردست هيو. سائين لطيف الدين، سائنس ٽيچر هيو. ڪمال جو ماٺو هيو. سنجيده، ڪم سان ڪم رکندڙ. نائين ڪلاس کان اسان جا سائنس جا ڪلاس ۽ Practical شروع ٿيا. سائين کان اسان ڪافي ڪجهه پرايو. ان جي ڪري اسان کي فرسٽ ييئر ۽ انٽر ۾ پريڪٽيڪل ۾ سهوليت ٿي. سندس پٽ ابرار احمد اسان کان به سال سينيئر هيو. اهو انٽر ڪري ڪسٽم ۾ ويو. سائين ريٽائر ٿيڻ کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ وڃي آباد ٿيو.

Gul Hayat Institute

سائين محمد ابراهيم عباسي، سکر کان بدلي ٿي رتيديري گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ آيو. سندس پيڻ جو رشتو عارباڻين ۾ ٿيل هيو. سائين ائين ڪلاس ۾ اسان جو ڪلاس ٽيچر هيو. پڙهائڻ ۾ ماشاءَ الله All Rounder هيو. اسان کي مئٽ ۾ انگريزي پڙهائيندو هيو. رک رکاءُ وارو هيو. اسان نائين ڪلاس ۾ هئاسين، جوانيءَ ۾ فوت ٿي ويو.

## سائين عبدالوهاب

سائين عباسيءَ کان پوءِ سائين عبدالوهاب صديقي اسان جو ڪلاس ٽيچر ٿيو. هي بہ عجيب استاد هيو. شاگردن سان شاگردن جهڙو. اردو ۾ انگريزيءَ جي Hand Writing عاليشان هوندي هئس. مون سندس جهڙي ئي هينڊ رائيٽنگ جي مشق ڪئي، جنهن تي پاڻ فخر ڪندو هيو. نسيم حجازيءَ جا اسلامي/ تاريخي ناول پڙهندو هيو ۽ مون کي بہ اهي ناول ڏيندو هيو. علامہ اقبال جي شاعريءَ جو تہ عاشق هيو. اهو دؤر هيو جو مان اردو ادب ڏانهن متوجهہ ٿيس ۽ اردوءَ ۾ شاعري پڻ شروع ڪئي. نائين ڪلاس جي بورڊ جي امتحان ۾ اردو ۾ مون کي 94٪ مارڪون مليون. ڪاپيءَ جو تہ تصور ئي ڪونہ هيو. ٿوري وقت لاءِ سائين ديدار حسين شاهہ بہ استاد ٿيو پر پوءِ ماستري ڇڏي وڪيل وڃي ٿيو.

ان کان سواءِ جيڪي ٻيا ٽيچر هئا، انهن ۾ سائين نهال الدين سولنگي، محمد عالم بوزدار، سائين مير محمد، محمد حسن عارباڻي، عبدالعزيز مرڪياڻي نمايان هئا. سائين عبدالعزيز لاءِ چوندا هئا تہ هن کي انگريزيءَ جي ڊڪشنري ياد آهي. سائين اسان کي ڪونہ پڙهايو. هڪ دفعي خالي پيريڊ ۾ ڊيوٽي لڳس. ڪيس لڳو تہ مان ۽ قمرالدين جوڻيجو مٽس چٽر ڪري رهيا هئاسون. سو مون کي سڏي ايترا تہ لڪڻ هنيائين، جو ڳڻڻ کان ٻاهر. استاد عبدالعزيز مرڪياڻي طرفان اها مار مون کان اڃان نہ وسري آهي. اسان سڀني جو پيارو استاد هوندو هيو سائين عبدالغني سومرو. والي بال کيڏڻ کان اڳ ۾ سندس اوطاق تي گڏ ٿيندا هئاسون. ڪڏهن مائو ڪارائيندو هيو تہ ڪڏهن پڪوڙا.

اسان جو هيڊماستر سائين ابوذر صديقي هيو. نيڪ نمازي ۽ سنو منتظم ۽ پڙهائڻ ۾ هوشيار هوندو هيو.

## قرآن جي تعليم

اهو ئي زمانو هيو جو اسان پابندي سان نماز پڙهندا هئاسون. اسان جي پاڙي ۾ وڏو عالم، علامہ سائين مولانا عبدالعزيز سومرو رهندو هو ۽ سندس گهر جي ڀرسان مسجد بہ هوندي هئي. اڪثر مان اتي ئي وڃي نماز پڙهندو هوس.

پوءِ قرآن شريف جي تعليم بہ اتي وٺڻ شروع ڪئي. مولوي صاحب جو مدرسو بس اسٽاپ جي ڀرسان هيو. اتي سائين عبدالعزيز جو نائب، سائين خوش محمد هوندو هيو. ان



کان پوءِ آخري سيپارا سائين مولوي محمد سليمان بروهيءَ وٽ پڙهيا. الله سائين کين آخرت ۾ ان جو اجرُ ڏيندو.

## هندن جو اثر

رتوديرو هيو تہ ننڍو شهر، پر هندن جي اثر رُسوخ جي ڪري صاف سٿرو شهر هيو. ڇا تعريف ڪجي ان جي. لاڙڪاڻي ۾ ڀٽو خاندان ۽ کهڙي خاندان جو اثر هيو پر هندو سياستدانن جو وري رتيديري شهر ۾ وڏو اثر هيو ۽ ميونسپلٽيءَ کي هو سنڀاليندا هئا. راءِ صاحب گوڪلداس، سنڌ جي بمبئيءَ کان ڌار ٿيڻ کان پوءِ رتيديري مان سنڌ جو وزير رهيو.

گانڌي ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد بہ رتيديري ۾ آيا. 'آزاد ميدان' تہ ابوالڪلام آزاد جي نالي تي اڄ بہ قائم آهي.

ڪانگريس جا هتي ڪافي آشرم هئا، جتي سياسي ۽ سماجي سرگرميون ٿينديون هيون. 1947ع ۾ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هندو ڪانگريسي، مسلمانن جي ردِعمل کان گهٻرائجي هڪدم هندستان لڏي هليا ويا.

سائين عبدالرزاق سومري جي آتم ڪٿا ۾ پڙهيم تہ رتيديري جو هاءِ اسڪول بہ ڪنهن سِک ٺهرايو هيو. پوءِ اسڪول ميونسپل ڪميٽي جي حوالي ٿيو.

## گهانگهرا ۽ سومرا

ايوب خان جي بي. ڊي (B.D) اليڪشن کان پوءِ 1962ع ۾ عبدالرزاق سومرو صاحب پهريون چيئرمين ٽائون ڪميٽي ٿيو. اهو ڀٽي صاحب جي وزير خارجہ وارو دؤر هيو. ان کان پوءِ عبدالواحد سومرو ڊگهي عرصي تائين رتيديري جو چيئرمين رهيو. سومرو صاحب شروع ۾ خاڪسار تحريڪ ۽ هاري تحريڪ ۾ رهيو. پر پوءِ جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي اثر رُسوخ جي ڪري سندس ڪڍ ويو.

پير بخش خان گهانگهري جو سياسي اثر شهر ۾ ڀٽي صاحب جي عمل دخل جي ڪري گهٽجڻ لڳو. گهانگهرو صاحب، ڊگهي عرصي تائين خانبهادر کهڙي جو سياسي رفيق رهيو.

مون کي ياد آهي تہ هڪ ڪيس ڀٽو صاحب گهانگهري صاحب جي خلاف سول ڪورٽ ۾ لڙيو هيو. گهانگهرو صاحب 1970 واري اليڪشن کان پوءِ PPP ۾ شامل ٿيو. جڏهن تہ کهڙو صاحب سياسي طرح بلڪل غير متحرڪ ٿي ويو. گهانگهري صاحب جي انتقال کانپوءِ علي نواز خان گهانگهرو PPP ۾ سرگرم رهيو. پر پوءِ 1993ع ڌاري ڪجهہ اختلافن سبب ممتاز علي ڀٽي صاحب جي Front ۾ هليو ويو. ڪجهہ سال اڳ ممتاز

Gul Hayat Institute

صاحب Front ۾ نواز ليگ ۾ ضم ڪري ڇڏي هئي. ڪجھ ڏينهن ٿيا تہ پاڻ نواز ليگ کان بہ الڳ ٿي ويو آهي.

پير بخش خان گھانگھرو صاحب رتيديري شھر ۽ پرپاسي جي دبنگ شخصيت سمجھيو ويندو هو. سخت اصول پرست ۽ زبردست قسم جو Administrator هو. رتيديري شھر ۽ ڀرپاسي جي سياست ۾ وڏو اثر رسوخ هوندو هوس. جلباڻي سردارن سان سندس قومي جهيڙا هلندڙ هئا. جلباڻي قوم ان وقت بہ وڏي زوراڻي هئي. گھانگھرو صاحب ڪلاسيڪل طرز جو وڏيرو هيو. هي اُهي ماڻھو هئا، جن جي ڪردار تي فخر ڪري سگھجي ٿو ۽ ڪين رول ماڊل سڏي سگھجي ٿو. پاڻ وڏي عرصي تائين ٽائون ڪميٽي رتيديري جا چيئرمين رهيا. اِهي اليڪشنز وڏي ڌم ڌڙاڪي واريون ٿينديون هيون. مٿا ڦاٽندا هئا، ڪرسيون اڇليبيون هيون، تڏهن وڃي ڪو چيئرمين چونڊبو هو.

سندس چار پٽ هئا، غلام رسول خان گھانگھرو، جنهن UBL ۾ نوڪري ڪئي ۽ سينيئر وائيس پريزيڊنٽ تي ريٽائر ڪيائين. 10 سال کن ٿيندا سندس فوتگي ٿي آهي.

ٻيو پٽ علي حسن خان گھانگھرو جنهن نوڪري ڪئي، پوءِ وچ ۾ ئي ڪن سببن جي ڪري نوڪري ڇڏي ڏنائين. ڪجھ سال اڳ سندس فوتگي ٿي آهي.

هاڻي سرداري پڳ سندس ٽئين پٽ علي نواز خان گھانگھري تي آهي. هي سردار صاحب، وڪالت بہ ڪري ٿو تہ زميندارِي ۽ سياست بہ. سندس سياسي واسطو نواب ممتازعلي خان ڀُٽي سان آهي.

علي نواز خان سڄاڻ ۽ پنهنجي والد وانگر سخت مزاج ۽ سنو منتظم آهي. سندس بنياد لاڙڪاڻي ۾ آهي پر پنهنجي ڳوٺ گھانگھرا ۽ رتيديري کي بہ ٽائيم ڏئي ٿو. چوٿون پٽ علي انور گھانگھرو جيڪو ليبر ڊپارٽمينٽ مان ڊائريڪٽر ليبر تي ڪجھ سال ٿيا ريٽائر ٿيو آهي، هاڻي ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو.

عبدالرزاق سومرو NJV اسڪول ڪراچي ۾ بطور ٽيچر جي Career جي شروعات ڪئي، پر پوءِ وڪالت پڙهي، وڪالت شروع ڪيائين. پنهنجو مسڪن لاڙڪاڻي کي بنايائين. ڀُٽي صاحب جو ساٿي رهيو. پر ڪڏهن MPA/ MNA، وارين اليڪشنز ۾ ذاتي طرح حصو نہ ورتائين جيتوڻيڪ ڀُٽي صاحب ۽ بي بي صاحبہ ڪيس ۾ سندس پٽ کي اهڙي آڇ بہ ڪئي. ڪيس بينظير صاحبہ بہ پيرا اومان ۽ عرب امارات ۾ سفير مقرر ڪيو. سندس MPA جي اليڪشن نہ لڙڻ جي ڪري سائين ديدار حسين شاھ کي اها ٽڪيٽ ڏني وئي. جنهن 1988ع جي اليڪشن ۾ ممتاز علي خان ڀُٽي کي شڪست ڏني. سومرو صاحب، ماشاءَ الله حال حيات آهي، الله ڪيس وڏي عمر عطا ڪري. سينيئر وڪيل ۽ سياستدان آهي. پاڻ لاڙڪاڻي ۾ رهي ٿو.



سندس وڏي پٽ آصف عبدالرزاق سومري ۾ ساڳيون پيءُ واريون خصلتون آهن. پيءُ سان گڏ وڪالت ڪري ٿو.

## سيد وريل شاھ ۽ ديدار حسين شاھ

اسان جي ساڻيہ ۾ جن ماڻھن جو رتيديري جي سياست ۽ سوشل لائيف تي اثر رهيو انهن ۾ سيد ديدار حسين شاھ بہ نمايان آهي، پر سائين ديدار شاھ جو ذڪر سائين وريل شاھ جي ذڪر کان سواءِ مڪمل نہ ٿيندو.

سائين وريل شاھ، اصل ۾ سائين ديدار حسين شاھ جو Power Head هيو. رتيديري جي سياست ۾ مسلم ليگ جي سياست جو مرڪزي ڪردار پڻ رهيو. جنهن دور ۾ ڪانگريسي هندو شھر ۾ وڏو اثر رکندا هئا تہ شھر جو چڱو مڙس صرف سائين وريل شاھ هوندو هو جيڪو مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان اڪيلي سر هندن سان مقابلو ڪندو هيو.

مولانا محمد علي ۽ مولانا شوڪت علي جهڙي ٽوپي ۽ ان تي ان ئي اسٽائيل ۾ چنڊ ستارو لڳل هوندو هئس. حشمت واري شخصيت، آواز لائوڊ اسپيڪر جو محتاج نہ. سندس آواز پري پري تائين پيو ٻڌڻ ۾ ايندو هيو. وري جو علامہ اقبال جا شعر پڙهندو هيو تہ ماڻھن ۾ ڄڻ بجلي جي لھر ڊوڙي ويندي هئي. وڏي عزت ۽ مانَ سان ڏٺو ويندو هيو. شھر ۽ ٽائون ڪميٽيءَ جي عھدن تي سياست ڪيائين. سندس تعلق قاضي فضل الله ۽ کھڙي صاحب سان هيو پر پوءِ ڀُٽي صاحب جو گرويده پڻ ٿيو.

اسان جي اسڪول ۾ اڪثر قومي ڏهاڙن جي موقعن تي ايندو هيو ۽ اسان کي پنهنجي تقرير سان گرمائي ويندو هيو. مان اڪثر وٽس ويندو هئس تہ مون کي اسڪول ۾ تقريري مقابلي لاءِ تقرير لکي ڏئي. پاڻ خوش ٿيندو هيو ۽ خوشي خوشي مونکي تقرير جا گُر سمجھائيندو هيو.

سندس وڏو پٽ سيد بچل شاھ بہ سياست ۾ هيو پر سيد ديدار حسين شاھ، جيڪو سندس ڀائٽيو ۽ نياٽو هيو. تنهن کي سيني سيدن، سائين وريل شاھ جو سياسي جانشين بڻايو. شاھ صاحب وڏيڪ پڙهيل ڳڙهيل ۽ نهايت سنو وڪيل هو.

سائين ديدار حسين شاھ غريب غربي جي ڪم اچڻ وارو ۽ آفيسرن ۽ سياستدانن سان اُٿڻ ويھڻ وارو، کِلمک ۽ ملنسار. نوجوان ۽ پڙهيل لکيل ۽ سياسي خيال هجڻ سبب هو بي بي نظير ڀُٽو صاحبہ جي ويجھو اچي ويو. 1988ع ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جو ڪوئي بہ سياستدان جڏهن ممتاز علي خان سان مقابلي لاءِ تيار نہ هيو تہ بي بي صاحبہ جي حڪم تي شاھ صاحب ئي اليڪشن وڙهيو ۽ MPA ٿي ويو. سال 1990ع ۾ بہ شاھ صاحب ئي اها

Gul Hayat Institute

چونڊ ڪٽي.

1993ع جي چونڊ شاهه صاحب هارائي. بيبي وزيراعظم ٿي وئي ته ڪيس هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ڪيائين. شاهه صاحب سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ۽ سپريم ڪورٽ جي جج جي حيثيت سان ريٽائر ڪيو. اڄڪلهه ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو ۽ هن وقت پرنسٽن يونيورسٽيءَ جو پرو چانسلر آهي. ان وچ ۾ نيب جو به سربراهه رهيو.

## ڊبيٽنگ ۽ اسڪائوٽنگ

جتي بيون مشغوليون اسڪول ۾ هونديون هيون، اُتي Debating به هڪ ريگيولر مشغلو هيو. وڏن ڏينهن تي اسڪول ۾ تقريري مقابلو ٿيندو هيو يا وري ساليانه مقابلا. اهي سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ٿيندا هئا. مان ڪوشش ڪري هڪ کان وڌيڪ ٻولين ۾ تقرير ڪندو هوس. اردوءَ ۾ ضرور تقرير ڪندو هئس ته جيئن اردودان دوستن کي شڪست ڏيان. پوءِ ڪڏهن هُو ڪٽيندا هئا، ڪڏهن مان ڪٽيندو هئس.

هر سال ڊويزنل ليول تي شڪارپور ۾ به مقابلا ٿيندا هئا، جنهن ۾ اسان جو اسڪول حصو وٺندو هيو.

ساڳي طرح هر سال اسڪائوٽ جون ڪيمپون پڻ لڳنديون هيون. مونکي 1963ع جي اسڪائوٽ ڪيمپوري ياد آهي، جيڪا ڪوئيٽه ۾ گرمين ۾ لڳي هئي. مون پهريون دفعو گهر جي ڪنهن ڀاتي کان سواءِ سفر ڪيو هيو ۽ ڪوئيٽه ڏٺي. پوءِ 1970ع ۾ جڏهن فاريسٽ ڪاليج ۾ B.Sc فاريسٽري ڪري رهيو هوس ته ٻيهر ڪوئيٽا ڏٺم.

ڪيمپوريءَ جو مزو ئي پنهنجو هيو. اسان سان سهيل صديقي، گل محمد بلوچ، اڪبر سومرو ۽ چار ٻيا دوست هئا. اڪبر سومرو محمد رفيع جا فلمي گيت ڳائيندو هيو. گل محمد بلوچ رڌپچاءُ ۽ خانه داريءَ جو ماهر هيو. سهيل جا مائٽ اتي ڪوئيٽه ريلوي ۾ هئا، هو اور آل انتظام جو انچارج هيو.

ان ڪيمپوريءَ جو گروپ فوٽو مان خيرپور ۾ DC هيس ته پنهنجي سرڪاري گهر جي ڊرائينگ روم ۾ لڳائي ڇڏيو هيو. هڪ ڏينهن سيد پرويز علي شاهه مون وٽ آيو جيڪو ان وقت وزير هيو. اهو گروپ فوٽو ڏسي هن پنهنجو ۽ پنهنجي پيءُ جاويد شاهه جيلاني جو فوٽو سڃاتو ۽ ٻڌايائين ته ان ڪيمپوريءَ ۾ اهي به شريڪ هئا.

## پارڪ ۽ لئبرري

رتيديرو شهر ۾ هڪڙو ميونسپل پارڪ به هيو. ايراضيءَ ۾ ته ننڍو هيو پر تمام سٺو پلان ٿيل هيو. ننڍا ننڍا خوبصورت گلن جا ٻارا، گلاب، رابيل ۽ گينڊي جا گل هئا، ڪجهه خوبصورت وڻ به هئا، ڇپر جا ٻارا پڻ ڏسڻ وٽان هئا. باغ سائو رکڻ لاءِ به مالهي ۽ به



چوڪيدار پڻ هئا، جن جي رهائش لاءِ ڪوٺيون ٺهيل هيون. گڏوگڏ پاڻيءَ جي مشين به هئي. بدنصيبيءَ سان اهو باغ هاڻي اجڙي ويو آهي. اتي سول ڪورٽ ۽ جج صاحب جو گهر ٺاهيو ويو آهي.

هينئر واٽر سپلاءِ ۾ پارڪ ٺاهيو اٿائون، پر اهو نالي ۾ پارڪ آهي. 11 اپريل 2015 تي منهنجو اوڏانهن وڃڻ ٿيو ته ڏسي ڏک ٿيو.

شاهه عبداللطيف لائبرري به رتيديري جو شان هوندي هئي، وچ شهر ۾ آزاد ميدان جي لڳ، هاءِ اسڪول جي اولهه طرف. وچ ۾ رڳو رستو. لائبرريءَ جي اولهه ۾ سبزي مارڪيٽ، اوپر ۾ اسڪول ۽ پوليس لائين. جتي طنبيلن ۾ پوليس جا گهوڙا ٻڌل هوندا هئا. پوءِ ان پوليس لائين ۾ دڪان ٺاهيا ويا ۽ گهوڙا آهستي آهستي گم ٿي ويا. پوليس لائين جي اولهه ۾ گوڪلداس جي نالي سان گوشت ۽ مڇي مارڪيٽ آهي.

جيستائين راڌو مل انچارج هيو ته هُو ان لائبرريءَ جي سنڀال ڪندو رهيو. شيشي جي ڪٻٽن ۾ ڪتاب پيل، وڏي ٽيبل تي اخبارون ۽ رسالا، حرام جو ڪنهن کي همت ٿئي ته انهن اخبارن مان ڪٽنگ ڪري.

پر افسوس پوءِ اها لائبرري به اجڙي ويئي ۽ اتي دڪان ۽ بئنڪ ٺهي وئي. آزاد ميدان (جنهن لاءِ مشهور آهي ته ابوالڪلام آزاد اتي آيو هيو ۽ جلسو ڪيو هئائين)، اتي به دڪان ٺهي ويا آهن. هاڻي ان ايريا ۾ پنڌ هلڻ به مشڪل پئي نظر آيو.

## راءِ صاحب گوڪلداس

رتيديري شهر جو پنهنجو خوبصورت ماحول ۽ ڪلچر هيو. هندو ۽ مسلمان محبت سان رهندا هئا. سياسي ۽ معاشي طرح هندن جي پوزيشن مٿاهين هئي. راءِ صاحب گوڪلداس هتي جي ميونسپل جو صدر ۽ M.P.A ۽ وزير رهيو. هن جو تعلق 'مهاسڀا' سان هئو. ڪانگريس، مسلم ليگ ۽ خاڪسار تحريڪ جو مخالف هيو. هن پنهنجي وقت ۾ رتيديري کي ترقي وٺرائي. وڏي پئسي وارو ۽ بااصول ماڻهو هيو.

✻

اهو 60_1955 وارو دؤر هيو جو شهر جا ماڻهو هر سال ٽولن جي صورت ۾، گرميءَ جي مند ۾ رتيديري برانچ تي Picnic ڪرڻ لاءِ انب ڪٽي ويندا هئا ۽ ماني به اتي تيار ڪندا هئا.

روينيو کاتي جو عملو ۽ عملدار به، هر سال انبن جي موسم ۾ رتيديري برانچ تي Picnic لاءِ ايندا هيا. وڏي موج مستي ٿيندي هئي، مان ان ڏهن سالن جو هيس، ته بابا مونکي به پارٽيءَ تي وٺي ويندو هيو. ٻه ٽي سال مان به ويس. هڪ دفعي ته پاڻيءَ ۾ غوطا کاڌا، پر بابا ڪڍي ورتو.

Gul Hayat Institute

## منهنجي وقت جون رانديون

اسان رات جو پنهنجي پاڙي ۾ ونجهه وٽي کيڏندا هئاسون. اوڙي پاڙي جا بزرگ به راند ڏسڻ ايندا هئا. ڇِدن راند، نوَتِڙ ۽ لوڊو راند به کيڏندا هئاسون. ڪڏهن ڪڏهن تاش راند به کيڏي وٺندا هئاسون. تاش راند ۾ ميهرچند اوڏ جڻ ليڊر هيو. سڀني کي همٿائيندو هيو.

✲

راندين جا مقابلا ضلعي ليول تي ٿيندا هئا. اسان جو اسڪول به لاڙڪاڻي ۾ انهن مقابلن ۾ شريڪ ٿيندو هيو. 1965 ۾ بيڊمنٽن جو ضلعي جو ٽورناميٽ ٿي. سڀني تعلقن جون ٽيمون آيون. اسان جي اسڪول مان منشارام (سرڳواسي) ۽ مان نمائندگي ڪري رهيا هئاسون. اسان ته بس لاڙڪاڻي گهمڻ جي شوق ۾ ويا هئاسون، پر سِنگل ۾ مان ۽ ڊبل ۾ مان ۽ منشارام ٽورناميٽ کٽي. سڄي ضلعي کي، خاص طرح گورنمينٽ پائلٽ اسڪول لاڙڪاڻي کي حيران ڪري ڇڏيوسي، جيڪو راندين جي مقابلن جو ميزبان هيو.

## ڪليڪٽر

جڏهن مان لسٽ تي صحيح ڪرڻ ويس ته منهنجي ڊگهي صحيح ڏسي هيڊماستر سائين واحد بخش شيخ، جيڪو دبنگ استاد هيو مون کي چوڻ لڳو: "صحي ته ايڏي ٿو ڪرين، جڻ لاڙڪاڻي جو ڪليڪٽر هجين." مان مسڪرائي ڪٽي چپ ڪيو.

پوءِ جڏهن مان واقعي لاڙڪاڻي جو ڪليڪٽر ٿيس ته سائين واحد بخش شيخ سان ملڻ ويس. ريٽائرڊ هيو ۽ جهونو به ٿي ويو هو. مون کيس اهو واقعو ٻڌايو ۽ چيو ته توهان سنا لفظ وات مان ڪڍيا ۽ هاڻي مان لاڙڪاڻي جو ڪليڪٽر آهيان. هُو ڏاڍو خوش ٿيو.

✲

ڪرڪيٽ جي مقابلن ۾ به لاڙڪاڻي هاءِ اسڪول سان مقابلو ٿيو. مئچ اسان بُري طرح هارائي. لاڙڪاڻي 71 رنسون ڪيون هيون، پر اسان جي اسڪول 17 رنسون ٺاهيون. مان آل رائونڊر هيس، 10 وڪيٽون ته ورتيون، پر بيٽنگ ۾ ڪو بُوٽو نه ٻاري سگهيس.

منهنجي ڊي. سي جي زماني ۾ هڪ ڪرڪيٽ جي مئچ ۾ چيف گيسٽ طور ويس. مڪاني صاحب ۽ هادي بخش بلوچ مئچ جي امپائرنگ پئي ڪئي. ڪمپيئرنگ دوران مڪاني صاحب اِهو چئي مون کي حيران ڪري ڇڏيو ته، "عبدالقادر منگي پاڻ ڪرڪيٽ جو رانديگر رهيو آهي، هن جو 10 وڪيٽن جو رڪارڊ ڪو به نٿو ٽوڙي سگهي."



مان ڪانئس پڇيو ته هن کي ڪيئن خبر پئي؟ ته ٻڌايائين ته هو پاڻ ۽ هادي بخش بلوچ اُن مئچ جا به امپائر هئا، جيڪا اسان ڪنهن وقت هارائي هئي.

## جوڳيءَ جو باغ

رتيديري ۾ انهن ڏينهن ۾ لاڙڪاڻي روڊ سان ڦِتل سکر واهه جي ڪنڌيءَ تي جوڳيءَ جو باغ هوندو هيو. پوءِ اهو باغ نيراعظم جي والد کي ڪِليم ۾ مليو. رتيديري جو سٺو باغ هيو. ميون جا وڻ ۽ سبزيون پوکيون ويندیون هيون. پوءِ آهستي آهستي ڦِٽي ويو.

پُٽن جي وانڍ ڏي الله ڏني پٽي جي واڙي هئي. هڪڙو کوهه هيس، ان جي نار تي پوک ٿيندي هئي. هڪ دفعي مان، رحيم بخش پٽو ۽ علي گوهر پٽو اُن کوهه ۾ ترڻ لاءِ اندر لٿاسي. هو ٻئي ته کوهه ۾ ترندا هئا، پر منهنجي لاءِ اهو پهريون موقعو هيو. ڏاڍو ڊپ لڳو. جلدي نڪري آيس.

نيراعظم اسان کان ٻه سال سينيئر هيو ۽ سندس ڀيڻ فرحت، هڪ سال سينيئر هئي. نير جو پيءُ، اعظم شاعر هوندو هيو. هن جو هڪڙو شعر مونکي اجان ياد آهي.

اعظم تمام عمر غریب الوطن رہا
خانہ بدوش کا کہیں گھر نہیں۔

نيراعظم، نيويءَ ۾ ويو ۽ ڪمانڊر ٿي ريٽائر ڪيائين. ڪراچيءَ ۾ Settled آهي. سندس ڀيڻ فرحت ڊاڪٽري پاس ڪري ڪِنگ ايڊورڊ ڪاليج ۾ پڙهائيندي هئي. هينئر ريٽائر ڪيو اٿائين. شادي به لاهور ۾ ڪئي اٿائين. 2010 ۾ نيراعظم جي پٽ جي ڪراچيءَ ۾ شادي هئي. اتي 45 سالن کان پوءِ نير جي فيملي ۽ فرحت سان ملاقات ٿي.

## باغ جو مالهي ۽ ڊي. سي

ٻيو باغ شهر جي اوير ۾ 'مهراج جو باغ' هوندو هو. ان ۾ زيتون ۽ ٻيرن جا وڻ هوندا هئا ۽ سبزي به پوکي ويندي هئي.

1997 ۾ DC لاڙڪاڻي جي حيثيت ۾ رتيديري لاءِ واٽر سپلاءِ جي مقصد سان زمين چونڊڻي هئي. ان پاسي گذر ٿيو. باغ ۾ اهي وڻ اڃا جوين ۾ هئا. مارچ جو مهينو هيو. ٻيرين ۾ پڪل ٻير لڳل هئا. دل ستُ ڏني ته ننڍي هوندي وانگر وڃجي ۽ باغ مان ٻير پٽي کائجن. گاڏي روڪرايم. مون سان روينيو ۽ پوليس آفيسر گڏ هئا. اسان لهي باغ ڏي وڌياسي ته پري کان چوڪيدار ڀڄندو آيو. چيائين ته "ٻير پٽڻ نه ڏيندس. مون چيو: "پيسا وٺ." چيائين "نه، پيسا به نه وٺندس، باغ وڪاميل آهي." مون کي ٻير پٽي کائڻا هئا، مالهيءَ جي انڪار تي منجهي پيس. زبردستي ڪرڻ به مناسب نه هيو. SDM ۽ DSP هن کي چوڻ لڳا

Gul Hayat Institute

تہ صاحب DC آهي. اسان بہ ٽي ٻير پٽينداسون. هن چيو "صاحب ڪير بہ هجي. آءُ ٻير پٽڻ نہ ڏيندس." مختيارڪار کان پڇيم تہ "ٽپيدار آهي؟" ٽپيدار آيو ان کي چيم تہ تون ڪيس سمجهاءِ. پوءِ اهو مسئلو ٽپيدار حل ڪري ڏنو. مالهي وڏي اڳتي آيو مون کان هٿ ٻڌي معافي ورتائين. چوڻ لڳو "سائين مان اڻ پڙهيل ماڻهو مونکي ڪهڙي خبر. مون تہ پنهنجو فرض پئي پورو ڪيو." مون ڪيس شاباس ڏني. بہ ٽي ٻير پٽي ڪاڏا. ڪيس سؤ روپيہ خرچي ڏني. جيڪا نہ ورتائين.

مون کي ٻير، زيتون، ٻيهہ، پپڻ جون ٽڪيون، چٽن جا ڦوٽا ۽ مٽرن جون ڦريون تمام گهڻو وڻنديون آهن. جيڪي هاڻي بہ شوق سان کائيندو رهندو آهيان.

## ادب ڏانهن لاڙو

مان ستين ائين ڪلاس کان اردوءَ ۽ سنڌيءَ ۾ شاعري شروع ڪئي هئي. رهبر ڊائجسٽ ۽ بادل رسالي، يا اخبارن ۾ پڻ منهنجا مضمون ۽ شاعري شايع ٿيڻ شروع ٿي وئي هئي.

## ڪورس جا پراڻا ڪتاب

مان شروع کان پاڻ ۾ اها عادت وڌي تہ پراڻا ڪتاب وٺي، انهن کي پاڻ ئي جلد چاڙهي استعمال ڪندو هيس. نہ صرف ايترو پر سال جي ختم ٿيڻ تي اهي ڪتاب ڏئي، ٻئي سال جا ڪتاب وٺندو هيس. مون کي ڏسي منهنجن ٻين ڪيترن دوستن بہ اها روش اختيار ڪئي، جنهن سان سندن مٿن ماٽتن تان خرچن جو ڪجهہ وزن گهٽ ٿيو.

## امتحان رات ۾ فيض احمد فيض جو مشاعرو

ان وقت جڏهن اسان 1964 ۽ 1965 ۾ نائين ۽ ڏهين ڪلاس جو امتحان ڏئي رهيا هئاسون تہ رتيديري ۾ امتحانن جو مرڪز ڪونہ هيو.

رسول بخش منگي صاحب، ڪيفي عزيز ۽ المدينہ جي لڳ وچ شهر ۾ رهندو هيو. پاڻ مختيارڪار هيو. بابا سان گڏ ڪم ڪيو هئائين. سندس بي انتها عزت ۽ لحاظ ڪندو هو. هن جي گهر واري بہ استاد هئي، گرلس اسڪول ۾ پڙهائيندي هئي. سلجهيل ۽ فضيلت واري عورت هئي.[1] ادي نجمہ منهنجو حال احوال وٺندي ۽ پڇندي هئي تہ پڙهائيءَ ۾ ڪنهن مدد جي ضرورت تہ ڪونہ آهي؟ مان سندس ٿورو مڃيندو هيس.

هڪ رات جناح باغ ۾ مشاعرو هيو. ٻئي ڏينهن تي اسان جو انگريزيءَ جو پرچو هيو. مشاعري ۾ فيض احمد فيض ۽ ٻيا مشهور شاعر آيا هئا. منهنجن دوستن: منظور سومري،

[1] رسول بخش منگي صاحب ۽ سندس گهرواري، ادي نجمہ منگي فوت ٿي چڪا آهن.



پرڪاش ۽ ٻين پروگرام ٺاهيو تہ رات جناح باغ ۾ مشاعري تي هلبو.

مون رات جي ماني کاڌي ادي نجمہ کي چيو تہ "ادي مان مشاعري تي ٿو وڃان." هوءَ سوچ ۾ پئجي وئي. 'صبح جو انگريزي جو پرچو رات جو چوڪرو هليو آ مشاعري تي.' ڏٺم تہ ڪجهہ پريشان ٿي وئي هئي. چوڻ لڳي، "صبح جو توهان جو پيپر ڪونهي ڇا؟"

پيپر واهيءَ سان وراڻيو هيم. "ادي آهي، انگريزيءَ جو پيپر آهي!"

"پوءِ توهان رات پڙهندا نہ؟" هن پڇيو هو.

مان چيو هيو "ادي سڄو سال تہ پڙهيو آهي!" ائين چئي مان گهران نڪري مشاعري لاءِ هليو ويس. هاڻي سائين فيض صاحب شعر پڙهي تہ اتان اُٿون! فيض صاحب جو آخر ۾ وارو آيو. هن کي ٻڌوسين. پوءِ ڪائنس سندس آٽوگراف ورتو ۽ گهر آيس.

صبح جو ادي نجمہ ناشتو ڪٺي آئي ۽ مون سان حال احوال ڪرڻ لاءِ ويٺي. مون هن ڏي نهارڻ کان سواءِ آرام سان ناشتو ڪيو. سندس ڳالهين جو مختصر جواب ڏيندو رهيس.

پيپر ڏئي آيس تہ اهو وٺي مون کان سوالن جا جواب پڇندي رهي. مان صحيح جواب ڏيندو رهيس.

آخر ۾ مسڪرائي پڇيائين تہ "سؤ مان گهڻيون مارڪون کڻندءِ؟" مون ڳنڀيرتا سان وراڻيو: 75.

پوءِ جڏهن نتيجو نڪتو تہ مان مئٽرڪ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي هئي. مان ڪيس Thanks چوڻ ويو هوس، ۽ ٻڌايم تہ انگريزيءَ ۾ 76 سيڪڙو مارڪون مليون آهن.

گهر وارن اهو فيصلو ڪيو تہ انٽر سائنس ۾ پڙهڻ گهرجي، پوءِ جا فيصلا پوءِ. مون کي ڏاڍي خوشي ٿي هئي.

## ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ پري انجنيئرنگ ۾ داخلا

پهريون ڏينهن ڪاليج ۾ عجيب فخر ۽ اتساهہ جو هيو. هاڻي اسان اسڪول مان ترقي ڪري ڪاليج ۾ پهتا هئاسين. اسان سان رتيديري جا Senior شاگرد هئا ۽ هاسٽل ۾ رهندڙ ٻين شهرن جا شاگرد بہ هئا. تنهن ڪري ڪنهن بہ قسم جي پريشاني ۽ گهبراهٽ ڪونہ ٿي. مهيني ٻن کان پوءِ رتيديري جا استاد، سائين محمد صديق پٿو (ڪيمسٽري) ۽ محمد پناهہ ابڙو (Botany)، قربان علي راڄپر (Zoology) جا استاد بہ بدلي ٿي هن ئي ڪاليج ۾ آيا، جيڪي اسان کي سڃاڻيندا هئا ۽ اسان جا جڻ God Father هئا. مون ڪجهہ سوچي پري انجنيئرنگ ۾ داخلا ورتي. پري ميڊيڪل جي مقابلي ۾ پري انجنيئرنگ جو ڪورس چار سالن جو هيو ۽ Pre-Medical جو 5 سال ۽ هڪ سال هائوس

Gul Hayat Institute

جاب. منهنجو خيال اهو هيو تہ مئٽميٽڪس ۾ مان مارڪون وڏيڪ ڪٽي سگهان ٿو. جنهن جي ڪري مونکي ميرٽ اسڪالرشپ حاصل ڪرڻي آهي، جنهن سان گهر وارن تي مالي بار گهٽ پوندو. مان پنهنجي جاءِ تي درست هيس. پر پاڻ تي وڏيڪ بار وجهي ڇڏيم.

اسان رتيديري مان جن جن دوستن مئٽرڪ پاس ڪئي، انهن مان قمرالدين جوڻيجو پرڪاش ڪتواڻي ۽ مون لاڙڪاڻي ۾ داخلا ورتي، جڏهن تہ منظور سومري ۽ سندس جاڙي ڀاءُ قربان سومري ۽ الطاف ڀٽي، حيدرآباد ۾ ڪاري موريءَ واري ڪاليج ۾ داخلا ورتي.

گل محمد بلوچ ۽ مستان علي کوکر، ڪاليج آف اينيمل هسبنڊري لاهور ۾ داخلا ورتي. ٻئي سال قمرالدين جوڻيجي بہ اتي وڃي داخلا ورتي.

اسان لاڙڪاڻي ڪاليج جي هاسٽل ۾ نئين دنيا وڃي آباد ڪئي. گهر کان ٻاهر رهڻ جو اهو پهريون تجربو هيو. پاڻ تي ڀاڙڻ، پاڻ کي سنڀالڻ جي گهڻي ڏکيائي نہ ٿي. مان شروع کان ئي راندين ۾ اسڪائوٽنگ ۾ رهي چڪو هوس.

پئسن ڏوڪڙن جي بہ تنگي نہ ٿيندي هئي، جو هڪ تہ ميرٽ اسڪالرشپ ملندي هئي ۽ ٻيو ضرورت آهر گهر وارن کان ڪجهہ پئسا بہ ملي ويندا هئا. پڙهائيءَ ۾ نيڪ هيس. تنهن ڪري ڪلاس روم ۾ ادائگي بہ سٺي رهندي آئي. شام جو هاسٽل جي آڳر ۾ والي بال کيڏندا هئاسون.

اتي نئون ماحول هو. پرڪاش اسان جي هاسٽل جي پرسان ئي ڌرمشالا ۾ رهندو هيو. ماني بہ اتي کائيندو هيو. اسان جو هڪ ٻئي وٽ تمام گهڻو اچڻ وڃڻ ٿيندو هو. ڪاليج بہ سائيڪلن تي گڏ ويندا هئاسون ۽ واپسي بہ گڏ ٿيندي هئي. مون وٽ سائيڪل هئي ۽ هُن وٽ بہ. جنهن تي سوار ٿيڻ وقت ائين لڳندو هيو. ڄڻ شهزادا هجون. اڪثر شاگرد تہ هڪ ٻہ ڪلوميٽر تي موجود ڪاليج ڏانهن پنڌ ايندا ويندا هئا. پرڪاش پري ميڊيڪل ۾ هيو ۽ مان پري انجينرئنگ ۾. سواءِ هڪ سبجيڪٽ جي، ٻيا سڀ سبجيڪٽ ڪامن هئا. مئٿس ۽ Biology الڳ هوندا هئا. وزير شيخ، شريف شيخ ۽ شهزادو شيخ، انهن سالن ۾ پري ميڊيڪل ۾ پڙهندا هئا. شهزادو انٽر ۾ اچي داخل ٿيو هيو. وزير ۽ شريف ڊاڪٽر ٿي ويا. وزيرَ وڏو نالو ڪڍيو. CMC جو پرنسپل ۽ M.S ٿيو. شهزادي شيخ CSS ڪئي ۽ آڊٽ ۽ اڪائونٽ سروس ۾ ويو. سنڌ جو Finance Secretary ۽ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري ۽ فيڊرل سيڪريٽري ٿيو. پاڪستان شريعت ڪورٽ جو جسٽس صاحب آهي.



## شاگرد يونين

اسان اسٽوڊنٽ يونين جي اليڪشن ۾ حبيب الله ناريجي ۽ قربان عباسيءَ لاءِ ڪم ڪيو سي. حالانڪ ناريجو جيئي سنڌ سان لاڳاپيل هيو ۽ قربان عباسي محترم جان محمد عباسيءَ جو پٽ هيو. جيڪو پوءِ جماعت اسلاميءَ جو امير / نائب امير ٿيو. تنهن زماني ۾ دشمنيون ڪونہ هيون ۽ سڀ ميٺ محبت سان رهندا هئا.

## استاد بخاري

اسان کي (66_1965 ۾) سائين استاد بخاري ۽ عبدالڪريم سنديلو صاحب سنڌي پڙهائيندا هيا. انگريزي امداد صاحب، فزڪس وسيم صاحب ۽ ڪيمسٽري محمد صديق پتو صاحب پڙهائي. مئٿس مشتاق صاحب پڙهائيندو هيو. پنجابي هيو پر پنهنجي سبجيڪٽ جو هوشيار هيو. پرنسپل محمد علي خان هيو. ڏيک ويک ۾ جهڙو انگريز. ائڊمنسٽريشن بہ زبردست هوندي هيس. هڪ دفعي سائين غلام مصطفيٰ شاهہ (ڊائريڪٽر ڪاليجز) اسان جي ڪاليج ۾ آيو. مون کي ياد آهي اٽڪل اڌ ڪلاڪ کن ڏاڪڻ تي بيهي انگريزي ۾ ليڪچر ڏنائين، ڇا تہ انگريزيءَ ۽ ڇا تہ Personality. پوءِ سائينءَ سان آخري ملاقات 1989ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ٿي، جڏهن بينظير صاحبہ جي پهرين حڪومت ۾، سائين وفاقي وزيرِ تعليم هيو.

Gul Hayat Institute

2

# آڪٽوبر 1968ع کان اپريل 1975ع

## فاريسٽ ڪاليج ۾ نوڪري

First Year جو امتحان پورو ٿيو. Inter جي پڙهائي شروع ٿي. فرسٽ ايئر جو Result آيو! منهنجو هڪ مضمون Math جو رهجي ويو. جيڪو مان جاڻي واڻي ڇڏي آيو هئس. ٻين ٽن مضمونن ۾ 56% آيو. پرڪاش جو هڪ مضمون رهجي ويو. قمر به ٻوٽو نه ٻاريو. ساڳيو حال حيدرآباد ويل دوستن: الطاف پٽي، منظور سومري ۽ قربان سومري جو به ٿيو. منظور سومري اسان سان اچي داخلا ورتي. قربان Poly Technichal Collage لاڙڪاڻي ۾ داخلا ورتي ۽ الطاف پٽي، حيدرآباد ۾ ئي آرٽس ۾ داخلا وٺي ورتي.

قمر الدينَ انقلابي پر مناسب فيصلو ڪيو! ويٽرنري ڪاليج ۾ گل محمد ۽ مستان علي سان وڃي داخلا ورتي، پر هڪ سال انهن کان Junior رهيو. پرڪاش ۽ مان جتي هئاسون اتي ئي رهياسون.

اسان جو ڪاليج ۾ داخلا کان پوءِ به رتيديري سان تعلق نه ٽُٽو. هر ڇنڇر، آچر تي رتيديري ايندا هئاسون. اتي جي دوستن سان والي بال ۽ ٻيون رانديون کيڏندا هئاسون. بزمِ ادب ۽ ڊرامن ۾ سائين امان علي، شمس الدين ابڙي ۽ رجب علي قادريءَ سان ساڳيو اٿڻ ويهڻ ٿيندو رهيو.

اهي ئي معمولات، اهي ئي رات ڏينهن، اهو ئي ڪاليج، اها ئي هاسٽل. ڪا به اهڙي غير معمولي ڳالهه ٻئي سال نه ٿي، جيڪا پهرين سال نه ٿي هجي. سواءِ ان جي، ته جيڪو جوش ڪاليج جي پهرين سال ۾ هيو اهو ٻئي سال ۾ نه رهيو. اسان به پاڻ کي ڍلو پئي محسوس ڪيو. ڪجهه استاد بدلي ٿي ويا. ڪجهه ملڪ ۾ به اٿل پٿل ۽ سياسي گهوٽالو شروع ٿي ويو.

جون 1967ع ۾ اسان جي انٽر سائنس جو امتحان ختم ٿيو. منهنجي توقعات موجب نه ٿيو. ڪنهن معجزي جي انتظار ۾ نتيجي جي اوسيئڙي ۾ وينا هئاسون. منهنجا خواب



اهي ئي. ته Stipend ڪٽبي ته انجنيئرنگ ڪاليج ۾ داخلا وٺبي. ٽن سالن جو B.E جو ڪورس هيو. ان سال نئين ٽيڪنالاجي اليڪٽريڪل شامل ٿي هئي. منهنجو خيال هيو ته داخلا ٿي ته پوءِ اها ئي ٽيڪنالاجي کڻبي. مون محسوس پئي ڪيو ته مان منزل ڏانهن ٻه سال اڳتي وڌيو آهيان، جتي آءٌ پنهنجي ڪهول جي مدد ڪري سگهيس پئي. عمر به هاڻي 19 سالن کان مٿي هئي.

رزلٽ آيو! ٺپ ٺري ويا. مان ناپاس ٿيس. ٻه سبجيڪٽ رهجي ويا: Maths-II ۽ Chemistry-II. پهرين سال جي مئٿس مون کي ڪٽي لاٿو. ضرورت کان زياده خود اعتمادي ۽ بي پرواهيءَ مون کي پٽڪايو. گهر وارن ڪجهه نه چيو. ها، ايترو ضرور چيائون ته "خير آهي، امتحانن ۾ ائين ٿي ٿيندو آهي."

ٻيا سڀ دوست به ناپاس ٿي پيا، سواءِ ڊاڪٽر پرڪاش جي. جنهن 2nd ڪلاس ۾ Inter پاس ڪئي. Percentage ڪانئس منهنجي وڌيڪ هئي. هو به ٻن مضمونن ۾ فيل ٿيو پر ڪيس Condone ڪري پاس ڪيو ويو. مون کي fail ڪيو ويو. مان منائي ڪٽي پرڪاش وٽ ويس ۽ سندس وات مٺو ڪرايو.

ان ڏينهن کان منزل جي تلاش ۾ نئين سنئين جدوجهد شروع ڪري ڇڏي ۽ supplementary امتحان جي تياري شروع ڪئي. آخرڪار ٻئي مضمون clear ٿي ويا ۽ رزلٽ 57% آيو. سال بهرحال هليو ويو. ان سال مان انجنيئرنگ ۾ apply نه پئي ڪري سگهيس. B.A جو فارم ڀريو ۽ امتحان ڏنو ۽ 1968ع ۾ پارٽ-I پاس ڪيو.

## بي. اي

ويسٽ پاڪستان سرڪار، سائوٿرن ريجن (سنڌ) ۾ 7 پوسٽون رئنج فاريسٽ آفيسرن جون مقابلي لاءِ announce ڪيون. ياد رهي ته 1968ع ۾ سنڌ سابق سنڌ هوندي هئي.

## فاريسٽريءَ ۾ ڊپلوما

اهو ٻن سالن جو Diploma جو ڪورس هيو. جنهن کي upgrade ڪري B.Sc (forestry) ڪيو ويو. ان ڪورس جي پڙهائيءَ لاءِ پاڪستان ۾ صرف پشاور ۾ هڪڙو ڪاليج ۽ انسٽيٽيوٽ هيو جنهن جو Affiliation پشاور يونيورسٽيءَ سان هو. ڊگريون پشاور يونيورسٽي ڏيندي هئي. ان ۾ به ٿي چڱيون ڳالهيون هيون. فاريسٽ ڪاليج ڇڏڻ کان اڳ ۾ ئي سنڌ گورنمينٽ ۾ R.F.O جي نوڪري جو 11 گريڊ ۾ آرڊر ملي ويندو هيو. ٻيو ته ڪورس دوران =/150 روپيه في مهينو Stipend به ملندي هئي.

Gul Hayat Institute

1968ع ۾ اها رقم مناسب هئي، پر پوءِ بہ ضرورت پئجي ويندي هئي. ميس جو ۽ ڪيسي جو خرچ اسان پنهنجي طرفان ڪندا هئاسون. ٽيوشن في ۽ ڪتاب گورنمينٽ ڏيندي هئي. جنهن لاءِ اميدوارن کان پنجن سالن جي نوڪريءَ جو bond لکائي وٺندا هئا. ان ڪري ايتري مدت لاءِ ملازم، نوڪري ڪرڻ جو پابند هوندو هيو. بانڊ جي رقم =/7000 روپيہ هئي.

مون اهو R.F.O جو امتحان ڏنو تہ ٻئي طرف گهر وارن منهنجي شاديءَ جا گهڻ وڄائڻ شروع ڪري ڏنا. مان پڙُڪيو بيٺس تہ جيستائين نوڪريءَ تي نہ چڙهندس، تيستائين شادي نہ ڪندس.

## منهنجو مڱڻو، نڪاح

اڪيلو پٽ هئس. ظاهر آهي ان ڪري منهنجي مائٽن کي شاديءَ جي تڪڙ هئي. هڪ طرف گهر وارا، ٻئي طرف آءٌ. منهنجي ٽيڻ واري مڱيندي خورشيد منهنجي ماسات هئي. سندس والد جو نالو محمد هارون منگي ۽ والده جو نالو خيران (خيرالنساءُ) هيو. ماسي منهنجي ماءُ جي ماسات هئي، پر ڀينرن وانگر هيون. خيرو ديرو ۽ رتوديرو هئا تہ ڄڻ ڳنڍيل، پر سواري جي سهولت تڏهن گهٽ هئي.

خورشيد عمر جو اوائلي وقت سکر ۽ ڪراچيءَ ۾ علي حسن منگي صاحب جي گهر ۾ پنهنجي پڦيءَ جي نظرداريءَ ۾ گذاريو. خورشيد جي پڦي، علي حسن منگي صاحب جي زال هئي. لاڏ ڪوڏ ۾ پلي. ميٽرڪ تائين اتي پڙهي ۽ پوءِ خيري ديري آئي.

اسان جو گهر ڄڻ سندس پيو گهر هيو. منهنجي هم عمر هئي. اڪثر اسان وٽ ايندي هئي ۽ هفتن جا هفتا رهي پئي هوندي هئي. ڄڻ گهر جو ڀاتي هجي.

1966ع ۾ جڏهن مان ٻارهين ڪلاس ۾ هيس تہ سندس ماءُ (منهنجي ماسي) Breast cancer وگهي فوت ٿي وئي. خورشيد جي حالت ڏسڻ وٽان هئي. منهنجي دل ۾ سندس لاءِ همدرديءَ جو احساس پيدا ٿيو. مون سوچيو تہ مان سندس لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان! پر ڪجهہ بہ تہ نہ پئي ڪري سگهيس. خورشيد جهڙي سهڻي ڇوڪري، اسان جي family ۾ نہ اڳ پيدا ٿي هئي نہ ڪانئس پوءِ پيدا ٿي.

جڏهن گهر وارن هن جي رشتي جي ڳالهہ ڪئي تہ مون کي سٺو تہ لڳو بلڪ تمام گهڻو سٺو لڳو. پر مان نوڪري ڪرڻ کان اڳ ۾ شادي نہ ڪرڻ جي ضد تي قائم رهيس. حالانڪ ساڻس اڳ وارو همدرديءَ ڀريو احساس، محبت جي جذبي ۾ تبديل ٿي رهيو هيو.

## فاريسٽ ڪاليج ۾ داخلا

آخر طئي اهو ٿيو تہ في الحال مان نڪاح ڪريان، شادي نوڪريءَ کان پوءِ. نڪاح



جولاءِ 1968ع ۾ ٿي ويو. ان وقت منهنجي عمر 21 سالن کان گهٽ هئي. نڪاح تہ ٿي ويو باقي هئي رخصتي، پوءِ ٿيڻي هئي. R.F.O جي ٽيسٽ ڏنم، نتيجي جو انتظار هو. سيپٽمبر ۾ نتيجو آيو مان چونڊجي ويس. انجنيئرنگ ڪاليج ۾ بہ سليڪشن ٿي وئي. مون کي R.F.O وارو آپشن بهتر لڳو. بسم الله ڪري 2 آڪٽوبر 1968ع تي ٻن سالن لاءِ فاريسٽري پڙهڻ لاءِ پشاور ۾ وڃي پهتس.

هڪڙو سڪيلڌو ٻار، پيو گهر کان هزار ميل دور، پر مون کي ڪا گهڻي ڏکيائي محسوس نہ ٿي. منزل اڳيان هئي. رب راهہ کولي وڌي هئي. اها پڪ هئي تہ ڪورس مڪمل ڪرڻ کان پوءِ نوڪريءَ سان وڃي لڳندس.

فاريسٽ ڪاليج جو ماحول منهنجي توقعات کان گهڻو بهتر هيو. پر سختي ۽ پابندي ڪيڊٽ ڪاليج وانگر هئي. صبح جو نماز مهل اٿبو هو PT ڪبي هئي. تقريباً بہ ميل Jogging. اڌ ڪلاڪ تيار ٿيڻ ۾ لڳندو هو. پوءِ ناشتو ڪبو ۽ سياري اونهاري سوا ستين بجي ڪلاس شروع ٿيندو هو جيڪو هڪ بجي تائين هلندو هو. وچ ۾ پندرهن منٽن لاءِ چانهن جي ساهي. ڏيڍ بجي لنچ ڪبي. ساڍي چئين وڳي کان ڇهين وڳي راند ٿيندي هئي. 7:30 بجي کان 9:00 بجي تائين ڊنر. 10 بجي لائيٽ بند. ڪلاس جي پڙهائي ۽ فيلڊ ورڪ جو اهڙو سسٽم هيو جو هوم ورڪ جو بوجهہ محسوس نہ ٿيندو هيو.

هر سيمسٽر کان پوءِ هفتو موڪل ملندي هئي، جنهن ۾ ڳوٺان بہ ٿي ايندو هوس. خورشيد جي ڳوٺ خيرو ديرو بہ ويندو هوس. سس سهري سان ملندو هوس، پر خورشيد سان گپ شپ، ملڻ ۽ ڏسڻ بند. وڏي جبر جا ڏينهن هئا. هوءَ تہ در جي ڪنڊ پاسي کان ڏسي وٺندي هئي، پر مان محروم.

پاڪستان فاريسٽ ڪاليج، پاڪستان فاريسٽ انسٽيٽيوٽ جو حصو هيو. چار ڊويزن يا سرڪل ٺهيا هيا، پنجون حصو فاريسٽ ڪاليج هيو. پاڪستان جي هائير ايجوڪيشن جو اهو وڏي ۾ وڏو ڪاليج ۽ فاريسٽ جي ريسرچ جو انسٽيٽيوٽ هيو. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ اهو انسٽيٽيوٽ دهرادون (ڀارت) ۾ هيو. پشاور ڪاليج ۾ هر ريجن پاران ضرورت پٽاندر پنهنجا ٽريني آفيسر (Trainee Officer) موڪليا ويندا هئا.

حيدرآباد سنڌ هڪ ريجن هئي، پنجاب ۾ بہ ريجن، هڪ ملتان ۽ ٻي لاهور. بلوچستان هڪ ريجن، هڪ سرحد ۽ ٽرائيبل ايريا. فاريسٽ انسٽيٽيوٽ مان بہ DFO ۽ RFO جي لاءِ شاگرد ايندا هئا. DFO جي شاگردن جي چونڊ پبلڪ سروس ڪميشن ڪندي هئي.

Gul Hayat Institute

## فاريسٽ انسٽيٽيوٽ پشاور

پشاور کان جمرود ـ لنڊي ڪوتل روڊ جي اتر ۾، پشاور يونيورسٽي آهي ۽ ان جي اتر ۾ ايگريڪلچر يونيورسٽي آهي. ان جي پر ۾، اوير ۾ پاڪستان فاريسٽ انسٽيٽيوٽ (PFI) آهي ۽ پاڪستان فاريسٽ ڪاليج (PFC) ان جو حصو آهي.

رستا ڪشادا، سڌا، وسيع چِپراٽا ۽ وڏا وڏا راند جا ميدان آهن. PFI ۾ گلابن جو پارڪ آهي، جيڪو مختلف قسمن جي گلابن تي مشتمل آهي. اهو پارڪ وڏي خوشيءَ ۽ راحت جو سبب هوندو هو.

PFC ۾ پڙهائڻ وارا بہ بنيادي طور اتان جا ئي پڙهيل هئا ۽ ڪي وري Phd بہ ڪري آيا هئا. ڪاليج جو هيڊ ’ڊائريڪٽر‘ ڪوٺبو هيو ۽ پڙهائڻ وارا Reader in Forestry ۽ Lecturer in forestry ڪوٺبا آهن. اهي بہ يا تہ PFI جا ملازم هئا، يا انهن کي پنهنجي صوبن کان Deputation تي آندو ويندو هيو.

اسان جا ڪلاس 3 آڪٽوبر 1968ع کان شروع ٿيا. ڪل 24 شاگرد هئاسون. سنڌ مان 7، ملتان مان 5 ۽ لاهور مان 6. باقي سرحد مان 4 ۽ PFI مان بہ آيل هئا. سنڌ مان اسان هينيان شاگرد RFO هئاسون:

(1) وارث (اورنگزيب شيخ)، جيڪب آباد

(2) افتخار آرائين، ميرپورخاص

(3) عبدالحڪيم بلوچ، دادو/ حيدرآباد (حڪيم جي دل ساڄي پاسي هئي.)

(4) صبغت الله انصاري هالا واسي

(5) شاهہ محمد انصاري، هالا واسي

(6) امير علي سولنگي، نوابشاهہ/ نوشهروفيروز

(7) عبدالقادر منگي (آءٌ)، رتوديرو (لاڙڪاڻو).

DFO ڪلاس ۾ سنڌ (حيدرآباد) مان هينيان آفيسر/ شاگرد هئا:

(1) عبدالرشيد ڪرل

(2) شوڪت علي آرائين ۽

(3) اشفاق احمد.

ذهني طرح رشيد ڪرل، نسيم ڪرل (مشهور ڪهاڻيڪار) جو ڀاءُ اسان سيني سنڌ وارن کي جڻ پنهنجو پنهنجو لڳندو هو. سندس اٿڻ ويهڻ بہ شاهاڻو هوندو هيو.

تيار ٿي، ناشتو ڪري، ڪاليج پهچندا هئاسين. پڙهائي ٿيندي هئي. پوءِ لائبريريءَ ۾ ويندا هئاسين. عمر جي ان عرصي تائين مون اهڙي لئبرري ڪونہ ڏٺي هئي. سوا هڪ



بجي موڪل جو وقت مقرر هو. Lunch ڪري 4:30 بجي راند لاءِ ويجبو هو. ڪرڪيٽ ۽ والي بال تہ مان ڪندو هوس، باقي بئسڪيٽ بال، هاڪي ۽ فوٽ بال منهنجي لاءِ نيون راندين هيون. بئڊمنٽن ڪڏهن ڪڏهن هاسٽل ۾ کيڏندا هئاسون.

راند کان پوءِ ڊنر. ٿوري دير لاءِ TV lounge ۾ اخبار پڙهبي يا گپ شپ ڪبي هئي. 10 بجي لائيٽ آف. هر چئن شاگردن لاءِ هڪ waiter هوندو هيو. منهنجو ويٽر ”رشيد“ هيو. هو بنيادي طرح پوٺوهاري هيو. اردو، پنجابي، پشتو ۽ هندڪو ٻوليون ڳالهائيندو هيو.

ان دؤر ۾ پشاور ڪينٽ ۾ ڊبل ڊيڪر بسون هلنديون هيون، جيڪي مون پهريون ڀيرو ڏٺيون.

آچر ڏينهن بس ۾ ڪلاڪ سوا ۾ لنڊي ڪوتل پهتاسون. اتي تہ دنيا ئي اور هئي. پهريون وزٽ هو سو مزو آيو. جپان جي KT-700 ڏاڍي مقبول هئي ۽ ٻيا رنگارنگي شيشي وارا چانهن جا رنگين ڪوپ ۽ ساسر وٺي واپس آياسون.

## پنجاب جو دورو

1969ع جنوريءَ ۾ اسان جو پنجاب جو فيلڊ ٽوئر شروع ٿيو. ٻيلا گهماياؤن، ۽ ٻيلن جا قسم، وڻن جا قسم، انهن جي ٻيهڪ ۽ وڻن جي Ecology، موسم جو وڻن تي اثر، زمين جو اثر، سمنڊ کان اوچائيءَ جو اثر، چراگاهن (Ranges) ۽ انهن جو انتظام ۽ انهن تي جانورن پالڻ، گيم سينڪچري (Game sanctuaries) ڏٺا. اسان کي خاص طور چانگا مانگا ٻيلو ڏاڍو وڻيو. اهو ٻيلو بہ هيو تہ تفريحي ماڳ بہ. اتي اسان ڏاڍو مزو ورتو. ڊڀنديون ڊورا، ترام گاڏي شيشم (ٽالهيءَ) ۽ ٽُوت جا وڻ، انهن جي ڪٽائي، پوکائي ۽ نرسريون ڏٺيون سين.

1989ع ۾ ويهن سالن کان پوءِ اسان کي چانگا مانگا جو نالو ٻڌڻ ۾ آيو جڏهن محترمہ شهيد بينظير ڀٽو جي پهرين حڪومت جي خلاف عدم اعتماد جي رٿ آندي وئي تہ MNAs کي آٽي چانگا مانگا جي Rest House ۾ لڪايو/ قيد ڪيو ويو. هاڻي تہ چون ٿا تہ چانگا مانگا وڏي ترقي ڪري ويو آهي.

چانگا مانگا کان پوءِ لاهور جي ويجهو جلو (Jallo) ۾ Resin factory جو دورو ڪيوسون. دراصل اها ڪچي Resin جابلو علائقن ۾ ٿيندڙ Conifer وڻن مان نڪرندي آهي. انهي Resin کي فيڪٽريءَ ۾ تيار ڪري (process) ربڙ ۽ ٻين شين جي ٺاهڻ ۾ ڪم آڻبو آهي.

لاهور جي دوري کان پوءِ ريل رستي چيچہ وطني ٻيلو ڏسڻ آياسون. چيچہ وطني، پاڪستان جي وڏين Plantation مان هڪ آهي، جتي شيشم (ٽالهيءَ) ۽ شهتوت (Mulberys)/ ٽُوت جي هٿرادو Plantation ٿيندي آهي.

Gul Hayat Institute

## سنڌ جو دورو

ڇيڇ وطنيءَ کان پوءِ اسان جي منزل سنڌ هئي. پهرئين سکر. سکر ۾ ٻه ڏينهن رهياسون. سکر جو مشهور ’شاهه ٻيلو‘ ڏٺو جيڪو ڪچي ۾ آهي. پوءِ ڌاڙيل ته شاهه ٻيلي جا بادشاهه ٿي ويا. اتر سنڌ مان ماڻهو اغوا ٿيندو هيو ته ان جا پيرا شاهه ٻيلي ۾ ويندا هئا.

ايس ايس پي شبير شيخ سکر ۾ سٺو ڪم ڪيو. خاص طور شاهه ٻيلي مان ڌاڙيلن جو بنياد ۽ انهن جي اڏن جي پاڙ پٽي ڇڏيائين. اهو 2003ع کان 2005ع جو عرصو هيو. ان عرصي ۾ مان به ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر (DCO) سکر هيس. ڊي سي شپ جو نئين نظام ۾ ڪرائيم ۽ law & order سان سڌو واسطو ڪونه هيو. پر اهڙي هر واقعي جي خبرچار ضرور وٺبي هئي. اسان سکر جو ٻن ڏينهن جو دورو پورو ڪري حيدرآباد آياسون. حيدرآباد، سنڌ ٻيلي کاتي جي آفيسن جو مرڪز آهي، جتي چيف ڪنزرويٽر جي آفيس آهي. اتي جو ڊي ايف او بشير آرائين اسان جو انچارج آفيسر هيو. هن هالا جو ڪچي جو ٻيلو ڏيکاريو. ان ٽوئر ۾ اهو سمجهاڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته ڪچي ۾ وڻ ٽڻ ڪيئن ٿا ٿين. ڪچي ۾ درياءَ جو پاڻي لهڻ کان پوءِ لئو، باهڻ ۽ ٻير جا وڻ ٿين ٿا. مياڻيءَ جو ٻيلو به ڏيکاريو ويو. اتي plantation سان گڏ ٻيا پراجيڪٽ به هلن پيا، جنهن ۾ ماکيءَ جي پالنا به شامل آهي، جنهن کي Apeculture چيو وڃي ٿو. اها جڳهه به ڏٺيسون، جتي سنڌ جي آخري ٽالپر حڪمرانن کي انگريزن شڪست ڏني هئي، جنهن جي نتيجي ۾ 1843ع ۾ انگريزن جي حڪومت قائم ٿي.

ٽن ڏينهن جي ترسڻ کان پوءِ حيدرآباد کي الوداع چئي، سنڌ جي سير جي آخري منزل، ڪراچيءَ پهتاسون. ان زماني ۾ (1969 ۾) ڪراچي راڄڌانيءَ جو هنڌ ڪونه هيو.

ٻئي ڏينهن تي اسان کي ساموندي ٻيلو Costal Forest ڏيکاريو ويو. اسان لانچ تي ٻيلي جي جهُنڊن ۾ وياسون ۽ اتي ٻيلا ڏٺاسون. اهي ٻيلا صرف سمنڊ واري علائقي ۾ ٿين ٿا. انهن کي خاص قسم جي قدرتي ماحول جي ضرورت آهي. وڻن کي پاڙن سان گڏ Neumatophores به ٿين، جيڪي پاڙ جو حصو ٿين، پر پاڻيءَ کان ٻاهر نڪتل ٿيون رهن ۽ وڻن کي آڪسيجن مهيا ڪن ٿيون.

ڪراچيءَ جي سير سان اسان جو سنڌ ۽ پنجاب جو پروگرام پورو ٿيو ۽ اسان جو گروپ ساڳي شام بولان ميل ۾ ڪوئيٽا لاءِ روانو ٿيو.

## بلوچستان

زيارت ۾ Juniper جا ٻيلا مشهور آهن. جيونيپر جي ڪاٺ مان پينسلون ٺهنديون آهن. زيارت قائداعظم جي آخري ڏينهن جي رهڻ جي ڪري ته مشهور آهي، پر هنن وڻن



جي ڪري به ان علائقي جو وڏو نالو آهي. قائداعظم ان علائقي جي ريسٽ هائوس ۾ رهيو هو، ان ڪري ان کي Residancy ڪوٺيو وڃي ٿو. بلوچستان جو علائقو ٻين ٽن صوبن جي مقابلي ۾ گهڻو وسيع آهي. پر ايترو آباد ڪونهي. بارش گهٽ آهي، نهري پاڻي جو بندوبست به گهٽ آهي. تنهن ڪري صوبي جي معيشت جو گهڻو مدار جانور پالڻ تي آهي. اتي وسيع چراگاهه آهن ۽ جانور ڪلا ڊلا چرندي نظر آيا.

بلوچستان ۾ مستونگ جو اسان جو دؤرو ڏاڍو يادگار رهيو. اسان اتي چراگاهه ڏسڻ ويا هئاسون. جنهن ڪمري ۾ DFO مستونگ بريفنگ جو بندوبست ڪيو هيو، اهو شيشي جو ٺهيل هيو. ٻاهر جو نظارو ڏاڍو دلڪش هيو. جيئن بريفنگ شروع ٿي ته ٻاهر برف باري شروع ٿي وئي. جڻ قدرت کي اسان جي بريفنگ جو انتظار هيو. DFO پنهنجي موڊ ۾ ڳالهائي رهيو هيو، اسان سڀ ٻاهر نهاري رهيا هئاسون، جتي ڪپهه جا ڇاڻان آسمان مان زمين تي ڪري رهيا هئا. جڏهن هن اسان جي اها ڪيفيت ڏٺي ته بريفنگ بورڊ تان هٽي اسان سان ويهي رهيو ۽ ڪافيءَ سان گڏ سينڊوچ به گهرايائين. اهو لطف دير تائين حاصل ڪندا رهياسين. پر اسان جي ميزبان ڪم پورو ڪيو ۽ بلوچستان ۾ بلوچستان جي ٻيلي کاتي بابت ٻڌائيندو رهيو. آخر ۾ بلوچستان جي روايتي سجيءَ سان Lunch ڪرايائين.

ٻئي ڏينهن تي ڪوئيٽه ۾ ئي اسان کي ”ڪاريز“ سسٽم تي معلومات ڏني وئي. جابلو علائقن مان برسات جو پاڻي نئن مان نڪري هيٺ لهندو آهي ته انهن کي ڪاريز سسٽم سان Regulate ڪري آبپاشيءَ لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي. رات جو ڪوئٽه مان پشاور ريل جي رستي روانا ٿي وياسون.

## ڪجھ ڳالهيون ڪجھ يادون

مان اڃا فاريسٽ ڪاليج ۾ آيو ئي مس هيس ته ڪُڪِ وٽ نهائينءَ جي سڄي پاسي کان سُور ٿي پيو. پهريان ته مون ان تي توجهه نه ڏنو. سوچيم ته پي ٽيءَ جي ڪري رڳن جو سُور هوندو. جڏهن سُور وڌي ويو ته ايگريڪلچر ڪالونيءَ ۾ ڊاڪٽر امان الله خان وٽ هليو ويس. پر ان وچ ۾ سُور هوندي به مان پي ٽي ۽ راند ڪندو رهيو هوس.

ڊاڪٽر چيڪ ڪيو ته پريشان ٿي ويو. پڇيائين ته، ”ڪڏهن کان آهي؟“

چيم: ”چئن ڏينهن کان.“

چيائين ته ”بچي ويو آهين. تو کي Appendicitis (ننڍي آنڊي) جو سُور ٿو لڳي. ايتري وقت ۾ ته آنڊو ڦاٽي پوندو آهي.“ ليڊي ريڊنگ اسپتال ڏي موڪليائين. ٽيستائين آرام جو چيائين ۽ Buscopan compositum گوريون، سُور گهٽائڻ لاءِ ڏنائين.

ٻئي ڏينهن مان امير علي سولنگيءَ کي ساڻ ڪري اسپتال ويس. انهن ايڪسري ۽

Gul Hayat Institute

ٻيون ٽيسٽون ڪيون ۽ ڪنفرم ڪيو ته واقعي ڊاڪٽر امان الله خان جي چڪاس صحيح هئي. چيائون اڳ ۾ اچين ها ته آپريشن ڪيون ها. پر هاڻي لڳي ٿو ته خير ٿي ويو آهي. درد وڌي ته هڪدم ايمرجنسي ۾ هليا اچجو. مان سنڌي ماڻهو هن پرديس ۾ آپريشن جو ٻڌي پڳهرجي ويس. واپس آيس. ٻه ٽي ڏينهن آرام ڪيو سڀ نيڪ ٿي ويو. اٺ ڏهه ڏينهن PT جي موڪل ملي وئي.

## زور جو روزو

پشتون ماڻهو روزي نماز جا ڏاڍا پابند ٿين. ڪي ماڻهو دنياداري ڪيئن به ڪندا هجن. جنهن ۾ سمگلنگ، هٿيار ناهڻ، وياج، ڪرائيم، جاسوسي، نفعو خوري يا ٻيون اهڙيون شيون پليي شامل هجن. پر روزو هر حال ۾ رکندا ۽ نماز به ضرور پڙهندا. اسان ڏٺو ته اسان جا ڪي ساٿي پناڻ Bathroom استعمال ڪرڻ کان پوءِ پاڻي گهٽ استعمال ڪندا هئا. صفائيءَ لاءِ اخبار يا ڪاغذ استعمال ڪندا هئا. نتيجو اهو هوندو هيو جو Commode/ WC اڪثر بند ٿي ويندا هئا. ڪي سدورا ته مهينو مهينو تڙ به ڪونه ڪندا هئا. پاڻيءَ کان ائين وٺون ويندا هئا، جيئن ڪانءُ ٻچي ڪمان کان. روزن جي مهيني ۾ اسان جو بورچيخانو سحريءَ کان پوءِ بند ٿي ويندو هيو ۽ افطاريءَ لاءِ کلندو هيو.

مون کي اچي اڻ تڻ ٿي ته اهو زور جو روزو ڪو روزو ٿيو ڇا؟ روزو رکو يا بک مرو ۽ روزو به مجبوريءَ وارو. مون پنهنجي ويٽر رشيد کي گهرايو ۽ کيس ٻڌايو ته زوريءَ وارو روزو نه رکندس، ڪو بندوبست ڪر. هاڻي ٽل اها ٻيني ته رشيد، افطاري منهنجي ڪمري ۾ رکي ويندو. اڌ افطاري مان ڪاليج وڃڻ وقت ناشتي تي ڪائيندس ۽ اڌ افطاري منجهند جو. ان نيڪ ڪم لاءِ هڪ جڏو سڏو هيٽر به هٿ ڪيوسين. حالانڪ هيٽر هلائڻ تي پابندي هئي.

پر منهنجو ڪم هلي پيو. خدا جي ٻين ٻندن کي منهنجي بندوبست جي خبر پئي ته گهڻا ئي همراهه اچي مون واري ان فارمولا تي لٽا. 24 شاگردن مان اڌ جيترا دوست اهڙي انتظام مان مستفيد ٿيڻ لڳا ۽ ائين خير سان رمضان شريف گذري ويو.

## جليبي ۽ پڪوڙا مهانگا پئجي ويا

رمضان شريف جي مهيني ۾ ٽي هڪ دفعو لنڊي ڪوتل شاپنگ لاءِ وياسون. شاپنگ ڪندي ڪندي هڪ مٺائيءَ جي دڪان تي نظر پئي. مون سان شاهه محمد انصاري گڏ هيو بک به ڏاڍي هئي. ويٽر جو سموسا، پڪوڙا ۽ جليبي ڏنم ته بک ويتر وڌي وئي. پڪوڙا ۽ جليبي ورتم. هڪڙو پڪوڙو وات ۾ وڌم. اوچتو هڪ لت منهنجي سيني تي اچي ٽڪاءُ ڪيو.



”خنزير! رمضان مين پڪوڙه کهاتا هي.“

ساڳيو دڪان وارو هيو جنهن مون کي پڪوڙا وڪڻي ڏنا هئا.

”چا ته دل ۾ دين جو جذبو آهي.“ پڪوڙا ۽ جليبي به ڪِري پيا. جيڪو پڪوڙو وات ۾ هيو اهو به ڪِري پيو. شاهه محمد مون کي ٻانهن کان ڇڪي ٻئي پاسي وٺي ويو ته متان وڌيڪ گند نه ٿئي. دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳم ته اسان مسلمانن کي ڪيترو نه مسلماني جذبو آهي، ۽ ايترو جو ڪنهن ٻئي کي به ڪجهه ڪائيندو ڏسي سهي نٿا سگهون.

## اداس شام ۽ امير علي

اونهاري ۾ اسان جي Study camp اڪثر گليات تي لڳندي هئي. جيڪا سمنڊ کان گهٽ ۾ گهٽ 7000 فوٽ مٿي هئي. نٿياگلي ۽ مريءَ جي وچ ۾ باڑا گلي آهي، جتي هيڊڪوارٽر هوندو هيو، پوءِ اتان ٻين پاسن ۾ وڃي ڪم ڪار ڪندا رهندا هئاسون.

Pine جا وڻ، ساوا ئي ساوا، ڏينهن جو ٿڌ ۽ رات جو ڏاڍي ٿڌ. ڪڪر اڪثر ڪري گهمندا ڦرندا اچي اسان جي ڪمرن ۾ داخل ٿي ويندا هئا. اڪثر برسات پئي پوندي هئي ۽ شام جو ڏنڌ ۽ ڪوهيڙو سڄي ماحول کي پنهنجي ياڪر ۾ پري وٺندو هو.

شام جو ورانڊي ۾ ويهي اولهه طرف مُنهن ڪري، سج لهڻ ويل پهاڙيون ڳڻيندا هئاسون. ڏنڌ وڌيڪ هوندو هيو ته ٽڪريون گهٽ نظر اينديون هيون. آسمان صاف هوندو هيو ته وڌيڪ نظر اينديون هيون. اهو اهڙو نظارو آهي، جو ان کي بيان نٿو ڪري سگهجي. جنهن ڏٺو هوندو، صرف اهو ئي محسوس ڪري بي پايان مسرت حاصل ڪري سگهي ٿو. ڪڏهن ڏهه ٽڪريون نظر اينديون هيون، ڪڏهن ست، ڪڏهن پنج ته ڪڏهن هڪ به نه. ڏهن کان وڌيڪ ٽڪريون ڪڏهن به نظر نه آيون.

اسان کي آچر ڏينهن ڪيمپ ڇڏڻ جي موڪل ملندي هئي. پر رات ٻاهر رهڻ جي اجازت ڪونه هئي. پوءِ ڪنهن آچر تي ڪوهه مريءَ ويندا هئاسون ته ڪنهن تي نٿيا گلي ۽ ڪڏهن ايبٽ آباد. رستا اجا ايڏا سنا ڪونه هئا، نه ٽريفڪ گهڻي هئي. اسلام آباد اجا اجوڪي اوڄ تي ڪونه پهتو هيو. سو اسلام آباد تمام گهٽ وڃڻ ٿيو. منهنجو جوڙي وال امير علي سولنگي هيو. امير علي به مزيدار شخصيت جو مالڪ آ. الله ڪيس حياتي ڏئي، اجا تائين ائين ئي آهي. ڪيس اردو سمجهه ۾ گهٽ ايندي هئي ۽ ڪچهري ڪندي جڏهن اسان، ٺهڪ ڏيندا هئاسون، ته امير علي سولنگي به گڏ ٺهڪ ڏيندو هو پوءِ جڏهن ٺهڪ ڏئي چپ ڪندا هئاسون ته مون کان وري ڪن ۾ پڇندو هيو ”چا لاءِ ڪلئه؟“ جڏهن مان ڪيس ڪلڻ جو سبب ٻڌائيندو هيس ته ”ٻوڙو ماڻهو به پيرا ٻڌي“ واري چوڻيءَ جيان هُو وري به ٺهڪ ڏيندو هيو. ان دور ۾ هڪ گانو مشهور ٿيو هو: ”گنگارام ڪي سمجهه مين نه

Gul Hayat Institute

آئي.“ ان ئي گنگارام جي نالي پويان اسان ڪيس گنگارام سڏيندا هئاسون.

سو اهڙي هڪ خوبصورت، پر اداس ڇنڇر جي شام جو مان ۽ امير علي ويڳاٽيون ۽ رولاڪ ڪڪريون ڏسي واپس ڪمري ۾ آياسين. ايندڙ ڏينهن آچر جو هيو، پر افسوس اسان ٻئي ڪيمپ ۾ ئي رهنداسون. نه مري، نه ئي نٿياگلي وڃي سگهنداسون. ٻنهي جا منهن لٿل هئا. هن جا به ڪيسا خالي هئا ۽ منهنجا به. ڪي ٻه ٽي روپيه وڃي بچيا هئا. ٻيا دوست خوشي خوشي سان تيارين ۾ رڌل هئا. رات جي ماني ڪاڌيسون. افتخار آرائين ۽ وارث شيخ تاش ڪرڻ ويٺا. هنن دوستن امير ۽ مون کي به چيو ته اچو ته تاش ڪيون. اسان حساب ڪيو ته اسان وٽ ڇهه رپيه هئا. مان تاش ڪرڻ ويٺس. ڪلاڪ ٻن کان پوءِ جڏهن راند بند ڪئيسون ته افتخار ۽ وارث جا ڪيسا خالي ٿي چڪا هئا. منهنجا ڪيسا ڀرجي ويا. مان ۽ امير صبح جو تيار ٿي مريءَ لاءِ نڪتاسون. شاپنگ ڪئيسين، مال روڊ جا چڪر ڪاٽيا. SAMS تي ماني کاڌي. Walking Stick سان ٺڪ ٺڪ ڪندا مال روڊ جي مٿانهينءَ تي ٺهيل جنرل پوسٽ آفيس جي ڏاڪڻ تي ويهي آئيس ڪريم کائڻ لڳاسون. هي واڪنگ اسٽڪس به ان ڏينهن ورتيون سين. پهاڙي علائقن ۾ هلڻ لاءِ اهڙي اسٽڪ جي ضرورت پوندي آهي. مريءَ ۾ اهڙيون قسمين قسمين جون اسٽڪس ملن ٿيون. ان اسٽڪ اسان سان نڀايو. جن کي ڪڏهن ڏسي انهيءَ خوبصورت شام جون يادگيريون ايندييون هيون.

سج لهڻ ويل اسان بس ۾ چڙهي باڙا گليءَ جي هيٺان، روڊ تي لٿاسون. پنهنجي ڪيمپ ڏي هلڻ لڳاسون ته هڪ پهاڙي چوڪرو رستي جي ڀرسان چوزا وڪڻڻ لاءِ ڪٽي ويٺل نظر آيو. هن وٽ چار چوزا هئا. آخر سودو نون رپين ۾ ٺهيو. اسان چوزا خريد ڪري ڪيمپ تي آياسون. پنهنجي هيڊ ڪوڪ خاقان کي چيو ته هي چوزا اسان کي Dinner تائين روسٽ ڪري ڏي. خاقان، ڏاڍو سٺو ڪڪ هيو ۽ ڏاڍو فرمانبردار. هن کي خرچي به ڏنيسون. پوءِ باقي پنجن ئي دوستن: وارث شيخ، افتخار آرائين، حڪيم بلوچ، شاهه انصاري ۽ صبغت انصاريءَ کي رات جي مانيءَ تي سڏيو سين. ڪڏهن ڪڏهن ايئن به ٿيندو آهي.

## ون يونٽ ٽُٽي پيو!

جنرل يحييٰ خان، آرمي چيف (Commander- in- Chief) ۽ پاڪستان جو صدر به ته چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر به هيو. هن اهي سڀ چارجون 25 مارچ 1969 تي ايوب خان جي حڪم ۽ اعلان کان پوءِ سنڀاليون. جنرل يحييٰ وٽ اهي اختيار 20 ڊسمبر 1971ع تائين رهيا. جڏهن هن ڀُٽي صاحب کي صدر پاڪستان ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر



جا اختيار ڏنا. يحييٰ خان جي حڪومت ڇڏڻ کان پوءِ مٿس ڪافي ذاتي ۽ شخصي قسم جا الزام لڳا ته هو شرابي، زاني ۽ نالائق هيو. پاڪستان کي ٽوڙيائين. جنرل راني، ملڪه ترنم نورجهان، ايڪٽريس ترانه (جنهن کي پوءِ چوندا هئا ته تون هاڻي قومي ترانو ٿي وئي آهين) سان سندس اسڪينڊل مشهور ٿيا.

مون ڪافي آرمي آفيسرن جون آپ بيتيون پڙهيون آهن. انهن مان گهڻن تعريف ڪئي اٿس ته سٺو فوجي هيو. ذهين هيو، وطن دوست هيو، ايماندار هيو وغيره وغيره. پر مون کي ڪجهه ٻيو ڇوٽو آهي. ايوب خان جي استعيفيٰ جا ڪيترائي سبب هئا، پر انهن مان هڪڙو هي به، ته هن تي سياسي دٻاءُ هيو ته هُو ون يونٽ ٽوڙي. Pressure ايترو هيو جو لڳو پئي ته اهو ننڍن صوبن جي مقدر ۾ لکجي چڪو آهي ته ايوب خان هجي يا ڪو ٻيو ان کي ان وقت جي حالتن پٽاندڙ ون يونٽ ٽوڙڻو ئي پوندو.

ايوب خان ون يونٽ نه ٽوڙيو. استعيفيٰ ڏنائين، حڪومت آئين مطابق قومي اسيمبليءَ جي اسپيڪر کي ڏيڻ بدران آرمي چيف يحييٰ خان جي حوالي ڪيائين. يحييٰ خان جو اهو نيڪ ڪم هيو جو هن پهرين جولاءِ 1970ع تي پراڻا صوبا بحال ڪري ون يونٽ ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو. آخر پهرين جولاءِ 1970 تي ون يونٽ ٽٽو ۽ سنڌ جي ڳچيءَ مان اهو ڳٽ نڪتو. هرهڪ سنڌي خوش ٿيو ۽ پنهنجي نموني سان ان خوشيءَ جو اظهار ڪري، هن ڏينهن کي خوشيءَ جو ڏينهن ڪري ملهايو. سڀني سنڌ واسين ۽ سنڌين سان يڪجهتي جو اظهار به ڪيو ويو.

اسان جيڪي باڙا گلي جي ڪيمپ ۾ ننڍڙا پتڪڙا، نه شاگرد ۽ نه آفيسر هئاسون. انهن جي دل ۾ به ان خواهش ۽ خوشيءَ ڳر موڙيو ته 30 جون 1970ع جو رات جو ٻارهين وڳي، پنهنجي حال سارو اهو ڏينهن ملهايون، پر اسان اهو سوچيو ته ان ڏينهن ۾ صرف سنڌي، نج سنڌي شريڪ ٿيندا.

اسان Ranger ڪلاس وارن ۾ افتخار آرائين هيو، ان کي ڪٽي ڇڏيوسون. DFO ڪلاس ۾ شوڪت آرائين ۽ اشفاق لاءِ اهو فيصلو آيو ته اهي آيا ته سنڌ مان آهن، سنڌي به سٺي ٿا ڳالهائين، پر سنڌي ناهن. تنهن ڪري DFO ڪلاس مان صرف رشيد ڪرل هڪڙو سنڌي آهي.

ڪرل صاحب نسيم ڪرل جو ڀاءُ، وڏو زميندار ۽ وڏي ٺٺ ٺانگر وارو ۽ نيشنلسٽ هو. اسان اڳواٽيءَ جو پٽڪو مٿس رکيو. سنڌ مان ليڪچرارن جو هڪڙو جٿو ٽريننگ تي اتي آيل هو، انهن مان محبوب انصاري ۽ صدرالدين سومري کي دعوت موڪلي سين.

پروگرام اهو طئي ٿيو ته 12 بجي 30 جون 1970ع تي سڀ مٿيان دوست گڏ ٿينداسون، ماني ڪائينداسون. خوشي ظاهر ڪندي هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي

Gul Hayat Institute

مبارڪون ڏيندا ۽ کلنداسون.

اسان جي ان غريباڻي پروگرام، ڪيمپ ۾ ٽرٽلو مچائي ڇڏيو. اسان فاريسٽ ڪاليج جي ڪرتا ڌرتا، ڊائريڪٽر فاريسٽ ايجوڪيشن، محترم ڊاڪٽر جي ايم خٽڪ (غوث محمد خٽڪ) کي بہ دعوتيو سي. جنهن جو ڊوميسائيل بلوچستان جو هيو ۽ گهڻو عرصو امريڪا ۾ رهيو هيو ۽ اسان سمجهندا هئاسون تہ روشن خيال انسان آهي.

هن، اسان سنڌي شاگردن کي پهريان تہ راڪيٽ (داٻا) ڏنا. توهان ڊسيپلين خراب ٿا ڪريو. صوبائيت ٿا پکيڙيو. سنڌي، پنجابي، پٺاڻ ۽ مهاجرن جي وچ ۾ نفرت ٿا پيدا ڪريو. هيءَ ٻاراڻي نہ ٿيندي.

ٻيلي ڪاتي جو Discipline بہ توبهہ. جهڙو آرمي هجي. دراصل ٻيلي ڪاتي جي تاريخ ڳولهبي تہ وڃي ملٽري ڪاليج سان ملي ٿي. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ انڊين فاريسٽ انسٽيٽيوٽ ۽ انڊين ملٽري اڪيڊمي (IMA) ديرا دون ۾ گڏوگڏ ٺهيل هئا. باس انگريز هئا. انهن هڪ تہ ملٽريءَ وارو حساب ڪتاب رکيو. ٻيو مقامي (Native) آفيسرن کي صفا ڪٽ ڪري ڇڏيو تہ جيئن نہ ڪنڌ ڪڻن، نہ وات کولين. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ٻيلي ڪاتي جو ڪاليج پشاور ۾ آيو تہ هتي بہ لڳ ڀڳ ساڳيو حال هيو.

اسان چيو تہ، ”هي ننڍن صوبن وارن لاءِ، جنهن مان توهان (ڊاڪٽر خٽڪ) جو صوبو بہ اچي وڃي ٿو، تاريخي ڏينهن آهي. اسان ڪنهن جي خلاف ناهيون. جيڪي اسان جي خوشين جي خلاف آهن. اهي ئي تفرقو ڦهلائين ٿا. اڳ ۾ صوبا ڪونہ هئا. هاڻي صوبا آهن. اها حقيقت آهي اسان کي ڪو بہ ان ڳالهہ کان روڪي نٿو سگهي تہ اسان سنڌي هئڻ تي فخر ڪرڻ جو اظهار ڪريون. اسان کي اڄ ڪير بہ روڪي نٿو سگهي.“ اسان جي اڳواڻي رشيد ڪرل صاحب ڪري رهيو هو. جڏهن خٽڪ صاحب اسان جون اکيون ڏٺيون تہ ڏاڍو پريشان ٿي ويو. پوءِ صلح صفائيءَ تي لهي آيو.

اسان ان ڳالهہ تي راضي ٿياسون تہ رات جو 8 وڳي دعوت ڪبي ۽ خيرا گليءَ ۾ ڪبي، جتي ٽرانسپورٽ ۽ اڪوموڊيشن وغيره جو بندوبست ڊائريڪٽر صاحب ڪندو.

پوءِ جڏهن اسان ست ڄڻا سنڌ جي نعرن سان ڪوسٽر ۾ چڙهي خيرا گليءَ پهتاسون تہ ايئن پئي لڳو تہ سنڌ اجري ٿي پئي آهي. اسان سنڌ کان ٻاهر آهيون. پر سنڌ سان آهيون ۽ سنڌ ۾ آهيون. اسان ۾ سنڌ جو هڪ نئون روح ۽ نئون مستقبل ڪر موڙي رهيو آهي. اسان کي 30 سيپٽمبر 1970ع جو انتظار هيو. جو اسان Passing out کان پوءِ آرڊر وٺي سنڌ وڃون ۽ اتي خدمت ڪريون.

اسان ڪرل صاحب کي موڪليو تہ خٽڪ صاحب کي سنڌين جي مهمان طور دعوت ڏئي، پر خٽڪ صاحب، ٿورن سان معذرت ڪئي. خٽڪ صاحب پاڻ پنهنجي ڪار ۾



اسان جي نظرداري ڪرڻ آيو هيو تہ ڪا Mis-hap نہ ٿئي.

اسان جنهن سنڌ لاءِ دعائون ڪيون هيون، اميدون ڪيون هيون، آسرا رکيا هئا، اسان جي ايندڙ نسل ۽ اسان جي ليڊرن اسان کي اها سنڌ ڏني، جيڪا ون يونٽ ٽٽڻ جي 45 سالن کان پوءِ ڏسي رهيا آهيون!

## ذوالفقار علي ڀٽو ٽرسٽ جي اسڪالرشپ

ڏيڍ سؤ رپيہ Sitpend ملندو هيو ۽ گهران بہ تقريباً ايترا ئي پيسا ايندا هئا، جنهن سان خرچ ڏڪجي ويندو هيو. پر جڏهن ٿوئر تي ويندا هئاسون تہ هٿ جي تنگي محسوس ڪندا هئاسين.

1962ع ۾ لاڙڪاڻي شاهي بازار ۾ باهہ لڳي، آمريڪا جي Kennedy Foundation انهن دڪاندارن جي آبادڪاريءَ لاءِ ڪجهہ پيسا ڏنا. شاهي بازار تہ نهي وئي، پر ڀٽي صاحب بچيل پيسن مان Kennedy مارڪيٽ ٺهرائي. ان جي دڪانن جي انڪم سان Z.A. Bhutto Trust قائم ڪيو. جنهن ۾ بچيل پيسا بہ شامل ڪيا ويا. اهي پيسا ٽرسٽ پاران ضرورتمند ۽ لائق شاگردن تي اسڪالرشپ ۽ ٻين تعليمي مقصدن لاءِ خرچ ٿيندا هئا.

مون سوچيو تہ مان بہ لائق شاگرد آهيان ۽ ضرورتمند بہ آهيان ۽ ميرٽ تي سنڌ کان پري پشاور ۾ تعليم وٺي رهيو آهيان.

پوءِ جڏهن موڪلن تي لاڙڪاڻي آيس تہ، هڪڙي درخواست لکيم ۽ سڌو عبدالوحيد ڪٽپر صاحب وٽ هليو ويس، عبدالوحيد ڪٽپر صاحب وڪالت ڪندو هيو ۽ پهريون دفعو سياست ۾ داخل ٿيو هيو ۽ پ پ پ جو فائونڊر ميمبر هيو. هُو ڀُٽي صاحب جي شخصي دعوت تي پ پ پ ۾ شامل ٿيو هيو. ڪيس پ پ پ جو ضلعي صدر بہ تہ Z.A. Bhutto Trust جو صدر بہ ڪيو ويو. ائين بعد ۾ جڏهن هو پارٽيءَ جو صوبائي صدر بڻيو تہ پيپلز پارٽيءَ جي ضلعي صدارت چاڪر علي خان جوڻيجي کي ملي.

مان ڪٽپر صاحب وٽ حاضر ٿيس، پنهنجو تعارف ڪرايم. ڪٽپر صاحب منهنجي والد صاحب ۽ مامي کي چڱيءَ طرح سڃاڻيندو هيو. بابا جي رحلت ٿي وئي هئي.

منهنجو احوال ٻڌي، مون کان درخواست وٺي پاڻ وٽ رکيائين ۽ چيائين تہ ”مان ڏسان ٿو.“ مون وڌيڪ ڊيگهہ ڪرڻ مناسب نہ سمجهي ۽ هليو آيس. ڪٽپر صاحب لاءِ اهو بہ مشهور هيو تہ ڏاڍو چيڙاڪ هيو ۽ گهڻي ڊيگهہ برداشت نہ ڪندو هيو.

منهنجي ضرورت 100 رپيا ڪن جي هئي. مون سمجهيو تہ شايد درخواست منظور ٿي تہ گهٽ ۾ گهٽ 50 رپيہ تہ ضرور ملندا. ساڍس ملاقات کان پوءِ مون کي Trust جي طرفان

Gul Hayat Institute

خط مليو جنهن ۾ لکيل هيو ته ٽرسٽ مهرباني ڪري منهنجي اسڪالرشپ منظور ڪئي آهي ۽ ايندڙ مهيني کان 30 (ٽيهه) رپيه منهنجي ڏنل اڪائونٽ نمبر ۾ ٽرانسفر ڪيا ويندا. سستائيءَ جو زمانو هيو پر ٽيهه رپيه تمام گهٽ هئا. Professional ڪاليج جي وظيفي لاءِ سوچيم ته Regret with thanks ڪري ڇڏيان. پر پوءِ خيال آيو ته منهنجي ئي درخواست تي مون کي وظيفو مليو آهي. واپس ڪريان ته شايد رب پاڪ کي اها وڏائي نه وڻي. مان بسم الله ڪري ٽرسٽ کي مهربانيءَ جو خط لکيو. ايندڙ مهيني کان 30 رپيه في مهينو جيترا مهينا مان ڪاليج ۾ هيس، مون کي ملندا رهيا. جڏهن منهنجو Passing out ٿيو ته مون هڪ ڀيرو ٻيهر ڪٽپر صاحب کي شڪر ادائيءَ جو خط لکيو ۽ گذارش ڪئي ته وڌيڪ وظيفو منهنجي اڪائونٽ ۾ نه موڪلين. پوءِ جڏهن لاڙڪاڻي ويس ته ڪٽپر صاحب سان روبرو به ملاقات ڪئي. اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ته مان پنهنجي امتحان ۾ پاس ٿيو آهيان ۽ مون کي نوڪري به ملي چڪي آهي. مان سرٽيفڪيٽ ۽ نوڪريءَ جو آرڊر به کڻي ويو هئس، جيڪو کيس ڏيکاريو. مون کي ويهاريائين ۽ حال احوال ڪيائين ۽ چانهن به پياريائين. ڪٽپر صاحب گهٽ ماڻهن کي چانهن آڇيندو هيو. مان 22_23 سالن جو سنهڙو چوڪرو هئس. کيس مهرباني چئي اجازت ورتي. زندگيءَ جي مختلف موڙن تي ڪٽپر صاحب سان ڪافي ملاقاتون ٿيون ۽ هڪ ٻئي لاءِ ٻه طرفو عزت ۽ احترام جو رشتو سندس وفات تائين قائم رهيو.

## 1970ع واري اليڪشن

فاريسٽ ڪاليج واري دؤر ۾ آءٌ پ پ جو هفتيوار رسالو 'نصرت' ڪاليج ۾ وي پي ڪري گهرائيندو هوس. پ پ پ 1967ع ۾ ٺهي وئي هئي. ايوب خان جي استعيفيٰ کان پوءِ (25 مارچ 1969ع تائين) سياست زورن تي هئي. يحيٰ خان اليڪشن ڪرائڻ جو به اعلان ڪري ڇڏيو هيو جيڪا ڊسمبر 1970ع ۾ ٿي.

ان دور ۾ مان ڪاليج ۾ رسالو نصرت گهرائيندو هيس. ٻيا سنڌي دوست به اهو پڙهندا هئا. پنجاب جي دوستن مان خاص طور حبيب الرحمان جهنگ ضلعي وارو منهنجو وڌيڪ دوست ٿي ويو هو اهو به پڙهندو هيو ۽ مون سان بحث ۽ تڪرار ڪندو هيو. اسان سڀ سنڌي مشهور ٿي وياسين ته ڀٽي صاحب کي پسند ڪندڙ آهيون. اهو سچ به هيو. اسان جي پنجاب وارن دوستن کي خبر ناهي اها ڳالهه الائي ڇو نه وڻندي هئي.

چون پيا ته اها پهرين اليڪشن هوندي جيڪا عام ماڻهوءَ جي سوچ جي بنياد تي ٿيندي ان وقت ته پنجاب جا دوست ڀٽي صاحب ۽ سندس پارٽيءَ جي خلاف لڳندا هئا، پر 1970ع واري اليڪشن ۾ کيس پنجاب وارن ئي کٽرايو.



ٻيا جيڪي رسالا پڙهڻ جو مون کي جنون هوندو هيو اهي فلمي رسالا 'تصور' ۽ 'ڏنڪ' هوندا هئا. هر هفتي وٺندو هوس.

اسين ٻن مهينن لاءِ جڏهن اوڀر پاڪستان جي Study Tour تي وياسون ته اتي به اهو جنون گڏ هيو. صرف ڍاڪا ۾ هڪ بوڪ اسٽال تي اهو رسالو ملندو هيو پوءِ جيڪڏهن ڍاڪا کان ٻاهر هوندا هئاسون ته ان اسٽال واري کي چئي ويندو هوس ته اهو رسالو ڌار ڪري رکي. واپسيءَ ۾ ڪانئس وٺندس. پوءِ ائين ئي ٿيندو هيو.

## ڀٽي صاحب سان ملاقات

اليڪشن جو زمانو هيو. اسان به هاڻي ڪاليج ۾ هئاسون. سمجهه سان هئاسون. توڙي جو پروفيشنل ڪاليج سخت پابنديءَ وارو هيو پر اها هليل هوا اسانجي ڪاليج ۽ هاسٽل ۾ پهچي اسان کي به آڪسيجن پهچائيندي هئي. ڀٽو صاحب اسان جي ڳوٺ جو هيو. سندس نالو تڏهن کان ٻڌندا هئاسون، جڏهن کان پاڻ دبنگ فارين منسٽر هيو ۽ اسان اڃا اسڪول جا شاگرد هئاسون. هينئر ته اسان سندس رسالو 'نصرت' به پڙهندا هئاسون. اسان جو ووٽ به داخل ٿي ويو هيو. سياسي بحث مباحثو به ڪري سگهندا هئاسون.

مئي 1970ع جي اليڪشن جي ورڪ جو زمانو هيو. مان به موڪل تي ڳوٺ رتيديري آيو هئس. ڀٽو صاحب انهن ڏينهن ۾ ننڍين توڙي وڏن شهرن ۾ طوفاني دورا ڪري رهيو هيو. اسان جي استاد شمس الدين ڪوڏراڻي ٻڌايو ته ڀٽو صاحب سندن ڳوٺ اچي رهيو آهي. سنگت سان مان به اتي پهچي ويس. ڀٽي صاحب سان ممتاز علي خان، سردار پير بخش خان ڀٽو مولوي غلام يحيٰ ۽ ڪجهه ٻيا دوست به هئا. ساڻس هٿ ملايو خير عافيت ڪئي سي. اليڪشن جي خبرچار ورتائون. دوستن منهنجو تعارف ڪرايو ته ڀٽو صاحب خوش ٿيو ۽ منهنجي طرف وڌيڪ ڌيان ڏنائين. پشاور جي سياست جو حال احوال ورتائين. وڌيڪ چيائين ته مان پشاور اچان ته ملجانءِ. جڏهن اٿيا ته مون فوٽو ڪڍرائڻ لاءِ چيو. سڀ پوز ٺاهي بيٺاسون ته اسان جي دوست عبدالفتاح، جنهن وٽ ڪيميرا هئي. ان چيو ته رول ختم ٿي ويو آهي. ڀٽي صاحب مسڪرائي منهنجي ڪلهي تي ٿپڪي ڏئي چيو ته "ڪا ڳالهه ناهي. وري ٻئي دفعي." پر بدنصيبيءَ سان ٻيو دفعو وري نه آيو.

## نوان تجربا

اسان جي دوستن جا به عجيب رنگ روپ هئا. وڻ وڻ جي ڪاٺي اچي گڏ ٿي هئي. فاٽا جا، سرحد جا (جن ۾ سوات، صوابي، پشاور، چترال وغيره)، پنجاب جا (جن ۾ راولپنڊي، لاهور، جهلم، جهنگ، لائلپور، ملتان، صادق آباد وغيره) ۽ سنڌ جا (جيڪب آباد

Gul Hayat Institute

ڪان حيدرآباد ۽ ميرپورخاص تائين) انهن ۾ شامل هئا. هر ڪنهن جو پنهنجو انداز، پنهنجي سوچ، پنهنجو ڪلچر هوندو هو. ٻه سال گڏ رهڻ، پڙهڻ، سفر ڪرڻ، کائڻ پيئڻ، اٿڻ ويهڻ، هڪ ٻئي کي برداشت ڪرڻ، وڏو تجربو رهيو. ڪافي پرايوسون. جيڪڏهن وڌيڪ نه ته گهٽ ۾ گهٽ 16 ڪلاڪ گڏ گذاريندا هئاسون. خاص طور جڏهن Study Tour ٿيندا هئا ته تقريباً 24 ڪلاڪ ئي جڻ گڏ هوندا هئاسون. وڏا تماشا ٿيندا هئا. ڪي لڪڻ جهڳڙا نه به آهن، پر هڪ ٻئي لاءِ سنگت جو ڪو ٻن سالن لاءِ Bond قائم ٿيو. اهو ساراهه جوڳو آهي.

اسان کي ٻهريون تجربو ته اهو ٿيو ته اسان کي اڪثر باٿ روم بند ملندا هئا. پوءِ کوج لڳايو ته خبر پئي ته مسئلو ڇا آهي. پوءِ انهن دوستن جي سڌي اڻ سڌي طرح تربيت ڪئيسين. صورتحال جلدي بهتر ٿي وئي.

فاٽا جي ڪن دوستن پهريون دفعو ريل گاڏي ڏٺي هئي ۽ ان ۾ چڙهيا به هئا. اسان جو دوست بختيار خان ته مزي جو هوندو هيو. جلدي جلدي چڙي پوندو هيو. پوءِ آهستي آهستي وڃي سندس ڪاوڙجي عادت گهٽ ٿي. اسان پشاور ڪينٽ کان لاهور لاءِ عوامي ايڪسپريس ۾ پنهنجي پهرئين اسٽڊي ٽوئر لاءِ وڃي رهيا هئاسون. رات جو سفر هيو. Coupe ۾ سليپر گاڏن ۾ ڪي برٿ هيٺ هئا. ڪي مٿي هئا. فلور تي به بسترو لڳائي سمهي پيا. ملنگ بادشاهه هڪڙو اسان جو دوست فلور تي ستو پيو هيو ۽ بختيار خان مٿي سليپر تي سمهيل هيو. ٻنهي کونگهرا پئي هنيا. بختيار خان پاسو ورايو ۽ ٻڪو ڏئي ملنگ بادشاهه جي مٿان اچي ڪريو. بختيار خان سٻر ۽ ملنگ بادشاهه سنهڙو سيپڪ. جڏهن ڇهن فوٽن تان اچي ڪِريو ۽ ٻئي ننڊ ۾، ته اندازو ڪري سگهجي ٿو ته ملنگ بادشاهه جو ڇا حشر ٿيو هوندو. ان جو حشر جيڪو ٿيو سو ٿيو، رڙيون وري بختيار خان پئي ڪيون. سڄو گاڏو اڌ رات جو ميدان جنگ ٿي ويو. بختيار خان پريشان ته هن کي ڌڪو ڪنهن ڏنو!

## راجا ظريف

اسان جو پنجاب (راولپنڊيءَ) جو دوست راجا ظريف به نرالو ماڻهو. عاليشان خوبين جو مالڪ هو. راجا ظريف به حقيقت ۾ جڻ اداڪار منور ظريف هيو. اهڙو پل ڪونه هوندو هيو، جو راجا ظريف ڪو تماشو ڪا مستي نه ڪندو هجي. قد جو 6 فوٽ 4 انچ، منهن جون هڏيون نڪتل، ٽنگون سنهيون، هو هڪ ٻرانگهه هڻي ته اسان ٻه هڻون. پهرين نمبر جو Aethlete هو. PT جي هن کي پرواهه ئي ڪونه. Basket Ball راند ۾ ويٺي ويٺي بال نيٽ ڪري ويندو هيو.



هر ماڻهوءَ سان ڪل پوڳ. ڪنهن کي سڏ ڪندو ته پهرين گار ڏيندس. پر هر ماڻهو کي ڏسي پوءِ ان جي مناسبت سان گار ڏيندو. متان ڪو وڙهي نه پويس. ڪاليج ۾ هر سال ميراٿن ريس ٿيندي هئي. 9 ڪلوميٽر تان سڀ ڊڪندا هئاسون. الائي ڪهڙي ضرورت هئي، پر شايد مليٽري اڪيڊمي جي بدعت پيل هئن. ٻن سالن ۾ ٻه دفعا 9 ڪلوميٽر اها ريس وڌ ۾ وڌ 50 منٽن ۾ ڪرڻي هوندي هئي. جيڪو ان کان وڌيڪ ٽائيم وٺندو هيو، اهو Disqualified ٿيندو هيو. ٻئي سال ميراٿن ريس ۾ راجا ظريف پهريون نمبر آيو.

رياض ۽ مسعود پرويز کي هڪ رات راجا ظريف چيو ته مون کي سؤ رپيه انعام ڏيو ته وراندي جي هڪ ڪنڊ کان ٻئي ڪنڊ تائين ڪپڙا لاهي اگهاڙو ٿي Cat walk ڪري اچان. آخر اهو انعام 50 رپين ۾ طئي ٿيو. ڪجهه دوست به ڪمرن کان نڪري آيا. راجا صاحب ڏاڍي سڪون سان چڊي ۽ گنجي لاهي پنهنجي ڪلهي تي رکي ۽ هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين الف اگهاڙي Cat walk ڪري 50 رپيه انعام ڪٽيو.

ٻئي ڏينهن راجا کي چيم ته ان بدتميزي جي ڪهڙي ضرورت هئي چيائين ته 50 رپين جي ضرورت هئي. الائي سچ الائي ڪوڙ اهو هو راجا ظريف.

1992ع ڌاري جڏهن ٿر ۾ D.C هئس ته راجا آر ايف او (RFO) جي فيلڊ ٽريننگ لاءِ گروپ وٺي آيو. اسلام ڪوٽ ۾ انهن کي نمن جا وڻ ڏيکاريائين ۽ انهن لاءِ هنن کي ٻڌايائين. پوءِ مون وٽ اچي ماني کاڌائون. راجا جڏهن باٿ روم ۾ ويو ته مان سندس شاگردن کان پڇيو ته ڇا راجا اڄ ڪلهه گاريون ڏئي ٿو ته هنن ڪلي هائوڪار ڪئي.

مان وري پيو سوال ڪيو مانِ، ته ڇا Cat walk ڪري ٿو ته هو هڪ ٻئي کي ڏسڻ لڳا هئا.

مون اندازو لڳايو ته راجا ظريف سڌريو ته ڪونهي، پر وٽس پئسا جام ٿي ويا آهن، جو ڪيس 50 رپيه جي ضرورت نه ٿي پوي. پوءِ راجا جڏهن باٿ روم مان نڪتو ته کيس چيم ”راجا بیٹا لگ رہا ہے کہ تم آج کل خوش حال ہو گئے ہو“.

راجا ترنگ ۾ اچي شاگردن ڏانهن منهن ڪري چوڻ لڳو.

”اوئی بھین۔۔۔۔۔۔۔ تم نے کچھ اسے بتایا ہے کیا؟“

ان کان پوءِ هن جي شاگردن ۾ منهنجو هڪ گڏيل ٺهڪ گونجيو هئو.

❊

اسان جو ساٿي محمد اقبال خان ملتان جو هيو. جوانيءَ ۾ سندس وار اڇا ٿي ويا هئا. پنجاب جا دوست کيس چيڙائڻ واسطي ”چاچا اقبال“ چوندا هئا. پر هو ڏاڍو ڳنڀير ۽ خوش دل انسان هيو. آل رائونڊر هيو. پڙهڻ ۾ ته ڪنهن جو به مقابلو ساڻس ڪونه هيو. سڀني مضمونن ۾ اڳرو هوندو هيو. فائينل امتحان ۾ پهريون نمبر ۽ ڪيترن ئي سبجيڪٽن ۾

Gul Hayat Institute

Distinction حاصل ڪيائين.

پهرين جنوري 1970ع تي جڏهن اسان بنگال (ايسٽ پاڪستان) جي اسٽڊي ٽوئر تي تقريباً ٻن مهينن لاءِ روانا ٿياسون ته اقبال CSS جي 70-1969ع جي امتحان لاءِ هٿ اولهه پاڪستان ۾ ئي ترسي پيو. لکت ۾ ته امتحان ڏنائين، پر بدنصيبيءَ سان ملڪ جي ويڙهه وارين حالتن سبب اهو امتحان رد ڪيو ويو.

پوءِ اقبال خان، فرسٽ ڪامن جو امتحان ڏنو ۽ سي ايس ايس ۾ ڪامياب ٿيو. سندس پوليس گروپ آيو ته پيلو ڪاٽو چڙي ان ۾ شامل ٿي ويو.

پيو ملتان جو شاگرد محمد حفيظ الله خان هوندو هيو. باقاعده شرعي ڏاڙهي رکيل، پنج ئي وقت نماز ۽ روزي جو پابند. پر خشڪي ملان ڪونه هيو. دلچسپ ماڻهو هيو. شاهد باري ۽ محمد الياس به ملتان جا هئا. شاهد ڏاڍو تيز، پر الياس سادو سوڌو هيو. وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي کلندو هيو. اسان جو گروپ جڏهن سکر آيو ۽ سکر درياهه ۾ ڪين انڌي ٻلهڻ (Indus Dolphin) جي متعلق ٻڌايو ويو ته ان کان پوءِ الياس کي به ساٿي ڊولفن سڏڻ لڳا، جو ته هو به ٿڦ ٿڦ ڪري هلندو هيو.

*

اسان سنڌ وارا به سوڪڙي هئاسون. هر ڪو پنهنجي پاڻ ۾ هڪ ادارو هيو. محمد وارث شيخ (اورنگزيب شيخ) اسان جو هيرو هيو. انجنيئرنگ ڪاليج ڇڏي فاريسٽ ڪاليج اچي join ڪئي هئائين. سندس تجربو اسان سڀني کان وڏيڪ هيو. سندس والد برڪت الله شيخ صاحب جيڪب آباد ضلعي جو ADC/ADM رهيو هيو. وارث جا نٽ ٽانگر پنهنجا هئا. لٽي ڪپڙي، اٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هيو. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن نه ڪنهن دوست تي رعب جهاڙي وٺندو هيو تنهن ڪري هر ڪو ڪائنس وٺئون ويندو هيو. موڊ ۾ هوندو هو ته واهه واهه، نه ته مڙيئي ٿيا خير. مان وانگر ڊگهو سنهو، وار ڪسيل، رنگ جو چٽو پنجاب وارا دوست پڇندا هئا ته "چا توهان پائر آهيو؟"

وارث، فاريسٽ ۾ نوڪريءَ مان جلدي KMC ۾ ٻين ادارن ۾ هليو ويو ۽ اتي نوڪري ڪيائين. مشهور شاعر شيخ اياز جي نياڻيءَ سان شادي ڪيائين. ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو. فاريسٽ ڪاليج ۾ سندس ياري افتخار آرائينءَ سان هئي. افتخار آرائين، ميرپورخاص جو هيو. هئنڊسم ۽ ذهين. سڀني سان رهائي رسائيءَ وارو. ڪنهن کي به ناراض ۽ ناخوش نه ڪندو هيو. هئو ته آرائين، پر سنڌي اسان جهڙي صاف ڳالهائيندو هيو. هن ۾ سنڌي پنجابي وارو ساڙ ڪونه هو. منهنجو پيارو يار هو. سڀني مڇي مانيءَ واري گهراڻي جو هيو. نٽ سان رهندڙ شوقين مڙس، سو جتي به ٻُل لڳو "شوق" پورو ڪندو هو.

سنڌ ۾ نوڪري ۾ اچڻ کان پوءِ ڪجھ عرصو سکر ۾ DOLPHIN پروجيڪٽ تي رهيو.



1976ع ۾ CSS ۾ وينو ۽ فارين سروس ۾ چونڊجي ويو. اسان جي پنهنجي ساٿي امتياز قاضيءَ جو Batchmate هيو. ڪافي ملڪن ۾ نوڪري ڪندي، ڪنهن يورپيئن ملڪ جو سفير ٿي رٽائر ڪيائين. سندس گهر واري به Foreign office ۾ نوڪري ڪندي هئي. هاڻي ٻارن سوڌو اسلام آباد ۾ رهي ٿو. عبدالحڪيم (وريماڻي) بلوچ: اصل ۾ بوبڪن (ضلعي دادو) جو هيو. سندس پيءُ استاد هيو والد صاحب وفات ڪري ويو هوس. پاڻ ايگريڪلچر جي ٽئين سال ۾ هيو. انٽر سائنس جي Equivalent جي بنياد تي ڪامپيٽيشن جي لاءِ وينو هيو ۽ چونڊجي ويو. سڄي سنڌ مان 7 شاگرد چونڊجي سگهيا هيا. امتحان، ڪميشن ته نه ورتو هيو پر هيو ڪميشن جهڙو ئي سخت. سنڌ جو چيف ڪنزرويٽر محمد رفيع صاحب لاهور جو هيو ۽ ڏاڍو سخت هيو ان سان ٿي پيا چيف ڪنزرويٽر امتحان لاءِ وينا هئا. ان بورڊ مڪڻ مان وار ٿي ڪڍيو.

عمر ۾ به سڀني کان ننڍو حڪيم، ذهين، هينڊسم، ڊگهو ۽ سٺي شخصيت وارو. سڀني سان سڪ ۽ عزت سان هلڻ وارو هيو.

فاريسٽ ڪاليج مان نڪرڻ کان جلد ئي پوءِ CDA اسلام آباد ۾ بهتر پگهار ۽ نوڪريءَ تي هليو ويو. تعليم دوران هن جو عشق ڪنهن دولتمند ڇوڪريءَ سان ٿيو. نوڪري ملڻ کان پوءِ ان سان شادي ٿيس، جنهن کي به اسلام آباد وٺي ويو. اها ئي ڳالهه آ ته ڪجهه سالن کان پوءِ اٽيٽ ٿيڻ تي ڇوڪريءَ ڇت تان ٽپو ڏنو ته هينئون ڏڙ سڪي ويس.

حڪيم ٻي شادي سعودي عرب ۾ ڪئي. شادي ڪري حيدرآباد اچي رهيو هيو ته سپر هاءِ وي تي سندس ايڪسيڊنٽ ٿي پيو ۽ اسان جو هڪ پيارو ساٿي الله سائينءَ کي پيارو ٿي ويو.

هالا جا صبغت الله ۽ شاهه محمد انصاري، ٻئي سؤٽ هئا، پر سندن رنگ روپ، فطرت، طبيعت ۽ اٿڻ ويهڻ ۾ ڏينهن رات جو فرق هيو. شاهه محمد (جنهن کي اسان سپ شاهه چوندا هئاسون) چپ پڪوڙي کلندو هيو. صبغت الله (ڪيس پيار مان صبغت سڏيندا هئاسون) جا ڏند نڪتل هئا، مٿان وڏو وات کولي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندو هيو. واڪ ۽ پي تي جا ٻئي مست، پڙهائيءَ ۾ پورا سارا، راندين ۾ صفا زيرو. باقي شاهه محمد شوقين مڙس. صبغت لٽي ڪپڙي جو شوقين. هٿ جو ڪشادو، ڪجھ سالن کان پوءِ سونهاري ڇڏي اٿائين. نماز به پابنديءَ سان پڙهي پيو. رٽائر ڪيو اٿائين. هالا ۾ رهي ٿو. 22 نومبر 2015ع تي مخدوم محمد امين فهيم جي تعزيت لاءِ هالا ويس ته اتي ساڻس ملاقات ٿي. شاهه محمد 10 سال کن اڳ دل جو دورو پڻ سبب گذاري ويو آهي.

امير علي سولنگيءَ جي ڇا ڳالهه ڪجي. اجان تائين به منهنجو همدم ۽ يار آهي.

Gul Hayat Institute

نوشهري جي ننڍي ڳوٺ پورٽئي جو رهواسي. سندس ڳوٺ "ڪچي" ۾ آهي. درياهه ۾ ان کان بچاءَ لاءِ ڏنل بند جي وچ واري علائقي کي "ڪچو" سڏبو آهي. پوءِ سرڪار اهو بند ڪچي ۾ اندر سوريو ته سندس ڳوٺ پڪي ۾ اچي ويو. اڃا تائين رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ به اتي ئي رهي ٿو. سندس ڪجهه ٻار پورٽئي ۾ ۽ ڪجهه سڪرنڊ ۾ سندس ڀاءُ عبداللطيف جي گهر ۾ رهن ٿا ۽ تعليم پرائين پيا.

عبداللطيف بئنڪ ۾ آفيسر هيو. هيءُ به ڀاءُ وانگر امير مڙس آهي. اهو به رٽائر ٿيو آهي ۽ هاڻي سڪرنڊ ۾ رهي ٿو. ويجهڙائيءَ ۾ هالا ويس ته مانجهاندو وٽن ئي ڪيم.

امير علي دلبر دوست، سڌو سادو کرو، فاريسٽ آفيسر، پر اڃان تائين آهي "گنگارام". ٻيلي کاتي ۾ ڏاڍو ڪامياب رهيو. DFO ٿي رٽائر ڪيائين. راجوٽي ماڻهو آهي. سڀني آفيسرن ۽ وڏيرن سان ٺهي نوڪري ڪيائين ۽ عزت ماڻيائين. پيسو ته ڪونه پر عزت جام ڪمايائين. پنهنجي راڄ جو قوم جو مقامي چڱو مڙس آهي. فاريسٽ ڪاليج جي ٽريننگ دوران گڏگڏ رهياسون. نيڪ دل ۽ شريف انسان. برائي ۽ بدمعاشيءَ کان پاسيرو. دوستن جي مدد ڪرڻ کان ڪڏهن به نه ڪيٻائيندو هو. ٻيلن ۾ پٽي صاحب جا ڪيترائي ڪاميابي سان شڪار ڪرايائين. جتوئي صاحب ۽ سندس ٻئي ڀائر ته جهڙوڪ مٿس عاشق هوندا هئا. سندس وڏي عزت ڪندا هئا.

امير علي... جهڙو نالو اٿس، آهي به اهڙو ئي، دل جو امير ۽ بهادر. خدا کيس لائق ٻارن ۽ اولاد سان سدا خوش ۽ سکيو رکي.

## فرنٽيئر فورس ۽ ملٽري ڪاليج آف انجنيئرنگ رسالپور

اسان جي ٻيلي کاتي جا دورا ته سڀ اهم رهيا. بلڪ هر ڏينهن اهم هيو. مان چئي چڪو آهيان ته استاد پڙهائي Practical سان ڪرائيندا هئا. اسان جا ٻه هفتا فرنٽيئر فورس (FF) جي اليڪٽريڪل ۽ مڪينيڪل انجنيئرنگ (EME) يونٽ ۾ پشاور ۾ گذريا. هن Unit اسان کي گاڏين، موٽرن، مشينن، بجليءَ جي سامان جي ڄاڻ ڏني. اها ٽريننگ ڪافي فائدي واري ثابت ٿي. ان سان گڏ اسان کي Rifle shooting Training به ڏنائون. چئن هفتن لاءِ اسان کي ملٽري ڪاليج آف انجنيئرنگ رسالپور ۾ رهايائون. رسالپور دراصل پاڪستان مليٽري اڪيڊمي ڪاڪول جي ويجهو آهي. هتي PMA ۾ نوجوان ڪيڊٽس کي آرمي ٽريننگ ڏني ويندي آهي. اسان به ان جي پرسان رسالپور ۾ ٽريننگ ورتي. جيئن نالي مان ظاهر آهي. اسان کي بنيادي طرح انجنيئرنگ جي تعليم ڏني وئي. اسان پنهنجي ڪاليج ۾ به Forest Engineering پڙهي هئي ۽ هتي ان جي Practical Training ورتيسون. انجنيئرنگ منهنجو وڻندڙ مضمون رهيو آهي. فاريسٽ ڪاليج ۾ به اسان جو



استاد مشتاق صاحب ڏاڍو ڀائيندو هيو ۽ هت به ڪاليج انچارج Col. Safdar جي اک جو تارو هيس.

رسالپور ۾ اسان کي Improvised انجنيئرنگ سيکارڻ تي زور ڏنو ويو. مطلب اهو هيو ته جيڪڏهن پل، گهر يا ٻي اهڙي ڪا شئي ٺاهڻي هجي ته ان کي جهنگ ۾ يا آس پاس ۾ موجود سامان جي مدد سان ڪيئن ٺاهجي ۽ ڪهڙو سامان ڪيئن استعمال ڪجي. هي ڏاڍو دلچسپ مضمون هيو جنهن تي آرمي اڪثر جنگن ۾ ڀاڙيندي آهي. ڪرنل صفدر ان ڏس ۾ اسان کي فلم Bridge on River Kiwai جو مثال ڏنو.

## بنگال جو دورو

پهرين جنوري 1970ع کان اسان جي ٽوئر جو اهم ترين پروگرام شروع ٿيو. خيبر ميل ريل، لاهور ريلوي اسٽيشن تي اسان کي لاٿو. اها رات اسان هوٽل تي گذاري. ٻئي ڏينهن اسان سڀ صبح جو full suit ۾ تيار ٿي لاهور ايئرپورٽ تي پهتاسون. سڀني شاگردن کي هڪ جهڙا فل سوٽ ڊارڪ گري رنگ ۾ پاتل هئا. جيئن ڪوسٽر مان ايئرپورٽ تي لٿاسون ته ماڻهو اسان جي چوڌاري گڏ ٿي ويا. سڀ نوجوان سمارٽ، چمڪندڙ چهرا، مهذب. اسان وڃي ٽرائيڊنٽ جهاز ۾ چڙهياسين. هاڻي اهي جهاز ناپسند ۽ ناڪاره ٿي ويا آهن. جهاز "ٽيڪ آف" ڪيو. جهاز جو منهنجي زندگيءَ جو اهو پهريون سفر هيو. اسان جو رخ هندستان طرف هيو. ڪجهه منٽن کان پوءِ جهاز جي ڪيپٽن اسان کي ڄاڻ ڏني ته اسان امرتسر جي مٿان اڏامي رهيا آهيون. پوءِ جڏهن ٻڌايائين ته اسان دهليءَ جي مٿان اڏامي رهيا آهيون ته اسان نعرا هنيا ته اسان هندستان جي راڄڌاني جي مٿان آهيون ۽ ائين ڪلڪتي کان ٿيندا تڏهوڪي ايسٽ پاڪستان، ۽ هاڻي جي بنگلاديش ۾ داخل ٿياسون. ڪيپٽن کي عرض ڪيوسين ته اسان کي ڍاڪا تي low height تي چڪر ڏيار، هن مهرباني ڪئي. آسمان تان ڍاڪا ۽ اوير پاڪستان ڏسي ڏاڍا خوش ٿياسون. چوڌاري ساوڪ، پاڻي ۽ ڳتيل عمارتون نظر آيون. اسان جي ميزبانن اسان جو ڏاڍي اکير سان آڌرڀاءُ ڪيو. ايئربندر جو ايئرپورٽ تي ٻيا مسافر خاص طور بنگالي به اچي اسان سان مليا.

ويگن ۾ ويهي هوٽل لاءِ روانا ٿياسون. جنهن سواريءَ پهريون ڌيان ڇڪايو اها سائيڪل رڪشا هئي. موٽر رڪشا نه جي برابر هئا. باقي عام سواري سائيڪل رڪشا هئي، جنهن کي گوڏ ۽ گنجيءَ ۾ اڌ اگهاڙا جسم گهلي رهيا هئا. ڪيترا نبل جسمن وارا ڊرائيور ته صحتمند سيٺين ۽ سندن زالن کي ڇڪيندا پئي ويا. جنوريءَ جي مهيني ۾ به پگهر ۾ شل، رڪشا جي ڇڪ ڇڪان، اهي رڪشا ويسٽ پاڪستان ۾ ته ڪونه آهن؟

Gul Hayat Institute

مون پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو.

اسان هوٽل تي اچي Check in ڪيو. چانهن جو آرڊر ڏئي وهاڻي کي ٽيڪ ڏئي سوچڻ لڳس. خدا پاڪ اسان جي ملڪ تي ڪيترا نه احسان ڪيا آهن. ڪيترا وسيلا ۽ ڪيترا محنت ڪرڻ وارا انسان ڏنا آهن. پر چا غربت ۽ لاچاري اسان جي مقدر ۾ لکجي وئي آهي؟ خرابي ڪٿي آهي؟

## ڍاڪا شهر

اسان لنچ ڪري ڍاڪا شهر جو نظارو ڪيو. خاص طور مسجد بيت المڪرم ڏٺي سون. ڏاڍي خوبصورت ۽ نئين Architecture جو نمونو هئي.

شهر، هوٽلن ۽ عمارتن جو جائزو ورتوسون. ماني اڪثر سرنهن جي تيل ۾ پچائي رهيا هئا. خاص طور تريل مڇي. اسان ڊالڊا ۽ سچي گيهه تي هريل. رڳو تيل ۾ تريل مڇي اسان لاڙڪن کي اصل ئي نه پئي وڻي. گهڻو ڪري ته ڪاڌ خوراڪ ڀات ۽ دال يعني پتڙي دال ۽ نرم چانور ۾ وجهي لپون ڀري پئي کاڌائون. جيڪا اسان جي سهپ کان ٻاهر هئي.

اسان چڪن روٽيءَ تي گذر پئي ڪيو. هتان جا ماڻهو oranges/ ڪنوءِ موسمين جا شيدائي. جيئن اسان Pine Apple/ اناناس جا. اسان اناناس ڏاڍا کاڌا. ناريل جو پاڻي به خوب پيتو. ڪچي ناريل کي بنگال ۾ ”ڏاب“ پئي چيائون.

ٻئي ڏينهن تي نارائڻ گنج گهمڻ وياسون. جتي ننڍا وڏا steamer بيٺا هئا. انهن ۾ چڙهي بانس جا ٻيلا ڏٺاسون. هي ٻيلا به گهڻو ڪري قدرتي طور ٿين ۽ هڪ هڪ بانس جو لڪڙو 30_ 40 فوٽ ڊگهو. انهن کي ڪٽجي ته وري ٻيهر پيدا ٿيو پون، ان کي coppicing چيو ويندو آهي. فاريسٽريءَ جي زبان ۾ اهڙا ڪارخانا به ڏٺاسون، جتي بانس کي مناسب سائيز ۾ ڪٽيائون پئي، انهن مان چپ بورڊ ۽ ٻيو عمارتي سامان به تيار ٿيندو آهي. اتان جو Teak مشهور آهي، جنهن کي عام ٻوليءَ ۾ ساڳوان چيو ويندو آهي. ماٽيڪ ته مشهور آهي، پر پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اسان وٽ بنگال جو ٽيڪ استعمال ٿيڻ لڳو.

اسان جي شوقين دوستن ڍاڪا جي رنگين راتين مان خوب مزو ورتو.

ٻئي ڏينهن تي ٻاڙيسال لاءِ روانا ٿياسون. Pakistan Eastern Railway (PER) ۾ اچي ويناسون. بوگيون اهڙيون ئي هيون جهڙيون هتي هيون. ريل اچي درياءَ جي ڪنڌيءَ تي بيٺي. چيائون ”لهو سامان لاهيو Steamer ۾ ويهو.“ اهو به ايڏو وڏو جو ريل جا سڀ مسافر ان ۾ ماپي ويا. ٻن ٽن ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ دريا جي ٻئي ڪناري پهتاسون. جتي به چيائون ته لهو تيز لاهيو ريل ۾ چڙهو. وري تيز تيشڻ تي. اچي ريل جي گاڏيءَ ۾ ويناسون ۽ خيرن سان اچي ٻاڙيسال پهتاسون. چا ته منظر هئا، پر روڊ ڪٽل، ريل جو حال به پورو سارو.



ٻاڙيسال چانهن جي باغن لاءِ مشهور آهي. ائين پئي لڳو ڄڻ فوٽ ڏيڍ جو ٿُلهو سائو غاليچو زمين تي وڇيل هجي. مايون چانهن چونڊي رهيون هيون. اسان رڳو فلمن ۾ ڏٺو هيو پر روبرو ڏسڻ جو مزوءِ منظر ئي نرالو هيو.

ٻاڙيسال شهر، ضلعي هيڊ ڪوارٽر ۽ سڪيو ستابو شهر هيو. وڏا وڏا بانس ۽ Teak جا ٻيلا، سڻي (Jute) جو فصل ۽ جيڏانهن به ڏسو رڳو ساوڪ ئي ساوڪ هئي.

تعليم گهڻي، اسڪول جهجها. ٻار به انگريزيءَ ۾ ڳالهائين. امن امان جي صورتحال شاندار، ٻاڙيسال، توڙي ڍاڪا ۾ رات جو به اسان ويسٽ پاڪستاني بنا ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي گهمندا رهياسون. اهو جنوري 1970ع وارو سال هيو. اسان کي اتي فيبروري جي آخر تائين رهياسين. ڪنهن به قسم جو اڻ وڻندڙ واقعو پيش نه آيو.

## شيخ مجيب جو جلسو

ٻاڙيسال ۾ ئي هئاسون ته اتي مجيب الرحمان جو اليڪشن جلسو ٿيو. اسان به وڃي پهتاسون. تقريرون بنگالي ۾ هيون. پر اسين لهجي جي جوش خروش کي ۽ ماڻهن جي خوشيءَ کي محسوس ڪري پئي سگهياسون.

مجيب الرحمان جي تقرير کان پوءِ اسان ساڻس وڃي ملياسون. جڏهن هن کي ٻڌايو ته اسان ويسٽ پاڪستان کان آيا آهيون، ته چوڻ لڳو:

How did you find my country?

اسان چيو ته: It is beautiful

ان جي جواب ۾ چوڻ لڳو:

Have a look. You will never get a chance to see it again without passport.

اها هئي ان وقت به مجيب جي سوچ!

## چٽگانگ

ٻاڙيسال کان اسان جو اڳيون سفر چٽاگانگ جو هيو. چٽاگانگ اوڀر پاڪستان جو ٻيو نمبر وڏو شهر ۽ پورٽ آهي. چٽاگانگ جي دنيا ئي ٻي هئي. هر طرف سونهن سان ٽمٽار شهر، ان جي پنهنجي اهميت، حال چال ۽ رهڻي ڪهڻي هئي. سامونڊي بندر ۽ ڪئنٽونمينٽ به هئي. 25 مارچ 1971ع تي جڏهن يحييٰ خان ايسٽ پاڪستان ۾ آرمي ايڪشن جو اعلان ڪيو ته ٻيا سڀ ليڊر ته لِڪي ويا. پر مجيب الرحمان کي پڪڙي ويسٽ پاڪستان ڪٺي آيا... ڪمال حسين به پوءِ پڪڙيو ويو. هو ويسٽ پاڪستان ۾ آندو ويو. ڪو وڏو ليڊر ڪليل رهنمائيءَ لاءِ ڪونه هيو. پهرين وڏي بغاوت چٽاگانگ چانوٽيءَ ۾ ٿي، جتي ميجر ضياءُ الرحمان پنهنجي ڪمانڊر کي قتل ڪري بغاوت ڪئي

Gul Hayat Institute

۽ ڦيرين دفعو آزاد بنگلاديش جو ريڊيو تان اعلان ڪيو.

ضياءُ الرحمان، جيڪو مجيب جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ ڪجھ عرصي تائين بنگلاديش جو صدر رهيو ان جي قتل کان پوءِ سندس زال خالده ضياءُ وزيراعظم / صدر رهي.

هن انقلاب کان تقريباً هڪ سال اڳ ۾ اسان ان خوبصورت ۽ خوشحال ۽ سرسبز چٽاگانگ ۾ هئاسون ۽ اسان پنهنجي ٽوئر مان بي انتها مزو پئي ورتو.

اتي اسان کي آدم ڄِي جوٽ مِل وارن ڊنر بہ ڪارائي. هر طرف روشني ئي روشني هئي. ماني کائڻ کان پوءِ شهر ۾ رات جو گهمڻ وياسون. هتي بہ ٻين وڏن شهرن وانگر وڇارين، سُکل، ڳريل عورتن جو بالاخانو هيو. شوقينن جو ٽولو اوڏانهن نڪري ويو. اسان نئين مارڪيٽ Bipani Bitan وياسون. هر ڪنهن ان ڳالھ جي طنزيہ انداز ۾ تعريف پئي ڪئي تہ ايوب خان بنگال ۾ بيو ڪم ڪيو هجي يا نہ. پر واهہ جو مارڪيٽ ٺهرايو اٿائين. هن مارڪيٽ ۾ ست دروازا هئا ۽ هر دروازو هوبهو ٻئي وانگر. اسان ڪوشش ڪئي سين تہ هڪ دروازي مان داخل ٿي ان مان ئي نڪرجي، پر اسان کي ناڪامي ٿي. مومل جي ڪاڪ محل وانگر هر پاسي ڀُول ڀُلئيان هيون.

ٻئي ڏينهن اسان ٽوئر تي ٽيڪ (Teak) فاريسٽ گهمڻ وياسون ۽ ڪجھ ڪارخانا ڏٺاسين. چٽگانگ سنو انڊسٽريل اسٽيٽ بہ آهي ۽ جام ڪارخانا آهن. جن جو ڪچو مال بہ آسپاس جي ٻيلن مان ملي ٿو.

ان سان گڏ اسان کي ٻيڙين تي چٽگانگ جي پهاڙي علائقي ۾ وٺي ويا. جتي هزارين ايڪڙن تي پکڙيل بمبوءَ (بانس) جا وڏا ٻيلا هئا.

## چڪمہ قبيلو۔ رانگامتي!

چڪمہ قبيلي جي علائقي رانگامتي وياسون. اتي بہ ڇا تہ منظر هيو. هي قبيلو راجا ترپديوَ جي ٻُڌن (Budhists) جو هيو. جڻ ڇوٽين دنيا ۾ پهتا هئاسون. ڪُميون ۽ ڏيڏرن جو گوشت پيو وڪامي. ڪمين جا بيضا بہ موجود هئا. مارڪيٽ ۾ جيئن ئي اسان اڳتي وڌياسون تہ سوئرن جو ڌڻ سامهون اسان جي طرف ڀڄندو نظر آيو. اسان وٺي ڀڳاسون. اسان جي گائيڊ اسان کي روڪي ٻڌايو تہ اهي پاليل جانور (Pets) آهن. انهن کان پوءِ نہ ڪيو. ٻڌاياؤن تہ هتي انهن جو گوشت بہ کائين ۽ کير بہ پيئن. اسان کي مس وڃي ساهہ ۾ ساهہ پيو. گهرن ۾ مايون Topless رهن. اُرهن تي ڪپڙو ڪونہ. هيٺ ننڍي ڇيڙيءَ جيترو ڪپڙو ٻڌل. ڪم ڪار ان حالت ۾ ڪنديون وتن ۽ ڪا پرواهہ ڪونہ. اسان جي دوستن تہ ڪيمرائن جا رول خالي ڪري ڇڏيا. ٻئي ڏينهن اسان چٽگانگ کان ڪرنافلي ڊيم ۽ پاٽيءَ مان بجلي پيدا ڪرڻ جو منصوبو ڏسڻ وياسون. اهو پروجيڪٽ اٽلي حڪومت



جو قائم ٿيل هيو جنهن ۾ جيڪي بنگلا ۽ رهائشي ڪالونيون انهن ٺاهيون هيون، اهي بہ پاڪستان حڪومت کي ڏئي ويا.

ڪپتائي بہ هڪ خوبصورت تفريحي ماڳ هيو. مان تہ ان جي سونهن ڏسي دنگ رهجي ويو هوس. جتي ڪتي پڪنڪ رزارٽس هئا، ڇوڪرا ڇوڪريون موٽر بوٽس ۾ هليا ٿي. اسان بہ Boating ڪندا ۽ enjoy ڪندا رهياسون. ڪپتائيءَ ۾ هڪ لوڪ ميلو بہ لڳل هيو اهو بہ ڏٺوسون.

## ڪوميلا

پاڪستان اڪيڊمي آف رورل ڊولپمينٽ ڪوميلا، اسان جي اڳين منزل هئي. محترم اختر حميد خان، ان اڪيڊميءَ کي ’ڳوٺ سُڌار‘ جو هڪ ماڊل ٺاهي ڇڏيو هيو. اختر حميد خان ICs آفيسر هيو. هن غريب ماڻهن جي محبت ۾ استعيفيٰ ڏني ۽ ڳوٺ سڌار ۽ ڀهراڙين ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. بنگلاديش ٺهڻ کان پوءِ هو ڪراچيءَ آيو ۽ ڪراچيءَ جي هڪ ڪچي آباديءَ جي بستيءَ ۾ اورنگي پائلٽ پراجيڪٽ (OPP) ۾ پنهنجي آخري عمر تائين ڪم ڪندو رهيو. اسان ڪوميلا ۾ بہ ڏينهن رهياسون. خان صاحب جي پراجيڪٽ جي اسٽڊي ڪئي سون ۽ اتان کان پوءِ Cox's Bazar روانا ٿياسون. اڪثر بنگالي خان صاحب جي ڪم کان خوش ڪونہ هئا. هنن جو چوڻ هيو تہ هو پاڪستان گورنمينٽ ۽ CIA جو ايجنٽ هيو ۽ بنگالين جي خلاف ڪم ڪري رهيو هيو. وڌيڪ علم الله کي!

Cox's Bazar برما جي بارڊر سان Teknaf جي طرف کان آهي. هي Coastal زون هيو. ننڍو بندرگاهہ بہ هيو. اتي جو ساموندي ڪنارو بہ ڏاڍو خوبصورت هيو. هي علائقو اوپر پاڪستان جي انتهائي ڏکڻ ۾ هيو. جنهن هوٽل ۾ رهياسون، اها cox's bazaar جو وڏي ۾ وڏو هوٽل هيو. اسان ڏينهن جو ڇڪر چاڙي ڏئي فريش ٿي، رات جي ماني بہ اتي ريسٽورينٽ ۾ کاڌيسين. توڙي فبروري جو مهينو هيو پر موسم ڪراچيءَ وانگر وٽندڙ هئي. ان هوٽل ۾ فلم ”چاند سورج“ جي شوٽنگ ٿي رهي هئي، جنهن ۾ نديم، شبانہ ۽ ٻيا اداڪار ڪم ڪري رهيا هئا. اسان کي خاص مهمان ڪري اتي جاءِ ڏني وئي ۽ اداڪارن سان اسان جو تعارف بہ ڪرايو ويو. هدايتڪار احتشام اسان جو آڌرڀاءُ ڪيو ۽ پڇيائين تہ توهان مان ڪو فلم ۾ ڪم ڪرڻ ۾ دلچسپي رکندو هجي تہ ٻڌائي. پر ڪنهن بہ تعليم مڪمل ٿيڻ کان اڳ ۾ پنهنجو رايو نہ ڏيکاريو. اها شام يادگار گذري.

## کلنا ۽ سندربن

اسان ٻئي ڏينهن کلنا ۽ سندربن لاءِ روانا ٿياسون. اهو ٿي ريل جو سفر، وري اسٽيمر.

Gul Hayat Institute

ڪلنا ۽ سندربن بہ انڊيا جي بارڊر سان آهن. ٻہ ڏينهن ڪلنا ۾ رهياسون. ٻيلا گهمياسون، Forest based ڪارخانا ڏٺاسون ۽ پنهنجي Tour جي آخري ۽ خطرناڪ پر حيرت ۾ وجهندڙ منزل ڏانهن روانا ٿياسون. اها منزل هئي سندربن. گهاٽن سبزن جي ڪري واقعي سندربن سهڻو ٻيلو يا نرالو ٻيلو نظر آيو. بينگال ٽائيگر هتان جو مشهور آهي. جنهن جي هڪ جهلڪ ڏسي اسان جي جسم ۾ ڏڪڻيءَ جي لهر، بجليءَ جي ڪرنٽ وانگر گذري وئي.

اسان کي سندربن جي ٻيلي ڪاٽي جي ريسٽ هائوس ۾ اچي رهايائون. جنهن کي ريسٽ هائوس چوڻ ريسٽ هائوس جي بي عزتي آهي، پر هئي جاءِ پناهہ! ڇا تہ زندگي هئي. هڪ طرف ڍاڪا ۽ چٽگانگ جا هوٽل، ٻئي پاسي سندربن جون جهوپڙيون. جيڪڏهن هيڏانهن نہ اچون ها تہ اسان جو ٽوئر اڻپورو رهجي وڃي ها.

ٻئي ڏينهن پنهنجا ضروري سامان جا ٿيلها ۽ پاڻيءَ جون باٽلز کڻي، خاڪي ڪپڙا پائي نڪتاسون.

گائيڊ ٻڌايو تہ اسان جتي آهيون، اهو هرڻن جو زون آهي. وڏي تعداد ۾ چٽڪمرا (Cheetal) هرڻ ڏٺاسون. اسان گائيڊ کي چيو تہ ممڪن هجي تہ ٽائيگر ڏيکار. هن چيو تہ هن پاسي هلون ٿا، توهان جي نصيب ۾ هوندو تہ نظر ايندو. توهان چپ رهجو ۽ ڌيان سان ٻہ.

ٻن ڪلاڪن جي انتظار کان پوءِ هڪ چيتو مفاصلي تان گذرندو نظر آيو. اسان هڪ ٻئي کي ٺونٺيون هڻي هوشيار ڪيو. پر جيئن چيتي تي نظر پئي اسان ائين محسوس ڪيو جڻ بجليءَ جي تار ڪنهن هٿ تي رکي ڇڏي هجي. چيتو گذري ويو. اسان پڃرن ۾ تہ گهڻا شينهن ڏٺا، پر هيئن آزاد بنگالي چيتو اڳ ۾ ڪڏهن نہ ڏٺو هيو. جنگِ آزاديءَ دوران بنگلاديش ۾ بہ بنگالي اهڙا ئي آزاد ۽ بکيا چيتا ٿي پيا هئا، جن نيٺ آزادي ماڻي.

## تمر جا وڻ

تِمر جا وڻ ٻيلي ۾ جام ڏٺاسون، جهڙا ڪراچيءَ جي سامونڊي علائقي ۾ آهن. هنن وڻن جي خوبصورتي اها آهي تہ انهن وڻن جون پاڙون پاتال ۾ ڪونهن، پر ننڍين ڏيٿين وانگر پاڻيءَ کان ٻاهر نڪتل هونديون آهن. جيڪي ٻوٽي کي هوا مان آڪسيجن کڻي پهچائينديون آهن. پر سندربن جا ٻيلا ڪراچيءَ جي تمر وارن ٻيلن کان ڪئي ڀيرا وڌيڪ گهاٽا آهن. اها رات بہ اسان اتي سندربن ۾ ڪاٺ جي جهوپڙين ۾ گذاري، ٻئي ڏينهن ڪلنا کان ٿيندا ڍاڪا پهتاسون.



16 ڊسمبر 1971 وارو واقعو مون لاءِ وسرڻ جهڙو ناهي. ڪنهن ليکڪ لکيو آهي تہ اسان جي زندگيءَ ۾ ٻہ واقعا وسرڻ جا ناهن. هڪ اوڀر پاڪستان جو ٽُٽڻ ۽ ٻيو 4 اپريل 1979، ڀُٽي صاحب جي شهادت.

اسان جڏهن اوڀر پاڪستان جي دوري تي هئاسون تہ باڙيسال ۽ ٻيو ڪوميلا ۾ مجيب الرحمان جي جلسي ۾ وياسون. ڇا تہ عوام هيو ڇا تہ مجيب جي تقرير هئي، ڇا تہ ماڻهن جو جذبو هيو!

اوڀر پاڪستان جي Tour جون يادون جڻ منهنجي حياتيءَ جو هڪ اهم حصو آهن. ايڏين قربانين کان پوءِ بنگالين کي بنگلاديش مبارڪ، پر لکين بنگالين ۽ غير بنگالين جي ڪُسجڻ جا جيڪي خون جا 'داغ' آهن، خبر ناهي فيض صاحب جي لفظن ۾ آلائي ڪيترن سالن کان پوءِ ڌوبيا!

ہم کہ ٹھہرے اجنبی اتنی ملاقاتوں کے بعد
پھر بنیں گے آشنا کتنی مداراتوں کے بعد
کب نظر میں آئے گی بے داغ سبزے کی بہار
خون کے دھبے دھلیں گے کتنی برساتوں کے بعد
تھے بہت بے درد لمحے ختم دردِ عشق کے
تھیں بہت بے مہر صبحیں مہرباں راتوں کے بعد
دل تو چاہا پر شکستِ دل نے مہلت ہی نہ دی
کچھ گلے شکوے بھی کر لیتے مناجاتوں کے بعد
ان سے جو کہنے گئے تھے فیض جاں صدقہ کئے
اَن کہی ہی رہ گئی وہ بات سب باتوں کے بعد

منهنجي شديد خواهش رهي آهي تہ مان بنگلاديش، آزاد بنگلاديش وڃان. پر اها اميد پوري نہ ٿي سگهي آهي. اها ڪمي پوري ڪرڻ لاءِ مون لاتعداد Memoirs، بنگلاديش جي حوالي سان فوجين ۽ غير فوجين بنگالين ۽ پاڪستانين ۽ ٻين جا پڙهيا آهن.

## بنگالي سفير

1997 ۾ جڏهن لاڙڪاڻي ۾ هيس تہ بنگلاديش جو پاڪستان ۾ سفير هدا صاحب پنهنجن ٻارن ۽ گهرواريءَ سان موهن جو دڙو گهمڻ آيو هيو. هو لاڙڪاڻي ۾ منهنجو سرڪاري مهمان ٿي رهيو. ساڻس بنگلاديش جي ترقيءَ، طوفانن ۽ سياسي طوفانن تي

Gul Hayat Institute

اڪيچار ڳالهيون ڪيون ۽ انهن هنڌن ماڳن بابت پڻ، جيڪي آءُ ڏسي آيو هئس. مون کي سرڪاري ۽ ذاتي دعوت ڏئي ويو هيو. پوءِ جڏهن هُو مون کان موڪلائي ويو. ائرپورٽ تي موڪلائي غاليچي پيل رستي تان گلابن جي خوبصورت ڪيارين جي وچ مان جهاز طرف وڌيو ته منهنجي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا.

ڪنهن پڇيو: ”اهو بنگالي مائٽ اٿوَ ڇا؟“

’ها پراڻو مائٽ آهي!‘ لفظ منهنجي نڙيءَ ۾ ئي اٽڪي پيا هئا. ڪجي نه سگهيو هوس. نڙيءَ ۾ ڄيتيون ڄُپي رهيون هيون.

## واپسي

ڍاڪا ۾ به ڏينهن رهي ٽئين ڏينهن لاهور کان پشاور واپسي هئي، پر امير ۽ مون موڪل وٺي جهاز جي ٽڪيٽ ڪراچيءَ لاءِ نهرائي. ٻئي ڏينهن ڪراچيءَ روانا ٿياسون. ڪراچي ايئرپورٽ تي منهنجو دوست نسيم وٺڻ آيو هيو. نسيم اسان جو رتيديري ۾ ڪلاس فيلو هيو. هو فيمليءَ سان ڪراچيءَ شفٽ ٿي ويو هو. امير ايئرپورٽ کان ئي ڳوٺ وڃڻ لاءِ ريلوي اسٽيشن ڏي روانو ٿي ويو. مون کي نسيم، صدر ۾ فاروق ريسٽورنٽ ۾ ڊنر ڪرائي ۽ ڪراچي ڪينٽ تي بولان ميل ۾ لاڙڪاڻي لاءِ خدا حافظ چيو.

## ڪاغان ويلي

مارچ 1970ع تائين تقريباً ڏيڍ سال مصروف رهياسين. اسان جي ڪاليج جو باقي ڇهه مهينا ڪورس رهيل هيو. جنهن دوران هڪ پيرو ڳوٺ لاءِ موڪل ۽ working plan ۽ فيلڊ ۾ survey settlement جي ٽريننگ ڪرڻي هئي. ڏهن هفتن جون اهي ٻئي trainings مانسهره، ڳڙهي حبيب الله، ايبٽ آباد ۽ ڪاغان ويليءَ ۾ ٿيڻون هيون، جتي اڪثر Tents (تنبوئن) ۾ رهڻو هيو. اهو اسان جي ٽوئر جو سخت ۽ اهم ترين حصو هيو.

اسان چار هفتا ڳڙهي حبيب الله، مانسهره ۽ ايبٽ آباد ۾ گذاريا، جتي سروي ۽ settlementڪيوسي. اسان ڪلاس روم ۾ ته اهي اوزار ڏٺا هئا ۽ theory پڙهي هئي، پر هت انهن کي عملي طرح استعمال ڪرڻو هيو. جڏهن آفيسر ٿجي ٿو ته اتي خودمختياري آهي. ڪو سمجهائڻ وارو ڪونهي. بلڪ اسٽاف جي رهنمائي ڪرڻي هوندي آهي. تنهن ڪري استاد جي موجودگيءَ ۽ رهنمائيءَ ۾ اهي مرحلا عملي طرح طئي ڪرڻا هئا. هن ٽريننگ، ٻيلي کاتي ۾ ته منهنجي مدد ڪئي، پر اها روينيو ڪم ۾ به ڏاڍي ڪارائتي ٿي. حالانڪ اها ساڳي تربيت روينيو ۾ به ڏني ويندي آهي. ان ۾ مان ٻين کان اڳيرو ثابت ٿيس. هيءَ هندڪو جو علائقو ڇا ته سرسبز، خوبصورت ۽ آباد آهي.



## ورڪنگ پلان

هي پلان ٻيلن جي management جي لحاظ کان اهم هوندو آهي. ڪنهن به ٻيلي کي ڪيئن ڪارائتو بڻائجي ۽ ڪيئن ان مان صحيح لاڀ پرائجي. هر وڻ جي ڪٽڻ جي عمر ڪوجنا موجب طئي ٿيل آهي. ڪي وڻ 16 يا 15 سالن ۾ وڌيا ته ڪي اڌ صديءَ تائين به بيهاري ڇڏيا آهن. ٽالهي 15 يا ويهن سالن ۾، ديال 80 سالن ۾ وڌيو آهي. ان موجب ٻيلي جو هڪ ٽڪرو وڍيو آهي، ٻيو وچ تي هوندو آهي ته ٽيون وري پوکبو آهي. ان سڄي ڪم لاءِ ڇهه هفتا ڪن اسان ڪاغان ويليءَ ۾ گذاريا. ڇا ته علائقو آهي. اتي گهڻو ڪري اسين پنڌ هلياسون. سامان جيپن تي هوندو هو. جتي جيپ لاءِ رستو ڪونه هيو، اتي سامان خچرن تي رکيوسين.

## بابوسر پاس ۽ بابوسر ٽاپ

شوگران، ڪاغان، ناران، سيف الملوڪ ڍنڍ، بابوسر پاس ۽ بابوسر ٽاپ. بابوسر ٽاپ تي پنڌ وياسون. هت ڪو به وڻ ٽڻ نه ٿئي. سطح سمنڊ کان 13000 فوٽن کان به مٿي آهي. سيف الملوڪ ڍنڍ 10500 فوٽ ۽ ناران 8600 فوٽ سمنڊ جي سطح کان مٿي آهن. ناران ۾ رهياسون، پوءِ ٻئي پاسي جيپن تي يا پنڌ وياسون.

ڪُنهار جي ڪناري تنبو لڳا. اونهاري جي موسم جي باوجود جون جولاءِ ۾ به هوا سرد هئي. ناران ۾ پهچڻ سان تنبو پاڻ لڳاياسون. ان جي چوڌاري کڏ (Trench) ٺاهڻي هئي ته جيئن برسات جو پاڻي اندر خيمي ۾ نه هليو اچي. ٽڙ ڪرڻ ۽ ٻي حاجت لاءِ الڳ خيما لڳل هئا. اسان پهرين رات اتي پهتاسون ته شاهه محمد ۽ صبغت الله جو تنبو تيز هوا جي ڪري اڏامي وڃي ڪُنهار ۾ ڪريو. هاڻي ٻيو وڏيڪ تنبو اڌ رات جو ڪٿان اچي. اها رات مسڪينن ڏاڍي ڏکي گذاري.

فيلڊ ٽريننگ پوري ٿي. پويان ٻه مهينا ڪاليج ۾ ۽ پشاور ۾ گذارياسين. دوستن ۽ مائٽن جيڪي سامان آڻڻ جون فرمائشون ڪيون هيون، اهي پوريون ڪيونسين. ساليانو امتحان به ٿيو ۽ اسان سڀ پاس ٿياسون. اسان کي سنڌ ۾ فاريسٽ رئنجر جو اتي ئي پاسنگ آئوٽ کان اڳ ۾ سکر سرڪل جو آرڊر مليو. مان آفيسر ٿي ويو هوس.

## پاسنگ آئوٽ

پاسنگ آئوٽ 30 سيپٽمبر 1970ع تي ٿي. صوبه سرحد جو گورنر ليفٽيننٽ جنرل خواجه محمد اظهر هيو ۽ اسان جي Passing out جو مهمان خاص به اهو ئي هيو. هڪ شاندار ۽ پروقار تقريب اسان جي پاسنگ آئوٽ جي ٿي. ٻن سالن جي محنت جو اجورو،

Gul Hayat Institute

اسان جو مستقبل اسان جي اندر ۾ ٺهڪ ڏئي رهيو هيو. اها ٻن سالن جي نه پر منهنجي 23 سالن جي محنت هئي. منهنجي ماءُ، زال ۽ ٻيا گهر وارا اکين ۾ خوشين جا خواب سجائي منهنجو انتظار ڪري رهيا هئا. ڳوٺ ۾ هڪ نئين خوشي ۽ نئين آئيندي جو تصور مون کي خوشين سان شادمان ڪري رهيو هيو. نئين زندگيءَ جي چائنٽ تي پير رکڻ وارو هيم، ۽ ٻوءِ وڏيڪ بهتر ۽ خوبصورت آئيندي جي تلاش ۾ ساهي پٽي، سفر جي شروعات ڪرڻي هئي.

ستاروں سے آگے جہاں اور بھی ہیں
ابھی عشق کے امتحاں اور بھی ہیں۔

ٻيهرين آڪٽوبر تي عوامي ايڪسپريس ۾ چڙهي نئين منزل جي ڳولا ۾ نون جذبن سان ڳوٺ وڃڻ لاءِ روهڙيءَ روانو ٿيس.

روهڙيءَ اسٽيشن تي لهي سکر پهتس. ڪنزرويٽر فاريسٽ جي آفيس ۾ ڊيوٽي رپورٽ ڏني ۽ صاحب وٽ حاضر ٿيس. ڪنزرويٽر جي ڊي ميمڻ هيو. امير ۽ صبغت ٻه اتي ڊيوٽي رپورٽ ڪئي. مون کي DFO شڪارپور وٽ پوسٽ ڪيو ويو.

## ڪٿي آيو خير سان....!

رتيديري ۾ خوشين جي شادمانن، ياڪرن، ڳراٽڙين، ٽهڪن ۽ ڳوڙهن سان استقبال ڪيو. مون بابا کي ڏاڍو Miss پئي ڪيو. هڪ چيٽ وانگر سندن ياد هر هر منهنجي دل ۾ چڀي رهي هئي. اندر ۾ هڪ سڏڪو اُبريو پر ٻڙڪ ٻاهر نه ڪڍي پيار ۽ ڏک ڪنهن سان ونڊڻ مان ان جي رومانيت ئي ختم ٿي ويندي آهي. زندگيءَ جي وڏي حصي تائين ان تي عمل ڪندو رهيو آهيان.

گهر وارن جي چمين ۽ ڳوڙهن سان منهنجو منهن ئي ڌوپجي ويو. ان خوشيءَ جو امرت، زهر وانگر ڍڪ ڍڪ ڪري اندر ۾ اوتيندو رهيس. چپن تي اداس مرڪ ۽ اکين ۾ ترندڙ ڳوڙها. دل پرچي پرچي پئي آئي. ان ڪيفيت ۾ آواز بند. ڪجهڻ چاهيم، پر ڪجهي نه سگهيس.

شام جو دوستن سان ملاقات ٿي، وڏيون خوشيون وڏا ٽهڪ. اهي ئي ننڍيون ننڍيون Enjoyments. رتن مل جا پڪوڙا ۽ مٺائي. عبدالنبيءَ جو کير. سوڊا شربت. ڳوڙو مل جي دال. امن ملائيءَ واري جي لائي ۽ ٻهه. شام جو والي بال راند. ان ساڳيءَ ٽيم سان، جيڪا پشاور وڃڻ کان اڳ ۾ مون ناهي هئي.

3 آڪٽوبر، صبح جو نائين وڳي کان اڳ ۾ بي. اي فائنل (BA-II) جو پهريون پرچو ڏيڻ لاءِ پهتس.



## بي. اي فائنل

انٽر سائنس کان پوءِ 1967ع ۾ مون B.A جو فارم پرايو هيو ۽ 1968ع ۾ مون BA-I جو امتحان، پشاور وڃڻ کان اڳ ۾ ڏنو هيو. 1969ع ۾ امتحان BA-II جو نه ڏئي سگهيس. هن سال 1970ع ۾ بي. اي پاس ڪرڻ ضروري هيو نه ته وري ٻه سال ٻيا لڳي وڃن ها. مون تياري نه ڪئي هئي، پر پويان ٻه ٽي ڏينهن عقلمندي ۽ خبرداريءَ سان پڙهيو. مضمونن ۾ ٻه سنڌيءَ جا هئا: هڪ ڪمپلسري ۽ ٻيو Elective. انگريزي ڪمپلسري ۽ پوليٽيڪل سائنس. مون ڪاپي ڪرڻ ٽي نه پئي چاهي. جيڪي گائيڊ بڪ پڙهيا، انهن مدد ڪئي ۽ مون B.A. Final سيڪنڊ ڊويزن ۾ پاس ڪئي. ان سال ئي مون (Political Science) ۾ ايم. اي خانگي شاگرد طور فارم ڀريو.

## آر ايف او جي نوڪريءَ جي شروعات

4 آڪٽوبر تي مون DFO شڪارپور (محترم نور الاسلام) وٽ رپورٽ ڪيو ۽ ڳڙهي ياسين نرسريءَ تي مون کي (Attached) RFO (ٽريني) لڳايو ويو. اتي RFO محمد رمضان پٺو هيو. RFO جو هيڊڪوارٽر ته انجنيئر بنگلن جي ويجهو ڳڙهي ياسين ۾ هيو پر منهنجو هيڊڪوارٽر گولو ڏڙو جي مشهور ٻيلي ۾ هيو جتي ڪنهن زماني ۾ عبدالرحمان (ڏاڙيل)، لول بروهي ڏاڙيل ۽ ڪجهه عرصو اڳ تائين شيرو بروهي، مامڪ بروهي، قادر بخش بروهي، شاهنواز عرف جهنڊي بروهي ۽ نظرو ناريجو ڏاڙيل رهندا هئا. نظروءَ کي ويجهڙائيءَ ۾ سکر جي SSP ٽنيي مقابلي ۾ ماريو هيو.

اڃا هر صبح جو ائين بجي گهران رتيديري مان نڪرندو هوس. منهنجي سائيڪل ڳڙهي ياسين ۾ بس اسٽاپ تي رکيل هوندي هئي. اها ڪٽي ڇهه ميل ان جا پيڊل هڻندو اچي ٻيلي ۾ پهچندو هوس. واپسيءَ ۾ به سائيڪل تي ڇهه ميل سفر ڪري واپس هوٽل تي سائيڪل رکي، بس ۾ روانو ٿيو هو. 3_4 بجي گهر پهچندو هوس. ماني کائي آرام ڪيو هيو. اهو قصو 8_6 مهينا هليو. جيستائين منهنجي بدلي سکر ٿي. سکر ۾ RFO محڪم الدين قاسمي صاحب هيو جيڪو سائين ڪامريڊ رڪن الدين قاسمي سکر واري جو ڀاءُ ۽ وڏو ڊبنگ آفيسر هيو. ايئن سمجهبو ته ٻيلي ڪاتي جو چوٿون پاتو هو. ٽريننگ پوري ٿي ته 1972ع ۾ منهنجي پوسٽنگ ورڪنگ پلان ڊويزن شڪارپور ۾ ٿي. جتي ڊاڪٽر انور پراچ جو ڀاءُ دوست محمد پراچ DFO هيو. اسان ڪيس DM پراچ چوندا هئاسون ته همراهه خوش ٿيندو هيو. DM / District Magistrate جو لفظ ڪيس ڏاڍو وڻندو هيو. جڏهن اسان جو ڪو ڪم نه ڪندو هيو ته اسان ڪيس چوندا هئاسون ته سائين توهان ڊسٽرڪٽ مئنيجر SRTC آهيو. ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ناهيو! چوندو هيو بدمعاشو! اڄ وري اوهان جو کهڙو

Gul Hayat Institute

ڪم آهي... ڏاڍو پيارو ماڻهو هيو.

## شادي خانه آبادي

27 ڊسمبر 1970ع تي منهنجي شادي ٿي وئي. نڪاح ته اڳ ۾ جولاءِ/ آگسٽ 1968ع ۾ ئي ٿي ويو هيو. شادي يا رخصتي هاڻي ٿي. اهو ادائي سالن جو عرصو يقيناً اسان ٻنهي زال مڙسن جي زندگيءَ ۾ جبل جيڏو عرصو هيو. نڪاح/ مڱڻي وقت سڪ ۽ پيار هو ان عرصي ۾ اهو وڌي وڻ ٿي ويو هو.

سچ ته مان خورشيد (پنهنجي گهر واريءَ) کي ان عرصي ۾ ڏاڍو ياد (miss) ڪيو. ايئن پئي لڳو جڻ هن جي سڪ جو هر پل منهنجي وجود ۾ وڌيڪ شاخون ڪيندو پئي ويو. جڏهن آءٌ واپس پهچي نوڪريءَ تي لڳس، ته اهو پيار وڌي ٻڙ جو وڏو وڻ ٿي ويو. جنهن جون شاخون اُڀ ۾ به هيون ته پاتال ۾ به.

منهنجي شاديءَ جي وليمي ۾ شهر جي معززين، استادن ۽ دوستن شرڪت ڪئي. پرڪاش ڪٽواڻي، منهنجي پرائمري اسڪول جو دوست، ان وقت لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو (LMC) ۾ بي ڊي ايس (BDS) بيچلر آف ڊينٽل سرجريءَ جي ٽئين سال ۾ پڙهي رهيو هو. هن جا امتحان هلي رهيا هئا. پر هو امتحانن جي وچ مان ريل ۾ چڙهيو. پڙهندو آيو ۽ وليمي ۾ شامل ٿي وري ريل ۾ پڙهندو وڃي امتحان ڏنائين. مان سندس اڄ تائين ٿورائتو آهيان.

وليمي واري رات مان پرڪاش جي گهر ويس ته ڪيس ساڻ وٺي اچان. هو ۽ سندس پيءُ سخاوت راءِ پي رهيا هئا! مون کي حيرت ٿي. شراب مون پهريون دفعو اکين سان ڏٺو هيو. فلمن ۽ خوابن ۾ ته اڪثر ڏسندو رهندو هيس. ناولن ۾ به پڙهندو رهندو هيس ۽ ان جي اثر ۾ مزي جو به خيالي مزو وٺندو رهندو هيس. ايستائين جو ڪجھ وقت کان اها ڇوڪري اچي مون کي 'پياري' ويندي هئي خوابن ۾! جنهن سان مون پهريون پيار ڪيو آهي!

## خواب ۾ پيئڻ

اڪثر خواب ۾ ڏسندو هيس ته هوءَ آسمان تان ڪڪرن مان اڏامندي، زمين تي لهندي ٿي اچي، جتي مان سندس انتظار ۾ هٿ اُڀا ڪري ڪيس ڪنڌ مٿي ڪري، واجهائيندو رهندو هيس. هوءَ زمين تي لهي منهنجي ڀاڪر ۾ ايندي هئي، هڪ جام مون کي ڏئي چوندي هئي "پيءُ"! مان اهو جام سپ سپ ڪري پيئندو هيس ۽ ان جام جو مزو رڳن ۽ روح ۾ لهندو محسوس ڪندو هيس. جيستائين اهو جام پورو ڪندو هيس، تيستائين هوءَ منهنجي آغوش ۾ هوندي هئي! ان کان پوءِ جنهن رنگ ڍنگ سان ايندي



هئي، ان رنگ ڍنگ سان ڪڪرن جي پار، ڪنهن پريءَ، ڪنهن حور وانگر آهستي آهستي آسمان ۾ هلي ويندي هئي. جڏهن ان رات جو صبح ٿيندو هيو ته مان ان جام جو سرور پنهنجي وجود ۾ محسوس ڪندو هيس.

'عبدالقادر! ڍُڪ وٺ!' پرڪاش جي پيءُ جو آواز آيو. مون هڪ ڍڪ ڀريو! بي لذت ۽ ڪوڙو شراب! مان وڌيڪ نه پي سگهيس. "هيءُ اهڙو شراب ته ناهي، جيڪو هوءَ پيئاريندي آهي." ان ڪانپوءِ هوءَ ڪڏهن به جام کڻي مون کي خوابن ۾ پيارڻ نه آئي. شايد ڪاوڙجي وئي هئي، اڄ تائين وري ائين، پيئاريو اٿائين، جيئن پيئاريندي هئي.

## ٻيلي کاتي ۾ نوڪريءَ جو ماحول

ون يونٽ ته ٽُٽو پر ان سان جيڪي انتظامي مسئلا اٿيا، انهن نوڪريءَ ۾ آيل اسان نَون رنگروٽن کي پريشان ڪري وڌو. ٻاهرين صوبن مان آيل آفيسرن کي هڪدم واپس پنهنجن صوبن ڏانهن موڪلڻو يا اضافي پُولَ ۾ رکڻو هو. سنڌ جي چيف ڪنزرويٽر/ سيڪريٽري ٻيلي کاتي، W.A.Kirmani صاحب اهو مناسب سمجهيو ته ٻاهرين آفيسرن کي جولاءِ 1970ع کان پوءِ به سنڌ ۾ مزا وٺڻ ڏنا وڃن ۽ اسان نون آفيسرن کي نوڪريءَ مان اضافي پُول ۾ وجهي جهٽڪو ڏين. ائين پئي چيائون ته هي جونيئر آهن. سو انهن کي سرپلس پول ۾ موڪليو. اسان جون ته وايون بتال ٿي ويون. خبر نه ٿي پئي ته هاڻي اسان جو آئيندو ڇا ٿيندو. آٿت ۽ دلجاءِ ڏيڻ وارو ڪو به ڪونه هيو. آسمان مان ڪرياسون، پر کجيءَ ۾ اچي اٽڪي پياسون. اهو عرصو مهينن تائين هليو. مان گهر ويهي رهيس. 275/= رپيه پگهار ملندو رهيو. ڪورٽ ۾ وياسون، رحيم بخش اعوان جي ڀاءُ امداد اعوان صاحب کي وڪيل ڪيوسون، جنهن اسان جو ڪيس وڙهيو. ڪيس في به ڪافي عرصي کان پوءِ ڏني. محمد صالح ڪوريجي صاحب جهڙي سنڌ دوست آفيسر ۽ خود ممتاز ڀُٽي صاحب پڻ ڪرماني جهڙن پنجاب/ مهاجر دوست آفيسرن جي هڪ هلڻ نه ڏني. انهن سڀني آفيسرن کي 31 ڊسمبر 1972ع تائين سنڌ ڇڏڻ جو آخري حڪم مليو ويو تنهن هوندي به سنڌي آفيسرن کي نوڪريءَ تي لڳڻ ۾ وڌيڪ ڪجھ مهينا لڳي ويا. جنهن جو مون کي پڻ تجربو ٿيو.

فيبروري 1973ع ۾ منهنجي پوسٽنگ نئين پيدا ڪيل جروار رئنج (تعلقه ميرپور ماٿيلو) ۾ ٿي، پر مون کي ان جي چارج 15 مارچ تي ملي. تيستائين مان ميرپور ماٿيلي ۾ رحيم بخش شيخ جو مهمان ٿي رهيو پيو هوس. مون کي سرور آرائين DFO چوندو رهيو ته توهان ترسو چيف ڪنزرويٽر ٽوئر ڪري وڃي ته توهان چارج وٺجو. اهو انتظار ڏکو ٿي ويو. مان اڻ ڄاڻ، هنن جي نيتن کان بي خبر رهيس. ڪرماني صاحب ٻيلي کاتي جو

Gul Hayat Institute

سيڪريٽري ٿي ويو هيو ۽ محمد صالح ڪوريجو سي سي ايف ۽ اسحاق شيخ صاحب CF ٿيا هئا. شيخ صاحب بہ هيو تہ سنڌي، پر چا ڪري، ڪرماني صاحب جي سَٽَ ڪير سهي. اهو ڪوريجو صاحب هيو جنهن انهن ڳالهين کي منهن پئي ڏنو. آخر اهو ڏينهن بہ اچي ويو. جڏهن CF, CCF ۽ DFO جروار ٻيلو گهمڻ آيا. جروار ٻيلي جي ايراضي 2900 ايڪڙ هئي ۽ سڄو ڪٽيل هيو. ان ايراضي ۾ RFO رانا اسلم (پنجابي) اتي ترقياتي ڪم ڪرايا هئا ۽ جيڪي ڪم نہ بہ ڪرايا هئا، ان جا پئسا بہ کائي ڪپائي ويو هيو. ٻيلي کاتي جي آفيسرن جو ڪاٽائو پٽ هيو.

ان گشت ۾ راڻا اسلم بہ هيو ۽ مان بہ خاڪي يونيفارم ۾ هيٺ پائي شامل ٿيس. راڻا اسلم جي مقابلي ۾ مان سنهڙو ۽ ٻچڙو پئي لڳس. منهجي اکين جي چمڪ ۽ اعتماد شايد ڪوريجي صاحب ڏسي ورتو هيو پر اسحاق شيخ صاحب کي نظر نہ پئي آيو. قصو محمد سرور آرائينءَ DFO شروع ڪيو. منهنجي روبرو چيائين: ”سائين جروار فاريسٽ سڄو ڪٽيل آهي. پنجن سالن تائين زرعي آباديءَ ۾ رهيو آهي. 800 ايڪڙن جي پلانٽيشن جو ٽارگيٽ آهي.“ ڪوريجو صاحب ڪنڌ لوڏيندو رهيو سرور صاحب وڏيڪ ٿلهہ مضبوط ڪيو. ”سائين اسلم راڻا RFO سينئر ۽ تجربيڪار آفيسر آهي. ٻن مهينن ۾ هي سڄو سارو ڪم ڪيو اٿائين. عبدالقادر نئون آهي، هينئر ڪاليج مان نڪتو آهي. هيءَ پهرين چارج ٿيندس. ڪم وڌو ۽ ڏکيو آهي. اجازت ڏيو تہ اسلم صاحب کي جون تائين هتي رهائيون ۽ عبدالقادر کي ساڻس Attach ڪري ڇڏيون تہ پلي ڪم سکي وٺي.“

اهو داستان ٻڌي منهنجون تہ وايون بتال ٿي ويون. مون کي ترسائڻ جو سڄو ڊرامو اهو هيو.

سلام توتي ڪوريجا صاحب!

چيائين: ”بابا پنهنجن آفيسرن کي تجربو نہ ڏبو ۽ سيکاربو نہ تہ پوءِ ڪيئن ڪم سمجهندا.“

”پاڻهين ڪم ڪري ويندو.“ اُن تي وري CF صاحب اسحاق صاحب ڳالهايو ۽ DFO جي پٺڀرائي ڪئي.

ڪوريجي صاحب چيو!

Sorry Gentlmen, I can't help you. It is against policy of Govtt:

ڪوريجي صاحب ائين چئي چيپٽر ئي بند ڪري ڇڏيو.

منهنجي اکين ۾ ڏسي چوڻ لڳو.

“Well Young man! Are you married?”

منهنجي جواب ٻڌڻ کان سواءِ وڌيڪ چوڻ لڳو:



“Leave your wife with her parents, come and settle in the forest and complete the target.”

مون وراڻيو هئو:

“Sir, I will not disappoint you.”

ڪوريجي صاحب مسڪرايو. منهنجي پٺي ٺپي ۽ پوري گروپ سان روانو ٿي ويو.

مون کي DFO جو ڌڪ ٿيو پر CF شيخ صاحب جو وڌيڪ رنج پهتو هو. شيخ صاحب بہ سنڌي هيو ۽ ڪيس ائين نہ ڪرڻ کپي ها.

ٻيلي کاتي جا جلوا ظاهر ٿيڻ لڳا. مون کي لڳو اها شايد منهنجي عملي تربيت جي ابتدا هئي.

مون چارج ورتي. ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ گهر ڪِرائي تي ورتو. امان ۽ گهر واريءَ کي بہ وٺي آيس. شاديءَ جي ٻن ادائي سالن ۾ بہ نياڻيون بہ ڄائيون هيون. صفيہ قادر ۽ ذڪيہ قادر. اهي بہ اسان سان گڏ. هڪ جي عمر ڏيڍ سال، ٻيءَ جي عمر ٽي مهينا.

Family کي ان جي Parents سان تہ نہ ڇڏيو پر مون ڪم چرين وانگر ڪيو. موٽر سائيڪل ورتي. پهرين هوندا 50، ۽ پوءِ هوندا ـ70. ٻيلو ڇهہ ڪلوميٽر پري هيو نہ ڏينهن ڏٺو نہ رات، ويندو رهيس. نئون نئون ڪاليج کان نڪري آيو هوس. منهنجي ڄاڻ بہ نئين هئي ۽ جذبا بہ جوان. مون کي صرف ڪاميابين جو سبق مليل هيو. مان ناڪامين جو نہ ٻڌايو هو.

ڪم سنڀاليو تہ ڏٺم تہ راڻا اسلم نہ فقط پئسا کائي ڪپائي ويو هو پر ڪم اڌو گابرو ڇڏيل هيو. سڄو معاملو DFO سان شيئر ڪيم. چيائين راڻا کي چئون ٿا، ڪم ڪرائيندو. پر اهو ڪم، نہ ٿيو سو نہ ٿيو.

ڪم کي ڏڪيندو رهيس، ۽ ٺيڪ ٺاڪ.

Planting Stock (ٽالهيءَ جي ڪٽنگ) جو جائزو ورتم تہ سنڌ ۾ ڪجهہ بہ ڪونہ هيو. ٽالهيءَ جا قلم، ڇڪيون ۽ ٻج ڪٿان اچن؟

ميرپور ماٿيلي ۾ چار RFO رهندا هئا. هڪ ميرپور ڪچي جو ٻيو ميرپور پلانٽيشن، سرحد پلانٽيشن ۽ جروار ـ جروار جو RFO مان هيس. ميرپور ڪچي جو RFO سيد حسن علي شاهہ معصومي، دبنگ آفيسر هيو جنهن سان اسان جو گهٽ واسطو پوندو هيو. ميرپورماٿيلي ۾ رحيم بخش شيخ ۽ سرحد ۾ سائين لالا فضل احمد ٻيلائي هيو. لالا صاحب لاءِ مشهور آهي تہ هو ٻيلي کاتي جو دماغ آهي.

ٽالهيءَ جا قلم سنڌ مان ڪٿان بہ نہ مليا. باقي رحيم بخش شيخ چيو تہ ٻير جو ٻج جام آهي، پر منهنجي دل ان ڳالهہ کي قبول نہ پئي ڪري تہ ٿڌي سني زمين ۾ ٻير

Gul Hayat Institute

لڳائجي. مون DFO کي مدد لاءِ چيو. اتان بہ ڪتو جواب مليو.

چيچہ وطني جو پنجاب جو چانگا مانگا کان پوءِ وڏو فاريسٽ آهي. اتي منهنجو هڪ فاريسٽ ڪاليج جو دوست لڳل هيو. هن بہ لک ٽالهيءَ جا قلم ڪيش پيمينٽ تي ڏنا. پاڻ وچي ٽرڪون پرائي ڪٽي آيس ۽ پوکائي شروع ڪيم. هڪ ايڪڙ ۾ 726 قلم لڳندا آهن. تقريباً 300 ايڪڙ ۾ ٽالهي پوکرايم. ٻي زمين ۾ ٻير لڳايو ويو.

پشاور فاريسٽ انسٽيٽيوٽ ويس. اتان يوڪلپٽس جا ٻوٽا ٽرڪ پرائي ڪٽي آيس. اهي بہ پلانٽيشن ۾ روڊن سان لڳايا ويا. فاريسٽ مائينر جو ڪم بہ پورو ڪرايم ۽ ان سان بہ يوڪلپٽس لڳرايم. اريگيشن کاتي کان مائينر جي منظوري بہ ورتم.

هڪ آبڪلاٽيءَ ۾ (اپريل-آڪٽوبر) تائين 800 ايڪڙن جي بدران 1400 ايڪڙن جو ٽارگيٽ ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪيو. يوڪلپٽس جي ڪري پلانٽيشن ڏاڍي خوبصورت لڳي رهي هئي.

DFO سرور آرائين پهريون دفعو وزٽ تي آيو. وزٽ ڪري روانو ٿيو. لنچ تي ميرپور ماٿيلي جي ريسٽ هائوس تي ٻين RFOs سان ملاقات ۾ چيائين تہ "توهان کي جيڪڏهن سٺي پلانٽيشن ڏسڻي آهي تہ منگي صاحب جو ٻيلو ڏسي اچو."

الله جو شان!

اهو ساڳيو DFO منهنجي ساراهہ ڪري رهيو هيو. جنهن مون کي غير تجربيڪار چئي ونڻ کان انڪار پئي ڪيو. پر ان انڪار جو سبب پنهنجي پنجابي ڀاءُ کي ورسائڻ هيو.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ CF اسحاق شيخ صاحب وزٽ تي آيو. ان کي بہ پلانٽيشن ڏاڍي وڻي، جيڪو وزيٽرس بڪ تي وزٽ نوٽ لکيائين، اهو منهنجي "پرسنل پيپرس" ۾ اڃا تائين موجود آهي.

اسحاق صاحب Lateral entry ۾ فيڊرل گورنمينٽ ۾ بدلي ٿي ويو. ان جي جاءِ تي محترم بهاءُ الدين سرهندي وزٽ تي آيو. سرهندي صاحب بہ ڪڙڪ ۽ سخت مزاج آفيسر چيو ويندو هيو. هو بہ latered entry ۾ فارين سروس ۾ ويو هيو پر اتي مزو نہ آيس ۽ واپس آيو هيو.

هُو وزٽ تي آيو تہ پلانٽيشن ڏسي چوڻ لڳو تہ اهي وڻ ڇهن مهينن جا نہ پر ٻن سالن جا آهن. توهان مون سان ٺڳي ڪري رهيا آهيو."

ويندي ويندي ريمارڪس ڏنائين تہ "اهڙي پلانٽيشن مون زندگيءَ ۾ نہ ڏٺي آهي."

مارچ 1975ع ۾ وزير بشير احمد شاهہ (ٺٽي وارو) حميد احمد چيف ڪنزرويٽر سان وزٽ تي آيو. بشير شاهہ ٻيلي کاتي ۾ RFO رهيو هيو. هاڻي ان کاتي جو وزير هيو.



حميد صاحب منهنجي تعريف ڪئي. ڪيس ٻڌايو تہ "عبدالقادر جِي بطور اسسٽنٽ ڪمشنر جي سليڪشن ٿي وئي آهي. ڪجهہ ڏينهن ۾ اسان کي ڇڏي ويندو." شاهہ صاحب چيو تہ "توهان هت رهو تہ توهان کي پروموشن ڏينداسين." مان سندن ٿورا مڃيا ۽ معذرت ڪئي.

خدا پاڪ منهنجي فاريسٽ ۾ محنت جو ڦل ڏنو جو ٿوري وقت ۾ پاڻ ميڙايم. 1400 ايڪڙ هڪ سيزن ۾ وڻ پوکائڻ وارو منهنجو اهو رڪارڊ هن وقت تائين شايد قائم آهي.

منهنجو STAR قوس (Sagittarius) آهي. هي اسٽار بہ عجيب آهي، هن ۾ هڪ اها بہ خوبي يا خرابي آهي تہ هو Perfectionist آهي. پنهنجي ڪم مان سولو مطمئن نہ ٿيندو آهي. اها دراصل منهنجي عادت هئي تہ جيڪو بہ ڪم ڪجي اهو مڪمل لگن ۽ محنت سان ڪجي. ان ڪري بہ مان پنهنجي ذميوارين ۽ فرائض سان بہ رومانس ڪندو آهيان، ان جي تڪميل کي خوبصورت کان خوبصورت بڻائيندو آهيان.

## شيخ اياز سان ملاقات

ٻيلي کاتي جي نوڪريءَ دوران ٻيلي جي پر ۾ رهندڙ هڪ پاڙيسري زميندار صديق بوزدار اسان جي هيٺئين عملي سان ملي ڀڳت ڪري فاريسٽ مائينر کي پنهنجي ٻنيءَ ۾ وهائي، چپ چپات ۾ وچي stay ورتو. مان سکر ويس، سرڪاري وڪيل سان ملاقات ڪئي، ڪورٽ پيپر جاچيا، جنهن مان خبر پئي تہ صديق بوزدار جو وڪيل شيخ اياز صاحب هيو. سرڪاري وڪيل اسان سان صلاح مشوري کان سواءِ No Objection چئي ۽ هن ڌُر کي Stay ڏيارڻ ۾ مدد ڪئي هئي. مون ارادو ڪيو تہ ٻي حاضريءَ تي ڪورٽ ۾ پاڻ ڳالهائيندس ۽ ائين ٿيو. مون جج صاحب کي گذارش ڪئي تہ "اچ ئي هلي سرزمين ڏسي، اڃا ڪارا پڌرا ٿي ويندا، نہ تہ Stay order رد ڪري." ڇو تہ سرڪار جي نفعي نقصان جي ڳالهہ هئي. اڃا تائين مون Law نہ ڪيو هيو. جج صاحب منهنجي ان وقت بظاهر حجت واري ڳالهين کي سچ سمجهيو. هن شيخ اياز صاحب کان پڇيو 'اچ سرزمين ڏسجي؟' شيخ صاحب پنهنجي مُوَڪِل سان صلاح ڪئي، ۽ ڪورٽ سڀوريءَ کي گذارش ڪئي تہ سرزمين ڏسڻ جي ضرورت ڪونهي. ڪيس هلائجي، جج ڳالهہ سمجهي ويو ۽ Stay رد ڪيائين.

ڪورٽ ختم ٿيڻ کان پوءِ شيخ اياز صاحب مون ڏي آيو. دعا سلام ٿي. مونکي چيائين تہ صلح ڇونہ ڪجي! مون ڪيس چيو تہ توهان پاڻ سياڻا آهيو. سرڪاري معاملي ۾ مان صلح ڪيئن ٿو ڪري سگهان!

مان صديق بوزدار جو ٿورائتو آهيان، جنهن هي ڪيس ڪري مون تي وڏا احسان

Gul Hayat Institute

ڪيا، جو شيخ اياز سان مُهان مُنهن ملاقات ڪرڻ جو موقعو مليو. هاڻي مون جڏهن جو ٽڻ ڏٺو ۽ وري ياد آيو ته CSS جو فارم 1974 ۾ ڀرجي.

## 1973ع واري ٻوڏ

1973ع ۾ وڏي ٻوڏ آئي. سکر بئراج تي ڏاڍو زور هيو. ٻيلي کاتي وارن جي به سکر بيراج تي ڊيوٽي لڳي، منهنجي ڊيوٽي به لڳي. اتي ئي آفيسرن جي ميٽنگ ۾ مون ممتاز علي خان ڀُٽي جا انتظامي جلوا ڏٺا. ممتاز صاحب تڏهن چيف منسٽر هيو. آفيسرن جي ميٽنگ ۾ ڪين خطاب ڪندي چيائين، ڪنهن به آفيسر جي غفلت جي ڪري جيڪڏهن بند کي گهارو پيو ته 'I will chop his head'... توبهه!

## ميهر شاهه

مون ميرپور ماٿيلي مان family کي ڪنيو ۽ رتيديري ڇڏڻ لاءِ نڪتس. شڪارپور ۾ سج لهي ويو. جڏهن ڳڙهي ياسين تعلقي ۾ 'سون واهه' ڪراس ڪيو ته هڪ ٻي جيپ اسان جو پيڇو ڪيو. جڏهن رتيديري جي ويجهو ٻوهي ڦبن وٽ پهتاسون، ته اها جيپ اسان جي برابر اچي پهتي. اڳيان ٿي همراهه ٻُٽ ٻڌل ۽ بندوقن/ رائيفلن سان ويٺل نظر آيا. جيپ ڪجهه گڏوگڏ هلندي رهي. مون کي پڪ ٿي ته ڦُر ڪندا، پر هو ڊرا ٿي ويا، مان ڪلمو پڙهيو. خير سان گهر اچي پهتس، مامي سان حال احوال ڪيو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مامي ٻڌايو ته ٻي جيپ ۾ ميهر شاهه ۽ سندس گروپ هيو. جيڪي مونکي ڏسي ۽ سڃاڻي هٽي ويا، ڪيس منهنجي لاءِ نياپو ڏئي ويا ته "ادي کي چئجو ته اهڙي بيگاهه وقت ٻاهر نه نڪرندو ڪري." ميهر شاهه به اسان جي تر جو ديومالائي ڪردار هيو. عجيب ۽ بدنصيب شخص هيو.

پِير جو پٽ، پر ڌاڙيل ٿي ويو. ان وقت ۾ پيٽي صاحب جي حڪومت هئي. سائين قاسم شاهه پيري مريديءَ وارو سيد سڳورو هيو. رتيديري شهر جي ڀرسان پنهنجو ڳوٺ هيس. 'شاهه جو ڳوٺ' اسان جڏهن ڏٺو ته هو پاڻ پنجاهه سٺ جي پيٽي ۾ هيو. تر جو وڏو زميندار ۽ پير هيو. هر ننڍو وڏو سندس عزت ڪندو هو. جڏهن ميهر شاهه کي اسڪول ۾ داخل ڪرايائين ته اسان جي عمر جو هيو. ڀيراڙيءَ جي اسڪول مان بدلي ڪرائي اچي اسان جي اسڪول ۾ ۽ اسان جي ڪلاس ۾ داخل ٿيو. سائين محمد ابراهيم عباسيءَ کيس منهنجي ڀرسان ويهاريو ۽ پارت ڪئي ته "پڙهائيءَ ۾ هيڻو آهي، سندس مدد ڪرڻي آهي."

ميهر شاهه ڏاڍو شرميلو پر ڳڻن وارو هوندو هيو. مئٽرڪ نه ڪري سگهيو. اسان جي منزل ٻي، هن جي منزل ٻي. ڪڏهن ڪڏهن رستي ايندي ويندي ملاقات ٿيندي هئي. اهو



ڦرڪو ڪيئن ڦريو خدا ٿو ڄاڻي. هڪڙو شرميلو سهڻو جوان، گاديءَ ڌڻي، ڏوهن جي دنيا جو بادشاهه ڪيئن بڻجي ويو. چون ٿا ته 'ماڻهن جي اغوا' جو رواج وجهندڙن ۾ ميهر شاهه اڳيرو هيو. 'منشارام' هندو ڇوڪرو اسان کان هڪ سال اسڪول ۾ پوئتي هيو. ان کي کڻائي، ٻه ٽي ڏينهن ڳوٺ ويهاري ڇڏيائين. چيائين "تون وڃين ٿو بس هت ويٺو هج. آءٌ توکي ڪجهه نه ڪندس." ائين ميهر شاهه هندو ڇوڪري جي پيرن ۾ ويٺو رهيو. ڇڻ نئين دور جي ابيچند ۽ سرمد جو قصو هجي! ٻيا ته ڏوهه ڪندو رهيو.

پيٽي صاحب المرتضيٰ ۾ دعوت ڪئي. پيٽي صاحب جي دعوت به چاته دعوت هوندي هئي. امير، ڪبير، وزير، سفير سڀ اچي گڏ ٿيندا هئا. جن جي رهائش جو بندوبست ڪن جو لاڙڪاڻي ۾، ته ڪن جو وري سکر ۾.

سکر وارو ٽولو رائيس ڪئنال ڏئي سکر روانو ٿيو. تڏهن مدئجي وارو پڪو رستو اڃا ڪونه ٺهيو هيو. ڌاڙيلن ان ٽولي کي ٻهمڻ وٽ روڪيو ۽ ڦر ڪئي. جنهن ۾ وزير، عطا حسين ٽالپر ۽ ڪجهه يورپ جا سفير وغيره به ڦرجي ويا.

چون ٿا ته ڦر ڪندڙ ميهر شاهه ۽ صالح جيهي جو ٽولو هيو. اها سندن هاءِ پروفائيل واردات هئي.

ايس پي پنجيل خان جوڻيجو رتيديري ۾ ميهر شاهه جي اوطاق تي Raid ڪيو. اتي جو اتي ميهر شاهه، صالح جيهو ۽ دريا خان جاڪرو کي قتل ڪري ڪٽي ويو. جيڪو پوءِ مقابلو ڏيکاريو ويو. اهڙي طرح ان سهڻي نوجوان جو انت آيو. ان وقت سندس عمر 25 سالن کان وڌيڪ ڪانه هئي. صالح جيهو به سهڻو جوان هوندو هيو. پر جاڪرو مون ڪونه ڏٺو هيو...

Gul Hayat Institute

3

# مئي 1975ع کان سيپٽمبر 1979 تائين

## اسٽنٽ ڪمشنر_ نئين منزل

انهن ئي ڏينهن ۾ ڳوٺ، رتيديري عيد جي موڪلن تي فيمليءَ سان آيس. دوستن سان ملاقاتون ٿيون. رجب علي قادريءَ ۽ پرڪاش سان ڪچهريون ٿيون. رجب عليءَ ڪيسي مان هڪ اخبار جي ڪٽنگ ڪڍي مونکي ڏيکاري، جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرن جي سڌي ڀرتي لاءِ اهل اميدوارن کان درخواستون گهرايون ويون هيون.

رجب عليءَ چيو ته ڪجهه وقت اڳ ۾ ڊي ايس پي سڌا ڀرتي ڪيا اٿائين، تون هن پوسٽ لاءِ ڪوشش ڪر.

هن جو چوڻ هيو ته علي حسن منگي صاحب جي معرفت مان ڪوشش ڪريان. قادري صاحب جي مرضي هئي ته سرور منگي (منهنجو ماسات) ڪراچيءَ ۾ نوڪريءَ ۾ هو جيڪو رهندو ئي منگي صاحب جي گهر ۾ هو ان جي معرفت منگي صاحب کي Push ڪرائجي.

رجب علي منهنجا سرٽيفڪيٽ ڪٽي ويو انهن جا duplicate ٽائيپ ڪري Attest ڪرائي ۽ درخواست به تيار ڪرائي ڪٽي آيو. ان دؤر ۾ فوٽو اسٽيٽ جو رواج ڪونه هيو مون کان درخواست تي صحيح ورتائين. هڪ درخواست چيف سيڪريٽري ۽ ٻي سرور منگي کي registered post ڪرايائين. ان وقت ئي مون کي PCO تي وٺي آيو. سرور منگيءَ سان حال احوال ڪيائين. سرور به رجب عليءَ جو شاگرد رهيو هيو. هن کي سنڌس نيڪ نيتيءَ ۾ شڪ نه هيو.

## اسسٽنٽ ڪمشنر جو انٽريو

اسسٽنٽ ڪمشنر لاءِ ڪمشنر سکر وٽ انٽرويو ٿيو. فائينل انٽرويو چيف سيڪريٽري سنڌ، محترم سعيد احمد قريشيءَ وٽ ٿيو منگي صاحب هٿي وجي هنڌ ڪيو. منهنجي تقرري بطور اسسٽنٽ ڪمشنر ٿي وئي. نتيجو 31 مارچ کان اڳ ۾ آيو. 1



مئي 1975 تي پشاور PCS اڪيڊمي ۾ پهتم. اتي Commander Izzat ڊائريڪٽر جنرل هيو. دبنگ ماڻهو هيو. KDA ۾ به DG ٿي رهيو هيو. اسان جي 4 مهينن جي ٽريننگ هئي. آخري هفتو سنڌ جي Tour تي بدل هيو. ان کان پوءِ اڪيڊميءَ مان موڪل ملي. ان بعد اسان کي فيلڊ ۾ نه موڪليو ويو. پهريان بورڊ آف روينيو ۾ ميجر ايڪٽ ۽ لئنڊ روينيو ايڪٽ ۽ روينيو ڪوڊ ۽ سرڪيولر پڙهايائون.

چيائون ته اڃا سبق ڪچو آهي. وڌيڪ چئن هفتن لاءِ لوڪل گورنمينٽ انسٽيٽيوٽ ٽنڊوڄام ڏانهن موڪليائون. چونڊيل دوستن جو تعداد 36 هيو ۽ انهن جا نالا هيءَ آهن.

1. **محمد عامر انصاري (ڪراچي):** هن شروع ۾ ئي استعيفيٰ ڏئي ڇڏي پر پوءِ وري نوڪري Join ڪئي، پڪو MQM جو آهي، سينٽرل ضلعي جو DC ٿيو ۽ پوءِ وري استعيفيٰ ڏئي ويو. هينئر پنهنجي ڪمپني ٿو هلائي.
2. **منهاج الدين:** هي به ڪراچيءَ جو هيو. بنگالي/ بهاري بئڪ گرائونڊ هيس. خوش باش قسم جو ماڻهو هيو. گهاري ۾ 1980ع ۾ SDM هيو اتي دل جو دورو پيس ۽ فوت ٿي ويو.
3. **اسد الله خان:** ڪراچيءَ جو هيو. هن جي پوسٽنگ گهڻو ڪري ڪراچيءَ ۾ رهي. آخري Posting ڪمشنر SESSI تي هيس، جتان 1999 ۾ رٽائرڊ ٿيو. ٻار ٻچا آمريڪا ۽ ڪئناڊا رهنس ٿا. پاڻ به ڪڏهن اوڏانهن ته ڪڏهن ڪراچيءَ ۾ رهندو آهي.
4. **خواجه شفيق:** خواجه نويد، مشهور وڪيل جو وڏو ڀاءُ آهي، پاڻ به تيز ۽ چاڻو ماڻهو آهي. CSS ۾ ويٺو. انڪم ٽيڪس گروپ آيس. ڪجهه عرصو انڪم ٽيڪس ۾ نوڪري ڪيائين وري واپس آيو. هن ڪراچي ۽ ٻهراڙين ۾ به نوڪري ڪئي. خيرپور جو ڊپٽي ڪمشنر، شڪارپور ۽ سکر جو DCO به رهيو.
5. **رشيد عالم:** ڪراچيءَ جو آهي، آخر ۾ سيڪريٽري تي رٽائرڊ ڪيائين. موري ۾ به AC/SDM تي رهيو.
6. **فرحت راشد** ۽ 7. **ملڪ جبين عالم:** هي ٻئي خواتين ڪراچيءَ جون آهن، پشاور ۾ يا حيدرآباد ۾ ٽريننگ لاءِ ڪونه آيون. سندن posting ڪراچيءَ ۾ رهي، فرحت راشد برجستي خاتون ۽ آفيسر آهي. ڪجهه وقت مشرف جي دؤر ۾ نٿي جي DC به ٿي رهي.
8. **غلام حسين قريشي:** دادو ضلعي جو آهي، چاڪر علي خان جوڻيجو سنڌس پيٽوپو آهي. AC ٿيڻ کان اڳ ۾ لوڪل باڊيز ۾ چيف آفيسر هيو. سڌو سڀاجهو ۽ سادو ماڻهو آهي. نوڪريءَ دوران ڪنهن سان دوستي گهٽ رکيائين. گهڻو ڪري اسٽاف

Gul Hayat Institute

posting تي رهيو. پر آخري سالن ۾ DC ٿرپارڪر رهيو. اتان بدلي ٿيس ته Inspector General (آءِ جي) رجسٽريشن ٿيو جيڪا سنڌ ۾ سٺي ۾ سٺي پوسٽ سمجهي ويندي آهي. هاڻي منهنجو ويجهو يار آهي. ڪيس الله خوش رکي، اسان دوست ڪيس "ڏيئڻ جهڙو پٽ" چوندا آهيون.

9. **منظور علي اعوان:** جيڪب آباد جو آهي، ڪافي سال اتي DC آفيس ۾ نوڪري ڪيائين پوءِ AC ٿيو. چاڻو ماڻهوءِ برجستو آفيسر آهي. سکر ۾ AC/SDM، ACG ۽ AC/SDM شهدادڪوٽ ۽ لاڙڪاڻو رهيو آهي. DC خيرپور ۽ ڊائريڪٽر فوڊ سنڌ به رهيو. اڄڪلهه اومبڊسمن جي آفيس ۾ ڪنسلٽنٽ آهي.

10. **عبدالقادر منگي:** توهان جو پنهنجو.

11. **مير شفقت حسين ٽالپر:** سوڀي ديري ضلعي خيرپور جو آهي. مشهور ڪاموري ۽ شخصيت مير شهداد خان ٽالپر جو پٽ آهي. مير شهداد ٽالپر ڊي سي جيڪب آباد رهيو ۽ اتي Heart attack ٿيس ۽ فوت ٿي ويو مير شهداد خان، شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو ويجهو ذاتي دوست رهيو. مير شفقت AC/SDM ۽ ڊي سي رهيو. آخر ۾ بورڊ آف روينيو جي ميمبر طور ريٽائرڊ ٿيو. مير صاحب روينيو جي ڪم ۽ زراعت جو ماهر آهي. هاڻي پنهنجي فيمليءَ جي زمين سوڀي ديري ۾ سنڀالي ٿو. ڪامياب ۽ خوشحال زميندار آهي. سندس اولاد سڀئين نوڪرين تي لڳل آهن. سندس پٽ بئريسٽر محمد علي ناليوارو وڪيل آهي.

12. **پير ضياءُ الحق سهروردي:** پير ضياءُ پريا شهر، نوشهري ضلعي جو آهي. مرحوم پير قربان، جيڪو گڏيل نوابشاهه ضلعي ڪائونسل جو چيئرمين هيو. ان جو ڏوهٽو آهي. پير ضيا AC ٿيڻ کان اڳ ۾ حيدرآباد ۾ وڪالت ڪندو هيو. گهڻي نوڪري حيدرآباد ۾ ڪئي اٿس. رٽائرڊ ٿيڻ وقت سکر جو DCO هيو. برجستو آفيسر هيو. تمام گهڻو اٿڻ ويهڻ اٿس. يار باش ماڻهو. شادي غميءَ ۾ دوستن سان پير ڪٽڻ ۾ پوئتي نه رهندو آهي. منهنجو گهاٽو يار آهي. حيدرآباد ويندو آهيان ته سندس ميزبانيءَ مان ضرور لطف اندوز ٿيندو آهيان.

13. **خالد ميان راڄپر:** نوشهري فيروز ضلعي ۾ سردار احمد خان جو پٽ ۽ هاڻي راڄپر قوم جو سردار آهي. نوڪريءَ دوران ڪجهه مسئلا ٿيس، هاڻي زميندار، سرداري ۽ سياست ڪري ٿو. هن وقت آمريڪا ۾ رهي ٿو.

14. **زين العابدين شاهه:** نوابشاهه جي مشهور شاهه خاندان جو چشم و چراغ. پيارو انسان آهي. شروع ۾ ئي نوڪري ڇڏي ويو. منهنجي 03_2002 ۾ نوابشاهه ۾ DCO هجڻ واري دور ۾ ساڻس ملاقات ٿيندي رهندي هئي.



15. **علي بخش انڙ:** نوابشاهه جي انڙ خاندان مان هيو. هي به زين العابدين شاهه سان گڏ نوڪري ڇڏي ويو. فوت ٿي ويو آهي.

16. **قربان علي ميمڻ:** نوابشاهه جو هيو. عبدالفتاح ميمڻ PPP جي ڊپٽي سيڪريٽريءَ جنرل جو ڀاءُ هيو. MLO-55 جي ٽيسٽ ۾ سندس گريڊ گهٽائي سيڪشن آفيسر ڪيو ويو. ويجهڙائيءَ ۾ دل جي دوري سبب فوت ٿي ويو آهي.

17. **عطا حسين سهتو:** هن کي به سيڪشن آفيسر ڪيو ويو. نوشهري فيروز جو آهي.

18. **عبدالعزيز سنجراڻي:** سانگهڙ/ نوابشاهه جو هيو. هن کي به MLO-55 ۾ مختيارڪار ڪيو ويو. ڪافي عرصو ٿيو فوت ٿي ويو آهي. مشهور سياستدان عبدالقادر سنجراڻيءَ جو پٽ هيو.

19. **عطا محمد عباسي:** دادو ضلعي جي محترم غلا محمد عباسيءَ، سيڪريٽري ٽو CM جو ڀاءُ، هينئر رٽائرڊ ٿيو آهي.

20. **سيد انور علي شاهه:** ميهڙ ضلعي دادو جو هيو. ڪافي سال ٿيا اٿس ته فوت ٿي ويو آهي. تر ۽ ڪراچي ايسٽ ۾ ڊي سي ٿي رهيو.

21. **محمد عثمان منگي:** لاڙڪاڻي جو پر هينئر حيدرآباد ۾ رهي ٿو. منهنجي ۽ عثمان صاحب جي مٽي ماڻٽي ٿيل آهي. MLO-55 ۾ ڪيس مختيار ڪيو ويو. هينئر سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ Director Estate آهي. ڏاڍو سوشل ۽ علم دوست ماڻهو آهي. ماڻڪ موتي تنظيم جي وسيلي ڪافي فنڪشن ڪندو ٿو رهي. سنڌ جي عالمن اديبن بابت ڪتاب به ڇپايا اٿائين.

22. **ارشد مغل:** عبدالرئوف مغل وڪيل جو پٽ، اصل ۾ لاڙڪاڻي جو آهي. MLO-55 ۾ ڪيس مختيار ڪيو ويو. نوڪريءَ ۾ سرڪاري ڊيوٽي ڪندي سنڌين جي دشمنن جي گوليءَ جو بک ٿي جواني ۾ ئي شهيد ٿي ويو. منهنجو پيارو دوست هيو. هيءُ ٻچ ۾ ننڍي عمر وارو آفيسر هيو.

23. **احمد علي ڪوڪر:** لاڙڪاڻي جي مشهور ڪوڪر فيمليءَ مان علي انور ڪوڪر (مشهور آفيسر) جو ڀيڻيو آهي. MLO-55 ۾ نوڪريءَ مان نڪري ويو. هاڻي ڪاروبار ڪري رهيو آهي.

24. **احمد بخش ڪوڪر:** ڏوڪريءَ تعلقي، لاڙڪاڻي ضلعي جو آهي. دبنگ آفيسر آهي. خيرپور ۾ DC رهيو. لاڙڪاڻي، بدين، خيرپور، نوابشاهه ۾ DCO رهيو. سيڪريٽري ٿي رٽائر ڪيائين. هاڻي هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت ڪري ٿو. اسان سندس قدبت جي ڪري ڪيس SP ڪوڪر چوندا هئاسون.

25. **عبيدالله لاکو:** ٻنگل ديري ضلعي لاڙڪاڻي جو هيو. هن جو والد صاحب مولوي غلام

Gul Hayat Institute

يحيٰ مشهور سياسي ورڪر هيو. پٽو صاحب ڪيس تمام گهڻو پائيندو هيو. عبيدالله ڪي جوانيءَ ۾ ئي دل جو دورو پيو ۽ فوت ٿي ويو.

26. **غلام الرسول انڙ:** جيڪب آباد جو آهي. نوڪريءَ کان اڳ ۾ وڪالت ڪندو هيو. MLO-55 ۾ ڪيس نوڪريءَ مان آجو ڪيو ويو.

27. **آغا اشفاق پٺاڻ:** شڪارپور جو مست قلندر ماڻهو آهي. MLO-55 ۾ ڪيس نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو.

28. **احمد فهيم مغل:** اصل شڪارپور جو آهي. سنو سيبتو هميشه مدد ڪرڻ لاءِ تيار. PPP بينظير صاحبه جي پهرئين دؤر ۾ آصف زرداري صاحب جو سيڪريٽري هيو. سندس حڪومت وڃڻ کان پوءِ ڪيس ڏاڍي تڪليف آئي. پر احمد فهيم مغل صاحب پير ڪوڙي بيهي رهيو. نه زرداري صاحب خلاف سلطاني گواهه ٿيو ۽ نه پاسو ڇڏيائين. هاڻي رٽائر ٿيڻ کان پوءِ به زرداري صاحب جو سيڪريٽري آهي. اهڙا اصول ۽ همٿ وارا ماڻهو گهٽ ملندا. اسان جي شادي براديءَ تي اچ وڃ آهي. الله ڪيس ساجهه ڏني آهي.

29. **عرفان شعبان ميراڻي:** عرفان، سائين آفتاب شعبان ميراڻيءَ جو پٽ هيو. اسان جي سڄي گروپ ۾ هيرو هيو. جهڙو هيو سهڻو تهڙو هيو سلڇڻو الله اهڙا پٽ سڀني سنڌين کي ڏئي. ڪلندو هيو ته گل ٽڙي پوندا هئا. ڪيس هر ڏسڻ وارو باغ باغ ٿي پوندو هيو. جڏهن حيدرآباد ۾ ٽريننگ هئي ته احمد فهيم مغل ۽ عرفان شهيد گڏ هڪ ڪمري ۾ رهندا هئا ۽ مان ۽ منظور اعواڻ سرڪٽ هائوس جي ٻئي ڪمري ۾.

حيدرآباد جي ٽريننگ دوران ئي عرفان ۽ فهيم ڪوٽڙي گهمڻ ويا هئا. واپسيءَ ۾ سيڪاٽ وٽ ٽرڪ سان ڪار جي حادثي ۾ عرفان ٽڏي تي گذاري ويو. فهيم ڪافي ڏينهن بيهوش رهيو پر بچي ويو.

30. **علي امام زيدي:** حيدرآباد لطيف آباد جي اڳوڻي سينئر سياستڪار ۽ وزير ٽرانسپورٽ بديع الحسين زيدي جو پٽ هيو. هي زيدي پنهنجي والد وانگر شريف ماڻهو هيو. پشاور ۾ هئاسون ته علي امام زيديءَ جي پيءُ جي سپر هاءِ وي تان اغوا جي خبر آئي. حڪومت ۾ چڻ زلزلو اچي ويو. ڪوشش ڪان پوءِ وزير صاحب سلامتيءَ سان مليو.

31. **محڪم الدين قادري:** روهڙيءَ جي مذهبي ۽ پڙهيل لکيل خاندان جو آهي. سندس چاچو ڊي آءِ جي پوليس غلام صديق قادري هيو. جيڪو ويجهڙائيءَ ۾ فوت ٿيو آهي. سندس پيءُ غلام قادر قادري رٽائرڊ سيشن جج هيو. ريٽائرڊ ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر ٿيو.



32. **شفيق احمد ڪوسو:** ٺل، جيڪب آباد جي مشهور شخصيت ۽ اڳوڻي ايم. اين. اي دريا خان ڪوسي جو پٽ آهي. شفيق لاڙڪاڻي جو DC، سکر جو DCO ۽ حيدرآباد جو ڪمشنر ۽ سيڪريٽري پڻ رهيو. هن وقت سياست ۽ زراعت سان وابسته آهي.

33. **امير علي ڀٽو:** نوشهري فيروز جو آهي. جتوئي صاحب ڪي ويجهو هئو. سيڪريٽري ٿي رٽائر ٿيو. ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو.

34 **ميان اقبال:** شڪارپور جو هيو. لياقت علي خان جو پيٽڙيو هو. ايڪسيڊنٽ ۾ فوت ٿي ويو.

35 **اقبال احمد زبيدي:** اقبال احمد اصل ۾ حيدرآباد/ ڪوٽڙيءَ جو آهي. طفيل علي ۽ حسن علي عبدالرحمان جو ويجهو مائٽ آهي. سيڪريٽري ٿي رٽائر ٿيو. هاڻي ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو.

36. **شمس الدين لغاري:** نجم الدين سريوال جو ڀاڻيو آهي. وڏو زميندار آهي. گهڻي نوڪري حيدرآباد ۾ ڪيائين. هاڻي به ڳوٺ ماڻڪ لغاري ۽ حيدرآباد ۾ رهي ٿو.

## لاڙڪاڻي جي ڊي سيءَ وٽ ٽريننگ

'خير خوبيءَ' سان حيدرآباد ۾ ٽنڊوڄام واري تربيت مڪمل ٿي، اسان کي اسان جي آپشن تي فيلڊ/ضلع تربيت لاءِ ضلعن ۾ مقرر ڪيو ويو. مون لاڙڪاڻي ضلعي جو option ڏنو. مون سان گڏ ارشد مغل، احمد بخش ڪوڪر ۽ احمد علي ڪوڪر کي به لاڙڪاڻي ڊي سيءَ جي وٽ رکيو ويو. لاڙڪاڻي جو ڊي سي خالد احمد (ڪرل) هيو.

*

هفتو کن ته اسان ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ (ADM) لاڙڪاڻو محترم محمد اسد الله شيخ جي آفيس ۾ مهمانيون ڪاٽيون. هفتي کان پوءِ اسد صاحب ٻڌايو ته توهان سڀني کي مهيني جي ٽريننگ تي تعلقن ۾ موڪليو ويو آهي ۽ توهان جو هيڊ ڪوارٽر ٻهراڙيءَ جي مختلف اريگيشن ريسٽ هائوسن تي مقرر ڪيو ويو آهي. اهي ريسٽ هائوس سڀ ٻهراڙيءَ ۾ هئا.

Gul Hayat Institute

## قبي سعيد خان ۾ تربيت

منهنجو هيڊڪوارٽر قبو سعيد خان، تعلقي شهدادڪوٽ ۾ مقرر ڪيو ويو. هاڻي قبو سعيد خان خود تعلقو ٿي ويو آهي. قمبر - شهدادڪوٽ ضلعي جو اهو ريسٽ هائوس جهنگ ۾ اڪيلو هيو. بورچي هيو جيڪو منهنجي نظرداري ۽ ماني ٽڪيءَ جو بندوبست ڪندو هيو. منهنجو پڙتال، جمع بنديءَ ۽ وصولين جو پروگرام تپيدارن سان ۽ سپروائيزر تپيدارن سان مقرر ٿيل هوندو هيو. ڪڏهن فيلڊ ۾ ويندا هئاسون، ڪڏهن ريسٽ هائوس

تي ويهي ڪم ڪبو هيو. يا وري ڪڏهن مختيارڪار جي آفيس ۾.

شهدادڪوٽ سب ڊويزن ۾ ٻہ تعلقہ هئا: هڪ شهدادڪوٽ، ٻيو ميرو خان. شهدادڪوٽ ۽ قبو سعيد خان جي وچ ۾ تقريباً ٻارهن ميلن جو مفاصلو هيو ۽ شهدادڪوٽ ۽ رتيديري جي وچ وارو مفاصلو 24 ميل هيو. پر سواريءَ جو ڪو جوڳو بندوبست ڪونہ هوندو هيو. جو مان ڏهاڙي اچ وڃ ڪري سگهان. تنهن ڪري هر ڇنڇر تي رتيديري ويندو هئس ۽ سومر تي موٽي ايندو هئس. شهدادڪوٽ جو AC/SDM محمد نصير پٺو هيو. جيڪو بنگل ديري جو هيو. اهو منهنجو گهڻو خيال ڪندو هيو. قبي سعيد خان جي ويجهو عبدالجليل بروهي ۽ سندس مائٽن جا ڳوٺ آهن. هي تر جا چڱا مڙس ۽ رک رکاءُ وارا هئا. منهنجون بہ تي پيرا دعوتون بہ ڪيائون.

قبو بلوچستان جو گيٽ وي آهي. مگسي صاحبن ۽ کهاوڙن جو اثر شهدادڪوٽ شهر ۾ هيو. مان شهدادڪوٽ کان پري هئس. موجوده مگسي برادران جو والد صاحب پٺي صاحب جو گهاٽو يار هيو. لندن ۾ شايد گڏ رهيا هئا، پٺي صاحب جي اقتدار ۾ اچڻ کان اڳ ۾ سندس قتل ٿي ويو. جڏهن شهدادڪوٽ ۽ جهل مگسيءَ کي آباد ڪرڻ لاءِ N.W Cannal مان نئين شاخ نڪتي تہ ان جو نالو پٺي صاحب سندس نالي پويان سيف الله مگسي برانچ رکيو.

مگسي برادران سياست ۾ ڏاڍو نالو ڪييو آهي. 1985ع جي اليڪشن کان پوءِ ٽنهي وڏن ڀائرن: نواب ذوالفقار علي خان مگسي، نوابزاده نادر علي خان مگسي ۽ عامر خان مگسيءَ مان ڪوبہ پاءُ اقتدار ۾ نہ هجي، ائين ڪڏهن ناهي ٿيو. پر هي ڀهريون پيرو آهي، جو نادر خان مگسي 2013 جي اليڪشن کان پوءِ وزير نہ ٿيو آهي.

نواب ذوالفقار خان مگسي بلوچستان جو گورنر ۽ وزيراعليٰ بہ رهيو آهي. نادر خان ڪيئي پيرا سنڌ ۾ وزير رهيو آهي. Sports جو ڪوڏيو آهي، ڪار ريس ۾ ڪيترائي قومي ۽ بين الاقوامي ايوارڊ کٽيا اٿائين.

چئن هفتن کان پوءِ چارئي ڄڻان ADM اسد شيخ صاحب وٽ حاضر ٿياسون. کِلي چوڻ لڳو "مزو آيو؟" هنن ٽنهي مشڪي جواب ڏنو: "ڏاڍو!" مان چپ رهيس. دراصل هنن ٽنهي مان ڪوبہ Rest house تي ڪونہ رهيو هو. هفتي ۾ هڪ پيرو تعلقي ۾ وڃي حال احوال وٺي موٽندا هئا. مون هر ويرو ان ڪم کي ڏاڍو serious ورتو.

## ڊي سيءَ جو اسٽاف، ميمبر

ٻن ڏينهن کان پوءِ منهنجو آرڊر نڪتو liaison آفيسر ٽو ڊي سي. منهنجي آفيس بہ ڊي سيءَ جي آفيس ۾ ئي مقرر ٿي. مان ڊي سيءَ جو پرسنل اسٽاف آفيسر هئس. ڊي



سيءَ جو ڪوآرڊينيٽر، پبلڪ رليشن آفيسر، پروٽوڪول آفيسر، ڪمپلينٽ سينٽر جو انچارج. جيڪي بہ درخواست گذار ڊي. سي سان ملڻ ايندا هئا، انهن کي مان ٻُڌي، انهن جا مسئلا حل ڪندو هوس. ڊي سي پنهنجي صحيح سان هڪڙو آرڊر ڪييو هيو. جنهن ۾ لکيل هيو تہ عبدالقادر منگي کي Liasion Officer to DC مقرر ڪيو ويو آهي. سڀني ضلعي آفيسرن کي هدايت ڪجي ٿي تہ ساڻس مڪمل سهڪار ڪيو وڃي.

منهنجي عام ڪم جو وقت صبح جو اٺين وڳي کان پنجين بجي تائين هوندو هيو. پر جيڪڏهن DC آفيس ۾ هوندو هيو تہ مان بہ آفيس ۾ ويٺو هوندو هوس.

صبح جو تقريباً اٺين وڳي DC صاحب انٽرڪام تي سڏ ڪندو هيو تہ "منهنجي آفيس ۾ اچ." مان هٿ ۾ ڪتابڙو ۽ پين کڻي سندس آفيس ۾ پهچي ويندو هوس. پاڻ آفيس سان لڳ ننڍي ڪمري ۾ رهندو هيو. سڄو بنگلو خالي هوندو هيو. ڪڏهن ڪڏهن PM جو وزٽ ٿيندو هيو تہ ڪن مهمانن کي اتي رهائيندو هيو. پوءِ هن جي سڄي ڏينهن جي ڪم جو تفصيل مون ڏانهن منتقل ٿي ويندو هيو. وچ وچ ۾ جڏهن ضروري سمجهندو هيو تہ گهرائيندو هيو يا intercom تي ڪم ٻڌائيندو هيو يا ڪوئي وزيٽر ڪم لاءِ موڪليندو هيو.

عبدالرشيد عباسي AC/SDM لاڙڪاڻو هيو. محمد نصير پٺو ۽ محمد عظيم ابڙو شهدادڪوٽ ۽ قمبر جا AC هئا. ٻئي رتيديري تعلقہ جا رهندڙ هئا.

جڏهن ADM يا SDM ڊي. سيءَ سان ملڻ ايندا هئا تہ پهريون مون سان ملندا هئا. هر ڪنهن جو اهو سوال هوندو هيو تہ "صاحب جو موڊ ڪيئن آهي؟"

ڊي سي هائوس جي ٽرانسپورٽ پول جو بہ مان انچارج هوندو هئس. جيڪڏهن پروٽوڪول لاءِ مرسيڊيز ۽ ٻيون وڏيون گاڏيون ڪراچيءَ ۽ اسلام آباد مان گهرايون وينديون هيون تہ اهي بہ منهنجي حوالي هونديون هيون. لاڙڪاڻي ۾ ترقياتي ڪمن، مهمانن جي آمد، بادشاهن، صدرن، وزيراعظمن ۽ سفيرن جي سلسلي جي ڪانہ ڪا مصروفيت هوندي ئي هوندي هئي.

## موهن جو دڙو جو ڪلچر

پٺي صاحب جو لاڙڪاڻي کي پروجيڪٽ ڪرڻ جو پنهنجو خوبصورت انداز هوندو هيو. ٻاهريان مهمان چڪر ڏئي هتان جو ويندا هئا، تہ متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندا هئا. هڪ تہ پٺي صاحب جي مهمان نوازيءَ جو انداز، ٻيو لاڙڪاڻي جي ثقافتي خوبصورتي، ڏينهن جو مهمان کي ڊِرگهہ ۽ لنگهہ ڍنڍن تي پکين جي

Gul Hayat Institute

شڪار لاءِ وٺي ويندو هيو. يا وري موهن جو دڙو، پنج هزار سال پراڻي تهذيب جو مرڪز ڏيکاريو ويندو هيو. ڀٽو صاحب پاڻ کي به ان پراڻي تهذيب جو امين ڪوٺيندو هيو. ان تي فخر ڪندو هيو. وري رات جو ميوزڪ پروگرام. مصري خان جمالي جو الغوزو، اقبال جوڳيءَ جي مرلي ۽ استاد منظور علي خان جو راڳ. هيءَ محفل وڃي راڻي تي ختم ٿيندي هئي. ڀٽو صاحب پاڻ کي به راڻو چوندو هيو ۽ راڻو سڏائي ٻهڪي پوندو هيو. روز بروز مهمانن جي آمد جي ڪري لاڙڪاڻي شهر ۾ ان جي روڊن کي بهتر ڪيو ويو. مهمانن جي رهائش لاءِ PIA کان هوٽل سمبارا اِن (SAMBARA INN) ٺهرايو ويو. جيڪو 44 ڪمرن تي ٻڌل هيو. ان لاءِ ڏهه ايڪڙ زمين، ڊي سي هائوس جي ايراضيءَ مان PIA کي منتقل ڪئي وئي هئي. سمبارا تي موهن جي دڙي مان نڪتل ناچڻيءَ جو نالو پئجي ويو. اهي ننڍيون ننڍيون ڳالهيون ڀٽي صاحب جي ذات کي بيان ڪن ٿيون ۽ اڀارين ٿيون.

## لاڙڪاڻي جي ترقي

لاڙڪاڻي شهر جا روڊ ٺهرايا ويا. ٻن چؤڪن مان هڪ تي اتاترڪ ميموريل ۽ ٻئي تي سُئيڪارنو اسڪوائر جا ٽاور لڳرايائين. مئن روڊ تي شهنشاهه ايران کي متاثر ڪرڻ لاءِ رضا شاهه ڪبير روڊ جو نالو رکرايائين، جيڪو اڃا تائين قائم آهي. پاڪستان جي اهم بئنڪن جون برانچون ان روڊ تي ٺهرايائين ته جيئن خوبصورت عمارتن جي ٺهڻ سان ان روڊ جي رونق ۾ اضافو ٿئي. موئن جي دڙي جي ايئرپورٽ جي بلڊنگ نئين سر تعمير ٿي. ان ۾ VIP لائونج جو اضافو ڪيو ويو. موهن جي دڙي تي ريسٽ هائوس ٺهرايو ويو ۽ ميوزيم کي سڌاريو ويو. Save The Moen Jo Daro اٿارٽي قائم ٿي ته جيئن موهن جي دڙي جو بچاءُ ڪجي. 1973ع ۾ موهن جي دڙي تي هڪ بين الاقوامي سمپوزيم ڪرايائين.

لاڙڪاڻي کان موهن جو دڙو روڊ، رتوديرو ۽ نئون ديرو روڊ کي نئين سر ٺهرايو ويو. جيڪي روڊ ڪيئي سال بنا مرمت جي قائم رهيا. راتو رات چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج قائم ڪري پڙهائي شروع ڪرائي وئي. لاڙڪاڻي جي پراڻي ريلوي اسٽيشن جي جاءِ تي نئون ريلوي اسٽيشن قائم ڪيو ويو. جنهن جي ڪري شهر جو وساريل پاسو آباد ٿي ويو. ان وقت منهنجي عمر اٽڪل 27 سال هئي. صبح جو سٽين بجي رتيديري مان بس ۾ نڪرندو هوس ۽ 8 بجي کان اڳ ۾ آفيس ۾ هوندو هوس. منجهند جي ماني به اڪثر آفيس ٽيبل تي ارشد مغل ۽ احمد علي ڪوڪر سان گڏ کائيندو هوس يا وري ساهرن وٽان کائي ايندو هئس.



## شيخ زيد بن سلطان ۽ ٻين جي دعوت ۽ زيتون

ڀٽي صاحب وٽ شيخ زيد بن سلطان سياري ۾ لاڙڪاڻي ۾ آيو. ساڳيا لاڏ ڪوڏ ٿيا، دعوتون ٿيون، رات جو ميوزڪ شو ٿيو. جنهن لاءِ ڀٽي صاحب المرتضيٰ ۾ ننڍي stage ٺهرائي هئي. ناهيد صديقيءَ طرفان ڪٿڪ ڊانس جو مظاهرو ڪيو ويو. سندس ٽڏهوڪو مڙس ضيا محي الدين به ساڻس گڏ موجود هيو. اهم ملڪن جا سفير به سڏ تي آيل هئا. مون کي سري لنڪا جي سفير، مسز ٿيجاوٿي گناورڌني (Mrs. Thijawathi Gunawardhane) جو رهنما آفيسر مقرر ڪيو ويو. هيءَ محترمه 60 سال کان مٿي هئي. هر هر پنهنجي پوٽيءَ جو پيار مان ذڪر پئي ڪيائينَ. ساڻس ڏاڍو ڪو پيار هئس. هي مائي صاحبه سفيرن جي زالن سان سفر ڪري رهي هئي ۽ مان به ساڻس گڏ هيس. محترمه اشرف عباسي صاحبه، ڊپٽي اسپيڪر، سفيرن جي زالن ۽ مذڪوره سفير صاحبه کي پنهنجي گهر وليدن ۾ چانهن تي گهرايو. فريش فروٽ، ڊراءِ فروٽ، ڪافي، چانهه ۽ ڪولڊ ڊرنڪ سان سندن خاطر تواضع ڪئي وئي. ٽيبلن تي زيتون به موجود هئا. سفير صاحبه هڪ زيتون کاڌو. ڪافيءَ جو ڍُڪ پريو، وري ٻئي زيتون ۾ هٿ وڌو. شايد زيتون کيس مزو ٿي ڏنو. ميڊم اشرف عباسيءَ کيس جانچي ورتو ۽ کيس مخاطب ٿيندي زيتونن جي تعريف ڪئي ۽ کيس چيو ته اهي زيتون سندس باغ جا آهن. سفير صاحبه جو اڃا به تجسس وڌيو. مون کيس ڪن ۾ چيو ته "گهڻا زيتون نه کائو. چو ته اهي laxative آهن. توهان جو پيٽ هلڪو ڪندا. وري جو مٿان ڪافي پيئڻ ته پوءِ پاڻ سمجهو ٿا." ميڊم سفير، زيتون کي حسرت سان ڏٺو. ميڊم عباسيءَ کي ڏٺو ۽ مون ڏي مسڪرائي ڏٺو ۽ thanks چئي زيتون پليٽ ۾ رکي ڇڏيو. ميڊم اشرف عباسيءَ مون ڏي ڏٺو ۽ سنڌيءَ ۾ پڇيو 'توهان ڇا چيس؟' مون نتائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر جان نه ڇٽي. آخر سنڌس پر ۾ ويهي آهستي کيس ٻڌايو. پاڻ سڄو قصو ٻڌي چپ ڪري ويهي رهي.

## موهن جي دڙي جي اسٽوپا جي سامهون شاهه ايران ۽ ڀٽي صاحب وچم عهدنامو

ان کان پوءِ شهنشاهه ايران ۽ ملڪه فرح ديبا به لاڙڪاڻي آيا. اها سندن پاڪستان ڏانهن آخري آمد هئي. 1976ع واري سال جا آخري ڏينهن هئا. لاڙڪاڻي ۾ المرتضيٰ تي مذاڪرات ٿيا هئا. انهن جا communique تيار ٿيا، پر ان تي صحي هڪ عجيب جڳهه تي ٿي.

موهن جي دڙي جي ريسٽ هائوس جي لان تي ڪرسيون وڌيون ويون. سامهون موهن جي دڙي جو اسٽوپا هيو. شهنشاهه ايران به دعويٰ ڪندو هيو ته هو پراڻي آريا تهذيب جو

Gul Hayat Institute

مالڪ آهي. ڀٽي صاحب ٻه شايد ڪيس ٻڌائڻ پئي چاهيو ته سندس ڀوپان موهن جي دڙي جي پنج هزار ساله تهذيب آهي. عهدنامي تي صحيحون ته ٿي ويون، پر ڀٽي صاحب جي حڪم تي ان جڳهه تي ان عهدنامي جي يادگيريءَ طور هڪ mural (يادگار) ٺهرايو ويو.

## غريبو مقام ۾ باهه

غريبو مقام ۾ باهه لڳي. اتي پنجاهه ڪن جهوپڙيون هيون، ۽ سڀ سڙي ويون. پر انتظاميا جي بروقت قدمن سبب جاني نقصان نه ٿيو. ڀٽو صاحب بنا پروگرام جي اتي آيو. ماڻهن سان رات جو ڳجهه ڳوهه ۾ مليو. ڪين تسلي ڏنائين ته هڪ مهيني ۾ ان جاءِ تي پڪا گهر ٺهرائي ڏنا ويندا ۽ زمين جا پٽا به ڏنا ويندا.

ايئن ئي ٿيو. شيخ زيد بن سلطان جي مالي مدد سان اتي 75 گهر ٺهيا. ماڻهن کي اتي وسايو ويو. اڳ ۾ جيڪي جُهڳين جا مالڪ به نه هئا، انهن کي پڪين جاين سان زمين جا مالڪاڻا حق به مهيني اندر ملي ويا.

ڀٽو صاحب ماڻهن سان حقيقي محبت ڪندو هيو. جو انهن جو ٻيو نسل به ڀٽي صاحب سان اجا تائين محبت ڪندو پيو اچي.

## شيخ زيد اسپتال ۽ ڪالوني

شيخ زيد بن سلطان جي ئي مالي مدد سان شيخ زيد ڪالوني، شيخ زيد وومين هاسپيٽل ۽ ٻارن جي هاسپيٽل به لاڙڪاڻي ۾ ٺاهي وئي.

شيخ زيد بن سلطان لاڙڪاڻي ۽ پاڪستان جو گهڻو دورو ڪندڙ حڪمران هيو. ڀٽي صاحب، سنڌ لاڙڪاڻي ۽ پاڪستان جا ڪيترائي ماڻهو عرب ملڪن ۾ ڪمائڻ لاءِ موڪليا، جتي انهن ملڪن جي ترقيءَ لاءِ ڪم ڪيو. پنهنجي ذاتي زندگي به بهتر ڪئي ۽ پاڪستان کي به زرمبادله ڪمائي ڏنو. ڀٽي صاحب جيڪي ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ ڪاليج کوليا، ان مان فارغ ٿيل گرئجوئيٽس به انهن ملڪن ڏانهن موڪليا ويا، جن مان ڪن جا نسل اتي اجا تائين رهن ٿا. مزدور ۽ محنتي ماڻهو اتي ويا ۽ جام ڪمايائون. جنهن ۾ رتيديري ۽ شهدادڪوٽ جو بروهي قبيلو اهم آهي. اتان ڪمائي ڪري هتي اچي زمينون ورتائون. پاڻ زمينن جا مالڪ ٿي ويا ۽ هتي ساريال زمين جي قيمت به مهانگي ڪري ڇڏيائون.

## درويش جمعو فقير

انهيءَ ساهه سيباڻي لاڙڪاڻي جي هڪ ڊرامائي شخصيت هوندي هئي جُمعو فقير. ڀٽو صاحب ڪيس ڏاڍو پيائيندو هيو. وزير خارجه جي دور ۾ به ڪيس پاڻ وٽ گهرائي حال



احوال ڪندو رهندو هيو. ۽ خبرچار وٺندو ۽ دل وندرائيندو هيو.

جڏهن ڀٽو صاحب صدر ۽ وزيراعظم ٿيو ته پوءِ به ساڻس ڪچهريون ڪندو هيو. هڪ دفعي جڏهن ڀٽي صاحب وزارت عظميٰ جي دور ۾ گهرايس ته جمعو گڏهه سوڌو المرتضيٰ جي گيٽ تي پهتو. security وارن چيس ته گڏهه کي گيٽ تي ڇڏي وڃ. جمعو فقير پڙ ڪڍي بيٺو ته بابا منهنجي سواري هتان گم ٿي ويندي، پوءِ توهان جو صاحب اهڙي سواري منهنجي لاءِ ڪٿان پيدا ڪندو؟ جڏهن سيڪيورٽي زور پريو ته جمعي فقير چيو، مان وزيراعظم سان ملڻ نٿو وڃان! هن پاڻ مونکي گهرايو آهي. صورتحال خراب ٿيندي ڏسي سيڪيورٽي انچارج مجبورن ڪيس گڏهه سوڌو اندر روانو ڪري ڇڏيو.

جمعو فقير گڏهه گهليندو وڃي ڀٽي صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. جمعو فقير ڀٽي صاحب سان حجائتو ته هيو، پر سندس مان مرتبي جو به خيال ڪندو هيو ۽ ڪڏهن به بدفضيلتو نه ٿيو. وتائي فقير وانگر ته چريا ڪريا آهيون، پر سمجهون سڀ ڪجهه ٿا. حال احوال کان پوءِ ڀٽي صاحب چيس 'جمعا فقير: دعا ڪر! فقير چيس ته، دُعائن سان ته بادشاهه ٿيو آهين. نه ٿي ڳالهه وڻئي ته وٺ منهنجو گڏهه، بادشاهي ڏي مون کي!' واقعي جمعي فقير واري بادشاهيءَ کي نه لهر نه لوڏ. ڀٽو صاحب هوندئن به پيرن فقيرن جي گهڻي عزت ڪندو هيو. ان ڏينهن جيڪڏهن ڀٽو صاحب بادشاهي جمعي کي ڏئي ها ته شايد سندس زندگي بچي وڃي ها!

## ڀُٽي صاحب جا لاڙڪاڻي ۾ معمولات ۽ اوپن ڪچهريون

ڀٽي صاحب جا لاڙڪاڻي ۾ ڪجهه معمولات هئا. جن تي سڄي عمر عمل ڪندو رهيو. عيد نماز نئون ديرو ۾ پڙهندو هيو. جيڪو سندس چاچي احمد خان ڀٽي ۽ سندس وڏي گهر واري محترمه شيرين بيگم جو گهر هيو. اندر گهر ۾ مٽن مائٽن سان ملندو هيو. ڳڙهي خدا بخش قبرستان تي ويندو ۽ قُل پڙهندو هيو. پوءِ ميرپور ڀٽي وڃي پنهنجي بزرگ نواب نبي بخش خان ڀٽي، جيڪو ممتاز علي خان ڀٽي جو والد هيو ان سان ۽ ٻين مائٽن سان عيد ملندو هيو. پوءِ المرتضيٰ تي اچي پارٽي ورڪرن سان ملندو هيو. ٻئي ۽ ٽئين ڏينهن تي عام ماڻهن سان ملندو، اوپن ڪچهري ڪندو هو. ڪن ماڻهن جا ڪم ڪار هوندا ته انهن تي حڪم ڏيندو هو. ڪم جلدي ٿي ويندا هئا، جو ڀٽي صاحب جي حڪم کي ڪنهن ۾ طاقت هئي جو ٽاري! ان جو هڪ مثال هي به ته، منهنجو دوست رجب علي قادري، ماستر هيو. اهڙي ئي open ڪچهريءَ ۾ درخواست لکي ڪٽي ويو هيو. جنهن ۾ ڪسٽم ۾ نوڪريءَ جي advertisement به لڳائي ويو هيو. ڀٽي صاحب کي عرض پيش ڪيائين. ڪيس 15 ڏينهن کان پوءِ ڪسٽم ۾ Examiner جي نوڪري ملي، جنهن سان

Gul Hayat Institute

سندس اهل عيال سکيا ستايا ٿي ويا. منهنجي ماسات سرور منگيءَ ڀٽي صاحب درخواست لکي موڪلي، ته نوڪرين جون درخواستون هيون. تنهي جا Interview ٿيا، پاڻ جيڪا نوڪري پسند ڪيائين، ان جو آرڊر مليس. اهڙا اڪيچار مثال آهن.

ڀٽي صاحب ۾ بي شمار خوبيون ۽ صفتون هيون، پر بدنصيبيءَ سان ننڍي ۾ ننڍي سياسي مخالفت برداشت نه ڪري سگهندو هيو. سندس والد جا سياسي مخالف خانبهادر محمد ايوب کهڙو ۽ قاضي فضل الله عملي طرح خاموش ٿي ويا هئا. ٻين مخالف سياستدانن کي به پنهنجي پارٽيءَ ۾ ڇٽ يا لٽ سان آندائين. باقي جيڪي ٻاهر بچيا، تن سان محمد پنچيل SP اهي جنيون ڪيون، جيڪي ناقابلِ بيان آهي. سمجهه ۾ نٿو اچي ته ڀٽي صاحب اهڙن ڪارن ڪارنامن جي اجازت ڪيس ڪيئن ڏني هوندي ۽ جي انهن ڪارنامن ۾ سندس مرضي شامل نه هئي ته پوءِ ان کي روڪ ٽوڪ ڇو نه ڪندو هو.

## پنچيل خان ايس. پي

مون کي پنچيل خان SP سان پهرين ملاقات ياد آهي. اسان چار AC(UTS) لاڙڪاڻي ۾ هئاسون. ڪانئس ٽائيم وٺي ملاقات لاءِ پهتاسون. ايس پي صاحب ان وقت آفيس جي آڏو هڪ وڏي وڻ جي هيٺان ويٺو هيو ۽ عرضدارن سان ملي رهيو هيو. اسان لاءِ چانهن آئي.

هڪ عرضدار چيو: "سائين منهنجي زال ڀڄي وئي آهي." ان تي گارين سان شروع ٿي ويو چئي "ڀڄندي نه ته ڇا ڪندي... پوءِ جيڪي لفظ چيائين، اهي هتي نٿا لکي سگهجن."

اسان ڏي منهن ڪري چوڻ لڳو 'اسان آفيسر ٿي پيا آهيون، نه ته....' ان کان پوءِ عورتن تي گارين سان شروع ٿيو. تڏهن اسان ان بي مزي چانهن کي اڌ ۾ ڇڏي، مصروفيت جو بهانو ڪري ڪانئس موڪلايو.

علي حسن منگيءَ جي ٽن پٽيجن: قمرالدين منگي، سڪندر علي منگي (ٻئي پائر) ۽ خادم حسين منگي 'نويد رائيس ملز' جي نالي سان رائيس مل لڳائي. SP پنچيل خان ڪنهن ڳالهه تي قمرالدين منگيءَ سان ناراض ٿيو. جيڪو نويد رائيس مل جو ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر هيو.

پنچيل خان، مِل جي هڪ مزدور کي پاڻ وٽ گهرائي قمرالدين جي خلاف درخواست ورتي ته "قمرالدين مون کي ڌمڪيون ڏنيون آهن ته توکي مل جي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيندس ۽ مارائيندس. منهنجو ۽ منهنجي نوڪريءَ جو تحفظ ڪيو وڃي." هي الزام پوليس جي دخل اندازيءَ جو نه پيو ٻڌجي. پر SP صاحب قمر منگيءَ کي گهرائي جيل ۾ بند ڪري ڇڏيو. چئي 'قمر جو مٿو خراب آهي، ٺيڪ ٿئي ته پوءِ ڪڍندوسانس.' قمر منگي



منهنجو به ويجهو مائٽ هيو. ڊي سي خالد احمد ملڪ کان ٻاهر لنڊن ويل هيو. ڊي سي جي چارج AC/SDM لاڙڪاڻي محترم رشيد عباسيءَ وٽ هئي. منهنجي چوڻ تي هن پنچيل خان سان ڳالهايو. پنچيل خان گرم ٿي ويو. پنج گاريون قمر کي ته ڏهه گاريون پاڻ کي ڏنائين. چيائين قمر رات جيل ۾ رهندو، جيڪڏهن مان جيل مان ڪيڏيومانس ته چئڻ منهنجي... رشيد عباسيءَ سچو قصو مون کي ٻڌايو. منگي صاحب چيف منسٽر جتوئي صاحب سان ملاقات ڪئي ۽ قمر منگي اڌ ڪلاڪ ۾ آزاد ٿي ويو.

محمد پنچيل پوليس ۾ بطور ڪانسٽيبل (PC) جي ڀرتي ٿيو هيو. پر پنهنجي 'ڪارڪردگيءَ' جي ڪري SP ۽ آخر ۾ لاڙڪاڻي ڊويزن جو D.I.G ٿيو. پر اها نوڪري گهڻي نه هليس. لاڙڪاڻو ڊويزن رد ٿي وئي. پنچيل خان ۽ خالد احمد کرل گرفتار ٿي ويا، 5 جولاءِ 1977ع تي ملڪ ۾ مارشل لا لڳڻ سان کين ڀٽي صاحب جي خلاف ڪيسن ۾ اڙائڻ لاءِ چار وڇايو ويو. پر خالد احمد ڀٽي صاحب جي خلاف سلطاني گواهه نه ٿيو ۽ ڪنهن طرح پنهنجي جان ڇڏائي، چار صاحب وٽ لنڊن وڃي رهيو.

پنچيل خان غيرمعمولي ترقي ڪئي. ڀٽي صاحب جو اک جو تارو هيو. پر پنهنجي اعمالن سبب ڀٽي صاحب جي اک جو ڪک به ٿي پيو. وفاداريءَ ۾ اڪثر ايترو وڌي ويندو هيو جو هن جا عمل ڀٽي صاحب لاءِ نيڪناميءَ جو سبب نه بڻيا.

ٻيا سڀ مخالف آڻ مڃي بيٺا، پر ڀٽي صاحب، خالد احمد ۽ پنچيل سمجهيو پئي ته لاڙڪاڻي جا شيخ، اسان جي يار قربان علي عباسيءَ جو پيءُ ۽ جماعت اسلاميءَ جو محترم جان محمد عباسي بيعت ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. انهن سان جيڪو ڏاڍ ٿيو ۽ بدتميزيون ڪيون ويون، اهي يقيناً ڀٽي صاحب جهڙي پڙهيل ڳڙهيل ۽ ورلڊ ڪلاس ليڊر جي وڙ مطابق نه هيون. آخر ۾ اهي ڳالهيون ئي ڀٽي صاحب جي تڪليف جو باعث پڻ بڻيون. بدنصيبيءَ سان اسان سنڌ واسي، پاڪستان ملڪ ۽ دنيا جا ماڻهو وڏي caliber واري ليڊر کان محروم ٿي وياسين.

## خالد احمد ڊي سي لاڙڪاڻو (خالد صاحب ويجهڙائيءَ ۾ فوت ٿي ويو)

خالد احمد کرل 1965 بئچ جو CSP آفيسر هيو. سندس سنڌ ۾ پوسٽنگ بطور AC/SDM ٽنڊو محمد خان ۾ رهي. جيڪڏهن ٻئي هنڌ به سندس پوسٽنگ رهي ته اها مون کي خبر ڪانهي. 1972ع ۾ لاڙڪاڻي جو ڊي. سي عبدالوهاب PCS آفيسر هيو. ان کي هٽائي 1973ع ۾ خالد صاحب کي DC ڪيو ويو ۽ جولاءِ 1977ع تائين اتي DC رهيو ۽ ڊي سي کان وڌيڪ لاڙڪاڻي جو بادشاهه لڳندو هيو. ڪنهن تي فلڪ نه پوندي هئس. نه ڪنهن تي اک ٻڌندي هئس. 'جسي پيا چاهي'، ۽ اهو 'پيا' هيو ڀٽو صاحب...! ڀٽي صاحب

Gul Hayat Institute

جنجي ساٿين جي عزت تہ ڪندو هيو پر ڪم پنهنجي مرضيءَ سان ڪندو هيو. جيڪڏهن مٿان اشارو ٿيندو هوس تہ ڪنهن کي بہ ڇهندي پائڻ ۾ دير نہ ڪندو هيو. اها ڳالهہ بہ مشهور هئي تہ ممتاز صاحب سان ڪونہ ٺهندو هيو يا ڪيس ليکيندو ئي ڪونہ هيو. پر حقيقت ائين نہ هئي. هو سندس گهڻو لحاظ بہ ڪندو هيو سردار پير بخش خان ڀٽي جي بہ گهڻي عزت ۽ احترام ڪندو هيو.

خالد صاحب ڏاڍو سادو رهندو هيو. کائڻ ۾ بہ سادو ۽ پائڻ ۾ بہ سادو. لاڙڪاڻي ۾ وٽس بہ شرٽ ۽ بہ پينٽ هئا ۽ هڪ فل سوٽ. رات جو ماني ڪونہ کائيندو هيو ۽ ان جي جاءِ تي بہ ٽي ڊرنڪ هٽي وٺندو هيو. ڪنهن وٽ خانگي دعوت تي ڪونہ ويندو هيو نہ ئي لاڙڪاڻي جي ڪنهن ماڻهوءَ کي دعوت تي ڪڏهن گهرايائين.

ڊي سي وٽ نارنگي رنگ جي Vox Wagon هئي. ان کي شوق سان هلائيندو هيو. ڊرائيور پويان ويٺو هوندو هيو. مون کي پاڻ سان گڏ ويهاريندو هيو. ايئرپورٽ تي يا ٻئي هنڌ ويجهو هوندو هيس تہ مان گڏ هوندو هيومانس. ڊرائيونگ بہ ڪندو هيو ۽ ڪم بہ ٻڌائيندو ويندو هيو ۽ مان لکندو ويندو هئس.

1976 ۾ ٻوڏ ۽ بارش ڏاڍي ٿي، 1973 کان بہ وڌيڪ. شهر جي ٻڌل گهٽين ۾ پيرين پنڌ هلندو هو. ڊي سي اڳيان اڳيان، پيا آفيسر سندس ڪڍ. ماڻهن کي مشڪل مان ڪڍڻ ۾ مڙسيءَ جو ڪم ڪيائين. ڀٽو صاحب بہ ڪيس ڪِنِ خصلتن جي ڪري پيار ڪندو هيو.

## منهنجي پٽ انيس قادر جي پيدائش ۽ غيبي ديري ۾ ٻوڏ جي ڊيوٽي

15 سيپٽيمبر 1976 جو ڏينهن مون کي هميشہ ياد رهندو. صبح جو رتيديري مان آفيس لاءِ نڪرندي مون کي wife ٻڌايو تہ هوءَ delivery pain محسوس ڪري رهي آهي. اسان جي گهر ۾ فون جي سهولت ڪونہ هئي، جو فون ڪري مان ڊي سيءَ کان موڪل وٺان. سو طئي ڪيو تہ آفيس وڃي جلدي موٽي ايندس.

ان ڏينهن مان پنهنجي پسند جا سفيد پينٽ ۽ سفيد ٽي شرٽ ۽ ڳاڙهي رنگ جو سينڊل پائي آفيس آيو هوس.

ڏهين بجي مون کي حڪم ٿيو ’آجائو‘. مون سمجهيو تہ شايد ايئرپورٽ تي حسبِ معمول روانگي آهي. نارنگي رنگ جي Vox Wagon جي ڊرائيورنگ سيٽ سنڀاليائين. مان سائيڊ سيٽ تي ويٺس. سڌو المرتضيٰ هائوس جي سامهون اسٽيڊيم ۾ پهتو. اتي آرميءَ جو هڪ هيليڪاپٽر بيٺو هيو. جيڪو rain ۽ flood رليف لاءِ ڊي سي جي حوالي هيو. پاڻ بہ هيليڪاپٽر ۾ ويٺو ۽ مون کي بہ ويهاريائين. خبر نہ هئي تہ منزل ڪهڙي هئي. اهو پهريون موقعو هيو جو مان ڪنهن هيليڪاپٽر ۾ ويٺو هئس. شهر جو لو فلائيٽ ڪري



چڪر لڳايو ويو. شايد برسات جي صورتحال جو جائزو وٺي رهيو هيو. پوءِ اولهہ طرف روانو ٿيو. هر طرف پاڻي ئي پاڻي هيو. اڳتي هلياسون تہ F.P.Band نظر آيو. لاڙڪاڻي ضلعي کي ٻن طرفن کان بند آهن: هڪ عاقل- آگاڻي بند، جيڪو درياءَ جي پاڻيءَ کي روڪڻ لاءِ آهي. ايف پي بند ان لاءِ آهي تہ کيرٿر پهاڙ کان برساتن جي لهندڙ پاڻيءَ کي ضلعي جي آباد علائقن ۾ داخل نہ ٿيڻ ڏي.

بند ڪراس ڪري هڪ سُڪي پوٺي تي هيليڪاپٽر لينڊ ڪيو. نسبتاً وڏو ڳوٺ پئي نظر آيو. مون کي خبر نہ هئي تہ ڪهڙو ڳوٺ هيو. ٻئي لٿاسي. هيليڪاپٽر بند ٿيو. پائلٽ بہ لٿا. لڳو تہ ڪو ڏکهو پروگرام هيو. سامهون ڪافي ماڻهو نظر آيا. انهن ۾ مون هڪ نوجوان کي سڃاتو. هي نوابزادو شبير احمد چانڊيو هيو.

غيبي ديرو؟ مون پنهنجي پاڻ کان سوال ڪيو. ها اسان تاريخي ۽ مشهور ماڳ غيبي ديري ۾ هئاسون. جيڪو سردار غيبي خان چانڊيو جي ذات، ان جي وڏي جاگير ۽ سندس سخاوت جي ڪري مشهور آهي. چوندا آهن تہ غيبي ديرو جاگير ۾ سڄو ڏينهن گهوڙو ڊوڙائجي تہ جاگير جون حدون ختم نہ ٿين.

شبير خان اورتي آيو. اسان اڳتي سُرياسون. ڊي سي صاحب سان مليو. مون سان بہ خير خيريت ڪيائين ’چيائين توهان بہ!‘ مون مسڪرايو. سندس پائر ۽ پيا ويجها مائٽ اسان سان مليا. سندن اوطاق تي آياسون. حال احوال ٿيا. علائقي جي ماڻهن جي ضرورتن جو DC صاحب ڪاٿو لڳايو. ڪجهہ سامان اڳ ۾ ئي پهتل هيو. اتي رليف جي سامان جو بندوبست ۽ ورهاست ڪرڻي هئي. تپيدار ۽ روينيو جو ٻيو عملو بہ اتي موجود هيو پر ڪو آفيسر نظر نہ آيو. ڀٽي صاحب جاگيرون ۽ سرداريون ختم ڪيون هيون. سرپلس زمين Land Reform Act موجب بي زمين هارين ۾ ورهائي وئي هئي.

ڊي سي صاحب مون کي چيو “تون هاڻي هتي رهہ. جيستائين ايمرجنسي آهي ۽ ماڻهن جي پر گهور لهہ ۽ امدادي سامان جي ڏيان سان ورهاست ڪر.” کيس اهو بہ ٻڌائي نہ سگهيس تہ منهنجي زال ڏکي حالت ۾ آهي.

ڊي سي صاحب کي خدا حافظ چيوسين. هيليڪاپٽر کي ويندو ڏسندو رهيس.

شام جو خط ڏئي هڪ ڪوٽار کي ڪپڙن، ٻئي سامان ۽ خبرچار لاءِ رتيديري موڪليم.

رات جو گرمي بہ هئي ۽ مڇر بہ. نہ بجلي، نہ پکو. اڇي پينٽ ۽ شرٽ ۾ سمهي پيس. جاگير جا مڇر بہ ڄڻ جاگيردار! ڪنهن جو حڪم نہ پئي مڃن هليو. مڇر تہ ڪجهہ مرن پيا پر رت جا داغ منهنجي جسم ۽ ڪپڙن تي چڙي پئي ويا. صبح جو اٿيم تہ ڪپڙا چٽ ڪبرا تہ ڇڏيو منهن بہ سڄو داغ داغ! نم جو وڻ ڳوليم. ڏندڻ پٽيم ۽ وات صاف ڪيو. ٽڙ

Gul Hayat Institute

ڪيو سا ڳيا ڪپڙا پاتا. ڪم جو جائزو ورتو. سامان جي ورهاست شروع ڪئي.

ڪوٽار هڪ ڏينهن ڇڏي ٻئي ڏينهن شام جو اچي پهتو. سامان سان اها به خوشخبري آندائين ته مون کي پٽ (انيس قادر منگي) ڄائو آهي. تڙ ڪري ڪپڙا مٽائيم ۽ ماڻهن جهڙو ماڻهو ٿيس. پنجين ڏينهن خالد صاحب هيليڪاپٽر تي آيو. ڪم جو جائزو ورتائين. شاباش ڏيڻ سندس عادتن ۾ شامل ڪونه هيو. سيني ماڻهن منهنجي تعريف ڪئي، ڪا شڪايت ڪونه ٿي. مون کيس پٽ جو ٻڌايو مبارڪ ڏنائين. موڪل گهري مانس، جيڪا ڏنائين.

ٻيڙيءَ تي چڙهي بند تي پهتم ۽ پوءِ بس ۾ لاڙڪاڻي ۾ سج لٿي ڌاري رتيديري پهتس. انيس جي ڇٺي هئي.

## ڪالونيءَ ۾ پلاٽ

هڪ ڏينهن حسبِ معمول بس ۾ لاڙڪاڻي پئي ويس. پير بخش خان گهانگهرو به بس ۾ هيو. مون کي چيائين ته لاڙڪاڻي ۾ ڪالوني پئي ٺهي تون به پلاٽ لاءِ درخواست ڏي، ڊي سيءَ کي چوندين ته پلاٽ ملي ويندءِ.

مون درخواست ته ڏني، پر DC کي چوڻ جي همت نه ٿي. پر پوءِ جڏهن الاٽمينٽ جي وقت منهنجي درخواست تي ڊي سيءَ جي نظر پئي ته چيائين ته هن کي مون اڳ ۾ ئي پلاٽ الاٽ ڪري ڇڏيو آهي. ايئن مون کي 1000 والن جو وڪيل ڪالونيءَ ۾ پلاٽ مليو. جيڪو مون 2005 ۾ وڪرو ڪري ڇڏيو. هينئر اتي هڪ عاليشان پرائيويٽ اسپتال ٺهي وئي آهي.

## ڪرلَ

خالد احمد ڄِي، DFO عبدالرشيد ڪرل ۽ نواب لاهوريءَ جي خاندان سان گهاٽي ويجهڙائپ هئي، ڇو ته ٽئي ڪرل آهن. نواب امير علي خان لاهوري به گهڻن سالن کان اچي لاڙڪاڻي شهر ۾ آباد ٿيو هيو. لاڙڪاڻي جي شهر جي ٺاهڻ ۽ سڌارڻ ۾ سندس وڏو حصو آهي. عبدالرشيد ڪرل صاحب جو خاندان به سالن کان خيرپور جي ڪچي ۾ ويٺو آهي. سندن تعلق جتي خيرپور سان آهي. اتي لاڙڪاڻي سان به آهي. رشيد ڪرل انهن ڏينهن ۾ لاڙڪاڻي ۾ DFO هيو. لاڙڪاڻي کان نئون ديرو ۽ لاڙڪاڻي کان موهن جو دڙو ايئرپورٽ تائين، جيڪا يوڪلپٽس جي خوبصورت پلانٽيشن ٿيل هئي. اها به ڪرل صاحب ڪئي هئي. انهن ڏينهن ۾ ممتاز علي خان ڀٽي ۽ نسيم ڪرل جي زمينن جي دنگن تي اٽڪٽ هئي. ممتاز صاحب نسيم ڪرل کي سندس لکيل 'آٿت' افساني کي سبب ٻڌائي MPOIDPR ۾ بند ڪيو.



ڪرل فيمليءَ ڏاڍو suffer ڪيو. هاڻي ته PPP سان آهن. نعيم احمد ڪرل MPA به آهي. پر ممتاز صاحب ۽ ڪرلن جا اڄا تائين تِڙ سنوان نه آهن.

## عبدالوحيد ڪٽپر

هڪ سينيئر ۽ پروفيشنل وڪيل هيو. اصل مديجي، پوءِ ڏوڪريءَ ۾ ۽ آخر ۾ لاڙڪاڻي ۾ اچي settle ٿيو. اسان جي فيمليءَ جو سندن خاندان سان گهڻو تعلق رهيو. ڪڏهن پاڻ سياست ۾ نه رهيو. ڪرمنل سائيڊ تي لاڙڪاڻي جو وڏي ۾ وڏو وڪيل سمجهيو ويندو هيو. ڀٽي صاحب سان ڪجهه سياسي ڪيسن ۾ سندس واسطو پيو. 1967 ۾ ڀٽي صاحب جي دعوت تي پارٽيءَ جي ٺاهڻ وارن ۾ شريڪ ٿي ويو. ڀٽي صاحب سان عشق هيس. ڀٽو صاحب به کيس پيار ڪندو هيو. عزت ڏيندو هيو. سندس ذهانت، ڏاهپ ۽ ايمانداريءَ جي ڪري جلد ئي ڀٽي صاحب جي اک جو تارو ٿي ويو. لاڙڪاڻي ضلعي جو پ پ پ جو صدر، پ پ پ سنڌ جو صدر، سينيئر وزير صحت ۽ هڪ وقت ايڪٽنگ CM به رهيو.

## ڪٽپر صاحب جو گهر ۽ لائبرري

ڪٽپر صاحب جي ايمانداري ضرب المثل هئي. وزارت جي ڪري سندس وڪالت بند ٿي وئي. رڳو پگهار تي گذرسفر هئس. ڪٽپر صاحب جو گهر باقراڻي روڊ جي ڪنڊ تي ننڍڙي پلاٽ تي هيو. هيٺ سندس آفيس ۽ لائبريري ۽ مٿي سندس گهر هيو.

فيصلو ٿيو ته سندس گهر خريد ڪري، اُتي سر شاهنواز ڀٽو لائبرري ٺهرائجي. سودو ٿي ويو. ان جي بدلي کيس 500 والن جو پلاٽ سيشن جج جي گهر جي پرسان ڏنو ويو ۽ ڪجهه پئسا عيوضي به ڏنا ويا. هڪ گهر ڪٽپر صاحب جو ٻنو. پيو ٺهڻ شروع ٿيو. پاڻ ٻارن سان سرڪاري گهر ۾ ڪراچيءَ رهندو هيو.

## سر شاهنواز ڀٽو لائبرري

لائبرريءَ جو ڪم به تيزي سان هلي رهيو هيو. جڏهن آئون Liaison Officer ٿيس ته مون تي اهو فرض رکيو ويو ته آفيس ۾ پهچڻ کان اڳ ۾ مان لائبرريءَ جي Site تي وڃان ۽ ڏهاڙيءَ جي رپورٽ تيار ڪري DC کي پيش ڪريان. ٻن ٽن هفتن کان پوءِ مون کي ڪم سمجهه ۾ اچڻ لڳو. چار منزله ڍگهو نقشو جيڪو ترڪيءَ جي آرڪيٽيڪٽ ٺاهيو هيو. اهو به آفيس ۾ پيل هيو. پلاٽ ننڍو هيو. ڪورڊ ايريا وڌيڪ ۽ اپي هئي. ماڻهن کي سامهون ڏسڻ لاءِ مناسب جڳهه ڪونه هئي. جيڪڏهن ڪنڊ مٿي ڪري لائبرريءَ کي ڏسجي ته

Gul Hayat Institute

ٽوپي يا پٽڪو ڪِري پوڻ جو انديشو هيو. مون ان کي جاچڻ شروع ڪيو. پيڙهه جو ڪم هلي رهيو هيو. مون متبادل مناسب جڳهه ڳولهڻ شروع ڪئي. رضا شاهه ڪبير (VIP) روڊ جي سونهن، ڀٽي صاحب ۽ ڊي سي صاحب جي ڪمزوري هئي. سو مون اتي پلاٽ ڳولهي لڌو. جتي موجوده سر شاهنواز ڀٽو لائبرري آهي. اهو پلاٽ ايگريڪلچر کاتي جو هيو. جنهن جي ايراضي 0_3 ايڪڙن کان وڌيڪ هئي.

هڪ ڏينهن صبح جو جيئن site وزٽ ڪري ڊي سي صاحب کي Briefing ڏني، مون پلان جي خوبصورتيءَ جي تعريف ڪئي. وري چيو ته "ايترو خوبصورت ترڪش عمارت جو نمونو ماڻهو پوري طرح Enjoy نه ڪري سگهندا."

DC سواليه نگاهن سان مون ڏي نهاريو ته "اج گونگو ڳالهائي ٿو." مون کيس ٻڌايو ته هڪ ته site شهر ۾ اندر آهي. عام شاهراهه تي نه آهي. ٻيو ته هيتري ورٽيڪل بلڊنگ ڏسڻ لاءِ آسپاس ۾ کليل ۽ ڊگها روڊ هجن، جيڪي ڪونه آهن. ٽيون ته وچ شهر ۾ لائبرريءَ جو ماحول نه ٿو ٿهي. ڪجهه سوچيائين. پلان ڏٺائين. مون کي چيائين ته تنهنجي دماغ ۾ ڇاهي. مون چيو اها لائبرري اتي نه ٺاهجي. ته پڇيائين: ته پوءِ ڪٿي ٺاهجي؟ مون کيس تفصيل سان لوڪيشن جو ٻڌايو. ٻاهر نڪتو فاڪسيءَ ۾ چڙهي نئين site تي پهتاسين. جڳهه ڏٺائين. VIP روڊ تي ڪشادو پلاٽ، جنهن تي ڪاٺ ڪباڙ پيو هيو. پرسان ڊگري ڪاليج هيو. سڪ سانت واري جڳهه. جيتري چاهجي، اوتري وڏي لائبرري ٺاهجي. مون کي چيائين ته "چڱو سياڻي موجوده سائيٽ تي ڪم روڪرائي ڇڏ. مان PM صاحب سان ڳالهايان ٿو." ٻئي هفتي فيصلو ٿي ويو. آرڪيٽيڪٽ کي گهرايو ويو. ڪين نئون site ڏيکاريو. جيڪو هنن پسند ڪيو. تنهن تي ڪين نئين design ۽ پلان ٺاهڻ جو حڪم ڏنو ويو. نئون پلان هنن ٻن هفتن ۾ پيش ڪيو. اسلام آباد ۾ هنن ڀٽي صاحب جي روبرو ان پلان جي presentation ڏني ۽ ڪم شروع ٿي ويو.

مان اهو ئي ساڳي مانيٽرنگ جي ڪم سان لڳي ويس. 1976 جي آخر ۾ منهنجي بدلي ٿي. حڪومت جي جولاءِ 1977 ۾ وڃڻ سان لائبرريءَ جو ڪم بند ٿي ويو. پر محمد هاشم DC پنهنجي وقت ۾ ان ڪم کي ٻيهر 1985ع ۾ شروع ڪرايو ۽ مڪمل ڪرايو.

## ڪٽپر صاحب کي سزا

پوءِ جڏهن مارشل لا جي نتيجي ۾ ڀٽو حڪومت وئي ته ان سان گڏ ٽن ئي اهم ليڊرن تي ڪيس داخل ٿيا. جنهن مان ڪٽپر صاحب به سرفهرست هيو. جتي مٿس ٻيا الزام لڳا، اتي اهو الزام به لڳس ته وڏن پئسن تي معمولي گهر وڪڻي اهم جڳهه تي پلاٽ حاصل ڪيائين، ۽ گهر نهرايائين. گهر جنهن مقصد لاءِ وڪيو هئائين، ان



مقصد لاءِ استعمال نه ٿيو.

ڪٽپر صاحب وڏو عرصو جيل ۾ رهيو. سندس اهو نئون گهر ملٽري سرڪار ضبط ڪري ورتو. پراڻو گهر/پلاٽ به ويو. ٻه به ويون ته ڇهه به ويون. وڏو ظلم ساڻس اهو ٿيو ته مٿس وڪالت ڪرڻ جي به پابندي لڳائي وئي ۽ سندس سَنَد به ضبط ڪئي وئي. ان کان پوءِ جڏهن آزاد ٿيو ته پنهنجو ۽ ٻارن ٻچن جو پيٽ پالڻ لاءِ ڪراچيءَ لياري ۾ ميڊيڪل اسٽور کوليائين، جنهن تي ڪيئي سالن تائين گذرسفر ڪندو رهيو.

بدنصيبيءَ سان اهڙي شخص جي خدمتن جو پ پ قدر نه ڪيو ۽ بينظير صاحبه جي ٻنهي حڪومتن ۾ سندس تجربي جو فائدو نه ورتو ويو. بيگم نصرت ڀٽو ڪجهه وقت لاءِ کيس زيد بن سلطان ٽرسٽ جو ايڊمنسٽريٽر ڪيو.

31 ڊسمبر 1989 تي ڪراچيءَ مان لاڙڪاڻي وڪالت جي سلسلي ۾ آيو مون کيس پنهنجي گهر تي منجهند جو مانيءَ تي گهرايو. مون ان وقت جي لاڙڪاڻي جي ڪمشنر K. B Rind کي به دعوت ڏني.

ماني کائي ڊگهي ڪچهري ڪئيسين. اسان صرف ٽي ڄڻا هئاسون، مون کيس چيو ته مان توهان جو ڪجهه ڪجهه ڏوهي آهيان ۽ اڄ توهان جي آڏو اعتراف ٿو ڪريان، پوءِ مون کيس سندس پلاٽ تي لائبرري نهرائڻ وارو قصو ٻڌايو. پاڻ کليو ۽ رند صاحب به Enjoy ڪيو.

ڪٽپر صاحب جي وفات کي ٽي چار سال ٿي چڪا آهن. پاڻ ڪراچيءَ ۾ دفن آهي.

اسان جي family جا سندس خاندان سان نه فقط سٺا تعلقات آهن، پر سندس ناٺي سابق وزير، حسن علي چانهيي ۽ سندس نياڻي ناهيد چانهيو سان به تمام گهڻي ويجهڙائپ آهي.

## اشرف عباسي صاحبه

ڀٽي صاحب جي ان دؤر ۾ محترمه بيگم اشرف عباسي صاحبه قومي اسيمبليءَ جي ڊپٽي اسپيڪر هئي. ان کان اڳ ۾ عورتن کي اهڙي اهم سياسي سيٽ ڏيڻ جي روايت ڪونه هئي. ڀٽو صاحب تاريخ ساز ماڻهو هو. هن عام ماڻهن مان ليڊر ٺاهيا. ليڊرن مان هيرو ٺاهيا. پوءِ انهن جڏهن ڀٽو صاحب کي ڇڏيو ته هيرو مان زيرو ٿي ويا.

في الحال ته هتي مان غلام مصطفيٰ کر جو مثال ٿو ڏيان، جيڪو شيرِ پنجاب ٿي ويو. آرمي ۽ ايئرچيف کي اغوا ڪري گورنر هائوس پنجاب ۾ بند ڪيائين. پنجاب پوليس جي هڙتال، آرميءَ جي انڪار کان پوءِ پنهنجي سياسي ورڪرن جي مدد سان ڇٽيائين.

Gul Hayat Institute

اِها ليڊرشپ پٽي جي هئي، جنهن 30_40 سالن جي عمر جا گورنر مقرر ڪيا ۽ انهن کي ڪامياب ڪري ڏيکاريو پر بيگم عباسيءَ ۽ ان جي خاندان نسل در نسل پٽي خاندان سان نڀايو ۽ ڪڏهن به پير پٺتي نه ڪيو. بدنصيبيءَ سان شهيد بينظير ڀٽو جي وفات کان پوءِ عباسي خاندان پوئتي ٿي ويو يا کين پوئتي ڪيو ويو.

## رتيديرو جو چيئرمين

عبدالرزاق سومرو وڪيل ۽ عبدالواحد سومرو ۽ سندس گهرواري بيگم رقيه خانم سومرو پٽو خاندان سان ويجها رهيا. سومرو عبدالرزاق BD سسٽم ۾ 1960 ۾ رتيديري جو ٽائون ڪميٽيءَ جو Chairman ٿيو ۽ ٻي اليڪشن ۾ عبدالواحد سومرو Chairman ٿيو. سندس پٽ ڊاڪٽر شفقت سومرو 2005 ۾ مشرف واري بلدياتي نظام ۾ تعلقه ناظم ٿيو.

بيگم رقيه سومرو ضلعي پ پ ۽ سنڌ پ پ پ جي وومين ونگ جي صدر رهي. بيگم فاطمه عبدالرزاق سومرو به ضلعي پ پ پ جي صدر رهي.

بيگم رقيه سومرو ڊگهو عرصو PPP جي MNA ۽ MPA رهي. هاڻي سندس صحت صحيح نٿي رهي. سندس ڌيءَ سيمي سومرو PPP جي ايم. پي. اي آهي. 2015 جي اليڪشن کان پوءِ رتيديري ميونسپل جو غلام مصطفيٰ گهانگهرو چيئرمين ۽ سيد ميهر شاهه جسٽس ديدار حسين جو سئوٽ وائيس چيئرمين ٿيو آهي.

سيد خاندان رتيديري جي سياست ۾ اڳڀرو هيو. سائين وريل شاهه مسلم ليگ جي سياست ۾ اڳڀرو هوندو هيو. پاڪستان ٺاهڻ واري مسلم ليگ جي ڪردار کي رتيديري ۾ گرمائڻ وارو سيد وريل شاهه هيو. شاهه صاحب ، سيد بچل شاهه ۽ راجا غضنفر جو والد هيو. قاضي فضل الله ۽ کهڙي محمد ايوب جو پرجهلو هيو.

ڀٽي صاحب 1958ع کان پوءِ چمڪڻ شروع ڪيو ته شاهه صاحب سندس مخالفت نه ڪئي. 1970ع جي اليڪشن ۾ شاهه صاحب بيماري جي بستري تي هيو. ڀٽو صاحب سندس مزاج پرسيءَ لاءِ ويو ۽ کيس چيائين ته PPP ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪريو. منهنجي چاڻ موجب شاهه صاحب چيس ته "منهنجا سڀ پٽ پاڻتيا توهان سان آهن. منهنجون دعائون به توهان سان آهن. اعلان ڪريان يا نه ڪريان، ڪهڙو ٿو فرق پوي"

## جسٽس ديدار حسين شاهه

ان خاندان مان سيد ديدار حسين شاهه جو ستارو چمڪيو ۽ خوب چمڪيو. وڪالت شروع ڪيائين. بينظير صاحبه کيس ممتاز ڀٽي صاحب جي روبرو اليڪشن ۾ بيهاريو. جڏهن ته پراڻا گهاگهه پيپلا ۽ سياسي شخصيتون ۽ ڀٽي خاندان جو ڪوبه فرد



اهڙي همت ڪرڻ لاءِ تيار نه هيو. ڪنهن وقت سائين ديدار حسين شاهه PPP جي سياست ۾ ممتاز ڀٽي صاحب جو ساٿي يا ورڪر ٿي ڪم ڪندو هيو. پوءِ جڏهن پارٽيءَ آخر ۾ اهو فيصلو ڪيو ته سيد ديدار شاهه رتيديري جي ٽڪ تان ممتاز صاحب جي مقابلي ۾ بيهي ته گوڏا ڪوڙي بيهي رهيو. هن اها سيٽ کٽي. سيد ديدار شاهه صاحب جي سياست جي شروعات هڪ ڊرامائي انداز ۾ ٿي. شاهه صاحب 1988ع ۽ 1990ع ۾ ممتاز صاحب کان سيٽ کٽي ويو.

سيد ديدار شاهه سنڌ اسيمبليءَ ۾ تمام سٺو پرفارم ڪيو. سيد صاحب سنڌ جي حقن جي معاملي تي پارٽي لائين ڪراس ڪري به ڳالهائيندو هيو. 1990ع ۾ ڄام حڪومت هئي. پ پ لاءِ ڏکيو دؤر هيو پر ان ۾ به شاهه صاحب خوب پاڻ موکيو.

1993ع واري اليڪشن ۾ ممتاز صاحب ڪامياب ٿيو. پاڪستان ليول ۽ سنڌ ۾ PPP جي حڪومت ٿي. شاهه صاحب کي 1994ع ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ڪيو ويو. پوءِ پاڻ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس ٿيو ۽ سپريم ڪورٽ جو جج پڻ ٿيو. جتان 2002 ۾ رٽائر ڪيائين.

کيس NAB جو چيف پڻ ڪيو ويو پر سندس پراڻي ساٿيءَ، جسٽس افتخار محمد چوڌريءَ کي اها ڳالهه نه وڻي. جديشريءَ ۾ اهو به عجيب دؤر هيو. 104 هاءِ ڪورٽن ۽ سپريم ڪورٽ جا جج برطرف ڪيا ويا.

ديدار حسين شاهه صاحب جتي وڏو جج، وڏو عملدار ۽ شاندار پارليامينٽرين رهيو. اتي هن ۾ بي انتها خوبيون، خصلتون ۽ ماڻهپو به آهي. ڪنهن کي به گهٽ ۽ ڪمتر نه سمجهندو آهي. وس آهر هر ڪنهن جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي. دسترخوان، دل ۽ دماغ جو ڪشادو. مرڻي پرڻي تي تعلقدارن سان پيرو ڪندو رهندو آهي. هاڻي 80 سالن جي عمر کي ويجهو پهتو آهي. اهڙا ماڻهو اعلي قدرن جا پاسدار هوندا آهن. الله تعاليٰ سائين ديدار حسين شاهه کي وڏي عمر عطا ڪري. هن وقت پرنسٽن يونيورسٽيءَ جو پرو چانسلر آهي.

*

مان سال سوا AC (UT) لاڙڪاڻو رهيس، پر ڪنهن به AC/SDM يا مختيارڪار جي بدلي نه ڊي سيءَ ڪرائي، نه ڪنهن بئي ڪئي. خالد صاحب سيڻي کي ٽيم ڪري کڻي هليو. دبڙاٽ ڏيندو هيو. پر مارائيندو ڪونه هو. هر ڪو پنهنجي جاءِ تي active ۽ خبردار، ڪو ڪم ڪنهن کان نه گُسندو هو. ست تعلقه آفيسر هئا، انهن مان ڪن جا نالا ياد آهن: غلام دستگير ابڙو، غلام مصطفيٰ جوکيو، محمد بخش سومرو، رسول بخش منگي وغيره هي سيئي مختيارڪار هئا. ڊي سي جي آفيس ۾ سپرنٽينڊنگ جي اهم پوسٽنگ ٿيندي

Gul Hayat Institute

آهي. اها دراصل DC آفيس جو دماغ سمجهي ويندي آهي. هڪڙو اهڙو دماغ مظفر حسين ابڙو به هيو جيڪو پنگ پيئندو هيو پر سدائين ڦڙت هوندو هيو. ڊي سيءَ جو PA اڪبر راشدي هوندو هيو. چا ته ماڻهو هيو. اهڙا ماڻهو ۽ عملدار مان گهٽ ڏٺا. AC (UT) جي زماني ۾ منهنجو استاد هيو. مان ڪانئس سکندو هئس. 97_1996 ۾ مان جڏهن لاڙڪاڻي جو ڊي سي ٿيس ته راشدي صاحب اتي ڪانٽريڪٽ تي Red Crescent ۾ ڪم ڪندو هيو. جنهن جو صدر DC هوندو آهي. منهنجو مٿس گهڻو ڀروسو هيو. ڪيس مان اجا تائين استاد ڪوٺيندو آهيان.

## پهرين پوسٽنگ ڪراچيءَ ۾

آڪٽوبر 1976ع ۾ مونکي ڪراچي ۾ سٽي ڪورٽ ۾ Aditional City Magistrate (ACM) ڪري موڪليو ويو. ڪراچي وڃڻ اسان لاءِ ڏاڍو ڏکيو هيو.

## بابا جي دوست کان چارج ورتي

ٻن اڍائي مهينن ۾ جان ڇڏايم. سکر ۾ منهنجي واپڊا ۾ ڊيپوٽيشن تي Laud Acquission Officer (LAO) طور پوسٽنگ ٿي. اتي شمس الدين سومري کان جنوري 1977 ۾ چارج ورتم. جيڪو منهنجي والد سان گڏ ڪم ڪري چڪو هيو. سکر جي پوسٽنگ منهنجي لاءِ سهولت واري هئي. واپڊا جو هڪ نئون ٽن ڪمرن وارو بنگلو مليو. سرڪاري جيپ، پيٽرول، ڊرائيور، بورچي، نٽ نانگر. وڏو شهر. دوا درمل. ڊاڪٽر جو سک. ڳوٺ جي ويجهڙائي. سکر هوئڻ به مونکي خوابن جو شهر ڀاسندو آهي. نوان ڪتاب ۽ رسالا ملندا هئا. گهڻتا گهر وٽان shopping جو مزو. ڪافي دوست اسسٽنٽ ڪمشنر اتي post ٿيل هئا. انهن سان ڪچهريون، ملاقاتون ۽ دعوتون. اڪيلائي محسوس نه ٿيندي هئي. PD واپڊا اسان جو ڳوٺائي ۽ منهنجي دوست ڊاڪٽر منور راڄپر جو پاءُ، محمد صلاح راڄپر هيو.

## سکر جو ماحول

منظور اعوان، انور ڪوڪر، احمد بخش ڪوڪر، مير شفقت، اڪبر سومرو (جيڪو منهنجو لاڙڪاڻي هاسٽل ۾ روم ميٽ هيو)، سيد جاويد شاهه جيلاني خيرپور وارو ۽ ٻيا نوجوان دوست سکر ۽ روهڙيءَ ۾ مختلف کاتن ۾ نوڪرين ۾ لڳل هئا. اسلام الدين شيخ، انور ڪوڪر SDM سکر سان ويجهو هوندو هيو. تنهن ڪري اسان جي حلقي ۾ شامل هيو. کيس تڏهن چوندا ئي اسلام الدين ڪوڪر والا هئا. انهن ئي ڏينهن ۾ 1979 ۾ سکر جو ميئر ٿيو ۽ سندس پاڳ کليو. سلمان فاروقيءَ کي ويجهو ٿيو ۽ گورنر عباسيءَ جو Family Friend ٿي ويو. سکر جو MNA علي حسن منگي صاحب 1970 ۽ 1977 جي election ۾ چونڊجي



ڪامياب ٿيو هيو. 1970 ۾ ته منگي صاحب هڪ سياسي معرڪو سر ڪيو. پيرزاده عبدالستار ڪنهن وقت سنڌ جو CM رهيو هيو ۽ وفاقي وزير اي ڪي. بروهي جيڪو نالي وارو قانوندان ۽ وزير هيو ۽ محترم مولانا عبدالڪريم بير واري کي 1970 واري اليڪشن ۾ شڪست ڏني. پاڻ آزاد اميدوار ٿي اليڪشن ۾ بيٺو هيو پر کيس PPP جي سپورٽ هئي. اليڪشن کٽڻ کان پوءِ منگي صاحب PPP ۾ شامل ٿي ويو. منگي صاحب هميشه ڀٽي صاحب کي ويجهو رهيو ۽ سندس دوست هيو. 1985 جي نان پارٽي اليڪشن ۾ اسلام الدين شيخ جي مقابلي ۾ هارائي ويو. اسلام الدين شيخ، جوڻيجي صاحب جي حڪومت ۾ منسٽر آف اسٽيٽ ٿيو پر مٿس ڪي الزام لڳائي وزارت کان ڌار ڪيو ويو. ان دؤر ۾ اسلم سنجراڻي صاحب، اسلام الدين جو سينيئر پرائيويٽ سيڪريٽري ۽ لاڙڪاڻي شگر مل جو جنرل مئنيجر رهيو.

اسلام الدين پوءِ پير صاحب پاڳاري جي مدد سان Senator ٿيو. هاڻي (2015 ۾) به PPP جو Senator آهي. پاسا مٽائي زرداري صاحب جي مهربانيءَ سان PPP ۾ آهي. پاڻ Senator، ته پٽ نعمان شيخ وري سکر مان MNA. منگي صاحب 1988 ۾ آخري election کٽي. 1990 ۾ پ پ پ کيس ٽڪيٽ نه ڏني. 1993 ۾ منگي صاحب جو 82 سالن ۾ death ٿي ويو. ائين منگي خاندان جا سکر مان سياسي طرح ٽپڙ ويڙهجي ويا. هاڻي سيد خورشيد شاهه جو سکر جي سياست ۾ بول بالا آهي. ۽ پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ ۾ PPP جي پاران مخالف ڌر جو اڳواڻ آهي. سنڌ ۾ به PPP جو سگهارو ليڊر سمجهبو آهي. اڪثر سندس لاءِ سنڌ جي CM ٿيڻ جون افواهون به هلنديون رهنديون آهن. ڏسجي ته اهي افواهون ڪڏهن ٿيون حقيقت جو روپ وٺن، يا افواهون افواهون ٿيون رهن. پر اها حقيقت آهي ته خورشيد شاهه صاحب پاڻ کي، مرحوم مخدوم محمد امين فهيم کان پوءِ PPP جو مضبوط سياسي ليڊر ثابت ڪيو آهي.

## علي حسن منگيءَ جا پويان!

منگين جو بخت، علي حسن منگي صاحب پاڻ سان قبر ۾ کڻيون ويو. هاڻي ته ڪو منگي سکر مان ڪائونسلر به نه چونڊجي سگهيو آهي. سندس پيارو پٽ، گلو آفتاب منگي به ٽي سال ٿيندا ڪراچيءَ ۾ فوت ٿي ويو ۽ پيءُ ماءُ جي قبرن جي پرسان ڪراچيءَ ۾ دفن ڪيو ويو. منگي صاحب جي نياڻي ڊاڪٽر انور منگي، ڪراچي Bath Island ۾ رهي ٿي. سندس ٽيئي ٻار بي انتها هوشيار ۽ پروفيشنل آهن. پٽ بابي هوسٽن ۾ رهي ٿو. سندس عمر چاليهن سالن کان ڪجهه مٿي آهي ۽ USA جي چونڊ دل جي ماهر ترين ڊاڪٽرن/ سرجنن مان هڪ آهي. ڌيءَ نوين (نومي) منگي ڪراچيءَ ۾ رهي ٿي. Bloom

Gul Hayat Institute

Berg TV Channel جي ڪنٽري مئنيجر آهي. ڊان اخبار ۾ Social Issues تي مستقل ڪالم لکندي آهي ۽ Ali Hassan Mangi Trust جي چيئرپرسن آهي. خيرو ديرو ۽ ٻين ڳوٺن ۾ تعليم ۽ ترقي تي 10 سالن کان پراجيڪٽ هلائي رهي آهي. پاڻ پنهنجي زندگي ٻهبود جي ڪمن کي ارپي ڇڏي اٿائين!

ٽيون ٻار بيشا نيويارڪ ۾ رهي ٿو. آمريڪا جو Top Lawyer آهي ۽ هڪ law firm جو پارٽنر آهي. سندس عمر چاليهن سالن کان ننڍي آهي.

ڊاڪٽر عبدالله منگي، 1997ع ۾ ميڊيڪل ايڊوائيزر SESSI تان ريٽائر ٿيو. سندس گهر واري ڊاڪٽر انور، جيڪا Psychiatrist آهي، ۽ ڌيءَ نومي ڪراچيءَ ۾ رهن ٿا. خادم حسين منگي، جيڪو علي حسن منگيءَ جو ڀاٽيجو آهي. ان 2015ع ۾ ٻنگل ديرو ضلعي لاڙڪاڻي يونين ڪائونسل مان محترمه فريال ٽالپر جي مهربانيءَ سان ضلعي ڪائونسل جي سيٽ کٽي آهي.

## ڀٽي صاحب جي شهادت

مان سکر ۾ ئي هئس، جو ڀٽي صاحب جو ٽرائيل هلي رهيو هيو. ملڪ جا حالات ڏاڍا خراب ٿيندا پئي ويا. آرمي وارن جو ضد، ڪورٽ ۾ مولوي مشتاق جو ضد. سياسي ڌريون ورهايل. PPP اڪيلي ٿي وئي. پارٽي جا وڏا ليڊر به سختيون سهي تنگ ٿي پيا هئا. ضياءَ جو عوام تي دٻاءُ برقرار. ماڻهو جيلن ۾ ڪوڙا ۽ ڦاسيون کائيندا رهيا. ڪين جس آهي، پوئتي نه هٽيا. وڌئون وڌ ۽ اڳي کان اڳرا رهيا. ان کي عوامي قوت چئبو آهي.

مولوي مشتاق (جسٽس) نيٺ ڀٽي صاحب کي رضا قصوريءَ جي پيءُ جي قتل جي ڪيس ۾ موت جي سزا ٻڌائي ڇڏي.

دنيا جي ماهر قانوندانن اهڙي فيصلي تي تنقيد ڪئي. هڪ ته بنيادي ڪيس هلائڻ واري ڪورٽ، سيشن ڪورٽ کان اهو ڪيس منتقل ڪري هاءِ ڪورٽ پاڻ ٽرائيل ڪيو. اهڙي طرح جوابدار جي هڪ appeal جو حق سلب ڪيو ويو.

ٻيو اهو settled قانون آهي ته، جيڪو قتل جي ٻچ ڏيندو آهي، ان کي موت جي سزا نه ڏني ويندي آهي. ڀٽي صاحب تي اهو ڪمزور شاهدين سان ثابت ڪيو ويو. جنهن ۾ سلطاني گواهه شامل هئا، ته ڀٽي صاحب جي چرچ تي محمود احمد خان قصوري قتل ٿيو. قتل جو نشانو سندس پٽ هيو پر مري پيءُ پيو.

پر سڀني قاعدن قانونن کي پوئتي اڇليو ويو. ملڪ ۾ ته جڻ موت جي خاموشي ڇانئجي وئي. دنيا ۾ ڀٽي صاحب جي سربراهه دوستن کي به ان ڦاسيءَ تي انتهائي رنج پهتو.



اپيل ڪئي وئي. ٻاهرين دوست ملڪن جي سربراهن به ڀٽي صاحب جي جان بخشيءَ لاءِ ڪوششون ڪيون. سپريم ڪورٽ جي 11 ججن ڪيس ٻڌڻ شروع ڪيو. اهي وڃي 7 بچيا. چون ٿا ته يحيٰ بختيار ڪيس کي غير ضروري طرح اينگهايو. جيڪي وڌيڪ خودمختيار جج هئا، انهن کي ضياءَ پنهنجي حڪمت عمليءَ سان هٽايو. 7 جج وڃي فيصلي ڏيڻ وقت بچيا. چار جج پنجاب جا ۽ ٽي جج هر هڪ صوبي جا. چئن ججن يڪراءِ فيصلو ڏنو ۽ ٽن ججن ان Majority فيصلي سان اختلاف ڪيو پر پوءِ به جسٽس انوارالحق اها موت جي سزا بحال رکي. جڏهن ته ورهايل فيصلي موجب سزا گهٽائي، ان کي عمر قيد ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي.

ضيا کي ڪنهن چيو هيو ته "قبر هڪ آهي. ماڻهو ٻه آهن. هڪ ڀٽو ٻيو تون. توکي چونڊ ڪرڻي آهي ته موت ڪنهن کي ملي." ضياء، ڀُٽي صاحب جي چونڊ ڪئي.

ضياء، خانه ڪعبه ۾ به ياسر عرفات سان واعدو ڪيو هيو ته ڀٽي کي ڦاسي نه ڏيندم، پر ائين نه ٿيو.

پارٽيءَ وارن کي چيو ويو ته عوامي احتجاج ڪيو پر ليڊرن جو خيال هيو ته ڀٽي کي ڦاهي نه ايندي.

سڀ ڪارروايون پوريون ڪيون ويون. 4 اپريل 1979ع ڪيس ڦاهي ڏيڻ جو ڏينهن مقرر ڪيو ويو.

منظور اعواڻ سکر جي ڪمشنر الله بخش سومرو جو اسٽاف آفيسر هيو. مونکي 10 بجي فون ڪيائين ته آئون سندس آفيس ۾ اچان. هر آفيسر فون تي ڳالهائڻ کان احتياط پئي ڪيو. مان تڪڙو تڪڙو سندس دفتر ۾ ويس. منهن لٿل هيس. ائين پئي لڳو ڄڻ روئيندو هجي. ڪمشنر آفيس ۾ هجڻ ڪري هن جي اطلاعات جا ذريعا وسيع هئا. مون کي ٻڌايائين ته ڀٽي صاحب کي ڦاسي ڏئي ڇڏيائون. ائين چئي هو خاموش ٿي ويو. مان به چپ ٿي ويس. ڪافي دير اندر ئي اندر ۾ رت جا ڳوڙها ڳاڙيندا رهياسون. پوءِ ڪجهه ساعت ۾ آياسين ته احوال ڪيوسين.

Dead body راولپنڊيءَ کان C-130 ۾ سکر ايئرپورٽ تي آندي وئي. اتان آرميءَ جي هيليڪاپٽر ۾ ڳڙهي خدا بخش پٽو پهچائي وئي. ڀٽي صاحب جو لاش، خاندان جي بزرگ ممتاز صاحب جي والد نواب نبي بخش خان ڀٽي جي حوالي ڪيو ويو. ڪجهه دير لاءِ زنان خاني ۾ لاش موڪليو ويو. پوءِ سندن اباڻي قبرستان ڳڙهي خدا بخش ۾ دفن ڪيائون. سندن خانداني مولوي محمود ڀُٽي صاحب جنازه نماز پڙهائي ۽ سندن مئنيجر نذر محمد خان لغاري ڪفن دفن جو بندوبست ڪيو هيو. تمام مختصر ماڻهن کي جنازي نماز پڙهڻ جي اجازت ڏني وئي.

Gul Hayat Institute

سکر جو ڪمشنر الله بخش سومرو هيو. ڊي سي لاڙڪاڻو شاهد عزيز صديقي ۽ رتيديري جو AC/SDM خالد محمود سومرو هيو.

پٽي صاحب جي موت کان پوءِ عجيب ڳالهيون هلايون ويون ته پٽو صاحب مئو ناهي، جيئرو آهي، وري موتي ايندو. ۽ پٽي صاحب کي ڦاسي نه ڏني وئي، پر ان کان اڳ ۾ ڪيس تشدد ڪري ماريو ويو آهي. پلي پٽي صاحب پاڻ کي پاڪستان جو ۽ دنيا جو ليڊر ثابت ڪيو. پر وقت اڄ به اهو ثابت ڪيو ته سنڌين ڪيس نه وساريو آهي. هُن به سنڌين جي حيثيت بدلائي ڇڏي، هاڻي به جيڪو سنڌي پنهنجي وجود کي قائم رکيو ويٺا آهن. ان جو سبب پٽي صاحب جي سياست ۽ پاليسيون آهن. نه ته سنڌين کي ڏاڍو سهانگو تين وال ڪيو پئي ويو. اسان کان پوءِ جي نسل جا ٻار جن پٽي صاحب جو پاڇو به نه ڏٺو هيو اهي به اڄ 'جيئي پٽو جيئي پٽو' ڪندا ٿا وتن.

## علي ڏنو پنهور

جنوري 1977 کان جنوري 1979 تائين منهنجا ٻه سال واپڊا ۾ ڊيپوٽيشن تي سُک سانت ۾ گذري ويا. پر انتظامي مُک ڌاري کان ٻاهر ڇڻ اپاٽڪو ۽ ڪٽيل هوس. سو پنهنجي دوستن منظور علي اعواڻ ۽ مير شفقت سان صلاح ڪيم. نئي ڪمشنر، سکر جا لاڏلا آفيسر هئا. انهن سان گڏجي ڪمشنر سکر جناب علي ڏني پنهور وٽ وياسون. پنهور صاحب انهن ٻنهي صاحبن کي گهڻو پائيندو هيو. اسان جي وٽس پهچڻ سان چيائين 'توهان ٽنهي اسٽرائيڪ ڪئي آهي ڇا؟' ڪيس مقصد ٻڌايم ته منهنجا ٻه سال واپڊا ۾ گذري ويا آهن. سکر ۾ City Magistrate جي پوسٽ خالي آهي. مهرباني ڪري اتي پوسٽنگ ڪرايو. واعدو ڪيائين. سنڌس AC (G) فقير محمد ڍر هيو. ان کي چيائين ته عبدالقادر لاءِ CS کي DO لکڻو آهي.

ڪافي عرصو انتظار ۾ رهياسون. ڍر صاحب کان پڇندا رهياسون. نيٺ ڍر صاحب ٻڌايو ته ڪمشنر صاحب جو خيال آهي ته سکر شهر مان علي حسن منگي MNA جو اميدوار آهي. متان عبدالقادر سنڌس مدد ڪري تنهن ڪري فيصلو نٿو ڪري سگهي. پنهور صاحب ڏاڍو ڳجهو ۽ محتاط آفيسر هيو. ڪنهن به قسم جي ذميواري کڻڻ لاءِ تيار نه ٿيندو هيو.

ايڏو ڳجهو هوندو هيو جو ڪو ڪاغذ سنڌس ٽيبل تي پيو هوندو هيو ۽ ڪو ويجهو ماڻهو ان متعلق خبر وٺندو هيس ته ان ڪاغذ جي وجود کان ئي انڪار ڪري ڇڏيندو هيو. شايد ان خاصيت جي ڪري پنهنجي آفيسرن جي اکين جو تارو هوندو هيو.

جڏهن منهنجي 96_1995 ۾ خيرپور ۾ پوسٽنگ هئي ته ساڻس گهڻيون ڪچهريون



ٿينديون هيون. صاف سٿرو ٿي رهڻ وارو علم ۽ ادب جو ڄاڻو ڪتابن جو شوقين. سنڌس اهي ئي مشغلا هوندا هئا. جيڪي اسان تي سنڌس ريٽائرمينٽ کان پوءِ ظاهر ٿيا. اهو راز به سرڪاري orders وانگر اندر ۾ سانديو ويٺو هيو. سنڌس انتقال اباڻي شهر خيرپور ۾ ٿيو. اتي ئي دفن آهي.

سنڌس ڀاءُ منظور حسين پنهور وڏي عرصي تائين آءِ جي (I.G) جيلز رهيو. اهو به سنڌ جو نالي وارو آءِ جي هيو جيڪو ڊسمبر 2015 ۾ تقريباً سؤ سالن جي عمر ۾ فوت ٿيو.

پنهور صاحب مان آسرو لاهي چپ ڪري رهيس. پر دل ۾ اها ئي سُئي اٽڪيل رهي ته منهنجي ڪيريئر جا چار سال گذري ويا آهن. ڪجهه دوست AC/SDM ٿي ويا هئا. منهنجي اسڪول جو دوست پرڪاش ان دور ۾ ڪراچيءَ جو مشهور ڊينٽل سرجن هيو. عباسي شهيد اسپتال ۾ به نوڪري ڪندو هيو ۽ مشهور ڊاڪٽر سرجن شيخ نصير جي اسپتال ۾ به شام جو پنهنجي ذاتي ڪلينڪ هلائيندو هيو. هن جي دوستي چيف سيڪريٽريءَ کان سيڪريٽريٽ جي پٽيوالن تائين هر ڪنهن سان هئي. ان دور جو بااختيار ايڊيشنل سيڪريٽري ڪرنل خالد هيو. ان سان به وڃي ياري رکيائين. منهنجي خواهش ڄِي پرڪاش کي خبر هئي. ڪرنل صاحب جي ڪِڏ پئجي ويو. ڪرنل خالد صاحب منهنجي بدلي بطور AC/SDM ڪيرو ڪئي.

پرڪاش جو اهو ٿورو اڄا ڳائيندو آهيان. 19 سيپٽمبر 1979 تي نئين منزل ڏانهن روانو ٿيس.

Gul Hayat Institute

# 4 سيپٽمبر 1979ع کان سيپٽمبر 1981ع

## انوکي منزل_ کپرو

سکر مان ٽنڊي آدم ريلوي اسٽيشن لاءِ ريل ۾ چڙهيس. اهي خواب، اهي سپنا، جيڪي اکين ۾ سانديل هئا، اُهي ڳوڙها ٻڻجي منهنجي اکين ۾ رکي رکي ٽمڪي رهيا هئا. ڇا خواب ائين حقيقت جو روپ وٺندا آهن؟ آءٌ خوابن کي حقيقت ٿيندي ڏسي رهيو هوس. مان ڏاڍو جذباتي ٿي رهيو هوس. وهم، وسوسا ڪٽي منجهند ڌاران ٽنڊوآدم ريلوي اسٽيشن تي اچي لٿس. کپري جو پهريون اي سي، پير عبدالحق جان سرهندي، جولاءِ 1977 ۾ اتي پوسٽ ٿيو هيو. اهو ٻہ سال اتي گذاري، بدلي ٿي ويو هيو ۽ اها جاءِ خالي هئي.

چارج سانگهڙ جي AC محترم آفتاب احمد سومري وٽ هئي. ان کي پهچڻ جو اطلاع ڪيو هو. هن مهرباني ڪري SDM جي جيپ ۽ اسٽاف جو ماڻهو ۽ گن مئن موڪلي ڏنو هيو. مختصر سامان جيپ ۾ رکي سانگهڙ لاءِ روانو ٿيس.

آفتاب سومري سان مليس. لنچ ڪئي ۽ ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ سان ملاقات ڪئي. هن ضروري هدايتون ڏنيون، جيڪي خاص ڪونہ هيون. هيءَ منهنجي پهرين SDM جي چارج هئي، تنهن ڪري وڌيڪ محتاط هئس.

پوءِ کپري لاءِ روانو ٿيس. ضلعن جي حدن جا فاصلا اُن طرف بہ عجيب نظر آيا. نوابشاهہ، سانگهڙ 35 ميل، سانگهڙ_ميرپورخاص 35 ميل، ميرپورخاص کپرو 35 ميل، کپرو سانگهڙ 35 ميل. لڳو ڪنهن ماپ ڪري انهن جڳهين تي ڳوٺ ۽ شهر ٺاهيا هجن.

سانگهڙ کان کپرو ايندي عجيب محسوس ٿي رهيو هيو. جڏهن دلشاد شاخ ٽپي، ميرپورخاص وارو رستو ڇڏي، جيپ اوپر طرف رخ ڪيو تہ روڊ سڌو ئي سڌو هيو. بلڪل نڪ جي سڌ ۾.

تعلقي جي ايراضي ساڍا چوڏهن لک ايڪڙ آهي ۽ يارهن لک ايڪڙن کان وڌيڪ واريا سو غير آباد، ريگستان ۽ اڇڙو ٽر آهي. پوءِ بہ ساڍا ٽي لک ٻئرا جي ايراضي آهي. 1979



۾ سنڌ ۾ پهرين نمبر تي، تعلقي ٽنڊوالهيار جي آبادي ۽ ٻئي نمبر تي تعلقي کپري جي آبادي ۽ جمع بندي هوندي هئي.

کپري جو روڊ سنڌ جي ٻين روڊن وانگر ڏانوان ڏول هيو. ڪلاڪ کان ڪجهہ وڌيڪ وقت لڳي ويو. ريسٽ هائوس ۾ منهنجي رهائش جو بندوبست ڪيل هو.

صبح جو آفيس پهتس. گهر آفيس جي پرسان هيو. آفيس ٽن ننڍن ڪمرن تي ٻڌل هئي. هڪ ڪمرو 10x12، منهنجي ڪورٽ بہ تہ آفيس بہ. هڪ ڪمرو وڪيلن ۽ ملڻ وارن لاءِ ۽ ٽيون وڏو ڪمرو اسٽاف لاءِ هيو. جنهن ۾ هڪ اسسٽنٽ، هڪڙو سينيئر ڪلارڪ ۽ ٻہ جونيئر ڪلارڪ هئا. ٻہ پٽيوالا هئا. هڪ 'صاحب' جي لاءِ ۽ ٻيو اسٽاف جي لاءِ. جيڪو مونکي اٽينڊ ڪندو هيو، ان جو نالو 'هوت خان' هيو. هوت خان هڪ ڪلاسيڪل نائڪ هيو.

منهنجو سرشتيدار سينڌل خان ڪنڀر هيو. مون اهو نالو ئي پهريون دفعو ٻڌو هيو. سرشتيدار جو ڪم ڪيسن جا فائيل رکڻ هيو. جوابدارن ۽ وڪيلن ۽ SDM جي وچ ۾ رابطي جو ڪم ڪندو هيو. پر هيءُ ايترو تہ سادو هيو، جو منهنجي لاءِ بہ ڪڏهن ڪڏهن مشڪلاتون پيدا ٿي پونديون هيون. هن جي سچائي ۽ سڌائي هن جي خامي يا ڪمزوري محسوس ٿيڻ لڳندي هئي. پر هن ۾ ساڳئي وقت ايتريون تہ خوبيون هيون، جو هن جي اوڻاين کي نظرانداز ڪري ڇڏبو هو. حد درجي جو سچو، ايماندار، نيڪ نيت ۽ وفادار، ڪوڙ ڪپٽ کان پاسيرو. هن جون وفاداريون اڻ ورهايل هيون. جيترو وقت اتي رهيس، هُو بہ مون سان رهيو. پر پوءِ بہ سالن جا سال اتي رهيو نہ ترقي ڪيائين نہ کپري مان بدلي ٿيو. هينئر رٽائرڊ ٿيو آهي. کپري ۾ رهي ٿو. چار پٽ اٿس. هڪ کي نوڪري آهي، ٽي بيروزگار ويٺا آهن.

*

رسمي طرح سان سب ڊويزن ۽ تعلقي جي آفيسرن ۽ اهم ماڻهن سان ملاقاتون شروع ٿيون. تقريباً سڀ آفيسر ۽ سب ڊويزن جا اهم ترين ۽ اهم ماڻهو Courtsy Call لاءِ آيا. انهن سان ڏيٺ ويٺ ٿي. مختيارڪار محمد اسماعيل ميمڻ ڏيپلي جو هيو. هروڀرو منهنجي لاءِ مسئلا پيدا نہ ڪيائين. پنهنجي ڪم جو چڱو ڀاڙو هيو. علائقي ۽ ماڻهن کان بہ سٺو واقف ٿي ويو هيو.

سول جج عبدالڪبير لغاري هيو. سول جج ۽ مختيارڪار جون آفيسون لڳولڳ هيون. لغاري صاحب ۽ مان اڃا تائين يار آهيون. بدنصيبيءَ سان هاڻ ڪورٽ جو جج نہ ٿيو، هاڻي حيدرآباد ۾ وڪالت ڪري ٿو. ڪبير لغاري صاحب جي بدليءَ کان پوءِ سائين ڏنو ميتلو سول جج ٿي آيو، جيڪو هاڻ ڪورٽ جو جج ٿيو. درگاهہ جو گادي نشين آهي،

خيرپور ضلعي ۾ بي حد honest، ڄاڻو ۽ فضيلت وارو شخص آهي. هاڻ ڪورٽ مان افتخار چوڌريءَ جي چڪر ۾ نوڪريءَ مان لهي ويو.

ڪپري ۾ ڊي ايس پي نہ هيو پر ان جي جاءِ تي انسپيڪٽر پوليس هيو. منهنجي آخري ڏينهن ۾ اتي الله بخش جسڪاڻي انسپيڪٽر ٿي آيو. ڏاڍو برجستو، ڏاهو ۽ لائق آفيسر هيو. حيدرآباد ۾ دهشتگردن جي هٿان قتل ٿي ويو.

ڪپرو ۾ اهم آفيسر، منهنجو سابق Boss محمد سرور آرائين بہ DFO هيو. محمد سرور آرائين سان ملي خوشي ٿي. پراڻن وقتن ۽ پراڻن سالن جون ساروڻيون ورجائيون سين.

ڪپري ۾ هڪ نوجوان RFO سان بہ منهنجي پهريون دفعو ملاقات ٿي. هو نئون نئون (Forestry) B.Sc ڪري 16 گريڊ ۾ اچي ڪپري ۾ RFO لڳو هيو. پورين اکين، ڀڳاڙهن ڳلن وارو شرميلو صادق مغل، حيدرآباد جو هيو. هن ۾ مون کي پنهنجو پاڻ نظر ايندو هيو. هن جا عزم اُوچا ۽ سندس اکين ۾ مستقبل جي ٽنگيل خوابن جي روشني نظر ايندي هئي. RFO ٿي هُو خاموش ويهي رهڻ وارو نہ لڳو. مان DFO سرور آرائين صاحب جو مستقل مهمان هوندو هوس. جڏهن ڪو بہ مهمان وٽس ايندو هيو تہ مون کي ضرور دعوت ڏيندو هيو ۽ منهنجون تعريفون ڪندو هيو. پيلي ڪاتي جي هڪ وڏي نالي محترم .G.D Memon، ڪنزويٽر آف فاريسٽ، سان بہ اتي ملاقات ٿي. هي هالا جا ڀيِ ميمڻ پيِائر هئا، جيڪي ڀئي پاڻ کي G.D. Memon سڏائيندا هئا. وڏو ڀاءُ Finance department جو سيڪريٽري هيو. ننڍو فاريسٽ ڊپارٽمينٽ ۾ هيو. وڏي ڀاءُ جو پٽ سليم ميمڻ بہ DC، ڪمشنر ۽ سنڌ ۾ سيڪريٽري ٿي ريٽائر ڪيو. ويجهڙائي ۾ فوت ٿي ويو آهي. اسان سيني تي ۽ خاص طور اسان جي پياري دوست غلام حسين قريشي (GHQ) تي وڏو مهربان رهيو. A. K Lodhi صاحب سان بہ پهريون دفعو آرائين صاحب وٽ ملاقات ٿي. لوڌي صاحب ڪپري، ڪوڙي پيلي ۾ پنهنجي شڪاري سنگت سان تترن جي شڪار تي آيو هيو. ڪامران مرزا بہ اتي مليو هيو.

عبدالڪريم لوڌي صاحب، سنڌ ۽ پاڪستان جو وڏو نالي وارو ۽ دبنگ آفيسر رهيو آهي. شروعات ۾ پاڪستان navy ۾ هيو. پوءِ CSP جي پراسيس سان 1958 ۾ CSP آفيسر ٿيو. پيا مشهور آفيسر پرويز احمد بٽ ۽ سيد سردار احمد بہ سندس بئچ ميٽ هئا. پر لوڌي صاحب جي بات هي اور هئي. "6'.3 فوٽن کان وڏو قد روبيسٽ شخصيت، ڳالهائڻ جو برجستو، انگريزيءَ جو مائي باپ. جيڪڏهن انگريزيءَ ۾ ڪو آفيسر فل اسٽاپ ۽ ڪاما جي بہ غلطي ڪري تہ ڪيس ڊرافٽ واپس ورائي موڪليندو هيو. حيدرآباد جو ڊي سي ۽ ڪمشنر رهيو. No nonsence قسم جو آفيسر هيو. جڏهن لوڌي صاحب ڪمشنر هيو تہ مان AC/SDM گهارو هئس. منهنجو ساڍن 4 مهينن جي ڪمشنريءَ جي دور ۾ واسطو قائم



ٿيو ۽ سندس مرڻ گهڙيءَ تائين قائم رهيو.

## پير صاحب پاڳاري سان ملاقات

ڪپرو تعلقو سياسي طور پير صاحب پاڳاري جو سياسي ڳڙهہ آهي. سندن اهو علائقو سانگهڙ تعلقي سميت پير صاحب جي مريدن ۽ ’مَڪيءَ جي حُرن‘ جو مرڪز رهيو آهي. ڳِڙنگ بنگلو بہ سانگهڙ تعلقي ۾ سانگهڙ - ميرپور روڊ تي، سانگهڙ شهر کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي آهي. جتي انگريزن بمباري ڪئي هئي. ڪپري سانگهڙ ۾ ’لوڙها‘ ٺاهي، حرن کي سندن ٻارن ٻچن ۽ اهل عيالن سان اتي قيد رکيو ويو هيو. 1979ع تائين بہ ڪن ڦٽل لوڙهن جا نشان قائم هئا. جيڪي ڪپري جي ٻاهران مون پڻ ڏٺا.

خليفو عاقل هنڱورو، پير سائين پاڳاري جو چيف خليفو هيو. ان کي ڄڻ پير صاحب جي بادشاهيءَ ۾ سياست ۽ جماعت ۾ چيف سيڪريٽري/ چيف منسٽر جي حيثيت حاصل هئي. پر هر پاليسي/ حڪم پير صاحب جن جو ئي هلندو هيو.

منهنجي پير صاحب جن سان پهرين ملاقات بہ ڪپري تعلقي ۾ شايد معيز علي شاهہ جي ڳوٺ ۾ خليفي عاقل صاحب جي توسط سان ٿي هئي. ماشاء الله ... پير صاحب حشمت وارا، صحتمند، سڪ قرب وارا ۽ جوان لڳي رهيا هئا. سندن ڳالهائڻ ۾ رعب تاب، منهن تي مسڪراهٽ ۽ اکين مان ذهانت واضح. مون کان خير خيريت ۽ حال احوال ورتائون. پڇيائون ’ڪا تڪليف تہ نہ آهي؟‘ مون سندن ٿورا مڃيا. چيائون ’توهان کي هتي ڪنهن بہ قسم جي تڪليف نہ ٿيندي‘ اهو ڄڻ سندن چيف خليفي کي پيغام هيو تہ مون کي ڪا بہ تڪليف نہ پهچي. واقعي مون کي ٻن سالن جي عرصي ۾ سندن جماعت جي طرفان ڪا بہ تڪليف نہ پهتي ۽ جوڳي عزت ۽ مان ملندو رهيو. ويندي سائين محمد خان جوڻيجي تائين.

*

خليفي عاقل سان منهنجي ڏاڍي ويجهڙائپ رهي. اڪثر مون وٽ ايندا رهندا هئا ۽ بنا ڪم ڪار جي. جو تہ منهنجي ڪوشش هوندي هئي تہ ڪو بہ ماڻهو هجي، ان جو هر وپرو ڪم نہ رهي ۽ ان جو جلدي اڪلاءُ ٿي وڃي.

هڪ دفعي تہ خليفي عاقل اهو بہ چيو تہ ”توهان جهڙائي AC هتي رهيا تہ اسان جهڙن وڏيرن جا تہ سياسي دُڪان بند ٿي ويندا. ماڻهو ڪم لاءِ سڀ توهان وٽ ٿا اچن. اسان وٽ تہ ڪو ورلي ئي ٿو اچي. ۽ اُهو بہ اهڙو ماڻهو، جنهن جو ڪم ٿيڻ جهڙو نہ هوندو آهي.“

مان ڪا متيپيد نہ رکندو هوس تہ هي کهڙي پارٽيءَ جو آهي ۽ ڪنهن جو سفارشي آهي. آهستي آهستي ماڻهو ان ڳالهہ تي هِري ويا تہ بنا ڪنهن سفارش جي مون تائين

Gul Hayat Institute

پنهنجو ڪم ۾ مسئلو ڪٽي اچن. 1979ع جي ٿي آخر ۾ لوڪل باڊيز جون اليڪشنس ٿيون. ضلعي ڪائونسل، ضلعي ۽ تعلقي ڪوآرڊينيشن ڪائونسل، ٽائون ڪميٽيون ۽ يونين ڪائونسل وجود ۾ اچي ويون. ضياءَ جو به اهو ئي مقصد هيو ته سياسي خال کي پرڻ لاءِ اهي ڪائونسل ڪم ڪن. انتظاميا کي به هدايت ڪئي وئي ته انهن ڪائونسلن سان تعاون ڪيو وڃي ۽ انهن جي سربراهن کي جوڳي اهميت ڏني وڃي. سنڌ ۾ لوڪل باڊيز جو Brain سلمان فاروقي هيو جنهن گورنر عباسيءَ کي شيشي ۾ لاٿو ۽ برجستگيءَ سان ڪم ڪري رهيو هيو. سلمان فاروقي صاحب پاڻ به tour ڪندو هيو. گورنر کي به tour ڪرائيندو هيو. ڪراچي، حيدرآباد ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ لوڪل باڊيز جا convention به ڪرائيندو هيو. سلمان فاروقيءَ جهڙا سدا ساوا، سدا سرها، سدا بهار legendary beaurocreat هميشه حڪمرانن جي اک جا تارا هوندا آهن.

گورنر عباسيءَ سان به پٽ ۾ ڦِٽ. محمد خان جوڻيجي جي پنج نڪاتي پروگرام جو به روح روان. بينظير ڀٽو صاحبه جي People Programme کي به هلائڻ وارو هي. نواز شريف جي پيلي ٽيڪسي جو به خالق. آصف زرداريءَ جو Principle Secretary، Ombodsman ۽ صلاحڪار. ڪڏهن به جيل ۾ نه ويو.

## اڪيلو ووٽ پر چيئرمين!

اليڪشن ۾ معجزا ٿيندا رهندا آهن. پر مون هڪڙو معجزو ڪپري جي ٽائون ڪميٽي ڪپري ۾ ڏٺو. وڏين ڌرين برابر سيٽون کنيون ۽ آزاد اميدوار طور عبدالمجيد چوهاڻ هڪ سيٽ کنئي. هڪ ڌر ڪيس وائيس چيئرمئن جي سيٽ offer ڪئي، ٻيءَ ڌر ڪيس چيئرمئن جي سيٽ ڏني. هو آخرڪار چيئرمئن ٿي ويو. 1979 کان 1983 تائين چار سال چيئرمئن ٽائون ڪميٽي ڪپرو رهيو. مون ڪيس SDM/ Returning Officer جي حيثيت ۾ Oath کڻايو. هاڻي هو شهر جو VIP ٿي ويو.

## خليفو عاقل ۽ ٻيا اهم ماڻهو

خليفو عاقل ته اوور آل حُر جماعت جا interest جاچيندو هيو. پر پوري شهر ۽ پنهنجي ڳوٺ جي يونين ڪائونسلن ۽ اڃڙي ڌر جي معاملن کي وري قاضي فيض محمد راڄڙ ڏسندو هيو. گهٽ پڙهيل، پر سمجهو پنهنجي ڏاهپ ۽ اثر رسوخ جي ڪري سندس ڳالهه ڪپري جي حدن اندر گهڻو مانُ لهندي هئي. خليفو عاقل ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪائونسل جو چيئرمئن هيو ته قاضي فيض محمد وري تعلقي ڪپري جي ڪائونسل جو چيئرمئن. مان تعلقي ڪائونسل جو ميمبر هيس. خليفي صاحب وانگر منهنجي دوستي به قاضي



صاحب سان هئي. تعلقي جون جيڪي به اسڪيمون ٺهنديون هونديون هيون، انهن تي ڪافي هوم ورڪ ڪري، هڪ ٻئي جي صلاح سان انهن کي ٿهرائي موڪليندا هئاسون.

ڊي سيءَ وٽ جڏهن ضلعي ليول تي معاملا ويچار هيٺ ايندا هئا ته ڪپري مان منهنجون موڪليل سفارشون جيئن جو تيئن قبول ڪيون ويندا هيون.

مون اهو به ڳُر جلدي ڳولهي لڌو هيو ته پنهنجي Sub Division جي مسئلن کي اهڙي طرح Handle ڪجي، جيئن ڊي سي وٽ ڪا شڪايت نه وڃي. ڪڏهن ڪڏهن ڊي سي محترم محمد اسماعيل خاصخيلي چوندو هيو ته "مون کي لڳي ٿو ته ڪپرو سب ڊويزن جڻ منهنجي ضلعي ۾ آهي ئي ڪونه! "

قاضي فيض محمد جو ڀاءُ قاضي عبدالقدوس MNA رهيو. هو ڀٽو فيمليءَ سان لاڳاپيل هيو. قاضي عبدالقدوس جا ڪپري ۽ ننگرپارڪر ۾ لوڻ جي کاڻين ۽ گرينائيٽ جا ٺيڪا پڻ هئا.

حاجي محمد ابراهيم هنگورجو پڻ پير صاحب جي جماعت جي سگهاري شخصيت هو. هن جا محمد خان جوڻيجي سان ويجها، پر خليفي عاقل ۽ قاضي صاحب سان به سنا لاڳاپا هئا. حاجي ابراهيم صاحب پارٽيءَ جي اخبار 'مهراڻ' جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر هيو ۽ اخبار جا مالي معاملا هُو ئي سنڀاليندو هيو. ان ڪري به سندس حيثيت مستحڪم هئي.

## محمد خان جوڻيجو

جناب محمد خان جوڻيجو سنڌڙيءَ جو رهاڪو هو. سنڌڙيءَ جي مشهوريءَ جو هڪڙو سبب 'سنڌڙي انب' به آهي. پهريان ته مان سمجهندو هوس ته سنڌڙي ميرپور خاص ضلعي ۾ آهي، پر پوءِ هتي آيس ته سنڌڙي به ڪپري تعلقي ۽ سانگهڙ ضلعي ۾ ملي. هيءَ شهر، تعلقي ڪپري، سانگهڙ ۽ ميرپورخاص ضلعي جي ٽڪنڊي تي آهي، جتي هنن ٽنهي ضلعن جون حدون ملن ٿيون. جوڻيجي صاحب جي خاندان جون زمينون ٽنهي تعلقن ۾ آهن. جوڻيجي صاحب جي ڳوٺ جو نالو سندس والد صاحب جي نالي تي "ڳوٺ خان صاحب دين محمد خان جوڻيجو" آهي.

جوڻيجي صاحب جي انبن جا باغ تمام گهڻا ۽ مشهور آهن. چون ٿا ته سنڌڙي انب به سندس پيداوار آهن. سنڌ ۾ برجستو زميندار هيو. صبح جي نماز پڙهي ٻنين تي نڪري ويندو هيو. هڪ هڪ وڻ ڪري جاچيندو هيو. جڏهن سج ڪاڙهو ڪندو هيو ته گهر موٽي ايندو هو. اهو سندس روزگار به هيو پورهيو به هيو ته شوق ۽ مشغلو به. ٻاهران زراعت ۾ سند به ورتل هئس. جوڻيجو صاحب ٻني ٻاري ۽ زمينداريءَ سان گڏ صنعتڪار به هيو ۽

Gul Hayat Institute

واپار بہ ڪندو هيو. سڌو سادو ماڻهو (Down to Earth) ڌرتيءَ سان پيار ڪرڻ وارو. اوڙي پاڙي جي غريب غربي جي مدد ڪرڻ وارو بنا ڏيکاءُ جي ماڻهن جي مدد ڪندو هيو. ڏسڻ ۾ سادو سادا ڪپڙا پائيندڙ ڌيمي لهجي ۾ ڳالهائڻ وارو. ڪڏهن بہ مون کيس ڏاڍيان ڳالهائيندي ۽ دڙڪو ڏيندي نہ ڏٺو نہ ٻڌو. گهڻو ڪري جناح / لياقت ڪئپ پائيندو هيو ۽ بدن تي سفيد رنگ جا ڪپڙا.

پير سائين پاڳاري جو پيارو هيو. ون يونٽ حڪومت ۾ بہ ريلوي جو وزير رهيو. ضياءَ جي حڪومت ۾ بہ وزير رهيو. وڏي عزت ڪمايائين. سندس پٽ اسد خان بہ ساڳيءَ طبيعت ۽ مزاج جو ماڻهو آهي. اڪيلو پٽ هيس. حامد ناصر چٺہ سندس والد جو گرويدہ هيو. پنجاب جي leadership سندس پيءُ جي تمام گهڻي خير گهُرو هئي. جوڻيجي صاحب کان پوءِ سندس پٽ اسدالله خان کي establishment جو وفاقي Advisor مقرر ڪيو ويو. جنهن جو درجو وفاقي وزير جو هيو. سندس هڪ پيڻ پنجاب مان Senator چونڊجي وئي ۽ ٻيءَ ميرپورخاص ضلعي جي 09_2005 تائين ناظمہ رهي چڪي آهي. محمد خان جوڻيجي صاحب لاڙڪاڻي جي لاهوري خاندان مان شادي ڪئي هئي.

مان وٽس اڪثر ويندو رهندو هوس. سندس ڳوٺ خانصاحب دين محمد خان جوڻيجو ۾، اسدالله خان سان بہ اڪثر ملاقات ٿي ويندي هئي. منهنجي عمر ان وقت 30 سال کن هئي. جوڻيجو صاحب ڪهنہ مشق سياستدان، سابق وزير ۽ تمام گهڻو مصروف رهندڙ ماڻهو هو. مون سان جوڻيجو صاحب پنهنجائپ ۽ برابريءَ جي سطح تي ڳالهائيندو هيو. شروع شروع ۾ تہ مان ڏاڍو embrassed محسوس ڪندو هوس. پوءِ وڌيڪ ملاقاتن ۾ مان comfortable ٿي ويو هوس. ان ڪري ساڻس ڪچهري ڪرڻ جو مزو بہ ايندو هيو. هن جي عزت ڏيڻ ۽ ڏيان ڪرڻ مان لڳندو هيو تہ ڪپري سب ڊويزن ۾ منهنجو هڪ سٺو Image نهي ويو آهي. جيتري قدر منهنجي انتظامي ڪارڪردگيءَ جو واسطو آهي، اتي منهنجي علم ادب سان تعلق جي بہ هر ڪنهن کي خبر پئجي وئي هئي. جوڻيجي صاحب وٽ بہ اهو تاثر هيو تہ مان پڙهيل لکيل 'نوجوان' آفيسر آهيان. هُو مون سان ملڪي ۽ بين الاقوامي معاملن تي بنا رڪ رڪاءُ جي، کُلي ڳالهائيندو هيو. مان بہ پنهنجا خيال بنا ڪنهن ڊپ ڊاءُ جي پيش ڪندو هوس.

مون جڏهن بہ وٽن وڃڻ جي خيال ڪيو تہ چوندا هئا: "هليا اچو". پوءِ ڳالهائيندي ڳالهائيندي مانيءَ جو وقت ٿي ويندو هيو تہ چوندو هيو 'اچو تہ ماني گڏجي کائون.' جيتوڻيڪ جوڻيجي صاحب لاءِ مشهور هيو تہ پاڻ هر ڪنهن کي ماني نہ کارائيندو هيو.

جتي ڪپري ۽ سانگهڙ ۾ جوڻيجي صاحب ۽ خليفي صاحب جي ليول جا سياسي ليڊر هئا. اتي PPP جي طرفان ان ليول جا ايڏا وڏا رهنما ڪونہ هئا. حاجي محمد عثمان



چانهيو 1977 جي تڪراري اليڪشن ۾ مخالف ڌر جي بائيڪاٽ جي ڪري MPA چونڊجي ويو پر ان کان اڳ ۾ يا ان کان پوءِ 2013 تائين ڪو بہ MPA/MNA پير صاحب جي جماعت کان ٻاهران هتان نہ چونڊيو.

2013ع واري اليڪشن ۾ شازيہ مري صاحبہ اتان MNA چونڊجي وئي. اهو سندس ڪرشمو هيو يا پارٽي يا جماعت جي رهنمائن جو ڪمال هيو جو پير صاحب جي جماعت اتان MNA جي چونڊ هارائي.

## چانهيو برادران

حاجي عثمان چانهيو ملڻ آيو. سندس ڏاڍو نالو ٻڌو هيم. حاجي هاشم چانهيو جو پٽ هيو. حاجي هاشم ويجهڙائيءَ ۾ فوت ٿيو هيو. ڪاٽن فيڪٽري اٿس. گهڻي ئي زمين اٿن. مَٽ پئسن جا اٿس. حاجي عثمان سان ملاقات ٿي. ڏاڍو ڪلچرڊ، اٿيل ويٺل ماڻهو لڳو. جام صادق عليءَ جو دوست هيو. PPP ۾ ڪافي اهميت هيس. پيٽي صاحب تي جڏهن سانگهڙ ۾ 1970 ۾ گوليون هلايون ويون تہ ان وقت حاجي عثمان چانهيو ئي سندس گاڏي ڊرائيو ڪري رهيو هيو. سندس گاڏي ڪمال هوشياريءَ ۽ حرفت سان ڪڍي آيو ۽ پيٽي صاحب کي بچائي ورتائين. منهنجون تمام گهڻيون دعوتون ڪندو هيو. ڪارائڻ جو ڪوڏيو. بورچي سٺا. گهر، اوطاق سٺي ۽ پريزنٽيشن سٺي. وٽس ماني کائي دل خوش ٿي ويندي هئي. حاجي صاحب هيو تہ PPP جو پر ڪڏهن بہ وٽس وڃڻ تي Army وارن يا پير صاحب جي جماعت وارن اعتراض نہ ڪيو تہ آءٌ PPP وارن جي دعوتن تي ڇو ٿو وڃان يا اهي مون وٽ ڇو ٿا اچن. اهڙو رڪ رڪاءُ مون ڪنهن ٻي سياسي پارٽيءَ ۾ يا ڪنهن علائقي ۾ نہ ڏٺو.

هڪ ڏينهن هڪڙو نوجوان ٽائيم وٺي مون وٽ آيو. مون کي خبر هئي تہ ويجهڙائيءَ ۾ PPP جي اهم ترين رُڪن، عبدالوحيد ڪٽپر جي ڌيءَ سان شادي ڪئي اٿائين. ان وقت ڪٽپر صاحب جيل ۾ ئي هيو ۽ پيرول تي آزاد ٿي ڌيءَ جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيو هيو.

نوجوان پنجويهن ڪن سالن جو ٿيندو. مزاجن برجستو. کيس اهو احساس هيو تہ حاجي عثمان جو ننڍو ڀاءُ آهي. تنهن ڪري هر ڪو کيس حاجي صاحب جو ننڍو ڀاءُ ڪري treat ڪري رهيو هيو. پر لڳي رهيو هيو تہ حسن علي فيصلو ڪري ڇڏيو آهي تہ پنهنجي ذاتي ۽ انفرادي حيثيت مڃرائي رهندو. مون کي اچڻ سان چيائين تہ "مان حاجي عثمان جو ننڍو ڀاءُ ضرور آهيان. ان ۾ منهنجو قصور ڪونهي. اهي تہ الله جا فيصلا آهن. حاجي عثمان بہ منهنجو ننڍو ڀاءُ ٿي سگهيو پئي. تڏهن مان هن سان ايئن نہ هلان ها، جيئن هو مون سان هلي ٿو. پر مون کيس ٻڌائي ڇڏيو آهي تہ ننڍو ئي سهي، پر مان سندس ڀاءُ

Gul Hayat Institute

آهيان. حاجي هاشم جوپٽ آهيان. حاجي عثمان سان هر شيءِ ۾ اڌ جو مالڪ آهيان.“

مان اهو سڀ ڪجهه مسڪرائي مسڪرائي ٻڌي رهيو هوس. جيڪو منهنجي لاءِ غير متعلق ۽ غير ضروري هيو. نوجوان جي لهجي مان بغاوت جي بوءِ اچي رهي هئي. هو شايد مون کي اهو به اڻ سڌي طرح ٻڌائي رهيو هيو ته سندس وڏو ڀاءُ ساڻس زيادتي ڪري رهيو آهي. هن کي شايد مون وٽ اچڻ کان اڳ ۾ اها خبر هوندي ته مان ڪٽپر خاندان جي گهڻو ويجهو آهيان. هن ناهيد سان شادي ڪئي، جنهن کي گهر ۾ سڀ انور جي نالي سان سڏيندا هئا. ڪٽپر صاحب جا پٽ حسن علي جا دوست ۽ ڪلاس فيلو رهيا هئا.

حسن عليءَ ٻڌايو ته حاجي عثمان ڪيس مون وٽ اچڻ لاءِ چيو هيو پر مان ”سندس ننڍو ڀاءُ ٿي توهان وٽ اچڻ مناسب نه سمجهيو.“

مون ڪيس چيو ته ”مان توهان کي پاڻ وٽ هر صورت ۾ عزت ڀريي طريقي سان خوش آمديد چوندس. ساڻس ڀيرين ملاقات پرجوش رهي. موڪلائڻ وقت چوڻ لڳو مون وٽ پنهنجو گهر ڪونهي، تنهن ڪري توهان جي فيمليءَ جي دعوت نه ٿو ڪري سگهان. جڏهن پنهنجو گهر ٺهرايو ته توهان جي دعوت ڪندس.“ تيز ترار ambitious ۽ تکو نوجوان لڳو.

چانهيي حسن عليءَ، پنهنجو ننڍڙو گهر ساڳي حويليءَ جي پاسي ۾ ۽ هڪ خوبصورت بينڪ (اوطاق) پڻ ٺهرائي، جيڪا ڪراچيءَ جي آرڪيٽيڪٽ (Rizki) جي پلان ڪيل هئي.

گهر ٺهڻ کان پوءِ ڀيرين دعوت منهنجي ڪئي وئي. ڪجهه شهر جا ٻيا معتبر ماڻهو جيڪي ڪيس ويجها هئا، اهي به موجود هئا. ننڍي چانهيي جي رنگ ڍنگ کي ڏسي دل خوش ٿي. رشتا قائم ڪيا آهن، جوڙيا آهن، ٽوڙيا ناهن. ناهيد اسان جي سمجهُو ۽ پياري ڀيڻ آهي. ميڊيڪل ۾ پڙهندي هئي. شادي ڪرڻ کان پوءِ چانهيي صاحب سندس تعليم ختم ڪرائي.

حسن علي، آهستي آهستي پنهنجي ورهاست مڪمل ڪرائي. زمينداري به ڪري ٿو. اتي سندس پٽ مرتضيٰ سندس مدد ڪندو آهي. مرتضيٰ به پيءُ وانگر جل ڦتاڪو آهي. وڏي پٽ جو نالو هاشم، ڏاڏي جو نالو پيل اٿس ۽ گهر ۾ رضا جي نالي سان سڏبو آهي. اهو پيءُ جو واپار ٿو سنڀالي ۽ آمريڪا ۾ رهي ٿو. هاشم جي شادي، اسان جي پياري دوست سردار مشتاق احمد راهوءَ جِي نياٽيءَ سان ٿيل آهي.

حسن عليءَ کي ٽي نياڻيون آهن. هڪ جي شادي پنجاب جي هڪ وڏي خاندان ۾ ٿيل آهي.

حسن علي، جنرل پرويز مشرف جي دور ۾ سنڌ جو وزير رهيو. ڪيس ڇهه کاتا هئا.



ايگريڪلچر، فوڊ، فاريسٽ، وائيلڊ لائيف، فشريز ۽ لائيو اسٽاڪ. مٿس ڪنهن به قسم جو ڪو به ڪرپشن جو الزام نه لڳو. ايگريڪلچر ۾ سندس سيڪريٽري رشيد ميمڻ هيو ۽ فاريسٽ ڊپارٽمينٽ جو سيڪريٽري شمس الحق ميمڻ هيو.

2002 جي اليڪشن کان پوءِ انهن جي وزارت جو خاتمو ٿيو پر جنرل مشرف سان اجا تائين نڀائيندو اچي. وچ ۾ شگر جي ڪري صحت خراب هئس، پر هينئر بهتر آهي.

## جنرل مشرف سان منهنجي پٽ عليءَ جي ملاقات

منهنجو ننڍي ۾ ننڍو پٽ علي حميص قادر ڏاڍو ذهين آهي. هر شيءِ لاءِ پنهنجو ڪو خيال ارادو يا Concept ناهي ونندو آهي. منهنجيءَ نوڪريءَ دوران هو ائين سمجهندو هيو ته سڀ صدر، وزيراعظم، وزيراعليٰ وزير ۽ سياست دان منهنجا دوست آهن. منهنجي 2007 retirement ۾ ٿي. ان دؤر ۾ علي حميص جي عمر ست سال هئي. اهو دؤر هيو جو جنرل پرويز مشرف ميڊيا تي ڇانئيل هيو. عليءَ کي جنرل مشرف جو اسٽائيل ڏاڍو وڻندو هيو. چوندو هيو ته هي توهان جو دوست ڏاڍو سٺو آهي. منهنجي هن سان ملاقات ضرور ڪرائجو.

2007 جي آگسٽ مهيني ۾ اهل وَعيال سان عمري تي ويو هوس. روضه رسول صه تي هئاسون ته پرويز مشرف به اتي دعا ۽ نماز لاءِ آيو. سعودي سيڪيورٽي جوانن ۾ گهيريل هيو. عليءَ هن کي ڏسي چيو توهان جو دوست آيو آهي. مون کي هن سان ملاقات ڪرڻي آهي. مون ڪيس ٻڌايو ته هت ممڪن نه آهي. ڪوشش ڪندس ته توکي ڪڏهن نه ڪڏهن هن سان ملاقات ضرور ڪرايان.

سال 9_2008 ۾ حسن عليءَ جي ڪنهن ٻار جي شادي هئي. ان ۾ جنرل مشرف کي به دعوت هئي. تيستائين هو صدارتي عهدي تان لهي چڪو هيو. ياري نڀائيندي حسن عليءَ جي دعوت ۾ آيو هيو. اسان کي به family سان هن شاديءَ ۾ سڏ هيو.

جڏهن جنرل مشرف پنڊال ۾ داخل ٿيو ته عليءَ مون کي چيو ته توهان جو دوست آيو آهي. مون ڏٺو ته جنرل پنڊال ۾ ڪاهيندو پئي آيو. مون عليءَ کان پڇيو ته، ”ملندين؟“ علي عام طور ملڻ جلڻ ۾ سوشل نه آهي، چيائين ”ها“. مان هن کي ٻانهن کان جهلي جنرل طرف وٺيس ته حسن عليءَ تعارف ڪرايو. مون هٿ ملايومانس ۽ عليءَ جو تعارف ڪرايو. جنرل مشرف، عليءَ سان هٿ مليو. هن کان انگريزيءَ ۾ خير خيريت معلوم ڪيائين. عليءَ به انگريزيءَ ۾ جواب ڏنس. ننڍپڻ کان ئي علي انگريزي سٺي ڳالهائيندو آهي. اوچتو عليءَ چيس ”Uncle, I miss you on TV.“ ان تي جنرل کِليو. ڪيس ڳل تي ٿپڪي ڏئي جواب ڏنائين ”!Don't worry young man, you will see me soon“ علي اهو جواب ٻڌي خوش ٿي ويو ۽ سندس ڪيترائي ڏينهن TV تي انتظار ڪندو رهيو پر جنرل وچي

Gul Hayat Institute

ملڪ کان ٻاهر نڪتو. علي هاڻي 16 سالن جو آهي. O Level ڪئمبرج سسٽم ۾ پڙهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن جنرل جي جهلڪ ڏسندو آهي. پر ملڪ ۾ جنرل جي نه هجڻ بابت سڄي ڳالهه سمجهي ويو آهي.

## حسن عليءَ جا دوست!

حسن علي، وزير ٿيڻ کان پوءِ سروري جماعت کان پاسيرو آهي ۽ PPP به ڪيس الڳ ڪري ڇڏيو آهي. ٻه سال وزير رهيو. شاهه محمود قريشي سندس سالن کان family friend آهي. جڏهن PPP جو فارين منسٽر هيو. تڏهن به ۽ هاڻي به. مخدوم صاحب ڪراچيءَ ۾ هوندو آهي ته چانهيو صاحب وٽ ئي رهندو آهي. آصف صاحب به سندس Petarian ۽ ذاتي دوست رهيو آهي ۽ ڪيئي پيرا وٽس ڪپرو ۾ اچي رهيو به آهي.

حسن علي، ارباب غلام رحيم جو به پيارو دوست هيو. ڪنهن زماني ۾ سياسي سوچ ويچار گڏ ڪندا هئا. هاڻي ٻئي هڪ ٻئي جي خلاف آهن. ٻئي مون کي مياروں ڏيندا هئا، حسن علي چوندو هيو ته ارباب صاحب منهنجو مخالف آهي. پر توهان اڃان تائين هن جا دوست آهيو. ارباب صاحب جو به تقريباً ساڳيو لهجو هوندو هيو. مان ٻنهي کي ساڳيو جواب ڏيندو هوس ته 'نه ارباب صاحب، منهنجو حسن عليءَ جي ڪري دوست آهي، نه ئي حسن علي سان منهنجي ارباب صاحب جي ڪري دوستي آهي. توهان جون دوستيون ۽ دشمنيون توهان پاڻ نڀايو. مون کي منهنجو تعلق نڀائڻو آهي. آئون ٻنهي جو خير خواهه آهيان. جيستائين مون سان تعلق رکيو تيستائين نڀائيندس. جڏهن توهان تعلق ختم ڪيو ته پوءِ آئون توهان جو دعاگو رهندس.'

ان دؤر ۾ امتياز شيخ ۽ حسن عليءَ جي به ويجهي ياري رهي، جيڪا شايد اڄا تائين قائم آهي.

*

اتي PPP جا ٻيا به ڪجهه ليڊر ذڪر جي قابل آهن. انهن مان حاجي جان محمد هنگورجو هڪ هيو جنهن جو ذڪر ڪري آيو آهيان. مخدوم جميل الزمان جو سهرو ٿئي ۽ جيڪو سروري جماعت جو هتان جو هڪ اهم ليڊر هيو. PPP سان ويجهو سلهاڙيل ۽ وچولو زميندار هيو. خوش پوش ۽ خوش لباس هيو. ڪجهه سال ٿيا آهن، حاجي جان محمد فوت ٿي ويو آهي.

## سرفراز راڄڙ

هميشه جوان جماڻ نظر ايندڙ اسان جو پيارو علم، ادب ۽ شاعري جي ڪيتر جو ساٿي سرفراز راڄڙ پلو شاعر ۽ PPP جو ڪپري مان سرڪرده سياستدان آهي. 1990 کان وٺي هر



اليڪشن ۾ PPP ڪيس MNA/MPA سيٽ لاءِ هارائڻ لاءِ ٻيهاريندي آهي. هي جوان مڙس به سندرو ساهي ميدان ۾ لهي پوندو آهي. خير ڪڏهن نه ڪڏهن ته سندس ڪٺون به نڪرندوءِ ۽ هو ڪامياب ٿيندو. پر اڃان تائين اهڙو ڪٺو نه نڪتو اٿس. پنجن ڇهن سالن جي جيڪا ميڙا ڇُونڊي هوندي اٿس، اها اليڪشن ۾ خرچ ڪري، وري 0 کان شروع ڪندو آهي. PPP جي 2008 واري اليڪشن کان پوءِ ڪيس اسپيشل اسسٽنٽ ڪيو ويو.

جڏهن سنڌي لئگئيج اٿارٽيءَ ۾ چيئرمئن جي پوسٽ خالي ٿي، ته سرفراز راڄڙ ان وقت اٿارٽيءَ جو ميمبر هيو ۽ ڪيس acting چيئرمئن ڪري ڇڏيائون. بعد ۾ ان تان به ڪيس لاهي ڇڏيائون.

## منٺار فقير

خير...سرفراز راڄڙ اسان جو پيارو دوست آهي. مون کي ته عمر ۽ قدبت، شڪل سوپيا ۾ به سدائين جوان ئي لڳندو آهي. ننڊيو نهٺو، کلڻو ملڻو ڪنهن جي روح کي نه رنجائيندڙ، نه ڪنهن جي دل ڏکائيندڙ پاڻ ڀلي سڄو ڏکن ۾ هجي. ٻئي کي ڪڏهن ڏک نه پهچائيندو. منٺار فقير جي خاندان مان آهي. منٺار فقير پنهنجي دؤر جو صاحب طرز ڪافيءَ جو شاعر هيو. سندس ڪيترائي ڪتاب ڇپيل آهن. ڪاٺي راڄڙ ۾ سندس درگاهه آهي. فقير صاحب سروري درگاهه جو پوٽلڳ هيو 1935 ۾ سندس وفات ٿي.

سرفراز سندس گادي نشين ته ناهي، پر گادي نشين جو سئوٽ ضرور آهي. منٺار فقير جي درگاهه تي ميلا ملاکڙا مچندا آهن. مون ڪافي پيرا سندس درگاهه تي پير پريا، ان بهاني سرفراز راڄڙ جي مهمانداريءَ جو مزو به ماڻيو. سرفراز مارچ 1952 ۾ ڄائو رب پاڪ ڪيس هر ڏکئي ڪم ۾ ڪاميابي عطا ڪري.

## سهراب خان مري

ڪپري ۾ پ پ جو پيو ارڏو اڳواڻ سهراب خان مري آهي. پٽ پاٽي يونين ڪائونسل جو آهي. وڏي راڄ ڀاڳ وارو ماڻهو آهي. هميشه پٽ پاٽي يونين ڪائونسل ۾ هيٺين يا مٿين سطح جي اليڪشن ۾ کٽي وٺندو آهي. PPP پاران MPA جو اميدوار به هيو پر ڪامياب ٿي نه سگهيو. پٽ پاٽيءَ سان گڏ ٻي اهم يونين ڪائونسل گرهوڙ شريف آهي، جتي گرهوڙي صاحب جو گادي نشين ئي گهڻو ڪري ڪامياب ٿيندو آهي.

## شهيد عبدالرحيم گرهوڙي

شهيد عبدالرحيم گرهوڙي مشهور علمي ادبي ۽ مذهبي شخصيت آهي. اڄڙي ٽر ۾ وڃي هندو ٻاون سان جنگ جوٺيائين، اتي شهيد ٿي ويو. سندس مڙهه ڪٽي گرهوڙ شريف

Gul Hayat Institute

۾ اچي دفن ڪيائونس. گرهوڙي صاحب جي شخصيت، شاعريءَ ۽ پيشن گوئين جي ڪري مشهور آهي. پٽائي صاحب بابت بہ سندس مشهور شعر آهي:

آهي عبداللطيف تي، رضامندو رحمان،
ڪٽي جنهن قرآن، سنڌيءَ ۾ صحيح ڪيو.

سندن ٻيو هڪڙو مشهور شعر آهي تہ:

پنڌ ڪُتندا، سنگ ٽٽندا، مُند نہ وسندا ميھ،
ادب ويندو، حياءُ ويندو، لڄ نہ لهندي ليھ،
راجا راڪس ٿيندا، گولا پيئندا گيھ،
تون آهين تہ شينھ، پر سلام ڪرڻو پوندو سهي کي!

پاڻ ڪاپائتي سُر ۾ چون ٿا:

آڌيءَ رات اُٿي ڪري، پيرڻُ پيريو جَن،
ڪاپو سندن ڪَن، اڻ توريو ئي اگهيو.

رامڪليءَ ۾ چيو اٿن:

پاڻ وڃائڻ، پَر ڇڏڻ، ايءُ قلندري ڪولاب،
گُل جِي بوءِ گلاب، ڏيکاريندو ڏيھ کي.

—

ڪنين ماضي من ۾، ڪنين استقبال،
حاصل جنين حال، آءُ نہ جيئندي ان ري.

سُر آسا ۾ چيو اٿن:

ڏوئي ماجي اکيون، جڏهن پاڻيائون،
تڏهن ڏٺائون، پرين پاڻ اکين سين.

گرهوڙي صاحب هر لحاظ کان هڪ سگهاري شخصيت آهي. سندن مدفن گرهوڙ شريف ۾ آهي. سندس شاعريءَ ۽ شخصيت بابت مقالا گڏ ڪيا هئم. سنڌ نيوز جي ايڊيٽر مدد علي سنڌيءَ سان انهن جي اشاعت بابت صلاح مشورو ڪيم تہ انهن کي سهيڙي، ڪتابي شڪل ۾ آڻجي، پر پوءِ مقالن جو اهو مسودو ئي هيٺ مٿي ٿي ويو ۽ ڪتاب ڇپرائڻ وارو اسان جو اهو project اڌ ۾ رهجي ويو.

*

ڪپري ۾ غير سنڌين ۾ قائمخاني برادري بہ اهم هئي. شهر ۾ تقريباً چوٿون حصو ووٽ بئنڪ انهن جو هيو. هٿونگي ۾ بہ قائمخاني وڏي تعداد ۾ رهندا هئا. وڏي تعداد ۾ سابق فوجي بہ هتي رهندا هئا. سندن چڱو مڙس ڊاڪٽر عبدالجبار قائم خاني هيو. هن



1980 جي چوٿين اپريل تي دعوت ڪئي. مون کي بہ دعوت ڏنائين. مون کيس فون ڪري چيو تہ اڄ پٽي صاحب جي شهادت جو ڏينهن آهي. اڄ اچڻ جي لاءِ معذرت. جيڪڏهن ڪو ٻيو ڏينهن منتخب ڪريو ها تہ مان ضرور اچان ها. بهرحال توهان اڄ جي دعوت جو اهتمام نہ ڪيو ها تہ چڱو هيو.

## رمضان جو احترام ۽ عُشر

ملٽري سرڪار حڪم ڏنو تہ آفيسر اوپن ڪچهريون ڪن. عوام سان رابطہ مهم شروع ڪري سندن ڪم سرزمين تي حل ڪن. شهرن جي صفائيءَ جي مهم ۾ رستا ۽ ناليون صاف ڪرائين. ان مقصد لاءِ نيون نيون اليڪشنون بہ ڪرايون ويون. هر وارڊ ۾ اتي جي ميمبر کي activate ڪيو ويو هيو. حڪم هو تہ قيمتن تي چوڪسي رکي وڃي ۽ نفعا خورن ۽ ذخيره اندوزن کي وڏيون سزائون ڏنيون وڃن. جن ۾ ڦٽڪن جي سزا ۽ ٻيون جٽيون بہ شامل هيون. رمضان شريف جي احترام جو آرڊيننس بہ آندو ويو. تہ ڪوبہ ماڻهو عام پبلڪ جي جاءِ تي کاڌي پيتي جون شيون نہ واپرائيندو. هاڻي ماڻهن جون نسل درنسل بگڙيل عادتون ۽ انهن کي ڦٽڪن ۽ ٻين سزائن جا دڙڪا ڏئي سڌي رستي تي آڻڻو هيو. گڏ عشر ۽ زڪوات جو آرڊيننس بہ آندو ويو ۽ مستحقن جون لسٽون تيپيدارن جي مدد سان تيار ڪرايون ويون.

رتي ڪوٽ جي زڪوات ڪميٽيءَ جي چيئرمين پهرين قسط ڪڍي، ان مان پاڻ خريد ڪري زمين کي ڏئي ڇڏيو. اسان کي اطلاع مليو. کيس مون گهرايو. چيائين "هائو بيشڪ ائين ڪيو آهي. مون کي ڏسو اک کان ڪاڻو آهيان، ڄنگهہ کان منڊو آهيان، ٽن سالن کان فصل ڪونہ ٿيو آهي. مون کان وڌيڪ مستحق ۽ معذور ڪير هوندو. پاڻ گهرائي ڪٽڪ جي فصل کي ڏئي ڇڏيو اٿم." چيو سي تہ "الله جو ڏوھ ڪيو اٿئي." چيائين "الله معاف ڪندو. باقي توهان زور ٿا پريو تہ فصل لهي تہ ڪٽي ٻين مستحقن کي بہ ڪجهہ حصو پتي ڏيندس. حالي تہ مون کي ڇڏيو تہ وڃي پنهنجي فصل جي ڪريان. چوٿين سال بہ فصل مري نہ وڃي."

هڪڙي مئجسٽريٽ ٽي چار ماڻهو سرعام چانهن ۽ سگريٽ ڇڪيندي پڪڙيا. انهن کي سمري ڪورٽ هلائي ٽڏي تي سزا ڏيٽي هئي. هوٽل تي وڃي ويٺو چانهن اچي اڳيان رکيائونس، بہ ٽي SIP وٺي، سگريٽ جو ڪش هڻندي هنن جوابدارن کي چيائين، "توهان کي شرم نہ ٿو اچي، سرعام رمضان ۾ چاءِ ۽ سگريٽ ٿا واپرايو. توهان مان هر هڪ تي بہ سو روپيہ ڏنڊ آهي." ماڻهن چيو سائين "توهان بہ چانهن ۽ سگريٽ ٿا پيو." "اڙي وري بحث ٿا ڪيو. توهان کي خبر ناهي تہ مان مئجسٽريٽ آهيان."

Gul Hayat Institute

## ڦٽڪا

قيمتن جي چڪاس لاءِ ميجر صاحب به مون سان گڏجي هليو. هڪ دُڪاندار رمضان بوزدار هٽ چڙهي ويس. جنهن کنڊ تي هڪ ڪلو تي هڪ روپيه وڌيڪ منافعو ورتو هيو. مختيارڪار حڪم ڪري چيائين ته هن تي پنج ڦٽڪن جي سزا ۽ پنج سؤ روپيه ڏنڊ جو آرڊر ڪر. مون چيو ته ”هن جي دُڪان ۾ آهي ئي سامان پنج سؤ روپين جو. چاليهن سالن کان وڏي عمر جو آهي، ۽ ڦٽڪا به ڪونه سهي سگهندو. وچي الله کي پيارو ٿيندو. رهندو هن جا ٻار ٻچا رلندا پنندا وتندا. وڏا تي چور چڪار ٿيندا. مٿس ايترو ڏنڊ وجهجي، جيڪو سهي سگهي. پر ميجر صاحب جو ايترا ماڻهو آس پاس ڏنا ۽ پنهنجن اختيارن تي غور ڪيو ته وڌيڪ ڦوڪجي ويو. ان ننڍي مسئلي کي پنهنجي عزت ۽ اختيار جو مسئلو بڻائي آرڊر ڪري ڇڏيو. مان گهر هليو آيس. پر منهنجي دل ڀڳوري هئي. ٻئي ڏينهن تي ڪامريڊ وڪيل کي گهرائي چيم ته رمضان بوزدار کي جيڪا سزا ملي آهي. ان جي خلاف سانگهڙ ۾ ڪرنل وٽ هُو اپيل ڪري وڌيڪ پوءِ ڏسنداسين. ڪامريڊ کي چيم ته پريس ڪانفرنس به ڪر. سندس وڏو نالو ٿي ويندو. چوڻ لڳو ته ”سائين متان مارايو.“ پر همت ڪري اپيل ڪري آيو. ۽ پريس ڪانفرنس نه ڪئي. ٻن ڏينهن ۾ ڪيس هليو. منهنجو رايو به ڪرنل صاحب پنهنجي چيمبر ۾ ورتو. مون ڪيس ٻڌايو ته:

”هڪ ته صرف هڪ روپيو وڌيڪ ورتو آهي، وڏي عمر جو آهي، ننڍو دُڪاندار آهي، ڪو وڏو واپاري يا ذخيره اندوز ناهي. ڏهاڙي کنڊ جي قيمت گهٽ وڌ ٿي رهي آهي. ٽي چار ڏينهن جيل ۾ رهيو آهي. ڦٽڪن جي سزا جو سوچي سوچي عذاب ڀوڳيو اٿائين. اها سزا ڪافي اٿس. هاڻي آزاد ڪيو وڃي.“

ڪرنل منهنجي ڳالهه مڃي ۽ هن کي آزاد ڪري ڇڏيو.

## گرفتاريون _ مان، ڊي سي ۽ برگيڊيئر!

1979 وارين جنرل اليڪشن جو اعلان ٿيل هيو پر انهن اليڪشن کي به ٻين جنرل اليڪشن جي اعلانن وانگر رد ڪيو ويو. مارشل لاءِ وارن جو هڪ خاص اسٽائيل هوندو هيو ته جڏهن به ڪا عوام جي پليءِ جي ڳالهه رد ٿيندي ته پوءِ پ پ جا ۽ ٻيا آزادي پسند جيل ۾ بند ڪري ڇڏيندا هئا. چون ٿا ته اها عوام سان خاص نفسياتي جنگ هئي، جنهن جو پاڪستان ۾ خالق انفرميشن جو مسنتر جنرل مجيب هيو. اسان کي ڊي سي سانگهڙ جي معرفت حڪم مليو ته ان اعلان جي نتيجي ۾ جيڪي پ پ جا يا ٻيا ماڻهو گوڙ فساد ڪندا، انهن جون لسٽون ناهي، انهن کي پڪڙي جيل ۾ وجهو ۽ ٽن ڏينهن کان پوءِ جيڪا مارشل لا هيڊڪوارٽر سانگهڙ ۾ ميٽنگ رکيل آهي، ان ۾ حاضر ٿيو.



شهدادپور ۾ مرحوم ايوب ٻانڀڻ ايس ڊي ايم ۽ سانگهڙ ۾ ايس ڊي ايم محمد صديق ميمڻ (مرحوم) هيو. شهدادپور سب ڊويزن ۾ PPP ايڪٽو هئي ۽ ڪجهه ڪجهه سانگهڙ ۾ به. پر ڪپري ۾ اهڙو ڪو ماڻهو يا ورڪر مون کي نه سجهي، جيڪو گوڙ ڪرڻ وارو هجي. سندن هيئينءَ سطح تي ڪو ورڪر ڪو نه هيو. وڏا ليڊر جن جو مان ذڪر ڪري چڪو آهيان. اهي ضلعي مان ئي نڪري ڪراچيءَ جا وڻ وڃي وسائيندا هئا. مان هر ويرو ڪنهن کي ڇو پڪڙيان. سو لسٽ جي وچ ۾ NIL لکي، ان تي صحي ڪري، ٽي ڪاپيون ٺاهي، ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيس.

ميٽنگ تلاوت ڪلام پاڪ سان شروع ٿي. پريزائيڊ برگيڊيئر طارق ڪري رهيو هيو. هڪ طرف ڊي سي محمد اسماعيل ۽ ايس پي عبدالله خان چاچڙ ويٺو هو. ٻئي طرف ڪرنل صاحبان. اسان ٽي SDM جوابدارن وانگر سندن سامهون ويٺا هئاسون. ايس ڊي ايم شهدادپور شروع ٿيو هن پنهنجي ڪارڪردگي بيان ڪئي. ٻن سوَن جي لسٽ هئي، جن ۾ پنجاهه گرفتار ۽ ٻيا روپوش ڊيڪاريل هئا. پوليس سندن ڪِيڏ لڳل هئي. ان کان پوءِ ايس. ڊي. ايم سانگهڙ جو وارو ان جي پنهنجي حال سارو سٺي ڪارڪردگي هئي، ڪيس به شاباس ملي.

هاڻي منهنجو وارو آيو. مون هڪ فائيل ڊي سي جي آڏو رکيو ۽ هڪ برگيڊيئر جي آڏو. فائيل رکي چپ ڪري ويهي رهيس. برگيڊيئر طارق مسڪرائي مون ڏي ڏسي چوڻ لڳو ’جِي SDM صاحب!‘ مون چيو ’سر مون ڪنهن کي به نه پڪڙيو آهي. ڪو اهڙو وڳوڙي هجي ته پڪڙيانس. سڀ سڪ آهي. ڪوبه گوڙ گهمسان نه ٿيو آهي‘ برگيڊيئر صاحب جو هوش اڏامي ويو. منهنجو ڊي سي به ٿورو ٿورو پريشان نظر اچي رهيو هيو. SP عبدالله خان چاچڙ ته چپ هيو.

برگيڊيئر طارق پڇيو Young Man، توکي هتي گهڻو عرصو ٿيو آهي، نوڪري ڪندي؟ مون چيو: ٽي مهينا. پڇيائين: ٽن مهينن ۾ توهان سب ڊويزن جي ماڻهن کي سمجهي ويا آهيو؟ مون چيو ڪپري جهڙي علائقي کي سمجهڻ لاءِ ٽي مهينا ڪافي آهن.

ڪمانڊر صاحب کي ڳالهه نه وڻي! چيائين ته ”جيڪڏهن ڪو گوڙ گهمسان ٿيو ته تون ذميدار رهندين؟ مون چيو: اڌ شهر کي جيل ۾ وجهڻ کان پوءِ به، گوڙ گهمسان ٿيو تڏهن به مان ئي ذميوار هوندس!“

ڪمانڊر، ڊي سيءَ کي چيو SDM کي آزمايون ٿا!

مون ڏي ڏسي هڪ ڀيرو ٻيهر چوڻ لڳو ”تون ذهين ۽ با اعتماد آفيسر ٿو لڳين، پر ايڏي رسڪ (Risk) نه کڻبي آهي.“ مون چيو ”اها منهنجي Professional assessment آهي. پروسو ڪريو توهان کي laid down نه ڪندس. نتيجا جلد توهان جي آڏو هوندا.“

Gul Hayat Institute

پوءِ نتيجو اهو نڪتو جو شهدادپور ۽ سانگهڙ ۾ بد دلي وڌي وئي. ڪپرو پرسڪون ۽ نارمل رهيو. سوشل لائيف به ائين نارمل هئي، ڄڻ ڪنهن کي مارشل لا جو ڊپ ڊاءُ نه هجي. روز بروز جي زندگيءَ جو ڪاروبار به نارمل رهيو. حر جماعت جو به سهڪار رهيو ته PPP جي ليڊرشپ جو به.

DC اسماعيل صاحب به مون کي پائيندو هيو. شايد ان ڪري به، جو مان ڪنهن به قسم جو ان لاءِ پرابلم پيدا نه ڪيو. ماڻهن سان سڌي PR رکي، ننڍي وڏي ماڻهوءَ سان ميل جول جاري رکيو. پوليس تي نظر هئم. جڏهن ڪو پوليس وارو عوام سان مستي ڪندو هيو ته ان جي حد ۾ open kachahri جو تعداد وڌائي ڇڏيندو هوس. ماڻهن جي مناسب شڪايتن جو ازالو ڪبو هو. پوءِ يا ته پوليس آفيسر ڳالهه سمجهي ويندو هيو نه ته پوءِ مان سندس ڪارنامن جو ڪچو چِٺو ناهي ڪچهريءَ جي حوالي سان سڄي ضلعي جي سينيئر پوليس آفيسر (SSP)، ڊي سي ۽ آرمي وٽ پهچائي ڇڏيندو هوس. جنهن سان مٿس ڪونه ڪو ايڪشن ضرور ٿيندو هيو.

اوپن ڪچهرين جي ڪري سڄي سب ڊويزن جي عوام، ڪائونسلرن ۽ چيئرمئن کي مون وٽ ۽ منهنجي آفيس ۾ پهچ آسان ٿي وئي. جتي اڳي ورلي ڪو ماڻهو ايندو هيو، هاڻي منهنجي آفيس پري پئي هوندي هئي. اديبن ۽ اخبار وارن جو آءٌ favorite هوندو هئس. هڪ نه ٻئي هفتي پريس ڪلب ۾ ساڻن ملاقات ٿيندي هئي. اديبن جي اچ وڃ تي ڪا پابندي ڪونه هوندي هئي. ائين مون وٽ ايندا هئا، ڄڻ پنهنجي گهر ۾ پيا اچن وڃن.

هر وقت هر ماڻهوءَ لاءِ منهنجو فون کليل هيو. ساڻن Open communication رهندو هيو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو سب ڊويزن ۾ ڪٿي به ڪو واقعو ٿيندو هيو، ته پهريون اطلاع مون کي ئي ملندو هيو. منهنجي پهچڻ جهڙو واقعو هوندو هيو ته جهٽ سرزمين تي پهچي ويندو هئس. پوليس کي موڪلڻو هوندو هو، ته ان کي روانا ڪري ڇڏيندو هئس.

هڪ دفعي Law and Order جي ماهوار گڏجاڻيءَ ۾ نياز صديقيءَ SSP سانگهڙ، جيڪو پاڻ به هڪ تيز ۽ سمجهُو پوليس آفيسر هيو، تنهن چيو ته هر ڏوهه يا واقعي جي منگي صاحب کي ايترو ته جلد خبر پوي ٿي، جو اسان کي حيرت وٺيو وڃي. مون کي چوڻ لڳو "ائين اڪيلا جاءِ واردات تي نه نڪري ويندا ڪريو." چيومانس! "پوليس، ڊريس پائڻ ۾ جيڪڏهن ڪلاڪ وٺي، ته آءٌ ڇا انتظار ڪندو رهان؟"

## بختو مل ـ ڦرڻ اغوا!

ڪپري جا هندو شهر جي اهم آباديءَ ۾ شمار ٿيندا هئا. شهر جي سارين، ڪپهه،



ڪٽڪ ۽ ٻين وکرن ۾ به سندن وڏي اهميت ۽ وڏو حصو هيو. انهن ۾ مونکي ٻه شخصيتون ياد اچن ٿيون. هڪ سيٺ آلو مل لوهاڻو ٻيو سيٺ بختو مل، جيڪو سندس مائٽ هيو. بختو مل سان هڪ واقعو ٿيو، ڪي شاهينگ هڪ نئين ماڊل جي جيپ ۾ چڙهي سندس گهر تي چڙهائي ڪري آيا، ڦر ڪيائون. تجوڙي نه کُلي، ته ان کي به کڻي، بختي مل کي به جيپ ۾ وجهي وچ شهر مان لنگهي، روهڙي ڪئنال جو Inspection پاٿ وٺي روهڙيءَ کان بلوچستان جي طرف هليا ويا.

چون ٿا ته ڦورو سڌ تي آيل هيا، ڪو مقامي ماڻهو به گڏ هين، جيڪو گهٽين کان چڱي طرح واقف هيو.

اهي به چميگويون هيون ته بختي مل ڏي ڪنهن جو حساب ڪتاب هيو. اهو چڪتو ڪرڻ لاءِ ان همراهه اها راهه اختيار ڪئي هئي. جڏهن هنن جو حساب برابر ٿيو ته بختو مل به اچي گهر پهتو. بختو مل پوءِ جلدي فوت ٿي ويو.

## ڏوهاري

ڪپرو تعلقو ٻرندڙ جبل (Volcano) وانگر هوندو هيو. سانت ته سانت، جيڪڏهن ڦاٽو ته توبهن! ڪي ڏوهي ٻئي هنڌان ڏوهه ڪري اچڙي ٿر ۾ اچي مٿن مائٽن وٽ لِڪندا هئا ته ان وقت تائين لڪل هوندا هئا، جيستائين ڪو چغلي نه هڻي.

منهنجي ڪوشش هوندي هئي ته ڏوهاري ماڻهو وڌ کان وڌ عرصي لاءِ جيل ۾ رهن. ڪن تي ڏهه ڪيس ته ڪن تي پندرهن ۽ ڪن تي ويهه ڪيس. سنڌ ڪرائيم ڪنٽرول ايڪٽ ۾ بند ڪبو هيو يا وري ڪين ڪنهن ٻئي قانوني ضابطي هيٺ اٽي ڇڏبو هو.

منهنجو گهر منهنجي آفيس جي پرسان هيو. منهنجو پٽ انيس قادر جيڪو 1980 ۾ ڇئن سالن جو هيو. اڪثر نائب قاصدن سان گڏجي منهنجي آفيس ۾ هليو ايندو هيو. ڪڏهن ڪڏهن ڪيس هلندي به هليو ايندو هيو، چوندو هيو. هن چور کي ڇڏي ڏيو، مان کلي کيس پيار ڪندو هوس. نوڪر کي اشارو ڪندو هوس، جيڪو هن کي واپس وٺي ويندو هيو. قيديءَ کي ته ڇڏيان يا نه، پر ان وقت منهنجو موڊ خوشگوار ٿي ويندو هيو. مان ته آزادي پسند آهيان، پر منهنجا ٻار به آزادي پسند آهن. اهو شايد سندن سرشت ۾ آهي.

رٽائرمينٽ کان پوءِ پراڻا ڪاغذ ويٺي ساريم. جڏهن بدلي ٿيندي هئي ته کليل فائيل ۽ ڪاغذ ٽيبل جي خانن مان ڪڍي ڪنهن بريف ڪيس ۾ وجهي ڇڏيندو هوس، پوءِ جڏهن موقعو ملندو هيو ته ڪجهه ڪاغذ محفوظ ڪندو هئس.

ائين ئي محفوظ ڪيل ڪاغذ پئي ڏٺم ته ٻه خط نڪري آيا. هڪ مارچ 1981 ۽ ٻيو ساڳئي سال جون جو هيو. اهو پيريڊ منهنجي ڪپري جي نوڪريءَ جو هيو. ٻنهي خطن جي

Gul Hayat Institute

عبارت ۾ هٿئين رائيٽنگ بہ تقريباً ساڳي هئي. ڪنهن ڳچن اکرن ۾ اڏ پڙهئي ماڻهوءَ اُهي لکيا هئا.

دنيا جهان جون گاريون ۽ ڌمڪيون لکيل هيون، جنهن ۾ چيل هيو تہ مان سندن ساٿين کي جيل ۾ ناحق ٿو وجهان. انهن کي نہ ڇڏيو ويو تہ مون تي حملو ڪري ماريندا يا اغوا ڪندا.

مون اُهي بئي خط محفوظ ڪري ڇڏيا هئا، پر SP يا DC سان ذڪر نہ ڪيو ۽ الله تي ڇڏي ڏنو. انهن ئي ڏينهن ۾ منهنجي ڪورٽ ۾ ڪيس هلندي مون سان هڪ واقعو ٿيو.

منهنجي ڪورٽ ۽ آفيس ساڳي هئي. 10x12 فوٽن جي ڪمري ۾ سرشتيدار ۽ سرڪاري وڪيل جي ويهڻ کان پوءِ مشڪل سان ڪنهن جوابدار جي بيهڻ لاءِ جاءِ بچندي هئي.

## قيديءَ جي بدتميزي

ڪيس هلائيندي مون محسوس ڪو تہ هڪ جوابدار ڪجھ بيچيني محسوس ڪري رهيو هيو. مون سپاهي کي چيو تہ هن کي ٻاهر وٺي وڃي، جيستائين سپاهي منهنجي ڳالھ تي عمل ڪري هُو مون کي هڻڻ لاءِ چپل لاهي چڪو هيو. هٿ مٿي ڪيائين ۽ چپل اُڇلي هنيائين، جيڪا منهنجي ڄنگھ تي اچي لڳي. هن جو مقصد پورو ٿيو. پوءِ سپاهي وٺي ويجي ٻاهر ڪيس ڪُٽ ڏيڻ لڳا. مون ڪيس ڇڏايو. Contempt proceedings هلايون، ۽ ڪيس ڇھ مهينا سمري ٽرائيل ڪري سزا ڏني. پوءِ چيڪ ڪيو تہ ڪرائيم ڪنٽرول act ۾ 6 قيدي هئا، جن کي سانگهڙ ٽرانسفر ڪرائي ڇڏيو هئم. لڳي ٿو تہ اهي خط انهن قيدين مان ئي ڪنهن جيل مان لکيا هئا.

## ڪٽپر صاحب سان ملاقات

عبدالوحيد ڪٽپر صاحب هڪ پيرو ڪپرو پنهنجي نياڻيءَ سان ملڻ آيو. الائي پيرول تي هيو يا آزاد ٿي ويو هيو، پر Intelligence سندس ڪڍ هئي.

مون ضد ڪيو تہ توهان سان ملڻو آهي، يا توهان اچو يا مان ٿو اچان. ڪٽپر صاحب ٻنهي مان ڪا بہ ڳالھ نہ مڃي. آخر مان حسن علي صاحب جي گھر هليو ويس، ڪٽپر صاحب سان ماني کاڌي ۽ ساڻس حال احوال ٿيو.

## مختيارڪار لاڙڪ _ هاءِ ڪورٽ جو جج ۽ انڪوائيري

محمد اسماعيل صاحب DC، سانگهڙ جي مختيارڪار سان ڏاڍو ناراض ٿي پيو. هاءِ ڪورٽ جو جج آيو تہ خدا بخش لاڙڪ موڪل جي درخواست ڦٽي ڪري گم ٿي ويو.



جج صاحب وٽ رڪارڊ آندو ويو تہ پورو ڪونہ هيو. پئسا ڪي بئنڪ ۾ پياريل تہ ڪي نہ، بلڪ Traffic Challan بہ ڪٻٽن جي مٿان پيا هئا.

ان جي انڪوائري مون کي ملي. خدا بخش لاڙڪ بي سمجهي ۽ ناداني جو ڪم هيو پر نوجوان مختيارڪار هيو ۽ اڃان ٽي سال سروس مس ٿي هئس. مٿس بہ چارجز هيون.

- ڪرپشن (Corruption)
- ان ايفي شنسي (Inefficiency)

مون ٻئي چارج prove ڪئي. پهرئين ۾ ڪيس آجو ڪيو.

جڏهن منهنجي رپورٽ DC صاحب وٽ وئي تہ هن کي ڏاڍو ڌڪو لڳو. منهنجي پيشي ٿي. سوال جواب ٿيا. منهنجي دليلن سان پريل تقرير اسماعيل صاحب تي ڪو اثر نہ ڪيو. چيائين "مونکي اميد نہ هئي، تہ تون اهڙي بيڪار انڪوائري ڪندين."

اسماعيل صاحب بطور ڊي سيءَ جي منهنجي انڪوائريءَ سان agree نہ ڪيو. سو پنهنجي طرفان comments ڏئي ۽ لاڙڪ کي جوابدار ٺهرائي، بورڊ آف روينيو کي قدم کڻڻ لاءِ موڪليو. ڪيس سزا ملي، پر پوءِ خدا بخش لاڙڪ اپيل ۾ منهنجي انڪوائريءَ جي بنياد تي آجو ٿي ويو ۽ پوءِ ڊي. سي ۽ ڊي. سي. او لاڙڪاڻو تي رٽائر ڪيائين. لاڙڪ خدا بخش 2017ع ۾ فوت ٿي ويو آهي.

## اديب ۽ صحافي

ڪپري ۾ جتي منهنجي انتظامي نوڪريءَ جي شروعات ٿي، ان سان گڏ سياسي ۽ سماجي شخصيتن سان پڻ منهنجي واقفيت ۽ PR جو سلسلو شروع ٿيو. پر انهن سڀني کان اهم منهنجي لاءِ اديب ۽ ميڊيا سان تعلق رکندڙ شخصيتون هيون.

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب، جيڪو ان وقت سنڌالاجيءَ جو ڊائريڪٽر هيو. عبدالله خان ورياھ ۽ بابر سومرو، رتوڪوٽ جو ماڳ ڏسڻ آيا. منهنجا مهمان ٿيا. مان بہ ساڻن گڏجي رتو ڪوٽ روانو ٿيس. دوستيءَ جا اهي ٻنڌڻ الانا صاحب سان اڃا تائين قائم آهن، پر عبدالله خان ورياھ ۽ بابر سومري سان تعلقات سندن وفات تائين قائم رهيا.

واپسيءَ ۾ هڪ قلمي نسخو الانا صاحب کي سنڌالاجيءَ لاءِ سوکڙي طور پيش ڪيو ويو. عبدالله خان ورياھ منفرد اديب ۽ عالم هيو. هُو هيو تہ سياستدان، پر اتي ڇڻ مِس فِٽ هيو. هن ريسرچ ۽ سِڪن بابت تحقيق جو ڇڻ نئون طريقو ڳولهي لڌو هيو. وٽس قسمن قسمن جا سڪا (coins) هئا. انهن جي study سان تاريخ جون ڪڙيون ملائيندو هيو. Ph.D لاءِ رجسٽر ٿيل هيو. ريسرچ مڪمل ٿي وئي هئس. سيمينار رهيل هئس. اوچتو سندس دل

Gul Hayat Institute

تي حملو (Heart attack) ٿيو. Bypass آپريشن ٿيس. آپريشن ڪامياب هيو پر اوچتو ٻيو attack ٿيس. ان ۾ هو جوانيءَ ۾ ئي فوت ٿي ويو. اهڙا پٽ سنڌ ٿورا ڄڻيا آهن. دوستن ۽ مٽن مائٽن کي اڪيلو ڪري ويو.

بابر سومرو به چڱ سندس پڪو همراهي هيو. ڪئميرا سان ساڻس هر ٽوئر ۾ گڏ هوندو هيو. بابر به جلد فوت ٿي ويو.

ان لڏي مان نالي ياتي عبدالقادر جوڻيجو به هڪ هيو. ساڻس ملاقات به ڪپري واري دؤر ۾ ئي ٿي. قادر سنڌي ڪهاڻيءَ ۽ ڊرامي جو مور آهي. جڏهن PTV تي قادر جا اردو ڊراما نشر ٿيڻ شروع ٿيا ته ان وقت شهرن ۽ ڳوٺن جون بازارون بند ٿي وينديون هيون. وڏا انعام اڪرام مليس. پنهنجو نالو چمڪايائين. صحيح معنيٰ ۾ عبدالقادر جوڻيجو عبدالقادر جوڻيجو پوءِ ئي ٿيو ۽ ملڪان ملڪ مشهور ٿيو. سندس هڪ ڊرامي جي هيروئن روحي بانو ساڻس ايتري Involve ٿي وئي، جو اڌ چري ٿي پئي. قادر پنهنجي صحت جو به توازن وڃائي ويٺو. نوڪريءَ جي آخري سالن ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ (SLA) جو چيئرمئن ٿي رٽائرڊ ٿيو. هاڻي ڄامشوري جي خاموش زندگيءَ جون ٿڌيون گرم هوائون کائي رهيو آهي.

## ڏتي بخش بروهي

ڏتي بخش بروهي، منهنجي ٻارن جو استاد. جيڪو ڪين ٽيوشن پڙهائيندو هيو. هڪ روپيو به ٻن سالن ۾ نه ورتائين. نه وري ڪڏهن ڪو غلط يا صحيح ڪم چيائين. اجا تائين دوست آهي. ٻارن ٻچن سان اچ وڃ رکندو اچي.

## بدلي

ڪپري ۾ مان 1979 جي سيپٽمبر مهيني آيو هوس. ۽ وري سيپٽمبر 1981 ۾ ئي منهنجي بدلي ٿي. پورا ٻه سال ڪپري جهڙي دور دراز هنڌ گذريا. پر ڏاڍو تنگ گذريا. ڪوشش ڪئي ته تڪليف جو احساس نه ٿئي. ڪو انتظامي مسئلو ڪونه هيو پر هر شيءِ کان دور ۽ پري هئس. ڳوٺ کان، مٽن مائٽن کان، دوا درمل کان، سٺي تعليم کان، حيدرآباد کان، ڪراچيءَ کان ۽ ٻين سٺين سهوليتن کان پڻ وانجهيل ۽ محروم.

وڏي ڪوشش، جدوجهد ۽ ڇئوڇوا کان پوءِ وڃي بدلي ٿي. شابس هجي سالڪ نذير احمد کي، جنهن بدلي ڪئي. اصل محرڪ بدليءَ جو عبدالله ميمڻ صاحب هيو جيڪو ڪمشنر حيدرآباد هيو. ميمڻ صاحب سٺي زبردستن لاءِ ڇپر ڇانوَ هيو پر جيڪڏهن ڪو مستي ڪندو هيو ته ان جو ويري ٻڌجي، ان جي ڪڍ پئجي ويندو هيو. جِنُ چڙي ڀُوت چڙي عبدالله ميمڻ نه چڙي. تنهن ڪري AC/SDM، DC ۽ SP سندس عزت به ڪندا هئا ته ڪانئس لهرائيندا به ڏاڍو هئا.



# 5 سيپٽمبر 1981 کان جون 1984

## رهي وڃ رات پنيور ۾ ...

ڪپري ۾ الوداعي دعوتون ڪاڌيون، سامان ڀَڏو ۽ گهاري لاءِ ٻارن سان روانو ٿي ويس. گهارو سب ڊويزن ۾ هيءَ پوسٽ اڳي ئي خالي هئي. جيئن ڪپري ۾ خالي هئي. مطلب آهي ته ڪنهن تي چڙهائي ڪري بدلي نه ڪرائي هئم. ڪپري ۾ منهنجيءَ جاءِ تي مردان جو جاويد اقبال آيو جيڪو نه ڪپري وارن سان ٺهيو نه ڪپري وارا ساڻس ٺهيا.

اسان جي سواري گهاري پهتي. گهر پهتاسون. سامان اڳ ۾ ئي پهچي چڪو هيو. گهر اڪيلو ٽڪر تي هيو. ٽڪر کي (Rock) چئبو آهي. تنهن ڪري مان ان جو نالو به Rock House رکيو جيڪو 1981ع کان اڄ تائين قائم آهي.

اڪيلو گهر، نه ڪمپائونڊ وال، نه protection لاءِ ڪو ٻيو بندوبست. پر ۾ هڪڙو چوڪيدار جو ڪمرو ۽ ڪافي پري KDA واٽر بورڊ جا ڇڊا پاڊا گهر هئا. پاڙي ۾ منهنجو ويجهي ۾ ويجهو عبدالرشيد عباسي، اسسٽنٽ انجنيئر جو گهر هيو جيڪو به ٿي فرلانگ پري هيو. اسان ۽ منهنجي گهر واريءَ اها صورتحال ڏسي پريشان ٿياسين. گهارو شهر اتان کان 3 ميل (5 ڪلوميٽر) پري ۽ ڏاڀيجي ته اڃا به پري. فلٽر پلانٽ تي ڪجهه ضرورت جون شيون مليو ٿي ويون، پر اهو به ڪجهه ڪلوميٽر پري هيو.

## ڊي سي عبدالله آخوند

چارج خالي هئي. اها assume ڪئي، ٻئي ڏينهن ٺٽي /مڪليءَ ويس. ڊي سي صاحب عبدالله آخوند هيو. ان سان ملاقات ٿي. لڳو ته منهنجي شڪل نه وڻيس. ADM انبارام راڻي هيو. اصل ruling king اهو هيو. ڊي سي صرف مون کان ئي بيزار نه، پر آدم بيزار هيو. ٺٽي جو AC/SDM آفتاب سومرو هيو جيڪو ويجهڙائيءَ ۾ بدلي ٿي آيو هيو. ان سان ملاقات ٿي. هن brief ڪيو. چيائين ٻيو پرابلم ڪونه آهي. صرف هڪ problem اٿئي. اهو آهي خود DC آخوند. ان مسئلي کي حل ڪري وٺين ته ڄڻ سڀ مسئلا حل

Gul Hayat Institute

ڪري ورتئي. آخوند صاحب اصل روهڙيءَ جو هيو. ڪلارڪ مان ڊي سي ٿيو هو. جيڪو انسان سندس جهپڙ ۾ ايندو هيو ان جي عزت لاهي پٽ ڪندو هيو. بس وارن جي چيڪنگ ڪندو هيو. انهن تي ڏنڊ ئي نه وجهندو هيو پر ڪاغذ پٽ به ڦري وٺندو هيو يا وري بس کي آڏي ٽاڏي تي بيهاريندو هيو. پوءِ پلي ته مسافر ماٺهوپيا رلن ۽ دربدر ٿين.

وري جيڪڏهن سلام لاءِ زميندار ايندس ته پڇندن، بقايا ته رهيل نه اٿئي؟ جيڪڏهن ڪنهن جي ڦٽي ۾ ان ها ڪئي ته وٺي جيل ۾ وجهندس. جيڪڏهن مختيارڪار يا SDM سنا ڪپڙا پائي سندس سامهون آيو ته چوندس ته "ايترڙي پگهار تي ههڙا اُوچا ڪپڙا ۽ چِلڪڻا بوٽ ڪيئن ٿو افورڊ ڪري سگهين؟"

آفيسرن جون ڊائريون ڪٺي وڃي سرزمين تي پهچندو. جيڪڏهن مان ڊائريءَ ۾ لکيو آهي ته رات ميرپور ساڪري ۾ گذري آهي ته اتي انڪوائري ڪندو. پٽيوالن ۽ چوڪيدارن کان پڇاڻو ڪندو ته هي آفيسر هتي رات رهيو هو؟ جيڪڏهن هنن نَنهن ڪئي ته هو ان آفيسر جي explanation ڪيندو هيو. هڪ ڪاپي ڪمشنر، هڪ چيف سيڪريٽري، هڪ ڪاپي DMLA کي ۽ هڪ گورنر هائوس کي به روانا ڪري ڇڏيندو هيو.

مون کي آفتاب سومري جي ڳالهه سورنهن آنا سچ لڳي. مان ان مسئلي کي حل ڪري نه سگهيو هوس. آخوند جو علاج اهو هيو ته ڪيس نظرانداز ڪيو وڃي. پر اجا به وڏيڪ تنگ ڪري ته توهان به سندس سامهون ٿي وڃوس. حد اها ايستائين وڃي پهتي ته سندس ڪوبه آرڊر منهنجي سب ڊويزن ۾ پورو ڪونه ٿيندو هيو. ٽوئر تي ايندو هيو ته مان ڪونه ويندو هوس. هو ان ۾ ئي خوش هيو. وچي به رڳو تپيدارن ۽ مختيارڪارن جي ميٽنگ وٺندو هيو يا باقيدار ڪاتيدارن جي ڪيڏ ڊڪندو هيو. عزت وارو ڪو به ماڻهو سندس آفيس ۾ نه ويندو هيو. جيڪڏهن ڪو ويندو هيو ته اهو آخري دفعي لاءِ ويندو هيو. بيهر نانگ ڪاٽيس، جو اوڏانهن وڃي.

## تاج محمد ابڙو

ڪيڏو به professionally ڪم سنو ڪجي، پر DC کي نه مِٺو هوندو هيو سو نه مڃيندو هيو. هڪ دفعي ضلعي ڪورآرڊينيشن جي ميٽنگ ۾ اڇي منهنجي خلاف ڳالهائڻ شروع ڪيائين. ان ڪميٽيءَ ۾ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج چيئرمئن هوندو هيو. DM ۽ SP ان جا ميمبر هئا. تاج محمد ابڙو صاحب DJ هيو جيڪو لاڙڪاڻي جو وڪيل هيو. مشهور ڪامريڊ هو. مون کي ڪاليج جي زماني کان سڃاڻندو هيو. ميجر حبيب الله نيازي SP هيو جيڪو آرميءَ کان سڌو SP اچي induct ٿيو هيو. ڊي سي وڃي گلا ڪئي ۽



هنن بنهي وڃي ٻڌي. آخر سيشن جج پاڻ کي روڪي نه سگهيو. DC کي چيائين ته "مان جاڻان ٿو ته جڏهن کان عبدالقادر منگي گهاري ۾ آيو آهي، ته cases جو نيڪال به بهتر ٿيو آهي ۽ لا اينڊ آرڊر جي سِچوئيشن به سڌري آهي. 3 مهينن ۾ 50 ڪيسن مان هن رڳو وڃي 4_5 ڪيس بچايا آهن. توهان جي شڪايت اجائي ۽ bias تي ٻڌل آهي." پوءِ به ضد ڪيو بيٺو رهيو ته "توهان منگيءَ جي SDM جا power ختم ڪرڻ لاءِ لکو نه ته منهنجي هي recommendation ميٽنگ مِنٽز ۾ شامل ڪيو." تاج محمد ابڙي صاحب چيس ته "ٺيڪ آهي، توهان جي ڳالهه منٽز ۾ آڻيون ٿا، پر ان سان گڏ مان پنهنجا اهي comment به لکندس ۽ هاءِ ڪورٽ کي پڻ موڪلي ڏيندس." تڏهن منهن وڃي پٽ سان لڳس ۽ چُپ ڪري ويهي رهيو.

اهو قصو سيشن جج مون کي پوءِ پاڻ ٻڌايو هو جيڪو حبيب الله نيازيءَ کان پڻ confirm ڪيم.

## ڪي بي رند صاحب نئي جو ڊي سي

آخوند صاحب جي مردم بيزاريءَ جا قصا هاڻي هرپاسي مشهور ٿي ويا. ايستائين جو آخري ڏينهن ۾ عبدالله ميمڻ صاحب جهڙي ماڻهوءَ جون به گلائون ڪرڻ ۽ بدشد ڳالهائڻ لڳو هو. نيٺ هن مان جان تڏهن ڇُٽي، جڏهن سندس بدلي عشر ۽ زڪوات کاتي ۾ ڊپٽي سيڪريٽريءَ طور ٿي.

آخوند صاحب کي اولاد ڪونه هيو. هڪ نياڻي adopt ڪئي هئائين. ان جي به شادي ٿي وئي هئي. آخري وقت ۾ شاهه فيصل ڪالوني ڪراچيءَ ۾ رهندو هيو اتي ئي سندس انتقال ٿيو.

آخوند صاحب کان پوءِ ڪي. بي. رند صاحب نئي جو ڊي سي ٿي آيو. جڏهن رند صاحب ڪونڙيءَ جو SDM هيو ته مان ڪپري ۾ SDM هئس. 1980 ۾ promote ٿيو ته شڪارپور جو DC بڻيو. نئي ۾ سندس پوسٽنگ ٿيڻ کان اڳ ۾ ڪجهه مهينا موڪل تي هيو. ساڻن منهنجي SDM جي زماني کان وٺي دعا سلام هئي.

رند صاحب برجستو آفيسر هيو. سندن والد غلام نبي رند صاحب، سڪرنڊ جو چڱو زميندار هيو. ضلعي ڪائونسل نوابشاهه جو ميمبر به رهيو. رئيس غلام مصطفي خان جتوئي جي لابيءَ جو هيو. رند صاحب 2nd common ۾ DMG گروپ جو آفيسر هيو. سنڌ يونيورسٽيءَ مان انگريزيءَ ۾ گولڊ ميڊلسٽ هيو ۽ ان سال ئي CSS ۾ پڻ ڪامياب ٿيو هيو.

سندس نالو تڏهن کان مشهور ٿيو جڏهن سانگهڙ جو SDM هيو ۽ PNA جي تحريڪ دوران ڪيس چيو ويو ته نظاماڻي حويلي سانگهڙ تي گولي هلايو پر هن انڪار

Gul Hayat Institute

ڪيو هيو. رند صاحب تي لکڻ لاءِ پورو ڪتاب گهرجي. سندس ذڪر ايندو رهندو. رند صاحب جي اچڻ سان پراڻا دک دُور ٿي ويا. پنهنجائپ جو احساس ٿيڻ لڳو. گهڻن ڏينهن کان پوءِ اهڙو ڏي سي آيو، جيڪو ڳالهه ٻڌي پيوءِ سٺي ڳالهه ڪري پيو.

منهنجو گهاري ۾ سوشل ورڪ تي زور هيو. پهرين آءِ ڪئمپ، ميرپور ساڪري جي شيخ زيد بن سلطان اسپتال ۾ لڳائي. ٻي 1983 ۾ ساحلي شهر ٻگهاڻ جي Rural Health Center ۾ Society for Prevention and Cure of Blindness جي تعاون سان لڳائي وئي. اهڙي آءِ ڪئمپ هن علائقي ۾ پهريون دفعو لڳائي وئي هئي. ماڻهن ڏاڍي دلچسپي ڏيکاري. حاجي عبدالغني گبول ۽ ٻيا سڄي سب ڊويزن جا ڪائونسلر ۽ چيئرمئن ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا. ورڪرس جو هڪ وڏو جٿو/ گروپ تيار ٿي ويو. مان انهن کي پنهنجي پارٽي چوندو هوس. سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ جي ڊئريڪٽر محترمه شيرين رحمت الله ان ڏس ۾ اسان جو ساٿ ڏنو. تعليم کاتي جي وزير سيد غوث علي شاهه ان جون اختتامي سندون ورهايون. جڏهن ته ڪمشنر حيدرآباد عبدالله جي. ميمڻ صاحب آءِ ڪئمپ جو افتتاح ڪيو. هيءَ آءِ ڪئمپ سندس ئي خواهش تي لڳائي وئي هئي. هن ساحلي علائقي جي ماڻهن کي اهڙي سهوليت اڳ ڪڏهن نه ملي هئي. تنهن ڪري سوچيم اکين جي مفت علاج ۽ آپريشن جي ڪئمپ اتي ئي لڳائجي. ٻگهاڻ ۾ آءِ سرجن جاويد عالم آيو هيو، جيڪو عباسي شهيد اسپتال جو MS هيو. آءِ ڪئمپ سان گڏ اتي ڊينٽل ڊاڪٽر پرڪاش ڪٺواڻي پڻ ڪئمپ لڳائي، جتي ڏندن جي مريضن جو علاج ڪيو ويو. انهن ڏينهن ۾ برسات به جام پئي هئي، پر غريب مريضن تي الله جي مهر هئي.

ٽين آءِ ڪئمپ، تعلقي گهوڙاٻاريءَ جي ور ڳوٺ ۾ لڳائي سون. اتي محترم عبدالڪريم لوڌي، ڪمشنر حيدرآباد چيف گيسٽ هيو جنهن پڻ ان ڪوشش کي ساراهيو.

فوٽ بال، هاڪي ۽ ڪرڪيٽ جون ٽورنامينٽس ڏاٻيجي ۾ ڪرايوسين. اتي هڪ قدرتي اسٽيڊيم ڳولهي لڌوسين. هڪ طرف چاڙهي هئي پهاڙين جي ۽ سامهون ريلوي لائين هئي. وچ ۾ وڏو سڌو ميدان. هنن مئچن ۾ گهڻو ڪري ڪمشنر عبدالله صاحب ۽ ڪي. بي رند صاحب مهمان خاص ٿي ايندا هئا.

## پنيور سيمينار

هتي جيڪو ميگا ايونٽ ڪرايو ويو اهو هيو **"پنيور سيمينار-1983ع"**.

پنيور جا کنڊر به گهارو سب ڊويزن ۾ آهن. منهنجو گهر راڪ تي هيو. جڏهن صبح جو آفيس اچڻ لاءِ نڪربو هيو ته سامهون پنيور نظر ايندو هيو. ڇهه ٻارهن مهينا ته رڳو



آخوند صاحب سان ڪِٽ پٽ ۾ گذريا ۽ صحيح معنيٰ ۾ ڪم رند صاحب جي اچڻ کان پوءِ ئي شروع ٿيو. رند صاحب چڱن ڪمن ڪرڻ لاءِ همٿائيندو ۽ مدد ڪندو هيو ته ساڳئي وقت ٻانهن ٻيلي ٿي به بيهندو هيو. ضرورت پوندي هئي ته وسيلا پڻ مهيا ڪري ڏيندو هيو. اسان جي اها ئي ڪائونسلرن، چيئرمئنن ۽ ورڪرن جي ٽيم هرهنڌ هر ڪم ڪرڻ لاءِ تيار رهندي هئي. سو هن دفعي اسان وڏوءِ ڏکيو ڪم **'پنيور سيمينار'** جو رٿيو.

آرڪيالاجي ڊپارٽمينٽ کي به ساڻ ڪنيوسين، Dr. F.A. Khan، جنهن پنيور جا دڙا کوٽيا هئا، ڊاڪٽر رفيق ۽ ڊاڪٽر خورشيد حسن، اسان جا ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺا. حميد آخوند ۽ ممتاز مرزا پڻ وڏو ساٿ ڏنو. آخوند صاحب ته ڪلچر کاتي جي طرفان 50000 روپيه به ڏنا. ڪلچر اڃا باقاعدي کاتو نه ٿيو هيو ۽ تعليم سان گڏيل ڊائريڪٽوريٽ هيو. جنهن جو وزير سائين جسٽس (ر) غوث علي شاهه هيو. جنهن هن سيمينار جو افتتاح ڪيو. ضلعي ڪائونسل ٺٽي ۽ ان جو چيئرمين محمد موسيٰ چانڊيو به اسان سان گڏ هيو. ڊائريڪٽر سنڌالاجي، ڊاڪٽر غلام علي الانا به اسان جي ڀرپور مدد ڪئي. محمد قاسم ماڪا ۽ رضيه لاڙڪ (جيڪا اڃان رضيه طارق نه ٿي هئي) انهن به اڇي اسٽال نمائش لاءِ لڳايا.

غلام رباني آگرو حيدرآباد لاءِ ۽ سيد حسين شاهه راشدي ڪراچيءَ لاءِ اديبن، دانشورن لاءِ ڪوآرڊينيشن جو ڪم پنهنجي ذمي ڪنيو. سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو دعا وارو هٿ اسان جي سر تي رهيو. سنڌ جا ناميارا عالم، اديب ۽ اسڪالر عام ورڪر ٿي اچي شامل ٿيا. عبدالله ميمڻ صاحب جي شاباس شامِلِ حال هئي ۽ ڪي. بي. صاحب به هر مدد لاءِ هر وقت موجود رهيو. منهنجي مختيارڪارن، چيئرمئنن جي ٽيم اڳي کان اڳري هئي. سبحان ميمڻ ان وقت ٺٽي ۾ AC/UT هيو. پاڻي، ماني، چانهن ۽ اهڙي قسم جي هر ذميداريءَ جو ذمو هُن ڪنيو. سندس مدد ۾ اسماعيل لانگاهه ۽ اسڪول جا اسڪائوٽ گڏ هئا. اٺين اپريل 1983 تي جهنگل ۾ جڻ منگل مچي ويا.

پنيور ۾ بجلي ڪونه هئي. بجليءَ ۽ پاڻيءَ جو fool proof بندوبست، ڏاٻيجي پمپنگ اسٽيشن جي RE (Regional Engineer) مشتاق ميمڻ پنهنجي ذمي ڪنيو. سندس مدد سان هيوي ڊيوٽي جنريٽر هلندو رهيو. پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ به ٽئنڪر صاف پاڻيءَ جا پڻ فراهم ڪيا ويا.

حنيف راجپوت اڃا ايڏو مشهور ڪونه ٿيو هيو. سڪرنڊ ۾ ڪيٽرنگ ڪندو هيو. ڪيس KB Rind صاحب هيڏانهن وٺي آيو هيو. تمام ٿورن پيسن ۾ 200 ماڻهن جي VIP مانيءَ جو بندوبست ڪري ڏنائين، ۽ پوءِ دراصل اتان ئي حنيف راجپوت ڪراچيءَ جو رستو پڪڙيو.

Gul Hayat Institute

وڏي ڳالهه ته بروشر ۽ پرنٽنگ جو سڄو بندوبست منهنجي دوست چوڌري عبدالغفور ڪيو هيو جيڪو AD- Arts Advertising جو مالڪ هيو. هاڻي گذاري ويو آهي. پر سندس پٽ غالب منصور ۽ نياڻو چوڌري گلزار مون سان ياري نڀائيندا اچن.

اديبن ۾ سراج ميمڻ، بيگم ممتاز راشدي، مهتاب راشدي، ڊاڪٽر حميده کهڙو، امينه خميساڻي، مرحب قاسمي، مسرت مرزا، حميد آخوند ۽ ڊان گروپ جو حميد هارون، آمنه صاحبه، حسين شاهه راشدي، غلام رباني آگرو، الانا صاحب، عبدالله ورياهه، مهڪري صاحب ۽ نفيس ناشاد وغيره شريڪ ٿيا. منهنجي زندگيءَ جو اهو پهريون موقعو هيو جو ايترن اديبن سان هڪ وقت ئي ملاقات ٿي هئي ۽ آئون انهن ۾ جاتو سڃاتو ويس.

پهرين سيشن جي صدارت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪئي ۽ چيف گيسٽ جسٽس سيد غوث علي شاهه هيو. اسٽيج سيڪريٽري غلام رباني آگرو هيو. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سيمينار جي ڇا ليول هوندي!

آخر نشست جيڪا رات جي اٺين وڳي تائين هلي. ان جي گرم جوشي ڏسڻ وٽان هئي، جڏهن G.M. Mahkri پنهنجي مهمان خاص واري تقرير ڪندي چيو ته، ”سنڌ آج جاگِ اُٿا هئي. غلامي ڪي زنجير اتني هي مضبوط هوتي هئي، جتني اسڪي ڪمزور ترين ڪڙي.....!“

مارشل لا جو دور هيو. مهڪريءَ جهڙي درويش کي ڪير سمجهائي. آخري تقرير ڊاڪٽر الانا ڪئي. اهڙي نموني سان صبح جو 10 بجي شروع ٿيل سيمينار تقريباً اٺ ڪلاڪ هلي بند ٿيو. ٻئي ڏينهن تي محفل موسيقي هئي، جنهن ۾ عابده پروين، علڻ فقير ۽ محمد يوسف محفل کي مچايو.

سيمينار ۾ پڙهيل مقالن کي edit ڪري ترتيب ڏئي ’ڀنڀور ۽ ديبل‘ جي نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. هاڻي ان جو ٽيون ايڊيشن به مارڪيٽ ۾ اچي ويو آهي.

## ڀنڀور جي کوٽائي

سب ڊويزن گهارو ۾ وزٽ ڪرڻ جو خوبصورت spot هميشه ڀنڀور جا کنڊر ۽ ڀنڀور ميوزيم پئي رهيو آهي. ڀنڀور جي کوٽائي (excavation) ۽ کوجنا (exploration) سال 1958 ۽ 1965 ۾ پاڪستان جي آرڪيالاجي کاتي جي جناب فضل احمد خان جي رهنمائيءَ ۾ وڏين تيارين کان پوءِ پاڪستان جي نوجوان آرڪيالاجسٽ جي ٽيم جي مدد سان ٿي. جنهن ۾ ڊاڪٽر رفيق مغل ۽ خورشيد حسن به شامل هئا. انهن ٻنهي آرڪيالاجيءَ جي فيلڊ ۾ اڳتي هلي وڏو نالو ڪڍيو ۽ آرڪيالاجيءَ جا وڏا ماهر ثابت ٿيا. هن پراجيڪٽ لاءِ سيڪريٽري فنانس حڪومت پاڪستان، ممتاز حسن صاحب وافر مقدار ۾ گهربل



پئسا فراهم ڪيا. ممتاز حسن تاريخ ۽ آثار قديمه جو عاشق هيو. کوٽائيءَ کان پوءِ ڊاڪٽر فضل احمد خان حيرت انگيز انڪشاف ڪيا. کوٽائي ته 1958ع کان 1965ع تائين مڪمل ٿي، پر پوءِ به ڪافي کنڊر کوٽائيءَ جهڙا اڃا به رهيل آهن، ۽ اهو چيو ۽ محسوس ڪيو ٿو وڃي ته اڃا ڀنڀور جي دڙي جا ڪجهه حصا پاڻيءَ هيٺ اچي ويا آهن، جن جي کوٽائي نه ٿي سگهي آهي.

ان کان اڳ ۾ 30_1929 ڌاري اتي Pre Arab عرصي جا اهڃاڻ ڳولهڻ لاءِ کوٽائي ڪئي وئي، جتي هن کي عباسي دور تائين جا اهڃاڻ مليا ۽ ڪافي تعداد ۾ معتصم بالله جي دور جا سڪا پڻ. ان کان پوءِ مجمدار کوٽائي الائي ڇو بند ڪري ڇڏي.

آرڪيالاجي کاتي جي عملدار الڪاڪ 1951 ۾ به کوٽائي ڪرائي. هن اهو نتيجو ڪڍيو ته اهو عرب دور جو شهر آهي. ان جو ديبل سان ڪو واسطو نه آهي.

انهن تضادن جي موجودگيءَ ۾ اسان ڀنڀور سيمينار ڪوٺايو. ڀنڀور سسيءَ جو شهر آهي، جيڪو هاڻي ڦٽل پڙو آهي. پر ڪنهن وقت وڏي هاڪ وارو شهر ٻڌايو وڃي ٿو. Dr. F.A. Khan جي کوٽائيءَ کان پوءِ جتان ڇئن دورن جي ڇئن تهذيبن جا آثار نڪري نروار ٿيا. ائين يقيناً ته هي شهر وڏي اهميت جو علمبردار هيو. عجيب ۽ حيرت ڏياريندڙ حقيقت اها به آهي ته، ڀنڀور جو ذڪر ڪنهن به اهم تاريخي ماخذ ۾ ڪونهي. پر ان جي ابتڙ سنڌ ۽ بلوچستان جي لوڪ ڪهاڻين ئي ڀنڀور ۽ سسئي پنهونءَ جي محبت جي قصي کي لازوال بنائي ڇڏيو آهي. سنڌ ۽ دنيا جي اعليٰ ۽ لازوال شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ته ڀنڀور واري هن داستان کي نئين زندگي ڏئي ڇڏي آهي. اصل ۾ جيڪا حقيقت ماڻهن جي دلين ۾ رهي ٿي، اها ئي انهن دڙن، پڙن ۽ ميوزيمن کان وڌيڪ اهم هوندي آهي. ان کي وقت جو ڪو به واچوڙو فنا نٿو ڪري سگهي. ڀٽائي صاحب جي مڃيل 30 سرن مان پنجن سُرن: سسئي، سسئي آبري، ڪوهياري، معذوري ۽ حسينيءَ ۾ سسئي پنهون جو ذڪر ملي ٿو. ڀٽائي صاحب ائين ۽ ايترو ڪنهن به ڪردار کي ڪنهن به سُر ۾ نه ڳايو آهي.

ڪن چيو ته اهو شهر ڀنڀور باربيڪان آهي ته ٻين وري ان Hypothesis کي رد ڪيو. تاريخدان ڀنڀور ۽ ديبل بابت اهو نه ڄاڻائي سگهيا آهن، ته هي ڀنڀور، ڀنڀور مان ديبل يا ديبل مان ڀنڀور ڪيئن ٿيو؟ آيا هي ديبل هيو به يا نه. پر هاڻي اها حقيقت آشڪار ٿي چڪي آهي ته اهو ڀنڀور ئي آهي.

ان حوالي کي ڪٽي ڊاڪٽر خان، کوٽائيءَ جي بنياد تي جيڪي شاهديون گڏ ڪيون آهن، انهن کي جوڙي ان کي ديبل ثابت ڪيو آهي. هو وڌيڪ چئي ٿو ته اڄوڪو ڀنڀور اصل ۾ ديبل ئي آهي.

Gul Hayat Institute

سنڌ ۾ دنيا جو هاڪارو عالم، سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ به ڊاڪٽر خان سان متفق آهي، پر ٻيا ڪيترا عالم ان راءِ سان متفق ناهن ٿيا. ان بحث مباحثي، وڏيون حقيقتون روشنيءَ ۾ آنديون آهن، جيڪي دلچسپيءَ کان خالي ناهن.

1983ع جي ان پهرئين سيمينار کان پوءِ 2012ع ۾ سنڌ جي ثقافت کاتي انٽرنيشنل سيمينار ڪوٺايو. آءٌ به اتي حاضر ٿيو هوس. اهو سيمينار 29 سالن جي وقفي کان پوءِ منعقد ڪرايو ويو هيو. عاليشان تنبو طولان لڳايا ويا. ثقافت کاتي ۾ ان جي لائق منسٽر سسئي پليجو وڏي جوش خروش سان ۽ پوريءَ تياريءَ ۽ وسيلن سان سيمينار ڪوٺايو هيو. اسان جيڪو 10 اپريل 1983 ۾ سيمينار ڪرايو هيو اها هڪ انفرادي ڪوشش هئي، جنهن ۾ سڀ ڊويزن جي ماڻهن حصو ورتو هيو. ان موقعي تي پڙهيل مضمونن کي مرتب ڪري جلد ئي هڪ ڪتاب شايع ڪيو ويو. ان ڪتاب جو ٽيون ايڊيشن محڪمه ثقافت ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.

هي محڪمو ڏيهاڙي نت نوان ۽ دلچسپ ڪتاب ڇپائي رهيو آهي. مان اميد ٿو ڪريان ته 2012 ۾ ڪوٺايل سيمينار تي پڙهيل مقالن کي به ڪتابي صورت ۾ ڇپايو ويندو. جيڪڏهن سسئي پليجو هجي ها ته يقيناً اهو ڪتاب مختلف ٻولين ۾ پڻ ڇپجي چڪو هجي ها. مان هاڻوڪن صاحبن کي فون تي توڙي روبرو پڻ عرض ڪري چڪو آهيان ته اهو ڪتاب هُو ضرور ڇپائين ته جيئن ڀنڀور / ديبل بابت وڌيڪ ڄاڻ پڌري ٿئي. ضرورت ان ڳالهه جي به آهي ته ڀنڀور جي اجا وڌيڪ کوٽائي ٿئي. مان ان حقيقت جو به اعتراف ڪريان ته مان 7_2006 ۾ سنڌ ڪلچر کاتي جو سيڪريٽري هيس. انهن ڏينهن ۾ ئي اها چرپر ٿي ته جيڪي آثار قديمه جا ماڳ وفاقي کاتي جي سنڀال ۾ آهن. صوبا انهن جي مالڪي ڪن. وفاق اهي ماڳ بنا ڪنهن پلاننگ جي صوبن کي ڏيڻ لاءِ تيار هئا ۽ مٿن اهي ماڳ وٺڻ لاءِ زور پڻ پيري رهيا هئا. مان ان خيال جو هيس ته سنڌ جو هي قومي اثاثو بنا پلاننگ، سوچ سمجهه، وسيلن ۽ trained staff جي سنڌ کي وٺڻ نه گهرجي. مون پاڪستان ۽ سنڌ ۾ اختيارن جي مالڪن کي به اها گذارش ڪئي هئي ته سنڌ وسيلن جي ورڇ (man & material) کان سواءِ نه وٺندي، جنهن لاءِ منهنجي ڪوشش هئي ته جيڪو پيسو پگهارن ۽ development تي خرچ ٿو ٿئي، اهو پنجن سالن تائين وفاق، صوبن کي ڏيندو رهي ۽ صوبائي عملدارن لاءِ قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي تربيت ۽ تعليم جو بندوبست ڪيو وڃي. جيڪي وفاقي ادارا آرڪيالاجيءَ جي ڪمن ۾ technical ڄاڻ فراهم ڪن ٿا، اهڙا ادارا سنڌ ۾ وفاق قائم ڪري ڏئي.

وفاق ٻيو ڪجهه ته نه ڏنو پر آثار قديمه جا ماڳ ضرور موٽائي ڏنا. سو اسان به موهن جي دڙي، ڀنڀور ۽ مڪليءَ جي محبت ۾، نه ڪئي هم نه تم، اهي ماڳ بنا سوچ سمجهه ۾



تياريءَ جي پنهنجي هٿ هيٺ ڪري ڇڏيا. وفاق کي پنهنجو بار هلڪو ڪرڻو هيو، سو انهن ڪيو. اهو به چڱو جو اسان نيڪ نيتيءَ سان اهو فيصلو قبول ڪري ماڳ مڪان ته وٺي ڇڏيا، پر انهن جي بربادي جي صورت ۾ اسان کي ان جي قيمت هر حالت ۾ برداشت ڪرڻي پوندي. ان لاءِ ضروري آهي ته گهٽ ۾ گهٽ انهن ٽنهي ماڳن جي بچاءُ جو هاڻي بندوبست ڪرڻ گهرجي.

## وزيرن جا گهاري ريسٽ هائوس جا دورا

سائين غوث علي شاهه ان وقت تعليم جو وزير هيو ۽ محترم اشرف تاباني صنعت جو وزير. گهاري ريسٽ هائوس جا لڳاتار وزيٽر هيا. ٻه ٽي ڏينهن family سان اچي هتي رهي پوندا هئا. سائين غوث علي شاهه ته سخت پردي دار اهل وَعيال وارو هيو. پر پوءِ به مون سان ۽ منهنجي دوست عبدالرشيد عباسي اسسٽنٽ انجنيئر سان ڪچهري ڪندو ۽ چانهن پي وٺندو هيو. خرچ پکو ته پاڻ ڪندا هئا، پر اسان سنڌن پروٽوڪول ۽ ٻين ضرورتن ۽ سيڪيورٽي جو خيال رکندا هئاسون. مون تي سائين غوث علي شاهه ڏاڍو مهربان هيو. مون جڏهن ڀنڀور سيمينار ڪرايو پئي ته ساڻس ان موضوع تي به حال احوال ڪندو ۽ صلاح مشورو وٺندو رهندو هئس. مون کي ان معاملي ۾ ڏاڍو همٿائيندو هيو. پاڻ تعليم سان گڏ ڪلچر جو به وڌيڪ دلداده هيو ۽ ان ڏس ۾ مالي مدد ڪرڻ جو واعدو به ڪيائين. 50000 روپيه ان مقصد لاءِ ڊونيشن به ڏنائين، جيڪا ان زماني ۾ چڱي خاصي رقم هئي. نه صرف ايترو پر ان سيمينار جو افتتاح به پاڻ اچي ڪيائين.

*

محترم اشرف تاباني، صنعت جو وزير به اڪثر family سان ايندو ويندو هيو. عيد جي موقعي تي به نماز پڙهي منجهند ڌاران فيمليءَ سان هتي پهچي ويندو هيو. پنهنجي فيملي، پائرن جي فيملي، پيئرون، ويهه پنجويهه ماڻهو اچي پهچندا هئا. هئا ته سيٺيا ماڻهو پر هئا باذوق. رک رکاءُ وارا. اسان جو به family friend ٿي ويو. اڪثر زور پري ماني پاڻ سان کارائيندو هيو. منهنجي گهرواري به سندس گهرواريءَ کي راڪ هائوس تي دعوت ڏيندي هئي. راڳ جي شوق رکندڙ سندس ياءُ حبيب ولي محمد سان به منهنجي اتي ئي ملاقات ٿي ۽ ڪيس ٻڌڻ جو موقعو مليو. خاص ڪري مشهور فلم 'بازيءَ' ۾ سندس ڳايل غزل "آج جاني کي ضد نه ڪرو" مون کي ڏاڍو وڻندو هيو. هيءَ فلم 1969 ۾ رليز ٿي هئي، جنهن ۾ 'نشو' پهريون دفعو محمد علي ۽ نديم سان ان فلم ۾ هيروئن آئي هئي.

گهاري جي نيم سرد، خنڪ رات جي ماحول، خاموش فضا ۾ حبيب ولي محمد جڏهن ٻاجو وڄائي آ ڪيو ته وجود ۾ ڄڻ ته خوشبوءِ اوتجي ٿي وئي ۽ پوءِ جيستائين درد

Gul Hayat Institute

پرئي آواز ۾ هُو ڪلاسيڪل شاعرن: مير، غالب ۽ داغ ۽ مومن جا غزل ڳائيندو ويو. تيئن تيئن محفل تي نشو چڙهندو ويو. جڏهن آخري تانِ هٽي هارمونيم جا سُر مدّم ڪندو هو ته جيڪو جتي هوندو هيو، اتي سُڪ ٿي ويندو هو. ڪجهه سال ٿيا آهن، حبيب ولي محمد ڪينسر وگهي آمريڪا ۾ فوت ٿي ويو آهي.

جڏهن جنرل جهانداد خان کي هٽائي غير فوجي گورنر کي مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ته محترم اشرف ڊبليو تاباڻيءَ جو گورنر طور تي قرعه فال نڪتو. رسم تاج پوشي يا Oath taking رسم ۾ مون کي به سڏ مليو.

## ٺٽو ضلعو

ٺٽو ضلعو مون کي ڏاڍو وڻندو آهي. ضلعي ۾ هلندي خاص طورRight Bank يا موجوده ٺٽي ضلعي ۾، جنهن ۾ تعلقو ٺٽو، ميرپور ساڪرو، گهوڙاٻاري ۽ ڪيٽي بندر شامل آهن، انهن ۾ هلندي ڦرندي ڪشادگيءَ جو احساس ٿئي ٿو. جڻ ماڻهو پاڻ کي آزاد آزاد ۽ ڪليل ماحول ۾ محسوس ڪري ٿو، چوندا آهن ته اوڏ/ لکنوءَ جون شامون به ڏاڍيون خوشگوار ۽ دل لُڀائيندڙ آهن. پر گهاري يا ٺٽي ۾ سج لهڻ يا ان کان پوءِ وارو وقت به ايڏو ئي دل کي راحت ڏيندڙ محسوس ٿيندو هو ۽ اهڙو جو نيم مرده انسان کي به ٻاهر ڪڍي رکجي ته ٺٽي جي هوا ۽ اهڙي شام ۾ هُو زنده ۽ نوبنو ٿي اُٿي کڙو ٿي وڃي. ٺٽي جي ان هوا لاءِ شيخ اياز هي چا ته شعر چيو آهي:

ٺٽي جي هوا ۾ گلابي بدن،
ڍڪي ڪيئن اجرڪ سجو واس ون...

خدا پاڪ ٺٽي جون تقريباً اهڙيون هڪ هزار شامون منهنجي پُڪي ۾ وڌيون. هاڻي به جڏهن تفريح جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي ته مان فيمليءَ کي وٺي گهاري هليو ويندو آهيان. پنهنجي سالگرهه به گهاري ۾ ملهائيندو آهيان.

## انيس قادر منگي

منهنجو پٽ انيس قادر منگي 1981 ۾ پنجن سالن جو هيو ۽ منهنجون نياڻيون 8 ـ 9 سالن جون هيون. انيس کي شروع ۾ اسان گهاري جي پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرايو. هڪڙي ڏينهن ڏهين بجي هيڊماسٽر ٻارن کي منهنجي آفيس، گهاري ۾ وٺي آيو، جيڪو منهنجي آفيس جي پرسان هيو.

مون پڇيو چا ٿيو؟ هيڊماسٽر چيو انيس کان پڇو. هن کان پڇيم ته چيائين: "ڊيڊي ٻار پڙهي پڙهي تنگ ٿي پيا هئا. گهنڊ (bell) وڄايم ته پلي موڪل ڪن ۽ گهر وڃن ۽ اسان به گهر وڃون." اهو هيو اسان جو آزادي پسند انيس. ڪپري ۾ چورن کي ڇڏائيندو هيو



۽ هتي ٻارن کي وقت کان اڳي موڪل ڪرائي ڇڏيائين.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مان ٽنهي ٻارن کي اسٽيل مل جي اسڪول ۾ داخل ڪرايو. جتي وڃڻ وقت هر هڪ پاسي ٽائيم 20 منٽ لڳندو هيو. صبح جو ٽئي ٻار اسڪول لاءِ اسٽيل مل ۾ نڪري ويندا هئا. ڊرائيور صديق ڪار سوڌو اتي سندن انتظار ڪندو هيو ۽ موڪل جي وقت کين واپس وٺي ايندو هيو. اهو سلسلو تيستائين رهيو جيستائين مان گهاري ۾ هئس. مسٽر محمد اسماعيل لانگاهه ٽيوشن ڏيندو هيو. اسماعيل صاحب لکيل پڙهيل نوجوان هيو. اسان جو family friend هيو. CSS امتحان ڏنائين، audit & accounts گروپ آيس.

*

ADM محترم انورالدين ميمڻ چا ته زبردست ماڻهو هيو. صاف سٿرو ماڻهو ڄاڻو ۽ گهڻو محنتي. ADM گهڻو ڪري مختيارڪارن سان خوش هوندا آهن، پر AC/SDM ۽ ڊي سي جي وچ ۾ لڳائي ٻجهائي ڪري تعلقات خراب ڪندا آهن، پر هيءَ ماڻهو چا ته ماڻهو هيو. هن جو پٽ ISI ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر آهي. سنو ۽ سلڇڻو ڇوڪرو آهي. انور صاحب اتان ئي رٽائرڊ ڪيو ۽ ٺٽي ۾ settle ٿي ويو. رٽائرڊ ٿيڻ جي ڪجهه سالن کان پوءِ مالڪ حقيقيءَ سان وڃي مليو.

## مئخانو

منهنجي آفيس ۾ چانهن جو کُليو کاتو هيو. تقريباً هر ماڻهوءَ کي چانهن ملندي هئي. مشتاق باگاڻي گهاري ۾ ليبر آفيسر هيو. اديب ماڻهو هيو ۽ ٽي ڪتاب تيستائين لکي چڪو هيو. نومبر 2015 جي آخر ۾ ايڪسپو سينٽر ڪراچيءَ ۾ ڪتابن جي نمائش ۾ ملاقات ٿي. مان وانگر هو به جهونو ٿي ويو آهي. پر همت ڪري Ph.D ڪري ويو آهي. هن جي مون وٽ گهاري ۾ گهڻي اچ وڃ هوندي هئي. بس اسٽاپ تي لهي منهنجي آفيس اچي چانهن پي پوءِ ڏاٻيجيءَ ڪم تي ويندو هيو. چوندو هيو ته "الله توهان جو تڏو برقرار رکي، توهان وٽ چانهن ۽ چاهه جو هر وقت مئخانو متل آهي."

*

هڪڙي اهڙي ئي ڏينهن جڏهن منهنجي آفيس ۾ چانهه جو مئخانو متل هيو ته تعلقي ميرپور ساڪري جا ڪجهه چانهه جا موالي وڏيرا چانهه جون چسڪيون به هڻي رهيا هئا ۽ اندر به اوري رهيا هئا. جڏهن ڏٺائون ته صاحب موڊ ۾ آهي ته هڪ دوست اسماعيل بگهياڙ چيو ته سائين توهان ائين پلا ڇو سمجهندا آهيو ته وڏيرو/ زميندار هميشه ڏوهي آهي ۽ غريب غربو هاري ناري حق سچ تي هوندو آهي.

مون کي سندس اهي لفظ ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي. مون چيو: "مهرباني. تون جيڪڏهن اهي پنهنجي دل يا تجربي مان چوين ٿو ته مان ان کان وڌيڪ پنهنجي لاءِ ڪو انعام نٿو سمجهان. پر پڪ ڄاڻ ته هر وڏيري کي مان ڏوهي ناهيان سمجهندو."

## MRD جو ٺهڻ

ضياءَ جي ظلمن جا ڏينهن ڏگها ٿي ويا. جن نون ستارن گڏجي PNA ناهي هئي، انهن جي اڪثريت کي به اهو احساس ٿي ويو هيو ته جنرل ضياءُ الحق، جيڪو بظاهر ڀولو ڀالو ٿي لڳو اهو اهڙو سادو سودو ناهي. پر سيني کي پنهنجي سادگيءَ جو ڊرامو ڪري آڱرين تي نچائي رهيو آهي. هن ڪڏهن ڪين حڪومت جو لالي پاپ پئي ڏنو ته ڪڏهن اهو لالي پاپ ڪسي پئي ورتو. هن پنهنجي حڪومت جي پيڙهه رکي ئي نفسياتي جنگ تي هئي. ماڻهن سان جنگ، پنهنجن جنرلن سان جنگ، عوام سان جنگ، سياستدانن سان جنگ، بيورو ڪريسيءَ سان جنگ. هاڻي سياستدان به سمجهي ويا هئا ته هي تيل سڌين آڱرين سان نه نڪرندو.

اهي سياستدان، جن جي مهم سازيءَ جي ڪري ڀُٽي صاحب جي حڪومت هلي وئي. مارشل لا لڳي ۽ ڀُٽي صاحب کي بلآخر ڦاسي چاڙهيو ويو. اهي هاڻي وري ڀٽو بيگمات جا همدرد ٿي ويا ۽ سوچڻ لڳا ته ڪيئن گڏجي سڏجي ضياءَ جي حڪومت جو خاتمو آڻجي ۽ جمهوريت جو بول بالا ڪجي ۽ ڪا جمهوري حڪومت ٺاهجي. بيگم نصرت ڀٽو ۽ محترمه بينظير ڀٽو کي زهر جو ڍڪ پيئڻو پيو. انهن جون اهڙن سياستدانن سان سڌيون ۽ اڻ سڌيون ڳالهيون ٿيون. طئي اهو ٿيو ته جمهوريت جي بحاليءَ جي هڪ نقطي تي سياسي اتحاد ٺاهجي. باباءِ اتحاد نوابزاده نصرالله خان ان ڪم ۾ اڳ کان اڳرو نظر آيو. پ پ جي طرفان پيار علي الانا اهم رول ادا ڪيو. نيٺ هٽي وڃي هنڌ ڪيائين. اٺن سياسي جماعتن جو Movement for Restoration of Democracry (MRD) جي نالي سان هڪڙو اتحاد وجود ۾ آيو. ان کي به ڏاڍين لاهن چاڙهن مان گذرڻو پيو. 1980ع ۾ ان اتحاد جو پايو پيو. مارچ 1981ع ۾ جهاز اغوا ٿيو ۽ 'الذوالفقار' نالي تنظيم ان جهاز جي اغوا ۾ ملوث ڄاڻائي وئي، جنهن جي سربراهيءَ جو تاج مير مرتضيٰ ڀٽي جي سر تي سجايو ويو. مير ڪڏهن پيو چئي ته "جهاز مان اغوا ڪرايو آهي"، ڪڏهن پيو چئي ته "ان تنظيم جو نالو ئي مان تڏهن ٻڌو جڏهن اهو جهاز اغوا ٿي چڪو هيو."

بهرحال اهو الزام PPP تي لڳو ۽ ان واقعي جي ڪري MRD جي نئين نئين نهيل تنظيم جا پَرَ اڏامڻ کان اڳ ۾ ئي ڪترجي ويا. جيڪا تنظيم جمهوريت کي بحال ڪرڻ لاءِ ناهي وئي هئي، ان کي وري پنهنجن پيرن تي بيهڻ لاءِ سال کن لڳي ويو. مشترڪ طور



خواجه خيرالدين کي MRD جو سيڪريٽري ڪيو ويو. في الحال طئي اهو ٿيو ته هر پارٽيءَ کي ٽن مهينن لاءِ MRD جي سربراهي rotation سان ڏني ويندي.

جتوئي صاحب، ممتاز صاحب ۽ قائم علي شاهه، جيڪي لنڊن ويل هئا، اهي به ميدان ۾ لهي آيا. جتوئي صاحب ته اهو تاثر ڏنو ته اهو آمريڪا ۽ لنڊن مان سياسي لائين وٺي آيو آهي. هڪ وقت ڪيس ضياءَ، وزيراعظم جي به آڇ ڪئي هئي، پر وقت کان اڳ ۾ اهو پروپوزل ظاهر ڪرڻ تي ضياءُ مٿس رنج ٿي پيو. ممتاز علي خان ڀٽو هر هر فيڊرل سسٽم جي ڳالهه ڪرڻ لڳو. طئي اهو ٿيو ته 14 آگسٽ 1983 کان وٺي تقريرون، جلسا جلوس مارشل لا جي violation ۾ ڪيا ويندا ۽ گرفتاريون ڏنيون وينديون. اهو سلسلو 14 تاريخ کان شروع ڪيو ويو پر پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان ۾ معاملو سست ٿي ويو.

سنڌ ۾ دادو، نوابشاهه، لاڙڪاڻو ٺٽو ۽ خيرپور ضلعا اڳيرا رهيا. ٻين ضلعن به پنهنجو پاڻ ملهايو. پر اڳتي هلي اهو پُرامن احتجاج، court arrest آرميءَ جي دخل اندازيءَ ۽ سخت سزائن جي ڪري پرتشدد ٿي ويو ۽ ڪٿي ڪٿي آرمي ۽ عوام جو ٽڪراءُ به ٿيو. سرڪاري ۽ غير سرڪاري ملڪيتن کي نقصان به پهتو. ڌاڙيل فيڪٽر به انهن سالن ۾ اُڀري آيو هيو (يا اُڀاريو ويو هيو). حڪومت پوءِ اهو به چوڻ لڳي ته انهن پرتشدد واقعن ۾ پرو چانديو ۽ سندس ڪمپني به شامل آهي.

هڪ طرف حڪومت ۽ آرميءَ جي دٻ، ٻئي طرف عوام سان ڳوٺن، شهرن ۽ روڊ رستن تي ڌاڙيلن جو آزار. عوام هڪ طرف باهه، ٻئي طرف پاڻيءَ واري صورتحال کي منهن ڏئي رهيو هيو. انهن ڳالهين حڪومت ۽ خاص طور جنرل ضياءَ لاءِ وڌيڪ نفرت ۽ حقارت پيدا ڪري ڇڏي هئي. اهو به عجيب phenomenon هيو ته پوري صوبي ۾ فوج ڦهليل هئي. جنهن کي به چاهيو پئي، جهلي پئي سگهي. پر حيران ڪندڙ ڳالهه هيءَ هئي ته فوج نه ڪڏهن ڌاڙيلن سان مُنهان مُنهن ٿي، نه ئي encounter ۾ اهي ناس ٿيا. البت ڌاڙيلن جا جيڪي ٽولا هئا، اهي پوليس جي پنيرائيءَ سان وارداتون ڪندا رهندا هئا.

## سياستدان گهاري ريسٽ هائوس تي نظربند

جتوئي صاحب کي ڪراچيءَ ۾ arrest ڪيو ويو ۽ ممتاز ڀٽي صاحب کي ٽنڊي الهيار مان گرفتار ڪيو ويو جيڪو لنڊن مان دل جي عارضي جو علاج ڪرائي سنڌ موٽيو هو.

انهن ٻنهي صاحبن کي مخدوم خليق الزمان، معراج محمد خان ۽ خواجه خير الدين سان گڏ گهاري ريسٽ هائوس ۾ نظربند ڪيو ويو. گهاري ريسٽ هائوس کي سب جيل قرار ڏنو ويو. اتي بدين ڪليل جيل جي سپرنٽينڊنگ 'رانا' کي انچارج ڪري رکيو ويو.

Gul Hayat Institute

راڻا وڏو خڙوس قسم جو جيل سپرنٽينڊنٽ هوندو هيو.

مان MRD جي تحريڪ دوران پورو عرصو گهاري ۾ SDM هئس. منهنجي سرڪاري رهائش گاهه، راڪ هائوس، فلٽر پلانٽ جي گهاري واري ريسٽ هائوس کان سڌو پنڌ تي هئي. پهرين ڏينهن تي جڏهن انهن سياسي ليبر قيدين کي گهاري ريسٽ هائوس تي موڪليو پئي ويو ته مون کي DC رند صاحب brief ڪيو ۽ چيو هيو ته جيڪي به سندن permissible ضرورتون آهن، جن جي پوري ڪرڻ جي جيلر اجازت ڏئي، اهي پوريون ڪجو. رند صاحب ته جتوئي صاحب جو پٽيلو هيو ۽ مخدوم خليق جو به دوست هيو. ممتاز علي ڀٽو صاحب منهنجو ڳوٺائي هيو پر اسان جي اڳ ۾ منهان منهن ملاقات ڪونه هئي، نه ئي وري مونکي سڃاڻندو هيو. علي حسن منگي صاحب سندس سياسي ۽ ذاتي دوست ۽ ڳوٺائي هيو.

گهاري ريسٽ هائوس ۾ ٽي سُوٽ/ ڪمرا هئا ۽ همراهه پنج. مون جيل سپرنٽينڊنگ کي چيو سڄو ريسٽ هائوس کين ڏيکاري ۽ مٿن ڇڏي ته ڪير ڪنهن سان ڪمرو share ڪندو.

پوءِ خبر پئي خواجه صاحب ۽ معراج صاحب گڏ رهيا. جتوئي صاحب اڪيلو رهيو ۽ ممتاز صاحب ۽ مخدوم خليق صاحب ڪمرو شيئر ڪيو.

مان پهرين ڏينهن تي ڪانئن ٽائيم وٺي وڃي مليس. پنهنجو تعارف ڪرايو. حجاب جون ديوارون هيون. ٻئي ڏينهن تي Kb Rind، جيڪو DC/DM هيو اهو به ساڻن ملڻ آيو. سپرنٽينڊنگ 'راڻا' به ڪن ۾ اکيون کولي اسان سان ڀٽ وينو. هڪ پل به پري نه ٿيو. اتي ساڻن رسمي طرح ملاقات ٿي. ڊي سي صاحب اڌ ڪلاڪ ويهي روانو ٿيو.

ٻئي ڏينهن سياسي قيدين بک هڙتال ڪري ڇڏي. سندن مطالبو هيو ته ريڊيو ۽ اخبارون پهچايو. مون کي اطلاع ڪيو ويو. وٽن ويس. کين گذارش ڪئي ته توهان جي صحت ۽ حياتي اسان لاءِ اهم آهي. ماني کائو. Home Secretary کي چئون ٿا. مان ڳالهائي هليو آيس. پوءِ چيڪ ڪيو ته خبر پئي ته منهنجي گذارش کي مان ڏنائون ۽ ٻئي ڏينهن تائين بک هڙتال ختم ڪئي وئي. ڊي سي صاحب هوم سيڪريٽري سان ڳالهايو. ريڊيو جي موڪل ملي، جيڪو هنن پاڻ arrange ڪيو. باقي اخبارن ۾ مشرق ۽ Pakistan Times سرڪاري اخبارن جي اجازت ملي. تڏهن اهو مرحلو وڃي حل ٿيو.

پوءِ منهنجو اهو معمول ٿي ويو ته آءٌ روزانو ساڻن ملڻ ويندو هوس. چانهه به گڏ پيئندا هئاسون. بي بي سي به گڏ ٻڌندا هئاسون. جيئن ڏينهن گذرندا پئي ويا، تيئن اسان جي ويجهڙائپ ويتر وڌندي پئي وئي.

هڪ ڏينهن واڪ (walk) ڪندي ممتاز صاحب مون کان پڇيو ته: "منگي صاحب



توهان ڪٿي جا آهيو؟" مون چيو: "سائين رتيديري جو." مسڪرائي چوڻ لڳو: "پوءِ پنهنجي ملاقات پهرين چو نه ٿي آهي؟" مان چيو: "سائين توهان وڏا ماڻهو گورنر ۽ چيف منسٽر. اتان هتيا ته هاڻي سرڪار سڳوريءَ جي تحويل ۾ اچڻ سبب بدنصيبي يا خوش نصيبيءَ سان ملاقات ٿي آهي."

سيني جي نمائندگي جتوئي صاحب ڪندو هيو. ڪو اجتماعي معاملو هوندو هيو ته جتوئي صاحب ئي ڳالهائيندو هيو.

منهنجي سب ڊويزن ٽن تعلقن تي ٻڌل هئي. منهنجي سياسي ورڪرن سان ۽ عام ماڻهن سان ايتري سٺي PR هوندي هئي، جو جيڪڏهن ڪو ورڪر court arrest جي تياري به ڪندو هيو ته مون کي خبر پئجي ويندي هئي. کيس شرمائيندو هوس ته رڪجي ويندو هو. مان کين چوندو هوس ته توهان ڀلي جلوس ڪيو، پر مان توهان کي arrest ئي نه ڪندس. گهوڙاٻاري تعلقي ۾ هڪ ننڍڙو ڳوٺ آهي 'ڏنڏاري'. اتي جا سڀ ماڻهو عوامي تحريڪ جا تربيت يافته ورڪر هئا. آخر هنن تنگ ٿي فيصلو ڪيو ته پاڻ کي ڪورٽ اريسٽ ٺٽي ۾ ڪرائيندا سون. جتن جا جٿا گهاري جي بدران ٺٽي شهر ۾ وڃي گرفتاريون ڏيندا هئا.

ميرپور ساڪري ۾ 12 ربيع الاول واري جلوس کان اڳ ۾ اسڪول جي هڪ شاگرد هڪڙي ڪار جو شيشو ٽوڙي وڌو. پوليس کيس جهليو. سندس ماڻٽن کي گهرائي وارننگ ڏئي، ڇڏي ڏنو. ان کان پوءِ وري ڪو مسئلو پيدا نه ٿيو. آهستي آهستي سياسي قيدي به هتان transfer ٿي ڪراچي روانا ڪيا ويا. وڏو بار ۽ ذميداري لهي پئي.

ان سال (نومبر 1983) جي 12 ربيع الاول تي جتوئي صاحب MRD جي طرفان گرفتارين ۽ تحريڪ جي خاتمي جو اعلان ڪيو. نيٺ مات ٿي وئي.

## جوابدار عبدالحفيظ پيرزادو ۽ وڪيل رضا رباني

مون جڏهن گهارو ۾ چارج ورتي ته ڪو به AC/SDM ڪو نه هيو. ڪجهه مهينن کان اتي اها پوسٽ به خالي هئي. آفيس جي ٻئي ڪم سان گڏ روينيو ۽ ڪرمنل ڪيسز جو ڪم به رهيل هيو.

ٻئي ڪم سان گڏ ڪيسز کي به سنئون سڌو Streamline ڪرڻو پيو. جيڪي ڪيس فائيل تي چڙهيل نه هئا، اهي فائيل تي چاڙهيا. جن ڪيسن ۾ جوابدار نه پئي آيا، انهن کي سمن، بيل ايبل وارنٽ ۽ نان بيل ايبل وارنٽ جاري ڪيا ويا. ان سان گڏ اهڙن ڪيسن جي لسٽ تاهي تاڪيدي خط SP ٺٽو کي آگاهيءَ ڏيڻ واسطي ۽ ان مقصد لاءِ موڪليو ويو ته جوابدار پيش ٿين. ان سان گڏ ان لسٽ جي ڪاپي سيشن جج ۽ DM کي

Gul Hayat Institute

ٻه رواني ڪئي وئي ته جيئن هُو ٻه SP کي ڇڏي سگهي. اهڙن قدمن سان جوابدار ۽ شاهدي ڏيندڙ جلدي جلدي اچڻ لڳا.

انهن ڪيسن ۾ هڪ شڪار جو ڪيس هيو. ڪيس ته مائينر ايڪٽ جو هيو پر منهنجي حيرت جي انتها نه رهي. جڏهن مون ڏٺو ته اهو ڪيس ملڪ جي هڪ مشهور سياسي شخصيت، جناح عبدالحفيظ پيرزاده تي داخل هيو. ڪيس ڪجهه هن نوعيت جو هيو ته عبدالحفيظ پيرزادي صاحب جي گاڏي جڏهن گهاري جي چيڪ پوسٽ تي بيهاري ان جي چيڪنگ ڪئي وئي ته، گاڏيءَ جي ڊگيءَ مان وڏي تعداد ۾ شڪار ٿيل تتر مليا. ڪانئس شڪار جي اجازت نامي بابت پڇا ڪئي وئي. جيڪا هو پيش نه ڪري سگهيو. ان ڪري غير قانوني طور تي وڏي تعداد ۾ تترن جي شڪار سبب ڪيس چالان ڪيو ويو ۽ مچلڪي تي شڪار کاتي جي آفيسر ڪيس آزاد ڪيو. ڪيس SDM گهارو جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو جيڪا مجاز عدالت هئي.

چالان کان پوءِ ڪيس يڪو پيل هيو. هي ماڻهو ته وڏو هيو پر مون کي ڪيس ته هلائڻو هيو. مون سمن ڪڍي، ٻي ۽ ٽين سمن تي سندس وڪيل رضا رباني صاحب (جيڪو هينئر سينيٽ جو چيئرمين ۽ ان منصب مطابق پاڪستان جو نائب صدر آهي) ڪورٽ ۾ اچي حاضر ٿيو.

ٻي شنوائيءَ تي حفيظ پيرزادو صاحب ۽ سندس وڪيل رباني صاحب ڪورٽ ۾ حاضر ٿيا. مون پنهنجي چيمبر ۾ ئي پيرزاده صاحب تي چارج فريم ڪئي، جنهن کي هن Pleaded not guilty ڪيو. ڪيس ٻي تاريخ تي هلڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو. رباني صاحب، حفيظ صاحب کي حاضريءَ کان آجي ڪرڻ جي درخواست پيش ڪئي، جيڪا قبول ڪئي وئي. ڪيس جي ٻي تاريخ رکي وئي. فرياديءَ ۽ شاهدن کي ٻي تاريخ تي اچڻ جا سمن جاري ڪيا ويا.

ٻئي ڏينهن تي ضياءَ صاحب جي حڪومت جا نمائندا مون وٽ آيا، پڇيائون توهان وٽ عبدالحفيظ پيرزادو ڪيئن آيو هيو. مون کين حقيقت ٻڌائي. چوڻ لڳا توهان ڪيس مان آجو ڪندؤس يا سزا ڏيندؤس. مون چيو مون کي خبر ناهي. اهو منحصر آهي شاهدن ۽ وڪيلن تي.

ڪيس هليو. فريادي ٻه پنهنجي FIR کي پوري طرح سپورٽ نه ڪيو. شاهد ٻه سپ ڦري ويا. جوابدار جي طرفان بچاءُ پيش ڪيو ويو. ڪيس 'ڦُس' ٿي ويو. ڪا شاهدي ڪانه بيٺي. ڪجهه ڏينهن ۾ ڪيس فيصلي تي رکيو ويو ۽ عام اصول تحت پيرزادي صاحب کي ٻه سندس وڪيل جي توسط سان فيصلي واري ڏينهن ڪورٽ ۾ حاضر ٿيڻ جي تاڪيد ڪئي وئي.



کلي ڪورٽ ۾ پيرزاده صاحب ۽ سندس وڪيل جي روبرو فيصلو ٻڌائي ڪيس مان باعزت بري ڪيو. ٻئي ڏينهن تي ضياءَ جا نمائندا اچي پهتا. پوءِ ڇا ٿيو؟ اهو ٻه هڪ وڏو قصو آهي. الله مالڪ آهي.

## پوليس وين ۾ جنرل جي ماني

ايم آر ڊي (MRD) تحريڪ دوران جنرل ضياءَ، سنڌ جي ٻرندڙ ضلعن جو دورو ڪيو. ٻيا ضلعا گهمندي دادو پهتو. دادوءَ جا ماڻهو پريا وينا هئا. گڏهن تي ضياءَ جا نالا لکي انهن کي ڳچي ۾ پادر وجهي شهر ۾ ڇڏي ڏنائون. پٽين تي ضياءَ جي خلاف نعرا لکيائون. جنهن رستي تان ضياءَ جو لنگهه هيو اتي ماڻهو اگهاڙا ٿي ويهي رهيا. ضياءَ کي اوگهڙ ڏيکاري ۽ ٻُجا ڏنائون. شريف بلوچ اتي ڊي سي هيو ۽ عبدالله ميمڻ صاحب ڊويزنل ڪمشنر هيو. SP کي دل جو دورو پيو. بهرالحال ڏاڍو ناراض ٿيو ۽ سنڌ جا دورا گهٽائي ڇڏيائين.

ڪجهه وقفي کان پوءِ وري ٺٽي ضلعي جي دوري کان سنڌ جا دورا شروع ڪيائين. جنرل صاحب ٺٽي آيو ۽ ضلعي جي معززن، صوبائي ڪائونسل جي ميمبرن ۽ مجلس شوريٰ جي ميمبرن سان سرڪٽ هائوس ۾ ملاقاتون ڪيائين ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪيائين. کين نويد ڏنائين ته ٻي سڄي ملڪ ۾ ته ٺاپر آهي، پر سنڌ ۾ اها تحريڪ ڏوهاري قسم جا ماڻهو پاڻاريدار، وڏيرن جي چُرچ تي هلائي رهيا آهن. ٺٽو شگر مل سنڌ سرڪار هلائي رهي هئي، ان جو GM نارا صاحب ۽ سيد هدايت الله ڊائريڪٽر هيو. ٺٽي شگر مل ۾ vip جي ماني ڏاڍي سني ٺهندي هئي. جنرل صاحب ۽ هن جي جٿي جي ماني ٻه شگر مل ۾ تيار ڪرائي وئي. طئي اهو ٿيل هيو ته جنرل صاحب ماني مِل ۾ نه، پر سرڪٽ هائوس ۾ Quite لنچ ڪندو. Quite لنچ جو مطلب اهو آهي ته صدر صاحب ٻين ماڻهن سان گڏجي لنچ نه ڪندو. سيڪيورٽي سببن جي ڪري پاڻ اڪيلو يا چند مخصوص ماڻهن سان ويهي، الڳ ٿلڳ ماني کائيندو.

مان صدر صاحب جي مانيءَ ۽ سرڪٽ هائوس جي بندوبست ۾ رُڌل رهيس. Kb Rind صاحب DC هيو. ماني جڏهن شگر مل ٺٽي کان گهرائڻ جو وقت آيو ته مون کي هڪ خيال آيو ته جيڪڏهن صدر صاحب جي ماني اغوا ٿي وئي ته وڏو مسئلو ٿي پوندو. دادو وارو منظر اسان جي آڏو هيو. ورڪر ڪنهن حد تائين ٻه وڃي پئي سگهيا. جيڪڏهن ديڳيون ٽرڪ ۾ وجهي سرڪٽ هائوس آنديون وڃن ۽ ڪنهن جو موڊ ٿيو ته ٽرڪ صدر صاحب جي ماني سوڌو اغوا ٿي سگهي پئي. ائين جي ٿي پيو ته انتظاميا جي وڏي بي عزتي ٿي ويندي. ان امڪاني معاملي کان بچڻ لاءِ مون اهو طئي ڪيو ته صدر صاحب جي مانيءَ جون ديڳيون Police Van ۾ وجهي ان کي چڱي طرح لاڪ ڪري اڳيان پويان

Gul Hayat Institute

سخت سيڪيورٽيءَ ۾ هڪ SDM جي نگرانيءَ ۾ سرڪٽ هائوس ۾ آنديون ويون.

مون اهو سڄو پلان رند صاحب سان ڊسڪس ڪيو ۽ هن اوڪي جو سگنل ڏنو. مون چپ چاپ ۾ اهو ’آپريشن فوڊ‘ مڪمل ڪيو. هيلي پيڊ ٻه سرڪٽ هائوس جي پرسان مڪليءَ تي ٺهيل هيو. تنهن ڪري صدر صاحب کي عوام جي ڪنهن ناشائسته حرڪت جي مظاهري کي ڏسڻو نه پيو. ڪڏهن ڪڏهن انتظاميا کي عجيب و غريب قسم جا فيصلا ڪرڻا پون ٿا. امڪاني مسئلن کان بچڻ لاءِ اسان جي آڏو صرف اهي واقعا اچن ٿا. جيڪي ڪنهن بي پرواهيءَ ۽ ڪوتاهيءَ جي ڪري روڪجي نٿا سگهجن ۽ ٿيو ٿا پون. پر جيڪي واقعا انهن precautions جي ڪري نٿا ٿين ۽ ڏسڻ يا ڪنهن ڳڻپ ۾ نٿا اچن، انهن جي ڪنهن کي خبر نه ٿي پوي.

## ايڌي صاحب سان پهرين ملاقات

اهڙي ئي باهه جي هڪ واقعي ۾ ڪيٽي بندر تعلقي جي هڪ شولاٽي پروچن جي ڳوٺ کي باهه لڳي. سڄو ڳوٺ سڙي رک ٿي ويو. ڪاٺ پيٽڻ جو سامان، گهر جي رڌپچاءَ جا ٿانو، هنڌ بسترا، لٽا ڪپڙا، سڀ ڪجهه سڙي پٽ سان پٽ ٿي ويو. صرف ماڻهو جانيون ئي بچائي سگهيا. مون سرزمين وڃي ڏٺي. ڏک واري صورتحال هئي. اوڙي پاڙي کي، يونين ڪائونسل ۽ روينيو اسٽاف کي متحرڪ ڪيو. جلدي جلدي ۾ جيڪي ٿي سگهيو، سندن مدد شروع ڪئي وئي. جلدي موٽي آفيس آيس. صوبائي هلال احمر کي عرض ڪيو. جتي فرانسز لوبو سنڌ جو انچارج هيو ۽ سيد خادم حسين شاهه (ميرپورخاص وارو) وائيس پريزيڊينٽ هيو. ٻي فون عبدالستار ايڌي صاحب کي ڪيم. ايڌي اجا ايڏو ڄاتل سڃاتل ڪونه هيو نه وري گهڻو TV تي ئي اچڻ مناسب سمجهندو هيو.

ٺيڪ ٻن ڪلاڪن کان پوءِ منهنجي پٽيوالي منهنجي آفيس ۾ اچي ٻڌايو ته ايڌي صاحب پهچي چڪو آهي. مان تڙ تڪڙ ۾ ٻاهر نڪتس. ٻاهر هڪڙو مزدور/ ڊرائيور نما ماڻهو نظر آيو. مٿي تي ڪاري ٽوپي، ڪاڙهيءَ جا ڪپڙا، ملائيشيا رنگ جا پيرن ۾ چپل، اڇي ڪاري ننڍڙي ڏاڙهي، مون هٿ ملائڻ کان سواءِ ڪائنس پڇيو ته ”ايڌي صاحب ڪٿر هئي؟“ هن پنهنجي ٻوليءَ ۾ وراڻيو ته ”مين هون“. مون ڪيس پهريون دفعو ڏٺو هيو. ڪيس چيم ته اچو چانهن پيئون. چيائين ”نه. مون کي ماڻهو ڏيو ته سرزمين تي وڃي هلي. ٽائيم ٿورو آهي. مون کي موٽڻو به آهي.“ مون پنهنجو پي. اي سندس حوالي ڪيو. خدا حافظ چئي، سوزوڪي سامان سان ڀريل هلائيندو هو روانو ٿي ويو. ٻي سوزوڪي سندس پٺ هلائي رهيو هو. سامان سرزمين تي ڇڏي ڪراچيءَ روانو ٿي ويو. اها هئي منهنجي ستار ايڌيءَ سان پهرين ملاقات.



## رشيد عباسي ۽ نور محمد چوهاڻ

مان جنهن ڏينهن گهارو ۾ لڏو لاٿو. ان رات جو ٻه نوجوان مون وٽ آيا. ويهارڻ جو بندوبست ڪونه هيو. ٻه ٽي ڪرسيون ڪيدائي گهر جي ٻاهران ويهي رهياسون. ٻئي ڪراچي واٽر بورڊ ۾ اسسٽنٽ انجنيئر هئا. ٻئي نوجوان ٽيهن سالن کان ننڍا، پُر جوش ۽ پُرعزم پئي نظر آيا. ٻه ٽي مهينا ٿيا هئا ته کين نوڪريون مليون هيون. هڪ جو نالو نور محمد چوهاڻ هيو. هيءَ ٺٽي ضلعي جو رهاڪو تعلقي گهوڙا ٻاريءَ جي غريب خاندان جو فرد هيو. ٻيو هيو عبدالرشيد عباسي. هي سکر ضلعي جي پني عاقل تعلقي جي ڪلهوڙا خاندان مان هيو. سني بيٺل خاندان سان سندس تعلق هيو. تيز ترار هيو. ٻنهي کان خير خيريت پڇي. پنهنجو تعارف ڪرايو. پڇيائون ته نوان نوان گهاري ۾ آيا آهيو. ڪنهن شيءَ جي ضرورت هجي ته ٻڌايو اسان حاضر آهيون.

مون کي خوشي ٿي ته ٻه سنا سنڌي فضيلت وارا نوجوان هت نوڪريءَ ۾ آهن. کين جس هجي جو هتي مون کان ڏک سُور پڇڻ آيا آهن.

پوءِ اهي ٻئي منهنجا life long دوست ٿي ويا. نور محمد هاڻي رٽائرڊ ڪيو هوندو يا رٽائرڊ ڪرڻ وارو هوندو. واٽر بورڊ ۾ چيف انجنيئر ٿي ويو هو.

عبدالرشيد عباسي ته ڏاڍو پرواز ڪيو. ياري باشيءَ وارو نوجوان هيو. خيرپور مان سومرا خاندان مان شادي ڪيائين. ادي ذڪيه سندس گهر واري هاڻي PECHS ڪراچيءَ ۾ گرلس ڪاليج ۾ BS-20 ۾ پرنسپال آهي.

رشيد عباسي جڏهن پيئڻ ويهندو هيو ته سندس حد نه هوندي هئي، هڪڙي ڏينهن ان لاحد کان ٻه پنهنجي حد ٽپي ويو ايتري حد ٽپي ويو جو وري نه موٽيو. SE ٿي ويو هيو. ڪراچيءَ ۾ ٻه گهر هئس. هڪ ۾ اسان جي ڀاڀي ذڪيه ٻارن سان رهي ٿي. ٻيو مسواڙ تي ڏنل اٿن. اهو فليٽ ٽي سال مون وٽ بنا مسواڙ جي رهيو. مان ۽ منهنجو خاندان رشيد عباسيءَ جي خاندان جا هميشه احسان مجيندا آهيون.

رشيد اسان کي جوانيءَ ۾ ڇڏي ويو. الله کيس جنت ۾ جايون ڏئي. هو هميشه منهنجو مددگار پئي رهيو.

## ڊاڪٽر بنگاليءَ ۽ ڊاڪٽر ڦڳڻ ديپ

ڊاڪٽر ڦڳڻ ديپ پهريائين ته رورل هيلٿ سينٽر ۾ ڊاڪٽر هيو پر استعيفي ڏئي گهاري ۾ خانگي اسپتال کوليائين. منهنجي گهر واريءَ کي دائمي سنڌن جو سور رهندو هيو ۽ ان سان ڪيس ٻيون ننڍيون وڏيون تڪليفون به رهنديون هيون، جنهن ڪري ڊاڪٽر ڦڳڻ جو وجود اسان جي گهر لاءِ وڏي نعمت هوندو هيو. ساڳي طرح ڊاڪٽر شمس الاسلام

Gul Hayat Institute

بنگالي پڻ اسان لاءِ ڏاڍو ڪارآمد رهيو. هيو تہ بنگالي. پر گهاري ۾ ڪلينڪ ٺهرائي هئائين. اسپتال هلائيندو هيو. محترمہ عائشہ اسلام سان شادي ڪئي هئائين. جيڪا پوءِ گهاري جي ڪائونسلر بہ ٿي. انهن ٽي ڏينهن ۾ ڪيس ڏيءَ رابعہ اسلام جائي. جيڪا هاڻي ٻارن ٻچن جي ماءُ آهي. سنڌي خاندان ۾ خميسي خان عمراڻيءَ جي پٽ سان شادي ٿي اٿس.

## UNICEF

سنڌ ۾ UNICEF کي، نئي ۾ ءِ خاص طور گهاري ۾ ڪم ڪرڻ سولو لڳندو هيو. ان جا ڪيئي سبب هئا. پر بنيادي سبب هي هيو جو گهارو ڪراچيءَ کي ويجهو هيو. يونيسيف جا نمائندا صبح جو نڪرندا هئا ۽ شام جو پنهنجي ماڳ تي پهچي ويندا هئا.

نذر ميمڻ صاحب سنڌ جو پراڻو ۽ چاتل سڃاتل سوشل ورڪر ۽ اسان جو يار آهي. اهو سنڌ UNICEF جو اسسٽنٽ پروگرام آفيسر هيو. پر جيڪو يونيسيف سنڌ جو گُرو هيو اهو هو جان پيڪاڪ. هيو تہ گورو پر منجهس سڀ سنڌين وارين عادتون هيون. مون سان رلي ملي ويو هيو. سندن ورڪنگ رليشن شپ پاڻ ۾ شاندار هئي. ٻئي منهنجا دوست هئا. هنن کي ڪنهن ڳوٺ ۾ پاڻيءَ جي منصوبي ڏيڻ جي ضرورت هئي، جنهن ۾ ڪجھ ڪميونٽي بہ شيئر ڪري. اسان ڪيٽي بندر Propose ڪيوسين. ڪيٽي بندر جو چڪر ڏنوسين. اوپن ڪچهري ڪئي سين. اتي جي ماڻهن سان ملياسين. عبدالعزيز ميمڻ اتان جو چيئرمين هيو. سندس والد نور محمد ميمڻ بہ برجستو ۽ دلبر ماڻهو هيو. هنن بہ يونيسيف جي پروجيڪٽ ۾ دلچسپيءَ جو اظهار ڪيو.

پاڻيءَ جي پراڻي لائين ڇهن ڪلوميٽرن تان ايندي هئي ۽ هنڌان هنڌان ڦاٽي پئي هئي. نتيجي طور ڳوٺ کي پاڻيءَ جي سپلاءِ صحيح نہ ٿي رهي هئي. طئي ٿيو تہ يونيسيف 6 انچن جي PVC جي لائين 6 ڪلوميٽرن تائين ڏيندي ۽ ان جي انسٽاليشن جو خرچ پڻ ڏيندي، پر ان جي Running cost يو سي ۽ ڳوٺ وارا ڀريندا. اسپتال ۽ گرلس اسڪول جي بہ مرمت ڪرائي ڏيندا.

ان ڪم جو Project Director اسسٽنٽ ڪمشنر گهارو يعني مون کي مقرر ڪيو ويو. پائيپ لائين سينگاپور کان گهرائي وئي. جنهن کي جهاز ذريعي اچڻ ۾ ٻہ مهينا ڪن لڳي ويا، جيڪا ڪراچي پورٽ کان سائيٽ تي پهچائي وئي. ٺيڪيدار هٿ ڪيو ويو. ڪافي تجربيڪار هيو. PVC ڪم ۾ PVC Factory گهارو مان ٽيڪنيڪل مدد حاصل ڪئي وئي. اها پائيپ لائين مٽيءَ ۾ ٽي فوٽ اندر لڳائي وئي. وچ وچ تي outlets ڏنا ويا تہ جيئن پرپاسي وارا ڳوٺ بہ ان مان پاڻي ڀري سگهن. يونين ڪائونسل/ ضلع ڪائونسل طرفان اڳ ۾ ئي ٽي ورڪر واٽر سپلاءِ تي مقرر هئا. اهو ڪم بہ انهن جي حوالي ڪيو ويو.



ڳوٺ وارن تي خرچ نہ وڌوسين. اسڪول ۽ اسپتال جي مرمت بہ ڪئي ويئي. پائيپ لائين جي ٺهرائڻ لاءِ جيڪا رقم رکيل هئي، ان مان ڪافي رقم بچي پئي. Unicef جي اجازت سان ان مان اسڪول ۽ اسپتال لاءِ فرنيچر ورتو ويو.

ان منصوبي جي افتتاح لاءِ عبدالله ميمڻ صاحب، ڪمشنر آيو. پاڻ ڳوٺاڻن، يونيسيف ۽ ضلع ڪائونسل ۽ يونين ڪائونسل جي ڪوشش کي ساراهيائين. پر انهن سڀني کان وڌيڪ منهنجي محنتن ۽ جفاڪشيءَ جي تعريف ڪئي. منهنجي دل سچ تہ ڏاڍي وڏي ٿي وئي.

## ضياءَ شيخ

هڪ عجيب Character ضياءَ شيخ جو آهي. هتي آيو تہ مڇن جي ساول هئس. هن جو پيءُ مختيارڪار ٿي ميرپور ساڪري ۾ آيو هو. پيءُ بدلي ٿي ويس، تہ پٽ هٽ وڃائي ويو. هندو آباديءَ ۾ هڪ فرد جي ڪوٽ، ۽ مسلمانن ۾ هڪ مسلمان جو واڌارو ٿي ويو. هئا تہ صفا پڪا برهمڻ، سبزي خور، پر ضياءَ جو ڦرڪو ڦري ويو ۽ مسلمان ٿي ويو. ضياءَ جو اصلي نالو پريتم داس هو.

هن جي پيءُ جو نالو گوبندرام هيو. ذات جا مهيشوري هئا. هيءُ مئي 1947ع ۾ ڄائو هيو. گوبندرام ميرپور ساڪري ۾ 1960ع ۾ مختيارڪار ٿي آيو. پريتم داس فيبروري 1962ع ۾ مولوي محمد امين عباسيءَ جي هٿ تي ضياءُ شيخ ٿيو. خبر پئي تہ پياري منگيءَ ۽ احمد خان عباسيءَ جي دوستيءَ ۾ مسلمان ٿيو جن سان گڏجي هو ڀنگ پيئندو هيو.

ساڪري جي هڪ نيڪ ماڻهو ڊاڪٽر ايم. ڪي قادريءَ ڪيس پٽ ناهيو. پنهنجو وارث ڪيو ۽ پنهنجي ڌيءَ ناهيد سان شادي ڪرايائين. ڪو بہ اولاد ڪو نہ ٿيو اٿس. اڄ ڪلھ ٻني ٻارو پيو ڪري ۽ دڪانن مان -/40000 روپيہ مسواڙ مليس ٿي، جنهن ۾ زال مڙس جو گذر ٿئي ٿو.

پاڻ سياسي طرح active هيو. ڀٽي شهيد جو لاڏلو هيو. هاڻي فاطمہ ۽ غنويءَ ڀٽو سان آهي.

Gul Hayat Institute

## حاجي عبدالغني گبول

منهنجو سڀ کان ويجهو ۽ گهاٽگهرو يار، حاجي عبدالغني گبول هيو. سندس وڏا ٽي پيڙهيون اڳ بلوچستان مان هن پٽ ۾ لڏي اچي رهيا. روزگار جي سهولت سان هيڏي هوڏي سفر ۽ لڏپلاڻ ڪندا رهيا. سندس والد محمد صديق گبول سان منهنجون ملاقاتون ٿينديون رهيون. وڏي عمر ۾ هتي ساڪري ۾ ئي فوت ٿي ويو. پاڻ پوليس مان جمعدار

(Head Constable) تي رٽائرڊ ٿيو. حاجي غنيءَ پهريان هٽ ڪرياڻه جو دڪان کوليو. پوءِ وڏو خرچ ڪري هڪڙي هوٽل خريد ڪيائين. سندس وڏو ڀاءُ حافظ غلام نبي گبول هوٽل هلائيندو آهي ۽ حاجي غني سوشل ورڪ، ڪتابن ۽ اخبارن جي وڪري، اخبارن ۾ ٽي وي جي نمائندگيءَ جي حوالي سان ڪم ڪار ڪندو رهندو آهي ۽ سياست کي به محبوب مشغلو بنايو اٿس.

1952ع ۾ ڄائو. 1979ع کان وٺي لوڪل باڊيز جي چونڊن ۾ حصو وٺي رهيو آهي. هر چونڊ کٽيندو رهيو پر بدنصيبيءَ سان 2015ع واري چونڊ هارائي ويٺو. زندگيءَ جو وڏو عرصو ڀٽي صاحب ۽ پ پ پ جو شيدائي رهيو. مير مرتضيٰ جي شهادت کانپوءِ بيبي غنويٰ سان. شهيد ڀٽو پارٽيءَ ۾ آهي. پر اليڪشن وري شيرازي گروپ سان گڏجي لڙيو. طبيعت جو ٽڪو ۽ سچ چوڻ وارو آهي. بقول ڪنهن جي:

سچ ٿا مرد چون، ڪنهن کي وڻي نه وڻي.

بي انتها ايماندار ۽ هڏ ڏوکي آهي. ڪنهن کي پوليس ۽ انتظاميه سان ڪو مسئلو هوندو ته اچي مچي ڪري ساڻس گڏ نڪري پوندو. جيستائين ان جو مسئلو حل نه ٿئي، تيستائين ماٺ ڪري نه ويهندو. وس آهر ڪوشش پيو ڪندو. مون کي ڪي دوست چوندا آهن ته تون ۽ حاجي غني ٽيهن سالن کان به مٿي عرصي کان ڪيئن پيا ٿا نڀايو؟

## ڳاڙهو گرڊ اسٽيشن

1982ع ۾ هٽ روڊ رستا گهٽ هئا. بجلي ٿورن ڳوٺن ۾ هئي. ڳوٺ اونداهي ۽ ڪاراڻ ۾ وهنتل هوندا هئا. ماڻهن کي رهڻ ۽ زندگي گذارڻ جو اونو ئي ڪونه هيو. پر ان علائقي ۾ ڪيلي جي آبادي، خاص طور گهوڙاٻاري، ڪيٽي بندر ۽ ڪاري چاڻ تعلقن ۾ تمام گهٽي ٿي رهي هئي. زمين جي ليول مٿي هئي ۽ پاڻي هيٺ هو. تنهن ڪري لفٽ مشينن تي پاڻي لڳايو ويندو هيو. ڊيزل ۽ پيٽرول تنهن زماني ۾ به مهانگو هيو. بجلي ايتري مهانگي ڪونه هئي. هاڻ ته ظلم آهي. هڪ ته بجلي مهانگي، پيو گهٽ پيداوار ۽ لوڊشيڊنگ جو آزار.

ڪمشنر حيدرآباد عبدالله ميمڻ پاڻ به چوهڙ جماليءَ طرف، نئين ضلعي جو آبادگار هيو. پيو ته ماڻهن سان به ويجهو ميل جول رکندو هيو. هن کي اها ڪنهن سُڌ ڏني ته 100 کان مٿي ڊيزل پمپنگ اسٽيشنون لڳيون پيون آهن. انهن لاءِ هڪ گرڊ اسٽيشن ڳاڙهي ۾ لڳائي وڃي ته آبادگارن کي به سهوليت ٿيندي ۽ علائقو جنهن ۾ چارئي ڪوسٽل تعلقا آهن، اهي به روشن ٿي پوندا.

ان ڪيس کي اڳتي وڌائڻ لاءِ مون تي ذميداري رکي وئي ته مان سرزمين تي وڃي انهن مشينن جي سروي ۽ چڪاس ڪري اچان. رستو اٽانگو هيو. مون پندرهن ڏينهن ۾



اهڙو سروي عملي ۽ ذاتي طرح مڪمل ڪري ورتو. 143 مشينون مليون. انهن مان هر مشين تي ۽ پنهنجي رجسٽر ۾ نمبر لڳايو ۽ وڌيڪ تفصيل پڻ درج ڪيا. اهي تفصيل ڪمشنر ۽ ڊي سي صاحب کي موڪليا، جنهن کان پوءِ حيدرآباد واپڊا جي عملي سان ڪمشنر صاحب سرزمين جو دورو ڪيو. جڏهن واپڊا وارن 50 مشينون ڏٺيون ته چيو بس وڌيڪ ضرورت ڪونهي، اسان توهان جي سچي رپورٽ کي مڃيون ٿا، جيڪڏهن وڌيڪ مشينون نه به هونديون ته اهي 50 مشينون به گرڊ اسٽيشن جي قيام کي Justify ڪن ٿيون. مون پنهنجي ليکي گرڊ اسٽيشن جو site به چونڊي ڇڏيو هيو جيڪو ڳاڙهو ريسٽ هائوس جي پرسان هيو ۽ اتي ڪافي سرڪاري زمين هڪدم قبضي ۾ وٺڻ لاءِ موجود هئي. واپڊا وارن اها site پسند ڪئي. ٻن مهينن ۾ گرڊ جو ڪم شروع ٿي ويو ۽ هڪ سال ۾ مڪمل ٿيو. ميمڻ صاحب جي ان علائقي جي ماڻهن لاءِ اها وڏي Achievement هئي.

## شيخ زيد جو محل

هديه بلوچ ۽ ٻگهياڙ بلوچ به هتان جا به وڏا اهم راڄ ۽ قومون آهن. گهاري ڪيٽي بندر ۽ ڪوسٽل بيلٽ جي وچ واري پٽيءَ ۾ رهن ٿا. 1981ع ۾ منهنجو واسطو علي محمد خان هديه سان ۽ حاجي محمد صديق هديه سان ٿيو. حاجي صديق يونين ڪائونسل جو چيئرمين به هيو. نور محمد هديه رٽائرڊ سپروائيزر ۽ شيخ زيد سلطان جو هتي مئنيجر هيو. شيخ زيد ميرپور ساڪري ۾ هديه بلوچن جي ڳوٺ جي پرسان به هزار کن ايڪڙ زمين خريد ڪئي هئي. اتي ئي ٻن بيڊ رومن جو Mini Palace ٺهرايو هئائين. جتي ڪڏهن ڪڏهن عرب شهزادا ۽ سندن دوست Bird Shoot لاءِ ايندا رهندا هئا. ان محل ۽ زمين جي سنڀال علي محمد هديه ڪندو هيو. اهو محل مون کي به ڏسڻ جو موقعو مليو. جتي مانجهاندو به ڪيو.

## حاجي سوڍو ٻگهياڙ

حاجي سوڍو ٻگهياڙ ۽ محمد اسماعيل ٻگهياڙ جهونا جوڳي هئا. انهن جي مون سان اٿ ويهه هئي. حاجي سوڍو ته سنو سگهڙ به هيو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي ويجهو هيو. اڪثر سندن ميرپور ساڪري ۾ پاڻ ۾ ڪچهريون ٿينديون هيون. حاجي سوڍو سفر ۾ به بلوچ صاحب جو ساٿي هيو. تڏهن زمينون گهٽيون آباد ڪونه هيون.

سندن پوين مان نور محمد هديو ۽ عبدالغني ٻگهياڙ چڱو ناماچار ڪڍيو آهي. عبدالغني ٻگهياڙ ته 2005_2009 ۾ تعلقه جو ناظم به هيو. شيرازي گروپ جي پاران. ٻڌو آهي ته هاڻي وري پي پي پي ۾ شامل ٿي ويو آهي.

Gul Hayat Institute

عبدالقادر لاشاري پيربخش ڳاهو صاحب ڏني ڳاهي جو سوٽ، غلام حسين ميمڻ، محمد هاشم ڪيچي، راجا رب نواز، خميسو خان عمراڻي ۽ محمد يوسف پيروزاڻي، گلاب شاهه، حاجي ڪرم علي جلباڻي، حاجي محمد عثمان جلباڻي (MPA/MNA) جو پاءُ، شيخ منو جمن شاهه ۽ ڪي ٻيا يونين ڪائونسلن ۽ ٽائون ڪميٽين جا چيئرمين هئا.

امير علي شاهه به ان علائقي جو برجستو ماڻهو هيو. سائين جي. ايم. سيد ڪي ويجهو هوندو هيو. سندس پاڻيهي نواز علي شاهه به تر ۾ چڱو نامآچار ڪڍيو.

نوجوانن ۾ عبدالعزيز بلوچ، انگريزي پڙهيل، سياست جو سنو فهم رکندڙ آهي. ميرپور ساڪري ۾ صرف هڪڙي اخبار ڊان ايندي هئي. اها عزيز مرگهر لاءِ هوندي هئي. ڪوشش ۾ هوندو هيو ته ڪو ڪيس انگريزي پڙهيل ماڻهو ملي ته ان سان ڳالهائي. نه ته پوءِ دڪان وارن سان به پيو انگريزي ۾ گفتگو ڪندو وتندو هيو. جيتري قدر ڪيس ترقي ڪرڻ گهرجي ايتري نه ڪيائين. مون سان اجا دل اٿس. نباهه پيو ڪري

## اڪبر ڪلهوڙو

علي اڪبر ڪلهوڙو آهي ته لاڙڪاڻي جو حاجي خان صاحب جو پٽ. پر هاڻي جنگيسر (تعلقه ڪيٽي بندر) ۾ ڪلاچيءَ جو ٿي ويو آهي. سندس لاڙڪاڻي اچ وڃ هاڻي گهٽ آهي.

1979ع ڌاري هي اليڪشن جو دؤر ۽ آرميءَ جو زور هيو. ان دؤر ۾ اڪبر ڪلهوڙو ضلع ڪائونسل جي اليڪشن ۾ بيٺو. چون ٿا ته ڪٽڻ واري پوزيشن ۾ هيو. آرميءَ جا صاحب به سندس دلداده هئا. اها خبر عام ماڻهن کي به پهچائي وئي. سندس مقابلي ۾ لاڏيون وارو چانڊين جو سردار محمد موسيٰ چانڊيو چونڊن ۾ بيٺو.

خبر تڏهن پئي جڏهن اڪبر ڪلهوڙو هڪ ووٽ تان کِري پيو. اهو به چون ٿا ته ٺٽي جي سياست جو هڪ معجزو هيو. پر سندس ساٿي خادم حسين شاهه ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪائونسل جو چيئرمين ٿي ويو. ان کان پوءِ اڪبر ڪلهوڙو وري ضلعي جي اليڪشن ۾ نه بيٺو. اهي ڏينهن اهي شينهن. زميندار پيو ڪري. دوستن کي اليڪشن ۾ مدد ضرور ڪندو آهي. اسان جي دعا سلام آهي.

## ڊاڪٽر موسيٰ

انهن ئي ڏينهن ۾ منهنجي مسز کي سَنڌن جو سُور ڪجهه وڌيڪ ئي شدت اختيار ڪري ويو. ڪراچيءَ ۾ هڪ ڊاڪٽر جو ڏس مليو. نالو هيس ڊاڪٽر موسيٰ ۽ تين تلوارن جي پرسان هلال احمر سينٽر ۾ ويهندو هيو. هن بنيادي ٽيسٽون ڪرائڻ کان پوءِ علاج شروع ڪيو. ان علاج مان خورشيد کي تمام گهڻو افاقو ٿيو.



ڊاڪٽر موسيٰ پاڻ به ان مرض جو مريض هيو. سندس جوڙن وٽان هڏ Deshape ٿي ويا هئا. قابل رحم ٿي ويو هيو. ڪيس ڏسي پئي ٽيندو هيو. پوءِ جلد ئي فوت ٿي ويو. الله ڪيس جنت ۾ جايون ڏيندو.

## گهارو ريسٽ هائوس

گهارو ريسٽ هائوس سان ڪيترين ئي ڪهاڻين منسوب آهن. هي ريسٽ هائوس 1930ع جي لڳ ڀڳ ٺهيو جڏهن گهاري ۾ فلٽر پلانٽ تيار ٿيو. ان فلٽر پلانٽ جو ڪم ڪراچيءَ کي صاف پاڻي پهچائڻ هيو. هن فلٽر پلانٽ مان ڀرين ڍاٻيجي جي پمپنگ اسٽيشن کي پاڻي پهچائڻو هوندو هيو ۽ پوءِ اتان ڪراچيءَ موڪليو ويندو هيو. اهو معاملو ان وقت جو هيو جڏهن ورهاڱي کان اڳ ڪراچيءَ جي آدمشماري 350000 کان به گهٽ هئي.

گهاري ۾ پمپنگ اسٽيشن سان گڏ پٿر جو ريسٽ هائوس به ٺاهيو ويو ۽ ان سان گڏ خوبصورت لان ۽ Swimming Poll به.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ آرام ۽ سڪون جا ڪجهه لمحا گذارڻ لاءِ پاڪستان جو وزيراعظم جناب لياقت علي خان فائيل گڏ ڪٽي هتي ايندو هيو ۽ ڪجهه وقت لاءِ اڪيلائي، سٺي ماحول ۽ اوڏ جي موسم جهڙي موسم جو مزو وٺڻ لاءِ هتي رهيو پيو هوندو هو. اهو سندس معمول هيو. چون ٿا پاڪستان ۽ سنڌ جي قسمت جا ڪيترائي اهم فيصلا پاڻ هن ريسٽ هائوس ۾ ڪيا هئا.

## بدلي۔ گهاري کان...

جون 1984ع تائين گهاري ۾ نوڪري ڪندي مون کي پوڻا ٽي سال گذري ويا. هي عرصو ڏاڍو سنو پُرڪون ۽ Job satisfaction سان گذريو. هت ڪم ڪري دل خوش ٿي. غريب علائقو هيو. غريب غربي جي ڪم اچڻ سان دلي خوشي ٿيندي هئي. هاڻي ڪجهه ڏينهن کان سگنل اچڻ شروع ٿي ويا هئا ته ٽي سال ٿي ويا آهن. مون به سوچيو ته ان کان اڳي جو اوچتو ڪا بلا مٿان اچي ڪِري بهتر آهي ته پاڻ ئي راند رٽي ڇڏجي ۽ ڪنهن ٻي مناسب جڳهه تي Posting ڪرائجي.

گهاري ۾ رهڻ دوران منهنجا سينئر آفيسرن ۽ سياستدانن سان چڱا تعلقات پيدا ٿي ويا هئا. مون کي ان وچ ۾ offer به ٿيو ته AC (Revenue) ڪراچي ايسٽ ضلعو ٿيان. جنهن ۾ موجوده ملير ضلعو به شامل هيو. ملير ۽ پورٽ قاسم سب ڊويزن جي SDM جي به offer ٿي.

Gul Hayat Institute

مان عبدالڪريم لوڌيءَ جي آفيس ۾ پهتس. ڪيس پنهنجو قصو ٻڌايو تہ مان بدلي چو ٿو چاهيان ۽ ٽنڊوالهيار ڇو؟ ڪيس اهو بہ ٻڌايو تہ اعجاز چوڌريءَ کي ٽنڊي الهيار لاءِ clear ڪيو ويو آهي. لوڌي صاحب پنهنجي مخصوص انداز ۾ چيو تہ سنڌ جي پوسٽنگ تي پهريون حق سنڌين جو يا پنجابين جو.

Aditional Secratry سالڪ نذير صاحب کي فون ڪيائين، جيڪو بدلين جو ڪرتا ڌرتا هيو ۽ ٻي فون ڪمشنر علي محمد شيخ صاحب کي ڪيائين. لوڌي صاحب کي ڪير انڪار ڪندو. مان بہ اهو سوچي ڪيس عرض ڪيو هيو.

بدليون ٿيون. اعجاز چوڌري سينٽرل ڪراچيءَ ۾ لياقت آباد جو SDM ٿي ويو. ڪافي سالن کان پوءِ چوڌري صاحب سنڌ جو چيف سيڪريٽري بہ ٿي آيو ۽ ڏکين حالتن ۾ بہ ڪافي ڪامياب ٿي ويو. سياڳو خان جيڪو 9th ڪامن جو هيو ۽ ٽني ۾ ئي Training (UT) ۾ هيو. اهو منهنجي جاءِ تي گهاري جو AC/SDM ٿيو. منهنجي بدلي ٽنڊوالهيار ٿي وئي.



# 6

## جون 1984 – جون 1986ع

### ڪاڏي مُنهن مريم جو، ڪاڏي ٽنڊو الهيار

گهاري مان سڌو ٽنڊوالهيار آيس. مين روڊ کان شهر مان گذري هڪ گيٽ واري روڊ تي گهٽيءَ ۾ داخل ٿيس. ساڄي پاسي لڙيس تہ سامهون AC/ SDM آفيس هئي. مون ٻڍي سيءَ جي PA کي چٺي ڇڏيو هيو تہ منهنجي آفيس ۽ مختيارڪار ٽنڊوالهيار کي نياپو ڪري ڇڏي تہ مان ٽنڊي الهيار لاءِ روانو ٿي چڪو آهيان. آفيس وارا انتظار ۾ هئا ۽ مختيارڪار محترم منصور قريشي ۽ اسسٽنٽ مختيارڪار مشتاق مغل بہ ٿوري دير ۾ پهچي ويا. رمضان جو مهينو هيو پر ٻنهي کي روزو ڪونہ هيو. مون کي بہ روزو ڪونہ هيو. رهائش ۽ مانيءَ جو بندوبست ريسٽ هائوس تي ٿيل هيو. رسمي طرح حال احوال ڪري ريسٽ هائوس تي آيس.

ٻئي ڏينهن تي سامان بہ اچي ويو تہ خير سان family بہ پهچي وئي. گهر ۽ آفيس ساڳي احاطي ۾ هئا. دراصل بلڊنگ ميونسپل ڊسپينسريءَ جي هئي. اسپتال ٺهڻ سان ڊسپينسريءَ کي ختم ڪيو ويو هيو جيئن 1977ع ۾ روينيو جي سب ڊويزن ٿي، تہ ان کي اي سي آفيس ڪيو ويو. پهريون اي سي محمد قاسم لاشاري هيو. ان کان اڳ ۾ ٽنڊوالهيار، هالا سب ڊويزن جو حصو هيو. اي سي جو ميڊيڪل آفيسر جو گهر هيو. گهر ۽ آفيس جي بناوت، پراڻين وڏين سرن سان ٺيل هئي، پر مضبوط ۽ ديده زيب هئي. گهر ۾ ڪجھ تبديليون ڪري ورانڊي ۾ باٿ روم ٺاهيا ويا هئا. ساڳيءَ ريت آفيس ۾ بہ تبديلي ڪئي وئي هئي. ڊرائيور ۽ نوڪرن جا ڪوارٽر بہ اتي هئا.

### ٽي نوجوان

ٻئي ڏينهن تي، جيڪو منهنجو آفيس ۾ پهريون ڏينهن هيو، ٽي نوجوان ملڻ آيا. ٽنڊي الهيار جي مقامي ماڻهن سان اها منهنجي پهرين ملاقات هئي. هڪڙو تہ پير نور محمد شاهہ هيو، جيڪو ڪاماري شريف جي جيلاني گاديءَ جو گادي ڌڻي هيو. ڊگهو،

Gul Hayat Institute

پورو، سهڻو ۽ لڳ ڀڳ 25 ٽيهن سالن جو ڀيو هيو عبدالخالق هڪڙو، مسڻ وڏيءَ جو رهواسي، پر گهر ٽنڊي الهيار ۾ به هئس، زميينداري ڪندو هيو. ٽيون هيو محمد نواز اوٺو، اهو انجنيئرنگ ڪاليج / يونيورسٽيءَ جو اسٽوڊنٽ هيو، سول انجنيئرنگ ۾ پڙهي رهيو هيو. سٺو زميندار به هيو.

ساڻن خير آفيت ٿي. چانهن پيتيسين. ڪو ڪم ڪونه هون. ايئن ئي Courtesy call لاءِ آيا هئا. نه فقط ان ڏينهن ڪم نه چيائيون، پر ٽيهن سالن جي تعلق دوران به ڪو ڪم ڪڏهن به نه چيائون. ٽئي پاڻ ۾ ۽ منهنجا به انفرادي ۽ اجتماعي طرح دوست آهن. انهن ٽيهن سالن جي سفر ۾ياري پنهنجي جاءِ تي اج به قائم ۽ دائم آهي.

ٽنڊي الهيار ۾ نوڪري گهاري سب ڊويزن جي ابتڙ لڳم. هتي جا ماڻهو خوشحال ۽ اڪثر سٺا زميندار آهن. سنڌ جي ڪنهن به تعلقي جي زمين هن تعلقي جي زمين جهڙي سٺي نه آهي. هر طرف انبن جي پوک هتي ٿئي ٿي. اگرچه ميرپورخاص به انبن لاءِ مشهور آهي. خير ٽنڊو الهيار به انبن جي پيداوار ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ آهي. سائين پورل شاهه ۽ سندس پٽ، علي نواز شاهه رضوي ۽ اميد علي شاهه رضوي اهڙن باغن جا سرواڻ سڏجن ٿا. پورل شاهه صاحب 1977ع ۾ پ پ پ جي ٽڪيٽ تي ايم پي اي به ٿيو هيو. سياسي طرح ميرپور واري سائين غلام رسول شاهه جيلانيءَ سان ٻٽ هيو. محترم غلام حسين ڪوڪر، جنهن جو ويجهڙائيءَ ۾ لاڏاڻو ٿيو آهي. عبدالستار بچاڻي، انور بچاڻي ۽ ٻيا ڪيترا وڏا وڏا زميندار به ٽنڊي الهيار ۾ هئا. جن ۾ مصري شاهه امام جي درگاهه جو گادي نشين سيد مريد علي شاهه، مير مراد، ميمڻ برادري، يوسفاڻي برادري، مستوئي برادري ۽ امداد نظاماڻي صاحب، جيڪو پڻ انبن جي پيداوار سائنٽيفڪ بنيادن تي ڪري رهيو آهي. هي سڀ زميندار هڪ ٻئي کي ڏسي ڳوءِ کڻڻ ۾ رڌل نظر آيا. انبن کان علاوه، ڪمند ۽ ڪٽڪ جي به سٺي پوک ٿئي ٿي. عبدالستار سريوال، نجم الدين لغاري، ولي محمد ولهاري، غلام قادر مري، هاڻي ٽنڊي الهيار جي سياست ۾ مگسي خاندان به داخل ٿي چڪو آهي. حاجي الله بخش مگسيءَ کي ڪجهه زمين هئي، پر سياست ۾ ايترو Active ڪونه هيو.

## شگر مل

پوري سب ڊويزن ۾ صرف هڪ شگر مل هئي. جڏهن ته ٽنڊوالهيار تمام جهجهي آباديءَ وارو علائقو هيو. علائقي ۾ ٻي شگر مل به هجڻ گهرجي ها. پر سرڪار جي zoning system جي ڪري مقامي شگر مل ”مهراڻ“ کان ٻاهر ڪمند ڪونه ويندو هيو. جيستائين هيءَ شگر مل وڃي بند ٿئي. ان پاليسيءَ جي ڪري مهراڻ شگر مل جي هڪ هٽي



(Monopoly) هئي. جنهن کي چاهين ان کي Indent ڏين، جنهن کي چاهين، ان کي رولي ڇڏين. Indent هڪ پاس هوندي آهي، جيڪا شگر مل انتظاميا پاران آبادگارن کي ڏني ويندي آهي ته اهي پنهنجي ڪمند جي ٽرڪ فلاڻي وقت تي مِل تي ڏئي سگهن ٿا. ان طريقيڪار جي ڪري زميندار، مِل جي انتظاميه ۽ مالڪ سيٺ هاشم ميمڻ جا محتاج ٿي ويا هئا. مل وارا انڊينٽ آبادگارن کي ائين ڏيندا هئا، ڄڻ لپ اٽي جي ڏيندا هجن.

آبادگارن کي شڪايتون وڏنديون ويون. انهن جا جٿا مون وٽ شڪايتون کڻي آيا ۽ ڊپٽي ڪمشنر ڏانهن به پهتا. ان به اهي شڪايتون مون کي حل ڪرڻ لاءِ چيو. مون آبادگارن سان ملاقاتون ڪيون. ان ۾ سيئي آبادگار آيا. ايستائين جو ماتلي تعلقي جو حاجي عبدالله هاليپوٽو به شريڪ ٿيندو هيو، جنهن جي زمين به هن zone ۾ هئي.

حاجي هاشم کي گهرايم. هن کي Task ڏنم ته اهي شڪايتون حل ڪرڻ لاءِ پندرهن ڏينهن اٿو نه ته چيومانس انڊينٽنگ جي سسٽم کي انتظاميا پنهنجي هٿ ۾ ڪڻندي.

مون ٽنڊي الهيار جي آرميءَ وارن کي وقتاً فوقتاً آگاهه ٿي ڪيو. هنن سان منهنجي working relationship سٺي هئي. ميجر صاحب کي به ڪڏهن ڪڏهن آبادگارن ۽ مل وارن جي ميٽنگ ۾ ويهاريندو هوس. هو به آبادگارن جي مسئلن کان واقف ٿيندو پئي ويو. آبادگار به ساڻس ملي هاءِ گهوڙا ڪندا پئي رهيا. انتظاميا ۽ آرمي ٻنهي مسئلي کي حل ڪرڻ پئي چاهيو. هاڻي ”ٻليءَ کي گهنڊڻي ڪير ٻڌي“. سو ان گهنڊڻيءَ جو ذمو مون ئي کنيو.

پندرهن ڏينهن گذري ويا، جن جو الٽيميٽم مل مالڪ کي ڏنو ويو هيو. مون آبادگارن جي جنرل باڊيءَ جي ميٽنگ گهرائي، جنهن ۾ 100 کن ميمبر اچي گڏ ٿيا. انهن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته مل وارا انڊينٽ جو مسئلو حل ڪرڻ ۾ ناڪام ويا آهن. انتظاميا جي انچارج ۽ نمائندي طور اهو بندوبست پنهنجي هٿ ۾ ڪٽي.

ميٽنگ جا فيصلا لکيا ويا. سڀني آبادگارن صحيون ڪيون. ان جي فوٽو ڪاپي ڪرائي سڀني آبادگارن، مِل مالڪان، ڊي سي، ڪمشنر ۽ آرميءَ جي اختياريءَ وارن کي موڪليون ويون. ميجر صاحب، ڊي ايس پي ۽ مختيارڪار به مون سان ميٽنگ ۾ گڏ هيا.

## شگر مل جو انڊينٽنگ سسٽم

هاڻي پيش رفت ڪيئن ٿئي. جنهن ڪم کي مِل جي انتظاميا، تربيت يافته عملي، اختيارن ۽ خرچن سان هلائي رهي هئي، ان کي آبادگار ۽ AC/ SDM ڪيئن هلائي سگهندا. آخر ڊگهي بحث کان پوءِ اهو طئي ٿيو ته هڪ Stearing Committee آبادگارن جي

Gul Hayat Institute

انڊينٽ ڪيندي ۽ ايس ڊي ايم جو نمائندو اُن تي صحيح ڪندو.

عبدالغني درس صاحب هن سڄي مسئلي ۾ اهم رول ادا ڪيو هيو. جنهن کي آبادگارن جي نمائندي طور ڪميٽيءَ جو سربراهه مقرر ڪيو ويو هو. ڪم ڏکيو هيو پر ڪم هلِي پيو.

آبادگار ڏاڍا خوش ٿيا. مل کي به بنا روڪ ٽوڪ جي ضرورت مطابق ڪمند ملندو رهيو. فيڪٽريءَ جي چمني هڪ ڏينهن لاءِ به بند نه ٿي. آبادگارن کي به هفتو اڳ ۾ انڊينٽ جي خبر هوندي هئي. تنهن ڪري هو پنهنجي ڪٽائي ڪري وٺندا هئا. آرمي به خوش، انتظاميا به خوش، آبادگار به خوش. نه خوش ته صرف مل انتظاميا. مسئلو ته هنن جو به حل ٿي ويو. فالتو اسٽاف به بچي ويو. هرويرو مٿي جو سور به ختم، شڪايتون به ختم.

ٻه سال مان ٽنڊي الهيار ۾ رهيس. ڪرشنگ سيزن ۾ مل تي نظر رکندو رهيس. ڊي سي ۽ آرميءَ اختيارين منهنجي ڪوشش کي ساراهيو.

## نشو پتو

ٽنڊي الهيار جي مڪراني محلي ۾، نشي آور شين جو ڪاروبار چوٽ تي چڙهيل هيو. اهي پاڻ کي بلوچ سڏائيندا هئا. سائين علي احمد ٽالپر صاحب وٽ وڃي پهچندا هئا ته اسان تنهنجا ووٽر آهيون. انتظاميا تنهنجي خلاف آهي. تنهن ڪري اسان کي هرو پرو تنگ ٿي ڪري. پوليس جا ڪجهه حلقا به ساڻن ٻڌل هئا.

ڊي سي صاحب کي به شڪايت پهتي. چيائين ته "ڪجهه ڪري ڏيکار." مون اسٽريٽجي ٺاهي، حيدرآباد کان Lady constables گهرايون. هڪ صبح جو سوير مڪرانين جي گهر گهر جو سرچ آپريشن ڪيو. مان ۽ ڊي ايس پي جهان شاهه ۽ ايس ايڇ او رزاق آرائين ان آپريشن جي ذاتي طور نگراني ڪئي.

ڇهه ست عورتون ۽ پندرهن مرد پڪڙيا ۽ وڏي مقدار ۾ هيروئن، چرس، آفيم ۽ شراب بر آمد ٿيو. سڀني قيدين کي هڪ پلان تحت نارا جيل سکر روانو ڪيو ويو. حيدرآباد جي جيلن ۾ ته سندن ڏيٺ ويٺ هئي ۽ اهي اڳ به اتي جيل ڪاٽي آيا هئا. مڪراني محلي جي Entry ۽ Exit تي به پوليس جون چيڪ پوسٽون لڳائي ڇڏيون. ان ڪم ۾ شهر واسين جون مهربانيون ۽ خدمتون شامل هيون. مولانا عيسيٰ خاراني، چيئرمين عبدالغني قائمخاني، احسان الحق خانزاده ۽ ٻيا ڪئي معتبر ان ۾ شامل هئا.

انهن قدمن سان 100 سيڪڙو نه، تڏهن به 80 سيڪڙو نشي جو ڪاروبار بند ٿي ويو. ڇاپي وارا جوابدار سال کن جيل ۾ رهيا. پوليس به خبردار ٿي وئي هئي.



## چيئرمين سان جهيڙو ۽ ٺاهه آخر ۾

مان جڏهن نئون نئون ٽنڊي الهيار ۾ آيس ته منهنجو ٽڪر ميونسپل ڪميٽيءَ جي چيئرمين عبدالغني قائمخانيءَ سان ٿي پيو. هو صاحب جنرل بشير جو ڀاءُ هيو. جيڪو ان وقت صدر صاحب کي ڏاڍو ويجهو هو. چيئرمين صاحب ميجارٽيءَ ۾ هيو. هن جو به مٿو خراب هو. قائمخاني صاحب منهنجي خلاف ڪائونسل ۾ قرارداد پيش ڪري منظور ڪرائي. تيستائين مون کي چارج ورتي صرف هفتو ٿيو هو. منهنجي لاءِ ڳالهه ته خواريءَ ۽ چيئرمين لاءِ Ego جي هئي. پر ان مان مون کي هڪ وڏو فائدو پهتو ته مون باقي ٻه سال اتي جي نوڪري بي داغ ۽ ڏاڍي خبرداريءَ سان ڪئي، جنهن سبب ڪنهن کي به شڪايت جو موقعو نه مليو. مان ته خبردار ٿي ويس، پر عبدالغني قائمخاني به خبرداريءَ سان چيئرمين شپ هلائي.

پوءِ جڏهن منهنجي ٽنڊي الهيار مان بدلي ٿي ته ميونسپل ڪائونسل جي پاران عبدالغني قائمخاني مون کي گرانڊ قسم جي fairwell ڏني. ڪائونسل پاران منهنجي خدمتن کي شهر ۽ تعلقي لاءِ ڏاڍو ساراهيو ويو ۽ اهڙي هڪ قرارداد پاس ڪري خراج تحسين پڻ پيش ڪيو ويو ته مون بنا متڀيد جي بي ريائيءَ سان سڀني جي خدمت ڪئي آهي.

## وتايو فقير لائبرري

وتايو فقير جي سيمينار کان اڳ ۾ مون وتائي فقير جي نالي سان هڪ لائبررين جو سنگ بنياد رکيو. هڪ لائبرري مون مرتضيٰ ڏاڏاهيءَ جي شهر ٽنڊي الهيار ۾ ۽ ٻي لائبرري ڪافيءَ جي عظيم شاعر مصري شاهه امام جي شهر نصرپور ۾ قائم ڪئي. ٽنڊي الهيار واري لائبرري ته اجا ڏڪجي پئي پر نصرپور واري لائبرري ٻڌو اٿم ته ڦِٽي وئي آهي.

## فضل احمد بچاڻي

ٽنڊوالهيار صرف انبن ۽ سونهن جو نه، پر علم ۽ ادب جو به شهر آهي. عالمن، صوفين، شاعرن ۽ مخدومن جو به شهر آهي. چمبڙ جو محمد حسين ڪاشف، سنو عالم ۽ شاهه جو ڄاڻو منهنجو دوست هيو. ان کان علاوه هڪ گوشه نشين فضل احمد بچاڻي به اديب، عالم ۽ مترجم هو. جيڪو پنهنجي گهر تائين محدود هوندو هيو. ٽنڊي الهيار جا عالم اديب کيس گوشه نشينيءَ مان ٻاهر ڪڍي نه سگهيا. جڏهن مون ساڻس ملڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو ته مون کي چيو ويو ته "توبهن ڪيو. هو ڪامورن کان ايئن وٺون ويندو آهي جيئن ڪانءُ ڪمان کان."

Gul Hayat Institute

مون هڪڙي ڏينهن ڪيس نياپو موڪليو تہ ”مان توهان سان، توهان جي گهر يا جتي توهان کي سهوليت هجي، توهان سان ملڻ ٿو چاهيان.“ تير نشاني تي لڳو. اڳئين ڏينهن پنهنجي گهر ملڻ جو ٽائيم ڏنائين. ائين اسان جي ياريءَ جي شروعات ٿي، جيڪا سندس وفات تائين قائم رهي، پوءِ اڪثر بچاڻي صاحب مون وٽ شام جو هليو ايندو هو. ٻہ ٽي ڪلاڪ ڪچهري ڪبي هئي ۽ علم ادب تي دل کولي ڳالهائبو هو.

فضل بچاڻي، نفيس طبيعت جو ماڻهو هيو. هميشه تيل ڦليل ڪيل، صاف سٿرن ۽ استري ٿيل ڪپڙن ۾ نظر ايندو هيو. وار ديو آنند ڪٽ ۽ ڦٽي ڏنل. اهڙا سلوڻا، صاف سٿرا ماڻهو مون زندگيءَ ۾ گهٽ ڏٺا. ڪنهن صاحب هٿان جڏهن بہ ڪو ڪتاب موڪليندو تہ لفافي تي، هڪ طرف منهنجي ائڊريس ۽ ٻئي طرف سندس ائڊريس هوندي هئي. اڪثر سندس پٽن مان ئي ڪو ڪٽي ايندو هيو. شايد سهيل اديب يا شڪيل بچاڻي. ان زماني ۾ هي ٻئي شاگرد هئا ۽ پڙهندا هئا. سهيل تہ هاڻي 19 گريڊ ۾ آهي ۽ ڊي سي آهي. شڪيل صحافت کي ڪيريئر بڻايو پر افسوس هو جوانيءَ ۾ ئي فوت ٿي ويو.

## اياز گل- بي پرواهہ بادشاهہ

سنڌ جي موجوده دور جو شاندار غزل گو شاعر ”اياز گل“، جنهن جو مان شروع کان ئي گرويده هئس. اهو گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ٽنڊي الهيار ۾ ليڪچرار مقرر ٿي آيو. مون ڪيس ڏايا نياپا موڪليا. پر همراهہ ملڻ گوارا نہ ڪيو. هڪ تہ هو ڪاليج گهٽ ايندو هيو. ٻيو شايد اهو دؤر مارشل لا جو هيو جنهن سبب سرڪاري ڪامورن ۽ آرمي آفيسرن سان اديب ۽ شاعر ملڻ پسند نہ ڪندا هئا. ڀانيان ٿو ان ڪري مون کي بہ حڪومت جو نمائندو سمجهندي اياز گل، نہ مون سان ملڻ گوارا ڪيو نہ فون ڪرڻ.

هڪ ڏينهن ڪاليج جي پرنسپل سيد اميد علي شاهہ کي چيم تہ مان توهان جي ڪاليج جو visit ٿو ڪرڻ چاهيان. استادن سان ملڻ ۽ ڪاليج لائبرري ڏسڻ ٿو چاهيان. پر اهو ٻڌايو تہ اياز گل اڄ ڪاليج آيل آهي؟ هن وڏي دل سان دعوت ڏني ۽ ٻڌايو تہ ها سائين، آيل آهي.

مان اڌ ڪلاڪ ۾ ڪاليج پهتس، پرنسپل صاحب مون کي Receive ڪيو. منهنجي اصرار تي پنهنجي آفيس جي بدران staff Room ۾ آيو. مون اياز سان اڳ ۾ ملاقات نہ ڪئي هئي. صرف سندس تصوير ڏٺي هئي.

استادن سان تعارف ٿيو. اياز گل سان بہ منهنجو تعارف ڪرايو ويو. ساڻس ڀاڪر پائيندي ڪن ۾ چيم تہ ”مون هي پنڌ ئي توهان جي ڪري ڪيو آهي.“ سيني استادن ۽ خاص طرح اياز گل سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي. ڪاليج جي لائبرري ڏٺي. استادن سان



چانهن پيتي ۽ گپ شپ ٿي. ڪاليج جو چڪر لڳايو. اياز گل سان ملڻ جي اڄ اجهائي. ويندي ويندي ڪيس پاڻ وٽ اچڻ جي دعوت ڏني. پر نہ اچڻو هو سو نہ آيو. نيٺ سندس بدلي ٿي وئي. پوءِ مون کي سندس نہ ملڻ جو اندازو ٿيو تہ جيڪي سبب مون سمجهيا هئا اهي ڪونہ هئا. لڳي ٿو تہ هو ادي مستور بخاري جي عشق ۾ ايڏو تہ لاچار ٿي ويو هيو جو هن کان سڀ ڪجهہ وسري ويو هو ۽ ڏينهن رات ان ڪوشش ۾ رڌل رهيو تہ سندس بدلي جلد از جلد سکر يا ان جي آسپاس ٿئي. جيئن هو پنهنجي عشق کي ويجهو ٿئي.

پوين سالن ۾ اياز گل سان ڪافي دل لڳيون، محبتون بہ ونڊيونسين. جڏهن حيدرآباد ۾ ڪمشنر هئس ۽ حيدرآباد ڪلب جو صدر بہ هئس تہ اتي هڪ شام ساڻس منعقد ڪئي ”هڪ شاعر هڪ آواز- اياز گل ۽ صادق فقير“.

تقريب جو مُک مهمان تہ اياز گل هيو پر پنهنجي محبوب راڳي صادق فقير کي بہ دعوت ڏنم. شيخ اياز ۽ ماڊرن سنڌي غزل ڳائڻ ۾ هو خاص جڳهہ والاري چڪو هيو. صادق فقير جي بہ مون سان ذاتي اُنسيت هئي. خيرپور ۽ نوابشاهہ ۾ بہ منهنجي ڪوٺ تي ايندو رهندو هيو. حيدرآباد ڪلب جي ڪشادي لان جي خوبصورت، خوشبودار ۽ هوادار اُها شام زندگيءَ ڀر نہ وساري سگهندس. هڪ تہ جيءَ جيٽاريندڙ هوا، ٻيو باذوق ٻڌڻ وارا، صادق جو آواز ۽ اياز گل جا غزل، حاضرين ۽ ناظرين جهومي جهومي پيا هئا. اياز گل، صادق فقير ۽ امداد حسينيءَ آخر ۾ ڳالهايو. مون صادق ۽ اياز کي حيدرآباد ڪلب جي طرفان اجرڪ اوڍايا.

## مرتضي ڏاڏاهي

سنڌ جو سهڻو شاعر، جنهن ’زهر کي بہ زم زم ڪري پي ڏنو‘ جهڙو غزل لکيو. مرتضيٰ ڏاڏاهي، اهو تن ڏينهن ۾ بُڪين جي بيماريءَ ۾ اسپتال پيڙو هيو. زماني جي بي ثباتيءَ بابت ڪنهن زماني ۾ هُن هي ڪيڏي نہ سهڻي ڪافي لکي هئي:

هزارين هليا ويا چڙهي شان شاهي،
وٽي وحده هُو ڪي نہ ڪنهن جي وڏائي.

ڪٿي اڄ سڪندر، ڪٿي آهي دارا،
وڳا جن جي دهشت جا نوبت نقارا،
گڏيا گور ۾ سڀ چڙيا خاڪ ڪائي.
رهيو ڪين رستم ڪٿي سام آهي،
نہ جمشيد جڳ ۾ نڪي جام آهي،

Gul Hayat Institute

دنيا منجهه دائم نه حاتم نه طائي.
هميشه رهيا هت نه دانا دلاور،
نه عابد، نه عالم، نه عاشق نه شاعر،
نه سامي، سچل ۽ نه بيدل پٺائي.
مدامي نه ڪو مرتضيٰ يار رهندو،
نه جوڀن جواني نه جنسار رهندو،
خدا پاڪ رهندو، خدا جي خدائي.

جڏهن خير سان نوينو ٿي اسپتال مان واپس آيو ته ڏاڍي خوشي ٿي. ساٽس ڏاڍيون محفلون ٿيون. اسان جي family رليشن شپ ٿي وئي. سائين جو پٽ جاويد شاهه ۽ منهنجو پٽ انيس قادر اڄا تائين پاڻ ۾ دوست آهن. منهنجون نياٽيون ۽ سائينءَ جون نياٽيون به پاڻ ۾ ساهيڙيون آهن ۽ اڄ تائين رابطوءِ واسطو قائم آهي.

هن عمر ۾، جيڪا اٽڪل 80 سالن جي لڳ ڀڳ هوندي. اڄا تائين شاعري ڪري رهيو آهي. شهر جي علمي ادبي شامن جي جان آهي. وتايو فقير لائبرري کي به سنڀاليو ويٺو آهي.

سليم بچاڻي سنڌس علم، ادب، سماجي ۽ ذاتي زندگيءَ ۾ جوڙيوال هيو. ٻه ٽي سال ٿيندا ته دل جي عارضي ۾ الله کي پيارو ٿي سائين ڏاڍاهيءَ کي اڪيلو ڪري ويو آهي.

## ڊاڪٽر پرڏان

انساني آباديءَ ۾ ڊاڪٽر جو هجڻ غنيمت هوندو آهي. ٽنڊي الهيار ۾ ڊاڪٽر عبدالقادر ميمڻ هو جيڪو شهر جي مريضن جو مسيحا ٻڌجندوءِ اسان کي چاق و چوبند رکڻ جي ڪوشش ڪندو هيو. ٻيو هيو ڊاڪٽر پرڏان. ڊاڪٽر پرڏان بابت ڪتاب لکي سگهجن ٿا. هن پنهنجي يادگيرين بابت هڪڙو ته ڪتاب ’سون سريکيون ساروٽيون‘ جي نالي سان لکيو آهي. جڏهن ته هڪ ٻيو ڪتاب ’جيڪي مون سکيو ۽ لکيو‘ جي عنوان سان ڇپايو اٿائين. ان زماني ۾ مون کي خبر نه هئي ته هو ادب جي ڪيتر جوٻه لِکيل رستم آهي. پر اها حقيقت هئي ته ڊاڪٽر صاحب کي جڏهن به اسان جي ناچاقائي جو اطلاع ڏنو ويندو هو ته اچڻ ۾ دير ئي نه لائيندو هيو.

هن جي ڪلينڪ ٽنڊي الهيار ۾ هئي، پر رهائش ميرپورخاص ۾ هئس. جتان ڏيهاڙي اچ وڃ ڪندو هو ۽ اڄ به اهو سلسلو ائين ئي آهي. اها سُڌ مون کي تڏهن پئي، جڏهن منهنجو رابطو سنڌس سلڇڻي پٽ سپاش چندر، اي ڊي سي عمرڪوٽ سان ٿيو ۽ مون سنڌس آتم ڪٿا پڙهي. ڊاڪٽر پرڏان زال جي وڇوڙي جو ڏکويل هيو. جيڪا سنڌس



پيار هئي ۽ عين جوانيءَ ۾ سپاش جي ڄمر ڪان پوءِ ڪيس وڇوڙي جو داغ ڏئي راهه رباني وٺي هلي وئي. پرڏان ٻي شادي نه ڪئي. پٽ ۽ زال جي پيار ۾ باقي زندگي گذاري ڇيو. هي خاموش ورڪر به اسان سان وتائي فقيرجي سيمينار ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي ويٺو.

ڊاڪٽر پرڏان جي پٽ سپاش چندر به پنهنجو پاڻ ملهايو آهي ۽ پيءُ جا ٽڪ لاٿا آهن. هاڻي ڊپٽي ڪمشنر گريڊ BS-18 ۾ آهي ۽ عمرڪوٽ جو اي ڊي سي (ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر) ۽ عقلمند آفيسر آهي. سڄي ضلعي کي سنڀاليو ويٺو آهي. شادي به ڊاڪٽر پرڏان سٺي خاندان مان ڪرائي اٿس ۽ هاڻي اهل و عيال وارو آهي.

## وتايو فقير

لوڪ ڏاهپ جي دنيا ۾ وتايو فقير جو اهڙو ڪردار آهي، جنهن جو ذڪر يا صرف نالو ئي ٻڌجي ٿو ته چپن تي مُرڪ اچيو وڃي. مون هوش سنڀاليو ته ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان گهر ۾، ٻاهر، اسڪول ۽ يارن دوستن ۾ سنڌس ذڪر ٿيندو ۽ ٻڌندو پئي رهيس. ڪجهه وڏيڪ سمجهه آئي، ۽ لکڻ پڙهڻ سان چاهه وڌڻ لڳو ته وتائي فقير تي ڪو ڪتاب نظر ئي نه آيو سواءِ چند ٽوٽڪن وارين چوپڙين جي. جن کي ڪل پوڳ يا چرچن ۽ ٽوٽڪن جون چوپڙيون چيو ويندو هيو. ڪي ڳالهيون ته واقعي وتائي فقير جون چيل هيون، جن کي هٿرادو چرچن سان جوڙي سنڌس ڳالهين سان گڏايو ويو. جيئن شاهه سائين جو بيتن ۾ ٻين بيتن جي ملاوٽ ڪئي وڃي ٿي. ساڳيو حشر نشر فقير جي نصيحت ڀريل نقطن سان به ڪيو ويو. ضرورت ان ڳالهه جي هئي ته اديب عالم ان ڳالهه تي به ريسرچ ڪن ۽ انهن مان وتائي فقير جا نقطا ڪڍي، چونڊي ڌار ڪن.

مان سوچيندو رهيس ته هي فقير ڪٿي جو هيو. سنڌس قبر ڪٿي، ۽ هُو ڪهڙي دؤر ۾ هيو. هندو هيو يا مسلمان. پر انهن سڀني ڳالهين جي باوجود هو جيڪا به ڳالهه ڪري ويو آهي، اسان سڀني جي دل وٺان ئي آهي. هو وڏو صوفي هيو پر ڪيس نه مسلمان سڃاڻي سگهيا ۽ نه هندو. ان جهڙا سيڪيولر ته ڪارل مارڪس، لينن، ڪامريڊ ڄام ساقي يا سنڌس پٽ سارنگ به نه هوندا.

يادگيري اٿم ته 1979ع ڌاري ڪپري ضلعي سانگهڙ ۾ منهنجي پوسٽنگ هئي. تڏهن ڪنهن ڪم ڪار سانگي حيدرآباد پئي ويس. ٽنڊي الهيار ٽپي اڳتي آياسون ته اتي ٻن بورڊن تي نظر پئي. هڪ شيخ لوهيٽو ۽ ٻيو وتايو فقير اسٽاپ. مون گاڏي بيهارائي. منهنجي دل خوشيءَ ۾ ٽپا ڏيڻ لڳي. اندر مان آواز آيو ”ملي ويو ملي ويو، وتايو فقير ملي ويو.“ مون ڊرائيور کي گاڏي رورس ڪرڻ لاءِ چيو. جڏهن گاڏي بورڊ وٽ پهتي ته مون کي اتي ڪجهه مسافر نظر آيا. انهن ٻڌايو ته هن جڳهه کي قبو بس اسٽينڊ سڏيندا آهن.

Gul Hayat Institute

جڏهن ڪائنن وتائي جي خبر پڇي ته هڪڙي رستي ڏانهن اشارو ڪري ٻڌايائون ته ”هن طرف“ وڃو. ڊرائيور گاڏي ڪچي رستي تي وڌي، اڌ ميل کن اڳتي هلي ته شيخ جي مزار ۽ قبو نظر آيو ان جي اتر ۾ وتائي فقير جي به ڪچي قبر نظر آئي، جنهن تي ڪنهن ڏاهي ماڻهوءَ هي قول لکي ڇڏيو هو:

”جيئن توهان اڄ آهيو تيئن مان ڪلهه هوس.
توهان سڀاڻي ايئن هوندا، جيئن اڄ مان آهيان.“

ڪيڏو نه ٺهڪندڙ پيغام هيو اهو وتائي فقير جي گفتن سان. ٿي سگهي ٿو ته اهو قول به وتائي فقير جو ئي هجي. ڪجهه بنيادي خبرچار ماڻهن کان ورتي ته شيخ لوهيڙو وتائي فقير جو مرشد هيو ۽ هي درگاهه ان جي آهي. وتايو به اتي ميدان ۾ پوريل آهي.

وتائي فقير کي سلام ڪري مان حيدرآباد لاءِ روانو ٿي ويس. گاڏي جي رفتار کان وڌيڪ منهنجي سوچن جي رفتار هئي. فقير صاحب هِتي سُتو پيو آهي! ۽ دنيا کي خبر ئي ڪانهي ته وتايو فقير ڪير ۽ سندس ائڊريس ڪهڙي؟ مون پڪو پهه ڪيو ته موقعو مليو ته ڪيس دنيا سان متعارف ڪرائبو. سندس ائڊريس ٻڌائبي.

اسان ڪيڏا نه بي حس آهيون، ملان نصير الدين، ملا دو پيازو، شيخ چلي، بهلول دانا ۽ ٻين اهڙن درويشن جا قصا ڪهاڻيون ڪتابن ۾ شامل ڪيون ۽ پڙهون ٿا، پر ڪنهن کي به هن وقت تائين اها توفيق نه ٿي ته وتايي فقير کي به نصاب ۾ جڳهه ونرائي ڏيون. هن غير سهپ واري دؤر ۾ ضرورت به ته ان ڳالهه جي آهي ته وتائي جهڙن صوفين جي گفتن مان سبق حاصل ڪريون.

ڪپري کان بدلي ٿي گهاري آيس. گهاري ۾ به ٽي سال گهاري، هاڻي ٽنڊو الهيار ۾ اچي وارد ٿيو هئس. هتي شايد ان لاءِ به آيو هوس ته پنهنجي خوابن کي ساڀيان ڪريان ۽ وتائي فقير لاءِ ڪيل وعدي کي وفا ڪري ڏيکاريان. جيڪڏهن ٻي دنيا کي نه، ته گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي ڏيهه واسين کي ته ٻڌايان ته وتايو ڪٿان جو هو ڪٿي رهيو ۽ هاڻي سندس مڙهه مقام ڪٿي آهي؟

اهو سڀ سوچي پنهنجي هم خيال دوستن کي ۽ انتظامي آفيسرن کي گڏ ڪري هڪ ابتدائي گڏجاڻي ڪيم. جنهن ۾ ٽنڊي الهيار جا چونڊيل نمائندا ۽ اديب، فنڪار ۽ آفيسر گڏ ڪياسون. جنهن ۾ پروگرام جي مول متن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي سين. اهڙين ڪجهه گڏجاڻين بعد وتايو فقير ڪانفرنس جا خد وخال واضح ٿيندا ويا.

## وتايو فقير سيمينار

طئي اهو ٿيو ته 15 مئي 1985ع تي درويش جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهڻ سان



تقريبات جي شروعات ڪئي وڃي ۽ رات جو ’قبا اسٽينڊ‘ تي ميوزڪ جي محفل سان اها محفل پڄاڻيءَ تي پهچائجي.

پروگرام مطابق طئي ٿيل ڏينهن تي ساڍي ائين وڳي وتائي فقير جي مزار تي گلن جون چادرون کڻي پهتاسون. شفيق الرحمان پراچه، ڊپ سي حيدرآباد جي رهنمائيءَ ۾ قبرستان جي ٻاهران ڪنهن اسان جي ورڪر ’خوش آمديد‘ لکي ڇڏيو هيو. پراچه صاحب جهڙي ذهين آفيسر ان کي نوٽ ڪيو ۽ پوءِ سيمينار ۾ اڄ تائين جڏهن موقعو ملندو اٿس ته اهو ياد ڏياريندو آهي ته مون قبرستان جي ٻاهران خوش آمديد لکي ڇڏيو هيو.

چادر چاڙهڻ کان پوءِ اريگيشن ريسٽ هائوس جي ميدان تي پنڊال لڳائي مقالن جي نشست جي شروعات ڪئي سون. پهرين نشست جو خاص مهمان مقامي اديب ولي محمد طاهرزادو صاحب هيو ۽ وتايي ثاني علي احمد بروهي صاحب صدارت ڪئي. مانجهاندي کان پوءِ ٻي نشست سنڌ يونيورسٽيءَ جي آرٽس فيڪلٽيءَ جي ڊين ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي صدارت ۾ ٿي. خاص مهمان محترمه ڊاڪٽر قمر واحد هئي. جنهن جو ڳوٺ به ٽنڊي الهيار جي پرسان نصرپور آهي.

ان موقعي تي وتائي فقير تي لکيل مقالن کي ڪتابي شڪل ڏئي. بروهي صاحب کان افتتاح ڪرايو ويو. آخري نشست، موسيقيءَ جي هئي. جنهن جي صدارت ڪمشنر حيدرآباد محترم علي محمد شيخ صاحب ڪئي.

وتائي فقير تي جيڪي مقالا پڙهيا ويا. انهن سندس شخصيت جا انيڪ پهلو ظاهر ڪيا. اهي سڀ مقالا پوءِ ڪتابي شڪل ۾ ڇپيا، جن اسان جي ڪانفرنس سڏائڻ واري ڪارج کي بامقصد بنايو.

ان ڪتاب جا ٽي ڇاپا اچي چڪا آهن. آخري ايڊيشن روشني پبليڪيشن پاران شايع ٿيو آهي. جنهن ۾ وتائي فقير تي جيڪي مقالا پوءِ لکيا ويا، انهن کي به شامل ڪيو ويو. ٻيو ايڊيشن سنڌ جي مشهور اداري سنڌيڪا ڇپيو هيو. جيڪو پڻ ڪارائتو هيو.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته وتائي فقير تي ميلو مچندو رهي. اهو ڪم ڪلچر کاتي جو آهي. ڪين گذارش آهي ته پنهنجي علائقي جي بزرگن کي ياد رکڻ لاءِ وقت به وقت هو اهڙا سيمينار ڪرائيندا رهن.

هڪ دفعي عبدالحميد آخوند صاحب سان ڪمشنر حيدرآباد جناب اسلم سنجراڻيءَ جي آفيس ۾ ملاقات ٿي. حميد آخوند صاحب سنڌ جي ثقافتي دنيا جو ليجنڊ آهي. سندس خدمتون سنڌ ڪڏهن نه وساري سگهندي. خاص طور ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ۽ شاهه لطيف جي رسالي ۽ پيغام کي دنيا ۾ عام ڪرڻ جي سلسلي ۾ سندس بي

Gul Hayat Institute

مثال خدمتون آهن. آخوند صاحب، ان موقعي تي سنجراڻي صاحب کي مخاطب ٿيندي چيو تہ مون سوچيو تہ ”وتائي فقير“ تي ڪانفرنس ڪندس، پر منگي صاحب سيمينار ڪرائي ڇڏيو ۽ مون کان گوءِ کٽي ويو. سندس اهي رمارڪس منهنجي لاءِ وڏو اعزاز هو. انهي ئي دور ۾ سفرناما لکندڙ سنڌ جي عاشق ۽ سيلاني الطاف شيخ، ملائيشيا مان خط لکي منهنجي پُٺي ٺپي ۽ شاباس ڏني.

ان کان پوءِ ڪيترن، بلڪ گهڻن اديبن وتائي فقير تي پنهنجي زور آزمائي ڪئي ۽ ڪجهہ نہ ڪجهہ لکيو پئي آهي. سندن لکيل اهي ڪيترائي مضمون ٽئين ايڊيشن ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

مان ڪوشش ڪندس تہ ان سلسلي کي ختم ڪرڻ نہ ڏجي ۽ هر سال نون واڌارن سان هڪ ڪتاب وتائي فقير تي مارڪيٽ ۾ ضرور موجود هجي. مان تہ سنڌ گورنمينٽ کي بہ گذارش ڪندس تہ وتائي فقير تي گهٽ ۾ گهٽ هڪ سبق چوٿين ڪلاس، هڪ سبق اٺين ڪلاس ۽ هڪ سبق 11 ڪلاس جي نصاب ۾ شامل ڪيو وڃي.

سنڌ يونيورسٽي، سنڌ مدرسة الاسلام يونيورسٽي ۽ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور پنهنجي سنڌيءَ جي B.A./ M.A. جي ڪورس لاءِ محققن شاگردن کان وتائي فقير جي موضوع تي مونوگراف ۽ پي ايڇ ڊي جا مقالا لکرائين. هيءُ سندن لاءِ بہ اعزاز هوندو. سنڌ جي سجاڻ شخصيت کي مانُ ڏجي ۽ انهن کي عام ماڻهو سان روشناس ڪرائجي. جنهن سان اسان جي ايندڙ نسلن کي سهپ ۽ رواداريءَ جو درس ملي سگهي ٿو.

وتائي فقير لاءِ ڪيتريون ئي روايتون مشهور آهن. ڪي چون ٿا تہ هندو هيو، پوءِ مسلمان ٿيو. ڪن جو وري خيال آهي تہ اصل ۾ وتايو فقير مسلمان هيو. بدين جي آس پاس جو هيو. ڪجهہ عرصو عمرڪوٽ ۾ رهيو ۽ سندس مڱڻو بہ کتي خاندان ۾ ٿيو. پر مائيءَ جي خاندان سندس چرياڻپ جي ڳالهين کان بيزار ٿي مائيءَ جو مڱڻو ٽوڙي ڇڏيو. سندس دل تہ اٽڪيل هئي، سو اڪثر عمرڪوٽ ڏانهن وارو ڦيرو ڪندو رهندو هيو. نصرپور ۾ بہ رهيو پر اتان بہ ڪيس ڳوٺ نيڪالي ملي.

چون ٿا تہ شاهہ لطيف جو همعصر هيو ۽ ڪانئن عمر ۾ وڏو هيو يعني شاهہ لطيف، وتائي جي زندگيءَ ۾ جائو ۽ وتايو فقير، شاهہ لطيف جي زندگيءَ ۾ گذاري ويو. سنڌ ۾ اهو ڪلهوڙن جو دور هيو. ان دور ۾ سنڌ اندر بيا بہ ڪيئي وڏا وڏا صوفي ۽ شاعر پيدا ٿيا، جن مان هر هڪ جو پنهنجو پنهنجو مقام آهي.

## ريفرينڊم - 1984

تنبدي الهيار جي نوڪري (جون 1984 کان جون 1986) جي زماني جي وڏن واقعن مان



ضياءَ جي دور جو ريفرينڊم (1984) ۽ جنرل اليڪشن (1985ع) ڏاڍا اهم event هئا. هن اليڪشن ۾ پ پ پ پنهنجي سياسي حياتيءَ جي وڏي ۾ وڏي غلطي اها ڪئي، جو هنن اليڪشن جو بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو. جنهن جو ڪفارو کين 2008ع تائين ڀوڳڻو پيو. جنهن بعد 2008ع ۾ مس مس وڃي سندن غلطيءَ جو ازالو ٿيو ۽ لڳاتار ٽيون پيرو پيپلز پارٽيءَ مان سينيٽ جو چيئرمين ٿيو. رضا رباني حقيقت ۾ سينيٽ ۾ پنهنجي ميرٽ تي چيئرمين ٿيو آهي. پ پ جي هينئر اڪثريت نہ هئي، پر رضا رباني سخت گير قسم جو ڊيموڪريٽ ثابت ٿيو. جنهن جمهوريت سان واڳيل هجڻ جي ڪري ڪيترائي ڀيرا پنهنجي ئي پارٽيءَ سان اختلافن سبب استعيفا بہ ڏني. موجوده صورتحال ۾ رضا ربانيءَ کان وڌيڪ Daing نہ پ پ پ وٽ ڪو ليڊر آهي، نہ نواز ليگ وٽ.

ان وقت وڏو تماشو تہ جنرل ضياءَ الحق جو ريفرنڊم وارو هيو. اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون ۽ آخري ريفرنڊم ڏٺو جنهن جي ڳالهہ ئي کهڙي ڪجي. هي ريفرينڊم ان ڳالهہ تي ٿيو تہ ”ڇا توهان پاڪستان ۾ اسلامي نظام چاهيو ٿا؟ جيڪڏهن توهان جو ووٽ ’ها‘ ۾ آهي تہ معنيٰ توهان جنرل ضياءَ الحق کي پنجن سالن لاءِ صدر چونڊي ڇڏيو.“

ان تي بہ اٿين ٿيو جو سوال هڪ، جواب بيو ۽ نتيجو ٽيون. مطلب تہ جنرل صاحب عوام کان مينڊيٽ ڪَسي ورتو ۽ هڪ عجيب و غريب ريفرينڊم جي آڌار تي پنجن سالن لاءِ پاڻ کي ملڪ جو صدر صاحب چونڊائي ورتو.

1983ع واري ايم آر ڊي تحريڪ اُڀري. جنهن ۾ سنڌ، ٽي مهينا لڳاتار باهہ ۾ ٻرندي رهي ۽ هر طرف پيڙ پٽڪندا رهيا، جنهن جي نتيجي ۾ ضياءَ الحق اليڪشن جو اعلان ڪيو. پر ساڳئي وقت اليڪشن کان اڳ ۾ پنهنجا پير بہ پختا ڪرڻ شروع ڪيا. هن پاڻ وٽ صدر ۽ مارشل لا جا پاور رکڻ سان گڏوگڏ آرميءَ جو سپہ سالار رهڻ بہ پسند پئي ڪيو. هن کي پڪ هئي تہ جيڪڏهن آرميءَ تان هُن هٿ ڪنيو تہ ساري راند سندس هٿن مان نڪري ويندي سندس ڪرايل ريفرينڊم تي پاڪستان ۾ تہ تنقيد ٿي، پر پوري دنيا جي جمهوري ادارن بہ ان تي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي ۽ ننديو پر ضياءَ بادشاهہ کي ڪنهن بہ ڳالهہ جي نہ پرواهہ هئي، نہ ڳڻتي.

انتظاميا تہ انهن ڪمن ۾ پنهنجا هٿ ڪارا ڪندي ئي آهي، پر ان سان آرمي بہ ڏني وائي ٿي.

جڏهن ريفرينڊم جو نتيجو آيو تہ عوام 60% کان وڌيڪ اسلامي نظام کي ووٽ ڏنو هيو جنهن جي نتيجي ۾ جنرل صاحب صدر چونڊجي ويو. صدر صاحب جي سيٽ مستحڪم ٿي وئي. پوءِ جنرل اليڪشن جي تياري ڪئي وئي. ماڻهن جا ۽ خاص طور سياسي پارٽين جا خدشا هئا تہ صدر صاحب جيئن ريفرينڊم ”Free & Fair“ ڪرايو

Gul Hayat Institute

آهي. هُو جنرل اليڪشن بہ ائين ئي ڪرائيندو: "Free and Fair".

## جنرل اليڪشن _1985

اليڪشن جي سرگرمي 1984ع جي آخر ۽ 1985ع جي شروعات ۾ شروع ٿي. پاليسي آرڊر ۾ ضياءَ الحق اها پابندي لڳائي تہ ڪا بہ سياسي پارٽي اليڪشن ۾ حصو نہ وٺندي، نہ اليڪشن ۾ ڪنهن اميدوار جي مدد ڪندي. جيڪڏهن ڪنهن اميدوار سياسي پارٽيءَ جي مدد قبول ڪئي تہ اهو اليڪشن ۾ Contest ڪرڻ لاءِ نااهل قرار ڏنو ويندو. چوجو اليڪشن Non-Party Basis تي ڪرايون پئي ويون.

ٽنڊي الهيار تعلقي کي ايم اين اي جي ٻن سيٽن لاءِ ٽنڊي محمد خان ۽ حيدرآباد تعلقي سان ڳنڍيو ويو. پر MPA جي ٻنهي سيٽن لاءِ ٽنڊي الهيار جي AC/ SDM کي (R.O) Returning Officer مقرر ڪيو ويو.

ايم. پي. اي لاءِ بہ سيٽون هيون. هڪ چمبڙ طرف ۽ ٻي ٽنڊي الهيار ۽ جهنڊي مريءَ لاءِ. مقرر تاريخ تي فارم ڀرجڻ شروع ٿي ويا. عبدالغني درس، جنهن ڪمند جي قيمت ۽ ان جي حل لاءِ وڏو رول ادا ڪيو هيو ۽ مڊل ڪلاس جي آبادگارن ۽ عام ماڻهن ۾ مقبول ٿي ويو هيو. منهنجي آفيس ۾ آيو. چيومانس تون بہ فارم ڀر. هن انڪار ڪيو. چيائين مان غريب ماڻهو پيرن، ميرن ۽ وڏيرن جي وچ ۾ پيسجي ويندس. منهنجي اصرار تي هو فارم وٺي ويو ۽ وڃي ڀريائين. فارم تہ ڪيترن ئي اميدوارن ڀريو هيو پر ميدان ۾ وڃي ٽي Serious اميدوار بچيا. هڪ جهنڊي مريءَ جي پاسي جو مير علي مراد خان، ٻيو نصرپور واري سيد مصري شاهہ امام جي درگاهہ جو گادي نشين سيد مريد علي شاهہ ۽ ٽيون هي صاحب عبدالغني درس. جيڪو پڙهيل لکيل نوجوان ۽ وچولي ڪلاس جو زميندار هيو. هن انجنيئرنگ ڪاليج مان B.E ڪئي هئي ۽ پنهنجي زمينن جي سار سنڀال کي لڳل هيو.

چمبڙ پاسي سيريس اميدوار مير محمد ڪوڪر (غلام حسين ڪوڪر جو پٽ ۽ خير محمد ڪوڪر جو ڀاءُ) هيو. ٻيو رئيس نصير خان منڊواڻي، جيڪو زميندار ۽ پراڻو سياسي جيوڙو هيو. ٽيون ولي محمد ولهاري، هو بہ درويش ماڻهو ۽ پيري مريديءَ وارو ۽ زميندار ي ڪندو هيو. ٽنهي ۾ زميندار ۽ پڙهيل ڳڙهيل هئڻ ڪري مير محمد ڪوڪر جي پوزيشن بهتر ڀڌائي پئي وئي، پر مير محمد جو عوام سان سڌو رابطو ڪونہ هيو. خير محمد ڪوڪر ۽ سندس وڏو ڀاءُ ماڻهن ۾ مقبول هيو. مير محمد ڪوڪر اسان جي پياري ساٿي سبحان ميمڻ جو دوست هيو. سبحان ميمڻ گهاري ۾ منهنجي تربيت هيٺ رهيو هو. پيارو انسان، يارن جو يار آهي. خدا کيس خوش رکي.



اليڪشن ويجهي ايندي وئي. ڪاغذ جاچيندي منهنجي نظر وڃي سيد مريد علي شاهہ جي نامينيشن فارمن تي پئي. رولز موجب فارم ڀرڻ وقت اميدوارن جي گهٽ ۾ گهٽ عمر 25 سال هئڻ گهربي هئي. مون کي سيد مريد علي شاهہ جي عمر ۾ شڪ پيو. حساب ڪيم تہ سندس عمر 25 سالن کان ڪجهہ ڏينهن گهٽ هئي. اليڪشن کٽڻ جي کيس وڏي پڪ هئي. سائين پورل شاهہ پ پ پ جو متحرڪ اڳواڻ سندس مدد ڪري رهيو هيو. جيڪو سندس ويجهو مائٽ بہ هيو. مريد علي شاهہ پاڻ بہ وڏي گاديءَ جو مالڪ هيو ۽ وڏي اثر رسوخ وارو هيو. مان پريشان ٿي ويس تہ هاڻي مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي. ڪنهن بہ اميدوار سندس عمر تي اعتراض ڪونہ واريو هيو. رولز ۾ ڪٿي بہ مون کي نظر نہ آيو تہ هڪ دفعو فارم بحال ڪري پيهر رد ڪري سگهجي ٿو. Ballet Paper ڇپجي چڪا هئا. جيڪڏهن سندس فارم هرويرو بہ رد ٿي ڪيم تہ ممڪن هيو تہ ان سيٽ جي اليڪشن ئي رد ٿي وڃي. معنيٰ پيهر اليڪشن! مون خاموشي اختيار ڪئي ۽ قصي کي جيئن جو تيئن هلڻ ڏنو.

مير محمد مراد خان ٽالپور بہ اثر رسوخ وارو ماڻهو هيو. سندس Image علائقي ۾ ڏاڍي مڙس وارو هيو. ٽنهن ڪري شهر جو مڊل ڪلاس ۽ پڙهيل ڳڙهيل طبقو ڪانئس پرڀرو هيو. شهر جي مهاجر برادري پڻ ڪانئس پري هئي. باقي مڪراني ۽ بلوچ برادريءَ جي کيس مدد حاصل هئي. ٽيون اميدوار عبدالغني درس، سيني ۾ ڪمزور نظر پئي آيو. هن کي شهر جي قائمخاني، خانزاده ۽ رانگڙ برادرين جا ووٽ ملڻا هئا. سندس مقبوليت مڊل ڪلاس جي ماڻهن ۾ هئي. هن نوجوان محنت ڏاڍي ڪئي. چمبڙ طرف بہ عجيب صورتحال هئي، پر مير محمد ڪوڪر کي حوالن سبب وڏيڪ مضبوط اميدوار پئي لڳو.

ايم اين اي جي ٻنهي ورهايل سيٽن تي هڪ طرف حيدرآباد + ٽنڊوالهيار سيٽ تي مير علي احمد خان ٽالپور بيٺو ۽ سندس مخالفت ۾ قاضي عبدالمجيد عابد صاحب هئو. مير صاحب فيڊرل گورنمينٽ ۾ بچاءُ جو وزير هيو ۽ قاضي صاحب وري صوبائي حڪومت ۾ روڊز ۽ بلڊنگ جو وزير.

ٽنڊي محمد خان واري سيٽ تي مير عنايت علي خان ٽالپر، مير اعجاز علي خان ٽالپور جو پٽ بيٺو. سندس مقابلي ۾ مير صاحب فئمليءَ مان ئي ڪو اميدوار بيٺو. پر مير عنايت جو پاسو ڀاري هيو. پي پيءَ جي خاموش مدد قاضي عابد صاحب کي هئي. مير صاحب Defence جو وزير هيو. پ پ پ وارا کيس تارا مسيح ڪوٺيندا هئا. تارا مسيح اهو شخص هيو جنهن Lever دٻائي، ڀُٽي شهيد کي ڦاهيءَ تي لٽڪايو. اهو نالو حقيقت توڙي علامت طور بہ سنڌين لاءِ قابل نفرت هيو ۽ اڃا تائين بہ آهي.

پير تي ڏونڪو وڳو ۽ اليڪشن جي ڌمال شروع ٿي. 28 فيبروري 1985ع تي

Gul Hayat Institute

اليڪشن جي تياري ٿي. ورڪ زور شور سان شروع ٿيو. چوڻ لڳا ته وڏ ۾ وڏ تَف اليڪشن ٽنڊوالهيار + حيدرآباد تڪ ۾ مير علي احمد خان ٽالپور ۽ قاضي عابد جي وچ ۾ ٿيندي. شڪ هئو ته متان خون خرابو به ٿئي. هڪ ڪي صوبائي گورنر جناب جنرل جهانداد خان جي آشيرواد حاصل هئي، ته ٻئي ڪي خود جنرل صاحب جي ٽيڪ. پر اليڪشن جي سلسلي ۾ Posture اهو ڏنو پئي ويو ته چونڊن ۾ گورنمينٽ Neutral آهي. معنيٰ هي ٻيئي سرڪاري ڌر جا اميدوار هئا. جيڪو جِيتي اُهو به سرڪاري، جيڪو هاري، اهو به سرڪاري.

سياسي پارٽيون ته پنهنجا هٿ مٿي ڪٽي پري ويهي رهيون. هاڻي راند هئي نان پارٽي اميدوارن وچ ۾ ته ميدان ۾ لهن ۽ پاڻ ملهائين. سنڌ ۾ پ پ پ جو وڏو ڏاڪو هيو. انهن به ڪنهن ڌر ۽ پارٽيءَ جي مدد نه ڪئي. باقي مقامي سطح تي ڌرين ۽ پارٽين ضرور مدد ڪئي.

## فوجين قاضي سمير اڪبر کي گرفتار ڪري ورتو

ٽنڊي الهيار ۾ پ پ پ جي مقامي ڌرين ته گوڏا ٻڌي مير جي مخالفت ڪئي ۽ قاضي صاحب کي ڪٽائڻ جا جتن ڪرڻ لڳا. سڄو تماشو اسان جي اکين جي آڏو هيو. هڪ ڏينهن ٽنڊي الهيار ۾ مقرر بريگيڊيئر صاحب جو فون آيو. چيائين ته تون ۽ ڊي ايس پي جلد ريسٽ هائوس تي پهچو. جنهن سبب يا مسئلي جي ڪري اُتي گهرايائين پئي، ان جي مون کي اڳ ۾ ئي ڪڙڪ پئجي وئي.

ٻئي پاسي شهر ۾ اها ڳالهه هُلي پئي ته قاضي عابد صاحب جي هڪ گاڏي آرميءَ وارا پڪڙي ڊرائيور سوڌي ريسٽ هائوس تي وٺي آيا آهن. گاڏي ڪاهي ايندڙ به ڪو اهم ماڻهو هيو.

پوءِ خبر پئي ته ان گاڏيءَ ۾ نوٽن جون پيٽيون هيون، جيڪي ورڪرن ۾ ورهائڻ لاءِ آنديون ويون هيون. ٻِيو اهو به پتو پيو ته ان گاڏيءَ جي ڊگيءَ ۾ مير علي احمد خان ٽالپر جون قابل اعتراض تصويرون آهن. جيڪي ٽنڊي الهيار ۾ ورهائڻ ۽ پوسٽر ڪري لڳائڻ لاءِ آنديون ويون آهن. اهو جهليل ماڻهو ڪو ٻيو نه، پر قاضي عابد صاحب جو ڀائٽيو قاضي اڪبر صاحب جو پٽ سعيد اڪبر هيو.

مان ۽ جهان شاهه ڊي ايس پي ٽنڊوالهيار ريسٽ هائوس تي پهتاسون. برگيڊيئر عثمان صاحب ريسٽ هائوس ۾ ويچينيءَ سان انتظار ڪري رهيو هيو. جڻ ڪنهن وڏي حملي جي تياريءَ ۾ هجي. مون کي چيائين ته قاضي عابد صاحب اليڪشن ۾ وڏي حرڪت ڪئي آهي. پوءِ سڄو قصو ٻڌايائين ته مير صاحب جي ٽنڊي الهيار جي هڪ



اهم ورڪر شڪايت ڪئي ته قاضي عابد صاحب جو ڀائٽيو مير صاحب جون اعتراض واريون تصويرون ڪٽي ٽنڊي الهيار ۾ ورهائي ڪيس بدنام ڪرڻ جي مذموم ڪوشش ڪرڻ وارو هيو. قاضي سعيد صاحب سان اها حالت ڪيائيون، جڻ ڪو جنگي قيدي هجي. پاڻ به اُس ۾ وڻ جي هيٺان بينڇ تي سندس گاڏي به. الائي گهڻن ڪلاڪن کان هو اهڙيءَ حالت ۾ هيو.

مون برگيڊيئر صاحب کان نشاندهي ڪندڙ ماڻهوءَ جو پڇيو. اهو گمنام ماڻهو هيو. جنهن جي ڪا به Credibility ڪو نه هئي.

برگيڊيئر صاحب ٿرل (Thrill) ۾ اچي ڪار پڪڙائي هئي. هن کي سوَ سيڪڙو پڪ هئي ته ان ۾ فحش فوٽو آهن. جي او سي حيدرآباد کي به ٻڌائي چڪاهئين، پر Action کڻڻ جي ذميداري مٿس هئي، جنهن جا به ڪيس ئي نتيجا ڀوڳڻا پون ها.

مون کيس چيو. "ان ڳالهه جي هر رخ تي سوچيو. اسان کي ته ڪو مسئلو ڪونهي. ذميداري توهان جي ئي ٿيندي، جو Career officer اوهان ئي آهيو. پروموشن لاءِ جنرل جي ڏاڪي تي بيٺا آهيو. جيڪڏهن توهان سرچ ٿا وٺو ۽ ڪجهه به نه ٿو نڪري، ته سڄو ملبو توهان تي ڪِرندو. گورنر به سٽنگ جنرل آهي ۽ President به آرميءَ جو چيف آهي. پريس توهان جي خلاف شروع ٿيندي. اسان کي اختيار نه آهي ته چونڊن جي Free & Fair پراسيس ۾ دخل اندازي ڪريون. جيڪڏهن تصويرون نڪتيون ته توهان کي پروفيشنلي ڪو به فائدو نه ٿيندو. پر جي ڪجهه نه نڪتو ته توهان جو ڪيريئر اتي ئي ختم ٿي ويندو. هاڻي فيصلو توهان جي هٿ وس آهي. بهتر اهو آهي ته ناڪاميءَ جي حالت ۾ جيڪڏهن جي او سي ذميداري کڻي ته توهان لاءِ بهتر ٿيندو." هو ٻئي ڪمري ۾ ويو. ڏهن منٽن کان پوءِ موٽيو ته مون کيس Relaxed ڏٺو. چيائين ته "جنرل صاحب ته ذميداري نه ٿو کڻي ۽ مون به فيصلو ڪيو آهي ته گاڏيءَ جي تلاشي نه وٺبي. پر هاڻي گاڏي ۽ قاضيءَ صاحب مان جان ڪيئن ڇڏايان." اهو ذمو مون کنيو. چيومانس ته "قاضي صاحب کي پر واري ڪمري ۾ ويهاري چانهن پياريو ۽ Relax ڪيو." ايئن ٿيو. قاضي صاحب ڪجهه ڪجهه آپي ۾ آيو. ان تبديليءَ تي به خوش ٿيو. پوءِ کيس main ڪمري ۾ گهرايو ويو. داخل ٿيڻ سان مان اٿي ساڻس هٿ ملائيو. پوءِ برگيڊيئر ۽ ڊي ايس پي به اٿي ساڻس مليا ۽ خير خيريت پڇي. قاضي صاحب حيران ۽ پريشان ٿيو.

مون کيس چيو ته "توهان کي امن امان جي صورتحال discuss ڪرڻ لاءِ گهرايو ويو آهي. توهان کي ڪو مسئلو ته ڪونهي." پوءِ ساڳي ڳالهه Commander صاحب ڪئي. ڪجهه گپ شپ کان پوءِ کيس خدا حافظ چئي موڪلايو. مان کيس ڪار تائين ڇڏڻ

Gul Hayat Institute

ويس ۽ ڪيس چيو ته ”توهان جي گاڏيءَ ۾ جيڪو ڪجهه آهي اهو غرق ڪري ڇڏيو ڄڻ ڪجهه آهي ئي ڪونه.“ قاضي صاحب روانو ٿي ويو.

مون کي اڃا حسرت آهي ته ڇا ان ڪار ۾ واقعي مير صاحب جا فوٽا هئا. پر جي اهڙا فوٽا هئا ته اهي ڇٽ پٽا فوٽو ڏسڻ کان اسين محروم رهجي وياسين. سائين جهان شاهه ڊي ايس پي جيڪو منهنجو لاڙڪاڻي جو دوست به هيو اهو به ڪڏهن ڪڏهن چوندو رهندو هو ته سائين گهٽ ۾ گهٽ فوٽو ڏسجن ته ها.

ڌرين ۾ Tension وڌندو پئي ويو. جيڪو صوبائي اسيمبليءَ جي اليڪشن ۾ گهٽ، پر مير صاحب ۽ قاضي صاحب جي مقابلي ۾ ڏاڍو گهڻو ڏٺو پئي ويو. اليڪشن کان اڳ ۾ آخري ميٽنگ ڪمشنر حيدرآباد علي محمد شيخ صاحب سڏائي. سڄي ڊويزن جا ڊي سي، ايس پي، ڊي آءِ جي ۽ ايس ڊي ايم سڏايا ويا. ڪمشنر صاحب ميٽنگ کي ختم ڪرڻ کان اڳ ۾ مون ڏي اشارو ڪري چيو ته سڄي ڊويزن ۾ وڏي ۾ وڏي لا اينڊ آرڊر جي Situation ٽنڊي الهيار ۾ ٿي نظر اچي. ڪو به ايڪشن کڻو پر ڏسجو ڪو ماڻهو مري نه.

”انشاءَالله نه مرندو، پر ڌرين توهان وٽ شڪايتي اچن ته انهن کي اوهان سنڀالجو.“ مون کي آٿت ڏنائون ته ”ان جو فڪر نه ڪر“.

مون اچي سڀني اميدوارن سان هڪ گڏيل ميٽنگ ڪئي ۽ کين Code of conduct تي هلڻ جي هدايت ڪئي. مٿن اهو به واضح ڪيو ته سب ڊويزن انتظاميه وٽ ان معاملي ۾ zero tolarence آهي. ڪنهن به ٿوري حرڪت تي ته انتظاميه به حرڪت ۾ اچي ويندي مختيارڪار ۽ صوبيدار به ان ميٽنگ ۾ ويٺا هئا. انهن منهنجي لفظن تي هاڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻيو. ڄڻ چوندا هجن ته بس اسان مان هٿ ڪڍو. اميدوار هڪ ٻئي کي ڏسڻ لڳا.

## قاضي عابد ناراض

ٻن ڏينهن کان پوءِ ڪمشنر صاحب جو رات جو هڪ بجي فون آيو. چيائين ته ”قاضي عابد شڪايت ٿو ڪري ته سندس ماڻهن کي انتظاميا طرفان تنگ ٿو ڪيو وڃي.“ مون ڪيس سندس واعدو ياد ڏياريو. چيائين ”ٺيڪ آهي“ ۽ ائين ئي فون بند ڪري ڇڏيائين.

مون کي اطلاع مليو ته شهر جي عورتن جي پولنگ اسٽيشن تي بيگم ڊاڪٽر امينه اشرف (جيڪا قاضي اڪبر صاحب جي نياڻي آهي ۽ هاڻي آمريڪا ۾ رهي ٿي) گوڙ مچرائڻ جي ڪوشش ۾ آهي ته جيئن پولنگ بند ٿئي. مان اتي پهتس ته ڊاڪٽر صاحبه پنهنجي اٽڪلن ۾ مصروف هئي. اها پولنگ مڪراني محلي جي هئي. سڀ مايون مير صاحب جون ووٽر هيون. ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ مائي ٻي هئي. مان ڊاڪٽر صاحبه سان



پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ پڇيم ته ”توهان هت هيتري دير کان ڇا پيا ڪريو.“ چيائين ته ”مان قاضي صاحب جي جنرل اليڪشن ايجنٽ آهيان.“ مون چيو ”ته پوءِ هڪ اسٽيشن تي ڇو ويٺا آهيو.“ چيائين ”منهنجي مرضي.“ ڪيس پنج منٽ ڏنم ته پولنگ مان نڪري وڃي. ڊاڪٽر صاحبه نه نڪتي. مڪراني مايون جهيڙي جون شوقين، پان پئي کاڌائون. سندن واڇن مان ڳاڙهي پيڪ ائين پئي لڳي ڄڻ Lady Dracula هجن.

مان ڊاڪٽر امينه اشرف کي هڪ ڪنڊ تي وٺي چيو ته ”هو مايون ڏسو ڪيئن ڊريڪولا ٿيون لڳن نه؟“ چيائين: ”هائو برابر.“ سو چيومانس ته ”مون کي خبر پئي آهي ته جيئن مان هتان نڪرندس، اهي سڀ توهان تي حملو ڪري زخمي به ڪنديون ۽ ڪپڙا به ڦاڙينديون. وڌيڪ توهان جي مرضي. پنهنجي ذميداريءَ تي توهان چاهيو ته ڀلي اتي ويٺا هجو. مان ته هڪ منٽ ۾ هتان نڪران ٿو. منهنجو فرض هيو توهان کي آگاهه ڪرڻ.“ مون اها اڃا ڳالهه مڪمل مس ڪئي ته ادي امينه ائين کسڪي وئي، جو نه توڏني نه مون. ساڻس گڏ آيل مايون به ڪيس اتي ڳولينديون رهجي ويون. رات جو دير سان تعلقي ٽنڊي الهيار ۽ حيدرآباد جو رزلٽ آيو. مير علي احمد خان ٽالپور هارايو ۽ قاضي عابد صاحب کٽي ويو.

صبح جو ائين وڳي مون کي ڪمشنر جي فون جاڳايو. غير معمولي طريقي سان منهنجي خير عافيت پڇيائين. چيائين:

## مير صاحب ناراض ٿي ويو

”اخبارون منهنجي آڏو آهن. مير علي احمد پنهنجي هار جي ذميداري توتي وڌي آهي ۽ تنهنجي خلاف بيان ڏنو آهي. پر تون پريشان نه ٿجانءِ. پهرين قاضي صاحب تنهنجي شڪايت پئي ڪئي، هاڻي مير صاحب ٿو ڪري ٻئي شڪايتون ٿا ڪن تنهن جو مطلب اهو ٿيو ته تو صاف سٿري اليڪشن ڪرائي آهي. ٿوري دير ۾ مان ميرپورخاص ڏانهن وڃان ٿو رستي ۾ تنهنجي آفيس ۾ اچي چانهن پيئندس.“

ڪمشنر کان پوءِ پشاور کان ڪنهن پيپلي پٺاڻ جو فون آيو. تنهن زماني ۾ ڊائريڪٽ ڊائلنگ جو سسٽم ڪونه هيو. هن پٺاڻ چيو ته ”ٻائي مان توکي مبارڪ ٿو ڏيان، جو تارا مسيح تو وٽان شڪست کاڌي.“

ٻئي ڏينهن تي قاضي عابد صاحب، چونڊيل ايم اين اي قاضي اسد عابد سان آيو. مون ڪيس مبارڪ ڏني، ڪيڪ کارايو. منهنجي فيئر رويو جو ٿورو مڃيائين. پر مان ڪٿي ٿو چپ ڪري ويهان. مون چيو.

”سائين شڪر آهي توهان کٽيو ۽ توهان جي شڪايت جو ته ازالو ٿيو.“

Gul Hayat Institute

مرحوم وراڻيو ”ها، اها غلط فهمي هئي. معافي ٿو وٺان.“
اسد به ٻڌايو ته ”توهان برگيڊيئر واري معاملي ۾ ڏاڍو Positive رول ادا ڪيو هيو.“

## صوبائي چونڊون_ 85

جنرل اليڪشن جو ٻيو ۽ آخري مرحلو صوبائي چونڊون هيون. انهن چونڊن ۾ ٽنڊي الهيار تعلقي ۾ ٻه ٽڪ هئا. هڪ ٽنڊوالهيار وارو، ٻيو چمبڙ جي پاسي وارو. ايئن ڪٽي سمجهجي ته حيدرآباد_ميرپور روڊ جي اتر جو پاسو. هڪ ٽڪ ٽنڊوالهيار جو هيو ۽ ڏکڻ پاسي ٻيو ٽڪ هيو چمبڙ وارو. اليڪشن ختم ٿي. رزلٽ ايندو ويو. ٻنهي ٽڪن تي ٽي ٽي اميدوار سخت مقابلي ۾ هئا. ٽنڊي الهيار واري ٽڪ تي مير مراد خان، مريد علي شاهه ۽ عبدالغني درس هئا ۽ پولنگ اسٽيشن جي نتيجي اچڻ کان پوءِ اڳ واري پوزيشن بدلبي پئي رهي. آخري نتيجي تائين اندازو لڳائڻ ممڪن ڪونه هيو ته ڪير ڪٽيندو. ساڳيو ئي حال چمبڙ ٽڪ جو به هيو. اتي به مقابلو ٽن اميدوارن ۾ نظر آيو. هر هڪ مير محمد ڪوڪر، محمد نصير منڊواڻي ۽ ٽيون ولي محمد ولهاري. ٽنهي ۾ بظاهر ولهاري صاحب ڪمزور اميدوار لڳي رهيو هيو.

ٽنڊي الهيار جي ٽڪ جو نتيجو آيو ته اُهو حيران ڪندڙ هيو. اُتي عبدالغني درس ڪٽي ويو هيو. مير مراد خان ٻئي نمبر تي ۽ مريد علي شاهه ٽئين نمبر تي آيو.

ساڳي نموني سان چمبڙ واري ٽڪ ۾ آخري پولنگ جيڪا سنڌس ئي ڳوٺ ولي محمد ولهاري جي هئي، ان جي نتيجي کانپوءِ 17 ووٽن تان هُو MPA جي سيٽ ڪٽي ويو. پاڻ ته ننڊ جون گوريون کائي ننڊ پئجي ويو. جڏهن ڪيس اٿاري نتيجو ٻڌايو ويو ته پاسو ورائي وري سمهي رهيو چي ”منهنجي ننڊ خراب نه ڪريو.“

عبدالغني درس سڀني اميدوارن کان مون کي ذاتي طرح ويجهو هيو. ان کي جيئن خبر پئي، گلن جا هار پاتل پوزيشن ۾ منهنجي آفيس آيو. مون کي مبارڪ ڏنائين ۽ پنهنجي ڳچيءَ ۾ پاتل اُهي هار لاهي مون کي پارائي ڇڏيائين.

چمبڙ واري ٽڪ تي هاڻ گهوڙا شروع ٿي وئي ته 17 ووٽن جي فرق تي ولي محمد ولهاري ڪيئن ڪٽي ويو. ٻن ڏينهن کان پوءِ آفيشل ڳٽپ هئي. ڏاڍو ٽينشن هيو. مون کي اڻ سڌي طرح ڪن ماڻهن جي معرفت لالچون آڇيون ويون. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته ٽريزري سيل تي پوليس سان گڏجي آرميءَ جو پهرو به لڳائي ڇڏيو ته متان ڪو ٽريزري آفيسر کي پاڻ سان ملائي ٿيلها ڪيرائي، ان ۾ هير ڦير نه ڪري ڇو ته اليڪشن جو سڄو سامان ٽريزري جي سيل ۾ رکيل هيو.

پيهر ڳٽپ ڏرين جي روبرو ڪئي سون ته ولهاري صاحب جا اٺ ڏهه ووٽ وڌي ويا.



سرڪاري طرح ولهاري صاحب ۽ عبدالغني درس جي ايم پي اي چونڊجي وڃڻ جو اعلان ڪيم. ٻيا ته سڀ ٺيڪ هئا پر ڪوڪر صاحب منهنجي خلاف اليڪشن ڪميشن کي ٻاڌايو ۽ دانهن ڪئي ۽ اليڪشن جي نتيجي جي خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل ڪئي، جيڪا رد ٿيڻ کان پوءِ سپريم ڪورٽ ۾ به اپيل ڪيائين. جيڪا به رد ٿي. سنڌس وڪيل مشهور سياسي ورڪر ۽ وڪيل ابوبڪر زرداري هيو. تڏهن زرداري صاحب اجا ايترو مشهور نه هيو. سنڌس وڏيڪ مشهوري ملڪي سطح تي تڏهن ٿي جڏهن آصف علي زرداري جو وڪيل ٿيو.

## وزيراعظم_85

بهرحال اهو مرحلو خير خوبيءَ سان مڪمل ٿيو. پر اڳيون مسئلو ملڪي ۽ صوبائي سطح تي هيو. جنرل ضياءَ صاحب چڱي خاصي Excersice ڪئي هئي. هن پرائيم منسٽر لاءِ عقل جي ڊوڙ شروع ڪئي. ڊڪندي ڊڪندي وچي به گهوڙا سياسي ميدان ۾ رهيا. هڪ الاهي بخش سومرو ۽ ٻيو محمد خان جوڻيجو. جوڻيجو صاحب پير صاحب جو اميدوار رهيو هيو. الاهي بخش سومري کي سنڌس والد مولا بخش سومري ۽ سنڌس دوستن جي ٽيڪ هئي. سومرو پراڻو انجنيئر ۽ بيوروڪريٽ هيو. Dashing ماڻهو هيو. ضياءَ جي Cabinat ۾ رهيو هيو. ضياءَ هن کي وزيراعظم ٿيڻ جو Green Signal به ڏئي ڇڏيو هيو. پاڻ به ٽي شيروانيون به ٺهرائي ورتيون هئائين. جڏهون سومرو صاحب پير صاحب پاڳاري وٽ آشيرواد لاءِ ويو ته پير صاحب کيس چيو ته: ’سومرا تنهنجو پتو ته مون ڪٽي ڇڏيو. وزيراعظم محمد خان جوڻيجو ٿي رهيو آهي.‘ پير صاحب ان وقت مضبوط ۽ وفادار ترين سياسي ڌر هئي، جنهن کي صدر صاحب تمام گهڻو مانُ ۽ مڃتا ڏيندو هيو. نيٺ وزيراعظم جوڻيجو ئي ٿيو. ’هاءِ ڙي سياست، تنهنجا رنگ!‘

سنڌ ۾ جيڪي به ايم پي ايز چونڊجي آيا، انهن مان آرميءَ کي ڪو به ايم پي اي ڪونه وڻيو. سو هما وچي جسٽس غوث علي شاهه جي سر تي وينو. پر شاهه صاحب به ان وقت سنڌ هاءِ ڪورٽ جو Sitting Judge هيو. خير جنرل صاحب لاءِ ڪهڙو مسئلو هيو. هن جو ته چوڻ ئي قانون ۽ قاعدو هيو. آئين ۾ ڦير ڦار ڪري سائين غوث علي شاهه کي سنڌ جو وزيراعليٰ ڪيو ويو. مون کي ذاتي طرح ڏاڍي خوشي ٿي. مون کي گهاري ريسٽ هائوس واريون سائينءَ سان ٿيل ملاقاتون ياد اچڻ لڳيون.

وزيراعظم کي سنڌڙيءَ اچڻ تي ٽنڊي الهيار مان مبارڪ ڏيڻ لاءِ ويس. اهڙي ئي عزت ڏنائين، جهڙي ڏيندو هيو. پوءِ وري ساڻس جيئري ملاقات نه ٿي. سنڌس وفات وقت منيءَ مان اچي سنڌس جنازي ۾ شريڪ ٿيو هوس ۽ اسد خان سان ڏک ونڊيو هئم.

Gul Hayat Institute

## وزيراعليٰ سائين غوث علي شاهه ٿيو

سائين غوث علي شاهه وٽ به مبارڪ ڏيڻ ويو هوس. هن به مانُ ڏنو ۽ محترم علي حسن منگيءَ لاءِ نيڪ تمنائون موڪليون هئائين. مان رات منگي صاحب جي گهر ۾ ئي ترسيل هئس. ٽنڊي الهيار لاءِ واپس اچڻ کان اڳ ۾ وٽس ويس ۽ وزيراعليٰ صاحب جون نيڪ تمنائون کيس پهچايون. پاڻ مسڪرائي چيو ته ”اهو شاهه صاحب جو نياپو آهي ته اچي مبارڪ ڏئي وڃ. پراڻو ساٿي آهي، سو ضرور ويندوسانس.“ جيڪي صاحب چونڊجي آيا، انهن مان ايم اين اي ته ٽنڊي الهيار جا ڪونه هئا. ولي محمد ولهاري ته مست ملنگ ۽ من موجي ماڻهو هيو. ڪايو پيئو خوش وينو هوندو هيو. باقي اسان جو دوست ۽ ساٿي عبدالغني درس، جنهن کان اليڪشن جو فارم زوريءَ ڀرايو هيو ۽ جنهن منهنجو احسان مڃڻ لاءِ پاڻ کي مليل مبارڪ باديءَ جا گلن وارا هار لاهي مون کي پارايا هئا. ان گل ٻوٽا ڪيڏڻ شروع ڪيا. ڏاڍو Ambitious هيو. جلدي هر ڪنهن کي احساس ٿي ڏيارڻ ته هو ئي علائقي جي No. 1 شخصيت آهي. هن جي وڏي اهميت آهي. پياري لنڊ ڳوٺ ۾ ٽپيدارن جو ديرو هيو. ڪجهه ڦتل پر استعمال ۾ ايندو هيو. ان تي قبضو ڪري ويهي رهيو. مون کيس چيو ته ”اها روينيو جي پراپرٽي آهي. توهان کي نه ٿي ملي سگهي. اهو قبضو ناجائز ٿيندو. توهان کي ان جي ڀرسان ٻيو خالي پلاٽ سرڪار کان جائز نموني الاٽ ڪرائي ڏيون ٿا.“ پر درس صاحب ايم پي اي اها ڳالهه نه مڃي. مون کي چيائون ته ”جائز ڪم ته توهان عبدالغني درس جا اڳ ۾ ڪندا هئا. هاڻي مان عبدالغني درس ايم پي اي آهيان. هاڻي منهنجا جائز يا ناجائز ڪم سڀ ٿيندا.“

مون کي ڏاڍي مَنيان لڳي. ماڻهو رنگ ڪيئن ۽ ڪيترو جلدي ٿو بدلائي. مون پوليس ۽ پنهنجي ٿرڊ ڪلاس مئجسٽريٽ کي موڪليو جن اهو ايم پي اي صاحب جو قبضو خالي ڪرايو ۽ ڪجهه ڏينهن لاءِ پوليس چيڪ پوسٽ لڳائي. غني صاحب ڪاوڙجي ويو ته ”منهنجي بي عزتي ٿي آهي.“

## منهنجي بدلي وري ڪينسل ٿي وئي

هي اهو دؤر هيو جو عبدالله حسين هارون وزيراعليٰ کي تنگ ڪرڻ شروع ڪيو. اسيمبليءَ ۾ اسپيڪر کي لاهڻ لاءِ رٿ آندي وئي هئي ۽ سيد مظفر حسين شاهه کي نئون اسپيڪر آندو پئي ويو. منهنجو دوست پير نور محمد شاهه جيلاني ڪاماري شريف وارو، اهو به چاچري مان مريدن جي ٽيڪ تي ايم پي اي ٿي، سنڌ اسيمبليءَ ۾ پهچي ويو هيو. شاهه صاحب ساڳيو نهٺو ۽ Down to Earth دوست هيو. اسپيڪر کي هٽائڻ لاءِ سائين غوث علي شاهه کي ايم پي اي جي ضرورت هئي. غني صاحب ان موقعي جو فائدو وٺي



منهنجي بدلي ڪرائي ڇڏي ۽ حڪم ٿيو ته Report to S&GAD. هن ڳالهه تي ڌڪ ته نه ٿئي ها، پر جن تي مانُ هيو ۽ جنهن جي وزيراعليٰ ٿيڻ جي اندر ۾ خوشي ٿي، پٽڪو به انهيءَ لاهي ڳچيءَ ۾ وڌو.

مون کي درسَ، هي سنو درسُ ڏنو هيو ۽ حضرت علي ڪرم الله وجه جو قول پڻ ياد ڏياريو ته ”بچوان شخص جي شر کان، جنهن سان توهان چڱائي ڪئي آهي.“

پير نور محمد شاهه جيلاني ايم پي اي کي خبر پئي ته اهو غني درس صاحب وٽ ويو. چيائين ته عبدالقادر منگي دوست آهي. ايترو انتها تي نه وڃبو آهي. هن صاحب چيو ته منگيءَ منهنجي بي عزتي ڪئي آهي. مون کان معافي وٺي. شاهه صاحب منهنجي پرپٺ سندس ان رٿ کي رد ڪري آيو.

مير اعجاز ٽالپر سنڌ Cabinet ۾ دبنگ سينئر وزير هيو. سائين غوث علي شاهه وزيراعليٰ نه ٿئي ها ته مير صاحب وڏو وزير ٿئي ها. ان جو پٽ مير عنايت ٽنڊي محمد خان ۽ ٽنڊي الهيار مان ايم اين اي ٿيو هيو. ان به پنهنجي پيءُ کي شڪايت ڪئي ته ”چا عبدالغني درس تعلقي جو مالڪ آهي، جو منگي صاحب جي بدلي ڪرائي اٿائين.“ اسان جا Interest ٽنڊي الهيار ۾ آهن. آءُ بي خبر. سياسي جنگ ٻنهي جي وچ ۾ جاري رهي. ٻئي ڏينهن صبح جو مون نثار صديقيءَ کي فون ڪيو. جيڪو وزيراعليٰ جو سيڪريٽري هيو. کيس عرض ڪيم، ته منهنجي اهڙي هنڌ بدلي ڪيو جتي ڪو گهر هجي.

چيائين توهان ان گهر ۾ ئي رهندؤ. توهان کان ڪو گهر خالي ڪونه ٿو ڪرائي. توهان جي بدلي مير اعجاز جي مهربانيءَ سان اڌ رات ڌاري Cancel ٿي وئي آهي.

منهنجا ستارا شروع کان ئي ٽنڊي الهيار تعلقي سان ميل نه ڪائي رهيا هئا. ڪانه ڪا رڪاوٽ ۽ مسئلو ٿيندو ئي رهندو هيو. وري جو وتايو فقير سيمينار ڪرائي مون ساڻس ’ڇيڙڇاڙ‘ ڪئي ته دوستن مون ۾ اهو وهم ۽ وِسوسو پري ڇڏيو ته توکي ڪونه ڪو نقصان ضرور ٿيندو.

## ٻانهن جو فريڪچر

هڪ ڏينهن تڙ ڪندي سلپ ٿي پيس ۽ ٻانهن جو Fracture ٿي پيو. Open wound ته ڪونه هيو پر ٻانهن جي هڏي Through in through ٽٽي پئي.

ٻئي ڏينهن تي مون ڪمال هاسپيٽل ڪراچيءَ ۾ چيڪ اپ ڪرايو ۽ ڊاڪٽر سان مشورو ڪيو. طئي اهو ٿيو ته آپريشن نه ڪرائجي. ٻانهن ۾ Redial Nerve جي متاثر ٿيڻ جو خطرو آهي. تنهن ڪري Bandage ڪجي. ٻارهن هفتن تائين قدرتي طرح Callous نڪرندو جيڪو ٻانهن کي جوڙي ڇڏيندو. مون اهو طريقو ئي اختيار ڪيو.

Gul Hayat Institute

## منهنجو اغوا

ڏهن ٻارهن هفتن کان پوءِ sling لاهي ڇڏي، پر ٻانهن کي Fracture جي جاءِ تي پٽيون ٻڌل هيون. انسان کي ويهڻ ڪٿي ٿو اچي. عبدالحليم ۽ عبدالجبار ٽيبي ڪُلي ڪچهريءَ لاءِ چيو. مان به سندن ڳوٺ ڏانهن ويس. اسان جي پياري دوست پوليس ڪماني، غلام قادر ٽيبي جو ڳوٺ به اهو ئي آهي. موٽندي موٽندي شام ٿي وئي. واپسي جا ٻه رستا هئا، هڪ ته ميرپورخاص وارو مين روڊ، ٻيو ٽنڊي آدم وارو. مون پوئين روڊ جو انتخاب ڪيو. چو ته اتي 'پُون ٿاڙ' شاخ کي هڪ ڏينهن اڳ ۾ گهارو پيو هيو ان جي Position به ڏسڻ پئي چاهي، ته پاڻي اتي هليو يا نه. شاخ ۾ پاڻي هلي رهيو هيو. دل خوش ٿي. Main Raod تي چڙهيس ته داسوڙي ٽاٽي وٽ پوليس بيني هئي. مون گاڏي روڪي انهن کان حال احوال ڪيو. چيائون ته سائين پيٽرولنگ لاءِ نڪري رهيا آهيون. چانهن جي آفر ڪيائيون. مون Thanks ڪري گاڏي اڳتي وڌائي. مون وٽ سراج ميمڻ جو ڪتاب "اٺون ماڻهو" هيو. مان اهو پڙهندو پئي آيس. ڪجهه اڳتي ٽيس ته وچ روڊ تي نئون ٽريڪٽر پاسيرو بيٺل هيو. منهنجي گاڏي اچي ان سان لڳي ۽ بيهجي وئي. مون اکيون مٿي ڪٽي ڏٺو ته ٽريڪٽر بيٺو هيو. مون دل ۾ چيو "ڪي چريا آهن، وچ روڊ تي ٽريڪٽر بيهاري ڇڏيو اٿائون." ايتري دير ۾ ٽريڪٽر جي ٻئي پاسي کان ٻه همراهه ڪلاشنڪوف سان ظاهر ٿيا. مان اجا تائين ڪجهه نه سمجهيو هيو. ڦري منهنجي پاسي کان آيا، چيائون "سڀ لهو." مان به لٿس، ڊرائيور به لٿو ۽ پٽيوالو به لٿو. اُن دور ۾ مان گن مئن ڪونه ڪٽندو هوس ۽ نه ڪو پوليس گارڊ يا موبائيل. اهو ڊسمبر 1985ع هيو. چيائون "تون ويهه گاڏيءَ ۾." پوءِ ڊرائيور کي به ويهاريائون. هڪ ڌاڪو منهنجي پاسي کان ٽي وينو ۽ چار ڇٽا هٿيارن سان پويان وينا. اڳيا ويٺل سندن ليڊر پئي لڳو. گاڏي هلي، منهنجون واڇون ٻتال ٿي ويون. سمجهيم ته اغوا ڪيو ويو آهيان. اڳتي هلي ڳوٺ سومر نظاماڻيءَ جي بازار مان لنگهيا. سانجهيءَ جي نماز جي اذان به ملي رهي هئي. الله اڪبر..... الله اڪبر..... مان گاڏيءَ ۾ اڳيان وچ ۾ وينو هوس. گاڏي وچ بازار مان ڦرڙاٽ ڀريندي گذرندي وئي. ماڻهن ڏٺو ڪن سجاتو ڪن نه سجاتو ڪن خيال ئي نه ڪيو. ڳوٺ مان نڪري اچي نصير ڪئنال تي پهتاسون. گاڏيءَ جو رخ اتر طرف ڪيو ويو. ڪئنال جو پاٽ، روڊ جهڙو ئي صاف سترو هيو. گاڏي تيزيءَ سان پاٽ تي هلڻ لڳي. ڌاڪو صاحبن مون سان حال احوال شروع ڪيو. مون وٽ مهراڻ شگر مل جي پراڻي ماڊل واري نيري رنگ جي جيپ هئي، جهڙيون ڊي ايس پي وٽ هونديون هيون. ڊرائيور به شگر مل جو هيو. مون کي ٽوپي ۽ هلڪي سائي رنگ جي Stmichets جي



جرسي پيل هئي. بوٽ ۽ بليو رنگ جي شلوار قميص. وڏيرو پئي لڳم. مون کان نالو ۽ ذات پڇيائون. مون چيو "غلام قادر مگسي. رهندڙ شهدادڪوٽ جو. ٽنڊي آدم ۾ عبدالله خان ورياهه ۽ شاهه نواز خان جوڻيجي وٽ ويو هوس. خادم علي شاهه ڏي ميرپورخاص وڃي رهيو آهيان." مون به ڪانئن تعارف پڇيو. پويان ويٺلن مان هڪ همراهه ٺهڪ ڏنو اڳيان ويٺل ليڊر نما ڌاڪوءَ ڪيس ڇڙٻ ڏني. هو شايد منهنجي نادانيءَ تي کلي رهيو هيو ته ڏسو ته همراهه اسان وٽ سوگهو آهي. وري اسان کان ئي ٿو اسان جا پار پتا پُڇي. اڳيئين همراهه ٻڌايو ته "هن جو نالو نور محمد سولنگي آهي." وري پڇيائين "توهان ٻڌو آهي؟" مون انڪار ڪيو. وري چيائين "نورو ماڇي ٻڌو آهي؟" مون ها ڪئي. وري ٻيهر پڇيائون ته "صاحب تون وڏيرو نٿو لڳين، ڪو آفيسر آهين؟" شايد منهنجي ڳالهائڻ جي لهجي مان ڪيس اندازو ٿيو. پوءِ مون ڪيس سچو سچ ٻڌايو. اهو به ٻڌايو ته ٽنڊي الهيار جو ايس ڊي ايم آهيان. مون "پٽو" اڇليو ۽ سوچيو يا ته ڇڏي ڏيندا يا اڄ ئي ماري ڇڏيندا. باقي پوليس ۽ ٻيون فورسز به ڪيڏ لڳيون هونديون. فائرنگ ۽ ڪائونٽر فائرنگ شروع ٿي ته بچڻ هوندئن ئي محال ٿي ويندو. منهنجي لاءِ جان ڇڏائڻ جو سنو رستو اهو ئي هو ته مقابلي کان اڳ ۾ ئي مون کي ڇڏيو وڃي. هو منهنجي جواب کان پوءِ خاموش ٿي ويا. وري پڇيائون ته "ڪيڏانهن ويو هئين ۽ ڪٿان واپس پئي آئين؟" ٻڌايم ته "ٽيبن جي ڳوٺ ۾ ڪُلي ڪچهري ڪرڻ ويو هوس ۽ واپس پئي آيس."

چيائون ته "تون قائمخاني چيئرمين جي چوڻ تي اسان جي ماڻهن سان ڏاڍايون ٿو ڪرين. جيل ۾ ٿو وجهين. انهن جي زمين تي قبضا ٿو ڪرائين." اهو ايئن ئي چئي ڇڏيائون. لڳي پيو ته ڪجهه مقامي ماڻهو هئا، پر پوري طرح سُڃ ڪونه هين. وري چيائون ته "اسان جا ماڻهو جيل ۾ آهن، پلا انهن کي ته ڇڏ." مان ها ڪئي. نالا پڇيا. پويان هڪ ماڻهو هڪل ڪئي ته نالا نه ڏجانس.

گاڏي تيزيءَ سان هلندي رهي. پويان آواز آيو "استاد هوشياري ڪر اڳيان پل آهي. اتي پوليس جو گهاٽ هوندو آهي." گاڏيءَ ۾ خاموشي ٿي وئي. اڳيئن استاد K K جي نالي وند اسڪرين سان لڳائي ڇڏي ته جيئن ڪو پوليس وارو نظر اچي ته برست هٽي ڪڍن. اتان گذرياسون. ڪو به پوليس وارو نظر نه آيو. ساري واٽ ڪئنال تي ڪو به پوليس وارو، ڪا گاڏي، ڪو ماڻهو نظر نه آيو. اڳتي نڪري سندن ليڊر چيو. "صاحب تون ماڻهو چڱو ٿو لڳين. تو کي ڇڏيون ٿا." مون کي پڪ ڪونه هئي. چيومانِ "ته پوءِ ڇڏيو." چيائون ته "صاحب هتي ڪيئن ڇڏيون. تو کي هن جهنگ مان وري ڪو بيو ڪٽي وڃي، ته ڏوهه اسان تي ايندو." مان سوچڻ لڳس ته

Gul Hayat Institute

تي آزاد ٿيو آهيان. ڪنهن چيو ته پل ۾ اغوا ٿيو آهي. ڌاڙيلن جي ماڻهن سان سندس ڏاڍا ويجها تعلقات هئا. خدا ٿو ڄاڻي ته مون کي اڄا تائين منهنجي پراسرار آزاديءَ جي سُڌ نه پئي آهي. باقي اهو ضرور لڳي ٿو ته اها Traget Kidnaping نه هئي. چو ته ان طرف کان اڄڻ منهنجو ذاتي فيصلو هيو. باقي پاڻ ڇڏائڻ لاءِ نه ڪو پئسو ڏنو نه ڪنهن ٻئي کي چيو. نه ئي اڄا تائين ڪا پڪي پختي خبر پئي آهي ته اهي ڌاڙيل ڪير هئا؟ صرف ايس ايڇ او غلام رسول جتوئيءَ جو انومان هيو ته اهو "حاجي حضوريءَ ڪوسي" جو گروپ هيو جنهن ۾ "ڪرو ٽيبو" به شامل هيو "چو ته توهان ڪرو ٽيبو جي ڳوٺ ويا هئا، تنهن ڪري ڌاڙيلن اهو فيصلو ڪيو ته متان هن جي ماڻهن تي زور بار پوي، تنهن ڪري ڇڏي ڏنائون."

## امان کي هارٽ اٽيڪ ۽ الله کي پياري ٿي وئي

مان پنهنجي زندگيءَ ۾ نوڪريءَ جي معمولات کي لڳي ويس. جڻ سڀ ڪجهه وسري ويو ۽ اغوا وارو اهو سانحو ياد ئي ڪونه رهيم. پر منهنجي فيمليءَ تي ان واقعي جو ڏاڍو اثر ٿيو. منهنجي والده جنهن کي گهاري ۾ نوڪريءَ دوران ئي Heart Attack ٿي چڪو هو. NCVD اسپتال ڪراچيءَ ۾ ڪجھ عرصو علاج هيٺ رهي هئي، ان ڏاڍي دل لاهي وڏي. مون کي ڪجهه دير ٿي ويندي هئي ته پريشان ٿي ويندي هئي. هن جي پريشانيءَ مون کي به ڏاڍو پريشان ڪري وڌو.

کيس ٻيو هارٽ اٽيڪ ٿيو. ديوان مشتاق ڪارڊيو يونٽ حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر ڪريم عباسيءَ وٽ زير علاج رهي. ڏهن ڏينهن کان پوءِ گهر آئي. ڊاڪٽر چيو ته بچي وئي آهي، پر Infactions ٿيو اٿس. دل 25% ڪم ڪري ٿي. هن عمر ۾ آپريشن به نٿو ڪري سگهجي. مون پنهنجا ٻاهريان ٽوئر گهٽائي ڇڏيا. گهڻو ڪري پنهنجي ڪم ڪار کي آفيس ۾ ڪندو رهندو هوس. آفيس دوران به هڪ به پيرا گهر اچي چانهن پيئندو هوس ۽ منجهند جي ماني به کائيندو هوس ۽ سندس طبيعت به ڏسندو هوس. منهنجي وڏي نياڻي صفيه جيڪا 12_13 سالن جي اچي ٿي هئي، اها ساڻس ڏاڍي Attached هئي.

ائين ئي معمول مطابق آءٌ گهر جي چانٺ جي ٻاهران سڄ لٿي کان اڳ ۾ آفيس جي آفيس ۾ ڪچهريءَ جي ڪچهري لڳائيندو هوس. ڪو شهر جو معزز ماڻهو ۽ اڪثر ڪو اديب عالم يا فضل احمد بچاڻي، يا جيڪو به دوست شام جي وقت ڪچهريءَ لاءِ ايندو هو ته اتي پيا ڪچهري ڪندا هئاسين.

ان ڏينهن به بچاڻي صاحب ۽ مون ڪچهري پئي ڪئي ته گهر جو بورچي پيارو

Gul Hayat Institute



خان آيو. مون کي چيائين "امان جي طبيعت خراب آهي. ڊاڪٽر کي گهرايو." منظور لنڊ ڊرائيور کي ڊاڪٽر پرڏان ڏانهن موڪليو. مان گهر وڃڻ لاءِ اٿيس. بچاڻي صاحب به امان کي وڏي حياتيءَ جون دعائون ڏيندي موڪلايو. مان گهر ۾ آيس. امان جي نبض ڏٺم، دل ڏٺم. دل بند هئي. اکيون پوريل هيون. امان اسان سڀني جي دعا جو در اسان کان موڪلائي چڪي هئي. ڊاڪٽر پرڏان آيو. کيس در کان ئي موٽايو ويو.

اسان امان کي ڪٽائي رات جو ئي رتيديري روانا ٿي وياسون. امان جي ڪفن دفن کان پوءِ رتيديري مان موٽي آياسون. جنهن کي ويڇڙو هو اهي ته هليا ويا. خدا جي امانت هئي. الله پاڪ واپس گهرائي ورتي. امان گهر ۾ هوندي هئي ته ڪنهن شيءِ جي ڳڻتي ڪونه هوندي هئي. توڙي ڪٿ تي وڃي هوندي هئي ته به منهنجي گهر واري ۽ ٻارن کي وڏو آٿت ۽ آسرو هوندو هيو. مون کي به فڪر نه هوندو هيو. مونکي سندس دعائن جي ٽيڪ هئي.

اسان سڀ ته دکي ٿياسون، پر منهنجي وڏي ڌيءَ صفيه ڏاڍي اداس هئي. ان کي پاليو ئي امان هيو. سمهندي به امان سان هئي. سمجهُو ته هئي، پر چپ چپ ۾ وڃي روئندي هئي. هوءَ پنهنجي ڪيتري به ڪيفيت لڪائي، پر ماءُ پيءُ کي ته خبر پئجي ئي ويندي آهي.

هاڻي تندي الهيار مون کي نسورو ڪائڻ ٿي آيو. امان جو مئي 1986ع ۾ Death ٿيو هيو مون سنڌ سرڪار کي وينتي ڪئي ته مون کي هتان بدلي ڪيو.

7

# اسان ماڻهو لاڙ جا، دريا جي پڇاڙ جا

## سڄاول بدلي

جون 1986ع ۾ منهنجي سڄاول بدلي ٿي. جون 1984ع ۾ منهنجي ٽنڊي الهيار پوسٽنگ ٿي هئي ۽ زندگيءَ جا ٻه سال اتي گذري ويا هئا.

سڄاول سب ڊويزن خالي پئي هئي. ايس ڊي ايم لطف علي ڪلهوڙو اڳ ۾ ئي ٽنڊو محمد خان بدلي ٿي ويو هيو. مون پنهنجو خالي سب ڊويزن تي پوسٽنگ جو ڪارڊ بحال رکيو.

شام جو ڊي سي ٺٽو ڪامران لاشاريءَ جو فون آيو. اسان ٻئي هڪ ٻئي کي ايس ڊي ايم جي زماني کان سڃاڻندا هئاسون. هو 6 ڪامن Batch جو هڪ شاندار آفيسر هيو. ڪلچر ۽ لٽريچر جو گرويده هيو. ان ڪري ٻه ويجهڙائي هئي. liberal آفيسر هيو. هن ڏاڍي پيار ۽ پنهنجائپ سان چيو ته "اسان توهان کي خوش آمديد ڪرڻ لاءِ انتظار ڪري رهيا آهيون." مون چيو "مان صبح جو ايندس. توهان کي گهڻو انتظار نه ڪرڻو پوندو. هن به ٺهڪ ڏنو ۽ مون به." ائين ٻئي ڏينهن آءٌ سڄاول روانو ٿي ويس.

آفيس اچي چانهن لاءِ چيو. سڄاول ۾ به هيڊ منشي نور محمد پيان هيو جنهن مون سان گهاري ۾ ڪم ڪيو هيو. پيو اسٽاف به سڄي اڻ سڌي طرح مون کان واقف هيو. سڄاول جا ماڻهو به مون کان چڱي طرح واقف هئا. مون چانهن پيئندي هيڊ منشيءَ کي چيو ته بابو شاهه کي گهرائي وٺ.

## بابو شاهه

بابو شاهه پ پ پ جو اهم ترين ورڪر ۽ عهديدار هيو. سندس اثر رسوخ سڄاول جي شهر ۽ ڀرپاسي ۾ تمام گهڻو هيو. ٻئي طرف سيد شفقت شاهه هيو اعجاز شاهه شيرازيءَ جو ڀاءُ ۽ قادر ڏني شاهه جو پٽ. ضلع ڪائونسل جو چيئرمئن به ٿيو هيو. بابو شاهه ۽ شفقت شاهه ٻئي ارڏا هئا. شفقت شاهه ۽ اعجاز شاهه تي چيف منسٽر سنڌ سيد



غوث علي شاهه جو هٿ هيو ۽ کين پنهنجو پٽيلو ٻڌايو هئائين. هو ٻئي گورنمينٽ سان گڏ هئا. هر و پيرو امن امان جي صورتحال پيدا نه ڪندا هئا. پر پ پ پ جي ۽ بابو شاهه جي ماڻهن کي ڀڄائيندا ڇوڙائيندا رهندا هئا. بابو شاهه وارن وٽ ڪا ٻي واهه ڪونه هئي. تنهن ڪري هو هر ننڍي وڏي ڳالهه تي هڙتال ڪرائيندا هئا. سرڪاري ملڪيت جو نقصان ڪندا هئا.

بابو شاهه چانهن پيتي. چيائين "سائين حڪم ڪيو." مون چيو "دوستي يا دشمني" چيائين "دوستي. آسان دشمني ته ڄاڻون ئي ڪونه. پر انتظاميه شفقت شاهه شيرازيءَ جي چوڻ تي دشمني ٿي ڪري، ته پوءِ اسان جتي دوستي نڀائي ڄاڻون، اتي دشمني به ڪري ڄاڻون."

مون چيو ته "دوستيءَ جا اصول طئي ڪيون." چيائين "جيئن توهان چئو." مون چيو "توهان پنهنجو ڪم ڪيو. اسان کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏيو. جڏهن توهان پرامن جلسن جلوسن کان ٻاهر نڪري نقصان ڪيو ته پوءِ انتظاميا ايڪشن ۾ ايندي. توهان زوري ڪنهن جو دڪان بند نه ڪرائيندا. توهان پرامن call ڏيو. ماڻهن دڪان بند نه ڪيا ته توهان پيچ ڊاهه ڪري سندن دڪان بند نه ڪرائيندا."

هن چيو ته "اسان جي ماڻهن کي ناحق بند ٿو ڪيو وڃي." مون چيو ته "شريف ماڻهوءَ کي بند نه ڪيو ويندو. باقي ڏوهي ماڻهوءَ جو پاسو توهان به نه کڻو. توهان کي به خبر آهي ته ڪير ڏوهي آهي ۽ ڪير چڱو!" بابو شاهه منهنجي ڳالهه مڃي. مون سان سندس اهو معاهدو تقريباً سوا سال ڪن هليو. اهڙو به وقت آيو جو سڄاول جي شهر ۾ جتي هفتي ۾ هڪ يا ٻه ڀيرا هڙتال ٿيندي هئي، اتي هڙتال جو نالو ئي نه رهيو. بابو شاهه جا جائز ڪم ٿيندا هئا ۽ شفقت شاهه جا غلط ڪم نه ٿيندا هئا. ٻنهي سان سماجي طرح اٿڻ ويهڻ ۽ دعا سلام هئي. ٻنهي کي خوب خبر هئي ته منهنجي حد ڪيستائين هئي ۽ سندن حد ڪيستائين.

بابو شاهه جو ڳوٺ ٺماڙي سڄاول شهر کان 4-5 ڪلوميٽر پري هيو. سندن والد شير علي شاهه پراڻي دور جو ايم پي اي هيو ۽ علائقي ۾ وڏي اثر رسوخ وارو هيو. سندس وڏي پٽ بابو شاهه پنهنجي پيءُ جو نالو روشن ڪيو. 1988ع جي اليڪشن ۾ ايم پي اي ٿيو. پر جام صاحب 1990ع جي اليڪشن کان پوءِ ريهي ريبي ۽ لٽ ۽ چٽ ڏيکاري سندس وفاداريون بدلائي ورتيون ۽ دل جي دوري ۾ فوت ٿيو. سندس ننڍو ڀاءُ ۽ ڀاڄائي پ پ پ جي سياست ڪن ٿا. شفيق شاهه 1987ع ۾ ٽائون ڪميٽي سڄاول جو چيئرمئن ٿيو هيو. جنهن کي مون عهدي جو قسم کڻايو هيو. ساڻس اڄا تائين دعا سلام آهي. سال 1984ع ۽ 1986ع جي ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ بابو شاهه وڻ وڃائي ڇڏيا. پر ميانه رويءَ ۽ مون سان

Gul Hayat Institute

رواداريءَ کان منهن نہ موڙيو.

## ميرپور بٺورو

ميرپور بٺورو سجاول سب ڊويزن جو ٻيو اهم تعلقو هيو. پهرين تہ سجاول کي شاهہ بندر سب ڊويزن چيو ويندو هيو. پر پوءِ نالو مٽائي سجاول ڪيو ويو. شاهہ بندر ڪنهن وقت بندر هيو ۽ سٺو شهر هيو. پر پوءِ صفا ڦِٽي ويو. تعلقي جو نالو تہ شاهہ بندر آهي، پر سندس وڏو شهر چوهڙ جمالي آهي ۽ مختيارڪار لاڏيون شهر ۾ ويهندو آهي. هاڻي جيڪي سجاول ضلعي ۾ تعلقا آهن. اهي سجاول سب ڊويزن ۾ هئا، ويندي ڪارو ڇاڻ ۽ جاتي تعلقو بہ.

## شاهہ عنايت

ميرپور بٺوري جو پنهنجو رنگ ڍنگ آهي. ان زماني ۾ هن تعلقي کي ويتنام چوندا هئا. هتان جا ماڻهو سياسي طرح ويتنامين وانگر ويڙهاڪ هئا. تعلقي جا مُک شهر ۽ ڳوٺ: دڙو جهوڪ شريف ۽ ٻنو جيڪو سائين غلام مصطفيٰ شاهہ، عبدالحئي ۽ ارباب نور محمد پليجي جو ڳوٺ آهي. هن تعلقي جا ماڻهو سياسي طرح پڙهيل لکيل، سجاڳ ۽ ويڙهاڪ هئا. جهوڪ جي انقلابي ليڊر صوفي شاهہ عنايت شهيد جي مزار بہ هتي آهي، جيڪو پهريون اشتراڪي ليڊر هيو. لينن ۽ ڪارل مارڪس کان بہ آڳاهون ۽ جهونو جنهن نعرو هنيو هيو تہ: "جو کيڙي سو کائي". هن جي درگاهہ تي شام جو پاڻيءَ جا مٽ اونڌا ڪيا ويندا هئا. رب تي توڪل جي هيءَ انتها تہ صبح جو مالڪ "پاڻ" ڏيندو.

## عوامي تحريڪ

ان سر زمين تي عوامي تحريڪ ڏاڍي سٺي نموني سياسي طرح ڪم ڪري ماڻهن کي تيار ڪيو. هڪ طرف عملي انسان فاضل راهو هيو تہ ٻئي طرف هڪ Tactician ۽ Strategist رسول بخش پليجو هيو. جنهن پنهنجي عملي زندگي مال چارڻ سان شروع ڪئي هئي. سندس والد ٽپيدار هيو پر هن کي سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ محمد ابراهيم جويي صاحب جهڙو استاد نصيب ٿيو جنهن اتي ماستريءَ دوران هڪ ڪتاب لکي، پنهنجي نوڪريءَ وڃائي. ان ڪتاب جو نالو هيو Save Sindh, Save Continut.

14 آگسٽ 2015ع تي سنڌ مدرسة الاسلام جي BOG مٿس الزامن کي رد ڪيو ۽ سندس نوڪري بحال ڪئي ۽ Award ڏنو. اهو جويو صاحب جو سنيچري سال هو.

پليجي صاحب پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪئي انقلابي ڪم ڪيا آهن. جن مان هڪ



ڪم اهو بہ آهي تہ هن ورڪرن جي سياسي سکيا ڪئي آهي ۽ سندس مرڪز ميرپور بٺورو هيو. 1983ع جي ايم آر ڊي تحريڪ ۾ گهڻو ڪري عوامي تحريڪ جا ورڪر جيل ۾ ويا. عوامي تحريڪ نہ صرف سياسي ورڪرن جي تربيت ڪئي، پر عورتن ۽ ٻارن جي بہ تربيت ڪئي. سنڌياڻي تحريڪ ٺاهي ۽ عورتن کي شعور ۽ آگاهي ڏني. پهريان پنهنجي گهر جي نياڻين کي پليجي صاحب ۽ فاضل راهو صاحب سياسي پليٽ فارم تي آندو جن وقت اچڻ تي گرفتاريون بہ پيش ڪيون. ٽيون جيڪو عوامي تحريڪ ڪم ڪيو اها هئي ٻارن جي تربيت. مون سجاول ۾ ڪين ڪم ڪندي ڏٺو تہ ننڍا ننڍا ٻالڪ انتظاميا جي جاسوسي ڪندا هئا.

عوامي تحريڪ نہ صرف بٺوري، دڙي ۽ جهوڪ ۾ ڪم ڪيو پر اها سڄيءَ سنڌ ۾ پڻ ڦهلجي وئي هئي. جامي چانڊيو، ايوب شيخ، ڊاڪٽر محبت برڙو ۽ ٻيا ڪيترائي ورڪر جيڪي هاڻي قومي ڌاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيا آهن، اهي بہ عوامي تحريڪ جا ڪيڙيل آهن.

ٻيون پارٽيون جيڪي سجاول ۽ بٺوري ۾ هيون، انهن بہ تحريڪ جي ديکاديکي Millitant Approach اختيار ڪئي. پ پ پ قومي يا سنڌ جي سطح تي Millitant ڪونہ هئي، پر ان پارٽيءَ بہ ٻين ڌرين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ساڳيو روح پاڻ ۾ داخل ڪيو. ارباب وزير محمد صاحب وڏي عرصي تائين ضلعي ٺٽي جو پ پ پ جو مهندار رهيو آهي. ايم اين اي ۽ صلاحڪار بہ رهيو آهي. هر حلقي ۾ سندس مانُ آهي. طبيعت جو بہ امن پسند ۽ ٺڏو منو ماڻهو آهي.

## ممتاز صاحب جو فرنٽ

SBP Front (سنڌ بلوچ پختون فرنٽ) ممتاز علي ڀٽي صاحب بہ انهن ئي سالن ۾ ٺاهي. نواب يوسف ٽالپر، حفيظ پيرزادو، بلوچ رهنما ۽ پختون رهنما بہ ساڻس گڏ هئا. ٺٽي مان اعجاز علي خواجہ، شير خان لنڊ ۽ ٻيا مرڪز ۾ ساڻن گڏ هئا. پر اها پارٽي بہ هٽ Millitant هئي. تنهن ڪري هر دور ۾ ورڪرن جون گهڻيون گرفتاريون هن تعلقي مان ئي ٿينديون هيون. سجاول تعلقي جا شير علي شاهہ ۽ قادر ڏنو شاهہ شيرازي پراڻا سياستدان هئا. قادر ڏني شاهہ جو بنياد ٺٽو هيو پر سندن ڳوٺ سعيدپور سجاول هو. شفقت شاهہ پنهنجو بنياد سجاول کي ٺاهيو آهي ۽ سجاول جي سياست ڪري ٿو. سندس وڏو ڀاءُ اعجاز علي شاهہ ٺٽي ضلعي جي سياست ٿو ڪري يا ايئن چئجي تہ سياست ڪرڻ جي حوالي سان اعجاز شاهہ درياهہ جي ساڄي ڪَڙ تي آهي تہ شفقت شاهہ وري درياهہ جي کاٻي ڪَڙ تي.

Gul Hayat Institute

## ايم آر ڊي ـ 1986

1986ع ڌاري ايم آر ڊي جي تحريڪ شروع ڪئي وئي. ڊپٽي ڪمشنر ڪامران لاشاري ميٽنگ ڪري سڀني آفيسرن کي چيو ته سرڪار جو حڪم آهي ته ڪنهن به قيمت تي جلوس ڪڍڻ نه ڏنو وڃي. مون احتجاج ڪندي چيو ته جلوس ته ڏهاڙي پيا نڪرن، پر جيڪڏهن جلوس پرامن ناهي ته انتظاميا ايڪشن ڪٽندي، جنهن ۾ لاٺي چارج ۽ فائرنگ به شامل آهي. مون ڪيس سجاول جو 1983ع وارو ماڻهو مرڻ وارو مثال به ڏنو هيو جنهن سجاول ۽ ٺٽي ۾ جيل ڀڳا هئا، آفيسن کي ساڙيو ويو هيو ۽ وڏا نقصان ٿيا هيا. هاڻي يا ته توهان اهو پاليسي بيان withdraw ڪريو يا پاليسي طور ايس ڊي ايم کي اهو اختيار ڏنو وڃي ته هو صورتحال پٽاندر قدم کڻي ۽ گهٽ ۾ گهٽ فورس استعمال ٿئي. قانون به اهو آهي Self defence ۾ به ايتري ئي فورس استعمال ڪري سگهجي ٿي، جيترو نقصان جو خطرو هجي ٿو. ڊي سي هوڏ تان نه لٿو.

سرڪار، احتجاج واري ڏينهن کان اڳ سياسي ڌرين جي ليڊرن کي مقامي جيلن ۾ وڌو. مون ان ۾ اها ترميم ڪئي ته هر تعلقي ۾ هڪ سياسي ليڊر جيل ۾ رکيو. ٻين کي سينٽرل جيل حيدرآباد يا ٺٽي ڊسٽرڪٽ جيل موڪلي ڇڏيو. ميرپور بٺوري تعلقي جي مختيارڪار کي چيو ته ڪو به ايڪشن نه کڻي، جيستائين مون کان ڪليئرنس نه وٺي. جاتي ۽ شاهه بندر تعلقن ۾ ڦڏو فساد ڪونه هيو. مون کي سجاول وارن جلوسن مان خطرو هيو. بابو شاهه پنج ڇهه هزار ماڻهو پنهنجي ڳوٺ ۾ گڏ ڪري ڇڏيا هئا ۽ سجاول جي هزار کن ورڪرن کي به تيار رهڻ جي هدايت ڪري ڇڏي هئي. پنج ڇهه هزار ماڻهو ۽ ڪجهه هٿياربند ورڪر، جن کي هٿيار هلائڻ جي نڪا هئي جهل نه پل. جڏهن ته اسان وٽ پوليس جا 100 کن جوان هئا. جيڪڏهن هو هٿيار ڇڏي هٿين خالي پوليس کي ڪيڻ پون ته به اسان جي دفاع جو حصار ٽوڙي پئي سگهيا.

## آگسٽ 1986ع جو جلوس

بابو شاهه جو جلوس شهر ڏانهن اچي رهيو هيو. پاڻ نعرا هڻندا شهر ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. مون به گئس جا شيل هلرايا. جلوس ٻنهي پاسن ڏانهن ڇڙوڇڙ ٿي ويو. پر اهي سڀني پاسن کان شهر جي مرڪزي پاڙي ۾ گڏ ٿيڻ لڳا. اسان اتي به مٿن گئس جا ڦوهارا وسايا. ان جڳهه کان ڪجهه وکن تي مختيارڪار جو گهر، آفيس ۽ جيل هئا، ۽ ڪجهه قدمن تي ئي منهجي آفيس ۽ گهر هيو. گهر ۾ منهنجا ٻار به هئا. گيس ايتري هلائي سين، جو ڪيترا ماڻهو بي هوش ٿي ويا. گئس جا گولا گهرن ۾ وڃي ڪريا. بابو شاهه به بي هوش ٿي ويو، ان کي گهر کڻي ويا. منهنجا ٻار نيم بيهوش هئا. ڊي ايس پي چيو



ته گئس جا شيل ختم ٿيڻ وارا آهن. پوليس ٺاڻي ڏي موٽ ڪئي. انهن جي پويان ڊي ايس پي ۽ ان جي پويان مان به اچي ٺاڻي تي پهتاسون. ٺاڻو منهنجي آفيس، منهنجو گهر، مختيارڪار جي آفيس، جيل گهر، چانڊيو اسڪول، مين چوڪ، هر طرف صرف ماڻهو ئي ماڻهو هئا. ان هجوم پٿر وسائڻ شروع ڪيا. ٺاڻي تي مان ۽ ڊي ايس پي بيٺا هئاسون. ممڪن هيو ته ماڻهو ٺاڻي ۾ گهڙي اچن ۽ پوءِ اسان جي گهرن ۽ جيل ۽ آفيسن ۾ داخل ٿين ۽ انهن کي تباهه ڪن. ڊي ايس پي چيو ته مان فائرنگ ٿو ڪريان. همراهه Hyper ٿي ويو هيو. ڪيس پنهنجي سر جو خوف ورائي ويو هيو. مون جلوس جو رويو جاچيو. ته ان حالت تائين بي ضابتگي نظر نه پئي آئي. بابو شاهه بي هوش ٿيڻ کان پوءِ محسن سنڌيءَ ۽ يونس ڀان جلوس جي اڳواڻي ڪري رهيا هئا.

## مڇريل هجوم ۾ ڪاهي پيس

مون ڊي ايس پي جي ڌمڪيءَ کان پوءِ ڪيس منع ڪئي. مان پراميد هيس، ته نتيجو منهنجي اميدن مطابق نڪرندو. قُل پڙهيم. الله جي آسري تي پنهنجي ڊرائيور رمضان کي وٺي ڏاڪڻ تان هيٺ لهي آيس. يونس ڀان ۽ محسن سنڌيءَ جي ڪلهي تي هٿ رکي چيم "توهان کٽيو اسان هارايو. هلو ته چوڪ تي هلي جلسو ڪيون." جلوس جيئي پٽو جا نعرا هنيا. مان هڪ هٿ سان يونس کي ته ٻئي هٿ ۾ محسن جي ٻانهن جهلي ڪين واپس ورايو. ورڪرن پوليس تي لعنتون وڌيون. اهي اسان سان واپس ٿي ويا. جيئي پٽو جي نعرن ۾ اجان به زور اچي ويو. مان جڏهن گهر وٽ پهتس ته، يونس ۽ محسن کي چيو، توهان وڃي جلسو ڪيو. مون سندن پٺي ٺپي ۽ گهر هليو آيس.

مون گهر پهچي ڊي سي کي فون ملائي ته پهريون اهو سوال ڪيائين ته "تون خيريت سان آهين؟" چيومانس: "آءٌ نيڪ آهيان." "ڪو نقصان نه ٿيو؟" سندس سوال هيو. "نه سائين، نقصان ڪو نه ٿيو آهي، جلوس هاڻي پنهنجي حسب منشا تقريرون پيو ڪري ۽ سرڪار ۽ انتظاميا کي گهٽ وڌ پيو ڳالهائي."

منهنجي پڇڻ تي ٻڌايائين ته ٺٽي جو ڊسٽرڪٽ جيل پڄي پيو آهي. ايستائين جو مختيارڪار جي آفيس ۽ ميونسپل آفيس کي باهه ڏئي رڪارڊ ساڙي ڇڏيو اٿائون. گهاري جو به اهو حال آهي.

منهنجي هيڊ منشيءَ مون کي وڌيڪ ٻڌايو ته جاتي، لاڏيون ۽ شاهه بندر ۾ خير لڳو پيو آهي. ميرپور بٺوري ۾ جلوس نڪتو آهي. مختيارڪار جي آفيس ۽ جيل ڏانهن پيو وڃي. مون مختيارڪار سان فون تي رابطو ڪيو. هن اها ئي صورتحال ٻڌائي. چيائين ته، "جلوس منهنجي آفيس ۾ پيو اچي." اڪيلي قيديءَ وزير ميمڻ کي به مون آزاد ڪرڻ جو

Gul Hayat Institute

مختيارڪار کي حڪم ڏنو.

مون ٻين دوستن کان به خبرچار ورتي. ٺٽي ۾ ايس ڊي ايم آغا قادرداد دراني هيو. جيڪو سکر جو آهي. جڏهن ڊي سي وٽ ميٽنگ ٿي رهي هئي ته قادرداد دراني چيو ته "جنهن به گوڙ ڪيو ان کي وات ۾ هڪ گولي ٺوڪبي." ڪيس عادت هئي، جو اسان ٻنهي، ايس ڊي ايم کي 'سئوٽ' ڪري سڏيندو هيو. مون خبرچار وٺڻ لاءِ پهرين سئوٽ دراني کي فون ڪئي. چيائين: "سئوٽ ڪهڙي ٿو خبر پڇين، هتي ته ڪم ٿي لهي ويا آهن. جيل، مختيارڪار جي آفيس، ايستائين ٻيون سڀ آفيسون، جيڪي مڪليءَ کان هيٺ هيون، سڀ ساڙي ڇڏيون اٿن. هت به مڪليءَ تي ڊي سي صاحب، فوج کي گهرائي ورتو هيو نه ته اسان جي آفيس به سڙي وڃي ها."

هاڻي ٻئي سئوٽ، اي سي گهارو کي فون ڪيم. گهاري ۾ سپاهگو خان هيو. ان به چيو ته: "سئوٽ، ڪم لهي ويا آهن. سڄي سب ڊويزن جا جيل ۽ مختيارڪار جو آفيسون، ايتري قدر جو اي سي جي گاڏي ۽ مختيارڪارن جون گاڏيون به ساڙيون ويون آهن."

ڪمشنر علي محمد شيخ صاحب سجاول آيو. خبرچار پڇيائين. مون به پنهنجي سورهيائيءَ جي ڳالهه ڪئي. صفا ناراض ٿي ويو. چيائين "توکي قتل ڪن ها ته پوءِ؟" سندس ڪاوڙ ۾ وڏن واري شفقت هئي. مون ڪيس ڪو جواب نه ڏنو هو به پنهنجيءَ جاءِ تي درست هيو.

## ملڪاڻي

منهنجي نيازمندي سجاول ۾ پوسٽنگ کان اڳ ۾ سجاول جي سيني سرڪرده اڳواڻن سان هئي. جن ۾ مامون خان ملڪاڻي، جيڪو غلام قادر ملڪاڻي ۽ حاجي محمد عثمان ملڪاڻيءَ جو والد صاحب ۽ جت قبيلي جو ملڪ، سرواڻ ۽ سردار هيو. سندس پٽ غلام قادر ملڪاڻي 1985ع جي اڻ ڌري اليڪشن ۾ ايم پي اي ۽ پوءِ سائين غوث علي شاهه جي Cabinet ۾ وزير چونڊيو ويو.

موجوده پير صاحب پاڳارو، سيد صبغت الله شاهه راشديءَ سان به پهرين ملاقات سجاول ريسٽ هائوس ۾ 1986ع جي سياري ۾ ٿي هئي. جڏهن پاڻ ملڪاڻي صاحب جي دعوت تي شڪار تي آيا هئا ۽ اريگيشن کاتي جا وزير هئا. ملڪاڻي صاحب جي خاندان سان اڄ تائين پنهنجائپ ۽ ويجهڙائپ آهي. اڪثر ملڻ جلڻ ۽ فون تي به دعا سلام ٿيندي رهندي آهي. انهن ڏينهن ۾ مظفر علي خان لغاري ايم پي اي ۽ احمد خان ميمڻ ايم اين اي ٿيا هئا. جڏهن ته جام بجار ايم پي اي ۽ حاجي عثمان جلباڻي ايم اين اي ٿئو- گهارو مان ٿيا هئا. اعجاز شاهه به ايم پي اي ٿيو هيو. جلباڻي صاحب وري 2008ع ۾ به ايم پي اي ٿيو



هيو پر احمد ميمڻ، شاهي خان، جام بجار خان وري ايم پي يا ايم اين اي چونڊجي نه سگهيا. سندن جاءِ نون چهرن ۽ نون سياستدانن والاري غلام قادر ملڪاڻيءَ جي سئوٽ محترم محمد علي ملڪاڻي، شيرازي گروپ سان گڏجي ويو ۽ غلام قادر ۽ ملڪاڻي فئمليءَ کي سياسي طرح وڏو ڌڪ رسيو. شيرازي صاحب به پنهنجي سياست ڪندا رهيا. ٺٽي جي سياست ۾ ڪافي لاها چاڙها ايندا رهيا. پ پ جي سياسي طاقت جو شيرازي برادران ڀرپور مقابلو ڪندا رهيا.

## غلام قادر پليجو ۽ سسئي پليجو

ميرپور ساڪري جي سياست ۾ هڪ نئون ڪردار غلام قادر پليجو به شامل ٿي ويو. جيڪو رسول بخش پليجي ۽ عبدالرحمان پليجي جو ڀاءُ آهي. هن پهريان ته ڏاڍي محنت ڪئي. ٺيڪا ڪنيا، ضلع ڪائونسل جي ايڪسپورٽ ٽيڪس ۾ به جام پئسو ناهيو. رسول بخش پليجي جي پارٽي "عوامي تحريڪ" ۾ وڃڻ بدران پ پ پ جوائن ڪيائين. 1993ع ۾ اسلام آباد واري ريليءَ ۾ جڳديش ملاڻي، فقير محمد لاشاري ۽ اسماعيل اُڏيجي صاحب سان زخمي ٿي پيو. هو ٽيئي الله کي پيارا ٿي ويا. هن کي خدا حياتي ڏني آهي.

1997ع واري اليڪشن ۾ ڪيس ساڪري مان پ پ پ جي ٽڪيٽ ملي ۽ هو چونڊجي ويو. 2002ع جي اليڪشن ۾ سندس نياڻي سسئي پليجو اليڪشن ۾ بيٺي. جو ته پاڻ گرئجوئيٽ نه هيو تنهن ڪري چونڊ جو شرط پورو نه پئي ڪري سگهيو. سندس ڌيءَ 2002ع ۾ چونڊجي وئي ۽ هن سنڌ اسيمبليءَ ۾ پنهنجو پاڻ موکيو. نوجوان ۽ خوبصورت سسئي پليجو پ پ جي قومپرست رهنمائن جي پهرين صف ۾ شمار ٿيڻ لڳي. جڏهن به ڪيس موقعو مليو ته هن پنهنجو پاڻ ملهايو. 2008ع جي چونڊ ۾ سسئي پليجو وري چونڊجي آئي. هن پيري پ پ پ سائين قائم علي شاهه جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌ حڪومت جوڙي آصف علي زرداري صاحب، جنرل مشرف کي لاهي پاڻ صدر پاڪستان ٿيو.

سسئي پليجو لاءِ اهو به اعزاز هيو ته هوءَ سنڌ اسيمبلي ۾ 2002ع ۽ 2008ع ۾ سڌي چونڊ ۾ چونڊيل ايم پي اي هئي. 2008ع ۾ ثقافت ۽ سياحت جي وزير به ٿي. پنج سال وزير رهي. پر ڪڏهن ڪڏهن Party line کان هٽي بيان ڏيڻ تي Port folio واپس به ورتو پئي ويو. پر هن پنهنجي قومپرستيءَ واري لائين نه ڇڏي. 2013ع جي اليڪشن ۾ سسئي پليجو چونڊن ۾ ٿورن ئي ووٽن تان هارايو. ڪي ته چون ٿا ته سندس قومپرستيءَ جي وڌيل تقريرن جي ڪري فرشتن اڇي سندس پتو ڪٽيو. پر هوءَ ماٺ ڪري ويهي رهڻ واري ڪٿي هئي. سينيٽ جي ميمبر چونڊجي وئي ۽ هاڻي سينيٽ آف پاڪستان جي ميمبر آهي.

Gul Hayat Institute

## ضلع ڪائونسل ٺٽو

ضلع ڪائونسل ٺٽي جي چونڊ هميشہ هتان جي سياستدانن لاءِ عزت ۽ وقار جو مسئلو رهي آهي. ضياءَ جي پهرين چونڊ ۾ مشهور شخصيت اڪبر ڪلهوڙي ۽ ايوب خان جي ذاتي دوست رئيس محمد يوسف چانڊئي جي پٽ محمد موسيٰ جي وچ ۾ سياسي معرڪو ٿيو هيو. ڏسڻ ۾ اڪبر ڪلهوڙي ڪي سرسي حاصل هئي، پر ضلعي جا سياستدان پاڻ ۾ گڏجي ويا ۽ محمد موسيٰ هڪ ووٽ تان ڪٽيو. هونءَ بہ اليڪشن آهي تہ هڪ ووٽ جي. اها ئي تہ جمهوريت جي خوبصورتي آهي. محمد موسيٰ چيئرمين ٿي ويو. چا تہ ماڻهو موتيءَ داڻو هيو. ٺٽي ضلعي ۾ اهڙا ماڻهو گهٽ آهن. مون سان ياري هئس. ڪراچيءَ ويندي اڪثر مون وٽ گهاري ايندو هيو. بردبار ۽ سيني ساٿين کي گڏ کڻي هلڻ وارو نوجوان هيو. پر اهڙا ماڻهو گهٽ جيئرا رهندا آهن. ڪيس دل جو دورو پيو ۽ هو الله کي وڃي پرتو.

ضلع ڪائونسل جي ننڍي چونڊ قادر ڏني شاهہ شيرازيءَ کٽي. 1983ع واري ضلع ڪائونسل جي چونڊ بہ قادر ڏني شاهہ کٽي هئي. اڳتي هلي قادر ڏني شاهہ جي مرڻ کان پوءِ 1985ع ۾ شفقت شاهہ ضلع ڪائونسل جو چيئرمين ٿيو.

1987ع ۾ ضياءَ جي دور ۾ لوڪل باڊيز جي ٽئين ٽرم جون چونڊون ٿيڻ واريون هيون. سنڌ جو وڏو وزير سائين غوث علي شاهہ هيو. ان جي ڪري شيرازي برادران جو پلڙو ڀاري هيو. پر ٻيا سياستدان بہ ڪين سولو ڪٽي ٽا ڇڏين.

## حمزو خان پليجو

حمزو خان پليجو، جيڪو ضلع ڪائونسلن جي آڪٽراءِ جو وڏو ٺيڪيدار هيو. جنهن نہ صرف ٺٽي مان، پر پوري ملڪ مان جام پئسا ڪمايا هئا. ٺٽي جي سياسي ڌرين کيس ضلع ڪائونسل جي چيئرمين شپ لاءِ راضي ڪيو. حمزي خان پليجي جِي پير سائين پاڳاري سان نيازمندي هئي. ٺٽي جي سياستدانن سائين غوث علي شاهہ ۽ شيرازين سان منهن ڏيڻ لاءِ هنن پير صاحب پاڳاري جي مدد ورتي.

حمزي خان کي ضلع ڪائونسل لاءِ غوث علي شاهہ متفقہ اميدوار فائز ڪيو هيو. ٺٽي جي سياستدانن ۽ حمزي خان پليجي جي بظاهر فتح ٿي، پر قدرت کي ٻيو ڪجهہ منظور هيو ان ڪري اها دراصل حمزه خان جي تباهي ثابت ٿي.

شفقت شاهہ کي راضي رکڻ لاءِ ساڻس سينيٽ جي ٽڪيٽ جو واعدو ڪيو ويو. جيڪا اليڪشن بہ ويجهڙائيءَ ۾ ٿيڻ واري هئي. حمزي خان ضلع ڪائونسل جو چيئرمين ۽ شفقت شاهہ سينيٽ جو ميمبر ٿي ويو. پر ڌرين جون دليون نہ ٺريون.



## سيد عبدالستار شاهہ شيرازيءَ جي شهادت

قصو هلندو رهيو. ضلع ڪائونسل ۾ حمزي خان سان ڪئونس ٿيندي رهي. ايستائين جو ٻنهي ڌرين پنهنجا آرمڊ گارڊ بہ ڪائونسل جي ميٽنگ ۾ آڻڻ شروع ڪيا. ان دور ۾ ٺٽي جو ڊي سي عابد شيخ هيو. جيڪو پوءِ 1996ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ڪمشنر ٿيو.

هڪ اهڙي ميٽنگ ۾ هڪ خاتون ڪائونسلر، جيڪا شيرازي ڀائرن جي نوڪرياڻي هئي، ان حمزي پليجي کي ان وقت چمپل اڇلي هئين. جڏهن حمزو خان ضلع ڪائونسل جي ميٽنگ جي صدارت ڪري رهيو هيو. حمزو خان ڪرسي ڇڏي چيمبر ۾ ڀڄي ويو. سندس گارڊ بہ تيار بيٺا هئا. انهن فائر کوليا. هال مان بہ فائر هليا، ٽي ماڻهو مري پيا. جنهن ۾ شيرازي برادران جو ٽيون ڀاءُ سيد عبدالستار شاهہ شيرازي بہ مارجي ويو. وڏو نقصان ٿيو. ستار شاهہ عاليشان ماڻهو هيو. ڏاڍو اڳتي وڃي ها، پر سندس عمر ايتري هئي. حمزي خان پليجي ۽ ٻين تي ڪيس ٿيا. وڃي جيل ۾ پيا. اهو هيو سياست ۾ ضد جو نتيجو. ڪيس هليو ۽ حمزي خان جو ڏنڊو ڏاڍي ئي ڦٽي ويو. ڪيس اچي سر جي لڳي.

حمزي خان، عبدالوحيد ڪٽپر کي پنهنجو وڪيل ڪيو. وڏي مشڪل کان پوءِ سندس ضمانت ٿي. ڪيس نہ بيٺو. حمزو خان ۽ ٻيا جوابدار ڇُٽي ويا، لڪاٽي کي ٽي سال سزا آئي. پر ٻئي ڌريون پوءِ بہ سخت رساڪشيءَ ۾ هيون. حمزي خان کي خطرو هيو تہ شيرازي ڏاڍا مڙس آهن. ضرور پلاند ڪندا. هو بہ پنهنجي سيڪيورٽي کڻي هلندو رهيو. اڳتي هلي مٿس هارٽ اٽيڪ ٿيو، فوت ٿي ويو ۽ اهو قصو ڪوتاهہ ٿيو. الله سڀ تي رحم ڪري.

## روشن ضمير

علي محمد شيخ صاحب لوڌي صاحب کان پوءِ حيدرآباد جو ڪمشنر ٿيو. اتفاق سان الله بخش سومرو، عبدالله جي ميمڻ، عبدالڪريم لوڌي ۽ علي محمد شيخ صاحب، حيدرآباد ضلعي جا ڊپٽي ڪمشنر بہ رهيا هئا. ساڳي طرح چارئي ڄڻا حيدرآباد ڊويزن جا ڪمشنر بہ رهيا. 1986ع ۾ شيخ صاحب چئن مهينن جي موڪل تي ويو. سندس جاءِ تي روشن ضمير، جيڪو پاڻ بہ اڳي ڊي سي حيدرآباد رهيو هيو. اهو ڪمشنر ٿي آيو. هاڻي روشن ضمير صاحب آمريڪا جي شهر هوسٽن ۾ رهي ٿو. سندس والد محمد الياس صاحب اسان جي ڳوٺ رتيديري جي ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ پنجاهہ جي ڏهاڪي ۾ هيڊماستر رهيو هيو. روشن ضمير صاحب بہ اتي پڙهيو هيو. سندس ڪلاس ميٽ هئا: محمد ابراهيم گهانگهرو ۽ محمد صديق گهانگرو. محمد صديق تہ سول جج ٿيو. پوءِ ايڊيشنل جج ٿيو ۽ آخر ۾ Laterel Entries ۾ Joint Secretary اسلام آباد ۾ وڃي نوڪري

Gul Hayat Institute

ڪيائين. اتي ئي جوانيءَ ۾ هارٽ اٽيڪ ٿيس ۽ فوت ٿي ويو.

روشن ضمير CSP آفيسر هيو. ڊي سي حيدرآباد جي زماني ۾ ساڻس ملاقاتون ٿينديون هيون. سنڌي سٺي ڳالهائيندو هيو. پر رهڻ سهڻ، هلڻ چلڻ ۽ ڪاڌ پيتي ۾ پورو انگريز هيو. ڊي سي هائوس ۾ هڪ وڏي پراڻي ٻڙ جي وڻ تي Tree House ٺهرايو هئائين.

جتي يار دوستن سان موڪلن ۽ واندڪائيءَ جي وقت ۾ تاش، برج راند ڪندو هيو. پائيپ پيئندو هيو. اسٽائيل وارو آفيسر هيو. خالد صاحب جي وقت ۾ لاڙڪاڻي ميونسپالٽيءَ جو ائڊمنسٽريٽر به رهيو هيو. شڪار جو شوقين هيو. پاڻ 1986ع ۾ ٿوري وقت لاءِ حيدرآباد جو ڪمشنر به ٿي رهيو. پوءِ سکر جو ڪمشنر به ٿيو.

هڪ ڏينهن سجاول دوري تي آيو. مختيارڪار مگريو جيڪو وڏو تجربيڪار هيو. مانيءَ جو بندوبست ان جي حوالي هيو. ماني لڳايائين. مهمانن کي مانيءَ تي سڏڻ کان اڳ مون هڪ ڀيرو ٽيبل تي نظر وڌي مون ٽيبل ڏٺي، نه پوڙ نه دال، نه سبزي جيڪي به ڊش هئا، سڀ Dry هئا. ماني هر ڪو عام طور پوڙ ۾ ٻوڙي کائيندو آهي. مون مختيارڪار کي چيو پوڙ ڪٿي آهي. هو ويو پڇندي پڇندو. موٽيو ته منهن لٿل هوس. چيائين سائين ماني اها ئي آهي. وڃي مهمانن کي سڏي آيس. ان وچ ۾ مون ماڻهو گهر پڄايو ته ڪو پوڙ تيار هجي ته اهو ڪٽي اچن. هڪ ٻيو ماڻهو شهر جي هوٽلن تي پڄايو ته دال ۽ سبزي وٺي اچي.

ڪمشنر ٽيبل تي ويهندي خوشيءَ جو اظهار ڪيو. "عبدالقادر! توکي ڪيئن خبر پئي ته مان پوڙ نه کائيندو آهيان." وري چوڻ لڳو. ٻنپهرن جو مان ڪڻڪ جو هڪڙو پيس، پيالو ڏهيءَ جو ۽ ٻه ڪيلا کائيندو آهيان. رات جو ماني دٻائي کائيندو آهيان. ڊي سي ڪامران لاشاري منهنجي منهن ڏانهن ڏسي رهيو هيو. ماني شروع ڪئي سون. ان وچ ۾ گهر جو پوڙ دال ۽ سبزيءَ سميت ڊش ٽيبل تي پهچي ويا.

هر ماڻهوءَ جو رهڻ سهڻ ۽ ڪاڌ پيتي جو پنهنجو انداز هوندو آهي. اها ننڍي ننڍي ڳالهه پوري نه ٿي ته جڻ ماني بي مزي ۽ زندگي بي چين.

ٻئي دفعي علي محمد شيخ صاحب سجاول آيو. روشن صاحب جي بدلي ٿي وئي هئي ۽ شيخ صاحب وري پوسٽ تي ويو هيو. ٻنپهرن جي سٺي ماني ٺهرائي هئي. سلاد، رائتو وغيره به هئا. مون خاص طرح ڏنو ته پوڙ هجي، مٿان رهجي نه وڃي. پوڙ به هيو دال ۽ مکسڊ ويجيٽيبل به هئي.

مون کي خبر آهي ته شيخ صاحب ڪاڌ جو نفيس ۽ سٺي مانيءَ جو شوقين آهي. مون پنهنجي ليکي ڪنهن به شيءِ جي کوٽ نه ڇڏي. شيخ صاحب ماني کائيندي رڙ ڪئي. ليمون ڪونهي ڇا؟ ليمون ڪونه هيو. ماڻهو ڀڳو شهر مان ڪلو ليمان وٺي آيو. ٻه ٽي ليمان وڏي ٽيبل تي رکيا سين. شيخ صاحب ليمن کي انجواءِ ڪيو. ماني ڪاڌ کان پوءِ



ليمن جو پاڻي ٺهرائي به پيتو. جنهن مان اسان به مستفيد ٿياسون.

جنرل ضياءَ صاحب ٺٽي آيو. فون تي ان جي اي ڊي سي اها تاڪيد ڪئي ته جنرل صاحب جي باٿ روم ۾ سرنهن جو تيل هجڻ گهرجي. پر جيڪڏهن اها سڌ نه هجي ها ته اوچتو سرنهن جو تيل ڪٿان اچي ها!

## وڏا ماڻهو ننڍيون عادتون

سائين غوث علي شاهه جي هدايت هوندي هئي ته باٿ روم ۾ صابڻ جون ٻه ٽڪيون هجن!

ڪي. بي رند صاحب برياڻيءَ جو شوقين آهي. نواب شاهه ۾ مون سنڌس ماني جهلي. چيائين نيڪ آهي. ماني تنهنجي کائيندا سون. پر منهنجي فارم هائوس تي. جڏهن ڊشز کوليا سين ته برياني ڪونه هئي. مون کي پڪ هئي ته برياني تيار ڪئي وئي هئي، پر اسان وٽ پهچي نه سگهي هئي. منهنجي پڇڻ تي بورچيءَ ٻڌايو ته مون برياڻيءَ جو ڊش ڪيدي ڊرائيور کي ڏنو هو هُو بورچيخاني ۾ ئي وساري ويو آهي. ٽيبل تي ٽيستائين انتظار ۾ ويٺا رهياسون، جيستائين نوابشاهه کان اها ڊش سڪرنڊ پهچي.

فضل الرحمان صاحب، سابق چيف سيڪريٽري پاون ڪاڌ جو شوقين. پر ڪير سنڌس گهر ۾ وڃي ته ان کي اسنيڪ کارائي چوندو ته باقي ماني پنهنجي گهر کائجو. هاڻي ته وٽس ويندو آهيان ته ڊنر ڪري ويندو آهيان. باقي سنڌس Snaks کي Enjoy ڪندو آهيان.

ڪي ماڻهو چانور اڳ ۾ ۽ چپاتي پوءِ کائيندا آهن. ڪي وري چپاتي اڳ ۾ ۽ چانور پوءِ. ڪي ماڻهو ماني کائي پوري ڪري پوءِ چپاتي يا نان جو گرهه پڇي اهو چباڙيندا. چوندا ته تيل يا گهه جيڪو ٿانءِ ۾ جمي ويو آهي اهو ٿو لاهيان. هر ماڻهوءَ کي هر ڪم لاءِ پنهنجو جواز هوندو آهي.

ارباب غلام رحيم صاحب نان صفا نه کائي. ڪنهن دوست وٽ ماني کائي يا سي ايم هائوس ۾، پر سنڌس مانيءَ ۾ منجهند جو قيمي جو هڪ ڊش ضرور هوندو آهي. سي ايم هائوس جا بورچي قيمو ڏاڍو سوادي ناهين ٺا. هاڻي جي خبر ناهي ته ڪيئن ٺا ناهين.

اسلم سنجراڻي صاحب وري گهرن ۽ آفيسن کي Renovate ۽ Addition & Altration ڪرڻ جو شوقين آهي. لاڙڪاڻي ۾ ڪمشنر هيو ته اتي ڪمشنر هائوس ۽ آفيس جي ڇهن مهينن ۾ شڪل ئي مٽائي ڇڏيائين. حيدرآباد ۾ به گهر ۽ آفيس کي صفا تبديل ڪري خوبصورت ٺاهي ڇڏيائين. حيدرآباد جي گهر ۾ Swimming Pool ٺهرايائين. هو نفيس ماڻهو آهي. ڪاڌ پيتي ۾ به نفيس، ۽ سٺي ٽيسٽ جو مالڪ آهي. سگريٽ نه پيئي،

پر سگار پيئي.

منهنجو دوست پرڪاش ڪتواڻي، ڊنر کان پوءِ جيستائين Dessort (مٺو) نہ کائي، تيستائين پريشان رهندو. مِٺي ۾ پليل پوءِ کجور، مٺائيءَ جو ٽڪرو يا کنڊ جي چپٽي ئي ڇو نہ هجي.

## جلسا جلوس ۽ يوسف ڪيراٽو

بنوري/ دڙي ۾ آئي ڏينهن جلسو جلوس نڪرندو رهندو هيو. ڪڏهن کهڙي پارٽيءَ جو تہ ڪڏهن کهڙيءَ پارٽيءَ جو. هڪ پارٽيءَ ڪو جلوس ڪڍيو تہ ٻي پارٽي وري ان کان وڏو جلوس ڪڍندي. اسان جي بہ عادت ٿي وئي هئي، انهن کي منهن ڏيڻ جي. هڪڙي اهڙي ئي جلوس جو اعلان عوامي تحريڪ پاران ڪيو ويو. يوسف ڪيراٽو ان جلسي جي سرواڻي ۽ بندوبست ڪري رهيو هيو. جيڪو ڪجھ انتظاميا کي ڪرڻو هوندو آهي، مان اهي انتظاميا جي طرفان اُپاءَ وٺي رهيو هوس. مون کي انهن جي مزاج جي خبر هئي ۽ منهنجي مزاج کان هُو واقف هئا. ڊي سي عبدالقادر ابڙي کي شوق ٿيو ۽ چيائين تہ انهن مان پنجن ستن ليڊرن کي شام جو ستين بجي منهنجي آفيس ۾ گهرايو مان ساڻن ميٽنگ ڪرڻ ٿو گهران. مون کيس منع ڪئي تہ اهي گرم طبيعت جا ماڻهو آهن. توهان کين نہ گهرايو. مون کي هينڊل ڪرڻ ڏيو. هن وڌيڪ زور ڏنو. مون بحث ڪرڻ بيڪار سمجھيو دل ۾ سوچيم، ڀل تہ اهي انب ڊي سي صاحب بہ چکي ڏسي. شام جو ڊي سي آفيس ٺٽي ۾ ميٽنگ ٿي. ڊي سي صاحب اٿندي ئي چيو: اها کهڙي مشڪري لڳائي وينا آهيو؟ ڏهاڙي جلوس جلسا ٿا ڪيو. ڏهاڙي هڙتالون. سڀاڻي اگر توهان جلسو ڪڍيو تہ توهان کي جيل ۾ وجهي ڇڏيندس. يوسف ڪيراٽو جيڪو هميشہ وانگر قاتل ڪپڙن ۽ سنڌي ٽوپي پايو وينو هيو. شايد ڊي سي صاحب بہ هن کي هاري سمجھيو هيو. ان جواب ڏنس: "پوءِ وجھو نہ جيل ۾، ٻيو توهان ڪري بہ ڇا ٿا سگهو؟" تنهن تي ڊي سي چيو: "باقي آيا ڇو آهيو؟" يوسف چيو: "اسان ڪٿي آيا آهيون، توهان جو مختيارڪار جيپ تي وٺي آيو آهي." چانهن ٽيبل تي پئي هئي. هُو اُٿي کڙا ٿيا، چانهن اتي ئي رهجي وئي.

هو نڪتا تہ ڊي سي چيو تہ "هي ڪي ڏکيا ماڻهو آهن." مان چپ چاپ چانهن پيئندو رهيس.

ٻئي ڏينهن اخبارون حسين بخش ناريجي، جي بيان سان ڀريون پيون هيون. جيڪو ايم آر ڊي جوان ترم جو صدر هيو ۽ عوامي تحريڪ جو بہ ايڪٽنگ صدر هيو ڪوٽڙيءَ ۾ ڊي سي ٺٽو عبدالقادر ابڙي جي خلاف هن پريس ڪانفرنس ڪئي، جنهن گذريل ڏينهن



واري واقعي کي وڌائي چڙهائي پيش ڪيو.

## عبدالغفور قاسمي

جتي سياسي ڌرين جو اهو حال هيو اتي مذهبي ڌرين ۾ خاص طور JUI سرگرم هوندي هئي. JUI سنڌ جو سيڪريٽري جنرل عبدالغفور قاسمي سجاول جو هيو. پارٽيءَ ۾ سندس وڏي مڃتا هئي. قاسمي صاحب کان پوءِ شهيد خالد محمود سومرو جي يو آءِ سنڌ جو سيڪريٽري جنرل ٿيو. بدين ۾ ڪو مذهبي مسئلو ٿي پيو. ان ۾ قاسمي صاحب جو بہ اثر هيو. با اصول ماڻهو هيو. مون سان خاص قرب هئس. خبر ناهي منهنجي ڪهڙي ڳالھ کيس وڻي وئي هئي. سجاول ۾ پوسٽنگ کان پوءِ مون کيس ماڻهو موڪليو تہ مون کي ٽائيم ڏيو. مان سلام ڪرڻ لاءِ اچڻ ٿو چاهيان. منهنجي ماڻهوءَ کي چيائين تہ "نہ بابا، منگي صاحب اسان جو صاحب ٿي آيو آهي. هاڻي منهنجو فرض آهي تہ مان وٽن ڪهي وڃان. اڄ شام جي مغرب جي نماز کان پوءِ آءٌ وٽس حاضر ٿيندس." قاسمي صاحب وعدي مطابق آيو. اڇو پٽڪو ٻڌل، اڇا ڪپڙا پاتل، ٻوچڻ ڪلهي تي، ننڍو قد، نوراني چهرو، سفيد ڏاڙهي، ڪجھ دير ڪچهري ٿي، موڪلائي هليو ويو. پوءِ مان بہ وٽس ويندو هوس ۽ پاڻ بہ دعا سلام ڪرڻ ايندا هئا.

هڪ ڏينهن علي محمد شيخ صاحب، ڪمشنر حيدرآباد فون ڪري مون کان پڇيو: "مولوي عبدالغفور قاسمي سان واقفيت اٿئي؟" مون ها ڪئي. چوڻ لڳو "عجيب ماڻهو آهي." مون کيس چيو تہ ميٽنگ تي بدين اچ. چوڻ لڳو: "مان نہ ايندس. اهڙي ماڻهوءَ کي وڌيڪ مان ڇا چوان." شيخ صاحب بيوسيءَ ۽ ڪاوڙ جي حالت ۾ لڳي رهيو هيو. مون کي چيائين تہ "ڪنهن طريقي سان کيس سڀاڻي 11 بجي ڊي سي بدين جي آفيس ۾ وٺي اچ." شيخ صاحب جو مطلب هيو تہ مان کيس زور زبردستيءَ سان بہ وٺي اچان. مون چيو: سائين "هُو ڏکيو ماڻهو آهي. هن تي ڪا بہ زور زبردستي نہ هلندي. ڪوشش ڪري ٿو ڏسان." مون کي بہ حڪم هيو تہ مان بہ بدين پهچان. مون قاسمي صاحب کي فون ڪئي. هو کِليو. "چيائين ڪمشنر چيو ٿي نہ، تہ قاسميءَ کي وٺي اچ؟" مون ها ڪئي. چيائين "توتي بار آهي. تنهنجي عزت اسان لاءِ محترم ۽ مقدم آهي. ٻڌاءِ ڪائين بجي بدين پهچڻو آهي؟" وڌيڪ چيائين، "مان پاڻ ئي پنهنجي سواريءَ جو بندوبست ڪري پهچي ويندس." قاسمي ڊي سي آفيس ۾ يارهين کان 5 منٽ پهريان پهتو. فيصلي ۾ بہ مثبت رول ادا ڪيائين. معاملو طئي ٿي ويو. هلندي هلندي ڪمشنر صاحب کي چيائين، "اهو سڀ منگي صاحب جي طفيل ٿيو آهي. کيس دعا ڪيو."

Gul Hayat Institute

## اعجاز خواجي جي گرفتاري

هڪ رات دير سان ڏي سي ٺٽي فون ڪئي ته مشتاق علي شاهه اي ايس پي ٺٽو توهان وٽ ايندو، ان سان Raid تي گڏ وڃڻو آهي. تفصيل توهان کي روبرو ٻڌائيندو. ڪجهه دير ۾ مشتاق علي شاهه اي ايس پي آيو. ٻڌايائين ته ٻنوري هلڻو آهي. اعجاز خواجه کي گرفتار ڪرڻو آهي. مقامي پوليس کي به اطلاع ڪونه هيو. پوليس جون ٻه ٽي وئن گڏ هيون. ٻنوري پهچندي ڪلاڪ کن پيو لڳي ويو. اعجاز خواجه منهنجو پيارو دوست هيو ۽ آهي. دانشورانه بحث ڪندا هئاسون. اهڙا ٿورا ماڻهو آهن، جن سان ملي دل ۽ روح خوش ٿيندا آهن. نظرياتي سياستدان آهي. ڪنهن پيچ ڏاهه کان پري آهي. ڪيس فون تي ئي چوان ها ته سجاول ايس ڊي ايم جي گهر تي اچ ته توکي گرفتار ڪيون ته به هليو اچي ها پڇي ڪونه ها. اهڙي ماڻهوءَ کي اي ايس پي ۽ پوليس جوا ٽالو وٺي گرفتار ڪرڻ نڪتو آهيان. هو جڏهن به ملندو هيو ته چوندو هو ”منهنجي گهر چانهن اچي پيءُ“ مان به دل سان سندس گهر وڃي چانهن پيئڻ جو واعدو ڪندو هوس. ڪيس ڇا چوان ته ”تنهنجي چانهن پيئڻ آيا آهيون.“ نوڪري ته نوڪري آهي. پر هُو به سياسي پڪيڙو آهي، سڀ سمجهي ٿو. منهنجي مجبوري به سمجهي ٿو.

اي ايس پي مشتاق علي شاهه به پوليس جو چمڪندڙ ستارو آهي. سنڌ جو انسپيڪٽر جنرل ٿيو. جتان تازو رٽائرڊ ڪيائين. يارن جو يار آهي. کهڙي به سياسي مند هجي، يارن سان ياري نه ڇڏيائين. اسان جو پاڻ ۾ عزت، سڪ ۽ قربت جو رشتو آهي. لاڙڪاڻي جو ايس ايس پي هو ته مان اتي Additional Commisioner هئس. حيدرآباد ۾ ايس ايس پي هيو ته مان منيءَ ٽر ۾ ڊي سي هئس. ٻئي گڏ نوڪري ڪندا رهياسون.

سو اڄ اسان اعجاز خواجه کي جهلڻ پئي وياسون. سندس در تي پهچي آواز ڏنوسون. چوڪرو نڪري آيو ان مون کي سڃاتو پئي. پوليس کي به ڏٺو. اعجاز پڇي وڃي سگهيو پئي. منهنجي دل به ائين پئي چاهيو ته شل جواب اچي ته، اعجاز گهر ڪونه آهي ۽ هُو گهر جي ڇت ٽپي ماڻٽن جي گهر هليو وڃي، پر شايد هن سوچيو ته دوست کي هيئن خالي هٿين ڪيئن روانو ڪيان...! اعجاز تيار ٿي آيو ۽ اسان سان گڏ هليو.

Gul Hayat Institute

## يوسف چانڊيو

مون فيلڊ مارشل ايوب خان جون ڇپيل ڊائريون پڙهيون آهن. ڪتاب جو نالو آهي:

Diaris of Field Marshal Mohammad Ayoub Khan (1966-1972)

ان ڪتاب ۾ اڪثر ڪينجهر ڍنڍ تي رهڻ ۽ محمد يوسف چانڊيي وٽ شڪار ڪرڻ جو ذڪر آهي. محمد يوسف چانڊيو، محمد موسيٰ چانڊيي جو پيءُ ۽ اڪبر ۽ اقبال موسيٰ جو ڏاڏو هيو. وڏي اثر رسوخ وارو ماڻهو هيو. جنهن ماڻهوءَ وٽ ايوب خان مهمان



ٿيندو هجي، ان جي پنهنجي علائقي ۾ ڪيڏي نه حيثيت هوندي. ايوب خان جي وفات کان پوءِ نه اهو چانڊيو رهيو نه سندس اهو اثر رسوخ رهيو. سندس پٽ محمد موسيٰ ڪجهه ڏاڪو ڄمايو پر اهو به جلد راهي ملڪ عدم ٿي ويو. پويان خان محمد چانڊيو 1985ع جي اليڪشن ۾ ايم پي اي ٿيو. ٻي سياست خير محمد چانڊيي ڪئي، پر ڪو ٻوٿو نه ٻاري سگهيو. هاڻي اڪبر موسيٰ ۽ اقبال موسيٰ جوان ٿي ويا آهن. الله ڪين پنهنجي امانَ ۾ رکي.

محمد يوسف چانڊيو، وڏي اثر رسوخ وارو رهيو آهي. ٺٽي ضلعي کي ترقي وٺائڻ ۾ هن جو وڏو هٿ آهي. ضلعي ڪائونسل ۽ يونين ڪائونسلن جي چونڊ کان وٺي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر به ٿيو. 1950ع ۾ هن سجاول ۾ چانڊيه اسڪول ٺهرايو. جنهن جو هن علائقي جي تعليم ۽ سماجي اوسر ۾ وڏو هٿ آهي. دولهه درياهه خان پُل (ٺٽو- سجاول) ٺهرائڻ ۾ به سندس وڏو حصو هيو. چانڊيو صاحب ايوب خان جو گهاٽو يار هيو. 1970ع واري اليڪشن ۾ سجاول- ٺٽي مان ڀُٽي صاحب جي سامهون ايم اين اي لاءِ مقابلي ۾ بيٺو. جتان هن هارايو. ڀٽي صاحب پاران اها سيٽ خالي ڪرڻ کان پوءِ مخدوم امين فهيم صاحب اتان ضمني چونڊ ۾ ايم اين اي چونڊجي آيو. محمد يوسف 1977ع ۾ پ پ پ جي ٽڪيٽ تي ايم اين اي چونڊجي آيو ۽ 1978ع ۾ انتقال ڪري ويو. سندس پٽ محمد موسيٰ چانڊئي ٿورڙي وقت ۾ تمام وڏو نالو ڪييو ۽ سڄي ضلعي جي سياست کي پنهنجي مُٺ ۾ بند ڪري ڇڏيائين. 1985ع جي غير جماعتي چونڊن ۾ سندس گروپ وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيو. سجاول ۾ ايم اين اي جي سيٽ تي مامون خان ملڪاڻيءَ کي، نئين سياستدان احمد خان شڪست ڏني ۽ ساڳيءَ طرح ٺٽو—ميرپور ساڪرو واري ايم اين اي جي سيٽ تي سندس گروپ جي حاجي محمد عثمان جلباڻي، قادر ڏني شاهه کي هارايو. پر موسيٰ چانڊيو الله کي پيارو ٿي ويو. سندس وڏو پٽ اڪبر چانڊيو گونگو آهي، ننڍو پٽ اقبال موسيٰ چانڊيو جوان آهي. ان جو پنڌ اڃا پري آهي.

مان ٺٽي ضلعي (پراڻي) جي ڪن سياسي خاندانن جو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو. هونءَ ته ٺٽو آهي ئي تاريخ جو قبرستان، مڪليءَ جو قبرستان. ٺٽي جو نهڻ، ڍهڻ، جلڻ ۽ هزارين تعليمي ادارن جو وجود، ان ڳالهه جي شاهدي ٿو ڏئي ته هتي واقعي ئي ڪنهن وقت وڏو علمي ماحول هيو. علاوه ان جي نوري ڄام تماچي، ڀنڀور/ ديبل ۽ ٻيا ڪيترائي بندر پڻ هتي هئا ۽ ڊگهي ڪوسٽل لائين ۽ سندس خوشحال ۽ اهم دفاعي بيهڪ جي ڪري به ڌارين جي ان تي نظر رهي. سڄي قصي کي نه ٿا وٺون، پر حال ۽ ويجهي ماضيءَ ۾ ٺٽي جي جن سياسي ۽ سماجي شخصيتن جو ٺٽي سجاول سميت ضلعي تي اثر پيو، انهن جو مختصر ذڪر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ انهن تي ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا آهن. اهڙي وڏيڪ تفصيل لاءِ ڏسي سگهجن ٿا:

تحفة الڪرام، چچ نامو تاريخ تازه معارڪ، سمن جي سلطنت ۽ ٻيا پراڻا ماخذ، جن ۾ ٺٽي جي عروج وارن زمانن جو ذڪر تفصيل سان ٿيل آهي.

1955ع ۾ پير علي محمد راشديءَ بطور روينيو وزير مڪليءَ جي ڀاڙين ڪي نئين ضلعي جي هيڊڪوارٽر طور چونڊي اسان تي احسان ڪيو آهي.

## ٺٽي جا اهم خاندان

### ملڪاڻي

اسان جي ئي دور ۾ مامون خان ملڪاڻي جو وڏو ڏاڪو هيو. اليڪشن کٽيندو به هيو ۽ هارائيندو به هيو. پر سجاول / شاهبندر سب ڊويزنن ۾ سندس وڏو اثر هيو. جت قوم جو سردار هيو. جن جو خاص طور ضلعي جي ڪوسٽل زون ۾ وڏو اثر هيو. جنهن ۾ جاتي، شاهبندر، ڪارو ڇاڻ، ڪيٽي بندر، گهوڙاٻاري ۽ ميرپور ساڪرو تعلقا شامل آهن. بدين ضلعي جا به اهي علائقا، جتي جت قوم رهي ٿي، اتي به سندس اثر رسوخ آهي. سندس پٽ غلام قادر ملڪاڻي ۽ حاجي عثمان ملڪاڻي به وقتاً فوقتاً ميمبر ۽ وزير رهندا آيا آهن. مامون خان جا نوجوان پاٽئيا: رسول بخش، محمد علي ۽ شوڪت به ڪافي سياسي اثر رسوخ پيدا ڪري ويا آهن. محمد علي ملڪاڻي ڪڏهن غلام قادر سان گڏ ته ڪڏهن سندس مخالفت ۾ به اليڪشن وڙهندو رهيو آهي ۽ هميشه ڪامياب ٿيو آهي. هن جو اتحاد شيرازين ۽ پ پ پ سان به رهيو آهي. اڄڪلهه پ پ پ سان آهي. ايم پي اي آهي ۽ مال مويشي جو وزير آهي. محمد علي ملڪاڻي موجوده سيني ملڪاڻين ۾ ڏاهو سياستدان آهي.

هن وقت هو غلام قادر ملڪاڻيءَ سان آهي ۽ ٻئي پ پ پ ۾ آهن. 2013 اليڪشن آزاد اميدوار طور شيرازين جي حمايت سان لڙيو. پوءِ به اليڪشن کٽي ويو ته پ پ پ ۾ شامل ٿيو ۽ وزير ٿيو. حاجي محمد عثمان ملڪاڻي سجاول ضلعي جو پهريون ضلعي ڪائونسل (2016) جو چيئرمئن چونڊيو ويو آهي.

### رئيس جمال خان لغاري

جمال خان لغاريءَ جو خاندان به سياست ۾ پراڻو آهي. هميشه مسلم ليگ جي سياست ڪيائين. پير صاحب پاڳاري جو مٿس هٿ رهيو. جمال خان به ساڻس نڀايو. ضياءُ الحق جي دور ۾ مشاورتي ڪائونسل جو ميمبر پڻ رهيو. سندس وفات کان پوءِ سندس پٽ شاهي خان مشاورتي ڪائونسل جو ميمبر ٿيو ۽ 1985ع وارين غير جماعتي چونڊن ۾ مظفر علي خان لغاري (شاهي خان) ايم پي اي ٿيو.



ريحانه لغاري به سندس ويجهي عزيزه آهي. محترمه ٺٽي ضلعي جي پهرين خاتون وڪيل آهي. پ پ پ جي برجستي ليڊر ۽ ايم پي اي آهي. مون کي خوشي ٿي، جڏهن خبر پئي ته محترمه ريحانه سجاول شهر ۾ لئبرريءَ لاءِ ايم پي اي فنڊ مان هڪ هال ٺهرائي ڏنو آهي.

### محمد عيسيٰ خواجه

محمد عيسيٰ خواجه ان گروپ مان هيو جنهن آغا خان سان بغاوت ڪئي ۽ جهرڪ ڇڏي ميرپور بٺوري ۾ رهيو. اهي پاڻ کي اثنا عشري خواجه سڏائين ٿا. هن جو ايڏو ڪو وڏو راڄ پاڳ يا پٽ ڪونه هئي، پر پنهنجي فهم ۽ فراست سان ميرپور بٺوري جي وڏي عرصي تائين خدمت ڪيائين. اٽيل وينل هيو. ياري باشي گهٽي هئس. سياسي جاڳرتا وارو هيو. سني ڳالهائڻ ۽ تقرير جو فن ڄاڻندو هيو. ماڻهن کي موهي ڇاڏي. سندس سڪ عقيدت جي حد تائين مخدوم طالب المولىٰ سان هئي. حالانڪ سندس مسلڪ الڳ هيو. ڪنهن وقت پاڻ کي "عيسيٰ خواجه سروري مست" به سڏائيندو هيو. چون ٿا ته جمال خان لغاريءَ کي شهر بٺوري ۾ اوطاق قائم ڪرڻ ۾ ايتريون سياسي سماجي رڪاوٽون وڌائين، جو هو هتي اوطاق ٺهرائي نه سگهيو. تان ته وڃي آخري عمر ۾ سندن ناهه ٿيو. عيسيٰ خواجه صاف ستروءِ اجرو رهڻ وارو ماڻهو هيو. 1987ع ۾ وفات ڪيائين.

### سردار محمد عثمان سومرو

سردار محمد عثمان سومرو، ڪراچيءَ جي اسڪول لوڪلبورڊ جو چيئرمين ۽ 1937ع کان 1945ع تائين سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر به هيو. سردار صاحب اصول وارو ماڻهو هيو ۽ ڪنهن کي به منهن تي سچ چئي ڏيڻ جي سگهه رکندو هيو.

سردار واحد بخش خان ڀٽي، لاڙڪاڻي واري جو پڳ مٽ يار هيو. هڪ ڪيس ۾ ٻئي گڏ چالان ٿيا هئا ۽ گڏ ڇُٽا به هئا. ڀُٽي صاحب پ پ پ ٺاهي ته ساڻس گڏ هيو. سندس فوتگيءَ کان پوءِ محمد خان سومرو سندن پٽ پ پ پ ۾ رهيو ۽ وزير ٿيو. محمد خان جي مرڻ کان پوءِ ان جو پٽ ڊاڪٽر عبدالواحد سومرو پ پ پ جو ايم پي اي ۽ ايم اين اي ٿيو ۽ وزير به ٿيو. سندس سياست پ پ پ سان آهي.

### سيد شير علي شاهه بخاري

سيد شير علي شاهه بخاري، ڄائو ته ٺٽي ۾، پر سندس مسڪن سجاول ۾ رهيو. سندس زندگي اتي گذري ۽ ضلع لوڪلبورڊ ٺٽي جو چيئرمين ٿيو. 1965ع ۾ ويسٽ پاڪستان گورنمينٽ ۾ ايم پي اي به چونڊيو ويو. 1979ع ۾ وفات ڪيائين، جنهن کان پوءِ

Gul Hayat Institute

سندس ڇڏيل سياسي ورثي کي سندس پٽ شوڪت شاهه عرف بابو شاهه خوب سنڀاليو.

بابو شاهه شروع کان ئي پ پ پ جي سياست ڪئي. 1988ع ۾ ايم پي اي ٿيو. 1990ع ۾ به پ پ پ جي ٽڪيٽ تي ايم پي اي ٿيو پر ڄام صادق عليءَ جو مٿس ڄادو به هليو ته جبر به. دل جي دوري ۾ جوانيءَ ۾ ئي فوت ٿي ويو. سندس ڀاءُ شفيق شاهه ڄام صاحب جي مدد سان ايم پي اي ٿيو ۽ ڄام گروپ ۾ هليو ويو. شفيق شاهه 1987ع ۾ سجاول ٽائون ڪميٽي جو چيئرمئن به ٿيو. هن وقت پ پ پ ۾ آهي. 2015ع جي لوڪل باڊيز جي چونڊن ۾ بابو شاهه جو پٽ شير علي شاهه به ميونسپل ڪميٽيءَ مان ڪائونسلر چونڊجي ويو آهي ۽ چيئرمئنيءَ جو منتظر آهي. شفيق شاهه جي گهر واري فهميده شاهه به پ پ پ جي زناني ونگ جي ورڪر آهي.

## سائين قادر ڏنو شاهه شيرازي

سائين قادر ڏنو شاهه شيرازي، مقامي سياست ڪندو رهيو. ٺٽي جي شاهه مراد شاهه شيرازيءَ جو چشم چراغ هيو. سندس راڄن ۾ وڏي عزت ۽ مانُ هيو. جمال خان لغاري جو دوست هيو ۽ سائين جي ايم سيد سان ويجهي نيازمندي هئس. ضياءَ جي دور ۾ ضلع ڪائونسل جو چيئرمين ٿيو. سندس پٽ اعجاز شاهه شيرازي 1985، 1988، 1990، 1993 ۽ 1997ع ۽ سال 2013ع ۾ به ايم پي اي ٿيو.

اعجاز شاهه ائڊوائيزر ۽ وزير ٿيندو رهيو. سندس ٻيو پٽ سيد شفقت شاهه ضلع ڪائونسل جو چيئرمين ۽ سينيٽ جو ميمبر به رهيو. سندن پُٽَ ۽ پوٽا ايم اين اي ۽ ايم پي اي ٿيا آهن. ٺٽي ضلع جي سياست کي پنهنجي هلت چلت سان ۽ زور زبردستي سان پنهنجي هٿ ۾ رکيو اٿائون. جنرل پرويز مشرف واري دور ۾ ته وڏي دٻدٻي سان ضلعي کي هلايائون. سندن حڪم کان سواءِ پن به نه چُرندو هيو. منهنجي هنن ٻنهي ڀائرن اعجاز شاهه ۽ شفقت شاهه سان دعا سلام رهي آهي. ايس ڊي ايم سجاول جي زماني (88_1986ع) ۾ ساڻن ڪڏهن ڪِٽ پِٽ به ٿيندي هئي. 2013ع جي اليڪشن ۾ پ پ پ پاران ڪين ۽ سندن ساٿين کي اسيمبلين جون ٽڪيٽون مليون. پ پ پ پنهنجو ڪو به ڪورنگ اميدوار نه بيهاريو. عين وقت تي شيرازي برادران پنهنجو پاسو مٽايو. جڏهن فارم ڀرجڻ جي تاريخ ختم ٿي وئي ته پ پ پ جون ٽڪيٽون واپس ڪري آزاد اميدوار ٿي بيٺا. جنهن ۾ پ پ پ جون ڇهه به ويون ته ٻه به ويون. سجاول طرف ٺٽي جون ٽئي سيٽون شيرازين کٽيون. ايم اين اي (ٺٽو)، ايم پي اي (ٺٽو) ۽ ايم پي اي (ميرپور ساڪرو) سيٽون به شيرازي کٽي ويا. صرف سڄي ضلعي مان هڪ سيٽ ايم پي اي جي سيد مظفر حسين (ٽپيءَ) کٽي. سسئي پليجو کي به شڪست آئي.



## سائين نور محمد پليجو

ارباب نور محمد پليجو صاحب ڳوٺ ٻني جو وڏو زميندار رهيو. شروع کان ئي ترقي پسند سياست جو حصو رهيو. ڪانگريس ۽ هاري تحريڪ سان رهيو. سائين جي ايم سيد جو پيارو دوست هيو. ضلع ڪائونسل ڪراچي ۽ ٺٽي جو برجستو ميمبر رهيو. سندس پٽ عبدالحئي پليجو سياست ۾ گهٽ ڀوتو نه ٻاري سگهيو. هو بنيادي طرح ڪلچر، ادب ۽ سياحت جو ماڻهو آهي. ڪيترائي سفرناما لکيا اٿائين. سندس پٽ نور محمد پليجو به آڪسفرڊ جو پڙهيل آهي. UK جي نيشنلٽي مليل اٿس. نوڪري به اتي ئي ڪري رهيو آهي.

## لائبريريون

### عبدالعزيز مينڌرو ۽ سجاول لائبريري

سجاول ۾ هڪ ڪمري جي ننڍڙي لئبرري هوندي هئي. هڪ دڪان ۾ اها لائبرري ٺاهي وئي هئي. جنهن به هي نيڪ ڪم شروع ڪيو، سٺو ڪم ڪيو.

اتي 1977ع ۾ هڪ پٽيوالو مقرر ٿيو. نالو هئس عبدالعزيزمينڌرو. نان مئٽرڪ هيو. بس دل جي سوجهري تي پيو هلندو هيو. عزيز مينڌري کي ڪتابن سان عشق هيو. جيستائين ڪتابن جي خوشبوءِ نه اچيس، تيستائين سندس آرام حرام. پاڻ لک پڙهه ڪري نه ڄاڻندو هيو پر ان جي باوجود دنيا جي وڏن ادارن جون ائبريسون هٿ ڪري، لکيل پڙهيل ماڻهن کان اوڏانهن خط پٽ موڪلي، ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون گهرائي وٺندو هيو. اهو سلسلو اڃا تائين جاري آهي. ڪيترائي رسالا ۽ ڪتاب هر مهيني اڃا تائين ملڪ ۽ ملڪ کان ٻاهريان به هن لئبرريءَ ۾ ايندا رهندا آهن.

مون کي خوشي ٿي جڏهن خبر پئي ته خاتون ايم پي اي ريحانه لغاري، جيڪا وڪيل به آهي، ٺٽي ۽ ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪري ٿي، ان مذڪوره لئبرريءَ لاءِ ايم پي اي فنڊ مان هڪ هال نهرائي ڏنو آهي. جنهن ڪري پڙهندڙن جو تعداد ۽ سهوليتون وڌي ويون آهن.

هن وقت ان لئبرريءَ ۾ 50000 کان وڌيڪ رسالا ۽ ڪتاب موجود آهن. عبدالعزيز مينڌرو هاڻي پٽيواليءَ تان به رٽائرڊ ٿي ويو آهي. پر بنا پگهار جي اتي اڃا تائين ڪم ڪري پيو ۽ ڪو ٻيو ماڻهو سندس مدد لاءِ اتي موجود ڪونهي.

اهڙا ڪردار هميشه زنده رهندا آهن ۽ پنهنجي بي لوث خدمت جي ڪري ملڪ ۽ قوم جي فردن کي به جيئاري ويندا آهن.

عبدالعزيز مينڌرو ويجهڙائيءَ ۾ سال 2017ع ۾ گذاري ويو آهي.

Gul Hayat Institute

## رشيد ڀٽي، فقير محمد لاشاري ۽ سليم چنا

هڪ شام جو منهنجي پياري دوست عبدالغني چنا (سينيئر سليم چنا)، جيڪو انڪم ٽئڪس جو ڊپٽي ڪمشنر هيو ۽ افسانا پڻ لکندو آهي، سندس هڪ ڪتاب ’لاس اينجلس جي هڪ شام‘ شايع ٿي چڪو آهي. رشيد ڀٽي ۽ فقير محمد لاشاريءَ سان اوچتو اچي پهتو. ڏاڍي خوشي ٿي، پر اوچتو اچڻ تي حيراني ۽ حيرانيءَ کان وڌيڪ پريشاني ٿي. ٻڌايائون ته، ”سمنڊ ۽ سنڌوءَ جو سنگم ڏسڻ آيا آهيون. ٻڌو آهي ته هتي قدرت واري جي عجيب قدرت نظر ايندي آهي.“ پوءِ چيائون اسان جي ’خدمت ڪر‘ ۽ ’ڪمپني ڏي‘ سندن لاءِ ڪجهه نه ڪجهه بندوبست ڪري ورتم. مان ڪمپنيءَ کان معذرت ڪئي، پر ساڻن گڏ وينو رهيس. ڪين تاڪيد ڪيم ته سوير سمهجو ته جيئن سوير هلي سگهجي، ڇو ته پنڌ پري آهي. ٻيڙين جو به سفر آهي.

اهو منڊ ٻهار وارو ڏينهن هيو. مان، رشيد ڀٽي، فقير محمد لاشاري ۽ عبدالغني چنا صبح جو سوير سجاول مان نڪتا هئاسون. اهو ماڳ ڏسڻ لاءِ مشهور هيو، جتي سنڌو درياهه هيڏو سارو پنڌ ڪندي هماليه کان هلندي، ملڪ لتاڙي، اچي عربي سمنڊ جي عشق ۾ هٿ پهچي ڪيس پاڻ ارپي ٿو.

## سنڌوءَ ۽ سمندر جو سنگم ۽ فقير محمد لاشاري ڪاري ڇاڻ جيل ۾

سنڌوءَ ۽ سمنڊ جي اهڙي دلفريب سنگم کي ڏسڻ لاءِ اسان جنگيسر، تعلقي ڪيٽي بندر پهتاسون. هوڙا ڪاهي، اسان سڀ ساٿي ان منزل ڏانهن ڪاهي پيا هئاسين. ٻيڙين ۾ موٽر لڳل هئا، رفتار سٺي هئي. سونهن جو اهو نظارو ڏسڻ جي لاءِ سڌت ٿي ان جاءِ تي پهتاسون، جتي ٻئي وهڪرا پاڻ ۾ ملي رهيا هئا. درياهه جو پاڻي گدلو ميٺُوڙو ۽ سمنڊ جو پاڻي نيرو هيو. اسان انهن ٻنهي پاڻين جي وچ ۾ ٻيڙيون بيهاريون. هڪ ئي هنڌ ٻه پاڻي، هڪڙو کارو ۽ ٻيو مٺو. قدرت جو پنهنجو نظام ۽ پنهنجو سسٽم آهي. ڪجهه وقت اتي گذاري اسان ٻيڙيون ڪاهي ڪاري ڇاڻ طرف روانا ٿيا هئاسون. ڪارو ڇاڻ سجاول سب ڊويزن ۾ آهي. درياهه ۽ سمنڊ جي ڇاڙن (وهڪرن، شاخن) ڪاري ڇاڻ ۽ ڪيٽي بندر تعلقن کي حصن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. ڪاري ڇاڻ جو ڪجهه حصو ٺٽي طرف آهي ته ڪجهه حصو سجاول طرف. اسان ڪارو ڇاڻ ڳوٺ ۾ پهتاسون. مختيارڪار جو سرڪاري هيڊڪوارٽر اتي آهي، پر مختيارڪار ٻگهاڻ ۾ ويهي ٿو. مهمانن جي ويهارڻ لاءِ نوان ڇنا ٺاهيا ويا هئا. هونئن به سڄو ڳوٺ جهوپڙين تي مشتمل هيو. مهاڻن جو ڳوٺ هيو. ٻني ٻارو ويجهو ڪونه هيو. ماڻهو پيئڻ جو پاڻي به، درياهه مان ٻيڙين تي ڀري ايندا آهن. جيڪڏهن درياهه جو پاڻي سياري ۾ ڏيمون هوندو آهي ته پوءِ اجا به اڳتي جنگيسر يا ٻگهاڻ مان پاڻي



آڻيندا آهن. سنگت ساري ڳوٺ جو جائزو ورتو. جيڪو سڄو جهوپڙين تي ٻڌل هيو پر ڳوٺ ۾ هڪ ئي پڪي بلڊنگ هئي، جيڪا ’جيل‘ جي هئي. ائين ٿي لڳو ته جڻ شايد ڪنهن نيپولين لاءِ سينٽ هيلينا جي ٻيٽ يا ڪنهن نيلسن منڊيلا کي قيد رکڻ لاءِ روبن ٻيٽ جو جيل ٺاهيو ويو هيو. پر اجا تائين هتي نه ڪو نيپولين آيو ۽ نه ئي ڪو نيلسن منڊيلا. جيل اداس هيو. ڪو به قيدي ڪونه هيو. نه ڪو سپاهي، نه سنتري. سارو جيل غير آباد. مون دل ۾ دعا گهري، شل سڄي سنڌ جا جيل ڪارو ڇاڻ جي هن جيل وانگر غير آباد هجن. اهڙن موقعن تي فقير محمد لاشاريءَ جي ظرافت اڀرندي ڏٺم. چيائين ”مان جيل ۾ ٿو وڃان، مون کي ٻاهران تالو هڻي توهان هليا وڃو.“ هو جيل ۾ گهڙي ويو. اسان کيس ٻڌايو ته تالو ته ڪونهي، تو کي ڪڙو ٿا ڏيون، پر تون نڪري ڀڄي نه وڃجان. سمجهه ته اهو Open جيل آهي. ان وقت مون کي علي احمد بروهي صاحب ياد آيو. ڳالهه ڪندو هيو ته ”جڏهن سندس نوڪري بهاولپور ۾ هئي، ته ان دور ۾ ملڪ ۾ راندين جو گهڻو زور هيو. ايستائين جو جيل ۾ قيدين کي به صحتمند رکڻ لاءِ رانديون ڪرايون وينديون هيون. سو هڪ ڀيري اولهه پاڪستان جو گورنر صاحب، اتي چيف گيسٽ ٿي آيو. ٿي قيدي ڊگهي ڊوڙ ۾ وٺي جو ڀڳا، ته اجا تائين ڀڳل آهن.“

ان وچ ۾ ماني اچي وئي، فقير محمد چيو ته قيديءَ کي راشن جيل ۾ پهچايو. مان آرڊر ڪيو ته قيدي کي آزاد ڪيو ٿو وڃي. پوءِ لاشاري صاحب کي جيل مان ڪڍي مانيءَ تي ويهاريو ويو.

ميزبانن ماني دل سان ٺهرائي هئي. جيڪا ڪائي، سير سپاٽا ڪري وري درياهه ۽ سمنڊ جو سنگم ڏسي، ڪيئي خوبصورت يادون ڪٺي، واپس گهاري پهتاسين. جتان مهمان ڪراچيءَ هليا ويا ۽ مان سجاول روانو ٿي ويس.

## منهنجي سجاول مان بدلي

اپريل جي هڪ صبح جو اخبار ۾ پڙهيم ته بخشل خان عباسيءَ کي AC/SDM سجاول مقرر ڪيو ويو آهي ۽ مون کي بدلي ڪري موبائيل مئجسٽريٽ هاءِ ويز حيدرآباد طور رکيو ويو آهي. منهنجا ته طاق ئي لڳي ويا. نه جن نه ڪن، اوچتو نڪاءُ ٿي ويو.

ملان جي ڊوڙ مسيت تائين. اخبار ۾ اها خبر پڙهڻ سان مون ابڙي صاحب کي فون ڪيو. جنهن ٻڌايو ته هن کي خبر آهي. ڪمشنر شيخ صاحب کيس ڪلهه ٻڌايو هيو ته ”منگيءَ جي بدلي ٿو ڪريان. تو اڳ ۾ به سندس بدلي روڪرائي هئي. هاڻي هر هر تنهنجي چوڻ تي بدلي نه روڪيندس.“ منهنجون ته ٻه به ويون ته ڇهه به ويون. جنهن تي آسرو ڪيو وينو هوس، اهو ئي صاحب پير ڪسڪائي ويو.

Gul Hayat Institute

بدليءَ جو افسوس نہ هيو پر مئجسٽريٽ جي پوسٽنگ جونيئر پوسٽنگ سمجهي ويندي آهي. ميٽنگ ۾ بہ مئجسٽريٽ SDM کان پوءِ ويهندو آهي. ڪيترائي منهنجا زيردست مختيارڪار هئا ۽ هاڻي حيدرآباد ۾ SDM هئا. مون کي اها پوزيشن قبول نہ هئي. ان کان علاوه مئجسٽريٽ کي سرڪاري گهر ڪونہ ملندو آهي. جتي هو منجهي وڃي ويهي.

## ڏکيو وقت

اپريل 1988ع کان آڪٽوبر 1988ع تائين منهنجي نوڪري جو ڏکئي ۾ ڏکيو وقت هئو. سجاول مان بدليءَ وقت ڪوشش ڪيم تہ شيخ صاحب ڪمشنر ڪٿي ڪا سولي جڳهہ ڏئي، پر هن کي الائي ڇو خدائي وير پيو هيو مون سان. صفا "مين نہ مانو" تي پيو هيو. مون تہ ڪيس چيو هيو تہ پاڻ وٽ ڪمشنر آفيس ۾ رکي، پر ڪا ڳالهہ قبول نہ هئس. آخر چيائين تہ مون کي پرائيم منسٽر بہ چوندو تہ تنهنجي بدلي ٻئي هنڌ نہ ڪندس. پرائيم منسٽر جوڻيجو ڪيس گهڻو پسند ڪندو هيو ۽ جڻ سندس دوست هجي. سندس جواب ٻڌي منهنجي دل ٽٽي پئي هئي. نڙي ڳوري ٿي پئي هئي. ڏکندڙ آواز ۾ چيو "سائين پرائيم منسٽر منهنجو مائٽ تہ ڪونهي، توهان سان چار سال نوڪري ڪئي آهي. پنهنجو چين سڪون سجاول ۾ ۽ ٽنڊي الهيار ۾ ڦٽائي ڇڏيو هيو. توهان ئي قدر نٿا ڪيو تہ ٻئي ڪنهن کي ڪهڙي پئي آهي، جو منهنجي مدد ڪندو." مون بہ دل ۾ پڪو پهہ ڪيو هيو تہ ڪجهہ بہ ٿي پئي، پر آءٌ هاڻي حيدرآباد ڊويزن ۾ ڪم نہ ڪندس. سائين عبدالله ميمڻ کي قصو ٻڌايم. ڪيس چيم تہ هاڻي مان حيدرآباد ڊويزن ۾ ڪم نہ ڪندس.

سائيڊ پوسٽنگ KMC ۾ مئجسٽريٽ جي ورتي. اتي ميئر ڊاڪٽر فاروق ستار کي ڊيوٽي رپورٽ ڏني. ملاقات ٿي. ساڻس منهنجي اها پهرين ۽ آخري ملاقات هئي. چيائين "تون ڪيئن پوسٽ ٿيو آهين؟ مون کي تہ خبر ئي ڪونهي!!!"

هت بہ دال نہ ڳري. هٿ جي وڏي هئي، پنهنجن کهڙا گل وڏا هئا، جو هنن کان چڱائيءَ جي توقع ڪجي ها.

## گهاري ۾ شرنارٿي

هاڻي مسئلو هيو تہ منجي ڪٿي وڃهجي. منهنجا بنگلا ڪراچي ۾ تہ ڪونہ پيا هئا. نيٺ رشيد عباسيءَ جي مهربانيءَ سان گهاري فلٽر پلانٽ تي هڪ گهر خالي ٿي مليو. جتي سجاول مان سامان ڪٺي شرنارٿي رهيس. صبح جو ڪراچي ويندو هوس. شام جو دير سان موٽندو هوس. گهاري ۾ Rock House ۾ محمد صديق ميمڻ رهندو هيو جيڪو هن وقت (2016 جي آڪٽوبر ۾) سنڌ جو چيف سيڪريٽري آهي. اصل ٽنڊي الهيار جو آهي. پيٽارين آهي. ڊاڪٽري ڪيائين. سني پوزيشن ۾ CSS ڪيائين. DMG گروپ ۾ آيو.



ڪيترين ئي خوبين جو مالڪ آهي. چاتل سچاتل، ديانتدار (Honest) آفيسر آهي. پيءُ جو هڪ ئي پٽ آهي. ٽنڊي الهيار جي هزارين ايڪڙ آباد زمين سندس والد صاحب ڇڏي ويو آهي. جن تي انبن جا باغ آهن. انهن مان ڪروڙن رپين جي آمدني اٿس. جيڪا گذرسفر لاءِ گنج اٿس. "بکيو" پاڻ بہ ڪونهي.

سنو ماڻهو آهي. سنن ۽ غريب ماڻهن جو قدر ڪندو آهي. ڏيندو آهي، ڪنهن کي ڏکوئيندو ناهي. ڏيمي طبيعت جو ملڻو جلڻو. ڪوشش ڪندو تہ عرضدارن جا عرض اگهائي. الله ڪيس هر طرح نوازيو آهي، اهو ئي ماڻهن کي موٽائي ڏئي ٿو. ڪيس هڪڙو پٽ آهي. ماشاءِ الله پيارو ۽ سلڇڻو جوان آهي، جنهن کي لنڊن اسڪول آف اڪانامڪس (LSE) مان تعليم ڏياري اٿائين.

صديق صاحب سان پراڻي ماڳ راڪ هائوس تي ڪچهريون پيون ٿينديون هيون. عبدالرشيد عباسي ۽ نور محمد چوهاڻ سان بہ ملاقاتون ٿينديون هيون. منهنجو سؤٽ، محمد پريل ڏاڀيجي ۾ رهندو هيو. اهو بہ پيو پيرو ڀڄندو هيو. زندگيءَ سان سرچاءُ ڪرڻ سني ڳالهہ آهي. اميدون ۽ توقعات ڪنهن مان گهٽيون نہ رکجن تہ چڱو. جذباتي نہ ٿجي ۽ جذباتي فيصلا بہ نہ ڪجن. هر حال ۾ رب سائين جو شڪر ادا ڪجي. هو جيڪو ڪري ٿو اهو چڱو ئي ڪندو آهي. هر مشڪل وقت ۾ موقعو ڳولجي. ان جو انتظار ڪجي. ڏينهن رات هڪ جهڙا نہ ٿيندا آهن. ڪڏهن جا ڏينهن وڏا تہ ڪڏهن جون راتيون وڏيون. الله پاڪ جيڪو ڏئي ٿو اهو بہ آزمائڻ لاءِ ۽ جيڪو واپس ٿو وٺي، اهو بہ آزمائڻ لاءِ.

پنجابيءَ ۾ چوندا آهن: "نوڪر، تي نخرا ڪي!" اهو نوڪر سرڪار جو هجي يا ڪنهن سيٺ جو. فرق ڪجهہ روين جو هوندو آهي. سرڪاري وڏا آفيسر توڙي ننڍا آفيسر بہ ڪڏهن وڏيرن وانگر تہ ڪڏهن سيٺين وانگر رويو رکندا آهن.

مون کي بطور مهاجر جي گهاري واري گهر ۾ ٽي مهينا گذري ويا. پوءِ وڃي سرڪاري فليٽ 'همايون هائوس' ۾ مليو. اتي پهتاسون تہ اسان جي فيمليءَ جي ڪريم بخش سروهيءَ جي فيمليءَ سان ملاقات ٿي وئي. سروهي صاحب دلبر ماڻهو آهي. هاڻي تہ مان وانگر رٽائرڊ ٿيو آهي، پر ساڻس اسان جا فيملي واسطا اڃا قائم آهن.

'همايون هائوس' ۾ ٻارن سان هاڪي کيڏندي، منهنجي پٽ انيس کي اک جي مٿان پروڻ ۾ هاڪي لڳي هئي. انيس اڃا 12 سالن جو بہ نہ هيو. پرون ڦاٽي پيس. سڄو رتو رت ٿي ويو. همدرد هاسپيٽل ڪامپليڪس ۾ ڪٺي آياسونس. جتي ڪيس نَوَ ٽاڪا لڳا. همت وارو ٻار هيو ۽ هاڻي همت وارو مڙس آهي. مون کي پڪ پئي ٿيو تہ اکين جي نظر نہ متاثر ٿي هجيس، پر رب پاڪ فضل ڪيو. انيس کي بہ ڪراچيءَ ۾ تاريخي NJV اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏني هئي، جتي هو ڪجهہ مهينا پڙهيو.

Gul Hayat Institute

## سنڌ جي حڪومت ۽ انتظاميہ ۾ تبديليون

ان وچ ۾ سنڌ ۽ وفاق جي حڪومت ۽ سياست ۾ ڪافي تبديليون اچي ويون. پر ائين چئجي تہ وڌيڪ مناسب ٿيندو تہ 1988ع جي آخر تائين تبديليءَ اندر تبديليون ٿينديون رهيون. جن لاءِ ملڪ جي ماڻهن يارهن سالن کان دعائون پئي گهريون.

شروعات سنڌ سان ٿي. اپريل 1988ع ۾ سائين غوث علي شاهہ استعيفيٰ ڏني، يا ڪانئس استعيفيٰ ڏياري وئي. قاضي اختر جنهن بابت اهو تاثر ٺهي ويو هيو تہ هن تعليم کاتي کي سڌو ڪيو آهي ۽ ڏاڍو ديانتدار ماڻهو آهي، ان کي وزيراعليٰ سنڌ ڪيو ويو.

## اوجهڙي ڪئمپ

اوجهڙي ڪئمپ راولپنڊيءَ ۾ جتي ملٽريءَ جي بارود جو ذخيرو هيو اتي باهہ لڳي ۽ ميزائيل ڦاٽا. چون ٿا تہ هزار کن ماڻهو ان ۾ اجل جو شڪار ٿيا هئا. مريءَ جو وينل هڪ وفاقي وزير ان ميزائيل جو ڪاج ٿي ويو. انڌيون ميزائيلون اهو ٿوري ڏسي رهيون هيون تہ خاقان عباسي وفاقي وزير آهي، تنهن ڪري ڪانئس تارو ڪجي. سندس پٽ شاهد خاقان عباسي هينئر وزيراعظم آهي.

وزيراعظم جوڻيجي ان تي انڪوائري ويهاري، انهن فيصلو ڪيو تہ ذميدارن کي سزا ڏجي. ذميدار ٻيا ڪير؟ ضياءُ الحق جا پنهنجا هئا. هونءَ بہ جوڻيجو صاحب، جنهن لاءِ شروع ۾ اهو تاثر هيو تہ ڏيمون ماڻهو آهي. جنرل کي ڪانئس ڪو خطرو ڪونهي. تنهن اچي پنهنجو پاڻ کي مضبوط جمهوري اڳواڻ ثابت ڪرڻ شروع ڪيو. چوڻ لڳو: "جمهوريت اور مارشل لا ساتھ نہيں چلتي". جنرلن ۽ ڪامورن کي سوزوڪي ڪار ۾ ويهاري چڙهيائين، ۽ سندس اها پاليسي مسلسل هجي ها تہ ملڪ ۽ قوم جو رنگ ئي ٻيو هجي ها.

## جوڻيجي صاحب جي حڪومت ۽ اسيمبليون ختم

جنرل صاحب جي افغان پاليسيءَ تي جوڻيجي صاحب ڦيرو ڪاڙو ۽ جنيوا ڪنوينشن تي صحيح ڪري آيو. مقامي سطح تي بينظير ڀٽو ان جي ڀرين گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿي ۽ سرڪاري ٽي ويءَ تي سندس جهلڪ ماڻهن ڏٺي. هوءَ جوڻيجي صاحب سان گڏ وينِي هئي. ضياءُ صاحب اهڙين ڪيترين ڳالهين ڪري لاڏ ڪوڏ سان آندل پنهنجي هن پياري وزيراعظم محمد خان جوڻيجي کي 29 مئي 1988ع تي واپس سنڌڙي موڪلي ڇڏيو ۽ 8 ترميم موجب B-58 وارن اختيارن تحت اسيمبلي ئي ٽوڙي ڇڏي.

صوبائي سرڪارون بہ گهرن پيڙيون ٿيون. وفاق ۾ ٻي عبوري حڪومت قائم ٿي. وزيراعظم ڪو بہ ڪونہ هيو.



## جنرل رحيم سنڌ جو گورنر

سنڌ ۾ ٻہ مهينو اڳ ۾ آيل قاضي اختر، سندس Cabinet ۽ سنڌ اسيمبليءَ کي بہ ٽوڙيو ويو. گورنر اشرف ڊبليو. ٽاباني صاحب کي هٽائي بلوچستان جي گورنر ۽ قلم قبيلي جي چيئرپرسن Graceful خاتون خانم ثاقبہ رحيم الدين جي مڙس ليفٽيننٽ جنرل رحيم الدين خان کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو. ان جي سنڌ جي گورنر ٿيڻ سان لڳو تہ سنڌ ۾ هڪ دفعو مارشل لا ٻيهر لڳي آهي ۽ اُها بہ سخت مارشل لا.

حيدرآباد جو اڳيون ميئر وصي مظهر ندوي، جيڪو جماعت اسلاميءَ جو پڪو ڪارڪن هيو، اهو حيدرآباد جو هڪ وفد وٺي صدر صاحب وٽ شهر جا مسئلا پيش ڪرڻ ويو هيو تہ ان تي صدر ضياءَ صاحب ايترو تہ مهربان ۽ اکين ڇڪن ٿي پيو جو ڪيس پراڻي شيروانيءَ ۾ ئي قسم کڻائي وفاقي وزير بڻائي حيدرآباد موڪليو.

هڪ طرف مهاجر ۽ مهاجرپرست اهلڪارن ۽ سياستدانن تي نوازشن جي بارش ڪئي وئي تہ ٻئي طرف عوام جي چونڊيل نمائندن، وزيرن ۽ سنڌي چيف منسٽر قاضي اختر ۽ غوث علي شاهہ کي نيڪالي ڏني وئي. نہ صرف سياستدانن کي شٽ اپ ڪيو ويو پر سني رتبي، اهليت ۽ عزت نفس وارن ڪامورن، عبدالله ميمڻ ۽ علي محمد شيخ ۽ ٻين کي سنڌ بدر ڪري اسلام آباد روانو ڪيو ويو ۽ ڪين 24 ڪلاڪن جو ٽائيم ڏنو تہ سنڌ ڇڏي اتي پهچن. عبدالله ميمڻ صاحب هڪ دفعي الطاف حسين جي بيان تي ڪيس مخاطب ٿيندي سڌو جواب ڏنو هيو. جيڪو پريس ۾ بہ ڇپيو هو. عبدالله ميمڻ صاحب نہ فقط شاندار ڪامورو هيو. پر اسان جهڙن سيڪڙن جو استاد ۽ آدرشي ڪامورو پڻ هوندو هيو.

ايم آر ڊي ۾ هيترا ماڻهو مارائي ۽ ستائي سنڌن پيٽ ڪونہ ڀريو هيو. ڀٽي صاحب جي شهادت وقت منهنجي هڪ دوست فضل احمد ٻيلائيءَ (ڊي. ايف. او) مون کي چيو هيو تہ خدا کان دعا آهي تہ اسان کي تيستائين نہ ماري جيستائين ڀٽي جي قاتلن جو انجام نہ ڏيکاري. ڀُٽي جو وڏو قاتل 17 آگسٽ 1988ع تي C-130 ڦاٽڻ تي دُف ٿي ويو.

عبدالله ميمڻ صاحب اسلام آباد ۾ پهچي پنهنجي رٽائرمينٽ جي درخواست ڏني. ان وقت تائين سندس 25 سال نوڪري بہ پوري ڪونہ ٿي هئي. هن جيڪا اوائلي زندگيءَ ۾ هاءِ ڪورٽ ۾ نوڪري ڪئي هئي، اُها بہ شامل ڪرائي ۽ وقت کان اڳ ۾ پاڻ کي آزاد ڪرائي ڇڏيو. ان ڪري جو هن جي آسپاس سڀ لوهار هئا، ۽ هيرن جو قدر ڪنهن جوهريءَ وٽ ئي هوندو آهي.

جنرل رحيم الدين اچي اٿل پٿل شروع ڪئي. سندس ارادا ظاهر ٿي رهيا هئا. ان وچ ۾ ڪمشنر حيدرآباد سالڪ نذير صاحب آيو جنهن منهنجي لاءِ ڪوشش ڪئي تہ مان سجاول واپس ٿيان. خبر پئي تہ، گورنر صاحب حڪم ڪيو آهي تہ KMC مان ڪو بہ آفيسر بدلي نہ ڪيو جيستائين ميئر صاحب NOC نہ ڏئي. سو 17 هين گريڊ جي آفيسر

Gul Hayat Institute

جي بدلي ميئر صاحب ۽ گورنر صاحب جي اجازت کان سواءِ ڪونہ ٿيندي هي قدرت جا ڪرشما هئا. ڏاهڻ وارو بہ اهو آهي تہ ڍاهڻ وارو بہ اهو آهي.

## جنرل ضيا جو موت

17 آگسٽ 1988ع تي سڄي صورتحال سنڌ ۽ پاڪستان جي بدلجي وئي. اياز شايد اهڙن موقعن لاءِ چيو آهي:

ڪيسين رهندي نيت تہ ڍهندي،
دوکي جي ديوار، او يار...
نيٺ وڍيندڙ وڍجي ويندا،
ڪنبندي نيٺ ڪٽار، او يار...

جنرل رحيم الدين، صدر ۽ جنرل ضياءُ الحق جي ڪفن دفن لاءِ جيئن اسلام آباد ويو تہ وري نہ موٽيو.

## قاضي اختر نگران وزير اعليٰ ٿيو

قاضي اختر Caretaker وزيراعليٰ سنڌ ٿيو. قاضي صاحب جو اچڻ منهنجي لاءِ هڪ کان وڌيڪ سببن جي ڪري لاڀائتو ۽ نيڪ فال ثابت ٿيو. پاڻ لاڙڪاڻي لاءِ ڊويزن جو درجو بحال ڪيائين، جيڪو ڀٽي صاحب 1977ع ۾ ڏنو هيو.

قاضي صاحب، رند صاحب کي ڊويزنل ڪمشنر مقرر ڪيو جنهن مهرباني ڪري منهنجي بطور (G) AC تقرري ڪرائي ۽ اهم ترين ڳالهہ تہ ساڍا 13 سالن تائين منهنجو پروموشن ئي نہ ٿيو هيو.

قاضي اختر صاحب کي الله سائين جنت ۾ جايون ڏئي. هن نومبر 1988ع ۾ اسان جو پروموشن ڪيو. اسان جا ڪيترائي ساٿي تہ 18 هين گريڊ ۾ ئي رٽائر ٿي ويا. اڪثريت 19 هين گريڊ ۾ رٽائرڊ ٿيا. مون کي بہ جڏهن نوڪريءَ ۾ اچي 4 سال بچيا هئا تہ پوءِ 20هين گريڊ ۾ پروموشن مليو.

## حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪوس_ زال ۽ ڌيئرن کي هٿيار هلائڻ سيکاريا

30 سيپٽمبر ۽ پهرين آڪٽوبر 1988ع تي سوين سنڌي ۽ مهاجر مئا. حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ محشر برپا ٿي ويو. نتيجي ۾ اسان سنڌي جيڪي ڪراچيءَ ۾ هئاسين، تن جو ساهہ مُٺ ۾ هيو. مون بہ پنهنجي دفاع لاءِ هٿيارن کي چنڊي ڦوڪي لوڊ ڪري رکي ڇڏيو. پنهنجي زال ۽ ڌيئرن کي بہ سيکاريو تہ هٿيار ڪيئن هلائجي، جيڪڏهن ڪو حملو ڪري مارڻ آيو تہ گهٽ ۾ گهٽ بہ ٽي تہ اسين بہ ڪيرايون، پوءِ ڪٿي قسمت.



# 8 لاڙڪاڻو_ ساهہ سيباڻو

(آڪٽوبر 1988 کان جنوري 1992)

15 آڪٽوبر کان لاڙڪاڻو ڊويزن وري وجود ۾ اچي وئي. جنهن لاءِ ڪمشنر هفتو اڳ ۾ئي لاڙڪاڻي پهتو. چيف منسٽر قاضي اختر صاحب جو ڪيس وڏو ٽيڪو هيو. فنڊز جي رليزر ۽ اسٽاف جي پوسٽنگ وغيره ۾ ڪيس ڏکيائي نہ ٿي. پر اصل ۾ ’ڪجهہ بہ نہ‘ مان محل ٺاهڻو هيو. پورو سسٽم ڪڙو ڪرڻو هيو جيڪو مناسب طريقي سان اڳتي بہ هلي سگهي.

## ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو

قاضي صاحب جيڪو ٻيو اهم ڪم ڪيو، اهو Cadet Collage لاڙڪاڻي جو قيام هيو. اهو خواب ۽ سوچ تہ ڀٽي صاحب جي هئي، پر وقت ڪيس مهلت نہ ڏني. قاضي صاحب کي انهن ڳالهين جي سُڌ هئي. لوڪيشن جي بہ خبر هئس. ٻيلي کاتي جي 350 ايڪڙ زمين ڪيڊٽ ڪاليج لاءِ هڪدم منظور ڪري ان جو قبضو ڏنو ويو. ڪجهہ پيسا بہ ڏنا ويا. ڪم شروع ٿي ويو.

## ڪمشنر آفيس

شيخ زيد وومين هاسپيٽل جي پرسان نرسنگ هاسٽل ٺهي رهي هئي ۽ تقريباً مڪمل هئي. ڪمشنر فيصلو ڪيو تہ ان بلڊنگ کي ڪمشنريٽ ۽ آءِ جي آفيس ۽ ڊويزنل آفيسن لاءِ حاصل ڪيو وڃي. ايئن ئي ٿيو. نرسنگ هاسٽل جو پروجيڪٽ ٻي هنڌ شروع ڪيو ويو.

ضلع ڪائونسل جو ريسٽ هائوس هيو، جيڪو خالد ڪرل صاحب ڀٽي صاحب جي دؤر ۾ ٺهرايو هيو. اهو ان سان لاڳاپيل بہ ٽي ٻيون عمارتون ڪمشنر هائوس ۽ ڪيمپ آفيس لاءِ حاصل ڪيون ويون.

انهن بلڊنگز جي ڀيچ ڊاهہ شروع ٿي وئي. جيئن ڪمشنر ۽ ان جي اسٽاف لاءِ آفيس ۽ گهر جي استعمال لائق بڻائجي. وڏو مرحلو هيو. آفيس بہ اتي هلي رهي هئي. بلڊنگ کي

Gul Hayat Institute

تبديل ڪرڻ لاءِ ڪم بہ شروع ٿي ويو هيو. فرنيچر بہ ورتو هيو. اسٽاف بہ ڀرتي ڪرڻو هيو ۽ 16 نومبر تي اليڪشن بہ ٿيڻي هئي. ان جي تياري بہ ڪرڻي هئي. ڪمشنريٽ جو رڪارڊ، جيڪو سکر ڊويزن مان لاڙڪاڻي گهرائڻو هيو اهو بہ گهرائي رهيا هئاسون. گهڻو اسٽاف ڪونہ هيو بہ اسسٽنٽ، بہ جونيئر ڪلارڪ ۽ بہ پٽيوالا سکر کان مليا هئا. ظاهر آهي تہ اڌو اڌ تہ نڪما هئا، پر اسان وٽ تہ اهي انڌن ۾ ڪاڻا هئا. هدايت الله مهر، امير بخش چنا، جبار مهر، اسان لاءِ ڏاڍا ڪارگر ثابت ٿيا. خاص طور هدايت مهر اسان کي 16 کان 18 ڪلاڪ ڪم ڪرڻو ٿي پيو.

## اسٽاف جي ڀرتي

نوڪرين لاءِ اشتهار ڏنو تہ ماڻهو اچي ڪڙڪيا. اسسٽنٽ، سينئر ڪلارڪ، جونيئر ڪلارڪ، ڊرائيور، پٽيوالا ۽ چوڪيدار. اسان جي ڪوشش هئي تہ جلد کان جلد ڀرتيون ڪري Merit تي نوجوان ڪڍجن ۽ جلدي ڪم کي اڳيرو ڪجي. ڏاڍا سٺا نوجوان آيا. لاڙڪاڻي جي اميدوارن جو تہ جواب ئي ڪونہ هيو. انهن مان اڪثريت اهڙن جي آهي، جيڪي RQE ڪري مختيارڪار ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر ٿي ويا آهن.

## اليڪشن 1988ع

ضياءُ الحق جي مرڻ کان پوءِ چيئرمين سينيٽ غلام اسحاق خان ايڪٽنگ صدر ٿي ويو هيو. جنرل مرزا اسلم بيگ چيف آف آرمي اسٽاف جو عهدو سنڀاليو. نئون رنگ نئون ڍنگ شروع ٿي ويو. 16 نومبر 1988ع تي اليڪشن جي تاريخ مقرر ٿي. حالات اهڙا هئا جو جنرل مرزا اسلم بيگ ۽ اسحاق خان مارشل لا بہ لڳائي ٿي سگهيا. ايمرجنسيءَ جي بهاني اليڪشن پوئتي بہ ڪري ٿي سگهيا، پر اهي ٻئي ان ڳالهہ تي ٻيڻا رهيا تہ اليڪشن مقرر وقت تي ڪرائي وڃي.

بينظير صاحبہ کي بلاول پيٽ ۾ هيو ۽ Establishment جو خيال هيو تہ هوءَ اليڪشن جو ورڪ نہ ڪري سگهندي پر هن 21 سيپٽمبر 1988ع تي بلاول کي جنم ڏنو ۽ جلدي ئي اليڪشن لاءِ ميدان تي لهي پئي. سرڪاري حلقن ۾ وڏو زلزلو اچي ويو. آءِ ايس آءِ، سياسي جماعتن جو اتحاد آءِ جي آءِ ٺاهي ورتو. انهن پي پي مخالف جماعتن کي هڪ پليٽ فارم تي آندو. آءِ ايس آءِ ۽ آءِ جي آءِ جي رهنمائي جنرل حميد گل ڪري رهيو هيو. جيڪو افغان جنگ جو پاڻ کي هيرو سڏائيندو هيو. ان ڪوشش جي باوجود پ پ پ اسيمبلي ۾ اڪثريت سان کٽي آئي ۽ وڏي ۾ وڏي پارٽي ٿي اڀري، جنهن قومي اسيمبليءَ ۾ 93 سيٽون کنيون. سنڌ ۾ بہ سندس اڪثريت رهي.



## اليڪشن کان پوءِ

اليڪشن ۾ اهو واضح ٿي ويو تہ مٿي ۽ سنڌ ۾ حڪومت پ پ پ جي ٺهندي، معنيٰ نئين حڪومت ڪامورن جي موجوده مقررين تي نظرثاني ضرور ڪندي. ڪمشنر ڪي بي رند تي تہ اڳي ئي ليبل لڳل هو تہ هُو غلام مصطفيٰ جتوئيءَ جو ماڻهو آهي. پر پوءِ ڇا ٿيو انتظاميا جي ڪنهن بہ آفيسر جي بدلي نہ ٿي. ڊي سي ايوب شيخ اصل ۾ اي ڊي ايم هيو. ان کي اليڪشن دوران ڊي سي جي چارج هئي. ان کي Regular ڪرڻ جي بدران مسٽر بخشل خان گدارو کي ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو ڪري موڪليو ويو. منهنجو BS-18 ۾ پروموشن کان پوءِ مون کي ايڊيشنل ڪمشنر-II ڪري مقرر ڪيو ويو. گل حسن اڳ ۾ ئي ايڊيشنل ڪمشنر-I هيو.

## بي نظير صاحبہ وزيراعظم ٿي وئي

محترمہ بينظير صاحبہ 35 سالن جي عمر ۾ پاڪستان ۽ اسلامي دنيا جي پهرين خاتون وزيراعظم جي عهدي جو قسم کنيو. غلام اسحاق خان ڪانئس عهدي جو قسم کڻايو. بيگم نصرت ڀٽو، صنم ڀٽو، آصف علي زرداري صاحب، پارٽي جي ليڊرن ۽ ورڪرن جي موجودگيءَ ۾ نعرهءِ ڀٽو جي نعرن سان ايوان صدر گونجڻ لڳو. ڪي ماڻهو کلن پيا تہ ڪي روئن پيا ۽ ڪي کلن بہ پيا تہ گڏ روئن بہ پيا. قسم کڻڻ جي رسم کان پوءِ ٽينا ثاني، ٽي ويءَ تي فيض احمد فيض جو هي نظم ڳايو:

بہار آئی تو جیسے یک بار
لَوٹ آئے ہیں پھر عدم سے
وہ خواب سارے، شباب سارے
جو تیرے ہونٹوں پہ مر مٹے تھے
جو مٹ کے ہر بار پھر جیے تھے
نِکھر گئے ہیں گلاب سارے
جو تیری یادوں سے مُشکبو ہیں
جو تیرے عُشّاق کا لہو ہیں
اُبل پڑے ہیں عذاب سارے
ملالِ احوالِ دوستاں بھی
خمارِ آغوشِ مہ وشاں بھی
غُبارِ خاطر کے باب سارے ترے ہمارے

Gul Hayat Institute

سوال سارے جواب سارے
بہار آئی تو کھل گئے ہیں
نئے سرے سے حساب سارے

جيترا ماڻهو ٽي وي تي ويٺا هئا، انهن بہ ڀُٽي شهيد کي ياد ڪري رُنو پئي، پر ساڳئي وقت بيبيءَ جي حلف برداريءَ جي خوشيءَ ۾ نڙيا بہ پئي.

## سنڌ جو وزير اعليٰ قائم علي شاھ

سنڌ ۾ سائين قائم علي شاھ، سنڌ جو وزيراعليٰ مقرر ٿيو. پ پ پ سنڌ ۾ MQM سان سياسي طرح گلي ملي. محترمہ عزيز آباد نائين زيرو تي پهتي. جتي الطاف حسين ۽ ايم ڪيو ايم کين 45 مطالبا پيش ڪيا. نيٺ ڇڏ ڇوٽ کان پوءِ ايم ڪيو ايم مرڪز ۾ ۽ سنڌ ۾ حڪومت سان شريڪ ٿي ويئي. ڪيترائي دبنگ سياستدان سنڌ ۾ پ پ جي اميدوارن کان هارائي ويا. جن ۾ پير سائين پاڳارو، پرويز علي شاھ کان هارايو ۽ غلام مصطفيٰ جتوئي، حاڪم علي زرداريءَ / رحمت ٻُھڻ کان هارايو.

## ياسر عرفات

جڏهن بينظير صاحبہ حلف کڻڻ کان پوءِ پهريون دفعو لاڙڪاڻي آئي تہ شهر ۾ خوشيءَ جي لهر اچي وئي. فلسطين جو گوريلو ويڙهاڪ سربراھ ياسر عرفات بہ ساڻس ملڻ لاءِ ڳڙهي خدابخش ڀٽو آيو ۽ پهريون دفعو پنهنجي يار ذوالفقار علي ڀٽي جي مزار تي دعا گهري ۽ خوب رنو.

ڀٽي صاحب جي جيل دوران اهي بہ افواھ هليا تہ ياسر عرفات پنهنجا گوريلا موڪلي ڀٽي صاحب جو جيل ڀڃي ڪيس آزاد ڪرائي ويندو. اهي بہ خبرون هيون تہ ڀٽي صاحب کي جنهن جيل جي ڪوليءَ ۾ رکيو ويو آهي. ان کي جنگي بنڪر وانگر ٺاهيو ويو آهي تہ جيئن ان کي ٽوڙي نہ سگهجي. اهڙا مثال ملڪن جي سياسي ۽ جنگي تاريخ ۾ گهٽ ٿا ملن. ويجهو مثال ٻي جنگ عظيم جو آهي، جنهن ۾ هٽلر، ميسوليني کي انگريزن/ فرانسيسين جي قيد مان ڇڏايو هيو.

## ڪمشنر صاحب جا قرب!

منهنجي ڪي. بي. رند. ڪمشنر صاحب سان ويجهڙائيءَ جي ڪري، ڪيترائي ڊپٽي ڪمشنر صاحب مون کي پسند نہ ڪندا هئا. جيڪڏهن سندن ڪنهن ڪمي بيشيءَ تي رند صاحب کين ڪجھ چوندو هيو تہ سمجهندا هئا تہ اها ڪارروائي عبدالقادر منگي ٿو ڪرائي. بلڪ حقيقت اها آهي تہ جيڪي مٿن ڪارروائيون نہ ٿيون،



مان انهن جو ذميدار هئس. مان ايمانداريءَ سان ڪوشش ڪئي تہ ڪمشنر ۽ ڊي سين جي وچ ۾ سٺي ورڪنگ رليشن شپ هجي. ڪي بي رند جهڙو ڏکيو هارڊ ٽاسڪ ماسٽر، هر ڪنهن کي شڪ جي نظر سان ڏسڻ وارو آفيسر، اهڙو يار بہ نہ هيو جنهن کي پنهنجي مرضيءَ تي هلائجي. ان دور ۾ مون 16 کان 18 ڪلاڪن تائين ڪم ڪيو تہ جيئن وڏنڊڙ ڪم جي پريشر کي منهن ڏئي سگهون.

ان وچ ۾ لاڙڪاڻي، شڪارپور ۽ جيڪب آباد جا ڊي سي بدلي ٿيندا رهيا، هڪڙا ويندا رهيا ۽ ٻيا ايندا رهيا. ڪڏهن ڪمشنر صاحب مون کان پڇي بہ وٺندو هيو تہ فلاڻو آفيسر شڪارپور لاءِ ڪيئن رهندو؟ مان هر آفيسر لاءِ هائو ڪندو رهيس. پر انتظار رهيو تہ ڪنهن ڏينهن ڪمشنر لاڙڪاڻو ڪي بي رند صاحب مون کان بہ پڇندو تہ "عبدالقادر منگيءَ کي ڪنهن ضلعي جو ڊي سي لڳائجي، تہ ان باري ۾ ڇا خيال آهي؟" مون کي سندس اهڙن لفظن جي انتظار ۾ سال گذري ويا، پر وٽانئن اهڙا لفظ مون نہ ٻڌا. ايستائين جو هو پاڻ ٿي بدلي ٿي هليو ويو.

## سيد سردار احمد، چيف سيڪريٽري

سيد سردار احمد سنڌ جو چيف سيڪريٽري ٿي آيو. هو صاحب مون کي تڏهن کان سڃاڻندو هيو جڏهن هو نوڪريءَ ۾ بحال ٿي سنڌ ريجنل پلان آرگنائيزيشن (SRPO) ۾ ڊائريڪٽر ٿي لڳو. اتي ايم بي عباسي صاحب بہ ڪم ڪندو هيو ۽ مان گهاري ۾ SDM هوندو هئس.

سردار صاحب نوڪريءَ مان نڪرڻ کان پوءِ علي حسن منگي صاحب جو رائيس ايڪسپورٽ ۾ پارٽنر ٿي ويو هيو. منگي صاحب جي ڪري هو منهنجو خيال ڪندو هيو. SRPO جي زماني ۾ ايم بي عباسي سان گهاري ۽ ڪيٽي بندر ايندا رهندا هئا. منهنجي تاريخ جي ڄاڻ ۽ ادب سان چاھ جي ڪري هي ٻئي مون کان ڏاڍا متاثر ٿيا.

سردار صاحب لاڙڪاڻي سرڪٽ هائوس ۾ امن امان جي گڏجاڻي لاءِ آيو. ڊويزنل، ضلعي آفيسر ۽ IG ويٺل هئا. سردار صاحب جي، سامهون واري سيٽ تان مون تي نظر پئي. منهنجي طبيعت پڇيائين. جتي منهنجو وقت ڊي سي ٿيڻ جي اميدن ۽ آسرن ۾ گذري رهيو هيو.

سردار صاحب پڇيو "منگی صاحب آج کل کیا لکھ رہے ہو؟" مان بہ پريو وينو هوس. سردار صاحب سان حجت بہ هئي، جنهن ڪري چيم "سر آج کل ورکنگ پیپر لکھ رہا ہوں." هن مسڪرايو ۽ چپ ٿي ويو.

انهي تاريخي ميٽنگ ۾ مولابخش انصاري ايس پي شڪارپور هڪ تاريخي جملو

Gul Hayat Institute

چيو هيو ”سرڈا کو ہونہ ہو، ہم لگے پڑے ہیں.“ سڀ کلي پيا هئا.

## پيپلز پروگرام جو پي ڊي

پ پ پ حڪومت 1989ع جي آخر ۾ پيپلز پروگرام شروع ڪيو. ان وقت ۾ مان ڪمشنر آفيس ۾ ٻين ڪمن سان گڏ ڊولپمينٽ ورڪس جي مانيٽرنگ ڪندو هوس. جنهن جي هر مهيني هڪ رپورٽ پي ايم هائوس اسلام آباد موڪليندو هوس. جتي باباءِ بيوروڪريسي سلمان فاروقي ڊيل ڪندو هيو. اهڙي طرح سلمان فاروقيءَ سان به واسطو پيو. پوءِ جڏهن پيوپلس پروگرام شروع ڪيو ويو ته ڪمشنر صاحب مون کي Nominate ڪيو ۽ منهنجي پوسٽنگ جو حڪم PM House مان نڪتو. مون ايڊيشنل ڪمشنر جي چارج ڇڏي ۽ PD پيپلز پروگرام ٿيس. مون کي ڏاڍو رنج ٿيو.

شايد ڪي بي صاحب به مون مان تنگ ٿي ويو هيو ۽ پنهنجي جان ڇڏائڻ پئي چاهي. ماڻهو ڪيس چوندا رهيا ته ڪمشنر تون آهين يا منگي؟ هو پنهنجو اثر رسوخ وڌائيندو ٿو وڃي. منهنجو قصور اهو هو جو مان ڪمشنر صاحب جي ڏنل حڪمن تي عمل ڪندو هوس ۽ عمل ڪرائيندو به هوس. سندس پنهنجا ئي ڪيس منهنجي خلاف پريندا رهيا. هن مون کي هر طرح پرکيو. جاچ ڪئي ته ڪٿي مان ڪو غلط ڪم ته نٿو ڪريان يا سندس خلاف جاسوسي ته نٿو ڪيان. بهرحال هن مون مان جان ڇڏائڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هيو. مان ساڻس ڪافي عرصو ڪم ڪري چڪو هوس. سندس Body Language مان چڱي طرح واقف هوس.

## پيپلز پروگرام جو ائڊمنسٽريٽر ماهوتو صاحب

مان پيپلز پروگرام جو پي ڊي ته ٿيس، ان پروگرام جو لاڙڪاڻي ضلعي جو ايڊمنسٽريٽر محترم غلام الله ماهوتو هيو. ماهوتو صاحب، پيشي جي لحاظ کان وڪيل هيو. دلبر ماڻهو هيو ڀٽي صاحب جو حبدار هيو ۽ خاص طور محترمه جو به. بي انتها ايماندار ۽ Committed ساٿي هيو. محترمه به مٿس ايترو ئي ڀروسو ڪندي هئي. بئلنسڊ ۽ کليل دل جو ماڻهو هيو. لڳائي ٻجهائي کان اڻ واقف. سياسي ڌرين سان رابطي ۾ هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۾ سرڪاري ڪامورن کي مدد ڪندو هيو. سندس راءِ کي محترمه تمام گهڻي اهميت ڏيندي هئي. ڪي بي رند صاحب جا محترمه ۽ ٻين رهنمائن سان تعلقات بهتر ڪرڻ ۾ هن مثبت ڪردار ادا ڪيو.

پيپلز پروگرام جو سربراهه ته ماهوتو صاحب هيو پر اصل ۾ پروگرام، ڪمشنر صاحب هلائيندو هيو. ماهوتي صاحب کي هر ڳالهه جي واقفيت هئي ۽ هر فيصلي جي



ڪانئس ٿي منظوري ورتي ويندي هئي. جيڪڏهن سندس راءِ ٻي هوندي هئي ته ان کي اهميت ڏني ويندي هئي ۽ سندس مرضيءَ مطابق عمل ڪيو ويندو هيو.

## غلام الله ماهوتي جو اغوا

1990ع واري دور ۾ به اغوا براءِ تاوان جا ڪيس ڏاڍا ٿيندا هئا. ٻهمڻ ٻيلي کان لڪيءَ تائين، لاڙڪاڻي سکر لنڪ روڊ سان ڏاڍيون وارداتون ٿينديون هيون. اغوا وارين ڪاررواين سبب مغوين کي خيرپور جي ٻيلي ۾، سکر جي شاهه ٻيلي ۾، ڳڙهي ياسين جي گولي دڙي ٻيلي يا بلوچستان نيو ويندو هيو.

هڪ شام جو غلام الله ماهوتو ڪراچيءَ کان ايندي سکر ايئرپورٽ تي لٿو. ڪار ۾ لاڙڪاڻي ايندي، لکي ۽ نئين ديري وچ تان اغوا ٿي ويو. جڻ ڪيس زمين ڳهي وئي هئي. اهو ماهوتي جو اغوا نه هيو پر جڻ محترمه بينظير ڀٽو صاحبه تي حملو هيو. ماهوتو لاڙڪاڻي جو سرڪرده رهنما هيو ۽ محترمه کي تمام گهڻو ويجهو هيو. محترمه به ڏکياري ٿي وئي. پارٽيءَ پوري ڪوشش ڪئي، پر ماهوتي صاحب جي رهائي جلدي ڪونه ٿي، تقريباً به ٽي هفتا لڳي ويا. نيٺ ماهوتي صاحب جي ٽن هفتن کان پوءِ جان آزاد ٿي.

جنهن لاءِ پوءِ هيءَ ڳالهه مشهور ٿي ته پيپلز پروگرام جا ٽي ڪروڙ رپيا ڏئي ڪيس آزاد ڪرايو ويو آهي. پيسن جو ڪنٽرول ته مون وٽ هيو. مون ته ان مد ۾ هڪ رپيو به نه ڪڍيو. حيرت ان ڳالهه جي ٿي ته اها ڳالهه ڪيئن مشهور ڪئي وئي.

## جيالا ڪلچر

سائين قائم علي شاهه، بيبي صاحبه جي پهرين دور ۾ وزيراعليٰ سنڌ ٿيو هو. جيڪي جيالا مير مرتضيٰ جي الذوالفقار جا سڏائيندا هئا، اهي ته ڪنهن کي وٽ ئي نه ڏيندا هئا. هڪ ته انتظاميه کي واضح هدايتون ڪونه هونديون هيون، ٻيو انتظاميه ۽ پوليس جيالن کي هڪ حد تائين ته روڪيندي هئي، پر پوءِ جتي لاٺي چارج ۽ روڪ ٽوڪ ڪرڻ جو عمل ڪرڻو هوندو هيو اتي پوليس ٻي وس ٿي پوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن جيالا ته پوليس سان هٿين پئجي ويندا هئا. جيڪڏهن جيالن کي جهلبو هيو ته محترمه نصرت ڀٽو صاحبه دخل اندازي ڪندي هئي ته ”يه ميري بچي هين تنگ نه ڪروان ڪو“.

هڪ ڏينهن ته جيالن المرتضيٰ جا ٻاهريان شيشا ڀڃي ڇڏيا. سڄي سرڪٽ هائوس تي قبضو ڪري ورتو جتي وزيراعليٰ صاحب کي رهڻو هيو. مس مس ڪين ايلاز ڪري هڪ سُوٽ خالي ڪرايو ويو. ان ۾ سائين قائم علي شاهه ترسيو. حالانڪ اهو Security جي حساب سان صحيح ڪم نه هيو. صبح جو سائين قائم علي شاهه باٿ روم ۾ تڙ ڪرڻ لاءِ ويو ته گرم پاڻي گم! خبر پئي ته جيالا سارو گرم پاڻي ڪپائي ويا آهن ۽ گڏ

Gul Hayat Institute

بورچي خانو بہ خالي ڪري هليا ويا آهن. وزيراعليٰ صاحب لاءِ سجو بندوبست ٻيهر ڪرڻو پيو. وزيراعظم جي ميٽنگ ۾ پهچندي پهچندي وزيراعليٰ کي دير ٿي وئي.

## لاڙڪاڻو- ويڳاڻو

لاڙڪاڻي شهر جي ڀٽي صاحب جي وقت ۾ جيڪا Face Lifting ٿي، ان کان پوءِ ٻارهن ٻارهن سالن تائين ڪنهن بہ انتظاميا لاڙڪاڻي شهر توڙي ضلعي جو منهن نہ ڌوتو. نتيجي ۾ ضلعو کنڊر لڳي رهيو هيو. لاڙڪاڻو شهر، جنهن کي ڀٽي صاحب ڪنوار وانگر سينگاريو هيو، اهو جڻ رن زال وانگر لڳي رهيو هيو. ڊرينيج سسٽم تباهہ، گندي پاڻيءَ جا ڍسپوزل بند، ڪچري جا ڍڳ، ڪو بہ نئون پروجيڪٽ شروع نہ ڪيو ويو. ان صورتحال جي ڄاڻ محترمہ کي بہ پئي، تنهن ڪمشنر لاڙڪاڻي کي چيو تہ هلندڙ ڪمن (پروجيڪٽن) کي جلد کان جلد مڪمل ڪرايو وڃي. شهر ۽ ضلعي جي لاءِ ننڍي مدت وارا (short term) ۽ ڊگهي مدت وارا (long term) منصوبا شروع ڪيا وڃن. جن منصوبن لاءِ صوبو يا مرڪز جلد پئسا نہ ڏئي، انهن ڪمن لاءِ پيسا پيپلز پروگرام مان حاصل ڪيا وڃن. انهن سڀني ڪمن جو مون کي Coordinator مقرر ڪيو ويو.

مون ٻيهرين ڪم اهو ڪيو تہ جيڪي جلد مڪمل ڪرڻ وارا منصوبا هئا، انهن کي شروع ڪرايو جن جي مدت ٽن کان ڇهہ مهينا هئي. جيڪي مرمت جهڙا ڪم هئا، اهي شروع ڪرايا. جتي face lifting ڪرائڻي هئي، انهن تي ڪم مڪمل ڪرايو ويو. شهر ۾ ساوڪ ۽ صفائيءَ تي ڌيان ڏنو ويو. شهر ۾ ۽ روڊن تي وڻ پوکائڻ لاءِ ڪم شروع ڪيو ويو. ڀٽي صاحب جي دؤر ۾ عبدالرشيد ڪرل، لاڙڪاڻي- نئين ديري روڊ تي جيڪي وڻ پوکايا هئا، اهي وڏي وڏا ٿي ويا هئا. منهنجي بہ دل چوي پئي تہ لاڙڪاڻي کي ڳنڍيندڙ روڊن تي اهڙيءَ طرح وڻ پوکرايا وڃن. ان سان ماحول بهتر ٿيندو ۽ شهر جي سونهن ۾ بہ اضافو ٿيندو. ڳڏوگڏ روڊ رستن جي حفاظت بہ ٿيندي رهندي. جيڪي سرڪاري استعمال جون عمارتون هيون، انهن جي مرمت ڪرائي وئي. اهڙي طرح هر سرڪاري روڊ رستي جي مالڪي ٿيندي رهي. باقراڻي روڊ جي ڊرينيج تباهہ ٿيندي ٿي وئي، انهن سان رستا بہ ڍهندا پئي ويا. روڊن ۾ ڪڏا پئجي رهيا هئا، انهن جي مرمت، وقت سر ڪرائي پئي وئي ۽ لانگ ٽرم ۾ پوري شهر جي ڊرينيج سسٽم کي ٻيهر ٺهرائڻ جو پروگرام بہ رٿيو ويو.

مکيہ منصوبن ۾ هيٺيان منصوبا شامل هئا:

- ايم ايف ريڊيو اسٽيشن
- ڪلچرل ڪامپليڪس
- شهر جي چوطرف سرڪولر روڊ



- اهم روڊن کي ڊبل ڪيريج (ٻٽو روڊ ڪرڻ)
- آرٽس ڪائونسل کي جيارڻ
- نوان باغ ٺهرائڻ ۽ پراڻن جي مرمت
- اسپورٽس ڪامپليڪس
- ميونسپل اسٽيڊيم جي مرمت
- انجنيئرنگ ڪاليج
- چانڊڪا جو رتي ديري ۾ ڪئمپس قائم ڪرڻ
- چانڊڪا جي ڊاڪٽرن کي ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪلي ۽ اعليٰ تعليم ڏيارڻ

ڪمشنر صاحب، پرائيم منسٽر صاحبہ کي بريفنگ ڏني. هوءَ ڏاڍي خوش ٿي. شهر ۾ بہ ائڪٽوٽي شروع ٿي وئي هئي. جڏهن پاڻ ايندي هئي تہ ڏسندي هئي. مان هونءَ بہ پي ايم هائوس کي ۽ لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ جي سيڪريٽري جناب سلمان فاروقيءَ کي هر مهيني رپورٽون موڪليندو رهندو هئس.

## ڀُٽي صاحب جي مزار

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي مقبري ٺهڻ جي ڳالهہ شروع ٿي. طئي اهو ڪيو ويو تہ ترڪيءَ جي Architects کان مقبرو ڊزائن ڪرائجي ۽ مقبري تي عوام ۽ ڀٽي صاحب جي ٻاهرين سربراهہ دوستن کان Donation وٺي مقبرو ٺهرائجي. چيف منسٽر هائوس ڪراچيءَ ۾ هڪ ميٽنگ ٿي، جنهن ۾ وزيراعليٰ صاحب تہ شريڪ ڪونہ ٿيو هيو پر بيا سڀ ڪرتا ڌرتا هئا. سلمان فاروقي صاحب بہ هيو ۽ مون کي بہ گهرايو هئائين. ميٽنگ جي صدارت آصف علي زرداريءَ ڪئي هئي.

KDA جي آرڪيٽيڪٽ ضيغم جعفريءَ کي ترڪي موڪليو ويو هيو تہ جيئن هو ڪمال اتاترڪ جو مقبرو ڏسي اچي ۽ ٻين آرڪيٽيڪٽ سان بہ ملي اچي. هن بہ ان ميٽنگ ۾ پنهنجي رپورٽ پيش ڪئي. ٻين ڳالهين کان علاوه ڳڙهي خدابخش ۾ قبرستان لاءِ زمين حاصل ڪرڻ جو بہ مسئلو هيو ان متعلق مون رپورٽ پيش ڪئي. زمين سجي ڀٽو فيمليءَ جي هئي، پر اها بہ نياڻين سياڻين ۾ ۽ پوٽنيرن ۾ ورهايل هئي. انهن جا فوتي ڪاتا تبديل ٿيل نہ هئا. وڏي محنت ڪري مون انهن جا فوتي ڪاتا تبديل ڪرايا.

طئي اهو ٿيو تہ اهي زمينون بطور مدد يا گفٽ ڀٽو فيمليءَ کان حاصل نہ ڪيون، پر ڪائنڻ مارڪيٽ ريٽ تي خريد ڪيون وينديون. جيڪڏهن ڪو فرد پنهنجي زمين جو ٽڪرو گفٽ ڪندو تہ ان کي خوش آمديد چيو ويندو ۽ سندس ٿورن سان اها زمين ورتي

Gul Hayat Institute

ويندي.

## ڀُٽي صاحب جي مقبري جو پي. ڊي

اتي اها ڳالهه به زير بحث آئي ته في الحال پروجيڪٽ جو انچارج/ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر رکجي. سلمان فاروقيءَ منهنجو نالو تجويز ڪيو. ان لاءِ اهو دليل ڏنائين ته هي پيپلز پروگرام جو پروجيڪٽ ڊائريڪٽر آهي. ان پروجيڪٽ جي زمين حاصل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري ٿو ۽ ٻين ترقياتي ڪمن جي به نظرداري ڪري رهيو آهي. زرداري صاحب ۽ ٻين ان ڳالهه جي تعريف ڪئي. اهڙيءَ ريت مون کي "ڀٽو مزار" ڪميٽيءَ جو پروجيڪٽ ڊائريڪٽر نامزد ڪيو ويو.

ڪم ڏکيو هيو ۽ اُهو به زرداري صاحب سان ڪم ڪرڻ. مون صرف ڳالهيون ٻڌيون هيون. اسان جو ساٿي احمد فهيم مغل، زرداري صاحب جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيو هيو. اها ڳالهه منهنجي لاءِ ڏاڍي خوشي ۽ اتساهه جو سبب هئي ته مون کي ڀٽي صاحب جي مزار جو پي ڊي مقرر ڪيو ٿو وڃي. پر سياسي مقررين ۾ ڪيريئر آفيسر لاءِ جيڪي مسئلا هوندا آهن، اهي ضرور هئا. مون رب پاڪ تي ڇڏي ڏنو. جيڪي ڪندو اهو ئي بهتر.

ميٽنگ کان پوءِ زرداري صاحب سان ملاقات ٿي، جنهن ۾ فاروقي صاحب به موجود هيو. زرداري صاحب گهڻو ڪري مون بابت ۽ منهنجي موجوده پوسٽنگ بابت خبرچار ورتي. اهو به چيائين ته لاڙڪاڻي جي ترقياتي ڪمن جون رپورٽون ڪيس به موڪليان ۽ فون تي به ساڻن رابطي ۾ رهان. جڏهن ڪراچي يا اسلام آباد اچان ته ساڻس ملاقات ڪندو رهان. مون موڪلايو. هو عزت ڀرئي طريقي سان مليو. سلمان فاروقي صاحب ڀٽي ٿپي ۽ Good Luck چئي موڪلايو.

## محترمه جي حڪومت ختم

اهو سلسلو اڳتي نه هليو. جلدي بيبي صاحبه جي حڪومت تي راتاهو هنيو ويو. زرداري صاحب کي جيل ۾ وڌو ويو ۽ اسحاق خان اسيمبلين کي ٽوڙي نين چونڊن جو اعلان ڪيو. وري جڏهن 1993ع ۾ بيبي صاحبه جي ٻي حڪومت آئي ته اها ڳالهه ئي ختم ٿي وئي. نئون زمانو نيون حڪومتون، نوان پي ڊي هئا. الله سائين بهتر ڪيو. سندس بي حد شڪرانا.

## فهيم مغل جيل ۾

منهنجي دوست احمد فهيم مغل کي جيل ۾ وجهي مٿس سختي ڪئي وئي ته زرداري



خلاف شاهدي ڏئي. پر هن مڙس جي پٽ ڪا غلط ٻولي نه ٻولي، اجا تائين زرداري صاحب سان نڀائي ٿو ۽ ساڻس گڏ آهي.

ڀٽي شهيد جو مقبرو به ٺهي ويو آهي، جنهن ۾ ٻيا ڀٽي فيملي جا وڏا به دفن آهن. محترمه بي نظير ڀٽو شهيد، شهيد شاهنواز ڀٽو شهيد مير مرتضيٰ ۽ ٻيا ڪيترائي شهيد. هي صرف ڀٽي شهيد جو نه پر ٻين ڪيترن شهيدن جو قبرستان ٿي ويو آهي. ڀٽي صاحب ۽ شهيد راڻي جي جنم ڏينهن ۽ شهادت جي ڏينهن تي هتي ميلو مچي ٿو ۽ هزارين نه پر لکين چاهيندڙ اچي مڙن ٿا.

1993ع کان 1996ع تائين بي نظير ڀٽو صاحبه جي ٻي حڪومت آئي. اڳوڻي حڪومت ۾ تاهيل پلان هن حڪومت ۾ به جاري رکيا ويا ۽ ڪي ته هن وقت به روبه عمل آهن ۽ ڪي وري ان پلان مان ڪڍيا ويا هئا. خاص طور انجنيئرنگ ڪاليج، چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج رتوديرو جي ڪئمپس ۽ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج/ يونيورسٽيءَ جي پروفيسرس کي ٻاهر موڪلي ٽريننگ/ تعليم ڏيارڻ وغيره. جيڪڏهن سنڌ رورل جا پروفيسر ٻاهران تعليم ۽ تربيت پرائي اچن ته سنڌ جي ميڊيڪل يونيورسٽيءَ جي بهترين فيڪلٽي ٺهي سگهن ٿا. ملڪ ۾ ادارا سالن ۾ صدين ۾ ٺهندا آهن. اسان کي اڄ سان گڏ، پنهنجي سياڻپ تي به نظر رکڻ گهرجي.

## محترمه سان ملاقات

محترمه جي پهرين حڪومت ڊهڻ کان پوءِ ڪمشنر ڪي. بي. رند صاحب، ڊي آءِ جي راهو خان بروهي، ڊي سي اسحاق لاشاري، ايس پي محمد رمضان چنا ۽ مون کي وڃي المرتضيٰ هائوس تي ساڻس آخري سلام ڪرڻ لاءِ پهتو. محترمه اسان کي ڏسي ملي ڏاڍي خوش ٿي ته لاڙڪاڻي جي ٽيم ملڻ آئي آهي. مون جڏهن پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ ڪيس ٻڌايو ته مان رتي ديري جو آهيان ته محترمه Loud مسڪراهٽ ڏني ۽ تمام گهڻي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ۽ مون کان دير تائين منهنجو منهنجي فيملي جو حال احوال وٺندي رهي. ان اميد جو به اظهار ڪيو ته وري گڏ ڪم ڪرڻ جو موقعو ملندو.

## ڄام صادق نگران وزير اعليٰ/ ڪمشنر جي بدلي

بدليون ٿيون ته هرڪو ٽڙي پکڙي ويو. ڪمشنر ڪي بي رند کي ڄام صاحب جي دوستيءَ جي وڏي هام هئي. چوندو هيو ته لنڊن مان جڏهن سندس واپس ڪراچي پوسٽنگ ٿي رهي هئي ته ڄام صاحب سندس وڏي دعوت ڪئي هئي، جنهن ۾ سئو کن معززين کي سڏايو هئائين. هت به جڏهن ڄام صاحب لاڙڪاڻي ايندو هيو ته پهرين ڪمشنر صاحب جي گهر ايندو هيو. چپ آلا ڪري پوءِ PM هائوس ويندو هيو.

Gul Hayat Institute

## غلام عباس سومرو ائڪٽنگ ڪمشنر

چام صاحب، رند صاحب کي ڊائريڪٽر انڊسٽري ڪري رکيو هيو. راهو خان بروهي آءِ جي جيل ٿيو هو. اسحاق لاشاري ڊپٽي سيڪريٽري ٿيو هيو ۽ رمضان چنا جي مقرري سي ايم هائوس ۾ ٿي هئي. منظور اعوان ڊپٽي ڪمشنر خيرپور ۽ مان اتي ئي پيپلز پروگرام کي گول ڪرڻ لاءِ هئس. چاچي غلام عباس سومري، ايڊيشنل ڪمشنر-I کي ائڪٽنگ ڪمشنر ڪيو ويو. سائين غلام عباس سومرو به مَنُ ماڻهو هيو. غلام عباس سومرو صاحب، جيڪو CM ممتاز علي ڀُٽي صاحب جو PRO هيو. سومرو صاحب ويسٽ پاڪستان سرڪار ۾ لاهور ۾ به انفارميشن آفيسر جي نوڪري ڪري آيو هيو ۽ 1970ع جي جولاءِ کان سنڌ ۾ آيو هيو. ممتاز صاحب گورنر ۽ سي ايم ٿيو ته سندس پي آر او ٿيو جنهن بطور اسسٽنٽ ڪمشنر جي کيس PCS ۾ شامل ڪيو. هاڻي سومرو صاحب BS-19 ۾ هيو. ايڊيشنل ڪمشنر هيو ۽ چام صاحب جي حڪومت ۾ اليڪشن دوران ائڪٽنگ ڪمشنر ٿي ويو. سومرو صاحب اصل ۾ عثمان علي عيساڻي ۽ غضنفر علي عيساڻيءَ جي ڳوٺ جي پرسان پنهنجي ڳوٺ ۾ رهندو هيو سندن ڳوٺ ڳڙهي ياسين تعلقي ۾ هيو ۽ رتي ديري کان 6 ميل پري هيو. رتي ديري ۾ به سندن مٽ مائٽ وڏي تعداد ۾ رهندا هئا. چاچي غلام عباس جو پٽ علي اڪبر سومرو لاڙڪاڻي ڪاليج ۾ پڙهندو هيو ۽ مون سان هاسٽل ۾ روم پارٽنر هيو. هڪ سال گڏ رهياسين ۽ ٻئي سال ٻنهي کي الڳ روم مليا. اڪبر BA-1 ۾ هيو ۽ مان فرسٽ ايئر ۾ هئس. اڪبر سان اڄ به پيٽ برادري آهي ۽ ٻارن ٻچن سميت اچ وڃ آهي. اڪبر اسان جي ڪلاس فيلو جاڙن ڀائرن منظور ۽ قربان سومرو جو سؤٽ آهي.

## چام صاحب وزير اعليٰ ٿي ويو

اليڪشن جي گرما گرمي تيز ٿيندي وئي. لڳو پئي ته 1990ع واريون چونڊون پ پ پ کي ڪٽڻ نه ڏنيون وينديون. لاڙڪاڻي ۾ سردار الله بخش خان جلباڻي ۽ سرائي نور نبي جوڻيجو چام صاحب کي ويجهو هئا. قربان عباسي مرحوم جان محمد عباسيءَ جو پٽ چام صاحب جي ويجهڙائي جي هام هڻندو هيو. کيس لاڙڪاڻي ميونسپل جو ائڊمنسٽريٽر ڪيو ويو. شفيق کوسي کي ڊي سي لاڙڪاڻي مقرر ڪيو ويو. جيڪو چام صاحب کي چاچو چوندو هيو. شفيق جو نيڪ والد دريا خان کوسو صاحب پراڻو پارليامينٽرين هيو ۽ چام صاحب سندس نيازمند هيو.

اليڪشن جا نتيجا اچي ويا. جيڪي چام صاحب جا مخالف اميدوار سي ايم ٿي سگهيا پئي، اهي هارائي ويا. جن مان لاڙڪاڻي ضلعي مان ممتاز علي ڀٽو به هيو. چام



صاحب جو اسيمبليءَ ۾ هڪ ووٽ هيو پر مٿين جي ٽيڪ ۽ پنهنجي مڙسيءَ تي وزيراعليٰ ٿي ويو. نگران وزيراعليٰ ته اڳ ۾ ئي هيو. باقي ميمبرن جي ٻانهن مروڙڻ ڪو چام صاحب کان سکي. چام صاحب لنڊن ۾ 11 سال جلاوطن رهڻ کان پوءِ بينظير ڀٽو صاحبه جي حڪومت ۾ واپس آيو ته کيس وزيراعظم جو ايڊوائيزر بڻايو ويو. چام صاحب خوش نه ٿيو. کيس اميد هئي ته کيس سنڌ جو وزيراعليٰ بڻايو ويندو. پر ايئن نه ٿي سگهيو. سنڌ ۾ قائم علي شاهه صاحب جي جڳهه تي آفتاب شعبان ميراڻيءَ کي وڏو وزير بڻايو ويو.

پوءِ جڏهن پ پ پ جي حڪومت جي خلاف جوڙ توڙ شروع ٿي ته وفاقي ادارن، صدر صاحب، جتوئي صاحب سان ڳجهي طرح چام صاحب به ملي ويو. جڏهن حڪومت ڊٺي ته چام صاحب حسب توقع وزيراعليٰ ٿي ويو. هن پ پ پ جي ليڊرن کي ڊوڙايو. سندن نقصان ڪيو ۽ تڪليف پهچائي، اها پ پ پ کان ڪڏهن به نه وسرندي. اها ڳالهه بينظير صاحبه جي حوالي سان ڪئي ويندي آهي ته هڪ موقعي تي قائم علي شاهه ۽ آفتاب شعبان ميراڻيءَ کي چيو هئائين ته توهان به وڏ وزارت ڪئي. هاڻي ڏسو ته چام صادق علي ڪيئن ٿو حڪومت ڪري. هڪ موقعي تي وزيراعظم نواز شريف ۽ بيبيءَ جو ڪن ڳالهين تي ٺاهه ٿي ويو. نوازشريف چام صاحب کي چيو ته زرداريءَ کي آزاد ڪر. چام صاحب پڙ ڪڍي بيٺو ته زرداريءَ کي نه ڪيندس. اهو تنهنجي ئي پليءَ ۾ آهي. زرداريءَ کي وزيراعظم هائوس ۾ رهڻ جي عادت پئجي وئي آهي. سڌو توڏي ايندو. کيس آزاد نه ڪيائين، پر وقت ثابت ڪيو ته نوازشريف کان پوءِ محترمه جي حڪومت اچي وئي.

## لاڙڪاڻي ۾ نوڪريون مقامي ماڻهن کي مليون!

محترمه جي حڪومت ۾ سندس حڪمن تي لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ خالي پيل نوڪريون لاڙڪاڻي ڊويزن جي ماڻهن کي ڏنيون ويون. ڪمشنر لاڙڪاڻي کي خاص طور اها هدايت ڪئي وئي ته لاڙڪاڻي جي ماڻهن کي اتي خالي پيل جاين تي رکي، خالي پوسٽون هڪدم ڀريون وڃن. ڪمشنر صاحب اهو ڏاڍو حساس ڪم منهنجي حوالي ڪيو. جنهن ۾ شڪايتن جو وڏو خدشو هيو. ان کان علاوه رشوت هلڻ ۽ پيسي وٺڻ جو به خوف هيو. ڪنهن به ڪمشنر آفيسر جي ماڻهو تي الزام لڳي پيا سگهن. پر جيڪڏهن ڪو سچو الزام لڳو ته پوءِ ان سان ڪمشنر ۽ ڪمشنر آفيس جي عزت داءُ تي لڳي سگهي پئي. هڪ طرف ڪمشنر آفيس هئي، ٻئي طرف وزيراعظم آفيس هئي. جيڪڏهن ڪنهن ڪرپشن ڪئي ته پوءِ ڇوٽڪارو ڪونه هيو.

ايم اين ايز ۽ ايم پي ايز کي هڪ مخصوص ڪوٽا نوڪرين جي ڏني وئي. اهي

Gul Hayat Institute

درخواستون منهجي آفيس کي ملنديون هيون جيڪي واسطيدار کاتن کي موڪليون وينديون هيون. جن جون خالي جايون جون لسٽون اسان وٽ موجود هونديون هيون. واسطيدار کاتا جاچ جوچ کان پوءِ نوڪري جون ڪارروايون پوريون ڪري آرڊر ڪندا هئا. آرڊر ڪيدي اسان کي موڪليندا هئا. جيڪي اسان واسطيدار ايم اين اي يا ايم پي اي کي موڪليندا هئاسون، جنهن جي لسٽ ڪمپيوٽر تي رکندا هئاسون. ڪمپيوٽر 1989ع ۾ آفيس ۾ آيا هئا پر ايترا سنا ڪونہ هئا.

هڪ دفعي منهنجي ڳوٺ جي چونڊيل نمائنده خاتون ميٽنگ ۾ الزام لڳايو تہ نوڪريون پيسن تي ٿيون وڪامن! ڪمشنر رند صاحب ايترو پر اعتماد هيو جو محترمہ کي چيائين تہ ”جيڪڏهن عبدالقادر منگيءَ ۾ سندس آفيس جي ڪلارڪ تي هڪ روپيو ثابت ٿئي تہ اهو سمجهيو وڃي تہ اهو پئسو ڪي. بي رند ورتو آهي.“

لاڙڪاڻي ضلعي جون هڪ هزار کان وڌيڪ خالي پيل جايون پريون ويون. ان کان علاوه لاڙڪاڻي جا ڪيترا نوجوان Placement Bureau جي معرفت، جنهن جي محترمہ مسز بي اي قريشي سربراهي ڪندي هئي انهن کي PIA، FIA، ڪسٽم ۽ ٻين کاتن ۾ نوڪريون ڏنيون. پر انهن مان ڪافي پرتين ۾ قاعدي قانون جي پوئواري گهٽ ڪئي وئي هئي، جنهن جي ڪري نواز شريف جي حڪومت ڪيترن ئي نوجوانن کي نوڪرين مان ڪيدي ڇڏيو. پوءِ محترمہ جي ٻيءَ حڪومت کين بحال ڪري پڪو ڪيو. انهن نوجوانن کي هاڻي بہ جڏهن 25_30 سالن کان پوءِ ڏسندو آهيان تہ دل خوش ٿي ويندي آهي. اهي نوجوان خاص طور FIA ۽ ٻين ادارن ۾ وڏي محنت سان نوڪريون ڪري رهيا آهن.

❊

جڏهن اسان نرسنگ هاسٽل کي ڪمشنر آفيس ۾ تبديل ڪري رهيا هياسون تہ ان جي اندر ۽ ٻاهر مون ڪجهہ ايڊيشن ۽ الٽريشن ڪيون. ڪمشنر آفيس، ڪمشنر جو ڪميٽي روم، ويٽنگ روم وغيره ٺاهياسين. هيٺئين فلور تي ڪمشنر آفيس، پهرئين فلور تي ڊي آءِ جي آفيس ۽ ٻي فلور ٻين ڊويزنل آفيسن کي ڏني وئي. ڪافي سهوليت ٿي وئي. آفيس جي ٻاهرئين حصي کي خوبصورت ٺاهڻ لاءِ مون آفيس ۽ رائيس ڪينال جي وچ واري پٽيءَ ۾ ديسي گلاب جا ٻوٽا لڳايا. ديسي گلاب ان ڪري لڳايو هئم، جو اهو تمام گهڻو سخت جان آهي ۽ خراب حالتن ۾ بہ زنده رهي سگهندو آهي. ان جي بچاءَ لاءِ ان جي چوڌاري لوهي گِرل لڳرائي. روڊن ۽ رستن تي گُلِ مُهر ۽ املتاس جا وڻ لڳرايا. بهار جي مند ۾ گلِ مُهر نارنگي رنگ جا خوبصورت گُل جهليندو آهي ۽ املتاس (املتاس ۽ ان جي ميوي کي عام زبان ۾ چمڪٽي چٽبو آهي) ۾ پيلا گل ٿيندا آهن. سال ٻن ۾ اهي وڏي وڏا ٿيا ۽ گُل ڏيڻ لڳا. گلاب جا ٻوٽا بہ جوان ٿي ويا. هاڻي تہ ڪڏهن ڪمشنر آفيس



ويندو آهيان، تہ ماڻهين کان انهن گلن جي سار سنڀال لاءِ حال احوال وٺندو آهيان. ڪمشنر آفيس لاڙڪاڻي جي هڪ هڪ شيءِ مون محنت ۽ محبت سان ٺاهي هئي، جيڪا مان اجا تائين ياد ۽ محسوس ڪندو آهيان.

❊

سوڀي گيانچنداڻيءَ ۽ امان الله شيخ سان ڏاڍيون ڪچهريون ٿينديون هيون. محمد بچل تنيي، عبدالغفور پرڳڙي صاحب، الاهي بخش ڪيهر ۽ ٻين سينئر وڪيلن کان بہ درس ملندا هئا. ڪنهن معاملي يا مسئلي ۾ منجهندو هئس تہ عبدالرزاق سومري صاحب کان رهنمائي حاصل ڪندو هئس. سائين ديدار شاهہ تہ سدائين مهربان هوندو هو.

❊

## شاهہ لطيف لائبرري رتوديرو کي ڪتابن جو تحفو

1989ع ۾ جڏهن مان لاڙڪاڻي جو ايڊيشنل ڪمشنر هيس، تہ هڪ ننڍي لائبرري رتوديرو واٽر سپلاءِ جي گرائونڊ ۾ ٺهرائي، جتي ننڍڙو پارڪ بہ ٺهيل هيو. ڪي. بي رند صاحب ان لائبرريءَ جو افتتاح ڪيو. پوءِ ڪلچر ڊپارٽمينٽ ان کي وڌايو. 2006 ۾ مان ڪلچر جو سيڪريٽري ٿيس تہ ان ۾ ڪجهہ واڌ ڪئي سون. 11 اپريل 2015 تي مون شاهہ لطيف لائبرري، رتوديرو کي تقريباً ٻہ هزار ڪتاب، رسالا، ميگزين تحفي ۾ ڏنا، جتي منهنجي ئي نالي سان بوڪ ڪارنر قائم ڪري، ان جو مون کان افتتاح ڪرايو ويو. هن وقت اها لائبرري ڊاهي پٽ ڪئي وئي آهي، ان کي نئين سر ٺهرايو ٿو وڃي.

## مامي ديدار حسين جو انتقال

بابا جي رحلت کان پوءِ منهنجو سنڀاليندڙ يا Guardian منهنجو مامون ديدار حسين منگي ٿي ويو. بابا جي وفات وقت منهنجي عمر 14 سال هئي ۽ اٺين جماعت ۾ پڙهندو هئس. بابا جو جڏهن اوچ هيو ۽ نوڪريءَ ۾ هيو ان وقت تہ آءٌ ننڍو هئس، مامو ديدار سندس پٽيلو هيو. پٽن وانگر پاليو هئائين. سندس اهڙو ڪو انگل نہ هيو جيڪو بابا پورو نہ ڪيو هجي. مامو مون کان 15 سال کن وڏو هيو. ان دؤر ۾ تعليم گهٽ هوندي هئي. سو مامو بہ نہ پڙهيو. سندس والد جان محمد عرف جاڻ فقير بہ سيلاني هوندو هيو. راڳ رنگ سان روح ريجهائيندو هيو. اڪثر سچل سائينءَ جي فقيرن سان سير سپاٽي ۾ گذاريندو هيو. سندن وڏن جون ملڪيتون، ٻنيون ۽ رتيديري شهر ۾ جايون هونديون هيون، ٻيو ڪم ڪار گهٽ ڪيائون، پر زمينون گروي رکڻ ۽ وڪڻڻ تي زور رکيائون. آهستي آهستي ڪم خلاص ٿي ويو. ايستائين جو اڪثر زمينون گروي مان، واڻين مٽائي، پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ ئي پنهنجي نالي تي ڪري ڇڏيون هيون. ٻنيون ۽ جايون وڪرو ڪيون ٿي

وبون، اسان جا ناناڻا اڻ پڙهيل ۽ اڻ ڄاڻ هيا. بابا مديجيءَ مان رتيديري آيو. شادي ڪيائين، منهنجي ناني جان محمد جو لاڏاڻو ٿي ويو هيو. پوءِ ماموءَ ناني به بابا سان گڏ رهڻ لڳا هئا.

مامي جي شادي آڳاٽي ڳوٺ لڳ منگين جي ڳوٺ مان ڪرائي وئي، پر اسان جي اها مامي ويهه دوران جلد ئي گذاري وئي. ڪيس ٻي شادي ناپرن لڳ جهان خان مان ڪرائي وئي. گهر وارن مٿس زور رکيو ته ڪو ڌنڌو ڌاڙي ڪري. پوءِ مختلف ڌنڌا شروع ڪيائين. آخر بيڙين وڪڙڻ جو دڪان کوليائين، جيڪو زندگيءَ جي آخر تائين هلايائين. پاڻ به بيڙيون ٻڌندو هيو ٻيا ڪاريگر به هئس. ڌنڌو هلي پيو ۽ گذرسفر سنو ٿي پيو هو. مان سندس اثر ۾ هوندو هئس. هر طرح سان سندس خيال ڪندو هئس. سڄي عمر ڪيس ماما سائين ڪري مخاطب ڪيم. ايستائين جو ڪيس منهنجا دوست ته ماما چوندا ئي هئا، پر سڄي شهر وارا به ڪيس ماموڪري سڏيندا هئا. عمر ۾ ڪائنس ننڍا هجن يا وڏا، سڀ ڪيس ’ماما‘ چوندا هئا. ڪيترن کي ته سندس نالي جي به خبر ڪانه هئي.

جڏهن بابا سائين الله کي پيارو ٿيو ته مڙسيءَ سان گهر کي سنڀاليائين. ڪيڏانهن وبون بي پرواهيون، مستيون، بي اعتداليون. ڪيس پنج ڌيئر ڄايون، پٽ اولاد ڪونه هيس. سيني جي خواهش هئي ته پٽ ڄميس، پر الله جي مرضي.

جنوري 1989ع تي ڪيس برين هيمريج ٿيو. 18 تاريخ تي الله کي پيارو ٿي ويو. الله جي شيءِ الله ڏانهن راهي ٿي وئي.

مان انهن ڏينهن ۾ لاڙڪاڻي ۾ ايڊيشنل ڪمشنر هئس.

مامي جي فوتيءَ کان پوءِ مون کي وڏو ڌڪ رسيو. جڻ منهنجو والد هڪ دفعو ٻيهر فوت ٿي ويو هو.

## ڄام صادق علي

آگسٽ 1990ع ۾ راڄ بدلجي ويو هيو هاڻي سنڌ جو بادشاهه سائين ڄام صادق علي خان، ڄام ڪانڀو خان جو پٽ هيو. هڪ طرف سردار غيبي خان چانڊيو هيو ٻئي طرف ڄام ڪانڀو خان هيو جيڪو سخي، سخنوار ۽ راڄ ڀاڳ جو سرپرست ۽ ڏک سک جو ساٿي هيو. ايترو سخي مڙس هيو جو سندس نالو ملڪان ملڪ مشهور هيو. سندس پٽ ڄام صادق علي به اهڙو ئي هٿ جو کليل هوندو هيو. سندس در تان سوالي خالي نه ويندو هيو. جيڏو هٿ جو ڪشادو هيو، ايڏو زبان جو تکو ۽ ڏکيو به هيو. ڏاڍو سنو دوست، پر جنهن جو دشمن، تنهن جو تمام وڏو دشمن به. جنهن سان نه لڳس ته پوءِ ٻچا ٻير تي ٽنگي ڇڏيندس. ڪن آفيسرن سان ته اهڙيون جنيون ڪيائين، جو اهي ضرب المثل ٿي ويون.



ڏاڍو بي پروسي هيو. سندس خبر نه پوندي هئي ته ڪهڙي ڳالهه تي راضي ٿيندو ۽ ڪهڙي ڳالهه تي رنج.

جڏهن ڄام صاحب چيف منسٽر سنڌ جو حلف کنيو ته ڏنڊو ڪٽي پ پ پ جي ڪڍ پئجي ويو. محترمه کي به بخش نه ڪيائين. سندس لاءِ ڏاڍي تلخ زبان استعمال ڪيائين. زرداري صاحب کي جيل ۾ وڌائين ۽ مٿس بي حساب سختيون ڪيائين. ڪنهن جي ڪاڻ ڪڍڻ وارو ڪونه هئو. بادشاهه هيو.

## اسلم سنجراڻي ڪمشنر لاڙڪاڻو ۽ جلد بدلي

1990ع جي اليڪشن کان پوءِ اسلم سنجراڻي صاحب کي لاڙڪاڻي جو ڪمشنر مقرر ڪيائين. جيترو اسلم سنجراڻي کيس ويجهو هيو اهڙا ٿورا آفيسر ئي ڪيس ويجهو هوندا هئا. جن مان ڀائي جان محسن قريشي به هڪ هيو. احمد مقصود حميدي به سندس ويجهو دوست هيو. اهي سڀ آفيسر صبح جو ڄام صاحب جي حاضري ڏيندا هئا. سندن ڄام صاحب سان ايتري عقيدت هوندي هئي، جو ڪيس بابا سائين ڪري مخاطب ٿيندا هئا.

اسلم صاحب به هڪ اسٽائيلش آفيسر هيو. رهڻ، ڪائڻ، پيئڻ، هلڻ، چلڻ ۽ روين ۾ سندس اسٽائيل پيو ظاهر ٿيندو هيو.

پوسٽنگ ٿيڻ سان پهريون ڪم اهو ڪندو هيو ته آفيس ۽ گهر کي پنهنجي ضرورت ۽ موڊ آهر ناهيندو هيو جنهن مان سندس شان پيو ظاهر ٿيندو هيو.

## اسلم سنجراڻيءَ جي بدلي

غلام مصطفيٰ جوکيو، ڪنڊڪوٽ جو AC/ SDM هيو. ڪمشنر کي سندس ڪا شڪايت ملي. هن به نه ڪئي هم نه تم. ڪٽي جوکيي جي بدلي ڪري ڇڏيائين. جوکيو به مقامي سياستدانن جو پيارو هيو. وري اهي سياستدان ڄام صاحب کي اسلم صاحب کان وڌيڪ پيارا هئا. سي ايم صاحب اسلم سنجراڻيءَ کي چيو ته جوکيي جي بدلي رد ڪئي وڃي. هن حجت ۾ ڄام صاحب کي چيو ته جي مان جوکيي جي بدلي به نه ٿو ڪري سگهان ته پوءِ مون کي به ڪراچيءَ گهُرايو وڃي. ڄام صاحب چيس ته ٺيڪ آهي، تون ڪراچي هليو اچ.

اسلم صاحب ٻئي ڏينهن ميٽنگ تي ڪراچي وڃڻو هيو. هو جيئن ڪراچيءَ ويو ته وري نه موٽيو. اهو هيو ڄام صاحب بي پروسي، بادشاهه ماڻهو! ان کان پوءِ اسلم صاحب هڪ ڊگهي عرصي تائين بنا پوسٽنگ جي گهر ويٺو رهيو. ڏهاڙي ڄام صاحب سان ملاقات، نيازمندي، اٿڻ ويهڻ، اچ وڃ، سلام دعا، گپ شپ، اها ئي ’بابا‘

Gul Hayat Institute

واري نيازمنديءَ پر ڄام صاحب سنوت ئي ڪٽي ٿو ڏئي. اسلم صاحب جڏهن به پوسٽنگ جي ڳالهه ڪري ته ڄام صاحب لنوائي وڃي. آخر محترم احمد مقصود حميدي صاحب جون خدمتون حاصل ڪيون ويون. جيڪو ڄام صاحب کي ڏاڍو پيارو هيو ۽ سندس هم پيالہ ۽ هم نوالہ هيو. سندس لاءِ مشهور هيو ته صبح جو چانهن بدران ڊرنڪ وٺندو هيو ۽ سندس آفيس گلاس ۾ به پاڻيءَ جي بدران ووڊڪا پيل هوندي هئي. هر ماڻهو جو پنهنجو رنگ ڍنگ آهي. سندس گهر واريءَ جي فوتگي ٿي ته هندستان مان شادي ڪري آيو. احمد مقصود حميديءَ جي فيملي ڏاڍي هوشيار، ٽئلينٽڊ ۽ هر فن مولا آهي. تاريخ، موسيقي، ادب ۽ ڪلچر ته سندن گهر جي 'ٻانهي' آهي. هو انور مقصود حميدي ۽ آپا ثريا بجيا، زهره نگاهه ۽ زبيده آپا جو ڀاءُ هيو.

هاڻي احمد مقصود حميدي ڄام صاحب جي آڏو بينسري وڃائي. پوءِ مس مس وڃي ڄام صاحب جي اسلم صاحب تان ناراضگي هٽي ۽ کيس حيدرآباد ڊويزن جو ڪمشنر مقرر ڪيو ويو جيڪا هڪ سٺي چارج سمجهي ويندي آهي.

مان پيپلز پروگرام ۾ هئس. آگسٽ کان وٺي ڊسمبر 1990ع تائين پروگرام کي roll back ڪرڻ ۾ لڳو پيو هوس. سرڪار حڪم ڪيو هيو ته وڌيڪ ان پروگرام تي ٽڪو به خرچ نہ ڪيو. جتي آهي، اتي رهڻ ڏيو.

ان کان پوءِ تفتيش ۽ انڪوائري شروع ٿي وئي. مون وٽ هر شيءِ Computer تي موجود هئي. مون وٽ اهم شخصيتون هيون، جن جي سفارشن تي پروگرام ۾ اسڪيمون شروع ڪيون ويون هيون. مون کي خبر هئي ته اهو سياسي پروگرام آهي، ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن ڦاٽ ڦاٽندا. تنهن ڪري هر شيءِ شفاف ڪئي وئي هئي. ڪنهن کي به cash پئسا نہ ڏنا ويا هئا. جيڪا اسڪيم ڏيندا هئاسين، انهن جون واسطيدار انجنيئر کان estimate ٺهرائي، چيف انجنيئر کان منظور ڪرائي پئسا سندن حوالي ڪري پوءِ اسڪيم مڪمل ڪرائيندو هئس. ٺيڪيدارن سان ته منهنجو واسطو نہ هيو. نہ ئي ايم پي ايز ۽ ايم اين ايز جو واسطو هيو. جيڪو عام سرڪاري سسٽم آهي، ڪم به ان وانگر ڪرايو ويو.

جيڪا به ايجنسي انڪوائري ڪرڻ ايندي هئي ته ان کي پروگريس رپورٽ ڏيندو هوس. هو اڪائونٽ به چيڪ ڪندا هئا. سر زمين به ڏسي Verify ڪندا هئا. انجنيئرن کان به پڇاڻو ڪندا هئا. وري مون ڏي سوال جواب لاءِ نہ موٽندا هئا، نہ ته سندن ارادا هئا ته بي بي صاحبه کي يا بيگم نصرت ڀٽو کي ڪيسن ۾ اڙائجي. خير ٿي ويو. منهنجي دور انديشي ڪم اچي وئي.



31 ڊسمبر 1990ع تي پيپلز پروگرام کي رسمي طرح بند ڪيو ويو ۽ مون سنڌ گورنمينٽ ۾ پوسٽنگ لاءِ ڊيوٽي رپورٽ ڪئي. اسلم صاحب جي مهرباني سان مون کي پهرين جنوري 1991ع کان وري ايڊيشنل ڪمشنر روينيو لاڙڪاڻو مقرر ڪيو ويو. لاڙڪاڻي ۾ منهنجي ڪمشنر آفيس ۾ ٻي اننگ شروع ٿي.

## غلام عباس سومرو (ٻيو)

اسلم صاحب کان پوءِ سائين غلام عباس سومرو لاڙڪاڻي جو ڪمشنر ٿي آيو. سومرو صاحب ٻيو غلام عباس سومرو هيو. جيڪو پراڻو Ex-pes آفيسر هيو. 1400 آفيسرن سان ڀٽي صاحب جي دور ۾ نڪتو هيو ۽ پوءِ ضياءَ الحق جي دور ۾ سينارٽيءَ سان بحال ٿيو ۽ ڊپٽي ڪمشنر بدين مقرر ٿيو. 20 هين گريڊ ۾ پروموشن کان پوءِ لاڙڪاڻي جو ڪمشنر ٿيو هيو.

هو ڪم سان ڪم رکڻ وارو هڪ پروفيشنل آفيسر هيو. سندس نوڪريءَ ۾ جيڪو ڇهن سالن وارو وقفو آيو ان ۾ وقت وڃائڻ جي بدران هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ تائين وڪالتون ڪيائين ۽ پنهنجو پاڻ کي بطور روينيو ۽ سول وڪيل جي ميرايائين ۽ ڪراچيءَ ۾ پنهنجو چيمبر قائم ڪيائين. نوڪريءَ ۾ واپس اچڻ کان پوءِ به ڏاڍو سنو آفيسر ثابت ٿيو. هو هڏ ڏوکي ۽ خدا ترس ته هو ئي، پر جادوگر آفيسر به هيو. هن وٽ ڪنهن به قانوني نقطي کي صحيح يا غلط ثابت ڪرڻ لاءِ مضبوط دليل هوندا هئا. جيڪا منهنجي ويجهو هڪ خطرناڪ آفيسر يا وڪيل جي نشاني آهي، پر سومرو صاحب ايڏو خطرناڪ ناهي. نوڪريءَ تان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ وري وڃي ڪراچيءَ ۾ پنهنجو چيمبر سنڀاليائين. جتي هينئر مصروف وڪيل آهي. سندس پٽ ناصر عباس سومرو ويجهڙائيءَ ۾ دادوءَ ۾ ڊي سي هيو.

منهنجو غلام عباس سومري سان به ڏاڍو سنو وقت گذريو. مون ڪانئس قاعدي قانون کان سواءِ ادب، انسانيت، رسمن ۽ لحاظ جا به سبق سکيا.

ڇهن مهينن کان پوءِ سومري صاحب جي ڪمشنر لاڙڪاڻي واري حيثيت تان بدلي ڪري کيس بطور سيڪريٽري لئنڊ يوٽيلائيزيشن (Land Utilization) واري وڌيڪ اهم ۽ بيحد حساس ذميواري ڏني وئي. هي اها پوسٽنگ آهي، جنهن ۾ زمين جي الاٽمينٽ ۽ ڏيتي ليتيءَ جو سڄو بار سيڪريٽريءَ تي هوندو آهي. اهو ڄام صاحب جو دور هيو ۽ لئنڊ يوٽيلائيزيشن جو ان وقت وزير موجوده پير صاحب پاڳارو سائين صبغت الله شاهه راشدي هيو. سومري صاحب اهو ڪاتو به ڏاڍو عقلمنديءَ، فهم ۽ فراست سان هلايو.

Gul Hayat Institute

# محمد صلاح الدين قريشي

سومري صاحب کان پوءِ صلاح الدين قريشي (ٽيون) لاڙڪاڻي جو ڪمشنر ٿي آيو. مان اڳ ۾ اڊيشنل ڪمشنر روينيو هئس. ساڳئي وقت مان لاڙڪاڻي ڊويزن جي شروع ڪرڻ وارن (Pioneers) مان هئس. اها ٻي ڳالهہ هئي تہ اتي منهنجون پوسٽنگس تبديل ٿينديون رهنديون هيون. اي سي (G)، ايڊيشنل ڪمشنر روينيو، پيپلز پروگرام ۽ وري ايڊيشنل ڪمشنر روينيو. پر تاثر اهو پئي ويو تہ مان پڪو پڪو اتي هڪ پوسٽنگ تي وينو آهيان. ڪمشنر، ڊي آءِ جي، ڊي سي ۽ ايس پي بدلي ٿيندا پيا وڃن پر عبدالقادر منگيءَ جي لاڙڪاڻي مان بدلي نہ ٿي ٿئي. قربان عباسي، ايڊمنسٽريٽر لاڙڪاڻو منهنجي بدلي نہ ٿيڻ تي ضرور ڳالهائيندو هيو. هو منهنجو ڪاليج زماني کان دوست هيو. اسان ڪيس 1967ع ۾ ڊگري ڪاليج (لاڙڪاڻي) جي اسٽوڊنٽ يونين جو جنرل سيڪريٽري چونڊرايو هيو. ساڻس سڪ ۽ پنهنجائپ جو رستو آهي. مون صلاح الدين قريشي 'ٽيون' ان ڪري لکيو آهي تہ هڪ ئي دور ۾ ٻہ صلاح الدين قريشي اڳي ئي نوڪري ڪري چڪا هئا. هڪڙو صلاح الدين قريشي تہ پراڻو CSP آفيسر، پنجاب جو هيو. جيڪو سانگهڙ ضلعي جي رڪارڊ ٽائيم ڊي سي 1964ع کان 1969ع تائين رهيو هيو. ڀٽي صاحب جي 1400 ڪڍيل آفيسرن جي لسٽ ۾ هن جو نالو بہ هيو. هي پنجاب جو هيو. هن جو نالو 1990ع تائين ٻڌڻ ۾ نہ آيو. پوءِ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري ٿي سنڌ ۾ آيو هيو ۽ هتان ئي رٽائرڊ ڪيائين. ٻيو صلاح الدين قريشي Ex-PCS جو آفيسر هيو. نوابشاهہ ضلعي جو ڊي سي رهيو. جتوئي صاحب جي وقت ۾، هو ڪجهہ وقت کان پوءِ فوت ٿي ويو. ٽيون هيو اسان جو پيارو ڪمشنر لاڙڪاڻو صلاح الدين قريشي (III)، جيڪو Ex-PCS جو جهونو آفيسر هيو. اهو بہ ڀُٽي / جتوئيءَ جي وقت ۾ نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو هيو. جڏهن هو نوشهري فيروز ۾ AC/SDM هيو. صلاح الدين قريشي شڪارپور ۾ پراڻو سيٽلر هيو. هاڻي تہ پاڻ ۽ سندس فئملي سنڌين جهڙا سنڌي آهن. سندس گهر واري شڪارپور جي صديقي آهي. غوث بخش مهر صاحب ۽ پاڻ سنڌُو آهن. اتان نوڪريءَ مان نڪرڻ بعد پي آءِ اي ۾ نوڪري ڪيائين. اتي بہ وڏو عرصو رهيو. ٻي شادي بہ ڪيائين. پر اها شادي گهڻو جٽاءُ نہ ڪري سگهي.

نوڪريءَ جي بحاليءَ جي گهڻي ڪوشش ڪيائين. نيٺ بحال ٿيو. هوشيار ماڻهو هيو. سينيارٽي بہ ورتائين. ڪراچي سائوٿ جو ڊي سي رهيو. جام صاحب کي بہ ويجهو ٿيو ۽ نيٺ ڪمشنر لاڙڪاڻو ٿي آيو. عجيب خوبين ۽ خصلتن جو مالڪ هيو. سندس زيردستن سان ورتاءُ ڏاڍو سٺو هوندو هيو. رشيد ميمڻ ۽ مان ٻئي وٽس



ايڊيشنل ڪمشنر هئاسون. اسان ٻنهي جو تمام گهڻو خيال ڪندو هيو. ڏک سک ۾ مدد ڪندو هيو. اسان چوندا هئاسون تہ آفيسر تہ زيردستن کي پٽيندا آهن. توهان اسان کي 'رشوت' ٿا ڏيو. چوندو هيو اولاد کي خرچي ڪا رشوت سمجهي تہ نہ ڏبي آهي. مان سندس اها ادا اڄا تائين نہ وساري سگهيو آهيان. سندس اها خوبي منهنجي لاءِ ڏاڍي فائديمند هوندي هئي. رٽائرڊ آهي، ڪراچي ڊفينس ۾ رهي ٿو. سندس ٻار بہ نوڪرين ۾ آهن. سندس نياڻي لبنيٰ صلاح الدين منهنجي ڊپٽي سيڪريٽري ٿي رهي آهي. پي سي ايس آهي ۽ هاڻي 20هين گريڊ ۾ آهي.

افسوس تہ صلاح الدين صاحب جنوري 2017ع ۾ گذاري ويو.

Gul Hayat Institute

# 9

# جنوري 1992ع کان آگسٽ 1993ع

## جي مون گھاريا تر ۾...

28 فيبروري ۽ پهرين مارچ1991ع جي وچ واري رات هئي. تقريباً هڪ بجي منهنجي گھر واري خورشيد قادر منگيءَ جو Death ٿي ويو. ناقابل يقين! پنجن منٽن جي پنڌ تي اسپتال هئي. ڊاڪٽر به پهچي نه سگهيو هو.

27 ڊسمبر 1990ع تي اسان پنهنجي شادي جي ويهين سالگره ملهائي هئي. مان ان معاملي ۾ ڏاڍو سودائي آهيان. مان ٻارن جي، پنهنجي، خورشيد جي، يا شاديءَ جي سالگرھ ملهائڻ کان لنوائيندو هئس. سوچيندو هئس ته ڪنهن دشمن جي بدنظر نه لڳي وڃي. هڪ ٻن سالن کان ٻارن جي سالگره ملهائڻ شروع ڪئي هئي. ان سال اسان 15 سيپٽمبر تي 1990ع تي انيس جي چوڏهين سالگرھ ملهائي هئيسين.

هو 15 سيپٽمبر 1976ع تي ڄائو هيو. خورشيد کي سڀ گھر ۾ پيار مان 'خورشي' چوندا هئا. انيس جي ڄمڻ تي ته ايترو خوش هئي، جو ڄڻ ڪنهن عمر جو حاصل ملي ويو هجيس. صفيه ۽ ذڪيه سال جي وقفي سان ڄايون هيون، ته پاڻ ڏاڍي نراس ٿي هئي. ڪيس پٽ ڄمڻ جي ڏاڍي تمنا هئي، پر پٽ ڄمڻ جي وچ ۾ ڇهن سالن جو وڏو وقفو ٿي ويو. سندس طبيعت به ٺيڪ نه پئي رهي. سنڌن جي سُور جي ڪري ٻيون پيچيدگيون (Complications) به پيدا ٿي رهيون هيون. ڊاڪٽرن به صلاح ڏني هئي ته جيڪڏهن پنهنجي حياتي عزيز اٿوَ ۽ تڪليفن کان بچڻ ٿا چاهيو ته وڌيڪ ٻار پيدا نه ڪريو. پر پنهنجي ڏک سور جي هن کي ڳڻتي نه هئي. هن کي ته پٽ جي خواهش هئي، سو پٽ جي اولاد لاءِ درگاهن، فقيرن تي دعائون، سُکائون به ڪندي هئي!

15 سيپٽمبر 1976ع تي انيس ڄائو. مان گھر ڪونه هئس. جڏهن ڇٺيءَ واري رات گھر پهتس ته سندس خوشي ڏسڻ وٽان هئي. منهنجي سامهون آئي ته خوشيءَ ۽



شرم وچان سڄي ڳاڙهي ٿي وئي هئي. مون مبارڪون ڏنيون ماٺ ته جواب به پوري طرح نه ڏئي سگھي. آواز سندس نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو هيو. ائين پيو ڀانئجي ته ڄڻ هوءَ ڪا نئين نويلي ڪنوار هجي. ڇٺيءَ تي ويجهي پري جا سڀ مائٽ سڏايا هئائين. انيس اسان سڀني جي پيار جو مرڪز هيو ۽ آهي، پر افسوس جو هوءَ نه رهي آهي.

پاڻ 1990ع ۾ انيس جي چوڏهين ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ هُن آخري سالگره ملهائي. ڪنهن ٿي ڄاتو ايندڙ سال 15 سيپٽمبر تي هوءَ ڪونه هوندي.

## اسان جي شاديءَ جي ويهين سالگرھ

جڏهن اسان پنهنجي شاديءَ جي ويهين سالگرھ پئي ملهائي ته صرف پنهنجي گھر جا ڀاتي ۽ تمام ٿورا مائٽ گھرايا هئا ته متان اسان جي شاديءَ کي نظر نه لڳي وڃي. مون کي وِسوسا گھڻا ٿيندا هئا. مائٽ گڏيا، اسان ٻنهي گھر ۾ سٺي ۾ سٺا ڪپڙا پاتا هئاسون. توڙي جو اها سياري جي چوٽ جي رات هئي. پر اسان لان ۾ مڇ ٻاري پينگھي ۾ ويٺا هئاسون. ماني به ٻاهر ڪاڏي سون ۽ رات جو ڪافي دير سان اهو فنڪشن ختم ڪيوسي. مائٽن اسان ٻنهي جي نظر لاٿي ۽ دعائون ڏنيون. اسان جا ٻار به خوش هئا. انهن ٿنهي اسان کي ٻڌايو ته ايئن ڪم نه هلندو. توهان جي شاديءَ جي سلور جوبلي ٺٽ سان ملهائينداسون. ان رات ويهي حساب ڪيوسي ته منهنجي عمر ٽيتاليهه سال ۽ سندس عمر سٺتيهه سال هئي. مون کيس ٻڌايو ته منهنجي رٽائرمينٽ ۾ اڃان سترهن سال آهن. رٽائرمينٽ تائين اسان جا ٻار به پنهنجي گھرن وارا ٿي ويندا. اسان هلي ٻنيءَ تي گھر ٺاهي رهنداسون. وڏي جهوپڙي ٺهرائينداسون. مان ويٺو چلم ڇڪيندس. ڇيڇڙي ۾ ڪمند مان ڳڙ ٺاهينداسين ۽ تون هارياڻين ماين جا ويٺي فيصلا ڪجانءِ ۽ مسئلا حل ڪجانءِ. سندن ٻارن کي قرآن پڙهائجانءِ ۽ اسڪول کولائي ڏجانءِ ته ٻار به ڪجهه عقل سکن.

اسان جي شادي کي ته ويهه سال ٿيا، پر اسان جو نڪاح ٻه سال، چار مهينا اڳ ۾ ٿيو هيو. مان پشاور هليو ويو هوس، پر هوءَ گھر ۾ ويٺي منهنجي واپسيءَ لاءِ هڪ هڪ ڏينهن ڳڻي رهي هئي. مان موڪل تي ايندو هوس ته نه ملڻ جي اجازت هئي، نه ڏسڻ جي، نه ڳالهائڻ جي. حالانڪ اسان جو نڪاح به ٿيل هيو ۽ اسان شرعي طرح زال مڙس هئاسون، پر چون پيا ته شادي نه ٿي آهي. شاديءَ ۾ صرف لائون ئي ته رهيل هيون. هاڻي ته ڇوڪرو ڇوڪري نڪاح کان اڳ ۾ ئي ملن جلن ٿا، اٿن ويهن ٿا. مينديءَ تي گڏجي ڊانس به ڪن ٿا. نڪاح پوءِ ٿو ٿئي. ڀلا اِهو جائز آهي ڇا؟

اهي ٻه سال چار مهينا بيجا انتظار جا به گذري ويا ۽ اسان جي شادي ٿي. منهنجو

Gul Hayat Institute

جدوجهد جو هڪ مرحلو ته گذري ويو اچي زندگيءَ جو اهم ۽ ڏکيو مرحلو شروع ٿيو. بهتر کان بهتر مستقبل لاءِ نئين سر ڪوشش ۽ جدوجهد شروع ڪئي. جنهن ۾ مان اڪيلو نه هئس، هوءَ به شامل هئي. ان کان پوءِ اسان جي زندگيءَ جو هر لمحو محنت ۾ لڳن سان، ڏکن سکن جو گڏيل داستان آهي. مان اڪيلو ڪونه هئس. اسان دک درد جا شريڪ هئاسون. منهنجي خوشين جي دنيا ڪيتري وسيع ٿي وئي. اڳ ته خوشي ڀُولي نه ليندي هئي. منهنجي آس پاس منهنجي زال، ٻارن جي ماءُ جي روپ ۾، چوطرف خوشيون جهمر هڻنديون رهيون. جيئن ته ٻار وڏا پيي ٿيندا ويا، اسان کي پنهنجي ذات جي تڪميل جو احساس به اوترو مستحڪم ۽ سگهارو ٿيندو پئي ويو. ٻارن جون مسڪراهٽون گُل ٽيڙينديون هيون. هو انهن سيني گلن جي آبياري ڪرڻ واري مالي هئي. اهي احساساتي خوشيون اسان جي وجود ۾ شامل ٿي ويون هيون. هڪ ٻئي کان سواءِ انهن خوشين جو احساس ئي اڌورو ۽ نامڪمل هيو.

## ٿــر

لاڙڪاڻي جي پوئين سالن ۾ هڪڙي جڳهه تي رهندي رهندي هو بيزار ٿي پئي هئي. مان به تبديليءَ جي آس من ۾ سانديو وينو هئس. ان هورا ڪورا دوران ئي منهنجي ڪاماري تنڊي الهيار واري دوست پير نور محمد شاهه جيلانيءَ چيو ته ٿر نئون ضلعو ٺهيو آهي. اسان سيني دوستن چيف منسٽر ڄام صادق عليءَ کي تنهنجي لاءِ چيو آهي ته ڊي. سي ڪري، توکي موڪلي. هن واعدو به ڪيو آهي.

مان خوش ٿي ويس. هوءَ به ڏاڍي خوش ٿي، چوڻ لڳي: "جيڪو چؤنرو اسان گهر ۾ ٺهرايو آهي، اهو تنهنجي ٿر ۾ پوسٽنگ جو پيش خيمو ٿيو آهي. جيتوڻيڪ ان وقت ٿر ته ضلعو به ڪونه هيو. هن وڌيڪ چيو ته هت رهي رهي مائٽن ۽ ماڻهن جي گهڻي اچ وڃ جي ڪري بيزار ٿي پيا آهيون. تون به ته ڏس پوين سالن ۾ ڪيترو ڪم ڪيو آهي. هاڻي ڪجهه آرام، ڪجهه سڪون گهرجي."

هن سچ ٿي چيو. هوءَ ته وڏي سڪون لاءِ هلي وئي. اسان کي بي آرامي ۽ بي چين ڪري وئي. جنوري 1991ع جي پوئين تاريخن ۾ مان ڪنهن سرڪاري ڪم سان ڪراچي ويس. سرور منهنجو ڪزن ۽ منهنجو سالو جيڪو خورشيد جو ڀاءُ آهي، اهو به واپسيءَ جي سفر ۾ شامل ٿي ويو. چيائين "خورشيد سان گهڻو وقت ٿي ويو آهي، ناهيان مليو به ٽي ڏينهن توهان سان ترسندس."

سرور ڪيس ايترو ئي پيارو آهي، جيترو سندس پٽ انيس. سندن ماءُ جي وفات وقت سرور ننڍو هيو. هوءَ ئي سندس گهر ۾ خيال ڪندي هئي ۽ پٽن وانگر پاليندي هئي.



## سرور منگي

سرور منهنجو آهي ته ماسات، سالو يا دوست، پر مان ڪيس پٽن جيڏو پيار ڪندو آهيان ۽ پنهنجي پيءُ جيتري عزت ڪندو آهيان. هن جي ذات ننڍي هوندي کان ئي مون تي ڇانئل رهي آهي. هو مون کان ست اٺ سال ننڍو آهي. سمجهدار آهي. دور انديش آهي. زماني کي مون کان بهتر پرکيو اٿائين. غير ضروري غم نه پاليا اٿائين. پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ وارو آهي. زندگيءَ ۾ جلدي ئي Settle ٿي ويو. مان اڃا تائين لڏان لمان ٿو. 2013ع ۾ نوڪريءَ تان رٽائرڊ ڪيائين ته ٻيو اڳ ۾ ئي ڪاروبار سوچي ڇڏيو هئائين. ان سان لڳي ويو. سندس وڏو پٽ آصف هارون ٻارن ٻچن سان آسٽريليا ۾ ٿو رهي. ٻيو پٽ بابر هارون سعودي عرب ۾ ڪنهن آمريڪن تيل ڪمپنيءَ ۾ فنانس ايگزيڪيوٽو آهي. عامر هارون سندس ڪاروبار ۾ به هٿ ٿو ونڊائي ۽ بئنڪ ۾ به AVP آهي. ننڍو پٽ ايمن هارون پنهنجي ماءُ سان لنڊن ۾ آهي. اتي پڙهي پيو. سرور پاڻ به لنڊن مان ڦيرو ڪندو ٿو رهي. سندس ڌيءَ ڊاڪٽر نرگس، منهنجي ننهن ۽ منهنجي پٽ ڊاڪٽر انيس جي گهر واري آهي.

سرور به ٽي ڏينهن لاڙڪاڻي رهيو. سندس جنم ڏينهن ٻهرين فيبروري تي هيو. جيڪو ڪانئس هميشه وانگر وسري ويو. ڪيس ان وقت تعجب ٿيو جڏهن خورشيد سندس برٿ ڊي لاءِ لاڙڪاڻي جي نئين ٺهيل بيڪريءَ جو پنجن پائونڊن جو ڪيڪ سندس اڳيان رکيو هيو. اها هن جي پنهنجي ڀيڻ سان ملهايل آخري سالگره هئي ۽ آخري ملاقات به هئي. شايد ڪيس قدرت کان اهو حڪم ٿيو هيو ته ڪجهه ڏينهن پنهنجي ڀيڻ سان گذاري اچ. ڪيس ٻئي ڏينهن مٽ جا ٻهه، چٽن جي پلي ۽ ڪُرڙيون فراءِ ڪري کارائيونسين. فروٽ ۾ ماهوٽن جا زيتون ۽ بير هئا. اهي سڀ شيون ڏاڍيون وڻنديون اٿس ۽ سندس ڀيڻ انهن جو ڀرپور اهتمام ڪيو هيو.

خورشيد ۾ به مائٽن سان ملڻ جي تمنا پيدا ٿي. خيرو ديري ۽ رتيديري جو چڪر لڳائي آئي. مائٽن سان وقت گذاريائين.

## خورشيد ـ منهنجي زال جو موت

اهو ڏينهن به ڏاڍو ڀرپور گذريو. ٻارن ۽ اسان گڏجي ٽي وي تي لانگ پلي "شام سي پهلي" ڏٺوسين. رات جو ٻارهين بجي ڊرامو بند ٿيو. ٽي وي بند ڪئي وئي. هوءَ کائڻ لاءِ پنهنجي لاءِ چانور ۽ کير کڻي آئي. منهنجي لاءِ شامي ڪباب کڻي آئي. ڊنر اسان ڪري چڪا هئاسون.

مان بستري تي ليٽي پيو هوس. پاڻ ٻاهريون در چيڪ ڪري آئي. در بند هيو. ٻارن

Gul Hayat Institute

ڪي ڏسي آئي. صفيہ ۽ ذڪيہ هڪ ڪمري ۾ سمهنديون هيون. انيس ڪي سندس چوڏهين سالگره تي الڳ ڪمرو ڏنو هيوسين. نہ تہ هُو بہ اسان سان سمهندو هيو. ان ڪي ڏسي آئي. سندس مٿان رلي ٺيڪ طرح وجهي آئي. ڪين تاڪيد ڪري آئي تہ هاڻي سمهو هڪ پيو ٿئي. هوءَ اڃا سڌي تي ليٽي ئي مس تہ شڪايت ڪيائين تہ منهنجو ساهہ گهٽجي ٿو. ساهہ نہ اندر ٿو ٿئي نہ ٻاهر ٿو ٿئي. باٿ روم ۾ الٽي ڪرڻ لاءِ وئي، الٽي نہ آيس. واپس اچي ليٽي. مون ڪيس سيني تي زور ڏنو. بيفائدو.

رمضان ڊرائيور، جيڪو اسان جي گهر ۾ سرونٽ ڪوارٽر ۾ رهندو هيو ان ڪي سول اسپتال موڪليو جنهن ڪي اچ وڃ ۾ پنج منٽ لڳا. ڊاڪٽر آيو چڪاس ڪري چائين.

Sir ! Sorry she is dead!

مون ڪان رڙ نڪري وئي، "اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي. هاڻي تہ ڳالهائي رهي هئي." ڊاڪٽر وري چيو.

Yes Sir ! Sorry she is dead!

گهر وانگر منهنجي زندگي بہ هڪدم خالي ٿي وئي، دل، دماغ، روح سڀ ڏوپي خالي ٿي ويا. ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ اهو اوچتو ڇا ٿي ويو. منهنجا زندگيءَ جا سمورا خواب ڇڪنا چُور ٿي ويا. اسان جي سلور جوبلي سالگرهہ، منهنجي رٽائرمينٽ، زمين تي چنئورو ٺاهي چلم ڪٽي ويهڻ ۽ هن جا وڏيري تي هارياڻين جا فيصلا ڪرڻ، ٻارن جا گهر وسائڻ، ڇا اهي خواب ان لاءِ ئي هئا تہ ايترو جلدي پُري پورا ٿي وڃن!؟

مون کي سندس وفات کان پوءِ انهن سيني سوالن جو جواب ملي ويو. انسان پلي ڪوشش ڪري، پر نتيجا سندس اختيار ۾ ڪونهن. نتيجن ٺاهڻ ۽ ڪيڻ وارو ڪو بيو آهي. توهان پلي سوال ڪيترا بہ سٺا حل ڪري اچو پر نتيجو ڪيڻ وارو ڪو بيو آهي.

خوشيءَ ڪانپوءِ اسان سيني، منهنجي ۽ ٻارن جي زندگي غم ۽ اوندهہ سان پرجي وئي. هنڌ اهو سڙندو آهي، جتي باهہ ٻرندي آهي، مٽ مائٽ آيا، انهن جو درد بہ سچو هيو، غم بہ سچو هيو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هر ڪو هليو ويو.

خبر نہ پئي تہ صدمو ڪنهن کي وڌيڪ رسيو آهي، هر ٻار اجتماعي ۽ انفرادي طرح مون کي دلداريءَ ۽ تسلي تي ڏني ۽ مان ڪين تسلي ڏئي رهيو هوس، ڪڏهن هڪ ٻئي کي تسلي ڏيندي ڏيندي، ڪلندي ڪلندي ڳوڙها بہ اکين مان ڇمي پوندا هئا.

مان ڏاڍو حساس ٿي پيو هئس. ٻارن جي ٿوري تڪليف، رنج، ڏک ۽ ناراضگي برداشت کان ٻاهر ٿي وئي هئي، ڊپريشن وڌي ويو. ٻار مون کي سنڀالڻ ۾ مصروف رهيا، پر



آخر هڪ ڏينهن هنن مون کي گڏجي چيو تہ "ڊيڊي جيڪڏهن توهان پاڻ کي نہ سنڀاليندا، تہ اسان کي ڪير سنڀاليندو!"

سندن ڳالهہ سچي هئي.

*

جنوري 1992ع ۾ منهنجي بدلي ضلعي ٿر ۾ ٿي، جنهن جو هيڊڪوارٽر مٺيءَ ۾ آهي. مون حيدرآباد جي ڪمشنر صاحب سان فون تي ڳالهايو ٻئي ڏينهن صبح جو جهاز ذريعي لاڙڪاڻي کان حيدرآباد پهتس. ڪمشنر اسلم سنجراڻي صاحب هيو جيڪو لاڙڪاڻي ۾ منهنجو باس هيو. هن دل سان خوش آمديد چيو. ضلعي جي لاءِ مختصر، پر ضروري بريفنگ ڏنائين. ٿر وڃڻ لاءِ پنهنجي گاڏي ۽ اسڪاڊ ڏنائين. ارباب غلام رحيم صاحب مهرباني ڪري پنهنجي جيپ موڪلي ڏني هئي. منهنجي بدلي بہ ارباب صاحب ۽ پير نور محمد شاهہ جيلانيءَ جي لابنگ جي ڪري ٿي هئي. ڪمشنر صاحب مون کي ٻڌايو تہ ٻن ٽن ڏينهن کان لاڳيتو ڪوشش جي باوجود اتي جي ڊي سي سان رابطو نہ ٿي سگهيو آهي. مون کي هدايت ڪيائين تہ مان چارج وٺي ڇڏيان. مان ماتليءَ وارو رستو وٺي ڏگهڙيءَ کان مٺي روڊ تي چڙهيو هوس، نئون ڪوٽ پهتس تہ ڊرائيور ٻڌايو تہ نئون ڪوٽ شهر جو اڌ ميرپورخاص ضلعي ۾ آهي ۽ اڌ ٿر ضلعي ۾ آهي. وچ ۾ هڪ ڪئنال هيو اهو حدبنديءَ جي لڪير هيو. نئون ڪوٽ کان اڳتي نڪتم تہ ڪبي تي نئون ڪوٽ جو قلعو نظر آيو. سني حالت ۾ لڳي رهيو هو رعبدار قلعو هيو ننڍا وڏا ڳوٺ ڪراس ڪندي وجهوتي تي پهتس. اهو ڳوٺ نئون ڪوٽ ۽ مٺيءَ جي وچ ۾ مکيہ بس اسٽاپ آهي. ماڻهو اتي اچي ٽڪ پڄندا، ماني کائيندا ۽ چانهن پيئندا هئا. اصل ۾ ڪيڪڙن ۽ گاڏين کي اتي ريسٽ ڏنو ويندو آهي. تيل پاڻي چيڪ ڪري، انجڻين کي ٺاري، ڊرائيور، پوءِ سفر شروع ڪندا آهن. مٺيءَ کان اورتي هڪ خطرناڪ چڙهائيءَ وارو لڪ هيو. جنهن مان ڪيڪڙا فور وهيل لڳائي مشڪل سان ڪراس ڪندا هئا. ڪارن، بسن ۽ ٽرڪن لاءِ اهو لڪ ڪراس ڪرڻ ناممڪن هيو. ان ڪي گاڏي وارو لڪ چوندا آهن. اهو لڪ، ٿر جي ترقيءَ ۾ وڏي رڪاوٽ بڻيل هيو. چو تہ ٽرڪون مال کڻي ٻئي پاسي نہ پئي ٽپي سگهيون، جنهن ڪري اتان ڪيڪڙن تي مال وري لوڊ ٿيندو هيو ۽ اهڙيءَ طرح ڪرايو ٻيڻو ٽيڻو ٿي ويندو هيو. عبدالله ميمڻ صاحب جي ڪوشش سان 83_1984ع ۾ واريءَ ۽ ڪولتار کي ملائي هڪ روڊ، نئين ڪوٽ کان مٺيءَ تائين ٺهرايو ويو. اهو روڊ ٽرانسپورٽ لاءِ ڪجهہ مددگار ثابت ٿيو پر پوري طرح رليف پوءِ بہ نہ مليو. مٺيءَ کان اڳتي هر طرف واريا سا روڊ رستا هئا، جنهن تي صرف ڪيڪڙا ئي هلي ٿي سگهيا يا وري فور وهيل جيپون.

مان گاڏي وارو لڪ ڪراس ڪري مٿي چڙهيس تہ مٺيءَ جا نظارا نظر اچڻ لڳا.

Gul Hayat Institute

هڪ زماني ۾ مرزا قليچ بيگ صاحب به مٺيءَ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر / مختيارڪار رهيو هيو. هو عاليشان اديب هجڻ سان گڏوگڏ سٺو شاعر به هيو. مٺيءَ جي حوالي سان سندس هڪ شعر آهي، جنهن جهڙو شعر اڄ تائين ڪنهن به ناهي لکيو. اهو شعر آهي:

مٺيءَ جي شهر ۾ مون کي ملي
هڪ زال، هو جنهن جو نانءُ مٺي
هُئي سندس ذات مٺي
لات مٺي
بات مٺي
وٺي اُت ٻانهن مستيءَ ۾
ڏني مانس چپن تي چاهه مان
سئو وار مِٺي
چيو مانس: اي مٺي!
تون اهڙي مٺي
جو مٺي مصري به اهڙي ناهي مٺي
چيائين: ڇڏ مُٺا قليچ ڇڏ!
مِٺيون ٻيون
آئون مُٺي آهيان
ناهيان مِٺي.

هاڻي خير سان اچي ڊي سي هائوس تي پهتس. گهر واري آفيس ڏٺم. چيائون ڊي سي صاحب اتي ئي آفيس ڪندو آهي. ٻي آفيس اسلام ڪوٽ روڊ تي هئي. خبر پئي ته ADM ۽ ٻيو عملو اتي ويهندو آهي. مون منجهند جي ماني ڪاڏي ۽ اي ڊي ايم صاحب سان شهر ڏسڻ لاءِ روانو ٿي ويس. آفيس شهر کان ٻاهر، وٽرنري اسپتال جي ڪوارٽرن ۾ هئي. پر ۾ هڪ گهر هيو. جيڪو وٽرنري ڊاڪٽر جو هيو پر ان ۾ ايس. پي ٽڙ، گهر ٺاهي ويٺو هيو. سندس آفيس به اتي ئي وٽرنريءَ جي ڪوارٽر ۾ هئي. مون SP صاحب جي پڇا ڪئي. ٻڌايائون موجود آهي. سندس نالو غلام قادر ٿيبو آهي. مان سندس ڪمپائونڊ ۾ گهڙي ويس. اطلاع ڪيم. هو حيراني ۽ پريشانيءَ ۾ ٻاهر نڪري آيو ته هي ته اهو ماڻهو ناهي، جنهن کي بطور ڊي سي هو سڃاڻي. ADM تعارف ڪرايو. هن کي بدليءَ جي خبر نه هئي. پهرين ملاقات ياڳ پري هئي. اسان اڄا تائين دوست آهيون.

مون کي خبر پئي ته ڊي سي آفيس جو ته ڪم اڃان شروع ئي ڪونه ٿيو آهي، جو ته اڃان سرڪار کي پڪ ڪونهي ته هي ضلعو هلندو به يا نه. باقي اسسٽنٽ ڪمشنر جي



آفيس ٺهي رهي آهي، جنهن کي اڃا مڪمل ٿيڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڇهه مهينا لڳڻا هئا. اي سي ۽ اي ڊي ايم سان گڏجي اها آفيس ڏسڻ لاءِ روانو ٿيس. آفيس اڌ ٺهي وئي هئي. ان حصي جو ڊرينيج سسٽم به مڪمل هيو. بجلي ڪونه هئي، مون ٻنهي آفيسرن کي چيو ته آفيسون اڄ رات تائين هت شفٽ ڪيو. هنن گهڻا ئي سبب ڏنا پر مون نه مڃيو. مون کين ٻڌايو ته مان عملي سميت هن آفيس ۾ ئي ويهندس. پلي کٽي تڏي تي يا زمين تي ڇو نه ويهڻو پوي. منهنجو ارادو ڏسي هو به پاڻي ٿي ويا.

گهر جو حال خراب هيو پر پٽيون وڌيون هيون. چون پيا ته گهر ’پراڻو‘ آهي، پر ڪيترو پراڻو؟ اها ڪنهن کي به خبر نه هئي. ڊي سي هائوس ٿيڻ کان اڳ ۾ اهو ريسٽ هائوس هيو.

گهر گهمندي بورچيخاني ويس. اتي بورچي هڪ پٿر تي ويٺو رات جي ماني پچائي رهيو هيو. مون کي ڏسي اٿي کڙو ٿيو. بورچيخانو به هڪ جڊيشل لاڪ اپ ۾ ٺهيل هيو. جنهن جا در لوهه جي ٿلهي شيخن جا هئا. پٿر کي اٿلائي ڏٺم ته ان تي 1858 لکيل هيو. لڳو ته اها بلڊنگ مختيارڪار جي آفيس هئي، جيڪا 1858ع ۾ ٺهي هئي. انگريزن جي نظام ۾ مختيارڪار جي آفيس سان جڊيشل لاڪ اپ به لڳولڳ هوندا هئا. اهو قصو سمجهڻ ۾ مون کي دير نه لڳي. ٻئي ڏينهن اهو پٿر مون عمارت جي ٻاهران ان جي نراڙ تي لڳرائي ڇڏيو.

هاڻي تازو جنوري 2015 ۾ مان وري مٺيءَ ويس ته اها بلڊنگ ئي ڊهي چڪي هئي. ان جي جاءِ تي هڪ شاپنگ سينٽر ٺهي ويو هيو. پٿر جو پتو ڪيم ته اختياري وارن اڻ ڄاڻائي ڏيکاري، وڏن گارڊرن ۽ ٽيئرن لاءِ پڇيم. ته ڪنهن ستم ظريف چيو: سائين. انهن جي ڪري ته اها پراڻي بلڊنگ ڊاهي پٽ ڪيائون. نه ته ڪنهن کي دڪانن جي ڪهڙي ضرورت. آهي گارڊر ۽ ٽيئر ’ضرورت مند‘ کڻي ويا.

آئون ٻئي ڏينهن ڏهين بجي نئين آفيس پهتس. منهنجي لاءِ هڪ ڪمري ۾، جيڪو مون کين ٻڌايو هيو، ٽي ڪرسيون ۽ ٽيبل رکيل هيون. هٿ سان هلائڻ واري گهنٽي رکيل هئي. پر ۾ پي اي جو ڪمرو، جنهن ۾ فون فٽ ٿي رهي هئي. ان سان اي ڊي ايم جي آفيس ۽ ٻيو رڪارڊ گڏهه گاڏين تي اچي رهيو هيو.

ايس پي صاحب آفيس ۾ ملڻ آيو. گپ شپ ٿي، زيرو ڪرائيم وارو ضلعو هيو. ضلعو جيڪو پاڻ کُليل جيل وانگر هيو، اتي ڏوهي ڀڄي ڀڄي به ڪيڏانهن ڀڄندو. ڪراس بارڊر وڃڻ ڏوهه هئو. هيڏانهن جو مال هوڏي، هوڏانهن جو هيڏي، اهو به ڪم رينجرس ۽ پوليس جي ڏوهارين سان ملي ڀڳت کان سواءِ ممڪن نه هيو.

پوءِ اها ئي ڳالهه مان ثبوتن سان جنرل لهراسپ خان GOC حيدرآباد کي پيش ڪئي،

Gul Hayat Institute

جنهن چپ چپاپ ۾ هڪ وڏو ايڪشن ڪنيو.

ٻئي ڏينهن تي مختيارڪارن، اي سيز، ۽ ضلعي جي آفيسرن سان گڏجاڻي ڪئي.

ٽئين ڏينهن تي انجنيئرن سان مليس. خبر پئي مٺيءَ ۾ ته اسسٽنٽ انجنيئرن جون آفيسون آهن، پر اهي هفتي ۾ هڪ ڏينهن ايندا آهن. انجنيئر هتي اچي آفيس ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه هئا. جن آفيسرن جون آفيسون هيون، انهن کي مون چتاءُ ڏنو ته مان به هتي ويهندس ۽ ٻارن ٻچن سميت رهندس. توهان family کي هت نٿا آڻي سگهو ته پاڻ ضرور رهو. منهنجي سوچ اِها هئي ته جيڪڏهن اهي هتي رهندا ته پنهنجي لاءِ سهولتون پيدا ڪندا. انهن سهولتن مان عام ماڻهو به فائدو وٺندا. مون ميٽنگ ۾ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ جي اسسٽنٽ انجنيئر کي چيو ته هُو مٺيءَ ۾ ڏيپلي لاءِ مٺي پاڻيءَ جي اسڪيم تيار ڪري. ڪيس ان ڪم لاءِ هڪ مهيني جو عرصو ڏنو ويو. اسسٽنٽ انجنيئر ڪيلا مهيشوري هيو. ڪانتيي شهر جو هيو. برجستو ۽ محنتي نوجوان هيو. هن مهيني کان اڳ ۾ PC-I ناهي ڏني. گهر جو حال پورو سارو. آفيس ۾ به رڪاوٽون. پر اهي ڳالهيون مون کي روڪڻ بدران محنت لاءِ اتساهي رهيون هيون.

هفتو کن مٺيءَ ۾ رهڻ کان پوءِ ٻارن کي وٺڻ لاءِ لاڙڪاڻي آيس. ڪمشنر صلاح الدين قريشي صاحب الوداعي دعوت ڪئي، پر مون الوداعي دعوت ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪمشنر آفيس جي اسٽاف جي فيئرويل کي enjoy ڪيو. تقريباً سڀ اهي ڇوڪرا هئا، جن کي اسان ئي ڀرتي ڪيو هيو ڪين ڪم ڪرڻ سيکاريو ۽ سرپرستي ڪئي هئي. هو مون کي پنهنجي اولاد وانگر لاڏلا هئا ۽ منهنجي عزت پنهنجي وڏن وانگر ڪندا هئا. مان سندن حجتون ڪٽندو هوس ۽ لاڏ برداشت ڪندو هوس، اتي انهن جي نظرداري ۽ تربيت ڪلرڪ وانگر نه، پر هڪ سيڪڙاٽ آفيسر وانگر ڪئي هئي. هاڻي انهن مان اڪثر آفيسر ٿي ويا آهن. هن وقت به جيڪڏهن ڪا تڪليف ٿيندي اٿن ته مون سان رجوع ڪندا آهن.

ٽن سالن ۽ ڇئن مهينن جي نوڪريءَ کان پوءِ ڪمشنر آفيس ۽ لاڙڪاڻي کي هڪ وڏو الوداعي سلام ڪيم ۽ ٻارن سان گڏجي مٺيءَ جو اداسيءَ وارو سفر شروع ڪيم. ان ڏينهن مٺيءَ تائين پهچندي اسان کي تقريباً نوڪلاڪ لڳي ويا.

ٻيڙا ساڙي اچي پهتا هئاسون. ان ڪري اسان جو في الحال ته مرڻ جيئڻ مٺيءَ ۽ ٿر وارن سان هيو.

## ٻيڙا ساڙي مٺيءَ پهتاسون

مون پاڻ کي ڪم ۾ گم ڪري ڇڏيو. آفيس جي صورت نڪرندي آئي. شهر جي



مسئلن ۽ ماڻهن کان آگاهي ٿيندي وئي. ايئن پئي پاسيو ته مٺي ۽ ٿر ۾ انسان جي زندگي هاڻي ڳَر موڙي اُٿي آهي. لڳو ماڻهن ۾ زندگي نئين عزم سان جاڳي پئي آهي، ۽ نئون ڪلچر پيو وجود ۾ اچي. مون کي قدرت جڻ هنن لاءِ پنهنجو نمائندو ڪري هتي موڪليو هيو ته مان جلد کان جلد ترقي وترائڻ ۾ اُتان جي ماڻهن جي مدد ۽ رهنمائي ڪريان. ايندڙ ڪجهه سالن ۾ مون پنهنجي وس کان نه گهٽايو وڌيڪ سگهه الله سائين ڏني. مان جتي جتي پهچي سگهيس، اتي پنهنجا اهڃاڻ ڇڏيا. ماڻهن به سهڪار ڪيو. مون جيڪي ڪيو ۽ چيو اهو هُنن هِنئين سان هنڊايو جيڪو ايندڙ وقتن ۾ سندن مددگار ثابت ٿيو.

## مٺيءَ ۾ پيئڻ لاءِ مٺو پاڻي

شهر ۾ واٽر سپلاءِ جو عجيب نظام هيو. شهر جي ستن پاڙن کي پاڻيءَ جي فراهميءَ لاءِ ست ٽانڪيون ٺهيل هيون. اتان مايون مرد گهر جي استعمال لاءِ پاڻي ڀريندا هئا. بينظير صاحبه جي پهرين حڪومت ۾ واٽر سپلاءِ جو رواج پيو ۽ ڪن پاڙن ۾ پائيپ لائين وڌي وئي، پر پاڻي اهو ئي زهر جهڙو کارو هيو. ڊي سيءَ جي گهر جي لڳ هڪ اهڙي ٽانڪي هئي، ان کي مون چڱيءَ طرح صاف ڪرايو. هفتي ۾ هڪ دفعو ان ٽانڪيءَ کي ٻڙاج جو پاڻي واٽر ٽئنڪر تي گهرائي ڀرائيندو هوس. پوءِ ان ٽانڪيءَ مان شهر وارا بنا روڪ ٽوڪ جي پنهنجي ضرورت آهر پيئڻ لاءِ پاڻي استعمال ڪندا هئا. ۽ مان به استعمال ڪندو هئس. ان سان اسان جي کوڙي پاڻيءَ مان ڪجهه جان ڇُٽي پئي.

ڪمشنر صاحب ننگرپارڪر جو پروگرام رٿيو. ان کان اڳ ۾ مان ۽ ايس پي ننگرپارڪر جو جائزو وٺي آياسون.

## ڪمشنر جو ننگر جو دورو

مقرر ڏينهن تي ڪمشنر صاحب سان محترم صادقه صلاح الدين، غازي صلاح الدين ۽ سندن ٻار به آيا. ڪمشنر صاحب ۽ اسان جو قافلو منجهند جي ماني مٺيءَ مان کائي، ننگرپارڪر لاءِ نڪتو SP صاحب به اسان سان گڏ هيو.

ڪمشنر صاحب ۽ سندن مهمان الڳ گاڏيءَ ۾ هئا. مان ۽ ايس پي سندن رهنمائي ڪندا پئي وياسون. ڀريون ڳوٺ آيو ته ڪمشنر اسلم سنجراڻيءَ مون کان وائرليس تي پڇيو ته هيءُ ڪهڙو ڳوٺ آهي؟ مون چيو ته مان جاچ ڪري ٻڌايان ٿو. مون سان آتم ڪوٽڪ فوٽوگرافر وينل هيو. ان ڳوٺ جو نالو مالڻهور ٻڌايو. هاڻي ڪمشنر صاحب وري ٻئي ڳوٺ جو نالو پڇيو تيستائين اسان مسئلي جو حل ڳولهي لڌوسين. جيئن ڪمشنر صاحب ڪنهن ڳوٺ جي نالي بابت پڇيو ٿي ته آتم ان جو جواب پئي ڏنو. مان وري اسپيڪر آن ڪري اسلم صاحب کي جواب پئي ڏنو به ٿي سوالن جا جواب جو هُن نه

Gul Hayat Institute

پڇڻ بدران حيرانيءَ مان پڇيائين ”توکي هت گهڻو وقت ٿيو آهي؟“ مون ٻڌايو ”چار هفتا ٿيا آهن.“ ”پوءِ هنن سڀني ڳوٺن جي نالن جي توکي ڪيئن خبر پئي؟“ مون چيو ”سائين! اهو بزنس سيڪريٽ آهي، پر جواب درست آهي!“

چئن ڪلاڪن کان پوءِ اسين ننگرپارڪر پهتاسون. سج ڪارونجهر مٿان ڏيري ڏيري لهي رهيو هيو. خوبصورت منظر هيو. سج جا آخري ڪرڻا ڪارونجهر تي رتيون راسيون ڇڏي رهيا هئا. اسين ٽيڊي بنگلي تي آياسون. اهو بنگلو ايريگيشن ڊپارٽمينٽ پاران گهٽ قيمت وارو ريسٽ هائوس هيو. ان جي ڇت ايسبيسٽس جي ٺهيل هئي. چار بيڊ روم هئا. اتي جڏهن پهتاسون ته ايئن پئي لڳو ڄڻ ڪارونجهر جي، هنج ۾ هجئون. بدنصيبيءَ سان سرڪار اهڙي ريسٽ هائوس جي سارسنڀال نه ڪري سگهي ۽ اڳتي هلي اهو رينجر جي حوالي ڪيو ويو. جنوري 2015 ۾ جڏهن مان ننگرپارڪر ويس ته اتي هڪ ٻئي بنگلي ۾ رهيس، جو سرڪار اُتي نئون نئون ٺهرايو هو. ٽيڊي بنگلي کي، صرف پري کان ئي ڏسي سگهياسون. ننگرپارڪر جي، صبح جِي به ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟ ان کي محسوس ڪري سگهجي ٿو. لفظن ۾ بيان نه ٿو ڪري سگهجي.

صادقه صلاح الدين صاحبه NIPA ۾ سينيئر انسٽرڪٽر هئي، اتان استعيفا ڏئي آغا خان رسورس سينٽر (NGO) ۾ ڊائريڪٽر ٿي هئي. هيءَ محترمه نالي واري اسڪالر ۽ تعليمدان محترم ڪرار حسين جي ڌي آهي. سندن وڏو عرصو خيرپور ۾ گذريو آهي، ان شهر سان سندن خاندان جي اجا تائين جذباتي نسبت آهي. پروفيسر جوهر حسين ۽ سينيٽر تاج حيدر، صادقه صاحب جا ڀائر آهن. ٻئي پروفيسر ۽ عالم آهن. ڪرار حسين وڏو شيعه عالم هيو. بلوچستان جي يونيورسٽيءَ جو پهريون وائيس چانسلر به ٿي رهيو.

سڄو خاندان پنهنجي ذاتي حيثيت ۾ به وڏي اهميت رکي ٿو. غازي صلاح الدين صادقه جو گهر وارو آهي ۽ تنهن زماني ۾ جنگ گروپ جي انگريزي اخبار The News جو پهريون ايڊيٽر هيو. رات جو اسان صادق فقير ۽ ٻين مقامي فنڪارن کي ٻڌو. مان ڪجهه لوڪ گيتن جو ترجمو اسلم صاحب ۽ مهمانن کي ٻڌايو پئي. محترمه صادقه پاڻ به سنڌي، چڱي طرح سمجهي پئي.

## ٿر جو طوفاني دورو

هڪ پيري MNA غلام رحيم صاحب، ارباب فيض محمد ۽ نور محمد شاهه جيلاني (MPAs)، ٿر جي ڏکي پر طوفاني دوري جو پروگرام ٺاهيو. مٺيءَ جي ڳوٺن ۾ اوپن ڪچهري ڪئي سون، ننگرپارڪر ۾ به رات رهياسون ۽ صبح جو کُلي ڪچهري ڪئي سون. ٻئي ڏينهن تي ڇاڇري تعلقي جي ڪن ڳوٺن ۾ ۽ ڇاڇري ۾ اوپن ڪچهري ڪئي



سون. ايس پي ۽ ٻيا ضلعي آفيسر به گڏ هئا. اڳ ۾ ايئن ڪڏهن به نه ٿيو هيو. جو چونڊيل نمائندا ۽ سرڪاري عملدار اهڙي نموني سان ماڻهن وٽ پهتا هجن ۽ گڏجي مسئلن جي ڄاڻ رکي هجي. پوءِ جڏهن ٿر جي ترقياتي پروگرام ۾ مسئلن جي حل لاءِ حڪمت عملي ٺاهي پئي وئي ته سياسي نمائنده ۽ اسان ساڳي سوچ تي هئاسين ۽ اسان ٻنهي ڌرين جو نقط نظر ساڳيو هوندو هيو. پوءِ ٻيا به اهڙا دورا ڪندا رهياسون. انهن دورن ۾ پريس جا نمائندا به اسان سان گڏ رهيا. پريم شواڻي، نامور ليکڪ ۽ The Dawn جي نمائندي به ڪافي سٺيون اسٽوريز ٿر تي ٺاهي، ڊان لاءِ موڪليون، جن اڳتي هلي اسان جي ”ٿر سيمينار“ لاءِ رستو هموار ڪيو.

## عوام سان رابطا مهم

مارچ تائين ته موسم خوشگوار هئي، پر اپريل ۾ ۽ ان کان پوءِ موسم سخت ۽ هڪ حد تائين ناقابل برداشت ٿي پئي. ان لاءِ اسان عوام سان رابطي جو ٻيو حل ڪڍيوسين. گرميءَ جي ڏينهن ۾ اسين رات جو کُليون ڪچهريون ڪندا هئاسون. ڪنهن به مقرر ٿيل تاريخ تي وڏي ڳوٺ ۾ پوري ضلعي ايڊمنسٽريشن جي ٽيم پهچندي هئي. کٽون لڳرائي ويهندا هئاسون. جي کٽون نه هونديون هيون، ته تڏن تي ويهندا هئاسون. گاڏين جون هيڊ لائيٽ ٻاري روشني ڪندا هئاسون. ڳالهائڻ لاءِ پوليس جو ميگا فون، جيڪو سيلن تي ڪم ڪندو آهي. ان تي ڳالهائيندا هئاسون. انهن کليل ڪچهرين ڪرڻ جو منهنجو مقصد واضح هيو ته ماڻهن ۽ انتظاميا ۾ جيڪا رابطي جي وڇوٽي (communication gap) آهي، ان کي دُور ڪري سگهجي. ڪو زمانو هيو ته ماڻهو سرڪار جي عام ڪارندي، پوءِ اهي سپاهي هجي يا تپيدار، کي ڏسندا هئا ته سندن ساهه مُٺ ۾ اچي ويندو هيو. پر اسان کُليل ڪچهريون ڪري ٿر جي ڳوٺن ۾ وڃي ماڻهن سان پنهنجائپ سان ڳالهائي ٻولهائي کين اهو احساس ۽ اها تربيت پئي ڏيڻ چاهي ته ضلعي جا وڏا ڪامورا به ٻين ماڻهن وانگر ساڻن ملن جلن ٿا، ساڻن ڳالهائين ٿا ته پوءِ ڇو نه کين ڪم ڪار ڇئجي ۽ پنهنجي اهنج کان آگاهه ڪجي. تپيدار ۽ پوليس واري کان ڇو پوءِ ڪائين. هاڻي ان مقصد (mission) ۾ مان گهڻي حد تائين ڪامياب ٿيس.

پوليس ۾ هزار کان وڌيڪ ٽريا پرتي ٿيا. ايس پيءَ سان اها ڳالهه طئي ٿي ته هر يونين ڪائونسل مان ماڻهو پرتي ڪيا وڃن ته جيئن پوليس پوري ضلعي جي هجي، ۽ ان جي وسيلي ماڻهو سرڪار جي ويجهو اچن.

*

جنرل لهراسيب خان GOC حيدرآباد، رينجرس ۽ انٽيليجنس جي ادارن سان به ان

Gul Hayat Institute

ڳالھ لاءِ مان وڪالت ڪندو رهيس تہ مقامي ٿري ماڻھو ئي اهڙي نوڪريءَ ۾ ٻاهرئين آرمي ۽ رينجرس جي ڀيٽ ۾ ڪارگر ثابت ٿي سگھن ٿا. خوشي ٿي جڏھن انھن صاحبن پاران مثبت موٽ ملي. جنھن سان گھڻا ئي ٿري نوجوان فورسز ۾ ويا، جن ۾ ايئرفورس بہ شامل آهي.

GOC سان منھنجي اعتماد جو رستو هيو. مان اها دليل بازي ڪئي تہ جيڪڏھن ٿر جا مسئلا گھٽائڻا آهن تہ ٿر ۾ روڊ رستا ناھڻا پوندا. مون ڪين ان ڳالھ تي بہ نظرثاني ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو تہ باردر بيلٽ ڇڏي ٻين علائقن ۾ پڪا روڊ ناھڻ ۾ ڪو حرج ڪونھي. پوءِ اڳتي هلي اسان ڏٺو تہ ٿر ۾ روڊ نيٽ ورڪ ڏاڍو مضبوط ٿي ويو.

بجليءَ جو حال پورو سارو هيو. ننگرپارڪر تائين بجليءَ جا ٿنڀا ۽ گرڊ اسٽيشن جو سول ورڪ تہ تيار ٿي رهيو هيو پر انھن تي وائرنگ ۽ بجليءَ جي پھچائڻ جو ڪم اڃا تائين رهيل هيو.

مون ڪارونجھر جو جبل، مٿان هيليڪاپٽر منجھان ڏٺو. ڪارونجھر سامھون جيترو سھڻو ۽ وڻندڙ ٿو لڳي ان جي مقابلي ۾ مٿان چوٽيءَ تان اوتروئي هيبتناڪ آهي. جيڪڏھن ڪنھن فلم Cliff Hinger ڏٺي هوندي تہ ان جي پھاڙن مٿان تيز تيز ڇھنبن وارا اُڀا پھاڙ بہ ڏٺا هوندا، جن تي مٿان ڪا شيءِ ڪِري تہ انھن ۾ ٽنبجي پوي. زندگيءَ ۾ مون جيڪي ٿورا، نہ وسارڻ جھڙا منظر ڏٺا آهن، ڪارونجھر جو اهو منظر انھن ۾ سرفھرست آهي.

## گڏڙو

گڏڙو هڪ ٻيو ڳوٺ آهي، جيڪو ڏسڻ جو موقعو مليو. گڏڙي نالي سان ٻہ ڳوٺ مشھور آهن. هڪ اسان جي ڇاڇري تعلقي ۾ گڏڙو چارڻ ڳوٺ ۽ ٻيو هندستان ۾ آهي. ورهاڱي وقت مٿيون پھاڙيءَ وارو ٽڪرو اسان جي حصي ۾ آيو. جنھن مان ريل ٿي گذري، اُتي پاڙيءَ جي ٽانڪي آهي، آباد زمينون آهن، ماڻھو مال متاع وارا ۽ جتي آباد زمينون آهن، اهو انڊيا جي حصي ۾ آهي. گڏڙو مون ٻن سالن ۾ ٻہ ڀيرا ڏٺو. مان ۽ ايس پي ٽيٻو صاحب هڪ رات اتي رهياسون بہ.

## ڊائريڪٽ فون ۽ سيل فون

ٽيليفون هن دور ۾ ڪيترو نہ اهم ۽ سستو خبرچار جو وسيلو آهي، پر 1993ع تائين ٿر ۾ صرف لوڪل فون جي سھولت هوندي هئي. ميرپورخاص جا ٻہ نمبر هئا. هڪ ڊي سي وٽ ۽ هڪ ايس پيءَ وٽ. انھن لاءِ بہ چار ٿاور لڳل هوندا هئا. هڪ ميرپورخاص ۾، هڪ جھڏي ۾، هڪ ڪنريءَ ۾ ۽ هڪ نئين ڪوٽ ۾. انھن مان ڪنھن بہ هڪ جڳھ تي بجلي نہ هجي تہ ٽيليفون بند!



ڊائريڪٽ ڊائيلنگ سسٽم مٺيءَ ۾ مئي 1993ع ۾ رائج ٿيو جڏھن ارباب غلام رحيم ٿوري وقت لاءِ مير بلخ شير خان مزاريءَ جي نگران حڪومت ۾ وفاقي وزير ٿيو. ان سسٽم جو افتتاح بہ ارباب صاحب پنھنجي ڳوٺ ۾ ڪيو هيو. پوءِ جڏھن 2004 ۾ شوڪت عزيز ٿر مان قومي اسيمبليءَ جي اليڪشن وڙھي رهيو هيو تہ UFone موبائيل سسٽم آيو. هن وقت تہ هر سسٽم ۽ هر موبائيل ڪمپنيءَ جا، ننگرپارڪر تائين ٿاور لڳل آهن. انٽرنيٽ ۽ TV ڪيبل سسٽم ٿر جي اڪثر ڳوٺن ۾ موجود آهي.

## نجو ڪولھڻ ۽ سولر سسٽم

جنوري 2015ع ۾، 22 سالن ڪانپوءِ، مان ۽ منھنجو اهل عيال ٿر جي دوري تي آڏيگام وياسون. رستي تي ڪرشن شرما پنھنجي اين جي او 'ڊيٽ' (DDAT) جي مقامي ڪوآرڊينيٽر نجو ڪولھڻ جي گھر وٺي هليو.

ٿر ۾ ڪنھن بہ گھر ڪي اندران ڏسڻ ۽ انھن جي ڀاتين سان ملڻ جو منھنجو پھريون تجربو هيو. منھنجي مسز ۽ منھنجا ٻئي پٽ بہ سندن گھر ۽ رهڻي ڪھڻي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. اهو باردر جي هڪ هندو گھر جو نمونو هيو. اتي بجلي تہ ڪونہ هئي، پر جڏھن سندن گھر جي سيل فون(Cell phone) جي گھنٽي وڳي تہ مان حيران ٿي ويس. هنن کان پڇيم تہ، توهان انھن کي چارج ڪيئن ٿا ڪيو؟ تہ مونکي گھر جي هڪ ڇپري جي مٿان Solar System جا ٽنگيل Panel ڏيکاريائون، جنھن ۾ گھر جون 10 پندرهن سيل فونون ڇئورن وانگي ڇنبڙيل هيون.

آڏيگام باردر تي پھتاسين تہ اتي ڳوٺاڻن کي ٻڪريون چاريندي ڏٺوسين. سولر پينل سندن لٺين تي لڳل هئا. فون بہ چارج ٿي رهيا هئا ۽ ٻڪريون بہ چري رهيون هيون.

## ٿر ۾ پھريون ڊِش ائنٽينا ۽ ورلڊ ڪپ ـ 92

مون مٺيءَ ۾ پنھنجي گھر ۾ لڳايو. شايد اهو ٿر ۾ پھريون سسٽم هيو.

1992 ۾ ورلڊ ڪپ ڪرڪيٽ جون مئچون شروع ٿيون، سڄي ملڪ وانگر مٺيءَ جي نوجوانن ۾ بہ ڪرڪيٽ جو شوق جنون تائين آهي. ٽي وي ڪونہ هئي، تنھن ڪري نوجوان ريڊين ۾ ڪن وجھي ويھي ڪمينٽري ٻڌندا هئا. ڊي سي هائوس لڳ هڪ شھري ڪلب هئي ۽ ان جي اڳيان هڪ وڏو ميدان خالي پيو هيو وچ شھر ۾ مارڪيٽ جي پرسان. مان هڪ ٽي وي هٿ ڪري، ائنٽينا جي ڪئبل مان هڪ تار ان ميدان تائين پھچائي، ميدان تي شاميانو لڳرائي، ڪجھ ڪرسيون ۽ گلم وجھرائي، نوجوانن کي مئچون ڏسڻ جو موقعو فراهم ڪيو. هڪ پٽيوالي جي بہ اتي ڊيوٽي لڳائي ڇڏي، جيڪو

ڪولر مان منوءِ ٽڏو پاڻي انهن کي پياريندو رهندو هيو. جيستائين فائنل مئچ ختم نه ٿي ۽ عمران خان جي ٽيم پاڪستان کي فتح نه ڏياري، تيستائين اها ڊش اتي ئي لڳي رهي.

## بئٽ بال

ورلڊڪپ 1992 ته پاڪستان ڪٿيو پر نوجوانن ۾ ڪرڪيٽ لاءِ وڏو جوش خروش شروع ٿي ويو. جتي ڏس ته ٻار ڏنڊا ۽ بال ۾ سرون ڪنيون ڪرڪيٽ پيا کيڏن. هڪ ڏينهن شهر مان ڪجهه بئٽون ۽ بال وٺي، جتي ٻار کيڏندا هئا، اتي هليو ويس ۽ ٻارن کي بيٽ بال ڏنا ۽ مان پاڻ به انهن جو ميمبر ٿي ويس. هڪ اوور بالنگ ڪئي ۽ هڪ اوور بيٽنگ ڪئي. ڪين اهو نياپو ڏئي آيس ته جيڪڏهن ڪن ٻين ٻارن کي بيٽ ۽ بال گهرجن ته منهنجي آفيس مان اچي مون کان وٺي وڃن. پوءِ مان جيستائين بدلي نه ٿيس، تيستائين خاص طور مٺي، چاچري ۽ ننگرپارڪر جي ٻارن کي بيٽ بال ڏيندو رهيس. ڪڏهن ڪڏهن ٽوئر تان شام جو موٽندي ٻارن سان مان ڪرڪيٽ کيڏي به وٺندو هئس.

## پريو ستياڻي- واشنگٽن

facebook اڄڪلهه وڏو انقلاب آڻي ڇڏيو آهي. ڪافي سالن کان وڇڙيل ۽ وسريلن کي ملائي ڇڏيو آهي. نوان نوان دوست ۽ جوڙا ۽ جوڙيون ٺاهي ڇڏيا آهن. چين جي ڇوڪري به فيس بوڪ جي مهابي پنهنجي محبوب امين جي ڪڍ بهاول پور اچي پهتي. اهڙي طرح واشنگٽن ڊي سيءَ جو پريو ستياڻي، جيڪو اصل ۾ ٿريو هيو مٺيءَ جو هيو، منهنجو فيس بُڪ فرينڊ ٿي ويو. پاڻ ڪنهن وقت ٿر ۾ هڪڙي اين جي او (NGO) ۾ ڪم ڪندو هيو.

سال جي اسڪالرشپ تي وڃي آمريڪا پهتو. عمر هئس ته ٽيهه سال کن، پوءِ جڏهن دوستي پڪي ٿي ته چيائين ته هو مون کي، سچاڻي ۾ مون سان مليو به آهي. مون چيو "بابا مان ته ڪڏهن آمريڪا ڪونه آيو آهيان. جڏهن مان ٿر ۾ هئس اڄ کان 22 سال پهرين 93_1992ع ۾ ته تون ٻچڙو هوندين." چيائين ته "مان ۽ منهنجا دوست توهان کان بيٽ بال وٺڻ لاءِ توهان جي آفيس آيا هئاسون. جيڪي توهان اسان کي ڏنا هيا. بيٽ ڀڄي پئي ۽ بال کُسي ويو ته وري توهان کان ٻيهر بيٽ بال وٺي ويا هئاسون. توهان نه رسيد ورتي، نه اڳين بيٽ بال جو پڇيو. اسان توهان کي ٻڌايو ته اڳيان بيٽ بال ختم ٿي ويا آهن." توهان وڏيڪ چيو ته "جڏهن هي به خراب ٿي وڃن ته وري پيا بيٽ بال وٺي وڃجو. توهان منهنجا انهيءَ زماني کان رول ماڊل آهيو. توهان جيڪا مٺيءَ ۾ لائبرري قائم ڪئي هئي، فرصت جي وقت ان مان ڪتاب وٺي پڙهندا هئاسون ۽ اتي وڃي اخبارون به پڙهندا هئاسون."

ڪتاب ۽ لائبريون منهنجي ڪمزوري رهيون آهن. جيستائين ڪجهه صفحا رات



جو نه پڙهان، تيستائين ننڊ ڪرڻ منهنجي لاءِ ناممڪن آهي. لائبريرين ۽ ڪتاب مونکي چقمق وانگر پاڻ ڏانهن ڇڪيندا آهن. اسڪول جي تعليم دوران، اسڪول جي لائبريءَ ۽ شهر جي پبلڪ لائبريءَ مان ڪتاب وٺي پڙهندو هوس. ٻيو وڏو سبب سائين عبدالوهاب صديقي به هوندو هيو. جيڪو مون کي نسيم حجازيءَ جا وڏا وڏا ناول پڙهڻ لاءِ ڏيندو هيو. ان کان علاوه علامه اقبال جي شاعريءَ جا ڪتاب به ڏيندو هيو. جڏهن مان نائين ڪلاس ۾ هئس ته ان وقت تائين اردو ادب جي ايم اي جي ڪورس جا به سڀ ڪتاب پڙهي چڪو هئس ۽ سائين سان ويهي انهن ڪتابن تي بحث به ڪندو هئس. هو اسان کي اردو پڙهائيندو هيو. هن جي اردو ۽ انگريزيءَ جي هينڊ رائٽنگ ڏاڍي خوبصورت هئي. مان سندس هينڊ رائٽنگ جو نقل پچائي ان جهڙي ئي هئنڊ رائٽنگ ڪئي هئي.

## لائبرري

مٺيءَ ۾ ڊي سيءَ جي گهر جي پرسان ڪلب هئي. ڪلب جي پرسان ٽائون ڪميٽيءَ جو هڪ دڪان هيو. جيڪو ڪنهن زماني ۾ ناڪي منشيءَ جي آفيس هئي. ان دڪان جو ڪارج مون مَٽائي ڇڏيو. ٽائون آفيسر کان پڇيم ته ٽائون ڪميٽيءَ ۾ گهڻيون اخبارون ۽ رسالا ايندا آهن؟ هن جهجهو انداز ٻڌايو. ڪتاب پڇيامانس ته اهي به ٻه ٽي سوَ ٻڌايائين. منهنجو ڪم ٿي ويو. چيومانس ته ان دڪان کي رنگ روغن ڪرائي، اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب اتي رک. هڪ ڪلارڪ ۽ هڪ پٽيوالو اتي لڳاءِ. انين ڏينهن مان ان لائبريءَ جو افتتاح ڪندس. ان ٽائون آفيسر جو نالو چترو مل هيو. هو به پڙهڻ جو شوقين هيو. تيار ٿي ويو. ڏهن ڏينهن ۾ لائبريءَ جو افتتاح ڪيم. سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتابن جو هڪ سيٽ گهرائي ڪين ڏنم. پوءِ ان ۾ وڌيڪ ڪتاب رکرائيندو رهيس. ان لائبريءَ جو نالو 'شاهه لطيف لائبرري' رکيوسي. هاڻي هڪ ٻي لائبرري ضلع ڪائونسل جي آفيس جي لڳ به قائم ڪئي وئي آهي.

## مٺي پريس ڪلب

منهنجو مول متو بنيادي طرح اهو هيو ۽ آهي ته ٿري ماڻهوءَ کي هوشيار، خبردار ۽ ڄاڻو ڪجي. ان لاءِ اخبار، TV وغيره اهم رول ادا ڪن ٿيون. انهن ڏينهن ۾ اخبار به ٻئي ڏينهن تي پهچندي هئي، ٽي وي ڪونه هئي، ريڊيو حيدرآباد جي نشريات ننگرپارڪر تائين پهچندي هئي. اتي مون کي هڪڙو خال نظر آيو، اهو هيو پريس ڪلب جو. مون در محمد ڪمال کي چيو ته اهو ڪم شروع ڪر. ڪمال به ڪمال جو ماڻهو آهي. هڪ طرف ملهن جا ملاڪڙا ڪرائيندو ته ٻئي طرف اديبن ۽ اخبار نويسن جو ميلو ۽ ملاڪڙو. منهنجو دوست هيو. ويجهڙائيءَ ۾ 2017ع ۾ فوت ٿي ويو آهي.

Gul Hayat Institute

جلد پريس ڪلب جون چونڊون ٿي ويون. ان پهرينءَ چونڊيل باڊيءَ کي حلف مون کڻايو. مان پنهنجي مقصد ڏانهن آهستي آهستي وڌي رهيو هوس. اي سي آفيس جي پرسان هڪ اضافي پلاٽ پيو هيو اُهو ٽائون ڪميٽيءَ جو هڪ دُڪان ڪين پريس ڪلب لاءِ ڏنو. ان پريس ڪلب جو سنگ بنياد مون 12 مئي 1992ع تي رکيو. مون کي چيائون سائين هيءَ ڪلب هاڻي ڪيئن ٺهندي؟ پئسا ته اسان وٽ ڪونه آهن. مون کين گُربڌايو ذهين نوجوان هئا، ڳالهه سمجهي ويا.

جڏهن آئون پوئين سال (2015ع) مٺيءَ ويس ته حيران ٿي ويس. اهڙي عاليشان بلڊنگ نه ڊي سيءَ وٽ، نه ضلعي سرڪار وٽ. 400 ماڻهن جو ڪانفرنس هال، سڄو ايئر ڪنڊيشنڊ، دڪان، ريسٽ هائوس ۽ آفيسون وغيره. هاڻي ايتري انڪم اٿن، جو چيائون ته في الحال چندو وٺڻ بند ڪري ڇڏيو آهي.

## پريم شواڻي هال

18 سيپٽمبر 2016ع تي، ماڻهور ويٺا، مٺيءَ ۾ پريم شواڻيءَ جي ڪتاب "هوءَ جا ڪولهڻ ڪارڙي" جو مهورت ڪيو. ننڍڙي ڳوٺ ۾ پريم جي پيار ۾ هزار کن ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. انهن ۾ سوڍن ۽ ڪيترن ئي راڄن جو راڻو همير سنگهه به اچي پهتو هيو. اهو فنڪشن ٽين بجي رات تائين هليو. اتي آيل عوام مطالبو ڪيو ته پريس ڪلب يا اتي ڪنهن هال کي پريم شواڻيءَ جي نالي سان منسوب ڪجي. 19 تاريخ مان پريس ڪلب ۾ نئين ٺهيل هڪ هال جو اُپگهاٽن ڪيو جيڪو 'پريم' جي نالي سان سندس ساٿين منسوب ڪيو هيو.

## جيم خانو- مٺي

مٺيءَ جي وچ شهر ۾، ٽائون ڪميٽي مٺي، ڊي سي جي گهر، ضلع ڪائونسل آفيس جي لڳ هڪ چوديواري ڏنل چاپرو هيو جنهن کي جيم خاني جو نالو ڏنل هيو. ڪل جهڙي ڳالهه هئي. اسان جو سينيئر ساٿي عبدالحميد آخوند 1992ع ۾ جتي ڪلچر جو سيڪريٽري هيو اتي اسپورٽس (راندين) جي ڪاتي جو به سيڪريٽري هيو. هن مهرباني ڪري چار لک روپيا ڏنا ته راندين لاءِ ڪا جڳهه ٺهرايان. وڏي سوچ ويچار کان پوءِ اهي پيسا "جيم خاني ڪلب" تي لڳايا ويا. جلدي ئي به ڪمرا ٺهي پيا، وراندو ۽ چار ديواري به. اسان جو مزو ٿي ويو. هاڻي ته اتي ٻي وڏي بلڊنگ ٺهي رهي آهي.

## گاڏي وارو لَڪ

مان اڳ ۾ به لکي آيو آهيان ته مٺيءَ پهچڻ کان اڳ ۾ هڪ وڏو گاڏي وارو لَڪ هيو



جتي فور ويل گاڏيءَ کان سواءِ ڪا به سواري چڙهي نه سگهندي هئي. نتيجو اهو نڪرندو هيو ته مٺيءَ تائين ڪا به ڪار، بس يا ٽرڪ نه پهچي سگهندي هئي. ڪيترين ئي جانيون ان لَڪ جي حادثن جي ڪري ضايع ٿي ويون. محترم تاج جويي پنهنجي مٺيءَ واري نوڪريءَ دوران ان لَڪ تي بيت به چيو هو:

بابُو پِٽ تي ڪيڪڙو گهڙيءَ ڪن بيهار،
گاڏي وارو لَڪ چڙهي، اُڄ ڪيو بيزار،
پاڻي لَپ پيار، ته سامت اچي ساهه کي!

سازدا (SAZDA) مٺيءَ کان چيلهار تائين پڪو رستو ٺهرائڻ پئي چاهيو. پٿر ۽ بيو سامان اتي پهچڻو هيو پر اهو لَڪ ان سامان جي پهچڻ ۾ رڪاوٽ بڻيل هيو. سازدا جو ڊائريڪٽر جنرل ان وقت پير عبدالحق جان سرهندي هيو. سرهندي صاحب مون سان مليو ۽ سڄو مسئلو بيان ڪيائين. وٽن ان مسئلي جو حل اهو هيو ته سازدا پهرين اها چاڙهي ڊهرائي، پوءِ سامان چيلهار روڊ تي پهچائي. انڊو گهري هڪ اک. پر مون کي ٻئي اکيون پئي مليون. سازدا کي اسان جي طرفان صرف انتظامي مدد درڪار هئي ته جيئن لَڪ ڊهرائڻ وقت ڪو ٽريفڪ ۽ عوام جو مسئلو نه ٿئي. اهو مسئلو ويهي SP سان طئي ڪيوسين. پوليس ۽ هڪ مئجسٽريٽ اتي لڳائي ڇڏيوسين. ان لَڪ جي گهٽجڻ سان مٺيءَ جي ڪاروباري زندگيءَ تي بي انتها مثبت اثر پيو. ڪرايو گهٽجڻ جي ڪري روزمرهه جي شين جي قيمتن ۾ سستائي ٿي. گهر ٺاهڻ جي سامان، لوهه، بجري، ريتي ۽ سيمينٽ جي پهچ ۾ تيزي آئي. ماڻهن پنهنجا گهر ۽ دُڪان پڪا ٺهرائڻ شروع ڪيا. ڪار، ٽرڪ ۽ بس به مٺي اچڻ لڳي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو ويگنون به هلڻ لڳيون. ماڻهن کي اڳ جي مقابلي ۾ ياڻو سستو ۽ مناسب، آرامده ۽ تڪڙي سواري ملڻ لڳي. صبح جو ماڻهو حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ لاءِ نڪري رات جو واپس اچي سگهندا هئا. سير سپاٽي لاءِ اچڻ وارن مسافرن جو انگ به وڌي ويو. مٿراداس (DEO) ان پِٽ کي ڏاڍ پِٽ چوندو هيو جيڪا مٺيءَ ۽ ٿر جي مٿان ڪارو پاڇو ڦهلايو بيٺي هوندي هئي. مٿراداس چوندو هيو ته هاڻي اها 'منگي پِٽ' آهي.

## منهنجي ٻارن جي تعليم

صفيه، ذڪيه ڪاليج ليول تائين پهچي ويون هيون. انيس به فرسٽ ايئر جو امتحان اتان ڏنو. ٻار به مٺيءَ جي رنگ ۾ رڱجي ويا. گهڻو ڪري گهر تائين محدود. ڪڏهن ڪڏهن ڪين ننگرپارڪر وٺي ويندو هوس ۽ وري ڪجهه ڏينهن لاءِ ڪراچيءَ ايندا هئاسون. اسان جي ڊپريشن ۽ پريشاني گهڻي حد تائين ختم ٿي رهي هئي. اسان هڪ

Gul Hayat Institute

گلدستي وانگر مٺيءَ ۾ رهيا پيا هئاسون. هر ڏک سک ٻارن جو مون ڀاڻ تي کڻي ورتو هيو. ڪين ڪوڪوسو واءُ لڳڻ نہ پئي ڏنو. جيترو اسان جي گڏيل انڊر اسٽينڊنگ هتي ٿي، اها زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ نہ ٿي هئي. گڏيل سوچ اسان اڃا تائين بہ Share ڪندا رهندا آهيون.

## مهمان جي گرفتاري

منهنجو سيڻي سياسي ڌرين سان ويجهو رابطو ۽ واسطو رهيو. سيڻي کي عزت برابر ڏبي هئي، سيڻي جو خيال ڪبو هيو. ڄام صاحب جي حڪومت ۾ ارباب صاحب ۽ جيلاني صاحب ڄام گروپ ۾ هئا. جڏهن تہ چونڊيل نمائندن ۾ گل محمد لاٽ، غلام محمد ميمڻ، لاٽ جي پٽ جو واسطو پي پي سان تعلق هيو. جڳديش ملاڻي پ پ مٺي شهر جو صدر هيو ۽ عنايت راهمون ضلعي صدر هيو.

هڪ ڏينهن حڪم آيو تہ جڳديش ملاڻي ۽ عنايت راهمون کي جيل پيڙو ڪيو. ڪجهہ دير ۾ عنايت مون وٽ اچي پهتو. اسان جي روايات ۾ شامل ناهي تہ گهر آيل مهمان کي پڪڙي پوليس جي حوالي ڪجي. راهمون صاحب چانهن پيتي، ڪم ٻڌايو. موڪلائڻ لاءِ اٿيو. مون چيومانس تہ جيترو جلد ٿي سگهي، اوترو جلدي ٿر مان نڪري وڃ. سياڻو ماڻهو هيو ڳالهہ سمجهي ويو. گرفتاريءَ کان بچي ويو.

## 14 آگسٽ ۽ فوزيہ سومرو

1992 جي 14 آگسٽ تي يومِ آزادي ملهائڻ جو پروگرام رٿيوسون. انهن ڏينهن ۾ گلوڪاره فوزيہ سومرو عوام ۾ ڏاڍي مقبول هئي. ان سان پڪ پڪاڻي ٿي وئي. سرڪاري توڙي مخالف ڌر جي ليڊرن کي بہ سڏ ڏنو جيڪي ڀاڻ ۾ ملڻ جا روادار ڪونہ هئا. سڀ ڊي سي هائوس تي اچي پهتا. انهن ۾ ارباب غلام رحيم، ارباب فيض محمد، ارباب عطاءُ الله، جڳديش ملاڻي، غلام محمد ميمڻ (لاٽ) ۽ سندس پٽ گل محمد، پ پ، مسلم ليگ ۽ ڄام گروپ جا ڪيئي ليڊر شامل هئا. ڪين سٽي ڊنر ڪرائي ۽ پوءِ پنڊال ۾ ميوزڪ ٻڌڻ لاءِ پهتاسون. سڀ رهنما ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي فوزيہ سومرو کي ٻڌي رهيا هئا. مٿس نوٽن جي برسات شروع ڪري ڏنائون. هڪ ٻئي جي مقابلي ۾ جيئن پئي فوزيہ کي نوٽ ڏنائون، تيئن پئي فوزيہ موج ۾ ڳايو. اها ”يومِ آزادي پاڪستان“ جي محفل دير تائين هلي. 500 ڪرسين جو بندوبست هيو. سڄي شهر لاءِ ڪليل دعوت هئي. ماڻهو ڪرسين تي ويهي رهيا، پر ان کان علاوه بيٺا بہ رهيا. ڪي همراهہ تہ پنهنجن دُڪانن ۽ گهرن مان بينچون ۽ ڪرسيون کڻي بہ اچي پهتا هئا. ان دور ۾ فوزيہ واقعي پنهنجي عروج تي هئي. ان لاءِ مشهور هيو تہ هوءَ ننگرپارڪر تعلقي جي ڳوٺ ڪارسر، جيڪو ويراواهہ جي اوير طرف آهي، اتان جي ڪنياڻ هئي، پوءِ سندس والدين لڏي



ويجي ٽنڊي محمد خان وينا هئا.

ان رات مون فيصلو ڪري ورتو هيو تہ ”ٿر ـ سيمينار“ ضرور ڪرائبو.

## ٿر، قطب تارو ۽ رڻ ۾ رات

هڪ دفعو ٻيهر ڪمشنر اسلم سنجراڻي صاحب، DIG سليم واحدي ۽ ان جي فيملي ۽ سندس ڪجهہ ٻيا فيملي دوست بہ ننگرپارڪر آيا. رات اتي ترسيا. صبح جو اسلم صاحب تہ تڪڙو واپس حيدرآباد هليو آيو. مون کي چيائين تہ ٻين مهمانن سان واپس ٿيان. ٻي رات اسان کي مهمانن سان، جتي ڏيپلي جي ٻاهران رڻ ڪڇ ۽ ڏيپلي جي وچ ۾ ڪئمپ لڳائي هئي، اتي گذارڻي هئي. لنچ ڪري ننگرپارڪر کان رڻ پٽ جو ڪس ڏئي ڏيپلي لاءِ روانو ٿياسون. اسان بہ سُونهان (guide) بہ ڀاڻ سان ڪنيا هئا. ان ڪري جو سج لٿي کان پوءِ ٿر جي بارڊر واري پٽيءَ ۾ سفر ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. ڪجهہ سال اڳ اسان جا دوست عبدالرزاق قريشي ۽ شبير احمد شيخ، راهہ ڀلجي وڃي انڊيا جي چيڪ پوسٽ تي پهتا. شبير شيخ تہ ڪافي سمارٽ هيو اهو پڇجي نڪتو ۽ اچي پاڪستان ۾ پهتو. قريشي ٿورو ڳورو مڙس هيو اهو جهلجي پيو پر پوءِ وڏي مشڪل کان پوءِ بارڊر فورسز جي مذاڪرات کان پوءِ وڃي آزاد ٿيو هيو.

اسان کي محسوس ٿيو تہ ڪجهہ گڙٻڙ ٿي رهي آهي. سُونهان مون سان اسان جي گاڏيءَ ۾ وينا هئا. هڪ سونهون تہ جواب ڏئي ويهي رهيو. ٻيو سونهون رهنمائي ڪندو رهيو پر اسان ڏٺو تہ اسان جون گاڏيون ساڳئي گول ڊائري ۾ پنهنجن ئي ٽائرن جي نشانن تي ڦري رهيون آهن. آخر ٻئي سونهين بہ چيو تہ هاڻي مون کي بہ خبر نہ ٿي پوي، ۽ اسان جو وائرليس تي بيس ڪئمپ سان رابطو بہ ڪونہ پيو ٿئي!

گاڏيون بيهاريون سين. منجهي پيا هئاسون. واحدي صاحب سان گڏ هڪ ريٽائرڊ ميجر ظفر بہ هيو. هو ڪماندو رهي چڪو هيو. هن پنهنجو علم هلايو. ستارن جي علم، قطب تاري جي بنياد تي اسان جون گاڏيون هلي رهيون هيون. ٿورو هلي پنهنجي پوزيشن چيڪ ڪري وري هلي رهيا هئاسون. اسان کي خدشو هيو تہ ڪئمپ تي پهچڻ کان اڳ ۾ اسان جي گاڏين جو ڊيزل نہ ختم ٿي وڃي. نيٺ base camp سان رابطو ٿيو. وائرليس تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي وئي. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ اتي پهتاسون. رات ’رڻ‘ ۾ گذاري سون. صبح جو واحدي صاحب ۽ ٻيا ڪمپني روانو ٿي ويا. اسان بہ سنڌن ڪيڏ ڪيڏ آهستي آهستي ڏيپلي ڏانهن روانا ٿياسون. رستي ۾ هڪ جهونو مڙس ڏيپلي ويندي نظر آيو. اسان اهو سوچي گاڏي روڪي تہ کيس ڏيپلي وٺي وڃون، پر جيئن گاڏيون روڪيون سين تہ هن بہ ڪُڙين تي زور ڏنو. همراهہ وٺي ڀڳو. اسان گن مين سنڌس ڪيڏ روانو ڪيا تہ کيس پڪڙي

Gul Hayat Institute

اچن. وڏي ڪوشش ڪان پوءِ همراهہ جهل ڏني. ڪيس پاڻ سان ويهاريو سين. حال احوال ٻڌايائين تہ ڏيپلي مان ’داٽا‘ ڪٽڪ وٺڻ پئي ويو. وڌيڪ ٻڌايائين تہ اڄ رات ڏيپلي ۾ ڪنهن مسيت ۾ رهي ها. اڳلي ڏينهن تي ڪٽڪ وٺي، ٽين بجي واري ڪيڪڙي ۾ ويهي ها ۽ رات جو سج لٿي مهل پنهنجي ڳوٺ پهچي ها. اسان ڪيس ڏيپلي وٺي آياسون، پاڻ سان چانهن پياري، رعايت تي ملندڙ ڪٽڪ ڪيس وٺي ڏني سون، جيڪا هن ڪٽڪ ڪان بيٽي مليس. بس ۾ ويهاري ڪيس ڳوٺ روانو ڪيوسين. ڪيتري نہ مشڪل زندگي آهي اسان جي ٿري ماڻهوءَ جِي.

ڏيپلي ڪان مٺيءَ ڏانهن ايندي رستي ۾ روهيڙي جي وڻن جا جهُنڊ ڏناسون. انهن ۾ گلِ مُهر جي گلن جهڙا، نارنگي رنگ جا گل لڳل هئا. انهن گلن تي شيخ اياز تمام گهڻي شاعري ڪئي آهي. ان وڻ کي ايترو romanticise ڪيو اٿائين، جو جوان ۽ جوانڙيون، انهن گلن کي بنا ڏسڻ ئي اکن چڪن ٿيو پون ۽ شاعري شروع ڪيو ڏئن. روهيڙو ڪوهستان ۾ بہ جام ٿئي، پر ٿر ۾ گهڻو آهي.

## واجد

حيدرآباد ڪان واپس ايندي ڪڏهن ڪڏهن AC ڊگهڙيءَ وٽ يا ٽنڊي جان محمد وڃي دوستن وٽ چانهن لاءِ ترسندو هوس. واپسيءَ مهل اهڙي هڪ شام جو ڊگهڙيءَ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر صديق ميمڻ ڏيپلائيءَ وٽ ترسيم. هن کي اڳواٽ اطلاع ڪيل هيو. هن ڪن دوستن کي بہ اتي معمول وانگر سڏيو هيو. انهن دوستن ۾ هڪ نئون چهرو بہ نظر آيو. منجهيل منجهيل ۽ هيسيل، حيران ۽ پريشان. مان وينس تہ پنهنجو تعارف ڪرايائون. پهرين ان شخص جو تعارف ڪرايو ويو تہ هي واجد آهي، مشهور شاعر. مون کي خوشي ٿي. مان ڪيس پڙهيو بہ هيو ۽ هن جو نالو بہ ٻڌو هيو. مان ٽنڊي الهيار ۾ هئس تہ هي ٽنڊي غلام علي، ضلعي بدين ۾ ٽائون ڪميٽيءَ ۾ آڪٽوراءِ ڪلارڪ هيو. هن کي هتي ڏسي خوش ٿيس.

دوستن چيو تہ، سندس گذرسفر جو ڪجهہ ڪيو. بيمار بہ آهي، علاج بہ نٿو ٿئيس. مون چيو تہ ”واجد کي آئون وٺي ٿو وڃان. هو مٺيءَ ۾ مون سان رهندو. سندس نوڪري، رهائش، کاڌي پيتي ۽ علاج جو بہ ڪم ڪيون ٿا.“ پڇڻ لڳو ”مون کي ڇا ڪرڻو پوندو. چيم جيڪو ڪم تنهنجي طبيعت موجب هجي، اهو ڪجان.“

جڏهن چانهن پي اٿڻ وارو هئس تہ واجد کي هلڻ لاءِ چيم. تہ هو هڪو ٻڪو ٿي ويو. چيائين تہ ”مون سمجهيو توهان مذاق ڪري رهيا آهيو. آئون ڪجهہ ڏينهن ۾ ايندس.“ مون ڪيس نہ ڇڏيو. ٿيلهو ڪٽي گاڏيءَ ۾ رکرايو. واجد کي بہ گاڏيءَ ۾ ويهاريم. مٺيءَ ۾ هڪ



آئوٽ هائوس منهنجي گهر جي پرسان هيو جتي ٻيو اسٽاف بہ رهندو هيو. ان ۾ جيڪو بهتر ڪمرو هيو اهو سندس حوالي ڪيم. ٻئي ڏينهن ڊاڪٽر ڪان چڪاس ڪرائي، ٽيسٽون ڪرائي، دوائون وٺي ڏنيون سين. هڪ پٽيوالي کي تاڪيد ڪئي تہ هو واجد جو خيال رکي. ڪيس ماني منهنجي گهران موڪلي ويندي هئي يا منهنجي گهر اچي کائيندو هيو. جهڙو حال حبيبان تهڙو پيش پريان.

هڪ ڏينهن چيائين تہ منهنجو ڪم، نوڪري؟ مون چيو، تون هت آهين گهر ڪان پري، تون نوڪري ڪري رهيو آهين. پگهار جيڪا توکي اتي ملندي هئي، اوتري شروع آهي. توکي ڪيسي جو خرچ جيترو گهرجي، اهو مون وٽان ملندو. همراهہ منجهي پيو.

پوءِ جنهن شيءِ جي ضرورت هوندي هئس، اها زبان سان نہ چوندو هيو. چٺي لکندو هيو. مان يا تہ اهو ڪم ڪندو هيس يا پني تي چٺي لکي جواب ڏيندو هيومانس. پهرين تاريخ مون سندس آرڊر ڪيو.

ڪجهہ وقت ڪان پوءِ مون ڊي سي آفيس ۾ بہ هڪ لائبرري قائم ڪئي. هن کي ان جو لئبررين ڪري رکيم. پاڻ ئي نوڪر، پاڻ ئي مالڪ. جڏهن اچي، جڏهن وڃي، ۽ جڏهن چاهي مون وٽ آفيس ۾ هليو اچي. جڏهن چاهي تہ گهر هليو اچي. مٿس ڪا روڪ ٽوڪ ڪونہ هئي. هن جي ڪري ٿر ۾ ڪافي علمي ادبي سرگرمي تيز ٿي وئي.

مون جڏهن ’ٿر- سيمينار‘ پئي آرگنائيز ڪيو تہ هي بہ صلاح مصلحت ۾ شامل هيو. پر دل سان ڪونہ. الائي ڇو؟ ڪيس اندر ڪا شيءِ کائي رهي هئي. جڏهن ٿر سيمينار شروع ٿيو تہ واجد لاڙڪاڻي روانو ٿي ويو. سيمينار گذرڻ جي اٺن ڏينهن ڪانپوءِ واپس موٽيو. پڇڻ تي ٻڌايائين تہ ڳوٺ ڪم ٿي پيو هيو.

مٺيءَ جي اديبن سان سندس اٿڻ ويهڻ تہ هيو پر انهن سان بہ چڱي طرح مڪس اپ نہ ٿيو هيو. ڪرشن شرما تہ واجد کي ’واجد منگي‘ چوندو هيو جنهن تي واجد چِڙندو بہ هيو ۽ ناراض بہ ٿيندو هيو. اها خبر مون کي پوءِ پئي تہ واجد منگي آهي، پر چڙڻ جو سبب ڪهڙو هيو؟ شايد مان منگي هئس ۽ ڊي سي هئس. ان ڪري سمجهندو هجي تہ منگي چئي سندس اهميت گهٽائي ٿي وڃي. اها ڳالهہ واجد کي پسند نہ هئي تہ سندس اهميت سندس ذات جي ڪري ۽ سندس شاعريءَ جي ڪري نہ، پر ڊپٽي ڪمشنر جي ڪري هجي.

مان ڪرشن شرما ڪان بہ نہ پڇيو آهي تہ هن ائين ڇو ٿي ڪيو. واجد ڪان بيزار هو، ڏاريو هيو ان ڪري، يا ڪو ٻيو سبب هو. سوچيم ڪانئس ضرور پڇندس. واجد تہ اهڙو ماڻهو ڪونہ هيو جو ڪنهن سان ڄاڻي واڻي اُچائي.

واجد تيستائين مٺيءَ ۾ رهيو جيستائين مان هئس. منهنجي بدليءَ ڪان پوءِ هو بہ

Gul Hayat Institute

پنهنجا ٽپڙ ڪٽي لاڙڪاڻي روانو ٿيو.

شاعر محمد علي پنهور، واجد جو نياپو ڪٽي آيو ته هو اسپتال ۾ داخل آهي، توهان کي ياد ڪري. مان وٽس اسپتال ويس. همراهه هيٺو لڳو پيو هيو. کيس دلداري ڏنم. ڊاڪٽر کي پارت ڪئي، ٻي جيڪا مدد هئي، سا ڪيم. منيءَ کان پوءِ اسان جي اُها پهرين ۽ آخري ملاقات هئي. محمد علي پنهور مونکي ٻڌايو ته هن منيءَ جي حوالي سان ڪافي يادگيريون لکيون آهن، انهن ۾ منهنجو به ڪٿو منو ذڪر هوندو، پر اهو مواد الائي ڪنهن وٽ آهي. ڪافي پڇ ڳڇ ڪيم پر پتو نه پيو. سندس ڪو واسطيدار هي سٽون پڙهي ته مهرباني ڪري مون سان رابطو ڪري. سندس احسان مڃيندس. منهنجو نمبر ۽ ايڊريس هن ڪتاب ۾ ڏنل آهي. انسانن جي زندگيءَ جا ڪتاب ڪيئن بند ٿا ٿي وڃن. ڇڻ پنن کي اڏوهي کائي ٿي وڃي. هو ڪجهه ڪتابن ۾ ۽ ڪجهه شاعريءَ ۾ زنده رهجي ٿو وڃي ۽ صرف هڪ طرفو ٿو ڳالهائي، نه ٻڌي ٿو نه ئي جواب ٿو ڏئي، واهه قدرت!!!

واجد هڪ پختو ۽ صاحب طرز شاعر آهي. کيس بيماريون ويڙهي ويون ۽ عمر کٽي وئي. هن زندگيءَ کي واقعي شاعرن وانگر ورتو ۽ ڳري مري کپي ويو. پنهنجو ۽ پنهنجي صحت جو خيال نه ڪيو. سندس سنڌ ۽ سنڌي ادب کي اڃا ضرورت هئي. ڪجهه سال جي پئي ها ته ڪجهه وڌيڪ موتي سنڌي شاعريءَ کي ارپي وڃي ها پر جيڪا سندس حياتي.

منهنجي منيءَ ۾ آخري شام جي دعوت هئي، جتي پيا نيڻ آلا هئا اتي واجد جون به اکيون پسيل هيون ۽ دل ڏکويل ۽ ٽٽل هئي. جتي ٻين تقريرون ڪري پنهنجي جذبات جو اظهار ڪيو اتي هُن پنهنجو شعر پڙهيو جيڪو سندس جذبن ۽ ٽروارن جي سوچ جي نمائندگي ڪري ٿو ڇا ته سندس شاعريءَ ۾ سور ۽ درد سمايل آهي. توهان به پڙهي وٺو:

تنهنجي وئي راڻا!
ٽر جو چا ٿيندو؟!
سٽندو ڪير غريب جون،
آهون او راڻا؟
ٽر جو چا ٿيندو؟!
انڊن وٽيا ڪين ڪي،
چنڊ ۽ چانڊاڻا!
ٽر جو چا ٿيندو؟!
تو سنگ ها سرها ٿيا،



پونگيون ۽ پاڻا!
ٽر جو چا ٿيندو؟!
روڪڻ چاهيئي ٽر اندر
گهنگهر جا گهاڻا!
ٽر جو چا ٿيندو؟!
پڙهي سنڌ ۽ سوچ ڪي،
ڪر ڪلئي ڪاڻا!
ٽر جو چا ٿيندو؟!
ڪيئي نيڻ ڏسان پيو
مان اڄ ويڳاڻا!
ٽر جو چا ٿيندو؟!
واجد هن سورن سندي،
گهر جو چا ٿيندو؟
ٽر جو چا ٿيندو؟!

## سائينداد ساند ۽ پيا دوست

سائينداد ساند مون کي ٽر جو ماٺيڻو شاعر لڳندو آهي. هر وقت چپ چپات. ڳالهه ڪبي ته ڳالهائيندو. ڳالهائي وري چپ. توهان جي ڳالهائڻ جو پيو انتظار ڪندو ته توهان ڪڏهن ٿا ڳالهايو. پلي توهان ٻارهن ڪلاڪ نه ڳالهايو هو به نه ڳالهائيندو. سائينداد به اسان جي وچ واري ٿهيءَ جو شاعر آهي، جنهن ۾ منهنجو استاد وفا ناٿن شاهي آهي يا اياز گل، ادل سومرو، مختيار ملڪ، غلام حسين رنگريز ۽ پيا به ڪيترا اچي وڃن ٿا.

سائينداد ساند ڪڏهن ڪڏهن ته مون کي غلام حسين رنگريز جو پاڇو يا ٻئي، هڪ ٻئي جو نقل لڳندا آهن. ساند جو مان قرضي آهيان. قرضي نه پر ڊفالٽر. سندس شاعريءَ جو پهريون ڪتاب 'ڳوڙهن ڳالهايو' ڇپيو ته مان ڪجهه ڪاپيون ڪانئس حاصل ڪيون ته نيڪال ڪري پئسا ڏيندس. پر پوءِ منهنجي جلدي ئي بدلي ٿي وئي. هن شريف ماڻهوءَ وري نه ورجايو. مان به رٽائر ٿي ويو آهيان. هاڻي ويجهڙائيءَ ۾ پوئين سال مٺي ويس، ته ڪوشش جي باوجود ساڻس ملاقات نه ٿي سگهي.

اڄ ڪلهه جي دور ۾ استاد ٿيڻ وڏي آزمائش آهي، پر استادن جو صاحب ٿيڻ ته وڏو ڪم آهي. خوشي ٿي جڏهن خبر پيم ته هاڻي هو ڊگري ڪاليج مٺيءَ جو (جيڪو هاڻي

Gul Hayat Institute

صادق فقير جي نالي سان منسوب آهي ۽ صادق فقير ڊگري ڪاليج مٺي ٿو سڏجي) پرنسپال آهي. الله ڪيس مبارڪ ڪري ۽ توفيق ڏئي ته علم ادب ۽ نئين نسل جي خدمت ڪري.

## صادق فقير

ٿر ۾ جن ماڻهن سان شروعاتي ملاقات ٿي، انهن ۾ هو به شامل هيو. سندس هجڻ جي ڪري منهنجو ٿر ۾ رهڻ نسبتاً آرامده رهيو. هن جي محفل ۽ ڪچهري منهنجي ذهن ۽ روح کي وڏو سڪون پهچائيندي هئي. دک درد گهٽائيندي هئي. منهنجي من کي چڻ ريجهائي وٺندي هئي، ڪجهه ڏينهن وچ ۾ پئجي ويندا هئا ته هو پاڻ هليو ايندو هيو. ”سائين محفل کي گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن.“

نه لالچ، نه طمع، رڳو واهه واهه. اها به ملي، ته واهه، نه ته خير!

ٿر ۾ جديد غزل کي بهترين انداز ۾ ڳايو ويندو آهي. اهو سڄ صادق فقير تي اپريو. ٿر جي موسيقي، جنهن ۾ منو ڪچي هجي، موهن ڀڳت، ٿر جي ڪويل مائي ڀاڳي هجي، اتي صادق کي پنهنجي انفراديت ٺاهڻ ۾ وقت ئي نه لڳو. جنهن ۾ سندس ڏينهن رات جي محنت ۽ خوش اخلاقي به شامل هئي. ڪڏهن به ڪنهن سان لالچ نه ڪيائين. هميشه دل جو فيصلو مڃيائين. اسان جڏهن ٿر جي دوري تي نڪرندا هئاسون ته صادق ۽ ڪريم فقير اسان سان گڏ هوندا هئا. جتي رات پئي، اتي راڳ شروع.

مان به ڪيس ڪڏهن راڳي سمجهي ورتاءُ نه ڪيو. هميشه دوستن واري سڪ ڏني ۽ ورتي، پر ان سڪ پيار ۽ عزت جو ڪڏهن به غلط فائدو نه ورتو نه ئي ڪڏهن وات کولي ڳالهايو. خيرپور ۾ هئس ته جشن خيرپور تي ڪيس گهرايو. ان کان علاوه به ڪيس گهرائيندو هئس.

حيدرآباد ڪلب ۾ ”هڪ شاعر، هڪ آواز- اياز گل ۽ صادق فقير“ تقريب دوران، حيدرآباد جي ٿڌڙي هوا ۾ ڳائي ماڻهن ۽ مائين کي منڊي ڇڏيائين. اها محفل به يادگار آهي.

نوابشاهه ۾ اسان جولاءِ 2003 ۾ شهيد نسيم کرل جي ورسي ملهائي رهيا هئاسون. صادق به اچڻو هيو. ان رات مٺيءَ ۾ برسات پئجي رهي هئي. وچوٽي وٽ سندس گاڏي ڦاسي پئي. مٺيءَ موٽي ويو. اتان کان ڇاڇرو، ڇاڇري کان عمرڪوٽ، عمرڪوٽ کان ميرپورخاص ۽ رات جو 11 بجي اچي نواب شاهه ۾ محفل ڪيائين. نه ڪپڙا بدليائين، نه ئي منهن ڌوتائين. جنهن حال ۾ آيو هيو ان حال ۾ اسٽيج تي اچي محفل مچايائين. ماڻهن کي وندرايائين ۽ پنهنجي اخلاق ۽ رويي جي ڪري دل کٽي ويو.



جنوري 2015 ۾ مان ٿر جي دوري تي family سان نڪتس ته صادق انهن ڏينهن ۾ گهوٽڪي ۽ رحيم يار خان ۾ مصروفيتن ۾ رڌل هيو. جڏهن ڪيس منهنجو نياپو مليو ته مان 8 جنوريءَ جو مٺيءَ ۾ تنهنجو راڳ ٻڌڻ ٿو چاهيان، ته نه نفعو ڏٺائين نه نقصان، بيانا واپس ڪيائين، 8 تاريخ منجهند جو سڄي رات سفر ڪري پهتو. مون کي نياپو ڪيائين ته ”مان رات حاضر ٿيندس.“ هُو آيو ۽ محفل مچايائين. منهنجي گهرواريءَ ۽ ٻن پٽن سان مليو. اهي به ساڻس ملي خوش ٿيا. اها اسان جي آخري ملاقات هئي. ڪجهه ڏينهن بعد هو شهيد ٿي ويو.

سندس شهادت کان پوءِ مٺيءَ جي ماڻهن جي مطالبي تي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج مٺيءَ کي صادق فقير جي نالي سان منسوب ڪيو ويو. خوش نصيبيءَ سان منهنجي گهر واري تعليم کاتي ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري آهي. ان ڏس ۾ هن به پنهنجو پاڻ موڪيو. اهو نوٽيفڪيشن سندس آفيس مان نڪتو.

## مقيم ڪنڀار

هڪڙو ڪو ڪُنڀر هيو. جيڪو ڊي سي هائوس جي لڳ هڪ مَنهَن جي هيٺان ويهي نڪر وڪڻندو هيو. جڏهن گهر کان ٻاهر نڪرندو هوس ته منهنجي مٿس نظر پوندي هئي ۽ هو به مونکي تازي وٺندو هيو. پري پري کان هٿ اُڀا ڪري هڪ ٻئي کي ڪيڪاريندا هئاسون. ڪڏهن ڪڏهن ساڻس روبرو ملاقات به ٿي ويندي هئي ته سندس اکين ۾ هڪ لازوال چمڪ نظر ايندي هئم، جيڪا عاشق جي نظرن ۾ هوندي آهي. اها چمڪ سندس اکين ۾ مون آخري ملاقات تائين ڏٺي. هو خط لکندو هيو ته ان ۾ به سندس اکيون چمڪندي نظر اينديون هيون. سندس خط جو جا ته ڊڪشن، لکڻ جو انداز، ٻولي، پر ڪو به مقصد، ڪائي غرض نه. ميرپور ٻُٽي، تعلقي رتيديري ۾ سندس سياسي قبلو ممتاز علي خان پٽو رهندو هيو. هو جڏهن به ساڻس ملڻ ايندو هيو ته مون سان لاڙڪاڻي ۾ ملندو آهي، يا ڪنهن به ٻئي هنڌ تي هوندو هئس ته اتي به پيو پيرو پڇندو هيو. خطن ذريعي يا روبرو، اهڙو واسطو ساڻس سندس عمر تائين قائم رهيو.

سندس نالو محمّد مقيم ڪنڀار هيو. نهتي جو وينل هيو. نهتو نئين ڪوٽ جي قلعي کان ڪجهه ئي پريرو آهي. اتي بک ۽ بيروزگاريءَ اچي سندس ۽ گهر وارن جا پاسا ورتا. سو روزگار سانگي مٺيءَ ۾ اچي وارد ٿيو. ٻي جڳهه شهر ۾ نظر نه آيس، ته DC هائوس جي لڳ هڪ گهاٽي ديويءَ جي وڻ هيٺان سياري اونهاري ٿاڻو رکي وڪرو شروع ڪيائين. اسان لاڙڪاڻي وارا دلن جو پاٽي پيئڻ جا شوقين، فرج نه هوندا هئا ته سياري اونهاري دلن ۾ ۽ مٽن ۾ پاٽي وجهي ٺاري پيئندا هئاسون. سو ڪڏهن ڪڏهن دلا گهرائي

Gul Hayat Institute

انهن ۾ پاٽي آنرائي پيئندا هئاسون. ان پاٽيءَ جو مزو ئي ٻيو آهي. مٽيءَ جي پاٽيءَ جي خوشبوءِ، پنهنجي منڊ ۾ منڊي چڙهندي هئي. اڪثر سندس ٽانون واري پيپڙيءَ تي ٻه وچي ويهندو هوس. هن عريضي نويسيءَ جو ڪم اتي شروع ڪيو. ڪنهن وقت عريضي نويسيءَ لاءِ اسسٽنٽ ڪمشنر سندس درخواست رد ڪري ڇڏي هئي، جو هو فائينل يا مئٽرڪ پاس نه هيو. هو ڏاڍو مايوس ٿي ويو هيو. مان اي سيءَ جي ان آرڊر لاءِ فقير مقيم کان اپيل ورتي ۽ ڪيس اسٽامپ وينڊريءَ جو لائسنس جاري ڪيو. پوءِ اهڙو دڪان پريس ڪلب جي ويجهو ورتائين ۽ اتي عريضي نويسيءَ جو ڪم ڪيائين.

هن ڪم کان اڳ ۾ مقيم ڪمداريءَ ۽ منشي گيري به ڊي سي نون ۽ مري بلوچن وٽ ڪئي، پر پوءِ اهو ڪم ڇڏي هن طرف آيو.

مقيم سوشل ورڪر ته هيو پر ان سان گڏ سنڌ ڌرتيءَ جي سياست به شروع ڪيائين. هن پنهنجي ماءُ سان ڏاڍو پيار ڪيو هيو ان به هن سان ڏکيو سکيو وقت گذاريو هيو. هڪ ويلو لنگهڻ گذاريندا ته هڪ ويلو کائيندا هئا. هن ماءُ سان واقعي ڏاڍو پيار ڪيو هيو ۽ شايد ان کان به وڌيڪ، يا ان جيترو ئي پنهنجي ڌرتيءَ ماءُ سان پڻ پيار ڪيو هيو. جڏهن ووٽ ڏيڻ جو وقت ايندو هيو ته صرف ۽ صرف مقامي اميدوارن کي ووٽ ڏيندو هيو. ممتاز علي خان ڀٽي جي پارٽي 'سنڌ نيشنل فرنٽ' CEC جو ميمبر هيو. 1997ع ۾ جڏهن ممتاز علي ڀٽو صاحب نگران وڏو وزير هيو ته مقيم کي مٽيءَ ۾ اليڪشن ۾ ويهڻ جي لاءِ ٽڪيٽ ڏني هئائين. هارايائين. جنهن جي ڪيس اڳواٽ ئي خبر هئي. فقير مقيم، ننگر واري دلبر خان کوسي جو چاهيندڙ هيو. هن ئي ڪيس ٿر ۽ ننگر سان نينهن لڳائڻ جا شروعاتي سبق ڏنا. پوءِ ته فقير گريناڻيٽ ڪيڻ وارن خلاف رڙ ٻاري ڏنو. ڇئي ڪارونجهر ۾ ڌماڪا ٿا ڪريو مورن جا هنيانءَ ٿا ڦاڙيو ڪارونجهر کي تباهه ٿا ڪريو. ريڊيو تي وڃ اخبارون صفا ڀري ڇڏيائين. 'ٿر- سيمينار' ڪيو سون ته اسان جو ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو. ڏاڍو خوش هيو. اديبن ۽ عالمن سان ملي، چيائين ته سائين نالا وڏا اٿن. پر ماڻهو ته اسان جهڙا ئي آهن.

ٿر سيمينار کان پوءِ مون سان حال اوريائين. چئي، سائين ڏسو ته ڪراچيءَ ۽ ٻين شهرن مان مايون به آيون هيون ۽ نوجوان ڇوڪريون به. ۽ هيون به سڀ سنڌياڻيون. پوءِ اسان ٿريا پنهنجي نياڻين کي ٻاهر ڪڍي نوڪريون ڇو نه ٿا ڪرايون. ڪا ٻيءَ جهڙي ڳالهه هجي ته پوءِ اهي اديون ايترو پري، پرديس تي ڪيئن اچن؟ هاڻي مان به پناٽيءَ کان نوڪري ڪرائيندس. پناٽي سندس پياري ڌيءَ آهي. پوءِ پناٽيءَ نوڪري ڪئي. هاڻي ٿرديپ ۾ مائڪرو ڪريڊٽ شعبي جي ڊائريڪٽر آهي. سندس ننڍو ڀاءُ خالد ڪنيار ٿرديپ ۾ نوڪري ڪري ٿو. مقيم جي حياتيءَ ۾ ئي پناٽيءَ پاڻ موڪيو ۽ ڪيس سرڪار



طرفان قومي ليول جو "فاطمه جناح" ايوارڊ مليو! هاڻي پناٽي جهڙوڪر پاڻ، گهر جي مقيم ڪنيار آهي، جتي مقيم وانگر ئي گهر جي سنڀال ڪري رهي آهي.

مان مقيم جي فوتگيءَ تي دعا گهرڻ سندن گهر ويس. خالد به هيو پناٽي به هئي. دعا گهري سون. پوءِ مقيم جون ڪوڙ ساريون ڳالهيون ڪيون سين. ماشاءَالله هاڻي پناٽي ۽ خالد پڪو گهر ٺهرايو آهي. لکن ۾ پگهارون ٿا ڪٽن. پاڻ ۾ سڪ اٿن. ٻئي ڀاءُ ڀيڻ ۽ ٻيا ڀاتي به گڏ ٿا رهائين. ٻئي ڏينهن صبح جو منهنجي گهر واريءَ ۽ ٻارن سان ملڻ لاءِ آيا. اسان جي سڄي ڦهول کي پناٽيءَ سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي.

جيڪي ڏک مقيم ۽ سندس ماءُ ڏٺا، ڀڪون ڪيئيون. اهي الله سندس خاندان تان ٽاريا. اهي مقيم جون محنتون ئي هيون، جنهن سبب سندس ٻار سلڇڻا ۽ ڏاها ٿيا.

## موهن ڀڳت

ذهن ڪيڏو به وڪريل ۽ پريشان ڇو نه هجي، موهن ڀڳت جو راڳ ان کي سڪون ڏئي ڇڏيندو هيو. مان ننڍي هوندي کان ئي سندس ڪلامن مان چس ۽ حظ حاصل ڪندو هوس. پوءِ جيئن وڏو ٿيندو ويس، موهن ڀڳت جو ڪلام ٻڌڻ منهنجي عادت بڻجي وئي. توهان کي جيڪڏهن رات جو سمهڻ کان اڳ ۾ ڪتاب پڙهڻ ۽ خاص طور شاعري پڙهڻ جو شوق آهي ته ان دوران توهان موهن ڀڳت جي ڳايل ڪلامن واري ڪئسيٽ هلائي، ٽيپ تي هي ضرور رڪارڊ ٻڌو:

ساٿي ڙي سڏ ڪندي ويا...

سرتيون اوهين ته وڃو ڙي وڃو لا...

ذهن کي نشا ڏئي ڇڏيندڙ هي ڳائڻو مٽيءَ ۾ گديءَ جي گود ۾ رهندو هيو. صوفي رنگ جي پڳ، ڌوتي ۽ پهراڻ، جنهن جي رنگ تي پابندي ڪونه هئي. هارمونيم تي سندس ساٿي سُکيو هوندو هيو پاڻ تنبورو وڄائيندو ۽ ڀڳتي انگ ڍنگ ۽ انداز ۾ پنهنجي ڀاءُ سروپي سان گڏجي آ.... ڪندو هيو ته واهه واهه ٿي ويندي هئي. مان هن کي ڪڏهن به اڏنگو ۽ بي سُرو نه ٻڌو. ڪلام ڄڻ سندس ڳلي ۾ tape ٿيل هجي. جيئڻ جنهن انداز ۾ هڪ ڏينهن ڳايائين، ته ٻئي ڏينهن به اُن ئي سُر ۾ ڳائيندو هيو. قد جو ننڍو هيو پر عمر چور. سندس ڄمار جي خبر ئي ڪانه پوندي هئي.

ڀنگ پيئندو هيو ۽ آفيم کائيندو هيو. جيڪو ان قبيلي جا ماڻهو عام جام کائيندا آهن. سندس گهر ٻاهران گذربو هيو ته هن جي رياض جو آواز ٻاهر تائين پيو ٻڌبو هيو. سندس چونئرو منهنجي گهر ۽ آفيس جي رستي ۾ هوندو هيو. سندس گهر وٽان گذرندي جيپ جي رفتار گهٽ ڪندو هوس ته جيئن سندس ڪلام ٻڌي سگهان. شهر جي هر

Gul Hayat Institute

راڳ جي محفل ۾ موهن ڀڳت اسان جي ضرورت ٿي پيو. راڳ جي محفل شروع به موهن ڀڳت ڪندو هيو ۽ ختم به موهن ڀڳت ڪندو هيو. آخر ۾ ڪانئس راڳو ٻڌبو هيو. راڳو استاد منظور علي خان ۽ محمد يوسف به زبردست ڳائيندا هئا. جيڪو مون ڪانئن هڪ دفعي خيرپور ۾ ٻڌو هيو ۽ سندن آوازن جي منڊ ۾ منڊجي ويو هئس. پر موهن ڀڳت جي راڳي جي ڳالهه ئي ٻي هئي. ٻڌندو هوس ته اکين مان نِير جاري ٿي ويندا هئا. خاص ڪري هنن سٽن تي:

بيڪاريءَ ڪي بر ۾، ويو ڪيف چڙهي،
ڳالهيون ڪندي ڪاڪ جون، ڳوڙها پيس ڳڙي،
ڪا جا انگ اڙي، جئن چُتا ڦَٽ چُڙي پيا.

ڪنهن محفل ۾ ويندو هوس ته موهن ملڻ لاءِ اڳتي سُري ايندو هيو. قد جو ننڍو مان سندس ڳلي ۾ ٻاڪر وجهي ٻاڻ سان لڳائي رکندو هوس ۽ ڪجهه دير جهلي، ساڻس خير خيريت پڇندو هئس. هو به مون کان خير خيريت پڇندو هيو. اهو اسان جو هڪ ٻئي سان پيار ڪرڻ جو انداز هوندو هيو.

جنهن ڏينهن مون کي مٺي ڇڏڻي هئي، ان جي پوئين رات، منهنجي آفيس اسٽاف طرفان الوداعي دعوت هئي. دعوت تي پهتس ته موهن ڀڳت تي نظر پئي. وڏي وڃي ڪيس ڳلي ۾ حسب معمول ٻاڪر وجهي پڇيم: 'موهن! خوش آهين؟' چيائين 'سائين اڄ خوش ناهيان!' هڪ اڻپڙهيل ماڻهو جنهن طريقي سان ٿورن لفظن ۾ پنهنجي جذبات جو اظهار ڪيو. اهڙو اظهار مون زندگيءَ ۾ نه ڏٺو نه ٻڌو.

ٻئي ڏينهن جڏهن مٺيءَ کي الوداع چئي، گهر کان ڪراچيءَ جي لاءِ نڪتس ته موهن ڀڳت جي ڇوٽري مان آواز اچي رهيو هيو:

سرتيون اوهين ته وڃو ڙي وڃو لا،
منهنجو ڙِي ليک لَکن سان!
الوميان...
هيڏي شهر ڀنڀور مان،
ميڙ مسڪين جي ميو ڙي ميو لا،
منهنجو ڙي ليک لَکن سان!

## رينجرز ۽ صحافي

مان ماڻهن سان بهتر رويو رکرائڻ لاءِ رينجرس سان به چڱا تعلقات قائم ڪيا ۽ اڄ وڃ جو رستو رکيو. رينجرز جو ضلعي آفيسر مون وٽ اڪثر مٺيءَ ۽ ننگرپارڪر ۾ اوپن



ڪچهريءَ ۾ به ايندو هيو. سندس ڪو ڪم ڪار هوندو هيو ته اهو به ڪندو هيومانس. ان لاءِ ته جيئن هُو اسان جي ماڻهن سان ماڻهن جهڙو سلوڪ ڪن. مون اهو به سوچيو ته ڪين ماڻهن جي ويجهو آڻجي، جيئن هو انهن جي مسئلن کي سمجهن ۽ سندن ڏکن سورن کان واقف ٿين. منهنجي ان حڪمت عمليءَ ڪم ڪيو ۽ ماڻهن کي رليف ملڻ شروع ٿي ويو. ڪڏهن ڪو ماڻهو مون وٽ ڪو مسئلو ڪٺي پهتو ته ڪين فون ڪندو هئس ته اهو به ٿي ويندو هيو. پيو ته جنرل لهراسيب خان به مون کي تمام گهڻي اهميت ڏيندو هيو. ڪين اهو به خطرو هوندو هيو ته منهنجي پاران ڪڏهن ڪا انهن بابت شڪايت نه ٿي پئي.

فورسز ۾ جونيئر پنهنجي سينيئر کان ائين ڊڄندا آهن، جڻ ڪانءُ ڪمان کان، يا وري جيڪڏهن ڪو ماڻهو همت ڪري دليلن ۽ ثبوتن سان ڪنهن تي درخواست ڪري وجهي ۽ انڪوائري شروع ٿي وڃي ته جڻ ڪين اڌ موت ملي ويو.

ظاهر آهي جيڪڏهن DM جي ليول تي ڪا شڪايت ٿي پوي ته ڪين منهن ڏئي مقابلو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ٿيو پوي ۽ سندن پروموشن به بند ٿيو وڃن. خير اهڙي نوبت، نه اچڻي هئي ۽ نه آئي ۽ خير خيريت رهي، بهرڪيف سندن رويو عام ماڻهن سان بهتر ئي رهيو.

هڪ صحافي گروپ ڪراچيءَ کان مون وٽ آيو. ڪين ننگرپارڪر گهمڻ لاءِ ۽ رهڻ لاءِ سهولتون گهربل هيون. ان سال (1992ع ۾) ٿر سيمينار به ٿيو ۽ بارش به پئي. سو ٿر ميڊيا ۾ تمام گهڻو آيو.

ان سال ۾ ٻئي سال تمام گهڻا ماڻهو ٿر گهمڻ آيا. خاص طور ننگرپارڪر ڏسڻ لاءِ آيا. منهنجي مٺيءَ ۽ ننگرپارڪر جي ٽيم سندن پروٽوڪول ۾ ۽ مهمانيون ڪري ڪري ٿڪجي پيون هيون. پر پوءِ به ڪنهن کي نااميد نه ڪندا هئاسون. مٺيءَ ۾ يا ننگرپارڪر ۾ نه ڪائڻ پيئڻ جو سٺو ريسٽورنٽ هيو نه رهڻ جو هوٽل، اهو بار اڪثر اسان کڻندا هئاسون. شهر جي صحافين ۽ سماجي ورڪرز وٽ به مهمان گهڻا ايندا هئا، ان ڪري جو مهمانن سان سندن سماجي تعلقات هوندا هئا، يا سندن يار دوست يا انهن جو به ڪو واقف ماڻهو ايندو هيو ته وٽن اچي رهندو هيو. ان ڏس ۾ ڪرشن شرما اڳ کان اڳرو هوندو هيو. پروسي جهڙو مان به جيڪڏهن ڪو ماڻهو سندس حوالي ڪندو هوس ته ان کي گهمائي ڦيرائي باسلامت اچي منهنجي حوالي ڪندو هيو. ٿر جو مختيارڪار ڊوگر به عجيب ۽ هردم تيار قسم جو مختيارڪار هيو. هو روينيو آفيسر گهٽ، پوليس آفيسر ۽ فوجي آفيسر وڌيڪ لڳندو هيو. هيو به ڊوگر راجپوت، سو اهي صحافي پنهنجا پيغام ڪٺي مختيارڪار وٽ پهتا، ٻه راتيون رهي واپس آيا. مون وٽ چانهن پيئڻ لاءِ ويٺا ۽ مون کان غير رسمي طرح انٽرويو ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. مون چيومان ته مان پنهنجن مهمان صحافين کي انٽرويو نه

Gul Hayat Institute

ڏيندو آهيان. توهان منهنجا مهمان آهيو صرف توهان اهو ٻڌايو ۽ صلاح ڏيو ته ٿر جي حالتن ۽ ٿر جي ماڻهن جي زندگين کي بهتر ڪرڻ لاءِ مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟ توهان پنهنجي طرفان ٿر جي ماڻهن ۽ مسئلن کي اجاگر ڪريو.

نيٺ هڪ صحافيءَ مون سان دل جو حال اوريو. چيئي: توهان ٿر جي ماڻهن ۾ ايترو انتظاميا لاءِ اعتماد ڪيئن قائم ۽ بحال ڪيو آهي؟ جن ماڻهن توهان کي ڏٺو به ناهي، اهي به پنهنجن مسئلن جو حل توهان جي ذات ۾ ڳولين ٿا. مون پڇيو "ڇا ٿيو؟" چيائين ته "اسان ننگرپارڪر ۾ هڪ هوٽل تي چانهن ويٺي پيتي، اتي ٻيا مقامي ماڻهو به ويٺا هئا. انهن ۾ هڪ اکين کان سجو ماڻهو به هيو انهن ماڻهن ويٺي ڳالهيون ڪيون ته فلاڻي کي رينجر جهلي وٺي آهي. ان تي ان ماڻهوءَ پهرئين کي چيو ته ڊي سي منگيءَ کي ٻڌايو ته ان جهليل ماڻهن جو ڪو داد فرياد ڪري ڊي سي کي خبر نه پئي هوندي نه ته هن وقت تائين اهو ماڻهو ڇُٽي اچي ها."

صحافيءَ وڌيڪ چيو ته "اسان ته حيران هئاسون. ته اهو بلائينڊ ماڻهو جنهن يقينن توهان کي نه ڏٺو هوندو نه ئي مليو هوندو ۽ توهان کان چئن ڪلاڪن جي جيپ جي پنڌ ۽ 125 ڪلوميٽرن تي ويٺو آهي، ان ۾ ايڏو اعتماد توهان ڪيئن پيدا ڪيو آهي، اهو ڪيئن ممڪن آهي؟"

## گورو، چاچي نواز جو گونگو پُٽ ۽ اسڪولي ٻارَ

ڪمشنر صاحب چيو ته هڪ گورو لنڊن کان آيو آهي. اهو ننگرپارڪر وڃڻ ٿو چاهي. جيڪڏهن تون پاڻ واندو هجين ته گڏيو وڃجانس. مونکي ڪو خاص ڪم ڪو نه هيو. گورو آيو ته مان ساڻن گڏيو ويس. ننگرپارڪر پهتاسون. رات جو بنگلي تي رهياسون. مون کي انگريزن سان انگريزي ڳالهائڻ دوران سستي، اذيت ۽ ٿَڪ جو احساس ٿيندو آهي. هن سان ته به ڏينهن ساندهه گذارڻا هئا. اسان منيءَ کان نڪتاسون ته ڊرائيور، مهدي حسن جي غزلن جي cassette لڳائي ڇڏي. گوري کان پڇيو ٺيڪ آهي؟ چيائين yes، ڪجهه ڪجهه هو به اردو سمجهندو آهي ۽ ان قسم جا غزل پسند ڪندو آهي. سو منهنجو ڪجهه ڇوٽڪارو ٿيو.

ننگر پهتاسون. ماني کائي ڪجهه fresh up ٿي، شهر جي مندرن ۾ چاچا نواز علي کوسي سان گڏجي نڪتاسون. هو هر سياح جو بنا پيسي رهنما (guide) هيو. منهنجو ته يار هيو.

چاچي نواز علي کوسي جو پٽ گونگو هيو. سندس ڄمار 12_13 سال هئي. پوئين دفعي ان ڇوڪري جون مون تصويرون ڪڍيون هيون. اهو ڇوڪرو جڏهن مون کي نظر



آيو ته مون پنهنجي بريف ڪيس مان سندس تصويرون ڪڍي ڪيس ڏنيون. هن جو پنهنجا فوٽو ڏٺا، ته وٺي ٽينگ ٽپا ڏيڻ شروع ڪيا ۽ وٺي گوڙ ڪيو. هر هر پاڻ ڏي اشارو ڪري اسان کي ٻڌائي پيو ته اهي فوٽو سندس آهن. وري اچي مون کي ڀاڪر وجهي، اهو سندس thanks ڪرڻ جو انداز هيو. مون ڪئميرا سڏي ڪري سندس ٻيا فوٽو ڪيڊرايا. هن به ٺهي سنبري پوز ڏئي فوٽو ڪيڊرايا. فوٽو ڪيڊرائڻ کان پوءِ هٿ سان اشارا ڪرڻ لڳو ۽ گوڙ ڪرڻ لڳو. مان سمجهي ويس ته هن چيو پئي ته ٻئي دفعي اچان ته اهي فوٽو به هنن فوٽن وانگيان صاف ڪرائي کڻي اچان. صبح جو اوپن ڪچهري ڪئي سون.

اوپن ڪچهريءَ ۾ ماڻهن جا سوال ۽ اسان جا جواب هئا. گوري وٺي مزو ورتو. هن کي چيم ته توهان به هنن سان ڳالهايو. پوءِ انگريز اسلام عليڪم چئي ۽ پاڪستان زندهه آباد چيو. ماڻهن وٺي تاڙيون وڄايون. اسان ڪيڏا نه سادا آهيون. اسان وٽ جيڪو گورو اچي، ان کي اسان 'انگريز' چوندا آهيون. هنن اسان تي فتح حاصل ڪئي هئي ۽ سؤ سال حڪومت ڪئي هئي. گورن سنڌ ۾ داخل ٿيڻ جا به رستا ڳوليا هئا: هڪ ته ڪراچيءَ کان ۽ ٻيو ڳجهو رستو ننگرپارڪر کان.

جرمنن فرانس فتح ڪيو هيو. گهڻن سالن تائين فرانس ۾ ڪو ٻاهريون گورو ويندو هيو ته ان کي به جرمن سڏيندا هئا، ڀلي اهو امريڪن ئي ڇو نه هجي.

هن گوري کي پرپاسي جا ماڳ گهماياسون. چاچي نواز علي کوسي پنهنجي ايجاد ڪيل انگريزيءَ ۾ ساڻس پئي ڳالهه ٻولهه ڪئي. ٻئي خوش ۽ مان به خوش، چپن کي چپي ڪرڻ کان ڪجهه آرام ملي پيو.

واپسيءَ ۾ ڏاني ڏانڊل (ڳوٺ) ڪراس ڪندي مون ڏٺو ته اسڪولي ڇوڪرن کي موڪل ملي هئي ۽ اهي پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيا هئا. انهن کي ڏسي مون ڊبل ڪئبن روڪي. ڇوڪرا ڪي بيٺا، ته ڪي ڀڄي ويا. جيڪي بيٺا انهن کي مون پويان گاڏيءَ تي ويهاريو پوءِ ٻيا به مڙي آيا. انهن کي به ويهاريو. اهي ماريءَ جي ڳوٺ پالوا ڏانهن وڃي رهيا هئا. انهن کي سندن ڳوٺ ۾ ئي ڇڏيوسين.

اسلام ڪوٽ ۾ موهن لال وٽ مانجهاندو ڪيوسين ۽ منيءَ پهتاسون. جڏهن چانهن تي ويٺا هئاسون ته انگريز ڦاٽ ڦاڙيو. تون آهين ڇا؟ ايڊمنسٽريٽر آهين يا سوشل ورڪر؟ سندس ان سوال ۾ ڪيئي Comments هئا.

## ڪليم لاشاري

ڪليم لاشاري archaeology جو هڪ وڏو نالو آهي. هو گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ آهي. ڪهاڻيڪار، شاعر، اديب، محقق، نقاد، adventurist، سنڌ ۽ سنڌوءَ جو پارکو،

Gul Hayat Institute

بطور ڊي سي ۽ ڪمشنر، سنڌ ايڊمنسٽريٽر، رانديگر ۽ الائي چا چا... هاڻي وچي آرڪيالاجيءَ تي پهتو آهي. عملي طور انهن کي restore بہ ڪري ٿو. پراڻن اهڃاڻن کي ڳولهي بہ لهي ٿو ۽ انهن تي ريسرچ بہ ڪري ٿو.

مان منيءَ ۾ هئس تہ هو چيف منسٽر سنڌ جي آفيس ۾ ڊپٽي سيڪريٽري هيو ۽ امتياز شيخ صاحب سيڪريٽري هيو. هو ڪنهن ضروري ڪم سانگي عاصمہ ابراهيم سان گڏ منيءَ ۾ اچي هيليڪاپٽر ۾ لٿو ۽ مون کي ڪٺي گوڙيءَ جي مندر ۽ ننگرپارڪر هليو. گوڙيءَ ۾ لهي هُو ٻئي ڄڻا مندر جي عمارت جون ماپون وٺڻ لڳا ۽ مون فوٽو ورتا. ننگر مان ٿي واپس مٺي آياسون. هيليڪاپٽر اتي لٿو تہ شهر جا ٻار هيليڪاپٽر کي ورائي ويا. هيلي ڪاپٽر ليندنگ ڪئي تہ شهر جا ماڻهو ۽ ٻار اچي گڏ ٿيا. مان ٻاهر نڪتس تہ مون تي نظر پيئي. عاصمہ ابراهيم، ڪليم لاشاري ۽ پائلٽ بہ لهي پيا.

هيليڪاپٽر بند ٿيو. پوليس ان کي گهيرو ڪري بيٺي. اسان جڏهن ماڻهن مان نڪري جيپ ڏانهن پئي وياسون تہ شهر جي ڇوڪرن چيو تہ اسان هيليڪاپٽر کي ويجهو ڏسڻ ٿا چاهيون. پوليس کين ويجهو ڪيو ۽ جيستائين اسان چانهن پي موٽياسين تہ سڄو شهر اچي گڏ ٿيو هيو.

## ٿر ۽ وڻ

ڪيترا اهڙا موقعا آيا، جو مون وڻن ڪٽڻ تي بندش لڳائي ڇڏي. هڪ تہ ٿر ۾ وڻ ٿئي ڪونہ، ٻيو ٻڪرين، اٺن ۽ ٻين جانورن کي چارو گهرجي، ماحول کي بهتر رکڻ لاءِ بہ وڻ گهرجن. تہ ٻارڻ لاءِ ڪاٺيون بہ گهرجن. جتي ماڻهو رينجرز کان ناخوش هئا، اتي گهٽ ۾ گهٽ رينجرز بارڊر تي اٺن ڏهن ڪلوميٽرن ۾ هڪ ڏاڍو سٺو ڪم ڪيو هيو. جو اتي وڻن جي حفاظت ڪئي هئائون. جهنگلي جيوت کي ناس ڪرڻ ۽ شڪار ڪرڻ بہ نہ ٿي ڏنائون. اهڙي ئي هڪ موقعي تي آءُ پريس وارن سان بارڊر جي اٺن ڏهن ڪلوميٽرن جي اندر ڳوٺن جي دوري ۽ اوپن ڪچهريءَ تي نڪتل هئس. ڳوٺ جي چڱي مڙس اسان جو مانجهاندو جهليو هيو. ماني منهنجي چوڻ موجب مقامي ڊشز تي مشتمل هئي.

ماني کاڌي سون تہ اسان جي ميزبان جي پاڻ هڪ فرمائش ڪئي تہ سائين مون کي هڪ وڻ وڍڻ جي اجازت ڏيو تہ مان پنهنجو گهر ٺاهيان. مون انڪار ڪيو تہ هن مون کي ايلاز ڪيا. مون هن کي ٻانهون ٻڌيون تہ ان ڳالهہ تان لهي وڃ. نيٺ منهنجي آزين ۽ نيزارين کي مانُ ڏئي چيائين تہ ٺيڪ سائين، جيئن توهان جي مرضي. پر مان مطمئن نہ ٿيس، سندس اکين بہ مون کي شرارت نظر پئي آئي. مون کيس چيو تہ، قسم ڪڻ؟ هن ڏٺيءَ جو قسم کنيو. هن مجبوريءَ ۾ اهو قسم کنيو. پوءِ پاڻس کي چيم تہ ڏس هن قسم کنيو



آهي. هاڻي وڻن جي حفاظت ڪرڻ تنهنجي فرضن ۾ شامل آهي.

## انعام شيخ سان ملاقات

ان ڏينهن منهنجي تياري، گيڏڙي ۾ رات رهڻ جي هئي. گيڏڙو بہ عجيب شهر آهي. ديوار برلن وانگر ورهايل آهي. برلن تہ هڪ ٿي ويو پر گيڏڙي جو اڌ اسان جو ۽ اڌ پارت وٽ آهي. اسان واري پاسي تہ ڪو ماڻهو ڪونہ ٿو رهي، پر پارت وارو گيڏڙو آباد آهي. ماڻهو بہ آهن، پوکون بہ آهن، ڍور ڍڳا بہ آهن، پاڻي بہ آهي، پاڻيءَ جا مٽيان ٽئنڪ بہ آهن، ريل بہ اچي وڃي ٿي، مطلب تہ ان گيڏڙي جي خوشحال زندگي آهي.

اسان پاڻ واري گيڏڙي تان ٻيهي اهي سڀ نظارا ڪري سگهون ٿا. هت صرف رينجرس جي چيڪ پوسٽ آهي، ٻيو رهي نام الله جو!

منيءَ مان انعام الله شيخ جو فون آيو. چيومانس هليو آ. پر هاڻي جو هاڻي اچ. هو ان وقت ئي اچي منهنجي گهر پهتو. انعام سان اها منهنجي روبرو پهرين ملاقات هئي. هونئن تہ سندس نالو گهڻو ٻڌل هيو. ڪنهن مجلس ۾ مليا هونداسون، پر ڪچهريون ڪونہ ٿيون هيون. منهنجي پياري دوست ۽ هم ڪلاسي "امان شيخ" جو پاڻ آهي. جڻ امان شيخ جي پائوڊر فوٽو اسسٽنٽ ڪاپي هجي، پاڻ وارو پارو سندس انگ انگ ۾ پريل آهي. هاڻي امان جو پارو ليڪ ٿي ويو آهي، پر انعام ۾ اڃا اها ئي سيمابيت برقرار آهي.

مون کي منجهند جي ماني کائي جلدي نڪرڻو هيو. ماني کاڌي سين. ان دوران ٻڌايائين تہ 'سارس' رسالو ٿو ڪڍان، ان لاءِ ٿر تي اسٽوري ڪرڻ لاءِ نڪتو آهيان. منيءَ ۾ ماڻهن سان مليو آهيان، ڪن اديب دوستن کان انٽرويو ڪيا اٿم ۽ ڪن کان اڃا ڪرڻا آهن. توهان جو بہ حال احوال وٺڻو آهي. مون کيس لاچاري ڏيکاري. چيائين تہ سفر ۾ ڇو نہ ڳالهائيندا هلون؟ مان چيو اها بہ چڱي ڳالهہ!

رات جو سفر مون کي مونجهاري ۽ ڊپريشن ۾ ٿو وجهي ڇڏي. منهنجو حساب اهو هيو تہ جيڪڏهن مان منيءَ مان هڪ بجي نڪرندس تہ روشنيءَ جو سفر ڪري وڃي گڏڙي پهچندس. منهنجي ٻي غرض بہ هئي تہ جيئن اتي پهچي سج لهڻ جو منظر يا روشنيءَ ۾ پٽن کي ڏسان تہ ڪيئن ٿيون پاسن؟ انعام چيو بيگ دوست وٽ پئي آهي. اها کڻي ٿو اچان. هو بيگ کڻي آيو اسان نڪري پياسون.

انعام اهو انعام ڏنو جو سوالن مٿان سوال. سوال کان پوءِ تہ هو چپ ڪري ويهي پئي رهيو. ريتيلن دڙن جا رستا، جهاڪا جهوڪا، زبان بہ لڏي پئي تہ سڄو وجود ڏڙڪيو ۽ ڪڙڪيو پئي.

مون انهن ڏينهن ۾ بلڊ پريشر جون دوائون وٺڻ شروع ڪيون هيون. ان ڪري وات

Gul Hayat Institute

خشڪ ٿيندو ٿي ويو مان پاڻيءَ جا ڍُڪن مٿان ڍڪ پريندو پئي ويس. انعام جي انٽرويو ڪرڻ جي انداز ۾ ڏاڍو مزو آيو. مون کي کولي رکيو هئائين. مون به پنهنجي پاڻ کي اهڙيءَ طرح ڪڏهن کونه پرکيو هيو. شايد مون بابت ڪافي ڄاڻ حاصل ڪري، هوم ورڪ ڪري نڪتو هيو. ٿر لاءِ ٿر جي نئين ضلعي لاءِ به وٽس ڪافي مواد هيو. سياسي، سماجي، انتظامي ۽ ذاتي قسم جا سوال به هئا. ڳالهائڻ وارو ماڻهو پڙهيل ڳڙهيل ۽ فضيلت وارو هجي ته دل خوش ٿيو وڃي. مان سمجهان ٿو ته اهو منهنجي ٽورن انٽرويوز ۾ تمام مٿاهون هيو. مون کي سندس هڪ سوال اڃا تائين ياد آهي! چيائين ته، مٺيءَ جي ماڻهن سان توهان جي متعلق ڳالهه ٻولهه ٿي آهي. اهي سمجهن ٿا ته توهان درويش ۽ صوفي منش ماڻهو آهيو! توهان جا ڇا comments؟ مون چيومانس ته، ماڻهن جي خيالن تي مان پنهنجي خيالن جو ڪهڙو اظهار ڪريان. خلق جي زبان کي الاهي اعلان سمجهڻ گهرجي. هتي جا ماڻهو به اهڙا دلبر آهن، انهن سان انهن جهڙو ٿي رهڻ پلو ٿو لڳي.

چاڇري پهتاسون. اتي تڪڙي چانهن پي، هڪڙي جيپ ۽ اسسٽنٽ مختيارڪار جواهرلال کي انعام جي حوالي ڪري مان گڏڙي لاءِ راهي ٿيس. هاڻي جڏهن ٻئي ملندا آهيون ته ٻنهي جي ذهنن مان ’سارس‘ رسالي جي ان انٽرويو جو پڙاڏو ضرور ٻڌڻ ۾ ايندو آهي.

## ٿرءِ هولي

هندستاني فلمن ۾ هوليءَ جا سين دلڪش پڪچرائيز ڪيل هوندا آهن. مون کان فلم ’سلسلا‘، جيڪا اميتاب ۽ ريکا جي فلم آهي، صفا نه وسرندي آهي. هڪ گيت اميتاب پاڻ به ڳائي ٿو:

رنگ برسي،
ڀيگي چُنر والي، رنگ برسي...

پر مٺيءَ ۾ ملهايل هولي ته، نه ريکا ۽ نه وري اميتاب بچن جي هولي آهي، اها ته جڳديش، ماتو پريم، ڪوٽڪن ۽ ٻين محبتي ماڻهن جي هولي هوندي هئي. ٻهرين سال ته جڳديش ملاڻي حيات هيو پر ٻئي سال اسان کان وڇڙي سرڳواس پڌاري ويو.

پر ٻئي سال ٻيا دوست، هوليءَ جي پارٽي وٺي ڊي سي هائوس تي آيا ۽ مون کي به گذريل سال واري هوليءَ کان به وڌيڪ رنگي ڇڏيو هئائون.

هينئر ڏيهن سالن کان پوءِ به منهنجو ڪو يار دوست، مٽ مائٽ ٿر مان ٿي ايندو آهي يا ڪنهن ٿرئي سان ملي ايندو آهي ته مون کان پڇندو آهي ته تون ٿر ۾ ڇا پوکي آيو آهين، جو ماڻهو اڃا تائين تنهنجو نالو ايڏي پيار ۽ خلوص سان کڻن ٿا؟ مان صرف



مسڪرائيندو آهيان، مان ڇا جواب ڏيانس.

مان ٿر سان، ٿر جي ماڻهن سان پيار ڪيو. مان ماڻهن جي دلين ۾ ۽ ٿر جي مٽيءَ ۾ پيار پوکي آيو آهيان. ڪوئي ائين ڪري ته ڏسي، اهو ڪم ايڏو مشڪل به ته ناهي!

جڏهن مان ٿر پهتس ته ڄڻ بيگانو هئس. هڪ دفعي مشهور ليکڪ عبدالقادر جوڻيجو، نهتي جو رهاڪو، جيڪو ڳوٺ مهراڻي جي ڪس جو آهي. مون کانئس هڪ عجيب سوال پڇيو ته، مون کي هٽ ڪيئن هلڻ گهرجي؟

چيائين ٿرين وٽ آهي ڇا؟

هنن کي گهرجي ڇا؟

ڏک سک ۾ سندن زندگي گذري ٿي. تون ڏئي به ڇا ٿو سگهين. هنن جون ضرورتون لامحدود آهن. هنن کي هڪڙي شيءِ وافر مقدار ۾ گهرجي. جيڪا تو وٽ گهٽي آهي، سا آهي سِڪ، پيار ۽ محبت. تون انهن سان عشق ڪري ته ڏس، تنهنجا ڄڻ زر خريد ٿي ويندا.

قادر ڪيترو نه سچ چيو هيو. هو زر خريد ٿيا يا نه، پر سچ پڇو ته، ٿر مون کي ته ڄڻ زر خريد عاشق ڪري ڇڏيو.

## رام سنگھ سوڍو

اهو 1986 وارو دؤر هيو. تڏهن مان ٽنڊي الهيار جو AC/SDM هئس. سرڪٽ هائوس حيدرآباد ۾ ضلعي جي اقليتن جي ميٽنگ هئي. ٽنڊي الهيار ۾ هندن جو هڪ مشهور مندر آهي، راماپير جو. جتي ساليانو ميلو لڳندو آهي. مون کي به ان سلسلي ۾ سڏايو ويو هيو.

اتي هڪ رنگين پٽاپٽي پٽڪي واري وزير، رام سنگهه سوڍي سان ملاقات ٿي، جنهن ان ميٽنگ جي صدارت پئي ڪئي. اسان ان کان اڳ ان انداز ۾ راڻي چندرسنگهه جا فوٽو ڏٺا هئا. هن جو ڦينٽو اُن جهڙو هيو ۽ مڇون به ان وانگر اُڀيون ٿيل. اسان راڻي چندرسنگهه جي ته ٽيستائين تصوير ڏٺي هئي، پر ان ۾ به وڏي دهشت نظر پئي آئي. پر رامسنگهه سوڍي ۾ رنگين ڦينٽي ۽ ساڳين مُڇن جي هوندي به ان راڻي جهڙي حشمت ڪونه هئي. مڙئي مسڪين ۽ شريف سوڍو پئي لڳو. ميٽنگ کان پوءِ تعارف ٿيو. سوڍو صاحب اقليتن جو وزير هيو. سائين غوث علي شاهه صاحب جي حڪومت هئي. ساڻس وڌيڪ ملاقاتون تڏهن ٿيون، جڏهن آءٌ 1992ع ۾ مٺيءَ ۾ ڊي سي ٿي پهتس. سوڍو صاحب ملڻ آيو هيو. ڪيس اها ميٽنگ ۽ ملاقات ياد هئي، وڏو حافظو هئس. وڪيل هيو پر وڪالت گهٽ ڪندو هيو. وچولي درجي جو زميندار هيو. چون پيا ته اربابن جو مٽ مائٽ ٿئي. مان

Gul Hayat Institute

حيران ٿي ويس، پوءِ خبر پئي تہ سوڍن جي اها روايت هئي تہ اهي پنهنجيون ڇوڪريون اربابن ۾ پرڻائي ڏيندا هئا. ارباب غلام رحيم جي دؤر ۾ بہ ايم پي اي هيو. 1986ع کان پوءِ بہ وزير / ايڊوائيزر رهيو. شريف منش ۽ خدا ترس ماڻهو هيو. علم ادب سان شوق هئس. سندس ڪجهہ ڪتاب بہ لکيل آهن. منهنجي علم ادب دوستيءَ جي حوالي سان بہ گهڻي عزت ڪندو هيو ۽ مون سان تہ ڄڻ پڪي دوستي هئس.

جنوري 2015ع ۾ ٿر وڃڻ ٿيو. رام سنگهہ سوڍي جو ذڪر ٿيو تہ خبر پئي تہ انڊيا ڪُوچ ڪري ويو آهي. اڄ ڪلهہ تہ سڻن ماڻهن کي رب سائين مٿي ٿو گهرائي، تہ ڪي ملڪ ڇڏي ٻئي ملڪ هليو ٿا وڃن.

ڦينٽو (پٽاپٽي پٽڪو)، جيڪو اڳي نج ڇونڊ سوڍا يا راڻا، سوڍن جا سردار پائيندا هئا، پر اڄڪلهہ تہ هرڪو ئي ٿو اوڍي. 18 سيپٽمبر 2016ع تي ڳوٺ مالٺهور ويٽا ۾ سرڳواسي ’پريم‘ منهنجي پياري دوست ۽ پياري جي پيءُ جي ڪتاب، ’هوءَ جا ڪولهڻ ڪارڙي‘ جي مهورت هئي. ان ۾ مون کي خاص مهمان ۽ صدر ڪري گهرايو ويو. تقريب تہ شاندار رهي، پر اتي منهنجي حوالي سان خاص ڳالهہ اها بہ ٿي تہ مون کي اجرڪ، لوئي، يا سنڌي ٽوپيءَ جي بدران مون کي بہ ڦينٽو ٻڌايو ويو. خاص سوڍن جي انداز ۾. مون کي ڏاڍي خوشي ٿي. مون محسوس ڪيو تہ مون کي اها سالن کان اندروني خواهش هئي تہ اهو پٽڪو مان بہ ٻڌان. ان پٽڪي سان جڏهن فوٽو ڪڍائي پنهنجي فيس بوڪ جي ’وال‘ تي رکيا تہ ڪيترن ئي دوستن ان تي واهہ واهہ ڪئي ۽ ڪن تہ عجيب و غريب خطاب بہ ڏنا.

اهو ڳوٺ، جنهن جو نالو مالٺهور ويٽا آهي، منهنجي ٿر جي ساٿي سرڳواسي نٿورام سوٿهڙ جي بہ جنم ڀومي آهي. نٿورام منهنجو ٿر جي پوسٽنگ دوران اسسٽنٽ ڪمشنر مٺي هيو. جيڪڏهن هُو اتي نہ هجي ها، تہ ٿر ۾ جيڪو ڪجهہ مان ڪري سگهيس، اهو سڀ نہ ڪري سگهان ها، خاص ڪري ”ٿر سيمينار‘.

ڪشادي دل جو مالڪ، همت وارو، بردبار، خرچ پکو ڪري ڇاڏي. ان معاملي ۾ واٽيو نہ لڳندو هيو. مان جنهن وقت ۾ مٺي آيو هوس تہ مهمانن لاءِ ڪو ريسٽ هائوس ڪونہ هيو. نٿورام جو گهر، جيڪو ان وقت مٺيءَ ۾ چند گهرن مان هڪ سٺو گهر ٿهيل هيو، اهو اسان لاءِ ڄڻ ريسٽ هائوس هيو. مهمان بہ اتي رهائيندو هيو ۽ انهن جي مانيءَ ٽڪيءَ جو بندوبست پاڻ ڪندو هيو. راڻي چندرسنگهہ کان وٺي اربابن ۽ ٻين سڀني اثر رسوخ وارن سان سندس سٺا تعلقات هئا.

ٿر سيمينار ۾ بہ هن پنهنجو پاڻ پتوڙيو. منهنجو وائيس ڪيپٽن هيو. ڪنهن بہ شيءَ جي ڪمي ٿيڻ نہ ڏنائين. ڪجهہ سالن کانپوءِ منهنجو خيرپور ۾ بہ AC/ADM ٿي رهيو.



## ٿر ۾ ذات پات

اهو مناسب نہ لڳندو آهي تہ گهر تي ڪم ڪرڻ واري ماڻهوءَ کي گهر ۾ ماني نہ ملي. منهنجو طريقو رهيو آهي تہ گهر تي يا گهر جي آفيس تي جيڪو عملي جو ماڻهو ڪم ڪندو هجي، ان کي گهر جي بورچيخاني ۾ جيڪا دال روٽي پچي ٿي، اها ملڻ گهرجي.

مون مٺيءَ ۾ چارج ورتي تہ منهنجي گهر واري آفيس ۾ ٽي ماڻهو ڪم ڪندا هئا. هڪ سيول ڪمار ميگهواڙ هيو ٻيو اپيمُني مهراج، ۽ ٽيون پورو ڀيل هيو. مهراج جو تہ شهر ۾ ئي گهر هيو. هو ماني گهران کائي ايندو هيو. هو ويشنو بہ هيو. ماس ناهي کائيندو، ان ۾ انڊو مرغي ۽ مڇي بہ شامل هئي. پورو ڀيل ۽ سيول ڪمار ميگهواڙ هوٽل تان ماني کائيندا هئا. منهنجي گهر جو بورچي دليپ ڪمار لوهاڻو هيو. مون هن کي چيو تہ ”انهن ٻنهي کي ماني ملڻ گهرجي.“ هو منجهي خاموش ٿي ويهي رهيو. پوري ۽ سيول کي چيم تہ ”ماني کائو ٿا؟“ چيائون تہ ”سائين، اسان هوٽل تي کائيندا سون.“ ٻڌايائون تہ ”اسان ميگهواڙ ۽ ڀيل آهيون، تنهن ڪري هتي نہ کائيندا سون... چيائون دليپ مانيءَ لاءِ چيو هيو پر اسان انڪار ڪيو آهي.“ مون چيو ”توهان کي ماني کائڻي پوندي“ هو ٻئي چپ ڪري ويهي رهيا.

ٻين نوڪرن کي چوان تہ چون ”سائين ڀيل ۽ ميگهواڙ هتي ماني ڪيئن کائيندا.“ مون چيو: ”جيئن توهان کائو ٿا“، پوءِ مشڪل سان وڃي اهو بندوبست ٿيو تہ هنن پنهنجا ٿانوَ ڌار ڪيا ۽ ماني کائڻ لڳا.

دراصل ٿر ۾ هندن جي ’اوچي‘ ذات وارن کان وڌيڪ تعداد ۾ پنٿي ڀيل ذاتين (scheduled castes) جا هندو رهن ٿا. انهن جي زندگي هڪ انهن پاڻ تنگ ڪري ڇڏي آهي، ٻيو ’اوچي‘ ذات جي هندن، انهن جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي، باقي جي ووٽ وٺڻو آهي تہ، ان وقت اهو نہ شودر آهي، نہ وئش، نہ کتري، نہ برهمڻ.

هڪڙي ڀيري آءٌ ٻارن سان ڪاسبي گهمڻ ويس. ان ڳوٺ جي ماڻهن ڇا تہ محنت ڪئي آهي. خوبصورت باغ تيار ڪري ڇڏيا آهن. اتي وياسين، باغ جي مالڪ ٽانڪ، جيڪو ماسٽر هيو، ان اسان لاءِ ڪرسيون ڪڍيون ۽ چانهن جو پڇيو. مون هاڪار ڪئي. مون کي منهنجي اسٽاف چيو تہ، ”سائين هي تہ ميگهواڙ آهي، هن جي چانهن ڪيئن ٿا پيئو؟“ مون کي ذاتي طرح خبر آهي تہ ڪيترا ميگهواڙ وڏن شهرن ۾ نوڪريءَ ۾ آهن. اهي سڀني سان گڏ ٿا کائن پيئن. انهن کي تہ ڇوت جي بيماري ڪونہ ٿي لڳي. مون پنهنجي اسٽاف کي چيو تہ، ”ٻڌائڻ جي مهرباني. چانهن جي ڪوپ ۾ هي چنبڙيل تہ ڪونہ هوندا. مان چانهن ضرور پيئندس. اوهان مان جنهن جي دل مڃي، اهو چانهن پيئي. جنهن جي دل نہ مڃي، اهو نہ پيئي.“ مون پنهنجي اسٽاف کي پُٺ ڏئي ويهي چانهن پيتي.

ٻہ هريجن ڇوڪرا: رتن ۽ هرنام، اسان سان اسڪول ۾ گڏ پڙهندا هئا. ميهر اوڏ تہ

Gul Hayat Institute

منهنجو پيارو دوست آهي. جهڙو گهر جو ياتي هجي. اسان جو ٻارن ٻچين ان سان اٿڻ ويهڻ آهي. جڏهن رتيديري ويندو آهيان ته هن جي ماني ضرور کائيندو آهيان.

## ٿري ٻارن جو موت

ٿر ۾ اڄ ڪلهه هڪ وڏو مسئلو ڳر ڪڍي چڪو آهي. گذريل ٻن ٽن سالن کان پريس/ ميڊيا رپورٽ ڪري رهي آهي ته. ٿر ۾ سياري جي مند ۾ ٻارن جون تمام گهڻي انگ ۾ فوتگيون ٿي رهيون آهن. ڏهاڙي ٽي چار ٻار دم ڏڻيءَ حوالي ڪري رهيا آهن. حڪومت ان ڳالهه جو رد نه ڏئي سگهي آهي ته ڪو ٻار ٿڌا مرن. پر حڪومت پنهنجي پوزيشن ڪي واضح ۽ بچاءَ ڪرڻ لاءِ صرف سبب ٻڌائي رهي آهي ته ٻار ڇو ٿا مرن. ڪڏهن حڪومت چئي ٿي ته هڪ ڏينهن جا چاول ٻار مرن ٿا. ڪڏهن چون ٿا ته ڪچا ٻار ڄمن ٿا. ان ڪري مرن ٿا ۽ ڪاڌ خوراڪ جي کوٽ جي ڪري نه ٿا مرن. جيڪڏهن ڪاڌ خوراڪ جي ڪميءَ جي ڪري مرن ته پوءِ انهن جون مائرون ۽ پيئر ڇو نه ٿا مرن؟ سرڪار ٻارن جي بچاءَ لاءِ وڌيڪ انتظام ڪري رهي آهي. سائين قائم علي شاهه صاحب چيو ته ٿر ۾ حڪومت جي بجيٽ ڊبل ڪئي وئي آهي. جيترو ممڪن آهي، اوترو سرڪاري اسپتالن ۾ مايون ۽ مرد ڊاڪٽر رکيا ويا آهن. اسپتالن جو انتظام NGO's، مثلاً: PPHI، HANDS ڊاڪٽر عبدالغفار ٻلو جي اين جي او ۽ ٻين جي حوالي ڪيو ويو آهي ته جيئن اسپتالن جو انتظام بهتر ڪري سگهجي. معنيٰ حڪومت مڃي ٿي ته انتظام اڻ پورو آهي ۽ صحت کاتو پريشانيءَ جي عالم ۾ ابهرا اپاءَ وٺي رهيو اهي ته شل ڪو ڪتي داءُ لڳي پئي ۽ مسئلو حل ٿئي.

گذريل سالن ۾ جڏهن قحط رپورٽ ٿيو ۽ ٻارن. وڏن ۽ ڍورن جي مرڻ جون ڳالهيون ٿيون ته حڪومت بيحال ٿي وئي. سول سوسائٽي ۽ ميڊيا جتان ڪٿان اٿي پئي ۽ حڪومت تي ڇتي تنقيد شروع ڪري ڏني. ايستائين جو ٿر ۾ حڪومت جي پارٽي ۽ ان جا ايم پي اي، ايم اين اي به بيوس ۽ بيحال نظر آيا. اهي پنهنجي ڪل بچائڻ ۽ لِڪڻ ۾ پورا هئا. اهي ورڪر جيڪي پارٽيءَ جي اختيارن کان ٻهره ور نه پئي ٿيا، انهن ته غير وابسته ۽ اڻ ڏريو ڪردار ادا ڪري حڪومت تي ٿيندڙ تنقيد تي تاڙيون پئي وڄايون. ڳالهه جڏهن حد کان ٽپي وئي ته سنڌ حڪومت بحاليءَ جي وزير جو پورٽ فوليو واپس ورتو ۽ سندس ڀاءُ، جيڪو ٿرپارڪر ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر هيو. ان جو ۽ ڪمشنر ميرپورخاص جو ملازمت مان بدليءَ جو اعلان ڪيو.

مذڪوره وزير صاحب جو والد، جيڪو رولنگ PPPP جو سربراهه هيو ان ڪي بيماريءَ جي حالت ۾ دخل اندازي ڪرڻي پئي ۽ سائين وڏي ڪي پنهنجا پهريان



حڪمناما واپس وٺڻا پيا. ڇو ته وزير صاحب ۽ سندس ڀيو ڀاءُ ڊپٽي ڪمشنر مٺي، سائين مخدوم امين فهيم صاحب جي علاج جي سلسلي ۾ لنڊن ويل هئا. ان اندروني ويڙهه ڪي يا انتظامي مسئلن ڪي سرعام سياسي لڙائيءَ ۾ تبديل نه ٿيڻ گهربو هيو.

حڪومت گهڻائي اعلان ڪيا، اقدام ڪيا، ٿر ڊيولپمينٽ اٿارٽي ناهڻ جو اعلان ڪيو انهن مسئلن ڪي سلجهائڻ لاءِ سائين پير نور محمد شاهه جيلانيءَ جي سربراهيءَ ۾ هڪ وڏي ڪميٽي ناهي، تاج حيدر بنا اختيارن جي اڇي ٿر جي ڏڪار ڪي منهن ڏيڻ لڳو.

جڏهن مسئلو ڪجهه ويهي رهيو ته سرڪار کان سندس ڪيل سڀ واعده ۽ اعلان هميشه جيان وسري ويا. ڪاڏي ويو "ٿر ڊيولپمينٽ اٿارٽي" ته ڪاڏي وئي ڪميٽي.

وري هاڻي جڏهن ان ساڳي ڏائڻ بيماريءَ اچي منهن ڪڍيو آهي ۽ ننڍڙن معصومن جون فوتگيون ٿين پيون ۽ ڪاٿائو جاني هميشه جي طريقي وانگر ان موت تي روزانه جي بنياد تي ڳٽپ شروع ڪئي آهي، ته KTN جي ديڪا ديڪيءَ ۾ سنڌي ۽ اردو چئنلن به اهو ئي ڪم ڪيو آهي، ان ڪري حڪومت وري بيزاري ۽ پريشانيءَ ۾ اچي وئي آهي. پهريون ته سنڌ جو صحت وارو سڄاڻ سيڪريٽري ڊاڪٽر سعيد منگنيجو ننگرپارڪر تائين نڪري ويو. مٺيءَ ۾ به چڪر ڏنائين، انتظام ڏٺائين، جتي ڪيس ڪمي پيشي نظر آئي، ان ڪي درست ڪيائين، پر ناپر نه ٿي. پوءِ سائين ناصر شاهه، ڪاڌ خوراڪ جو وزير به مٺي ويو جنهن لاءِ مشهور آهي ته اهو حڪومت جو اڄ ڪلهه مسئلن ڪي منهن ڏيڻ وارو، ڪلٽو ملٽو وزير آهي. اهو آيو هن اها تجويز ڏني ته ڪاڌ خوراڪ جو ڪو فقدان ڪونهي. مٿان سندس سفارش تي سائين قائم علي شاهه اهو اعلان ڪيو ته ٿر ۾ ڪڻڪ مفت ورهائجي، وري اها به ڳالهه اڳي وانگر زور پئي وٺندي وڃي ته ڊي سيءَ ڏڪار جي حالت رپورٽ نه ڪئي آهي. حساس شخصيت شفيق مهيسر، ڪمشنر ميرپورخاص پريس جي آڏو سندس روبرو الزام لڳايو.

اهڙو مڪينزم هئڻ گهرجي، جيڪو ڏڪار جي حالت ۾ خود به خود ايڪشن ۾ اچي! جيڪي ڊي سيءَ جا اڳوڻا پاور هئا رليف ۽ ايمرجنسيءَ وارا، اهي revive ڇو نه ٿا ڪيا وڃن. ان حالات ۾ ته ڊي سي ڪي اختيار هئا ته بنا اهڙي سرڪار جي اجازت جي جيترو چاهي خرچ ڪري سگهندو هيو. خدا جي واسطي ڪو اهڙو مڪينزم ناهيو وڃي. ڇو ته ٿر جو ڏڪار هڪ ڏينهن جي ڳالهه نه آهي، نه ئي هڪ سال جي ڳالهه آهي. هي هڪ مستقل مسئلو آهي، ان جو حل مسئلي اندر هئڻ گهرجي.

Gul Hayat Institute

## گرم مصالحي جو خاندان

ٿر جون ريتون رسمون ۽ روايتون بہ عجيب آهن. مثلاً: اُٺ تي بہ چڙھا، مرد ۽ عورت سوار آهن تہ ڏسڻ واري کي خبر پوندي تہ مرد سان ويٺل عورت ان جي زال آهي يا نہ. مرد سوار جي پويان ويٺل عورت ان جي زال ئي هوندي، پر سوار جي اڳيان جيڪڏهن عورت هوندي تہ اها سوار جي زال کان سواءِ ٻيو ڪا بہ رشتيدار هوندي.

عورت کي جيڪڏهن صرف ٺونٺ کان هيٺ چوڙا پيل هجن تہ ڪنواري ڇوڪري هوندي. جيڪڏهن چوڙا ٺونٺ کان هيٺ ۽ مٿي بہ هجن، تہ اها عورت شادي شده هوندي پر جيڪڏهن عورت کي ٻنهي ويٽين ۾ بہ سفيد چوڙيون پيل هجن، تہ اها رن زال هوندي.

گهر جي وڏي کي گهر جون عورتون توڙي مرد نالي سان نہ سڏين، نہ ئي سندس نالو زبان تي آڻين. اسان جي دوست ڪرشن شرما جي والد جو نالو 'مِرچُو' آهي. هُو گهر جو وڏو آهي، تنهن ڪري گهر ۾ 'مرچ' کي 'تِڪي' چون. جيڪڏهن ڪنهن کي ڳاڙهو مرچ گهربل هوندو تہ چوندو تہ 'ڳاڙهي تِڪي' گهرجي يا 'سائي تکي' يا 'ڪاري تکي' گهرجي. ٻيو ماڻهو وينو سوچي تہ اها تکي ڇا آهي. ڪرشن شرما جي ٻين چاچن جا نالا آهن: ڦوٽو ۽ لونگ. پاڙي وارا کين چون ٿي "گرم مصالحي جو خاندان".

## ٿر ۾ اين. جي. اوز (Non Governmental Organizations)

اين. جي. اوز کي ڪنهن دور ۾ رضاڪار تنظيمون چيو ويندو هيو جن ۾ ڪنهن بہ پگهار جو تصور ڪونہ هوندو هيو. هر ڪو بنا اُجوري جي محنت ڪندو هيو ۽ مدد ڪندو هيو. مسلمان انگريزن جي وقت ۾ انگريزي تعليم کان اڻ واقف هيا. تنهن ڪري انهن رضاڪارانا ڪمن ۾ گهٽ حصو ورتو. تمام ٿورا مسلمان نيڪ مرد هئا، جيڪي ٿورا گهڻا ڀلائيءَ جا ڪم ڪندا هئا، جن ۾ اسڪول کولڻ ۾ مدد ڪرڻ، اسپتالون ۽ ڊسپنري کولڻ وغيره. سنڌ مدرسة الاسلام ان جو هڪ ڪلاسيڪل مثال آهي، جيڪو حسن علي آفنديءَ کوليو هيو ۽ ٻين مسلمانن هن جي مدد ڪئي هئي. خيرپور اسٽيٽ بہ هڪ هاسٽل ٺهرائي ڏني، نور محمد هاءِ اسڪول، نوشهروفيروز اسڪول، ٽنڊو باگو هاءِ اسڪول ۽ ٻيا ڪجھ ادارا پڻ ٺهرايا ويا، جن سنڌ ۾ جاڳرتا، سوجهرو ۽ سجاڳي پيدا ڪئي. انهن ادارن پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ انهن کي هلائڻ لاءِ پڙهيل لکيل نوجوان مهيا ڪيا. هاڻي ڪجھ سالن کان پوءِ اهو تصور ئي بدلجي ويو آهي. رضاڪارن جي بدران، غير سرڪاري تنظيمون (NGO) ميدان تي اچي ويون آهن. انهن جا سربراهہ تنخواهہ دار ۽ ٻيو عملو بہ تنخواهہ دار ملازم آهي، جيڪو بہ ادارو ڪو خاص ڪم ڪرڻ لاءِ پئسا ڏئي ٿو اهو پنهنجي مقصدن لاءِ ائين ٿو ڪري، ۽ جيڪي رجسٽرڊ NGOs آهن، انهن ۾ پگهارن ۽ ٻين



خرچن جو بہ حصو رکن ٿا. اڄ ڪلهہ رضاڪارانا ڪمن جو نہ پر NGOs/ غير سرڪاري ادارن جو دؤر آهي.

جڏهن مون ٿر ۾ پير رکيو تہ نالي ماتر غير سرڪاري تنظيمون هيون. انهن مان ٻانهن ٻيليءَ جو وڏو نالو هيو. هڪ تہ اهو پڪو سنڌي نالو هيو جيڪو ان جو مالڪ يا ڪرتا ڌرتا جاويد جبار هيو. جيڪو پڻ وڏي نالي وارو هيو. 1985ع جي اليڪشن جي نتيجي ۾ سينيٽر بہ ٿيو هيو ۽ وزير بہ ٿيو هيو. ڊان گروپ جي حسين هارون ۽ حميد هارون پاڻان سندس مدد ڪئي، جنهن سان سينيٽر چونڊجي ويو. 1988ع ۾ پ پ ۾ شامل ٿيو ۽ پ پ جو وزير برائي اطلاعات و نشريات ٿيو پر ان حڪومت جي عمر صرف ويهہ مهينا هئي.

ان کان علاوه سيوَ دي چلڊرين فنڊ، سگا (SGA)، ٿر ويلفيئر ڪائونسل، ڊٿ (جيڪا پوءِ ٺهي منهنجي دؤر ۾)، ساڳي نموني سيني اين جي اوز جي هڪ گڏيل باڊي 'ماروئڙا ٿرپارڪر ايرڊ ريجن ڪوآرڊينيشن ڪائونسل' ٺهي. 'ماروئڙا' ٺهرائڻ جي سلسلي ۾ شروعات جاويد جبار صاحب ڪئي، پر جيڪڏهن منهنجون ڪوششون ان ۾ شامل نہ هجن ها تہ اها نہ ٺهي ها. ڇو تہ مقامي سطح تي ان جي مخالفت ٿي رهي هئي. ڪين خدشو هيو تہ جاويد جبار صاحب ان کي اغوا نہ ڪري وڃي. منهنجي گارنٽيءَ تي سڀ اتي ويٺا ۽ ماروئڙا ناهيائون ۽ ان جو پهريون صدر، سگا جي ولي محمد روشن کي چونڊيو ويو. پر الائي ڇو ٻانهن ٻيليءَ ان تنظيم ۾ وڌيڪ دلچسپي نہ ورتي ۽ تنظيم ڍري ٿي وئي. مون کي خوشي آهي، جو ماروئڙا جي پهرين گڏجاڻيءَ جي صدارت مون ڪئي هئي، ان ڏينهن مان ڊي سيءَ جي چارج ڇڏي چڪو هئس، پر اهو منهنجي لاءِ اعزاز هيو تہ سيني تنظيمن جي گڏيل گذارش تي مون ان جي صدارت ڪئي هئي. ماروئڙا اڄ بہ هلي رهي آهي، پر گهڻي فعال نہ آهي. ساڳيءَ طرح سگا بہ ٿر ۾ ايترو فعال نہ رهي آهي. ڊٿ (District Development Association Tharparkar- DDAT) بہ منهنجي سرپرستيءَ ۾ ڪرشن شرما ٺاهي. ان وقت تہ ان جي شروعات هئي، پر ڪرشن شرما هٽي وڃي هنڌ ڪيو آهي. هن وقت ڊٿ DDAT ٿر جي فعال ترين تنظيمن مان هڪ آهي. ڪرشن شرما REAT سان بہ واسطا ناهيا آهن، جنهن جي توسط سان نہ صرف ٿر، پر چئني صوبن ۽ اسلام آباد ۾ بہ ڪم ڪري رهيو آهي.

سيو دي چلڊرين فنڊ تنظيم (Save the Children Fund-UK) بہ ٿر خالي ڪري وئي. ان جو هيڊڪوارٽر اسلام ڪوٽ هيو ۽ ان جو چڱو مڙس جان بيوڪلرڪ هيو. برطانوي گورو هيو پر هيو ڏاڍو ڏنگو. جڏهن بہ مون وٽ اچي، تہ مون سان جهيڙو ڪري ويندو هيو. جڻ پاڪستان تي اڃا بہ راڻيءَ جي حڪومت هجي، پر پوءِ گوري جو علاج ڪيم تہ منهنجو دوست ٿي ويو.

Gul Hayat Institute

لاڳاپيل حڪومت جي فيصلي پٽاندڙ هنن پنهنجي تنظيم کي اتان ختم ڪيو ۽ ان تنظيم جي ملازمن پوءِ هڪ مقامي تنظيم ٽرڊيپ ناهي، ساڳئي پروگرام کي جاري رکيو. اٿين هن ٽرڊيپ تنظيم پراڻي تنظيم جي ڪُک مان جنم ورتو. ٿوري ئي وقت ۾ ٽر سيمينار کان پوءِ اها تنظيم اڳتي نڪري آئي. ٽر سيمينار بعد ٽر جي وڏي مشهوري ٿي. ان جا مسئلا ۽ معدنيات سامهون آئي. اٿين هر ڪنهن جو توجهه ٽر ڏانهن ڇڪجي آيو. اها سنڌ سرڪار هجي، وفاقي حڪومت هجي يا ڏيهي ۽ پرڏيهي ڊونرس هجن. انهن ٽر ۾ سيڙپ ڪاري ڪرڻ چاهي. ڀانهن ڀيليءَ کي ته فنڊ مليا پئي، پر ٽرڊيپ ڀانهن ڀيليءَ جي متبادل ۽ اصلي ٽر جي نمائنده تنظيم ٿي اُڀري. جو ته ان تنظيم جو نالو به مقامي هيو ۽ ان جو چيف ايگزيڪيوٽو ڊاڪٽر سونو به مقامي ماڻهو هيو ۽ عملدارن جي به اڪثريت ٿري سنڌين جي هئي ۽ ان جو بنياد به ٽر ۾ رکيل هيو. تنهن ڪري ڊونرس کي اها تنظيم وڌيڪ قابلِ قبول هئي. ڊاڪٽر سونو کنگهاراڻي، ٽر جو رهاڪو ويٽرنري ڊاڪٽريءَ جي ڊگري ورتل، مزاجن چلتو پرزو هيو. ٽرڊيپ ۾ اڪثر سنڌس قوم مينگهواڙ قبيلي جا ماڻهو هن نوڪرين تي رکيا. انهن ڊاڪٽر سوني سان ڀرپور تعاون ڪيو.

## ڊِٽ (DDAT)

ڊِٽ (DDAT) اڄا هاڻي مس جائي هئي، ۽ ساهه کڻي رهي هئي. ڪرشن شرما جي زندگيءَ ۾ به لوڏا اچي ويا. هو انڊيا ويو اتي شادي ڪيائين. پار جاوس. سنڌس نياڻي هاڻي دبئيءَ ۾ رهي ٿي. پاڻ جڏهن هت موٽيو ته ڪيس ڳجها ادارا پڇا ڳاڇا لاءِ ساڻ وٺي ويا ۽ ڏکو عرصو پاڻ وٽ رکيائون ۽ حال احوال ڪيائون. تنهن کان پوءِ وڃي ڪيس مُڪتي ملي.

ڪرشن اڳي کان اڳرو آهي. سڄو ڏينهن ٿو هلي، سفر ڪري، نت نراليون تنظيمن سان ٿو اُٺي ويهي، ۽ مغزماري ڪري ٻئي پاسي يارن دوستن سان به نڀائي. دعا آهي ته هن ۾ اڄا سگهه اچي، ۽ ٽر، سنڌ ۽ پاڪستان جي وڌيڪ خدمت ڪندو رهي.

## ٽر، ڀانهن ڀيلي ۽ جاويد جبار

ڀانهن ڀيلي جا وڏا ٻڙ بنياد آهن. مون کي خبر ناهي ته جاويد جبار صاحب پاڻ ڇو پوپان پير ڪري ويو آهي. 3-1992ع ۾ ان تنظيم جو عروج هيو. ڪافي فنڊنگ ٽر لاءِ آڻيندو هيو. ٻئي ٽئين مهيني وڏي ٽيم وٺي ايندو هيو. جنهن ۾ هن ڪراچيءَ جي مردن توڙي عورتن کي سنڌ جا وستيون واهڻ ڏيکاريا. جنهن سبب سنڌن دل ۾ سنڌي ماڻهن کان جيڪو ڊپ ڊاءُ هيو اُهو ختم ٿيو ۽ ڪين آماده ڪيو ته اهي به سنڌ ۽ ٽر جي خدمت ڪن. جاويد صاحب جي وڏي ٽيم ۾ پاڻ، حسين بخش ڪولاچي، يونس بنڌاڻي، نهال هاشمي



(جيڪو هينئر سينيٽر آهي)، عذرا بابر، جيڪا تنظيم جي سيڪريٽري هئي ۽ سٺي تعليمدان، ليکڪ، شاعره ۽ ڊرامه نگار هئي. جاويد جبار جي ڌيءَ مهرين جبار، جيڪا پڻ ليکڪ، فلم ۽ ڊرامه ڊائريڪٽر آهي. نيوبارڪ ۽ ڪراچيءَ ۾ رهي ٿي. ريحانه رشيد ليکڪا هئي، نيلوفر، سوشل ورڪر ۽ ٻيو وڏو لڏو هيو اهي سڀ جاويد صاحب سميت dedicated ورڪر هئا. ڏينهن جا ڏينهن اچي مٺي ۽ خاص طور ننگرپارڪر ۾ گرميءَ سرديءَ ۾ رهي پوندا هئا، پر سنڌن سيٽ اپ اهڙو نه هيو جهڙو ٽرڊيپ جو. ڀانهن ڀيليءَ جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ننگر ۾ نه رهندو هيو. نه شروع ۾ سنڌن اتي ڪو مستقل هيڊ ڪوارٽر هيو. پوءِ ضلعي ڪائونسل کان هڪ بلڊنگ مسواڙ تي وٺي ان کي رهڻ ۽ آفيس جهڙو ڪيائون. منهنجي سڀني سان ويجهڙائپ رهي، پر عذرا بابر، چلولي هئڻ ڪري ان سان گپ شپ جو مزو ئي ٻيو هيو. هوءَ شاعره، ليکڪا، سٺي مزاح جو حس رکندڙ ڳالهائڻ جي برجستي، بنا رک رکاءَ جي ڳالهائيندي هئي. اخلاق جي مضبوط ڪنهن به قسم جو جهول نه. 1994ع ۾ نويد ڪلينڪ ڪراچيءَ ۾ منهنجو piles جو آپريشن ٿيو هيو. هوءَ اچي ڪلاڪن جا ڪلاڪ مون سان ويهندي ۽ گپ شپ ڪندي هئي. منهنجو ٻئي ڏيئر به سنڌس دوست ٿي ويون.

## مان توسان شادي ڪنديس...!

هڪ ڏينهن چوڻ لڳي، ته مان توسان شادي ڪنديس. مان پنهنجي والدين کي به ٻڌائي ڇڏيو آهي.

مون چيو هيومانس ته پاڻ کي به ڏس ۽ مونکي به ڏس. جڏهن اسان بطور زال مڙس گڏ گهمنداسون ته ماڻهو چوندا، هُو ڏسو پيءُ ۽ ڌيءَ ٿا وڃن. تون منهنجي ڌيءَ جي عمر جي آهين!

پوءِ به ان دعوي تان هٿ نه کنيائين. مون کي مسلسل ٿي سال چوندي رهي ته ”مون سان شادي ڪر.“ مان ڪيس سخت لفظ چئي ان ڳالهه تان هٿ کڻائڻ جي ڪوشش ڪئي. پهريان ته مون سمجهيو ته مذاق ٿي ڪري، پر پوءِ مون کي احساس ٿيو ته هوءَ ان ڳالهه ۾ سنجيده هئي.

جنهن ڏينهن منهنجي شادي ڪرل فيمليءَ ۾ طئي ٿي، ان ڏينهن کان پوءِ مون سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ بند ڪري ڇڏيائين. ڪنهن فنڪشن ۾ جيڪڏهن سامهون اچي ويندي هئي، ته رستو مٽائي ويندي هئي يا پوئين پير نڪري ويندي هئي.

سنڌس دوست هما نواب (ڊرامه ايڪٽر) ملي، ان ٻڌايو ته هوسٽن، آمريڪا ۾ ٿي رهي. شادي ڪئي اٿائين. ٻئي زال مڙس ’هماليه ريسٽورنٽ‘ ٿا هلائين.

Gul Hayat Institute

## مان ايوارڊ لائق ناهيان...!

1998ع ۾ مان ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر سنڌ هئس. منهنجو هيڊ ڪوارٽر ڪراچيءَ ۾ هيو. ٻانهن ٻيليءَ جي اهم ماڻهو يونس ٻنڌاڻي، منهنجي آفيس ۾ آيو ۽ مون کي فنڪشن جي دعوت ڏئي ويو. مان ان فنڪشن ۾ ويس.

ٿر ۽ ميرپورخاص جا جهجها ماڻهو هئا. گورنر سنڌ جنرل معين الدين حيدر صدارت پئي ڪئي. آواري ٽاورس هوٽل ۾ فنڪشن هيو. جن ماڻهن ٿر جي خدمت ڪئي هئي، انهن کي مڃتا ايوارڊ ڏيڻ جو پروگرام هيو. موجوده ڪمشنر ڪان وٺي پٽيوالي تائين ۽ ٻين اين جي اوز کي به ايوارڊ ڏنائون. عذرا بابر پروگرام هلايو پئي. مونکي ايوارڊ ته نه ڏنائون، پر جاويد جبار ٿر جي خدمتن جي حوالي سان منهنجو ذڪر به نه ڪيو. نهال هاشميءَ منهنجي ڀرپور تعريف ڪئي. مون پوءِ ٻڌو ته نهال هاشميءَ جاويد جبار سان ٺيڪ ٺاڪ جهيڙو ڪيو. مونکي سمجهه ۾ نه آيو ته جيڪڏهن مون کي نظرانداز ئي ڪرڻو هيو ته پوءِ يونس ٻنڌاڻي مون کي دعوت ڏيڻ ڇو آيو هيو.

*

جاويد جبار صاحب جي ٻانهن ٻيليءَ کي ٿر ۾ سنڌس اين جي اوز ۾ مخالف ڏاڍي حسد ۽ پٺ ۾ پيير ڪوڙڻ نه ڏنو. هر طرح سان هن جي ذات تي حملا ڪندا رهيا ۽ ڪليل ۽ ڳجهي مخالفت به ڪندا رهيا. حالانڪ مونکي ذاتي طرح خبر آهي ته ڪي همراهه ته ٻانهن ٻيليءَ ۾ نوڪري به ڪندا هئا، ته جاويد جبار کان ذاتي فائده به وٺندا رهيا ۽ سندس گلائون به ڪندا رهيا.

هڪڙو سياسي ڌڙو به سندس مخالف هيو. جنهن کي خدشو هيو ته متان هٿ پيير ڄمائي وڃي ۽ سياسي طرح سندن مخالفت ۾ اليڪشن ۾ بيهي.

مان سمجهان ٿو ته اهي سڀ ڳالهيون غلط هيون. هن کي جيڪي سينيٽر جي حيثيت ۾ فنڊ مليا، ته اهي به هن ٿر ۾ خرچ ڪيا. ٿر جي مسئلن ۾ هن وقت سندس دلچسپي نه وٺڻ ٿر جي بدنصيبي آهي. مان ڀانيان ٿو ته عمر ۽ صحت به سندس ڪم ۾ رڪاوٽ بڻي آهي. پر ان جي باوجود هن ۾ ايترو عقل ۽ فهم آهي، جو هو ڪوبه پروجيڪٽ هتي هلائي سگهي ٿو. پر لڳي ٿو ته هو ٿر کان نااميد ٿي ويو آهي، يا هو ائين ٿو سمجهي ته ٿر گهربل ترقي ڪري ويو آهي، ان ڪي هاڻي سندس ضرورت نه رهي آهي.

مان هن کي انهن سڀني ڳالهين کان مٿانهون ۽ مختلف ٿو سمجهان. هي ماڻهو للڪارن کي مُنهن ڏيڻ وارو آهي. هن ڪڏهن به شڪست نه مڃي آهي. هن هڪ پارٽيءَ ۽ هڪ ليڊر جي ڪڌ زندگي نه گذاري آهي، ڪيترا ڀيرا وزير ۽ اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو آهي ۽ ڪيترا ڀيرا اهم عهدن تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي اٿائين. هن آخري استعيفا جنرل



مشرف جي وزارت تان ڏني. هن وقت ڪيترين اين. جي. اوز جو چيئرمئن آهي.

هن جي گهرواري ماشاءَ الله پختو ڄمار ۾ به گريس فُل آهي، جوانيءَ ۾ جاويد صاحب ان سان شادي ڪرڻ پئي چاهي، شرط اهو وڌو ويو ته جاويد جبار صاحب جيڪڏهن CSP ٿيندو ته سندس شادي ٿيندي. هو CSS جي امتحان ۾ وينو ۽ ٽاپ ڪيائين. پاپي شبنم جي والدين جو شرط پورو ٿيو ۽ جاويد جبار ڪامياب ٿي ويو. پر هو تخليق ڪار هيو، ’بابُو‘ نه هيو، هو CSP آفيسر نه ٿيو ۽ ميڊيا جي دنيا ۾ اچي ويو. ايم اين جي ڪميونيڪيشن جي نالي سان ايڊورٽائيزنگ جو ادارو کوليائين، جنهن جي سربراهه هينئر سندس گهرواري شبنم آهي.

هيءُ اڃان نوجوان هيو ته پاڪستان ۾ انگريزي فلم Beyond the last Mountain ۽ ’مسافر‘ جي نالي سان اردوءَ ۾ فلم ٺاهيائين. ڪيترا آرٽيڪل لکيائين. سندس ڪيترا ڪتاب آيا، پاڻ ٻانهن ٻيليءَ جي سربراهي (سرواڻي)، پئسن لاءِ نه، پر غريب غربي جا ڳوڙها اگهڻ لاءِ ڪيائين.

سندس خانداني پس منظر جي مون کي خبر ڪونهي، ته وڏا پيسي وارا هئا يا نه. پر هن پنهنجي زندگي پاڻ ٺاهي آهي. هن جي ٻنهي ٻارن، مهرين جبار ۽ ڪمال جبار به پنهنجي زندگي پاڻ ٺاهي آهي. هينئر مهرين فلم ميڪر آهي ۽ ڪمال بيريسٽر آهي.

جاويد جبار صاحب جو آخري ڪتاب Pathways منهنجي هٿن ۾ آهي. هي ڪتاب 2015ع ۾ ڇپيو آهي. هن ڪتاب ۾ پاڪستان، هندوستان ۽ پاڪستان جا تعلقات، ميڊيا، ڪتابن تي لکيل تبصرا ۽ ٻيا انيڪ موضوع آهن. جاويد لکڻ پڙهڻ جو ڪوڏيو آهي. پئسو سندس مجبوري يا ڪمزوري ڪونهي رهيو. پئسا جمع ڪرڻ وارا ماڻهو لکڻ پڙهڻ جي ڏنڌن تي وقت ناهن وڃائيندا.

## ٿر سيمينار

جنوري 1992ع جي آخر ۾ مون ڊسٽرڪٽ ٿر ائٽ مٺيءَ جي ڊپٽي ڪمشنر طور چارج سنڀالي. پهريون ڊپٽي ڪمشنر در محمد پٺي صاحب هيو. ٿر جو ضلعو پراڻي ٿرپارڪر مان ڪٽي، ان کي عليحده ضلعي جي حيثيت ڊسمبر 1990ع کان ڏني وئي. ان جو نالو ٿر رکي، ان جو هيڊڪوارٽر مٺي مقرر ڪيو ويو. هي اها ئي ايراضي هئي، جيڪا ڊيزرٽ ڊويزن جي نالي سان سڏبي هئي، جنهن ۾ ان سب ڊويزن جو هيڊڪوارٽر مٺي هيو ۽ ان ۾ چار تعلقا شامل هئا. انهن تعلقن جا نالا آهن: مٺي، ڏيپلو، ڇاڇرو ۽ ننگرپارڪر. هاڻي (2016ع ۾) ٿي وڏيڪ تعلقا: اسلام ڪوٽ، ڏاهلي ۽ ڪلوئي ٺاهيا ويا آهن ۽ ست تعلقا سب ڊويزنون به آهن. سواءِ ٿورن ٽڪرن جي باقي سڄي ايراضي ٿر ۽ ريگستان تي

Gul Hayat Institute

مشتمل آهي. ڇاڇري جي سب ڊويزن ننگرپارڪر ۽ ڇاڇري تعلقن تي قائم هئي. سرڪار جي نئين ضلعي ٺاهڻ جي قدم تي تنقيد به ٿي. پر آخر وقت ثابت ڪيو ته اهو وقتائتو قدم هيو ۽ ان جي ڪري ٿر جي ترقيءَ جون راهون کليون پيون ۽ ماڻهن جي مسئلن جي حل ۽ درد جو درمان سندن چانئٺ جي ويجهو ڪين ملي ويو.

ٿر جو ضلعو به هاڻي ٻين ضلعن وانگر هڪ ضلعو ڪونجڻ لڳو. جيڪا اهميت ٻين ضلعن کي هئي. اها ئي ضلعي واري حيثيت ٿر جي به ڇٽڪ ۾ اچڻ لڳي.

مون جڏهن ضلعي نهڻ کانپوءِ پئي ڊي سيءَ جي چارج ورتي ته محسوس ڪيو ته جيڪي بنيادي شيون ضلعي کي هئڻ گهرجن، انهن جي کوٽ هئي. مثال طور: ٻين ضلعي آفيسرن جون آفيسون ڪونه هيون. ضلعي ڪورٽ قائم ڪونه ٿي هئي. ڊي سي ۽ ايس پي جا گهر ۽ آفيسون ڪونه هيون. انفرا اسٽرڪچر جي ضرورت هئي. هر ڪنهن شايد ائين سمجهيو هيو ته ضلعي نهڻ سان هر شيءِ پنهنجو پاڻ اچي ويندي، پر ائين نه ٿيندو آهي. ماءُ به ٻار کي روئڻ کان سواءِ کير نه پياريندي آهي. اهو روئڻ جو ڪم مون اچي ڪيو. سرڪاري سطح تي به ته سياسي سطح تي به. سرڪار کي هر لکي موڪليو ته اسان جون ڪهڙيون ضرورتون آهن. ايم اين اي ۽ ايم پي ايز کي به خط هٿ ۾ ڏئي ڪين گذارش ڪئي ته چيف منسٽر صاحب ۽ افسرشاهي کي چئو ته ٿر ۾ انتظامي انفرا اسٽرڪچر قائم ڪرائين.

مون کي خوشي آهي ته ضلعي ڪورٽون جلد قائم ٿي ويون ۽ ٻيون آفيسون به اچڻ شروع ٿيون. 93_1992ع جي ADP ۾ ڊي سي آفيس ۽ گهر، ايس پي آفيس ۽ گهر سرڪٽ هائوس ۽ ٻيا روينيو جا دفتر ۽ گهر پڻ منظور ٿيا ۽ نهڻ شروع ٿيا.

مون چارج وٺڻ جي پهرين ڏينهن کان ڪم شروع ڪيو ته اهو ڪم ڪجي، جنهن جي ڪري هڪ ته ٿر جو قائم ٿيل ضلعو سرڪار واپس نه وٺي، ٻيو عوام ۽ انتظاميا جو سنڌ سطح تي توجه ڇڪائجي ته ٿر تمام غريب ضلعو آهي. جتي سنڌ جي ٻين علائقن جي مقابلي ۾ سهولتن جي وڏي اڻاٺ آهي. ماڻهو هت عام ماڻهن واري نه پر غربت کان هيٺين سطح واري زندگي گذاري رهيا آهن. جنهن کي بهتر ڪرڻ لاءِ سرڪار کي جيترو توجه ڏيڻ گهرجي، اهو پاڪستان نهڻ جي 45 سالن کان پوءِ به نه مليو آهي. ماڻهن جي زندگيءَ جي سطح هيناهين ليول کان به هيناهين آهي. ان لاءِ عوام ۽ اخلاقي دٻاءُ ميڊيا معرفت ۽ دانشورن جي توسط سان آندو وڃي. ان کان علاوه دنيا کي اهو به ٻڌايو وڃي ته ٿر پنهنجي ثقافتي، تاريخي، آرڪيالاجي، ادب ۽ لوڪ ورثي جي حوالي سان ڏاڍو شاهوڪار آهي. هتي جا مرد توڙي عورتون محنتي، هنرمند، سچار ۽ وفادار آهن. هنن تي ڪو به فرض ۽ ذميواري رکي وڃي ته هو پنهنجو سر ڏئي به سرانجام ڏيندا.



ٿر کان ٻاهر رهندڙ سنڌي ماڻهو توڙي غير سنڌي، ٿر جي صورتحال کان واقف ڪونه هئا. بلڪ انهن ۾ ٿر لاءِ عجيب وسوسا ۽ غلط فهميون هيون. ڪن ته ٿر جي ماڻهن کي پاڪستان جو دشمن ۽ غدار ۽ هندن ۽ هندستان جو ايجنٽ پئي سمجهيو. حقيقت ائين ڪڏهن به نه هئي ۽ نه آهي. پر ان سوچ جي ڪري هميشه ٿر کي نظرانداز ڪيو ويو.

اصل ڳالهه اها آهي ته ان سوچ ان انداز کي ڪير بدلي. مون وٽ ان جو حل اهو هيو ته، سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهريان عالم، اديب، دانشور، عقلمند ۽ ڏاها ماڻهو گڏ ڪجن. ان سان گڏ ڇاڪاڻ ته هي اخبارن ۽ ميڊيا جو دور آهي. سو اخبارن ۾ لکڻ وارن ڪرن ماڻهن کي به موقعو فراهم ڪجي ته پاڻ پنهنجي اکين سان ٿر ڏسن. ٿري ماڻهن سان ملن، سندن حالت، اخلاق ۽ عادتون پرکن ته هو ڏنگا مڙس آهن يا سچار ۽ سڌا آهن. حقيقت ۾ ته اڪثر ٿرين جي زندگي ته بد کان به بدتر ۽ جانورن کان به بچڙي آهي، ۽ خراب گذري رهي آهي.

پنهنجي پرِ ۾ مون مرض به سڃاتو ۽ مرض جي علاج جي به خبر پئي، پر اهو مهانگو ۽ ڏکيو علاج ڪري ڪير؟ جي ڪجي به ته ڪيئن ڪجي؟

ان جو علاج اسان جا ماڻهو پاڻ ئي ڪندا، انهن مان ئي ڳولهي ڪيڏو هيو اهڙن ماڻهن کي. سو مون سوچيو ته، ماڻهن کي ٻاهران هٿ، ٿر تي ڳالهائڻ لاءِ ۽ ٿر گهمائڻ لاءِ ٿر ڏيکارڻ لاءِ آڻجي.

ايترا وسيلا ڪٿان آڻجن؟ سرڪار ته اسان جي ”عياشي“ لاءِ مدد ڪونه ڪندي، ۽ پنهنجي مڙسي پاڻ ڪرڻي پوندي. ’پنيور سيمينار‘ ۽ ’وتايو فقير سيمينار‘ جو تجربو منهنجي سامهون هيو. پر انهن ٻنهي سيمينارز جا مقصد محدود هئا، پر هت ته پوري ٿر جي حالت سڌارڻ جو معاملو هيو. انهن کي چار ڏينهن رهائڻ، کاڌ خوراڪ، گهمڻ لاءِ گاڏيون گهربل هيون.

مان چارج وٺڻ جي پهرئين ڏينهن ئي اهڙن ماڻهن جي تلاش ڪرڻ شروع ڪئي، جيڪي ٿر ۾ ايندڙ مهمانن لاءِ وسيلا مهيا ڪن. انهن جي ۽ اسان جي مدد ڪن. مهمانن کي ماني ٽڪي ڪارائين، رهائين، گهمائين، گاڏيون فراهم ڪن. انهن سان ڳالهائين، ۽ ٿر جي وڪالت ڪن.

ائين شروع ۾ ئي مون هڪ ننڍي ٽيم ٺاهي ورتي. انهن سان اسان جون مختصر غير رسمي گڏجاڻيون هلنديون رهيون. پروگرام جو خاڪو ٺهندو ويو. جولاءِ آگسٽ ۾ ٽن سالن کان پوءِ ٿر ۾ بارش به پئي. ماڻهن مون کي گهر ۽ آفيس تي مبارڪون ڏنيون. ته اسان ٿر وارا ان آفيسر کي سڀاڳو سمجهندا آهيون. جنهن جي ايام ڪاريءَ ۾ ٿر ۾ برسات پوندي آهي. مان خوش ٿي ويس. ٿر سيمينار لاءِ راهه هموار ٿي رهي هئي. برسات جي

Gul Hayat Institute

ڪري آبادي بہ ٿي ۽ برپٽ بہ سائو ٿيو. ٿر کان ٻاهر بيراج ايراضيءَ ۾ ويل مال ۽ ماڻهو موٽڻ شروع ٿي ويا هئا. جيڪي ٿري هتي ٿر ۾ هئا، انهن جي منهن تي سرهاڻ ۽ مرڪ هئي. ڄڻ بارش سڀني جا منهن ۽ دليون ڌوئي صاف ڪري ڇڏيون هيون.

مان اڳ ۾ بہ ڪٿي لکي آيو آهيان تہ مٺيءَ ۾ صرف بہ فون ڊائريڪٽ ڊائلنگ تي هونديون هيون. هڪ مون وٽ ۽ ٻي هئي ايس پيءَ وٽ.

## بارش!

10 بجي پي اي هليو ويندو هيو تہ فون جي لائين مون ڏانهن سڌي هوندي هئي. هڪ رات مان ستو مس هوس تہ فون جي گهنٽي وڄي. ڪچي ننڊ مان سجاڳ ٿيس. هيلو ڪيم، هوڏانهن آواز آيو: ”ٿر ۾ بارش پئي آهي؟“ مون کي ڪاوڙ ڏاڍي آئي. پڇيم: ”ڪير آهين؟ ڪٿان ٿو ڳالهائين؟“ چيائين خميسو آهيان، سکر مان ٿو ڳالهايان.“ چيم: ”صبح نہ ٿي ها ڇا، هن وقت منهنجي ننڊ ڦٽائي ٿئي.“ چيائين: ”سائين هاڻي منهنجو صاحب ننڊ پيو آهي. صبح جو اٿندو تہ فون ڪرڻ نہ ڏيندو.“ مسڪرايم، دل ۾ چيم تہ ان جي سزا مون کي ڏنئي.

پر پوءِ ان ’سزا‘ جو عادي ٿي ويس. تان تہ جيستائين ٻاهر ڪم ڪندڙ ٿرين کي پڪ ٿي وئي تہ ٿر ۾ واقعي برسات پئي آهي.

## ٿر سيمينار

آگسٽ 1992ع ۾ ٿر سيمينار جي پهرين رسمي ميٽنگ گهرائي. دوستن سان حال احوال ونڊيم. کين ٻڌايم تہ ٿر تي سيمينار ڪرائڻو آهي. ان جا مول متا ڇا هوندا. ڪيترا مهمان هوندا. ڪهڙا ڪهڙا مهمان هوندا. مون جيڪو خاڪو ٺاهيو هيو ان تي سنڌن صلاحون ورتيون. وري ٻين ٽڪڙين ٽڪڙين ميٽنگن ۾ سڄو خاڪو مڪمل ٿي ويو. ڪمشنر حيدرآباد محترم اسلم سنجراڻيءَ کي بريف ڪري آيس. هن بہ تجويز کي ساراهيو. ايم اين اي ۽ ايم پي ايز کي لنچ تي گهرايم ۽ کين بہ ٻڌايم. سنڌن صلاحون ۽ تجويزون حاصل ٿيون.

هڪ ڪراچيءَ ۽ هڪ حيدرآباد جو دورو ڪيو. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ هم خيال دوستن سان ويچار ونڊيا. هنن خاص طور ٿر جي دوري جي سوچ جي تعريف ڪئي.

ڪراچيءَ ۾ خدا بخش ابڙو ۽ عطيہ دائود وڏي ذميواري کنئي. نثار ميمڻ، ريڊيو وارو بہ اڳي کان اڳرو هيو.

شيخ اياز سان بہ مليس. کيس ٿر اچڻ جي ۽ سيمينار جي صدارت ڪرڻ جي دعوت ڏني. پر پنهنجي صحت جي ڪري گهڻو اچ وڃ کان مجبور هيو. طئي اِهو ٿيو تہ



خدا بخش ابڙو ۽ نثار ميمڻ سندس آواز ۾ هڪ پيغام رڪارڊ ڪندا. جيڪو ٿر سيمينار جي موقعي تي ٻڌايو ويندو. شيخ اياز ٿر تي تمام گهڻي شاعري ڪئي آهي ۽ ٿر جي ٻولي ۽ ڪلچر تي تمام گهڻو لکيو ۽ مشهور ٿيو آهي. هن محمد ابراهيم جويي، جمال ابڙي ۽ رشيد ڀٽيءَ جي همراهيءَ ۾ صرف هڪ ڀيرو ئي ٿر جو دورو ڪيو هو. پر ان هڪ دوري مان هن جيترو لاڀ پرايو اهو ماڻهن تائين پهچايو هو.

شايد شاهہ ڀٽائيءَ کان پوءِ شيخ اياز ئي ٿر تي ايتري شاعري ڪئي آهي. هن ٿر جي روح کي پنهنجي روح ۾ رچائي ڇڏيو آهي.

حيدرآباد ۾ وري نصير مرزا کي رابطي دار مقرر ڪيوسين ۽ هن اها ذميواري خوشيءَ سان قبول ڪئي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان ملاقات ٿي. سائينءَ سان پنيپور سيمينار کان وٺي نيازمندي قائم رهي. پاڻ منهنجي ٿر سيمينار جي سوچ کي ساراهيائون ۽ هر مدد جي پيشڪش ڪيائون. پهرين سيشن جي صدارت بہ قبول ڪيائون.

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب بہ ٿي پيرا اڳ ۾ ئي عبدالله خان وريامہ ۽ بابر سومري سان گڏجي ٿر وزٽ ڪري چڪو هيو. هو هميشہ وانگر تيار هيو. ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل ۽ ٻين دوستن کي بہ تيار ڪيائون ۽ مون کي وڏيڪ ڪارائتيون صلاحون ڏنائون. هاڻي ٻاهر جي مهم پوري ڪري واپس ٿر (مٺيءَ) ۾ اچي خيما کوڙيا. اتان ئي پڳل ٽٽل فون تي رابطيداري شروع ڪيم. وڏو زور خطن، چٺين ۽ دعوت نامن تي هيو. منهنجي پراڻي ساک منهنجي گهڻي مدد ڪئي. اهي اڳوڻا تعلقات پڻ ڪم آيا. مان ادب ۽ ادبي ڪيتر ۾ اڻ ڏريو رهيو آهيان. منهنجو واسطو سڀني گروپن سان رهيو آهي. ڪوشش ڪري هر گروپ جي نڪتہ نگاهہ کي شامل ڪندو رهيو آهيان. هر ڪنهن کي پنهنجي وس آهر عزت ۽ مان ڏنو آهي ۽ ڏک سک ۾ سنڌن ساٿ ڏنو آهي. سڀني سان هٿ ٻڌڻ جي واٽ رهي آهي. سو ڪنهن کي بہ مون کان شڪايت نہ رهي آهي.

دعوت ناما ٻن هزار اديبن ۽ اخبار وارن صاحبن کي موڪليا. جنهن جنهن سان ممڪن ٿيو انهن سان فون تي بہ ڳالهايو يا حيدرآباد ۾ ۽ ان جي آسپاس نصير مرزا جي معرفت ۽ ڪراچيءَ ۾ خدابخش ابڙي جي توسط سان رابطو ڪندو رهيس.

اديب، عالم ۽ اسڪالر تہ هڪ طرف پر ان سان گڏوگڏ راڳين کي بہ دعوت ناما موڪليا. مون چاهيو پئي تہ ٿر وارن کي وڏ کان وڏ تفريح بہ مهيا ڪجي.

هي غريباڻو ۽ فقيراڻو ڪاج هيو. سڀني فنڪارن ساٿ ڏنو. ڪن تہ ڀاڙو ڪرايو بہ نہ ورتو.

انين آڪٽوبر کان مهمانن جي آمد شروع ٿي. نائين آڪٽوبر 1992ع تي

سيمينار هيو. اها چنڊ جي پرپور چوڏهين جي تاريخ هئي، تہ جيئن اسان جا ايندڙ مهمان ٿر جي چانڊوڪين راتين جو بہ چس وٺن.

آجياڻي جي پهرين ڪيمپ نئون ڪوٽ پوليس چيڪ پوسٽ جي لڳ قائم ڪئي وئي. آيل وفدن کي اتي لاهي، انهن جي لاءِ چانهن، ٿڌي، پاڻيءَ ۽ بسڪيٽن سان آءُ ڀڳت ڪئي وئي. انهن جي رجسٽريشن ڪئي وئي. اتان جي ڪيمپ اسان کي هيڊ آفيس ۾ مهمانن جو تفصيل ٻڌائيندي پئي وئي. جن لاءِ مٺيءَ ۾ رهائش ۽ کاڌ خوراڪ جو بندوبست ٿيل هيو. نئون ڪوٽ ۽ مٺيءَ جو ڪلاڪ جو مفاصلو هيو. جيستائين نئون ڪوٽ وارا نڪتل مهمان مٺي پهچن، تيستائين سنڌن ميزبان سنڌن آجيان جي تياري ڪري پيا وٺن ٿر جي ماڻهن سيمينار لاءِ ايندڙ مهمانن لاءِ گهرن ۽ دلين جا دروازا کولي ڇڏيا هئا. اهڙو مثال ورلي ملندو تہ ٿر جهڙي ڏتڙيل علائقن جي ماڻهن 500 کان وڌيڪ آيل مهمانن لاءِ انهن جي مهمانداري بنا ڪنهن سرڪاري مدد جي شاندار طريقي سان ڪئي هجي. مهمانن جي رهائش جو مانيءَ جو اتي وينيءَ جو گهمڻ ڦرڻ جو، رهنمائي ڪرڻ جو، هر طرح سان انتظام ڪيو هيو. مان مهمانن کي بہ جس ٿو ڏيان، جن وڏن شهرن جي پُرعيش سهولتن سان ڀريل رهائش گاهن جي مقابلي ۾ ٿرين جي ٽٽل ڦٽل گهرن کي تاج محل سمجهي وقت گذاريو ۽ شڪايت جي ٻڙڪ ٻاهر نہ ڪڍي. جيتري خوشي مهمانن کي ٿر ۾ اچي ٿي هئي، ايتري ئي خوشي ميزبانن کي، مهمانن سان ملي، انهن کي ڏسي ۽ انهن جي مهمانداري ڪري ٿي. آءُ ڪنهن جا نالا وٺي ڪنهن جا نالا وٺان. هر ماڻهو جيڪو اسان جي انتظام جو حصو هيو اهو جڻ موتيءَ داڻو هيو.

مان اها ڪوشش ڪندو رهيس تہ هر مهمان، خاص طور خواتين ۽ بزرگ سهولت سان رهيل هجن.

مون مهمانن جي اچڻ جي پهرين رات هر هڪ مهمان وٽ وڃي ذاتي طرح جائزو ورتو تہ هر ڪو مناسب ۽ محفوظ هٿن ۾ هجي. جتي جتي ڪا اوڻائي ٻوڻائي نظر آئي ان کي دور ڪيو. وري صبح جو سوير بہ ان ڳالهہ جو اطمينان ڪيو تہ هر ڪنهن سک سان رات گذاري آهي ۽ صبح جو کين ناشتو پاڻي ملي رهيو آهي.

سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي ڏهين بجي پهرين نشست جي صدارت ڪرڻي هئي. پاڻ سوير ڊي سي هائوس تي پهچي ويو هيو. پاڻ ناشتو مون سان ۽ منهنجي ڪن ٻين مهمانن سان ڪيائون.

محترم ارباب غلام رحيم ۽ ارباب فيض محمد اسيمبلين جا ميمبر بہ اعزازي مهمان هئا. ارباب عطاءُ الله ضلعي ڪائونسل جو چيئرمئن، جيڪو منجهند ۽ رات جو سيني وفدن جو ميزبان هيو اهو بہ اسٽيج تي ويٺل هيو. ٻئي طرف بلوچ صاحب سان مان



سنڌس هڪ پاسي بطور ميزبان جي ويٺو هوس. الله سائين جو نالو وٺي نصير مرزا پهرين نشست جي ڪارروائي هلائي.

تلاوت ۽ پڻائيءَ جي وائيءَ کان پوءِ شيخ اياز جو رڪارڊ ڪيل پيغام مائيڪ جي اڳيان رکي نثار ميمڻ هلايو. اها ڳالهہ بلوچ صاحب کي نہ وڻي. مون کي آهستگيءَ سان پر سختيءَ سان ڪن ۾ چيو تہ، ”اُن جي ڪهڙي ضرورت هئي؟“ مون ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ کي پيغام ٻڌڻ ۾ محو ظاهر ڪيو. ڀلا جواب بہ ڪهڙو ڏيانس ها.

مائيڪ جو ڪنٽرول نصير مرزا وٽ هيو جنهن وٽ ٿر جي حوالي سان پڻائيءَ ۽ شيخ اياز جي بيتن ۽ شعرن جو ذخيرو آهي. جيڪي ان ڏينهن بہ بارش وانگيان وسي رهيا هئا ۽ ماڻهو جهومي رهيا هئا.

هوئنن بہ جڏهن منهنجي ڪنهن فنڪشن ۾ نصير مرزا مائيڪ تي هوندو آهي تہ مونکي تسلي هوندي آهي تہ بطور سرڪاري عملدار جي هو ڪا بہ اهڙي ڳالهہ نہ ڪندو جيڪا هر وپرو سرڪار لاءِ ناپسنديءَ جو سبب بڻجي. هو منهنجي ذهن کي بہ پڙهي سگهندو هيو. 2007ع ۾ ڀٽ شاهہ تي پڻائيءَ سائينءَ جي عرس جي موقعي تي ڪيس ”لطيف اوارڊ“ ڏنو ويو هيو. ان اوارڊ کي نصير پنهنجي زندگيءَ جو اهم ترين ”انعام“ سڏيو هيو. ان ئي عرس جي موقعي تي شوڪت عزيز، وزيراعظم پاڪستان، خاص مهمان هيو. ارباب غلام رحيم چيف منسٽر ۽ رئوف صديقي وزير ثقافت ۽ سياحت هيو. نصير مرزا پاڻ سان گڏ ريڊيو جي اناؤنسر طاهره حسن کي بہ محفل ۾ رنگ شامل ڪرڻ لاءِ گڏ رکيو هيو. طاهره وزيراعظم ۽ رئوف صديقيءَ جي ڏاڍي تعريف پئي ڪري. چيف منسٽر کي اڻ ڄاڻائيءَ ۾ نظرانداز پئي ڪري، مان وزيراعظم ۽ سي ايم جي پوين ويٺو هوس. ارباب صاحب مون ڏي ڪنڌ ورائي مون کان پڇيو تہ، ”هن کي مان نظر نٿو اچان ڇا؟“ مون سنڌس جذبات نصير مرزا ڏانهن منتقل ڪيا. جنهن ڪوشش ڪئي تہ ان اوڻائيءَ جو سدِباب ڪري پر مان سمجهان ٿو تہ جيڪو نقصان ٿيڻو هيو اهو ٿي چڪو هيو. ان جي مرمت نہ ٿي سگهي. ان موقعي تي ئي مون ڪجهہ سفارشون وزيراعظم کي لکي موڪليون هيون. جنهن جو پاڻ اعلان ڪيو هئائين. جنهن ۾ صوفي يونيورسٽي، ايف ايم ريڊيو اسٽيشن ڀٽ شاهہ، ڪراڙ ڍنڍ جي بحالي، ڀٽ شاهہ شهر جي بيوٽيفڪيشن، مزار ۽ ڪلچرل ڪمپليڪس جو سڌارو ۽ واڌارو، فنڪارن جي وظيفي ۾ اظافو ۽ ڪي ٻيون سفارشون.

ان ڏينهن ٿر سيمينار ۾ نصير مرزا پنهنجي ڪلا جا جوهر ڏيکاريا ۽ سيني جي دل موهي وڌي هئي. پهرين نشست جي آخر ۾ بلوچ صاحب پنهنجو صدارتي خطبو ڏنو. هميشہ وانگر مختصر ۽ موضوع تي ڪُتل. ڪيس ان ڳالهہ تي مَنيان لڳي، تہ ”ٿر“

Gul Hayat Institute

ضلعي جو پورو نالو ”ٿرپارڪر“ هجي، اڄ نالو چو رکيو ويو آهي، پوءِ جڏهن سال کن ۾ بلوچ صاحب آگسٽ 1993ع ۾ نگران حڪومت ۾ سائين جسٽس علي مدد شاهه جي حڪومت ۾ وزير تعليم ۽ ثقافت ٿيو ته پهرين ئي وزارتي گڏجاڻيءَ ۾ ”ٿر“ جو نالو مٽرائي ”ٿرپارڪر“ ڪيائين.

پهرين نشست ڪانپوءِ ماني ۽ نماز لاءِ وقفو ٿيو. گرمي به وڌڻ لڳي. تاڪ منجهند ٿي وئي هئي. اتي ئي پنڊال جي لڳ ٻاهران آيل مهمانن ۽ مڪاني حاضرين ماني کاڌي. اسان جو ميزبان هيو ارباب عطاءُ الله، ضلع ڪائونسل ٿر جو چيئرمئن.

ساڍي چئين بجي ٻي ۽ آخري نشست شروع ڪئي وئي، جنهن جي صدارت ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب ڪئي ۽ خاص مهمان هيو جهونو اديب ۽ عالم، محترم ميمڻ عبدالمجيد سنڌي. اسٽيج جي نظامت منهنجي گذارش تي محترمه ڊاڪٽر فهميده حسين سنڀالي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب ۽ ٻيا اديب جيڪي پهرين نشست ۾ پنهنجا مقالا پڙهي چڪا هئا، اهي به موجود رهيا. ٻي نشست ڊگهي ٿي وئي. ٻاهران آيل اديبن کي اسان مايوس نه ٿي ڪرڻ چاهيو. تنهن جي ڪري هي نشست ڊگهي ٿي وئي ۽ سوا نائين بجي تائين هلي.

سيمينار جي آخر ۾ ماهرن جون تيار ڪيل سفارشون ٿر جي ترقيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ پيش ڪيون ويون. جن سفارشن تي اڄا تائين عمل ٿي رهيو آهي ۽ ڪيتريون سفارشون ته روبعمل ٿي چڪيون آهن.

## محفل موسيقي

رات جو محفل موسيقي ٿي، جنهن ٿر واسين ۽ سيمينار جي مندوبين کي رات جو چئين وڳي تائين وندرايو. خوشگوار محفل دوران حيرت تڏهن ٿي، جڏهن بخشڻ مهراڻويءَ هڪ غزل ڳايو: دل جي ويران رڻ تي، ڪڪر بانورا... اڳ ۾ خبر نه هئي ته بخشڻ ايترو سٺو ڳائيندو به آهي. ان ڏينهن بخشڻ به موڊ ۾ هيو ۽ مهمانن کي به موڊ ۾ آڻي ڇڏيائين. بخشڻ آل رائونڊر فنڪار آهي. هن جي بنيادي سڃاڻپ ته بطور اينڪر پرسن / اسٽيج سيڪريٽريءَ جي آهي، پر هو ليکڪ به آهي، شاعر به آهي، راڳي ۽ ڪمپوزر به آهي. راشد مورائيءَ جو مٿيون ڪلام ان کان پوءِ مشهور ٿيو ان جي ڌُن بخشڻ ٺاهي. ٻي انتها شعر ياد اٿس ۽ موقعي محل جي لحاظ کان شعرن جي برسات ڪندو رهندو آهي. ڏاڍو ذهين ماڻهو آهي.

ڪو زمانو هيو، مان (2001ع ۾) حيدرآباد جو ڪمشنر به ٿيس. ان سان گڏ ڊائريڪٽر جنرل سازدا (SAZDA) سنڌ جي چارج به هئي. سازدا جا آخري پساهه هئا ۽ سرڪار ان کي دفنائڻ جي تياريءَ ۾ هئي. مون سازدا جي هڪ آفيس وزٽ ڪئي ته ان



کي ڪلف لڳل هيو. اتي جيترا به گوسڙو ملازم هئا، سڀني جي لسٽ گهرائي ۽ انهن کي سسپينڊ ڪري ڇڏيو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ بخشڻ مهراڻويءَ جو فون آيو. هميشه وانگر هجائتو... ”يار مان تنهنجو زيردست به آهيان... تو سسپينڊ ڪيو آهي..“ مون چيو ”الله نه ڪري ته تون منهنجو زيردست هجين... ۽ مان توکي سسپينڊ ڪريان، جيڪي ماڻهو سسپينڊ ٿيا آهن، انهن ۾ بخشڻ مهراڻوي ڪوئي ڪونهي.“ چيائين ”منهنجو اصل نالو محمد بخش مهر آهي ۽ مان اتي ويٽيرنريءَ ۾ نوڪريءَ ۾ آهيان.“

”ڀلي ڀيا“ مون چيو.

سازدا بند ٿي وئي. ان جو اسٽاف سنڌ سرڪار ۾ ضم ڪيو ويو. خبر ناهي ته بخشڻ مهراڻوي هينئر ڪهڙي ڊپارٽمينٽ جي ’خدمت‘ ڪري رهيو آهي.

اها ميوزڪ مستيءَ جي رات ڊگهي ٿي وئي هئي. صبح جو هرڪو ٿڪل ۽ ننڊاکڙو اٿيو هو. سڀني لاءِ چانهن ۽ ناشتي جو بندوبست سنڌن رهائش واري جڳهه تي ڪيل هيو. ناشتو ڪري مرد حضرات مٺي شهر ۽ آسپاس تي چڪر ڏيڻ نڪري ويا. خواتين ته ٻرت ۽ هٽ جي نهيل هنرن جون شيون وٺڻ ۽ مارڪيٽ گهمڻ لاءِ نڪتيون. دوڪاندار کي به چيو ويو هيو ته مهمانن سان مناسب رويو رکن ۽ صحيح اگهه تي شيون وڪڻن.

تقريباً منجهند جو ٻارهين وڳي دوست اچي ڊي سي هائوس جي ٻاهران ننگرپارڪر روانگيءَ لاءِ پهتا. جتي ٻاهريان آيل مهمان هئا. اتي ڪجهه مقامي ساٿي به سنڀريا ۽ ننگرپارڪر جي سفر ۾ ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار هئا.

اسان جي اڳين منزل ڏانو ڏانڏل هئي. هيءُ هڪ وچٿرو ڳوٺ هزار ماڻهن جي آباديءَ تي ٻڌل، ويراواهه جي لڳ آهي. رڻ پٽ ۽ ٿر جي سنگم تي آهي. هتي اسان جي مهمانن جي مانجهاندي جي مانيءَ جو بندوبست مينارام ۽ سندس خاندان جي گرڌاري لال ڪيو هيو.

اسان کي نهالچند ۽ سندس پوٽي موهن لال، جيڪو اسلام ڪوٽ ٽائون ڪميٽيءَ جو ويجهڙائپ ۾ چيئرمئن به هيو. انهن اسان تي زور رکيو ته مانجهاندو يا چانهن اسلام ڪوٽ ۾ ڪجي، پر پنڌ وڏو هيو. تنهن ڪري اسان معذرت ڪئي، پر واپسيءَ ۾ ماني يا چانهن جو واعدو ڪيوسين.

## استاد بخاري گذاري ويو

اسان گاڏين ۾ سوار ٿيڻ لاءِ پهتاسون، ته هيءَ خبر پهتي ته 9 آڪٽوبر 1992ع تي

Gul Hayat Institute

سنڌ جو وڏو قوم پرست ۽ عوامي شاعر استاد بخاري گذاري ويو. سيئي غم جي هڪ پهاڙ هيٺان دٻجي وياسون. استاد بخاري، جتي سنڌ جو وڏو شاعر هيو اتي سائين بخاري منهنجو گورنمينٽ ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ 1965ع ۾ مهربان استاد به هيو. بخاري صاحب سٺي استاد سان گڏ سٺو انسان به هيو.

اسان الله جو آسرو ڪري تقريباً ويهن گاڏين جي قافلي ۾ ٿر جي رستن تي روانا ٿي وياسون.

سڄي قافلي کي وائرليس ذريعي ڪنٽرول ۾ رکيوسون. ته متان ڪا گاڏي خراب ٿي مسافرن سوڌو قافلي کان الڳ ٿي رڻ ۾ رلي نه وڃي. اسان ان قافلي کي سلامتيءَ سان سولو هلائڻ لاءِ ڪافي سوچ ويچار ڪيو ۽ ٽي گاڏيون وائرليس واريون قافلي ۾ رکيون سين. اڳواٽي، منهنجي گاڏي ڪري رهي هئي. جنهن ۾ مان، ايس پي غلام قادر ٿيبو صاحب، ڊاڪٽر الانا صاحب، عبدالله خان ورياهه، بابر سومرو ۽ منهنجو پٽ انيس قادر به هيو. هڪ ٻي وائرليس واري گاڏي وچ ۾ هئي. آخر ۾ به پوليس جون موبائيل هيون. جن جو بنيادي ڪم اهو هيو ته جيڪڏهن ڪا گاڏي رستي ۾ خراب ٿي پئي ته سڄي قافلي کي روڪين، ۽ ان گاڏيءَ کي تيار ڪري هلائين. جيڪڏهن گاڏي تيار نه ٿئي ته ان جا مسافر ٻي گاڏيءَ ۾ ويهارين. گاڏين جي ڊرائيورن کي هدايت هئي ته گاڏيون سٺي نموني سان هلائين ۽ قافلي ۾ ئي رهن. ان کان ٻاهر نه نڪرن. ڪجهه واڌو ڊيزل ۽ پيٽرول به ساڻ کنيون هيوسين.

ايمرجنسي دوائن سان گڏ ڊاڪٽر به گڏ هيو. هڪ ڪيڪڙو/ چڪڙو به سامان سان هيو.

جڏهن اسان اسلام ڪوٽ مان گذرياسين ته اتي جي ماڻهن به بينرن ۽ دهل دمامن سان آيل مهمانن جي مان ۾ خوش آمديد ڪئي. اتان روانا ٿياسون ته اسان جي ٻي منزل ڏانو ڏانڌل هئي. جتي اسان جي مانجهاندي جو بندوبست ٿيل هيو. ڳوٺ کان ٻاهر پهتاسون ته سوين ڳوٺ وارا اسان جي خوش آمديد لاءِ ٻاهر نڪري آيا هئا. دهلن تي نچي ۽ پارڪريءَ ۾ گيت ۽ راسوڙا ڳائي رهيا هئا:

ماروپرديسي مزمان آويو...

اتي مينارام ۽ گرڌاري لال چا ته اديبن جي کاڌخوراڪ جو بندوبست ڪيو ۽ انهن جي ادب شناسيءَ کي پيش نظر رکندي خالص ٿري 60 کان وڌيڪ ڊشز تيار ڪرايا ويا. جن جي نالن جي لسٽ به لڳائي ڇڏي هئائون. ماني کائڻ کان پهرين گرڌاريءَ ڊشن جي تعارف ۾ هڪ مختصر ليڪچر ڏنو پوءِ اديب شاعر انفرادي طرح به انهن کاڌن جي لاءِ پڇائون ڪندا رهيا.



مون کي رات کان بخار اندر ۾ واسو ڪري ڇڏيو هيو. پر مان ڪنهن تي به ظاهر نه ڪيو. اتي ماني کائي، مهمان هيڏي هوڏي گهمڻ لاءِ نڪري ويا. خواتين ته ڳوٺاڻن جي گهرن ۾ گهڙي ويون ۽ ٿري ماين سان حال احوال ونڊيا. ان کان پوءِ اسان پنهنجي منزل ننگرپارڪر لاءِ روانو ٿي وياسون. اها اسان جي ٿر جي دوري جي آخري منزل هئي.

اسان سان عالم اديب، اردو ۽ سنڌيءَ جا، پوري سنڌ، اسلام آباد کان به ڪجهه آيل هئا. عورتن جو به وڏو انگ هيو.

ننگرپارڪر سج لٿي مهل پهتاسون ته اتي به شهرين اڳتي وڌي اچي اسان جو دهلن، شرنائين ۽ ناچ گانن سان آڌرياءُ ڪيو. اسان کي ريسٽ هائوس تي وٺي آيا. اتي چانهن پياري وئي. ماني به اتي ٿيل هئي. مانيءَ کان پوءِ مهمانن کي رهائش واري جڳهن تي پهچايو ويو. مان ۽ منهنجي ٽيم ٽيڊي ريسٽ هائوس تي آياسين. مان بخار ۾ وڪوڙجي ويو هوس. ماني به نه کاڌي ريسٽ هائوس تي ڊاڪٽر کي گهرايو سين. جنهن بخار چيڪ ڪيو ۽ چيو ته 104 کان مٿي آهي. دوا ڏنائين. مون کيس چيو "ڊاڪٽر صاحب اهڙي دوا ڏي، جو سڀاڻي ساٿين جو ساٿ ڏيڻ جهڙا ته ٿيون." مون کي ستت ئي بيهوشيءَ واري ننڊ وٺي وئي. صبح جو جڏهن اک کلي ته ڪڪڙن جون ٻانگون ٻڌڻ ۾ پئي آيون. ڪجهه ڪجهه پنيرڪو به ٿي ويو هيو. اڌ روشني اڌ اونده...

مان ڪجهه بهتر محسوس ڪري رهيو هئس. پاڻيءَ جو اڌ گلاس پيتو. ٻاهر ورانڊي ۾ نڪري آيس. سامهون بيٺل اڏول ڪارونجهر منهنجي روبرو هيو. مان اتي ئي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. منهنجون اکيون مٿس کتل هيون. صبح جي روشني آهستي آهستي ڪارونجهر تان رات جي ڪاري چادر لاهي رهي هئي. صاف ستري هير گهلي رهي هئي. ٿورڙو سيءُ لڳي رهيو هيو مان ڪمري مان شال ڪڍي آيس ۽ پاڻ کي ڍڪي وري اتي ئي ويهي رهيس. ڪارونجهر ۽ آس پاس کي گهوريندو رهيس. ايتري ۾ ٻيا دوست به اُٿي پيا هئا. ڪي ٻاهر آيا. مون کي سرهو ڏسي خوش ٿيا.

ناشتي کان پوءِ مهمانن جو حال احوال وٺڻ لاءِ پهتاسون ته تقريباً سڀ مهمان شهر ۾ آسپاس لاءِ نڪري ويا هئا. اسان به چڪر هنيا. مانجهاندي تي سڀ گڏ ٿياسون. رسمي گڏجاڻي شروع ٿي، جنهن ۾ استاد بخاريءَ جي روح کي ثواب لاءِ دعا گهري سون.

## استينلي ريڪس جي ڪتاب جي رونمائي

ٿر تي پهريون ڪتاب ڪيپٽن استئنلي ريڪس 1853ع ۾ لکيو هيو ۽ اهو ڪتاب انگريز سرڪار 1856ع ۾ Memoires on Thurr and Parkur Distt Sind جي نالي سان شايع ڪيو هيو. اهو ڪتاب اڻلڀ هيو. ان جو پهريون دفعو اسان ڊاڪٽر نواز

Gul Hayat Institute

علي شوق کان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائي شايع ڪيو هيو جنهن جو خرچ ٿر سيمينار ڪميٽيءَ ادا ڪيو. ان ڪتاب جو ڊاڪٽر نواز علي شوق تعارف ڪرايو ۽ ننڍڙي سونهن ابڙو (خدا بخش ابڙي جي ڌيءَ) ۽ ڊاڪٽر نواز علي شوق جي نياڻيءَ ڪتاب جو مهورت ڪيو. مان سمجهان ٿو ته اهو پهريون ڪتاب هيو جنهن جو ننگرپارڪر ۾ ايڏن وڏن عالمن ۽ اديبن جي وچ ۾ مهورت ٿيو هيو. ڪافي مقامي اديب ۽ سماجي اڳواڻ به اچي گڏ ٿيا هئا. انهن سان به ادب تي حال احوال ٿيا. اسان ليکڪن جو ننگرپارڪر جو ميزبان مختيارڪار احمد دين ڏوگر پنهنجي ٽيم سان هردم تيار هوشيار لڳو پيو هيو. هن شخص ايترن VIP مهمانن جو جنهن ڪشاده دليءَ سان آءُ ڀڳت ۽ مهمان داري ڪئي، انهيءَ سينن جون دليون موهي وڌيون. مانجهاندي کان پوءِ واپسيءَ جو سفر شروع ٿيو. هن تقريب کي نصير مرزا ڪنڊڪٽ ڪيو. اڪثر دوستن کي ڪراچي ۽ حيدرآباد به وڃڻو هيو. اسان ڪين چيو هيو ته جيڪو مٺيءَ ۾ ترسي، صبح جو وڃڻ چاهي، ته انهن جي رهائش جو بندوبست آهي.

واپسيءَ جي سفر ۾ هڪ عجيب مشاعرو شروع ٿيو. سفر ۾ هلندي اسان جي جن به گاڏين ۾ وائرليس هئي، انهن مان وينل شاعرن شاعري شروع ڪري ڏني. پوءِ ته محفلِ مشاعره شروع ٿي وئي. ان ۾ تاجل بيوس، نصير مرزا، عطيه داؤد، سلطانه وقاصي ۽ ٻيا ڪيترا دوست اڳرا هئا. رستي ۾ ليڪن پوڏيسر واري مسجد ۽ ڀالوا ۾ مارئيءَ جو کوهه ڏٺو.

اسلام ڪوٽ ۾ نهالچند ۽ موهن لال ماني کارائي ۽ ڏوڏيتي چانهن پياري. سج لٿي کان پوءِ اچي مٺي پهتاسون. اسان سيني کي رات رهڻ جي صلاح ڪئي. ڪي دوست ترسيا پر اڪثريت رواني ٿي وئي.

آخري مهمانن کي 12 آڪٽوبر تي خدا حافظ ڪيوسون ۽ اهڙيءَ طرح اهو عوامي "ٿر سيمينار" ختم ٿيو. ان موقعي تي لڇمڻ ٺڏاٽي، ڊان جي حيدرآباد جي سرڪيوليشن چيف، ڀال ڀلايا. ٺڏاٽي منهنجو ۽ غلام قادر ٽيبي صاحب جو دوست آهي. هن ڊان جي سپليمينٽ ٿر سيمينار جي موقعي تي ڪڍي پاڻ موڪيو ۽ اسان جو به منهن مٺانهون ڪيو. سيني ان جي جذبي کي ساراهيو.

اهي سڀ اسڪالر ۽ ميڊيا جا دوست جڏهن پنهنجي پنهنجي ماڳ تي پهتا ته انهن پنهنجي اخبارن ۽ رسالن ۾ ٿر کي ڪوريج ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. تڏهن ٿر، ٿر جو سماج ۽ ٿر لاءِ سوچ جو انداز ئي بدلجڻ لڳو. سرڪار هجي يا سرڪاري ادارا انهن ٿر کي به هڪ اهڙي آبادي سمجهڻ شروع ڪيو جتي انسان رهن ٿا ۽ جيڪي ٻين ديس واسين وانگر سهولتن جا مستحق به آهن.



## ٿر سيمينار جي روئداد

ٿر سيمينار کان پوءِ پريس اٿلي پئي. سڀني ۾ سڀني ۽ تفصيلي روئيداد محترمه فهميده حسين ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا جي هئي. پر ڪراچيءَ کان آيل اردو ۽ انگريزي اخبارن ۽ رسالن يا سنڌي رسالن ۽ اخبارن به پنهنجو پاڻ ملهايو. اڪثر مثبت رپورٽنگ ڪئي.

هتي هڪ خبر جو ذڪر ٿو ڪريان:

خبر اها هئي ته ننگرپارڪر ۾ 1973ع ۾ ڀٽي صاحب جي دور ۾ شهر کي بجلي پهچائڻ لاءِ هڪ جنريٽر لڳايو ويو لائينون وڇايون ويون. اهو جنريٽر به ٻارهن مهينا هليو پر پوءِ بند ٿي ويو. ان جون شهر مان لائينون پٽجي ويون. ٿنڀن جا نام نشان به ڪونه آهن. جنريٽر اڄ به چالو حالت ۾ آهي. ان اخبار جي نمائندي اهو به لکيو ته هن کي اهو جنريٽر ننگرپارڪر جي هندو اسسٽنٽ مختيارڪار ڏيکاريو.

## ننگرپارڪر ۾ بجلي ۽ ٽي. وي

مون جيئن خبر پڙهي ته اسسٽنٽ مختيارڪار کي فون ڪئي، هن حال احوال ڏنو. مون هن کي چيو ته ڏينهن ٻن ۾ جيئن توکي واندڪائي ٿئي ته تون مٺي پوري تفصيل سان هليو آءُ.

هو آيو ۽ پاڻ سان مٺيءَ جي لائين سپرنٽينڊنگ کي به وٺي آيو. ٻنهي حال احوال ڪيو. خبر پئي ته جنريٽر ٺيڪ حالت ۾ آهي. لائن سپرنٽنڊنگ واعدو ڪيو ته هو PVC لائين لڳائي ڏيندو. معاملا طئي ڪياسين. مون ٻنهي کي چيو ته اهي سائيٽ تي وڃي سڄي ڪم کي اُڪلائين. مسئلو هيو بجلي هلائڻ لاءِ ٻن ماڻهن جو ۽ ڊيزل جو جنهن جي خرچ جو ڪاٿو 8000 کان 10000 هزارن تائين مهينو هيو 125 دوڪانن ۽ گهرن کي بجلي ڏيڻ جو پلان هيو.

ننگرپارڪر ۾ اسان جو مختيارڪار هيو احمد دين ڏوگر، ان سان سڄو معاملو طئي ٿي ويو. هن مقامي ماڻهن سان ڳالهايو سانجهيءَ جي نماز کان ڏهين بجي تائين بجلي پهچائڻ جي رٿا هئي. ٻه ڪم وارا ماڻهو ضلعي ڪائونسل فراهم ڪيا. جن جي پگهار ضلعي ڪائونسل ڀرڻ شروع ڪيو.

6 اپريل 1993 جو ڏينهن بجلي ڏيڻ جو ڏينهن رکيو ويو. مان پنهنجي ضلعي آفيسرن جي ٽيم سان پهچي ويس، شام جو 6 بجي بجليءَ جو بٽڻ آن ڪري، افتتاح ڪيو. واهه واهه ٿي، ان ڏينهن مان ڊش انٽينا ۽ ٽي وي به شهر کي ڊونيٽ ڪئي هئي، جيڪا يونين ڪائونسل آفيس ۾ رکي وئي هئي. ستين بجي يونين ڪائونسل ۾ اچي ٽي ويءَ جو افتتاح ڪيوءِ ڪجهه دير اتي ماڻهن سان ويناسون. ان زماني ۾ ننگرپارڪر ۾ اخبارون به

Gul Hayat Institute

ٻئي ڏينهن شام جو پهچنديون هيون. هاڻي شهر وارا پاڪستان هندستان، بي بي سي ۽ سي اين اين نيوز به ڏسي سگهيا پئي. ان کان سواءِ ڊراما، هندوستاني فلمون ۽ ٻيون تفريح جون شيون به... مون کي ذاتي طرح ڏاڍي خوشي ٿي، جو هن علائقي جا ماڻهو ۽ ٻار ورلڊ ميڊيا سان روشناس ٿيا هئا.

پوءِ مون شهر جو چڪر لڳايو اسان جي ٽيم هڪ هوٽل تي چانهن پيئڻ لاءِ اچي ويٺي، ماڻهن سان حال احوال ٿيا، بجليءَ جا بلب ٻري رهيا هئا. ننگر جهڙي سانتيڪي ۽ اونداهين ڳوٺ ۾ زندگي اچي وئي هئي، شهر جيڪو سج لهڻ سان ئي سنسان ۽ سڄو لڳندو هيو ان ۾ جان اچي وئي هئي.

هن مهينن کان پوءِ ننگر آيس ۽ شهر ۾ اچي هوٽل تي چانهن پيئڻ لاءِ ويٺس مون محسوس ڪيو ته هن علائقي جو ڪلچر بدلجي رهيو آهي، ماڻهن جي مُک تي سرهائي نظر پئي آئي، هوٽل وارا ۽ دوڪاندار به خوش هئا ته سندن ڌنڌو دير تائين پئي هليو ۽ ڌنڌي سان گڏ تفريح مهيا ٿي وئي هئي.

18 سيپٽمبر 2016ع تي ننگر جو چڪر ٿيو ته مورجي مل مونکي اهو بورڊ ڏيکاريو جيڪو افتتاح جي موقعي تي لڳايو هيوسين. بورڊ اهڙو صاف سٿرو لڳي رهيو هيو ڄڻ ڪالهه لڳايو هيوسين. جنريٽر بجلي اڃا ڪانپوءِ يونين ڪائونسل آفيس ۾ پيو آهي ۽ سڙي رهيو آهي.

## منظور حسين پٿو ۽ بسون

پرائيم منسٽر نواز شريف جي هڪ پروگرام جي سلسلي ۾ سڀ صوبائي آفيسر اچي ڏيپلي ۾ گڏ ٿيا هئا. منظور پٿو صاحب به آيل هيو جيڪو ايس. آر. ٽيءَ جو چيئرمئن هيو. جڏهن مان حيدرآباد ڊويزن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر هئس ته منظور صاحب اتي ايڊيشل ڪمشنر ۽ ڪين ڪمشنر هيو. جيستائين 3ـ1992ع ۾ وچي سندس پروموشن نه ٿيو 20 گريڊ ۾ منظور صاحب انهن عهدن تي تقريباً 15 سال رهيو. هو اصول پرست آفيسر هو. سندس ريپوٽيشن هڪ ديانتدار ۽ پروفيشنل آفيسر واري هئي. پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ وارو، ملڻ جلڻ جو پلو پر سرڪاري ڪم ۾ ڪا رعايت ۽ قاعدن قانونن کي مروڙي سروڙي دوستن جي نامناسب مدد ڪرڻ وارن مان نه! سندس نالو سنڌ ۽ PCS جي سٺن آفيسرن ۾ شمار ٿيندو رهندو. هو سنڌ جي اهم کاتن جو سيڪريٽري ٿيو جنهن ۾ هوم، سروسز ۽ جنرل ايڊمنسٽريسن ۽ ڪميونيڪيشن ۽ بلڊنگ ۽ آخر ۾ سينيئر ميمبر بورڊ آف روينيو تان 2003 ۾ ريٽائرڊ ڪيائين. هاڻي شاهجهان ايس ڪريم صاحب جي بزنيس اسڪول IBM انسٽيٽيوٽ آف بزنيس مئنيجمينٽ ۾ ڊائريڪٽر آهي. سندس پٽ



محمد حسن پٿو صاحب فيڊرل سيڪريٽريءَ طور ريٽائرڊ ڪيو. 2003 ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو چيئرمين به ٿيو هو.

نواز شريف صاحب جي ان دوري ۾ منظور صاحب سان ملاقات دوران مون ڪيس گذارش ڪئي ته منيءَ لاءِ ڪجهه وڏيڪ بسون ڏيو جنهن جي پٺتي صاحب معذرت ڪئي ته اسان انهن کي بند ڪرڻ جي سوچي رهيا آهيون. مون چيو ته سائين اسان ڪوچن کي اڳتي آڻڻ ٿا چاهيون، توهان رڪاوٽ نه وجهيو ان جو به جواب آيو ته ان سان SRTC کي نقصان ٿيندو.

مان به ڳالهه سمجهي ويو هئس. اسان خانگي ٽرانسپورٽ ۾، جنهن ۾ مني بسون هيون. انهن جي پٽ پرائي ڪئي. SRTC وارن انهن کي پوليس جي معرفت بند ڪرايو. ايس پي ٽيبو صاحب ۽ اسان طئي ڪيو ته يا ته بسون وڌائين. نه ته ماڻهن جي سهولتن خاطر ڪوچز کي ٽر جي ضلعي انتظاميا نه روڪيندي. اهڙو اطلاع چيئرمين SRTC کي به موڪليو ويو. هاڻي ڪافي ڪوچز هلڻ لڳا ۽ ڏينهون ڏينهن تعداد به وڌڻ لڳو. جنهن سان ماڻهن کي سهولت ٿيڻ لڳي. منيءَ جا ماڻهو حيدرآباد وڃي ساڳئي ڏينهن تي واپس موٽي پئي سگهيا. جڏهن ته ڪراچيءَ مان به ڪم ڪار اڪلائي، ٻئي ڏينهن تي موٽي پئي سگهيا. واپاري پنهنجو سودو سامان وڏن شهرن مان وٺي واپس آرام سان پنهنجي ڌنڌي کي لڳا پئي. ڪين سامان جي ڀاڙي خرچ ۾ سهولت ٿي ته منيءَ جي مارڪيٽ ۾ به سستائي ٿي پئي.

## بئراج مان پيئڻ جو پاڻي

انهن ڏينهن ۾ سنڌ سرڪار پاران بئراج جو پاڻي چور ڪينٽ کي وايا ڪانتيو ٽن انچن جي پائيپ لائين ڏيڻ جي منظوري ڏني وئي. پر ان سان اهو به فيصلو ڪيو ويو ته پائيپ لائين جنهن جنهن ڳوٺ مان گذرندي، اتان جي ماڻهن کي ٽانڪ جي ذريعي پاڻي ڏنو ويندو. مان ان پروجيڪٽ جو فوڪل پرسن هئس. ڪم سنڌ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتي ۽ آرمي انجنيئرن ڪيو ان جي سار سنڀال آرميءَ جي حوالي ڪئي وئي. پروجيڪٽ مڪمل ٿيو اهڙو پاڻي اڃا تائين عام ماڻهن کي ملي ٿو.

مان جيڪا سمري منيءَ کي بئراج جو مٺو پاڻي ڏيارڻ لاءِ تياري هئي، اها سرڪار وٽ جمع ٿي وئي هئي. چور ڪينٽ کي پاڻي مليو ته ٻي خلق چيو ته اسان جي شهرن کي به پاڻي ڏيو. مون اها صورتحال سرڪار کي لکي موڪلي ته ماڻهن جي ڊمانڊ جائز آهي. جيڪڏهن ڪين پاڻي نه ڏنو ويو ته منجهن جيڪا اڳ ۾ ئي ڪافي سهولتن جي اڻاٽ جي ڪري بي چيني آهي، اها وڌيڪ وڌي ويندي.

Gul Hayat Institute

مون چيو تہ منهنجي موڪليل پراڻي پي سي ون (PC-I) تي نظرثاني ڪريو ۽ پاڻي فراهم ڪيو وڃي. منهنجي مختصر دور ۾ تہ نہ، پر نيٺ مٺيءَ کي مٺو پاڻي ملي ويو. ان ۾ سياسي حالات جو بہ وڏو دخل آهي.

## روڊ رستا ـ ڪوئلي جو اثر

ان کان علاوه نئين دور ۾ ڪوئلي مان بجلي پيدا ڪرڻ جا جيڪي پروجيڪٽ ٿيڻ جا سلسلا شروع ٿيا آهن، انهن ڳالهين ماڻهن جي زندگيءَ ۾ تبديليون آڻڻ شروع ڪيون. جيڪي ڳالهيون بظاهر اڻ ٿيڻيون لڳي رهيون هيون. پر اها حقيقت آهي تہ بنيادي طرح ڪٿي روڊ جو ئي مثال وٺجي. ڪراچي پورٽ کان وٺي اسلام ڪوٽ جي ڪول فيلڊس تائين ويڪرو ڪليل رستو ٺاهيو پيو وڃي. جنهن تان وڏي مشنري سرزمين تائين پهچائي ويندي. اسلام ڪوٽ کان ننگرپارڪر ۽ ڇاڇري، ۽ ڇاڇري کان عمرڪوٽ، ۽ ڇاڇري کان مٺيءَ تائين پڪو رستو ٺاهيو ويو آهي. روڊ جيڪو ماڻهن جي بنيادي ضرورتن جو اهم جزو آهي. ان کان علاوه پاڻي، بجلي، اسڪولن ۽ اسپتالن کي وڌايو ۽ بهتر بڻايو پيو وڃي.

## ٿر تي پهريون ڪتاب

ٿر تي لکيل مواد پاڪستان ٺهڻ وقت تمام گهٽ هيو. هاڻي تہ ڪافي لکجي رهيو آهي. پر پوئتي نظر ٿي ڪجي تہ پهريون ڪتاب ڪئپٽن نيپيئر اسٽئنلي ريڪس جو لکيل Memoir on the Thurr and Parkur districts of Sind آهي، جيڪو سرڪار 1856ع ۾ ڇپيو. جيڪو هُن 1853ع ۾ لکي مڪمل ڪيو هو. ڪئپٽن ريڪس 1847ع ۾ ڪڇ ۾ ڀڄ ۾ اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ ٿي آيو هيو. ننگرپارڪر، مٺي ۽ ڏيپلي جي علائقن جو انتظام بہ هن جي حوالي ڪيو ويو هو. جڏهن تہ هيڊڪوارٽر ڪڇ ۾ ڀڄ ئي رهيو. هن جي ٿر سان گهڻي دلچسپي هئي. هن علائقي جا وڏا وڏا گشت ڪيا. انهن کي سمجهيو ۽ انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکيو. اهو پهريون ۽ اوائلي ڪتاب آهي. جيڪو ٿر تي لکيو ويو. جنهن کان پوءِ ٻيا ڪتاب لکيا ويا.

الله پاڪ مون کي اهو موقعو ڏنو تہ اهو ڪتاب 1992ع ۾ ٿر سيمينار جي موقعي تي مون محترم ڊاڪٽر نواز علي شوقؔ کان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائي، ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ 9 آڪٽوبر 1992ع تي ننگرپارڪر ۾ ان جي رونمائي تقريب ڪرائي وئي. اهو بہ خاص موقعو هيو جو ڪو ايڏي اهميت وارو تقريباً پوڻا بہ سؤ سال پراڻو ڪتاب ننگرپارڪر ۾ پڌرو ڪيو ويو. ان کان پوءِ ڪجهہ ٻيا ڪتاب ٿر بابت شايع ٿيا. پيرومل مهرچند آڏواڻي 1924ع ۾ هڪ ننڍو ڪتاب 'سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ' لکيو. سال 1939ع ۾



تيجسنگهہ سولنڪي ٽيپدار 'امرڪوٽ جو اتهاس' لکي ڇپايو. پوءِ ڪجهہ محمد اسماعيل عرساڻي صاحب ۽ ٻين جا ڪتاب بہ آيا.

## رائچند جو ڪتاب "تاريخ ريگستان"

ٿر جي مشهور تاريخدان استاد رائچند هريجن بہ ڪتاب لکيو. هو شايد پهريون مقامي ماڻهو هيو. جنهن ٿر تي ڪتاب لکڻ لاءِ قلم کنيو هو. پاڻ پرائمري استاد هيو ۽ ننڍڙي شهر ڇيلهار جو رهواسي هيو. رائچند، ورهاڱي کان اڳ جي سنڌي اخبارن سنسار سماچار، الوحيد، ميرپورخاص گزيٽ، اخبار تعليم، ملا اسڪول مخزن ۽ ورهاڱي کان پوءِ سنڌي رسالن تہ ماهي مهراڻ، سنڌ ڊائجسٽ ۽ نئين زندگيءَ ۾ ادبي ۽ تحقيقي مضمون لکيا. هن ٿري لوڪ گيتن جو سنڌي منظوم ترجمو ڪيو جيڪو مختلف رسالن ۾ ڇپيو ۽ سندس ڪيترا مقالا مهراڻ رسالي ۾ ڇپيل آهن. هن وٽ ان وقت نہ اخبار نہ لائبرري ۽ نہ ڪو پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو آس پاس هئو بس هيانءَ جي سوجهري تي همت ڪري وڏو ڪم ڪري ڏيکاريائين. محمد اسماعيل عرساڻي صاحب کان رهنمائي ورتائين. حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج آيو تہ اتي لئبررين اٿلايائين پٿلايائين. عالمن اديبن سان اٿيو ويٺو. هن جي مٽي ۾ جنون هيو ۽ "تاريخ ريگستان" پورو ڪيائين. سندس ڪتاب ڇپجڻ کان اڳ ۾ جڳ مشهور عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ان ڪتاب تي نظر وڌي ۽ ان کي سنواريو. ڪتاب تہ رائچند هريجن 1953ع ۾ لکيو هيو. پر ان کي سنڌي ادبي بورڊ 1956ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ان ڪتاب جو ٻيو ڇاپو 1977ع ۾ آيو جيڪو ڇاپو منهنجي هٿ ۾ آهي، اهو 2010ع جو ڇپيل آهي. نہ صرف ايترو پر هن تاريخ جو ٻيو حصو بہ استاد رائچند لکيو ۽ سنڌي ادبي بورڊ ڇپايو. ان جي ٻئي حصي جو پهريون ڇاپو 1975ع ۾ ڇپيو. هيءَ بہ هڪ ضخيم ڪتاب آهي. هي ٻيو ڇاپو 658 صفحن تي مشتمل آهي. هي ٻيئي ڪتاب ٿر جي تاريخ، سماجي زندگي ۽ جاگرافيءَ جا بنيادي ماخذ آهن. ان کان پوءِ بہ هيستائين ڪيترائي ڪتاب ڇپيا آهن. انهن ڪتابن ۾ هڪ ڪتاب جو اضافو مون بہ ڪيو. ڪتاب جو نالو 'ٿر' آهي، جيڪو 'ٿر- سيمينار' جي پيدائش آهي.

## 'ٿر' ڪتاب

1992ع ۾ ٿر سيمينار ڪيو ويو. مقصد اهو هيو تہ ٿر جي ڪلچر، تاريخ ۽ آثارن جي مشهوري ڪجي ۽ ماڻهن تائين پهچائجي ۽ ٻئي طرف جيڪي هن دور ۾ ٿري عوام جا مسئلا آهن، ۽ اتي جن ترقياتي ڪمن جي ضرورت آهي، انهن تي زور ڏجي ۽ اختيارين جو ڌيان ڇڪائجي. ان سيمينار ۾ جيڪي مقالا ۽ مضمون پڙهيا ويا. انهن کي ترتيب

Gul Hayat Institute

ڏٺي جولاءِ 1993ع ۾ ڪتابي شڪل ۾ آندو ويو. ان ڪتاب جا هيل تائين ٽي ڇاپا ڇپجي پڌرا ٿي چڪا آهن. ان جو ٻيو ايڊيشن سنڌيڪا اڪيڊميءَ 1996ع ۾ ڇپايو هو ۽ ٽيون ايڊيشن تازو 2013ع ۾ پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور پاران ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. هي ڪتاب موجوده ۽ جديد ريسرچ جي بنياد تي لکيو ويو آهي. جنهن لاءِ هر لکندڙ پنهنجي پر ۾ وڏي محنت ڪئي آهي.

## ليفٽيننٽ ڪرنل جارج برٿ ٽرائوٽ

هن جو پورو نالو ڪرنل جارج برٿ ٽرائِوٽ (Lt. Col. George Birth Trywitt) هو پر ٿر ۾ عام طور تي ٽروٽ جي نالي سان مشهور آهي.

اهو به عجيب قصو آهي ته پرڏيهي پرمار حاڪمن ۽ فاتحن جو هڪ گورو عملدار عام مفتوحن ۾ ايترو مشهور هجي جو ٿر جا ماڻهو ڏيڍ سو سالن کان پوءِ به ڪيس جيءَ ۾ جايون ڏين. لوڪ ادب ۽ خاص طور لوڪ راڳ يا لوڪ گيت عوام جي دلين مان نه، پر سندن روح مان سرجبا آهن. انهن روح مان سرجيل لوڪ گيتن ۾ ڪرنل ٽروٽ خاص طرح سان موجود آهي. مرد توڙي عورتون سندس ياد ۾ اهي گيت ڳائن ٿا. ڪي گيت روپلي ڪولهيءَ جي ڪردار پاران ٽروٽ جي خلاف آهن ۽ ڪيس روپلي جي طرفان للڪار طور به آهن. پر ادب ۾ ٽروٽ جو موجود هجڻ ان ڳالهه جي نشاندهي ٿو ڪري ته هو ٿرين جي رت ۾ رچي ويو هيو.

1843ع ۾ جڏهن فرنگين ميرن کان سنڌ ڦري، ته انگريز سرڪار پنهنجا عملدار ڌار ڌار هنڌن تي مقرر ڪيا. پارڪر تي پهريون ايجنٽ ڪئپٽن اسٽئلي ريڪس آيو ۽ ٻيو ايجنٽ ٽروٽ آيو.

ڏيپلو مٺي ۽ ننگرپارڪر جڏهن انگريزن جي هٿ هيٺ آيا ته ان جو انتظام ڪيپٽن اسٽئلي ريڪس جي حوالي ڪيو ويو جيڪو انگريز سرڪار پاران ڪڇ ۽ پڄ جو اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ هيو. ريڪس کي اهو به اعزاز مليو ته هن ٿر کي متعارف ڪرائڻ لاءِ ٿر تي پهريون ڪتاب 1853ع ۾ لکيو جيڪو لنڊن مان 1856ع ۾ Memoir of Thurr and Parkur districts of Sind جي نالي سان ڇپايو.

ٽروٽ، برطانيا جو رهاڪو هو ۽ 1847ع ۾ 17 سالن جي ڄمار ۾ سپاهي ٿي هندستان آيو. تمام تڪڙي ترقي ڪيائين ۽ 1857ع جي جنگِ آزاديءَ دوران ڪيس انگريز سرڪار جو سنڌ مٿان پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ بڻايو ويو. هن پارڪر کي انتظامي حوالي سان 1856ع ۾ حيدرآباد ضلعي سان ملائي ڇڏيو ۽ آفيم تي ٽئڪس ۽ ٻنين تي ڍل لاڳو ڪئي. جنهن کي پارڪر جي سوڍن ۽ ڪولهين نه مڃيو ۽ باغي ٿي پيا. هن ٽيڪس جي وصوليءَ



لاءِ ڏيئو مل کي مختيارڪار ڪري ننگرپارڪر موڪليو پر سوڍا ۽ ڪوسا پنهنجي هوڏ تي قائم رهيا. نيٺ انگريزن ۽ سوڍن وچ ۾ لڙائي لڳي. اڳتي هلي پارڪر جي راڻي ڪرٽجي، سنڌس ڀاءُ پوپٽ سنگهه، ويراواهه جي راڻي لاڊوسنگهه ۽ ٻين سوڍن، راڻن ۽ ڪولهين روپلي ڪولهيءَ جي سربراهيءَ ۾ اپريل 1859ع ۾ انگريزن خلاف بغاوت شروع ڪئي. پوءِ ٽروٽ ميرپورخاص کان 600 پوليس وارا وٺي اتي پهتو ۽ پڄ ۽ حيدرآباد جا عملدار ۽ ٻي مدد به ڪيس پهچائي وئي. هن اتي وڃي اٿندڙ بغاوت تي ضابطو آندو، پر جنگ ختم نه ٿي. ڪراچيءَ جي ڪرنل ايونس به فوج موڪلي، ۽ ڏيساوَر مان به فوج گهرائي ٿر ۾ واسو ڪيو. ڪيترا سوڍا ۽ ڪولهي فرار ٿي ويا، پر پوءِ ڪين پڪڙي جنم ٽيپ ڏني وئي ۽ ٻين سنڌس ساٿين کي به سخت سزائون ڏنيون ويون. ايستائين جو ڪين وري ٿر ۾ بغاوت ڪرڻ جي همت نه ٿي.

انگريزن جڏهن ڏٺو ته هن علائقي کي ڪڇ ۽ پُڄ کان يا حيدرآباد مان ويهي سنڀالڻ سولو نه آهي ته هنن هڪ ٻيو ضلعو ايسٽرن سنڌ فرنٽيئر جو ضلعو ٺاهيو. ان ۾ ميرپور کان ننگرپارڪر تائين، پٿوري کان سانگهڙ جا علائقا ملائي، 1860ع ۾ نئون ضلعو ٺاهيو ويو ۽ ٽروٽ کي ان نئين ضلعي "ايسٽرن سنڌ فرنٽيئر" جو پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ بڻايو ويو. جيڪو 1873 تائين ان عهدي تي رهيو.

ڪرنل ٽروٽ يار ويس ماڻهو هيو. سندس هٿ ماڻهن جي نبض تي هوندو هيو. متحرڪ ۽ هلڻ چلڻ وارو ماڻهو هيو. حيدرآباد ۾ هڪ باغ هئس. ڪرنل ٽروٽ جو باغ، جيڪو پوءِ حسن علي افنديءَ کي وڪيائين. جيڪو هاڻي حسن علي آفندي ٽائون جي نالي سان سڏجي ٿو. ڪرنل ٽروٽ جا حيدرآباد جي مشهور ماڻهن سان به لاڳاپا رهيا. مرزا قليچ بيگ جو پيءُ مرزا فريدون بيگ به سندس ويجهن سنگتين مان هڪ هيو. ٽروٽ جي مشوري سان ئي هن مرزا قليچ بيگ جا ٻه وڏا ڀائر تعليم لاءِ لنڊن موڪليا. جيڪي پوءِ پڙهي اهم عهدن تي فائز ٿيا.

انگريزن شروع ۾ انتظامي طرح ٽي ضلعا: ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور جا ٺاهيا. پر اڳتي هلي انتظامي طرح جيڪب آباد وارو علائقو چوٿون ضلعو ٺاهي، ان کي "اپر سنڌ فرنٽيئر" جو نالو ڏنو. خانڳڙهه جي ننڍڙي ڳوٺ کي نئون ضلعو ٺاهيو ويو. جنرل جان جيڪب کي ان جو پهريون پوليٽيڪل سپرنٽينڊنٽ بڻائي، ڪيس وسيع اختيارات ڏئي اتي موڪليو ويو. ان ننڍڙي ڳوٺ کي جان جيڪب جي نالي جي پويان 'جيڪب آباد' جو نالو ڏنو ويو جيڪو اڄ سنڌ جو مشهور شهر آهي. جان جيڪب هتي 1851 کان 1858ع تائين رهيو. هن هڪ طرف جيڪب آباد جي ترقيءَ ۾ اهم رول ادا ڪيو ته ٻئي پاسي هن بلوچستان جي قبائلين سان مسئلا حل ڪيا. علائقي جي آبادي ۽ پوکيءَ لاءِ پاڻيءَ جو

Gul Hayat Institute

بندوبست ڪيو. علائقي ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ بہ وڏو ڪردار ادا ڪيائين. هو 1858ع ۾ جيڪب آباد ۾ وفات ڪري ويو. ڪيس اتي ئي دفن ڪيو ويو.

ٽروٽ بہ جان جيڪب جهڙو ڪردار هيو پر بدنصيبيءَ سان هو انگريز سربراهن جو پيِن وانگر اک جو تارو نہ بڻجي سگهيو. هن کي نوڪريءَ وارن آخري ايامن ۾ ڪجهہ مسئلا پيش آيا. ڪنهن ماڻهو هن تي حيدرآباد ۾ ڪيس ڪيو. حسن علي آفنديءَ سندس وڪالت ڪئي هئي. هو ڪيس مان آجو ٿيو تہ ٻارهن مهينا موڪل وٺي لنڊن روانو ٿيو پر 1874ع ڌاري سمنڊ ۾ ڪِري پيو ۽ مري ويو. هٽ جي ڪشادي ۾ يار ويس هجڻ ڪري حيدرآباد ۾ پوپان 5000 روپيہ قرض چڙهي ويو. جيڪو سندس زال ادا ڪيو. پر ٻين روايتن موجب ٽروٽ سمنڊ ۾ ٻڏي نہ مئو بلڪ لنڊن ۾ مري ويو هو.

هن اهم شخصيت تي تمام گهٽي ڪوجنا جي ضرورت آهي. محترم غلام محمد لاکي "ٿر سيمينار" ۾ ٽروٽ تي مضمون پڙهي وڏو اهم رستو کوليو. اميد تہ لاکو صاحب پاڻ ۽ ٻيا محقق ان ڏس ۾ مدد ڪندا ۽ وڌيڪ تحقيق ڪري حقيقتون عام ڪندا.

لاکي صاحب کي ڪرنل ٽروٽ جي تصوير نہ ملي سگهي. پر مون ذاتي ڪوششون ڪري نصير مرزا کان هڪ تصوير حاصل ڪئي. جنهن لاءِ ٻڌايائين تہ اها مرزا قليچ بيگ جي ذاتي لائبريءَ مان ورتي وئي آهي. اها تصوير ڪتاب جي پهرئين ايڊيشن ۾ شامل ڪئي وئي آهي. اها ئي تصوير وڏي ڪرائي، فريم ڪرائي، ڊي سي هائوس ۽ ڊي سي آفيس ٿرپارڪر مٺيءَ ۾ پڻ لڳائي آيو هوس.

## ملڪ ۾ سياسي راند

خدا جي مهرباني ٿي، ان ئي موقعي تي ٿر ۾ ڪوئلي جي ڪوجنا سڦل ثابت ٿي ۽ اهو اعلان ٿيو تہ ٿهاريو هالیپوٽہ جي علائقي مان ڪوئلي جي ذخيرن جي دريافت ٿي آهي. جيڪو ملڪ جي ترقيءَ ۾ انقلابي اهڃاڻ هيو. اهو نواز شريف جي حڪومت جو پهرين دور هيو. نواز جي حڪومت تہ 1981ع کان ئي پنجاب ۾ هئي، جڏهن هو خزاني جو وزير هيو. پوءِ 1985ع ۾ وڏو وزير ٿيو. 1988ع ۾ ٻيهر وزيراعليٰ ٿيو ۽ سندس مشهوري ان ڪري بہ ٿي، ۽ ڪرائي وئي تہ هو وزيراعظم بي نظير ڀٽو کي پنجاب جي دوري دوران ايئرپورٽ تي بہ پروٽوڪول جي خلاف آجيان نہ ڪندو هيو. 1990ع ۾ غلام مصطفيٰ جتوئي نگران وزيراعظم هيو. سانڍس واعدو هيو تہ ڪيس وزيراعظم ڪيو ويندو. پوءِ نوازشريف ۽ ڪمپنيءَ سانڍس بغاوت ڪئي. اسحاق خان ۽ بااختيار ادارن ۽ IJI سان ڳٽ جوڙ ڪري جتوئي صاحب کي مکڻ مان وار وانگر ڪڍي ٻاهر ڪيو ويو ۽ نوازشريف 1990ع ۾ پهريون ڀيرو پاڪستان جو وزيراعظم بڻيو. 1992ع ۾ ڪوئلي جي نڪرڻ ڪانپوءِ



نوازشريف ڪنهن گرم جوشيءَ جو مظاهرو نہ ڪيو. 1993ع جي سال ۾ نواز حڪومت ڊاهڻ لاءِ ڪوششون شروع ٿي ويون. جنهن ۾ ماضيءَ جي دشمنن، صدر اسحاق خان ۽ بي نظير ڀٽو هٿ ملايا ۽ نواز شريف جي حڪومت کي ڊاهڻ جو پاڻ ۾ عهد ڪيو. سندن ڪوشش جي نتيجي ۾ صدر اسحاق خان آئين جي شق 58-2B جو سهارو وٺي نواز شريف جي حڪومت کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ مير بلخ شير مزاري جيڪو ڊيره غازي خان ڏکڻ پنجاب جو وڏو جاگيردار هيو ۽ جنهن کي ڏاڍن مڙسن جي مدد حاصل هئي، ان کي نگران وزيراعظم مقرر ڪيو ويو. ان واقعي جو ٿر تي اهو اثر پيو تہ ٿر مان ارباب غلام رحيم صاحب پهريون دفعو وفاق ۾ نگران حڪومت ۾ وزير مقرر ٿيو. ان سان گڏ آصف علي زرداريءَ کي بہ جيل مان ڪڍي وزير جو حلف کڻايو ويو. اهو ئي غلام اسحاق خان، صدر پاڪستان، جنهن کيس جيل ۾ وجهايو هيو. ان کي ئي کيس آشيرواد ڏئي انوائرمينٽ جو وزير مقرر ڪيو.

واهہ سياست تنهنجا رنگ..!

ان وچ ۾ سنڌ جي سياست هڪ ٻي قلابازي کاڌي. پر ان قلابازيءَ کان اڳ ۾ ڄام صاحب ڪينسر جي علاج لاءِ ٻاهر ويو ۽ سائين مظفر حسين شاهہ کي چيف منسٽر جا پاور ڏنا ويا تہ هو ڄام صاحب جي غير حاضريءَ ۾ سندس اختيار استعمال ڪندو رهي.

ڄام صاحب يورپ مان موٽڻ ڪانپوءِ پنهنجي نياڻيءَ جي شادي پنهنجي ڀاڻيجي ڄام نفيس سان ڪرائڻ جو پروگرام رٿيو. شادي ڳوٺ ڄام نواز عليءَ ۾ رٿي وئي. اتي پاڪستان جي حڪومت جي هر شخصيت موجود هئي. وڏا وڏا فوٽو پوسٽر لڳايا ويا هئا. ان دور ۾ مان مٺيءَ ۾ ڊي سي هئس. منهنجي بہ ڄام نواز عليءَ ۾ ڊيوٽي لڳل هئي. سڄو شاديءَ جو منڊل پنهنجي اکين سان ڏٺو.

انهن پوسٽرن ۾ پهريون پوسٽر آصف نواز آرميءَ جي چيف جو هيو. ٻيو اسحاق خان صدر جو ۽ ٽيون پوسٽر نواز شريف وزيراعظم جو لڳل هيو. ڄام صاحب موت جي بستري تان بہ سياست ڪيڏي رهيو هيو ۽ خوب ڪيڏي رهيو هيو.

ڄام صاحب زبان جو چوٽ هوندو هيو. هو محترمہ جي حوالي سان چوندو رهندو هيو تہ ڪيتري نہ بدنصيب آهي اُها ڌي جنهن کي شاديءَ کان پوءِ پيءُ جي دعا جو هٿ بہ نصيب نہ ٿيو هجي. ڄام صاحب بہ سندس نياڻيءَ جي رخصتيءَ وقت نيم بي هوش هيو.

الله جي مرضي!

## مظفر حسين شاهہ ـ سنڌ جو نئون وزيراعليٰ

ڄام صاحب جي رحلت کان پوءِ نئين CM جي سليڪشن/اليڪشن جو مرحلو

Gul Hayat Institute

ڪپري واري سان ملاقات ٿي. تنهن ڏاڍو سنو تبصرو ڪيو ته هڪ صدر آهي، ٻيو وزيراعظم، وڏيڪ ڇا ٿا ٿيڻ چاهين؟

رب رسي ته مت کسي.

سو هنن ٻنهي کان به مت کسجي وئي. سياسي پارٽيون لڙ ۾ مزو وٺي رهيون هيون ۽ آرمي چيف کي چئي رهيون هيون ته تون دخل اندازي ڪر ۽ ڪو نهراءُ ڪراءِ.

فارمولا اهو نڪتو ته ٻئي، صدر ۽ وزيراعظم تڏاويڙهه ڪن، استعيفائون ڏين، اسيمبليون ٽُٽن ۽ گهر پيڙا ٿين. وزيراعظم ته سياسي ماڻهو هيو. صدر اسحاق خان، جيڪو پنهنجي اٽڪل سٽڪل سان نائب مختيارڪار مان اچي صدر مملڪت پاڪستان ٿيو هيو، ان کي الائي ڪنهن جو آسرو هيو. جو پنهنجي هڪ سال جو رهيل مدو به قربان ڪري ڇڏيائين. اسان جي پياري ملڪ ۾ به عجيب سياسي کيل ڪيڏجن ٿا. صدر ۽ وزيراعظم ٻئي ايوان صدر ۽ ايوان وزيراعظم ڇڏي، هڪ اسلام آباد، پنهنجي گهر ويو ته ٻيو رائيونڊ وڃي پهتو.

## معين قريشي

نگران وزيراعظم لاءِ ان وقت ڪو مناسب ماڻهو ڪونه سُجهيو. آمريڪا مان ورلڊ بئنڪ جو هڪ پيسي ڏوڪڙ ۽ حساب ڪتاب جو ماهر ماڻهو ٽن مهينن لاءِ وزيراعظم جي پگهار ۽ مراعات تي هتي گهرائي نگران وزيراعظم مقرر ڪيو ويو. اچڻ سان پهريون ڪم اهو ڪيو ويو جو کيس پاڪستاني ڪرڻ لاءِ سندس شناختي ڪارڊ ٺهرايو ويو. کيس وسيم سجاد حلف کڻايو. سندس نالو هيو معين قريشي.

## وسيم سجاد ـ صدر

وسيم سجاد سينيٽ جو چيئرمئن هيو. جيڪو آئين جي احڪامن تحت اسحاق خان کان پوءِ ايڪٽنگ صدر مقرر ٿي ويو. جيستائين اسيمبليون صدر جو انتخاب ڪن!

سنڌ ۾ به سائين علي مدد شاهه ريٽائرڊ جسٽس وزيراعليٰ ٿيو.

*

اهو هيو 1993ع آگسٽ جو سيٽ اپ، جنهن 1993ع واريون اليڪشنون ڪرايون. جڏهن محترمه جي ٻي حڪومت چونڊجي آئي، اها حڪوت 1996ع تائين هلي. جنهن کي پارٽيءَ جي سابق سڪريٽري جنرل پائي جان فاروق لغاري، صدر پاڪستان 58-2B جو سهارو وٺي آرمي چيف سان ملي ڀڳت ڪري اسيمبليون ڊزالوِ (dissolve) ڪيون. 96_1993ع جي حڪومتي عرصي دوران محترمه اهو اعلان ڪيو ته ڪيٽي بندر کي بطور بندر جي بحال ڪيو ويندو. ڪوريا جي مدد سان وڏو پاور پلانٽ لڳائبو. ٿر ڪول فيلڊ کان ڪيٽي بندر تائين ريلوي لائين وڇائبي. جيڪا ٿر ڪوئلي کي ٻاهر ڪڍڻ ۾ مدد ڪندي. پر افسوس! پائي جان فاروق لغاري، مير مرتضيٰ جي قتل کي سبب بنائي، محترمه جي حڪومت ۽ اسيمبلي ختم ڪري ڇڏي. محترمه جي سپريم ڪورٽ به مدد نه ڪئي. حڪومت بحال نه ٿي. ٻيهر چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ويو.

*

هن دفعي وزيراعظم جو ڪڙو PPP جي ئي سابق اسپيڪر جناب معراج خالد جي نالي تي نڪتو. ڪئبنيٽ ۾ عبدالله جي ميمڻ صاحب، واٽر ۽ پاور جو وفاقي وزير ٿيو. سنڌ جو وزيراعليٰ محترم ممتاز علي خان ڀٽو ٿيو. اهو به عجيب اتفاق هيو. ممتاز صاحب 1971ع جي ڊسمبر ۾ ڀٽي صاحب جي صدر ۽ پوءِ وزيراعظم ٿيڻ کان پوءِ سنڌ جو گورنر ٿيو. 1972ع جا لساني جهيڙا به ممتاز صاحب جي دور ۾ ٿيا. ممتاز صاحب ان کان پوءِ سنڌ جو ڏهيسر سڏجڻ لڳو. پر اهي سنڌي مهاجر جهيڙا حڪومت کي ڪچيءَ ۾ پئجي ويا. جيڪي اڄا تائين اسان جي ڳچيءَ مان ناهن نڪتا. جن جي نتيجي ۾ مهاجرن سان 60/40 وارو فارمولو طئي ٿيو. اهو به طئي ٿيو ته سنڌ جو گورنر مهاجر ٿيندو. ان کان سواءِ سنڌ کي ٻن زبانن، اردو ۽ سنڌيءَ وارو صوبو قرار ڏنو ويو. سنڌ پوئتي موٽي رهي هئي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪري وفاقي دارالحڪومت جو شهر ٺاهيو ويو جيڪو سنئون سڌو لياقت علي خان جي ماتحت ٿي ويو.

جيستائين ٻولين جي ڳالهه آهي ته انگريزن جي دور ۾ اهو طئي ٿيل هيو ته جيڪو به ICS آفيسر انگريز، يا ڪنهن ٻئي صوبي جو آفيسر نئين صوبي ۾ نوڪري ڪندو، اهو ان صوبي جي ٻوليءَ جو امتحان ڏيندو. سيد هاشم رضا، ICS ڪري بمبئيءَ ۾ نوڪري ڪئي ته اتي جي ٻولي سکي. ورهاڱي کان اڳ ۾ سندس بدلي لاڙڪاڻي بطور ڪليڪٽر ۽ ڊپٽي ڪمشنر جي 1943ع ۾ ٿي. پر ان کان اڳ ۾ پاڻ سنڌي لکڻ پڙهڻ سکيو.

سندس انگريزيءَ ۾ لکيل آپ بيتي ”هماري منزل/ Our Destination“ دلچسپ آهي. ٻولي سکڻ جا اهي ٻئي حوالا سندس آپ بيتيءَ مان ڏئي رهيو آهيان. پر پاڪستان جي ٺهڻ جي پنجويهن سالن کان پوءِ ۽ پاڪستان جي آباديءَ جو اڌ کان به وڏو حصو وڃائڻ کان پوءِ به اسان کي عقل نه آيو. پر اهو ’وڏو وڍ‘ اڃا به وسيع ۽ وسيع تر پيو ٿيندو وڃي، ۽ الائي ڪٿي وڃي ڇيهه ڪندو. ’همراهن‘ حيلا ته گهڻا ڪيا آهن، حملا به گهڻا ٿيا آهن، پر سنڌي ۽ سنڌ سڀاجهيءَ تي قدرت پورائيءَ جا پال ڪيا آهن.

## ڪيٽي بندر پورٽ

محترمہ پنهنجي ٻئي دور حڪومت ۾ جيڪو ٽي سال کن رهيو، پُرعزم هئي تہ ڪيٽي بندر کي ترقي وٺرائجي. اهڙي ترقي وٺرائجي جو ان جي ترقيءَ سان ملڪ جي بهتري ٿئي. ڪوريئن سرڪار تيار هئي. پر سندس ڀاءُ مير مرتضيٰ جي شهادت کان پوءِ سندس حڪومت کي گول ڪيو ويو. 1997ع ۾ نواز شريف جي ٻئي دور حڪوت ۾ ٻيهر اهو ڪم ڪيو ويو تہ ڪيٽي بندر جي پورٽ ۽ بجلي گهر جي رٿا کي بنا سوچڻ جي رد ڪيو ويو. ٿر جو ڪوئلو بہ رهجي ويو تہ ڪيٽي بندر بہ رهجي ويو. حقيقت ۾ ڪيٽي بندر قدرتي بندر هيو ۽ ماضيءَ ۾ ان هن علائقي کي ۽ پنجاب ۽ هندستان جي ڪجھ علائقن کي فائدو پهچايو هيو. هاڻي بہ اهو بندر ٺئي ها تہ ان سان سڄي سنڌ ۽ ملڪ کي فائدو ٿئي ها ۽ ترقيءَ لاءِ سڄي سنڌ ڪيٽي بندر کان ڪشمور تائين ۽ ڪارونجهر کان ڪينجهر تائين ڊيگھ ويڪر ۾ کُلي پوي ها ۽ سنڌ ۾ خوش حالي اچي وڃي ها. ۽ سنڌي بہ خوشحال ٿين ها پر...

پ پ پ جو محترمہ جي شهادت کان پوءِ ٽيون دور آيو. ٻيهرين دور ۾ٽي صاحب جو ٻيو محترمہ جو ٽيون دور آصف زرداري صاحب جو. آصف صاحب صدر پاڪستان منتخب ٿيو. سندس حڪومت پنج سال رهي. مٿي يوسف رضا گيلانيءَ جي حڪومت ٿي، جنهن کي جسٽس چوڌريءَ جي نظر لڳي وئي. پوءِ بہ پ پ جي حڪومت رهي. هن دفعي تڪراري منصوبو ’ذوالفقار آباد‘ شروع ڪرڻ جو اعلان ٿيو. پر ڪا لاياٽي پيش رفت نہ ٿي ۽ هاڻي اهو منصوبو ’گورک هل‘ جي منصوبي وانگر ’مُئل گهوڙو‘ آهي. ڪوئي سندس نالو بہ هاڻي ڪونہ ٿو وٺي.

ڪجھ ڏينهن ٿيندا تہ سائين قائم علي شاھہ چائينيز وفد سان ڳالهائيندي ڪيٽي بندر جي پراڻي منصوبي جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ان ڳالھہ جي حامي ڀري. اهو تہ پراڻو ڪيٽي بندر پورٽ ۽ پاور پلانٽ وارو منصوبو چائنيز سيڙپ ڪارن سان پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ۾ بحال ڪيو ويندو. چائنا جي آيل سيڙپ ڪارن جي وفد بہ حامي ڀري آهي. ڏسجي تہ آسمان ايندڙ وقتن ۾ ڪيٽي بندر لاءِ ڇا لکيو آهي؟ بهرحال خير ۽ ڀلائيءَ جي دعا گهرجي.

## ٿر تي (تڏِ) ماڪڙن جو حملو

اسان ننڍا هوندا هئاسين، تہ هڪ بہ ٻيرو پنهنجي علائقي ۾ ماڪڙ (locust) جا حملا ڏٺا هئاسون. جڏهن ماڪڙ هڪ جڳھ کان اڏامي ٻي جڳھ تي ايندي هئي تہ سڄو آسمان ڍڪجي ويندو هيو. وڏا چوندا هئا تہ ان جي حملي کان الله پناھہ ڏئي. جيڪا بہ



شيءِ ڪين هٿ آئي، اها ڪائي چٽ ڪري ڇڏيندي آهي. ڪي چوندا هئا تہ ماڪڙ ڏاڍي لذيذ ٿي ٿئي. ڀڃائي ڪائجي. اسان تہ ڪڏهن نہ ڪاڌي پر ماڪڙ هر شي ڪائي ويندي هئي. لڪڙ هضم پٿر هضم.

ان زماني ۾ ڀيلي مشينري ۽ ڀيلا جهاز زراعت کاتي وٽ هوندا هئا. مشينون ۽ جهاز فصلن تي ڦوهارو ڪندا هئا. ماڪڙ تي بہ ڦوهارو ڪندا هئا. اهي جهاز ايڏا سولا هوندا هئا. جو زمين جي ڪيڙيءَ ۾ بہ لهي پوندا هئا. وري دوا ڀري اڏامي پوندا هئا. نوڪريءَ جي شروعات ۾ لوڪسٽ ڊپارٽمينٽ جون رپورٽون ڏٺيون هيون. اهي رپورٽون ڊي سيءَ جي آفيسن ۾ ايندڙيون هيون ۽ انهن ۾ ٻڌايل هوندو هيو تہ ماڪڙ ڪٿي آهي. ايندڙ ڏينهن ۾ ڪٿي حملو ڪندي.

ساوا ستابا علائقا تہ پوءِ بہ ست سهي ويندا هئا. ٿر ۾ جو ماڪڙ ايندي هئي، هر شيءِ چٽ ڪري ڇڏيندي هئي. جانورن لاءِ گاھہ بہ نہ ڇڏيندي هئي. پر مارو ماڻهو جن جو گذرسفر ئي انهن گاھہ ٻوٽن تي هوندو هيو اهي بہ بک مرندا هئا.

ٿر ۾ پنهنجي tenure جي آخر ۾ جون جولاءِ 1993ع جي مهينن ۾ بيڪانير جي پاسي کان ٿر جي بارڊر علائقن ۾ ماڪڙ جو حملو ٿيو. مون کي ڏاڍو افسوس ٿيو. مون بارڊر علائقو ماهرن سان گڏجي وزٽ ڪيو. صورتحال جو جائزو ورتو. جهونن ۽ ڏاهن ماڻهن سان ڳالهايو. انهن عجيب ڳالهيون ٻڌايون ۽ انهن جي حملن ۽ وڌڻ جي طريقي جو ٻڌايو. اهو بہ ٻڌايو تہ ”سرڪاري يا انگريزي علاج کان سواءِ انهن کي ناس ڪيئن ڪجي.“

ماڪڙ هميشہ هڪ سڌي لائين ۾ هلندي آهي. جيڪو بہ گاھہ يا ڪاٺ جهڙي شيءِ ملندس، جنهن ۾ اڪ جو ٻوٽو بہ شامل آهي، ان کي بہ کائيندي آنا (larva) لاهي اڳتي وڌندي ويندي آهي. انهن انڊن (larvas) مان چوويهن ڪلاڪن ۾ ٻچا ڦٽندا آهن. اهي بہ چوويهن ڪلاڪن ۾ فوج ٺاهي هلڻ شروع ڪندا آهن ۽ ساڳيو طريقو اختيار ڪندا آهن. اهڙا دشمن ۽ انهن جي فوج جيڪا 24 ڪلاڪن ۾ ٻٽي ٿيندي وڃي، انهن سان منهن ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. سرڪار تہ پنهنجي جهازن جي معرفت دوا درمل هٽندي رهي. سيڪريٽري ايگريڪلچر آغا آفتاب احمد خان هيو. پراڻو زراعت کاتي جو پروفيشنل آفيسر هيو. هن پنهنجي عملي کي تيز ۽ تيار ڪيو ۽ جهازن جا ”دشمنن“ تي حملا شروع ڪري ڇڏيا.

هوڏانهن مون مقامي ماڻهن جو تعاون ورتو. جنهن لائين ۾ ماڪڙ سڌا هلندا هئا. انهن جي اڳيان بہ ٽي فوٽ ويڪرا ۽ اونها ساڳي سڌ ۾ کڏا کوٽيا هئا. جيئن ماڪڙ انهن ۾ ڪرندا هئا تہ انهن کي پوري ڇڏبو هو. اهو طريقو مقامي ماڻهن جي تعاون کان سواءِ ممڪن نہ هيو. روينيو ۽ پوليس جي عملدارن عوام کي ان ڪم لاءِ آماده ڪيو. اتان جي

Gul Hayat Institute

نيڪ مردن ۾ ٻين چڱن ماڻهن پاڻ موڪيو. هيو ته اهو ڏکيو ۾ محنت طلب عمل پر علاج يڪ ٽڪ هيو.

1993ع ڪيئر ٽيڪر دور ۾ محترم ڪي بي رند صاحب چيف منسٽر جو پرنسپل سيڪريٽري هيو. ساڻس جيڪا نيازمندي هئي، ان مان به فائدو ورتو ۽ زراعت کاتي کي تيز ڪرڻ ۾ انهن لاءِ اضافي بجيٽ رليز ڪرائڻ لاءِ سندس مدد ملي، جيڪا هن دل کولي ڪئي.

ٿر ۾ تنهن زماني ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد، پاڪستان جي بارڊر تائين ٻڌو ويندو هيو ۽ بارڊر کان پريان به ٻڌڻ ۾ ايندو هيو. ريڊيو جو حيدرآباد جو اسٽيشن ڊائريڪٽر تنهن زماني ۾ سنڌيءَ جو معروف شاعر ۽ گهڻين ئي صفتن جو صاحب محترم عنايت بلوچ هيو بلوچ صاحب منهنجو به دوست هيو جيڪو اڄا تائين دوست آهي. هو عوامي ڪم جي پلي کي هميشه اهميت جي نظر سان ڏسندو آهي. هن ۾ اسان اهو طئي ڪيو ته مان روزانه ٽيليفون تي ڪيس ماڪڙ جي علائقي لاءِ اطلاع ڏيندس ۽ انهن جي ختم ڪرڻ جو طريقو ٻڌائيندس ۽ جيڪي اسپري جا علائقا هوندا آهن، انهن کان ڪين واقف ڪندس. منهنجو اهو پيغام هر ٻن ڪلاڪن کان پوءِ ريڊيو نشر ڪندو رهندو. مون ضلعي ۾ ايمرجنسي لڳائي هئي ۽ سرڪار جا محڪما مون سان هٿ هٿ ۾ ملائي ان جنگ ۾ شريڪ هئا. دراصل هئي به جنگ.. منهنجي گذارش تي جهازن جو پوروپونٽ ۽ سينيئر عملدار زراعت کاتي جا، رند صاحب ۽ آغا صاحب ٿر ۾ ويهاري ڇڏيا هئا. اسان Marching Enemy (حملو ڪندي وڌندڙ دشمن) جي چيلهه ڇپي ڪري ڇڏي هئي. ماڪڙ جو اڳتي وڌڻ گهٽجي ويو هيو. خاص خاص علائقن ۾ اِها محدود ٿي وئي هئي.

انهن ئي ڏينهن ۾ ڪي بي رند، چيف منسٽر جي سيڪريٽريءَ مون کي اها خبر ٻڌائي ته منهنجي ٿر مان بدلي ڪئي ٿي وڃي. مون ڪيس گذارش ڪئي ته مون کي ڪجهه وقت ڏيو ته مان ماڪڙ جي خلاف آخري جنگ ڪري فتح حاصل ڪريان. پر منهنجي هڪ نه ٻڌي وئي. بدلي تي ڏڪ ٿيو. مون کي لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ ۾ سيڪريٽري بورڊ مقرر ڪيو ويو. جيڪا سني پوسٽ سمجهي ويندي آهي. پر سچ ته اهو آهي ته مان ان حالت ۾ ٿر ڇڏڻ لاءِ تيار نه هئس. حالانڪ ٿر جون سياسي ڌريون منهنجي بدليءَ مان خوش نه هيون. چو ته مون اتي به سال اڻ ڌريو انتظامي رول ادا ڪيو هيو. انهن به چاهيو پئي ته مان اليڪشن تائين اتي ئي رهان. پر ائين ڪونه ٿيو. امير علي ڀٽ نئون ڊي سي ٿر ٿيو.

## اصلي ۽ نقلي مکڙ

انهن ئي ڏينهن ۾ 'مارووڙا' ٿرپارڪر ايرڊ ريجن ڪوآرڊينيشن ڪائونسل جو



قيام عمل ۾ آيو. جنهن جي تقريب ٿي، ان ۾ ٻاهران ٻيليءَ جا تمام گهڻا ميمبر، جاويد جبار سميت مرد ۽ عورتون به شريڪ ٿيا. ماڪڙ جي ڳالهه نڪتي. اتي هڪ ڪراچيءَ جي خوبصورت ڇوڪري فريحه، جيڪا جاويد جبار ۽ منهنجي وچ ۾ ويٺي هئي، تنهن جاويد جبار کي چيو ته "اڄ اسان کي بار بار مکڙ چو ٿا چون". مون به ٻڌي ورتو. پوءِ جاويد جبار صاحب هن ڇوڪريءَ کي تفصيل سان ٻڌايو ته هي سنڌي اسان کي مکڙ نه ٿا چون. پر ٿر ۾ واقعي اصلي ماڪڙ اچي وئي آهي. تنهن جي متعلق ڳالهائي رهيا آهن. جاويد صاحب جي اها ڳالهه جڏهن سڀني ٻڌي ته هڪ وڏو ٽهڪ پيو.

## نون فنڪارن جي ڳولا

عنايت بلوچ جيترو ٻاهران سهڻو آهي، اوترو سنڌس اندر به سهڻو آهي. جيترو شعر ۽ ادب جو ڪاهوڙي ۽ جاکوڙي آهي، عملي طور ريڊيو جو عملدار به ايترو ئي محنتي ۽ جفاڪش آهي.

14 آگسٽ 1992ع تي مان حيدرآباد ۾ هئس ۽ عنايت بلوچ کي هٿ اچي ويو هوس. بلوچ صاحب ريڊيو جي پروگرام ۾ وٺي هليو. مون سان گڏ منهنجو پٽ انيس قادر منگي به هيو. اسان ٻئي ريڊيو پروگرام ۾ پهتاسون. ريڊيو اسٽيشن ڏٺو سين. اهو ڪنهن به ريڊيو اسٽيشن تي منهنجي زندگيءَ جو پهريون چڪر هيو ۽ منهنجي پٽ جو به پهريون چڪر هيو. اهو فرق آهي اسان جي نسل ۽ اڄوڪي نسل ۾. هاڻي اسان جتي آهيون، اسان جا ٻار به اتي آهن. جتي اسان جي زندگيءَ جي شام ٿي ٿئي، اتان انهن جي صبح جو سج اُڀري رهيو آهي.

بلوچ صاحب چانهن بسڪيٽن سان پياري ۽ مون کان ڳالهين ڳالهين ۾ هڪ پروگرام طئي ڪرايو. ڊي سي ٿر ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد. ٿر ۾ ٽئلينٽ هنٽ ڪندا. عنايت بلوچ صاحب پنهنجي ٽيم ۽ ساز و سامان سان ٿر جو دورو ڪندو ۽ ٿر جي ضلعي انتظاميا ان کي سهولت فراهم ڪندي.

بلوچ صاحب اهو Talent hunt ڪيو جنهن ۾ گهڻو ئي ڪامياب رهيو. انهن مان ڪيترائي فنڪار مرد توڙي عورتون پوءِ ريڊيو جا عوامي فنڪار ثابت ٿيا. اڄ به هو ان لاءِ مون کي ڪريڊٽ ڏيندو آهي ۽ مان وري عنايت بلوچ صاحب کي.

## بابري مسجد وارو سانحو

1992ع مئي- جون ۾ هندستان ۾ بابري مسجد وارو واقعو ٿيو. هندستان جو موجوده مذهب پرست وزيراعظم نريندرا مودي، جيڪو ان وقت گجرات صوبي جو وڏو وزير هيو. ان واقعي ۾ ان جو هٿ هيو. مسلمان لاءِ وڏو ممڻ مچايو ويو ۽ سوين بيڏوهي

Gul Hayat Institute

مسلمان شهيد ٿيا ۽ ڪجهه هندو به موت جو لقمو بڻيا.

ان جو ردعمل پاڪستان ۾ ٿيو. ٿر جي آباديءَ جو تقريباً ٽيون حصو هندو آهن. مندر هر ڳوٺ، هر پاڙي ۾ آهن. ٻيو ته ڇڏيو پر تاريخي مندر گوڙيءَ جا ڏهرا ۽ پوڊيسر ۽ ويراواهه وارا جين مندر، جيڪي سُڄ ۾ تڙيا پڪڙيا پيا آهن.

هوندي ته ٿر ۾ ماحول پُرسڪون ۽ سانت وارو آهي، پر جيڪڏهن ڪو شرارت ڪرڻ تي اچي ته ڪجهه به ڪري سگهي ٿو. تنهن ڪري مون SP ٽيپو صاحب سان صلاح مشوري سان هڪ Contigency Plan ٺاهيو جنهن ۾ تاريخي مندرن جي حفاظت لاءِ پڪتون لڳايون. شرپسند ماڻهن جي نظرداري شروع ڪئي. هندن ۽ مسلمانن جون گڏيل ريليون ڪڍيون. هندن ۽ مسلمانن جون ڪميٽيون. انٽيليجنس جي نظام کي بهتر ۽ تيز ڪيو جنهن ۾ پوليس جو گشت پڻ شامل هيو.

اسان جي انهن ڪوشش رنگ لاتو. ڪو به واقعو نه ٿيو. ڇاڇري ۾ ٻن شرارت پسند ماڻهن مندر کي باهه ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پوليس جي خبردار هجڻ ڪري انهن کي سگهو سوڙهو جهليو ويو.

خير اهو دور سڪون ۽ امن سان گذري ويو. اسان کي خاص طرح گوڙيءَ جي مندر ۽ ننگرپارڪر جي جين مندرن جي ڳڻتي هئي. اتي پوليس لڳائي وئي هئي. سڄو مرحلو خير خوبيءَ سان ختم ٿيو. هندو ڪميونٽيءَ سُک جو ساهه کنيو. انتظاميا سندن ملڪ ۾ سندن ويساهه پختو ڪيو. اسان سندن دلين جي وڌيڪ ويجهو ٿي وياسون. اهو سندن روين مان واضح ٿيڻ لڳو ۽ ايندڙ وقت ۾ انتظاميه کي سندن مدد ۽ تعاون حاصل ٿيو.

## جڳديش ملاڻي

جڳديش ملاڻي، پ پ پ جو ٿر ۾ جيالو ٻي ٻيءَ کي به پيارو هيو پر بيگم ڀٽو جو به لاڏلو هيو. بيگم صاحبه سان لاڙڪاڻي جي نوڪريءَ جي ۽ پيپلز پروگرام جي پي. ڊي هجڻ ڪري به ڄاڻ سڃاڻ هوندي هئي. منهنجي ٿر ۾ بدليءَ جي ڪيس سڻ هئي. هڪ دفعي ايئرپورٽ تي بيگم صاحبه سان ملاقات ٿي وئي. اتفاق سان جڳديش به اتي موجود هيو. بيگم صاحبه سندس هٿ منهنجي هٿ ۾ ڏئي چيو هيو ته، ”هن جي پارت هجئي. مون کي مير بابا وانگر آهي.“ جڳديش اڳ ئي ارڏو مڙس، وري جو بيگم صاحبه پارت ڪئي ته هر ڪو سمجهي سگهي ٿو. جهل ٿي نه ڏئي. مون کي به ارڏاين جي ڪري پلو لڳندو هيو. مڊل ڪلاس جو هندو ورڪر، جنهن نموني ۾ ڏکئي وقت ۾ پنهنجو مقام پيدا ڪيو اهو سندس ئي حصو هيو. هن موجوده ٿر مان ڪو به هندو ليڊر ايترو عوامي سطح تي محنت، جدوجهد ۽ تڪليفون ڏسڻ کان پوءِ سياسي طرح اڳتي نه وڌيو. راڻا چندر سنگهه به ’راڻو‘



هيو. هن به مٿانهين سياست ڪئي، پر جڳديش هيٺانهين سطح کان سياست ڪئي، ۽ گهٽن کي ٿي پوئتي ڇڏي ويو. جيلن ۾ ويو. انڊر گرائونڊ رهيو سختيون سٺائين. پر پ پ پ جي سياست کان منهن نه موڙيائين.

آخر ۾ ريليءَ جي سلسلي ۾ ٽي دوستن اسماعيل اديجو، فقير محمد لاشاري ۽ غلام قادر پليجو سان موٽر وي سان لاهور کان اسلام آباد وڃي رهيو هيو ته، روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ سواءِ غلام قادر پليجي جي، ٽئي دوست شهيد ٿي ويا. جڳديش جي وفات کانپوءِ سندس ڀاءُ موتي رام ملاڻي سياسي وارث ٿيو جيڪو به اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو پر اهو بيماريءَ ۾ فوت ٿيو ۽ سندس ٽيون ڀاءُ مهيش ملاڻي سندس سياسي وارث ٿيو. ٿر جي ماڻهن جون خاص طور هندو جاتيءَ جون هن جي خاندان سان تمام گهڻيون اميدون وابسته آهن. 2013ع جي اليڪشن ۾ ته مهيش ملاڻي جنرل سيٽ تي ارباب گروپ کي شڪست ڏئي ايم پي اي ٿيو. ملاڻي صاحب اتان پهريون دفعو اليڪشن کٽي ۽ ايم پي اي ٿيو. اهو موقعو ارباب غلام رحيم لاءِ اچرج جو هيو ۽ ملاڻي فيمليءَ لاءِ ڪاميابي ۽ خوشيءَ جو لمحو. راڻو مل ملاڻي ته بنيادي طرح استاد آهي، پر وڏي ڀاءُ جي حيثيت ۾ هنن جي فيمليءَ جي Think tank واري پوزيشن اٿس. پاڻ وقت کان اڳ ۾ رٽائرمينٽ ورتي اٿائين. گهر ۾ رهي به سوشل ورڪ ۽ بيڪ ڊور سياست ڪري رهيو آهي. سندس منهنجي فيمليءَ تي احسان آهي. پاڻ سال کن گهر اچي منهنجي ٻارن کي انگريزيءَ ۽ ميٿس پڙهائيندو رهيو. ڪڏهن به ٽيوشن لاءِ پائي به نه ورتائين. ڪنهن کان به ٽيوشن جي فيس ڪونه وٺندو آهي. اهڙن ڳاڻ ڳڻين ماڻهن جي ڪري ته اهڙا پوئتي پيل علائقا ترقي ڪن ٿا ۽ ماڻهو خوش ۽ پرسڪون، پر اميد ۽ پر اعتماد زندگي گذارين ٿا. جنوري 2015ع ۾ ٿر جي دوري دوران مان راڻي مل ملاڻيءَ وٽ به ويو هوس. خوش ۽ صحت مند هيو. خوش حال زندگي گذاري رهيو آهي. پارٽيءَ طرفان به ڪيس ڪافي اهميت ملي رهي آهي. مان سندس ٿورا مڃيا ته هن منهنجي ٻارن تي توجه ڏنو. پاڻ چيائين ته، ”توهان هيڏو پري کان منيءَ ۾ اچي هتان جي ماڻهن جي خدمت ڪئي، پر جيڪڏهن اسان توهان جي ٻارن کي پڙهايو ته اهو اسان جو ڌرم هيو ۽ پنهنجو فرض ادا ڪيو.“ اهي سندس ڳڻ آهن.

## مسڪين جهان خان ڪوسو

تعلقه ننگرپارڪر ۾ 1900ع ۾ ڄائو. سندس ڏاڏو پوليس ۾ ڊي ايس پي هيو. پاڻ به 1918ع ۾ پوليس جي نوڪريءَ ۾ داخل ٿيو. دبنگ پوليس وارو ٿيو. هميشه مظلوم جو پاسو ورتائين. پوليس جيڪي جٽيون غريب غريبي سان ڪندي آهي، اهي هن ڪارون غريبن جي بدران اثروارن سان ڪيون. منيءَ ۾ نوڪريءَ دوران صوبيدار غريب ڪولهين تي ڏاڍ

Gul Hayat Institute

ڪيو ۽ ڪين ڪوڙن ڪيسن ۾ اڙايو. مسڪين دخل اندازي ڪئي پر صوبيدار نه مڙيو. هن وردي لاهي ڦٽي ڪئي. نوڪري ڇڏي ميدان تي لهي آيو غريب غربن جي مدد ڪرڻ لڳو. اهو سال 1927ع هيو. هيءُ سپاهيءَ مان سوشل ورڪر ٿي ويو.

مسڪين کي ڳوٺڙي ڪلهي ۾ يا ڪنهن آفيس جي در ٻاهران هوندو هيو يا ڪنهن اخبار جي در جي ٻاهران. ڪولهين ۽ ٻين غريب عرضدارن جا ڪٽڪ ساڻس گڏ هوندا هئا. وٺ وٺان ۽ هل هلان ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي. وڏيرن ۽ ڪامورن کي مسڪين جي اها ڳالهه نه وڻي. ڪيس زنا جي ڪوڙن ڪيسن ۾ اڙايو ويو. هن سان گڏ ڪامريڊ غلام محمد لغاريءَ کي به ڪوڙي ڪيس ۾ به اڙايو ويو. محترمه فاطمه جناح ۽ ڊاڪٽر خان به هن جي حق ۾ بيان ڏنا ۽ ڪامورن کي ضلع بدر ڪيو ويو. هن بنان ڪنهن متڀيد هر قوم ۽ قبيلي جي خدمت ڪئي. جبر جي هر قوت مان مهاڏو اٽڪايو. اهو ڪو ٺڪر هيو ڪو وڏيرو هيو ڪو پوليس وارو هيو ڪو روينيو آفيسر هيو يا ڪو پيو هن اسيمبلين تائين ڊڪ ڊوڙ ڪئي ۽ ماڻهن جا مسئلا حل ڪيا.

هن جو پٽ مري ويو ته ان وقت هيءُ ميرپورخاص ۾ هيو. هن کي اطلاع ڪيو. هن کي خدمت خلق اجازت ڏئي ته ڳوٺ پهچي. چاليهن ڏينهن کان پوءِ ڳوٺ تڏي تي پهتو. اهو ئي سبب آهي جو ٿر جا ڀيل ڪولهي ۽ مينگهواڙ ڀڳوان چوندا هئا. مسڪين 70 سالن کن جي عمر ۾ فوت ٿي ويو.

## شيام داس جوشي

مٺيءَ ۾ ڪيترائي هندو ۽ مسلمان مٽيادار مرد آهن. نه صرف مٺيءَ ۾، پر پوري ٿر ۾ اڪيچار اڪابر ڦهليل آهن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انهن جي خوبين کي ماڻُ ڏجي ۽ سندن علم ۽ فضل کي عام ماڻهن تائين پهچائجي. مٺيءَ ۾ رهندڙ هڪ عجيب ۽ مهاپرش شخصيت پروفيسر شيام داس جوشيءَ جي به آهي. پروفيسر معزز برهمڻ قبيلي ۾ 1930ع ۾ ڄائو. هن وقت سندس ڄمار 86 سال جي لڳ ڀڳ ٿيندي. پرائمري تعليم ۽ مذهبي تعليم به مٺيءَ ۾ ورتائين. ايگريڪلچر ڪاليج مان ايگريڪلچر ايڪانامڪس ۾ پوسٽ گريجوئيشن ڪيائين. روينيو کاتي ۾ به نوڪري ڪيائين. ان جو امتحان R.Q.E (روينيو ڪُئاليفائينگ ايگزامينيشن) به ڏنائين، جنهن سان ڊپٽي ڪمشنر به ٿي سگهيو پئي. اها نوڪري ڇڏيائين ۽ ايگريڪلچر ڪاليج ۾ ليڪچرر ۽ پروفيسر ٿيو. آخر مٺيءَ ۾ پروفيسر ۽ پرنسپال ٿيو. مٺي ڪاليج کي رت سَت ڏئي ڊگري ڪاليج بڻايائين. مٿس مذهبي متڀيد جا ڪوڙا الزام لڳائي، ڪيس نوشهري فيروز بدلي ڪيو ويو جتان احتجاج ڪري وقت کان اڳ نوڪريءَ کان ريٽائرمينٽ ورتائين. جوشي صاحب هميشه پرجوش



طبيعت جو مالڪ رهيو. هي ڌرمي طرح پڪو برهمڻ آهي. مذهبي پرچارڪ آهي ۽ پنهنجي ڌرم تي پوري ويساهه سان پڪو پختو آهي.

1947ع ۾ ورهاڱي کان جلد پوءِ انڊيا هليو ويو پر پوءِ جلد ئي موٽ ڪاڏائين ۽ پاڪستان ۾ اچي پڪا ديرا ڄمايائين. مذهبي ماڻهن جي ڏسڻ لاءِ هندستان ويندو رهيو آهي.

مٺيءَ ۽ ٿر جي ماڻهن جو عاشق آهي. مٺيءَ ۾ رهي ٿو. مون سان اڪثر ملاقاتون ٿينديون هيس. بي حد عزت ڏيندو هيو ۽ ٿر جي بهتريءَ لاءِ ويچار ونڊيندو هيو. اپريل 2015ع ۾ مان وٽس مٺيءَ ۾ سندس گهر لنگهي ويس. مون کي ڀڪ وجهي ڀاڪر پائي جو اچي روئڻ ۾ ڇٽو ته بس ئي نه ڪري، مون کي به روئاڙي وڌائين. مون سان ڊاڪٽر پرڪاش ۽ ڪرشن شرما به گڏ هئا. ڪافي دير سندس حال احوال ورتم. ڪافي ڌرمي ۽ ٻين موضوعن تي ڪتاب لکيا اٿائين. هن عمر ۾ به قلم سان وندر ڪري پيو. پنهنجي زندگيءَ تي ڪتاب "منهنجي ڪهاڻي، منهنجي زباني" لکيو اٿس. پوري مٺي صديءَ جي ڪهاڻي آهي. هن ڪتاب جو تحفو مونکي به ڏنائين. سندس صحت ڳڻتيءَ جوڳي آهي. ٽيلهيون چڙهيون پيون اٿس. انهن جي ٽيڪ تي هلي پيو. سندس پٽ، پاٽنيا ۽ رشتيدار خدمت ڪن پيا. ڪو ملڻ وارو ٿو اچي، ته سرهو ٿو ٿئي. مان ڪلاڪ کن وٽس ويٺس، پر پوءِ به سندس دل چيو پئي ته آءُ وٽس ويهان. پر سندس حال ڏسي اجازت وٺي آيس.

## صادق فقير سان آخري شام!

اها 8 ۽ 9 جنوري 2015ع جي وچ واري رات هئي. صادق فقير، سرڪٽ هائوس مٺيءَ ۾ پئي ڳايو:

ڪو آ رحمان جي پاسي، ڪو آ ڀڳوان جي پاسي،
آءُ سجدو انهيءَ کي ڏيان، جيڪو انسان جي پاسي.

ڪلام پورو ڪيائين. ڪلام جا پورو ڪيائين، جڻ اسان کي ئي پورو ڪري ڇڏيائين. جديد سنڌي غزل ته صادق شوق سان ڳائيندو هيو. پوءِ پيا به ڪجهه ڪلام ڳايائين ۽ منهنجي پسند جو ادل سومري جو غزل ٻڌايائين:

تنهنجي گهر جي پرسان آهيان،
جڻ مندر جي پرسان آهيان.

هميشه وانگر منهنجي اکين جا بند ٽُٽي پيا. جڏهن به صادق اهو غزل ڳائيندو آهي ته اکيون ڇلڪي پونديون آهن. هُن جو گهر مندر جي پرسان ته ناهي، پر مسجد جي پرسان ضرور آهي. هي ساروڻيون هميشه منهنجي اندر کي جهير ڏئي ڇڏينديون آهن.

Gul Hayat Institute

ڪيس منهنجي ان ڪمزوريءَ جي خبر هئي.

حسن درس جي هڪ خوبصورت غزل جي نئين ڏن ٻڌائي ٻڌايائين:

پکي پرديس جا سورج پرن پيان لڙي ٿو پيو،
ورڙ ان واٽ تي وينل، اڳيان جت رڻ رڙي ٿو پيو.

واهه... حسن درس ۽ سندس ٻار ياد اچي ويا. آخر ۾ جڏهن ڳايائين:

منهنجي ٿر جو حال جي پڇندين ته روئي پوندين..

واقعي روئي پياسين.

مان منيءَ آيل هئس، اهل و عيال سان گڏ. پاڻ ٻُوڪ (ڪنهن پروگرام لاءِ) ٿيل هيو. ڪيس جڏهن منهنجو نياپو مليو. پنهنجا پروگرام رد ڪري گهوٽڪيءَ کان ٻاءِ روڊ منيءَ پهتوءِ شام جو منهنجي محفل ۾ سرن جي ورڪا ڪيائين.

مان 5_8 سالن کان صادق کي ائين مُهان مُنهن ڪونه ڏٺو هيو. هن نون ڪلامن جون ڏُنون ناهيون هيون. هن جي آواز ۾ عجيب قسم جو درد ۽ لوچ شامل ٿي ويو هيو. سياري جي ان رات صادق پاڻ ملهايو.

ڳائڻ مهل هن جي پر ۾ نزاڪت صادق وينو هيو. صادق جي نظر ڪمزور ٿي وئي هئي. سندس پٽ ڪيس ڪلام جون اڳيون سٽون ٻڌائي رهيو هيو ۽ هي انهن کي ڳائي رهيو هيو. پوءِ جڏهن اسان جي فيملي، ڪرشن شرما جي فيملي ۽ حِنا اعظم ۽ صادق، ماني کائڻ ويٺاسون ته سندس ڪٽل وار ڏسي ۽ نظر جي ڪمزوريءَ جو محسوس ڪري ڪانئس پڇيم ته، ”صادق، عمر ڪيتري اٿئي؟“ چيائين ”سائين پنجاهه سال ڪن.“ اسان جيڪي نوڪرءَ ۾ رهيا آهيون، اهي اهو ئي خيال ڪندا آهن ته هر ماڻهوءَ جي عمر 60 سالن کان پوءِ ختم ٿي ٿي وڃي ۽ ماڻهو ڪم جو نه ٿو رهي. پر صادق پيلي نوڪريءَ تان فارغ ٿي وڃي، پر ڳائڻ کان ته ريٽائر نه ٿيندو. اهو سوچي مان اندر ۾ کلي وينو هوس. چيم ”ماشاءَ الله اڃان تنهنجي صحت ٺيڪ آهي. اڃا ڳائڻ لاءِ تو وٽ وقت آهي. پنهنجي صحت جو خيال رکندو ڪر.“

جنوري 2015 جي رات اها منهنجي صادق سان آخري ملاقات هئي. هو 26 فبروريءَ تي ساڳئي سال مڪي پاڪ ۾ حادثي ۾ الله کي پيارو ٿي ويو. افسوس موت ڪيس مهلت نه ڏني، ته پنهنجي فن جي اڃان به وڏيڪ خدمت ڪري ها.

## سچل، ساقي ۽ سارنگ

هي ٽي نالا ناهن، پر ٽي نسل آهن. ٿرپارڪر ضلعي جي ننڍي ڳوٺ جنجهيءَ مان اٿن ٽا ۽ پوري ملڪ ۾ سندن هاڪ ۽ سندن خوشبو ڦهلجي وڃي ٿي. هڪ کي خدا



گهرائي ورتو، ان جو وقت پورو ٿي ويو. اهو پنهنجو وارو وڄائي هليو ويو. جڏهن ڪوئي ’سچل‘ جو نالو ڪڍي ٿو ته اسان کي ته هڪدم درازا وارو ’سچو‘ ٿو ياد پوي، جيڪو چوندو هيو ته:

’مان جوئي آهيان، سو ئي آهيان،
ڪو ڪيئن چوي، ڪو ڪيئن چوي‘.

پر هي به سچل پنهنجي پَر ۾ اهڙو نه ته پوءِ به اهڙو سچل آهي، جنهن جنجهي ڳوٺ جي آس پاس علم دانش، عقل ۽ فهم جي جوت جلائي. ماستر ٿيو، پرائمري اسڪول ۾ پڙهايائين. اوڙي پاڙي جا ٻار، پنهنجا پراوا، انهن کي گهر ۾ به رهايائين. سبق سيکاريائين. جيڪو پيت پَلر وٽس هيو ان سان سندن پيٽ پريائين. جڏهن اهي ٻار پرائمري پڙهي پيا، ته اچي آنڌ مانڌ لڳس، ته هاءِ اسڪول کلي! جيستائين هاءِ اسڪول کلي، تيستائين هن پنهنجي بدلي چاچري ڪرائي. جام ۽ سلطان کي به اتي پڙهايائين، ۽ پاڻ به نوڪري ڪيائين!

پاڻ غريب ماڻهو! هڪ پٽ جام، ٻيو سلطان. پر جيڪو جام جو ۽ سلطان جو پيءُ هجي، اهو غريب ڪيئن ٿيو؟ سچ ته سچل نه عمل جو غريب هيو نه دل جو غريب هيو. هن جي نظر ايندڙ وقت تي هئي. هن کي پنهنجو پنهنجي اولاد جو ۽ ٿر جي مسڪين ماروئڙن جو آجپو صرف علم ۾ نظر پئي آيو. پنڌ پري هيو پر ناممڪن ته ڪونه هيو. هو الله توهار ڪري، گس تي چڙهي پيو سيني کي ساڻ ڪڍي. جنجهي ڳوٺ ۾ هاءِ اسڪول نيٺ کليو. جام ۽ سلطان به ميٽرڪ ڪئي. حيدرآباد جو پنڌ پڇيائون. ٻئي پائر ته وڃي پنهنجي ڪرت سان لڳا. پر جنجهي ڳوٺ ۾ ٿر جا ٻيا جيڪي عام جام سلطان ۽ جام هئا، ته انهن کي به ته سچل دڳ لائي نه!

سچل تي ته وڏو ٻار هيو ۽ سچل سپ سنڀالي پنهنجي ڪلهن تي کنيو هيو. هو جيڪو 1928ع ۾ الهڏني جنجهيءَ جي گهر ۾ ڄائو هو. سچل آدرشي پيءُ ته هيو پر آدرشي انسان به هيو ۽ هڪ اعليٰ خادم ۽ استاد به هيو. نالو ته سچل هيس، پر لطيف سائينءَ جو پارکو هيو. سچل 1944ع ۾ مينهن ٻائيءَ سان شادي ڪئي، شاديءَ کان پوءِ پنهنجي زال ۽ ڏيءَ کي گهر ۾ پڙهائي فائينل پاس ڪرايائين. زال کي ماستري وٺرائي ڏني، ٻنهي زال مڙس گهر ۾ ئي ڄڻ علم جي يونيورسٽي کولي ڇڏي ۽ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي پڙهائڻ لڳا. اهڙا مثال اسان کي گهٽ ٿا ملن.

ان اسڪول ۾ سچل 1960ع ۾ انگريزي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي. 1962ع ۾ اسڪول کي مڊل اسڪول جو درجو مليو ۽ 1979ع ۾ اهو هاءِ اسڪول ٿيو. سچل هميشه 30 کان 40 تائين ٻار رهائيندو هو. ڪي پنهنجي گهر ۾ ڪي مٽن مائٽن جي گهرن ۾. پاڻ پاڻي به کوهه

تان پري ايندو هيو. ڪين پڙهائيندو بہ هيو. پاڻ ۽ مينهن ٻائي ٻارن جي سار سنڀال بہ لهندا هئا. مينهن ٻائي هڪ پير کان لاچار هوندي هئي، پر پنهنجي فرض ۾ ڪمي اچڻ نہ ڏنائين. سندن ٻئي پٽ تہ پڙهيا، پر ڌيءَ مارئي بہ پڙهي پئي، اها بہ استاد بڻي. راڄ ڀاڳ جا هزارن ۾ ٻار پڙهي پيا. اهي هيئنر ٻار تہ نہ آهن، پر انهن جا ٻار بہ ٻار نہ آهن. ”سهيل سانگي“، سائين سچل جو پاٺتو ٿيو ان تي بہ سندس پاڇو پيل آهي.

سچل صرف استاد ٿوروئي هيو. هن کان ماڻهن جا ڏک، سور، اهنج ايذاءَ ۽ بيماري سيماري ڏٺي نہ ٿيندي هئي. هن ڇاڇري واري ڊاڪٽر ڪيشولال کان سکيا ورتي. ماڻهن جو علاج بہ شروع ڪيو. ڳوٺن ۾ پاڻ پنڌ ويندو هيو ۽ بيمارن جو دوا درمل ڪري ايندو هو.

جن ماڻهن کي پٽيل يا ڇڳا مڙس ڪوڙن ڪيسن ۾ اڙائيندا هئا، سچل انهن جي بہ رهنمائي ۽ پئسي ڏوڪڙ سان مدد ڪندو هيو.

1962ع کان ڄام ساقي هن جي پاڇي ۾ اچي ويو. ڄام ٻج ٻجان... ۽ غيبات سندس ڪيڏو... هي تہ غيبات کان بہ ڏاڍو... ان ٻج ٻجان ۾ ڪڏهن مولوي عبدالڪريم تہ ڪڏهن ڪو ٻيو ڪردار... ڪڏهن ريل ۾ تہ ڪڏهن جيل ۾...

ان وچ ۾ اهو هُل هليو تہ ڄام کي بہ ڦاهي ملي وئي آهي. ٿر جي لڪڙتار ذريعي سندس گهر واري سڪان ٻائيءَ کي بہ سڌ پئي. هن بہ ڪئي هم نہ تم... ڳوٺ جي اونهي کوهہ ۾ ڪٽي ٽپو ڏنائين... مري وئي.

پڇاڻان پرين، ڏجي ٻاهہ ڀنڀور کي...

هونءَ وٽس ڄام ڪهڙو وينو هيو... پر اها تہ خبر هيس تہ زندهہ آهي. نيٺ وٽس ورندو. سڪان سَتي ٿي وئي!

سچل جا سُور وڏي ويا. ڄام ۽ سُڪان جا ٻار سجاد ظهير ۽ بختاور ماءُ جي پاڇي کان محروم. سچل هاڻي هنن جو پيءُ بہ ماءُ بہ. پر وقت ڪيس جهوري رهيو هيو. آخر ڳري ڳري مري ويو. سال 1991ع جي آخري ڏينهن تي حيدرآباد ۾ دم ڏنائين. سچل جي لاءِ سندس مئي کان پوءِ سڄ اڀري تہ ڇا نہ اڀري تہ ڇا. سندس پوين تہ وڃي حيدرآباد وسايو هيو. سچل کي بہ حيدرآباد ۾ دفن ڪيائون.

سنڌي شاگردن جي جدوجهد جو ٻڌون تہ، ڄام ساقي، ڄام ساقي.... جمهوريت لاءِ ويڙهاند لاءِ ٻڌون تہ ڄام ساقي ڄام ساقي... غريبن جي حقن لاءِ ٻڌون تہ ڄام ساقي ڄام ساقي... ڄام ساقي ۽ ٻين ويڙهاند ڪندڙ سنڌين جي ذات جڻ ديوالائي ڪردار هئا. انهن جي جدوجهد، مڙسيءَ ۽ حڪومت سان ويڙهاند جا قصا، اسان لاءِ تہ جڻ ڪهاڻيءَ جي روزانو جي قسط هئي، جيڪا آهستي آهستي کُلي رهي هئي ۽ اسان ٻڌي رهيا هئاسون، پر انهن سڀني ڪردارن ۾ ٿر جو هي جوڌو روپلو ڪولهي، جيڪو ڏارين ۽ انگريزن سان



سوڍن ۽ ننگر جي ڪولهين سان مقابلن جو امين هيو. اهو جڻ انهن ڪردارن جو روپ وٺي تروٽ، اسٽئنلي ريڪس ۽ ٻين انگريزن سان عملي جنگ جوٽيندي جوٽيندي الائي جي ڪٿان ڪان ڪٿي ٽائيم فريم ۾ پهچي ويو هيو.

انگريزن تہ ڪيس ڦاسي ڏئي سندس انت آندو، پر پنهنجن ڪارن صاحبن نہ ڪيس مرڻ پئي ڏنو نہ جيئڻ. هن لاءِ جيل سجايا ويا، عقوبت خانن ۾ نوان نوان هٿيار تکا تيز ڪري هن تي آزمايا ويا!

*جس دھج سے کوئی مقتل میں گیا وہ شان سلامت رہتی ہے،*
*یہ جان تو آنی جانی ہے، اس جان کی کوئی بات نہیں۔*

ڪيترا ڏينهن ڪيترا سال ڄام، جيل ۽ عقوبت خانن ۾ رهيو. ساڻس ڇا ڇا وهيو واپريو. ڇيو ويو تہ هو پاڪستان جو نمبر ون دشمن ۽ خطرناڪ مجرم آهي. پاڻ ڪڏهن مولوي عبدالڪريم ٿي ويو تہ ڪڏهن مولوي عبدالعزيز. شايد آخري ڀيرو حيدرآباد مان ڪنهن دوست جي گهر مان نڪتو تہ جهلجي پيو. وري جيل ۽ سختيون، ڊگهو عرصو جيل ۾ رهيو. ٻين ’مرغن‘ کي بہ هن جو ’ساٿي‘ هجڻ جي ڏوهہ ۾ جهليائون، جن ۾ سهيل سانگي ۽ بدر ابڙو بہ هئا. جن بہ جيل ڀوڳيو پر رچي ريٽا ٿيا.

مليٽري ڪورٽ ۾ محترمہ ۽ ٻين سياسي اڳواڻن کي بہ بچاءَ جي شاهد طور پيش ڪيو ويو. انهن کي بہ سياسي ڳالهين لاءِ پليٽ فارم ملي ويو. جڏهن آخري ڀيرو ڄام ساقي جيل مان نڪتو تہ هو جسماني ۽ ذهني طرح مفلوج هيو. ڪيس سهيل سانگي ساڻ وٺي پرڏيهہ مان علاج ڪرائي آيو. پر ڄام ساقي اهو ڄام نہ هيو جيڪو اڙڏو ۽ مٿي ڦريل ڄام هيو. جسم مان بہ توانائي گهٽ ٿي وئي.

ڄام عقلمندي ڪئي. پ پ جو ايڊوائيزر ٿيو. هاڻي ننڍڙي گهر ۾ ’اندوءَ‘ پنهنجي زال، ڇئن ٻارن سان رهي ٿو. انهن مان هڪ نياڻي تہ پرائي ٿي وئي. ٻي بہ تيارين ۾ آهي. پاڻ ڪٽ پيڙو آهي، نظر در تي آهي. ڪوئي آئيگا. اهو ’ڪوئي‘ اچي ٿو تہ سرهو ٿئي ٿو. ڊگهي ڪچهريءَ لاءِ.

منهنجا ڄام سان ويجها لاڳاپا 2001ع ۾ ٿيا، جڏهن ڪمشنر حيدرآباد هئس. حيدرآباد ڪلب ۾ فئمليءَ لاءِ هڪ شام غزل پروگرام رٿيو هيوسين. جتي حيدرآباد جون ٻيون فئمليز آيون هيون، اتي ڄام صاحب بہ پنهنجي فئمليءَ سان آيو هو. ملاقات ٿي، پوءِ ملاقاتون ٿينديون رهيون. ڄام جي وڏي گهر واري سڪان تہ کوهہ ۾ ڪِري وڃي سُکي ٿي. پر جڏهن ڄام سياسي هلچل مان واندو ٿيو ۽ سندس حال بہ هيٺو ٿيڻ لڳو ۽ مسلسل ڪنهن پرگهور لهڻ واري جي ضرورت محسوس ٿيس تہ سندس دوست ڪامريڊ رڪن الدين قاسمي پنهنجي ڌيءَ اندو، اندرا، اختر پروين جي ساڻس شادي ڪرائي ڏني. اندو ان

Gul Hayat Institute

وقت مشڪل سان 12 سالن جي هئي. ڄام پڪو پختو هيو. شاباس آ قاسمي صاحب کي ۽ وڏي شاباس آهي اندوءَ کي، جو اڃا تائين ڄام کي واقعي مجازي خدا سمجهي نباهي رهي آهي. ان سفر ۾ هوءَ ارباب حڪومت ۾ ’اغوا‘ جي ڪيس ۾ ڪيترا ڏينهن جيل ۾ رهي. دل جو درد بہ پرايائين. مرڻ کان بچي وئي. ڄام جي زال هجي ۽ جيل جو مزو نہ وٺي!

سارنگ تڏهن ننڍڙو هيو. هاڻ تہ ماشاءَ الله جوان جماڻ آهي. ڄام کان بہ ڊگهو ٿي ويو آهي. گهاٽي ڏاڙهي، ڪاريون مڇون، صفا مرد ماڻهو. جڏهن مون سان ملي تہ چئي ”ڪامريڊ ...“ مون کي چڙ لڳي، مان چوانس ”چاچا چوندو ڪر.....“ پوءِ وري جڏهن ٻيهر ملي تہ چئي ”ڪامريڊ .....“ مان وڏي وڃي سندس وات تي هٿ رکان.... اهو لفظ مون کي ڏاڍو اوپرو لڳندو آهي. ”ڪامريڊ.....“

جڏهن آخري ڀيرو مليو تہ چوڻ لڳو ”چاچا ڪامريڊ“. مان محسوس ٿو ڪريان تہ سڏارو اڃي رهيو آهيس... هاڻي تہ ذميوار آهي. پيءُ جو خيال ڪري ٿو. والده جوءِ ڀينرن ڀائرن جي سنڀال ڪري ٿو ۽ پيءُ جي دوستن سان اٿي ويهي ٿو ۽ پير پري ٿو. ڇا سارنگ سياڻي جو سچل يا ساقي ٿيندو؟ اسان جي ڪيس دعا آهي.

## مائي ڀاڳي

مائي ڀاڳي ٿر، سنڌ ۽ پوري ملڪ جو ڀاڳ هئي. مارئي جي ميلي ۾ 1967ع ڌاران سندس دريافت ٿي. اڳ ۾ هيءَ بلڪل هيرو هئي. جڏهن ميلي ۾ ڳايائين تہ املهہ موتي ثابت ٿي. مير محمد بخش خان ٽالپر ريڊيو تي وٺي آيو. اتي ڳايائين تہ وڻ وڃائي ڇڏيائين. ٿر، لوڪ گيت ۽ مائي ڀاڳي يڪ جان هئا. جڏهن ڪاڀو هٿ ڪَنَ تي رکي آلا ڪندي هئي تہ وڻ وڃائي ڇڏيندي هئي. ڪڙڪيدار آواز نہ اسپيڪر جي ضرورت نہ ميوزڪ آرڪيسٽرا گهربل. سنڌ لوڪ گيت تہ گهر گهر ۽ محفل محفل، ميلي ميلي ۾ ڳائجڻ لڳا.

يٽ جا پٽائي.......

سمن سائين.........

ڪڙي نيم ڪي نيچي.........

سمن سرڪار جي اپر سنڌ جي گهڻ ماڻهن کي ڄاڻ هئي. پوءِ جڏهن مائي ڀاڳيءَ جو ڪلام ٻڌائون تہ ڪين خبر پئي تہ سمن سرڪار ڪٿي جو آهي. مان جڏهن ٿر ۾ هيس تہ هڪ ڀيرو ارباب فيض محمد ايم پي اي سان گڏ سمن سرڪار جي ميلي تي بہ ويو هيوس.

مائي ڀاڳيءَ کي پيا ٻڌندا هئاسون ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تي سنڌ جي ٻهراڙين جي عام سادي عورت لڳندي هئي. نہ لپ اسٽڪ، نہ هار، نہ سينگار اجرڪ يا ڪا چادر مٿي تي، هٿ ڪن تي، سادا ڪپڙا، اَلو ميان

مان کيس روبرو 1980ع ۾ ڪپرو ۾ ڏٺو. ڪنهن فنڪشن ۾ آيل هئي. ٻئي ڏينهن منهنجي گهر وارن جي خواهش تي کيس ۾ گهر دعوت ڏني. آئي، ٻارن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪجهہ ڪلام ٻڌايائين. منهنجي گهرواري ڪجهہ لٽا ڪپڙا ۽ خرچي ڏني هئي. مائيءَ کي صدر صاحب جي طرفان پرائيز آف پرفارمنس مليو ۽ ٻيا بہ ڪيترائي ملڪي ايوارڊ مليا.

2007ع ۾ جڏهن مان سنڌ جي ثقافت ۽ سياحت کاتي جو سيڪريٽري هيس تہ اسان ڪجهہ انعامن جو اجراءُ ڪيو هيو. جنهن ۾ ”لوڪ گيتن“ ”لوڪ فنڪار“ جو ايوارڊ بہ هيو. اهو ايوارڊ متفقہ طور بنان ڪنهن ٻي سوچ جي مائي ڀاڳيءَ کي ڏنو ويو. ان ايوارڊ سان ڪيش رقم هڪ لک رپيہ بہ شامل هئا.

ان وقت ”مائي ڀاڳي“ گذاري وئي هئي. سندس اهو ايوارڊ سندس مائي ڀاڳيءَ جي ڌيءَ مائي سوني ۽ ڪالو فقير کي ڏنو ويو هو. ڪين هڪ تقريب ۾ چيف منسٽر ارباب غلام رحيم ڏنو.

1980ع وارو ڏهاڪو هيو جڏهن مائي ڀاڳيءَ پنهنجي مشهوريءَ جي آسمان کي ڇهي رهي هئي ۽ ٽينا ثاني، جيئن اڀرندڙ غزل گر ڳائيندڙ طور پنهنجو نالو پيدا ڪري رهي هئي. عبدالقادر جوڻيجي جي مقبول ترين ڊرامہ سيريل ڪاروان ۾ ان جي ليکڪ ۽ پروڊيوسر مائي ڀاڳيءَ جي ڪلام:

ڪڙي نيم ڪي نيچي.........

ٽينا ثانيءَ کان مختلف ڌن سان ڳارايو. ان ڪلام ٽينا ثانيءَ کي راتو رات پوري ملڪ ۽ پوري ملڪ کان ٻاهر مقبول ڪري ڇڏيو ۽ ڪاروان ڊرامي ۾ بہ چار چنڊ لڳي ويا.

مائي ڀاڳي ٿر کي نئين سڃاڻپ ۽ ٿري، مارواڙي ۽ سنڌ لوڪ ڪلامن کي نئين سري سان متعارف ڪرايو. رهندڙ دنيا تائين سندس نالو رهندو. هوءَ 7 جولائي 1986ع ۾ فوت ٿي وئي.

## قسمت جو حال: موت يا زندگي

انسان پنهنجي آئنده لاءِ سوچڻ ۽ ڄاڻڻ لاءِ متجسس رهيو آهي. ان لاءِ نجومي، هٿ ڏسڻ واري، ستارن جو علم ڄاڻڻ لاءِ ۽ پيرن فقيرن ۽ ٻين ٽوڻن ڦيڻن وارن کان پڇائون ڪندو رهندو آهي. وڏا وڏا ليڊر جيڪي ملڪن ۽ قومن جي فيصلن ڪرڻ جو بہ اختيار رکندڙ آهن، اهي بہ ڪو اهم قدم کڻڻ کان اڳ ۾ انهن جي نتيجين کان واقفيت رکي، پوءِ



Gul Hayat Institute

ڪجھ ڪندا آهن. انهن ۾ محترمہ بي نظير ڀٽو ۽ سندس اعليٰ لياقتن وارو ڀيءُ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو بہ شامل هئا.

ٽر ۾ اهڙا جوتشي ۽ مهراج تمام گھڻا آهن. جيڪي جنم ڪُنڊليون ٺاهي، ڪنهن بہ انسان جي حياتيءَ جو اڳيون پٺيون حال احوال لکي ڏيندا آهن. انهن جو اهو علم ستارن جي علم ۽ حساب ڪتاب تي مشتمل هوندو آهي. انهن جو خيال آهي تہ جيڪڏهن ان حساب ۾ صحيح انگ اکر وجهجن تہ حساب ڪتاب بہ صحيح هوندو. انهن جو نتيجو بہ صحيح هوندو.

مٺي ۽ عمرڪوٽ ۾ بہ ڪن اهڙن مهراجن جو ذڪر ٻُڌڻ ۾ آيو. منهنجو ڀيءُ. اي اپيمنو مهراج پاڻ بہ مهراج خاندان مان هيو. منهنجي چوڻ تي پنڊت پونمچند ڪي مون وٽ وٺي آيو. ستر سالن جي عمر کان وڏو هيو. سڄي عمر ان حساب ڪتاب ۾ لڳي وئي اٿس. مون بہ هن سان مشورو ڪيو. هن منهنجي والده جو نالو پڇيو. ڄمڻ جي تاريخ ۽ وقت پڇيو. ان ڪي پنهنجي علم جي حساب سان مختلف خانن ۾ ويهاريو ۽ مون ڪي چيو تہ ان جو تفصيل سان زائچو ٺاهي مون ڪي ڏيندو. منهنجو ان علم تي ڪجھ ڀروسو آهي ۽ ڪجھ ناهي بہ. جيڪڏهن ڊاڪٽر سٺو آهي تہ دل جو آپريشن صحيح ڪندو. پر جي ڊاڪٽر ڪٿي ڀُل ڪئي يا مريض صحيح مرض جي تشخيص ۾ ڊاڪٽر سان تعاون نہ ڪيو يا ٽيسٽ ڪرڻ واريون مشينون خراب هونديون تہ پوءِ مريض ئي چٽ ٿي ويندو. ماضي تہ انسان جو گذري ٿو وڃي، پر مستقبل جي حساب ڪتاب ڪي پنهنجي مٿان سوار نہ ڪرڻ گھرجي تہ هروڀرو جيڪو زائچي ۾ لکيل آهي، اهو ئي ٿيندو. ڪي ماڻهو تہ صبح جو اخبارن ۾ جيڪو اسٽار جو ڪالم ڏنل هوندو آهي، پهريان اهو پڙهندا آهن، پوءِ ڏينهن جي شروعات ڪن ٿا. پر ايڏو وهمي نہ ٿيڻ گھرجي.

پر اهو تماشو مون بہ ڏٺو. مهراج صاحب خانن ۾ ورهائي، جنم ڪنڊلي ٺاهي ڏني. هن جي تيار ٿيل جنم ڪنڊلي پنجن صفحن تي مشتمل اچي ملي. حيران ڪندڙ انڪشافات هئا. ماضيءَ جون ڪافي حقيقتون درست بيان ڪيل هيون ۽ ڪجھ هن جا مستقبل لاءِ اشارا هئا.

آئنده لاءِ هن جا ٻہ ٽي ڳالهين لاءِ واضح اشارا هئا. جن ۾ اهو بہ اشارو يا ٽت هيو تہ منهنجون ٻہ شاديون ٿينديون. اولاد جيتري هئي، ان کان ٻہ ٻار وڌيڪ ٿيندا. منهنجي رومانٽڪ طبيعت جو بہ ذڪر هيو. منهنجي ذهانت، سادگيءَ ۽ اسٽريٽ فارورڊ هجڻ جو بہ ذڪر هيو. ايندڙ وقت ۾ ڪاميابين ۽ ناڪامين جو ذڪر هيو. پئسي جي تنگيءَ جو تہ ذڪر هيو پر اهو بہ هيو تہ ايتري تنگي نہ ٿيندي، جو لاچاري محسوس ٿئي. عهدا سٺا ملندا. خيال ۽ خبرداريءَ سان هلائيندؤ تہ سوسائٽيءَ ۾ مانُ ۽ مرتبو ملندو. دوست نما



دشمن کان، جيڪي خاندان ۽ دوستن ۾ هوندا، انهن کان نقصان رهندو. هن وقت جنم ڪنڊلي مون وٽ موجود نہ آهي. ڪوشش ڪيم تہ ڳولهيان ۽ ان جا اهم حصا هتي جيئن جو تيئن نقش ڪريان، پر نہ ملي سگھي.

جنم ڪنڊليءَ ۾ منهنجي زندگيءَ لاءِ بيمارين لاءِ بہ اشارا ڪيل آهن. بيماريون گذري ويون ۽ موت جا ٽي موقعا بہ گذري ويا. چوٿون موقعو هن سال لاءِ لکيل آهي. موليٰ مالڪ آهي.

ٻيو جيڪو حيران ڪندڙ انڪشاف هيو جنم ڪنڊليءَ ۾، اهو هيو تہ، منهنجي پٽ انيس جي شادي 22 سالن جي عمر ۾ ٿيندي. مون پهرين شادي 23 سالن جي عمر ۾ ڪئي هئي. پر اهو ٻيو زمانو هيو. انيس 1992ع ۾ 16 سالن جو هيو ۽ انٽر ڪري رهيو هيو. اهو پڙهي مون کان ڪِل نڪري وئي هئي. مهراج ڪنهن بہ شيءِ جو مثبت يا منفي ردعمل نہ ڏيکاريو. هن چيو غلط يا صحيح منهنجو فيصلو ناهي، اهو تہ پستڪن ۾ جيڪو لکيو پڙهيو حساب آهي، ان موجب حساب ڪتاب ڪيو آهي.

ٽر مان بدليءَ کان پوءِ منهنجي زندگيءَ ۾ عجيب و غريب لوڏا اچڻ شروع ٿي ويا هئا. مان اڳ ۾ ئي ڪافي حساس ۽ جذباتي ٿي ويو هوس، پر مائٽن جا رويا اهڙا پيا ٿيندا وڃن، جو مونکي وڌيڪ رنج تڪليف ۽ پنهنجي بي وسيءَ جو احساس ٿيڻ لڳو. جنهن ۾ منهنجي ڪمي يا ڪو ڏوھ ڪونہ هيو.

ڪراچيءَ ۾ اسان جي هڪ cousin جي شاديءَ کي 25 سال ٿي ويا هئا. انهن پنهنجي شاديءَ جي سلور جوبلي ملهائي. هنن مونکي ۽ منهنجي ٻارن کي دعوت نہ ڏني. پتو پيو تہ هنن جو خيال هيو تہ اها منهنجي بدنصيبي هئي، جو منهنجي گھر واريءَ جو انتقال ٿي ويو هيو. تنهن جي ڪري منهنجي منحوسيت جو پاڇو پاڻ تي ۽ پنهنجي سُکئي ستابي زندگيءَ تي نہ پئي وجھڻ چاهيو. ان سوچ ڪيترن مهينن تائين مون کي بي چين ۽ ڏکويل رکيو تہ هن دور ۾ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو اها سوچ رکندا هجن. افسوس جي ڳالھ آهي. ان کان سواءِ مان خاندان ۾ اٿڻ ويهڻ کان نتائڻ لڳس. مان مٿن مائٽن کان ڪتجڻ لڳس. مان جهڙي حساس ماڻهو، جنهن سڄي زندگي ڪٽنب سان گڏ گذاري هجي، ان لاءِ اها صورتحال تڪليف جو سبب هئي.

رومانٽڪ ٽيليفون، عشق و محبت جا قصا، جيڪي تہ مون سان ڦوھ جوانيءَ ۾ بہ ڪونہ ٿيا. هڪدم ڇوڪرين کي مون ۾ ڪشش نظر اچڻ لڳي. مون ۾ ڪي سرخاب جا پَر لڳي ويا آهن ڇا؟ اصل ۾ منهنجي جواني ۽ حُسن نہ، پر منهنجي عهدي جي جواني ۽ حسن سندن لاءِ ڪشش جو باعث هيو. اها ڳالھ مون سمجھي ورتي هئي. اهو ئي دور هيو، جڏهن مون پيئڻ وڌائي ڇڏيو هيو. منهنجي صحت، مزاج، ذات ۽

Gul Hayat Institute

شخصيت متاثر ٿي رهي هئي.

نه ڪا جهل نه پل... نه ڪو پڇڻ وارو هيو نه ڪو ڪڇڻ وارو هيو. ڪو ته اهڙو هجي ها، جيڪو منهنجو حال ڏسي ها ۽ پڇي ها! بس آءٌ مرضيءَ جو مالڪ هئس. ان وقت مون سنجيدگيءَ سان سوچڻ شروع ڪيو ته اهڙو ساٿي هجي، جيڪو مون کي سنڀالي به، سڌاري به، قابوءَ ۾ به رکي. ساٿ به ڏئي، راهه راست تي به هلائي، ٿابو اچي ته ٽيڪ به ڏئي ۽ سهارو به ڏئي، منهن پر ڪرڻ کان بچائي به وٺي.

*کوئی تو ہو، جو میری وحشتوں کا ساتھی ہو۔۔۔*

مون ٻي شادي ڪئي. مون کي عزيز فاطمه ڪرل ۾ اهڙا ڳڻ محسوس ٿيڻ لڳا. شاديءَ کان پوءِ مون محسوس ڪيو ته سودو سڦل ڪيو اٿم. هوءَ منهنجي توقعات کان وڌيڪ ساٿياڻي ۽ سنڀاليندڙ ثابت ٿي آهي. سندس کهڙيءَ ڪيتري تعريف ڪريان! ٻه پٽ به ڄاوا! محمد عريس (1997ع) ۽ علي حميس قادر (2000ع).

## سالن کان پوءِ وري ٿر...

مان 7_8 جنوري 2015ع تي مٺي ۽ ٿر جي شهرين جي دعوت تي ٿر ويس. مون سان منهنجي گهر واري، جيڪا تعليم کاتي ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري آهي، ۽ ٻئي پٽ به گڏ هئا. ڪارونجهر هال مٺيءَ ۾ تقريب رکي وئي هئي. منهنجي ٿر جي پروگرام کي ڪرشن شرما ڪوآرڊينيٽ ڪري رهيو هيو. حنا اعظم به منهنجي فيمليءَ کي ڪمپني ڏني. اسان عمرڪوٽ، ڇاڇرو، اسلام ڪوٽ، ننگرپارڪر کان ٿيندا، 7 جنوريءَ جي رات جو مٺي پهتا هئاسون. 8 جنوريءَ تي شهرين جي طرفان رسيپشن ۾ وياسون. اهو ٿر جي ماڻهن پاران 22 سالن جي وقفي کان پوءِ هڪ سابق ڊي سي ٿر کي ايترو مان سمان ڏنو پئي ويو. شهر جا چونڊ ماڻهو اچي مڙيا هئا. هال سڄو ڀريل هيو. صحافي، دانشور، اين جي اوز جا ڪارندا، سابق ڪائونسلر ۽ چيئرمئن ۽ ناظم، شاگرد ۽ استاد ۽ شهر جا معززين ۽ آفيسر اچي گڏ ٿيا هئا. اجرڪ ۽ لوئيون مون کي ۽ منهنجي گهر جي ڀاتين کي ڍڪايون ويون. منهنجا به نوجوان پٽ جن اهو مانُ سمانُ پهريون دفعو ڏٺو هيو. اهي ڏاڍا لطف اندوز ٿيا. پنهنجي پيءُ جي ايتري عزت ٿيندي ڏسي کين ڏاڍي خوشي ٿي. هنن کي خوش ٿيندو ڏسي مون کي ۽ سندن ماءُ کي به ڏاڍي خوشي ٿي. ڪافي حاضرين تقريرون ڪيون ۽ پنهنجن حوالن سان مون سان گهاريل گهڙين جي ساروڻين کي دهرايو. ڪيترين ته اهڙيون ڳالهيون هيون، جيڪي مون کان به وسري ويون هيون.

پوين 22 سالن ۾ جيڪي ننڍا ٻار شاگرد هئا، اهي به ٽيهن سالن کان ٽپي ويا هئا. پريو سنياڻي، جيڪو پوين سالن ۾ واشنگٽن ۾ هيو ۽ هينئر ٿر موٽيو آهي. ان به ان دور جو



ورجاءُ ڪيو جڏهن هو ۽ سندس ساٿي مون کان اچي بيٽ بال وٺي وڃي ڪرڪيٽ کيڏندا هئا.

ماتورام ڀڳت، جيڪو پوئين وقت ۾ مٺيءَ جو ناظم هيو. 22 سال پراڻيون يادون دهرائيندي ٻڌايو ته مان به ساڻن گڏجي هولي ملهائيندو هوس.

ڪملا آپا، جيڪا سيني جي آپا ٻٽيل آهي. تعليم کاتي ۾ صالحه صديقيءَ سان گڏ تعليمدان هئي. هن ان وقت کي دهرايو ته جڏهن 1992ع ۾ بابري مسجد جو سانحو ٿي پيو پر اسان عوام سان ملي جلي اهو مرحلو خير خوبيءَ سان گذاريوسون ۽ هندو جاتيءَ کي ڪنهن به قسم جي تڪليف نه پهتي. صالحه ته هئي ميرپورخاص جي، پر هن گريس فل عورت به ٿر وارن سان ڳن ڏنا ۽ ٿر جي ٻارن جي تعليم جي ڪيتر ۾ وڏي ڏکهي وقت لاءِ خدمت ڪئي. هيمنداس ان پروجيڪٽ جي يادن جو ذڪر ڪيو جيڪو مون شهرين جي لاءِ هائوسنگ سوسائٽيءَ وارو ڪم شروع ڪيو هيو. جنهن جو پاڻ سيڪريٽري هيو. ٻڌايائين ته زمين ته موجود آهي، پر وڌيڪ پيش رفت نه ٿي آهي. ڪاٺاٿوجاني ان موقعي تي اهو ذڪر ڪيو ته، مون ڪيئن پريس ڪلب مٺيءَ جي پيڙهه جو پٿر رکيو هيو ۽ کين هڪ پلاٽ ڏنو هيو.

پارو مل امراڻيءَ چيو ته "ٿر- سيمينار' جي موقعي تي جيڪا دستڪارين جي نمائش لڳائي وئي هئي، اها قابل داد هئي. ٿرديپ جي ڊاڪٽر اشوڪ ڪمار بختاڻي، ٿرديپ جي ڊائريڪٽر ۽ ٿنڪ ٽئنڪ، چيو ته منگي، سنڌ جو دوست آهي. هن هر طرح ڪوشش ڪئي آهي ته غريب ماڻهن جي تڪليفن کي دور ڪري ساجن چاري ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ته منگي پنهنجي وقت ۾ اين جي اوز کي ٿر ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ همٿايو ۽ سندن مدد ڪئي. حاجي محمد دل هڪ جهوني تعليمدان ۽ سماجي اڳواڻ ان تي زور ڏنو ته سماجي اڳواڻ ۽ ميڊيا ماڻهن جي سڄاڳيءَ لاءِ ڪم ڪن. جيئن عبدالقادر منگيءَ پنهنجي وقت ۾ ڪيو. انهن کان سواءِ ڪيلاش لوڌا، ماما وشن ٿري، جئه پرڪاش، اوپايو جوٽيجو شنڪر ساگر، پرتاب شيواڻي، ڪرشن شرما ۽ دولترام ڪتريءَ ڳالهايو.

ڪرشن شرما چيو ته منگي صاحب اسان جوانن جو رول ماڊل رهيو آهي. جيڪي گس هو اسان کي ڏيکاري ويو آهي، انهن تي هلڻ ۾ ئي ٿر جي ماڻهوءَ جو آجپو ۽ ترقي مضمر آهي.

پريم شِواڻي، جنهن سان منهنجو گهڻو وقت، ويجهڙائپ سان ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪندي گذريو هيو. مون کي چڱيءَ طرح ڄاڻندو ۽ سڃاڻيندو هيو ۽ منهنجو عاشق هيو. پريم، انگريزي سٺي لکي ۽ ڳالهائي ڄاڻندو آهي. سينيئر استاد هيو. منهنجي همت افزائي ڪرڻ تي هو ڊان جو نمائندو ٿي ويو ۽ انگريزي پڙهندڙ ماڻهن ۽ ٿر جي مشڪلاتن

Gul Hayat Institute

جي وچ ۾ سفير جو رول ادا ڪيائين. اهڙا پاڻ ارپڻ وارا ماڻهو هن سوسائٽيءَ ۾ گهٽ ملندا. هو جهونو ٿي ويو هيو. چيلهه ۾ به سور هئس. رسيپشن ۾ آيو ۽ به ٽي ڪلاڪ ويٺو رهيو ۽ ساروٽين تي ٻڌل هڪ ڊگهي تقرير ڪيائين، جنهن ۾ منهنجي حاصلات جو به ذڪر هيو ۽ هلڪي هلڪي طنز به ڪندو ويو. ٽر جي ڊگهي سفر ۾ مان پريس ڪي وٽي هلندو هوس، جنهن ۾ ڪرشن شرما ۽ پريم شواڻي مستقل سفر جا ساٿي هوندا هئا. پريم شواڻي، اپريل 2016ع ۾ ديهانت ڪري ويو آهي.

شهرين سان لنچ ڪان پوءِ پريس ڪلب ۾ چانهن پيتم.

شام جو ريڊيو مٺيءَ تان لائيوِ پروگرام ڪيو. جنهن ۾ ڪيترن ئي ماڻهن فون تي رابطو ڪيو ۽ اڪثريت ته اهو به چيو ته توهان ڪوئي طريقو ڪيو، هتي وري ڊي سي ٿي اچو.

ٻئي ڏينهن صبح جو اسان جو ننڍڙو قافلو ڪراچيءَ لاءِ روانو ٿي ويو.

موهن ٻگت جي گهر وٽان گذرياسون. هن جي گهر مان دونهون اُٿي رهيو هيو. پر هن دفعي مون ڪي سندس رياض جو آواز ٻڌڻ ۾ ڪونه آيو.

سرتيون اوهين ته وڃو ڙِي وڃو لا،
منهنجو ڙي ليڪ لڪن سان...!

اسان جِي گاڏي، مٺي- ونگي موڙ جي نئين ٺهيل روڊ تي تيزيءَ سان اڳيان اڳيان وڌندي پئي وئي.



# 10 آگسٽ 1993 _ مارچ 1995ع

## وري ڪولاچيءَ جي ڪُن ۾

ڪي. بي. رند صاحب سدائين مون تي مهربان رهيو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن ڇهنڊڙي به پائي وٺندو آهي. هوشيار رکڻ لاءِ اهو ضروري به آهي. حد ۾ رهجي ته بهتر آهي. منهنجي نه چاهڻ جي، ۽ گذارش ڪان پوءِ به نه مڙيو ۽ منهنجي ڪراچيءَ بدلي ڪري ڇڏيائين. پاڻ CM جو پرنسپل سيڪريٽري هيو. جهونو مڙس شاهه صاحب سائين مدد شاهه، چيف منسٽر هيو. نگرانن جو زمانو هيو. مٿي وزيراعظم 1993ع ۾ معين قريشي، پرائيم منسٽري ڪرڻ لاءِ آمريڪا ڪان اچي وارد ٿيو هو.

پر سنڌ جي انتظاميا جو مائي باپ ڪي بي رند صاحب هيو. سڄيءَ سنڌ ۾ انتظاميا ۽ پوليس جي اٿل پٿل ڪئي وئي. سبب اهو هيو ته اليڪشن ڪان اڳ ۾ اڻ ڌري انتظاميا هجي.

1993ع جي اليڪشن جي نتيجي ۾ پ پ ۽ بي نظير صاحبه جي ٻي حڪومت آئي، جيڪا 1996ع تائين هلي. آيل حڪومت سائين عبدالله شاهه جي وزيراعليٰ جي رهنمائيءَ ۾ ٽي سال ڪڍيا. پر چون ٿا ته ڪي بي رند صاحب نوڪرين جي ڀرتي ڪرائي پ پ لاءِ نوڪريون ڏيڻ لاءِ ميدان خالي ڪري ويو. پر ايترو ضرور ٿيو. جو ننڍڙڪن ۽ خدا جي ماڻهن ڪي به نوڪريون مليون. نه ته پ پ يا ته نوڪريون پريندي ئي ڪونهي يا وري اڄوڪي دور وانگر اڪثر ڪري پنهنجي ورڪرن جي حوالي ڪندي آهي. نتيجو اهو نڪرندو آهي ته عام ووٽر جنهن ووٽ پ پ کي ڏنو هوندو آهي، اهو ڌڪا کائيندو رهندو آهي. هن دور ۾ (2016) پٽيوالي جي نوڪري ته ناممڪن آهي، پر پٽيوالي جي بدلي به سياسي خدائن جي آشيرواد ڪان سواءِ ٿي نٿي سگهي.

چيف منسٽر جي پرنسپل سيڪريٽريءَ ڪان پوءِ ڪي بي رند صاحب ايگريڪلچر ۽ تعليم جو سيڪريٽري بڻيو. ان دوران ڪجهه وقت لاءِ ڪيس هوم

Gul Hayat Institute

سيڪريٽريءَ جي اضافي چارج ملي. جنهن وقت مير مرتضيٰ ڀٽو پاڪستان ۾ آيو. مير صاحب کي گرفتار ڪيو ويو. عدالت جو جج علي احمد جوڻيجو هيو. هن مير صاحب جي ضمانت ڪري ڇڏي ان جو اثر ايڪٽنگ هوم سيڪريٽري رند صاحب ۽ جوڻيجي صاحب تي پيو. رند صاحب کي فيڊرل گورنمينٽ ۾ بدلي ڪيو ويو ۽ جوڻيجي صاحب کي ريٽائر ڪيو ويو.

مان ٽر مان ٽپڙ ويڙهي اچي ڪراچي لٿس. ڪراچيءَ ۾ منهنجا ستارا پاڻ ۾ ڪڏهن به نه مليا. هر دفعي ڪوشش ڪئي ته ٺهي رهون. پر اها خبر ناهي ته ممڪن ڇو نه ٿي. ڪراچيءَ جي پٿريلي زمين ۾ منهنجون پاڙون ڪڏهن به نه لڳي سگهيون. ڪراچيءَ جو ڪلچر پنهنجو اسان ٻهراڙيءَ جا ٻار سڪ پيار سونهن ۽ قرب جا ڪنل. هت ته هر هٽ ۾ ڇري. ڪنهن سان پنهنجائپ جو پيچ پائجي. ڪنهن تي ڀروسو ڪجي؟ هر ڪو وقت حالتن ۽ نفسانفسيءَ جي تيز وهڪري ۾ ترو وهي. ڪنهن کي به ايتري فرصت ڪونه. ته اوسي پاسي ڪنڌ ڪڍي ڏسي ته پير وارو ٻڏو ڪي بچيو. منهنجي پهرين پوسٽنگ 1976ع ۾ سٽي ڪورٽ ۾ بطور مئجسٽريٽ جي ٿي. ٽن مهينن ۾ ڀڄي نڪتس. 1988ع ۾ ڇهه مهينا ڪراچيءَ جو ميونسپل مئجسٽريٽ ٿي رهيس. 1993ع ۾ وري اچي سيڪريٽري لوڪل بورڊ ٿيس. اهم پوسٽنگ هئي، پر طبيعت ڪراچيءَ سان نه پئي رلي.

سنڌ لوڪل گورنمينٽ بورڊ، سنڌ لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ جو ذيلي ادارو آهي. لوڪل گورنمينٽ ۾ ڪونسلن جو نوڪريءَ جو هڪ سرشتو آهي، جنهن کي SCUGS (Sindh Councils Unified Grade Service) (سنڌ ڪائونسلز يونيفائيڊ گريڊ سروس) چيو ويندو آهي. سيڪريٽري بورڊ چڻ سيڪريٽري سروس وارو ڪم ڪندو آهي ۽ SCUGS ۾ 17 گريڊ ۾ ائڊمنسٽريشن، اڪائونٽس، ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ سروس ۾ آفيسر ڀرتي ڪبا آهن.

ان دور ۾ جڏهن مان سيڪريٽري بورڊ ٿيس، ته لوئر گريڊ کان 11 گريڊ جون نوڪريون ڏنيون سين. مون ڪوشش ڪئي ته جنهن ضلعي، تعلقي يا يونين ڪائونسل ۾ نوڪري خالي آهي، اتي جي ماڻهوءَ کي ئي ڀرتي ڪجي. ان ۾ مان گهڻي حد تائين ڪامياب ٿيس. مگر ان دور ۾ مرزا ڪريم بيگ ڊپارٽمينٽ جو سيڪريٽري هيو. پ پ پ جي حڪومت اچڻ کان پوءِ اسان جو پراڻو دوست سائين آغا شهاب الدين صاحب، سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ ٿيو. آغا صاحب لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ جو آفيسر هيو. اهو هڪ معراج آهي لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ جي آفيسر جو ته اهو پنهنجي ڊپارٽمينٽ جو سيڪريٽري ٿئي. شايد آغا صاحب مون سان comfortable ڪونه هيو.



## آغا شهاب الدين

آغا شهاب الدين جي گهڻ رخي شخصيت رهي آهي. پاڻ سنڌي قوم پرست به سمجهيو ويندو هيو. سندس والد آغا تاج محمد وڏي عرصي تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جو رجسٽرار ان دور ۾ رهيو. جڏهن جناب علامه آءِ آءِ قاضي سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر هيو. جهڙو قاضي صاحب نالي وارو وائيس چانسلر هيو تهڙو آغا تاج محمد به نالي وارو رجسٽرار هيو. آغا شهاب الدين جو پٽ به آغا تاج محمد آهي. هي نوجوان به پنهنجي ڏاڏي ۽ پيءُ جي قدم تي قدم رکي هلي رهيو آهي. بي انتها متحرڪ ۽ سماج سڌارڪ آهي. حيدرآباد جيم خانه جو سيڪريٽري به رهيو آهي. پي ايم اي حيدرآباد جو صدر به چونڊيو ويو. ٻين سماجي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ به ڀاڱي ڀائيوار رهيو آهي. آغا تاج محمد (ٻيو) ڊاڪٽر آهي ۽ لياقت ميڊيڪل يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر آهي. آغا تاج محمد ڪافي پرائيويٽ اسڪول ۽ ڪاليج به هلائي رهيو آهي، جيڪي سندس والد سندس ڏاڏي جي نالي سان قائم ڪيا آهن. ڊاڪٽر آغا تاج، مون سان به والد جي نسبت سان چاچا ڪري ملندو آهي.

آغا شهاب الدين اخبارن ۾ ڪالم به لکيا آهن ۽ پنهنجي يادگيري بابت 'شهاب نامو' به لکيو اٿائين. پر اهو ڪتاب مارڪيٽ نه ٿي سگهيو. ڇو ته ان ۾ ڪيترين ئي تڪراري ۽ هڪ طرفيون ڳالهيون لکيل آهن. جيڪي سندس ۽ ڪن دوستن لاءِ ناپسنديده ۽ ناقابل برداشت آهن. اهو ڪتاب نه ڇپجي ها ته بهتر هيو. منهنجي هاڻي به آغا تاج کي گذارش آهي ته ان ڪتاب جون ڪاپيون تلف ڪيون وڃن. پاڻ انهن سيني معزز شخصيتن کان والد صاحب جي طرفان معذرت ڪن، ته ان سان آغا تاج جي ذاتي ۽ سندس خاندان جي عزت ۾ اضافو ٿيندو. اهڙو ازالو ڪرڻ بيحد ضروري آهي. متاثر شخصيتون آغا تاج جي به ويجهو رهيون آهن. آغا تاج اٿڻ ويهڻ وارو يار ويس ماڻهو آهي، ڪو ضرور اهو چاهيندو هوندو ته هر ڪوئي ڪيس سٺي نموني ياد ڪري ۽ خوشگوار ناتا قائم ڪري.

لوڪل گورنمينٽ بورڊ ۾ بي مقصد نوڪريءَ جا اٺ مهينا گذري ويا. هونئن به ڪراچيءَ ۾ سيڪريٽريٽ جي نوڪري بي مقصد ئي هوندي آهي. اتي صرف ٻه ماڻهو ڪم جا آهن. هڪ وزير ۽ ٻيو سيڪريٽري آف دي ڊپارٽمينٽ. يا وري سيڪشن آفيسر. جيڪو 'نوٽ' يا سمري ناهيندو آهي. باقي سڄو اسٽاف فالتو آهي. الائي ڇو ايترا ٽيبل ٺهيل آهن. اسٽاف رکيل آهي. ڳاڙهي ڦيتي لاءِ يا ڪم ۾ روڙا اٽڪائڻ لاءِ دير ڪرڻ لاءِ يا اجا به فائلن کي گم ڪرڻ لاءِ. صرف سيڪشن آفيسر ۽ سيڪريٽري هجڻ گهرجن. باقي ڪم ئي ڪيترو آهي.

Gul Hayat Institute

## تعليم کاتي ۾ ڊائريڪٽر پلاننگ

ڪي بي رند صاحب 1994ع ۾ سيڪريٽري تعليم ٿي ويو. اتي ڪيس هڪ ڊائريڪٽر پلاننگ جي ضرورت هئي. منهنجي اتي posting ڪرايائين. ٻئي ڏينهن تي وزير صاحب جناب نوابزاده نادر مگسيءَ کان موڪلائڻ ويس. منهنجي ساڻس لاڙڪاڻي کان وٺي سني جاڻ سڃاڻ هئي. پاڻ چڙي پيو. چي: تو کي ڪهڙي تڪليف هئي؟ مون ڪيس عرض ڪيو ته "ڪي بي صاحب اعتماد ڪري گهرايو آهي. آءٌ ڪيس انڪار نه ڪري سگهيس." مون کي ياد آهي 24 مارچ 1994ع تي مان تعليم کاتي ۾ وڃي ڪم سان لڳس. تعليم کاتي ۾ اصل ڪڇ جو رڻ لڳو پيو هيو. نه گاڏي، نه ڊرائيور، نه پيٽرول، نه وري آفيس جي ڪم لاءِ اسٽيشنري، نه ڪو ڪمپيوٽر، نه فوٽو مشين. صفا اونده. پگهار به هتي کان گهٽ، سهولتون به ڪونه. ڪم گهڻو. ڊاڪٽر شريف ميمڻ ايڊيشنل سيڪريٽري هيو. جيڪو منهنجو Boss هيو. پوءِ سيڪريٽري ٿيو. ڊاڪٽر صاحب وڏو نيشنلسٽ سڃاتو ويندو هيو. هينئر ته الله کي پيارو ٿي ويو آهي. جيڪڏهن ڪو فوٽو اسٽيٽ ڪاغذ به ڪرائڻو هوندو هيو ته انڪار ڪري ڇڏيندو هيو. ان صورتحال ۾ ڪم ڪرڻو پيو. سيڪريٽريءَ سان به هر هر ننڍي ننڍي ڳالهه. ڪهڙي ڪجي. ان وچ ۾ ڪي بي رند صاحب به بدلي ٿي ويو ۽ اشفاق ميمڻ سيڪريٽري ٿيو. پر اسان جي ونگ جا حال جيستائين شريف ميمڻ صاحب نه چاهي، تيستائين ڪيئن بهتر ٿين!

## اشفاق ميمڻ، سيڪريٽري تعليم

اشفاق ميمڻ کي به تعليم کاتي ۾ سڌارا ڪرڻ ۽ ماڊل کاتو ٺاهڻ جو شرف مليو. ان ٿنڪ ٽينڪ ۾ مون کي به شامل ڪيائين. ڪافي ڪم ڪيوسين. ڊيٽا گڏ ڪئي سين. سندس پهريون ٽارگيٽ هيو ڪاليجز ۾ ايڊميشن پاليسي ٺاهڻ. پاليسي ته ٺهي وئي. ان کان پوءِ ٻيو مرحلو شروع ٿيو ان تي عمل درآمد جو.

هڪڙي ڏينهن بلاول هائوس کان "اهم ماڻهو" جو فون آيو. اشفاق صاحب ليڪچر ڏنو. هوڏانهن جواب آيو "ڏاڍو سنو ڪم ٿا ڪيو." ٻئي ڏينهن تي اشفاق صاحب آفيس ڪونه اچي سگهيو. سندس جڳهه شريف بلوچ صاحب وري تعليم کاتي جو سيڪريٽري ٿي آفيس ۾ اچي ويٺو. شريف بلوچ صاحب تعليم کاتي جو 4 يا 5 ڀيرا سيڪريٽري رهيو. شايد صحت کاتي جو به چار ڀيرا سيڪريٽري ٿيو. سڀ اشفاق صاحب جون پاليسيون اشفاق صاحب جي گهر موڪليون ويون. انهن جي تعليم کاتي کي گهرج ڪونه هئي. پوءِ اشفاق صاحب جي بدلي بلوچستان ٿي وئي. جتي سيڪريٽري فنانس ٿيو. بلوچستان ۾ چيف سيڪريٽري شاهد حسين صاحب هيو. هندستان مان هجرت ڪري جوهيءَ ۾



اچي آباد ٿيا. پوءِ 1966ع ۾ CSP ڪيائين. ايسٽ پاڪستان ۾ به نوڪري ڪيائين. سنڌ ۾ سيڪريٽري فوڊ به رهيو. بلوچستان جو چيف سيڪريٽري ۽ وفاقي حڪومت ۾ سيڪريٽري اريگيشن ۽ پاور رهيو. سخت مزاج جو هيو. اشفاق صاحب سان ڪونه لڳس. ACR خراب ڪيائينس. ان ڪري اشفاق صاحب جو پروموشن رلي ويو ۽ Supersede ٿي ويو. ورنه اشفاق ميمڻ صاحب ڏاڍو برجستو آفيسر رهيو ۽ ڪي بي رند کان به سينيئر هيو.

شاهد حسين صاحب ريٽائرمينٽ کان پوءِ هوسٽن، آمريڪا ۾ رهي ٿو.

## SPEDP (پراجيڪٽ)

مون کي ياد آهي، ان زماني ۾ ٻاهرين ملڪن جي مدد سان تعليم کاتي ۾ ڪجهه پروجيڪٽ هلي رهيا هئا. هڪ پروجيڪٽ جو نالو هيو سنڌ پرائمري ايڊيوڪيشن ڊيولپمينٽ پروجيڪٽ (SPEDP) جنهن جي تحت 5000 پرائمري اسڪولن جون عمارتون نهرائڻيون هيون. جن اسڪولن کي بلڊنگون ڪونه هيون ۽ انهن اسڪولن ۾ ٻيون سهولتون ڏيڻيون هيون. ان پراجيڪٽ جي هر طرف واهه واهه هئي. ان پروجيڪٽ جو پروجيڪٽ ڊائريڪٽر (PD) هيو ڊاڪٽر شريف ميمڻ ۽ پراجيڪٽ مينيجر اسان جي ڀاڄائي اعجاز حسين قاضيءَ جي گهر واري ادي غزاله قاضي هئي.

## تعليم کاتي جا حال

ان دور ۾ اسڪول ڌڙا ڌڙ نهيا. پر بدنصيبي اها ٿي ته بجاءِ هلندڙ اسڪولن ۾ عمارتون نهن ۽ ان ۾ ڏنل معيار تي نهن، هر MPA کي اسڪول ڪوٽا ۾ ڏنا ويا ۽ انهن جي ضرورت آهر رپورٽ جي بدران جتي انهن چاهيو ٿي، اتي اسڪول نهيا. اسڪول نهي بينا. نون اسڪولن لاءِ استاد ڪٿان اچن؟ جيڪي اسڪول چنن ۽ وڻن جي هيٺان هئا، اهي جيئن جو تيئن رهجي ويا. پئسا ڏيندڙ ڊونرس اڌ ۾ ڇڏي ويا، سنڌ سرڪار کي انهن جا پئسا وياج سميت ادا ڪرڻا پئجي ويا.

اهڙا ڪارناما ڪافي ٿيا. دٻ هوندي هئي CM ۽ PM جي ڊائريڪٽرز جي! ته هي مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج ناهيو. پولي ٽيڪنيڪل ڪاليج ناهيو. ڪاليج ناهيو. هاءِ اسڪول ناهيو. اهي سڀ ڊائريڪٽوِ ۾ ايم پي اي ۽ ايم اين ايز کي راضي ڪرڻ ADP ۾ ته شامل ڪيا ويا، پر جلدي ڪونه نهيا. وڃي 10 – 15 سالن ۾ ڪي ته برابر مڪمل ٿيا. پر ڪن جا ته بنياد به ڳري ويا. جيترا پئسا هٿ ۾ هجن، ايترا ڪم ڪجن. پر اهو رواج اڄا تائين اسان جي کاتن ۾ ڪونهي. ڪم سڀ شروع ڪرائڻا ۽ نتيجو اهو نڪرندو جو

Gul Hayat Institute

بلڊنگ وچي ڏهن سالن ۾ مڪمل ٿيندي. ان جي لاءِ فرنيچر اڳواٽ وٺي ڇڏيو. پوءِ جڏهن بلڊنگ ٺهندي ته فرنيچر ڪونه ليندو ۽ ان لاءِ فرنيچر وري بيهر وٺڻو پوندو.

اهو هڪ سال جو تجربو تعليم کاتي ۾ ڏاڍو فائدي مند رهيو. ايڏي وڏي کاتي جي اندر ٻاهر جي خبر پئجي وئي. جنهن کاتي کي اسان مظلوم ۽ محروم کاتو سمجهندا هئاسون. اصل ۾ ان جي مظلوميت ۽ محروميءَ جو سبب سرڪار نه پر سرڪاري ڪارندا هئا. جيڪي ان جا مالڪ ۽ مختيار هئا. هميشه سيڪريٽريٽ ۽ فيلڊ جي عملدارن جي پاڻ ۾ ڇڪتاڻ رهي. سيڪريٽري جيڪي پاليسيون فيلڊ ۾ آڻي، ڪم ان جي ابتڙ ٿئي پيو. ائين ناهي ته سڀ جاهل ۽ تعليم جا دشمن تعليمدان هئا، پر ڪيترائي لائق فائق آفيسر محض عملدار به هئا.

جيئن ڊاڪٽر حبيب الله صديقي ۽ عبدالغفار صديقي، عطا محمد ميمڻ، نظام الدين ميمڻ، قاضي ضمير ۽ ڪيترا ٻيا. اها به حيران ڪندڙ ڳالهه آهي ته ايترن لائق ماڻهن جي هوندي به تعليم ڇو نه بهتر ٿي؟ انهن جي محنت، ديانتداري، سچائي، ڪم سان واڳيل هجڻ، پر پوءِ به خرابي الائي ڪٿي آهي، جو تعليم جون ڏينهون ڏينهن وڃي ٿو جهاز ٻڏندو. پئسا به اچن ٿا، اسڪيمون به اچن ٿيون. عمارتون به ٺهن ٿيون. اسڪول ۽ ڪاليج به ٺهن ٿا. نصاب تي به سائنسي بنيادن تي ريسرچ ٿئي ٿي، پوءِ به هر وقت هر ڏينهن ان ميدان ۾ اسين پوئتي آهيون. استاد گوسڙو؟ ڪيترو نه مزاحيه جوڙ آهي ٻن لفظن جو. وري استادن ۽ انتظاميا جا جهيڙا. اهو سڀ ڪجهه شاگردن ۽ انهن جي والدين کي ڪهڙو پيغام ٿو پهچائي. ڪنهن جي به نيت تي شڪ ڪرڻ کان سواءِ هڪ سوال هر هر ذهن کي جنجهوڙي ٿو پوءِ به تعليم جو معيار ته پوئتي وڃي پيو پر خلائون به گهٽ ٿي رهيون آهن. استادن جي پگهار به لکن کي ٿي ڏک هٽي، پوءِ به بي اطميناني ڇا جي. استادن جي ٽريننگ ۽ تربيت جا نوان وسيلا نوان طريقا، استادن مان ڪيئي عالم، فاضل، اديب ۽ شاعر، پوءِ به تعليم پوئتي. ڇا سنڌي اجتماعي طرح ناڪام قوم آهن ۽ انفرادي طرح ڪامياب؟ اسان اها به دعوي ڪيون ٿا ۽ صحيح به آهي ته موهن جي دڙي جي ڪلچر جا امين آهيون. ته پوءِ اڄ جي ڪلچر جي امانت ۽ مالڪي اسان نه ڪنداسين ته پوءِ ڪير ڪندو. موهن جي دڙي کي اسان نه ٿا سنڀالي سگهون، ته ان کي به UNESCO ٿو سنڀالي. ڇا اسان کي به اڳتي هلي UNO ۽ UNESCO سنڀاليندو؟

## سيد انوار حيدر

سيد انوار حيدر لاڙڪاڻي جو ڪمشنر هيو. سيد صاحب پڪو نيڪ نمازي هو. جيئن ئي بي نظير صاحبه جي حڪومت 1993ع ۾ آئي ته انوار حيدر شاهه صاحب



لاڙڪاڻي ڊويزن جو ڪمشنر مقرر ڪيو ويو. ڪيس سلمان فاروقي صاحب ۽ سراج شمس الدين جي ٽيڪ هئي. شايد هنن چاهيو هجي ته سندن لابيءَ جو ماڻهو بي بي جي ويجهو هجي. ساڳي طرح شمس جعفراڻي لاڙڪاڻي جو ڊپٽي ڪمشنر مقرر ٿيو. پاڻ چيف منسٽر عبدالله شاهه جي شهر سيوهڻ شريف ۾ AC/SDM رهي چڪو هيو. شاهه صاحب جو اعتماد هئس. پاڻ به سٺو انسان ۽ سٺو آفيسر رهيو آهي. لاڙڪاڻي ضلعي لاءِ اها مناسب چونڊ هئي.

انوار حيدر صاحب مون کي گهڻن سالن کان چڱي طرح سڃاڻندو آهي. سندس ڊوميسائيل شڪارپور جو آهي. سنڌي سٺي ڳالهائيندو آهي. پڪو مولائي آهي، پڙهيو به شڪارپور ۾ آهي. اتان ئي سيڪنڊ ڪلاس ۾ 1973ع ۾ ڪي بي رند سان گڏ CSS ڪيائين.

هڪ ڏينهن پاڻ ۽ اسان جي سيڪريٽري تعليم اشفاق ميمڻ، سيڪريٽريءَ جي آفيس ۾ گپ شپ ڪري رهيا هئا ته مان به پهچي ويس. سوچي رهيا هئاسين ته لاڙڪاڻي ۾ ڊائريڪٽر تعليم ڪنهن کي مقرر ڪجي. ڳالهين ڳالهين ۾ انوار صاحب چيو ته عبدالقادر منگيءَ کي ڇو نه ڊائريڪٽر ايجوڪيشن لاڙڪاڻو مقرر ڪجي. اشفاق صاحب به خوش ٿي ويو. ڄڻ ڪيس وڃايل پئسا ملي ويا هجن. اها صلاح منهنجي آڏو رکيائون. مون چيو سٺي ڳالهه آهي، پر هڪ ته مان گريڊ 18 ۾ آهيان، جڏهن ته ڊائريڪٽر جي پوسٽ 20 گريڊ جي آهي. ٻيو ته مان اميد پيو ڪريان ته ڪٿي نه ڪٿي منهنجي پوسٽنگ بطور ڊي سي جي ٿي ويندي. تنهن ڪري منهنجي لاءِ في الحال بهتر اهو آهي ته ڪجهه انتظار ڪريان. هنن زور ڀريو پر مون انڪار ڪيو.

## فضل الله قريشي

ڪي سنڌي آفيسر اهڙا آهن. جيڪي سنڌ ۽ سنڌين تان سر ساهه قربان ڪندا آهن. نوجوان آفيسرن کي سکيا ڏيندا آهن. نوڪريءَ جا ادب آداب سيکاريندا آهن ۽ سندن نڙيءَ ۾ سنڌيت جو ڏُڪو وجهندا آهن. ون يونٽ جي دور جو هڪ آفيسر جنهن 1970ع کان اڳ ۾ لاهور ۾ نوڪري ڪئي ۽ اتي به سنڌي مهمان سراءِ کولي ڇڏيائين ته آيو ويو سنڌي اچي اتي مٿي ڇانئون ڪري، اهو سنڌ جو هڏ ڏوڪي آفيسر هو محترم فضل الله قريشي، جنهن وفاقي سيڪريٽري ٿي رٽائر ڪيو. پوءِ به ڪيترن ادارن جو سربراهه رهيو آهي ۽ هن وقت ماشاءَ الله ڪيترن ئي ادارن جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر آهي. ميڊيا تي مشتمل سنڌ جي مسئلن تي ڳالهائڻ وارو آهي. آهي ته پراڻي سکر جو پر سندس همت ڪڏهن به پراڻي ڪونه ٿي آهي. پاڻ منهنجو پراڻو مهربان آهي. هميشه همٿائيندو ۽

Gul Hayat Institute

اتساهيندو رهيو آهي. اسان ٻـ سنڌس سڪ جي سرڪ پيتي آهي.

مان ڊائريڪٽر پلاننگ ۽ مانيٽرنگ تعليم کاتو هوندو هئس تـ منهنجو ساڻس قريبي تعلق رهيو. جو تـ پاڻ ان وقت سنڌ جا ترقيات جا ايڊيشنل چيف سيڪريٽري هئو.

هڪ دفعي مون کي تڪڙي فون ڪيائون تـ هليو اچ. مان حاضر ٿيس. چانهن جي ڪپ تي ڪچهري ڪئي سون. سنڌ ۾ ٻـ سنڌ رورل سپورٽ پروگرام (SRSP) قومي سطح وانگر شروع ڪري رهيا هئا. هيڊڪوارٽر بدين رکڻو هيو. سنو پيڪيج هيو. قومي ڪم هيو. مون کي مطمئن ڪيائون تـ مون کي اوڏانهن اچڻ گهرجي. ڪاليج ويندڙ ٻارن کي اڪيلو ڇڏي مان بدين هليو وڃان. ڪين سڄي صورتحال کان واقف ڪيم. منهنجي حالتن تي همدردي ڪيائون ۽ مون سان متفق ٿيا. مون معذرت ڪئي.

مون کي ميٽنگ ۾ ڪنهن دوست جو نياپو مليو تـ ساڻس ڳالهايان. اهو 6 مارچ 1995ع جو ڏينهن هيو. ميٽنگ کان پوءِ هن سان ڳالهايم تـ ٻڌايائين. منهنجي بدلي بطور ڊي سيءَ جي خيرپور تي وئي آهي.



# 11
# مارچ 1995ع کان نومبر 1996ع

## خيرپور جا ڏينهن رات_ ڊي سي خيرپور

مان سعيد احمد صديقيءَ، چيف سيڪريٽري وٽ ڪال آن ڪرڻ ويس. مون کي ڏسي مسڪرايائين ۽ مبارڪ ڏنائين. وڌيڪ ٻڌايائين تـ منهنجي Posting پي ايم صاحب جي ليول تي طئي ٿي آهي. خيرپور سياسي ڳڙهه آهي. ڪنهن ها پئي ڪئي ڪنهن نـ پئي ڪئي. تنهنجي ڪم جو ذمو مون ڪنيو آهي. نااميد نـ ڪجانءِ. سيني کي بئلينس ڪري سمجهداريءَ سان هلجانءِ. صبحاڻي وڃي چارج وٺ. دير نـ ڪر. مان سنڌس ٿورا مڃي نڪري آيس. شريف صاحب سيڪريٽري ۽ ڊاڪٽر شريف ميمڻ صاحب کان موڪلايو. پنهنجي ٽيبل جا خانا خالي ڪيا. پنهنجي اسٽاف کي خدا حافظ ڪيو. سنڌن تعاون جا ٿورا مڃيا. ڪين خيرپور ۾ منهنجا مهمان ٿي اچڻ جي دعوت ڏني.

پنهنجي گرو K. B. Rind سان اسلام آباد ۾ ڳالهائي ڪيس احوال ڏنو هن خوشيءَ جو اظهار ڪيو. مون کي هدايت ڪيائين:

”ڪنهن کي ٻـ ناراض ڪرڻو پئي تـ ناراض ڪجانءِ پر ڪنهن ٻـ صورت ۾ پير صاحب پاڳاري کي ناراض نـ ڪجانءِ.“

رند صاحب کي 1977ع ۾ PNA جي تحريڪ ۾ سانگهڙ جي AC/SDM جي دور جو تجربو هيو. سانگهڙ ۾ گوڙ گهمسان ٿيو. رند صاحب کي حڪم مليو تـ نظاماڻي حويليءَ تي فائرنگ ڪراءِ. رند صاحب جواب ڏئي ڇڏيو. مٿس پريشر وڌندو ويو پر سنڌس انڪار برقرار رهيس. رند صاحب، CM جتوئي صاحب کي سڄي صورتحال جي خبر ڏني. جنهن ٻـ ڪيس فائرنگ کان منع ڪئي.

پنهنجي تجربي ۽ سوچ مطابق هو مون کي منع ڪري رهيو هيو. پر زندگيءَ ۾ اهڙا ڪيترا موقعا آيا، جنهن ۾ مون کي ’انڪار‘ ڪرڻو پيو. ڏکيائي تـ ٿئي ٿي، پر اڳتي هلي ماڻهو گهڻن مصيبتن ۽ ضمير جي بار کان بچي ٿو پوي. اهو انڪار جو گُر مان عبدالله ميمڻ ۽ ڪي بي رند صاحب کان سکيو. پريشر ۾ غلط فيصلو نـ ڪرڻ انتظاميا جو هڪ

Gul Hayat Institute

وڏو ڪاميابيءَ جو ڳڻ آهي. جنهن لاءِ بي انتها همت ٿي گهرجي.

خسرو پرويز خان سان ڳالهايم. جيڪو خيرپور جو ڊي سي هيو ۽ جنهن جي بدلي ڪراچي سينٽرل ضلعي ۾ ٿي هئي. هن چيو ته "سڀاڻي ڀلي اچو پر خيرپور ۾ اُچڻ، ڪليري برادرين جو جرگو رکيل آهي، مان ان ۾ بطور ڊي سي شرڪت ڪرڻ ٿو چاهيان. توهان به اچي جائزو وٺو. توهان کي شام جو چارج ڏيندس."

ٻي فون ڪمشنر سکر ڊويزن محترم نثار احمد صديقيءَ کي ڪيم. جيڪو ڪنهن زماني ۾ منهنجو ويجهو دوست هيو. ٻه ڀيرا ڪال ڪرڻ جي باوجود سندن ريٽرن ڪال نه آئي. مون اندازو لڳايو ته شايد صديقي صاحب منهنجي پوسٽنگ مان خوش نه ٿيو آهي.

پوءِ مون اي ڊي ايم خيرپور الهڏني سولنگيءَ کي چيو ته ڪمشنر صاحب يا ان جي پرائيويٽ سيڪريٽريءَ سان رابطو ڪري منهنجي صبح جي ملاقات جو ٽائيم طئي ڪرائي. صبح جو سکر جي جهاز تي چڙهيم ته سائين قائم علي شاهه ۽ منظور حسين وساڻ ۽ ٻيون ڪجهه خيرپور جون شخصيتون به جهاز ۾ موجود هيون. شاهه صاحب ۽ وساڻ صاحب مون کي خوش آمديد ڪئي. مان به پاسيرو ٿي جهاز ۾ ويٺس. سکر ۾ جهاز لٿو ته ٻنهي گاڏيءَ جي آڇ ڪئي. مون سندن ٿورا مڃيا ۽ کين ٻڌايو ته اي ڊي ايم منهنجي لاءِ گاڏي آندي آهي. ADM سولنگي صاحب مليو. مان لائونج ۾ ترسڻ بدران سڌس گڏ نڪري آيس. هن ٻڌايو ته ڪمشنر صاحب چيو آهي ته هو به خيرپور ايندو، اتي ملاقات ڪنداسون.

## خيرپور آمد

مان خيرپور ڊي سي هائوس تي آيس، جتي خسرو صاحب ۽ سندس سلڇڻي گهر واري ڀاڀي نائلا منهنجو ناشتي تي انتظار ڪري رهيا هئا. خسرو صاحب سان ته منهنجون ڀيرين به ملاقاتون هيون، پر ڀاڀي نائلا سان پهريون دفعو ملاقات ٿي هئي. مان جڏهن 1986ع ۾ SDM سجاول هئس ته خسرو صاحب ٺٽي ضلعي مان AC (UT) جي ٽريننگ پوري ڪري پوسٽنگ جي تياري ڪري رهيو هيو. 11th ڪامن جو DMG جو آفيسر هيو. ٺٽي ضلعي ۾ ڪوٽڙيءَ جي لڳ سندس والد صاحب جون زمينون آهن. ڊوميسائيل به ٺٽي جو اٿس. سندس والد آرميءَ جو رٽائر آفيسر آهي. سندس ڪجهه ڀائر به آرميءَ ۾ آهن. خسرو خان جو قدبت به ڪنهن جرنيل کان گهٽ نه آهي. سوا ڇهه فوٽ قد. گورو چٽو رنگ رعبدار مڇون. ڳالهائيندو ڪڙڪي سان. اوپرو ماڻهو کيس ڏسي پريشان ٿي ويندو. پر دل جو ايترو ئي سنو. اسان جو NIPA ۾ ٽريننگ دوران چار مهينا ويجهو واسطو رهيو.



ناشتي ۾ ڀاڀي نائلا پنهنجي ميزبانيءَ مهمان داريءَ جا معجزا ڏيکاريا هئا. مان PIA جي ناشتي جو اڳ ۾ ئي 'مزو' وٺي آيو هوس، پر پنهنجن ميزبانن کي به هرويرو نااميد نه ڪيو.

## اچڻ_ ڪليري نهراءُ

سرڪٽ هائوس پهتاسون ته عجب جهان لڳو پيو هيو. خيرپور جا معززين وڏي تعداد ۾ اچي گڏ ٿيا هئا. ڪليرين ۽ اچڻ ڌرين جا سرڪٽ هائوس اندر ۽ ٻاهر ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. پوليس جو وڏو انگ SSP قمرالزمان سميت موجود هيو. قمرالزمان منهنجي گهاري وري دور ۾ ASP گهارو هيو.

اسان جي پاڻ ۾ 1983ع کان ئي 'محبت' هئي. هت جو وري ملياسون ته مون دل ۾ دعا گهري ته مولا خير ڪجانءِ. ڪجهه دير کان پوءِ ڪمشنر نثار احمد صديقي، سائين قائم علي شاهه، پير عبدالقادر شاهه جيلاني، منظور حسين وساڻ، اسد علي شاهه جيلاني، پرويز شاهه، ساجد ٻانيڻ، نعيم ڪرل ۽ ٻيا معتبرين به اچي پهتا.

## ڀيانڪ پيار ڪهاڻي!

ڪليري ڌر جي ڇوڪري پنهنجي مرضيءَ سان اچڻ ڇوڪري سان نڪري وئي هئي ۽ نڪاح ڪري ڇڏيو هئائون. جهيڙي ۾ ٻنهي ڌرين جا پنجاهه ماڻهو قتل ٿي چڪا هئا. ٻنهي ڌرين جا ڳوٺ ويجها هئا. حالت جنگ جهڙي هئي ٻنهي لاءِ... ڪليرين جي نک جتوئين سان به لڳندي آهي، تنهن ڪري جتوئي به هت ڌر هئا. ايتري خون خرابي کان پوءِ ضلعي جي معززين کي خيال آيو ته وچ ۾ پئجي نهراءُ ڪرائجي. ٻنهي ڌرين کي ڳالهين تي راضي ڪجي. شڪارپور جو سردار خادم حسين جتوئي به پهتو هيو. سرپنچ اهو هيو. فيصلو به ان کي ڪرڻو هيو امينن جي مدد سان. خادم حسين جتوئي صاحب هاڻي نابين ٿي ويو هيو پر فيصلو رک رکاءَ کان سواءِ اهڙو ڪندو هيو جهڙو منڊيءَ تي ٺڪ. ڪنهن جي پاسخاطري نه ڪندو هيو.

## جرڳو_ فيصلو

ڳالهيون ٿيون. اها ڳالهه ثابت ٿي ته ڇوڪر ۽ ڇوڪريءَ پنهنجي مرضيءَ سان گهر مان نڪري (ڀڄي) وڃي ڪورٽ ميريج ڪئي هئي. جنهن ۾ ڇوڪريءَ جي مالڪن جي مرضي ۽ ڇوڪري جي مالڪن جي مرضي شامل نه هئي نه ئي کين خبر هئي. هل هلان، ڳالهين کان پوءِ اهو ته طئي ٿيو ته اچڻ ڇوڪري، ڇوڪريءَ کي ڀڄائي ڏوهه ڪيو آهي. توڙي جو ڇوڪريءَ جي مرضيءَ سان سڄو ڪم ٿيو آهي. پر جاگيردارانه نظام ۾

Gul Hayat Institute

چوڪريءَ جي شاديءَ جي مرضيءَ جي ڪا حيثيت نہ آهي، جيستائين سندس وارث اهڙي اجازت نہ ڏين. پوءِ حساب ڪيو ويو قتلن جو. هر هڪ ڌر جا هيترا قتل ٿيا آهن. ڳالهين ذريعي ثابت ڪيا ويا تہ ڪهڙي ڌر ڪيترا قتل ڪيا. جرڳي جي سٺي ڳالهہ اها آهي تہ ڌريون ڪوڙ نہ ڳالهائينديون آهن. جيڪڏهن ڪوڙ ثابت ٿي ويو تہ ڪوڙ ڳالهائيندڙ ڌر تي ٻيڻو چيئوڻو ڏنڊ وڌو ويندو آهي.

جنهن ڌر جا جيترا وڌيڪ خون ٿيا، ان کي اوترن وڌيڪ خونن جو خون بها ادا ڪرڻو پيو. چوڪريءَ ۽ چوڪري لاءِ اهو طئي ٿيو تہ چوڪرو چوڪريءَ کي طلاق ڏيندو، چوڪري مالڪن وٽ ويندي. اهي ان کي پنهنجي مرضيءَ سان پرڻائيندا. فيصلي کان پاهر مون کي خبر پئي تہ چوڪري پيٽ سان آهي.

مون چوڪري جو پيءُ ڏٺو. 60 سالن جي لڳ ڀڳ عمر جو. مٿي تي پراڻو انگوچو ٻڌل هئس. پراڻي ڦاٽل گوڏ. ميرو سفيد رنگ وائل جو چولو. ڏاڙهي وڌيل، پريشان حال، هر ڪنهن کي ڦاٽل اکين سان پيو نهاري. سندس اکين مان موت پئي جهاتيون پاتيون.

اڄڻ چوڪرو، جنهن جي عمل جي ڪري 50 خون ٿيا، اهو ٽيهن پنجٽيهن سالن جو جوان، ڪٽڪ رنگو، منهن ويڪرو، ڪارا ڀنيا وار، ٿلهرو، سفيد ڪاٽن جا استارچ ٿيل ڪپڙا، سنو بوٽ، بي پرواهہ، ڪو پڙ پولو ڪونہ، عشق ۾ ٻڏل، ڪنهن تي فلڪ ئي نہ. ڄڻ تہ خبر ئي نہ هجيس تہ سندس عمل جي ڪري ڪيترو نقصان ٿيو آهي ۽ اڳتي ڇا ٿيڻو آهي. پڙهيل ڳڙهيل. ڪنهن وزير جو پرائيويٽ سيڪريٽري هيو.

چوڪري ڪليري بہ سهڻي سلوڻي، پوري رنگ جي، قد پورو پنو اکيون خوبصورت، فيشن جا ڪپڙا پاتل، پرڪشش، ناپر ۾. چپ چاپ. وقت جي وهڪري کان بي خبر. هن جي دنيا هن جي اکين ۾ اندر ۾ سميٽجي آئي هئي. جڏهن هن مڙس کي پئي ڏٺو تہ اکين جون ڏياتيون روشن پئي ٿي ويس.

آخر امينن فيصلو ڪري اهو انصاف ڪيو تہ چوڪري، چوڪريءَ ڀڄائي آهي، تنهن ڪري چوڪري مالڪن کي موٽائي ويندي. ٻنهي کي ڌار ڪيو ويو. ان فيصلي کان پوءِ مون ٻنهي مان ڪنهن کي بہ ڄاڻي واڻي ڪونہ ڏٺو. همت نہ ٿي. خونن جا حساب ڪتاب لکن ۾ اهي الڳ.

ان جرڳي کان پوءِ خبر پئي تہ چوڪريءَ جي طلاق کان پوءِ اهي لاڙڪاڻي لڏي ويا. چوڪريءَ جو ٻار ڪيرايو ويو. ڪيس سندس سوٽ سان شادي ڪرائي وئي.

ٻي ۽ آخري خبر اها آئي تہ چوڪرو ۽ چوڪري وري ڀڄي ويا آهن ۽ آزاد ڪشمير هليا ويا آهن. ڪجهہ وقت کان پوءِ ان فلم يا ڊرامي جو ڊراپ سين ٿيو. شاهينگ سندن گهات ۾ هئا. جيئن ئي ڪين هٿ آيا تہ ٻنهي کي قتل ڪري ڇڏيائون.



خيرپور جي نوڪريءَ جو آغاز ان ڀيانڪ پيار ڪهاڻيءَ سان ٿيو. مون کي پهرين رات خيرپور ۾ ننڊ نہ آئي.

## ڪم شروع

ٻئي ڏينهن چارج وٺي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. آفيس موجوده مختيارڪار ۽ اي سي آفيس جي لڳ هئي. نئين آفيس بہ مين روڊ تي ڊي سي هائوس جي پرسان ٺهي وئي هئي. پر ان ۾ ڪجهہ ڪم رهيل هيو. خسرو پرويز صاحب ان نامڪمل آفيس جو افتتاح ڪرائي ان تي پنهنجي نالي جو پٿر هڻائي ڇڏيو هيو. اصولاً تہ غلط هيو پر مون سندس نالي جي پٿر سان ڇيڙڇاڙ نہ ڪئي. ان کي ائين ئي رهڻ ڏنو. ڪجهہ ڏينهن ۾ ان نئين آفيس ۾ ضروري ڪم ڪرائي اوڏانهن شفٽ ڪيو.

## ايڪسيڊنٽ ۾ 29 ماڻهن جو موت

مان چارج وٺڻ جي ٻئي ڏينهن شام جو ڪمشنر سکر نثار احمد صديقي صاحب وٽ ڪال آن لاءِ پهتس. ڪلاڪ کن ڳالهہ ٻولهہ ٿي، تہ خيرپور ڊي سي هائوس تان پي اي ڳالهايو. ٻڌايائين تہ هڪ سوزوڪي وين سيوهڻ کان موٽندي راڻيپور ۾ ايڪسيڊنٽ ٿي پئي آهي. اٺتيهہ ماڻهو مري پيا آهن ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا آهن. مان ان ئي فون تي ADM کي هدايتون ڏنيون تہ گمبٽ ۽ خيرپور جي اسپتالن ۾ ايمرجنسي لڳائي. ايم ايس ۽ ڊاڪٽرن کي ۽ ٻئي اسٽاف کي گهرائي وٺو. زخمين کي هڪدم اسپتال ۾ ڪٽايو. ايس ڊي ايم مختيارڪار، ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او کي بہ سرزمين تي موڪليم. سڄو اسٽاف سرڪٽ هائوس خيرپور ۾ پراڻي ڊي سي کي الوداعي دعوت لاءِ گڏ ٿيل هيو. دعوت ڪينسل ڪئي وئي. هر ايس ڊي ايم ۽ مختيارڪار کي ڪم سان لڳايو. ADM کي چيو تہ هو آفيس ڪولي آپريشن جو رابطو ڪري. مون ڪمشنر کي گذارش ڪئي تہ سکر اسپتال ۾ بہ ايمرجنسي لڳرائي ۽ سکر جون سڀ ايمبولنسون راڻيپور روانيون ڪري. مون چانهہ اڌ ۾ ڇڏي ڪمشنر کان موڪلايو ۽ راڻيپور لاءِ روانو ٿي ويس. موبائيل فون تڏهن ڪونہ هئا. وائرليس سسٽم تي رابطو ڪندو ويس. ڪلاڪ کن ۾ جاءِ واردات تي پهتس.

شڪارپور ضلعي جي خانپور تعلقي جا جتوئي سک سُڪان ڪٺي سيوهڻ ويا هئا. نندي سوزوڪي ڪيري هئي. ان ۾ پنجٽيهہ ماڻهو هئا. جنهن ۾ ٻار ۽ عورتون وڏي تعداد ۾ هئا. اٺتيهہ ماڻهو ٽڏي تي مري ويا هئا. سوزوڪي وين خراب ٿي بيٺل ٽرڪ ۾ پويان گهڙي وئي هئي.

اٺتيهہ ماڻهن جا لاشا ايمبولينس ۾ پوليس اسڪارٽ ۽ پنهنجي هڪ ايس ڊي ايم سان خانپور روانيون ڪيون.

Gul Hayat Institute

زخمين جي فرسٽ ايڊ ڪرائي SDM سان سکر روانا ڪيا، جتي ڊي سي سکر سياڳو خان جتوئي ۽ ايم ايس اشفاق پراچہ اسپتال ۾ موجود هئا.

## خيرپور ۾ منهنجي ٻي رات بہ پيانڪ هئي

خيرپور سان منهنجو ويجهو واهپو يا اچ وڃ ڪونہ رهيو. ننڍي هوندي اسٽيٽ جي زماني ۾ جڏهن بابا پنهنجي سئوٽن جي ڪيسن جي پيروي ڪرڻ لاءِ ايندو هيو، هڪ بہ پيرو مان بہ آيو هوس. هڪ دفعي ٽانگي تي ميرواهہ تان گذري رهيا هئاسون تہ ٽرئفڪ کي روڪيو ويو. ٿوري دير ۾ ڏٺوسين تہ هڪ هيلي ڪاپٽر اچي فيض محل ۾ لئنڊ ڪيو.

لا (Law) جي فائينل جو امتحان مان ۽ نثار صديقي صاحب خيرپور لا ڪاليج مان 1978_9ع ۾ ڏنو هيوسين.

مختيار ملڪ جو پاءُ اغوا ٿي ويو هيو تہ اهو لاڙڪاڻي آفيس ۾ آيو هيو ۽ ملاقات ٿي هئي. قربان منگيءَ سان خط و ڪتابت ٿيندي هئي. تنوير عباسي صاحب سان دعا سلام هئي فون تي. حميد سنڌيءَ سان ملاقاتون هيون، جيڪو ان وقت شاهہ عبداللطيف يونيورسٽيءَ جو وي سي هيو. رشيد ڪرل صاحب ۽ مان فاريسٽ ڪاليج ۾ 1968ع کان 1970ع تائين گڏ پڙهيا هئاسون، پر ڪاتي ۾ ويجهڙائي نہ رهي. علام حسين منگي، جيڪو محراب پور جو هيو ۽ خيرپور ۾ نوڪري ڪندو هيو. اهو ڪڏهن ڪڏهن لاڙڪاڻي ۾ منهنجي آفيس ۾ ايندو هيو ۽ هر دفعي مون کي پنهنجي ڳوٺ مانيءَ جي دعوت ڏيندو هيو ۽ هر دفعي مان ڪيس اهو چئي ٽاري ڇڏيندو هئس تہ دعا ڪر تہ آءٌ خيرپور جو ڊي سي ٿي اچان تہ تنهنجي ڳوٺ تنهنجي ماني ضرور کائيندس. سائين قائم علي شاهہ سائين غوث علي شاهہ ۽ پير صاحب پاڳارو خيرپور جا وڏا حوالا هئا. نسيم ڪرل تيستائين شهيد ٿي چڪو هيو پر منهنجي لاءِ اڻ ڄاتل ڪونہ هيو. نعيم ڪرل جو بہ وڏو نالو هيو.

خيرپور ۾ نوڪريءَ کان اڳ ۾ مون وٽ، ان جا اهي مختصر حوالا هئا. ماڻهو نوان، ملڪ نئون، ڪلچر نئون. ماڻهو پهرين ملاقات ۾ ئي مون کي سٺا لڳا، شهر بہ شاندار هيو. ڪلچر بہ ڀرپور ۽ شاهوڪار هيو. ماڻهو بہ بنيادي طرح آزاد منش هئا. جيءُ ۾ جايون ڏيڻ وارا، شهر صاف سٿرو، گهٽيون ۽ روڊ رستا بهتر ۽ ثقافت جي تہ ڳالهہ ئي ڪهڙي ڪجي.

مير علي نواز ناز جو شهر عشق ۽ محبت جي خوشبوءِ سان واسيل هيو. وري تنوير عباسي ۽ نسيم ڪرل جي تہ ڳالهہ ئي اوُر هئي. ٻنهي جي ادبي ورثي جي ڪري، هر گهر ۾ هڪ شاعر هڪ اديب توهان کي ملندو. شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي تعليم تہ وڌائي، پر ان سان نوجوانن ۾ جاڳرتا بہ وڌي وئي هئي. خيرپور ۾ تہ اڳ ۾ ئي ناز هاءِ اسڪول ۽ ڪرنل شاهہ هاسٽل هئي. پوءِ سپيريئر سائينس ڪاليج ۽ هاسٽل ٺهيو. ون يونٽ ٿيو تہ



خيرپور ڊويزنل هيڊڪوارٽر ٿيو. ناز هاءِ اسڪول ۾ اسٽيٽ جا ۽ ٻاهريان ٻار پڙهندا هئا. انهن جي پڙهائي ۽ رهائش جو خرچ اسٽيٽ ادا ڪندي هئي. جيڪڏهن ڪو ٻاهريون ٻار بہ هاسٽل ۾ رهندو هيو تہ ان جي تعليم، رهائش ۽ ڪاڌ خوراڪ بہ فري هوندي هئي. ڪيترائي نالي وارا عالم، اديب، شاعر ۽ آفيسر بہ ناز هاءِ اسڪول ۾ پڙهيا ۽ پوءِ اسٽيٽ ۽ ملڪ جي خدمت ڪيائون.

## هنرمند، تعليمدان ۽ شاعر آندا ويا...

مير صاحبان (سرڪار) ٻاهريان هنرمند ۽ تعليمدان ۽ شاعر هت گهرايا ۽ نوڪرين ۾ رکيا، جن خيرپور جي آسودگيءَ ۾ اضافو ڪيو. هٿ جي اٽت جي هنر لاءِ بنارسي ڪالوني ٺاهي وئي، جتي بنارسي ڪپڙو تيار ڪيو ويندو هيو ۽ اجان تائين شاندار ڪپڙو تيار ٿي رهيو آهي.

ڪپڙي ٺهرائڻ لاءِ حڪمرانن جيڪي هنرمند ۽ ڪاريگر هندستان مان گهاريا، اهي نسل در نسل هتي جا ٿي رهيا. هنن جو هٿ جون سلڪ جون ساڙهيون پوري پاڪستان ۾ مشهور آهن. پر ون يونٽ ٿيڻ کان پوءِ اهي جڏهن پنهنجي سرپرستي وڃائي ويٺا تہ سندن مسئلن ۾ اضافو ٿي ويو. پر اجا تائين پنهنجي ڪم کي ڇهتيا پيا آهن. ۽ گذرسفر ڪن پيا. اسان جا ايڪسپورٽ ڪرڻ وارا ادارا سندن هنر ۽ محنت ۽ سندن حال کان بي خبر هڪ مخصوص طبقي جي سرپرستي ڪري رهيا آهن. حالانڪ خيرپور جا سياستدان سنڌ سرڪار جا سربراهہ بہ رهيا ۽ سندن ملڪي حڪمرانيءَ ۾ بہ هلندي پڄندي آهي. پر هنن جي فن جي پاسداري گهٽ ٿي آهي. بنارسي ڪالوني آهستي آهستي اجاڙپڻ جو شڪار ٿيندي پئي وڃي.

خيرپور ۾ انقلابي قدم کنيو ويو اهو هيو خيرپور ٽيڪسٽائيل مل جو قيام. هن مل بہ اسٽيٽ ۾ وڏو معاشي انقلاب آڻي ڇڏيو. مقامي ۽ ٻاهر جا ڪاريگر ۽ مستري ۽ مزدور هزارن ۾ ڪم کي لڳي ويا. يورپ مان مشنري گهرائي فٽ ڪرائي ۽ ان جي هلائڻ ۽ سنڀال لاءِ بہ سندن خدمتون حاصل ڪيون ويون. انهن مقامي ڪاريگرن کي بہ ان ڪم لاءِ تربيت ڏني وئي. اها مل هتان جي ماڻهن جون ضرورتون پوريون ڪندي رهي ۽ ڪپڙو ٻاهر بہ برآمد ڪندي رهي.

## زمين

خيرپور رياست جي زمين بہ بي انتها سرسبز آهي. چوندا آهن تہ ماڻهو پوکجي تہ ماڻهو ڦٽي نڪري، هتان جي ٻنين ۾ بہ اها خوبي آهي. کجي تہ ائين ٿيندي آهي، جئن ڪانڊيرا ۽ ڊڀ ڦٽندا آهن. پاڻي وافر مقدار ۾ هيو. ميرن رياست کي آباد ڪرڻ لاءِ مير

Gul Hayat Institute

واهہ ۽ اَبل واهہ کوٽايا ۽ انهن مان ٻيا واهہ ۽ ٻرانچون کوٽايون. جن سڄي ملڪ کي آباد پئي ڪيو. ون يونٽ کان پوءِ بہ جڏهن رياست جي حيثيت ختم ٿي تہ سکر ٻئراج مان ٻين ضلعن لاءِ آباديءَ جو حصو 33 سيڪڙو مقرر ٿيو جڏهن تہ خيرپور ضلعي لاءِ 47 سيڪڙو مقرر ٿيل آهي. ان حصي موجب خيرپور ضلعي کي پاڻي ملي ٿو ۽ آبادي بہ اهڙي ٿئي ٿي. ايتري وڏي ايراضيءَ تي پوک ٿيڻ ڪري هتان جا ماڻهو خوشحال آهن.

سنڌ ۾ وڌ ۾ وڌ کجيءَ ۽ ڪارڪن جي آبادي خيرپور ۾ ٿي رهي آهي. ايستائين جو برآمد بہ ٿي رهي آهي، هتي کجيءَ جي فصل کي پراسيس ڪري ٻاهر موڪلڻ جو پروگرام هيو پر پوءِ اڌ ۾ رهجي ويو. هاڻي تہ کنڊ جا بہ ڪارخانا آهن. هڪ راڻي پور ۾ ڪنساليڊيٽيڊ شگر ملز ۽ ٻيو خيرپور شگر ملز. جيڪا محترم مبين احمد جماڻيءَ لڳائي آهي. انهن ڪارخانن جي ڪري هن ضلعي ۾ وڏيڪ خوش حالي پڻ آئي آهي.

روڊ ۽ ريل جو رستو بہ خيرپور جي وچان وچان گذري ٿو. نئون رستو ڊيوئل ڪئريج بہ هاڻي تہ ٺهي ويو آهي. ٻيو هاءِ ويز نواب شاهہ کان ڪنب کان خيرپور مان گذري ٿو. ايئرپورٽ تہ ڪونهي پر سکر جو ايئرپورٽ ٻاءِ پاس سکر جي ٺهڻ جي ڪري خيرپور کي ويجهو ٿي پيو آهي. لاڙڪاڻي سان درياهہ وچ ۾ هئڻ ڪري فاصلو وڌيل هيو. پر آهن تہ خيرپور ۽ لاڙڪاڻو درياهہ جي آرپار. خيرپور جو ماڻهو لاڙڪاڻي ويندو هيو تہ چوندا تہ پارويو آهي. پر ان پارَ کي بہ پارِ ڪرڻ لاءِ هاڻي خيرپور ۽ لاڙڪاڻي جي وچ ۾ درياهہ تي پل ٺهي وئي آهي.

تعليم اڳ ۾ بہ سرس هئي، پر شاهہ عبداللطيف يونيورسٽيءَ بہ اتي انقلاب آندو آهي. انجنيئرنگ ڪاليج بہ کلي ويو آهي تہ ميڊيڪل ڪاليج جي کلڻ جون بہ تياريون آهن. ريڊيو اسٽيشن تہ ڪافي پراڻي آهي. هينئر ڪلچرل ڪمپليڪس، ميوزيم، آڊيٽوريم، اوپن ايئر ٿيٽر، اسٽيڊيم ۽ سچل لائبريري بہ علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين کي وڏي هٿي ڏني آهي. پارڪ ۽ باغ بہ جهجهي تعداد ۾ ٺاهيا ويا آهن.

وزيراعظم قزلباش ۽ مير علي مراد II جا منصوبا اهي هئا تہ هن اسٽيٽ کي ويلفيئر اسٽيٽ بڻائجي ۽ ٽيڪس فري ڪجي. جنهن ۾ ماڻهن کي ٽيڪس ڀرڻي نہ پوي ۽ ڪو بہ ماڻهو بي روزگار نہ هجي.

## دلڪشا منزل (1890)

ڊي سي آفيس جي نئين عمارت ٺهي رهي هئي. ان جي پرسان SDM خيرپور جو گهر هيو ۽ ان گهر جي پرسان دلڪشا منزل آهي. دل ڪشا منزل سان لڳولڳ فيض محل آهي. دلڪشا منزل 1890ع ۾ واليءِ خيرپور جي والده جي رهائشگاهہ لاءِ ٺهي هئي. واليءَ



جي رهائش ۽ دربار خيرپور ۾ تہ فيض محل ۾ ٿيندي هئي. سندس والده ڪين هردم دعا ڏيڻ لاءِ ڪين ويجهو ٿي رهندي هئي.

دلڪشا منزل بہ وڏا لاها چاڙها ڏٺا. والده جي وفات کانپوءِ اها وزيراعظم جي سرڪاري رهائش گاهہ ٿي. اهڙي طرح دلڪشا منزل وزيراعظم هائوس ٿيو. 1955ع ۾ ون يونٽ جي ڏائڻ جتي سنڌ جي شناخت ختم ڪئي، اتي خيرپور جي رياست جو درجو بہ ختم ٿيو. هڪ معاهده جي تحت رياست کي ويسٽ پاڪستان جو حصو قرار ڏنو ويو. پاڪستان سان الحاق تہ اڳ ۾ ئي رياست جو پاڪستان ٺهڻ سان ٿي ويو هيو پر رياست پنهنجي جداگانہ حيثيت برقرار رکي هئي. پر هينئر تہ سرڪار ئي ختم ٿي وئي هئي. تنهن ڪري وزيراعظم جو عهدو بہ ختم ٿي ويو. پر سرڪار، خيرپور سان سا مهرباني ڪئي، جو ان کي ڊويزن جو رتبو ڏنو ۽ ڪمشنري هت قائم ڪئي. جنهن ۾ تڏهوڪا نواب شاهہ، خيرپور، سکر، لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد جا ضلعا شامل ڪري ڇڏيا. انهن سيني ضلعن جو رخ خيرپور ڏانهن ڪيو. جڏهن تہ حيدرآباد ڊويزن ۾ حيدرآباد، ٺٽو دادو، سانگهڙ ۽ ٿرپارڪر (اَئٽ ميرپورخاص) ضلعا شامل ڪيا ويا. ڪراچي هڪ ئي ضلع هيو 1955ع ۾.

## خيرپور ڊويزن ختم

حڪومتون ڦريو 1972ع ۾ ڊويزنون ختم ڪيون ويون. ضلعا رهجي ويا. سرڪار ٻن سالن کان پوءِ محسوس ڪيو تہ ڪم ڪونہ ٿو هلي. سو وري 1974ع ۾ ڊويزنون بحال ڪيون ويون. ٻيون ڊويزنيون تہ ساڳي طرح بحال ٿيون، پر خيرپور جي بدران سکر ڊويزن ٺاهي وئي. ۽ خيرپور صرف ضلعو ئي رهجي ويو. سنڌ سرڪار جي طرفان اها پهرين معاهده شڪني ڪئي وئي، خيرپور جي والين سان ڪيل معاهدي جي عوامي سطح تي ڳجهہ ڳوهہ ۾ تہ ٻيون بہ ڪيتريون ئي خلاف ورزيون ٿي چڪيون هيون.

منهنجو پهريون ڏينهن رسمي طرح آفيس ۾ گذريو. ملاقاتون ٿيون. ملڪ جون خبرون چارون ورتيون. ضلعي جي ڪن اهم ترين شخصيتن سان ٽيليفون تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي. ڪانئن دعائون پنيون. هنن بہ دل کولي دعائون ڏنيون. ڪراچيءَ سرڪار جي عملدارن سان ڳالهيون ٿيون. ڪين اطلاع ڏنو تہ حڪم پٽاندر خيرپور خير سان پهچي ويا آهيون.

## سائين قائم علي شاهہ سان ملاقات

پهرين شخصيت سائين قائم علي شاهہ هيو جنهن سان سندس جڳهہ تي دعا سلام لاءِ ويس. سائين ان دور ۾ ايم پي اي هيو ۽ سنڌ جي رولنگ پيپلز پارٽيءَ جا سربراهہ بہ. سندن پٽ سائين اسد علي شاهہ سنڌ حڪومت ۾ منسٽر جي درجي سان صلاحڪار هيو

Gul Hayat Institute

۽ وٽس ناٽي جو اهم ترين ڪاتو هيو. سائين خوش دليءَ سان خوش آمديد ڪيو. وٽس سيد عابد علي شاهه ۽ امداد منگي به ويٺا هئا. سائين سان ٿيل ملاقاتون ياد ڏياريم. جڏهن پاڻ وزيراعليٰ هيو ۽ مان لاڙڪاڻي ۾ ايڊيشنل ڪمشنر هئس. ڪين اهو به ٻڌايم ته چيف سيڪريٽري سعيد احمد صديقيءَ مون کي هدايت ڪئي آهي ته مان سائينءَ جو تمام گهڻو خيال ۽ لحاظ ڪريان. مون وڌيڪ چيو ته انشاءِ الله توهان کي شڪايت نه ٿيندي، توهان کي پاڻ کي به آفيسرن جي مجبورين ۽ حدن جي خبر آهي. سائين ان ڳالهه کان به مطمئن ٿيو.

مون ڪين وڌيڪ چيو ته توهان علي حسن منگي صاحب جا سياسي ساٿي ۽ ذاتي دوست رهيا آهيو. منهنجي لاءِ توهان جي ذات عزت جي مقام تي آهي. خدا جي مهرباني ٿي منهنجي انهن سيني ڳالهين جو پرم رهجي آيو ۽ مون کي به سائينءَ جو جلد ئي اعتماد حاصل ٿي ويو. هونئن ته لڳائي ٻجهائي وارا گهڻا ئي ماڻهو هئا. پر سائين هميشه مون تي مهربان رهيو ۽ اجان تائين مهربانيءَ ۽ شفقت سان پيش ايندو رهيو آهي.

عابد علي شاهه منهنجو گهاٽو دوست ٿي ويو ۽ اجان به دوستي آهي. هاڻي شاهه صاحب اسڪائوٽس جو سنڌ لاءِ ايڊيشنل ڪمشنر اسڪائوٽس آهي. منهنجي جڏهن ساڻس پهرين ملاقات شاهه صاحب وٽ ٿي ته شاهه صاحب ٻڌايو ته عابد شاهه ميونسپل ڪميٽيءَ جي معاملن جي سندس پاران نگهباني ڪري رهيو آهي ۽ جلد ئي ڪيس ائڊمنسٽريٽر خيرپور ميونسپل جي چارج ملندي. خيرپور ۾ ڊيولپمينٽ جو پيڪيج هلي رهيو هيو. امداد منگي ان جي اڪثر ڪمن جو ٺيڪيدار هيو. عابد شاهه سان اڳتي هلي ڪافي واسطو رهيو. خاص طور جشن خيرپور ۾ منهنجو اهم ٻانهن ٻيلي هيو. خيرپور ۾ ٻيا به جيترا سماج سڌار جا ڪم ڪيم، ان ۾ عابد شاهه ڪافي سٺا مشورا ڏنا. خيرپور پيڪيج لاءِ ته عابد شاهه ڪميٽيءَ جو ميمبر به هيو ۽ ڪم جي نظرداري به بهتر طور ڪندو رهيو.

خيرپور ضلع ۾ اٺ تعلقا ۽ چار سب ڊويزنون آهن. نوان نوان ضلعا ٺهيا آهن. پر خيرپور سان ڇيڙڇاڙ نه ڪئي وئي آهي ۽ اصلي انتظامي صورتحال بحال رکي وئي آهي. سب ڊويزن به خيرپور آهي. ان ۾ خيرپور ۽ ڪنگري تعلقا. گمبٽ سب ڊويزن ۾ گمبٽ ۽ سوڀو ديرو تعلقا هئا. ٺري ميرواهه سب ڊويزن ۾ ٺري ميرواهه ۽ فيض گنج تعلقا، ۽ ڪوٽ ڏجيءَ ۾ ڪوٽ ڏجي ۽ نارو تعلقا هئا. نارو اڪثر ريگستاني علائقي تي مشتمل آهي. جنهن ۾ وڏي ايراضي اڃڙي ٿر جي اڇي وڇي ٿي. هن وقت ان علائقي مان تيل ۽ گيس نڪري رهيو آهي. جنهن ڪري ماڻهن ۾ خوشحالي اچي رهي آهي ۽ ڪين روزگار به ملي رهيو آهي. نارو ڪينال هتان گذري ٿو جيڪو آس پاس وارن علائقن کي آباد ڪندو



عمرڪوٽ تائين پهچي ٿو ۽ اتي به آبادي ٿي رهي آهي.

شادي شهيد وارو علائقو پٽريلو آهي. جڏهن ته گمبٽ تعلقو ڪچي ۽ پڪي تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ ڪيٽيون به آهن ته ڪچي جو علائقو به آهي. ٻيو اڪثر علائقو پٽ آهي ۽ آباديءَ وارو سنئون سڌو علائقو آهي.

خيرپور جا ماڻهو پنهنجين پراڻين عمارتن سان ڏاڍو پيار ڪن ٿا ۽ مٿن ساهه ڇڏين ٿا. ميرواهه شهر جي وچ مان ٿو گذري، ان تي نيون پليون ٺهي ويون آهن. جيئن سنڌوندي، سنڌ جي شهه رڳ جي حيثيت رکي ٿي، تيئن مير واهه به ميرن جي ملڪ خيرپور لاءِ ساهه جي حيثيت رکي ٿو. ماڻهو ذري گهٽ مير واهه جي ڄڻ پوڄا ڪن ٿا.

## تنوير عباسي

تنوير عباسي جهڙو اعليٰ شاعر به ميرواهه سان بيحد پيار ڪندو هيو. ميرواهه جي ڪپ تي ڊي سي منظر اڪبر جي وقت ۾ هڪ زمين جو ٽڪر سرڪار کان ورتائين، اتي سرمد جو گهر ۽ ڪلينڪ ٺهرايائين. سڄي عمر خيرپور ۾ ان گهر ۾ ئي رهيو. ڀاڀي ڊاڪٽر قمر، سرمد ۽ پارس ۽ مارئي به اتي رهيا. سندس شامون ان گهر جي ڇت تي گذرنديون هيون ۽ وهنو مير واهه جو نظارو ڪندو هيو. بدنصيبي! سندن پهرين گهر واري ۽ ڏي روبينه سندن ڳوٺ سوڀيديري ۾ رهنديون هيون. ڪنهن يار دوست کي به دعوت ڏيندو هيو ته ڪليل هوا ۾ جام پيا پريندا هئا. اياز رشيد پٽي ۽ رباني اتي ئي ساڻس محفلون مچائيندا هئا. پر انسان زندگيءَ ۾ الائي ڪهڙا خواب ٿو اُڻي. سڄي حياتي تنوير خيرپور نه ڇڏي. ٿوري تي ئي قناعت ۽ ڪفايت سان اتي ئي زندگي گذاري ڇڏي. سرمد جو گهر به ڄڻ سقراط جو گهر هيو. جتي نون سيکڙاٽن کي علم، ادب، شعر شاعري، عشق ۽ راڳ جا سبق سيکاريندو هيو. جيڪڏهن تنوير خيرپور ڇڏي پرديس وسائي ها ته ڪيترائي عهدا سندس پيرن تي پيا هئا. هيو ته ماڻهن جو ڊاڪٽر پر انهن جي صحت سان گڏوگڏ انهن جي روحن جو علاج به ڪندو هيو. سچل چيئر جو اعزازي ڊائريڪٽر هيو. سچل يادگار ڪميٽيءَ جو وڏي عرصي تائين سيڪريٽري رهيو. ڀاڀي قمر سان پيار جو پيچ پاتائين ته ٻئي هڪ ٿي ويا. مرندو مري ويو پر هن کان پل به پري نه ٿيو. هوءَ به مٿس ساهه ڏيندي هئي. يا رات جو گهر پهچڻ ۾ دير ڪري، تنوير جا دوست ڀاڀيءَ جون پهاجون هونديون هيون.

تنوير مڏ جي سٺ سهي نه سگهندو هيو. هڪ ٻن پيالن کان پوءِ لڙهڪي پوندو هيو. ڀاڀي قمر سندس دوستن، خاص طور نسيم کرل ۽ هادي بخش لاڙڪ کي اڪثر چوندي هئي ته تنوير کي نه پيارين. پوءِ به سنگت هئي، ڪڏهن ڪڏهن مستي به ٿيندي هئي. اهڙي هڪ رات نسيم ۽ لاڙڪ محفل کان پوءِ تنوير کي گهر پيڙو ڪري ويا. تنوير

Gul Hayat Institute

مدهوش. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ پاپي قمر، نسيم ۽ لاڙڪ کي فون ڪئي ته ”مان توهان کي منع ڪندي آهيان توهان ته به نه مڙيا. نيٺ منهنجي مڙس کي گهٽو پياري مٿل حالت ۾ گهر ڇڏي ويا آهيو. مان وڃان ٿي ٿاڻي تي فرياد ڪرڻ!“

تنوير عباسيءَ جهڙي دلبر ماڻهوءَ سان جي ڪن پل ملاقات ٿي وڃي ته ڇڻ زندگيءَ جو حاصل هوندو هيو. مان به اهڙا موقعا ڳوليندو وتندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن مان به ڪيس مانيءِ پاڻيءَ جي دعوت ڏيندو هوس. انڪار هو به نه ڪندو هيو. منهنجي ته ڇڻ زندگي ٿي ويندي هئي. اها شام منهنجي هوندي هئي. مان هڪڙو احتياط ڪندو هئس جو مختيار ملڪ کي به گهرائي وٺندو هوس، جيئن ڪو ڪيس گهر پهچائڻ وارو ته هجي.

پهرئين دفعي آيو ته مختيار به هيو. منهنجو بورچي بنا منهنجي چوڻ جي منيون ڪوڪيون ناهي ڪٺي آيو. پڇڻ تي ٻڌايائين ته تنوير صاحب کي وڻنديون آهن. انهن ڏينهن ۾ مون کي به ڪنڊ کان پرهيز ڪانه هئي. مون به دل تي ڪاڏيون. تنوير جي تازي شاعري ٻڌي سون. ٻن پيالن کان پوءِ مختيار کي چيائين ”هن سان ملاءِ“ هوءَ ملي، ڪجهه هن کي به شاعري چچريل لفظن ۾ ٻڌايائين. هن به خوش دليءَ سان ٻڌي. هوءَ به تنوير جي انهن ادائن تي هريل هئي. ٻنهي جو ڪم ٿي ويو. مان به بطور ميزبان جي خوش ٿي ويس. بورچي تنوير جي پسند جا ٻشز ناهيا هئا. تنوير گهٽ ڪاڌو. مان ڪجهه ٻشز مختيار سان ڪيس گڏ ڪري ڏنا. شڪر آ اڌ رات جو پاپي قمر جو فون نه آيو ته منهنجي خلاف ٿاڻي تي فرياد لکائڻ ٿي وڃي.

## تنوير، حميد سنڌي ۽ مان

تنوير خيرپور جي جان هيو. پر الائي حميد سنڌي جيڪو هاڻي عبدالحميد ميمڻ وائيس چانسلر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور هيو ۽ ڪنهن زماني ۾ تنوير عباسيءَ جو پڳ مٽ يار هيو. سنڌن وچ ۾ ويڇا ٿي پيا هئا. جڏهن مون چارج ورتي ته مون کي ان ڳالهه جي خبر پئي. آءُ هر ڳالهه وانگر هن مسئلي ۾ به ڏاڍو پراميد هئس ته سنڌن سرچاءُ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندس. تنوير جو نوجوان شاگردن ۽ يونيورسٽيءَ جي استادن تي، شهر وارن تي ڏاڍو اثر هيو. حميد ميمڻ صاحب وائيس چانسلر هڪ اداري جو سربراهه هيو. جيڪڏهن ڪيس نقصان پيو ٿئي ته اداري ۽ شاگردن جو نقصان هيو. تنوير وٽ وڃائڻ لاءِ ڪجهه ڪونه هيو. سچل چيئر ڇڏي چڪو هيو. نقصان جيڪڏهن ٿيڻو هيو ته حميد صاحب جو ئي ٿيڻو هيو. عهدو وڃي ته به نقصان ۽ جيڪڏهن سندس ناموري وڃي ته به سندس ئي نقصان. پر شايد اندر جي نفرتن جو مون صحيح ڪاٿو نه لڳايو هو. اندر جا ڪي زخم گهرا هئا.



منهنجي خيرپور ۾ چارج وٺڻ کان ستت ئي پوءِ يونيورسٽيءَ ۾ ڪو فنڪشن هيو جنهن ۾ حميد صاحب مون کي به نينڍ ڏني. مان به پهتس. تقرير ڪندي مون ان ڳالهه جو ذڪر ڪيو ته جيڪي ڪلفتون آهن، دوستن ۾ اهي دور ڪبيون. مون ته نيڪ نيتيءَ سان ڳالهه ڪئي هئي. پر شايد حميد صاحب کي اها ڳالهه نه وڻي هئي. هن منهنجي ان ڳالهه کي ’دخل در معقولات‘ پئي سمجهيو. پر مون پوءِ به سبق نه پرايو.

ڪجهه ئي ڏينهن ۾ يونيورسٽيءَ جي استادن جي تنظيم جا ڪجهه نمائنده ڊاڪٽر پروفيسر نيلوفر شيخ جي سربراهيءَ ۾ مون کان وقت وٺي شام جو مون سان ملڻ لاءِ آيا. مون کي ٻڌايائون ته يونيورسٽيءَ جا ڪجهه مسئلا آهن، جن جي ڪري تعليمي ماحول خراب ٿي رهيو آهي. وي سي ڪنهن به ڳالهه تي غور ڪرڻ لاءِ يا اسان سان سنجيدگيءَ سان ڳالهائڻ لاءِ تيار ڪونهي. هنن پنهنجي مسئلن جو تفصيل ٻڌايو ۽ مون کي چيائون ته مان پنهنجون good offices استعمال ڪري يونيورسٽيءَ جي ماحول کي بهتر ڪيان. مون کين همدرديءَ سان ٻڌو ۽ کين يقين ڏياريو ته مان نيڪ نيتيءَ سان ڪوشش ڪندس ته مسئلا حل ٿين. هنن به مون کي پڪ ڏياري ته هو به مون سان هر طرح جو تعاون ڪندا. منهنجي چوڻ تي هنن ڪلاسن کي بحال ڪيو ۽ ماحول کي ڪي قدر بهتر ڪيو.

يونيورسٽيءَ ۾ به گروپ ٿي ويا هئا. هڪ ته وي سيءَ جو هيو. ٻيو هيو ڊاڪٽر نيلوفر جو. حميد صاحب هڪ طرف تنوير عباسيءَ جي ڪري پنهنجي ناموس کي ڏڪي رهيو هو ٻئي طرف ڪيس استادن جو منهان منهن مقابلو هيو. پر استاد به قدم قدم سنڀالي ڪٽي رهيا هئا. هنن کي شايد اهو اندازو هيو ته مان وي سي جي چوڻ تي ڪو سندن خلاف ايڪشن نه ڪٽي وجهان. تنهن ڪري پيش بنديءَ طور مون وٽ روئڻ پٽڻ ۽ پنهنجو حال ٻڌائڻ لاءِ آيا هئا. ان ملاقات کان پوءِ يونيورسٽيءَ ۾ به ڪجهه ٺاپر ٿي وئي. پر حميد صاحب شايد اهو سمجهيو ته استادن مون کي پنهنجي طرف ڪري ڇڏيو آهي. اهڙا اقدام ڪيائين، جو استادن وري گوڙ گهمسان ۽ پڙهائيءَ جو بائيڪاٽ ڪيو. هن دفعي يونيورسٽي انتظاميه جو پروگرام اهو هيو ته استادن کي ايترو مڃرائجي جو هو يونيورسٽيءَ جي بائونڊريءَ مان نڪري مٿن شاهراهه تي اچي هنگامو ڪن ۽ ٽريفڪ ۾ خلل وجهن ته جيئن فلم سندن ڳچيءَ مان نڪري ضلعي انتظاميه جي مٿي ۾ لڳي. اها صورتحال اسان قابل قبول ڪونه هئي. پاڻ حميد صاحب ڪراچي هليو ويو. مون رجسٽرار اي آر ملڪ کان صورتحال پڇي. هو به ڏاڍو پريشان هيو. جنهن کي مون ٻڌايو ته استادن چون ٿا ته مان جيڪڏهن يونيورسٽيءَ ۾ سندن ڏرٽي واري هنڌ تي اچي کين اٿاريان ته هو هنگامه آرائي نه ڪندا.

Gul Hayat Institute

## حميد صاحب جي گورنر کي منهنجي خلاف شڪايت

مون ائين ئي ڪيو. هنگامه آرائي ختم ٿي وئي. ان پڪ سان ته هو پنهنجي پروگرام کي ختم ڪن ته انتظاميا سندن مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ وي سي سان ڳالهائيندي.

هفتو ئي نه گذريو ته مون کي چيف سيڪريٽريءَ کان هڪ خط اچي مليو. جنهن سان ٻه خط ٻيا به شامل هئا. هڪ چئن صفحن جو خط وي سي صاحب جو گورنر صاحب ڏي منهنجي خلاف لکيل به شامل هيو. جنهن ۾ مون تي الزام لڳل هيو ته 'مان استادن کي وي سي جي خلاف پڙڪائي هڙتال ڪرائي رهيو آهيان. يونيورسٽيءَ ۾ سندس اجازت کان سواءِ اچان ٿو ۽ اتي جو ماحول خراب ٿو ڪريان.' ٻيو خط گورنر جي سيڪريٽريءَ جو چيف سيڪريٽريءَ ڏي هيو. وي سي جي فائدي ۾ ۽ منهنجي خلاف. چيف سيڪريٽريءَ ڏيڍ لائين جو انهن خطن جي مٿان پنهنجو خط لکي مون ڏي ٽئي خط موڪليا. پنهنجي خط ۾ لکيو هئائين ته "يونيورسٽيءَ جي صورتحال کي حالات جي ضرورت آهر اُڪلاءِ."

منهنجا ته وي سي صاحب جا خط ڏسي طاق لڳي ويا. 'ائين به ٿيندو آهي ڇا.' مون کي اجا ٻه هفتا به ڪونه ٿيا هئا. حميد صاحب جي ٻي سمجهي ۾ ابهرائيپ مون کي صرف اهو نياپو ڏنو ته مٿين ليول تي اندر اندر ڪجهه پڪجي رهيو آهي. جنهن جي حميد صاحب کي خبر آهي. تنهن ڪري پريشانيءَ ۾ ابتا سبتا اقدام ڪري رهيو آهي. مون ته سندس مدد ڪرڻ پئي چاهي. پر ميٽ پئي سندس مٿو پئي سڙيو. مون پاسو ڪري ڇڏيو. استادن ۽ وي سي کي سندن حال تي ڇڏي ڏنو. منهنجي صرف اها ڪوشش هئي ته ڪو شهر ۾ ۽ روڊن تي استادن جي ۽ ٻارن جي طرفان امن امان جو مسئلو پيدا نه ٿئي.

## گورنر جو دورو

ان وچ ۾ گورنر ۽ يونيورسٽيءَ جو چانسلر محمد ڪمال اظفر يونيورسٽيءَ جي دوري تي پهتو. يونيورسٽيءَ جي شادي شهيد ڪئمپس نئين ٺهي رهي هئي. ڪم شروع ئي مس ٿيو ته ان جا بنياد ويهجي ويا. جڏهن نئون ڪيمپس پلان ڪيو ويو ته ملڪ ۾ شاگردن ۾ بي چيني هئي. هر روز روڊ بلاڪ، پڙهائي بند، ڪلاسن جو بائيڪاٽ. تنهن ڪري سوچيو ويو ته مورڳو يونيورسٽي شهر کان چار پنج ميل پري شادي شهيد جي ٽڪرين تي ٺاهجي. حفاظت جي حفاظت ۽ ٽڪرين جو منظر ان کان علاوه.

وائيس چانسلر حميد ميمڻ صاحب هيو ۽ ڪنسلٽنٽ جناب ڊاڪٽر علوي هيو. ڊاڪٽر علوي مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر به رهيو هيو. اهو اصل ڪم ڪنسلٽنٽ جو هيو ته، سُوائل ٽيسٽ چڱي طرح ڪرائي ها ته ان ٽڪرين زمين جي 'برداشت جي قوت' ڪيتري آهي ۽ ان حساب سان لوهه ۽ سيمينٽ ۽ پٿر ان ۾ پرجي.



اڃان بنياد کان معاملو اڳتي ئي نه ٿيو ته ميٽ جا ٽڪر ڳرڻ شروع ٿي ويا. سڄو پراجيڪٽ جو ڪم لهي ويو. ڪم بند، پئسا بند، جيڪو ڪروڙين روپيا خرچ ٿيا، اهي به چٽ.

## وي. سي حميد ميمڻ جي بدلي ـ ڊاڪٽر بشير شيخ نئون وي. سي

گورنر صاحب سرزمين ڏٺي. شايد ڪيس محترمه بي نظير ڀٽو صاحبه جي هدايت هئي ته اپر سنڌ جي ان يونيورسٽيءَ جو ڪم شروع ڪرايو وڃي. ڪم شروع ٿئي ته ڪيئن ٿئي. ڏوهي ماڻهن کي ڪٽي سزا به اچي، پر جيڪو وقت ويو اهو ته موٽي نه ايندو. گورنر صاحب سرزمين ڏسي ڏاڍو پريشان ٿيو. واپسي ۾ مان گورنر صاحب سان گڏ ساڳي گاڏيءَ ۾ ويٺو هوس. چوڻ لڳو، "منگي صاحب تون جيڪڏهن گورنر هجين ۽ هن صورتحال ۾ ڪو فيصلو ڪرڻو پوئي ته ڇا ڪرين؟" مان ان اوچتي سوال لاءِ تيار نه هوس، ۽ نه گورنر ٻڌڻ لاءِ تيار هئس. هڪ لمحو خاموش رهي مون چيو، "سائين! جيڪو ڪم ٿيو سو ته ڇٽو. ان ڪم ۽ ان سائيٽ کي وساري ڇڏجي. موجوده سائيٽ جي آس پاس زمين خريد ڪري اتي نئين ڪئمپس ٺاهجي. جن سببن جي ڪري نئين ڪئمپس ٻاهر پئي ٺاهي وئي، اهي ختم ٿي ويا آهن. موجوده عمارت ۽ زمين به استعمال ڪري سگهجي ٿي." هن ڪجهه سوچي چيو ته، "چڱو هن يونيورسٽيءَ جي ڀرسان پاسن کان زمين ڏسو ۽ ان جي جيڪا مارڪيٽ پرائيس آهي، اها به ٻڌايو ته ڪو فيصلو ڪجي. مان ڪئمپس جو ڪم جلدي شروع ڪرائڻ ٿو چاهيان."

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ حميد ميمڻ صاحب جي جاءِ تي ڊاڪٽر بشير شيخ وائيس چانسلر ٿي آيو. وقت ۽ حالات بدلجي ٿا وڃن. ڳالهيون رهجي ٿيون وڃن. سٺيون ڳالهيون رهجي وڃن ته ڀلو.

## خيرپور وومين ڪاليج

خيرپور تعلقي ۾ مرين جي ڳوٺ ۾ باهه لڳي، ڪافي نقصان ٿيو. رات جو واقعو هيو. فائر برگيڊ موڪلي باهه تي ته قابو ڪيو سين، پر جيستائين فائر برگيڊ پهچي پهچي تيستائين رات جي اونداهين ۾ ٻه ماڻهو مري ويا. مان اوڏانهن وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هوس ته سيد اسد علي شاهه ايڊوائيزر فنانس فون ڪيو ته هو گورنمينٽ وومين ڪاليج ۾ ڪنهن فنڪشن ۾ آهي. مان اتي اچان ته هو مون سان شامل ٿي ويندو.

مان ڪجهه دير ۾ اتي پهتس. شاهه صاحب کي اطلاع ڪرايو. چيائين ته "هيڏانهن اچو ته تقرير ڪري نڪران ٿو."

ان گيٽ کان اندر داخل ٿيس ته سامهون باوقار ڪڙي تڙي خاتون ايندي مون کي ڪيڪاريو. مون بي ڌيانيءَ ۾ پڇيو، "ڇا توهان هيڊ مسٽريس آهيو؟" مائي ڳاڙهي ٿي وئي،

Gul Hayat Institute

چوڻ لڳي تہ، "سر مان پرنسپل آهيان. منهنجو نالو رفيعہ ناز پٺاڻ آهي. هيءَ ڪاليج آهي." مان ڦڪو بہ ٿيس. جيئن اڳتي پهتس تہ ڏٺم تہ وڏي محفل متل هئي. شاهہ صاحب مهرباني ڪري اسٽيج تان هيٺ لهي مليو ۽ مون کي بہ هٿ کان وٺي اسٽيج تي ويهاريو. جيئن مان اسٽيج تي چڙهيس تہ ذهين اسٽيج سيڪريٽري فيض صاحب جو هي شعر پڙهيو:

چلے بھی آؤ کہ گلشن کا کاروبار چلے۔

مون پاڻ کي ئي ڪونہ سنڀاليو هيو تہ تاڙين جو ڦهڪو ٿي ويو.

مون کي خيرپور ۾ خير جا اچا اٺ ڏينهن بہ ڪونہ ٿيا هئا. هي فنڪشن پهريون هيو. اهو خواتين جي ڪاليج ۾ سائين اسد علي شاهہ جي مهربانيءَ سان ٿيو هو.

اجتماع ڏاڍو پرجوش هيو. شاگرديائڻيون بہ، تہ پروفيسريائڻيون بہ. ڪجهہ شهر جا معزز ماڻهو بہ ڪاليج ۾ آيل هئا. اڌ ڪلاڪ کن فنڪشن هليو. پرنسپل جي تقرير کان پوءِ مون کي تقرير ڪرڻ لاءِ چيو ويو. مون گهڻو ئي ٽاريو پر تقرير ڪرڻي پئي، اهو فنڪشن گهڻن سببن جي ڪري مون کي ياد رهندو.

مان اسٽيج سيڪريٽريءَ جي ادائگيءَ کان ڏاڍو متاثر ٿيس. جيڪا اردوءَ ۾ ڪنڊڪٽ ڪري رهي هئي. مون اهو ئي سمجهيو تہ اها خاتون ڪا اردو ڳالهائيندڙ قبيلي مان آهي. چانهن تي قربان منگي، جنهن کي مان پوپٽ چوندو آهيان، کان پڇيم تہ اها اسٽيج سيڪريٽري ڪير صاحبہ آهي. قربان منگيءَ مخصوص انداز ۾ ڏاڍي جوش ۾ چيو تہ "سائين، اها پنهنجي عزيز فاطمہ، نعيم ڪرل جي ڀيڻ آهي نہ!"

## تسليم منگي

ٻيو اسٽاف بہ اچي مليو. هڪڙي ننڍي قد جي پياري چاڪليٽي رنگ جي سهڻي ڇوڪريءَ کي پڻ قربان منگي مون سان ملائڻ لاءِ وٺي آيو. "سائين هي تسليم منگي آهي. منير منگيءَ جي ڀيڻ ۽ لال محمد منگيءَ جي ڌيءَ. پاڻ افسانہ لکندي آهي ۽ شاعري بہ ڪندي آهي." ڇوڪري ايتري ننڍي پئي لڳي جو مون کي حيرت ٿي تہ ڪاليج ۾ ڪيئن پهتي هوندي. مون ڪانئس پڇيو "بابا توهان فرسٽ ايئر ۾ آهيو؟" تسليم جواب ڏنو: "نہ سر! مان تہ هتي سنڌيءَ جي ليڪچرار آهيان." مان ان ڏينهن شايد بيوقوفيون ڪرڻ جو ٺيڪو کنيو هيو. يا شايد منهنجا خيرپور لاءِ اندازا غلط هئا.

ان پياري سهڻي سلوڻي ڇوڪري تسليم منگيءَ جي شادي ٿي وئي.

اها ڇوڪري جيڪا افسانہ لکندي هئي ۽ شاعري ڪندي هئي، هئي تہ ليڪچرار پر ايتري ننڍڙي هئي، جو مان کيس فرسٽ ايئر جي شاگرديائڻي سمجهيو هيو. ان جو روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ ديهٽ ٿي ويو. ائين پاڻ نوجوانيءَ ۾ ئي هڪ اڻپوري افساني جو عنوان ۽



نامڪمل غزل جي گونج ٿي وئي.

انا للہ و انا اليہ راجعون

## خيرپور جي سابق واليءَ مير علي مراد خان ٽالپر سان ملاقات

اهو اهم ڏينهن هيو. مون خيرپور جي تاريخ سان ملاقات جو پروگرام ٺاهيو هيو. هوڏانهن راضپو آيو هيو. ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ سندس سيڪريٽريءَ جي معرفت مون عرض موڪليو هيو. انهن ڏينهن ۾ پاڻ ڪراچيءَ ۾ هيو. مون کي اطلاع مليو تہ جڏهن خيرپور ايندو تہ مون کي اطلاع ڪيو ويندو. مون کي بہ ڏينهن اڳ ۾ اطلاع مليو هيو ۽ شام جو 6 وڳي جو وقت مقرر ٿيو هيو. اپريل جي شروعات هئي، مٿان ڪجهہ گرميءَ بہ پير سوريا هئا. ملاقات کان اڳ ۾ سندن متعلق ڪافي معلومات جمع ڪري ورتي هئي. سڀ ڪجهہ سرڪار جي حوالي ڪرڻ کان پوءِ پاڻ واندا ٿي ويا هئا.

ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي وچ ۾ هالاڻيءَ ۾ فيصلہ ڪن جنگ 1783ع ۾ لڳي، جنهن ۾ ٽالپرن کي فتح حاصل ٿي. اڳلي سال سنڌ جا ٽي حصا ڪري مرڪزي حصو مير فتح علي خان جي حوالي ٿيو. ميرپور وارو حصو مير ٺاري خان ماڻڪاڻي ميرن جي ۽ خيرپور وارو حصو مير سهراب خان جي حوالي ٿيو هيو. جهيڙي جهٽي، ويڙهہ، لڙائي ۾ بہ مِيرَ گڏ هئا، پر سندن پاليسيون بنيادي طرح الڳ الڳ هيون.

خيرپور رياست جو آخري تاجدار والي رياست مير علي مراد خان ٽالپر 29 جون 1933ع تي رائيٽن، انگلنڊ ۾ پيدا ٿيو. 24 جون 1947ع تي والي ٿيو. پر ان وقت سندس عمر 14 سال هئي، ڇو تہ عمر ۾ ننڍو هيو، تنهن ڪري کيس حڪمرانيءَ جا اختيار نہ ڏنا ويا ۽ سندس جاءِ تي هر سال ڪونہ ڪو رشتيدار حڪمراني ڪرڻ لاءِ انگريز نامزد ڪندا هئا.

مير صاحب جي تاج پوشي 11 سيپٽمبر 1951ع تي وزيراعظم پاڪستان جناب لياقت علي خان، ڪوٽ ڏجيءَ جي قلعي ۾ بجا آندي ۽ فيض محل ۾ جشن تاج پوشِ ٿيو. مير صاحب سنت ئي انگلنڊ پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ لاءِ روانو ٿي ويو. سندس دور ۾ ممتاز حسن خان قزلباش وزير هيو. جنهن انتظامي اختيار پئي هلايا. مير صاحب جي انگلنڊ کان واپسيءَ کان جلدي پوءِ رياست کي ون يونٽ ٺاهي، مغربي پاڪستان ۾ ضم ڪيو ويو. تہ پوءِ نہ رهيو بانس، نہ ئي بئنسري. مير صاحب بطور آخري واليءَ جي گهڻو وقت اختيار نہ هلائي سگهيو. هاڻي کيس سرڪار پاڪستان جي طرفان گذر سفر لاءِ وظيفو ملندو آهي. پئسي جي قوت خريد گهٽجي وئي، پر سندن وظيفو ساڳيو ئي رهيو. کيس حڪومت پاڪستان جي طرفان هلالِ پاڪستان جو اعزاز مليل آهي. مير صاحب جي

Gul Hayat Institute

شروعاتي دور ۾ رياست جي ڪل آمدني 28 لک روپيا هئي، جيڪا 1954ع ۾ وڌي ڏيڍ ڪروڙ ٿي. خيرپور ٽيڪسٽائيل مل 1951ع ۾ قائم ٿي چڪي هئي.

ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ هز هائينس جي اها اٿارٽي نه رهي. ان وقت سندس عمر 22 ورهيه هئي. پاڻ ملڪ جي وڏي شيعه عالم علامه رشيد ترابيءَ جي نياڻي ۽ علامه عقيل ۽ نصير ترابيءَ جي همشيره سان شادي ڪيائون. جنهن مان کين ٻه پٽ ۽ هڪ نياڻيءَ جو اولاد آهي. ننڍو پٽ محترم مهدي رضا خان ٽالپر سندن ملڪيت جو ڪم ڪار سنڀالي ٿو. هز هائينس صاحب جن جو وائلڊ لائيف سان وڏو چاهه آهي. ڪافي وقت وائلڊ لائيف فنڊ جو ميمبر رهيو. پيءُ صاحب جي دور ۾ 1972ع کان سنڌ جو چيف گيم وارڊن به رهيو. پنهنجي اسٽيٽ ۾ ڪوٽ ڏجيءَ جي پرسان مهراڻو گيم سنڪچري ٺاهيائين. جنهن ۾ هرڻ جا ناياب نسل محفوظ ڪيائين. جيڪي اتي وڌن ويجهن ٿا. انهن جي بحاليءَ تي به وڏو خرچ ڪري رهيو آهي.

هز هائينس هاڻي گهڻو ڪري مذهبي عبادات ۾ مشغول رهي ٿو ۽ گهر ۽ فئمليءَ تائين محدود ٿي ويو آهي.

منهنجو ميزبان به اڄ عزت مآب محترم هز هائينس مير علي مراد خان ٽالپر (پپو)، سابق ۽ آخري والي خيرپور اسٽيٽ آهي. جنهن کان مون ملڻ ۽ ملاقات لاءِ ٽائيم گهري ورتو هيو. مان ڏنل ٽائيم تي فيض محل ۾ پهتس. مون کي سندن سيڪريٽري دربار هال مان گذاري سندن بيڊروم سان اٽيچڊ لونگ روم ۾ ويهاريو. جنهن جو دروازو فيض محل جي اولهه واري ديوار مان کلي رهيو هيو. مان ويس ئي مس، ته پاڻ ڪمري ۾ نمودار ٿيا. چپن تي پراسرار مرڪ هين. مان به اڳتي سُريس. وڏي اچي مليا ۽ آڏرياءُ ڪيائون. پنهنجي پرواري صوفي تي ويهاريائون. خوش خير عافيت ڪيائون. مون به موٽ ڏني. ساڻن پنهنجو مختصر تعارف ڪرايو ۽ کين ملڻ جو سبب ٻڌايو ته سلام ڪرڻ آيو آهيان. پاڻ خوش ۽ هشاش بشاش لڳي رهيا هئا. ان وچ ۾ نوڪرپاڻي ۽ شربت اسان جي اڳيان رکيو. شربت پيئندي اسان جي گفتگو هلندي رهي. پاڻ اردوءَ ۾ پئي ڳالهايائون. ڳالهائيندي ڳالهائيندي مون سنڌيءَ ۾ هڪ اڌ جملو ڳالهائي پئي ورتو ته جيئن پاڻ به سنڌي ڳالهائين. پر سرڪار اردوءَ ۾ ئي ڳالهائيندو رهيو. سندن ننڍپڻ انگلنڊ ۾ گذريو آهي. تعليم به اتي سينيئر ڪيمبرج تائين ورتائون. فارسيءَ جا عالم آهن. اردو به عاليشان پئي ڳالهايائون. ايران به زيارتن لاءِ سندن اڪثر وڃڻ ٿيندو رهندو آهي.

مون کان ملڪ جو ۽ خيرپور جا احوال وٺندا رهيا. مان به ڪائنس سندن مصروفيتن جو پڇندو رهيس ۽ ملڪ جي موجوده صورتحال تي ڪائنس رايو پڇندو رهيس. اهو 1995ع جو زمانو هيو. منهنجي سوال جي جواب ۾ چيائون ته، ملڪ جو حال ته اسٽيٽ پاڪستان



جي حوالي ڪرڻ کان پوءِ ساڳيو آهي. پيءُ صاحب جي وقت کان اڳ ۾ پاڪستان ٺهي پيو. پيءُ صاحب ڪجهه بهتري آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اهو به نه هلي سگهيو. مان ته سياست ۾ ڪا دلچسپي ڪونه ٿو وٺان. منهنجي سوال ته توهان سياست ۾ ڇو نه آيا، تي جواب مليو ته، سياست جو حال 1955ع کان جيڪو آهي، اهو توهان ڏسو پيا. پر مون اندازو لڳايو ته ملڪ جي واليءَ جي حيثيت ۾ پنهنجي حيثيت وڃائڻ کانپوءِ گندي سياست ۾ پوڻ کان پوءِ پاڻ ڪنهن ايري غيري ۽ نٿو خيري جي پويان نه پئي لڳڻ چاهيو. صرف پيءُ صاحب جي ذات هئي، جنهن کان ڪجهه متاثر پئي نظر آيا. ان وقت جي موجوده حڪومت کان به گهڻو پراميد ڪونه هئا. وقت ۽ حالت کان بي پرواهه ۽ بي خبر لڳي رهيا هئا. ڇا وهي واپري رهيو هو ان جي ڄڻ ڪين اڻ تڻ ئي ڪونه هجي.

مون ڪائنس هڪ چيندڙ سوال نهايت ملائميت ۽ مناسب لفظن جي چونڊ ڪري پڇيو ته کين جيڪو وظيفو ملي رهيو آهي، ان مان گذرسفر ٿي وڃي ٿو؟ چپن تي هڪ ڏک ڀري مسڪراهٽ تري آين. ڪجهه وقفو وٺي چوڻ لڳا ته روپئي جو اهو قدر ته ڪونهي، جيڪو 1955ع ۾ هيو. ٻي جيڪا ملڪيت آهي، ان مان به گهڻي اپت ڪونهي. ان کان سواءِ صرف منهنجي فئملي مون کي پالڻي ڪونهي. پر اسان سان ٻيا به مٽ مائٽ شامل آهن. جن جي گذرسفر جو اسان کي بندوبست ڪرڻو پوي ٿو. اسان ته پنهنجون عمارتون به بحال نٿا رکي سگهون. فيض محل جو حال ڏسو پيا شيش محل، ڪوٽ ڏجيءَ جو. اهي ته هاڻي ملڪ جون ورثي (heritage) جون عمارتون آهن. شڪر آهي وقت پيو گذري.

"حڪومت به توهان تي ڌيان نٿي ڏئي؟" چيائون "شڪر آ. ڪنهن کان ڪا شڪايت ڪونهي. حڪومت جون به پنهنجون مشڪلات ۽ ترجيحات آهن."

ان وچ ۾ سئنڊوچ serve ٿيندا رهيا. هاڻي خادم چانهن جو ڪوپ رکي رهيو هيو. ان جي آواز تي مان سرڪار سان ڳالهائڻ جي محويت مان نڪتس. واچ ڏٺي ته ڪلاڪ کن گذري چڪو هيو. مون محسوس ڪيو ته پاڻ به منهنجي ڳالهين مان محظوظ ٿي رهيو هيو. ڳالهين سان سندس دل جو غبار به نڪري رهيو هيو. مان چانهن جي چسڪي وٺي مير صاحب ڏي نهاريو. منهنجي دماغ ۾ هڪ ٻئي سوال گر ڪنيو. "ڇا توهان چاهيندا ته توهان جو اولاد سياست ۾ اچي؟" چيائون: "اهو مٿن ئي منحصر آهي ته هو پنهنجي زندگيءَ لاءِ ڪهڙو انتخاب ٿا ڪن."

مون کي لڳو ته مير صاحب بي انتها لبرل آهي. ٻارن تي پنهنجا رايا هرويرو مڙهڻ نٿو چاهي.

مون چانهن جي سرڪ وٺڻ کان اڳ ۾ پڇيو ته "ڇا توهان جي مسئلن جي متعلق

Gul Hayat Institute

سرڪار کي آگاهه ڪجي؟" فورن وراڻيائون: "نه، ان جي ضرورت نه آهي. توهان جي مهرباني. سرڪار کي هر ڳالهه جي خبر هئڻ گهرجي."

مان چانهن جي آخري سِپ ورتي ۽ موڪلائڻ لاءِ اجازت ورتي. پاڻ وري خوش دليءَ سان مليا ۽ دروازي تي اچي موڪلايو. مون ويندي ويندي چيو ته "مون کي پنهنجو خيرخواهه سمجهيو. ڪو به ڪم ڪار هوندو ته مان حاضر آهيان. وس آهر مددگاري ڪندس." منهنجو شڪريو مڃيائون. مان نهٺائيءَ سان سلام ڪري نڪري آيس.

## شخصيتون

خيرپور ۾ ڪيترين ئي مختلف سوچون ۽ نظريا رکندڙ وڏي اثر واريون سياسي، سماجي ۽ پيراڻيون گاديون آهن. مان اهڙي صورتحال ۾ به جتي اهڙي قسم جو ماحول هجي، اڻ ڏريو رهي ڪم ڪيو آهي ۽ هر ڌر ۽ هر ماڻهوءَ سان سندس سطح تي تعلقات استوار ڪيا آهن. سياسي ماحول ۾ ائين ڪرڻ ڪجهه ڏکيو ڪم ته آهي، پر سياسي ڌرين کي به مون سان ڪم ڪري جلدي احساس ٿي ويندو آهي ته جيڪڏهن منهنجو ڪنهن ڌر سان يا ڪنهن شخصيت سان تعلق آهي ته اهو ٻي ڌر جي مفادات جي قيمت تي نه آهي. ڪوشش ڪئي اٿم ته هر ڪنهن سان سندس مفادن جي معاملي ۾ ائين هلجي، جيڪو ٻئي جي مفادن سان ٽڪراءُ نه ٿئي. جتي ائين ٿي به پوي ته پوءِ جيڪا حق سچ جي ڳالهه هجي، ان تي قائم رهجي. حالانڪ اهو ڪم به ڌاري تلوار تي هلڻ برابر آهي، پر ان سُٽ کي سلجهائڻو پوي ٿو.

خيرپور ۾ ڪيترين ئي مضبوط ڌرين ۽ شخصيتون آهن. انهن ۾ پير سائين پاڳارو ۽ سندن خاندان، سيد سائين غوث علي شاهه، سيد قائم علي شاهه ۽ سندس پارٽي پيپلز پارٽي ۽ سندن خاندان جا فرد. پرويز علي شاهه، جاويد شاهه، نفيسه شاهه، اسد شاهه، ارشاد بيبي، پير راڻي پور سيد ميران شاهه ۽ پير عبدالقادر شاهه جيلاني، سخي قبول محمد، سچل سائينءَ جو گادي ڌڻي (هاڻي وفات ڪري ويو آهي)، ڪرل صاحبان، ساجد علي ٻانيڻ، منظور حسين ۽ نواب خان وساڻ، ٻچل شاهه صاحب، هز هائينس سابق والي رياست ۽ سندس پٽ شهزادو مهدي رضا خان، ٻيون ڪيترين ئي علمي ادبي ۽ ثقافتي شخصيتون، جن ۾ تنوير عباسي، جسٽس اسلم جعفري، جسٽس ڊوگر، امتياز ڦلپوٽو، مولابخش لاڙڪ ۽ نوجوان شاعرن، اديبن ۽ پريس وارن جو پڻ ڳچ ڳهو لڌو. سڀ کان بااثر ۽ اهم ترين مذهبي گروپ، انهن جو رول خاص طور محرم جي ڏينهن ۾ تمام گهڻو اهم ٿو ٿي وڃي. ان معاملي ۾ خيرپور جي تاريخ ڏاڍي خطرناڪ رهي آهي. اسٽيٽ جي زماني ۾ هڪ طرح شيعه مسلڪ، هتان جي حڪمرانن جو



مسلڪ هيو تنهن ڪري ان مسلڪ کي ڪافي اهميت ڏني ويندي هئي ۽ انهن ڏينهن کان وٺي ان جا بنياد هتي مضبوط آهن. ميرن جي دور ۾ جيڪي به ٻاهران هنرمند ۽ تعليمدان هتي آيا هئا، اهي گهڻو ڪري ان مسلڪ سان واڳيل هئا. ڪنهن زماني ۾ جوش مليح آبادي ۽ فاني بدايوني، بطور شاعر جي درٻار سان واڳيل هئا. مير صاحبان عيد جون نمازون امام بارگاهه ۾ پڙهڻ کان پوءِ عيدگاهن ۾ به اچي پڙهندا هئا. هنن ڪوشش ڪئي ته ٻنهي ڌرين سان سڪ ۽ عزت ڀريو ڪردار ادا ڪندا رهن. اڪثر واليءِ رياست جڏهن دفن ٿيندا هئا ته سندن مڙهه رياست ۾ امانت طور دفن ٿيندو هيو ۽ موقع وٺي ڪربلا مولا ۾ دفن ڪيو ويندو هيو. سپاهه صحابه پاڪستان جو نائب صدر مولانا علي شير حيدري به خيرپور جو هيو. هن جي طرفان به مون کي مڪمل سهڪار ملندو رهيو. شيعه حضرات ۾ عرفان عباس صاحب ۽ علي اسلم جعفري ۽ ٻيا عالم به مون سان سهڪار ڪندا رهيا. مون محرم جا به سال ۽ به ڏها خيرپور ۾ گذاريا، پر ٻئي سال ان موقعي تي ڪنهن به قسم جو تڪرار، جهيڙو يا خونريزي ڪونه ٿي. حالانڪ ان کان اڳ ۾ ۽ منهنجي بدلي ٿيڻ کان پوءِ خون ريزي ۾ ماڻهن جا قتل ٿيا.

## مذهبي شخصيتون ۽ مسئلا

جلسن جلوسن کي منهن ڏيڻ جو منهنجو پنهنجو طريقو هيو. جيڪي به اهم ۽ تڪراري ماڳ هوندا هئا ته انهن تي مان پاڻ، SSP ۽ رينجرز جي ميجر کي ساڻ ڪٺي موجود رهندا هئاسون. جيستائين اهي مجلسون ۽ جلوس آخري منزل تي پهچي ضم ٿي وڃن. مان ڪوشش ڪندو هئس ته پاڻ موقعي تي ئي فيصلو وٺي ڪو ننڍو وڏو مسئلو هجي ته ان کي رفع دفع ڪريان. مختيارڪار يا ايس ڊي ايم جي صوابديد تي اهڙا اهم معاملا نه ڇڏيندو هئس. فساد جي چڻنگ کي ئي وسائي ڇڏبو هيو. بجاءِ ان جي چڻنگ کي ڀڙڪو ٿيڻ جو موقعو ڏجي. جيڪڏهن مان خيرپور جي پنهنجي ڪارڪردگيءَ جي حوالي سان ڪنهن ڪم تي فخر ڪري سگهان ٿو ته اهي خيرپور ۾ گذاريل محرم جا به سال آهن، جيڪي پرامن ۽ پرسڪون گذريا. لڳندو ته ائين هيو ته اسان اهي ڏهه ڏينهن محنت ٿا ڪريون، پر حقيقت اها هئي ته مان سڄو سال شيعه سني تعلقات تي نظر رکندو هئس ۽ شيعه سني عالمن سان بهتر لاڳاپا رکندو هئس. نه صرف سندن مذهبي مسئلن کي اوليت جي بنيادن تي حل ڪندو هئس، پر سندن ذاتي معاملن ۽ مسئلن کي به ترجيحي بنيادن تي رفع دفع ڪندو هوس.

منهنجا ساڻن هن وقت تائين ذاتي ۽ سماجي تعلقات قائم آهن. اهي تعلقات هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۽ مذهبي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ به منهنجا مددگار رهيا.

Gul Hayat Institute

## خيرپور ۽ لاڙڪاڻي جو ڪچو ۽ زورائتيون ڌريون

خيرپور ۽ لاڙڪاڻي جا ضلعا پاڻ ۾ ٻڪيل آهن. وچ ۾ پورالو بادشاهه درياءِ سنڌ ٿو وهي. چوندا آهن ته سنڌو ڏهه سال ڪٻي پاسي تي زور رکندو آهي ته ڏهه سال سڄي پاسي تي. جنهن پاسي تي درياهه زور رکندو آهي ان پاسي تي زمين پائيندو (ڪائيندو) آهي. اها زمين درياهه جي ٻئي پاسي ته ظاهر ٿيندي آهي. ان لحاظ کان ضلعي جون روينيو جون حدون درياهه جي ڪٻي سڄي تي بدلبيون رهنديون آهن. نقشي جي حساب سان اها زمين رهندي ته ان ضلعي جي آهي، پر ڪڏهن درياهه جي هڪ پاسي کان ٿي ويندي ته ڪڏهن ٻئي کان. لاڙڪاڻي جي ڪچي جا زميندار به زورائتا ۽ خيرپور جي ڪچي جا زميندار به ڏاڍا مڙس. پاڻ ۾ ياريون دوستيون به اٿن ته جهيڙا جهٽا به. پر پوليس چٽي پئي آهي. ان لاءِ اها نوٽيفڪيشن نڪتل آهي ته درياهه جا ڪنارا ئي ضلعي جون پوليس حدون آهن. پوءِ ان ڳالهه جو لحاظ نه ڪبو آهي ته روينيو جون حدون ڪهڙيون آهن. ان معاملن جي ڪري اڪثر مسئلا به ٿيندا آهن. لاڙڪاڻي ضلعي جي زمين جيڪڏهن خيرپور ڏانهن اچي وئي ۽ اتي ڪو ڏوهه ٿيو ته پوليس جي حساب سان ان جي جاچ خيرپور جي پوليس ڪندي.

لاڙڪاڻي جي ڪچي جي زميندارن ۾ محترم ممتاز علي خان ڀٽو، کهڙا صاحب، ٻگهيا صاحب، جڏهن ته خيرپور جي زميندارن ۾ پير صاحب پاڳارو، ڪرل صاحبان، راڻيپور وارا پير ڪلهوڙا ۽ ٻيا ڪيترا صاحب اچي وڃن ٿا.

ڪچي جي زميندارن ۾ پاڻ ۾ رواداري آهي ۽ ان رواداريءَ سان فيصلا ٿيندا آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن جهيڙا جهٽا به اپري پوندا آهن.

## ڪچو، بند ۽ ٻوڏ

شير درياءِ سنڌ پنهنجو پاڻ ۾ عجيب سمنڊ ئي ته آهي، اهو شير جڏهن مستيءَ ۾ ايندو آهي ته سنڌ جي سيني تان ٽپا ڏيندو گذرندو آهي. نه ڏسندو آهي اڳ، نه پٺ، نه نفعو نه نقصان، نه غريب نه امير. سنڌو هماليه مان، نيپال، تبت، ڀارت مان ٿيندو اچي پاڪستان جي وچان وچ وهي ٿو. سنڌو منڻ ڪوٽ کان، هيٺ لهندو ته زمين کان مٿارو ٿيندو. ان کي قابو ڪرڻ لاءِ سندس ٻنهي پاسي کان مٽيءَ جا بند ٻڌا ويا آهن. پوءِ جيئن جيئن دريا هيٺ لهندو اهي بند به هيٺ سمنڊ تائين لهندو ايندو، وڃي ڪيٽي بندر ۽ کاري چاڻ تعلقي ۾ سمنڊ جي کاري پاڻي سان ملي جلي ويندو ۽ سمنڊ سان سمنڊ جهڙو ٿي ويندو.

مين تو دريا هون، سمندر مين اُتر جائون گا!

جيڪڏهن 5_7 سال بارش نه پوي ۽ دريا نه چڙهي ته بند پُرڪِٽا ٿي پون. انهن ۾ ڏار ۽ روڙتان پئجي ٿيون وڃن. پوءِ جڏهن دريا چڙهي ٿو ته انهن بندن جي سوراخن ۽ روڙين ۾



پاڻي وهي بندن کان ٻاهر ٿو نڪري ۽ جيڪڏهن اهو وقت سر قابو نه ڪجي ته بند ۾ گهارو پئجي ٿو وڃي، اهو گهارو وقت سر بند نه ٿئي ته اهو وڏي سوين فوٽن ۾ ٿي ٿو وڃي ۽ دريا جو پاڻي اوڏانهن وهڪرو ٺاهي هيٺاهيون ايراضيون ٻوڙي ٿو وجهي ۽ ٻوڏ جي صورت حال پيدا ٿو ڪري، ٻوڏ جو پاڻي بي انتها سگهه ٿو رکي. هوا، طوفان ۽ باهه جيڪڏهن هڪ دفعو بي قابو ٿيون ته پوءِ انهن کي قابو ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم ٿيو پوي. جيستائين اهي پنهنجي پوري سگهه جو مظاهرو ڪري ڪجهه ماٺيون نه ٿين تيستائين انهن کي بند ڪرڻ مشڪل آهي.

سال 1932ع ۾ سکر بيراج کان پوءِ 1955ع ۾ ڪوٽڙي وٽ غلام محمد بيراج ٺاهي وئي، ان کان پوءِ گڊو وٽ گڊو بيراج ٺاهي وئي اتان به ڏهه يارهن لک ڪيوسڪ پاڻي گذرڻ جي گنجائش رکي وئي، هاڻي جڏهن موسمون بدلجي ويون آهن. دريا جا پاڻي پيارڻ جا علائقا (catchment) گهٽ وڌ ٿي ويا آهن، پهاڙ تي برف جا پهاڙ وڏيڪ ٿا ڄمن ۽ ڳرن، انهن علائقن ۾ بارشون وڌيڪ ٿيون پون ته دريا ۾ پاڻي به وڌيڪ ٿو اچي، پوءِ ڊيم به ڀرجي ٿا وڃن. بيراجون به پاڻي نٿيون ڪٽي سگهن ته پوءِ مٿان لهندڙ پاڻي سنئون سڌو سنڌوءَ ۾ ڌوڪيندو سمنڊ واري رستي ڏانهن ٿو اچي. وري اڄ ڪلهه اسان جي انجنيئرن ظلم اهو ڪيو آهي، جو دريا جي اولهه اوڀر علائقن کي ملائڻ لاءِ لاڙڪاڻو-خيرپور ۽ آمري- قاضي احمد تي جيڪي پليون ٺاهيون اٿائون، انهن جي Span ايتري ويڪري به نه ٺاهي اٿائون ته دريا جو پاڻي چاڙهه ۾ هجي ته اهو آرام سان گذري وڃي. ان جو ڪلاسيڪل مثال 2010_11ع جي ٻوڏ جو آهي، جنهن ۾ لاڙڪاڻي، خيرپور واري پل تي دريا جو پاڻي اچي ڦاسي پيو، ان کي گذر جو رستو ئي ڪونه. پوءِ آخر انجنيئرن پنهنجي هٿن سان ٺاهيل پل کي پنهنجي ئي هٿن سان ان جي پاسن کان گهارا وجهي وڌيڪ پاڻيءَ کي اتان گذاريو. اميد اها هئي ته ٻوڏ جي وڃڻ کان پوءِ ان جي Span وڌائيندو پر نه ائين نه ٿيو وري جيڪڏهن خدا نه ڪري، ٻوڏ آئي ته وري اهي لاٽون اهي چڳهه. وري پل جا پاسا ٻاٽا ويندا. هاڻي هڪ ڇا پر ٻي آمري- قاضي احمد پُل به ڌهندي، جيڪا مها ٻوڏ کان پوءِ ٺهي آهي. 11_2010ع ۾ ٻوڏ آئي ته سنڌ جي ٽنهي بيراجن ۾ ڪاٺي لڳائڻ جي ڪا اهڙي مشنري ڪونه هئي، جيڪا صحيح انگ اکر ٻڌائي ته ڪيترا ڪيوسڪ دريا ۾ پاڻي هيو! بيراجن جا در ته مٿي ڪنيا ويا پر دريا پاڻ پئي پنهنجي مرضيءَ سان هليو. پر جڏهن ڪنڌڪوٽ-ڪشمور ضلعي ۾ توڙي بند کي 2010 ۾ گهارو لڳو، ته دريا بادشاهه سنڌ جي ساڄي ڪناري تي ڪاهي پيو. ڪنڌڪوٽ-ڪشمور ضلعو بلوچستان، قمبر-شهدادڪوٽ ضلعو، لاڙڪاڻو ضلعو، دادو ۽ ڄامشورو ضلعي مان ٿيندو، ڪوٽڙي بيراج وٽان وڃي درياءَ ۾ ٻيهر داخل ٿيو. ڪيترو ئي وقت هڪ دريا مان به درياءَ هڪ ٻئي جي

آسپاس ريل جي پٽڙيءَ وانگر وهندا رهيا، بارش ته وڏيڪ صورت حال خراب ڪئي، ٽنڊي الهيار ضلعي ۾ ايترو پاڻي بيهي رهيو ته ان جو نيڪال سالن تائين ٿيندو رهيو.

وري مٿان ڪوٽ عالمون وٽ به دريا ۾ گهارو پيو. نئين ضلعي ۾ ڳوٺ ٻنو وٽان سنڌ جو لاڙوارو حصو پاڻيءَ سان ڀرجي ويو.

حيران ڪندڙ ڳالهه اها آهي ته توڙيءَ ۾ ڪوٽ عالمونءَ وٽ اڳ ۾ به گهارا پيا آهن ۽ اهي هنڌ ڪمزور نقطا ڪري ليکيا ويندا آهن، پر انهن جي بچاءَ جو ڪو بندوبست اڳواٽ ٿيل نه هيو.

## ايس. پي قمر ۽ انعام

صدين کان ٿيندو پيو اچي ته جتي لِڪَ هوندا آهن، اتي ڏوهَه به گهڻا هوندا آهن، اهي لِڪَ پاڙاريدارن جي شڪل ۾ هجن يا جهنگلن جي روپ ۾. خيرپور وارو ڪچو ٽن چئن ضلعن جي ڪچن سان ڳنڍيل آهي، انهن ۾ شڪارپور، سکر، لاڙڪاڻو ۽ نوشهروفيروز. ڏوهارين تي زوربار وڌو ويندو آهي ته اغوا ڪيل ماڻهن کي بلوچستان ڏانهن ڪڏي چڙهيندا آهن. اتر سنڌ جي ڏوهن جو اهي ضلعا، مرڪز رهيا آهن. انهن ئي ڏينهن ۾ ڪچي ۾ رهندڙ هڪ زوراتي قبيلي جي ڳوٺن تي ڌاڙيل هلان ڪري آيا، انهن جا ڇهه ماڻهو ماري هليا ويا، ان کان اڳ ۾ هلان ڪندڙ ڌر جا ٽي ماڻهو موٽلن جي ڌر ماريا هئا پر انهن کي پوليس مقابلو ڏيکاري 5 لک روپيه مٿن رکيل انعام قمرالزمان ايس. ايس. پي پاڻ کنيو هيو. ايستائين جو ڪوڙي مقابلي ۾ کنيل انعام مان ٽڪو به ڪنهن ٻئي پوليس عملدار کي نه مليو هيو. هاڻي جو هيءُ واقعو ٿيو ته اها ڳالهه چيف منسٽر سنڌ عبدالله شاهه صاحب تائين پهتي ته سچي قصي ۾ SSP غلط رول ادا ڪيو آهي.

## ايس ايس پي قمرالزمان تي انڪوائري

عبدالله شاهه ڪچي ۾ سرزمين تي پاڻ پهتو متاثر ڌر به هئي، پي پيءَ جا پيا چڱا مڙس به هيا، ڪمشنر نثار احمد صديقي، حفيظ ٻنگش ڊي آءِ جي ۽ ڊي سي (مان) ۽ ايس ايس پي قمرالزمان به هيو. عبدالله شاهه صاحب ڀرپاڙيءَ جو ماڻهو هوشيار سياستدان اهڙن مسئلن کي خود سمجهي رهيو هيو. هن انتظاميا سان ۽ ڳوٺاڻن سان ملاقاتون ڪيون ۽ آخر ۾ مون کي ان سڄي معاملي جي انڪوائري ڪرڻ جي ذميواري ڏني ته جيئن ڪيس سچائي پيش ڪريان. اها انڪوائري سنئين سڌي SSP قمر چوڌريءَ جي خلاف هئي ته هن ڪهڙي بنياد تي اهو مقابلو ڏيکاريو ۽ 5 لک پاڻ کنيا.

مون انڪوائري شروع ڪئي ته قمر چوڌري چتو ٿي پيو هو هر طرح سان مون کي هراسان ڪرڻ لڳو مون کي سڌيون اڻ سڌيون ڌمڪيون مليون ته اهڙن ئي موقعن تي



پوليس کان مارائي اهو ظاهر ڪندو ته مونکي ڌاڙيلن جي گولي لڳي آهي.

مون انڪوائري ڪئي. جيڪي حقيقتون هيون، اهي لکي چيف منسٽر کي موڪليون، جن ۾ اهو ثابت ٿيو ته اڳ ۾ ڳوٺاڻا ماريل ڌر ماريا هئا، پوليس ڪوڙو مقابلو ڏيکاريو ۽ سندن مٿان انعام جي رکيل رقم قمر چوڌري ايس ايس پي ڦٻائي هئي، ان مقابلي ۾ ماريل ماڻهن/ ڌاڙيلن جي پلاند لاءِ هينئر ڳوٺ تي هلان ٿيو هيو ۽ ڳوٺاڻا ماريا ويا هئا.

## ايس ايس پيءَ ممتاز صاحب سان جهيڙو جوٽيو۔ مونکي انڪوائري آفيسر مقرر ڪيو ويو

ايس ايس پي قمر وري هڪ پيو داءُ بدلايو. هن ممتاز علي خان پٽو سان جهيڙو جوٽيو. الزام لڳايو ته هو ڌاڙيلن کي پناهه ڏئي ٿو، پريس ۾ ممڻ مٿو ته ممتاز خان به ته چپ ڪري ويهڻ وارو ڪونه هيو. هن قمر ايس ايس پيءَ جي خلاف خيرپور جي پريس ڪلب جي آڏو پريس ڪانفرنس ڪئي، جنهن ۾ هن ايس ايس پي سان گڏ پي پي جي خيرپور جي ليڊرشپ تي الزام لڳايا. قمر پي پي جي ليڊرشپ کي اهو باور ڪرائڻ ۾ لڳي ويو ته پي پي جا مفادات ممتاز علي خان جي خلاف صرف هو ئي بچائي ۽ انهن جي حفاظت ڪري سگهي ٿو. قمر جو پلان اهو هيو ته پي پي ۽ ممتاز علي خان کي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ڪري پاڻ نڪري وڃي ۽ خيرپور جو بي تاج بادشاهه ٿي اچي ڪاري جو مالڪ ٿي وڃي. حقيقت ته اها هئي ائين ڪرڻ سان ممتاز علي خان کي ته جيڪو نقصان ٿئي ها يا نه پر پي پي هروبرو هڪ غير ضروري جهيڙي ۾ گهلجي رهي هئي، جيڪو لاڙڪاڻي تائين ۽ سنڌ اسيمبليءَ تائين به پهچي وڃي ها. ممتاز علي خان 1993ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ ميمبر هيو. هن سيد عبدالله شاهه جي هائوس جي ليڊر جي چونڊجڻ تي تقرير ڪندي چيو هيو ته عبدالله شاهه جا استاد ته ڪامل آهن، پر ڏسون پاڻ بطور چيف منسٽر جي ڪيئن ٿو ڪم ڪري ڪامل استاد جو اشارو ممتاز صاحب جو پنهنجي طرف هيو پٽي صاحب جي دور ۾ سائين عبدالله شاهه، ممتاز علي خان سان گڏ ڪم ڪيو هيو.

ممتاز علي خان پٽي SSP قمرالزمان تي الزام لڳائي انڪوائري لاءِ سنڌ سرڪار کي لکيو. ڪمشنر نثار احمد صديقي هڪ نوٽيفڪيشن ڪڍيو جنهن ۾ حڪم ڪيو ويو هيو ته "ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ خيرپور انهن الزامن جي انڪوائري ڪري رپورٽ موڪلي." مون ڪمشنر صاحب کي چيو ته ڪنهن ٻئي ڊي سيءَ کي اها انڪوائري سونپيو پر هن ضد ڪيو ته تون پاڻ انڪوائري ڪر. مون تاريخ مقرر ڪري انڪوائريءَ جو نوٽيس ڪڍيو. وڏو ممڻ مچي ويو خبرن جو مرڪز مان بڻجي ويس.

Gul Hayat Institute

## مون انڪوائري شروع ڪئي

انڪوائري واري ڏينهن پنهنجي آفيس جي سيڪيورٽي، مڪمل طور رينجرز جي حوالي ڪري ڇڏي هئي، چو ته ضلعي پوليس جو سربراهه ڊر هيو ۽ انڪوائري لاءِ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ حاضر ٿي رهيو هيو. قمر جهڙي ماڻهوءَ لاءِ ڪنهن به قسم جي حرڪت ڪرڻ ناممڪن ڪونه هئي، هو ڪجهه به ڪري سگهيو ٿي.

مون ڪين ڪورٽ جي اج جي ڊيڪورم کان واقف ڪيو اصول ته اهو آهي ته بيان ريڪارڊ ڪرائڻ وارو شاهد يا جوابدار اٿي بيهي بيان ريڪارڊ ڪرائيندو آهي، پر جيڪڏهن ڪورٽ جو پريزائيڊنگ آفيسر چاهي ته انهن کي ويهي بيان ريڪارڊ ڪرائڻ جي به اجازت ڏئي سگهي ٿو. مون پهريان ممتاز علي خان ڀٽي کي چيو ته بيان پهريان توهان ريڪارڊ ڪرايو. مون ائين چيو ته هو ويهي بيان ريڪارڊ ڪرائي سگهن ٿا. ممتاز علي خان آڪسفورڊ جو پڙهيل ۽ بار ايٽ لا آهي، تمام گهٽ ماڻهن سندس انگريز لکت پڙهي هوندي يا ڪين ڳالهائيندي ٻڌو هوندو.

ان کان پوءِ جناب قمر صاحب ڪراس ايگزمينشن ڪيو. ان کان پوءِ پنهنجو بيان ريڪارڊ ڪرايو. بيان ۾ ڀيو ته ڪجهه ڪونه هيو صرف مون تي الزام هيو ته مان اڻ ڏريو ناهيان. مون کي ممتاز صاحب نوڪريءَ ۾ رکيو هيو مان سندس ڳوٺائي ۽ دوست آهيان، هن کي منهنجي طرفان ٿيندڙ انڪوائري قبول ڪونه آهي. پر SSP صاحب کي اهو عقل نه آيو ته مٿس لڳل الزامن جي ترديد ڪري، مون هن جو بيان ريڪارڊ ڪيو. ممتاز صاحب کي ڪراس ڪرڻ لاءِ ڪجهه ڪونه هيو. مون بنان تاريخ مقرر ڪرڻ جي انڪوائري ملتوي ڪري ڇڏي.

مون ڪمشنر صاحب کي لکي موڪليو ته هڪ ڊر مون کي اڻ ڏريو نه ٿي سمجهي، مون ۾ اعتماد ڪونهي تنهن ڪري انڪوائري ڪرڻ لاءِ ٻي ڪنهن ڊي سي کي چئو يا هاءِ ڪورٽ جي معرفت ڪنهن ضلعي جج ۽ ايڊيشنل ضلعي جج جي حوالي ڪئي وڃي. هي انڪوائري مون مزيد هلائڻ جي معذرت ڪئي. پوءِ خبر ناهي ته ان انڪوائريءَ جو ڇا ٿيو.

ان واقعي کان پوءِ منهنجي ڊاڙيلن جي انڪوائري بعد، سرڪار کي ڪا سمجهه اچي وئي، پهريان ته قمر صاحب کي بدلي ڪيو ويو ان کان پوءِ ڪيس فيڊرل گورنمينٽ ۾ رپورٽ ڪرايو ويو.

## غلام قادر ٿيٻو ـ ايس ايس پي خيرپور

قمر جي بدلي ته پنهنجي جاءِ تي پر خوشي اها ٿي، جو سندس جاءِ تي غلام قادر ٿيٻو



SSP خيرپور ٿي آيو. ٿيٻو صاحب ۽ مان ٽرـمنيءَ ۾ ڏيڍ سال کن گڏ ڪم ڪري چڪا هئاسون ۽ اسان جي ڪيمسٽري پاڻ ۾ ملندي هئي، پوءِ خيرپور ۾ به جيڪو وقت گڏ هئاسون، پوليس ۽ انتظاميا جا تعلقات سٺا رهيا.

## ڪميشنر نثار صديقيءَ جي اسٽائيل

نثار صديقيءَ انتظاميا ۾ هڪ روايت ۽ رواج برپا ڪيو هيو ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو اغوا ٿئي ۽ يا ڪو بيو اهڙو سخت قسم جو ڏوهه ٿئي ته پوليس سان گڏ ايس ڊي ايم يا ڊي ايم به ڊاڙيلن ۽ ڏوهارين جي ڪڍ لڳي پئي، ان ۾ ڪو انتظاميا کي فائدو ٿئي پيو يا نه پر ايترو ضرور ٿيو ته اهڙن معاملن ۾ انتظاميا به پاڻ کي پوليس سان گڏ ذميوار ٻڌايو ۽ ڏوهن جي ذميواري پاڻ تي ڪنئي، جنهن جو اهڙو پڪو رواج پئجي ويو ته سرڪار ۽ عوام ۾ئي اهو سمجهڻ لڳا ته ڊي سي به ان معاملي جو ذميوار آهي.

اهو سلسلو هلندو رهيو جيستائين اتي DC هئس ۽ نثار صديقي صاحب ڪمشنر هيو. جيڪڏهن مان نه ويندو هيس ته پاڻ ميدان ۾ DIG سوڌو لهي پوندو هيو. نه صرف ايترو پر صديقي صاحب به پوليس واري انداز ۾ جوابدارن جي تفتيش به ڪندو هيو ۽ ان کي انجواءِ به ڪندو هيو. صديقي صاحب بي خوف ماڻهو رهيو آهي. مڊل ڪلاس جو سيلف ميڊ ماڻهو الله تي آسرو، نه ڪنهن جو ڊپ نه ڪنهن جو آسرو. مون ڏٺو ته سندس ڪمشنر سکر واري دور ۾ ڪو به وڏو ماڻهو ساڻس خوش ڪونه هيو. ڪم پنهنجي مرضيءَ سان ڪندو. سائين غوث علي شاهه جو ماسات آهي، سائين به ڪيس ڪم گهٽ چوندو هيو. پير سائين پاڳاري جا ماڻهو به ڍيل لفظن ۾ ڪانئس ناخوشيءَ جو اظهار ڪندا هئا. اڪثر وَبشتر پي پيءَ جا ماڻهو به ٿي پيرا سوچي ڪيس ڪو ڪم چوندا هئا. الله پاڪ ڪيس 'نه' چوڻ جي وڏي سگهه ڏني هئي/آهي. ٻيا ته ناراض هئا پر ضلع لاڙڪاڻي جا سياستدان يا وڏا ماڻهو به ڪانئس خوش ڪونه هئا جن ۾ سرِ فهرست ممتاز علي خان ڀٽو هيو.

## نثار صديقي روپوش ۽ انوار حيدر جهلجي پيو

جڏهن ڪيئر ٽيڪر آيا ته نثار صاحب حيدرآباد جو ڪمشنر هيو. ممتاز صاحب نگران وڏو وزير ٿيو ته انوار حيدر ڪمشنر لاڙڪاڻي کي ڪرپشن جي ڪيسن ۾ جيل ۾ بند ڪرايائين. نثار صاحب جي ڪڍ به امداد الله انڙ صاحب جي اٿي ڪرپشن لڳي پر پاڻ ڪسڪي ويو ۽ انڊر گرائونڊ ٿي ويو تيستائين زمين دوز هيو جيستائين ممتاز صاحب جي حڪومت هئي.

پوءِ غوث علي شاهه صاحب جي حڪومت ۾ 1999ع ۾ جڏهن اچان صديقي صاحب

Gul Hayat Institute

بي ايس 19 ۾ ئي هيو ته هوم سيڪريٽري ٿيو. حڪيم سعيد دهلويءَ جي شهادت کان پوءِ لياقت صاحب جي حڪومت کي ۽ اسيمبلين کي معطل ڪيو ويو ۽ آئين جي شقن موجب غوث علي شاهه کي سنڌ جو ائڊمنسٽريٽر ڪيو ويو جنهن کي CM جا اختيار هئا ۽ جناب ممنون حسين کي گورنر مقرر ڪيو ويو چوندا آهن ته جڏهن جڏهن سنڌ حڪومت کي ڪيرايو ويندو آهي ته وفاقي حڪومت به ڪرندي آهي. وزيراعظم نواز شريف کي جڏهن ڪمانڊو چيف آف آرمي اسٽاف کي لاهڻ جو شوق ٿيو ته ان جي نتيجي ۾ پاڻ جهلجي ويو سائين غوث علي شاهه به جهلجي ويو ۽ نثار صديقي، هوم سيڪريٽريءَ کي به جهلي ملير ڪينٽ ۾ رکي حال احوال ڪيائون. ڪيس وري هوم آفيس ۾ چڙهي ويا، جتان ڪيس 20 گريڊ ۾ ترقي به ملي هئي. ڪمشنر سکر مقرر ڪيو ويو جتي جولاءِ 2001ع تائين رهيو ڪيس بورڊ آف روينيو ۾ مقرر ڪيو ويو.

## آءِ بي اي سکر جو قيام

صديقي صاحب جڳ مشهور اداري هارورڊ مان بزنيس ايڊيوڪيشن ۾ ورتل اعليٰ ڊگريءَ کي به استعمال ڪندي پاڪستان جي مشهور اداري ۾ پڙهائڻ به لڳو. هن جي سکر جي ڪمشنريءَ واري دور ۾ 1996ع ڌاري پبلڪ اسڪول سکر ڪافي ترقي ڪئي هئي، اتي ئي آءِ بي. اي سکر جو بنياد هن رکيو ۽ ان جا ڪلاس به اتي شروع ڪيائين. خوش نصيبيءَ سان ڀيرين بورڊ آف گورنرس ۾ بطور ڊي سي خيرپور جي ان جو ميمبر هيس. ان اداري جو ڀيريون نالو به منهنجو تجويز ڪيل هيو SIBA (سيبا) سکر انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريسن. هاڻي ان کي سکر IBA ڪوٺين ٿا.

جڏهن نثار صاحب 2004ع ۾ ريٽائرڊ ڪيو ته سکر آءِ بي. اي جا ڀيريان ڊائريڪٽر ٿيا ۽ ان جو الحاق ڪراچي IBA سان ڪرايو پر ڪراچيءَ وارن اهو برداشت نه ڪيو ۽ فيصلو ڪري سکر IBA کي De-affliate ڪيو.

حضرت علي سائينءَ جو قول آهي ته ”ذڪيائين ۾ موقعا هوندا آهن.“ صديقي صاحب کي جس هجي، هن پڇ ڊڪ ڪئي ۽ سکر IBA کي ايترو مٿي ڪڍي ويو جو سنڌ اسيمبلي ان کي ڊگري ڊيڻ جو چارٽر ڏنو ۽ هن وقت سکر آءِ بي اي پاڪستان جي ڪنهن به اداري کان پوئتي ڪونه آهي. 50٪ کان به وڌيڪ شاگردن کي ميرٽ ڪم پاورٽي بنياد تي اسڪالرشپ ملي رهيون آهن. اپر سنڌ ۽ بلوچستان جا نه صرف ڇوڪرا پر ڇوڪريون به اتي بزنيس تعليم وٺن ٿيون ۽ هاسٽل ۾ انهن جي رهڻ ۽ حفاظت جو به جوڳو بندوبست ٿيل آهي. نثار صاحب 2003ع کان اتي آهي. نئين چارٽر ملڻ کان پوءِ ڪيس چئن چئن سالن جا به ٽرم ملي چڪا آهن. صدر پاڪستان ڪيس نشانِ امتياز به ڏنو آهي، سنڌ اهڙن



ڀٽن تي جيترو به فخر ڪري گهٽ آهي.

2017ع ۾ IBA سکر کي يونيورسٽيءَ جو درجو ڏنو ويو آهي.

## چيف منسٽر عبدالله شاهه صاحب

سنڌ جي چيف منسٽري هلائڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ جو قصو هجي يا پوءِ جو. اڳ ۾ جيڪو رول هندو ادا ڪندا هئا هاڻي اهو رول ايم ڪيو ايم ادا ٿي ڪري. پنجويهه کان 33 سيڪڙو ميمبر انهن جا هوندا آهن. جيڪڏهن سنڌي ميمبر ورهائجي وڃن ته اڌ انهن جو ڪٽي ان ننڍي گروپ مان چيف منسٽر چوندي انهن تي پنهنجا شرط وَ شروط رکي حڪومت هلائي ويندي آهي. نالي ماتر ته سنڌي CM هوندو آهي پر جيترا ايم ڪيو ايم جا وزير هوندا آهن ايترا ئي چيف منسٽر هوندا آهن. جيڪڏهن چيف منسٽر انهن جي مرضيءَ کان سواءِ ڪو ڪلارڪ به بدلي ڪيو ته ڇڻ طوفان اچي ويندو، اهو تجربو ذاتي طرح مون به ڀوڳيو آهي.

جيڪڏهن چيف منسٽر PPP ناهيو ته پوءِ اهو سسٽم وري ٻي طرح هلندو پوءِ به چيف منسٽري هلائڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هوندو آهي. ريموٽ تي چيف منسٽر فيصلا وٺنو ڪندو سندس چيف منسٽريءَ کي ته لوڏا ئي لوڏا پر سندس اها عزت به چيف منسٽريءَ واري سلامت ڪونه. آفيسر بدلي ٿيو وڃن سي ايم کي سڌ ئي ڪونه، سي ايم هڪ ڳالهه ڪري عمل ابتو پيو ٿئي. پوئين سالن ۾ ته ڪيترائي سنڌ ۾ ڊيفيڪٽو سي ايم هئا. پر پوءِ جڏهن نيب رئنجر ۽ ايف آءِ اي ٽاڪوڙا وجهڻ شروع ڪيا ته اهڙا هٿ ٺوڪيا CM ٽڙي پکڙي ويا، ڪي دبئي ويا، ڪي لنڊن ته ڪي وري چپ ٿي ويا. باقي هڪ به واڌو سي ايم آهن جيڪي سائينءَ قائم علي جي سرپرستي ڪري رهيا آهن. آرڊر انهن جا صحيحون سائينءَ جون. اڳتي هلي ڇا ٿيندو؟ خدا سڀني ڏي خير ڪندو. سائين عبدالله شاهه 1996_1993ع تائين چيف منسٽر رهيو سائينءَ کي به ساڳيا مسئلا درپيش هئا پر ايترا ڪونه. چيف منسٽري مڙسيءَ سان هلايائين. شاهه صاحب جي دور ۾ انتظامي آفيسرن جا ٽينيوئر مستحڪم رهيا. ڏهاڙي ڏهاڙي ڊي سي ۽ ايس پيءَ جون بدليون ڪونه ٿينديون هيون نه وري ڪو وزير ۽ ايم پي ايز جون بدلين ۾ ڪو ٽائون مقرر هونديون هيون.

سائين جي دور ۾ مان به خيرپور جو ڊي سي هيس 1995 ۽ 1996ع ۾ انتظام هلائڻ جو ۽ ڊي سي ۽ ايس پيءَ کي قابو رکڻ جو سندس نرالو اسٽائيل هوندو هيو.

مان سان جن سب آرڊينيٽس ڪم ڪيو آهي، انهن مان ڪيترن ئي وڏو نالو ڪڍيو. عباس بلوچ ڪمشنر سکر، منهنجي وقت ۾ نري ميرواهه ۾ ايس ڊي ايم هيو. مانيٽو ملنسار_سندس نوڪريءَ جو بنياد پروٽوڪول هيو. تنهن جي ڪري به لڳ لاڳاپو

Gul Hayat Institute

رکندڙ ۽ عزت ڪندڙ آهي.

تنهن دور ۾ اڄ جو مشهور وڪيل ۽ ايڊووڪيٽ جنرل بيريسٽر ضمير گهمرو AC/SDM ڪوٽڏيجي منهنجي سيني SDMs کان عمر ۾ ننڍو، CSS ۽ PCS پاس ڪئي هئائين. PCS پهرين پاس ڪئي هئائين ۽ اچي ڪوٽڏيجي ۾ لڳو. هيو به خيرپور ضلعي جي 'گهمرا' ڳوٺ تعلقي ڪنگري، پير جو ڳوٺ جو. پڙهڻ جو شوقين هيو، انگريزي سٺي لکندو ۽ ڳالهائيندو هيو. سٺي فيمليءَ جو آهي. پر آفيسر ٺيٺ ۾ سندس محنت جو عمل دخل گهڻو آهي. انقلابي خيال رکندڙ آهي. سيني آفيسرن ۾ ذهني طرح مونکي ضمير گهمرو وڌيڪ ويجهو هيو. منهنجي ۽ SSP جي وچ ۾ جيڪو ڦڏو هلي رهيو هيو ته مونکي چوندو هيو ته سائين: "توهان درويش آهيو. ڏاڍو درگذر ٿا ڪريو." مون هن کي سمجهايو هيو ته ڪليل جهيڙي ۾ پنهنجو به نقصان ٿيندو. جيڪي ڪم ايس پي ڪري ٿو پنهنجي ڪوٽيل ڪڌ ۾ خود ئي ڪرندو. پوءِ جڏهن هن جون مون انڪوائريون ڪيون، ڪيس خيرپور ۽ سنڌ مان ڪڍيو ويو.

ڪوٽ ڏيجي جي سب ڊويزن ڏاڍي ماني ۽ پرسڪون هوندي هئي. ٻن تعلقن تي مشتمل هئي، هڪ ڪوٽڏيجي ۽ ٻيو سوراهه –نارو- نارو ته گهڻو ٽڙون ريگستان تي ٻڌل هيو. ايراضيءَ ۾ وڏو تعلقو هيو. هڪ طرف وچي انڊيا جي راجستان سان ٿي لڳي. ته ٻئي طرف سکر ۽ گهوٽڪيءَ جي ٿر سان ۽ ڏکڻ ۾ سانگهڙ جي اڇڙي ٿر سان. هن تعلقي ۾ گهڻو ڪري پير صاحب پاڳاري جا مريد/حر رهندا آهن. جيڪي گهڻو ڪري پرامن آهن. هاڻي ان علائقي ۾ گيس ۽ تيل نڪري پيو آهي. تنهنجي ڪري ڪافي بهتري ايندي پئي وڃي. ڪوٽڏجي به ميرن جي ٻي گادي هئي، اتي به ميرن جو اثر رسوخ هيو. پر هاڻي PPP جو اثر وڌيڪ آهي. منظور حسين وسان جو ڳوٺ به هن تعلقي ۾ آهي ۽ سندس اثر رسوخ به هن تعلقي ۾ وڏي ويو آهي.

## ضمير گهمري جا جلوا

هڪ شام ضمير گهمرو AC/SDM شهر ۾ قيمتن جي چڪاس لاءِ ويو. ڪن دوڪاندارن تي ڏنڊ واڏائين اتي هڪ سياسي ليڊر منظور بگٽي به ڪٿان اچي ويو ۽ AC/SDM سان هن جي منهن ماري ٿي پئي، منظور بگٽيءَ کي سيد پرويز شاهه جي ٽيڪ هئي. ضمير مون کي سڄي روئداد ٻڌائي ۽ اهو به چيو ته هو رئنجر وٺي منظور بگٽيءَ جي ڳوٺ ويندو ۽ کيس قيد ڪري لاڪپ ڪندو. مون کيس منع ڪيو ته قصو سياسي ٿي ويندو. نتيجي ۾ آفيسرن کي ئي نقصان ٿيندو آهي. گرم خون، ضمير نه مڙيو. وڃي منظور بگٽيءَ کي قابو ڪيائين. مٿان احڪامات آيا، ته منظور کي آزاد ڪيو ويو. مون کي خراب



لڳو. پنهنجي مضبوط پوزيشن کي ڪمزور ڪري ڇڏيائين.

ٻئي ڏينهن تي پرويز علي شاهه. جيڪو صوبائي وزير هيو. پنهنجي گروپ جا ڪجهه ايم پي اي ۽ وزير وٺي وڏي وزير وٽ ان ڏانهن سان پهتو ته ضمير گهمري، منظور وساڻ جي چرچ تي سندس بي عزتي ڪرڻ لاءِ سندس سياسي ورڪر منظور بگٽيءَ کي قيد ڪيو آهي.

رات جو ٻارهين بجي مونکي CM سائين عبدالله شاهه جو فون آيو. ضمير تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيائين. مون کين چيو ته سائين ضمير جو ڏوهه ناهي، اڳرائي منظور ڪئي آهي. هن سان وچ بازار ۾ منهن ماري نه ڪري ها ته ضمير ائين نه ڪري ها. ضمير به جيڪڏهن ائين ڪيو آهي ته هن انتظاميا جو منهن مٿي ڪيو آهي. انتظاميا به توهان جي آهي اسان به توهان جا آهيون. وچ شهر ۾ اسان جي بي عزتي ٿيندي ته پوءِ توهان جا ڏنل اختيار ڪير هلائي سگهندو.

شاهه صاحب منهنجي ڳالهه ٻڌي ٺڏو ٿيو. چيائين "چڱو چڱو. هن کي چئو ته آئنده اسان جي ڪارڪنن سان چڱي طرح هلي."

ڳالهه ختم ٿي وئي، پر اصل ۾ ختم نه ٿي. ڪجهه فيصلا ٿي ويا هئا.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ضمير جي بدلي ٿي ۽ ٺٽي الهيار جو AC/SDM ٿي ويو ۽ سندس جاءِ تي مشهور بيوروڪريٽ ثاقب سومرو AC/SDM ڪوٽڏيجي مقرر ٿيو.

## مون کي دٻ!

اسان جشن خيرپور ڪيو ته ڊان گروپ جي حيدرآباد سرڪيوليشن چيف لڇمڻ ٽڏاڻيءَ جلوو ڏيکاريو. اچي خيرپور پهتو. چيائين ته جشن خيرپور جي موقعي تي ڊان جي طرفان سپليمينٽ ڪڍندس، مون چيو ته بابا اسان وٽ ڏوڪڙ ڪونهن. هو نه مڙيو. اخبار لاءِ ڊيزائين اسان جي لاڏلي نديم گل عباسيءَ ڪيو. جنهن کي عابد شاهه ۽ قربان منگيءَ جي مدد هئي، مون کي ٽائيم ڪونه هيو. ڏاڍو مصروف هيس. جڏهن جشن خيرپور جي سپليمينٽ ڇپجي آئي ته سائين قائم علي شاهه، اسد شاهه ۽ پرويز شاهه جا وڏا وڏا فوٽا، باقي چيف منسٽر عبدالله شاهه جا ۽ ٻين ليڊرن جا ننڍا ننڍا فوٽو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سائين عبدالله شاهه ساجد ڀانيڻ ايم پي اي جي شاديءَ تي آيو. جيئن ئي مون تي نظر پيس ته باهه ٿي ويو. چڱي خاصي لپري لاٿائين. چوڻ لڳو ته اها سپليميٽريءَ ڇپائي ڇڙو تو پنهنجا فوٽو سرڪاري خرچ تي ڪڍايا. چيائين هاڻي جو هاڻي وڃ ۽ مونکي رپورٽ ٺاهي موڪلي ڏي. سندس ڪاوڙ ڏسي سوچيم ته نوڪري وئي، شادي ۾ شرڪت کان سواءِ خيرپور موٽي آيس. رسول بخش بلوچ سيڪريٽري ٿو سي ايم

Gul Hayat Institute

سان ڳالهايو خبر پئي تہ خيرپور جي کھڙي سياستدان ممڻ مچايو هيو ۽ CM کي اخبار ڊيکاري هئي، حالانڪ ظاهري طرح اها ڪاوڙيا 'چغلي' جيلاني گروپ جي خلاف هئي، پر ان جو نشانو مان بڻيس. رپورٽ ڻاهي موڪلي ڇڏي پر پوءِ خير ٿي ويو. وڏيڪ چرپر ڪونہ ٿي، جيڪا ٿي، سا ٿي.

شاهہ صاحب ڪامورن کي دپ تہ چاڙهيندو هيو پر هروڀرو نقصان ڪونہ پهچائيندو هيو. هر سياست دان وانگر هو بہ اهو چاهيندو هيو تہ هر سطح تي هر طرح سندس ٻين کان وڏيڪ اهميت هجي. ڪامورن جو هڪ طريقي سان ڇپر ڇانءَ بہ هوندو هيو. ڪنهن کي بہ نقصان ڪونہ ڏنائين. ها باقي ڪنهن سان وير هيو تہ اهو بخش نہ ڪيائين. هر وزيراعظم، وزيراعليٰ، وزير ۽ سياستدان جو مزاج پنهنجو پنهنجو هوندو آهي. انهن کي صحيح سمجهي انهن سان ورتاءُ ڪرڻ، هڪ فن آهي، ۽ اهو آرٽ بہ آهي تہ سائنس بہ آهي. مان اڳ ۾ بہ چئي آيو آهيان تہ خيرپور وڏن وڏن شخصيتن ۽ سياستدانن سان پُري پئي آهي، پير بہ گهڻا، مير بہ گهڻا، سيد اولياءِ فقير بہ گهڻا، وزير بہ گهڻا تہ جاگيردار بہ گهڻا، ايترن پريشر گروپس ۾ ڪم ڪرڻ ۽ سيني کي رس ۾ رکڻ لاءِ ڪاموري ۾ جيترين اهي خصلتون اوترو هو اتم ۽ ڪامياب. مون ڪوشش ڪئي تہ هروڀرو ڪنهن کي ناراض بہ نہ ڪريان ۽ پنهنجو پاند بہ نہ پسايان. لطيف سائين جي چوڻ مطابق تہ:

مونکي مون پرين ٻڌي وڏو ٻار ۾
ايا ائين چون، متان پاند پسائين!
لطيف

راند ڏاڍي ڏکي هئي، پر ڪوشش ڪئي تہ عزت، احترام ۽ رواداريءَ وارو رستو قائم رکجي ۽ گهڻي حد تائين اهو قائم بہ رکيو.

## منهنجي ڌيءَ صفيہ جي شادي

صفيہ قادر منگي منهنجي وڏي ۾ وڏي ڌيءَ آهي. منهنجي شادي ڊسمبر 1970ع ۾ ٿي. صفيہ سيپٽمبر 1971ع ۾ ڄائي. منهنجي گهر واريءَ جي وفات وقت 1991ع ۾ صفيہ جي عمر 19 سال کن هئي.

منهنجي گهرواريءَ کان پوءِ سڄي گهر جي ذميواري هن پاڻ تي کنئي ۽ خوش اسلوبيءَ سان نڀائي هئي. اسان چار ڄڻا گهر ۾ هوندا هئاسون. مان ۽ ٽي منهنجا ٻار. هن مون کي بہ سنڀاليو. پنهنجي ڀاءُ ڀيڻ جو بہ خيال رکيو ۽ پاڻ کي بہ سنڀاليو. ها ايترو ٿيو تہ سندس تعليم ايم اي پريويس کان پوءِ ختم ٿي وئي.



سندس شادي فئمليءَ ۾ سندس ماسات لال ڏني سان طئي ڪئي وئي، جيڪو پنهنجاڻپ جو ڏاڍو منهنجي گهرواريءَ جي وفات جي ڪري ٽٽي ويو هيو ان کي مون نئين سري سان ڳنڍيو. ان شاديءَ ۾ سندس مامي سرور منگيءَ جو بہ عمل دخل هيو هن جي راءِ کي مان وڏي اهميت ڏيندو آهيان. هن صورت حال ۾ جڏهن سندس والده جو Death ٿي ويو هيو تہ سندس مامي جي راءِ منهنجي لاءِ گهڻي اهميت پئي رکي، جنهن وقت صفيہ جي شادي ٿي رهي هئي ان وقت سندس ٿيڻ واري گهوٽ کي لاڙڪاڻي ۾ اسسٽنٽ مختيارڪار جي نوڪري هئي. هن جو نالو لال ڏنو آهي پر مان کيس پيار مان لال ڪوٺيندو آهيان. هن وقت قاسم آباد جو اسسٽنٽ ڪمشنر آهي، ٻارن سان حيدرآباد ۾ مستقل طور سيٽلڊ ٿيل آهي، کيس چار ٻار آهن. ٻہ پٽ ٻہ نياڻيون، وڏي پٽ دانيال جي عمر 19 کن سال آهي.

منهنجي پهرين ٻار جي شادي اپريل 1996ع ۾ ٿي هئي، مون چاهيو پئي تہ اها ڌام ڌوم سان ٿئي، علائقي جا معزز ترين مهمان ۽ منهنجا مائٽ ۽ دوست پوري سنڌ مان اچي شريڪ ٿيا. خيرپور جا تقريباً سڀ اهم ترين ماڻهو آيا، لاڙڪاڻي جا بہ وڏا ماڻهو آيا، سنڌ جي جن جن جڳهن تي مون نوڪري ڪئي هئي، اتان جي ماڻهن شرڪت ڪئي ۽ منهنجي نياڻيءَ کي پنهنجي دعائن ۾ الوداع ڪيو.

صفيہ جي شاديءَ کان پوءِ اسان جو گهر اسان کي خالي خالي پئي لڳو گهر ۾ مان، ذڪيہ قادر ۽ انيس قادر وڃي رهياسون. مان نوڪريءَ سان، انيس قادر چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ پنهنجي ڊاڪٽريءَ جي پڙهائي ۾ مصروف، ذڪيہ گهر ۾ اڪيلي، گهر ڪاٽڻ پئي آيو ذڪيہ پنهنجي وڏي ڀيڻ جو رول ادا ڪيو. هن جي گهر ۾ اڪيلائيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ مامي ديدار حسين جي ڌيءَ رفعت کي اسان پاڻ سان رهايوسي. هن منهنجي ٻارن سان گڏ سندن ماءُ جو ٿڃ (ڪيرا) پيتو هيو ان حوالي سان هوءَ سندن رضائي/ ٿڃ شريڪ ڀيڻ بہ هئي، رفعت پوءِ خيرپور مان بي ايس سي هوم ايڪانامڪس ۾ ڪئي، ذڪيہ قادر پيپلز ميڊيڪل ڪاليج نواب شاهہ ۾ پڙهي رهي هئي پر ٽئين سال ۾ هن ڪاليج کي ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو.

## منهنجي ٻي شادي

صفيہ جو گهر ۾ خال نہ پُرجي سگهيو. منهنجي سوشل ۽ فيملي لائيف هڪ طرف ۽ مٽن مائٽن ۽ ڀيڻ جو زور ٻئي طرف وڌندو پئي ويو تہ مان شادي ڪريان. گهر جو ڪار وهنوار ٺپ، منهنجيون اڪيلايون ۽ پريشانيون پنهنجي جاءِ تي. داروءَ جو استعمال سرس ٿي ويو. مان جڏهن نئون نئون خيرپور ۾ ڊي سي ٿي آيو هئس تہ هڪ معزز خاندان

Gul Hayat Institute

جي معزز خاتون جا اهي Comment (راءِ/ٽيڪا ٽپڻي) مون تائين پهتي ته،

*ڈی سی صاحب آئے اکیلے ہیں لیکن خیرپور سے اکیلے جائیں گے نہیں!*

دلچسپ راءِ هئي، اها ڪمينٽ پهچائڻ واري کي مون چيو هيو ته ان اديءَ کي شايد منهنجي بدليءَ کان پوءِ پنهنجي راءِ بدلڻي پوي.

سچ ته مان هاڻي پڇي پُري رهيو هوس. منهنجي ننهي ٻارن به اهو محسوس ڪيو ته مان اڪيلوءِ اداس ٿو ٿيندو وڃان. هنن شروع شروع ۾ مون سان شاديءَ جو ذڪر ڪيو. صفيه ليڊر هئي، مون ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي. خيرپور جي وقت جو ئي منهنجو هڪ غزل آهي، ان جا ڪجهه شعر منهنجي حال جي اظهار لاءِ ڪافي آهن.

سياري جي ڊگهي رات ۾ اڪيلائي،
تنهنجي آ رڳو تات ۾ اڪيلائي،
بي ترتيب ڪمرو وکريل چيزون،
گهربل آ تنهنجي ذات ۾ اڪيلائي،

شديد مايوسيءَ ۾ ڊپريشن ڏانهن وڌي رهيو هيس. بلڊ پريشر ته هيو ڊاڪٽر چيو ته پنهنجو خيال ڪر، وڌيڪ ڊپريشن چڱي نه آهي، شيزو فرينا جي طرف وڃي رهيو آهين، بهتر آ ته شادي ڪر. هن ڪجهه گوريون به ڏنيون. انهن سان ڪجهه حالت بهتر ٿي، ملڻ جلڻ وارن کي خيرپور جي دوستن کي ۽ ٻارن کي ڪوشش ڪيم ته ڪل نه پوي ان حال جي، پر، ڏسڻ وارا به قيامت جي نظر رکن ٿا.

ٻارن ڪجهه رشتا، تجويز ڪيا، مان ڪنهن به اهڙي ڇوڪريءَ سان رشتو نه پيو ڪرڻ چاهيو جيڪا عمر ۾ مونکان گهڻي ننڍي هجي يا ڏسڻ ۾ مونکان گهڻو ننڍي لڳي، مون چپ ڪئي. خدا کي ڪجهه ٻيو منظور هيو. پر مون ڏسي وائسي غلطي نه پئي ڪرڻ چاهي.

جيڪو سال ڏيڍ مون کي خيرپور ۾ گذريو هيو ان دوران شهر جي تقريباً سيني معزز ترين ماڻهن سان منهنجا پنهنجائپ وارا ۽ غير رسمي تعلقات استوار ٿي ويا هيا، عام گپ شپ کان علاوه سنجيده ۽ گهرو معاملن ۾ مسئلن تي به ڳالهائي سگهندا هئاسون، ڪي دوست ته موڪلن وارن ڏينهن تي به منهنجي گهر تي گپ شپ لاءِ ايندا هئا، اهڙي ئي هڪڙي ڏينهن هڪ معتبر ماڻهوءَ جنهن جو مان هميشه ٿورائتو رهندس، منهنجي شاديءَ جي ڳالهه چوري چوڻ لڳو ته "توهان اڃان 50 سالن تائين به نه پهتا آهيو اڃان ٻارهن تيرهن سال نوڪري به آهي ۽ نوڪري ۾ اسٽيٽس به سٺو آهي، پريشان به رهو ٿا، توهان شادي ڪريو."

وري ڳالهه وڌائيندي ڪجهه ممڪن رشتا به مونکي تجويز ڪيائين، جنهن ۾



منهنجي موجوده گهرواريءَ جو نالو به شامل هيو هن اهو به ٻڌايو ته ڪيس ڪنهن به رشتي لاءِ ڪونه موڪليو آهي نه ڪنهن فيمليءَ سان منهنجي ان بابت ڳالهه ٿي آهي، توهان آماده هوندا ته سڀ سوري سگهجي ٿو. مونکي هيءَ رشتو مناسب پئي لڳو پر مون کي اندازو نه هيو ته سندس گهروارا ڪيئن رد عمل ڏيکاريندا. مون چپ ڪئي، شادي ڪرڻ تي دل به چوي پئي، پر شادي ڪرڻ کان لنوايو به پئي.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ وري جڏهن گهر ۾ ڳالهه نڪتي ته مون عزيز فاطمه جو ٻين تجويز ڪيل عورتن سميت ڪين نالو ڏنو.

منهنجون نياڻيون ڪاليج ۾ پڙهنديون هيون. عزيز فاطمه سان سندن اٿڻ ويهڻ هيو سندس گهر به اينديون وينديون هيون. ٻارن ٻين ڪجهه نالن سان گڏ هن جو نالو به پسند ڪيو.

ٻارن ته آمادگي ڏيکاري هئي، منهنجي سالي ۽ ماسات سرور منگيءَ ۽ ٻين ماڻهن سان به ڳالهه ٿي، اهي به راضي هئا.

## شاديءَ جو رشتو

ڊاڪٽر سليم ۽ نعيم احمد ڪرل سان غير رسمي طرح عزيز فاطمه جي رشتي لاءِ سندن گهر ۾ ملاقات ڪئي ۽ ڪين پنهنجو ارادو ٻڌايو. ڪين چيو ته جيڪڏهن هو مناسب سمجهن ته رشتي کي اڳتي هلائجي نه ته چڻ ڳالهه ٿي ئي ڪونه. هنن پاڻ ۾ صلاح مشوري لاءِ ٽائيم گهريو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪليئرنس ملي ته "رسمي طرح رشتي لاءِ وڏي ڀاءُ عبدالرشيد ڪرل وٽ ڪراچيءَ اچو."

اسان جي طرفان علي حسن منگي صاحب مرحوم جو پٽ آفتاب منگي، آفتاب جي ڀيڻ ڊاڪٽر انور منگي ۽ سندس مڙس ڊاڪٽر عبدالله منگي منهنجو رشتو ڪٽي عبدالرشيد ڪرل صاحب وٽ ويا، جتي اهو رشتو طئي ٿي ويو. منائي ورهائي آيا، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ شاديءَ جي پڌري، صفيه ۽ لال ڪري آيا. شاديءَ جي تاريخ 8 آگسٽ 1996ع مقرر ڪئي وئي. ٻنهي گهراڻن جا ويجها مائٽ شاديءَ ۾ شريڪ ٿيا.

شادي ايترو جلدي طئي ٿي، جو منهنجي دوست ۽ ساٿي ايس ايس پي غلام قادر ٿيٻو کي به شاديءَ جي طئي ٿيڻ کان پوءِ ان رشتي جي خبر پئي، شاديءَ ۾ ٻاهرين مهمانن مان صرف ٿيٻو صاحب هيو.

خير خوبيءَ سان 8 آگسٽ تي شادي ٿي گذري، ڪنهن ڪيئن چيو ڪنهن ڪيئن چيو پر ويهه سال ٿي ويا آهن، نڀندي رهي آهي، ٻه پٽ به ٿيا آهن، هڪ محمد اريس ۽ ٻيو

Gul Hayat Institute

علي حميص قادر فيمليءَ ۾ هاڻي منهنجا سڀ ٻار پاڻ ۾ مٺ محبت سان رهي رهيا آهن.

نومبر 1996ع ۾ منهنجي خيرپور مان بدلي ٿي ته مان اتان اڪيلو روانو نه ٿيو هيس، عزيز فاطمه به منهنجي گهرواري ٿي گڏ هلي آئي هئي. ان خاتون جا اهي لفظ ته جڻ پيغمبرانه ثابت ٿيا هئا. مان ان دعا لاءِ عمر پر سندس ٿورائتو رهندس. جنهن ۾ هن چيو هيو ته "ڊي سي اڪيلو آيو آهي پر ويندو اڪيلو ڪونه. مائي صاحب تو ڪٿيو مون هارايو!"

شاديءَ کان اڳ ۾ منهنجي زال ليڪچرر هئي. شاديءَ کان پوءِ پڇيائين ته "نوڪري ڇڏيان يا جاري رکان." مون ڪيس ئي اهو اختيار ڏنو ته جيئن پاڻ مناسب سمجهي ۽ اهڙو فيصلو ڪري. هن نوڪري جاري رکي. هاڻي 19هين گريڊ ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ تعليم کاتي ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري آهي.

## محترمه بينظير ڀٽو جي عورتن ۾ زمين ورهائڻ جي پاليسي

هر سياسي حڪومت عوام کي خوش رکڻ لاءِ ڪونه ڪو سياسي ايجنڊا کڻي ايندي اهي، جيئن 2008ع ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP) متعارف ڪرايو ويو. اهو پروگرام ايترو ڪامياب ويو آهي جو ڀهراڙيءَ جون مايون ته ووٽ ئي PP کي ان ڪري ٿيون ڏين جو سندن چواڻي سندن ڀيڻ بي نظير هر مهيني کين پيسا موڪلي ٿي.

ساڳي طريقي سان محترمه بي بيءَ جو ٽارگيٽ گروپ عورتون رهيون آهن. 96-1993ع واري دور ۾ پاڻ اهو پروگرام آندائون ته ڀهراڙيءَ جي هاريءَ عورتن کي سرڪاري زمين گرانٽ ڪجي. ان سلسلي ۾ سرڪاري زمين جي سروي ڪئي وئي، ڪن ٻين ضلعن ۾ زمين هاري عورتن ۾ ورهائي وئي. ساڳيو پروگرام خيرپور ۾ ٺاهيو ويو اتي ديهه تجل چونڊي وئي، ديهه تجل ۾ اثر رسوخ پير صاحب پاڳاري جو آهي. اتي پروگرام اهو ٺاهيو ويو ته نه صرف ديهه جي عورتن کي پر ٻاهرين عورتن کي به زمين الاٽ ڪجي ته هن علائقي ۾ پي پيءَ جو به اثر رسوخ وڌي وڃي. اهو به چيو ويو ته اتي جيڪي وڏا واريءَ جا دڙا آهن انهن کي ڊاهي پٽ ڪري زمين کي آباديءَ جي لائق ڪري هارياڻين کي ڏني وڃي. ان مقصد لاءِ جيڪي سنڌ سرڪار وٽ بلڊوز آهن انهن کي ان ڪم تي لڳايو وڃي، ان ڳوٺ کي ماڊل ڳوٺ ٺاهيو وڃي. اتي اسڪول ۽ اسپتال، پي سي او، بجلي ۽ ٻيون زندگيءَ جون سهوليتون به فراهم ڪيون وڃن. ان مني پروجيڪٽ لاءِ بلڊوز اچي ويا. ٻيو ڪم به شروع ٿي ويو. اهو تجل جو ريسٽ هائوس تاريخي ريسٽ هائوس آهي، اتي تڪيل ايس پي غلام رسول شاه صاحب کي 1942ع واري زماني ۾ حرن حملو ڪري قتل ڪري ڇڏيو هيو. هن ايس پي صاحب لاءِ چيو ويو ته ان پير صاحب سورهيه بادشاه کي گرفتار ڪيو هيو.



اهو خاص ڏينهن اچي ويو ته سنڌ جا سڀ وزير ڪبير به اچي اتي حاضر ٿيا. بينظير صاحب به آئي. ڪالونائيزيشن آفيسر پير ضياءَ الحق سهرورديءَ پاران ٺاهيل سندون عورتن ۾ ورهايون ويون. بينظير صاحبه ماڊل ٽائون گهميو. اسڪول ۽ اسپتال ڏٺي. انتظاميا ۽ ڊي سيءَ سميت سڀني کي شاباس ڏني. سي. ايم سائين عبدالله شاه سان رواني ٿي وئي.

## غلام علي شاه پاشا، سکر جو ڪمشنر

جنوري 1996ع ۾ نثار احمد صديقيءَ سکر ڊويزن ۾ تقريباً ٽي سال پورا ڪيا، ڪيس حيدرآباد ڊويزن جو ڪمشنر مقرر ڪيو ويو. سيد غلام علي پاشا کي سکر جو ڪمشنر مقرر ڪيو ويو. ٻنهي جي ڪم ڪرڻ جي طريقي ۾ وڏو فرق هيو. صديقي صاحب هر شيءِ تي پاڻ نظر رکندو هيو ڪڏهن ڊي سي تي ويندو هيو ڪڏهن ايس پي ته ڪڏهن صوبيدار ته ڪڏهن انجنيئر. مونکي سندس ورڪنگ ان ڪري وڻندي هئي ته هو هر اهم مسئلي کان ذاتي طرح واقف هوندو هيو تنهن ڪري اسان خبردار رهندا هئاسون ۽ بهتر ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئاسون ته غلطي نه ٿئي. ساڳي طرح پنهنجن زيردستن تي به نظر رکندا هئاسون. خوش نصيبيءَ سان صديقي صاحب ۽ منهنجي وچ ۾ ڪنهن به قسم جو پاڻ ۾ ڦڏو ڪونه ٿيو. ڪم ڪرڻ جا تعلقات ڏاڍا سٺا رهيا.

تعلقات ته پاشا صاحب سان به سٺا رهيا. پر پاشا صاحب جي وقت ۾ آفيسرن کي چوٽ وڏيڪ هئي، معتبر ماڻهو هيو.

## ڪجهه دوستن جي اچ وڃ

سڪ وارن دوستن لاءِ خيرپور ۾ منهنجي پوسٽنگ سندن اچڻ وڃڻ لاءِ مرڪز بڻي، سندن خيرپور ۾ ته ڪو ڪم ڪونه هوندو هيو. پر سکر ۾ اچڻ وڃڻ اڪثر ٿيندو هيو ته مون وٽان به پيرو پڇندا هئا.

## پير ضياءَ الحق سهروردي

پير ضياءُ الحق سهروردي منهنجو پيارو ۽ عزيز دوست آهي. ان زماني ۾ ڪالونائيزيشن آفيسر سکر بيراج هيو سندس هيڊ ڪوارٽر ته حيدرآباد هوندو هيو پر سرڪاري ڪم ڪار سانگي لاڙڪاڻي ۽ سکر جا به سندس دورا ٿيندا رهندا هئا.

سندس اصلي اباڻو ڳوٺ ته پريا، نوشهرو فيروز ضلعي ۾ آهي پر هينئر حيدرآباد ۾ Settled ٿي ويو آهي. سندس خوبصورت گهر حيدرآباد جي، مشهور سٽيزن ڪالونيءَ ۾ آهي، جنهن ڪالونيءَ ۾ شمس جعفراڻي به رهي ٿو. پير ضياءُ الحق جو نانو پير قربان، نوابشاه ضلع ڪائونسل جو اسپيڪر رهيو آهي ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو 1955ع تائين

Gul Hayat Institute

ميڊيڪل ۾ ته سليڪٽ نه ٿي سگھيو پر هو ڏُن جو ڏاڍو پڪو BDS ۾ چونڊجي ويو اهو ته سندس لاءِ وڏيڪ سٺو ٿيو. 1972ع ۾ ڊينٽل سرجن ٿي ويو ۽ ٽريننگ لاءِ جناح اسپتال ۾ مقرر ٿيو. هندو هجڻ جي ڪري ڪيس مشڪلاتون ته آيون پر وچي پار پيو ۽ پڪو ڊاڪٽر ٿي ويو.

غلام عباس سومرو صاحب اسان جو چاچو ۽ اڪبر سومري جو پيءُ چيف منسٽر سنڌ محترم ممتازعلي خان ڀٽي جو PRO ۽ سينيئر اسسٽنٽ ڊائريڪٽر انفرميشن هيو. هن جي هلندي پڄندي گھڻي هئي ۽ نئون نئون ون يونٽ ٽٽو هيو. سنڌ ۾ پي پيءَ جي حڪومت قائم ٿي هئي، نوڪرين ۾ آفيسرن جو هر هنڌ خال هيو. عباسي شهيد اسپتال به نئين نهي هئي. ڊاڪٽرن جي ڀرتي ٿي رهي هئي. ڊينٽل سرجن ته بنهه گھٽ هئا. ڊاڪٽر پرڪاش هٿ پير هنيا. ڪجھه چاچي غلام عباس جي مدد ٿي، مهاجرن جي علائقي ۾ پرڪاش کي ڊينٽل سرجن جي نوڪري ملي وئي. ڊاڪٽر پرڪاش ان اسپتال جو پهريون ڊينٽل سرجن هيو. پروموشن وٺندي اتي ئي 21 گريڊ ۾ 2008ع ۾ رٽائرڊ ٿيو ڏاڍا لاها چاڙها آيس، ڌمڪيون به مليس، پر اسپتال ۾ ئي رهيو. رهائش به KNC جي فليٽس ۾ گرومندر ۾ رکيائين، جتي ٽيهن (30) سالن کان به وڌيڪ رهيو. ريٽائرمينٽ کان پوءِ عبدالله شاهه غازيءَ جي ڀرسان گھر ورتائين D-96، اتي رهي ٿو ۽ ڪلينڪ به اتي ئي ڪري ٿو. شروع ۾ نوڪريءَ سان گڏ نصير شيخ جي هلال هاسپيٽل ۾ ڊينٽل ڪلينڪ کوليائين ۽ وڏو عرصو اتي ڪم ڪيائين.

تيز ترار دوست آهي، ڏندن جو ڊاڪٽر، هٿ ۾ اک جو پڪو پيسا به نيڪ ٺاڪ گڏ ڪيائين ۽ سنڌ جي سينيئر بيورو ڪريٽس سان تعلقات به گھڻا ٺاهيائين. اسان کي اسسٽنٽ ڪمشنر هوندي به جڏهن ڪراچيءَ ۾ سيڪريٽريٽ جي گيٽ وارو به نه سڃاڻندو هيو ته پرڪاش جا هوم سيڪريٽريءَ ۽ چيف سيڪريٽريءَ سان تعلقات هوندا هئا.

آءٌ جتي جتي بدلي ٿي ويندو آهيان پرڪاش به اتي اچي ويندو هو مون وٽ، مان سندس ٿورائتو آهيان. خيرپور به ايندو رهيو. هڪ دفعي پنهنجو هڪ سنڌي دوست وٺي آيو جيڪو هيو ته هالاڻي جو پر آمريڪا وڃي پهتو جتي ڪيس نيشنلٽي مليل آهي ۽ آمريڪي شهري آهي. ڊاڪٽر گيهاڻي آمريڪا ۾ ڏندن جي وڏن ڊاڪٽرن مان هڪ آهي.

هن کي هن دفعي پنهنجي جنم ڀوميءَ جي سڪ سڏيو. ڪراچيءَ آيو. سندس ملاقات آمريڪا ۾ ئي ڊاڪٽر پرڪاش سان ڪنهن ڪانفرنس ۾ ٿي هئي، پوءِ ته پرڪاش کي پاڻ وٽ رهايائين ۽ ڪيترا ڏينهن سندس خدمت ڪيائين ۽ آمريڪا جو



پنهنجي خرچ ۽ پنهنجي گاڏيءَ ۾ سئر ڪرايو. پرڪاش به ڪيس سنڌ ۽ سندس شهر هالاڻيءَ گھمڻ جي دعوت ڏئي آيو هيو. ڊاڪٽر چندرو گيهاڻي وڏيڪ موهجي پيو هيو. ڊاڪٽر پرڪاش کي به دنيا گھمڻ جو وڏو شوق آهي، شوق ڇا آهي اصل مرض آهي، جڏهن ڪو ٻاهريون هندو سنڌي يا سنڌي مسلمان جيڪو ٻاهر رهندو هوندو ان سان ياري ڳنڍيندو. پوءِ موقعي جي حساب سان ملڪ جو چڪر ڏيندو ته ان دوست کي ميزبانيءَ جو شرف ضرور بخشيندو. آمريڪا سميت دنيا جا ڪيترائي ملڪ گھمي آيو آهي، آمريڪا ۾ سندس پٽ پڙهيو ۽ اتي ئي نوڪريءَ ۾ ڪمپيوٽر اسپيشلسٽ آهي، ۽ پنهنجي گھرواري ڊاڪٽر ڪنچن سان رهي ٿو. ويجھڙائيءَ ۾ پرڪاش به لنڊن، ڪئناڊا ۽ آمريڪا مان گھمي آيو آهي.

## ڊاڪٽر چندرو گيهاڻيءَ جو گھر

ڊاڪٽر چندرو گيهاڻي به ڪنهن ڊينٽل ڪانفرنس ۾ اچي ڪراچي پهتو. ڊاڪٽر پرڪاش سندس ڪراچيءَ ۾ ته آءٌ ڀيٽ ڪئي، پر ڪيس سندس ڳوٺ هالاڻي ۽ سندس ته ماڙپڪي جاءِ ڏيکارڻ لاءِ مون وٽ خيرپور به وٺي آيو. ٻئي ڏينهن ڪين پوليس اسڪارٽ ۽ مئجسٽريٽ ڏئي هالاڻيءَ موڪليو. هالاڻي خيرپور کان ڪلاڪ ڏيڍ جي ڊرائيو تي آهي، پڇا ڪري گھر لهي ويا. در تي پهچي چندرو چانئٺ تي منهن پر ليٽي پيو ۽ چانئٺ چمڻ لڳو. پٽين ۽ درن کي ڀاڪر پائڻ لڳو. گھروارا ٻاهر نڪري آيا. انهن جو پوليس ۽ گاڏيون ڏٺيون ته ڏاڍا حيران ۽ پريشان ٿيا. ڪين ماجرا ٻڌايون. چندرو دل کولي، رانپاٽ ڪري رنو. جڏهن سامت ۾ آيو ته گھروارن ڪيس چانهن مانيءَ جي آڇ ڪئي، گھر ۾ ڪا فوتي ٿي هئي. هن گھر اندران ڏٺو. گھر جو وڍيو ٺاهيو. هالاڻيءَ ۾ سندن گھر ۾ ڪو سنڌي ماستر رهندو هيو. جڏهن ڊاڪٽر چندرو گيهاڻي واپس مون وٽ پهتو ته ائين پئي لڳو ته ڄڻ وڏي بارش کان پوءِ آسمان تي ڪڪر ڌوپي ويا آهن. وڻن ٽڻن وانگر ڊاڪٽر به فريش ۽ خوش لڳي رهيو هيو.

پرڪاش پيارو انسان آهي، سندس پيءُ سخاوت راءِ والده ديوي ٻائي، ٻئي ڏاڍا سهڻا هئا ۽ هڪ ٻئي جو جوڙ هئا. ٻنهي جون پوريون اکيون هيون. سندن سيئي ٻار، ڇهه پٽ ۽ چار ڌيئرون به اهڙيون ئي سهڻيون آهن. سندن هڪ وڏي ۾ وڏي ڀيڻ رجني جي جيڪب آباد جي سريچند سان شادي ٿي هئي. اهي ٻئي، ٻارن سميت 1965ع کان اڳ ۾ ڀارت لڏي ويا. پرڪاش به 1965ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان ڏئي ٻن مهينن لاءِ ڀارت گھمڻ ويو هيو انهن ڏينهن ۾ مون مرزا اديب جو ڪتاب صحرا نورد ڪي خطوط پڙهيو هيو. سو مون به 50 صفحن جو هڪ وڏو خط ڀارت ڏانهن لکي موڪليو. جنهن ۾ رتيديري جو احوال هيو.

Gul Hayat Institute

رتيديري جي بازارن جو منائين جو روڊن رستن جو انهن تي بينل وڏن وڏن سرينهن جي وڻن جو ذڪر هيو. رتيديري جي تاريخ ۽ ڪلچر سمايل هيو پرڪاش رتيديري ۾ موٽي آيو ته اهو خط مون ڪانئس ورتو هيو پر پوءِ گم ٿي ويو.

## قمرالدين جوڻيجو ۽ ميهرچند اوڊ

اڪثر اسڪول جا دوست ميهرچند ۽ قمرالدين خيرپور ايندا هئا. جڏهن منهنجو ڊپريشن وڌي ويندو هيو ته ڳوٺ مان انهن ٻنهي کي گهرائي وٺندو هوس. هو هڪ ٻه ڏينهن مون وٽ رهندا هئا.

## خيرپور پريس

خيرپور جو ادبي لڏو ۽ پريس ڪلب ٻه ڏاڍي برجستي هئي. پريس جا نمائندا ٻه شاعر ۽ ليکڪ هئا. ڪي ته پنهنجي فيلڊ جا منفرد ماسترس هئا. غلام عباس پنهيرو انهن ۾ سيني کان سينيئر آهي، خوش مزاج آهي، منفي رپورٽنگ کان پري آهي. هن جي پويان شاگردن جو وڏو ٽولو آهي، جيڪي سندس نقش قدم تي هلي رهيا آهن. پنهيرو صاحب شاعريءَ جي ٻن ڪتابن جو ليکڪ آهي. مشهور صحافين ۾ منصور ميراڻي، مدثر ڪلهوڙو، عبدالرزاق خلجي (پير ڳوٺ جو) ايم بي سومرو، خان محمد خان (پوين ڏينهن ۾ صحافت ۾ آيو) اعجاز چنا، شوڪت نوناري ۽ ممتاز بخاري ادب سان سلهاڙيل هئا پر پريس ڪلب لاءِ ٻه ٽائيم ڪڍي وٺندا هئا. ممتاز بخاري سکر جو هيو پر خيرپور کي ٻه ويجهو هيو. اياز گل، ادل سومري سان ٻه ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون. مان جڏهن ماضيءَ تي نظر وجهان ٿو ته ڪو به اهڙو واقعو ياد نٿو اچي، جيڪو منهنجي ۽ پريس جي وچ ۾ تلخيءَ جو سبب بڻيو هجي.

## تنوير عباسي

مان جتي ڪٿي نوڪريءَ دوران هميشه ادبي لڏي کي پنهنجي قريب يا پنهنجو حلقو چوندو آهيان ۽ ادبي لڏو به منهنجي ان ڳالهه کي خوش دليءَ سان قبول ڪندو آهي.

خيرپور جو ادبي لڏو دراصل تنوير عباسي جو ڪيڙيل ۽ شاگرد حلقو هيو. تنوير صاحب پنهنجي پوري حياتي خيرپور لاءِ ۽ خيرپور جي ادبي لڏي کي تربيت ڏيڻ ۾ وقف ڪري ڇڏي، اها شاعري هجي افسانو هجي، لطيفيات، سچل يا شيخ اياز هجي، تنوير سيني نوجوان محققن ۽ ليکڪن جي تربيت ڪئي. هن پنهنجي گذرسفر لاءِ ڊاڪٽريءَ ۽ مريضن کي گهٽ وقت ڏنو ادب جي مريضن ۽ متوالن کي وڌيڪ وقت ڏنو چوڻ وارا چون ٿا ته خيرپور ۾ پايي قمر تنوير سندس گهر واري، هن جي پيرن مان ڪڙيون ڪڍي ها



ته ڪيترين ئي يونيورسٽين جو وائيس چانسلر يا وزير ٿئي ها! آخر ۾ وصيت ڪري ويو ته وفات کان پوءِ سندس چمڙي هڏا لياقت ميڊيڪل ڪاليج کي ڏنا وڃن ته جيئن اتان جا شاگرد مرڻ کان پوءِ به هن مان فائدو وٺن. جتان پاڻ ڊاڪٽريءَ جو علم پرايو هئائين. پر سندس پونئيرن ڪيس اسلام آباد جي فيشن ايبل قبرستان ۾ دفن ڪيو.

تنوير عباسي پنهنجو پاڻ ۾ رابندرناٿ ٽئگور هيو ۽ سندس گهر سرمد هائوس شانتي نڪيتن هيو. هن خيرپور ۾ پنهنجا سوين هزارين شاگرد پيدا ڪيا. سقراط وانگر ڪيترن ئي شاگردن کي ’خراب‘ ڪيائين. انهن کي شاعر، اديب ۽ عاشق بڻايائين. جڏهن پاڻ اسلام آباد ۾ گذاري ويو ته خيرپور جي گهٽين ۾ نوجوان پاڻ ۾ ڳراٽڙيون پائي پار ڪڍي رهيا هئا ۽ گهرن ۾ نوجوان اديب ۽ شاعرائون به اوسارا ڪڍي روئي رهيون هيون. ڄڻ هنن جي گهر جو ڪو ڀاتي گذاري ويو هجي.

## مختيار ملڪ

مختيار ملڪ به تنوير عباسي صاحب جو ٻالڪو هيو. سندس روپا به تنوير وارا آهن. هيءُ به شاعر آهي تنوير وانگر. هن جو استار به قوس آهي، تنوير وانگيان. هن جو به ڪلاس آهي تنوير وانگر ۽ هن جا به ٻالڪا (شاگرد، چيلا) آهن. خيرپور جي هڪ طبقي تي هن جو به علمي ادبي اثر آهي. هيءُ به تنوير وانگر جيڪو آهي، ان تي مطمئن آهي. تنوير ان به هلڪيون هلڪيون ڪلفتون رکڻ وارا آهن ۽ هن سان به. دل جو سادو ڪنهن کي ايذاءُ نه پهچائيندو. جنهن جاءِ تي جيڪو ڪم ڪيائين، ان کي ڪمال تي پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ ان ۾ نواڻ پيدا ڪندو. هيءُ جيڪڏهن ريڊيو تي نه هجي ها ته اڃا به اڳتي وڃي ها.

جشن خيرپور ۽ علمي ادبي ڪيتر ۾ مون کي خدمتون ڪرڻ لاءِ هميشه اتساهيندو ۽ مدد ڪندو رهيو. جيڪي به منهنجو ادب ۽ ڪلچر جي حوالي سان خيپور ۾ منهنجون حاصلات آهن، انهن جو جس مختيار کي نه ڏيڻ ساڱس زيادتي ٿيندي.

مختيار نندپڻ کان وٺي علمي ادبي ڏس ۾ پاڻ پتوڙيو آهي. ٻارن جي شاعري ڪيائين. ٻاراڻي اوستا ۾ ئي استادن جي اکين جو تارو رهيو. ادل ۽ ايز جي ٿهيءَ جو انهن وانگر ئي انهن جي جوڙ جو شاعر آهي. شاعريءَ جو هڪ ڪتاب اچي چڪو اٿس. جيڪو شاعريءَ جو پڪو پختو آهي. سندس هڪ ڪتاب کان سندس وڌيڪ ڪتاب اچڻ گهربا هئا.

خيرپور ۾ مختيار مون کي سيني کان وڌيڪ ويجهو هيو. ڪڏهن ڪڏهن دل جا حال به هن سان ونڊيندو هوس.

Gul Hayat Institute

مختيار جهڙا ڪردار، مشڪلاتن جي تلاش ۾ هوندا آهن. هن سان بہ ساڳي ويڌن آهي. ننڍي هوندي جي زندگي ڪا گهڻي خوش گوار ڪونہ گذري. ساماٽيو تہ سڪ ويس. عشق ڪيائين، مخالفتون ڏٺائين. شادي ڪيائين ۽ وڏيڪ ڏکين حالتن ۾ پئجي ويو ۽ انهن ئي ڏکيائين ۾ سندس گهر واري نبيلہ شاهہ جو موت ٿيو. انهن ڏينهن ۾ مان خيرپور ۾ هئس. جيڪا مختيار جي حالت هئي، اها ٻڌائڻ کان ٻاهر آهي. ڏاڍين ڏکيائين کان پوءِ پاڻ کي جوڙي سگهيو. مائٽن چيس "ٻي شادي ڪر". لنوائيندو رهيو. پوءِ جڏهن 'نرگس' سان ٻي شادي ڪيائين تہ مائٽ رنج ٿي ويس. چي: "اسان جي مرضيءَ سان شادي ڇو نہ ڪيئہ؟" اسان مڊل ڪلاس جي گڏيل گهرن جو اهو الميو آهي. هر فيصلو گهر جي هر فرد جي مرضيءَ سان ڪجي.

عجب اتفاق آهي، مختيار جي ٻنهي زالن جا نالا ن سان شروع ٿين ٿا. نبيلہ ۽ نرگس. وري ٻارن جا نالا س (S) سان شروع ٿا ٿين. وڏا ٻار پهرين گهر واريءَ مان: سنگهار ملڪ، سنڌيا ملڪ. ۽ ٻي زال جا ٻار: سلائچ ملڪ ۽ سورٺ ملڪ آهن.

مختيار هينئر ملتان ريڊيو اسٽيشن تي اسٽيشن ڊائريڪٽر آهي. سندس پٽ سنگهار ملڪ CSS ڪري ASP ٿي ويو آهي. فيصل آباد ۾ زير تربيت آهي. سندس سور اڇي گهٽيا آهن.

## حاجي عبدالڪريم ڪرل

(منهنجو سهرو)

حاجي عبدالڪريم ڪرل جا وڏا درياهہ جي ڪنڌيءَ تي ڳوٺ ٻڏي آباد ٿيا. هاڻي هي هتي ستين پيڙهي آهي. حاجي عبدالڪريم بہ پنهنجي وڏن جي چوٿين پيڙهي هيو. شهيد نسيم ڪرل ۽ سندس پٽ دارا شڪوه (فيصل) ڪرل ڇهين ۽ فيصل جو پٽ احمد خان ڪرل (جيڪو اٽڪل 8 _10 سالن جو ٿيندو) ۽ ان جا سوٽ ڪرلن جي هتي ستين پيڙهي آهي.

حاجي عبدالڪريم ڪرل انهن سيني پيڙهين مان اهم شخص هيو. جنهن ڪرلن جا هت بنياد مضبوط ڪيا. حاجي صاحب لکيل پڙهيل، صوم صلواة جو پابند، فارسيءَ جو صاحب طرز اديب ۽ شاعر هيو. سندس ڀاتين ڪي پرکي ميرن ڪيس پنهنجو منشي مير (مختيار) مقرر ڪيو جتي 1927ع تائين رهيو.

هنن ڪرلن جو وڏو راءِ احمد خان ڪرل هيو. جنهن جنگ آزاديءَ ۾ انگريزن سان جنگيون جوٽيون ۽ مٿن راتاها (ڪماڊو) حملا ڪيا. جن پنجن اهڙن معرڪن ۾ ڪامياب ٿيو پر ڇهين معرڪي ۾ 1857ع ۾ پاڻ بہ شهيد ٿي ويو.



هي اهو دور هيو جو انگريزن هندستان ۾ وڏي پئماني ۾ ٻيج ٻاهہ شروع ڪئي. جنگجو قبيلن تي ظلم ۽ جبر شروع ڪيو. جنهن جي ڪري ڪرل بہ راوي ۽ چناب جا ڪنارا ڇڏي ملتان ۽ سنڌ ڏانهن لڏپلاڻ ڪرڻ شروع ڪيو. اهڙي طرح حاجي عبدالڪريم جو وڏو سنڌوءَ جي ڪناري تي ڳوٺ ڪرل آباد تعلقي گمبٽ ۾ آباد ٿيو. ان ڳوٺ کي پوءِ ڳوٺ حاجي عبدالڪريم ڪرل ۽ هينئر ڳوٺ 'شهيد نسيم ڪرل آباد' سڏين ٿا.

ڪرل شهاپور جهانيان ٻهاول پور وارن پيرن جي هٿ تي مسلمان ٿيا ۽ پوءِ ڪيترائي ڪرل گهراڻا پاڻ بہ پيراڻي گادين جا ڏٽي ٿيا.

حاجي عبدالڪريم جي ايمانداري ۽ ديانتداري ڏسي هڪ دور ۾ ميرن سامان خريد ڪرڻ لاءِ ڪيس لاهور موڪليو. مير علي نواز 'ناز' انهن ڏينهن ۾ پنهنجن وڏن سان ناراض ٿي، لاهور ۾ گمناميءَ ۽ لڪ ڇپ واري زندگي گذاريندو هيو. اتي حاجي صاحب سان ملاقات ٿيس. حاجي صاحب ڪيس واپس رياست هلڻ لاءِ چيو پر پاڻ نہ هليو. حاجي صاحب پنهنجي هڙان 400 روپيا ڏيڻ چاهيا، پر اها مدد بہ قبول نہ ڪئي، پر پوءِ اهي پئسا ورتائين. حاجي صاحب اهو سڄو احوال واپسيءَ تي مير صاحبن کي ٻڌايو. مير علي نواز 'ناز' کي پرچائي خيرپور رياست واپس وٺي آيا. ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ مير علي نواز 'ناز' خيرپور رياست جو والي ٿيو. جنهن حاجي صاحب کي سندس نيڪ نيتن جي ڪري 21 هزار ايڪڙ زمين جاگير ڪري مختلف ديهن ۾ انعام اڪرام طور عطا ڪئي. اهو وقت هيو جڏهن خيرپور جي هن ڪرل فيمليءَ جو حال بدليو.

ايتري مال ۽ ملڪيت ملڻ جي باوجود حاجي صاحب وڏيڪ نهٺو ۽ راڄ ڀاڳ، مٽ مائٽ ۽ اوڙي پاڙي جو حامي، مددگار ۽ پرجهلو رهيو ۽ سندن وقت ويلي مدد ڪندو رهيو. حاجي صاحب پنهنجي ٻئي ڀاءُ عبدالرحيم ڪرل کي بہ سٺي تعليم ڏياري، جيڪو خيرپور رياست جو چيف جج ۽ ويسٽ پاڪستان حڪومت جي هاءِ ڪورٽ جو جج ٿي ريٽائرڊ ٿيو. جسٽس (ريٽائرڊ) عبدالرحيم ڪرل جي مزار عبدالله شاهہ غازيءَ جي قبرستان ۾ آهي.

عبدالرحيم ڪرل، حاجي عبدالڪريم ڪرل کان ڪافي ننڍو هيو. جنهن کي حاجي عبدالڪريم پٽن وانگر پاليو ۽ نپايو ۽ تعليم ڏياري.

حاجي صاحب بہ شاديون ڪيون. ڪيس پوئين گهر واريءَ مان پنج پٽ ۽ ٻن نياڻين جو اولاد آهي.

(1) شهيد نسيم احمد ڪرل (سنڌيءَ جو وڏو ڪهاڻيڪار)

(2) حاجي عبدالرشيد ڪرل (فهيم احمد ڪرل)، سنڌ جو هوم سيڪريٽري ۽ ٻيلي کاتي جو چيف ڪنزرويٽر ٿيو.

Gul Hayat Institute

(3) تسنيم احمد ڪرل (زمينداري ڪري ٿو)

(4) شهيد پروفيسر ڊاڪٽر سليم احمد ڪرل (ڊاڪٽر سليم ڪرل ڊاڪٽر ۽ پروفيسر ٿيو ۽ سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ۾ ڊاڪٽري پڙهائيندڙ هيو. 31 ڊسمبر 2013ع ۾ ڪراچيءَ ۾ دهشتگردن جو نشانو ٿي ويو.)

(5) نعيم احمد ڪرل (وڏو نالو ڪڍيو اٿائين. 2002، 2008 ۽ 2013ع ۾ گمبٽ جهڙي ڏکئي انتخابي حلقي مان صوبائي چونڊ ڪٽندو اچي ٿو.)

نياڻيون:

(1) عظيم فاطمه (پنهنجي سوٽ خليل احمد ڪرل سان شادي ٿيس. جيڪو ويجهڙ ۾ وفات ڪري ويو آهي.)

(2) عزير فاطمه (منهنجي گهر واري، جيڪا پروفيسر آهي. تعليم کاتي ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري طور ڪم ڪري رهي آهي.)

حاجي عبدالڪريم ۽ جسٽس عبدالرحيم، هڪ طرف پنهنجي پٽن کي پڙهايو پر نياڻين جي تعليم کان بہ بي پرواهہ نہ رهيا. سندس پٽ توڙي ڌيئر اعليٰ تعليم يافتہ آهن. سندس پوٽا ۽ پوٽيون بہ پڙهيل لکيل آهن. شرجيل ڪريم ڪرل هن وقت بلوچستان ۾ ڊي آءِ جي پوليس آهي. اسفند يار خان ڪرل بئريسٽر آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت ڪري رهيو آهي.

حاجي عبدالڪريم ڪرل اٽڪل 84 سالن جي ڄمار ۾ 1959ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس تدفين سندس ڳوٺ ۾ ٺهرايل مسجد ۽ مدرسي جي پر ۾ پنهنجي لاءِ ٺهرايل قبر ۾ ٿيل آهي.

## خيرپور ضلعي جا منگي

## گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس (GIMS)

گمبٽ جي پير صاحب جي گُردن جي عارضي ۾ وفات ٿي وئي، پاڻ سينيٽرز بہ هئا. انهن کي بطور سينيٽر جي جيڪي بہ ترقياتي فنڊ هئا، اهي پاڻ گردن جي بيماريءَ جي علاج لاءِ گمبٽ ۾ اهڙو سينٽر قائم ڪرڻ لاءِ مختص ڪري ڇڏيائون. گمبٽ جي اسپتال جو ايم ايس ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي هوندو هيو. مقامي ماڻهو نيڪ نمازي ۽ سنو ڊاڪٽر هيو پر اسان جي سرڪاري اسپتالن ۾ سهوليت جي اٽاٽ اهڙي، جو ڦينچي ڪونہ هوندي هئي، سو آپريشن ٿيٽر ڪيئن هلي. ڦئنچي نہ هجي تہ لکن ڪروڙن جو آپريشن ٿيٽر ٿي بيڪار ٿي ويندو. ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽيءَ کي سر ۾ سودا ۽ سمايو تہ گمبٽ ۾ بہ ڪو چڱو ڪڊنيءَ جي علاج جو مرڪز هجي، مونسان ڳالهہ اچي ڪيائين، مان بہ ڪيترا پيرا



گمبٽ ويس، آخر صلاح بيٺي تہ اهو ڪم ڪجي. ڊاڪٽر ڀٽي پاڻ تي بار کنيو ڪجهہ شيون گڏ ڪيون سي، سڄو بار ڊاڪٽر ڀٽيءَ تي هيو. پير صاحب کي بہ اهو خيال ڊاڪٽر ڀٽيءَ مٿي ۾ ويهاريو هيو تہ گمبٽ جهڙي ننڍي شهر لاءِ ڪو گردن جي بيماريءَ جي علاج لاءِ مرڪز هجي ۽ پير صاحب پنهنجا فنڊ ڊاڪٽر ڀٽي جي، صوابديد تي رکي ڇڏيا هيا. ان ايڏي وڏي ڪم ۾ منهنجو گهڻو حصو تہ نہ آهي پر ايتري خوشي ضروري محسوس ٿي آهي تہ ان ۾ مون بہ گاري جي هڪ لپ وڌي هئي.

هاڻي جڏهن، ڊاڪٽر ڀٽي اتي گردن ۽ جيري جو آپريشن ٿو ڪري تہ وڏيڪ خوشي ٿي ٿئي ۽ پير صاحب ۽ ڊاڪٽر ڀٽي لاءِ دل مان دعا ٿي نڪري تہ هڪڙو ننڍو خواب خيال هاڻي هيڏو وڏو گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس (گمس GIMS) ٿي ويو آهي، جنهن جي نالي رکڻ جي معاملي کي تڪراري بڻايو پيو وڃي، جيڪو افسوسناڪ معاملو آهي، پير عبدالقادر شاهہ جيلاني صاحب بہ تر جي معزز ترين شخصيت آهي، اسان جي سندس سمجهدار پٽ سائين فضل شاهہ صاحب ايم پي اي کي گذارش آهي تہ سائين توهان بہ سرڪار کان اهڙو ڪو پيو ادارو ٺهرايو، جنهن تي توهان پنهنجي والد صاحب جو نالو رکجو.

## محترمہ گمبٽ ۾

ان پير صاحب جي وفات تي بينظير صاحبہ گمبٽ ۾ رحلت تي غذرخواهي ڪرڻ آئي، پي پيءَ جي سڄي ليڊرشپ موجود هئي. هڪ ايم اين اي هيو، اهو بہ موجود هيو. مبين جماڻي بہ هيو. مبين جماڻي خيرپور ۾ ٽنڊي مستيءَ جي پرسان خيرپور شگر مل لڳائي آهي اڳ ۾ شوڪت جماڻيءَ جو نالو تہ سوشل سرڪل ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو هيو. پر بلاول هائوس ٺهڻ کان پوءِ مبين جماڻيءَ جو نالو بہ ٻڌڻ ۾ آيو. مشهور اهو ڪيو ويو تہ اهو گهر مبين صاحب ٺهرائي محترمہ کي تحفي ۾ ڏنو آهي، پر ائين نہ هوندو. وڌيڪ الله کي خبر! پر محترمہ مٿس مهربان گهڻو هئي، مبين صاحب بہ بنيادي طرح تہ بلڊر آهي پر هاڻي وڏو واپاري ٿي ويو آهي. دبئيءَ ۾ ڪاروبار بہ اٿس ۽ هڪ وڏو هوٽل بہ اٿس، هتي پاڪستان ۾ بہ ڪافي ڏنڊا ڏاڙي اٿس، خوش حال ۽ تيز ترار ماڻهو آهي، سندس هڪ پٽ فهد دبئيءَ ۾ آهي. جماڻي صاحب شريعت محمديءَ مان پورو فائدو وٺندي چئن زالن جو ور بہ آهي.

محترمہ جڏهن تعزيت ڪري هيلي پيڊ تي آئي تہ مان اتي بيٺو هوس، MNA صاحب بہ پهچي ويو. مبين جماڻي بہ ۽ ٻيا گهڻا ليڊر پوئتي هئا.

محترمہ MNA کي مخاطب ٿي چيو تہ ’مبين کو تنگ مت ڪرو‘ هن چيو “بي بي مين آپ سي اسلام آباد ۾ بات ڪرونگا”. بي بي شوخائي مان چيو “بات وات کو ڇهوڙو.

Gul Hayat Institute

مجھي سب پتا ھي.”

## ڊاڪٽر قادر بخش ميمڻ

ڊاڪٽر قادر بخش ميمڻ راڻي پور جو آھي، ھاڻي فوت ٿي ويو آھي پر وڏو کھول وڏي ملڪيت ۽ وڏو نالو ڇڏي ويو آھي. قادر بخش صاحب جي گھرواري بہ پنھنجو مٽ پاڻ ھوندي ھئي، ٻنھي جو پاڻ ۾ ڏاڍو پيار ھيو. قادر بخش صاحب 80 سال جي عمر ۾ گذاري ويو. سندس گھرواري ستر سال جي عمر ۾ سندس وفات کان سال کن اڳ ۾ گذاري وئي، نالو تہ مرحومہ جو خبر ناھي پر سڀ کيس مرڻ گھڙيءَ تائين بي بي Baby ڪوٺيندا ھئا. ملڪيتون وڏيون تہ پوين ۾ جھيڙا بہ وڌيا، ھاڻي وڃي پائن پيڻرن ۾ ٺاپر ٿي آھي، ڊاڪٽر قادر بخش ھڪ طرح منھنجو بہ مائٽ ٿئي. سندس نياڻي ڊاڪٽر ياسين، منھنجي سالي شھيد ڊاڪٽر سليم ڪرل جي گھرواري آھي. ڊاڪٽر قادر بخش منھنجي بہ عزت ڪندو ھيو. ڪرل فيمليءَ ۾ شاديءَ کان پوءِ منھنجي پاڻ وٽ دعوت ڪيائين، سندس مھرباني.

ڊاڪٽر صاحب خيرپور جي اوائلي ڊاڪٽرن مان ھيو. ڪنھن نہ ڪنھن دور ۾ خيرپور ضلعي جي سيني شخصيتن جو علاج معالجو ڪندو رھيو آھي.

## نصرت حسين ابڙو

نصرت حسين ابڙو اصل ۾ مديجيءَ جو ھيو. منھنجو والد صاحب بہ مديجيءَ جو ھيو. تنھن ڪري اسان ٻنھي ۾ ويجھڙائپ ھئي.

اطلاعات کاتي ۾ ڊائريڪٽر ھيو ۽ سکر ۾ سندس پوسٽنگ ھئي. پاڻ سٺو ليکڪ بہ ھيو ۽ سٺو انسان بہ. اسان خيالات جي ڏي وٺ ڪندا رھندا ھئاسون. ڪڏھن ڪڏھن مون وٽ خيرپور ۾ بہ ايندو ھيو. منھنجي ۽ سياڳي خان ڊي سي سکر جي بہ ساڻس صحبت ھوندي ھئي، چرچو ڀوڳ پاڻ بہ ڪري وٺندو ھيو ۽ اسان بہ ڪندا ھئاسون. برساتن ۽ ٻوڏ جي متعلق ھڪ ڏينھن ڪمشنر جي آفيس ۾ ڪميٽي روم ۾ ميٽنگ ھئي، ڪميٽي روم ڪا وڏي ۽ ويڪري ڪونہ آھي، ماڻھو گھڻا ھئا ۽ ڪرسيون گھٽ، جڏھن بہ ڪو نئون ماڻھو ميٽنگ ھلندي آيو پئي تہ ٻاھران ڪرسي گھرائي ھال ۾ ان کي ويھاريو پئي ويو.

نصرت ابڙو ميٽنگ ھلندي ڪمري مان نڪري ويو. ان وچ ۾ ڪو ٻيو آفيسر آيو ۽ سندس ڪرسي خالي ڏسي ان تي ويھي رھيو. نصرت جڏھن موٽيو تہ سندس ڪرسي پريل ھئي، ٻي ڪرسي بہ ڪونہ ھئي، ھيڏي ھوڏي ڏسڻ لڳو. خود ڪلاميءَ جي انداز ۾ چوڻ لڳو. ’مان تہ ھڪ ڪرڻ ويو ھوس!‘ مون آھستگيءَ سان چيو: ھاڻي ٻيو بہ ڪري آءُ!



منھن جي ساڄي تي ڪمشنر نثار صديقي ۽ کاٻي تي سياڳو خان ويٺو ھيو. ٻنھي مونکي ٻڌي ورتو ھيو ۽ ٻنھي کان بي ساختہ ٽھڪ نڪري ويو. نصرت پڇڻ لڳو چا ٿيو؟ سياڳي خان ورجايو ”وڃو ھاڻي ٻيو بہ ڪري اچو؟“ سڄي حال ۾ وڏو ٽھڪڙو پئجي ويو.

## جشن خيرپور ـ مشاعرو

ادبي اچ اجھائڻ لاءِ جشنِ خيرپور دوران پاڪستان جا نالي وارا شاعر گھراياسون، جن ۾ احمد فراز سرِفھرست ھيو. فخرالزمان اڪيڊميءَ آف ليٽرس جو سربراھہ آيو. ان کي بہ ان اميد سان گھرايوسي تہ گھٽ ۾ گھٽ مشاعري جو خرچ ڏيندو، پر ائين نہ ٿيو. منير نيازي ۽ امجد اسلام امجد فلائيٽ cancel ٿيڻ سبب نہ اچي سگھيا. احمد فراز جڏھن ٻڌڻ ۽ ڏسڻ وارن جي فرمائش تي اھو غزل ٻڌايو تہ:

سنا ہے دن میں اسے تتلیاں ستاتی ہیں
رات کو جگنو اسے ٹھر کے دیکھتے ہیں۔

تہ ھال ۾ نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا ھوڪرا پئجي ويا ھئا!

اسٽيج تي فخرالزمان ۽ فراز لڳو لڳ ويٺا ھئا. مان فراز جي پرسان ويٺو ھوس، جڏھن فخر اسٽيج تي چڙھڻ لڳو تہ فراز مونکي ڪن ۾ چيو تہ:

اگر اس کو بلانا تھا تو مجھے کیوں بلایا تھا۔

تنوير عباسيءَ کي پنھنجو نظم تي بي انتھا داد مليو. نوجوان سنڌي شاعرائن بہ پنھنجو پاڻ ملھايو جنھن ۾ رخسانہ پريت اڳري ھئي.

## بار ڪائونسل خيرپور

بار ڪائونسل، خيرپور جو مضبوط ادارو آھي. وڏا معتبر نالا بار جا ميمبر رھيا آھن، انھن ۾ سائين غوث علي شاھہ ۽ سائين قائم علي شاھہ ٻيئي وزيراعليٰ ٿيا. ھادي بخش لاڙڪ، نسيم ڪرل، نظر محمد ڳاھو ۽ شفيع چانديو جيڪو ھاڻي ڊپٽي اٽارني جنرل آف پاڪستان آھي، شفقت مھيسر، علي اسلم جعفري، آدم جعفري ۽ عبدالحميد ڊوگر بہ شامل آھن. اھي ٽئي ھاءِ ڪورٽ جا جج ٿيا. جنھن مان حميد ڊوگر صاحب سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس ٿيو. ڪجھہ سال اڳ ۾ ڪرل فيمليءَ مان ميرن جي دور ۾ منھنجي گھرواريءَ جو چاچو جسٽس عبدالرحيم ڪرل، اسٽيٽ جو چيف جسٽس ھيو ۽ پوءِ سنڌ ھاءِ ڪورٽ جو بہ جج ٿيو. امتياز حسين ڦلپوٽو بہ خيرپور جو سٺو وڪيل آھي. راحيل ڪرل (عبدالرشيد ڪرل جو پٽ) ۽ اسفند يار ڪرل (ڊاڪٽر سليم ڪرل جو پٽ) بہ بار ائٽ لاءِ ڪري آيو آھي، ڪراچيءَ ۽ خيرپور ۾ وڪالت ڪري رھيو. لا تہ شرجيل ڪرل بہ

Gul Hayat Institute

ڪئي پر هن وڪالت جي بدران DIG ٿيڻ پسند ڪيو هن ڪرمنالاجي ۾ ايل ايل ايم ڪيو آهي، اڳتي هلي شايد هي نوجوان به وڪالت ڪري.

هاڻي خيرپور ۾ عورتون به وڪالت ڪن ٿيون جن ۾ مان رعنا شاهه سر فهرست آهي. گل نازءِ ريحانه گل رضوي، جج ٿيڻ لاءِ تياريون ڪري رهيون آهن.

## مير مرتضيٰ جي شهادت

بدنصيبيءَ سان 21 سيپٽمبر 1996ع تي مير مرتضيٰ ڀٽي جي سندس گهر 70 ڪلفٽن جي پرسان شهادت ٿي وئي، اهو اهڙو واقعو هيو جهن جي ڪري ملڪ ۾ غم ۽ ڪاوڙ جي لهر ڇانئجي وئي، هو محترمه بينظير ڀٽو جو اڪيلو جيئرو ڀاءُ هيو مير ۽ بي بي پاڻ ۾ ويجهو به اچي رهيا هئا. مير صاحب پنهنجي ننڍڙي نياڻي فاطمه ڀٽو سان گڏجي پرائيم منسٽر هائوس ۾ محترمه سان ڊنر به ڪائي آيو هيو. آخر ڀاءُ ڀينر هئا، فاطمه ڀٽو بي بيءَ سان ڏاڍو پيار ڪندي آهي، ڪيس وڏي ڇئي مخاطب ٿيندي آهي.

پر افسوس مير مرتضيٰ کي فرصت نه ملي، صدر ڀائي فاروق لغاري، بهانا ڳولهي رهيو هيو ۽ نيٺ 58_B2 ۾ بينظير صاحبه جو حڪومت جو تختو اونڌو ڪري اسيمبليءَ کي ٽي تحليل ڪري ڇڏيو نتيجي طور سنڌ ۾ نگران وزيراعليٰ ممتاز علي خان ڀٽو نومبر 1996ع ۾ مقرر ٿيو اها تقرير حيران ڪندڙ هئي. ممتاز علي خان تمام جهونو سياستدان آهي ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو ساٿي ۽ سندس دور ۾ سنڌ جو گورنر ۽ پاور فل وزيراعليٰ ۽ مواصلات جو وزير 77_1972ع تائين رهيو آهي. پنج ويهن سالن کان پوءِ ٻيهر وزيراعليٰ سنڌ ٿيو مونکي ڪيترن دوستن ۽ خيرپور واسين مبارڪ باديون ڏنيون، هنن کي اها ڳالهه سامهون هئي، هڪ ته ممتاز صاحب وقتي ويلي ڪم ڪار لاءِ مون وٽ مهرباني ڪري ايندو هيو، منهنجي نياڻيءَ جي شاديءَ ۾ به شريڪ ٿيو هيو.

## خيرپور مان بدلي

مبارڪون ته ملنديون رهيون، ۽ مون به ممتاز صاحب کي مبارڪ باد ڏني، پر مون کي هڪ ڪٽڪو هيو سندس وزيراعليٰ ٿيڻ کان ڏهه ڏينهن اڳ ۾ ڪو ڪم چيو هوائون اهو وقت سر نه ڪري سگهيو هوس، سو مون کي احساس هيو ته پاڻ ان صورتحال کان خوش ڪونه هيو. آخر منهنجي خيرپور مان بدلي ٿي وئي، مونکي S&GAD ۾ رپورٽ ڪرايو ويو جنهن جو مونکي انديشو هيو اها ٿي ڳالهه ٿي، منهنجي جڳهه تي محمد يونس ڏاگا ڊي سي خيرپور ٿي آيو جيڪو هن وقت فيڊرل گورنمينٽ ۾ 22 گريڊ ۾ سيڪريٽري واٽر ۽ پاور



آهي، جنهن جي ذمي اهو ڪم ڏنو ويو آهي ته ملڪ ۾ بجليءَ جي بحران کي ختم ڪري. ڪافي خوبين جو ملڪ آهي. ايماندار ۽ همت وارو برجستو آفيسر سمجهيو ويندو آهي.

هاڻي ته خيرپور به منهنجي زال جي ڪري اڌ گهر هيو بدلي ته ٿيو هيس پر خيرپور سان پريت جا پيچ پئجي ويا هئا.

مون جلد کان جلد ڊي سي هائوس خالي ڪرڻ پئي چاهيو پر خيرپور ۾ تقريباً ٻه سال رهيو هوس. دعوتن جو سلسلو شروع هيو. مون انفرادي دعوتن جي ته معذرت ڪري انڪار ڪري ڇڏيو باقي ڪن ادارن طرفان ڪجهه دعوتون قبول ڪيون هيون.

## هو عاشق آهي!

آخري دعوت پريس ۽ ادبي لڏي جي طرفان هئي جيڪا قربان منگيءَ جي سربراهيءَ ۾ تنوير عباسي، غلام عباس ڀنيري، خان محمد ۽ مختيار ملڪ هوٽل ڪاڪ محل خيرپور ۾ ڏني هئي، هال ڀريل هيو اديبن ۽ شاعرن کان علاوه شهر جا معززين جن ۾ جاويد شاهه جيلاني، اسلم جعفري صاحب، سليم عباسي صاحب، شاڪر شاهه، عابد شاهه، مولا بخش لاڙڪ، صوفي ڊاڪٽر قبول محمد شاهه (آخري)، وي سي ڊاڪٽر بشير شيخ، نظر محمد ڳاهو شفيع محمد چانڊيو ۽ ٻيا ڪيترا ئي معززين اچي گڏ ٿيا هئا. تقريرون ٿيون، سٺن لفظن سان مون کي نوازيو. منهنجو ٻن سالن جون محنتون ثاب ٿيون. دوستن جي واکاڻ منهنجو ٿڪ لاهي ڇڏيو.

آخر ۾ تنوير عباسي صاحب خراج ڏيندي چيو ته عبدالقادر منگي سٺو انسان ۽ سٺو آفيسر ته آهي پر هن جي وڏي ۾ وڏي سُٺائي اها اهي ته هو ’عاشق‘ آهي.

## رتيديري جي رستي_ حيدرآباد

ڪجهه ڏينهن گذريا ته چيف سيڪريٽري سعيد احمد صديقيءَ جو فون آيو پڇيائين ته ڊي سي کان سواءِ جيڪا خالي پوسٽ هجي اها ٻڌاءِ، باقي اڳتي هلي ممڪن ٿيو ته توکي ڊسٽرڪٽ ۾ موڪليندا سون.

چيف ته منهنجي خيرپور مان بدليءَ جي مخالفت ڪئي هئي، پر مجبوريءَ ۾ بدلي ڪيائين، ڪنهن کي به ڪا سڌ نه هئي ته نگران سسٽم ڪيترو هلندو.

مونکي ڪا به پوسٽنگ ڪونه سجهي رهي هئي، خبر هئي ته ايڊيشنل ڪمشنر I حيدرآباد جي پوسٽ خالي آهي، مون ڪيس اتي پوسٽنگ لاءِ چيو ٻئي ڏينهن سيڪريٽري سروسز هاشم لغاري صاحب فون ڪري ٻڌايو ته مان حيدرآباد وڃي ڊيوٽي رپورٽ ڪريان، پر مان جلديءَ ۾ ڪونه هيس. رتيديري ۾ مزو اچي رهيو هيو ڪجهه ٽائيم وڌيڪ ونڻ پئي چاهيو ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪمشنر حيدرآباد حاجي هارون جي فون

Gul Hayat Institute

آئي، چيائين تہ ”جلدي اچي چارج وٺو اليڪشن جو ڪم زورن تي آهي، سينيئر آفيسر جي ضرورت آهي.“ مون ڪيس هفتي ڪن جي مهلت لاءِ چيو پر پاڻ ٻن ڏينهن لاءِ راضي ٿي ويو. ٽئين ڏينهن مون چارج ورتي.

اليڪشن جو ڪم زورن تي هيو رهائش لاءِ سرڪٽ هائوس ۾ مون کي ٻہ ڪمرا مليا، جتي ٻارن سان رهي پيس.

غلام اڪبر لغاري، جيڪو هينئر سيڪريٽري ڪلچر آهي، اهو AC ٿي ڪمشنر آفيس ۾ اچي لڳو. مون کي سهوليت ٿي پئي. لغاري صاحب بہ ادب ۽ شاعريءَ جو دلدادهہ آهي. سندس ڪجھ ڪتاب بہ اچي ويا آهن. پيارو ۽ پروسي جھڙو انسان آهي. سندس گھرواري بہ اردوءَ ٻوليءَ جي سٺي افسانہ نگار آهي، سندس ڪجھ افسانن جا ڪتاب اردوءَ ۾ اچي چڪا آهن. مرزا قليچ بيگ جي آتم ڪٿا بہ اردو ۾ ترجمو ڪئي اٿائين. جيڪا قليچ چيئر ڇاپي آهي. لنڊن جي يارڪ يونيورسٽيءَ مان PHD ڪئي اٿائين. ڪئناڊا ۾ رهي ٿي.

حيدرآباد جو ڊپٽي ڪمشنر ڪيپٽن زاهد سعيد هيو. وڏي دل جگر ۽ همت وارو آفيسر هيو. هڪ تہ سابق ڪيپٽن هيو ٻيو ڊي ايم جيءَ جو هيو. ٽيون پنجاب جو هيو. آرمي آفيسرن سان ميٽنگ ۾ جتي ڪمشنر صاحب ڳالهائيندي ڪيٻائيندو هيو تہ زاهد سعيد انهن مسئلن کي منهن ڏيندو هيو. هينئر اسلام آباد ۾ وفاقي سيڪريٽري آهي.

حيدرآباد ۾ هيءَ سٺي ٽيم هئي.

*

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ چيف سيڪريٽري حيدرآباد ۾ ڪنهن مائٽ جي شاديءَ ۾ آيو. ان ئي سرڪٽ هائوس ۾ رهيو جتي مان رهيل هيس. پاڻ حيدرآباد يونيورسٽيءَ مان پڙهيو ۽ اتي ئي ليڪچرر بہ هيو. پوءِ 1964ع ۾ CSP ٿي ويو. صدر فاروق لغاريءَ جو بيچ ميٽ آهي. صدر لغاري پنهنجي 1964ع جي بيچ ميٽس کي پاڻ سان ڪٺي ٽيم ٺاهي، عبدالله جي. ميمڻ بہ سندس بيچ جو هيو. جنهن کي صدر، نگران حڪومت ۾ واٽر ۽ پاور جو وفاقي وزير ڪيو هيو. ٻئي ڏينهن تي سعيد صديقي صاحب سان سرڪٽ هائوس ۾ ٻہ ٽي ڪلاڪ ڪچهري ٿي. هو بہ آرام جي موڊ ۾ هيو اسان کي تہ آرام ئي آرام هيو نگران سيٽ اپ تي ڳالهايوسي، نگران وڏي وزير تي ڳالھ ٻولھ ٿي. وزيرن ۽ انهن جي کاتن تي انهن جي ڪم ڪار تي. مطلب تہ هر شيءِ ڊسڪس ڪئي سون. مون بہ رک رکاءُ نہ ڪيو. جيڪو سڌو ۽ ايمانداريءَ سان منهنجو خيال هيو اهو پيش ڪيو. اٿڻ وقت وري چيائين تہ توسان زيادتي ٿي آهي. ان جو ازالو ٿيڻ گھرجي. مون مسڪرائي چپ ڪئي. ’ازالو تہ توهان ئي ڪندؤ!‘ مون دل ۾ سوچيو.



## صبح مهراڻ - نصير مرزا ۽ ملاح سسٽرز

حيدرآباد ۾ مان 8 بجي صبح جو اٿي چاءِ پي باٿ روم ۾ ويندو هوس. تنهن جا اڃان ڪيپ چڙهيل هوندا هئا. صبح جو تيار بہ ٿيندو هيس ۽ ريڊيو حيدرآباد تان نصير مرزا جو پروگرام صبح مهراڻ بہ ٻڌندو هوس. ان پروگرام کي نغمہ ملاح ۽ سلميٰ ملاح بہ پينر هلائينديون هيون. سندن انداز جو تنهن زماني ۾ وڏو چرچو هيو. هڪ تہ پروگرام جاندار هوندو هيو مٿان نصير مرزا جي اسڪرپٽ جا ڪمال ۽ ملاح سسٽرس جي شاندار پريزنٽيشن. هڪ هٽندي هئي تہ ٻي ڪٽندي هئي، ڪلام بہ ڏاڍا مقبول ۽ وڻندڙ هوندا هئا.

ملاح سسٽرس سماج سڌارڪ عارب ملاح جون نياڻيون آهن. بااخلاق، باڪردار، فضيلت ۽ سمجھ واريون الله اهڙيون نياڻيون سڀن کي ڏئي. عارب ملاح جي ويجھڙائيءَ ۾ فوتي ٿي وئي آهي.

سلميٰ جو رشتو خيرپور کان جنسار ملاح موڪليو پر انڪار ٿي ويو. جنسار ٻئي هنڌ شادي ڪئي بہ ٿي ٻار بہ ڄاوس، وري رشتو موڪليائين. مالڪن هن دفعي ها ڪئي ۽ سندن شادي ٿي وئي، عاشقن جا بہ عجيب رنگ آهن. هينئر سلميٰ کي جنسار مان ٽي پٽ آهن. خيرپور ۾ رهي ٿي، ملياٽي ٿي وئي آهي.

نغمہ کي نوڪري آهي 18 گريڊ ۾ لوڪل گورنمينٽ ۾ حيدرآباد ۾ آهي. شادي اڃان ڪونہ ٿي اٿس. شايد اهو بہ لکئي جو ليک!

Gul Hayat Institute

# 12

# هجئي ناٽو ته گهم لاڙڪاڻو

(ڊسمبر 1996 کان آگسٽ 1997)

## منهنجي بدلي لاڙڪاڻي

مون پندرهن ڏينهن پوسٽنگ جي انتظار ۾ گذاريو هيو ۽ هٿ پوسٽنگ کي پنجويهه ڏينهن ٿي رهيا هئا. خيرپور جي بدليءَ جو اجان چاليهو ڪونه ملهايو هيو ته هڪ رات جو چيف منسٽر هائوس کان فون آيو. آپريٽر چيو ته سڀاڻي توهان جو 12 بجي چيف منسٽر صاحب سان ملاقات جو وقت مقرر ٿيل آهي. مون هن کان پڇيو ته "ڪيس ڪنهن چيو آهي؟" ٻڌايائين "سيڪريٽري ٽو چيف منسٽر سائين نور احمد شاهه". مون چيو ته "بابا مون ٽائيم ڪونه گهريو آهي. وري به سائين کان پڪ ڪر، اهو ڪو ٻيو هوندو."

آپريٽر ٻيهر ملايو چيائين ته سائين نور احمد شاهه پاڻ ڳالهائيندو.

سائين لائين تي آيو. چيائين ته "سڀاڻي توهان کي CM صاحب گهرايو آهي. پوڻين ٻارهين بجي مون وٽ اچجو پوءِ CM صاحب سان ملجو". مون پڇيو "خيريت ته آهي؟" چيائين ته "اچو ته ڳالهايون ٿا!"

مان پريشان ته ڇو گهرايو ويو آهيان. ڇا CM کا ڏب ڏيڻ لاءِ گهرايو هوندو؟ پر مون سوچيو ته ان لاءِ پاڻ ڇو گهرائيندو! امداد الله انڙ صاحب ائڊوائيز اينٽي ڪرپشن ئي ڪافي آهي! آءٌ پريشان هيس! ٻئي ڏينهن تي سائين نور احمد شاهه وٽ حاضر ٿيس. ٻڌايائين ته "CM صاحب کي لاڙڪاڻي جو ڊي سي بدلائڻو آهي. تنهن ڪري صاحب توهان کي انٽرويو لاءِ گهرايو آهي."

## چيف منسٽر ممتاز علي خان ڀٽو سان ملاقات

شاهه صاحب وٽ چاءِ پي احسان شاهه پي ايس وٽ آيس. مونکي هڪ ڳالهه جي خوشي به ٿي ته ممتاز صاحب مونکي خيرپور مان 40 ڏينهن اڳ اهو سوچي بدلي ڪيو هيو ته مان پيپلو آهيان. مان پي پيءَ جي وقت ۾ به سال خيرپور ۾ ڊي سي رهيو هوس. لاڙڪاڻو منهنجو گهر آهي. سال 1988ع کان 1992ع تائين اتي نوڪري ڪئي آهي. پي پي وارن



سان دوستاڻا ناتا آهن. ممتاز صاحب جو پٽ امير بخش خان ڀٽو اسان جي ڳوٺ رتيديري، خيرديديري ۽ بنگلديري مان اليڪشن ۾ بيٺو آهي. 3 فيبروريءَ تي اليڪشن آهي، ان ۾ 40 ڏينهن بچيا آهن. بي نظير صاحبه جي ساڳي اليڪشن جو به ساڳيو حلقو آهي. پٽو نه ٿو پوي. جيڪڏهن انهن نگرانن جو عرصو ڏگهو ٿو ٿي وڃي ته پوءِ پوسٽنگ جي حوالي سان انڪار ڪرڻ وڏيڪ نامناسب ۽ جوکائتو ٿيندو. اهي سڀ ڳالهيون سوچي رهيو هوس ته احسان شاهه چيو ته "سائين اچو". مان چرڪي اٿيس!

CM صاحب نندي ڪنڊائتي پيل ٽيبل جي پويان ويٺو هيو. سامهون به ڪرسيون پيل هيون. شيشي جي دريءَ جا پردا کليل هئا. خوبصورت لان ۽ موسمي گل دريءَ مان نظر اچي رهيا هئا. مان جيئن ئي ٽيبل جي ويجهو پهتس ته CM صاحب اٿي مون سان هٿ ملائيندي چيو ويهو!

ممتاز صاحب سان اڳ ۾ به ڪيترين ملاقاتون ٿي چڪيون هيون پر CM هائوس ۾ سندس شان ۽ مان ئي اور هيو. مسڪرائي منهنجو حال احوال ورتائين. چانهن جو پڇيائين. ٻڌايو ته "سيڪريٽري وٽ پي آيو آهيان."

مقصد جي ڳالهه تي آيو. چيائين ته "موجوده ڊي سي لاڙڪاڻي کي سمجهدار آفيسر سمجهي اتي رکيو هيو پر هن جو ته حال ئي ڪونهي. صفا دنيا جهان جي خبر ئي نه اٿس. چڙ ڪو ڊي سي هائوس ۾ ماستر ويٺو هجي. هن کي اها خبر نه آهي ته ڊي سي هلندو ڪيئن آهي. CM جو پروٽوڪول ڇا آهي."

"مون کي خبر آهي توهان لاڙڪاڻي ۾ رهيا آهيو ۽ خيرپور ۾ به. ڪيترائي پيپلا توهان جا دوست هوندا. توهان وٽ اسان خيرپور ۾ ايندا هئاسون. توهان ملندا هئا. ڪم ڪندا هئا. بئلينس ڪري هلندا هئا. مان چاهيان ٿو ته لاڙڪاڻي ۾ توهان اچو توهان ڏڇو نه ته ڪو اليڪشن ۾ اسان توهان تي دٻاءُ وجهرائينداسون. اليڪشن به ٿئي. الائي نه. اسان جي پارٽيءَ وارو ڪوبه توهان کي تنگ نه ڪندو. نه منهنجو پٽ نه مان. توهان پنهنجي مرضيءَ سان فيئر ٿي هلو جيئن هڪ ڊي سيءَ کي هلڻ گهرجي. توهان وٽ ڪوبه سياسي ماڻهو اچي وڃي سگهي ٿو. اسان کي اعتراض ڪونه آهي. توهان ڊي سي آهيو پر مان چاهيندس ته توهان ڊبڊبي سان ڊي سيءَ وانگر نوڪري ڪريو ۽ لا اينڊ آرڊر کي درست رکو ۽ ايڊمنسٽريشن جي رٽ قائم ڪيو."

منهنجي ذهن ۾ ڪجهه خدشا ۽ خيال هئا. انهن مان گهڻن جو جواب ته پاڻ ئي ڏئي ڇڏيو هئائين. ڪن ڳالهين جي مون وضاحت طلبي. اها به ملي وئي. پر مان ها ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نه هيس. آخر ۾ مون گذارش ڪئي ته ٻه ڏينهن ڏيو ته مان سوچيان. چيائون "نه. اڳ ۾ ئي ڪافي وقت نڪري ويو آهي اڄ شام تائين ٻڌائجو." مان موڪلائي نڪري

Gul Hayat Institute

اسيمبليءَ جي چونڊ وڙهي رهيو هيو. اصل ۾ شهدادڪوٽ جو هيو ۽ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت ڪندو آهي.

غنويٰ ڀيبي ۽ محترمہ جي پارٽين جو پارو مٿي هيو. شهيد ڀٽو جي ورڪرن کي پڪ هئي تہ هو ڪافي سيٽون کٽندا. تنهن ڪري هو سنڌ مان گهٽ ئي حلقن ۾ بيٺا هئا. مٿين سرڪار بہ ڪين پڪ ڏياري هئي تہ سنڌ ۾ سندن حڪومت نهندي. ابتدائي طور ممتاز صاحب جي فرنٽ جو ساڻ الحاق هيو ۽ ٻنهي سيٽ ايڊجسٽمينٽ سان گڏجي اليڪشن وڙهڻ جو پڪو پهہ ڪيو هيو. ان ٽينشن جي ماحول ۾ 5 جنوريءَ ۾ باقي وڃي 9 ڏينهن بچيا هئا. سڀ بندوبست ڪيا هئا. رٽيڊيري جو AC/SDM اسد ماني هيو. هي صاحب اسلام آباد جو هيو ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر جي پهرين چارج هيس. لاڙڪاڻي جو اي سي محمد راحيل صديقي هيو. راحيل بہ DMG جو هيو. اسد جو بئچ ميٽ هيو پر سلجهيل ۽ سمجهدار هيو. اصل ڳوٺ رحيم يار خان هيس. شهدادڪوٽ ۾ گدا حسين شاهہ اي سي هيو. ٽينشن تہ سڄي ضلعي ۾ هيو پر رٽيڊيري ۽ لاڙڪاڻي ۾ وڌيڪ هيو. لاڙڪاڻي کي تہ راحيل سنڀالي وينو هيو پر مونکي رٽيڊيري ۾ Mess پيو نظر اچي. مان اسد جي ڪارڪردگيءَ کان مطمئن نہ هيس. اسد گند وڌيڪ ڪندو پئي ويو جيڪو هن کي چئجي پيو ان جي ابتڙ پئي هليو. SSP اڪبر پنگوار هيو پر ان جي بدلي بہ جلدي ٿي وئي. پوءِ عنايت الله سومرو آيو. عنايت الله سومري هڪ ڏاڙيل کي ماري وڌو هو تنهن ڪري ڪيس ترقي ملي هئي. ايس پي ٿي ويو هيو. هن جو ڀاءُ الهورايو سومرو فرنٽ جو رڪن ۽ نگران حڪومت ۾ مواصلات جو وزير هيو.

اسان پهرين جنوريءَ کان وٺي بيسڪ هيلٿ سينٽر ڳڙهي خدابخش ڀٽي ۾ ايمرجنسي ڪئمپ لڳائي ڇڏي هئي. جتي چوويهہ ڪلاڪ ميجسٽريٽ ۽ پوليس جي ڊيوٽي لڳل هئي. اهو سينٽر وائرليس ۽ فون سان ڳنڍيل هيو.

پوليس ڪنٽرول اطلاع ڪيو تہ محترمہ بينظير صاحبہ ڪراچيءَ کان ايڌيءَ جي هيلي ڪاپٽر ۾ لاڙڪاڻي لاءِ اڏاڻي آهي. ڪلاڪ ڏيڍ ۾ لاڙڪاڻي پهچندي.

## محترمہ بي بيءَ جي لاڙڪاڻي آمد

هڪدم ايس پي لاڙڪاڻي کي هدايت ڪيم تہ ميونسپل اسٽيڊيم جي بدران ڪيس پوليس گرائونڊ تي LAND ڪرايو. پوليس گرائونڊ کي ڪمپائونڊ وال ڏنل هئي. جڏهن تہ ميونسپل اسٽيڊيم جون پٽيون هيون. سڀ ماڻهو اندر ڪاهي پون ها ۽ لاءِ آرڊر جي صورتحال ٿي وڃي ها. ٻيو تہ صحيح طريقي سان پروٽوڪول ۽ سيڪيورٽي ڏني وڃي. SDM کي هدايت ڪيل هئي تہ محترمہ سان هيلي پيڊ تي

Gul Hayat Institute



ملي ۽ پنهنجو تعارف ڪرائي. آخر ملڪ جي ٻہ ڀيرا وزيراعظم رهي آهي. ڪيس مناسب سيڪيورٽي ۽ پروٽوڪول ملڻ گهرجي!

محترمہ لٿي تہ سائين قائم علي شاهہ ۽ آفتاب شعبان ميراڻي بہ ساڻس گڏ هئا. هيلي پيڊ تي عباسي فيمليءَ جي طرفان محترمہ ڊاڪٽر اشرف عباسي، منور عباسي ۽ ڊاڪٽر صفدر عباسي موجود هئا. هنن بہ ٻہ گاڏيون آنديون هيون. مان آفيس مان نڪري پوليس گرائونڊ جي آس پاس موجود هيس. وائرليس تي هلندڙ ڪميونيڪيشن مانيٽر ڪري رهيو هيس. محترمہ هيلي پيڊ تي لهي پرائيويٽ گاڏين ۾ چڙهڻ جي بدران سرڪاري گاڏيءَ ۾ ويٺي. هو جيپ ۾ هميشہ مهڙ واري ڊرائيور جي ڀر واري سيٽ تي ويهندي هئي. ميڊم عباسي، آفتاب شعبان ميراڻي ۽ سائين قائم علي شاهہ پوئين سيٽ تي ويٺا.

محترمہ چوڻ لڳي تہ ”جڏهن مان وزيراعظم هيس تڏهن بہ هن گاڏيءَ ۾ ويهندي هيس نہ!“

سندن اڳين منزل ڳوٺ وليد هئي. جيڪو ميڊم ڊاڪٽر اشرف عباسيءَ جو ڳوٺ آهي ۽ لاڙڪاڻي شهر جي اتر ۾ آهي.

## ميڊم غنويٰ جو سڏ ـ سبڪ مجيد جون ڌمڪيون

اسان جي ماڻهن ۾ بہ عجيب وسوسا ويٺل آهن. مونکي منهنجي اسٽاف ٻڌايو تہ جڏهن بہ ڪو ڊي سي هلال احمر ڪميٽي ۽ پبلڪ اسڪول جي بي او جي (BOG) جي ميٽنگ ڪندو آهي تہ اهو جلدي بدلي ٿي ويندو آهي. مون مٿين هفتي ۾ ٻئي ميٽنگون رکيون. ريڊ ڪرسينٽ جي ميٽنگ ڪري ڇڏي پر بدلي نہ ٿي. وري بطور چيئرمئن بورڊ آف گورنرس جي پبلڪ اسڪول لاڙڪاڻي جي گڏجاڻي گهرائي.

اسڪول جي چڪر لڳايو. شاگردن سان ملاقات ڪئي. استادن سان مليس. سندن مسئلا معلوم ڪيا. ڪميٽي هال ۾ آياسون ميٽنگ الله جي پاڪ ڪتاب قرآن پاڪ مان تلاوت سان شروع ٿي. محترم عبدالمنان چانڊيو اسڪول جو پرنسپل هيو ۽ بورڊ جو سيڪريٽري بہ. اسان جڏهن پڙهندا هئاسون تہ عبدالمنان چانڊيو ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر هيو.

اسان ايجنڊا مس ڪنئي تہ منهنجي آفيس مان منهنجي PA جو ارجنٽ فون آيو. هن ٻڌايو تہ جناب سبڪ مجيد ۽ سڪندر جتوئي المرتضيٰ هائوس تان غنويٰ صاحبہ جو نياپو کڻي آيا آهن. منهنجي آفيس ۾ ويٺا آهن ۽ مون سان روبرو ڳالهائڻ چاهين ٿا. مون PS کي چيو تہ مان ميٽنگ پوري ڪري پوءِ ئي ساڻن ملي سگهندس. بهتر آهي تہ ٻن اڍائي ڪلاڪن کان پوءِ منهنجي آفيس اچن.

مون ميٽنگ جاري رکي، موڊ خراب ٿي ويو. لڳو تہ واقعي بدليءَ واري ڳالهہ سچي آهي.

گهر آيس، ڪجهہ دير ۾ سبڪ ۽ سڪندر جتوئي صاحب آيا. سبڪ مجيد، ميڊم غنويٰ جو پاليٽيڪل فرنٽ مئن ۽ صلاحڪار هيو. همراهہ ڏاڍو ناخوش هيو تہ مان ساڻس جلدي ڇو نہ مليس. مون کيس چيو تہ توهان جي لاءِ ئي بهتر آهي تہ ملڻ جو وقت وٺي ايندا ڪريو. ٻيا بہ دنيا جا ڪم آهن، ٻيا بہ ملڻ وارا ماڻهو آهن. سڪندر جتوئي خاموش هيو. سڪندر جتوئي منهنجي دوست آغا خان جتوئيءَ جو ڀاءُ آهي ۽ الطاف حسين پٽيءَ جو ڀيڻويو ۽ اسان جي پياري ادي ڊاڪٽر مختيار پٽيءَ جو مڙس. هن جو رويو مهذب ۽ ادب آداب وارو هيو. گهڻو خاموش هيو. هنن جي خواهش تي ايس پي لاڙڪاڻو بہ مون وٽ وينو هيو.

سبڪ ڳالهہ تي آيو! چيائين "غنويٰ بي بي توهان ۽ ايس پي کي هاڻي جو هاڻي المرتضيٰ تي گهرايو آهي." مون پڇيو تہ "خيريت آهي، ڪو ايڏو مسئلو آهي ڇا؟" چيائين "خبر ناهي پر هوءَ توهان سان ڳالهائڻ ٿي چاهي." مون چيو تہ "مان تہ هلڻ کان مجبور آهيان. اليڪشن مٿان آهي، مان اليڪشن ڪميشن جي هدايتن پٽاندر ڪنهن بہ سياسي ليڊر سان سندس گهر ۾ ملي نٿو سگهان. اهڙو ڪو معاملو آهي تہ توهان ميڊم کان پڇي اچي ٻڌايو پر جيڪڏهن پاڻ ٻڌائڻ ٿي چاهي تہ منهنجي آفيس ۾ اچي سگهي ٿي، منهنجي گهر اچي منهنجي فيمليءَ سان ماني بہ کائي ۽ حال احوال بہ ٿي ويندو."

سبڪ مجيد، ميڊم جو چيف اليڪشن ايجنٽ ۽ ڏاڍو نڪ چڙهيو هيو. هن اهڙو انڪاري جواب هن دور ۾ ڪنهن بہ ڪاموري کان ڪونہ ٻڌو هوندو. هن جيڪي ممڪن هيون، مونکي ڌمڪيون ڏنيون، چيائين تہ "توکي خبر ناهي تہ ميڊم سنڌ جي چيف منسٽر ٿيڻ واري آهي، موجوده چيف منسٽر سان اسان جو اليڪشن جو اتحاد آهي، اهو اڄ شام جو المرتضيٰ تي ايندو ميڊم سان اسان توهان جي شڪايت ڪري سگهون ٿا."

مون صفا انڪار ڪري ڇڏيو چيم تہ "لاڙڪاڻي ۾ تہ وڏا وڏا ليڊر آهن، سابق پرائيم منسٽر ۽ وزير آهن، مان ڪنهن ڪنهن وٽ ويندم."

هن چانهن جو اڌ ڪوپ پيتو هيو اڌ ڇڏي روانو ٿي ويو. سڄي اٿوڻنڌڙ صورتحال هئي، پر سبڪ شايد مون کي صحيح نہ سمجهيو هيو مون کي ڪامريڊ سوڀي جا بہ ڏينهن اڳ چيل لفظ ياد اچي ويا هيا. ڪامريڊ، امان الله شيخ سان منهنجي آفيس ۾ آيو هيو امان منهنجو ڪاليج ۾ هم ڪلاسي هيو وڏو سياستدان ۽ دانشور آهي، پر هيءَ بہ هاڻي پوئين بينچ تي ويهي تماشو ڏسي ۽ وڪالت ڪري رهيو آهي. لڳي ٿو تہ سندس ڀاءُ انعام شيخ بہ خاموش ٿي رهيو آهي ۽ پوئين بئنچ تي ويهڻ جي تياري ڪري رهيو آهي.



بدر ابڙو سان بہ ڪامريڊ سوڀي جي سٺي دوستي هئي، بدر ڊي سي ٿيڻ کان اڳ ۾ لاڙڪاڻي ۾ ايڊيشنل ڪمشنر هيو.

## چيف منسٽر کي آگاهي

مون چيف منسٽر جي پرائيويٽ سيڪريٽريءَ فاروق لاسيءَ کي فون ڪئي، جيڪو سي ايم سان گڏ اسلام آباد ۾ هيو. کيس سڄو معاملو سمجهايو تہ اهو قصو سي ايم جي گوش گذار ڪري. فاروق کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي، مونکي چيائين تہ 'تون پاڻ CM سان ڳالهاءِ.' مان لاڙڪاڻي جي زماني ۾ ڪڏهن بہ سي ايم کي فون پاڻ نہ ڪئي، نہ وري ڪو ڪڏهن ذاتي ڪم چيو. جيڪڏهن سي ايم سان ڪا ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي بہ هئي تہ بطور پروفيشنل آفيسر جي انهيءَ کان ڪمشنر عابد شيخ کي واقف ڪندو هوس.

فاروق لاسيءَ کي مون وري قصو سمجهايو. هن کي چيم تہ "جيڪڏهن پاڻ صاحب ڳالهائڻ چاهي يا ڪا صفائي وٺڻ چاهي تہ فون ڪجان." هن چيو "سي. ايم صاحب رات لاڙڪاڻي المرتضيٰ هائوس تي وڃون ٿا. وڌيڪ توهان روبرو موهن جي دڙي جي ايئرپورٽ تي حال احوال ڪجوس."

CM صاحب موهن جو دڙو ايئرپورٽ تي رات جو 11 بجي امير بخش خان سان گڏ لٿو ڪمشنر، مان ۽ ڊي آءِ جي کين Receive ڪيو. هلندي وقت مان کين سبڪ مجيد وارو قصو ٻڌايو. پاڻ چيائون 'توهان نيڪ ڪيو' ايئرپورٽ کان کين المرتضيٰ تي ڇڏي مان ڊي سي هائوس تي روانو ٿي ويس.

صبح جو خبر پئي تہ سندن 'ڳالهيون نتيجہ خير ثابت نہ ٿيون،' وري ملاقات ٿيندي، اها بہ خبر پئي تہ سبڪ منهنجي شڪايت ڪئي . تنهن تي CM کيس چنبڙ پٽي. چيائينس تہ "جنهن کي ڊي سيءَ ۾ ڪم هجي اهو ڊي سي جي آفيس ۾ وڃي ڪم ڇئي اچي، هو ڪنهن جو ڪمدار تہ نہ آهي." غنويٰ صاحبہ جي اليڪشن ۾ هارائڻ کان پوءِ سبڪ مجيد جو نالو ئي مون ناهي ٻڌو.

## ڪامريڊ سوڀو جو تحفو "مها ڀارت"

ڪامريڊ سوڀي مون کي ان ڏينهن چانهن پيئندي ٻڌايو تہ "جن بہ توهان کي ڊي سي ڪري گهرايو آهي، انهن کان غلطي ٿي آهن. توهان بدر کان وڌيڪ هنن کي ڏکيا پوندا." مون ان وقت ڪامريڊ جي ڳالهہ نہ سمجهي هئي، مون چيو هيو تہ ڪامريڊ دعا ڪريو الله عزت جو وقت ڪڍي. ڪامريڊ اٿڻ وقت مهاڀارت جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب جو تحفو مونکي پنهنجي صحيح سان ڏئي روانو ٿي

Gul Hayat Institute

ويو هيو. اهو ڪتاب اڃان تائين مان پنهنجي ساهہ سان سانڍيو آهي. مان جڏهن اهو ڪتاب ڏسندو آهيان تہ هڪڙو خيال ايندو آهي تہ ڪامريڊ جهڙو سيڪيولر دانشور مون کي ڌرمي ڪتاب ڇو گفٽ ڪيو؟

## پي پيءَ وارا

اليڪشن دوران ئي هڪ رات هڪ بجي پنهنجي ڪئمپ آفيس ۾ ڪم ڪري رهيو هوس، آفيس جو در کليو. نثار احمد کهڙو، غلام الله ماهوٽو، خورشد جوڻيجو ۽ اياز سومرو داخل ٿيا. چيائون "ٻکيا آهيون. پهريان ڪجهہ کاراءِ تہ پوءِ حال احوال ڪيون."

ڪيڪ، بسڪوٽ ۽ چانهن ۾ ڪافي گهرائي.

چيائون "رتيديري تعلقي جي ڳوٺ اگهم ۾ اسان جو اهم ورڪر بهادر خان اگهم صوبيدار رتيديري هرويرو پڪڙي ٺاڻي تي ويهاريو آهي." مون چيو تہ "صبح جو ڏسنداسون، SP بہ هاڻي ننڊ پيو هوندو". چيائون "همراهہ جي ٻانهن هينئر گهرجي، صوبيدار سان ڳالهاءِ."

صوبيدار بہ ننڊ پيو هيو. ان کي اٿاريو ويو. مون کيس چيو تہ "بهادر اگهم کي ڇڏيو." صوبيدار گهٽائي سبب ڏنا، مون چيومانس تہ "آئنده حرڪت نہ ڪندو، وڌيڪ صبح جو ڏسنداسون." سندن طلب موجب سندن اهم ورڪر کي آجو ڪيو ويو. پوءِ بہ اهڙا وقتي ويلي ڪم چوندا رهندا هئا، جيئن جيئن اليڪشن ويجهي اچي رهي هئي، ڌرين ۾ ڇڪتاڻ وڌي رهي هئي. منهنجو AC/SDM رتوديرو عجيب حرڪتون ڪري رهيو هيو. ٻنهي ڌرين کي چيڙڻ لاءِ بيوقوفيون ڪري رهيو هيو. مون سندس ساٿي راحيل صديقيءَ AC/SDM لاڙڪاڻي کي چيو تہ هن بي وقوف کي سمجهاءِ، پر جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ.

## جج

ڊسٽرڪٽ جج ۽ سيشن جج علي نواز پيرزادو صاحب هيو. سينيئر ۽ معتبر ماڻهو آهي. منهنجي هن سان ورڪنگ رليشن شپ سٺي هئي. اليڪشن جي اسٽاف جي ڊيوٽي پولنگ اسٽيسن کي آخري شڪل ڏيڻ، اميدوارن جي شڪايتن کي اڪلائڻ، بيلٽ پيپر ڇپائڻ ورهائڻ ۽ اليڪشن جي نظرداري ڪرڻ بہ سندس ذمي هئي، مونکي لاءِ آرڊر لاءِ فورس ۽ مئجسٽريٽ رکڻا هئا، کيس ٽرانسپورٽ فراهم ڪرڻي هئي.

## ارباب صاحب جي ممتاز صاحب سان ملاقات

مون کي جڏهن چيف منسٽر ملاقات لاءِ گهرايو هيو تہ اتي ارباب غلام رحيم صاحب، شيرازي برادرس ۽ ميرپورخاص جو هندو ليڊر ڪشنچند پارواڻي صاحب



سي ايم سان ملڻ آيا. مان سي ايم سان ملي ٻاهر نڪتس تہ ارباب غلام رحيم چيو تہ "مان سي ايم سان ملي اچان تہ احوال ڪيون ٿا. توهان ترسجو." ارباب صاحب اڪيلو اندر ويو. پر جلدي ئي موٽي آيو.

اچڻ سان مون کي چيائين تہ "توهان جي ڳوناڻي وڏيري جو دماغ مٿي آهي، مون کيس چيو تہ اسان جو گروپ توهان جي حوالي آهي، توهان ٿوري گهڻي انتظامي مدد ڪريو. پر صفا پڙ ڪڍي بيٺو. چيائين تہ منهنجو اليڪشن سان واسطو نہ آهي نہ ئي مان حڪومت ناهڻ ٿو چاهيان، سو اهو ڪم نہ ٿيندو. توهان وڃي پنهنجو ڪم ڪيو."

لاڙڪاڻي سرڪٽ هائوس ۾ هڪ ملاقات دوران مان بہ هيس، جنهن ۾ غوث بخش خان مهر ۽ الطاف حسين انڙ بہ سي ايم صاحب کي اليڪشن جي اتحاد جي آفر ڪئي، پر انهن کي بہ ساڳيو جواب ڏنائين!

اليڪشن مٿان هئي، ممتاز صاحب کي شايد اهو خيال هيو تہ اليڪشن نہ ٿيندي يا شايد پاڻ کي صفا الڳ ٿلڳ ٿي رکڻ چاهيائين.

اليڪشن کان ڪجهہ ڏينهن اڳ ۾ رمضان مهيني ۾ افطار جون دعوتون شروع ٿي ويون هيون، اهي روزي کولڻ جون دعوتون تہ هيون پر هڪ طرح اليڪشن جي مهم بہ هئي.

چيف منسٽر مون کي چئي ڇڏيو هيو تہ "ڪنهن افطار دعوت ۾ جيڪڏهن هو مدعو آهي تہ مان پلي ان ۾ شرڪت نہ ڪريان ۽ پنهنجو سرڪاري ڪم ڪندو رهان."

چيف منسٽر منهنجي چارج وٺڻ کان اليڪشن جي ٿيڻ تائين هڪ دفعو بہ اليڪشن جي متعلق مون سان ڊسڪس نہ ڪيو هيو. صرف اليڪشن ٿيڻ کان پوءِ رزلٽ اچڻ واري رات جو ڏهين بجي مون کان رزلٽ پڇيو هئائين، جيڪي رزلٽ مون وٽ آيا هئا، اهي کين ٻڌايا.

امير بخش خان بہ ميرپور ۾ يا لاڙڪاڻي ۾. مونکي هڪ پيرو بہ پنهنجي جاءِ تي ميرپور پٿو يا لاڙڪاڻي نہ گهرايو. هميشہ پاڻ مونکان ٽائيم وٺي پوءِ منهنجي آفيس ۾ ايندو هيو ۽ صحيح وقت تي پهچندو هيو.

اليڪشن کان پوءِ امير بخش خان جسٽس ايم کي شاهاڻي جي رات جي ماني ڪئي، جنهن ۾ مان بہ شريڪ ٿيو هوس ۽ بشير خان قريشي بہ هيو. بشير خان جا ماما احمد نواز، محمد نواز ۽ شاهہ نواز قريشي، سندس پيءُ مرتضيٰ قريشي منهنجا چڱا دوست هئا، احمد نواز تہ مون سان ميٽرڪ تائين گڏ پڙهيو هيو. بشير خان انهن جي ڪري بہ مون سان هميشہ جهڪي ملندو هيو.

فرنٽ جو وزير هوندو هيو روشن علي پيچوهو. جيڪو علي اڪبر پيچوهو جو

Gul Hayat Institute

پٽ هيو. اڪبر صاحب ممتاز علي خان جو جهونو ساٿاري ۽ بزنس پارٽنر رهيو هيو. اهو بہ مون وٽ ايندو هو. ڪم لاءِ نہ پر گپ شپ لاءِ. پيپچوها منهنجا ويجها دوست رهيا آهن. انهن ۾ صديق پيپچوهو، پرويز پيپچوهو ۽ ڪي ٻيا.

شايد سبڪ مجيد واري واقعي منهنجي هاڪ ڏاڪ يا ساک ٻيهاري چڙهي هئي، جيڪو ماڻهو ايندو هيو تہ اڪثر پروٽوڪول جي پيروي ڪري ايندو هيو. حالانڪ منهنجو هر ڪنهن سان ورتاءُ دوستاڻو ۽ عزت ڀريو هوندو هيو.

## امداد چولياڻي (چانڊيو)

مسلم ليگ (ن) تہ اليڪشن جي حوالي سان ڪنهن ڳڻپ ۾ ئي ڪونہ هئي، سندس ليڊر امداد علي چولياڻي چانڊيو. ڊويزن جو صدر هيو پر اليڪشن جي حوالي سان گهڻو فعال ۽ اثرائتو ثابت نہ ٿيو. جڏهن تہ نثار کهڙي سان 1988ع ۾ سندس اليڪشن ۾ قاضي اختر جي خلاف اڳرو هيو. انهن ڏينهن ۾ مان لاڙڪاڻي ۾ ايڊيشنل ڪمشنر هوندو هوس. اسان جي سٺي دعا سلام هئي، پڙهيل لکيل نوجوان هيو. لاهور مان ڪنهن مارشل فيمليءَ مان شادي ڪئي اٿائين. سندس پٽ بہ CSS ۾ پوزيشن ڪنئي آهي، مون کيس مبارڪ ڏني هئي.

امداد چولياڻي صاحب مسلم ليگ (ن) جو وائيس پريزيڊينٽ هيو پر ويجهڙائي ۾ سندس نالو ٻڌڻ ۾ گهٽ ٿو اچي. چولياڻي صاحب اپريل 2017ع ۾ وري پ پ پ ۾ شامل ٿي ويو آهي.

بابو سرفراز جتوئي وڪيل بہ مسلم ليگ (ن) جو برجستو ليڊر تعلقي ڏوڪريءَ مان هيو. بابو سرفراز صاحب کي مسلم ليگ ن سنڌ جو صدر ڪيو ويو آهي. امداد صاحب مسلم ليگ کي ڇڏي پ پ پ ۾ شامل ٿي ويو آهي.

## قربان علي عباسي

لاڙڪاڻي جي سياست جو هڪ ڪردار جيڪو ميونسپل جي سياست ڪندو آهي، وڏي سياست دان ۽ اعليٰ انسان جو پٽ قربان علي عباسي بہ آهي. ڪاليج جي اليڪشن ۾ اسان سندس ورڪر هئاسون. هن ڪڏهن صوبائي سطح جي سياست نہ ڪئي آهي، پر هڪ مخصوص حلقي ۾ سندس اثر رسوخ آهي، جنهن جي ڪري مقامي سياست ۾ ميونسپل ۾ حصو وٺندو رهندو آهي.

## ٻگهيا ۽ انڙ

ڏوڪريءَ تعلقي جا الطاف انڙ ۽ ٻگهيا صاحب هڪ ٻئي جي خلاف اليڪشن لڙندا



آهن. هن وقت واحد بخش خان ٻگهئي جي پٽن جو بخت چوٽ تي چڙهيل آهي. نظير احمد ۽ حزب الله خان ٻگهيو ايم اين اي ۽ ايم پي اي آهن. ماهوٽو صاحب جهونو ٿي ويو آهي، اليڪشن کان پري آهي. (ماهوٽو صاحب 2016ع ۾ فوت ٿي ويو آهي.)

## سردار شبير احمد خان چانڊيو

سردار شبير احمد خان چانڊيو قمبر وارهہ کان ايم اين اي ٿيندو هيو. نادر مگسي بہ شهدادڪوٽ مان ايم پي اي ٿيندو رهندو آهي، رتيديري جي MPA جي سيٽ ڦرندي رهندي آهي، ڪڏهن PPP وٽ ڪڏهن ممتاز صاحب وٽ مقامي صورتحال وڏو ڪم ڏيکاريندي آهي.

## هار جيت

1997ع واري اليڪشن بہ ڪم ڏيکاريو. JUI جا ووٽ بہ ٽي هزار ممتاز خان ڏانهن ويندا آهن تہ سندس پوزيشن سرسيءَ واري ٿيندي آهي. سردار جلباڻيءَ جا ووٽ بہ ساڳيو رول ادا ڪندا آهن.

خيرڀديري جي منگين جا ووٽ اڌو اڌ ٿي ويندا آهن. ساڳيو ٻنگلديري جي پٽن جو ووٽن جو حال آهي. رتيديري شهر جي اڪثريت PPP کي ملندي آهي، پر هيءَ عجيب اليڪشن ٿيندي آهي، ٿورن ووٽن تي هار جيت ٿيندي آهي. 1988ع واري اليڪشن ۾ ممتاز صاحب کٽي رهيو هيو پر اليڪشن کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ سائين جي ايم سيد ۽ ٻيا نيشلسٽ ليڊر رتيديري ۾ آيا، ڪن بينظير صاحبہ کي گهٽ وڌ ڳالهايو. ماڻهن جو ڦِرڦو ڦري ويو. ممتاز صاحب هارايو ۽ سائين ديدار حسين شاهہ 3000 ووٽن تان کٽيو.

## ڪنور ادريس

اهڙا معجزا هتان جي اليڪشن ۾ ٿيندا رهندا آهن. ممتاز علي خان پٽي پنهنجي پراڻي ڊپٽي ڪمشنر DM ڪراچيءَ محترم ڪنور ادريس کي پنهنجي نگران روينيو جو وزير مقرر ڪيو. ڪنور صاحب ڄاتل سڃاتل قادياني آهي. JUI جي عالمن مظاهرا ڪيا ۽ ممتاز صاحب کان مطالبو ڪيا تہ کيس ڪابينا تان هٽايو وڃي، پر هو پنهنجي ضد تي اڙيو بيٺو تہ ان سبب جي ڪري کيس نہ هٽائيندس. هن شريف ماڻهوءَ استعيفيٰ بہ ڏني پر ممتاز صاحب چوي ’مين نہ مانون‘ اليڪشن ويجهو ايندي وئي هر ڪنهن جو اهو خيال هيو تہ ڪنور ادريس صاحب کي هٽايو ويندو. پر ممتاز صاحب ’تس تان مس‘ نہ ٿيو. ان صورتحال رتيديري جي اليڪشن کي وڏيڪ دلچسپ بڻائي ڇڏيو.

Gul Hayat Institute

سنڌ ۾ بہ مسلم ليگ حڪومت ٺاهڻ جي پوزيشن ۾ هئي، ايم ڪيو ايم کي پاڻ سان ملائي، ايم ڪيو ايم جا نيشنل اسيمبلي جا ميمبر بہ مسلم ليگ سان ملي ويا. هيٺ مٿي حڪومت ۾ اچڻ کان پوءِ وزارتون بہ پنهنجي پسند جون ورتائون.

## چيف منسٽر لياقت علي خان جتوئي

امتياز شيخ ۽ چيف سيڪريٽري سعيد صديقي مٿا ملائي چيف سيڪريٽري هائوس تي ويهي رهيا. نيٺ امتياز شيخ صاحب حل ڪڍي ورتو. هُما پڪي هن دفعي محترم لياقت علي خان جتوئي صاحب جي ڪلهي تي وينوءِ هن مارچ 1997ع ۾ چيف منسٽر جو قسم کنيو. خيال اهو هيو تہ امتياز شيخ چيف منسٽر جو ڄام صاحب ۽ مظفر حسين شاهہ صاحب جي دور وانگر سيڪريٽري ٿيندو، پر هيلٿ جو سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو.

امير بخش خان ڀٽو بہ ايم پي اي ٿي ويو هيو. هن وزارت قبول تہ ڪئي، پر سرڪاري پارٽيءَ سان لاڳاپيل رهيو.

اياز محمد سومري صاحب جنهن امير بخش کان شڪست کاڌي هئي ان منهنجي ۽ ريٽرنگ آفيسر لاءِ وڏو گوڙ مچائي ڇڏيو تہ انهن اليڪشن ۾ ڌانڌلي ڪرائي آهي. اليڪشن ٽربيونل ۾ امير بخش خان ۽ ريٽرننگ آفيسر، قربان علي شاهہ لڪياري، ايڊيشنل سيشن جج جي خلاف پٽيشن داخل ڪئي، پر منهنجي خلاف پٽيشن داخل نہ ڪيائين. سندس مهرباني.

هميشہ ائين ٿيندو آهي تہ نئين چيف منسٽر ۽ حڪومت جي اچڻ سان آفيسرن ۾ ٽاڪوڙو پئجي ويندو آهي، مون اميد پئي ڪئي تہ منهنجي بدلي ٿي ويندي، مون کي بدليءَ جي پريشاني ڪونہ هئي پر اها پريشاني ضرور هئي تہ ڪنهن مناسب جڳهہ تي پوسٽنگ ملي. پر منهنجي لاڙڪاڻي مان ٽرانسفر نہ ٿي. ڪمشنر عابد شيخ جي بہ ٽرانسفر ڪونہ ٿي. ايڊيشنل ڪمشنر منظور علي اعواڻ فوڊ جو ڊائريڪٽر ٿي ڪراچيءَ ويو.

منهنجي بدلي تہ ڪونہ ٿي پر منهنجي خلاف سازشن جو نئون سلسلو شروع ٿي ويو.

## محترمہ غنويٰ ڀٽو جي مونکي المرتضيٰ هائوس تي چاءِ جي دعوت

اليڪشن کان پوءِ هڪ ڏينهن محترمہ غنويٰ ڀٽو صاحبہ جو هڪ ورڪر، سندس چٺي کڻي ڪنهن ڪم سان آيو. مون کيس چانهن پياري ڪم ڪيوءِ محترمہ لاءِ سلام موڪليا.ان سان گڏ کيس نياپو موڪليو تہ مان ساڻس چانهن پيئڻ ٿو چاهيان! المرتضيٰ هائوس تي يا ڊي سي هائوس تي جتي کين سهوليت لڳي. ساڳي ئي ورڪر معرفت مون کي المرتضيٰ تي چانهن جي ڪوٺ ملي.



مان پوري پروٽوڪول سان پنهنجي ناٿي مختيارڪار لال ڏني منگيءَ سان ڏنل وقت تي المرتضيٰ تي پهتس. ميڊم جي پرڪشش ۽ خوشگوار موڊ سان ملي مسرت ٿي. خوشدليءَ سان کيڪاريائين ۽ خير خيريت ونڊيسون. اليڪشن جي نتيجن جي تلخي وساري چڪي هئي. ايئن تاثر ڏنائين ڄڻ ڪو ٻار راند هارائيندو آهي. مون کيس سندس اسپورٽس مئن اسپرٽ جو دل ئي دل ۾ داد ۽ تحسين ڏنو. چيائين تہ 'جيتريون اميدون وڏيون هيون، نااميديون اوتريون ئي وڏيون مليون.' بظاهر تہ ڏڪ پچائي وئي هئي. پر سندس اندر مان ڪا شيءِ ڪٽل ۽ ٽٽل نظر آئي پئي.

اليڪشن ۾ منهنجي نہ ملڻ جي ڳالهہ هن بہ نہ ڪئي. مون بہ نہ چوري. اڌ ڪلاڪ ڪن چانهن تي گپ شپ ٿي. هڪ ٻئي سان منهان منهن ملاقات ٿي. هڪ ٻئي جي خير خبر ڪئي. ملاقات سٺو تاثر ڇڏيو. هڪ مهذب ۽ پڙهيل لکيل وڏ گهراڻي نوجوان، ڏکي عورت جو جيڪا اڪيلي سر، گهر سنڀالي رهي هئي، ٻار بہ تہ سياست بہ. ۽ سڀ کان وڏيڪ تہ خاندان جي ۽ خاندان جي وراثت جي بہ. اڪيلي عورت سنڀاليندڙ هئي. سبڪ مجيد جهڙا صلاحڪار ميڊم لاءِ فائديمندي کان وڌيڪ نقصانڪار ٿي رهيا هئا. جيڪي سندس اثر رسوخ پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ ئي استعمال ڪري سگهيا ٿي.

## ڊنر جي دعوت

اٿڻ کان اڳ غنويٰ ڀيبيءَ مون کي فيمليءَ سان ڊنر جي دعوت ڏني. ٽائيم بہ پاڻ مقرر ڪري ڇڏيائين. ٻن هفتن کان پوءِ جڏهن ڪراچيءَ مان واپس ايندي تہ مون کي هڪ ڀيرو ڀيهر ياد ڪرائيندي.

ڪجهہ ڏينهن ئي گذريا تہ ميڊم غنويٰ جو فون آيو ۽ ڇنڇر جي شام جو ائين وڳي مون کي ۽ منهنجي گهر واريءَ کي ڊنر کائڻ جي دعوت ڏنائين. ان سان گڏ منهنجي پٽ محمد عريس خان جي ڄمڻ جي مبارڪ بہ ڏنائين.

منهنجو هيءُ پٽ، ٻي گهر واريءَ مان 15 مئي 1997ع تي لاڙڪاڻي ۾ ئي ڄائو هو. مون کيس مٺائيءَ سان ميسيج بہ ڪري موڪليو هو. پاڻ بہ جوابي مبارڪباد ۾ مٺائي موڪلي هئائين. هاڻي جو رويرو ڳالهہ ٿي تہ ان جي ڄمڻ جي مبارڪباد ڏنائين.

اسان ٻئي زال مڙس المرتضيٰ تي ڏنل وقت تي پهتاسون. اسان کي گهر جي ٻاهريان کيڪاريو ويو. جيئن لائونج ۾ داخل ٿياسون تہ پاڻ وڏي منهنجي گهر واريءَ کي ڀاڪر پائي گرم جوشيءَ سان ملي ۽ مون کي بہ مسڪرائي کيڪاريائين ۽ ڊرائينگ روم ۾ وٺي آئي.

پوئين دفعي جي ملاقات کان وڌيڪ تازو توانو لڳي رهي هئي ۽ پرسڪون پڻ.

نندڙي ذوالفقار جونيئر سان بہ ملاقات ٿي. ان وقت سندس اکين ۾ آئيندي جا خواب ۽ سنڌ ۽ پاڪستان جو مستقبل نظر اچي رهيو هو. (هيءُ 20 سال اڳ جو احوال آهي)

ڊرائينگ روم ۾ سڪندر جتوئي صاحب سندس وني مختيار پٽي ۽ سندس نياڻي بہ ويٺل هئا. انهن کان علاوه ٻہ ٻيون خواتين بہ هيون، جن جو تعارف مون کي هن وقت ياد نہ رهيو آهي. مختيار ۽ اسان جڻ گهر جا ڀاتي هئاسون. منهنجي اسڪول جي دوست الطاف پٽيءَ جي ڀيڻ آهي. جڻ اسان جي بہ ڀيڻ آهي. ويهن پنجويهن سالن کان پوءِ ملاقات ٿي هئي. سڪندر جتوئي هميشه وانگر خوش مزاج هئو.

ميڊم منهنجي گهر واريءَ کي پاڻ سان صوفي تي ويهاريو. مان ۽ سڪندر گڏ ويٺاسون. پهرين ملاقات جي ڪري اسان جي اجنبيت اڳ ۾ ختم ٿيل هئي. هن وقت رويا پنهنجائپ وارا هئا. ٻيو تہ خواتين بہ پاڻ ۾ مليون هيون. هو بہ جلدي پاڻ ۾ رلي ملي ويون. منهنجي زال کان خير خيريت پڇي، پوءِ ميڊم مون ڏانهن متوجہ ٿي. خبرچار پڇيائين، منهنجي ڪم جو پتو ڪيائين تہ ڪيئن ٿو هلي. پنهنجائپ وارو لهجو واضح هو.

هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڦري گهري سندس اليڪشن تي آيون. چيائين تہ "مون تہ پاڪستان جي اليڪشن جي ڪم کي سولو ڪم سمجهيو هو. تنهن ڪري ايترين جڳهن تان اليڪشن فارم ڀريو ۽ ٻين اميدوارن کي بہ ويهاريو." مون کي پڪ ڏياري وئي تہ مان ايتريون سيٽون کٽندس جو ٻين پارٽين سان ملي سنڌ ۾ حڪومت ٺاهيندس ۽ وفاق ۾ بہ ڪجهہ وزارتون ملنديون. پر ايئن نہ ٿيو. صدر صاحب جو حال ڪونہ هيو. (فاروق لغاريءَ لاءِ اشارو) مون کي صرف پي پيءَ کي ڌڪ ڏيارڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو. اسان جي ڪري انهن کي لاڙڪاڻي کان سواءِ ڪافي ڌڪ لڳو ۽ انهن جا ووٽ اسان جي سبب ورهائجي ويا. منهنجا صلاحڪار بہ صحيح تجزيو نہ ڪري سگهيا. بدنصيبيءَ سان اسان ممتاز ڀٽو صاحب سان بہ صحيح نموني سيٽن جي ورڇ نہ ڪري سگهياسون. مان لاڙڪاڻي گهر جي سيٽ نہ کٽي سگهيس جيڪا مير صاحب 1993ع ۾ کٽي هئي. وارهہ جي سيٽ تي ٺاهہ ڪيون ها تہ اها سيٽ بہ اسان يا فرنٽ کٽي ها.

ان دوران ڪولڊ آيو. وچ وچ ۾ خواتين پنهنجي ڳالهين ۾ مصروف ٿي ويون. سڪندر جتوئي ۽ مان بہ پنهنجي ڳالهين ۾ جُنبي وياسون. پر منهنجو سڄو ڌيان ان طرف هو تہ ميڊم کان ڪجهہ حال احوال سياست تي وٺڏيڪ وٺان.

ان دوران سُوپ سَرو ٿيو. ماشاءَ الله چا تہ بورچيءَ ڪرتب ڏيکاريا هئا. سوپ جو سپ وٺندي مون سوپ جي تعريف ڪئي ۽ ميڊم غنويٰ جو ڌيان پاڻ ڏي ڇڪايو.

مون چيو، "توهان سياسي طرح ڏاڍو ڏلا ٿي ويا آهيو. حالانڪ اليڪشن کي اجا گهڻو وقت نہ گذريو آهي." چيائين تہ "ڪجهہ آرام پئي ڪريان ڪجهہ حالات جو وقت



جو پارٽيءَ جوءِ اليڪشن جي نتيجن جو جائزو پئي وٺان ۽ غور پئي ڪريان."

"ووٽر اهي ئي هئا، جيڪي پي پيءَ ۽ اسان جي وچ ۾ ورهائجي ويا، نہ اسان کي فائدو ٿيو نہ پي پيءَ کي. هر طرح سان اسان پي پي جي شڪست ۾ calalyst ٿي وياسون. اسان کي جيڪا اليڪشن جي نتيجن جي ڪري نااميدي ٿي اها ناقابلِ بيان آهي."

وري مون چپينڊڙ سوال ڪيو "جيڪي وڏيون دبنگ ۽ سياسي شخصيتون، خاص طور جيڪي پي پي کان ناخوش هيون، اهي بہ هن وقت سياسي طرح خاموش ۽ توهان وانگر پاسيريون پيون ٿينديون وڃن؟" "ها! مان سمجهان ٿي، اهي ساٿي وقت جو فائدو وٺڻ لاءِ اچي اسان سان گڏ ٿيا هئا. جڏهن هنن جا مقصد پورا نہ ٿيا تہ هو هاڻي وري ڪا ٻي راهہ نهاريندا هوندا. هنن جي سياست نظرياتي تہ ڪونہ آهي. باقي جيڪي نظرياتي ۽ مير سان پيار ڪرڻ وارا عام ورڪر آهن، اهي اسان کي ڪڏهن بہ نہ ڇڏيندا."

"اڳتي جا سياسي پلان؟"

"اليڪشن هينئر ختم ٿي آهي، پلي ساٿي! سوچ ويچار بہ ڪن، ٽڪ پٽن، شاڪ مان نڪرن، صلاح مشورا ڪنداسون." منهنجو اڳيون سوال هو "چا سياست کي ڇڏي ڏيندا ۽ پارٽيءَ کي ختم ڪندا؟" وڏي اعتماد مان چيائين "نہ ! نہ!! مير جي پارٽي ۽ ذوالفقار پٽي جي پارٽيءَ کي آءٌ ختم ڪرڻ جو تصور بہ نہ ٿي ڪري سگهان! باقي سفر ۾ ڪيترا ساٿي ملندا آهن، ڪيترا ڇڏي ويندا آهن. اهو تہ طريقو رهندو ئي آهي."

مون آخري سپ سُوپ جي ورتي ۽ چيو "مون توهان جو سوپ بہ ٿڌو ڪري ڇڏيو" چيائين، ڪا ڳالهہ ناهي. مان توهان جي ڳالهين جي حقيقت تي غور ڪري رهي آهيان." "مان جيڪو توهان سان ڳالهايو پئي اهو پبلڪ جو خيال آهي." هن مسڪراهٽ ڏني ۽ اٿي گهر ڏانهن هلي وئي.

مون المرتضيٰ تي سوچيو. هاڻي جيڪا گهر جي اولهہ طرف اڏاوت آهي، اصل اهو گهر هو. ان کي Gray رنگ ڏنل آهي ۽ اها المرتضيٰ جي 'انيڪسي' ٿي ڪوٺجي ۽ ان جي اولاهين پٽ، رضا شاهہ ڪبير (VIP) روڊ طرف آهي. پر مکيہ داخلا جو دروازو اسٽيڊيم جي طرف کان آهي. انيڪسي ۽ گهر جي وچ ۾ لان آهي. انيڪسيءَ جي پٽ سان ٿلهو نهيل آهي، اهو اسٽيج طور استعمال ٿيندو هو. جڏهن پٽي صاحب جا 'اسٽيٽ گيسٽ' ايندا هئا تہ اتي لان ۾ ڪوڪلچرل ميوزيڪل پروگرام ٿيندو هو.

## المرتضيٰ هائوس

اها رات مان ۽ منهنجي گهر واري المرتضيٰ ۾ رات جي ماني‌ءَ جي سڏ تي موجود هئاسون. مون کي جتي المرتضيٰ ۾ مهمان ٿيڻ جي خوشي هئي، دل تي اداسي

Gul Hayat Institute

۽ مونجهہ بہ هئي.

اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين!

مانيءَ جي ٽيبل تي اچي سڀ مڙياسون. مون کي ادي مختيار ڀٽيءَ سان ۽ سندس نياڻيءَ سان ملي بہ خوشي ٿي. هوءَ منهنجي گهر واري سان ملي بہ خوش ٿي. ميڊم غنويءَ کي بہ منهنجي زال سان ملڻ جي خوشي ٿي ۽ پاڻ ۾ رلي ملي ويون. منهنجي زال مون کي ٻڌايو تہ هن ميڊم غنويءَ کي گهر مانيءَ جي صلاح ڪئي آهي. جيڪا ميڊم قبول ڪئي آهي. مون بہ ميڊم کي ۽ سڪندر جتوئي کي ٻارن سان گهر دعوت ڏني. جيڪا قبول ڪئي وئي، پر بدنصيبيءَ سان منهنجي جلدي بدلي ٿي وئي ۽ اهڙو موقعو نہ مليو جو سندن ميزباني ڪريون. ڊنر ڪرڻ بعد ڪجهہ وقت ويهي پوءِ اجازت ورتيسون. اها خوشي ڀريل اداس رات ختم ٿي. اسان گهر پهتاسون ۽ رات جو دير تائين ڀٽي خاندان ۽ ميڊم غنويءَ جي متعلق ڳالهائيندا رهياسون ۽ سوچيندا رهياسون تہ قسمتون ڪيئن ٺهن ۽ ڊهن ٿيون.

المرتضيٰ هائوس شاهنواز خان ڀٽي 1950ع جي ڏهي ۾ ٺهرايو. جنهن پوءِ ڪيترن ئي پاڪستاني حڪومتن جي حڪمرانن جي ميزباني ڪئي ۽ انهن سان گڏ ٻاهرين حڪمرانن کي بہ اتي اچڻ ۽ رهڻ جو موقعو مليو. ڀٽي صاحب جي شهادت کان پوءِ مير صاحب تہ ٻاهر هو بيگم صاحبہ ۽ محترمہ اتي ئي رهنديون هيون. 1988ع جي اليڪشن کان پوءِ محترمہ وزيراعظم ٿي ۽ اتي ئي رهي. پهريون سرڪاري اسٽيٽ گيسٽ جيڪو ڀٽي صاحب جي مزار تي آيو. اهو ڀٽي صاحب جو جان نثار، جنهن لاءِ مشهور ٿيو هو تہ راولپنڊي جيل جي ڇت ڀڃي ڀٽي صاحب کي هن جا گوريلا اغوا ڪري ويندا، اهو ياسر عرفات هو. هاڻي پهرين دؤر ۾ بينظير صاحبہ وزيراعظم ٿي تہ ياسر عرفات ڳڙهي خدابخش ۾ ڀٽي صاحب جي مزار تي آيو ۽ ويٺي رنو. هن جي پاڪستان اچڻ تي ڪا پابندي ڪونہ هئي، پر ضياءَ جي حڪومت ۾ هو هت ڪونہ آيو. چو تہ ضياءَ هن سان خانہ ڪعبہ ۾ ڀٽي صاحب کي ڦاهي نہ ڏيڻ جو وعدو ڪيو هو.

ان دور ۾ بہ المرتضيٰ هائوس محترمہ جي استعمال ۾ هو پر هو سمجهي رهي هئي تہ اهو گهر، اڳ ۾ يا دير ۾ مير مرتضيٰ لاءِ خالي ڪرڻو ئي پوندو.

ٻيو گهر ڀٽي صاحب جي ٻي گهر واريءَ امير شيرين بيگم جو نئون ديرو هائوس هو. بي بيءَ اهو گهر بيگم صاحبہ کان پيسن تي خريد ڪيو. ان کي ٺيڪ ڪري پنهنجي استعمال ۾ آندو. پوءِ ان گهر کي ئي پنهنجي سياسي ۽ رهائشي مرڪز بڻايو.

مير صاحب جي 1993ع ۾ ايم پي اي چونڊجڻ ۽ واپس اچڻ کان پوءِ اهو گهر مير صاحب جي گهر واري ۽ ٻارن جي استعمال ۾ رهيو ۽ بي بي صاحبہ ان گهر کان پاڻ کي لاتعلق ڪري ڇڏيو.



## محمد عريس خان جي پيدائش

پندرهن مئي 1997ع تي مان لاڙڪاڻي جي لطيف ميڊيڪل ڪامپليڪس جي آپريشن ٿيٽر جي ٻاهران بي چينيءَ سان اچي وڃي رهيو هيس. منهنجا ڪزنس سرور منگي، آفتاب منگي ۽ سڪندر منگي ڪنهن ڪم سانگي ڪراچيءَ کان لاڙڪاڻي آيل هئا، اهي بہ مون سان گڏ هئا.

ڊاڪٽر رفيہ بلوچ آپريشن ٿيٽر مان ٻاهر نڪتي. مان هن جي طرف وڌيس. مون کي مبارڪ ڏئي چيائين تہ "پٽ جي مبارڪ هجيوَ ماءُ بہ ٺيڪ حالت ۾ آهي. توهان ٻار کي ڏسي سگهو ٿا." مان اندر ويس. پهريان گهر واريءَ کي ڏٺم. هوءَ هوش ۾ اچي رهي هئي، پٽ هٿ پير هلائي رهيو هو. مون کي خوشي ٿي. ماءُ ۽ ٻار کي چمي ڏني. رب جا شڪرانا بجا آندا. 21 سالن کان پوءِ الله سائين هڪ ٻيو ٻار، پٽ عطا ڪيو هو. پهريون پٽ انيس قادر منگي، 15 سيپٽمبر 1976ع تي ڄائو هو. جڏهن مان غيبي ديري پوڊ جي ڊيوٽيءَ تي هئس ۽ پنجن ڏينهن کان پوءِ ڪيس چڻي رات اچي ڏٺو هيم. انيس جي بحر وزن سان هن پٽ جو نالو اريس، محمد اريس خان رکيو. هُو خوشنصيب هو جو منهنجا ٽي ڪزنس، سندس ڀاءُ ۽ ڀينر بہ سندس ڄمڻ وقت موجود هئا. اها رات مون بہ لطيف ميڊيڪل ۾ گذاري.

19 سالن کان پوءِ بہ اريس خان جڏهن ڊي سي هائوس لاڙڪاڻي جي ڀر مان گذرندو آهي تہ پنهنجو ڄمر ياد ڪندو آهي.

*

آءٌ ڊي سي او نوابشاهہ هيس تہ قاضي اعجاز اتي آيو. گهر جو مٿيون اوپر وارو ڪمرو ڏسي چوڻ لڳو تہ "بابا جڏهن ڊي سي نوابشاهہ هو تہ مان هن ڪمري ۾ رهندو هئس."

ڪيپٽن قاضي سچيڏنو سنڌ جو مشهور آفيسر رهيو آهي. پاڻ تقريباً سنڌ جي سڀني ضلعن ۾ ڊي سي رهيو آهي. سندس پٽ بہ مشهور شخصيتون ۽ آفيسر رهيا آهن.

قاضي سچيڏنو صاحب جيڪب آباد جو ڊي سي رهيو ۽ اتفاق سان قاضي امتياز بہ اتي ڊي سي رهيو. ساڳي گهر ۾ ۽ آفيس ۾ ڪم ڪيائين ۽ وقت گذاريائين. منهنجي جڏهن سکر مان بدلي ٿي تہ سامان پيڪ پئي ڪيو. منهنجي گهر واري آفيس ۾ آفيسرن جي نالن جو بورڊ لڳل هو. منهنجو ننڍو پٽ علي حميص قادر جيڪو ان وقت پنجن سالن جو هو. تنهن ڊرائيور کي چيو تہ "اهو بورڊ ڪٽي هل. جڏهن مان هتي ڊي سي. او ٿي ايندس تہ پنهنجو نالو ڊيڊيءَ جي نالي کان پوءِ لکندس."

خبر ناهي تہ آئيندي جو لکڻ وارو اسان جي اولاد جي ڀاڳ لاءِ ڇا لکي رهيو آهي.

*

اٿن ڏينهن کان پوءِ منهنجي نياڻيءَ صفيہ کي ساڳي اسپتال ۾ ساڳي ڪمري ۾

Gul Hayat Institute

آخر حڪيم محمد سعيد دهلويءَ واري شهادت کان پوءِ جتوئي صاحب جي حڪومت کي نواز شريف گول ڪيو. پر جتوئي صاحب جي حڪومت کي ڊاهڻ جا ٻيا سبب به، شايد وٽن، گهڻائي هئا!

## چيف سيڪريٽري سعيد مهدي

سنڌ جو چيف سيڪريٽري اليڪشن ٿيڻ سان ئي ۾ تبديل ڪيو ويو. سعيد صديقي صاحب کي بدلي ڪري محترم سعيد مهدي صاحب کي مقرر ڪيو ويو. سعيد صديقي صاحب جون خدمتون گهڻي عرصي کان سنڌ ۾ رهيون هيون. هر آفيسر کي سڃاتائين پئي. جڏهن ته سعيد مهدي صاحب ميان صاحبن کي اسسٽنٽ ڪمشنر جي زماني کان ويجهو رهيو هو. ڊي. سي ڪمشنر ۽ پرنسيپل سيڪريٽري ميان صاحب جي چيف منسٽريءَ جي زماني ۾ رهيو هو. هو جڻ ميان صاحب لاءِ اکين ۽ ڪنن جو ڪم ڪندو رهيو هو. سندن ويجهي ۾ ويجهو ۽ ڀروسي جهڙو آفيسر هو. سنڌ ۾ چيف منسٽر کان اڳ ۾ ئي سعيد مهدي کي چيف سيڪريٽري ۽ راڻا مقبول کي آءِ جي سنڌ ڪري رکيو ويو. راڻا مقبول ته ايس پي پنجيل خان جون سڪون لاهي ڇڏيون.

سعيد مهدي صاحب کي خبر هئي ته هن جي صاحبن جون ڪهڙيون ترجيحات هيون ۽ انهن جا مفادات ڪٿي ۽ ڪهڙي جڳهه تي اٽڪيل هئا. مٿيان سي ايم جي ڳالهه کان وڌيڪ سي ايس جي ڳالهه کي وڌيڪ اهميت ڏيندا هئا. هونئن به جتوئي صاحب ڪن معاملن ۾ ڪجهه وڌيڪ ئي آزاد فيصلا ٿي ڪيا، جيڪي ميان صاحب جي حاڪمانه مزاج جي خلاف هئا.

لاڙڪاڻي جو خالد کهڙو صاحب جنهن جي شادي دولتانه فيمليءَ مان ٿيل آهي، اهو سعيد مهديءَ کي ويجهو هو. ڀائن جا پاڻ ۾ جهيڙا هئا. پاشا کهڙو صاحب هڪ طرف هو ۽ ٻيا ڀائر ۽ حميده کهڙو صاحبه ٻئي طرف هئا. سعيد صاحب ڪڏهن ڪڏهن خالد محمود کهڙي لاءِ صبح جو 9 بجي فون ڪندو هو. هن جو مزاج پنجاب جي بيورو ڪريسيءَ وارو ٺهيل هو پر سنڌ کي به چڱو سمجهي ويو هو.

## چيف سيڪريٽري لاڙڪاڻي ۾

سعيد مهدي، چيف سيڪريٽريءَ جو پروگرام لاڙڪاڻي ڊويزن جي دوري جو ٿيو. مان بطور ڊي سي اڳ ۾ هيس. ڊويزن جي ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن ۽ پوليس سان لا ۽ آرڊر جي ميٽنگ لاڙڪاڻي ۾ ڪيائين. روينيو آفيسرن سان الڳ ميٽنگ موئن جو دڙو ۾ ميوزيم ڏسڻ کان پوءِ اتي ئي گلستان هوٽل ۾ ڪيائين. هن هوٽل جي لان ۾ شهنشاهه



ايران ۽ ڀٽي صاحب تاريخي ٺهراءَ ڪيا هئا. انهن جي يادگار طور اتي هڪ ميورال به ٺهرايو ويو هيو.

اتي ميٽنگ هلندي سعيد مهدي صاحب مون کي ٽوڪيندي چيو ته "توهان منهنجي فون اٽينڊ نٿا ڪيو ۽ ڪال بيڪ به نٿا ڪيو." سندس ان ڳالهه نه صرف مون کي نه پر منهنجي ٻين دوستن، خاص طور سياڳي خان کي به هڪو ٻڪو ڪري ڇڏيو. جيڪو منهنجي ڪال بيڪ ڪرڻ جي عادت کان چڱيءَ طرح واقف هو. مان ڇا چوان!

سياڳو خان جيڪب آباد جو ڊي سي هو ۽ احمد بخش ناريجو شڪارپور جو ڊي سي هو. عابد شيخ صاحب لاڙڪاڻي جو ڪمشنر هو.

عابد صاحب اهڙن موقعن تي گهٽ ڳالهائيندو آهي. جنهن جو ڪم لاهڻو هوندو هئس ان جو ڪم اڪيلي ۾ ئي چيف سيڪريٽري سان ڳالهائي لاهي ايندو هو.

لاڙڪاڻو ڏاڍو ڏکيو ضلعو رهيو آهي. پر جيڪڏهن اتي پي پي پي جي حڪومت هوندي آهي ته گهڻو سولو ٿي پوندو آهي، ڇو ته اتي حڪم ۽ پاليسي هڪ شخصيت جي هلندي آهي پر جيڪڏهن ٻي پارٽيءَ جي حڪومت هوندي آهي ته پوءِ هر سياسي ماڻهو بادشاهه هوندو آهي، پوءِ اهو پي پي جو هجي يا ٻي ڪنهن پارٽيءَ جو. هن دور ۾ به مسلم ليگ جي حڪومت هئي. جنهن جو هڪ به ايم پي اي ضلع مان نه هو. امداد چوليائي صاحب ڊويزن جو صدر هو. منهنجو پراڻو دوست هو. پر وقت ڪيس وڏو ليڊر ڪري ڇڏيو هو. ليڊر ڪنهن جا به دوست نه هوندا آهن. ڪمشنر صاحب ساڻس دوستي ڳنڍي هئي، ٻيا به جيڪي ن ليگ جا ننڍا وڏا ليڊر هئا. انهن پنهنجا پنهنجا Pressure Group ناهيا هئا. مشتاق جتوئي ۽ سندس والد قربان علي منهنجا پراڻا واقف ۽ تعلقدار هئا. مشتاق جتوئي جو هوٽل "سپنا" ورڪرن لاءِ کليل هوندو هو. سندس ورڪر سندس هوٽل تي ماني کائي منهنجي خلاف پريس ڪانفرنس ڪندا هئا ۽ پاڻ مون وٽ اچي انهن کي گاريون ڏئي چانهن مون وٽان پي ويندو هو. مان ته دل ۾ کلندو هئس ته ماڻهو ڊي سي لاڙڪاڻي کي ڪيترو ڳهيلو ٿا سمجهن. انهن حالتن جي ڪري لاڙڪاڻو وڌيڪ مشڪل ٿي پيو هو.

مون هڪ ڳالهه پاڻ سان طئي ڪري ڇڏي هئي ته هر ماڻهو کي عزت ان جي حيثيت موجب ڏبي. اهو ڪنهن به پارٽيءَ جو هجي، ڪم به هر ڪنهن جو ميرٽ تي ڪبو. مون پنهنجن زيردست آفيسرن کي به اهو سبق پڙهايو. ميٽنگ ڪندي ڪندي سعيد مهدي صاحب مون کي چوڻ لڳو ته "رولنگ پارٽيءَ وارن کي شڪايت آهي ته توهان سندن نه ته ڪم ٿا ڪيو نه ئي ڪين عزت ٿا ڏيو. ان جي برعڪس توهان پي پي وارن جا ڪم به ڪيو ٿا ۽ انهن جي ايم پي ايز کي ٻاهر به ڇڏڻ وڃو ٿا؟" هن اها ڳالهه اوچتي ڪئي ۽ سڀني جي روبرو منهنجي جواب جو انتظار ڪرڻ لڳو. هن جو لهجو نرم هو پر اندر جي خبر خدا کي

Gul Hayat Institute

پر هي لفظ تہ ڏکيا هئا!

مون کيس جواب ڏيندي چيو تہ ”سرا عزت هر ڪنهن کي سندس حيثيت ۽ سماجي رتبي موجب ڏيندو آهيان. ڪم بہ هر ڪنهن جو ميرٽ تي ٿئي ٿو. ان ۾ تفريق ڪونہ ڪندو آهيان. ڊسڪريشن حڪومتي ڊرجي طرف ويندو آهي. باقي جيڪڏهن مون غير واجب رويو مخالف ڌر سان رکيو تہ پوءِ منهنجي توهان وٽ شڪايت نہ ايندي بلڪ سنڌ اسيمبليءَ ۾ نثار احمد کهڙو صاحب چيف منسٽر صاحب جي شڪايت ڪندو ۽ بينظير صاحبہ نيشنل اسيمبليءَ ۾ پرائيم منسٽر صاحب لاءِ دانهيندي تہ لاڙڪاڻي ۾ منهنجي ووٽرن سان ظلم ٿو ٿئي.“ مون کيس اُٽسڌي طرح ٻڌايو تہ ٻنهي کي بچايو وٺو آهيان.

سعيد مهدي صاحب جهانديدو فيلڊ آفيسر رهيو آهي. اهڙي صورتحال مان گذريو هوندو. چپ ٿي ويو. موضوع بدلائي ڇڏيائين. مون کي پڪ هئي تہ چيف سيڪريٽري آيو ئي منهنجو ’اجرڪ چورائڻ‘ لاءِ هو. واپسيءَ کان پوءِ پڪ منهنجي بدلي ڪندو. پر ائين نہ ٿيو.

## الله حق وڪيل آهي- ڪمشنر ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر جون منهنجي خلاف سازشون

هڪ ڏينهن پرائيم منسٽر جي سيڪريٽريٽ مان فون آيو. منهنجو پنهنجي اسٽاف کي چيل هو تہ جيڪڏهن ڪو آرميءَ جو سي ايم جي يا پي ايم جي سيڪريٽريٽ جو نالو کڻي فون ڪري تہ هڪدم نہ ملايو جيستائين توهان جو نمبر سڃاڻل نہ هجي. ان ڪال ڪرڻ واري جو نمبر وٺي پنجن منٽن کان پوءِ ڪال ملايو. چو تہ ڪيترا تجربا ٿيا هئا جنهن ۾ ڪوڙيون ڪالون ڪري عجيب مطالبا ڪندا آهن.

منهنجي پي اي ڪال بيڪ ڪري پي ايم هائوس جي ايڪسچينج تان اهو آفيسر ورتو. پي. ايم هائوس وارن آفيسرن اسسٽنٽ ڪمشنر اسد جي سخت قسم جي بدتميزيءَ جي شڪايت ڪئي. اسد ان وقت مون وٽ نہ پر ڪمشنر وٽ AC (G) هيو. هن جي بدلي سندس افعالن جي ڪري رتيديري مان ٿي وئي هئي. ڪمشنر تہ چاهيو پئي تہ هن کي مان بطور اي سي لاڙڪاڻو رکان پر مان پڙ ڪيدي بيٺس. تنهن ڪري ڪمشنر صاحب کيس ’وفائن‘ جي صلي ۾ پاڻ وٽ ئي پوسٽ ڪرايو.

مون پرائيم منسٽر هائوس کي ٻڌايو تہ هو هينئر ڪمشنر جو اسٽاف آفيسر آهي. هنن چيو تہ توهان اسان جي طرفان اها شڪايت لکي ڪمشنر کي موڪليو ۽ ڪاپي اسان ڏي موڪليو. مون ائين ئي ڪيو. اسان جي آفيسن ۾ بہ تہ فرشتا ويٺل هوندا آهن نہ. پي اي جي روپ ۾. خط جيڪو مون ڪمشنر کي موڪليو اهو اسد پاڻ وٽ روڪي ڇڏيو.



هن کي خبر پئجي وئي هئي.

هو مون سان ملڻ آيو. مون ملڻ کان انڪار ڪيو. آخر ڪجهہ ڏينهن جي ايلاز منٽن ۽ قسم قرآنن کان پوءِ هو خوش محمد ڏاهاڻيءَ ڪمشنر جي پي ايس کي وٺي آيو. ڪمري ۾ داخل ٿي جنسي طور قالين تي گيسي ڪيائين. اچي روئڻ ۾ ڇٽڪيو. ڏاهاڻيءَ کي چيم تہ پاڻي پيارينس. پاڻي پيئائين ڪجهہ سامت ۾ آيو. منهنجي آفيس ۾ قرآن شريف پيو هو. اهو کنيائين ۽ چوڻ لڳو تہ ”مان جيڪو تنهنجي خلاف ڪم ڪيو آهي ان ۾ منهنجي نيت شامل ڪونہ هئي پر مون کان اهو ڪم ڪمشنر عابد شيخ ڪرايو آهي. هن نالو کڻي ان متئين آفيسر لاءِ چيو تہ ان مون کي آسرا ڏئي تنهنجي خلاف ڪم ڪرايو. پوءِ جڏهن بدلي ٿي تہ چيائين تہ تون ڳڻتي نہ ڪر مان تو کي پوسٽنگ وٺي ڏيندس. اها بہ نہ ٿي. آءٌ ٽن مهينن کان سندس آفيس ۾ سڙي رهيو آهيان. هاڻي هن پرائيم منسٽر هائوس جي شڪايت ۾ ڦاٿو آهيان. مدد ڪريو.“

مان چپ ڪري سڀ حيرانگيءَ سان ٻڌي رهيو هئس. يا مولا! چا ائين بہ ٿيندو آهي. مون اسد کي چيو تہ ”مون تہ ڪجهہ ڪونہ ڪيو آهي. اهي تنهنجا افعال آهن جو پي ايم هائوس شڪايت ڪئي آهي. ڪمشنر صاحب جو تون لاڏلو آهين. تو کي هو بچائي وٺندو.“ اسد ويتر پريشان ٿي ويو. آخر مون کي چيائين تہ ”مان پي ايم هائوس کي approach ڪريان ٿو توهان بہ ان خط لاءِ followup نہ ڪجو.“

الله سائين اهي راز کوليا جن جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي تہ ڪو ڪمشنر، پنهنجي ڊي سيءَ جي خلاف ان جي اي سي کي اهڙي طرح استعمال ڪندو. پر اهو آخري پيرو نہ هو.

## انوار حيدري

سابق ڪمشنر لاڙڪاڻو سيد انوار حيدر، سنو آفيسر رهيو آهي. پر جيئن تہ نگران آيا تہ ممتاز صاحب جي حڪم تي ڪيس اينٽي ڪرپشن جي سربراهہ جناب امداد الله انڙ صاحب جهلي لاڙڪاڻي جيل ۾ وجهي ڇڏيو جتي هو ڪمشنر رهي چڪو هو. انوار صاحب کي بلڊ پريشر ۽ دل جي تڪليف هئي. ڪورٽ جي حڪم تي ڪيس سول اسپتال لاڙڪاڻي جي دل جي وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو هو. مٿس پوليس جو سخت پهرو ۽ اچڻ وڃڻ وارن جي بہ نظرداري هئي. شايد مٿي رپورٽ ڪندا هوندا.

مون لاڙڪاڻي ۾ چارج ورتي تہ ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ ڪيس ملڻ ويس ۽ گل بہ ڏنا. اسان گڏ تہ نوڪري نہ ڪئي آهي پر ساڳيءَ چٽ هينان سنڌ ۾ نوڪري ضرور ڪئي هئي ۽ هڪ ٻئي سان عزت جو واسطو رهيو هو. اهو افسوسناڪ منظر هو. انوار حيدر سيد

Gul Hayat Institute

هندستان کان شڪارپور ۾ اچي رهيو هو. هتي پڙهيو. ننڍي کا نوڪري ڪيائين. پوءِ سيڪنڊ ڪامن ۾ سي ايس ايس ڪري اي سي ٿيو. سکر جو بہ ڊي سي رهي چڪو هو. سيڪريٽري ۽ ڊائريڪٽر فوڊ بہ رهيو هو. محترما جي 1993ع واري حڪومت اچڻ کان پوءِ ڪمشنر لاڙڪاڻو ٿيو هو.

سندس ايام ڪاريءَ ۾ ممتاز صاحب کي شڪايتون رهيون. نہ صرف ممتاز صاحب کي شڪايت هئي، امداد الله انڙ صاحب، جيڪو سنڌ ۾ انٽي ڪرپشن جو انچارج هو ان کي بہ ناراضگي هئي. سو هن حال ۾ ڪيس ڏسي ڏک ٿيو. مون ڪيس چيو تہ “آءٌ ڪيس جيل مان تہ آجو نٿو ڪري سگهان. پر هر ممڪن حد تائين ڪيس سهوليت فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.” ان ڪم تي مان لال منگيءَ کي لڳائي ڇڏيو هو جيڪو لاڙڪاڻي ۾ ڳوٺ آباد ۾ مختيارڪار هو ۽ جنهن انوار حيدر صاحب جي هٿ هيٺ ڪم ڪيو هو.

## امداد الله انڙ

امداد الله انڙ صاحب بہ پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏاڍيون لاهيون چاڙهيون ڏٺيون. پي سي ايس ڪري اسسٽنٽ ڪمشنر ٿيو. پيٽي صاحب جي دور ۾ سانگهڙ ۾ ڊي سي ٿيو. جتي ڄام صادق علي صاحب کي ڏاڍو ويجهو ٿيو. ستن حرن جي قتل ۾ ڄام صاحب سميت امداد صاحب ۽ ايس پي غلام شبير ڪليار نامزد ٿيا. پوءِ هئي جلدي حيدرآباد جا ڊي سي ۽ ايس پي ٿيا. انڙ صاحب سردار احمد خان راڄپر جي گهر مان شادي ڪئي. خالد ميان راڄپر جيڪو اسان سان گڏ اسسٽنٽ ڪمشنر ٿيو. ان جو ڀيڻويو هيو. سندس پٽ حمير انڙ ماشاءَ الله ڏاڍو سنجيدو ۽ سلڇڻو آهي. انڙ صاحب جون زمينون ۽ ڪاروبار اهو ٿو سنڀالي. مسلم ليگ (ن) ۾ بہ لاڙڪاڻي مان عهديدار آهي. حمير انڙ منهنجي پٽ ڊاڪٽر انيس جو گهاٽو دوست آهي. منهنجي بہ چاچن وانگر عزت ڪندو آهي.

## تجر باغ

تجر باغ جو هاڻي نالو جناح باغ آهي. هيءَ اصل نواب ولي محمد لغاريءَ جو باغ آهي. مرڻ کان پوءِ هن کي اتي 1832ع ۾ امانت طور دفن ڪيو ويو هو ۽ ان تي هڪ ‘تجر’ ٺهرائي وئي. پوءِ نواب ولي محمد لغاريءَ جو پٽ نواب احمد خان لغاريءَ لاش اتان ڪڍائي حيدرآباد ۾ وڃي دفن ڪيو جنهن تي هڪ مقبرو ٺهرايو ويو.

تجر واري جڳهہ لاءِ روايت آهي تہ اها نواب صاحب جي ڪچهريءَ واري جڳهہ هئي، جتي اها تجر ٺهرائي وئي. هن تجر واري هنڌ 1881ع ۾ انگريزن جي وقت ۾ هڪ لئبرري قائم ڪئي وئي. هتي پوءِ جناح ٽائون هال 1956ع ڌاري ٺهيو تہ لائبريري ان ۾ منتقل ڪئي وئي. هيءَ جڳهہ پوءِ مختلف وقتن تي مختلف ڪمن ۾ استعمال ٿي. ڪو دؤر هو



جو هتي لوڪل براڊ ڪاسٽنگ هوندي هئي. ڪجهہ وقت هت ريسٽورنٽ بہ رهي. ذوالفقار علي ڀٽي صاحب جي دؤر ۾ اها عمارت پاڪستان نيشنل ڪائونسل لاڙڪاڻي کي ڏني وئي. آثار قديمہ کاتي کي حڪم ڪيو ويو تہ تجر جي مناسب مرمت ڪرائي.

ٽائون هال ۾ ڪنهن زماني ۾ اسان بيڊمنٽن جون ميچون بہ کيڏيون. جتي ڪافي ادبي، علمي ۽ ثقافتي سرگرميون ڪيون ويون. ان ٽائون هال کي ڊهرائي هڪ وڏو شاندار هال ٺهرايو ويو آهي، جيڪو ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي حوالي آهي.

## نواب ولي محمد خان لغاري (۽ نواب احمد خان لغاري)

نواب ولي محمد خان لغاري پنهنجي دور جو بلند رتبي وارو مدبر شخص ٿي گذريو آهي. سنڌ ۾ سندس دور ۾ هن کان ورلي ڪو دلير ۽ دانشمند شخص هن جي برابري ڪندو هو. هيءَ لغاري بلوچن جي قبيلي مان هو جنهن جو سنڌ ۽ بلوچستان جي تاريخ ۾ وڏو نالو آهي. سندس والد نواب غلام محمد خان لغاري ٽالپورن جي وڏي بهرام خان جي ساٿارين مان هو جنهن ميان سرفراز ڪلهوڙي جي دربار ۾ بہ وڏو مانُ رکيو ٿي. پاڻ ربيع الاول 1189هہ/ 1775ع ۾ مير بهرام خان سان گڏ قتل ٿي ويو هو.

هن جو پٽ ولي محمد خان مير فتح خان جي دربار ۾ آيو. هالاڻيءَ واري جنگ ۾ سنڌ جي آخري ڪلهوڙي حڪمران ميان عبدالغني خان سان 1196هہ ۾ جنگ ۾ چڱي دليري ڏيکاري. جڏهن مير فتح خان فتحياب ٿي سنڌ جي گاديءَ تي ويٺو تہ هن کي خاص مقرب مقرر ڪيائين. هن جي جنگي ڪارنامن جو ذڪر ڪتاب نواءِ معارڪ ۾ تفصيل سان اچي چڪو آهي تہ ڪيئن بارڪزين سان منهن ڏنائين ۽ شاهہ شجاع کي شڪارپور مان ڪيڻ لاءِ حڪمت عمليءَ سان ڪم ورتائين ۽ ڪامياب ٿيو. نواب ولي محمد کي چانڊڪا پرڳڻو جاگير طور مليل هيو. حيدرآباد جو ٺٽو ولي محمد بہ سندس نالي تي قائم ٿيل آهي. هن جي وفات کان پوءِ ميرن ۾ نفاق وڌي ويو فوج ۽ حڪومت ۾ ابتري وڌي وئي.

لغارين جي اصل رهائش ديري غازي خان لڳ چوٽي ۾ هوندي هئي جتي اڄا تائين رهن ٿا. برنس پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ “اسماعيل شاهہ ۽ نواب ولي محمد سنڌ ۾ ميرن جا وڏا وزير هئا. بلوچ جيڪي ميرن جي وڏي ٽيڪ ليکيا ويندا هئا.”

نواب ولي محمد خان شاعر بہ هو ۽ سندس ڪليات ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ترتيب ڏني آهي. جيڪا سنڌي علم ۽ ادب ۾ وڏو اضافو آهي. ان ڪليات تي تعارفي طور بلوچ صاحب وڏو مهاڳ لکيو آهي، جيڪو بلوچ صاحب ئي لکي سگهي ٿو. هي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ڇپايو آهي پر بدنصيبيءَ سان مارڪيٽ ۾ اڻ لڀ آهي. بورڊ کي ان طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي ۽ اهي ڪلاسڪس مارڪيٽ مان ناپيد نہ هئڻ گهرجن.

Gul Hayat Institute

هن فارسيءَ ۾ به شاعري ڪئي. سنڌس فارسيءَ ۾ تخلص ولي هو. نواب ولي محمد پنهنجو ديوان 1807ع ۾ مڪمل ڪيو پر ان ڪان پوءِ به هير رانجها، چئن يارن، امامن ۽ ميرن جي تعريف ۾ شعر لکيائين.

1196هه / 1782ع واري فيصلا ڪن جنگ ۾ ميرن جي طرفان ڪلهوڙن سان هالاڻيءَ ۾ جنگ ڪئي وئي جنهن ۾ ڪلهوڙن کي شڪست ملي. ان ڪان پوءِ ئي سنڌ ۾ ٽالپورن جو دور شروع ٿيو. ان ڪان پوءِ ميرن جي چوياريءَ وارو دؤر شروع ٿيو. جيڪو سونهري دور هو. نواب ولي محمد ان وقت سنڌن وزيراعظم هو. ڪيس ملڪي ۽ ٻاهرين تعلقات جون ذميداريون به تفويض ڏينديون رهيون جنهن ۾ هر هر ذميداريءَ مان خوش اسلوبيءَ سان ڪامياب ۽ ڪامران ٿيندو رهيو. نواب صاحب پنهنجي حڪمران وٽ سرخرو هو. اهو ئي عوام ۽ عام ماڻهوءَ ۾ مقبول هو. اهو ئي سبب هو جو انگريزن به چئي ڏنو ته جيستائين ميرن وٽ نواب ولي محمد لغاريءَ جهڙو دانشور ۽ سمجهو سياڻو وزيراعظم ۽ بهادر جرنيل آهي، تيستائين ميرن کي شڪست ڏيڻ مشڪل آهي.

## نواب احمد خان لغاري

1832ع ۾ نواب ولي محمد لغاري وفات ڪئي ۽ نواب احمد خان سنڌس جاءِ والاري. سيد نور محمد خان جي وفات ڪان پوءِ ۽ مير نصير خان جي دور ۾ درٻاري سياست ۽ اندروني ڇڪتاڻ ڪان بيزار ٿي نواب احمد خان لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي جاگير ۾ وڃي رهيو. جڏهن انگريزن بدعهدي ڪري ميرن سان لڙايون ڪيون ته نواب احمد خان به پنهنجي ماڻهن سان گڏجي ميرن جي طرفان انگريزن سان وڙهندو رهيو. دُٻي ۽ مياڻيءَ واري جنگ ۾ ميرن کي شڪست ملي ته هي بلوچستان هليو ويو جتي انگريزن جي خلاف فوج ڪٺي ڪندو رهيو پر ميرن جو سنڌ ۾ ئي شيرازو وِکري ويو. چئن سالن ڪان پوءِ نواب احمد خان لغاريءَ کي واپس سنڌ ۾ اچڻ جي انگريزن ڪان اجازت ملي ۽ ڪيس انگريزن طرفان پوڻا ٽي لک جريب زمين تابعداريءَ جي شرط سان ڏيڻ جي آڇ ڪئي وئي. هن قبول نه ڪئي ۽ لاڙڪاڻو ڇڏي اچي سکرنڊ ۾ رهيو.

سنڌس وفات 21 فيبروري 1870ع تي ٿي. ديهه مرزاپور جاگير ۾ سادگيءَ جي عالم ۾ ڪيس امانت طور دفن ڪيو. پوءِ سنڌس لاش ڪڍائي درگاهه جهوڪ ۾ تدفن ڪيو ويو. جنهن درگاهه جو پاڻ مريد هو.

(هي تفصيل ڪتاب ”تاڙن معرڪن جي تاريخ“ تان صفحه 406 تان ورتل آهي، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ 2005ع ۾ ڇپايو هو.)

❋



## موهن جو دڙو

موهن جي دڙي جي ذڪر ڪان سواءِ پاڪستان، سنڌ ۽ لاڙڪاڻي جو ذڪر مڪمل نه ٿيندو. موهن جي دڙي جي آسپاس کوٽائين ۾ ٻڌ تهذيب جا نشان مليا. تيستائين گنڌارا جا نشان ملي چڪا هئا. اها تجرباتي کوٽائي 1911ع ۾ شروع ڪئي وئي. پوءِ وري سر جان مارشل ۽ سر مارٽيمر ويلر ۽ انهن ٻنهي جي ٽيمن وڏي جاکوڙ سان کوٽائي ڪئي. 2500 ق.م تهذيب جا اهڃاڻ ڪڍي ظاهر ڪيا. جيڪي کنڊرات ۽ نوادرات هتان مليا، تن دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. دنيا جي ماهرن جي اها مشترڪ راءِ آهي ته هن تهذيب جي اهڃاڻن ۾ 5000 هزار سال پراڻي هجڻ ۾ ڪنهن به قسم جو شڪ شبهو ڪونه آهي. هتي جا کوهه ناليون گهر، مورتيون، سِرُون، اکر ۽ ٻيو سامان ان ڳالهه جا ثبوت آهن ته موهن جي دڙي جي تهذيب ڪيترو پراڻي آهي.

هينئر 16 _2015ع ۾ موهن جي دڙي تي ڊرلنگ ڪئي ٿي وڃي. ان جي ابتدائي نتيجن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته اڃان به کي وڏيڪ پراڻا آثار اتي موجود آهن. ۽ ايراضي به شايد وڏيڪ ملي وڃي. هن وقت جڏهن سائنسي طرح وڏيڪ ترقي ٿي آهي ته ڪجهه وڏيڪ ئي معلومات ملي وڃي. بدقسمتيءَ سان ايتري ترقيءَ ۽ ڪمپيوٽر سسٽم جي ترقيءَ جي باوجود موهن جي دڙي مان هٿ آيل سِرن جي ٻولي اڃا تائين پڙهي نه سگهيا آهيون. جڏهن اها ٻولي ڊيسيفر ٿي ته شايد اڃا به وڏيڪ ڄاڻ پلئه پوندي.

## قاضي اختر

مون قاضي اختر صاحب سابق چيف منسٽر سنڌ ۽ بيگم نسيم اختر کي گهر مانيءَ تي دعوت ڏني ۽ ٻئي قرب ڪري آيا ۽ منهنجي ۽ منهنجي گهر واريءَ جي عزت وڌائي.

بيگم قاضي اختر به شهر جي سڄاڻ عورتن مان هڪ هئي، جنهن عورتن کي ڪافي متحرڪ ڪيو هو ۽ شهر جي سماجي ڪمن ۾ اڳيري هوندي هئي. قاضي اختر صاحب لاڙڪاڻي جو پهرئين جوڙ جو وڪيل هو. لاڙڪاڻي بار جو برجستو وڪيل هو. ديانتداري ۽ ايمانداريءَ ۾ بدناميءَ جي حد تائين نيڪ نام ۽ مشهور هو. پٽي صاحب سان به لاڳاپيل رهيو. سنڌس والد صاحب غلام مصطفيٰ قاضي ڊپٽي ڪمشنر رهيو هو. لاڙڪاڻي ۾ به نوڪري ڪيائين. اصل پاٽ جا هئا. قاضي صاحب لاڙڪاڻي ۾ اچي سيٽل ٿيو. پاٽ، علامه آءِ آءِ قاضي ۽ ٻين لکيل پڙهيل ۽ عالمن جن ۾ علامه عمر بن محمد دائود پوٽو به شامل هو. انهن جو گهر رهيو آهي. پاٽ ڪنهن زماني ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جو حصو رهيو هو. پوءِ جڏهن دادو ضلعو ٺهيو (1912ع) ته پاٽ (سيوهڻ تعلقو) دادو ضلعي جو حصو ٿي ويو.

مون کي به پاٽ ڏسڻ جو موقعو مليو. اهو 1993ع ڌاري نواز شريف حڪومت جو

Gul Hayat Institute

ڀريون دور هو جنهن ۾ هن بي زمين هارين ۾ زمين ورهائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ سنڌ مان دادو ضلعي جي ڳوٺ پاٽ کي چونڊيو ويو. شايد نواز شريف کي به ڪنهن پاٽ جي اهميت متعلق ٻڌايو هو. مان ان وقت ٽر جو ڊپٽي ڪمشنر هئس ۽ اسلم سنجراڻي صاحب حيدرآباد جو ڪمشنر هو. هن صاحب سڀني ضلعن جي ڊپٽي ڪمشنرن جي ڊيوٽي لڳائي هئي. جنهن ۾ منهنجي ڊيوٽي به لڳل هئي. مان مٺي کان نڪتو هئس ۽ رات جو ڊپي سي دادوءَ وٽ سندس گهر تي مهمان هئس. ٻئي ڏينهن صبح جو پاٽ پهتو هئس. خوشي ٿي هئي ته هن تاريخي شهر ڏسڻ جو موقعو مليو هيو. اڄڻ سان ڀريون شهر جو چڪر لڳايو پوءِ جلسي واري جڳهه تي پهتو هيس.

قاضي اختر صاحب 1985ع ۾ ضياءُ جي وقت ۾ نان پارٽي اليڪشن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي ويو هو ۽ پوءِ سنڌ ۾ تعليم کاتي جو وزير ٿيو هو. سائين غوث علي شاهه صاحب جي ڪيبينيٽ ۾ ان وزارت ۾ پنهنجي سخت مزاج جي ۽ ديانتداريءَ جي ڪري ۽ تعليم کاتي ۾ خاص طور نقل ڪرڻ تي ڏنڊي ڪڍڻ جي ڪري به مشهور ٿيو هو. پوءِ جڏهن سائين غوث علي شاهه کي چيف منسٽريءَ تان هٽايو ويو ته قاضي اختر صاحب کي چيف منسٽر ڪيو ويو. پر سندس اها چيف منسٽري ٿورو وقت هلي. جنرل رحيم الدين کي سنڌ جو گورنر ڪيو ويو ۽ هن صاحب اسيمبلي ٽوڙي ڇڏي. پر 17 آگسٽ 1988ع تي جنرل ضياءُ جي جهاز جي ڪريش کان پوءِ جنرل رحيم الدين پنهنجا تڏا ويڙهيا. قاضي اختر کي وري سنڌ جو نگران وزيراعليٰ ڪيو ويو.

اسان کي 1975ع مئي ۾ نوڪري ملي هئي. پر اسان تي ڀٽي صاحب جو ٺپو لڳل هو تنهن ڪري اسان کي پروموشن نه ملي رهيو هو. تيرهن سال پروموشن جي انتظار ۾ گذري ويا. قاضي صاحب اهو جمود ٽوڙيو ۽ اسان جي تقريباً سڄي بئچ کي پروموٽ ڪيو ۽ مون کي اسسٽنٽ ڪمشنر (ج) کان بدلي ڪري ايڊيشنل ڪمشنر لاڙڪاڻو ڪيو ويو.

لاڙڪاڻي کي 1977ع ۾ ڀٽي صاحب ڀرين جولاءِ 1977ع کان ڊويزن جو درجو ڏنو هو. جتي خالد احمد کرل ڪمشنر ۽ محمد پنجيل جوڻيجو ڊي آءِ جي مقرر ڪيا ويا هئا. پر 5 جولاءِ تي مارشل لا لڳڻ ڪري اهي لاڙڪاڻي ڊويزن جا آرڊر واپس ورتا ويا.

قاضي صاحب اهو به ڪارنامو ڪيو جو لاڙڪاڻي ڊويزن کي 11 سالن کان پوءِ بحال ڪيو.

ٻيو جيڪو ڀٽي صاحب جو سوچيل ۽ اڌ ۾ ڇڏيل ڪم هو اهو هو لاڙڪاڻا ڪيڊٽ ڪاليج جو. قاضي صاحب ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو قائم ڪيو. اهو ڪيڊٽ ڪاليج هينئر به لاڙڪاڻي، پرپاسي ۽ بلوچستان جي ٻارن لاءِ تعليم جي ڏس ۾ وڏي خدمت ڪري رهيو آهي. ميجر پروفيسر محمد يوسف شيخ (ايس ايم يوسف) 1990ع کان هن ڪاليج



جي 20 سالن تائين خدمت ڪئي. جتي هو PD ۽ پرنسپل رهيو ۽ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ادبي ۽ ثقافتي کيتر ۾ به خدمتون ڪندو رهيو. يوسف صاحب جو به ڳوٺ لاڙڪاڻو ئي آهي.

اختر علي جي قاضي صاحب جو شمار لاڙڪاڻي لا ڪاليج جو 1966ع کان 1985ع تائين باني پرنسپل ۽ ڪامرس ڪاليج جو بنياد رکندڙن مان آهي.

1988ع ۾ بطور نگران چيف منسٽر سنڌ وارهه جي تعلقي مان صوبائي اسيمبلي سيٽ تي بيٺو. سندس مقابلي ۾ پي پيءَ جو نو وارد ۽ نو آزموده نثار احمد کهڙو بيٺو. اليڪشن دوران قاضي صاحب ڪمشنر لاڙڪاڻي ۽ اليڪشن ڪميشن کي شڪايتن جي ڏم لائي ڏني، ۽ چيو پئي ته انتظاميه ڌانڌلي ڪري رهي آهي. انتظاميه جو سربراهه به پاڻ هو. 1988ع ۾ اليڪشن هارايائين ۽ نثار احمد کهڙي اها اليڪشن کٽي، پيپلز پارٽيءَ ۾ پنهنجي داخلا کي سڪارتو ڪيو.

نوازشريف صاحب 1992ع ۾ قاضي اختر کي سنڌ هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ڪيو. جتان 1996ع ۾ استعيفيٰ ڏئي پورچوگال ۾ پاڪستان جو سفير ٿيو. قاضي اختر علي صاحب گهڻين ئي خوبين جو مالڪ هو ۽ چپ چپات ۾ لاڙڪاڻي جي سڄي عمر خدمت ڪيائين. وڪيل ته هو پر پاڻ وڏو سماج سڌارڪ، تعليمدان ۽ ماڻهن جو هڏ ڏوکي به هئو. سندس پيءُ قاضي امام علي ڪراچي حيدرآباد ۽ سجاول ۾ وڪالت ۽ سجاول ضلعي ٺٽي ۾ زمينداري به ڪئي. ٻئي پاءُ ڊاڪٽر قاضي حيدر علي حيدرآباد ۾ گدوءَ جي چرين واريءَ اسپتال ۾ وڏي عرصي تائين انچارج ٿي رهيو ۽ حيدرآباد جيم خانه جو سيڪريٽري به ٿي رهيو. جيڪو علائقي جي سماجي ۽ ثقافتي ڪارنامن جي ڪري مشهور ٿيو.

ننڍو ڀاءُ قاضي آصف سنڌ يونيورسٽيءَ جو ميٿميٽڪس جو پروفيسر ۽ ڊين ٿي رهيو. هن مثبت انداز ۾ يونيورسٽيءَ جي تعليمي سرگرمين کي اڳتي وڌايو. قاضي اختر صاحب کي رب پاڪ هر خوشي، سهوليت ۽ نامه چار سان سرفراز ڪيو. پر بدنصيبيءَ سان کين اولاد جي نعمت سان نه نوازيو. پنهنجي گهر واري بيگم نسيم اختر جي وفات کان پوءِ پاڻ به 2010ع ۾ ڪراچيءَ ۾ گذاري ويو.

## ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ڀٽو خاندان تي پي. ايڇ. ڊي جي ڊگري ڏجي

هن خاندان جا فردَ ايترا نامور ۽ ناموس وارا آهن جو هڪ هڪ فرد تي ڪتابن جا ڪتاب لکي سگهجن ٿا. ڪيئي ڪتاب لکجي ويا آهن. ڪيترائي ڪتاب لکيا وڃن پيا ۽ لکيا به ويندا ۽ اهو سلسلو هلندو ئي رهندو. ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو تي ڪيترين يونيورسٽين ۾ چيئرس ٺهي ويون آهن. اهي الائي ڇا ڪري رهيون آهن. ڪم ڪنديون هونديون، پر اهو ايترو پبلڪ ۾ نه آيو آهي. پاڪستان ۽ سنڌ ۾ جيڪو ريسرچ

Gul Hayat Institute

تي ڪم ٿيو آهي ان تي نہ ئي ڳالهائجي تہ بهتر آهي. انهن سيني جن سرڪاري سرپرستيءَ تي Bhuttology تي ڪم ڪيو آهي. انهن جو ڪم صرف خوبصورت ٽائيٽلز تائين محدود آهي. گهٽ ۾ گهٽ ’ڀٽولاجي‘ جو سبجيڪٽ تہ سنڌ ۾ متعارف ٿيڻ گهرجي. هيترين يونيورسٽين ۾ تعليمي ادارا ’ڀٽوز‘ جي نالي تي تہ ٺهي ويون آهن پر انهن ۾ ”ڀٽوز“ تي ڇا پڙهايو ٿو وڃي. انهن جي سنڌ سرڪار کي هڪ سينڊيڪيٽ ٺاهي پرائمريءَ کان گريجوئيٽ ۽ پوسٽ گريجوئيٽ تائين ڀٽوز تي ڪورسز منظم ڪرڻ گهرجن. شاگردن کي Ph.D جي ڊگري آفر ڪري ملڪ ۾ ۽ ملڪ کان ٻاهر اسڪالرشپ ڏئي تعليم وٺڻ ۽ ريسرچ ڪرڻ لاءِ همٿائجي. هونئن اهو ڪم اڄ نہ تہ پوءِ ڪڏهن بہ نہ ٿيندو. لوهہ بہ گرم آهي ۽ حڪومت بہ ’ڀٽوز‘ جي آهي. ڪو سنڌي اهو ڪم ڪرڻ جي قابل نٿو سمجهيو وڃي تہ پروفيسر ڪرار حسين جي پٽ سينيٽر تاج حيدر کي اجازت ڏجي تہ هو نوجوان ۽ جذبي وارن اسڪالرن جي هڪ ٽيم تشڪيل ڏئي ڪم ڪري سگهي ٿو. اها Study صرف ڀٽوز تي نہ هوندي پر پوليٽڪس ، پاليٽيڪل سائنس. فلاسافي، لا، تصوف، اسلام، سماجيات، سنڌ، پاڪستان، سياسي تصورن تي هئڻ گهرجي.

## فاطمہ ڀٽو جو ڪتاب Songs of Blood and Sword

فاطمہ ڀٽو مٿين نالي سان هڪ خوبصورت ڪتاب لکيو آهي.

جنهن لاءِ لکيو اٿائين تہ اهي هڪ ڏيءَ جون پيءُ لاءِ يادگيريون آهن. سندس يادگيريون بہ آهن ان کان وڌيڪ ٻيون بہ ڪيتريون ئي اهم ۽ اکيون کوليندڙ ڳالهيون هن ڪتاب ۾ لکيل آهن. اعجاز منگيءَ ان جي ترجمي بابت خيال تہ ڏيکاريو آهي، پر هن ڪتاب جو اڃا تائين سنڌيءَ ۾ ترجمو نہ ٿيو آهي. منهنجي بہ دل چوي پئي تہ هن ڪتاب مان ڪجهہ چونڊ ٽڪرا هت آڻيان پر ڪهڙا ڪهڙا ۽ ڪيترا آڻيان. فيصلو نہ ڪري سگهيو آهيان! سو بس، في الحال مان ڀٽو خاندان کي مڃتا طور هن ڪتاب ۾ ڏنل مختصر شجري تي اڪتفا ڪريان ٿو. اهڙو شجرو ٻين ڪتابن ۾ آيل آهي. سلمان تاثير جي هڪ پراڻي ڪتاب ۾ بہ نظر آيو. پر مان مناسب ٿو سمجهان تہ ڀٽي خاندان جي ڏيءَ فاطمہ ڀٽو جي ڪتاب مان اڌارو وٺان. جيڪا نہ صرف ذوالفقار علي ڀٽي جي پوٽي آهي، وڏو پٽ شهيد مير مرتضيٰ جي ڏيءَ آهي. فاطمہ جو هي آخري يا پهريون ڪتاب نہ آهي. ان کان اڳ ۾ شاعريءَ جو ڪتاب اچي ويو آهي ۽ هن ’يادگيرين‘ کان پوءِ بہ افغانستان جي پس منظر ۾ هو هڪ ناول پڻ لکي چڪي آهي.



## لاڙڪاڻي جي ڀٽو خاندان جو شجرو_1

Bhuttos of Larkana

Taken from a family Tree Commissions

By Zulfiqar ali Bhutto and kept in 70 clifton




(Fallow from Blood and Sword song of)

Gul Hayat Institute

## ڀٽي خاندان جو شجرو – 2

سلمان تاثير جي ڪتاب: "ذوالفقار علی بھٹو۔ بچپن سے لیکر تختہ دار" تان ورتل. اردوءَ ۾، صفحه VI

### شجره نسب






## ذوالفقار علي ڀُٽي صاحب سان پهرين ملاقات

منهنجون ڀٽي صاحب سان رسمي ملاقاتون ته نوڪريءَ ۾ اچڻ کان پوءِ ڪافي ٿينديون رهيون پر پهرين ملاقات آءٌ نه ٿو وساري سگهان.

اهو زمانو منهنجي تعليمي دور جو هو. لاڙڪاڻي ڪاليج مان انٽر سائنس ڪري مان پاڪستان فاريسٽ انسٽيٽيوٽ پشاور جي فاريسٽ ڪاليج ۾ ٻن سالن جي ڊپلوما (پوءِ ان کي ڊگري ڪيو ويو) ڪورس لاءِ داخل ٿيو هئس. اهو سال 1968ع کان 1970ع وارو دور هو. اهو سخت سياسي ڪشمڪش جو زمانو هو. ڀٽو صاحب لاڙڪاڻي ۾ رتيديري جو هو. جڏهن فارين منسٽر هيو ته رتيديري به ايندو رهندو هو. هر ٻار يا وڏو ڪانئس چڱيءَ ريت واقف هو. پر 1965ع واري جنگ ۾ سندس مقبوليت ۽ مشهوري ته عروج تي پهتل هئي. وري جو 1966ع ۾ ايوب خان جي وزارت مان الڳ ڪيو ويو ته سمجهو ملڪ ۾ خاص طرح لاڙڪاڻي جي ماڻهن ان حقيقت کي وڏيڪ محسوس ڪيو. جڏهن ڀٽي صاحب هڪ سال کان پوءِ 30 نومبر 1967ع ۾ لاهور ۾ ڊاڪٽر مبشر حسن جي گهر ۾ پارٽيءَ جو ڪنوينشن ڪوٺائي، ان جو بنياد وڌو ته رتيديري مان محترم عبدالرزاق ۽ عبدالواحد سومرو به ان ۾ شريڪ ٿيا هئا.

ان سان نه صرف ڀٽي صاحب جي شان ۾ مان ۾ اضافو ٿيو پر لاڙڪاڻي جو نالو به نروار ٿيو. ڀٽو صاحب پارٽي ٺاهي آرام سان نه ويٺو پر طوفاني دورا شروع ڪيائين. پاڻ ۽ سندس ٽيم نوجوان ۽ روشن خيال شخصيتن تي مشتمل هئي. اهي سڀ نڪري پيا ۽ رابطي جو سلسلو شروع ڪيو. اهو ئي دور هو جو مان به پنهنجي ڳوٺ جا وڻ ڇڏي پشاور وڃي وسايو هو. ان ئي دور ۾ نصرت رسالو حنيف رامي صاحب 1968ع ۾ لاهور مان ڪڍندو هو. رسالي جو مٿيون ڪور هميشه ڳاڙهو هوندو هو ۽ ڪارا اکر هوندا هئا.حنيف رامي صاحب به وڏين خوبين جو مالڪ هو. اديب، مصور ۽ آخر ۾ سياستدان ۽ پنجاب جو وڏو وزير به ٿيو.

مان پهريون ۽ آخري شاگرد هئس جيڪو فاريسٽ ڪاليج پشاور ۾ نصرت رسالو پوسٽ جي وسيلي گهرائيندو هئس. سنڌي ۽ ٻيا شاگرد اهو رسالو مون کان اوڌر تي وٺي پڙهندا هئا. ان حوالي سان مان مشهور ٿي ويس ته آءٌ 'پيپلو' آهيان، پر مان ڪڏهن به عملي سياست ۾ شريڪ نه ٿيس. هونئن به سنڌين کي ٻين صوبن وارا پيپلو سڏيندا هئا.

ڀٽو صاحب ان دور ۾ پشاور جا به چڪر ڏيندو هو ۽ جلسا جلوس ڪندو هو. هڪ ٻن جلسن ۾ مان ۽ امير علي سولنگي به سندس تقريرون ٻڌڻ ويا هئاسون. پر مُهان مُنهن ملاقات ڪونه ٿي هئي . 1970ع سال چونڊن جو سال هو. انهن سالن ۾ روڊ رستا به سٺا ڪونه هئا ۽ اڄ جي سياستدانن وانگر ڪين ايترو پيسو به ڪونه هو جو هيليڪاپٽر جي

Gul Hayat Institute

عياشي ڪري سگهن. تنهن ڪري اهي جهنگ، روڊن جي وسيلي طئي ڪندا هئا، يا وڏ ۾ وڏ ريل ۾. ڀٽي صاحب وٽ ان زماني ۾ هڪ ويڪنيئر گاڏي هوندي هئي. جنهن ۾ سفر ڪندو هو. اهو زمانو لئنڊ ڪروزر ۽ پيجارو ۽ بليٽ پروف گاڏين جو ڪونہ هو. نہ ئي انهن ڏينهن ۾ دهشتگردي ٿيندي هئي. اهو هڪ غير معمولي واقعو هو جو ڀٽي صاحب تي سانگهڙ ۾ حملو ٿيو ۽ خدا جي مهرباني سان هو بچي ويو۽ مرحوم حاجي عثمان چانيهو جي ماهرانہ ڊرائيونگ ان ڏينهن ڪم اچي وئي. جيڪو جهر جهنگ مان گاڏي هلائي ڪيس حيدرآباد ڪڍي آيو. جتي ڀٽي صاحب پريس ڪانفرنس ڪئي هئي. اسان کي فاريسٽ ڪاليج ۾ سال ۾ ٻہ ڀيرا موڪل ملندي هئي جو ڳوٺ اچي سگهبو هو. پنڌ وڏا هئا ۽ سواري ريل جي 30 ڪلاڪ، پشاور کان رتيديري تائين لڳي ويندا هئا.

1970ع جي مئي-جون ۾ مان رتيديري آيل هئس. منهنجو اٽڻ ويهڻ محترم شمس الدين ابڙي سان هوندو هو. جيڪو ان وقت هاءِ اسڪول ٽيچر هو۽ ڪنهن زماني ۾ اسان جو استاد بہ رهيو هو ۽ بزمِ ادب رتيديري جو سائين امان علي سمي سان گڏ روح روان هو. هن جي خاندان جو وڏو حڪيم محمد ابراهيم ابڙي جي ڀٽي، خاندان سان راهہ رسم هئي ۽ ڀٽو صاحب سندس قدر ۽ عزت ڪندو هيو. محمد ابراهيم صاحب راڄ ڀاڳ وارو ماڻهو هو. پنج ووٽ بہ هٿ ۾ هوندا هئس. رتيديري ۾ طب جو دڪان هئس. سندس ڳوٺ ڪوڏ راڻي ابڙا رتيديري کان 3 ميلن جي مفاصلي تي رتيديري- جيڪب آباد روڊ تي هو. انهن ڏينهن ۾ ئي ڀٽو صاحب طوفاني دورن تي نڪتل هو. جيڪب آباد کان رتيديري اچڻو هئس. ڪوڏ راڻي ابڙن ۾ بہ ڪارنر گڏجاڻيءَ جو پروگرام رکيائين ۽ ابڙي صاحبن جي چانهن پيئڻ جي دعوت منظور ڪئي هئائين. ابڙو صاحبن مون کي بہ دعوت ڏني هئي. مان بہ پهتس. ڀٽو صاحب آيو تہ منهنجو بہ ساڻس تعارف ڪرايو ويو تہ ”عبدالقادر رتيديري جو آهي“، پر پشاور فاريسٽ ڪاليج ۾ پڙهي رهيو آهي. ڀٽي صاحب سان سردار پير بخش خان ڀٽو ۽ ممتاز علي خان ڀٽو ۽ ٻيا ڪجهہ ساٿي گڏ هئا. ڀٽي صاحب مون تي تمام گهڻو توجہ ڏنو ۽ مون سان پشاور بابت حال احوال ڪندو رهيو ۽ پارٽيءَ متعلق پڇندو رهيو. پڇندو رهيو تہ اسان سنڌي شاگرد پارٽي لاءِ پشاور ۾ ۽ ڪاليج ۾ ڇا ڪري رهيا آهيون. مون کيس ٻڌايو تہ بنيادي طرح اهو پروفيشنل ڪاليج آهي. وقت ڪونہ ٿو ملي ۽ سياسي سرگرمين تي بہ پابندي آهي. پر مان نصرت رسالو گهرائيندو آهيان، ٻين دوستن کي پڙهائيندو آهيان ۽ سياسي بحث مباحثن ۾ ٻين صوبن جي ساٿين کي بہ شامل ڪندا آهيون. ڀٽو صاحب خوش ٿيو ۽ مون کي چيائين تہ ”اهو تمام اهم ڪم آهي، جيڪو توهان ڪري رهيا آهيو. اسان کي نظرياتي نوجوان پيدا ڪرڻا آهن. مان حنيف رامي کي چوان ٿو توهان کي پارٽي جو لٽريچر بہ موڪليندو رهندو.“ اهو سلسلو ڪجهہ وقت رامي



صاحب سان رهيو پر پوءِ ڪٽجي ويو.

ڀٽي صاحب پنهنجي پروگرام بابت ٻڌايو. چانهن پيئي ۽ موڪلائڻ لاءِ اٿيو. مون کيس عرض ڪيو تہ گروپ فوٽو ڪڍائي. فوٽو لاءِ ’پوز‘ ٺاهي سڀ بيٺاسون. اسان جي دوست عبدالفتاح وٽ ڪئميرا هئي. هن کي چيوسين تہ ”فوٽو ڪڍ!“ هن ڏاڍي معصوميت سان چيو ”رول ختم ٿي ويو آهي!“ ڀٽو صاحب مسڪرايو. منهنجي ڪلهي تي ٺڪڪي هٽي چيو تہ ”ڪا ڳالهہ ناهي، فوٽو ٻئي دفعي ڪڍائينداسين.“ بدنصيبيءَ سان اهو ٻيو دفعو منهنجي زندگي ۾ وري نہ آيو ۽ نہ وري ايندو.

## 1970 واري اليڪشن

آڪٽوبر 1970ع ۾ مان فاريسٽ ڪاليج مان آجو ٿي آيس، اچي فاريسٽ ڊپارٽمينٽ ڳڙهي ياسين ۾ نوڪري ڪئي. ڊسمبر 1970ع ۾ اليڪشن جو زور هو. ڀٽو صاحب جي مقابلي ۾ لاڙڪاڻي واري سيٽ تان محمد ايوب کهڙو مقابلي ۾ بيٺو هو. سندس تڪ ۾ تي تعلقہ لاڙڪاڻو، ڏوڪري ۽ رتوديرو شامل هو. جڏهن تہ ٻي سيٽ تي ممتاز علي خان بيٺل هو جنهن جو مقابلو قاضي فضل الله ڪري رهيو هو. ان ۾ قمبر، وارهہ، شهدادڪوٽ ۽ ميرو خان تعلقہ شامل هئا. اسان دوستن اها اندروني مهم شروع ڪئي تہ جيڪي بہ دوست نوڪرين ۾ لڳل آهن، انهن جو بيلٽ ووٽ وٺي ڀٽي صاحب کي وجهرائجي. هر ڪنهن کي اندازو هو تہ ڀٽو صاحب وڏي ليڊ سان کٽندو پر اسان بہ اها معصوم ڪوشش ڪئي تہ ڀٽي صاحب جي مدد ڪيون. بہ ٽي سو ووٽ هٿ ڪياسين، نہ صرف رتيديري مان، پر لاڙڪاڻي تعلقي مان بہ منهنجي اليڪشن ڊيوٽي رُڪ اسٽيشن تي لڳي. جتي ڪنهن زماني ۾ ڀڳت ڪنور رام کي شهيد ڪيو ويو هو. اليڪشن ۾ تہ ڀٽي صاحب ۽ ممتاز علي خان ڀٽي کٽيو پر ان سان گڏ کهڙي صاحب ۽ قاضي صاحب جو سياسي دڪان هميشہ لاءِ بند ٿي ويو. کهڙي صاحب جو پٽ شاهہ محمد، پاشا کهڙو ۽ ڊاڪٽر حميده کهڙو ڪنهن دور ۾ وزير ٿيا، پر اهو الڳ قصو آهي. نثار احمد کهڙي صاحب 1987ع ۾ پيپلز پارٽي ۾ شرڪت ڪئي ۽ هاڻي ان پارٽيءَ جي سياست ڪري رهيو آهي. سندس والد محمد نواز کهڙو، جيڪو محمد ايوب کهڙي جو ڀاءُ هو. اهو نثار صاحب جي ننڍپڻ ۾ ئي رحلت ڪري ويو. نثار صاحب اڄ ڪلهہ تعليم جو سينيئر وزير آهي. سنڌ سرڪار ۾ ايستائين پهچڻ ۾ سندس وڏي جاکوڙ جو حصو آهي. ڪئي ڀيرا چيف منسٽري سندس ڪن تان گذري وئي آهي.

## ڊرگهہ ۽ لنگهہ ڍنڍون ۽ ان جا مالڪ

ڀٽو صاحب هنن ٻنهي ڍنڍن جو جڙ عاشق هو. پاور ۾ هجي يا نہ پر هنن ڍنڍن تي ڀيرو

Gul Hayat Institute

ڪندو رهندو هو. اتي شڪار ڪرڻ ۽ وقت گذارڻ سندس بهترين مشغلو هوندو هو. وزير خارجہ هو تہ ايوب خان اڪثر پنهنجي يارن دوستن سان هتي شڪار ڪرڻ ڀٽي صاحب وٽ ايندو هو. لاڙڪاڻي جي سياري جي موسم، ڍنڍ جي ڏير ۽ پن، هلڪي وڻندڙ اُس ۽ مٿان وري ڀٽي صاحب جي ڀرپور مهمان نوازي. سندس سياسي ساک جي سلسلي ۾ هن ڍنڍ بہ پنهنجي عاشق سان رهايو. فيلڊ مارشل جي اقتدار وڃڻ کان پوءِ جنرل يحييٰ خان بہ پنهنجي فوجي لڏي سان هتي ڀٽي صاحب جو مهمان ٿي ايندو هو. اهڙي ئي هڪ گڏجاڻي کي ‘لاڙڪاڻي پلان’ جو نالو بہ ڏنو ويو. پوءِ جڏهن ڀٽو صاحب ملڪ جو ڪرتا ڌرتا ٿيو تہ اڪثر سربراهن کي ڊرگهہ ڍنڍ تي وٺي ايندو هو. انهن ۾ شهنشاهہ ايران ۽ شيخ زيد بن سلطان خاص هوندا هئا. سال 1976ع ۾ مان جڏهن AC (UT) هئس تہ عرب عمارتن جو سربراهہ شيخ زيد بن سلطان آيو هو ۽ ڀٽي صاحب ڪيترن ئي ٻاهرين ملڪن جي سفيرن کي بہ هتي دعوت ڏني هئي. رات جو المرتضيٰ جي اسٽيج تي ڪلچرل شو ٿيو هو. جنهن ۾ ٻين فنڪارن سان گڏ ناهيد صديقي پنهنجي ڪٿڪ ڊانس جي فن جو مظاهرو ڪيو هو. تڏهن ناهيد صديقي ضياءُ محي الدين جي زال هئي ۽ ضياءُ صاحب سندس فن جي واڌاري تي ڪافي توجه ڏئي رهيو هو. ٻئي ڏينهن تي ٻين سفيرن، اميرن، وزيرن ۽ بادشاهن سان جنرل ضياءَ بہ ڊرگهہ جي ان دعوت تي سڏيل هيو.

سال 2015ع ۾ چاليهن سالن کان پوءِ ڪراچي لٽريچر فيسٽيول KLF-6 ۾ سال 15يا 2014ع ۾ ناهيد صديقيءَ کي اسٽيج تي فيض احمد فيض جي شاعريءَ تي پرفارم ڪندي ڏٺو. پاڻ کي ڏاڍو فٽ رکيون بيٺي آهي. اهڙي ئي سمارٽ لڳي رهي هئي، جهڙي 40 سال پهريان هئي.

1997ع ۾ مون کي خيال آيو تہ ڇو نہ ڊرگهہ ۽ لنگهہ ڍنڍ تان چڪر ڏئي ۽ چانهن پي اچجي. لاڙڪاڻي جو ايس ايس پي منظور احمد مغل هو. هن کي بہ صلاح ڪئي، هو بہ هڪدم تيار ٿي ويو.

***

ڊرگهہ ۽ لنگهہ ڍنڍون ‘رامسر ڪنوينشن’ جو حصو آهن. دنيا اندر 1971ع ۾ ايران ۾ ڍنڍن جي بچاءَ لاءِ ايڪو سسٽم کي قائم رکڻ لاءِ اهو ڪنوينشن متعارف ڪيو ويو هو تہ جيئن دنيا جون ڍنڍون (Wet lands) ۽ انهن تي پرديسي پکين کي بچايو وڃي. انهن ڍنڍن جي حفاظت واسطيدار ملڪن جي ذميداري ٿي ٿئي، پر افسوس! ايئن نہ ٿيو.

اسان ڊرگهہ ڍنڍن تي پهتاسون پر افسوس! ويراني ئي ويراني هئي. نہ ڪو ڏٽي، نہ ڪو سائين، نہ ڪو ڏسڻ وارو هو نہ ڪو پسڻ وارو. هڪ چوڪيدار ۽ اسان جي روينيو جو مختيارڪار يا ان جو اسٽاف، جيڪو اسان جي چانهن پاڻيءَ جو بندوبست تي معمور هو ۽



ڪجهہ سپاهي گارڊ اسان جي ڊيوٽي تي متعين هئا. اندر داخل ٿياسين تہ صاف ڪيل ڪمري مان تازي اڏاميل مٽيءَ جي بوءِ اچي رهي هئي. ڀٽي صاحب جي ٺهرائيل ننڍي خوبصورت ۽ اسٽائلش ريسٽ هائوس بربادي‌ءَ جي تصوير ڏسي شهريار جو شعر ياد آيو:

یہ کونسی جگہ ہے دوستو

یہ کونسا دیار ہے۔

لکنؤ اجڙي ويو هو. ٻاهر ڪرسيون ڪڍائي ويٺاسون، جتي هاڻي نہ ڇپر نہ ڇپراٽو. ڪجهہ بہ ڪونہ هو. ڪنهن زماني ۾ اتي برابر تہ سڀ ڪجهہ هو. پاڻي بہ ڪافي حد تائين سڪي ويو هو. هن ڍنڍ ۾ ٽن واهن کان پاڻي ايندو هو. هاڻي تہ ڍنڍ جو نالو رهيو هو. چانهن پيتيسين، آس پاس ۾ چڪر ڏنوسين، صرف ڏوڙ ڏڪاءُ ۽ وايراني هئي. والڊ لائيف جي همراهہ سان حال احوال ڪيوسين. هو بہ نااميد هو. هتي هڪ تاريخي رجسٽر رکيل هو. جنهن تي هت ايندڙ پنهنجا نوٽ لکندا هئا ۽ تجويزون ڏيندا هئا. ان تي ڀٽي صاحب ۽ ٻين بادشاهن جا بہ نوٽ لکيل هئا. اهو رجسٽر بہ غائب هو. منهنجو هاڻي بہ وقت جي انتظاميہ کي عرض آهي تہ ان معاملي جي جاچ جوچ ڪن، شايد متان ملي وڃي. ڊويزنل ڪمشنر ڪجهہ دلچسپي جي وٺي تہ ڪا بہ شي ناممڪن ڪونہ آهي.

ڊرگهہ ۽ لنگهہ ڍنڍون هاڻي ضلع قمبر شهدادڪوٽ ۾ آهن. ڊرگهہ ڍنڍ قنبر کان 10 ڪلوميٽر ٿيندي. هي ڍنڍ نہ صرف پاڪستان پر پوري دنيا ۾ مشهور آهي. انگريزن جي دور ۾ بہ گورا بادشاهہ هتي شڪار ڪرڻ لاءِ ايندا هئا. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هي هنڌ ڀٽي صاحب جي ڪري پوري دنيا جي وڏن ماڻهن جو شڪار گاهہ ٿي ويو. 1960ع ۾ هتي باقاعده شڪار گاهہ ٺهيو. 1972ع ۾ هن کي وائلڊ لائيف پروٽيڪشن آرڊيننس جي سيڪشن 14 تحت وائيلڊ لائيف سئنڪچري ڪيو ويو. هتي سياري ۾ پکي اچڻ شروع ڪندا آهن ۽ ويندڙ سياري سان پکي پنهنجي ماڳ تي واپس ورندا آهن هن ڍنڍ جي رکوالي نگراني سردار نور محمد شيخ جي حوالي ڪئي وئي هئي. پر پوءِ ڀٽي صاحب هن کي قومي ملڪيت ۾ وٺي ڇڏيو. ڍنڍ جي ڊيگهہ 3 ڪلوميٽر ۽ ويڪر بہ ڪلوميٽر اٽس.

*(ڪجهہ تفصيل انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جي جلد 5 جي صفحي 400 ۽ 401 تان ورتل آهي)*

## علامہ عبدالڪريم ٻير واري، سائين حسين شاهہ قنبر واري ۽ ديني رهنمائن سان ملاقات

مون بہ سال خيرپور ۾ گذاريا. اتي وڏي ۾ وڏو مسئلو هوندو آهي تہ شيعہ- سني يڪجهتي ڪيئن قائم رکجي. ڪوشش ڪجي تہ محرم جي ڏينهن ۾ خون ريزي نہ ٿئي.

خيرپور جي مذهبي تاريخ ٻڌائي ٿي ته هتي شيعه- سني بنياد تي ڏاڍي خون ريزي ٿي آهي. خاص طور نيڙهيءَ وارو واقعو وسارڻ مشڪل آهي. انهن ڏينهن ۾ انتظاميه جي سربراهه جي حيثيت ۾ ڊپٽي ڪمشنر کي اکيون ۽ ڪن کليل رکڻا پوندا. انهيءَ مذهبي يڪجهتي کي قائم رکڻ لاءِ صوبي ۽ ملڪي ليول تي ضرورت آهي ته ان لاءِ اپاءَ ورتا وڃن. ان کان پوءِ مقامي سطح تي ٻارهن مهينا ئي اهڙا اپاءَ ورتا وڃن جنهن سان ٽرين کي احترام ۽ عزت سان ويجهو آڻڻ گهرجي.

لاڙڪاڻي ۾ مون نوڪريون ڪيون آهن ۽ جائو نپنو به هتي ئي آهيان. هتي ڪڏهن به مذهبي شدت ڪونه رهي. پر 1997ع ۾ مون کي ڪجهه مذهبي شدت نظر آئي. مون خيرپور ۾ نوڪريءَ دوران ڪيترن ئي مذهبي عالمن سان سٺا تعلقات رکيا ۽ اهي تعلقات لاڙڪاڻي ۾ به ڪم آيا، ۽ نوان مراسم پيدا ڪيا.

ايس ايس پي منظور احمد مغل ۽ مان نڪتاسون سائين علامه عبدالڪريم پير واري وٽ چانهن پيئڻ. سو دعا گهرڻ لاءِ پهتاسون. سائين پير وارو ڄاتل سڃاتل عالم آهي. ماڻهو سندن معتقد هئا. مون کي به ساڻس ملاقات جو شوق هو. مان اڳواٽ ڪانئس ٽائيم ورتو هو. ڏنل وقت تي حاضر خدمت ٿياسيون. حجري ۾ ڪجهه ماڻهو پيا به هئا. اسان کي ڏسي سڀ هليا ويا. باقي سندن به ويجها ساٿي موجود رهيا. اسان به سلام ڪري اُتي ويٺاسون. زماني جا حال احوال ڪياسون ۽ ڪجهه مذهبي ڳالهيون پڻ ٿيون. شڪل شبيه اهڙي هين جو ماڻهو ملڻ سان مرعوب ٿيو وڃي. نوراني صورت وارو بزرگ، پاڻ جتي عالم فاضل آهن. ان سان گڏ جميعت علماءِ جا سربراهه به رهيا. ڪانئن پوءِ علامه ڊاڪٽر خالد محمود سومرو صاحب سنڌ ۾ سيڪريٽري جنرل ٿيو. پاڻ 1970ع جي اليڪشن ۾ سکر-ڳڙهي ياسين جي تڪ مان اليڪشن ۾ قومي اسيمبليءَ جي سيٽ تي بيٺا.

ان کان پوءِ شايد ٻي ڪنهن اليڪشن ۾ ڪونه بيٺا. سائين علامه عبدالڪريم پير واري صاحب قرآن شريف جو سولو ۽ آسان ترجمو سنڌيءَ ۾ ڪيو آهي. پڙهڻ کان پوءِ ئي علامه صاحب جي علم ۽ فضيلت ۽ سنڌيءَ ۽ عربيءَ ٻولين تي دسترس ۽ مذهبي ڄاڻ جو اندازو ٿئي ٿو. ڪافي ڊگهي ڪچهريءَ کان پوءِ خير جي دعا گهري روانگيءَ جي اجازت ورتيسون.

اسان جي اڳين منزل ٻئي بزرگ سان ملاقات جي لاءِ روانگي هئي، اهو بزرگ به قمبر تعلقي ۾ رهي ٿو ۽ اڃا تائين حال حيات آهي. سندس علم ۽ رشد جو وڏو ڏاڪو آهي. لاڙڪاڻي ضلعي جي ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد سندن مريد ۽ معتقد آهي. محترمه بينظير ڀٽو به 2007ع جي اليڪشن جي ڏينهن ۾ جڏهن دبئي کان هت پهتي ته سندن خدمت ۾ حاضر ٿي ۽ ملڪ ۽ قوم ۽ پنهنجي سلامتيءَ لاءِ وٽن دعا گهري. ملاقات جو فوٽو سندن



فيس بڪ ۽ پوسٽرن ۾ شايع ٿيو. ان ۾ سائين حسين شاهه ڪرسيءَ تي ويٺل آهي ۽ پاڻ محترمه هيٺ ڪارپيٽ تي پلٿي ماري ويٺي آهي. اهو محترمه جو اخلاق آهي، جو هوءَ بزرگ وٽ ڪهي وئي، ساڻن برابري نه ڪئي ۽ سندن احترام ۾ هيٺ ويٺي. ان فوٽو کان پوءِ سائين حسين شاهه سيد قمبر وارو سڄي ملڪ ۾ وڏيڪ مشهور ٿيو ۽ ماڻهن کين سندن صورت سان به سڃاڻڻ لڳا.

سائين حسين شاهه سان به منهنجي ۽ منظور مغل جي ملاقات ٿي. سائين عبدالڪريم وانگر ملڪ، قوم ۽ ضلعي لاءِ دعائون گهريون سين. سائين سان به ڊگهيون ڳالهيون ٿيون ۽ حال احوال ٿيا. پاڻ عيد ميلادالنبيءَ صلي الله عليه وسلم جي سلسلي ۾ هر سال جلسو ۽ ذڪر ۽ دعا ڪندا آهن. جتي وڏي تعداد ۾ سندن پوئلڳ اچي حاضر ٿيندا آهن. ان سال مان به حاضر ٿيو هئس ۽ برڪت مان فيضياب ٿيو هئس. اها عبادت/ ذڪر ۽ تقريرون صبح جي اذان تائين هليون.

## نواز شريف ڪچي جي سرڪاري زمين هارين ۾ ورهائي

محترم نواز شريف پرائيم منسٽر پاڪستان ٻيو پيرو فيبروري 1997ع ۾ ٿيو ته کين پنهنجو پراڻو پروگرام ياد پيو. ٻيا پروگرام ته پنهنجي جاءِ تي، پر پاڻ ۾ 1993ع ۾ ڪچي جي زمين ورهائي هئائون. هاڻي چاهيائين پئي ته سنڌ جي ڪچي جي زمين جي ورهاست سان پنهنجي سياسي مهم ۽ پروگرام جي شروعات ڪري. اسان کان سنڌ گورنمينٽ مشورو گهريو ۽ اسان کين مشورو ڏنو ته هتي زمين نومبر، ڊسمبر ۾ ورهايو. پر فيصلو اسان وٽ پهتو ته ڪچي جي زمين جي ورهاست لاڙڪاڻي ضلعي جي، ڏوڪري تعلقي جي ديهه فتح پور کان ڪئي ويندي. پڪي جي زمين جي ورهاست ته روينيو آفيسر يا ڪالونائيزيشن آفيسر ڪندو آهي، پر لئنڊ گرانٽ پاليسيءَ موجب ڪچي جي زمين ڊپٽي ڪمشنر جي اختيار ۾ هئي. ٿائيم ٿورو هو. ڪم مشڪل هو. منجهائيندڙ ۽ مسئلن پيدا ڪندڙ آهي. هن دفعي سرڪار اهو ڪم ڪيو ته اسان تي ڇڏيو ته جيڪي لئنڊ گرانٽ پاليسي موجب جتي ماڻهو آهن، انهن کي ئي زمين ڏني وڃي. ڪنهن به غلط ماڻهوءَ کي زمين جي الاٽمينٽ برداشت نه ڪئي ويندي. تپيدارن، سپروائيزرن، مختيارن ۽ ٻئي روينيو عملي کي سمجهايو ويو ته ڪنهن به قسم جي ٺڳي نه ڪن، ڪنهن کان به پيسو نه وٺن. لئنڊ گرانٽ جو سنڌ جو انچارج ميجر جنرل سڪندر پاشا هو. جنهن سان ان سڄي ڪم جي لاءِ رابطو رهيو ۽ هو صاحب به ٽي پيرا لاڙڪاڻي ۾ آيو ۽ سرزمين تي به ويو. هن کي سنڌ ۾ حاجي محمد هارون ميمڻ سهوليت ڪار يا مددگار يا ائڊوائيزر ڪري ڏنو ويو هو.

Gul Hayat Institute

ڏوڪريءَ جو مختيارڪار علي شير ميراڻي هو جيڪو ويجهڙائي ۾ پروموٽ ٿيو هو. هن ڏاڍي عقلمنديءَ فهم ۽ فراست سان سڄي مسئلي کي هئنڊل ڪيو ۽ بار ڪنيون. روينيو کاتي ۾ 18 گريڊ ۾ آهي.

نواز شريف صاحب جو ته وزيراعظم ٿيڻ کان پوءِ سنڌ جو پهريون دورو هو. دوري کان پوءِ ڏاڍو خوش هو ۽ خوش خوش واپس وريو. ظاهر آهي ته پرائيم منسٽر خوش هو ته وزيراعليٰ لياقت علي خان به خوش هو. مون کي پٺي ٺپي شاباس ڏنائين.

1992ع ۾ هڪ ڀيري جڏهن مان ڊي سي ٿر هئس ته پارٽيءَ جي پائيپ لائين لاءِ جيڪا فوجي چانوٽي وچي رهي هئي وايا ڪانتيو ۽ ڇيلهار. ته مان جتوئي صاحب وٽ فنڊس جي رليز لاءِ ويو هوئس. هڪ ٻه ٻيو دوست به منسٽر فنانس جي آفيس ۾ ويٺل هو. ان سان گپ شپ ڪري رهيو هو ۽ ان کي ديوار تي لڳل ناٽي وارن وزيرن جا فوٽو ڏيکاري رهيو هو ۽ کيس نالا کڻي ٻڌائي رهيو هو ته هي هي صاحب ناٽي جا وزير رهيا آهن. ڪجهه وقت کان پوءِ اهي وڏا وزير ٿيا. هن دوست چيس ته الله ڪندو توهان به وڏا وزير ٿيندا. هاڻي به ناٽي جو سابق وزير سائين مراد علي شاهه ناٽي مان وڏو وزير ٿيو آهي. ماڻهو ڪيئن خواب ڏٺو اُٿي ۽ ڪڏهن ته اهي سچا به ثابت ٿين ٿا!

## سمبارا هوٽل

لاڙڪاڻو مشهور شهر آهي ۽ اتي چڱن چڱن ماڻهن جي اچ وڃ آهي. ان لحاظ کان 1970ع تائين اتي ڪا به غير سرڪاري اهڙي جڳهه يا هوٽل ڪونه هيو جو رهائش لاءِ استعمال ڪجي. ماني کائڻ لاءِ چڱي ريسٽورينٽ ڪا ورلي ئي هوندي. سکر جو به ساڳيو حال آهي. هڪڙو سرڪٽ هائوس هوندو هو جتي سرڪاري آفيسر يا وزير رهندا هئا. جنهن ۾ 4 سوٽس (ڪمرا) آهن. اهو به هاڻي هاءِ ڪورٽ جي جج صاحب جي تصرف ۾ آهي. نئون سرڪٽ هائوس ٺهيو آهي، جنهن ۾ به چار سوٽ آهن. لاڙڪاڻي ۾ روينيو ۽ پوليس کاتن پنهنجي آفيسرن جي استعمال لاءِ ننڍا ريسٽ هائوسز ٺهرايا آهن. خانگي شعبي ۾ لاڙڪاڻي شهر اندر هوٽل سپنا، پارسا، گرين ۽ ڪجهه ٻيا هوٽل به ٺهي ويا آهن.

1970ع واري ڏهاڪي ۾ اهي سهوليتون ڪونه هيون. ڀٽي صاحب جو مهمان خانو ڪشاده ۽ مهمانن جي به روز اچ وڃ. پاڻ اچي ته دنيا پلٽجي پوندي هئي. ان ڪميءَ جي پورت لاءِ پاڻ "سمبارا ان" هوٽل پي آءِ اي کان ٺهرايائين. جنهن ۾ 48 (اٺيتاليهه) شاندار سوٽس لاهور جي انٽر ڪانٽينينٽل هوٽل (هاڻي پي سي هوٽل) جي طرز جا ساڳي آرڪيٽيڪٽ کان ٺهرايائين جنهن ۾ به ونگز هئا. اوپر ۽ اولهه. هر ونگ ۾ چوويهه ڪمرا، 12 هيٺ 12 مٿي. مئنيجمينٽ به پي آءِ اي جي حوالي هئي. نئون هوٽل هو. مهمانن جون



ضرورتون پوريون ڪندو رهيو. ان هوٽل جي ٺهڻ جي نگراني خالد احمد کرل ڊي سي لاڙڪاڻي ڪئي. هڪ دفعي اهڙي دوري تي ڀٽي صاحب، خالد صاحب کي هدايت ڪئي ته هن جيڪب آباد ۾ بگٽي صاحب جي گهر / اوطاق ۾ هڪ پراڻي طرز جو ٽِيڪ (Teak) جو ٽڪ تي وڏو دروازو ڏٺو آهي. اهو دروازو وٺي سمبارا جي گيٽ طور لڳايو. اهو دروازو اڄا تائين سمبارا اِن جي گيٽ تي لڳل آهي. چون ٿا ته ان دروازي لاءِ تنهن وقت -/35000 رپيه (پنجٽيهه هزار) قيمت 1973ع ۾ ادا ڪئي هئي.

75_1974ع ۾ ڀٽو صاحب سمبارا ان ۾ ممتاز صاحب جي نياڻين جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيو ته گيٽ جي حالت ڏسي ڏاڍو ناخوش ٿيو. گيٽ ته ساڳيو هو پر ڪنهن ستم ظريف ان کي ڳاڙهو رنگ ٿڦي ڇڏيو هو ۽ ان جي ٽيڪ جي ڪاٺ جا ذرا ۽ لڪيرون (Grains) ظاهر ڪونه هئا. ڀٽي صاحب ڊي سي صاحب کي ڏس ڏنو ته لاهور جي گورنر هائوس ۾ "ڦلاڻي" نالي سان ڪاريگر آهي، ان کي وٺي اچي ان کان گيٽ جا (Grains) ظاهر ڪرائي ۽ هلڪي پالش ڪرايو. گورنر صاحب به ان شاديءَ ۾ موجود هو. ان کي ڊي سي جي منهان منهن ڪرائي ڇڏيائين. مان 1976ع ۾ زير تربيت اي سي ٿي آيس ته ان گيٽ جي صفائي سترائي هلي رهي هئي. گيٽ جي قيمت -/35000 رپيا هئي پر ان جي صفائيءَ تي لک رپين کان وڌيڪ خرچ ٿي ويو هو.

ان هوٽل جي زمين 10 ايڪڙ ڊي سي هائوس جي زمين مان سنڌ سرڪار ان ڪم لاءِ مفت ۾ ڏني هئي. ڊي سي هائوس مان، جيم خانه ۽ انجنيري کاتن لاءِ به زمين ڏني وئي هئي. هاڻي ايتري زمين آهي جو اهڙا ٻه ٽي ڊي سي هائوس ٺهي وڃن.

انگريز بادشاهن جتي جتي ڊي سي جا گهر ٺهرايا، اتي وسيع ايراضي ڊي سي هائوس کي چوڌاري الاٽ (تفويض) ڪئي. بيراج جو پاڻي ان زمين کي لڳندو هو جنهن مان اتي آبادي ٿيندي هئي. ڪٽڪ باغ يا ٻيا فصل. اهي ۽ سڀ فصل ڊي سيءَ جي ذاتي ملڪيت ليکيا ويندا هئا. جيستائين اتي اهي ڊي سي هوندا هئا، اهي ئي استعمال ڪندا هئا. ميرپورخاص جي ڊي سي هائوس ان جو نادر نمونو آهي. هاڻي ته اهو گهر ڪمشنر، ڊي سيءَ کان کسي ورتو آهي. ڪنهن زماني ۾ ميرپورخاص ڊي سي هائوس جا انب سنڌ جي ڪمشنر ۽ گورنر وٽ به تحفي طور ويندا هئا. هاڻي ان باغ جو اهو حال ڪونه ٿو نظر اچي. مان 1996ع ڊسمبر ۾ لاڙڪاڻي ويس ته اتي ڊي سي هائوس ۾ واڳڻ جو فصل لڳل هو. جيڪو پنج ڇهه مهينا هليو. اهي واڱڻ نه فقط مان کاڌا پر ڊي سي هائوس جي عملي کي به ورهائي ڏيندو هئس.

# 13

## آگسٽ 1997ع کان 20 جولاءِ 2002

### لاڙڪاڻي مان بدلي

لاڙڪاڻي مان بدلي ٿي وئي. مون رب پاڪ جو شڪرانو بجا آندو. ڪيترائي پريشر وڌي ويا هئا. پنهنجن جا سور لاهڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هوندو آهي. مون کي آرڊر ڪيو ويو ته آءُ ڪراچيءَ ۾ S&GAD ۾ رپورٽ ڪريان. جنهن آفيسر لاءِ فوري جڳهه نظر نه ايندي اٿن. ان کي اتي رپورٽ ڪرائيندا آهن يا جنهن کي وڏي سزا ڏيڻي هوندي اٿن ان کي اتي گهرائي پوءِ وساري ڇڏيندا آهن. ميرن جي ڪاٺ وانگر. هڪڙو واقعو ٿو ياد اچي ته هڪ مير صاحب جيل گهمڻ نڪتو هڪڙو عجيب غريب قيدي نظر آيس. سندس متعلق پڇيائين ته هي ڪير آهي؟ سرڪار مير صاحب کي ٻڌايائون ته سائين هيءُ ننڍڙو ڇوڪرو هو مڇن جي ساول به ڪونه نڪتي هئس ته ڪُڪڙ چورائڻ جي ڪوشش ۾ هن کي پڪڙيو ويو ۽ سرڪار وڏيءَ توهان جي والد صاحب هن کي جيل ۾ وڌو. هاڻي ته ڏاڙهي به اچي ٿي وئي اٿس. مير صاحب اهو قصو ٻڌي ڏاڍي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ته هيءُ قيدي اسان جي وڏڙن جي نشاني آهي، ڪيس هٿ رهڻ ڏيو.

مان ڪجهه ڏينهن ۾ چيف سيڪريٽريءَ سان ملاقات ڪئي. اجا تائين سعيد مهدي صاحب چيف سيڪريٽري هو. ڪيس منهنجي بدليءَ جي ڇڳيءَ پر خبر هئي ۽ وڌيڪ مون کي پنهنجي ٻيتا بيان ڪرڻي نه پئي. ڪيس ٻڌايو ته رپورٽ ڪري ڇڏيو آهي. سندس باڊي لئنگئيج مثبت هئي. محسوس ڪيم ته جلد ڪٿي پوسٽنگ ٿي ويندي. مون ڪين عرض ڪيو ته سڄي حياتي فيلڊ ۾ گذاري آهي. جيڪڏهن ايڊيشنل سيڪريٽري ڪندؤ ته وڏي مهرباني. هن ڪنڌ ڌوڻيو. مان سلام ڪري نڪري آيس. اهو آگسٽ 1997ع جو زمانو هو. غلام سرور ڪيڙو سيڪريٽري سروسز هو. پاڻ سنڌ سيڪريٽريٽ سروس جو سينئر آفيسر هو. 21 گريڊ تائين پروموٽ ٿيو ۽ پوءِ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري ڊولپمينٽ به ٿيو ۽ اتي ڪيس ايم ڪيو ايم جي وزير شعيب بخاري جي دور ۾



ڪجهه ايڪسٽينشن به ملي هئي. هي صاحب ان سروس جو پهريون ۽ اجا تائين آخري آفيسر آهي جيڪو Acs (Dev) رهيو آهي. سڌو ڳالهائڻ وارو ۽ پنهنجي باس جي طبيعت موجب ڪم ڪرڻ وارو. هرورو ڪنهن کي نه ڏيندو ته ڏکوئيندو به نه هو. گهڻو عرصو سروسز جو سيڪريٽري رهيو آهي. ساڻس ملاقات ٿي، سندس اکين مان منهنجي بدليءَ لاءِ افسوس ۽ همدردي ظاهر ٿي رهي هئي. چيائين جيڪو حڪم ٿيندو صاحب (CS) جو ائين ڪبو.

سيڪريٽري سروسز جي پوسٽ به عجيب پوسٽ آهي. ڪجهه به سندس اختيار ۾ ناهي پر پوءِ به سڀ ڪجهه جو مالڪ آهي. سيڪريٽري سروسز هميشه چيف يڪريٽريءَ جو ڪن ۽ اکيون رهيو آهي.

### SESSI ۾ پوسٽنگ

ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ مون کي وائيس ڪمشنر سيسي SESSI (Sindh Employess Social Secretray Institute) ڪيو ويو. ايڊيشنل سيڪريٽري پوءِ به ڪونه ٿيس. سيسيءَ جو سڄو ڪرتا ڌرتا ڪمشنر سيسي آهي. وي سي کي جيڪو ڪم حوالي ڪيو ويندو آهي، اهو ڪمشنر جي طرفان ڪندو آهي. آهي ته ڊمي، پر پوءِ به هن جو قدر هوندو آهي. وي سي دراصل ڪمشنر جو ٻانهن ٻيلي آهي. جيڪڏهن ڪمشنر جي پوسٽ خالي هوندي آهي ته پوءِ وائيس ڪمشنر پڻ ڪمشنر جا اختيار استعمال ڪندو آهي. اهڙو اختيار ڪيس سيسيءَ جي Act ۾ ڏنل آهي. شايد اهو طريقو ايوب خان جي دور ۾ جڏهن سيسي ائڪٽ ٺهيو ته امريڪا جي صدر وانگر ۽ نائب صدر وانگر سيسيءَ جو ڪمشنر ۽ وائيس ڪمشنر ڪي ڏنو ويو.

سڄي ڊاڪ وائيس ڪمشنر جي معرفت ويندي هئي. ميڊيڪل جي ڊاڪ ميڊيڪل ائڊوائزر جي معرفت ويندي هئي. ميڊيڪل ته ڪمشنر جي ڪجهه مجبوري هئي جو اهو ٽيڪنيڪل ڪم هو پر وائيس ڪمشنر جو ته عام رواجي انتظامي ڪم هو. جنهن ۾ خاص طور فنانس جا 'حساس' فائيل وي سيءَ کي ٻاءِ پاس ڪري، ڪمشنر صاحب سڌا گهرائيندو هو.

ان وقت سيسيءَ جو ڪمشنر خاور جميل هو. جيڪو 19 هين گريڊ ۾ هو. ڪيس ايم ڪيو ايم جي وزير شعيب بخاري ۽ ايم ڪيو ايم جي مرڪز جي به ٽيڪ هئي. پاڻ محترم ڊاڪٽر جميل جالبي جاتل سجاتل اردو اديب ۽ محقق جو پٽ آهي. ڪيس ڪا دل جي يا بلڊ پريشر جي بيماري هئي. تنهن ڪري مٿن اثر هلائي، اهو سبب جاڻايو هئائين ته سيسيءَ ۾ علاج لاءِ سهوليتون موجود آهن. تنهن ڪري ڪيس اتي ئي مقرر ڪيو وڃي.

Gul Hayat Institute

سيسي ۾ ڪو ڪم جو مزو تہ ڪونہ هو سواءِ گاڏي پيٽرول، ميڊيڪل ۽ ڪجهہ ٻين الائونسن جي. منهنجي پگهار بہ تقريباً ٻيڻي ٿي پئي وئي. خوش گهٽ نہ، تہ رنج بہ ڪونہ هئس.

## شڪر آ منهنجي بدليءَ سان توهانجو معاهدو بچي ويو

جڏهن منهنجي پوسٽنگ ٿي تہ وزير صاحب ملڪ کان ٻاهر جنيوا ۾ بين الاقوامي ليبر ڪانفرنس ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪرڻ ويو هو. مهيني ٻن کان پوءِ اسان جي ڪنهن ميٽنگ ۾ ملاقات ٿي. مون کان پڇيائين "توهان ڪير آهيو؟" ڪمشنر تعارف ڪرايو. چيائين چيف سيڪريٽريءَ مون کان پڇڻ کان سواءِ توهان جي پوسٽنگ منهنجي کاتي ۾ ڪيئن ڪئي آهي. ڪمشنر ٻڌايس تہ توهان ملڪ کان ٻاهر هئا. وري چيائين "اهڙي ڪهڙي تڪڙ هئس، منهنجو انتظار ڪري سگهيو پئي." نالي ۾ تہ لياقت علي خان وڏو وزير هو، پر اڪثر کاتا ۽ اهم کاتا ايم ڪيو ايم جي وزيرن جي حوالي هئا. هر وزير پنهنجو پاڻ ۾ وزيراعليٰ هو.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اهو ئي ٿيو جيڪو مان اڳ ۾ محسوس ڪري رهيو هوس. بدلي. وري بدلي!

وري S&GAD ۾ رپورٽ ڪرايو ويو. آخري پيرو منهنجي ڪنهن ميٽنگ ۾ شعيب بخاريءَ سان ملاقات ٿي. ميٽنگ کان پوءِ چوڻ لڳو، مون کي توهانجي پوسٽنگ تي اعتراض ڪونہ هو، توهان سنو ڪم ڪري رهيا هئا. اسان جو حڪومت سان معاهدو هو تہ اسان جي کاتن ۾ ڪا بہ ٽرانسفر پوسٽنگ اسان جي مرضيءَ کان سواءِ نہ ٿيندي!"

مون چيو "سائين! شڪر آهي، منهنجي بدليءَ سان توهان جو معاهدو تہ بچي ويو." مان ائين چئي. بنا هٿ ملائڻ جي سندس آفيس مان نڪري آيو هئس.

محمد اسدالله خان، پوسٽ ٿيو هو. ظاهر آهي هو سنڌيافتہ آهي. هن جو نوڪريءَ ۾ سال رهيل هو. مان سيپٽمبر 1997ع جي آخر ۾ سيسيءَ ۾ بدلي ٿي آيو هئس ۽ 31 ڊسمبر 1997ع تي چارج ڇڏي. ٽيبل جي خانن ۾ رکيل ذاتي ڪاغذ ۽ ٻيو سامان، هڙ ٻڌي گهر کڻي پهتس.

سوچيم پئي تہ هيءَ ننڍڙيون ننڍڙيون حرڪتون ڪهڙين محبتن جو ٻج ڇٽي رهيون آهن. ڇا سنڌي بہ ائين ڪن ٿا؟ مون کان تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪڏهن بہ ان بنياد تي ڪنهن سان بہ ذاتي تڳائي ۽ مَنائي نہ پڳي. ڇا اسان جي رت ۾ ڪو فرق آهي! خدا واسطي ڪنهن سان دشمني نہ ٿي پڄي.



## سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ!

### (فيبروري 1998ع کان نومبر 1999ع)

وري ورندا واءَ، وري وسندا مينهن،
سڄڻ گڏبا سڄڻين، نوان ٿيندا نينهن،
وڇوڙي جا ڏينهن، رهي رهندا ڪيترا.

ٽن مهينن کان پوءِ وري سعيد مهديءَ جو منهن ڏسڻ نصيب ٿيو. هو مسڪرائي مليو. مان موٽي اچي پنهنجي پوسٽنگ جو انتظار ڪرڻ لڳم. منهنجي پوسٽنگ، ڊائريڪٽر پرائيس ڪنٽرول ٿي. ايگريڪلچر کاتي ۾ سيڪريٽري ڊاڪٽر بدر سومرو هو ۽ وزير سائين مراد علي شاهہ پريا وارو. جنهن جا اڌ روڊ ۾ ٿهندڙ دوڪان، ڪپهہ جي ڪارخاني جي ٻاهران، مان نيشنل هاءِ وي تي خيرپور ضلع ۾ ڪوٽڏجيءَ جي پرسان ٿهڻ نہ ڏنا هئا ۽ اڌ ٿهيل دڪان بہ ڍهرائي ڇڏيا هئا. ان ڪري مان ناپسنديده شخصيت لڳس ۽ هن بہ سيڪريٽريءَ کي چيو تہ "مون کي چارج وٺڻ نہ ڏئي. مون کي هدايت ڪري تہ واپس چيف سيڪريٽريءَ کي وڃي سلام ڏيان."

مان وري سڙڪ تي اچي ويس. ويچارو سعيد مهدي منهنجي ڪري پريشان هو. لڳي پيو تہ ڪيس مون سان همدردي ٿيندي پئي وڃي.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر سنڌ جي پوسٽ خالي ٿي. اتي ڪو بہ وزير ڪونہ هو. ميڊم مهتاب اڪبر راشدي، وڏو عرصو ڊائريڪٽر جنرل انوائرمينٽ پروٽيڪشن ايجنسيءَ ۾ رهي هئي. هينئر هوءَ سيڪريٽري سوشل ويلفيئر ۽ ماحولياتي بچاءَ جي سيڪريٽري ٿي ويئي هئي. ڊي جي انوائرمينٽ جي بہ چارج هئس، جيستائين برگيڊيئر اختر ضامن ڊي جي ماحوليات اچي ٿيو. هي اهو دور هو جو مشرف اڃا صرف آرمي چيف هو. ملڪ جو چيف ايگزيڪيوٽو ڪونہ ٿيو هو. شايد ان جي ئي ٽيڪ تي برگيڊيئر اختر ضامن صاحب رٽائر ٿيڻ کان پوءِ 20 گريڊ ۾ ڊي جي ماحوليات ٿي لڳو هو. مون ڪيس ميڊم مهتاب جي اڳيان هٿ ٻڌي سر جهڪائي ويٺل ڏٺو. پوءِ جڏهن جنرل مشرف CEO ٿي ويو تہ برگيڊيئر اختر ضامن سنڌ جي اچي ڪاري جو مالڪ ٿي ويو. سنڌ جي سڄي بيوروڪريسي سندس اڳيان ڪنڌ جهڪائي هٿ ٻڌي ويٺل هوندي هئي. ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو سنو هو. ڪم جي لائين اها ئي مولائين واري ۽ ايم ڪيو ايم واري رهيس.

جڏهن ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر (ڪيپٽن) زاهد سعيد پنجاب بدلي ٿي ويو تہ اها جڳهہ خالي ٿي. پوسٽنگ پروپوزل چيف سيڪريٽريءَ وٽ ويا. هن مون کي اتي پوسٽ ڪيو. حالانڪ ڪجهہ DMG آفيسر بہ انتظار ۾ هئا ۽ ميڊم مهتاب راشدي، احمد بخش

Gul Hayat Institute

ڪوڪر جو بہ DO ڪيو ھو، جيڪو وٽس ايڊيشنل سيڪريٽري طور ڪم ڪري رھيو ھو.

پوسٽنگ آرڊر ڪڍي ميڊم وٽ ويس تہ خوشدليءَ سان آڏرڀاءُ ڪيائين. مون کي پاڻ ٻڌايائون تہ پاڻ احمد بخش ڪوڪر جو DO ڪري چڪيون ھيون. پر مون کي بہ خوش آمديد ڪن ٿيون.

## سماجي ڀھبود جو کاتو

سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ بہ عجيب ٽڪل ۾ گھڻ اھميت وارو کاتو ھو. حالانڪ ان ۾ ڪافي ڪم ڪرڻ جي گنجائش ھئي. ھڪ آفيسر ٻئي آفيسر جو دشمن. پاڻ ۾ ٻيھندا تہ ھڪ ٻئي جي تعريف ڪري نہ ڏاپندا. سندن آئوٽ لڪ اھڙو عجيب ھوندو ھو جو ڪو بہ ماڻھو ڏسڻ سان مشڪل سان آفيسر سمجھندو.

ھڪ دفعي گورنر ھائوس کان فون آيو تہ 14 آگسٽ لاءِ اھڙن معزور ماڻھن جي لسٽ ڏيو جن کي گورنر ھائوس ۾ گھرائي گفٽ ڏنا وڃن. جڏھن مون اھا ڳالھہ ميڊم سان ڪئي تہ وڏو ٺھڪ ڏيئي چوڻ لڳي تہ ”ادا ڪن آفيسرن جا نالا ڏئي ڇڏيو.“ ھتي ان کان بھتر ان وقت جي سوشل ويلفيئر جي کاتي کي بيان نٿو ڪري سگھجي. باقي سازشن ۾ پيڙ ھئا. ان وچ ۾ ميڊم مھتاب بدلي ٿي تعليم کاتي جي سيڪريٽري ٿي. عبدالوحيد پيرزادو سيڪريٽري ٿي ويو. نسرين پرويز ايڊيشنل سيڪريٽري ٿي، جيڪا مشھور براڊڪاسٽر ھئي. جنھن آفيسرن تي نازيبا مضمون بہ لکيا.

## سيد ممنون حسين!

ان وچ ۾ ايندڙ وقتن جو ھڪ اھم ماڻھو جيڪو مسلم ليگ (ن) ۾ شامل ھو، اھو ھن کاتي جو ايڊوائيزر ٿيو. سندس نالو سيد ممنون حسين ھو. ھُو ماڻھو خدا ترس، صوم صلواة جو پابند. وچولي درجي جو. واپاري لڏي جو روح روان. بي انتھا ايماندار، پنھنجي ڪم سان ڪم رکڻ وارو. سندس ناشتي جي دعوت جو نواز شريف گرويده ھوندو ھو.

مون کي جنون تہ کاتي کي اسٽريم لائين ڪريان، سٺيون سروسز ھيون، جنھن ۾ دارالامان، ٻارن جا حق، معذورن جا مرڪز، معذور ٻارن جي بحالي جا مرڪز، سماجي بھبود جا مرڪز، ٻارن جا مرڪز، ڊي ڪيئر سسٽم ۾ گھڻو ڪجھ. پر انھن جي حالت زار ڏسي روئڻ پيو اچي. مون دارالامان لاءِ لکيو تہ اتي عورت پوليس ڪانسٽيبل رکيون وڃن ۽ انھن کي ھوم ڊپارٽمينٽ جي ماتحت ڪيو وڃي، پر ايئن نہ ٿيو.

Child Right لاءِ يونيسيف کان اسڪيم حاصل ڪئي وئي، ٻين سروسز لاءِ انھن جي بھتري لاءِ ADP ۾ پيسا رکرايا ۽ ڪي سروسز ختم ڪيون.

محترمہ حجاب منظر صاحبہ جيڪا منظر ايوبي (شاعر) جي ڏيءَ ھئي ۽ پاڻ بہ



شاعره ھئي، ھي اصل خيرپور جا ھئا. ان ممنون صاحب کي مھاجر سمجھي منھنجي شڪايت ڪئي تہ مان مھاجر آفيسرن تي سنڌين کي ترجيح ڏئي رھيو آھيان. ممنون صاحب ڪجھہ ڏينھن مون کي جاچيو جڏھن مطمئن ٿيو تہ حجاب منظر کي گھرائي چنڊ پٽي تہ تو ڪوڙو الزام چو لڳايو. سندس اڄ وچ پنھنجي آفيس بہ بند ڪري ڇڏي. اھا مون کي پوءِ خبر پئي. ھو مون کي ان ڳالھہ کان پوءِ وڏيڪ عزت ۽ مانُ ڏيڻ لڳو. اسان جي پاڻ ۾ جڙ دوستي ٿي وئي. مون کي جيم خانہ ڪراچيءَ جو ميمبر بہ ممنون صاحب ئي ڪرايو.

## ممنون صاحب جي گاڏي

ممنون صاحب وٽ ھڪ پراڻي گاڏي ھئي، شيراڊ مون کي ٻڌايائين تہ ”ڪجھہ ھليل گاڏي KIA ٽن لکن ۾ ملي ٿي، اھا وٺان ٿو.“ مون چيو ”سائين! مون کي بہ وٺي ڏيو. بہ گاڏيون گڏ وٺنداسون تہ ايجنٽ ڪجھہ پيسا گھٽ ڪندو.“

## ممنون حسين صاحب گورنر ٿي ويو

چئن ڏينھن کان پوءِ خبر پئي تہ ممنون حسين صاحب کي گورنر نامزد ڪيو ويو آھي. غوث علي شاھہ صاحب ايڊمنسٽريٽر ڪيو ويو آھي. پرائيم منسٽر جي طرفان سنڌ اسيمبليءَ کي آئين مان ڏنل اختيارن ھيٺ سسپينڊ ڪيو ويو آھي. سنڌ ۾ تبديلي ڪئي وئي. حڪيم سعيد سابق گورنر سنڌ جي قتل کان پوءِ وزيراعليٰ لياقت جتوئي صاحب کي ھٽايو ويو.

گورنر جي حلف برداريءَ جي موقعي تي مون کي بہ گورنر صاحب دعوت ڏني ھئي. قسم کڻڻ کان پوءِ ڪيس مبارڪ ڏيڻ لاءِ ڀاڪر پائي مبارڪ ڏنم. ڪيس آھستگيءَ سان چيم تہ ”سائين! ڪار جي خريداريءَ جو پروگرام آھي يا تبديل ڪري ڇڏيو؟“ ڪلي چوڻ لڳو ”منگي صاحب! سب رب کا کرم ھئي!“ سندس اکين ۾ ڳوڙھا ھئا!

پوءِ جڏھن 12 آڪٽوبر 1999ع تي جنرل مشرف جو تختو اونڌو ڪندي، نواز شريف جي پنھنجي حڪومت جو تختو اونڌو ٿي پيو تہ ممنون حسين صاحب کي ھٽائي ايئر مارشل عظيم دائودپوٽي کي ڳولھي سولھي سنڌ جو گورنر ڪيو ويو. نواز ليگ جا ڪيترائي رھبر جھليا ويا ۽ ڪيترا ئي زير زمين ٿي ويا. پر ممنون صاحب پنھنجي فليٽ ۾ ڏڙلي سان رھندو ھو. اھو سڄو عرصو نواز شريف جلاوطن ھو. ممنون حسين صاحب سندس نالي ۽ پارٽيءَ جا نعره ھڻندو رھيو.

منھنجي نياڻي ذڪيہ قادر جي شادي حيدرآباد سنڌ ميوزيم ۾ رکي وئي ھئي. مون ممنون صاحب کي سندس گھر واريءَ سميت شرڪت جي دعوت ڏني. ھڪ ڏينھن اڳ حيدرآباد اچي پھتو. منھنجي نياڻيءَ کي پاڻ ۾ سندس گھر واري دعائن سان وداع ڪيو.

Gul Hayat Institute

## ممنون حسين صاحب صدر ٿي ويو...

اهو ئي ممنون صاحب، وقت مٽيو تہ صدر ملڪت پاڪستان ٿيو.

یہ سب تمہارا کرم ہے آقا
کہ بات اب تک بنی ہوئی ہے۔

اهو ويجهي ماضيءَ جو قصو آهي. زرداريءَ صاحب جي صدارت جي مدي پوري ٿيڻ کان پوءِ پيشنگوئيون شروع ٿي ويون تہ سائين غوث علي شاهہ، ممتاز علي خان ڀٽو يا سابق صدر رفيق تارڙ وري صدر ٿيندو. پر الله سائين ممنون حسين تي وڌيڪ مهربان هو. هو صدر ٿي ويو. جيڪو صوم و صلواة جو پابند آهي. ايوان صدر ۾ نماز جي امامت ڪندو آهي. مدينہ پاڪ ۽ مڪ پاڪ ۾ بہ پنهنجي ملڪ جي سفارتخانن ۾ رمضان ۽ عام ڏينهن تي نماز جي امامت ڪندو رهيو.

سندس صدر ٿيڻ کانپوءِ مون جڏهن کيس مبارڪ ڏيڻ لاءِ فون ڪئي تہ چوڻ لڳو *"منگي صاحب! يہ رب پاڪ کا کرم هئي. ميري کيا حيثيت. مين تو نهايت کمتر اور غريب بندا هون اُسکا"* سندس آواز پرجي آيو هو. شايد اکين ۾ ڳوڙها بہ هئس.

***



## نيپا ٽريننگ

مان نيپا ۾ ٽريننگ ڪئي، 4 مهينن لاءِ اهو ڪورس هوندو آهي، جيڪو 19 گريڊ کان 20 گريڊ ۾ پروموشن لاءِ ضروري هوندو آهي. هن ڪورس ۾ اڳ ۾ آفيسرن کي ٻاهرين ملڪ جو بہ ڪورس ڪرائيندا هئا، پر هن سال کان 'بچت' ڪرڻ لاءِ سرڪار ٻاهر جا دورا معطل ڪري ڇڏيا، باقي ملڪ جي اندرين علائقن جو دورو بہ ڪرايو.

هن ڪورس ۾ بہ وڻ وڻ جي ڪاٺي اچي جمع ٿيندي آهي. سنڌ Ex-Pcs مان شفقت علي ٽالپور، شمس الدين لغاري ۽ مان هئاسون. PSP مان جيڪي سنڌ پوليس ۾ نوڪري ڪندا هئا، انهن مان فياض لغاري صاحب هو، جيڪو پوءِ سنڌ جو بہ ٽي پيرا آءِ جي ٿي رهيو. رسول بخش ساند ريلوي جو يعقوب علي زرداري، DMG جا آفيسر جيڪي سنڌ ۾ نوڪري ڪري رهيا هئا انهن ۾ ملڪ اسرار حسين، خسروپرويز خان ۽ عباسي عبدالرزاق هو. انڪم ٽيڪس گروپ وڏو هو جنهن مان عزيز ميمڻ، ظفر اقبال، زرخليل ۽ سنڌ جو مشهور ڪردار عبدالماجد پرڳڙي جنهن ڪمپيوٽر تي سنڌي فانٽ بہ متعارف ڪرايو ۽ اجا تائين ان ڏس ۾ جدوجهد ڪري رهيو آهي. اسان جي گروپ جي سعيد احمد خان، انڪم ٽيڪس ۽ ڪسٽم سروس آف پاڪستان جي محترم رفعت ناصر زيدي، اڪيلي عورت/ ڇوڪري 17 آفيسرن ۾ هڪ هئي. هئي هڪ پر 16 جي برابر هئي.

اسان سان جيڪو اهم ترين ۽ دلچسپ برجستو ۽ سيني جي ڪم اچڻ وارو ڪيريڪٽر هو اهو هو احسن بصير صاحب . پاڻ پوسٽل سروس آف پاڪستان جو آفيسر هو. احسن صاحب موقعو ڳوليندو وتندو هو تہ ڪنهن کي سندس مدد جي ڪڏهن ضرورت آهي. وچي ان وٺ پهچندو. روزي نماز جو پابند، خوش مزاج. محمد طالب مرزا، جيولاجي سروس آف پاڪستان جو هڪ لائق آفيسر هو. سندس هيڊ ڪوارٽر ڪوئيٽا هو، ٻار ڪراچيءَ ۾ رهندا هئس. منهنجي ساٿس 'ٿرڪول' تي اڪثر ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي هئي. جڏهن ڪوئلو ٿر مان دريافت ٿيو هو تہ پاڻ بہ ان ٽيم ۾ شامل هو. منهنجي سوالن جي جواب ۾ چوندو هو تہ 'ٿر ڪوئلو مفيد ٿيندو پر وڏي محنت ۽ سيڙپڪاريءَ جي ضرورت آهي'

يعقوب علي زرداري ريلوي گروپ جو هو. ويجهڙائيءَ ۾ فوت ٿي ويو آهي. پاڻ صاحب طرز اديب ۽ سنڌ جو عاشق ۽ شاگرد سياست ۾ اڳرو رهي چڪو هو. ڪافي ڪانفرنسون ڪيون هئائين. سائين نبي بخش خان بلوچ جو پوئلڳ آهي. ٻن حصن ۾ پنهنجي آپ بيتي نالي 'وائيءَ ۾ ور گهٽا' سندس پٽن: سڪندر علي زرداريءَ ۽ محمد علي زرداريءَ، آگسٽ 2013ع ۾ ڇپائي آهي. سندس پٽ صاحب حيثيت ۽ سرڪاري

Gul Hayat Institute

نوڪرين تي آهن. يعقوب علي زرداري اسان سان گڏ نيپا ۾ شامل ٿيو جنهن جو ذڪر آپ بيتيءَ جي ٻئي حصي جي آخري صفحي تي ڪيو اٿائين. جنهن ۾ صرف نالا لکيل آهن. پر زرداري صاحب کي موت مهلت نہ ڏني. منهنجي سندس اولاد کي گذارش آهي تہ سندس آتم ڪهاڻيءَ جو ٽيون حصو بہ ڇپرائين. ڇوتہ سندس زندگيءَ جو آخري ۽ اهم حصو اڃا رهيل آهي. جنهن جا اهم واقعا پڙهندڙن سان ونڊڻ گهرجن.

*

1970ع کان پوءِ وري جڏهن نئين سر ڪاليج لائيف شروع ٿي وئي هئي. پر هتي تربيت ۾ امتحان ڪونہ هو پر انسٽرڪٽر ۽ چيف انسٽرڪٽر ۽ ڊائريڪٽر پنهنجي طرفان هڪ پرک رپورٽ (Assessment Report) سرڪار کي موڪليندا هئا. جيڪا ذاتي فائيل ۾ ساليانی رپورٽن جي رڪارڊ سان شامل ڪئي ويندي هئي. جيڪا آفيسر جي پروموشن جي وقت استعمال ٿيندي هئي. گهڻو ڪري رپورٽ خراب نہ هوندي هئي. جيستائين ڪو آفيسر صفا بدتميزي نہ ڪري ويهي. رابطي لاءِ گروپ مان هڪ گروپ ليڊر چونڊبو هو جيڪو گروپ جي طرفان ڊائريڪٽر سان انتظامي مسئلن ۽ معاملن ۾ لهہ وچڙ ۾ رهندو هو.

ملڪ اسرار، خسرو پرويز ۽ فياض احمد خان لغاري ڊائريڪٽر کي ان ڪم لاءِ منهنجي پرپُٺ نالو ڏنو. پوءِ اچي مون کي ٻڌايائون ۽ پوءِ سڄي ڪلاس ۾ منهنجي لاءِ لابنگ ڪيائون تہ جيئن ڪو بہ اعتراض نہ ڪري. آخر ڊائريڪٽر ڪلاس ۾ اچي منهنجو نالو بطور گروپ ليڊر جي ٻڌايو. ڪنهن کي بہ اعتراض ڪونہ هو. سيني ڊيسڪون وڄايون. جڏهن آءٌ ڪلاس جو مانيٽر ٿيو هجان. پر هيءَ ڪم ڏکيو ۽ وڏيڪ ذميداريءَ جو هو. گروپ جي خدمت ڪرڻي هئي.

ڊائريڪٽر نيپا اسان جي دور ۾ محترمہ ڊاڪٽر معصومہ حسن صاحبہ هئي. سندس گهر وارو فتح ياب علي خان، مزدور ڪسان پارٽيءَ جو ليڊر هو. محترمہ معصومہ حسن پاڻ بہ ڄاڻو ۽ لائق عورت آهي. نوڪريءَ جو گهڻو وقت نيپا ۾ گذاريو اٿائين. مشرف جي دور ۾ ڪابينہ جي سيڪريٽري رهي. جنهن جو پورٽ فوليو مشرف صاحب وٽ هو. دبنگ آفيسر آهي، ماشاءَ الله منهن مهانديءَ سان بہ خوبصورت ۽ گريس فل خاتون آهي. ڪيترن ادارن ۽ ملڪن جي ٿنڪ ٽئنڪ آهي.

ڪراچيءَ جو مشهور مفڪر ۽ آرڪيٽيڪٽ عارف حسن، جنهن جو ڪراچيءَ جي پراڻين عمارتن جي بچاءَ ۾ اهم حصو آهي. ان جي ڀيڻ آهي. عارف حسن منهنجي ڪزن، آفتاب علي حسن منگي (مرحوم) جو اسڪول جو دوست آهي. اهي ڄڻ هڪ خاندان جا آهن. ان حوالي سان منهنجي بہ عارف حسن ۽ ڊاڪٽر معصومہ حسن سان



ويجهڙائي وارو رشتو رهيو آهي. منهنجي ٿر جي دؤر ۾ عارف حسن صاحب اُتي ايندو رهندو هو. ۽ اسان جي ملاقات ٿيندي رهندي هئي. ٿر ڊيپ جي منصوبن ۾ عارف حسن صاحب جو وڏو ڀاڱو آهي. ننگر پارڪر ۾ ٿرڊيپ جو ريسٽ هائوس ناهيو /پلان ڪيو آهي. يا گهٽ قيمت وارا منصوبا بہ گهڻو ڪري عارف حسن پلان ڪيا آهن. ڪراچيءَ جي مسئلن ۽ عمارتن بابت ڪافي ڪتاب بہ لکيا اٿائين.

نياز صديقي صاحب نيپا ۾ سينيئر موسٽ چيف انسٽرڪٽر هو. پر اسان جي گروپ جو ليڊر لطيف صاحب هو. صديقي صاحب اسان سيني پي سي ايس، ڊي ايم جي ۽ پوليس آفيسرن کي ويجهو هو. ڪو ڪم ڪار نہ هوندي بہ اسان وٽس وڃي ويهندا هئاسون ۽ ڪچهري ڪندا هئاسون. نياز صديقي صاحب پوبون مهينو اسان جي ٽريننگ دوران اسان سان رهيو. هو اسان مان اڪثر آفيسرن جو واقف هو فيلڊ آفيسر هو تنهن ڪري سندس فيصلن ۾ لچڪ هوندي هئي. جيڪا هن کي ۽ اسان کي مسئلن کان بچائيندي رهندي هئي.

## بلوچستان/ ڪوئيٽہ جو ٽوئر

گرمين ۾ اسان جو ٽوئر بلوچستان جو شروع ٿيو. هوٽل ڪوئيٽا سيرينا ۾ رهائش ٿي. ڪوئٽا سيرينا اسلام آباد سيرينا جهڙو تہ نہ آهي، پر پوءِ بہ غنيمت آهي. ڪوئيٽا ۾ ٻيو ڪو اهڙو سٺو هوٽل هو بہ ڪونہ. اسان جي گروپ جا 17 مان 10 ساٿي خشڪ هوا جي ڪري فلو ۾ ونجي ويا. هئا. ٻئي ڏينهن تي ڪمانڊ ۽ اسٽاف ڊفينس ڪاليج ڏسڻ وياسين ۽ اتي ڪمانڊمنٽ جو ليڪچر ٻڌوسين. ڊفينس ڪاليج پاڪستان جي ٺهڻ کان بہ اڳ جو آهي. تقريباً هر جنرل هتي نوڪري ڪئي آهي.

هتي اڙڪ ۽ حنا ڊيڏون بہ ڏٺيون سين. جتي صوفن جا باغ هئا. حنا ليڪ سُڪي وئي هئي. ٿورو ڪو پاڻي هئس. اهي ٻئي جڳهون منهنجي ٻيلي ڪاتي جي ٽريننگ ۾ بہ ڏٺل هيون. هينئر ڪافي ويران نظر اچي رهيون هيون. ڪوئٽا ۽ ان جي آس پاس بدامني تہ ڪونہ هئي پر هڪ قسم جي اندروني بي چيني نظر اچي رهي هئي.

گورنمينٽ آف بلوچستان جي پاران اسان کي حڪيم بلوچ صاحب جيڪو ايڊيشنل چيف سيڪريٽري هو ان بريفنگ ڏني ۽ ڏاڍي اطمينان بخش طرح پنهنجو نقطہ نظر پيش ڪيو. بلوچ صاحب صوبي جي PCS جو آفيسر هو. موضوع تي سندس مڪمل گرفت هئي. بلوچ صاحب هاڻي منهنجو ذاتي دوست آهي. قوم پرست آهي. سندس ڪيترا ڪتاب لکيل آهن. ڪتاب بلوچ قوم ۽ قوميت تي لکيل آهي. آءٌ جڏهن مارچ 2007ع ۾ ڪوئٽا ۾ Cultural Diversity جي سيمينار تي ويو هئس تہ بلوچ صاحب سان

Gul Hayat Institute

ملاقات ٿي هئي. منهنجي رات جو دعوت ڪئي هئائين.

ان ڏينهن شام جو اسان جي ساٿين ڪوئٽا جي مشهور بازارن مان سڪل ميوي ۽ ٻاهران آيل ڪپڙن ۽ ٻئي اليڪٽرڪ سامان جي خريداري ڪئي.

اسان جي ڪوئٽا جي ٽرپ ۾ اسان جو انچارج لطيف صاحب هو. ماڻهو ته سنو هو پر ڊاڪٽر معصومه حسن صاحبه کان ڊڄندو ڏاڍو هو. اسان جو سڄو گروپ تقريباً بيمار ٿي پيو هو. مان ڪجهه بهتر حالت ۾ هئس. لطيف صاحب جي مدد ۾ محترمه زرين اسسٽنٽ چيف انسٽرڪٽر هئي. زرين ۽ ڪن دوستن لطيف صاحب کي اهو اطلاع ڏنو ته سڀ ساٿي تقريباً بيمار آهن. اڳتي سفر جاري رکڻ مشڪل ٿيندو. ممڪن آهي ته ڪين وڌيڪ تڪليف ٿئي. ٻيو ته سسئي پنهون جي قبر ڏسڻي هئي، اتي به ڏينهن رهڻا هئا ۽ به ڏينهن گوادر ۾ رهڻا هئا. اتي جي موسم جي ناهمواري آفيسرن لاءِ مشڪل پيدا ڪري سگهي پئي. آخر بطور گروپ ليڊر جي اهو ذمو منهنجي حوالي ڪيو ويو ته ٻليءَ کي گهنڊڻي مان ٻڌان.

لطيف صاحب پنهنجي ضد تي ته صبح جو ٻاءِ ايئر ضرور قلات ڊويزن جي هيڊ ڪوارٽر تي پهچنداسون. مون ڪيس آخري ڀيرو ڏاڍي عزت سان چيو ته صبح جو جيڪي آفيسر هلڻ جهڙا هوندا، اُهي ئي هلندا ٻيا نه هلندا. جيڪڏهن توهان ضد ڪري سڀني کي وٺي هليا ته سندن ذميداري توهان جي هوندي.

ٻئي ڏينهن مان بطور گروپ ليڊر سامان پيڪ ڪري بيگ کڻي لابيءَ ۾ آيس. لطيف صاحب پڇيو... ۽ ٻيا؟" مون ڪيس چيو ته اهي بيمار آهن، هلڻ جهڙا نه آهي. ان حقيقت ۾ گهڻو سچ به هو. هن کي صرف مون سان ٽوئر جاري رکڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو. ناشتو ڪيوسين. مون ڪيس چيو ته "هلو ته هلون سر". هو منجهي پيو ۽ چوڻ لڳو "ٺيڪ آهي ٽن ڏينهن کان پوءِ فلائيٽ آهي. تربت (مڪران) ڊويزن جي هيڊ ڪوارٽر تي هلنداسين. اتان ٽي بس تي گوادر هلنداسون. ساڳي ڏينهن تي ۽ ٻئي ڏينهن تي گوادر ڏسي شام جو ڪراچيءَ ٻاءِ ايئر هلنداسون."

مون سندس تعاون جو ٿورو مڃيو ۽ ڪيس وٺي اچي آفيسرن جي ڪمرن تي ڪن آفيسرن سان ملاقات ڪرائي ۽ ڪيس سندن حالت ڏيکاري. ڪجهه هو به مطمئن ٿي ويو ته اسان هرو ڀرو 'بدمعاشي' نه ڪري رهيا هئاسون. ٽي ڏينهن وڌيڪ سيرينا ڪوئٽا ۾ رهياسون. ڪجهه آرام ڪيو. دوائون کاڌيون، چوٿين ڏينهن تربت جي لاءِ روانا ٿياسون.

اتي ڪمشنر صاحب سان لنچ ڪئيسون. هن ليڪچر ڏنو. پوءِ پنهونءَ جو قلعو ڏنوسين ۽ هڪڙي اذيت ناڪ 'ڪوچ' ۾ گوادر جو سفر ٽين وڳي شروع ڪيوسين. ڪوچ



نان ايئر ڪنڊيشنڊ هئي. رستو پڪو نه هو پر ان کي 'شنگل' روڊ چيائون. جيڪا مٽي ان روڊ تان اٿي پئي اها اسان جي ڪوچ ۾ داخل پئي ٿي. اسان جي گروپ جي 'رفعت' جيڪا نئين سنئين تربت مان لنچ کان پوءِ ميڪ اپ ڪري ڪوچ ۾ چڙهي هئي ان جي حالت ڇا هوندي؟ سعيد احمد خان به محفل کي تربت کان گوادر تائين 'رفعت' سان 'ڊوئيٽ' ڳائي ڏاڍو مچايو. آخر 10 بجي رات جو اچي گوادر ريسٽ هائوس تي پهتاسون. ميزبان. ڊي سي گوادر اعجاز خان پناڻ جيڪو لاڙڪاڻي جو آهي ۽ شڪارپور ۾ به 91-1990ع ۾ ڊي سي رهيو آهي. اهو ماني رکرائي وٺي ڊي سي هائوس تي ٽانيڪو ٿيو. سندس عملو اسان لاءِ ماني رکي انتظار ڪري رهيو هو. اعجاز خان ويجهڙائپ ۾ سنڌ ۾ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري (ترقيات) سنڌ رهيو جتان پروموٽ ٿي 22 گريڊ ۾ اسلام آباد ۾ وفاقي سيڪريٽري مقرر ٿيو آهي.

## گوادر

سعيد احمد خان، ملڪ اسرار حسين ۽ مان داروءَ جا پيالا پري سمنڊ ۾ ڪاهي پياسون. خسرو پرويز خان اسان جي واهر لاءِ اسان جي ڪيڊ هو. خسرو صوفي آهي پر هن مناسب سمجهيو ته اسان ٽنهي کي اڪيلو نه ڇڏي سمنڊ ۾ لهڻ کان اڳ ۾ ڪمرا والاريا سين. سٺ کن ڪمرا Curve ٽائيپ ۾ وڪڙ تي سمنڊ جي ڪناري تي ٽهيل هئا. وڏي ڇولي انهن ڪمرن جي آڳر ۾ به اچي رهي هئي. اهو 1998ع جو شايد آڪٽوبر جو مهينو هو. گوادر ترقي ڪري رهيو هو پر اجا ترقي جي رفتار تيز ڪونه ٿي هئي، هٽ رهائش لاءِ آيلن لاءِ صرف اهي سٺ ڪمرا هئا. ڪمرا ويڪرا ۽ خوبصورت هئا. سمنڊ جي مهاڙي سندن سونهن وڌائي رهي هئي. وري جو چوڏهين جي رات ۽ مڏ جو 'سرور'، ڇا ڳالهه ڪجي!

اسان به ڪجهه پنهنجي مٽي سمنڊ ۾ لاٿي، ۽ ڪجهه اچي ٻاٿ روم ۾ لاٿي. مانيءَ کائڻ کان پوءِ هڪ دفعو وري سمنڊ جو پاسو ڏئي چڪر ڏنوسين. چانڊوڪيءَ ۾ سمنڊ به روپو لڳي رهيو هو. هوا، زندگي بخشيندڙ هئي.

صبح جو ناشتي کان پوءِ ڊي سي اعجاز خان سان ملاقات هئي. جنهن گهڻن ئي دوستن کي سڃاتو پئي. هو جڏهن شڪارپور ۾ ڊي سي هو ته مان لاڙڪاڻي ۾ ايڊيشنل ڪمشنر هئس. هن گوادر جو تعارف ڪرايو ۽ جيڪي ترقياتي ڪم ٿي چڪا آهن انهن جو ذڪر ڪيو. هوٽل PC ۽ نئون ايئرپورٽ اجا ڪونه ٺهيا هئا. گوادر تي به ڪجهه گوديون ٺهيون هيون. وڌيڪ ڪم اڳتي ٿيڻو هو. "سنگهار" ڪالوني ڏنيسون. جنهن جو وڏو چرچو هو. سيني وڏن سياستانن، جنرلن ۽ واپارين اتي پلاٽ ورتا هئا. بينظير صاحبه

Gul Hayat Institute

کان جنرل مشرف تائين ۽ نواز شريف تائين. اڃا جنرل مشرف کي ڪنهن به حڪومت سنڀالڻ لاءِ ڏڪو ڪونه ڏنو هو.

گوادر ملاحن جي ننڍڙي بستي هئي. اها ڏٺيسين. ٻن پهرن جي ماني اعجاز خان سان کاڌي سين ۽ شام جي پرواز ۾ ڪراچيءَ لاءِ روانا ٿياسون. ايئر پورٽ سنڌڙيءَ جي ايئرپورٽ وانگر هو. ٻه اڍائي ڪلاڪ لڳا. ڪراچي تائين پهچڻ ۾ هاڻي ته گوادر جو ايئرپورٽ ڏاڍو شاندار ٺهي ويو آهي.

گوادر اصل ۾ عَمان جو حصو هو پرائيم منسٽر فيروز خان نون 1958ع ۾ اهو پاڪستان حڪومت جي پاران خريد ڪيو هو. ڪراچي ايئرپورٽ تي منهنجي گهر واري ۽ منهنجو ننڍڙو ڏيڍ سال جو پٽ محمد عريس خان منهنجي استقبال لاءِ موجود هئا. ڪين ڏسي منهنجا سفر وارا ٿڪ ٿي لهي ويا.

## سرحد صوبي جو دورو

چو ته گهڻا آفيسر سنڌ مان هئا يا سندن نوڪريون سنڌ ۾ هيون، تنهن ڪري فيصلو ڪيو وويو ته اسان کي ٻين ٽن صوبن جو Study Tour ڪرايو وڃي. ڪوئيٽا جو/ بلوچستان جو ٽوئر ته ٿي ويو. اسان جي ٻي منزل سرحد هئي جنهن جو نالو هاڻي خيبر پختونخوا آهي.

اسان جي پهرين منزل هو پشاور. جتي ٻئي ڏينهن سيڪريٽريٽ ۾ شڪيل دراني صاحب وٽ صوبي جي ترقيءَ ۽ ٻين ڳالهين جي بريفنگ لاءِ حاضر ٿياسون.

شڪيل صاحب ايڊيشنل چيف سيڪريٽري هيو. شڪيل دراني صاحب ملڪ جي بهترين آفيسرن مان ڄاتو ويندو آهي. شڪيل دراني صاحب ٿوري وقت لاءِ سنڌ جو به 2006ع ۾ چيف سيڪريٽري رهيو. سندس دور ۾ مان ڪلچر جو سيڪريٽري هئس. هو ڪلچر جو دلداده هو. هتان وڃڻ کان پوءِ ريلوي جو چيئرمين ۽ آخر ۾ واپڊا جو به چيئرمين ٿيو.

## پشاور

دراني صاحب اسان کي صوبي جي متعلق سٺي ڄاڻ ڏني. چانهن پياري ۽ چانهن تي گپ شپ ڪئي. پشاور ۾ ميوزيم ڏٺوسون. فاريسٽ ڪاليج جو رسمي دورو ڪيوسين. جيڪو منهنجو المامتر هيو. پراڻن ساٿين مان راجا ظريف اتي هو. ان سان ملاقات ٿي. انهن ڏينهن ۾ اڃا پشاور يا سوات ۾ طالبان جو دور شروع نه ٿيو هو. ملڪ پرامن هو ڪن دوستن بازڙا مان شاپنگ به ڪئي.



## سوات

اسان جي ٻي منزل سوات هئي. مردان تخت بائي، درگئي، ٻٽ خيلا ۽ مالاڪنڊ کان ٿيندا منگورا پهتاسون. اسان جي رهائش هوٽل سيرينا سوات ۾ رهئي.

هوٽل دراصل واليءِ سوات جو مهمان خانو هئي، جنهن ۾ چوئيتاليهه ڪمرا، انئن سوئيٽس سميت هئا. اهو مهمان خانو هاڻي سرحد سرڪار جي ملڪيت آهي. حڪومت اها عمارت سيرينا هوٽل کي ڪرائي تي ڏني آهي. جنهن ۾ هو هوٽل هلائي رهيا آهن. ڪشادي ايراضي ۽ کليل چبراٽا آهن. جنهن هوٽل جي سڪون ۽ سونهن ۾ اضافو ڪيو آهي.

رات جو هلڪي هلڪي سردي محسوس ٿي رهي هئي. اسان مرڪزي لان جي وچ تي مچ ٻاري مچ ڪچهريءَ جو مزو ورتوسين ۽ بار بي ڪيو به اتي کاڌوسون.

ٻئي ڏينهن گروپ جو پروگرام ڪالام، بحرين ۽ مداين ڏانهن هو. ڪالام تقريباً سوَ ڪلوميٽر کان ڪجهه سرس هو بحرين 80 ڪلوميٽر ڪن ۽ مداين 65 ڪلوميٽر سعدو شريف ۽ منگورا کان پري هو. رستو سٺو نه هو.

ٻئي ڏينهن جڏهن گروپ ناشتو ڪري تيار ٿيو ته مون محسوس ڪيو ته منهنجو پيٽ خراب آهي ۽ مون اڳتي وڃڻ کان معذرت ڪئي. هوٽل ۾ ٽي ترسي پيس ۽ سوات جي متعلق ڪتاب وٺي پڙهيا ۽ هوٽل جي مئنيجر سان حال احوال ويهي ونڊيا.

سعيدو شريف ۽ منگورا ڄڻ ته جاڙا شهر آهن. سعيدو شريف سوات جو انتظامي تخت گاهه آهي ۽ منگورا واپاري مرڪز. سوات ڪنهن شهر جو نه پر علائقي جو نالو آهي. ڊويزن جو نالو مالاڪنڊ آهي، پر ان جو هيڊ ڪوارٽر سعدو شريف آهي. 1913ع ۾ سوات کي رياست ڪري واليءِ سوات کي ڏنو ويو. يحيٰ صاحب ان جو رياست جو درجو ختم ڪري خيرپور وانگر ڊويزن ٺاهيو. واليءِ سوات اورنگزيب خان، ايوب خان جو ناٺي، بيگم نسيم جو مڙس هو. ايوب خان جڏهن به ٻاهرين ملڪ جي دوري تي ويندو هو ته بيگم نسيم. اورنگزيب کي وٺي ويندو هو.

سوات کي الله سائين ڏاڍين نعمتن سان نوازيو آهي. سوات جي وچان وچ درياءِ سوات گذري ٿو. زمين سرسبز ۽ آباديءَ لاءِ موزون ترين آهي. خاص ڪري ميوي جا باغ، جنهن ۾ بادام، آلو بخارا ۽ خوبانيون شامل آهن. نارنگيون، مالٽا ۽ اسٽرابيري وڏي تعداد ۾ پوکي وڃي ٿي.

بارش به جهجهي آهي، بارش جي پاڻيءَ جي نيڪال دريا ۽ پهاڙي نظام جي ذريعي آهي. الله هن علائقي کي انسانن جي سونهن ۽ زمين جي سونهن سان مالامال ڪيو آهي. مان سوئيزرلينڊ ته نه ڏٺو آهي. پر هن علائقي جي خوبصورتي ۽ شادابي سوئيزرلينڊ کان

Gul Hayat Institute

چا گھٽ هوندي. بس ڪجھ محنت ۽ سيڙپڪاريءَ جي ضرورت آهي.

مک شهرن ۾ هوٽل ڪاري ۽ سياحت وڏو ڪاروبار آهي، زرعي آباديءَ کان علاوه. ماڻھو خوشحال ۽ صاف سٿرا نظر آيا. تعليم بہ جھجھي نظر آئي. اها ماڻھن جي روين مان بہ ظاهر هئي.

منھنجا ساٿي ڪالام مان ٿڪا ٽٽا موٽي آيا. علائقي جي سونھن جا ڳڻ ڳائيندا رهيا هئا. هن علائقي ۾ نہ پگهر نڪري نہ ٿڪ ٿئي. ماني جيڪا ۽ جيتري کائو پاڻي ايترو مٺو جو هر شيءِ هضم ٿيو وڃي. اها شام هر ساٿيءَ ڊنر ڪري باقي وقت ڪمرن ۾ گذاريو. مون بہ اسپنگر ۽ کچڙي کائي، بہ Flagyl جون گوريون ڦڪي، پاڻ کي ٻئي ڏينهن لاءِ مالم جبہ لاءِ تيار ڪيو هو.

## مالم جبہ ـ سوات

ٻئي ڏينهن اسان جو قافلو مالم جبا روانو ٿيو. منھنجن ساٿين مون کي بہ هشاش باش ڏسي خوشيءَ جو اظهار ڪيو. مالم جبا مٿاهين علائقي ۾ آهي. هتي تقريباً سڄو سال برف رهي ٿي. PTDC (پاڪستان ٽوئرزم ڊولپمينٽ ڪارپوريشن) وارن هتي هڪ شاندار تفريحي ماڳ ٺاهيو آهي. سٺو هوٽل ۽ ريسٽورنٽ ۽ برف تي هلڻ وارن شوقينن لاءِ Sking جو بندوبست ڪيو ويو آهي. ٻارن ۽ عورتن ۽ خاندانن لاءِ لفٽ چيئر جو بہ بندوبست هو. اسان انھن سڀني مزيدار شين مان مزو ورتوسين. Sking پاڻ تہ نہ ڪئي، پر ٻين شوقينن کي ڏٺوسين. چيئر لفٽ پاڪستان ۾ پھريون ڀيرو ايوبيہ ۾ لڳو پوءِ مريءَ ۾ لڳو ۽ ڪجھ ٻين شهرن ۾ بہ آهي.

هاڻي تہ سنڌ جي گورک هل تي بہ ان جو چيئرمين رفيق جمالي ان لاءِ ڪوشش ۾ لڳو پيو آهي اميد تہ ان ڪم کي جلدي اُڪلائيندو. گورک جي اوچائي 5688 فوٽ سمنڊ کان مٿي آهي، جيڪا مداين، بحرين ۽ سعيدو شريف ۽ مالاڪنڊ کان بہ مٿي آهي، پر وڏو علائقو ان اوچائي تي نہ آهي.

## پوربن

مٿئين ڏينهن تي اسان جي سوات مان روانگي هئي. ٻئي ڏينهن آرام سان اٿياسين. پيڪنگ ڪئي، ناشتو ڪري پوربن لاءِ روانو ٿياسون. 20 کن مسافر هئاسون ۽ هڪ سٺو ايئرڪنڊيشنڊ ڪوچ. پر پوءِ بہ پوربن تائين 8 ڪلاڪ لڳي ويا. جڏهن پي سي پوربن ۾ چيڪ ان ڪيوسين تہ رات جا اٺ ٿي چڪا هئا. پوربن جي پرل ڪانٽينينٽل هوٽل جي سن سيٽ (سج جو لهڻ) جو نظارو ڏسڻ وٽان آهي. ٻئي ڏينهن اسان کي سج لهڻ کان اڳ ۾ روانو ٿيڻو هو. تنھن ڪري اهو منظر ڏسڻ کان محروم رهياسون.



گرم پاڻيءَ سان ٻاٿ ورتو. گرم چانھن جا ٻہ ڪپ پيتا. لابيءَ ۾ نڪري آيس. پوڀان ڪنھن ڪلھي تي اچي هٿ رکيو! مڙي ڏٺم تہ اسان جو يار عبدالغني چنا مسڪرائي رهيو هو. هن بہ ساڳيو سوال پڇيو جيڪو مون پڇيو 'تون هتي ڪيئن؟' چوندا آهن تہ ٻہ ڳالهائڻ وارا جڏهن زبان مان ساڳيا لفظ ڪڍن تہ ڪنھن ڪاٺ جي شيءِ کي هٿ لائجي Touch wood. مڙئي انگريزن جا وسوسا آهن. پر پوءِ بہ مون پرسان رکيل ٽيبل کي هٿ لاتو ۽ چنا کي بہ چيو تہ هٿ لاءِ. هن بہ ائين ڪيو. عبدالغني چنا منھنجو 1972ع کان وٺي شڪارپور کان دوست آهي. تنھن زماني ۾ خانداني منصوبہ بندي کاتي ۾ هيڊ ڪلرڪ هو. ان سال ئي سي ايس ايس ڪيائين ۽ انڪم ٽيڪس گروپ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ٿي ويو. جڏهن اسان جي پوربن ۾ ملاقات ٿي تہ هو اٺوين گريڊ ۾ ايڊيشنل ڪمشنر اسلام آباد هو. ۽ مان سنڌ ۾ سوشل ويلفيئر کاتي جو ڊائريڪٽر هئس.

اها شام اسان ڪچهري ڪئيسين. ماني گڏ کاڌي سين ۽ پراڻيون يادون ساريون سين. جڏهن ڪو دوست ايئن اوچتو ملي وڃي تہ ان جو مزو ئي اور آهي. هو بہ پي سي پوربن ۾ انڪم ٽيڪس آفيسرن جي ڪانفرنس ۾ پوربن ۾ آيل هو.

ٻئي ڏينهن اسان پوربن جي لاهين چاڙهين تي گھمياسون. علائقي جي land scape کي پوربن جي انتظاميہ ڏاڍو دلڪش ڪيو آهي. اسان لنچ بہ پوربن جي ورانڊي ۾ ويھي ڪئيسون. جتان سڄو منظر نظر اچي رهيو هو ۽ ٿڌي ۽ گرم موسم ۾ ويھڻ جو مزو اچي رهيو هو. ٻن پھرن جي مانيءَ کان پوءِ ٽپڙ ويڙهياسين. اڳين منزل لاهور هئي.

## پنجاب ـ لاهور

لاهور ۾ بہ رهائش پي سي ۾ هئي، ٻئي ڏينهن تي گورنر سردار ذوالفقار علي خان کوسا سان ملاقات هئي. کوسو صاحب اسان جي ساٿي فياض علي خان لغاريءَ جو ڳوٺائي، ديره غازي خان جو آهي. ٻئي سردار سياسي طرح هڪ ٻئي کان جدا رستن تي هئا، پر راڄوٽي طرح هڪ ٻئي جي عزت ۽ مان ڪيائون پئي. گورنر صاحب فياض صاحب سان وڏي اتساهہ ۽ پيار سان مليو. جڏهن تقرير ڪيائين تہ ان ۾ بہ سردار فياض خان جو نالو ڏاڍو عزت ۽ احترام سان ورتائين پئي.

## سردار ذوالفقار علي خان کوسو

کوسو صاحب ڏسڻ ۾ تہ ڳوٺاڻو پئي نظر آيو. پر ايچيسن ۽ آڪسفورڊ جو پڙهيل آهي. ملڪ جي سياست جي نبض تي سندس آڱريون آهن. 2008ع جي دور ۾ سندس پٽ سردار دوست محمد خان کوسو پنجاب جو وزيراعليٰ بہ رهيو. پر پوءِ شريفن سان سندس اختلاف ٿي پيا. ٻي پارٽي ۾ شموليت ڪرڻ جي بدران خاموشيءَ سان پاسيرو ٿي

Gul Hayat Institute

ويهي رهيو. سردار ذوالفقار علي خان کوسي خوبصورت انگريزيءَ ۾ دلڪش لهجي ۾ انداز ۾ صوبي جي سياسي ۽ انتظامي صورتحال تي روشني وڌي ۽ اسان جي سوالن جا مدلل جواب ڏنا.

آخر ۾ رسمي طرح اسان جي گروپ پاران مان يا ڪو ٻيو ساٿي اسپيڪر جو شڪريو ادا ڪندو آهي. مان موقعو ڏسندي فياض لغاري صاحب کي چيو ته گورنر صاحب کي Vote of thank ۽ مومينٽو (Momento) پيش ڪري.

## منهنجو برٿ ڊي

ٻئي ڏينهن تي اسان جي گروپ کي ڪجهه جڳهون وزٽ ڪرڻيون هيون. اها 26 تاريخ نومبر هئي. منهنجي ڄم جو ڏينهن. مان گهر واري ۽ ننڍي پٽ کي لاهور گهرائي ورتو.

اسان جي ساٿين منهنجي لاءِ برٿ ڊي ڪيڪ ۽ پارٽيءَ جو هوٽل پي. سي ۾ ئي بندوبست ڪيو. جنهن ۾ منهنجي گهر واري ۽ منهنجي ڏيڍ سال جي پٽ محمد عريس خان شرڪت ڪئي. عريس خان ڪيڪ ڪٽڻ ۾ ۽ منهنجي زال ميڻ بتي وسائڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي. ان موقعي تي منهنجي گهر واري جيڪا 26 نومبر تي ئي لاهور پهتي هئي ان به ڪيڪ آندو هو. ان ڪيڪ کي به سڀني ساٿين سان گڏجي ڪٽيوسين ۽ کاڌوسون.

مون سڀني دوستن جو ان مانَ ڏيڻ لاءِ ٿورو مڃيو. 27 نومبر تي اسان جي ٽيم واپس ڪراچي رواني ٿي. مان ٻارن سان 30 نومبر تائين لاهور ۾ ترسي پيس. لاهور جو ميوزيم ۽ ٻيون تاريخي جايون ڏٺيوسون. ننڍڙي عريس خان ميوزيم ۽ Zoo (چڙياگهر) ۾ ڏاڍو مزو ورتو. همراهه هاٿيءَ تي چڙهي ويو. ڪلي به رهيو ته جوش ۽ خوشيءَ يا وري ڊپ ۾ روئي به رهيو هو. پوءِ جڏهن هيٺ لٿو ته ڳلن تي ڳوڙها هئس ۽ چپن تي مسڪراهٽ. ٻارن جو اهو معصومانه انداز به ڪيترو نه دل لڀائيندڙ هوندو آهي.

شاليمار باغ ۽ ديوان خاص به ڏٺوسون. شاليمار باغ کي ته ڀٽي صاحب سياسي دعوتن لاءِ عالمي حڪمرانن کي گهرائي ڪين مغلن جي دور ۾ وٺي ويندو هو. پوءِ اهي سحرزده معزز مهمان جڏهن صبح جو ڀٽي صاحب سان ڳالهين جي ٽيبل تي ويهندا هئا ته سڀ ڪجهه هارائي بوڇڙ ڇنڊي خوش خوش روانا ٿيندا هئا. ڪي ڪي عالمي رهبر ته ڀٽي صاحب سان ڳالهين جي ٽيبل تي ويهڻ کان به لنوائي ويهندا هئا.

ڀٽي صاحب پنهنجي آخري سياسي جنگ ڳالهين جي ٽيبل تي پي اين اي کان ته کٽي ورتي. نهراءُ به ٿي ويو. پر اهو صلح فوجي جنتا کي نه وڻيو. انهن کي ڀٽي صاحب جو



شملا ۾ ڪيل اندرا گانڌيءَ سان نهراءُ ته وڻيو پر نوابزاده نصرالله خان، مفتي محمود ۽ پروفيسر غفور سان 4 جولاءِ تي ڪيل نهراءُ وڻيو. ’جنرل چشتي ڀٽي صاحب کي مريءَ ۾ آرام ڪرڻ لاءِ گرفتار ڪري وٺي ويو.

واڳها بارڊر تي به عريس خان کي ويڙهه ڏيکاري، جتي هن توتارن جو ۽ ڦڙن جو مزو ورتو. هن کي وڏ ۾ وڏ مزو Zoo ۾ مور جي ناچ ۾ ٿي آيو. پوءِ هڪ پيري ڏهن سالن جي ڄمار ۾ عريس خان ۽ سندس ننڍي ڀاءُ علي حميص مورن جا ڪٽڪ ننگر پارڪر ۾ نچندي ڏٺا ته هنن کي لاهور جي ڙُوجا مور ياد آيا هئا. هاڻي ته عريس خان 19 سالن جو ٿيڻ وارو آهي. سندس قد مون کان سوايو آهي. سندس شناختي ڪارڊ به ٺهي ويو آهي. سندس ڊرائيونگ جو لائينس به ٺهيو آهي. ڪيمبرج سسٽم ۾ A ليول فائنل جي تياري ڪري رهيو آهي. الله پاڪ سندس آئيندو چڱو ڪندو.

## ڪينجهر

مان جڏهن کان گهاري ۾ پوسٽ ٿيو هيس، تڏهن ڪوشش ڪري سج کي ڪينجهر مٿان لهڻ جو منظر ڏسڻ جو موقعو نه وڃايم. ائين ڪڏهن ته سيڙجي سج لهڻ جو نظارو ڏسڻ لاءِ ڪينجهر جي نوري ريسٽورينٽ ۾ انتظار ڪندو هوس. يا حيدرآباد کان نٽي ويندي اهڙو وقت چونڊيندو هوس، جنهن ۾ شام ڪينجهر تي گذري. ڏينهن جي ڪينجهر تي گذارڻ جو پنهنجو لطف ۽ پنهنجو سُرور آهي.

نيپا ۾ اسان جي ساٿين کي به شوق ٿيو ته هڪ ڏينهن ڪينجهر تي گذارجي. انهن ڏينهن ۾ نياز صديقي اسان سان وابسته ٿي ويو هو. اسان به اهو پئي چاهيو ته ان ٽرپ تي نياز صاحب اسان سان هجي، نياز صاحب ڊائريڪٽر معصومه حسن لاءِ هڪ اثاثو هو. ايڊمنسٽريشن جو ته ماڻهو هو پر انفارميشن ٽيڪنالاجي (IT) ۾ به ڪافي ڄاڻ حاصل ڪري ورتي هئائين. جيڪا نيپا ۾ شريڪ ٿيندڙن کي سيکاريندو هو ۽ ان سان گڏ شارٽ ڪورسز به ترتيب ڏيندو هو جنهن جي ڪري نيپا جي آمدنيءَ ۾ به واڌ ٿيندي هئي.

هن ڪينجهر جي انتظام کي خوش اصلوبيءَ سان ترتيب ڏنو هو.

هڪ سٺي ايئر ڪنڊيشنڊ ڪوچ ۾ منجهند ڌاري اسان جو گروپ ڪينجهر تي پهتو. مانجهاندي کان پوءِ ڇٽن ٻيڙين ۾ چڙهي ڪينجهر جو چڪر لڳايو ۽ نوريءَ جي قبر تائين پهتاسون. ڪي دوست مٿي چبوتري تي به چڙهي ويا. اتي ٻه قبرون آهن. هڪ ته نوريءَ جي، ٻي قبر لاءِ ٻڌايو ويو ته اها نوريءَ جي مرشد ’هوندل‘ شاهه جي آهي، جنهن جي دعا سان نوري راڻي ٿي هئي.

جڏهن اتر اولهه واري ڪيرٿر ڪوٽي ويندڙ جابلو رينج تي مينهن پوندو آهي ته ان

Gul Hayat Institute

سان ڍنڍ پرجي ويندي آهي. هتي ڪئين قسمن جي مڇي ٿئي ٿي، جنهن مان ڏنڀرو، ڪرڙو يا روهو مشهور ۽ ذائقيدار آهي. اها ڍنڍ سمن بادشاهن جي ملڪيت هئي. اتي جيڪي مقامي ملاح رهندا هئا، انهن کان حڪومت ايترو ته ٽيڪس وٺندي هئي، جو مهاڻن کي بس ڏهاڙي ئي وڃي بچندي هئي. جڏهن ڄام تماچيءَ (جيڪو ان وقت جو بادشاهه هو)، نوري کي ڏٺو ته مٿس عاشق ٿي پيو ۽ بادشاهه نوريءَ کي شاديءَ جو پيغام موڪليو. نوريءَ جا مائٽ ڏاڍا خوش ٿيا، پر نوري به اڄ جي ملاح ماين وانگر ڪا ڏاڍي ڏاهي هئي. هن بادشاهه سلامت کي شاديءَ لاءِ به شرط رکيا: هڪ ته ڪينجهر ڍنڍ جو محصول مهاڻن کي معاف ڪيو ويندو. ۽ ٻيو ته نوريءَ کي ڪينجهر تي اچي پنهنجن مائٽن سان ملڻ جلڻ تي پابندي نه هوندي.

بادشاهه سلامت ٻئي شرط قبول ڪيا. سندن شادي ٿي وئي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڪلام ’شاهه جو رسالو‘ ۾ ستن سورمين کي ڳايو آهي، جن مان نوري به هڪ آهي.

نوري جي قبر تي پهتاسون ته پاڻيءَ ۾ هڪ ٿَلهو نظر آيو. جڏهن نوريءَ کي دفن ڪيو ويو هوندو ته اها ته ڪنڌيءَ جي جاءِ هوندي، ۽ سُڪل هوندي، سندس مرشد اڳ ۾ ئي اتي دفن ٿيل هوندو. هاڻي ڪينجهر کان هڪ ننڍڙي ڊيم جو ڪم وٺي، ڪراچيءَ جي واٽر سپلاءِ جو مُک وسيلو بڻايو آهي. K-4 ڪراچيءَ لاءِ پاڻيءَ جو منصوبو منظور ٿيو آهي. اهو پاڻي به ڪينجهر مان کنيو ويندو. جيئن جيئن ڪراچيءَ کي پاڻيءَ جي ضرورت وڌي آهي، تيئن تيئن ڪينجهر جي ليول وڌائي وئي آهي. ان سان گڏ نوريءَ جي قبر جو ٿَلهَو به مٿي ڪيو ويو آهي. هاڻي ته سندس قبر تقريباً وچ ڍنڍ ۾ اچي وئي آهي.

اسان جو گروپ سوچيندو ڍنڍ ۾ ئي سج لهڻ جو منظر ڏسندو ريسٽ هائوس تي آيو. نياز صديقي صاحب ڳائڻ وڄائڻ جو متوالو آهي. هن پاڻ سان ساز سرود به آندا هئا. راڳ جي محفل شروع ٿي وئي. صديقي صاحب خوب محفل مچائي. صديقي صاحب سيني کان ڳارايو. آخر ۾ موقعي جي لحاظ کان ٺهڪندڙ ’ڪڀي الوداع نه ڪهنا‘ ڳارايو. ڇو ته اسان جا نيپا ۾ اهي آخري ڏينهن هئا.

نيپا ۾ پويون هفتو هو. انتظاميه پاسنگ آئوٽ جي تيارين ۾ لڳل هئي، اهو طي ڪيو ويو هو ته گورنر سنڌ جناب جنرل (ر) معين الدين حيدر کي چيف گيسٽ ڪري گهرائجي. هو آرميءَ جو به نمائندو هو ۽ سول انتظاميه سان به بطور گورنر لاڳاپيل هو. هن لاءِ اهو به مشهور آ ته آرميءَ جو هوندي به عام ماڻهن جو هڏڏوکي ۽ همدرد آهي. جيڪي آفيسر سياسي حڪومت کان ڏڪيا هئا، انهن تي جنرل صاحب مرهم پٽي رکندو هو. ان جو هڪ اڻ وسرندڙ مثال اسان جو پيارو دوست امتياز قاضي هو جنهن کي سياسي سببن



جي ڪري حدرآباد جي ڪمشنريءَ تان هٽائي، ڊگهي وقت لاءِ گهر ويهاريو ويو ته جنرل صاحب ان کي زڪوات جو ائڊمنسٽريٽر ڪرايو جيڪو سندس هٿ وس هو.

هڪ ڏينهن مئڊم معصومه حسن، ڊائريڪٽر نياز صديقي صاحب ۽ لطيف صاحب اسان جي ڪلاس ۾ پاسنگ آئوٽ لاءِ اسان سان صلاح ڪرڻ ۽ اسان کي اعتماد ۾ وٺڻ آيا. هنن کي اها به ڳڻتي هوندي آ ته متان تقرير دوران ڪا شڪايت ڪئي وڃي. حالانڪ ڪجهه گهاٽيون واڌيون هيون، پر اسان جو ڪو ارادو ڪونه هو ته ڪا شڪايت ڪجي.

ڳالهائيندي ڊاڪٽر معصومه حسن پڇيو ته ”الوداعي تقرير ڪير ڪندو؟“ هن مون کي مخاطب ٿي چيو هو. مون ڪيس جواب ڏنو ته ”اسان طي نه ڪيو آهي!“ مون وڌيڪ پڇيو ته ”ڪنهن مخصوص ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ جي پابندي آهي ڇا؟“ نياز صديقيءَ منهنجي شرارت کي محسوس ڪندي معصومه حسن کان اڳ ئي جواب ڏنو ته ’نه‘. مون چيو ته سنڌيءَ ۾ به تقرير ڪري سگهجي ٿي؟ هن چيو ’ها‘. مون ڏٺو ته ڊاڪٽر معصومه حسن پريشان ٿي وئي.

ٽي بريڪ تي چانهن پيئڻ اٿياسون. ان کان پوءِ اسان جي گروپ جي ميٽنگ ٿي، جنهن ۾ گروپ اهو ذمو مون تي رکيو ته مان تقرير ڪريان ۽ جيڪو مناسب سمجهان اهو ڳالهايان. اهو به طي ٿيو ته تقرير اڳ جي روايت موجب اردو يا انگريزيءَ ۾ ڪئي وڃي.

## پاسنگ آئوٽ

اسٽيج تيار ٿي وئي هئي. مهمانن نيپا جي ڪشادي هال ۾ ويهڻ شروع ڪيو هو.اسٽيج جي مٿان پٽ تي ڪيليگرافيءَ ۾ ”يارب“ لکيل هو. شايد اڃا تائين به لکيل هجي. ڪافي پراڻا رٽائرڊ ۽ سروننگ ڪامورا به آيا هئا. جن مان اسلم سنجراڻي، قاضي اقبال، انوار حيدر، شريف بلوچ ۽ ٻيا ڪيترائي هئا. اسان جو 17 ڄڻن جو گروپ اسٽيج جي ساڄي پاسي کان ويٺل هو. پهريون پهريون مان ويٺو هيس، مائيڪ به اسٽيج جي ساڄي پاسي هو.

گورنر صاحب ليفٽيننٽ جنرل (رٽائرڊ) جناب معين الدين حيدر، سنجيدگيءَ سان مسڪرائيندي اسٽيج تي اچي ويٺو. سندس ساڄي پاسي ڊاڪٽر معصومه حسن صاحبه ۽ کاٻي پاسي ڊاڪٽر لطيف صاحب ويٺا. نياز صديقيءَ هر فن مولا، مائيڪ سنڀاليو.

قاري صاحب قرآن پاڪ جي تلاوت ڪري تقريب جي شروعات ڪئي.

ڊاڪٽر لطيف لکيل سپاسنامو پڙهيو. ڊاڪٽر معصومه پنهنجي لکيل تقرير ۾ نيپا جي، ڪورس جو ۽ ڪورس ڪرڻ وارن جو تعارف ڪرايو. ان کان پوءِ ڪورس جي

Gul Hayat Institute

شريڪن مان مون کي تقرير لاءِ گهرايو ويو. منهنجا مختلف تاثرات هيٺيان هئا:

- دوستن جو مختصر تعارف
- فيڪلٽي جي ڊائريڪٽر ۽ اسٽاف جو تعاون
- ڪورس جو مختصر تعارف ۽ ٻاهرين ملڪن جي ٽرپ کي ڪورس مان ڪيڏڻ تي احتجاج.
- ٻيون ننڍيون وڏيون اوڻايون.
- جيڪو سکيوسين ان جو تت، خاص طور Vituous Individual (ڳڻن واري فرد) جي اهميت تي زور.
- ان کان پوءِ آءٌ بي لگام ٿي ويس.

مون وٽ لکيل تقرير ڪونہ هئي. مون دل جون ڳالهيون ڪيون تہ ”آفيسرن کي هر ويرو نالائق ۽ راشي ڇو ٿو سمجهيو وڃي؟ جڏهن تہ اهي فرد نوڪريءَ ۾ اچڻ کان اڳ ۾ ڳڻائتا آهن!“

”جيڪڏهن ڪو راشي ۽ نالائق ٿئي ٿو تہ ان ۾ سسٽم جي ڪمي بيشي آهي، ان جو تجزيو ڪري سسٽم کي بهتر ڪرڻ گهرجي. سڀ آفيسر اهڙا ناهن جو اهي پنهنجي سياسي آقائن جا جوتا صاف ڪن.“

مون نيپا تي چوهہ چنڊڻ بدران نظام (System) تي حملو ڪيو. جنهن جي مون کي خبر هئي تہ اسان جو اڄوڪو خاص مهمان بہ ان نظام کان بچان ڪندڙهو. گورنر صاحب سان منهنجي لاڙڪاڻي جي ڊپٽي ڪمشنر جي دور ۾ اڪثر ملاقات ۽ خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي هئي.

منهنجي تقرير دوران منهنجي دوستن ۽ ٻين سينئر ڪامورن جي منهن تي سرهائي هئي. منهنجي تقرير کان پوءِ گهڻي دير تائين تاڙيون وڄنديون رهيون. جڻ منهنجا لفظ سيني جي دلين جو آواز هجن. ان هجوم ۾ منهنجي زال بہ ويٺي هئي. اها بہ ڏاڍي خوشي ٿي رهي هئي. جڏهن اسٽيج تان لٿس تہ منهنجي ساٿين مون کي مبارڪ ڏني ۽ ڪن چيو تہ ”اسان کي توهان مان اها ئي اميد هئي.“

منهنجي تقرير کان پوءِ اسان کي سرٽيفڪيٽ ۽ ميڊل ۽ مومينٽو ڏنو ويو. ان کان پوءِ خاص مهمان پنهنجي تقرير شروع ڪئي. عام رسمي ۽ روايتي لفظن کان پوءِ سنئون سڌو منهنجي تقرير جي جواب ۾ تقرير شروع ڪئي ۽ خراب حڪمرانيءَ تي مون جيڪا تنقيد ڪئي ان جو جواب ڏنو. جنرل صاحب منهنجو نالو 5 ڀيرا پنهنجي تقرير ۾ ورتو. هن منهنجي خيالن جي پٺڀرائي ڪئي. آفيسرن جي تعريف ڪئي ۽ ان ڳالهہ جو اعتراف ڪيو تہ آفيسرن کي جيترو ڪم ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ گهرجي اهو



فراهم نہ ٿو ڪيو وڃي. شعيب صديقي، جيڪو ويجهڙائيءَ ۾ ڊگهي عرصي تائين ڪراچيءَ جو ڊورن ڪمشنرن وانگر ڪامياب ڪمشنر رهيو ۽ هينئر 22 گريڊ ۾ گهرو کاتي جي اسپيشل سيڪريٽري طور اسلام آباد ۾ پوسٽ ٿيل آهي، اهو ان وقت 18 هين گريڊ ۾ ڊائريڪٽر پروٽوڪول هو. قاضي اقبال، اسلم سنجراڻي، سيد انوار حيدر ۽ فيڪلٽي جي استادن ۽ ٻين شريڪن بہ ساراهيو. ڊاڪٽر معصومہ حسن ۽ نياز صديقي صاحب تمام گهڻو خوش ٿيا.

مان پنهنجي پراڻي عهدي تي واپس آيو هئس، ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر. ميڊم مهتاب اڪبر راشدي بہ بدلي ٿي تعليم کاتي ۾ وڃي سيڪريٽري ٿي هئي. سندس جاءِ تي عبدالوحيد پيرزادو صاحب آيو هو. چيف سيڪريٽري سعيد مهدي بہ بدلي ٿي پرائم منسٽر نواز شريف جو پرنسيپل سيڪريٽري وڃي لڳو هو. سندس جاءِ تي زبير احمد قدوائي صاحب اچي چيف سيڪريٽري ٿيو هو. زبير قدوائي سخت مزاج ۽ سخت اصول پسند آفيسر مشهور آهي. پڪو ايماندار، قائدن قانونن تي هلڻ وارو. بي نظير صاحب جي پهرين دور ۾ 1988ع ۾ جڏهن سائين قائم علي شاهہ سنڌ جو وزيراعليٰ ۽ سندس ڪابينا ۾ منظور وساڻ صاحب بہ پهريون دفعو سنڌ جو ٽرانسپورٽ جو وزير ٿيو. زبير قدوائي ٽرانسپورٽ جو سيڪريٽري هو. منظور وساڻ صاحب ان زماني ۾ ڏاڍو تيز مزاج ۽ پڪو جيالو هو. قدوائي صاحب ڪو ڪم منظور صاحب جي چوڻ تي نہ ڪيو تہ ڪيس آفيس ۾ گهرائي منظور صاحب چنڊ بہ پٽي ۽ هن جي گن مين ۽ ڊرائيور قدوائي صاحب کي بندوق جا بٽ هنيا تہ ڳالهہ وڌي وئي. چيف سيڪريٽري عبدالڪريم لوڌي صاحب هو. هن لاءِ بہ مشهور هو تہ ڏاڍو تيز ماڻهو هو هر ڪنهن آفيسر ائين پئي سمجهيو تہ شايد سرڪاري ڪاروهنوار بند ڪرائي ڇڏيندو پر ائين ڪونہ ٿيو. معاملو ڪجهہ ڏينهن ڇڪتاڻ ۾ گذريو پر وڏن وچ ۾ پئي ناهہ ڪرايو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ قدوائي صاحب بدلي ڪرائي ويو.

اهڙو ئي هڪ ٻيو واقعو ارباب غلام رحيم صاحب جي وڏ وزارت جي دؤر ۾ بہ ٿيو. جڏهن ايم ڪيو ايم جو هر وزير پاڻ کي وڏو وزير سمجهندو هو. نرگس گهلو اسان جي عزت واري خاتون آفيسر آهي، ذهين ڪامن بئچ جي آهي، ان وقت سيڪريٽري سروسز هئي، عادل صديقي ليبر جو وزير هو. هو صاحب ڪنهن ڪم نہ ٿيڻ تي نرگس تي ناراض ٿيو ۽ اچي ڪيس آفيس ۾ گاريون ۽ ڌمڪيون ڏئي ويو. آفيسر ۽ عورت ڇا ڪندي، ٻہ ٽي ڏينهن رسي وڃي گهر ويٺي. روئي ڌوئي چپ ڪري آفيس موٽي آئي ۽ پوءِ جلد بدلي ڪرائي اتان هلي وئي. ان دور ۾، اسلم سنجراڻي چيف سيڪريٽري هو.

**غوث علي شاهہ صاحب اِن ۽ ممنون حسين گورنر**

Gul Hayat Institute

حڪمراني ڪرڻ لاءِ سنڌ ڏکيو صوبو آهي. حڪيم سعيد جي شهادت کان پوءِ، لياقت علي خان جتوئيءَ جي حڪومت ۽ سنڌ اسيمبليءَ کي سسپينڊ ڪيو ويو. سائين غوث علي شاهه کي وفاق جي طرفان سنڌ جي انتظامي سربراهه (ايڊمنسٽريٽر) طور مقرر ڪيو ويو. سيد ممنون حسين صاحب کي گورنر سنڌ مقرر ڪيو ويو. اهو عام خيال آهي ته جيڪڏهن سنڌ ۾ وفاق حڪومت بدلائيندو آهي ته وفاقي حڪومت به بدلجندي آهي. ڪجهه مثال اهڙا ٿيا به آهن. مارچ - اپريل 1988ع ۾ چيف منسٽر سنڌ سائين غوث علي شاهه جي حڪومت هٽائي وئي ته مئي 1988ع ۾ وزيراعظم محمد خان جوڻيجي جي حڪومت کي به ضياءُ الحق معطل ڪيو. مئي 1990ع ۾ قائم علي شاهه صاحب کي هٽائي آفتاب شعبان ميراڻيءَ کي چيف منسٽر سنڌ ڪيو ويو ته مرڪز ۾ محترمه بينظير ڀٽو جي حڪومت کي به اسحاق خان آگسٽ 1990ع ۾ معطل ڪري ڇڏيو. ساڳي طرح جڏهن لياقت علي خان جتوئي جي حڪومت کي جون - جولاءِ 1999ع ۾ معطل ڪيو ويو ته 12 آڪٽوبر 1999ع تي نواز شريف جي حڪومت جو تختو به اونڌو ڪري جنرل پرويز مشرف ملڪ جو چيف ايگزيڪيوٽو بڻيو.

## جنرل مشرف چيف ايگزيڪيوٽو

## ايئر مارشل دائودپوٽو سنڌ جو گورنر مقرر

اهو 12 آڪٽوبر 1999ع وارو به وڏو ڊرامو هو! صوبائي حڪومتون به ختم ڪيون ويون. جنرل صاحب طرفان گورنر مقرر ڪيا ويا. سنڌ جو گورنر ايئر مارشل رٽائرڊ عظيم دائودپوٽي کي مقرر ڪيو ويو. اهو اجا تائين پهرين سنڌي هو جو فورسز جي وڏي عهدي تي پهتو هو. اها بي ڳالهه آهي ته ايئر فورس جو چيف آف ايئر اسٽاف نه پر رٽائرڊ ٿي ويو هو.

شمس العلماءَ عمر بن محمد دائودپوٽي جي پٽ هئڻ جي ڪري سندس لاءِ سنڌين ۾ وڏي عزت ۽ احترام هو. پر صوبي جي چيف ايگزيڪيوٽو جي ذميدارين کي دائودپوٽو صاحب ڇهه مهينا به مس ڇڪي سگهيو.

## مان سسپينڊ ٿي ويس

يونيسيف جي محترمه زيبا بخاريءَ پاران چيف سيڪريٽري سالڪ نظير صاحب کي منهنجي خلاف رپورٽ موڪلي هئي، جنهن قرب ڪري سخت ۽ مثالي قدمءِ سالڪ صاحب بنا جاچ يا انڪوائري ڪرڻ يا مون کان پڇڻ جي اها سائين غوث علي شاهه صاحب کي ڏياري موڪلي. اهو فائيل اتي ئي پيو رهيو. سالڪ صاحب کان پوءِ واجد رانا ٿوري وقت لاءِ ايڪٽنگ چيف سيڪريٽري ٿيو. هن سالڪ صاحب جي ريمارڪس جي مٿان اهو لکي موڪليو ته تفصيلي انڪوائري ڪرائجي. پر دائودپوٽي صاحب واجد صاحب جي ريمارڪس ڏسڻ کان سواءِ، سالڪ صاحب جي ريمارڪس تي ئي منهنجي خلاف 'جيل ۾ وجهڻ' جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو. جڏهن سمري موٽي ته زبير قدوائي صاحب چيف سيڪريٽري هو. هن مون کي سسپينڊ ڪيو ۽ انڪوائري ائنٽي ڪرپشن کان ڪرائي.

جيستائين انڪوائري مڪمل ٿئي، مان پڇي پورا ٿي پيو هئس. ٽينشن جي ڪري، عزت نفس جي ڪري، سسپينڊ ٿيڻ جي ڪري، انڪوائريءَ جي ڪري. نتيجي ۾ شگر ٿي پئي ۽ اجا تائين ان ۾ لوڙيان ٿو. ڇهن مهينن کان پوءِ انڪوائري مڪمل ٿي ته انهيءَ ڏوهه منجهان آجو ڪيو ويو.

يونيسيف جي مائيءَ اهو الزام لڳايو ته مون پئسا ڪائي ڪپائي ڇڏيا آهن، پر پوءِ جڏهن اسان سڀ ثبوت ڏيکاريا. جيڪي اسان هر ايڪٽوٽي جا وڊيو ۽ فوٽو ڊاڪومينٽ ڪرايا هئاسون. جيڪي پاڻ ڳالهائي رهيا هئا ته ڪم جنهن ۾ ٽريننگ وغيره به شامل هيون. ته پوءِ مائي ڦيرو ڪاڏو ته اڪائونٽ صحيح نموني سان نه ٺاهيا ويا آهن. اهو اهڙو الزام نه هو جو ڪنهن کي به بنا انڪوائريءَ جي ايتري سزا ڏجي يا پريشان ڪجي. نيٺ ساڳي قدوائي صاحب ئي گورنر صاحب کان آرڊر وٺي مون کي Reinstale ڪيو. گورنر دائودپوٽو صاحب ئي هو. مطلب ته الله ڪريم مدد ڪرڻ وارو آهي. مون کي ڪنهن گناهه جي ڪا سزا ملڻي هئي، سا ملي، پر ڏاڍي سخت سزا هئي.

ان حوالي سان منهنجي گهر واريءَ، جا پاڻ سرڪاري ملازم هئي، ڏاڍي ٽيڪ ڏني. ان کان علاوه سياڳي خان جتوئي، مير شفقت ٽالپر، ڊاڪٽر مصطفيٰ سهاڳ، سوشل ويلفيئر جي آفيسرن، منهنجي وڏي همت افزائي ۽ مدد ڪئي.

مون تي چارج شيٽ ته ڪونه هئي، تنهن ڪري صرف مون کي بحال ڪري 'ملير ڊولپمينٽ اٿارٽيءَ' ۾ مقرر ڪيو ويو.

## ملير ڊيولپمينٽ اٿارٽي ۾ پوسٽنگ

"ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي" 1994ع ۾ ڪي ڊي اي جي طرز تي ٺاهي وئي ته ان ۾ پلاٽ گهڻو تڻو ڪراچيءَ جا يا ٻاهران ايندڙ سنڌي ماڻهو وٺندا. پر ايئن ڪونه ٿيو. ڏهه هزار ايڪڙ کان وڏيڪ زمين سنڌ سرڪار ملير اٿارٽيءَ کي سستي اگهه تي وڪرو ڪري ڏني. ڪجهه پيسا سرڪار کي ڏنا ويا ڪن جو واعدو ڪيو ويو.



Gul Hayat Institute

ايم ڊي اي ڪراچيءَ جي ڪي ڊي اي وانگر سونو بيدو ڏيڻ واري ڪُڪڙ هئي. ان جو آپريشن ڪري، سڀ انڊا ڪڍي، وري ان جو پيٽ بند ڪيو ويو. ان پروجيڪٽ کي ويهن سالن کان وڌيڪ عرصو ٿي ويو آهي. پر اڃا تائين ڪجهه ڪونه ٿيو آهي. اتي ۽ تاثير ٽائون ۾، جيڪو ملير جو حصو آهي، سنڌي ماڻهن بدران ڌارين پلاٽ وٺي ڇڏيا آهن. ڪو هيڪڙ ٻيڪڙ گهر ٺهيو آهي. شروع ۾ ته اتي بلڊر ۽ هڪ سيڪريٽري ڏيتي ليتي جو مسئلو ٿي پيو ته بلڊرن، سيڪريٽري ۽ سندس گهر واريءَ جا آواز رڪارڊ ڪري احتساب جي بيورو حوالي ڪيا.

سنڌ ۾ جڏهن به سنڌين جي مالڪي جي دعويدار شهيد ڀٽي جي پارٽيءَ جي حڪومت هوندي آهي ته سنڌ جي ترقيءَ لاءِ اٿارٽيون ٺاهيندي آهي. مثلاً سيوهڻ ڊيولپمينٽ اٿارٽي، لاڙڪاڻو ڊولپمينٽ اٿارٽي، ملير ۽ لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي، گورک هلز ڊولپمينٽ اٿارٽي ۽ آخر ۾ ذوالفقار آباد ڊولپمينٽ اٿارٽي. سندن ارادن تي شڪ ته نه ٿو ڪري سگهجي، پر عملي طرح جيڪو ٿيو آهي، اهو حد کان وڌ ڏک پريو آهي. هن مهل تائين ڪنهن به هڪ اٿارٽيءَ کي ائين توڙ تائين رسندي نه ڏٺو ويو آهي. ڪي اڌ ۾ ته ڪي پنڌ ۾. جيڪي ماڻهو ڀرتي ڪيا ويا آهن، تن کي ڪڏهن پگهار ملي ته ڪڏهن نه ٿي ملي.

هاڻي به وقت ويو نه آهي. انهن سيني اٿارٽيز جو جائزو وٺي، جن ۾ ڪا سگهه (Potential) آهي، انهن کي هلائين. ٻين جي اسٽاف کي انهن ۾ ضم ڪري ڇڏين. گهٽ ۾ گهٽ سنڌ سرڪار پنهنجي خانداني منصوبه بنديءَ جي ڪاتي جي نعري/ سلوگن "بچي ڪم هي اڇهي" مان ئي ته ڪجهه سبق حاصل ڪن.

## ايڊيشنل ڪمشنر حيدرآباد

نومبر 2000ع ۾ امتياز قاضي حيدرآباد جو ڪمشنر هو. اها سندس "ٻي اننگ" هئي حيدرآباد ۾. پهرين اننگ ۾ ته سياسي سببن جي ڪري Retired Heart ٿي پويلين ۾ هليو ويو هو. هاڻي جڏهن 12 آڪٽوبر 1999ع ۾ انقلاب آيو ۽ قدوائي صاحب به موٽي آيو. ائين سرڪار کي مظلوم آفيسرن جي تلاش شروع ٿي ته امتياز قاضيءَ کي به زڪوات جي ائڊمنسٽريٽر مان واپس حيدرآباد جو ڪمشنر مقرر ڪيو ويو. امتياز صاحب پنهنجي ٽيم ٺاهڻ شروع ڪئي. شمس جعفراڻي اڳ ۾ ئي حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن جو ائڊمنسٽريٽر ٿيو هو. عبدالجبار عباسي (مرحوم) واسا حيدرآباد جو ايم ڊي ٿيو علم الدين بلو ايڊيشنل ڪمشنر-II ٿيو. هاڻي منهنجو وارو هو. منهنجي MDA مان بدلي بطور ايڊيشنل ڪمشنر-I حيدرآباد



ٿي. شمس لغاري کان پوءِ مان ائڊيشنل ڪمشنر ون ٿيس. سپاڳو خان جتوئي اڳ ۾ ئي بورڊ آف روينيو ۾ "پروجيڪٽ ڊائريڪٽر-ڳوٺ آباد" هو.

منهنجي ضرورت ڪهڙي؟ گاڏي ته ملي وئي، پر گهر جنهن ۾ شمس الدين لغاري رهيو پيو هو اهو هن خالي نه ڪيو. چيائين "منهنجي بدلي به حيدرآباد ۾ ٿي آهي. مان گهر خالي نه ڪندس ۽ ان گهر ۾ ئي رهندس." ڪجهه اسان جا دوست نوڪريءَ جي معاملي ۾ "حيدرآباد جا پڪي" رهيا آهن. جن ۾ شمس الدين لغاري، پير ضياء، شمس جعفراڻي، عبدالجبار عباسي ۽ آفتاب سومرو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪمشنر صاحب هڪ ٻيو بنگلو نمبر 15 الاٽ ڪيو. تيستائين مان فئمليءَ سان سرڪٽ هائوس جي انيڪسيءَ ۾ رهيو پيو هئس.

اهو گهر شفيق موسوي صاحب SE هاءِ ويز کي الاٽ ٿيل هو. پاڻ پنهنجي گهر سول لائين ۾ رهندو هو ۽ اهو گهر آئي وئي لاءِ اوطاق ڪري استعمال ڪندو هو. شفيق موسوي ڏاڍو تيز ۽ وڏي اثر رسوخ وارو آفيسر آهي ۽ اِمسا (IMSA) نالي هڪ تعليمي اداري جو به مالڪ آهي. ڪافي سال آسٽريليا ۾ به رهيو آهي.

اهو وڃي امتياز صاحب وٽ پهتو ۽ ڪيس ڏاڍيون لهواريون اوپاريون ڀڏايون، ڪيس چيو ته "جيڪڏهن اهو گهر توهان مون کي واپس نه ڪندؤ ته انجنيري برادري ۾ وڏو اشتعال ۽ بي چيني پيدا ٿيندي!" نيٺ قاضي صاحب منهنجي گهر جي اها الاٽمينٽ ڪينسل ڪئي. مون کي چار مهينا ٻارن سميت سرڪٽ هائوس ۾ ٻن ڪمرن ۾ رهڻو پئجي ويو.

چئن مهينن کان پوءِ مارچ ۾ جي او آر ۾ بنگلو C-6 الاٽ ٿيو. جنهن ۾ مان 2005ع تائين ٻارن سان رهندو آيس. منهنجي بدلي ان وچ ۾ نواب شاهه ۽ سکر ۽ آخر ۾ ڪراچيءَ ٿي وئي. اهو عرصو منهنجا ٻار اتي پڙهندا به رهيا ۽ گهر واريءَ جي نوڪري به حيدرآباد ۾ رهي. ان بنگلي جي حالت ايتري خراب هئي، جو جيترو وقت اسان وٽ هو، قاضي فاروق (انجنيئر) ان جي مرمت ڪرائيندو رهيو. 2005ع جي آخري مهينن ۾ جڏهن مون کي ڪراچي ۾ گهر مليو ته C-6 خالي ڪيو ويو.

## قاضي امتياز

امتياز قاضي صاحب جي شخصيت جا به انيڪ پهلو آهن. منهنجي ساڻس 1978ع کان دعا سلام آهي، جڏهن کان هو سکر ۾ اي سي انڊر ٽريننگ هو. سندس ذات تي ڪيترا ڪتاب لکي سگهجن ٿا. سندس شخصيت جو مختصر تعارف هيٺ لکان ٿو:

Gul Hayat Institute

- سندس پهرين نوڪري بئنڪ ۾ پوءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرر جي هئي، جتان پنجين ڪامن ۾ CSS ڪيائين.
- 1978ع ۾ سکر ۾ (UT) رهيو. جتي اسان جي ملاقات ٿي.
- قاضي صاحب هالا ۾ 1978ع کان 1981ع تائين اي سي رهيو. جتي وڏو مانُ ڪمايائين. مخدوم صاحبان سميت ڪيترائي اڄ به سندس دوست آهن.
- مدد علي سنڌي ۽ ظهير بابر قريشي (اعجاز قريشيءَ جو ڀاءُ) سندس اوائلي دوست آهن.
- 1981ع ۾ ترقي ڪري ڊي سي حب بلوچستان ٿيو.
- شادي جوکين جي خاندان ۾ ڪيائين. سندس سهرو چيف انجنيئر رهيو آهي.
- سندس والد ڪيپٽن سچيڏنو قاضي سنڌ جو ناميارو ڪامورو رهيو آهي. هن تقريباً سنڌ جي سيني ضلعن ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي نوڪري ڪئي آهي. سندس وڏو ڀاءُ اشفاق قاضي سيڪريٽري رهيو آهي. نوڪريءَ دوران ئي فوت ٿي ويو.
- سندس ٻيو ڀاءُ قاضي اعجاز به 21 هين گريڊ ۾ سيڪريٽري رهيو آهي. هاڻي ڪراچيءَ ۾ رٽائرڊ زندگي گذاري رهيو آهي.
- سندس ٽيون ڀاءُ قاضي ابرار ڪاروبار ڪري رهيو آهي. هينئر بلڊر آهي ۽ قوم پرست سياست ڪري ٿو.
- سندس هڪ ڀاءُ ارشاد قاضي آمريڪا ۾ رهي ٿو.

## ڪمشنر جي ڀاءُ جو سياسي جلسو

- قاضي امتياز جڏهن ڪمشنر حيدرآباد هو ته قاضي ابرار 2001ع ۾ مٽياريءَ ۾ سياسي جلسو ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو. حڪومت نه پئي چاهيو ته هڪ ڀاءُ ڪمشنر هجي ۽ ٻيو حڪومت جي خلاف سياست ڪري. آرميءَ جو(پرويز مشرف جو) دور هو قاضي امتياز کي چيو ويو ته ڀاءُ کي منع ڪيو! قاضي امتياز چيو ته "هو منهنجو وڏو ڀاءُ آهي، ٻيو ته هن جو پنهنجو رُخ آهي، منهنجو پنهنجو رُخ آهي."
- آخر ان رات قاضي صاحب کي ٻڌائڻ کان سواءِ ئي قاضي ابرار کي قيد ڪرايو ويو.

## ابرار قاضي جيل ۾!

- هڪ ڀاءُ ڪمشنر هائوس ۾ هوندي به ٻيو نارا جيل ۾ قيد ڪيو ويو.
- ان وقت ايترو ٽينشن ٿي ويو جو اسان محسوس پئي ڪيو ته امتياز صاحب جي نوڪري وئي. پر هن توڪليءَ ماٺهورتيءَ پر پرواهه نه ڪئي.



- قاضي ابرار به پنهنجيءَ تي رهيو.
- سندس ٽي ڀيڻيوا! ڊاڪٽر عالماڻي سيڪريٽري صحت رهيو آهي. ٻيو ڀيڻيويو مسعود عالم رضوي به فيڊرل سيڪريٽري رهيو آهي. ٽيون ڀيڻيويو اوٿو صاحب، فارين سروس ۾ هو. ويجهڙائيءَ ۾ فوت ٿيو آهي.
- قاضي صاحب جو اصل ڳوٺ خيرپور ميرس (لقمان) آهي.
- عام طرح اهو خيال آهي ته قاضي امتياز ذات جو جوکيو آهي، پر حقيقت ۾ پاڻ هوت بلوچ آهن. اهو مون ڪانئس معلوم ڪيو هو.
- شاديءَ کان پوءِ ڪجهه وقت آمريڪا ۾ پڙهائي لاءِ ويو.

## قاضي صاحب سائين جي ايم سيد کي گرفتار نه ڪيو

- جيڪب آباد ۾ ڊي سي هو ته ڪيس ۾ ايس پي اختر جانوريءَ کي حڪم مليو ته "سائين جي. ايم. سيد کي گرفتار ڪيو." هُئي سائينءَ کي گرفتار نه ڪري سگهيا. تنهن ڪري، بي نظير ڀٽو صاحبه جي حڪومت ۾ ڪين سسپينڊ ڪيو ويو.
- انڪوائري هاشم لغاريءَ ڪئي ۽ ٻنهي کي آجو ڪيو.
- قاضي امتياز صاحب جو والد صاحب به جيڪب آباد ۾ ڊي سي رهيو. شايد ان دوران ئي قاضي صاحب جو جنم به ٿيو.
- 1991ع ۾ قاضي صاحب لاڙڪاڻي جو ڊي سي رهيو.
- پوءِ ڪجهه وقت لاءِ آمريڪا ۾ زرعي اتاشي ٿي رهيو.
- واپسيءَ ۾ جڏهن عبدالرشيد ڪرل صاحب سيڪريٽري هو قاضي صاحب هوم ڊپارٽمينٽ ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري رهيو.
- سندس ڪرل صاحب سان مرڻ گهڙيءَ تائين تعلق رهيو.
- ڪمشنر ميرپورخاص ۽ ڪمشنر حيدرآباد رهيو.
- قاضي صاحب مزاج ۾ به عجيب آهي، ڪڏهن درياءَ ٽپي وڃي ته ڪڏهن اڌ تي ويهي رهي.
- ميرپورخاص ۽ حيدرآباد ۾ سندس بدلي اڌ تي ويهي رهڻ جي ڪري ٿي. جيڪا ڳالهه سهي سمجهندو، ان تي گوڏو ٻڌي ويهي رهندو.
- After Sooper Walk a mile وانگر ڪيس رات جي ڪاڌي کان پوءِ پسار جي عادت به آهي.
- هڪ دفعي اسان طئي ڪيو ته چوٽياريون ڊيم ڏسجي. مان خيرپور ۾ ڊي سي

Gul Hayat Institute

هئس، رات جو مان سانگهڙ ۾ سندس مهمان ٿيس. رات جي ماني کارائي چيائين ”هل ته چڪر هڻون،“ ٻاهر نڪتاسون ته اڃي ڪتن ورايو. نه ماڻهو نه چيڙو. اٽڪل سان ڪتن کان جان بچائي ريسٽ هائوس تي پهتاسون.

- حيدرآباد ۾ هڪ دفعي دوستن وٽ رات جي ماني تي نڪري ويو. پروٽوڪول جي بدران سوزوڪي جيپ تي چڙهي ويو. واپسيءَ ۾ جيپ ۾ پيٽرول کپي ويو. آخر رڪشو ڪري ڪمشنر هائوس پهتو. ڪمشنر هائوس ته پهتو پر FC واري پٺاڻ چوڪيدار در کولڻ کان جواب ڏنس ته، ”تون ڪمشنر ڪيئن هوندين. اجنبي ماڻهو رڪشي ۾ آيو آهين.“ آخر پي اي کي گهرايائين. ان در کولايو. قاضي صاحب اندر ٿيو ته رڪشي واري رڙ ڪئي: ”سائين منهنجو ڪرايو.“

قاضي صاحب هڪ خوبصورت لفظ چوندو آهي: نيڪ ٿيو! هڪ دفعي ڪنهن دوست جي خاندان ۾ فوتي ٿي پئي. سندس والد صاحب گذاري ويو هو. بزرگ ۽ نيڪ ماڻهو هو. سڀ راج ڀاڳ وارا تڏي تي ويٺا هئا. قاضي صاحب به سنجيده سنجيده اتي پهتو. دعا گهريائين. عذر خواهي ڪيائين. حال احوال وٺڻ لڳو. ان دوست حال احوال ڏنو. ٻڌايو ته ”ڪافي عرصي کان بيمار هو. عمر به وڏي هئس. آخري وقت تڪليف ۾ هو. ڪالهه گذاري ويا.“ قاضي صاحب امالڪ چيو: ”نيڪ ٿيو!“

- قاضي صاحب ترڻ جو ڏاڍو شوقين آهي، سندس صحت، نفاست ۽ سمارٽنيس جو راز به اهو آهي.
- بطور ڪمشنر جي حيدرآباد ڪلب جو صدر به هو. سياڳو خان ڪراچيءَ بدلي ٿيو ته مون کي سيڪريٽري ڪيائين. جتي آءٌ 2000ع کان 2002ع تائين جيستائين آءٌ نوابشاهه بدلي ٿي نه ويس، ان عهدي تي رهيس.
- قاضي امتياز، شيخ اياز جي شاعريءَ جو عاشق آهي. جڏهن موڊ ٿيندو هئس ته اياز جو دودي سومري تي لکيل منظوم ڊرامي جا بند ٻڌائيندو هو:

دودا تنهنجو ساهه ته ويندو،
ماڻهن جو ويساهه نه ويندو.

- ان عشق جي احترام ۾ وحدت ڪالونيءَ کان هاءِ وي ڏي ويندڙ روڊ تي ”شيخ اياز روڊ“ جو نالو رکيائين.
- منهنجي نوابشاهه بدلي ٿي ته چيائين ته ”نوابشاهه جي ڊي سي (ڊي سي او) هائوس ۾ ”سمر هائوس“ آهي. ان جي مرمت ڪراءِ ته مان دوستن سان ايندڙ مهيني ايندس.“ سمر هائوس کي ٺيڪ ڪرايم. ٻئي مهيني آيو. محفل متي،



قاضي صاحب پنهنجون پراڻيون يادگيريون ورجايون. سندس والد صاحب اتي ڊي سي رهيو هو ته قاضي صاحب به ان گهر ۾ ڪجھ عرصو رهيو.

- مان گرلز اسڪول لاءِ اريگيشن جو پلاٽ دوڙ مان گهريو مانس، اهو چڪاس ڪري پوءِ ڏنائين.
- ڪيس نيون نيون جڳهون ڏسڻ جو شوق رهيو آهي. هڪ دفعي سڄي ٽيم کي ڪنڌاهه ٻيلي، جو سيوهڻ تعلقي ۾ آهي، ۾ گهرايائين. هتان درياهه جي ٻي پرتي نوابشاهه ضلعي جو تعلقو دولت پور آهي. ڪنهن زماني ۾ ڪنڌاهه ٻيلو بدنام ڌاڙيلن جي رهائشگاهه طور مشهور هو. سائين عبدالله شاهه جي وقت ۾ اتي ريسٽ هائوس کي سنو فرنش به ڪيو ويو.
- ان رات بارش به ڏاڍي وٺي، بجلي بند. مڇر ۽ مڪڙيون گڏ ٿيون. قاضي صاهب چوي ته جنريٽر نه هلايو. ان جو آواز ڊسٽرب ٿو ڪري. آخر سڄي رات بي چينيءَ ۾ گذاري سون.
- واپسيءَ ۾ رني ڪوٽ تي آياسين. پاڻ ته رني ڪوٽ جي ڏاڪڻ تي چڙهي وڃي چوٽيءَ تي پهتو. اسان جهڙا اڌ تي ويهي رهيا. نه هيٺ جا، نه مٿي جا. واپسيءَ ۾ به ڏينهن گهر ۾ بيمار پيو هئس.
- ايريگيشن کاتي جو سنڌ ۾ سيڪريٽري به رهيو. هڪ دفعي صدر پرويز مشرف ڪالا باغ ڊيم جي متعلق سنڌ ۾ ميٽنگ ڪئي، پاڻيءَ جي انگن اکرن تي قاضي صاحب، صدر صاحب جي ڏنل انگن اکرن سان ميٽنگ ۾ اختلاف ڪيو. ٻن ڏينهن کان پوءِ سندس بدلي ٿي وئي. حڪم ته صدر صاحب جيل ۾ وجهڻ ۽ نوڪريءَ مان ڪڍڻ جو ڪيو هو پر سندس نيڪ نامي ڪم آئي.
- اها قاضي صاحب جي سنڌ ۾ آخري پوسٽنگ هئي، پوءِ اسلام آباد بدلي ٿيو. پيٽرول جو سيڪريٽري ٿيو ۽ اتان ”وفاقي محتسب“ جو سيڪريٽري ٿي رٽائرڊ ڪيائين. هاڻي فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر آهي.
- اسلام آباد ۾ سنڌ هائوس ۾ رهي ٿو. يارن جو يار. ماني صرف کائيندو ناهي پر کارائيندو به آهي. عزت وٺندو ناهي، پر عزت ڪري به ڄاڻندو آهي.

هينئر ڪميشن ۾ پنهنجو tenure پورو ڪري ڪراچيءَ پهتو آهي. رسول بخش بلوچ ۽ ڪن ٻين دوستن Nation Reforms Forum ماڻهن جي خدمت لاءِ ٺاهيو آهي، پاڻ به ان فورم جو ميمبر آهي.

❊

Gul Hayat Institute

## حيدرآباد ڪلب

سنڌ ۾ ”سنڌ اسپورٽس بورڊ“ نالي راندين جو هڪ ادارو آهي، جنهن جو صدر، سنڌ جو گورنر ۽ سيڪريٽري، اسپورٽس ڊپارٽمينٽ جو سيڪريٽري آهي. بورڊ جا قاعدا ۽ اصول اهي آهن ته اهو صوبي ۾ راندين کي منعقد ڪرائين ۽ انهن کي هٿي ڏئي. جنهن وقت جو سنڌ جو گورنر محمود هارون صاحب هو، ته ان وقت ان جو سيڪريٽري عبدالحميد آخوند هو. آخوند صاحب! ان زماني ۾ ڪلچر جو به سيڪريٽري هو ۽ گورنر جو به سيڪريٽري هو. ان سان گڏوگڏ اسپورٽس بورڊ جو به سيڪريٽري هو.

ان دور ۾ محسوس ڪيو ويو ته راندين جون ڪجهه سهولتون حيدرآباد ۾ ڏنيون وڃن. ان مقصد لاءِ حيدرآباد ۾ راندين جي سهولتن لاءِ سوئمنگ پول، بيڊمنٽن ڪورٽس، اسڪوائش ڪورٽس، ٽينس ٽيبل، باسڪيٽ بال، ڪرڪيٽ لاءِ لان (چيراٽو)، جاگنگ جو ٽريڪ، جيم (GYM) ۽ ڪينٽين ٺاهي وئي.

حيدرآباد ۾ انگريزن جي دور جو جيم خانو ته آهي، 1996ع تائين ته ان جو پريزيڊنٽ ڊي سي حيدرآباد هوندو هو پر پوءِ ان جي قاعدن کي بدلائي ان ۾ چونڊيل پريزيڊنٽ ۽ سيڪريٽري رکيو ويو. ائين جيم خاني ۾ آفيسرن جي اهميت گهٽبي وئي ۽ خانگي ۽ واپاري ماڻهو وڌي ويا ته حميد آخوند، جنهن هڪ برجستي آفيسر طور نئين سوچ سان نيون شيون پيدا ڪندي حيدرآباد اسپورٽس ڪلب ٺهرائي. جڏهن حيدرآباد ۾ اسپورٽس ڪلب ٺهي وئي ته ڪمشنر سان صلاح ڪري ان کي حيدرآباد ڪلب جو نالو ڏنو ويو ۽ اهو طي ڪيو ويو ته ان جي ميمبرشپ آفيسرن مان ڪئي وڃي. شام جو اهو ڪلب ميمبرن لاءِ ڪتب اچي ۽ ڏينهن جو اهو اسپورٽس بورڊ جي ڪم اچي. ان مقصد لاءِ هڪ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اسپورٽس ۽ ٻيو اسٽاف به مقرر ڪيو ويو. حيدرآباد ڪلب لاءِ صدر به ڪمشنر کي مقرر ڪيو ويو. بورڊ جو پهريون سيڪريٽري حيدر علي قاضي کي مقرر ڪيو ويو. چيف منسٽر سنڌ لياقت علي خان جتوئي، ان ڪلب جو افتتاح ڪيو ۽ ائين حيدرآباد ڪلب هلي پيو.

عبدالحميد آخوند کي ادارن ٺاهڻ جو وڏو ڏانءُ آهي. حيدرآباد ڪلب به حيدرآباد وارن لاءِ وڏو خراج ۽ زبردست تحفو آهي.

جڏهن مان بطور ايڊيشنل ڪمشنر جي بدلي ٿي آيو هئس ته ان وقت قاضي امتياز ان ڪلب جو صدر ۽ سياڳو خان جتوئي سيڪريٽري هئا. ميمبر نالي ماتر هئا، ڪوشش ۽ ارادو اهو هو ته 18 هين گريڊ کان گهٽ درجي وارا آفيسر ميمبر نه ڪيا وڃن. جيڪي صدر ۽ سيڪريٽري رهن انهن کي لائيف ميمبر ڪيو وڃي.



ائين منهنجون شامون به ”واڪ“ ڪندي يا بئڊمنٽن کيڏندي حيدرآباد ۾ گذريون هيون ته صحت به سٺي رهڻ لڳي، ۽ پاڻ کي چست ۽ جوان محسوس ڪرڻ لڳس.

سياڳي خان جي ڪراچيءَ بدلي ٿي وئي. سيڪريٽريءَ جي ڳولا شروع ٿي ته هڪ ڏينهن مون کي سيڪريٽري حيدرآباد ڪلب جو آرڊر اچي مليو. قاضي صاحب ڳجهه ڳوهه ۾ ئي ڪم ڪرڻ جو عادي آهي. مون کي خبر ئي نه پئي ته مان سيڪريٽري ٿي ويس، ان سان گڏ ڪلب جو لائيف ٽائيم ميمبر به. منهنجو نمبر 10 هو يا 11 هو.

ڪجهه اسان به ميمبر وڌاياسون پر سختي ڪئي سون، فيمليز کي ترجيح ڏنيسون. عورتن لاءِ جيم به ڪلاڪ ڏهاڙي مخصوص هوندو هو. ٽريڪ به واڪ ڪرڻ لاءِ مردن ۽ عورتن لاءِ ڪليل هو. ڪنهن به قسم جو ڪنهن سان به مسئلو نه ٿيندو هو. گرميون شروع ٿيون ته سوئمنگ پول به کلي پيو. ٻار ۽ وڏا سکندا به هئا ۽ سوئمنگ به ڪندا هئا. منهنجو وڏو پٽ انيس، ڪجهه سوئمنگ سکيل هو. باقي پريڪٽس هتي ڪيائين. ٻه ننڍا پٽ عريس خان ۽ علي حميص سوئمنگ هتي سکيا. انيس بيڊمنٽن به کيڏندو هو. منهنجي گهر واري به هتي اچي واڪ ڪندي هئي. ٻيون به ڪيترين ئي فيمليز اينديون هيون، جن ۾ چيف سيڪريٽري صديق ميمڻ جا گهر وارا به شامل هئا. افتخار اسان جو ڪلب ۾ اڪائونٽس آفيسر مقرر ڪيل هو. هو ايماندار ۽ محنتي چوڪرو هو.

گرمين ۾ وڏو خرچ وهنجڻ وارن تلائن جي صفائي ۽ ڪيميڪلز تي ٿيندو هو. جيترا خرچ ٿيندا هئا، ايترا پيسا سوئمنگ پول جي ميمبرشپ مان نه ملندا هئا. تنهن هوندي به رهيل پيسا ڪلب جي فنڊن مان خرچ ڪري ميمبرن کي سهولتون ڏيندا هئاسون.

## اياز گل ۽ صادق فقير سان شام

جڏهن 2 مئي کان پوءِ، مان ڪلب جو صدر ٿيس ته هڪ شام اياز گل ۽ صادق فقير سان به ملهائي سون. هڪ شاعر ٻيو راڳي. مون کي ٻئي فنڪار وڻندا آهن ۽ ذاتي طرح پيارا به آهن. منهنجو ارادو هو ته اڳتي هلي سحر امداد ۽ امداد حسيني سان، شام ملهائجي پر پوءِ مصروفيتن جي ڪري اهڙو موقعو نه ملي سگهيو.

## نئون نظام_ ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ

ان ئي دور ۾ جنرل پرويز مشرف ضلع سرڪار جو نئون نظام آندو، جنهن ۾

Gul Hayat Institute

ڊپٽي ڪمشنر ۽ مئجسٽريسيءَ جي اداري کي ختم ڪري ان جي جاءِ تي ضلع ناظم مقرر ڪيو ويو ۽ پوليس کي وڏيڪ اختيار ڏئي آزاد ادارو قائم ڪندي کين امن امان ۽ ڏوهن جو سڌو سنئون ذميدار مقرر ڪيو ويو. ائين مئجسٽريسيءَ جا اختيار جوڊيشريءَ کي منتقل ڪيا ويا.

ضلع سطح تي ڊسٽرڪٽ ڪو آرڊينيشن آفيسر (DCO) مقرر ڪيا ويا، جنهن جو بنيادي ڪم رابطيڪار وارو هو. ناظم جيڪو چونڊيل هو ان کي ضلعي انتظام جو سربراه مقرر ڪيو ويو. ائين ڪمشنريون ختم ڪندي سڄو نظام ضلعن تي منتقل ڪيو ويو.

چون ٿا ته ان نظام جي پويان ڪي نفسياتي سبب هئا، ڪنهن زماني ۾ جنرل مشرف ۽ جنرل تنوير نقويءَ سان ڊپٽي ڪمشنرن چڱو ورتاءُ نه ڪيو هو تنهن جي ڪري نفسياتي طرح هنن ٻنهي جنرلن ڊي سي کي زيرو ڪري DCO ڪري ڇڏيو پر ان سان عام انتظام جو ٻيڙو ٻڏي ويو. بنيادي سطح تي ننڍا ننڍا انتظامي قدم جيئن قيمتون، قبضا، ننڍا ڏوهه ڪنٽرول مان نڪري ويا. ان نظام هيٺ ٻه چونڊون ٿيون. هڪ 2001ع ۾ ۽ ٻي 2005ع ۾. جنهن کانپوءِ 10_2009ع ۾ هي سسٽم پنهنجا تڏا ويڙهي وڃي گهر پيڙو ٿيو. پر ان جي ڪري جيڪو نقصان ٿيو ان جو ڪفارو اڃان تائين ادا ٿي رهيو آهي. 2010ع کان 2016ع تائين مقامي ادارن ۾ جيڪا ڪرپشن ٿي آهي، ان جو مثال نه ٿو ملي. مقامي ادارن جون چونڊون اڻ مڪمل ٿيون آهن. جنهن سبب نيب، ايف آءِ اي ۽ آرميءَ اک پٽي آ. ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪمشنر بحال ٿي ويا آهن، پر انهن کي مئجسٽريسيءَ جا اختيار نه مليا آهن. پوليس اڃا تائين ڇڙواڳ آهي، هاف فرائي ۽ فل فراءِ جو رواج پئجي ويو آهي. دهشتگرديءَ ۽ امن امان جي وگوڙن کي روڪڻ لاءِ صوبن ۾ رينجرز ۽ آرمي کي آئين ۾ ترميم ڪري اختيار ڏنا ويا آهن. رينجرز ڊاڪٽر عاصم کي گرفتار ڪري ڪيترن مهينن کان جيل ۾ رکيو آهي. ڊاڪٽر عاصم، صوبائي هائر ايجوڪيشن ڪميشن جو چيئرمين آهي. جنهن جو رتبو وزير جي برابر آهي. ان کي رينجرز سندس آفيس ۾ ميٽنگ ڪندي گرفتار ڪري جيل ۾ وجهي ڇڏيو آهي. ڪجهه ٻيا وزير به وزارتون ڇڏي ملڪ کان ٻاهر هليا ويا آهن.

*

جنرل مشرف جي آندل بلدياتي نظام تحت 20هين گريڊ جي ڊي سي او جون مقرريون اپريل مئي 2001ع کان شروع ڪيون ويون. اي ڊي اوز وري 19هين گريڊ جا هئا. سرڪار اهو طي ڪيو ته ان سسٽم ۾ سينئر ماڻهو رکجن ته جيئن سسٽم کي



ڪامياب ڪن. ان سوچ سبب قاضي امتياز کي ٻه خيرپور جو ڊي سي او ڪيو ويو ۽ حيدرآباد ضلع گورنمينٽ ۾ پنجاب کان آيل هڪ آفيسر طارق ايوب کي رکيائون.

ڪمشنرن کان چارجون ڇڏايون ويون ۽ ڊي سي به بدلي ڪيا ويا . ڪمشنر جتي هئا اتي ايڊيشنل ڪمشنرن کي ڪمشنرن جي چارج ملي ۽ ڊي سي جي چارج اي ڊي ايم کي ملي.

2 مئي 2001ع کان مون کي ڪمشنر حيدرآباد مقرر ڪيو ويو. جيڪا چارج نئين نظام هيٺ 14 آگسٽ تي ناظم جي حوالي ڪرڻي هئي. اهڙيءَ طرح منهنجي ڪمشنري 13 آگسٽ 2001ع تائين هئي، جو بعد ۾ محترم مخدوم رفيق الزمان کي ناظم جي چارج سنڀالڻي هئي. امتياز قاضي صاحب، گهر، گاڏي ۽ آفيس طارق ايوب کي سنڀالي ڏني، جنهن ۾ گهر واري آفيس، مين آفيس ۽ انهن جو اسٽاف، گاڏي ۽ گن مئن به طارق صاحب جي حوالي ٿي ويو. عبدالقادر منگي رڳو نالي جو ڪمشنر رهيو. حالانڪ ذميداريون منهنجي حوالي هيون، جيئن 13 آگسٽ تائين ڪا ڪمي بيشي ٿئي ته ان جو مان ذميوار هجان. باقي ڪم هلائڻ لاءِ "رهي نالو رب جو" ڪجهه به نه هئو.

ڪمشنر حيدرآباد جي حيثيت ۾ مان حيدرآباد ڪلب جو صدر هئس. اهو شايد پهريون ۽ آخري دفعو هئو جو مان هڪ ئي وقت ٻئي عهدا سنڀالي رهيو هئس. پوءِ جڏهن ناظم صاحب پهتو ته اهو صدر ٿيو.

حيدرآباد ڊويزن ۾ شهر ڏاڍو ڏکيو ۽ اهم آهي. جڏهن ته اتي ايم ڪيو ايم جو به ڪافي اثر آهي. خوش نصيبيءَ سان ڊي آءِ جي سعود مرزا، ڊي سي حيدرآباد رضوان احمد ۽ ايس ايس پي معظم جاهه سنا آفيسر آهن. انهن مون سان پورو پورو تعاون ڪيو. ٽنهي کي مون پروفيشنل آفيسر ڏٺو. شمس جعفراڻي ميونسپل ڪارپوريشن جي چارج سنڀاليون وينو هو. جيڪو 13 آگسٽ تائين رهيو.

## صدر مشرف جوهيءَ ۾

دادوءَ ۾ ڊي سي ڊيپلي وارو ڊاڪٽر رياض ميمڻ هو. اتي زم زم آئل فيلڊ جوهيءَ جي افتتاح لاءِ صدر جنرل پرويز مشرف آيو. سندس آجيان مون ۽ ڊي آءِ جي سعود مرزا ڪئي. باقي ته سڄو انتظام آئل فيلڊ ۽ گيريزن جي حوالي هو. ڊي سي صاحب اسان کان پري پري اوپرن وانگر گيريزن تي هڪ ميجر جي اڳيان پٺيان هو. جڏهن ته ايس ايس پي دادو ۽ ڊي آءِ جي مون سان گڏ هئا.

ٻئي دفعي گورنر محترم محمد ميان سومرو ڪوٽڙيءَ ۾ اينگرو شيٽ جو فيلڊ ۾

Gul Hayat Institute

افتتاح ڪرڻ آيو هو. ڊي سي دادوءَ ڪي سنڌس اڳواٽ پروگرام مليل هو. ڊي سي دادو پاڻ تہ نہ آيو پر اي ڊي ايم، ايس ڊي ايم ۽ مختيارڪار ڪي بہ دادو گهرائي ورتو. مان حيدرآباد جي ايس ڊي ايم ڪي ڊيوٽيءَ تي لڳايو. وقت خير خوشيءَ سان گذري ويو.

## طوفان ۾ ماڻهو مئو تہ ڪمشنر ذميوار هوندو!

لوڪل باڊيز جي اليڪشن ٽن مرحلن ۾ ڪرائڻي هئي، جنهن جي ٽئين مرحلي ۾ حيدرآباد ڊويزن جا بدين ۽ ٺٽو ضلعو شامل هئا.

هڪ سال اڳ ۾ سامونڊي طوفان آيو هو. جنهن جي نتيجي ۾ ڪيئين ماڻهو مئا هئا. جيڪا تاريخ اليڪشن جي رکيل هئي، انهن تاريخن تي موسميات کاتي طرفان اهو ريڊ الرٽ آيو تہ انهن تاريخن تي وڏو طوفان سامونڊي ان پٽيءَ ۾ ايندو. مون جنرل طارق سليم، جنرل آفيسر ڪمانڊر (GOC) حيدرآباد سان رابطو ڪيو. جنهن کي مون اليڪشن ٻن هفتن لاءِ پوئتي ڪرائڻ جي صلاح ڏني، وڏي چڪ چڪان کان پوءِ اها ڳالهہ مڃي ۽ اليڪشن ٻہ هفتا پوئتي ڪئي وئي.

ان دوران گورنر محمد ميان سومري طرفان سنڌس سيڪريٽري مون کي اهو پيغام ڏنو تہ "گورنر صاحب چئي پيو تہ طوفان ۾ جيڪڏهن هڪ بہ ماڻهوءَ جي جان وئي تہ ان جو ذميدار ذاتي طرح ڪمشنر حيدرآباد هوندو!" واهہ جو انصاف هو. ڪجهہ تہ اپاءَ ورتاسون. ماڻهن جي لڏپلاڻ ڪرائي، پر شڪر آ تہ طوفان ٽري ويو. نقصان ڪونہ ٿيو. گورنر صاحب جي ڳالهہ رهجي وئي.

## چيني سفير جو دادوءَ جي جهنگ ۾ هيليڪاپٽر خراب

چائنا جو ڪائونسلر جيڪو اردو ڳالهائي سگهندو هو بہ ٽي ٻيا چائنا جا Investors، ۽ خادم علي شاهہ بخاري، ڪمپنيءَ جو ناصر شاهہ، گورنمينٽ آف سنڌ جي هيليڪاپٽر ۾ رني ڪوٽ کان موٽي رهيا هئا تہ هيليڪاپٽر ڪوسن ڏاڙيلن جي علائقي ۾ خراب ٿي لهي پيو. مون کي خبر پئي تہ مان پاڻ DIG ڪنٽرول ۽ ايس پي ڪوٽڙيءَ جي ڪنٽرول روم کي اطلاع ڪري نڪري پيس. آخر جهنگ ۾ وڃي ڳولهي لڌم. مون وٽ هڪ پوليس موبائيل وئن هئي، جنهن سان سندن پروٽيڪشن ڪرايو ۽ ٻيون گاڏيون گهرايون. گورنر هائوس کي اطلاع ڪيو. گاڏيون ۽ پوليس موبائيل ڏئي کين ڪراچيءَ روانو ڪيو. هيليڪاپٽر ٻئي ڏينهن مرمت کان پوءِ روانو ٿي ويو.

اهو ڌاڙيلن جو علائقو هو. جيڪڏهن مان سستي ڪريان ها تہ ڪجهہ بہ ٿي سگهيو پئي. ٻئي ڏينهن گورنر، چيف سيڪريٽري ۽ پرنسپل سيڪريٽري ٽو گورنر



محترم اختر ضامن حيدرآباد آيا. ايئرپورٽ تي چانهن پيئندي هيليڪاپٽر جي ڳالهہ نڪتي تہ سيئي ڊي سي حيدرآباد رضوان احمد کي شابس ڏيندا رهيا، هو بہ ڪنڌ لوڏي شابسون ميڙيندو رهيو. دادو تہ سنڌس ضلعو ئي ڪونہ هو ۽ نہ وري هو آيو هو، پر منهنجي چوڻ تي بہ ٽي گاڏيون موڪلي ڏنيون هئائين. اِها آهي پي آر!

*

جڏهن حڪومت اٿل ڪاڌي تہ ان وقت لياقت علي خان جتوئيءَ سان چيف سيڪريٽري سالڪ نذير صاحب هو. سالڪ صاحب ۽ جتوئي صاحب جي پاڻ ۾ سٺي لڳندي هئي. فنانس جي دور ۾ بہ ٻئي وزير ۽ سيڪريٽري رهيا هئا. سرڪار سالڪ نذير صاحب جي بہ کڏ پٽجي ويا. نيب (احتساب بيورو) غيرقانوني مڏي گڏ ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ سالڪ صاحب کڏ پئجي ويا ۽ سنڌس فيمليءَ جي ٽنڊوالهيار ۾ زمين هئي، ان جو سالڪ صاحب کي انڪم سرٽيفڪيٽ گهربل هو. ڪوشش ڪيائين پر سڀ آفيسر نيب جي ڊپ جي ڪري سرٽيفڪيٽ ڏيڻ کان لنوائي رهيا هئا. سالڪ صاحب مون کي فون بہ ڪئي تہ جاويد ميمڻ جي معرفت پيغام بہ ڪيو تہ کين سرٽيفڪيٽ وٺي ڏيان.

سالڪ صاحب جنهن ڪنهن وقت ننڍڙو ڪامورو سمجهي مون کي ڏک ڪيڏايو هو، جنهن سبب مان معطل ٿي ويو هئس. اها مڙسي ڪونهي تہ مان هن ڏکئي وقت ۾ سنڌس اهڙا ليکا پاڙيان.

مون مختيارڪار کي چيو، جيڪا سنڌن انڪم آهي، ان جو سرٽيفڪيٽ کڏي. جاويد ميمڻ کي موڪلي ڏنو.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ منهنجو پي اي جهامنداس منهنجي گهران، جتي هو ڊيوٽي ڪري رهيو هو، گم ٿي ويو. ڳوٺ بہ ڪونہ هو. حيدرآباد ۾ بہ ڪونہ هو. آخر ايس ايس پيءَ کي ٻڌايو ويو ۽ اين سي داخل ڪرائي سين.

ٽن ڏينهن کان پوءِ جهامن ظاهر ٿيو. ٻڌايائين تہ هو منهنجي گهر فون تي ڊيوٽي ڪري رهيو هو تہ بہ ماڻهو آيا ۽ منهنجي گهر کان ٻاهر سڏي کيس کنيي کڻي ويا. نيب جي (ر) ميجر طارق ڪائنس منهنجي لاءِ پڇا ڪئي. پوءِ سالڪ صاحب ۽ منهنجي ملاقات لاءِ پڇيو. منهنجي مختيارڪار کي فون ڪرڻ لاءِ پڇيو. بہ ٽي ڏينهن رکي پوءِ ڇڏي ڏنو. هنن مختيارڪار ٽنڊوالهيار کي بہ کنيو هو ۽ ان کان بہ معلومات ورتي هئائون.

هڪ ڏينهن ميجر (ر) طارق منهنجي آفيس ۾ آيو. تعارف ڪرائڻ کان پوءِ چوڻ لڳو: "توهان سالڪ صاحب جي ناجائز مدد ڪئي ۽ مختيارڪار کان ڪوڙو

Gul Hayat Institute

سرٽيفڪيٽ وٺي ڏنو ته جيئن هن کي نيب جي ڪيس مان ڇوٽڪارو ملي!“ مون کيس چيو ته ”تو غلط ڪم ڪيو آهي جو منهنجي پي اي کي بنا مون کي ڄاڻ ڏيڻ جي ڪنپيو ۾ مون کي اطلاع نه ڏنو. ٻيو تو مختيارڪار ٽنڊوالهيار کي ڪنيو. تون خسرو پرويز جو پاءُ آهين. ڪجهه ته شرم ڪر.“ منهنجا تيور ڏسي همراهه ڪجهه ٿڏو ٿيو.

## فنانس E.D.O

چوڏهين تاريخ جناب مخدوم رفيق الزمان ناظم ٻڌجي آيو. طارق ايوب صاحب ڊي سي او اڳ ۾ ئي پهتل هو. طارق صاحب ڊي ايم جيءَ جي انهن آفيسرن مان هو. جن نئين نظام کي دل سان قبول نه ڪيو هو. احمد بخش کوکر منهنجو پيارو دوست ۽ بئچ ميٽ ڪراچيءَ مان بدلي ٿي حيدرآباد ۾ اي ڊي او فنانس ٿيو هو. ڪيس منهنجي ئي آفيس ملڻي هئي. 15 آگسٽ تي جنرل طارق سليم (GOC) مون کي فون ڪري ٻڌايو ته منهنجي پوسٽنگ حيدرآباد ۾ ئي ٿيندي ۽ جيڪو آفيسر منهنجي جاءِ تي اچي ٿو اهو دادوءَ ويندو. مون احمد بخش کوکر کي چيو ته في الحال ٻن ڏينهن لاءِ آفيس ۾ نه ويهه. هن ها ته ڪئي. پر خبر ناهي ته الائي ڪهڙي تڪڙ هئس. هو 15 آگسٽ ئي اچي آفيس ۾ ويٺو. 16 آگسٽ تي منهنجو آرڊر اي ڊي او فنانس حيدرآباد ٿيو ۽ کوکر صاحب دادوءَ بدلي ٿي ويو.

ٻئي ڏينهن چارج وٺي جنرل صاحب کي Thanks ڪرڻ ويس، خوش ٿيو. منهنجي بدليءَ جو پسمنظر ٻڌائيندي چيائين ته هڪ ته جيڪا چٽنگ امتياز پٽي تنهنجي خلاف لڳائي ويو اها پڙڪي پيڙ ٿي هئي. ٻيو نئين ڊي سي او طارق ايوب سرڪار کي چيو هو ته عبدالقادر منگيءَ جون ماڻهن ۽ اسٽاف ۾ پاڙون آهن، ان کان سواءِ ضلع ناظم جو به دوست آهي. جيڪڏهن هو حيدرآباد ۾ هوندو ته مون لاءِ ڊي سي او طور ڪم ڪرڻ ڏکيو ٿيندو. تنهن ڪري ڪيس بدلي ڪيو وڃي. جنرل صاحب ٻڌايو ته هن پنهنجي ذميداريءَ تي منهنجي بدلي حيدرآباد ۾ ڪرائي آهي. تنهن ڪري مان پاڻ کي Low Profile تي رکان ۽ ڊي سي او کي شڪايت جو موقعو نه ڏيان.

## نوان رشتا، نئون نظام- ڊي سي او طارق ايوب- ناظم مخدوم رفيق الزمان

طارق ايوب سان نئون رشتو ڊي سي او ۽ اي ڊي او جو قائم ٿيو. ڏاڍو ڏکيو ڪم هو جنهن آفيس ۾ سسٽم ۾ ويهي مون ڪمشنري ڪئي هئي، اتي اٺن ٻين اي ڊي اوز



وانگر مان به هڪ هئس. انهن ڏينهن ۾ ڪي بي رند صاحب حيدرآباد آيو. گپ شپ پئي هلي. مون کي ڏسي مسڪرائي چوڻ لڳو. ”ڇا ڪمشنر ۽ ڇا اي ڊي او! ڪيئن ٿو لڳي؟ وقت ۽ حالات! ان جو نالو ته نوڪري آهي نه!“

طارق ايوب ڊي سي او ۽ مخدوم رفيق الزمان ناظم، شروع کان ئي پاڻ ۾ نه ٺهيا. مخدوم صاحب ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته ڪم هلي پئي، مان ڊي سي او کي ته ڪجهه نه پئي چئي سگهيس. ڪوشش ڪئي ته ناظم صاحب کي ڪجهه ٿڌو ڪجي. ناظم جي دال ڳرندي نظر نه آئي، ڊي سي او هر شئي کي بريڪ لڳائي سسٽم کي ئي بيهاري ڇڏيو. انهن حالتن ۾ مخدوم صاحب سندس بدليءَ لاءِ زباني چرپر ڪئي. طارق صاحب اهو تاثر پئي ڏنو ته ڪيس مٿين صاحبن جو حڪم آهي ته مخدوم صاحب کي قابو ڪري ڇڏ. آخرڪار مخدوم صاحب استعيفيٰ جي ڌمڪي ڏني.

اهڙا مسئلا جتي ڪٿي پيدا ٿيا. هڪ سسٽم نئون، ٻيو آفيسرن سنڀالي وڪ ڪٽڻ پئي چاهي. سڀ ڊي سي او ۽ ويهين گريڊ ۾ سيڪريٽريءَ جي ليول جا. مخدوم صاحب ته هوم منسٽر رهيو هو. ٻين ناظمن کي ايترو تجربو ڪونه هو. نوابشاهه ۾ ميڊم فريال ٽالپور ناظم هئي ۽ محمود احمد خان ڊي سي او هو. شروعات بدلين جي محترمه فريال ٽالپر ڪئي. جيئن نئين لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس (2000ع) ۾ لکيل هو ته ناظم جي رپورٽ تي ڊي سي او جي بدلي ضرور ٿيندي. محترمه فريال ٽالپر، ڊي سي او محمود احمد خان لاءِ رپورٽ ڪئي. ڊي سي او جي بدلي ٿي ۽ خالد محمود سومرو مقرر ٿيو.

## مان عارضي ڊي سي او حيدرآباد

مخدوم رفيق الزمان به دير نه ڪئي. هن به طارق ايوب جي خلاف رپورٽ ڪئي. طارق صاحب به بدلي ٿي ويو. في الحال ڪنهن کي به ڊي سي او مقرر نه ڪيو ويو. مان سينيئر اي ڊي اوز ۾ سينئر هئس، مون کي ڊي سي او حيدرآباد جي چارج عارضي طور ڏني وئي. الله جا پنهنجا فيصلا آهن. جنهن ماڻهو مون کي قبول نه پئي ڪيو، ان جي ڪرسيءَ تي ويهاريائين. ان دوران ئي اسلام آباد ۾ جنرل پرويز مشرف ڊي سي اوز ۽ ناظمن جو اجلاس طلب ڪيو. مان ۽ مخدوم صاحب اتي پهتاسون. جنرل صاحب تقرير ۾ پريس ڪانفرنس ڏگهي ڪندو هو ۽ تيار ٿي ايندو هو جنرل صاحب جي تقرير مان فيض حاصل ڪيوسون.

## ڊي سي او حيدرآباد- مير حسين علي مقرر

حيدرآباد واپسيءَ ۾ ئي خبر پئي ته مير حسين علي، ڊي سي او ميرپورخاص،

Gul Hayat Institute

حيدرآباد جو ڊي سي او مقرر ٿيو آهي. مير صاحب Ex-PCS آفيسر هو ۽ دوست هو. هو جڏهن بدين جو ڊي سي هو ته مان ٿر جو ڊي سي هئس. چرچي پوڳ جو رشتو آهي، هو ٽپ ايماندار ۽ پڪو مولائي آهي، ڊي سي او هائوس ۾ فيملي هوندي هئس ته چلهو ٻرندو هو نه ته دال سبزي هوٽل تان گهرائي کائيندو هو. مخدوم صاحب ۽ سندس تعلقات آخر تائين قائم رهيا. ناظم، ڊي سي او ۽ مان گهڻو ڪري اهم آفيس جا مسئلا زباني ڪلامي شام جو حيدرآباد ڪلب ۾ واڪ کان پوءِ ويهي ڊسڪس ڪندا هئاسون ۽ ٻئي ڏينهن انهن تي عمل ڪندا هئاسون. مخدوم صاحب ڪلب جو صدر، ڊي سي او نائب صدر ۽ مان سيڪريٽري هئس.

مخدوم صاحب ڪجهه هٿ ڪوليو ۽ ڪلب ۾ ڪجهه غير سرڪاري ۽ پنهنجا ذاتي دوست به ميمبر ڪيا، مون مخالفت به ڪئي، پر مخدوم صاحب ڪن ئي نه ڌري. ميمبرن جي وڌڻ سان چهل پهل وڌيڪ ٿي. مخدوم رفيق الزمان جو به پنهنجو living style ۽ ڪم ڪرڻ جو به پنهنجو ڍنگ آهي. ظاهر ۾ ته سولو پر اصل ۾ ائين ناهي. ٽارگيٽ تي سندس نظر هوندي آهي. توهان سان جيڪڏهن ملڻ جو واعدو ڪري ته پڪ نه هوندي ته ايندو به يا ڪٿي ٻئي هنڌ هوندو.

مون سندس ٻه پيرا گهر تي ماني جهلي، اسان ٽيبل تي ماني رکي مڪيون هڪليندا رهياسون، خبر پئي ته سائين خير سان وڃي ڪراچيءَ پهتو نه ڪو اطلاع، نه ئي ڪا خبرچار نه وري سڏ ڪو نياپو. مون سان دوستن ۽ يارن وانگر هو. جيڪو رشتو اڳ ۾ هو اهو اڄا تائين قائم آهي.



14

# 20 جولاءِ 2002ع کان ڊسمبر 2003ع

## چيف سيڪريٽري — ڪي بي رند

مشرف سرڪار ڪورٽ جي فيصلي پٺاندر اهو طي ڪيو ته آڪٽوبر 2002ع تائين چونڊون ڪرائيندو. سنڌ ۾ چيف سيڪريٽري بدلائي، ڪي بي رند صاحب کي مقرر ڪيو ويو. جون 1994ع کان پوءِ سندس سنڌ ۾ واپسي بطور چيف سيڪريٽري ٿي، هڪ پنهنجوئي مهربان، چيف سيڪريٽري ٿي آيو خوشيءَ جي ڳالهه هئي.

مان به حيدرآباد کان ڪراچي ڪيس مبارڪ ڏيڻ پهتس، هو پاڻ سنڌ جي ٻچي ٻچي کان ۽ ڪنڊ ڪڙڇ کان واقف هو. ملاقات ۽ دعا سلام ٿي، سڄي آفيس ملڻ وارن سان پري پئي هئي. ملاقاتين کي فارغ ڪري چيف سيڪريٽري هائوس تي وٺي آيو. لنچ ڪئي سون، حال احوال ٿيو. پڇيائين ته ”پوسٽنگ ڪٿي وٺندين؟“ مون چيو ”پهريون پروموشن ڪريو پوءِ جتي مناسب سمجهو. پوسٽنگ ڪريو!“

اليڪشن جي به تياري شروع ٿي وئي هئي، ”سرڪار“ سنڌ ۾ ”سنڌ ڊيموڪريٽڪ الائنس“ ٺاهيو جنهن جا ارباب غلام رحيم، غلام مرتضيٰ خان جتوئي ۽ امتياز احمد شيخ مهندار هئا ۽ ٽئي گڏجي فيصلا ڪندا هئا. ارباب صاحب مون کي چيو ته مان ميرپورخاص جي ڊي سي او لاءِ تياري ڪريان.

ڪجهه ڏينهن ۾ مون کي ڪي بي رند صاحب فون ڪري چيو ته تنهنجي پوسٽنگ ڊي سي او نوابشاهه طور ڪئي پئي وڃي. ٻن ٽن ڏينهن ۾ آرڊر نڪرندو. مان پريشان ٿي ويس، نوابشاهه زرداريءَ صاحب جو ضلعو هو. پي پي پي هاڻي اپوزيشن ۾ هئي. ڏکي صورتحال هئي. نواب شاهه منهنجي لاءِ بلڪل نئون هو. ٻيو ته اهو چيف سيڪريٽريءَ جو ضلعو به هو. پاڻ سخت مانيٽرنگ ڪندو آهي، پر هتي ته منهنجي لاءِ وڌيڪ سختي هوندي ٻيون پارٽيون پي پي پي جي مخالف هيون ۽ مشرف سرڪار سان ياريءَ ۾ هيون. فريال صاحبه ناظم هئي، اها به ڏکي ائڊمنسٽريٽر هئي. مون ڪي بي صاحب کي چيو ته

Gul Hayat Institute

"نواب شاهه منهنجي لاءِ ڏاڍو ڏکيو ٿيندو."

بي پرواهيءَ سان چيائين ته "ڏکيو ته ٿيندو پر تون هلائي ويندين!"

## ڊي سي او نوابشاهه

20 جولاءِ تي مون خالد محمود سومري کان ڊي سي او جي چارج ورتي، جيڪو اتي ٽي مهينا مس رهيو هو. خالد محمود سومرو صاحب نيڪ نمازي ۽ بي انتها ديانتدار آفيسر هو. هر ڪم ميرٽ تي ڪرڻ وارو. محترمه ان مان به گهڻو خوش ڪونه هئي. 20 جولاءِ 2002ع تي ئي چيف سيڪريٽريءَ وٽ ڊي سي اوز جي ميٽنگ هئي. مان ان تاريخ تي ڪراچيءَ ميٽنگ تي چيف سيڪريٽريءَ وٽ پهتس. پير ضيا ۽ اعجاز منگي جن کي ترتيبوار سکر ۽ خيرپور ضلعا مليا هئا، اهي به آيا.

## محترمه فريال ٽالپر سان پهرين ملاقات!

ميٽنگ کان پوءِ مون محترمه فريال ٽالپر جو پتو رکيو ته خبر پئي ته ڪراچيءَ ۾ زرداري هائوس ۾ رهيل آهي. مون کيس فون ڪئي، پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ ساڻس ملڻ جي خواهش ڏيکاري. چيائين ته "ڀلي اچو."

مون پنهنجو پاڻ سان طي ڪيو هو ته مون کي نوابشاهه ۾ نوڪري ڪيئن ڪرڻي آهي. هڪ ڏينهن يا هڪ سال، سڀني سان عزت ۽ احترام سان هلڻو آهي، ڪم پروفيشنلي ڪرڻو آهي. صحيح ڪم ڪبو غلط ۽ نامناسب ڪم ڪنهن جو نه ڪبو. ڀلي چيف سيڪريٽريءَ جا پاڻ هجن يا ايس ڊي اي جا سربراهه. ناظم سان بدتميزي نه ڪبي. جيڪو جائز ڪم هوندو اهو ڪندس. کيس هر و پرو تنگ يا پريشان نه ڪندس. سندس دٻ ۽ ڏونس ۾ به نه ايندس، پير پختا جهلي بيهندس، وڌيڪ مولا مالڪ آهي.

ڪجهه ئي دير ۾ زرداري هائوس جو در کڙڪايو. ملازم مون کي وٺي اندر ڊرائنگ روم ۾ ويهاريو. محترمه فريال ٽالپر اندرئين دروازي مان ظاهر ٿي. مان احترام ۾ اٿي بيٺس. ويهڻ کان اڳ ۾ ئي چوڻ لڳي، "توهان کي نوابشاهه ڪنهن موڪليو آهي؟" مون مختصر چيو "سرڪار". سرڪار کي ڪنهن چيو؟ "اها ته مون کي سُڌ ڪونهي؟" توهان کي هدايتون ڪهڙيون مليون آهن؟" تيستائين ميڊم سامهون واري صوفي تي ويهي چڪي هئي. هوءَ منهنجو جائزو وٺي رهي هئي. مان فارمل پينٽ ۽ شرٽ ۾ هئس، سندس تکن سوالن جا به جواب ڌيرج ۽ آرام سان مسڪرائي ڏئي رهيو هئس. سندس پوئين سوال جو جواب ڏيندي چيو:

"مون کي اها هدايت ملي آهي ته ايندڙ اليڪشن ۾ ڌر ٿيڻ بجاءِ هر ڪنهن سان فيئر ٿيڻو ۽ ڪنهن جي به ناجائز اثر ۾ اچڻو ناهي."



"اُهي هدايتون توهان کي ڪنهن ڏنيون؟"

"چيف سيڪريٽريءَ". مون وراڻيو

"چيف سيڪريٽري توهان کي اڳ ۾ سڃاڻندو آهي؟"

"ها." مون چيو.

"نوابشاهه جي ڪهڙن ماڻهن سان واقفيت آهي؟" هن سوال کي ڦيرايو. مون چيو: "رند صاحب ۽ سندس خاندان کان سواءِ ڪنهن سان به نه."

"ڏاهرين سان؟"

"نه."

شايد هن کي اطمينان نه ٿيو. چانهن آئي، پيتي سين، ڪجهه رليڪس ٿي. مان پنهنجي نرڙ تان پگهر اگهيو موڪلائي ٻاهر آيس. مون کيس جيترو سادو سمجهيو هوءَ اوتري سادي ڪونه هئي. مون جيترو ميٽنگ کي گرما گرم سمجهيو هو ايتري ميٽنگ ۾ گرمي ڪونه هئي.

هڪ عورت جنهن سٺا وقت ڏٺا هجن. ان جو مڙس ملڪ کان ٻاهر هجي، ڀاڄائي جيڪا ملڪ جي نالي واري وزيراعظم رهي چڪي هجي، اها به ملڪ کان ٻاهر ۽ ڀاءُ جيل ۾ هجي. سندس نوجوان ڀٽ تازو ئي مري ويو هجي. نوابشاهه ۾ انهن سڀني جي سياسي ورثي جي اڪيلي وارث هجي.

هن عورت حڪومتي ادارن سان ۽ سياسي مخالفن سان چومکي جنگ اڪيلي سر لڙي ۽ ضلع ڪائونسل جي ناظمي سردار خان محمد خان ڏاهريءَ کان کٽي. ان صورتحال ۾ شڪي مزاج ٿيڻ ڪا غير معمولي ڳالهه ڪونه هئي.

## جنرل اليڪشن 2002

هاڻي جنرل اليڪشن جي تياري هئي. مون ميڊم تي واضح ڪري ڇڏيو هو ته منهنجو رويو غير جانبدارانه هوندو. منهنجو سياست يا اليڪشن سان ڪو به واسطو ڪونه آهي.

Gul Hayat Institute

## اليڪشن جا نتيجا ـ نوابشاهه ۾ پ پ پ سڀ سيٽون ميڙي وئي

جڏهن اليڪشن جا نتيجا آيا ته پي پي پي ميڊم فريال جي قيادت ۾ سڀ سيٽون کٽيون، جنهن ۾ پنج ايم پي اي جون ۽ ٻه ايم اين اي جون هيون. ايم اين اي ۾ محترمه عذرا پيچوهو ۽ سيد غلام مصطفيٰ شاهه (مير شاهه) ۽ ايم پي ايز ۾ مسعود طارق آرائين، علي احمد جلباڻي، احمد علي شاهه، جام تماچي ۽ غلام قادر چانڊيو ڪامياب ٿيا هئا.

ميڊم فريال ٽالپر خوش ٿي وئي. سندس ڀاءُ ۽ ڀاڄائيءَ به کيس شاباس ضرور ڏني

هوندي مون پنهنجي ليکي اڳڪٿي ڪئي هئي تہ جيڪڏهن سينٽر ۾ پي پي جي حڪومت نہ آئي تہ بہ سنڌ ۾ پي پي پي جي چيف منسٽر فريال ٽالپر صاحبہ ٿيندي پر هوءَ چيف منسٽر تہ ڪونہ، پر چيف منسٽر کان وڌيڪ اختيار رکي ٿي. ڪاري اڇي جي مالڪياڻي آهي، الله پاڪ جا پنهنجا فيصلا آهن. پاڻ اسان جي تڪ رتيديري مان ايم اين اي آهي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ ڀٽي صاحب ۽ محترمہ بينظير ڀٽو جو چونڊ تڪ هوندو هو. سڄي سنڌ ۽ خاص طور لاڙڪاڻي ضلع ۾ تہ سندس ئي عمل دخل آهي.

## نوابشاهہ جو تعارف

نواب شاهہ واري علائقي کي سنڌ جو وچولو ساهتي پرڳڻو بہ چيو ويندو آهي. هي هڪ خوشحال علائقو آهي. چاهونءَ جي دڙي جي موجودگي هن علائقي جي قديم هجڻ جي علامت آهي. هن ضلعي جي لڳ ڀڳ ئي منصوره جا ڦٽل پڙا آهن جيڪو سنڌ ۾ مسلمانن جي 300 سال راڄ ڌاني رهيو. هاڪڙو درياءُ بہ هن جو پاسو وٺي لنگهندو هو ۽ ڪڇ جي رڻ پٽ مان وڃي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هيو.

جڏهن انگريزن 1843ع ۾ سنڌ سڳوري مياڻيءَ ۽ دبي جي لڙاين ۾ فتح ڪئي تہ چارلس نيپيئر صوبي جو گورنر ٿيو. هن سنڌ کي ٽن انتظامي ضلعن ۾ ورهايو. ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور. پر 1847ع ۾ نيپيئر جي هتان وڃڻ کان پوءِ سنڌ کي بمبئي صوبي جو ڪمشنريٽ بڻايو ويو تہ ضلعن ۾ بہ واڌارو ۽ سڌارو آندو ويو. پهريان عمرڪوٽ ۽ پوءِ جيڪب آباد کي فرنٽيئر ريجن جي سپرنٽينڊنٽنگ جي نالي سان ضلعو بڻايو ويو. ڇو تہ انهن علائقن کي راجپوتن ۽ بلوچن جي بغاوت جو خطرو هيو پر جان جيڪب، جيڪب آباد کي سنڀاليو ۽ اتان جي ماڻهن جو هيرو ٿي ويو. ايستائين جو مرڻ کان پوءِ بہ دفن هتي ٿيو. ساڳي طرح ڪرنل ٽروٽ عمرڪوٽ ۽ ٿر جي علائقي جي ماڻهن جي خدمت ڪئي ۽ ايستائين جو هو ٿرين جي لوڪ گيتن ۾ بہ زنده آهي.

1901ع ۾ سکر ضلعو ناهي، شڪارپور کي ان جو حصو ڪيو ويو ۽ نئون ضلعو لاڙڪاڻو بہ 1901ع ۾ ناهيو ويو. جنهن کي ڪجھ شڪارپور جا علائقا تہ ڪجھ ڪراچي ضلعي مان دادو تائين جا علائقا ڏنا ويا. انگريز بس ڪري ويهڻ وارا تہ ڪونہ هئا، هتي هو سڌارا ڪندا رهيا. ائين سال 1912ع ۾ سنجهورو، شهدادپور، سڪرنڊ، نوابشاهہ، نوشهروفيروز، مورو ۽ ڪنڊيارو سميت ست تعلقا ڏئي هنن نوابشاهہ جو نئون ضلعو ناهيو. 1954ع ۾ سانگهڙ جو نئون ضلعو ٺهيو جنهن ۾ نواب شاهہ مان تعلقو سنجهورو ۽ شهدادپور ڌار ڪيا ويا. نوابشاهہ ضلعي کي 2012ع ۾ جڏهن سؤ سال پورا ٿيا تہ ضلع انتظاميا سوَ سالا جشن ملهايو. ان لاءِ مون کي بہ شيلڊ مليو منهنجي لاءِ اهو بہ اعزاز آهي تہ مان جولاءِ



2002ع کان ڊسمبر 2003ع تائين ضلعي جو انتظامي سربراهہ ڊسٽرڪٽ ڪو آرڊينيشن آفيسر (DCO) رهيو آهيان ۽ پنهنجي وس آهر ضلع جي ماڻهن جي خدمت ڪئي اٿم.

## نوابشاهہ – ضلعو!

نوابشاهہ جي سر زمين تي 1881ع ۾ نواب شاهہ اڇي ڳوٺ ٻڌو. اهو ڳوٺ ترقي ڪندي ڪندي تعلقو ٿي ويو. نواب شاهہ پاڻ 1904ع ۾ هتي وفات ڪري ويو. 1912ع ۾ ئي ان کي انگريزن ضلعي جو درجو ڏنو. جيڪو هن وقت سنڌ جي اهم ترين ضلعن ۽ شهرن مان هڪ آهي. چون ٿا تہ نواب شاهہ کي پيدا تہ سيدن ڪيو پر ان ضلعي ۽ شهر کي جتوئين سجايو ۽ اوج پ پ پ زرداريءَ صاحب جي معرفت ونرايو.

1989ع ۾ نوابشاهہ ضلعي کي ٽوڙي بہ اڌ ڪري نوشهري فيروز کي ضلعي جو درجو ڏنو ويو. جنهن ۾ مورو ۽ ڪنڊيارو تعلقا ڏنا ويا. نواب شاهہ ۾ نوابشاهہ، سڪرنڊ ۽ دولت پور کي شامل ڪيو ويو. نوشهرو فيروز ٿيڻ سان جتوئي صاحبن جي سياست ان ضلعي طرف پاسيري ٿي وئي. نواب شاهہ ضلعي ۾ زرداري صاحب جو عمل دخل وڌيو تہ هتان جو بي تاج بادشاهہ ٿي ويو.

## شهيد بينظير آباد ضلعو ۽ ڊويزن

2007ع ۾ محترمہ بينظير ڀٽو جي شهادت کان پوءِ ضلعي جو نالو مٽائي شهيد بينظير آباد ضلعو ڪيو ويو. نواب شاهہ نالو شهر لاءِ برقرار رهيو. نواب شاهہ ۾ ميڊيڪل يونيورسٽي، انجنيئرنگ يونيورسٽي، جنرل يونيورسٽي ۽ سڪرنڊ ۾ جانورن جي وٽرنري سائنس يونيورسٽي کان علاوه اڻ ڳڻيا تعليمي ادارا قائم آهن. جيڪي ڪجھ تہ ڀٽي صاحب قائم ڪيا ۽ ڪجھ هن دور ۾ قائم ٿيا آهن. شروعات ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو 1973ع ۾ پيپلز گرلز ميڊيڪل ڪاليج کولي، نوابشاهہ جي تعليمي ترقي جي شروعات ڪئي. عورتن لاءِ ميڊيڪل ڪاليج کلڻ سان پوري سنڌ جون نياڻيون ميڊيڪل جي تعليم ڏانهن مائل ٿيون، جنهن سان غريب خاندانن جون نياڻيون پڙهي پيون ۽ کين عزت ڀريون نوڪريون بہ مليون.

اهو سلسلو اڃان تائين جاري آهي. نواب شاهہ جي شخصيتن پوري سنڌ ۽ پاڪستان جي سياست ۾ پاڻ موکيو آهي. محترمہ بينظير جو ور آصف علي زرداري، نوابشاهہ جو آهي. جيڪو 2008ع کان 2013ع تائين پاڪستان جو صدر مملڪت رهيو. جتوئي صاحب بہ پراڻي نوابشاهہ ضلعي جو هيو جيڪو وزيراعظم رهيو. هاڻي سنڌ حڪومت ۽ پيپلز پارٽي جو نواب شاهہ تي قبضو آهي. هن وقت بي نظير آباد، سانگهڙ ۽

Gul Hayat Institute

نوشهروفيروز کي شهيد بينظير آباد ڊويزن جو حصو بڻايو ويو آهي.

## ترقياتي اسڪيمون

مون نوابشاهه پهچڻ سان گڏ ضلعي جي ترقياتي اسڪيمن جو به جائزو ورتو. اهڙي وڏي ڪا اسڪيم ڪونه هئي جنهن جو ڪو وڏو اثر پوڻو هجي. سڀ ننڍيون ننڍيون اسڪيمون هيون. ضلع حڪومت جي فنڊن کان ٻاهر هڪ واٽر سپلاءِ نوابشاهه جي اسڪيم هئي، پر ان اسڪيم ۾ به وڏو خال اهو هو ته ان جي پاڻيءَ جي سپلاءِ روهڙي ڪينال جي بدران ڪڍهڙ شاخ مان هئي، جيڪا ڇهه مهينا هلندي ته ڇهه مهينا بند رهندي هئي. مون چيف سيڪريٽريءَ کي عرض ڪيو ته ان واٽر سپلاءِ جو پاڻي روهڙي ڪينال مان منظور ڪيو وڃي، جيڪا چيف سيڪريٽري رند صاحب جي ڪوشش سان جلد منظور ٿي وئي. ان اسڪيم ۾ هي ڳالهه اها شامل ڪئي وئي ته جيڪڏهن روهڙي ڪينال بند هجي ته ان جي تر مان بيٺل پاڻي پمپنگ ڪري واٽر سپلاءِ ۾ پهچايو وڃي، ٿيون ان اسڪيم ۾ ڊيزل پمپ رکرايا ۽ جنريٽر منظور ڪرايا ته جيئن ڪنهن به صورتحال ۾ شهر ۾ پاڻي جي کوٽ نه ٿئي.

شهر کي ته پاڻي جلدي ملي ويو پر QUEST (قائد عوام يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجي) ۽ PITE (پراونشل انسٽيٽيوٽ آف ٽيچرس ايجوڪيشن) لاءِ به پاڻي مين لائين مان منظور ڪيو.

## ٻارهن ڪروڙ گم

مان اي ڊي او فنانس حيدرآباد رهيو هئس، مون کي خبر هئي ته 40 ملين (4 ڪروڙ) روپين جون ٽي قسطون سرڪار هر ضلعي کي انفرا اسٽرڪچر لاءِ رليز ڪيون هيون ته جيئن گهرن ۽ آفيسن جي مرمت ڪجي ۽ گاڏيون خريد ڪجن يا فرنيچر به وٺجي.

مون جڏهن 12 ڪروڙن جي جاچ ڪئي، ته انهن جو پتو ڪو ئي ڪونه مليو ۽ نه وري سنڪشن آرڊر ئي اسان جي آفيس ۾ موجود هئا. نوابشاهه ۾ اي ڊي او فنانس شفاقت انڙ هو ان کان جڏهن پڇيو ويو ته هن ٻڌايو ته "هن کي ڪا به خبر ڪونه آهي. نه وري هن کو اهڙا سنڪشن آرڊر ڏنا آهن." مون اهي سنڪشن آرڊر حيدرآباد مان پنهنجي پراڻي آفيس مان حاصل ڪيا، اسٽيٽ بئنڪ حيدرآباد جي ريجنل ڊائريڪٽر سان پئسن جي رليز لاءِ رابطو ڪيو. جنهن ان بهاني انڪار ڪيو ته پيسا جون کان اڳ ۾ ڪڍائڻا هئا. آگسٽ ۾ توهان جاڳيا آهيو. بهرحال مون فنانس ڊپارٽمينٽ کان اهي پيسا Revalidate ڪرائي ضلع حڪومت جي اڪائونٽ ۾ ٽرانسفر ڪرايا.

هاڻي اسان جو ضلعو بادشاهه هو. خزانو پرجي ويو. مون اي ڊي او ورڪس سان



گڏجي گهرن ۽ آفيسن جي مرمت ۽ فرنيچر جون اسڪيمون ٺاهيون. ڊي سي او هائوس جا فرش تباهه ٿيل هئا. انهن کي ٺهرايو ۽ پٽين جي پاسن کان پيراپيٽ والز ڪونه هيون. اهي گهر ۽ آفيس جي چوڌاري ڏياريونسون. گهر ۽ آفيس جا ڊسپوزل جا پائيپ نڪتل هئا. ان کي ٺيڪ ڪرايوسين. ڊي سي او واري آفيس ناظم پنهنجي استعمال ۾ ورتي هئي. مون ڊي سي او لاءِ چئن ڪمرن جو هڪ بلاڪ، جو پراڻي عمارت ۾ موجود هو ان جي مرمت ڪرائي اتي آفيس رکي. آفيس جي اڳيان شاندار لان ٺهرائي، اي سي ۽ مختيارڪارن جي گهرن ۽ آفيسن جي مرمت ڪرائي، اسٽاف جي ڪوارٽرن جي مرمت ڪرائي. انهن جي ڊرينيج ٺيڪ ڪرائي، باٿ رومن کي ٽائل لڳرايون ته جيئن گهرن ۾ صفائي رهي ۽ بيماري گهٽجي.

قلي بخش ڳوٺ جي روڊ تي روهڙي ڪينال تي نئين پل لاءِ چيف سيڪريٽري کان آئوٽ آف بجيٽ پيسا منظور ڪرايا. اها پل اسان رڪارڊ ٽائيم ۾ ٺهرائي.

❋

ائين مون ضلع ۾ تعليم جي حوالي سان به ڪافي ڪم ڪيو. پراڻي استاد ۽ نوابشاهه جي محسن ايچ ايم خواجه صاحب جي نالي تي آڊيٽوريم، ميوزيم، لائبرري ۽ اوپن ايئر ٿيٽر ٺهرايوسين. هڪ ٽيچرس ٽريننگ سينٽر ٺهرايوسين. جنهن جو افتتاح ڪي بي رند صاحب کان ڪرايوسين. دوڙ ۾ هڪ گرلس هاءِ اسڪول ٺهيو ۽ منهنجي ئي وقت ۾ شروع ٿيو نه ته اسڪول ٺهڻ ۾ به سال لڳي ٿا وڃن. منهنجو طريقو اهو رهيو ته جيترا پيسا هجن اوتريون اسڪيمون ڪڍون، ته جيئن جلدي ٺهي وڃن ۽ انهن جو لاڀ ماڻهن تائين جلد از جلد پهچي.

## ٻارن جون اسڪالرشپ ۽ فارم

ائين هڪ ٻيو طريقو ڪڍيو ته غريب ٻارن جي تعليم کي هٿي ڏني وڃي، ان مقصد لاءِ ضلعي حڪومت ۽ تعلقه حڪومت جي فنڊن ۾ هوشيار ۽ غريب ٻارن جي پڙهائي لاءِ اسڪالرشپون ۽ امتحان جي فين لاءِ فنڊز رکرايا، جيئن انهن فنڊن سان غريب ٻارن کي تعليم ملي ۽ پنهنجي پيرن تي بيهي سگهن. مان پاڻ به غريب ٻار ۽ ضرورت مند شاگرد رهيو آهيان. ان لاءِ هڪ هڪ رپيو ڪيتري اهميت رکندو آهي. ڪروڙن رپين جا اهي اسڪول ٺهرائڻ کان، جن ۾ گڏهه ۽ گهوڙا ٻڌل آهن. وڏيرن جون اوطاقون ٺهيل آهن. بهتر آهي ته ڪجهه ضرورت مند شاگردن جي مالي مدد ڪئي وڃي. اسان اسڪول به مناسب جڳهن تي ٺهرايا ته ٻارن ۽ ٻارڙين لاءِ سهولت ٿئي.

❋

Gul Hayat Institute

هڪ استاد آهي چانڊيو صاحب، قاضي احمد ۾ اهو ڪڏهن ڪڏهن مون کي فون ڪري ياد ڏياريندو آهي تہ مون سندس امتحان جي في ادا ڪئي، هن امتحان پاس ڪيو. استاد ٿيو ٻارن ٻچن وارو آهي ۽ پنهنجي خاندان سان بهتر زندگي گذاري رهيو آهي. اهڙا ڪيترائي ضرورتمند هوندا جيڪي پنهنجي روزگار سان لڳا هوندا.

❋

ڪي آفيسر ۽ ماڻهو محترمہ صاحبہ ۽ منهنجي وچ ۾ تعلقات خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا هئا، پر اسان جي وچ ۾ عزت جو رشتو ۽ ذاتي تعلقات بهتر رهيا، ائين اصولي اختلاف ٿيندا بہ هئا، ٻئي پنهنجي پنهنجي ڳالهين تي قائم رهندا ۽ آخر ۾ اهو چئي ڳالهيون ختم ڪندا هئاسون تہ:

We agree to disagree

هڪ دفعي چوڻ لڳي تہ "توهان منهنجي مڙس مير منور صاحب جا بہ دوست آهيو، هو تہ توهان جي ڏاڍي تعريف ڪندو آهي." وري ڪڏهن چوندي تہ "توهان تہ ڊاڪٽر صفدر عباسي ۽ عباسي فيمليءَ جا بہ دوست آهيو، اهي تہ توهان جي ڏاڍي عزت ڪن ٿا، پر هتي توهان، منهنجي مرضي سان ڪم نٿا ڪريو."

## پرائيم منسٽر جي روبرو جهيڙو محترمہ فريال ٽالپر ۽ غلام الرسول جو سبب مان هيس

پرائيم منسٽر ظفر الله خان جمالي جولاءِ 2003ع ۾ ٻوڏن جي ڏينهن ۾ نوابشاهہ آيو. جڏهن پرائيم منسٽر ايندو آهي تہ پوءِ صوبي جي انتظاميا جو هر ننڍو وڏو موجود هوندو آهي. گورنر سنڌ عشرت العباد صاحب ، چيف منسٽر سردار علي محمد خان مهر صاحب، چيف سيڪريٽري سميت هاءِ بيورو ڪريسي، ڪافي وفاقي ۽ صوبائي وزير سڀ موجود هئا. جڏهن وزيراعظم خوش ٿي سڀني کان موڪلائي، جهاز جي ڏاڪڻين تي چڙهي رهيو هو تہ غلام الرسول انڙ پرائيم منسٽر کي مخاطب ٿي ڳالهايو.

انڙ صاحب نوابشاهہ جي پرسان ڳوٺ ڪڏهڙ جو آهي، انهن جي ڳوٺ ۽ ڳوٺ قلي بخش رند جي يونين ڪائونسل هڪ ئي آهي. هو هڪ ٻئي جا سياسي دنگئي مخالف آهن. ڪيس خبر آهي تہ منهنجي رند صاحب سان نوڪريءَ کان علاوه بہ ذاتي دعا سلام ۽ خاندان سان ويجهو تعلق آهي. هن ڪي نوابشاهہ ۾ منهنجي پوسٽنگ ذرو برابر بہ نہ وڻي. مون ڪيس ڪڏهن بہ ڏک يا رنج نہ ڏنو، هر جائز ڪم ڪيو. عزت ڏني، گهر تي مانيون ڪارائيون ۽ چانهيون پياريون، هو سردار علي محمد مهر صاحب وٽ ڪوشش ڪندو رهيو تہ منهنجي بدلي ٿئي. حالانڪ مهر صاحب ۽ رند صاحب جا تعلقات آخر ۾



ڪشيده ٿي پيا، پر مهر صاحب معتبر ۽ شريف ماڻهوءَ منهنجي بدلي نہ پئي ڪئي. غلام رسول انڙ صاحب نوابشاهہ ۽ سنڌ ۾ اهو مشهور ڪري ڇڏيو هو تہ مهر سردار سندس ذاتي مهربان آهن. ان وچ ۾ هو بنا پورٽ فوليئي جي چيف منسٽر جو ايڊوائيزر بہ ٿي ويو هو. هو وزيراعظم جي پروگرام کان هڪ رات اڳ ۾ ڳوٺ آيو هو. مون کي پنجاهہ ماڻهن جي لسٽ موڪليائين تہ انهن جون پاسون ڪيرائي ڏيو. مون ڪيس ٻڌايو تہ وزيراعظم ايئرپورٽ جي اندر ئي وفدن سان ملندو ڪل ٽيهہ ماڻهو هوندا، ڏهہ ماڻهو توهان جا هوندا. هو ظاهر ۾ تہ راضي ٿي ويو پر من مان ڳالهہ نہ ڪڍيائين.

غلام رسول انڙ پرائيم منسٽر کي ٻانهن کان جهلي منهنجي شڪايت شروع ڪئي تہ "هتي سڀ پي پي پي جا ماڻهو گهرايا اٿائين، ۽ مسلم ليگ جي ماڻهن کي پاسون نہ ڏنيون اٿائين." هن جو ايترو چوڻ ۽ ان کان اڳ جو وزيراعظم جواب ڏئي، محترمہ فريال ٽالپر انڙ صاحب تي رڙيون ڪيون ۽ دٻ ڪڍي. ان حد تائين جو بعد ۾ وزيراعظم محترمہ کي پرچائڻ ۾ پورو هئو. غلام رسول تہ منهن وٺي بيهي رهيو پرائيم منسٽر بہ منهجي پر وٺي چوڻ لڳو تہ "منگي صاحب تہ پروٽوڪول مطابق ڪم ڪيو آهي. باقي جيڪي جمالي آيا آهن، اهي منهنجي قوم ۽ راڄ جا ماڻهو آهن. انهن لاءِ مون ئي ڊي سي او کي چيو آهي تہ گهراءِ. ان ۾ هن جو ڪهڙو ڏوهہ؟ ٻئي دفعي جڏهن مان عوامي دوري تي ايندس تہ سڀني سان ملندس." محترمہ بہ خاموش ٿي. غلام رسول بہ چپ. مون تہ ڳالهايو ئي ڪونہ. پرائيم منسٽر جي وڃڻ کان پوءِ گورنر ۽ وزيراعليٰ سائين مهر صاحب بہ پنهنجي جهاز ۾ چڙهيا.

ڪوشش کان پوءِ بہ جهاز چالو نہ ٿيو. پائليٽ کين ٻڌايو تہ جهاز چالو ٿيو تہ واهہ نہ تہ پيو ڪو بندوبست ڪرڻو پوندو!" ٻئي لهي آيا، مهر صاحب جي لهندي مون تي نظر پئي، چڱي خاصي دٻ ڪڍيائين. وڏيڪ دٻ ڪڍي ها پر محترمہ وچ ۾ اچي وئي. شايد جهاز ان ڪري چالو نہ پئي ٿيو تہ وزيراعليٰ مون کي دٻ ڪڍي.

موٽي لائونج ۾ آياسين، چانهن ٺهي ۽ گرم سئنڊوچ بہ. مهر صاحب کاڌي جو شوقين نہ آهي، پر چاهيندو آهي تہ جيڪا شي کائڻ لاءِ رکجي، اها سٺي هجي ۽ ڊشز وڏي تعداد ۾ هجن. اها خبر مون کي تڏهن پئي جڏهن سندن مهمانيون کائڻ جو موقعو مليو. پوءِ جڏهن سموسا ۽ تازه سينڊوچ کائڻ لڳا تہ جهاز جي انجڻ جي چالو ٿيڻ جي خبر پئي، چانهن بنا پيئڻ جي اتي ئي ڇڏي گورنر صاحب ۽ چيف منسٽر ڪراچيءَ روانا ٿي ويا.

هنن جي وڃڻ کان پوءِ غلام رسول مون کي چيو تہ "مان توهان جي گهر هلان ٿو، اتي چانهن پيئندس." مون چيو "sorry! مون کي مٿي ۾ سور آهي، ۽ بلڊ پريشر بہ وڌي ويو آهي! توهان ڪهڙي منهن سان چانهن پيئڻ ٿا هلو!" محترمہ ويجهو ئي هئي، هن پاسيرو منهن

Gul Hayat Institute

ڪري ڪلي ڏنو. مون کي cheer up ڪري پوءِ گهر وئي. اهڙيون همت واريون عورتون مون بينظير ڀٽو صاحبہ کان پوءِ ٻيون گهٽ ڏٺيون آهن. جهيڙي ۾ نفعي ۽ نقصان جو وٽس حساب ڪونہ هوندو آهي.

*

ڪي بي رند صاحب جي بدلي ٿي چڪي هئي. چيف منسٽر مهر صاحب چاهي ها تہ منهنجي بدلي بہ ڪري ڇڏي ها، پر مون ڏٺو تہ ڪنهن جي ناجائز دل آزاري ڪرڻ ۽ تڪليف ڏيڻ مهر صاحب جي فطرت ڪونہ هئي.

## گل حسن چنو، ڊي سي او نوابشاهہ

ان واقعي جي ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ منهنجي بدلي جو آرڊر اچي پهتو. منهنجي جاءِ تي گل حسن چني کي موڪليو ويو. ماڻهن چيو "ڏنوَ ڪي بي رند ويو هي بہ ويو." مان الله تي رکي ويهي رهيس.

غلام سرور جمالي ايس ايس پي جي مهرباني، هو جانچ ڪرڻ ۾ لڳي ويو. هن سيڪريٽري ٽو سي ايم قاضي مصطفيٰ کان پڇيو. هن چيو تہ "مون کي تہ بدلي جي خبر ڪونهي." هن وري سي ايم کان پڇيو ان بہ اڻڄاڻائي ڏيکاري. مهر صاحب پنهنجي سيڪريٽري کي چيو تہ ان بدليءَ جو آرڊر ڪينسل ڪراءِ ڇڏيو. هو ٻئي اسلام آباد ۾ صدر صاحب جي ميٽنگ ۾ هئا تہ قاضي صاحب چيف سيڪريٽري کي بہ چئي ڇڏيو ۽ چني کي بہ چيو ۽ مون کي بہ چيو تہ "چيف منسٽر آرڊر ڪينسل ڪيو آهي. توهان چارج نہ ڇڏجو. صبح جو آرڊر نڪري ويندو." ان وچ ۾ گل حسن چني مون سان ڳالهايو چيائين تہ صبح جو مان چارج وٺڻ ايندس. مون کيس حقيقت ٻڌائي تہ "بدلي بند ٿي وئي آهي." هن چيو تہ ٺيڪ آهي، هو نہ ايندو. پر چني صاحب کي مان تڏهن کان سڃاڻان جڏهن هو اي سي نوابشاهہ هو. پوءِ مون سان گڏ لاڙڪاڻي جو ايڊيشنل ڪمشنر هو. مون کي پڪ هئي تہ هو صبح جو سوير اچي گوريلن وانگر آفيس ۽ گهر تي ريڊ ڪندو. مون پنهنجي پي ايس محمد قاسم کي چيو تہ آفيس کي هڪ جي بدران ٻہ وڏا تالا لڳائي ڇڏجو. هو چابي گهري تہ چئجوس تہ صاحب وٽ آهي.

جيئن مون سوچيو هو ايئن ئي ٿيو. صبح جو اٺين وڳي منهنجي پي ايس کي فون آيو تہ "مان توهان جو نئون ڊي سي او گل حسن چنو نوابشاهہ اسٽيشن تان ڳالهائي رهيو آهيان. مون کي ڊي سي او جي گاڏي موڪليو تہ وٺي وڃي." مون کي ٻڌايو ويو. مون چيو تہ ڊي او روينيو منظور سومري کي چئو تہ هو پاڻ پنهنجي سرڪاري گاڏي کڻي وڃي، کيس



سرڪٽ هائوس تي اچي رهائي، سندس ناشتي پاڻيءَ جو بندوبست ڪري ۽ جيڏانهن وڃي تہ هو گاڏي سوڌو گڏ هجيس. چنو صاحب سرڪٽ هائوس جي بدران آفيس ۾ آيو. پي ايس چيس "سائين چابي صاحب وٽ آهي." هو پي ايس جي ڪمري ۾ ويهي رهيو. ڊي او سان ان جي آفيس ۾ بہ نہ ويو. هن پي ايس کي چيو تہ چارج وٺڻ جا ليٽر ٺاهي ڏي هن مون کان پڇيو مون پي ايس کي اجازت ڏني. هن اهي ليٽر چيف سيڪريٽري، سيڪريٽري سروسز کي ۽ سيڪريٽري ٽو سي ايم کي موڪلي ڇڏيا. ٽيستائين سندس بدلي ڪينسل ٿيڻ جو آرڊر نڪري چڪو هو. مان ويٺي رنگيءَ جا رنگ ۽ گل حسن چني جون هميشہ وانگر بيوقوفيون ڏٺيون. سيڪريٽري ٽو سي ايم چني کي فون ڪري دڙڪا ڏنا تہ "جڏهن توکي ٻڌايو تہ سي ايم بدلي رد ڪري ڇڏي آهي، تہ اتي ڇو پهتو آهين." کيس بدلي ڪينسل جو آرڊر بہ موڪلي ڏنو.

ان وچ ۾ چنو صاحب نائب ناظم خالد حسين چني سان مليو. ان کي ڏاڍا آسرا ڏنائين. ان کي وٺي وڃي ضلع ناظمہ محترمہ فريال ٽالپر سان مليو! ان کي چيائين تہ "مان توهان جي خدمت ڪندس، جيئن چوندؤ تيئن ڪندس." هن تہ پير ڪوڙڻ نہ ڏنس. چيائينس تہ "تون نوابشاهہ ۾ ڪنهن جي اجازت سان آيو آهين؟ هاڻي جو هاڻي نڪر منهنجي ضلعي مان."

## چا پرائيم منسٽر، چا تپيدار

ڪي بي رند صاحب جي خاندان مان سندس ڀاءُ علي اصغر رند ايس ڊي اي (امتياز شيخ) سان، تہ پٽ سڪندر حيات رند محترمہ فريال ٽالپور سان پي پي پي ۾ هئو. مٿس سرڪار جو بار تہ تون سنڌ جو چيف سيڪريٽري ۽ تنهنجو پٽ سرڪار مخالف سياست ڪري رهيو آهي. آخر سڪندر حيات سياست ۾ ڍلو ٿي پنهنجو منهن وٺي ويهي رهيو پر محترمہ سان تعلق رهيس. پر ڪي بي رند صاحب جي بدلي کان ڪجهہ وقت کان پوءِ هن بہ پارٽي مٽائي ۽ گهمي ڦري هاڻي وري بہ پي پي پي ۾ آهي.

منهنجي پوسٽنگ دوران اصغر صاحب اڪثر منهنجي ڪارڪردگيءَ تي ناخوش هوندو هو ۽ پنهنجي ناراضگيءَ جو اظهار ڀاءُ وٽ بہ ڪندو هو ۽ مون کي بہ ڏوراپا ڏيندو هو.

هڪ دفعي هڪ تپيدار جي بدلي جو معاملو سندس ۽ منهنجي وچ ۾ مسئلو ٿي پيو. ان تپيدار جي بدلي مون چيف سيڪريٽريءَ ۽ ناظم صاحبہ جي علم ۾ آڻي ڪري ڇڏي. تپيدار جمالي هو آخر جمالي وڃي پرائيم منسٽر جماليءَ تائين پهتا. رات هڪ بجي فون جي گهنٽي وڳي، ٻئي طرف چيف سيڪريٽري جو پي ايس فون تي هو. مون رب کان خيريت جي دعا گهري، ان وقت چيف سيڪريٽري جي فون نہ ايندي آهي.

Gul Hayat Institute

ڪي بي رند صاحب چيو ته “پرائيم منسٽر جي هينئر فون آئي آهي، ناراض هو چئي ٿو ته توهان کي جمالين کان سواءِ ٻيو ٽپيدار نه ٿو نظر اچي. اسان جي جمالين جي ڪڍ چوپيا آهيو. جمالي ٽپيدار جي بدلي رد ڪري صبح جو آرڊر مون کي موڪلي ڏيو تو صحيح پئي چيو ته اها بدلي مسئلو پيدا ڪندي!”

ڇا پرائيم منسٽر ڇا ٽپيدار!!

## گلن جي نمائش

نوابشاهه جي مٽي ڏاڍي زرخيز آهي. چون ٿا، ڪنهن زماني ۾ دريا جو پيٽ هو. سال 2003ع جي بهار ۾ دل چيو ته گلن جي نمائش لڳائجي. ٻه مهينا اڳ ۾ تياري ڪري ڇڏيا هئاسون. واسطيدار شوقين ماڻهن ۽ ادارن کي به لکي ڇڏيا هئاسون. صلاح مشوري کان پوءِ مارچ جي 15 تاريخ گلن جي نمائش لڳائيسون، ويجهڙائيءَ ۾ اهڙو ڀرپور موقعو هو. خواجه اسڪول جي ٻاهران خواجه گارڊن هو ان ۾ نمائش جو بندوبست ڪيوسين. ان جو انچارج ڊي ايف او عرفان کي ڪيو. جنهن سخت محنت ڪري ان نمائش کي ڪامياب بڻايو. عورتن ۽ ٻارن لاءِ به ڀرپور پيرو تفريح جو موقعو فراهم ڪيو ويو. اها نمائش خواجه صاحب جي زندگي ۾ لڳندي هئي ان کان پوءِ بند ٿي وئي هئي.

خواجه صاحب جي گهر کي مان اڳ ۾ ئي لئبرري جو درجو ڏئي ڇڪو هئس، ان گهر جي ٺاهه ٺوهه ڪرائي ان کي لائبرريءَ لاءِ موزون ٺهرائي لائبرري ۽ ميوزيم ۾ تبديل ڪيوسين.

گهر جي آڳنڌ ۾ وڏو پلاٽ پيو هو ان ۾ ڇپر لڳائي سون ۽ ان کان اوپن ايئر ٿيٽر جو ڪم ونڃ شروع ڪيو ويو.

مون پاڻ لائبرري جو افتتاح ڪيو هو جنهن تي قاضي خضر حيات کان 12X8 انچن جي ڪاشيءَ جي پليٽ علامت طور لڳرائي ڇڏي هئي. پر پليٽ لڳرائڻ کان اڳ ۾ مون ضلع ناظم کي اطلاع ڪيو هو ته مان پليٽ لڪرايان ٿو منهنجي بدليءَ کان پوءِ ان جي حفاظت ڪيو ته لڳرايان نه ته نه لڳرايان. پاڻ خوشي سان اها ڳالهه قبول ڪئي هئائين. پر منهنجي وڃڻ کان ستت پوءِ محترمه ناظم صاحبه جي ڪن ’خير خواهن‘ منهنجي نالي جي پليٽ پڃائي ميڊم جي نالي جي پليٽ لڳائي ڇڏي. مان ڪو هندو يارت ته لڏي ڪونه ويو آهيان. ڳالهه منهنجي دل تي چڙهي بيني آ. اڃا تائين هضم نه ٿي ٿئي.

## نئين ڊي سي او آفيس



ڊي سي آفيس جڏهن ضلع ناظم پنهنجي استعمال ۾ آندي ته ڊي سي او صاحب پنهنجي گهر تي آفيس ڪندو هو جتي هر ماڻهو نه وڃي سگهندو هو. اها ڳالهه منهنجي لاءِ ڏکي هئي ته ڪو مان ماڻهن کان پري رهان. مان ڀرين ڏينهن ئي اي ڊي او عارف خان، جيڪو لاڙڪاڻي ۾ به ڊي سي رهيو هو ان جي آفيس ۾ اچي آفيس ڪئي. هي اهو عارف احمد خان نه آهي جيڪو هينئر انٽيريئر جو سيڪريٽري ۽ سنڌ ۾ به ايڊيشنل چيف سيڪريٽري هوم ۽ فنانس ٿي رهيو آهي.

ڊي سي آفيس جي پرسان چار ڪمرا، پوٽ ڪمرا ٽيا پيا هئا. انهن کي خالي ڪرائي سنڌن جوڳي مرمت ڪرائي، در دريون ته پراڻي قسم جون هيون. انهن جي صفائي ڪرائي، فالس سيلنگ لڳرائي، بجليءَ جي وائرنگ ڪرائي، اي سي لڳرايا. ان بلاڪ کي تيار ڪرايو نواب شاهه ۾ هڪ وڏو هال آهي، ميٽنگ لاءِ جنهن کي دربار هال چوندا هئا. جتي انگريزن جي دور ۾ دربار لڳندي هئي. سوَ به سو ماڻهو اچي وڃن. هاڻي ڏهن ويهن ماڻهن جي ميٽنگ ڪرڻي هوندي هئي ته ان هال ۾ ٿيندي هئي.

ڇئن ڪمرن مان مون هڪ ڪمرو ميٽنگ لاءِ رکيو جيڪو ويهن ماڻهن تائين ڪافي هو. هڪ ڪمري کي آفيس ڪيو ۽ ان سان لاڳاپيل ڪمري کي چيمبر ۽ هڪ کي پي اي روم ۽ ويٽنگ روم ڪيو. پي اي روم ۽ ويٽنگ روم خوبصورت ڪري ٺهرائي ته جيئن ملڻ وارا ماڻهو. آرام سان اي سي ۾ اچي اتي ويهي. مون پنهنجي ڪمري جي چيمبر ۾ مختصر فرنيچر رکرايو جنهن سان ٻئي ڪمرا خوبصورت ۽ ڪشادا لڳندا هئا. چيمبر ۾ ڇئن ماڻهن جي ڪاڏي جي ٽيبل به رکرائي ڇڏي. ميٽنگ روم ۾ به مختصر ۽ ڪارپوريٽ قسم جو فرنيچر رکرايو. چو ته انهن ڪمرن ۾ ڪو گهٽو ڪم ڪونه هو. صرف ٽائل ۽ پلستر لڳايوسين. مهيني کن ۾ اهي ڪمرا آفيس لاءِ تيار ٿي ويا. آفيس جي ٻاهران وڏو ميدان هو ان ۾ ديوبون وڏي ويون هيون. انهن کي وڊرايو ۽ واٽر سپلاءِ جي تلاون مان مٽي نڪتي ان سان ڀرايوسين. ان سان اهو فائدو ٿيو ته مٽي به سٺي هئي ۽ کڏ ڀرائڻ لاءِ وڏيڪ خرچ نه ٿيو.

*

ڇپر سڄي کڏ واري ميدان ۾ لڳائيسين ۽ پاسن سان گلاب ۽ ٻوگن ولا پوکيا سون. بلڊنگ جا ڪجهه حصا پٿرن جا هئا انهن جي سئنڊ بلاسٽنگ ڪرائي، اهي نئين هجڻ جو ڏيک ڏيندا هئا. اسان جي هڪ دوست ڊي سي او سنڌيت جي شوق ۾ انهن مان ڪن پٿرن تي شبير واري ٽائيل لڳرائي ته ڪن پٿرن تي رنگ ڪرائي ڇڏيو.

11_2010ع ۾ جيڪي بارشون پيون انهن سڄي لان جو ستياناس ڪري ڇڏيو. پيرا

Gul Hayat Institute

پيٽ والز جي ڪري بلڊنگ جو بچاءُ ٿيو نہ تہ جيڪو پاڻي ڇهہ مهينا اتي بيٺو رهيو اهو بلڊنگ کي تباهہ ڪري ڇڏي ها.

## ڪجهہ اهم شخصيتون

### سيد نواب شاهہ

جن اهم شخصيتن جي ڪري نواب شاهہ نالو ڪڍيو انهن ۾ سيد نواب شاهہ مک ماڻهو هو. پاڻ متعلوي ساداتن مان هو هتي 1881ع ۾ اچي ديرو ڄمايائين. جنهن کان پوءِ هي ننڍڙو ڳوٺ وجود ۾ آيو. ڪجهہ سگهاريون روايتون اهي بہ آهن تہ هي ڳوٺ 1831ع ۾ قائم هو جنهن جو ذڪر هڪ انگريز پنهنجي رپورٽ ۾ بہ ڪيو آهي. هتي ئي هندن جا دڪان ۽ 300 کن ماڻهن جي آدمشماري هئي. ممڪن آهي تہ هي ننڍڙو ڳوٺ هجي ۽ جڏهن سيد بادشاهہ سائين نواب شاهہ هتي اچي ديرو ڄمايو تہ ماڻهن سيدن جي احترام ۾ هن جو نالو بہ نوابشاهہ ڳوٺ ئي رکيو هوندو. نہ تہ نواب شاهہ 1904ع ۾ وفات ڪري ويو. هي ايترو وڏو ڳوٺ نہ ٿي وڃي ها. ٿورن سالن ۾ تہ هڪدم ضلعو ٿي ويو هجي ها. ضلعي جي ٺهڻ لاءِ نواب شاهہ جي وڏي پٽ ٻڍل شاهہ پنهنجي خاندان جي 60 ايڪڙ قبولي زمين بنان ڪو ملهہ وٺڻ جي انگريز انتظاميہ کي ڏني جنهن هتي شاندار عمارتون ٺهرايون. نواب شاهہ ۽ ٻڍل شاهہ جو خاندان اڄ بہ هتي نواب شاهہ هائوس ۾ رهي ٿو جيڪا متعلوي سيدن جي حويلي آهي. سندن پوين ۾ منهنجا ڪي دوست رهيا. اڇا ساڻن تعلق ۽ لاڳاپا قائم آهن. منهنجي لاءِ ان خاندان جو جنيد شاهہ اهم آهي.

### ڪوٽائي سيد

سيدن ۾ پيا خير شاهہ وارا سيد سگهورا بہ آهن جن جي پونئرن ۾ سائين نظر شاهہ ۽ شوڪت حسين شاهہ چڱو نالو ڪڍيو. انهن سيدن کي ڪوٽائي (ڪوئٽا جا) سيد چون ٿا جيڪي ڪوئٽہ کان هتي آيا. ڪوٽائي سيدن ۾ سيد احمد علي شاهہ ۽ سندس پٽ فصيح شاهہ بہ اهم آهن جيڪي پيءُ پٽ سنڌ اسيمبليءَ جا ميمبر رهيا. نوجوان فصيح شاهہ سنڌ اسيمبليءَ جي مانواري ميمبرياڻي سيده ماروي راشديءَ سان شادي ڪئي آهي.

### ايڇ ايم خواجہ

حاجي خان پٽ مهر علي خواجہ نواب شاهہ جي اعليٰ خدمتگارن مان هڪ آهي. هن 1936ع کان 1972ع تائين پنهنجي پوري حياتي هن خطي جي ٻارن جي تعليم ۽ انهن جي ذهني اوسر کي ارپي ڇڏي سڄي عمر شادي نہ ڪيائين.



هي صاحب 11 آڪٽوبر 1907ع تي حيدرآباد شهر ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي ۽ ثانوي تعليم ٽنڊي باگي ۾ ورتائين. 1932ع ڌاري ڪراچيءَ جي ڊي جي ڪاليج مان بي اي ڪيائين. 1936ع مان بمبئي مان بي ٽيءَ جو امتحان پاس ڪري نواب شاهہ ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ اسڪول ۾ اچي هيڊ ماستر لڳو. پورا ڇٽيهہ سال مڙئي پوئتي نہ ڏٺائين. سندس هر وک نوابشاهہ ضلعي جي تعليم جي ميدان ۾ اڳتي هئي. وقت بدلبو رهيو پر هي شخص پنهنجي ڌن ۾ مگن رهيو. هن کي اسڪول ڇا مليو ڄڻ هند ۽ سنڌ جي شهنشاهي ملي وئي. اسڪولن ۽ انهن جي لاڳاپيل ادارن کي ڪنوار وانگر سجايائين ۽ اولاد وانگر انهن کي پاليائين ۽ پرجهيائين. جيڪو بہ صاحب اقتدار هتي آيو ان خواجہ صاحب جو قدر ڪيو ۽ سندس ٻانهن ٻيلي ٿي خواجہ صاحب جو هٿ ونڊايو ۽ انهن ادارن کي ٺاهيو.

هن هاسٽل بہ ناهي. غريب غربي شاگرد جو خيال بہ رکيو ۽ ڪين سهي ڏڳ تي بہ رکيو.

سنڌ جو مشهور ليکڪ امر جليل جنهن مان سندس والد صاحب ڪنهن حد تائين تعليم مان نااميد ٿي ويو هو خواجہ صاحب جي حوالي ڪيو. جتان هو نئون ماڻهو ٿي نڪتو. قمر شهباز بہ امر جليل جو سينيئر ساٿي هو هنن ٻنهي جو سنڌ ۽ سنڌي ادب ۾ وڏو حصو آهي.

جتوئي برادران بہ هتي پڙهيا، رند برادران، قلي بخش ۽ گل محمد رند بہ هتي پڙهيا. جن پنهنجو وڏو نالو ڪڍيو نوابشاهہ جا اڪثر پڙهيل نوجوان خواجہ صاحب جا شاگرد آهن.

خواجہ صاحب 1972ع کان 1981ع تائين بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ ۽ سيڪنڊري ايجوڪيشن (BISE) حيدرآباد جو چيئرمين بہ رهيو. پاڻ 20 سيپٽمبر 1999ع تي حيدرآباد ۾ فوت ٿيو ۽ اتي ئي دفن آهن.

ڪي ماڻهو خواجہ صاحب کي نوابشاهہ جو ٽيگور ۽ سندس اسڪول کي شانتي نڪيتن ۽ ڪي ڪيس سر سيد احمد خان چوندا آهن پر خواجہ صاحب رڳو خواجہ صاحب ئي هو.

مان جڏهن 2002ع جولاءِ ۾ نواب شاهہ جو ڊي سي او ٿيس تہ تعليم جي ميدان ۾ صرف خواجہ صاحب جوئي نالو هو. خواجہ صاحب جو اسڪول، خواجہ صاحب جو باغ، خواجہ صاحب جي هاسٽل، خواجہ صاحب جو لطيف هال، خواجہ صاحب جي گارڊن ۾ گلن جي نمائش.

خواجہ صاحب جو گهر جنهن ۾ هو رهندو هو، پوت بنگلو ٿيو پيو هو. مون ان کي نيڪ ڪرايو ۽ ان ۾ خواجہ صاحب جي نالي سان لائبريري قائم ڪئي. پر ۾ ميوزيم

Gul Hayat Institute

ٺهرايو. گهر جي اڳيان ميدان ۾ اوپن ايئر ٿيٽر ٺهرايو. جيڪو هاڻ اسڪول ۾ هال هو. ان کي بهتر ڪري ايئر ڪنڊيشنڊ ڪري نئين سر ٺهرايو ۽ فرنشڊ ڪرائي نئون آڊيٽوريم ٺهرايو.

## قاضي خضر حيات

قاضي صاحب نواب شاهه لاءِ ته ڌاريو هو پر هن به خواجه صاحب وانگر پاڻ کي ۽ پنهنجي اولاد کي نواب شاهه لاءِ ارپي ڇڏيو آهي.

قاضي صاحب 20 اپريل 1945ع تي رتيديري ۾ منهنجي استاد قاضي عبدالحي قائل جي گهر ۾ پيدا ٿيو.

پاڻ هونهار شاگرد شمار ٿيو. علم، ادب ۽ آرٽ ۾ چمڪندڙ ستارو هو. بي اي انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشورو مان ڪيائين. جتي مٿس ڊاڪٽر عبدالقدير خان افغان جو وڏو اثر ٿيو. شروع ۾ ته ايريگيشن کاتي ۾ سب انجنيئر/ سرويئر ٿيو پوءِ اهو ڌنڌو ڇڏي نواب شاهه انجنيئرنگ ڪاليج ۾ اچي ليڪچرر ٿيو. اهو ئي وقت هو جيڪو هن لاءِ زندگيءَ جو اهم موڙ هو. رتيديري کي ڇڏي هتي اچي پڪو آباد ٿيو. سوسائٽي نواب شاهه ۾ گهر ۽ سڪندر آرٽ گيلري ناهي اڏائين. جنهن ۾ ميوزيم به آهي. سيرامڪس تي ڪاشيءَ جو ڪم به ڪري ٿو.

قاضي صاحب جو ڪمرشل بنياد تي ايجاد ڪيل هي عجيب فن سڄيءَ سنڌ ۾ ۽ پاڪستان ۾ نرالو ۽ مشهور آرٽ ثابت ٿيو آهي. قاضي صاحب ڪيترن ادارن ۾ ڪم ڪيو آهي.

قاضي صاحب منهنجو ڳوٺائي ۽ مون کان ٻه سال اسڪول ۾ سينيئر هو. جنهن ڏينهن مون نوابشاهه ۾ چارج ورتي، ان ڏينهن منهنجي استاد ۽ سندس والد قاضي عبدالحئي قائل جي ورسي هئي.

جيترو وقت نواب شاهه ۾ هئس، سندس آرٽ، دوستيءَ ۽ مدد مان بهره ور ٿيندو رهيس.

قاضي صاحب جو سڄو خاندان ئي آرٽ سان پيار ڪندڙ آهي. سندس ڀائر قاضي مقصود گل، شاعر، آرٽسٽ، ليکڪ هو. قاضي اختر حيات به آرٽسٽ هو. قاضي منظر حيات، آل رائونڊر، ليکڪ، آرٽسٽ ۽ شاعر آهي. قاضي ياسر حيات ته اسٽيج جو بادشاهه، شاعر ۽ ليکڪ آهي. قاضي ياسر حيات، قاضي مقصود گل مرحوم جو پٽ ۽ قاضي خضر حيات جو ڀائٽيو ۽ قاضي عبدالحئي قائل جو پوٽو آهي.

قاضي عبدالحئي اسان جو استاد، ڊرائينگ ٽيچر، آرٽسٽ، شاعر، ليکڪ ۽



صحافي هو. سندس فوتي حج دوران ٿي ته سندس مڙهه کي حرمين شريفين جي مٽي نصيب ٿي. پاڻ مڪ پاڪ جي قبرستان جنت البمولئ ۾ دفن آهن.

## قاضي فيض محمد

قاضي صاحب 23 نومبر 1908ع تي هالاڻيءَ ۾ ڄائو ۽ سندس وفات 12 آڪٽوبر 1982ع تي نواب شاهه ۾ ٿي. سندس تدفين هالاڻي ۾ ٿيل آهي. باقي هن 74 سالن جو عرصو هتي نواب شاهه ۾ گذاري ڇڏيو. سندس حق ۽ سچ جي لڙائي ڪوڙ بدوڙ خلاف جنگ هئي. هن ماڻهوءَ جي زندگي جو سفر به عجيب سفر آهي. مسافريون به ڪيائين. جيلن ۾ ويو. 1919ع کان سياسي جاڳرتا ڏنائين ۽ 1928ع ۾ سائيمن ڪميشن جي خلاف پڊ عيدن اسٽيشن تي نعرا لڳايائين.

1933ع ۾ خاڪسار تحريڪ ۾ حصو ورتائين. 1943ع ۾ مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. 1948ع ۾ هاري ڪميٽي ۾ شموليت اختيار ڪيائين ۽ 1951ع ۾ هن ڪميٽيءَ جو صدر چونڊيو ويو. 1956ع ۾ عوامي لگ ۾ شامل ٿيو. مجيب جي وقت ۾ 1970ع ۾ عوامي ليگ جو سينئر نائب صدر رهيو. بنگلاديش ٺهڻ کان پوءِ سياسي طرح ماٺ تي ويو ۽ وڪالت ڪرڻ لڳو.

هي سياسي طرح بي چين روح هو جڏهن به ڪيس عام ماڻهو جو ڪنهن تحريڪ ۾ آڇيو نظر آيو ان ۾ ڪڏي وڃي شامل ٿيو. نه نفعي جو فڪر نه نقصان جي ڳڻتي. پوءِ جيل به ويندو رهيو. جيل سندس ٻيو گهر ٿي پيو. قاضي فيض محمد جي پيءُ جو نالو قاضي نبي بخش هو.

## سيد زين شاهه (سائين جي. ايم. سيد جو پوٽو)

منهنجي زين شاهه سان پهرين ملاقات ڪمند جي آبادگارن جي ميٽنگ ۾ نواب شاهه دربار هال ۾ ٿي. اڳ ۾ ملاقات ٿي هجي ته ياد ڪونهي. مان پنهنجي پر ويٺل اي ڊي او روينيو کان پڇيو ته "ٽئين نمبر تي ويٺل نوجوان ڪير آهي؟" چيائين "سر! اهو زين شاهه آهي. سائين جي. ايم. سيد جو پوٽو!"

سندس اکين ۾ لازوال غير معمولي ذهانت واري چمڪ. هٿن ۾ چر پر، جيڪا سندس بي چين روح جي غمازي ڪري رهي هئي. رد عمل تيز. جنهن پاسي کان آواز ٻڌائين پئي، هڪ دم ڪنڌ اوڏانهن مڙيس پئي. ڳالهائڻ ۾ لچ لحاظ. محفل ۽ ميٽنگ جي ادب آداب کان واقف. توڙي جو سندس عمر ڪا گهڻي ڪونه هئي، پر مون کي تعليم يافته لکيو پڙهيو ۽ چڱي طرح ڪڙهيو لڳو. ميٽنگ جو توجه جلدي ئي پنهنجي طرف موڙڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. سيد منير شاهه به ان ميٽنگ ۾ هو جنهن سان منهنجي اڳ ۾ ئي ڏيٺ

Gul Hayat Institute

ويٺ ۾ ملاقات هئي. پوءِ جڏهن ميٽنگ پوري ٿي تہ مان زين شاھ ۽ منير شاھ کي روڪي پنهنجي آفيس ۾ وٺي آيس، چانهن تي ڪجھ دير گپ شپ ٿي. ان ملاقات دوران معلوم ٿيو تہ زين شاھ سائين امداد محمد شاھ جو پٽ ۽ سائين جي. ايم. سيد جو پوٽو آهي.

”مون سي ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي.“ (شاھ)

زين شاھ 1966ع ۾ ڄائو. بي اي ايليڪٽرڪل ڪيائين. سنڌ جي ايريگيشن ۽ پاور کاتي ۾ ايگزيڪيوٽو انجنيئر ٿيو. مٿس الزام لڳو تہ سياست ۾ حصو ٿو وٺي. نوڪريءَ مان 1996ع ۾ ڪڍي ڇڏيائونس. هونئن جي. ايم. سيد سائين جي پوٽي کي نوڪري ڪيئن راس ايندي. نہ مزاج نوڪريءَ جو نہ ابن ڏاڏن نوڪري ڪئي. وري نوڪري کي پوئتي مڙي بہ نہ ڏٺائون.

اڃي مجيد ڪيريو ڳوٺ ۾ رهي پيو جتي سندن والد امداد محمد شاھ جون ٻنيون ٻارا هئا. اهي سنڀاليائون ۽ سياست ۾ حصو ورتائون. جتي جلال محمود شاھ سان گڏ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري آهي.

زين شاھ صاحب سان ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون. نواب شاھ کان پوءِ وقتي ويلي ملاقات ٿيندي رهي ٿي.

زين شاھ اهڙي نوجوان شخصيت آهي جنهن سان ملي دل خوش ٿيندي آهي.

## سيد محمد منير شاھ

سيد محمد منير شاھ ولد سيد احمد شاھ سائين سهڻو ڏاڪري 10 آگسٽ 1960ع تي ڳوٺ پير ڏاڪري تعلقہ سڪرنڊ ۾ جنم ورتو. پاڻ سنڌ جو البيلو پير مخلص سياستدان، ناميارو اديب ۽ هر دلعزيز شخصيت ۽ پيارو دوست آهي. شاھ صاحب ديني تعليم سان گڏ ڊبل ايم بہ ڪيون آهن. سنڌي ۽ انٽر نيشنل رليشنز ۾. پنهنجي والد جي وفات کان پوءِ درگاھ ڏاڪري جو سجاده نشين ٿيو. پاڻ پير سان گڏ، سماج سڌارڪ سياستدان ۽ عام ماڻهو جو درد پنهنجي دل ۾ رکڻ واري شخصيت آهي.

سنڌ جي ڪلچر، راڳ رنگ ۽ عمارت سازيءَ جي معاملي ۾ فنڪار جي نظر اٿس. سندس اٿڻ ويهڻ ۽ رهائش جو نمونو سنڌ جي ثقافت جو هڪ عملي نمونو آهي.

شاھ صاحب جو علم ادب سان بہ ذوق شوق آهي. پاڻ سرمد سيد جي نالي سان لکندو آهي. سندس ڪتاب ’انقلاب جو فلسفو‘ (ترجمو) ۽ ضيا شاھ سان گڏ ڪتاب ’ڏونگر سي ڏوريندين‘ لکيل اٿس.

سياست جو بہ شوقين آهي. 2002ع ۾ جڏهن مان نواب شاھ ۾ هئس تہ شاھ صاحب پاڻ کي ضلع گورنمينٽ جو ليڊر آف آپوزيشن سڏائيندو ۽ اهو رول ادا ڪندو هو.



حالانڪ مخالف ڌر جي رهنما جي قانون ۾ گنجائش ڪونہ هئي، پر منير شاھ صاحب ان نالي سان مشهور هو ۽ محترمہ فريال ٽالپر جي هائوس ۾ ۽ ٻاهر کلي مخالفت ڪندو هو. پر هاڻي شاھ صاحب 2010ع ۾ پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿي، محترمہ فريال ٽالپر جو ضلعي ۾ سياسي ٻانهن ٻيلي آهي.

منهنجي ساڻس سني گپ شپ ۽ عزت وارو رشتو هو جيڪو اڄا تائين قائم آهي. ڪڏهن ڪڏهن ادبي نوڪ جهونڪ بہ ڪندا هئاسون، جيڪا اڄ بہ قائم آهي.

## قلي بخش رند ۽ رند برادران

رند فيملي موجوده دور ۾ محنت، جفاڪشي ۽ تعليم کان ٻهره ور ٿيڻ جو هڪ نادر نمونو آهي.

هنن جو وڏو قلي بخش (اول) جو پيءُ سال 1898ع ۾ بلوچستان جي ماڳ سورڻ مان هجرت ڪري موجوده جاءِ تي پنهنجي نالي سان ڳوٺ ٻڌي ويٺو. 1925ع حاجي غلام نبي رند پيدا ٿيو تہ اوڙي پاڙي جي زميندارن سان سنا ناتا ناهيائين. جتوئي صاحب کي بہ ويجهو رهيو. محنتي ۽ ڏاڍو عقلمند ماڻهو هو تڏهن سڪرنڊ جون زمينون ڪافي غير آباد هجڻ سبب سستيون بہ هيون. سندس پيءُ ۽ ڏاڏي ڪجھ زمينون ورتيون هيون. جيترو ممڪن ٿي سگهس زمينون وٺندو ۽ ناهيندو ويو. ائين انهن جي لاءِ واھ کوٽايائين ۽ زمين جي آبادي جو سلسلو شروع ڪيائين.

حاجي صاحب، زمينن تي تہ ڌيان ڏنو پر پنهنجن پٽن جي تعليم کان بہ غافل نہ رهيو. سندس وڏو پٽ قلي بخش (ڪي بي) رند، جنهن تي سندس ڏاڏي جو نالو پيل آهي. ڏاڍو سدورو ۽ سياڻو ثابت ٿيو. هن انٽر ۾ ۽ ايم اي (انگلش) ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي. ان سال ئي 1974ع ۾ سي ايس ايس (سيڪنڊ ڪامن) ۾ پاس ڪيائين ۽ ڊي ايم جي پراڻي سي ايس پي گروپ ۾ آيو. 1980ع ۾ ڪي بي رند شڪارپور جو ڊپٽي ڪمشنر ٿيو. پيءُ جو اهو وڏوي ۾ وڏو خواب هو جنهن کي ساپيان ملي. حاجي صاحب وچ ٿرو زميندار هو. هن ڊپٽي ڪمشنر / ڪليڪٽرن جو اوج ۽ انهن جو نواب شاھ ۾ وڏو گهر ۽ وڏي آفيس ڏٺي هئي. هن جي دل مان بہ اها دعا ئي نڪتي هوندي تہ "يا الله منهنجي پٽن کي بہ ڪليڪٽر ڪر." سندس پهرئين پٽ جي شڪل ۾ سندس خواب حقيقت بڻيو. پوءِ سنت ئي حاجي غلام نبي رند صاحب 1980ع ۾ 28 مئي تي وفات ڪري ويو. جڻ خوشيءَ ۾ سندس دل بيهي وئي هجي.

حاجي صاحب کي 3 پٽ پيا بہ هئا، گل محمد رند، علي اڪبر رند ۽ علي اصغر رند. علي اڪبر رند جلد ئي هن دنيا جي خفن کان الڳ ٿلڳ ۽ بيزار ٿي ويو. 2003ع ۾ سندس

Gul Hayat Institute

انتقال ٿيو. سندس پٽ عمران اڪبر رند بئريسٽري ڪري هاڻي ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪري رهيو آهي.

ٻين ٻنهي پٽن، گل محمد ۽ علي اصغر به پنهنجو پاڻ موڪيو آهي.

ڪي بي رند صاحب جنهن سال اسسٽنٽ ڪمشنر ٿيو ان سال مان به صوبائي حڪومت ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ٿيس. مان ڪپري ۾ ايس ڊي ايم هئس ته پاڻ ڪوٽڙيءَ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر / ايس ڊي ايم هو. اسان جي سڃاڻپ تڏهن کان ٿي.

پر پاڻ انهن ڏينهن کان مشهور ٿيو جڏهن 1977ع ۾ پي اين اي جي تحريڪ دوران سانگهڙ ۾ حرن جي گهرن تي گولي هلرائڻ جي حڪم ٿيو تڏهوڪي وزير جي مرضيءَ تي سيس نه نوايائين. هڪ طرح سان اسان آفيسرن ۽ دوستن جو اهو انڪار ڪري هيرو ٿي ويو هو. پوءِ سندس زندگيءَ ۾ اهڙا ڪيترا موقعا آيا. ڪن جو ته مان به شاهد آهيان. جنهن ۾ ڪيس انڪار ڪرڻو پيو. ان انڪار جي ڪري تڪليف به پوگيائين. پر انڪار ڪيائين، اهو جنهن جي سندس دل، دماغ ۽ ضمير اجازت ڏني.

ڪيترين اهم شخصيتن سان تعلقات خراب ڪيائين. سوچيان ٿو ته جيڪڏهن ائين نه ڪري ها ته الائي ڪٿي کان ڪٿي هجي ها. مگر هو هاڻي به بنا پڇتاءَ جي ڏاڍو خوش آهي ۽ انهن ڳالهين تي فخر ڪري ٿو.

رند صاحب 1982ع ۾ جڏهن ٺٽي جو ڊي سي ٿي آيو ته ان وقت مان گهاري ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر هئس.

ان دور ۾ اسان جي ويجهڙائپ اڃا به وڌي. اهي ٻه سال منهنجي پوري نوڪريءَ جا شاندار سال هئا. جيڪي اسان گڏ گذاريا. ٺٽي ۾ به ڪافي زور بار هئا پر اهي ته مڙسيءَ سان face ڪيائين. 1984ع ۾ رند صاحب لنڊن جي سفارتخاني ۾ ڪميونٽي اتاشي ٿي ويو. جتي چار سال گذاريائين. اتي به سفارتڪارن جي تنظيم جو ليڊر رهيو. ليڊري سندس فطرت ۾ شامل آهي. اتي به ڪجهه مسئلا ٿيس پر خير ٿي ويو.

واپسي ۾ اپريل 1988ع ۾ پاڪستان ٿيس جتي ۽ خاص طور سنڌ ۾ سياسي ۽ انتظامي اٿل پٿل شروع ٿي وئي هئي. سائين غوث علي شاهه کي هٽائي سنڌ جي وڏ وزارت کان الڳ ڪري قاضي اختر کي وڏ وزارت جو قلمدان ڏنو ويو.

اسلام آباد ۾ اوجهڙي ڪيمپ ڦاٽي پئي. ان جي انڪوائري جي نتيجي ۾ جوڻيجي صاحب پنهنجي وزارت عظميٰ تان به هٿ ڌوتا ۽ واپس سنڌڙيءَ اچي پهتو. سنڌ جو گورنر به بدلايو ويو.

بهاولپور جي مٿان 17 آگسٽ 1988ع تي جنرل ضياءُ الحق جي جهاز کي باهه لڳي ۽ جهاز ڦاٽي پيو. جنرل هن دنيا مان موڪلائي ويو. محترمه بينظير ڀٽو کي بلاول ڀٽو زرداري



جائو.

جنرل اسلم بيگ، اسحاق خان کي ٽيڪ ڏني. هو قائم مقام صدر ٿي ويو. اليڪشن جي تاريخ نومبر 1988ع تائين وڌائي وئي.

ان دوران رند صاحب جنهن کي مان Man of crisis (بحرانن جو ماڻهو) چوندو آهيان اڳ ۾ ئي مينيجنگ ڊائريڪٽر سنڌ سمال انڊسٽريز ٿي چڪو هو. قاضي اختر جڏهن وري نگران چيف منسٽر ٿيو ته هن ڀٽي صاحب جي قائم ڪيل لاڙڪاڻي ڊويزن کي ٻيهر بحال ڪيو ان بحال ڪيل ڊويزن جو پهريون ڪمشنر ڪي بي رند کي مقرر ڪيو ويو. جتي مان به اچي بطور سندس ٻانهن ٻيلي اسسٽنٽ ڪمشنر جنرل شامل ٿيس.

قاضي صاحب موهن جي دڙي ايئرپورٽ جي پرسان لاڙڪاڻو ڪيڊٽ ڪاليج به قائم ڪيو. اهو به ڀٽي صاحب جو خواب هو جنهن کي قاضي صاحب اچي ساڀيان ڏني. ان ڪاليج جي قائم ڪرڻ ۽ هلائڻ جي ذميداري به رند صاحب جي حوالي ڪئي وئي. وڏي عرصي کان پوءِ چونڊون ٿي رهيون هيون. انهن چونڊن کي غير جانبدار ڪرائڻ جي ذميداري به رند صاحب کي ملي. آخري ڪم قاضي صاحب جيڪو ڪيو اهو 1988ع جون چونڊون ڪرائڻيون هيون. جنهن جي صاف سٿري تڪميل ڪي بي رند صاحب ڪئي ۽ قاضي صاحب اهي چونڊون عزت سان هارائي پنهنجي وڪالت جي چيمبر ۾ وڃي ويٺو پر قاضي صاحب هڪ ٻيو به نيڪ ڪم ڪيو. اسان جيڪي ليٽرل انٽريءَ ۾ 1975ع ۾ نوڪري ۾ داخل ٿيا هئاسون انهن جو ساڍن تيرهن سالن کان پوءِ 18 هين گريڊ ۾ پروموشن ڪيائين ۽ مون کي اتي ئي لاڙڪاڻي ۾ رند صاحب جي چوڻ تي ايڊيشنل ڪمشنر ڪري رکيو ويو.

رند صاحب کي نئين قائم ڪيل ڊويزن کي هلائڻو هو بلڊنگ هٿ ڪري ان ۾ تبديلين جو ڪم شروع ڪيو ويو لاڙڪاڻي، شڪارپور ۽ جيڪب آباد ضلعن جا دورا ڪيائون، اسٽاف ڀرتي ڪيو ويو اليڪشن جي ڏکئي ڪم کي منهن ڏنو. ان ڪم ۾ مون کي فخر آهي ته مان ساڻن گڏ هئس. ڪي بي صاحب سان ڪم ڪرڻ جيترو سنو لڳندو آهي، اوترو ڏکيو به آهي. هڪ ته هو ڪم جي معاملي ۾ هارڊ ٽاسڪ ماسٽر آهي. ڪم ۾ ڪا به ڊسيپلن جي رعايت نه ڏيندو هو. بلڪ دٻ ڏيندي به دير نه ڪندو هو. ٽين جيڪا وڏي ۾ وڏي اسان لاءِ ڏکيائي هوندي هئي اها سندس شڪي مزاج. چوٿين ته ڪيس وفاداريون شڪ شبهي کان مٿي اڻ ورهايل گهربل هونديون هيون.

مون کي مون پرين، ٻڌي وڌو ٻار ۾،
اُيا ايئن چون، مڇڻ پاند پسائين!
(شاهه)

Gul Hayat Institute

## رند صاحب جي لاڙڪاڻي مان بدلي

اليڪشن جي نتيجي ۾ محترمه بي نظير ڀٽو جي سنڌ ۽ اسلام آباد ۾ حڪومت قائم ٿي.

رند صاحب تي اهو نيو لڳل هو ته پاڻ غلام مصطفيٰ جتوئي صاحب جو ماڻهو ئي نه پر ڄڻ ته پاڻئيو آهي. ان صورتحال ڪي رند صاحب ڪيئن منهن ڏنو جو محترمه ڪيس پنهنجي ڊويزن جو ڪمشنر رهڻ ڏنو ۽ مٿس پورو ڀروسو ڪيو. ڏکيا وقت به آيا، ماڻهن گلائون ۽ شڪايتون به ڪيون، پر محترمه مٿس پورو اعتماد ڪندي ڪيس پورا اختيار ڏنا. محترمه جي حڪومت جي وڃڻ کان پوءِ جڏهن سنڌ ۾ سندس سانگهڙ ۽ لنڊن جو دوست ڄام صاحب وزيراعليٰ ۽ سندس چاچو غلام مصطفيٰ خان جتوئي مرڪز ۾ نگران وزيراعظم ٿي آيا، ٻنهي سندس بدلي ڪندي دير ئي نه ڪئي. حالانڪ رند صاحب کي اها خوش گماني هئي ته لنڊن ۾ ڄام صاحب سان ويجها لاڳاپا هئس. جڏهن رند صاحب جي بدلي واپس پاڪستان ۾ ٿي ته ڄام صاحب کيس گرانڊ پارٽي ڏني، جنهن ۾ 100_150 هاءِ پروفائيل ماڻهن شرڪت ڪئي. محترمه جي حڪومت ۾ ڄام صاحب محترمه جو ايڊوائيزر هو. ڄام صاحب جڏهن لاڙڪاڻي ايندو هو ته پهريون ڪمشنر رند صاحب وٽ چپ آلا ڪري پوءِ پي ايم هائوس ويندو هو.

ڄام صاحب جي وفات کان پوءِ رند صاحب سيڪريٽري ايڪسائيز مقرر ٿيو. مظفر شاهه جي حڪومت ۾ مئي 1993ع ۾، وري سياسي ۽ انتظامي اٿل پٿل ٿي ته نواز شريف ۽ سائين مظفر حسين شاهه جي حڪومت به ڊاهي وئي. مٿي معين قريشي صاحب آمريڪا مان پاڪستان اچي شناختي ڪارڊ ٺهرائي نگران پرائيم منسٽر ٿيو. سنڌ ۾ مدد علي شاهه (ر) جسٽس جيڪو 75 سالن جي پيٽي ۾ هو اهو وزيراعليٰ ٿيو. سيڪريٽري ٽو سي ايم ڪي بي رند صاحب کي پورن اختيارن سان مقرر ڪيو ويو. اهو رند صاحب جي نوڪري جو معراج هو.

شايد مٿين جي پاليسي اها هئي ته جيڪي به خالي نوڪريون هيون اهي پري ڇڏجن. نه ته رند صاحب بنا اجازت جي ايئن نه ڪري ها. ڪي چون ٿا ته اهو تڪراري فيصلو هو.

## بي نظير صاحبه جي ٻي حڪومت

چونڊون ٿي ويون. جيئن اندازو هئو بي نظير صاحبه جي ٻي حڪومت 1993ع ۾ ٺهي. سنڌ ۾ سيد عبدالله شاهه وزيراعليٰ ٿيو. جلد ئي ڪي بي صاحب کي هٽائي، رسول بخش بلوچ کي سيڪريٽري ٽو سي ايم ڪيو ويو. رسول بخش بلوچ به رند پائرن جو



جهڙوڪ پاءُ هو. پر ستت ئي منجهن اٽيٽ ٿي پئي. ڪي بي رند صاحب زراعت جو سيڪريٽري ٿيو ته اتان به جلدي کيس بدلي ڪري تعليم جو سيڪريٽري ڪيو ويو. مارچ 1994ع ۾ مون کي به تعليم کاتي ۾ بطور ڊائريڪٽر پلاننگ ۽ مانيٽرنگ ڪري گهرايائون.

## رند صاحب اسلام آباد بدلي

جن ڏينهن ۾ مير مرتضيٰ پاڪستان پهتو ته رند صاحب وٽ 'هوم سيڪريٽري' جي چارج هئي. کيس حڪم ڪيو ويو ته مير صاحب جو ضامن نه ٿئي. پر دهشتگردي ڪورٽ جي جج علي احمد جوڻيجي صاحب کي سرڪار کان ڪي شڪايتون هيون، کين جهٽڪو ڏيڻ لاءِ مير صاحب جو ضامن ڪٽي ڇڏيائين. ان ضمانت جو سچو نزلو رند صاحب تي ڪريو. کيس اسلام آباد بدلي ڪيو ويو. جون 1994ع کان جولاءِ 2002ع تائين، سندس ڪيريئر جو هي مشڪل ترين وقت هو.

آرمي جي اسٽاف ڪاليج مان ايم ايس سي اسٽريٽجڪ سائنس ۾ ڪيائين. آرمي آفيسر ان ڪاليج ۾ هئا. انهن سان ياريون باشيون وڌايائين ۽ ان وچ ۾ کين 21هين گريڊ ۾ پروموشن به مليو. جولاءِ 2002ع ۾ سنڌ جا چيف سيڪريٽري ٿي آيا.

مشرف جي حڪومت ۾ ايس ڊي اي ناهي وئي ته جيئن اڳتي هلي اليڪشن جي نتيجي ۾ اتحادي حڪومت ناهجي. ان الائنس جا ٽي سربراهه هئا، ارباب ڊاڪٽر غلام رحيم، غلام مرتضيٰ خان جتوئي ۽ امتياز احمد شيخ. امتياز شيخ اليڪشن هارائي، جتوئي صاحب کي نااهل قرار ڏنو ويو. الائنس جي ميدان ۾ وڃي هڪڙو ليڊر ارباب غلام رحيم صاحب رهيو. سياست سياست آهي. پر پوءِ به پي پي جا چونڊيل ميمبر وڌيڪ هئا.

آصف علي زرداري صاحب جي والده جو انتقال ٿي پيو. زرداري صاحب ٻن ٽن ڏينهن جي پيرول تي نوابشاهه ۾ اچي رهيو. نواب شاهه سياست جو مرڪز ٿي ويو. محترمه بي نظير ڀٽو ملڪ کان ٻاهر جلاوطني ۾ ۽ پارٽي پي پي پي پارليامينٽيرين جي نالي سان مخدوم امين جي حوالي هئي. مولانا فضل رحمان به زرداري صاحب سان تعزيت لاءِ آيو. مخدوم صاحب گڏ هئس. سياسي ڳالهيون ٿيون. مخدوم صاحب کي وزيراعظم ٿيڻ جي آڇ ٿي. کيس پٽ لاءِ وڏ وزارت سنڌ جي به آڇ ٿي. پر محترمه کين اجازت نه ڏني. زرداري صاحب به پنهنجي هوڏ تي بيٺو رهيو. مخدوم صاحب پوئتي هٽي ويو. سندس بخت تان پاڪستان جو وڏو عهدو کسجي ويو.

پي پي پي ۾ هڪ patriots جو گروپ ٺهيو جيڪو سنڌ ۽ وفاق ۾ ڇڄي جنرل مشرف جي گروپ سان شامل ٿي ويو.

مهر بردارن جا هميشه طاقتور ادارن سان سٺا تعلقات رهيا آهن. انهن به ساڻن نڀايو آهي.

وفاق ۾ ظفر الله خان جمالي صاحب کي پي ايم ڪيو ويو جيڪو هڪ ووٽ وڌيڪ کڻي وزيراعظم ٿيو. حساب ڪتاب رکڻ وارن جو ليکو صحيح هو. پرائيم منسٽر ٿيڻ لاءِ مخالف ڌر کان هڪ ووٽ ٿي وڌيڪ گهرجي. سنڌ ۾ سگهارن ادارن پنهنجي ياري نڀائي ۽ سردار علي محمد خان مهر سنڌ جو نوجوان ترين وزيراعليٰ ٿيو. ان وقت سندس عمر 34 سال هئي. انتظامي تجربو به ڪونه ۽ وري سنڌ جو چيف سيڪريٽري رند صاحب. هڪ حلقي رند صاحب ۽ مهر صاحب جا تعلقات خراب ڪرائڻ جي شروعات ڪئي. ٻئي طرف مهر صاحب جي ناتجربيڪاريءَ کي ٽارگيٽ ڪري سندس ڪردارڪشي شروع ڪئي وئي. پنهنجا سندس ايمانداري ۽ ديانتداري مان تنگ ٿي پيا. سندن ڪم ڪار سندن مرضيءَ موجب نه پئي ٿيا. ايئن جو ايم ڪيو ايم جي ڪمن کي به گهٽي حد تائين لغام ڏنل هو.

ان سڄي قصي ۾ مهر صاحب کي شڪايت ته چيف سيڪريٽري تعاون نه ٿو ڪري. چيف سيڪريٽري کي اهو ڏک ته سندس پاڙيسري سياسي رقيب غلام رسول انڙ کي وڌيڪ اهميت آهي. اندر جا مسئلا ته الائي چا هئا، ان ڳالهه جي مون کي ذاتي خبر آهي ته هڪ رات چيف منسٽر سنڌ مهر صاحب، غلام رسول انڙ کي وٺي چيف سيڪريٽري وٽ آيو. انڙ صاحب چيف سيڪريٽري کان معافي ورتي. چيف منسٽر به رند صاحب کي سفارش ڪئي ته "هي توهان جي در تي لنگهي آيا آهيون پنهنجي دل ٺڌي ڪيو."

پر پوءِ به الائي چا ٿيو. مهر صاحب ڊسمبر 2002ع ۾ سي ايم ٿيو هو. رند صاحب 6 مهينن ۾ بدلي ٿيو. ان کان پوءِ جلد ئي مهر صاحب جي وڏ وزارت هلي وئي. ٻئي وڏا عهدا وڃائي وڃي گهر ويهڻا ٿيا.

2005ع ۾ رند صاحب بلوچستان جو چيف سيڪريٽري ٿيو جيڪو سندس ابن ڏاڏن جو علائقو هو. جتان 2008ع ۾ اليڪشن کانپوءِ کيس بدلي ڪري اسلام آباد ۾ وفاقي حڪومت ۾ غير اهم وزارتن جو سيڪريٽري ڪيو ويو. زرداري صاحب به صدر ٿيو. زرداري صاحب سان سندس پراڻا واسطا هئا. هو پنهنجن والدين کي چاچا، هڪ ٻئي کي سوٽ چوندا آهن. پر زرداري صاحب جي دور ۾ به سندس خيال نه رکيو ويو. ايستائين جو 2011ع ۾ رٽائرمينٽ کان پوءِ به ڪو مناسب عهدو نه آڇيو ويو. باوجود ان جي ته سندس سوٽ پاڪستان جو صدر ۽ اڇي ڪاري جو مالڪ هو.

هاڻ ٻي ڪراچي ۾ سمنڊ جي ڇولين جي مٿان خوبصورت گهر ٺهرايو اٿائين.



چانڊوڪي رات ۾ سندس گهر جي ٽيرس تي ويهي چانڊني رات ۾ سمنڊ جي لهرن ۽ چانڊني جو پاڻ ۾ ٻکجڻ جو نظارو ڏسڻ وٽان آهي.

ڏهاڙي واڪ ڪرڻ جو پابند آهي. رات جو 11 بجي تائين آف ٿي ۽ صبح جو سوير ڪم تي تيار ٿي ويندو آهي. اهي سندس پراڻيون عادتون آهن. ساڍي نائين کان اڳ ۾ آفس ۾ هوندو گهڻو وقت آفيس ۾ پبلڪ ڊيلنگ ۾ گذاريندو آهي. لاڙڪاڻي ۾ ته سندس آفيس جي ٻاهران ماڻهن جا ميڙ هوندا هئا. ڪي ماڻهو ته اهڙا به ايندا هئا جيڪي چوندا هئا ته ڪم ڪونهي، توهان سان ملڻ ۽ ڏسڻ آيا آهيون. ساڳيو حال چيف سيڪريٽري ٿي رهڻ جو هيو. ماڻهن جا ميڙ، غريب غربي سان پيار ڪرڻ وارو ماڻهو ۽ سندن ڪم اوليت جي بنياد تي ڪرڻ وارو. رشوت، مالي فائدن يا ٻين ڪنهن به قسم جي فائدن وٺڻ کان پري صوفي فقير، ٻاهر جو سخت، پر اندران ٻار وانگر نرم ۽ معصوم لڳندو آهي. پنهنجي تعريف ٻڌي هر ماڻهو وانگر خوش ٿيندڙ تنقيد ٻڌڻ جو حوصلو گهٽ. پاڻ بابت ڪا غلط ڳالهه ٻڌي ويڳاڻو ٿي ويندو آهي. ٻي انتها حساس، سڀ اهي خوبيون ۽ خاميون جيڪي هڪ انسان ۾ ٿينديون آهن. همت ۽ حوصلي وارو، پنهنجي دل وڏي اٿس. دوستن، ساٿين، ياڻرن ۽ ماتحتن کي به ڏکي وقت ۾ حوصلو ڏيندو رهندو آهي. ميوزڪ ۽ شاعريءَ جو شوقين، شاعرن ۾ لطيف سائين ۽ شيخ اياز سندس پسنديده شاعر آهن. اڪثر شيخ اياز جو هي شعر زبان تي هوندو اٿس:

هيرا ته ڏسو ڪنڪر نه هڻو ايندو نه وري هي وڻجارو،
ڪجهه ذات ڏسو پوءِ بات ڪريو، هي شور اجايو آ پيارا!

يا وري شاهه لطيف جي سِٽ زبان تي هوندي هئي:

پاڇائي نه پاڙيان، سرتيون سئيءَ ساڻ!

فنڪارن ۾ فقير عبدالغفور، علڻ فقير، جيجي زرينه بلوچ، روبينه قريشي، عابده پروين ۽ لتامنگيشڪر پسنديده فنڪار اٿس. سڄي زندگي گهران خرچ گهرائي پوري ڪئي اٿائين. زمينون ۽ ملڪيتون ننڍا ڀائر سنڀاليندا هئا ۽ اهي کيس هر مهيني پگهار ڏيندا هئا. هاڻي اهي ملڪيتون الڳ الڳ ٿي ويون آهن ته سندس پٽ سڪندر حيات زمينون ۽ ٻيو ڪاروبار سنڀالي ٿو ۽ کي ٻي صاحب کي هر مهيني پگهار ملندي آهي. هٿ جو ته ڇوٽ آهي. وٽس پوئين تاريخن ۾ پيسا گهٽ بچندا آهن. پر ماني شوق مان ڪارائيندو آهي. پوڙهپ ۾ به مرچن جو واهپو گهٽ ڪندو آهي. صحت جو تمام گهڻو خيال رکندو آهي. شام جو يا صبح جو واڪ عبادت وانگر ڪندو آهي.

نوڪرين ۾ به هر جڳهه تي گهڻو ڪري چڙو ۽ بنا ٻارن جي رهيو آهي. پر لنڊن ۾ ڪجهه عرصو فيملي به رکيائين جتي نياڻين کي تعليم به ڏيارپائين. ياري باشي گهڻي.

Gul Hayat Institute

شام گهڻو ڪري سنگت سان گذريندو. يا ڪنهن وٽ هلي ويندو يا اڪثر وٽس مهمان هوندا. ٻيو نہ هوندو تہ الھ جڙيو سندس مائٽ، هم ڪلاسي ۽ يار غار تہ هوندو ئي هوندو. ڪچهري بہ ٿيندي ۽ ميوزڪ بہ ٻڌندو. ڪوئي ڪلام وڻي ويس تہ ان جو آواز وڏو ڪندو. وڏو پاڳ وارو آهي. پوري پاڪستان ۾ سندس سنگت ساٿ آهي. ڪو نياڳو ماڻهو هوندو جو ڪيس سندس نالي سان نہ سڃاڻي. ڪنهن يار دوست يا ضرورت مند ماڻهو جو ڪنهن ۾ بہ ڪم هوندو تہ ان کي چوڻ کان نہ ڪيٻائيندو.

سندس پٽ شهزاد سيڪشن آفيسر تہ ٿيو پر پوءِ جلدي ئي فوت ٿي ويو. سندس ٻيو پٽ سڪندر حيات ٻني ٻارو ۽ ٻيو ڪاروبار ۽ سياست ڪري رهيو آهي. سياسي طرح محترمہ فريال ٽالپر جو پوئلڳ آهي ۽ پي پي ۾ آهي. لائق ۽ عقلمند نوجوان آهي. سندس سياسي مستقبل شاندار ٿو نظر اچي. پيءُ واريون خوبيون اٿس. وڏي نظر ٿو رکي. منهنجي چاچي وانگر عزت ڪندو آهي ۽ هميشہ جهڪي ملندو آهي. الله ڪيس آباد رکي.

بدنصيبيءَ سان ڪجھ عرصو اڳ ۾ ڀائرن ۾ ڪجھ ناچاقيون ٿي پيون، پر هاڻي کير کنڊ آهن. شل ايئن ئي هجن. سندن طاقت ٻڌي ۾ آهي. پاڻ تہ ڪي بي رند صاحب سياست ۾ ڪونہ آهي پر سندس ٻيو نمبر ڀاءُ گل محمد رند پي ٽي آءِ ۾ آهي، جڏهن تہ علي اصغر مسلم ليگ (ن) ۾ آهي ۽ پٽ پي پي پي ۾. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ پاڻ ڪيترو آزاد خيال آهي ۽ سندن رستا ڪيترا الڳ الڳ آهن. حڪومت ڪنهن جي هجي، سندن خاندان مان ڪونہ ڪو اقتدار ۾ هوندو. وري جي اچي آرمي تہ اهي تہ ڪي بي صاحب جا پراڻا دوست آهن.

ڪي بي رند صاحب جمڻ جو ڏينهن 15 نومبر تي ملهائيندو آهي. سندن ڄم جو سال 1951ع آهي.

## گل محمد رند

گل محمد رند صاحب، ڪي بي رند جو ٻيو نمبر ڀاءُ آهي. پاڻ 11 آڪٽوبر 1953ع تي ڄائو. تعليم پنهنجي ترَ ۾ وٺڻ کان پوءِ نواب شاھ ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڊگري ورتائين. پنهنجي ڀاءُ ڪي بي رند صاحب جي پوئواري ڪندي سي ايس ايس جو امتحان ڏنائين. آفيس مينجمينٽ گروپ ۾ آيو. سيڪشن آفيسر ٿيو پوءِ سنڌ ۾ مختلف عهدن تي رهيو. سندس آخري پوسٽنگ سيڪريٽري انڊسٽري ۽ پروڊڪشن رهي. اهڙا گهٽ مثال آهن تہ بہ ڀائر هڪ ئي وقت وفاقي حڪومت جا سيڪريٽري هجن. 2013ع ۾ رٽائرمينٽ کان پوءِ سڪرنڊ ۾ رهي ٿو ۽ پنهنجون زميندارين ۽ ٻيو ڪاوبار بہ سنڀالي ٿو. ڪراچيءَ ۾ بہ گهر اٿس.



سندس وڏو ڪم اهو آهي تہ هن پنهنجي والد جي نالي تي ’حاجي غلام نبي رند ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن‘ ٺاهي آهي. ان تنظيم جي معرفت خاص طور تعليم جي کيتر ۾ مختلف فلاحي ڪم ڪري رهيو آهي. بہ آئيس فيڪٽريون ۽ هڪ شادي هال جي انڪم جو ڪجھ حصو هن آرگنائيزيشن کي ملندو آهي، جنهن مان اسڪول ۽ ٻين ڪمن تي خرچ ٿيندو رهندو آهي. ڪو بہ چندو يا ٻي مالي مدد ٻاهران نہ ورتندو آهي. عورتن جي ڀلائي جا مرڪز، راندين ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ اڳڀرو رهيو آهي. ان ڏس ۾ گل محمد جي جيتري تعريف ڪجي، گهٽ آهي. پاڻ هڪ وقت وڏي عرصي تائين پاڪستان ٽي وي جي پروگرام ۾ هوسٽ طور ڪم ڪيائين. ڪپڙي ۽ پنهنجي فٽنيس جو خفت اٿس. تقريباً پوري دنيا گهمي چڪو آهي. سياسي طرح عمران خان جي پي ٽي آءِ ۾ سنڌ جو متحرڪ ميمبر بہ آهي. هي روائتي ٻروچ هوندي بہ روشن ضمير آهي. هن کي پٽ جو اولاد ڪونہ آهي. کيس ٽي نياڻيون آهن. ٽنهي کي اعليٰ تعليم ڏياري اٿائين. وڏي نياڻي بئريسٽر آهي، ٻي نياڻي آرڪيٽيڪٽ انجنيئر آهي ۽ ٽين اڪانامسٽ. ٽئي نياڻيون نيويارڪ ۾ رهن ٿيون.

## علي اصغر رند

سندن چوٿون نمبر ڀاءُ علي اصغر رند آهي، کيس اسان ننڍي مان وڏو ٿيندو ڏٺي آهي. 2017ع ۾ اول خير پنهنجي پنجاهين سالگره ملهائيندو. ڪي بي رند 1982ع ۾ جڏهن ٺٽي ۾ ڊي سي هو تہ سڪندر حيات ۽ علي اصغر اتي ايندا هئا. هاڻي تہ ٻئي ماشاءَ الله جوان جماڻ آهن. ٻارن جا پيءُ آهن. زندگي جو ڪاروبار سولي نموني سان هلائي رهيا آهن ۽ خوش گذاري رهيا آهن. ڪي بي صاحب پنهنجي ڀائن کي بہ اولاد وانگر سنڀاليو آهي. ننڍي ہوتي مان کين وڏو وڻ ڪري ڇڏيو آهي. جيڪي نہ صرف پاڻ ان ڇانءَ جو مزو وٺن ٿا، پر ٻين کي بہ ان ڇانوَ جي آسيس ڏين ٿا. علي اصغر لنڊن مان ايم بي اي ڪئي. سنڌ گورنمينٽ ۾ 18 هين گريڊ ۾ نوڪري ڪئي پر پوءِ جلد ئي استعيفيٰ ڏئي پنهنجي ڪاروبار، ٻني ٻاري ۽ زمينداري لاءِ وقت ارپي ڇڏيائين! هاڻي سياسي طرح مسلم ليگ (ن) سان گڏ آهي. سنڌ ۾ ليگ جو اهم رڪن آهي.

سابق وزير عبدالله بلوچ جي نياڻي سان شادي ٿيل اٿس. ان مان بہ نياڻيون ۽ هڪ پٽ اٿس. وڏي نياڻي لنڊن ۾ ميڊيڪل جي تعليم وٺي رهي آهي. ٻي نياڻي بہ بئريسٽري لاءِ تياري ڪري رهي آهي، اها بہ ايندڙ سال لنڊن لاءِ سنڀريل آهي. پٽ اڃا ڪراچيءَ جي هڪ اسڪول ۾ پڙهي رهيو آهي.اصغر ۾ بہ ٻنهي ڀائرن واريون خوبيون آهن.

Gul Hayat Institute

تہ اڪثر آفيسرن کان ناخوش بہ آهن. پر توهان آفيسرن تي بيجا عتاب نازل نہ ڪيو آهي ۽ هو پاڻ کي توهان جي هوندي محفوظ ٿا سمجهن.” اها هئي بہ حقيقت. ڪجھ ٻيا لفظ چيا. آخر ۾ چيم تہ “توهان اسان جو پروموشن بہ ڪيو آهي پر اهو نوٽيفاءِ نہ ٿيو آهي. مهرباني ڪري اهو ڪم ڪيو.” سندس موڊ ڏاڍو سٺو هو. سيڪريٽري ٽو سي ايم کي ان وقت ئي فون ڪري چيائين تہ منگي صاحب جو 20هين گريڊ جو نوٽيفڪيشن ڪڍڻو آهي. ڪيس اهو بہ چيائين تہ ڪراچي بدلي ڪرڻي آهي. پويان لفظ مون کي ٻڌائڻ لاءِ چيائين! فون رکي چوڻ لڳو موڪلن کان پوءِ توهان جي بدلي ڪري ڪراچي ۾ اوهان کي پوسٽنگ ڏيندا سون.

## نوابشاهہ مان بدلي

آءٌ نہ بدلي لاءِ تيار هئس نہ ڪراچي لاءِ. نواب شاهہ ۾ مون کي ڏکين حالتن ۾ ڏيڍ سال ٿي ويو هو. نہ ناظم صاحب خوش هئي تہ coalation جا ساٿي مون کي پڪ هئي تہ ڪنهن ڪنڊ پاسي هٽندا. مان پريشان ٿي ويس. ان پريشانيءَ ۾ ماني بہ نہ وٽي ۽ واپسي جو سفر بہ ڏاڍو بور گذريو.

عيد جون موڪلون ختم ٿيون، خبر پئي تہ coalation پارٽنرس سڄي نواب شاهہ ضلعي جا، جن جو تعداد 25 کن هئو، انهن هڪ نقاطي ايجنڊا تي چيف منسٽر سان ملاقات ڪئي. چيف منسٽر جو 15 ڏينهن کان پوءِ نواب شاهہ جو دورو هو. سڀني ڪيس هڪ آواز ٿي چيو تہ “جيستائين عبدالقادر منگي، ڊي سي او نوابشاهہ آهي تيستائين نواب شاهہ نہ اچجو.”

چيف منسٽر ذهن اڳ ۾ ئي ٺاهي چڪو هو. چيائين “ٺيڪ آهي، منگيءَ جي ٻن ڏينهن ۾ بدلي ٿي ويندي.” سڀ ڏاڍا سرها ٿيا تہ وڏي ڪيپ ڪٽي اٿائون.

مون کي ٻين جو ڏک نہ ٿيو پر ڪي بي رند صاحب جي ڀاءُ اصغر رند، سردار خان محمد خان ڏاهري جيڪو هر هفتي مون وٽ ايندو هو ۽ اسان جي رات جي ماني ڳوٺ ڪندو هو. ان سان ڏيڍ سال ۾ ڪڏهن بہ تعلقات خراب نہ ٿيا. ٿيون ماڻهو جنهن جو مون کي ڏک نہ ڪرڻ گهربو هو اهو هو ڪڏهڙ وارو انڙ غلام رسول. جنهن هرو ڀرو مون کي قرآن مٿي تي رکي چيو هو تہ هو منهنجي ڪڏهن بہ مخالفت نہ ڪندو.

هاڻي ڏاهري صاحب ۽ غلام رسول انڙ صاحب سياسي طرح پيپلز پارٽي ۾ محترمہ فريال ٽالپر جي تابعداري ۾ آهن. باقي علي اصغر رند، هن پنهنجي ڀاءُ جو بہ لحاظ نہ ڪيو. هاءِ سياست تون بہ ڏاڍي ڪني شئي آهين، پنهنجن کي پرائو ڪري ڇڏين ٿي.

علي حسن بروهيءَ ايڊيشنل سيڪريٽري ٽو سي ايم فون ڪيو تہ “توهان کي



صاحب هڪ ٻجي ياد ڪيو آهي.“مون چيومانس تہ مان هڪ ٻجي نہ پهچي سگهندس ڪلاڪ ٻہ دير ٿيندي، پنڌ وڏو آهي. وري پڇيومانس تہ “ڪٿي ٿا موڪليو؟” چيائين “توهان کي سي ايم، صاحب پنهنجي ويجهو ٿو گهرائي.” مان سوچ ۾ پئجي ويس تہ ڪراچي ۾ ڪا پوسٽ ئي خالي ڪانهي، ٻيو تہ ڪراچيءَ ۾ ايم ڪيو ايم جي بادشاهي آهي. مالڪ سائين خير ڪجانءِ.

علي حسن جي آفيس ۾ داخل ٿيس تہ چيائين تہ رليڪس ٿيو لنچ ڪيو. مون چيومانس تہ “ٽينشن ۾ ماني وڻندي؟” چيائين “توهان کي سٺي پوسٽنگ ملندي. توهان پريشان نہ ٿيو. سي ايم صاحب توهان جي عزت ٿو ڪري.” ٻہ گرهہ ماني ڪاڏي. علي حسن ڪيس اطلاع ڏنو. چيائينس ويهاري ڇڏينس ٻہ، ٽي، چار، پنج، ڇهہ ٿيا. مون کي سڏ ٿيو. دعائون گهرندو اندر داخل ٿيس. ڪمري ۾ پاڻ مسڪرائي اٿي مليا. سامهون ڪرسي تي ويهاريائون. ويهڻ سان سوال ڪيائون تہ “ڪهڙو حال آهي؟” ايتري تہ سٺي نموني پڇيائون، جو مون ۾ اعتماد آڻي ڇڏيو.

سائين نواب شاهہ کان، توهان مون کان وڌيڪ واقف آهيو. ڳالهہ سمجهي ويو. پوءِ هڪ ڏينهن پهريون وارو قصو ٻڌايائين. کلي چيائين ”انهن ماڻهن نواب شاهہ ۾ ڪن ڪري ڇڏيو آهي. توهان نواب شاهہ جي لائق ناهيو.“

”سکر منهنجو ضلعو آهي. مون فيصلو ڪيو آهي تہ توهان اتي وڃو.“ انڌو گهري هڪ اک، مون کي ٻئي ملي رهيون هيون. علي حسن سچ پئي چيو تہ مهر صاحب مون کي پنهنجي ويجهو پيو گهرائي. چانهن گهرايائين. گپ شپ ٿيندي رهي. سيڪريٽري گدارو صاحب کي گهرايائين. ان کي چيائين تہ “منگي صاحب کي پروموشن سان گڏ سکر موڪلبو.” مون ڏي ڪنڌ ڦيرائي چوڻ لڳو تہ “نواب شاهہ ۾ ڪنهن کي موڪليون؟” ٿورو ترسي وري چوڻ لڳو تہ “گل محمد عمراڻي، ايم ڪيو ايم جي وزير کان تنگ آهي. اهو نواب شاهہ لاءِ ڪيئن رهندو؟” مون عمراڻي صاحب جي تعريف ڪئي. بخشيل خان کي چيائين “تہ پوءِ ايئن ڪريو.”

مون چانهن پوري ڪري اجازت گهري، اٿندي پڇيو “ڪا خاص هدايت هجي.” چيائين تہ “غريبن جوءِ خاص طور اسان جي غريب مهرن جو خيال ڪجو! باقي توهان کي خبر آهي تہ ڊي سي او کي ڪيئن هلڻ گهرجي. اسٽرانگ ٿي نوڪري ڪجو، اسان جي توهان کي پوري سپورٽ رهندي.” علي حسن جا Thanks ڪيا. بخشيل خان گداري کان موڪلايو. هن سان لاڙڪاڻي ۾ سال کن سٺو وقت گذريو هو. هن چيف سيڪريٽري کي چئي ڇڏيو هو تہ اڄ ئي آرڊر پروموشن سان گڏ ڪڍي اشو ڪري ڇڏي.

مان ڪراچي جي ٽول پلازا تي پهتس تہ سيد جمال مصطفيٰ جو فون آيو چيائين!

Gul Hayat Institute

“سائين توهان ڪراچي ۾ واردات ڪيون ٿا وڃو؟” پاڻ ايڊيشنل سيڪريٽري سروسز هيو ۽ منهنجو پيارو دوست آهي. نواب شاهه ۾ هن سان ڪچهريون ٿينديون هيون. ڪيس تاڪيد ڪيم ته “پروموشن ضرور نوٽيفاءِ ڪجو.” مان حيدرآباد پهتس ته منهنجي گهر سکر ۾ پوسٽنگ جو آرڊر پيو هو.

Thanks to coalation partners

Thanks to CM Sindh.

ٻئي ڏينهن 3 ڊسمبر 2003ع تي شام جو نواب شاهه ۾ چارج ڇڏي، چئين بجي سکر لاءِ روانو ٿي ويس. ڊي سي او سکر جي چارج ٽن مهينن کان مبين خان اي ڊي او (روينيو) وٽ هئي. هن ڪوشش پئي ڪئي ته ڊي سي او ٿي وڃي پر ٽن مهينن جي آزمائش کان پوءِ وري پنهنجي اصلوڪي پوسٽنگ تي هليو ويو. مون پنهنجي نواب شاهه مان نڪرڻ جو ڪيس اطلاع ڏنو ته مان اڄ ئي پهچي چارج وٺندس.



# 15

## 3 ڊسمبر 2003 کان فيبروري 2005

### سکر واريءَ پُل تي هو جمالو...

انگريز انجنيئر ميٽسو جي سکر بيراج / سکر واري پل ڪراس ڪري اچي ان گهر ۾ لٿس جتي ميٽسو رهندو هيو ۽ هاڻي ان جي ٻاهران ڊسٽرڪٽ ڪو آرڊينيشن آفيسر هائوس جو بورڊ لڳل هيو.

هن گهر ۾ مان ڪيترا ڀيرا آيو هوس ڪمشنر سان ملڻ ۽ ميٽنگ ڪرڻ. اڄ هن گهر ۾ رهڻ لاءِ آيو هوس، خبر ناهي ڪيتري عرصي تائين! جيستائين داڻو پاڻي هوندو!

مبين خان، اي ڊي او روينيو سکر، جنهن کي ڊي سي او جي چارج هئي، اهو آفيس کان مهرباني ڪري ٻاهر نڪري آيو. مون کي رسيو ڪيائين ۽ ڪيمپ آفيس ۾ وٺي هليو. اها انگريزن کان روايت رهي آهي ته ڊي سي ۽ ڪمشنر جي گهر تي به آفيس هوندي آهي جنهن کي ڪيمپ آفيس چيو ويندو آهي. اتي خلاصائيءَ ۾ سڪون سان ويهي آفيس جو ڪم يا ميٽنگ ڪري سگهجي ٿي.

چانهن پيئي ۽ حال احوال ڪيو سون، جنهن کي بريفنگ چئجي ٿو. چارج پيپر صحيح ڪياسون ۽ منهنجو سکر ۾ نوڪريءَ جو Count Down شروع ٿي ويو. مبين صاحب EDO جي گهر روانو ٿي ويو.

پهرين فون ناظم ضلع سکر سيد ناصر حسين شاهه کي ڪئي، شاهه صاحب خوش آمديد ڪيو. مان کانئس ملڻ جو وقت وٺڻ چاهيو ته چيائون ته “مان سپاڻي سکر ايندس ته توهان سان ملي وٺندس.” جيڪا ڳالهه مون قبول نه ڪئي. مون کي صبح جو ملڻ جو وقت ڏنائون.

ناصر حسين شاهه پراڻو واقف ڪار هيو. پهريان سکر / روهڙي مان ايم پي اي رهيو هيو. هاڻي پ پ پ جي مدد سان 2001ع ۾ سکر ضلع جو پهريون ناظم ٿي ويو آهي. سهڻو ۽ عزت ڪرڻ وارو ماڻهو آهي. هر ڪنهن جيان هن ۾ complexes ڪونه آهن. ڪس

ڪسر ڪائڻ وارو، ٿڌي مزاج جو ماڻهو آهي. سندس والد، شبير حسين شاهه به سکر مان ايم پي اي رهيو آهي.

مون ٻي فون علي حسن بروهيءَ کي ڪراچي سي ايم هائوس تي ڪئي ته هو سي ايم صاحب کي ٻڌائي ڇڏي ته مون چارج وٺي ڇڏي آهي.

ڊاڪٽر خالد حسين شيخ ايم ايس سکر کي فون ڪيم. جو مون کان اڳ ۾ پير ضياءَ سان ڪم ڪري چڪو هيو ۽ پير ضياءَ کي ويجهو هيو. ان جي ڪري منهنجي به ساڻس ڏيٺ ويٺ اڳ ۾ هئي. هو ٻي آءِ جي محمد رمضان چنا وٽ مانيءَ تي آيل هيو. هن جو چنا صاحب کي منهنجو ٻڌايو ته چنا صاحب تاڪيد ڪيو ته مان به وٽس مانيءَ تي اچان. چنا صاحب ۽ اسان رند صاحب جي ٽيم ۾ 1990ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ هئاسون، جتي پاڻ ايس ايس پي لاڙڪاڻو هيو. مان سندس هن سڪ واري سڏ تي ڪنڌ نه ڪڍائي سگهيس.

❁

سکر کي مان سپنن جو شهر سڏيندو آهيان. هميشه مون کي fascinate ڪندو رهيو آهي. سکر جي پرسان دريا، سکر بيراج، روهڙي، روهڙيءَ سان لڳ لئنسڊائون پل ۽ ايوب برج، سکر ۽ روهڙيءَ جون اسٽيشنون، درياءُ بادشاهه ۽ درياءُ جي ڪنڌيءَ جو نظارو، بکر بيٽ، سکر شهر جون لاهيون چاڙهيون. باغ بستان، سکر جون سئنيمائون ۽ مهراڻ مرڪز، شاهي بازار ۽ نم جي چاڙهي ۽ اتي برڪت علي آزاد جو بوڪ شاپ. برڪت علي آزاد جي پرسان ئي جوس جو دڪان، چاٽ جو دڪان، معصوم شاهه جو منارو ۽ منارا روڊ، ليوڪس پارڪ، پراڻو سکر ۽ ڪورٽ بلڊنگ ۽ ڊي سي هائوس ۽ ڊي سي آفيس، ملٽري روڊ ۽ واپڊا ڪالوني جتي هاڻي ڪمشنر آفيس آهي. يعقوب بسڪوٽ فيڪٽري، جيڪا هاڻي اجڙي وئي آهي، جوڻيجو فلور ملز ۽ سنڌ سمال انڊسٽريز جو علائقو جنرل/ ميونسپل لائبريري، سينٽ ميريز اسڪول، سينٽ سيويرس اسڪول جتي منهنجي گهر واري خورشيد پڙهي هئي. ان جي پرسان علي حسن منگي صاحب جا ڪوئنس روڊ تي گهر. شاهي بازار ۾ آصف غوريءَ جو دڪان ۽ اسٽور ۽ نور جنرل اسٽور جتان مان هميشه شاپنگ ڪندو هيس. ٽانگا اسٽينڊ جو گندو علائقو، کهڙيون ڳالهيون ياد ڪري کهڙيون ڪجن. ريلوي جو يارڊ ۽ ڪالونيون. پراڻو بس اسٽينڊ، نئون بس اسٽينڊ، شهر کان ٻاهر ۽ پير جو ڳوٺ وارو بس اسٽينڊ، تير چوڪ ۽ ٽاور، جتان "واٽون ويهه ٿيون" وارو ڪرشمو آهي. اڳي ته ٽاور کان منارا روڊ تي به ٽانگا چڙهندا هئا، پر چاڙهي وڏي آهي تنهن ڪري هاڻي ان کي ون وي ڪيو ويو آهي. ايڏين خوبصورتين جي ڪري سکر کي اجا به ترقي ڪرڻ گهربي هئي پر ايئن الائي ڇو ڪونه ٿيو آهي. سکر جي ڊرينيج ۽ واٽر سپلاءِ جو نظام نه سڌريو آهي. علي حسن منگي صاحب به 1990ع تائين هتي وڏو عرصو ايم اين



اي رهيو. پر هاڻي سائين وڏو سيد خورشيد احمد شاهه سکر جو بي تاج بادشاهه آهي. سندس ڪاميابيءَ جو راز اهو آهي جو پاڻ هفتي جا به ڏينهن عوام لاءِ موجود آهي. ڏک سور ۾ ڪم ڪار ڪرڻ لاءِ سندس سياسي رقيب اسلام الدين شيخ به پيدا ڪيو ويو آهي. پاڻ آصف زرداري صاحب جو دادلو آهي. پاڻ سينيٽر آهي. سندس پٽ نعمان اسلام شيخ سکر مان ئي ايم اين اي آهي، ٽيون پٽ ارسلان سکر ميونسپل جو نوجوان ميئر آهي. پر ڪيس في الحال ته شاهه کي ڪٽڻ مشڪل آهي.

سکر ٽن صوبن، سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب جي سنگم تي آهي. ريل ۽ روڊ رستي ڳنڍيل آهي. جهاز رستي ڪراچي، لاهور ۽ اسلام آباد سان به ڳنڍيل آهي. لاڙڪاڻي جا ماڻهو به بهتر ايئر سروس جي ڪري، ڪراچي ۽ اسلام آباد لاءِ هن ئي ايئرپورٽ کي استعمال ڪن ٿا.

## ممتاز ڪوڪر شهيد

ساڌٻيلي ۽ بکر ٻيٽن ۽ ستين جي آستان جي خوبصورتيءَ جو ڇا ذڪر ڪجي. الور/ اروڙ ۽ بکر ته ڪڏهن سنڌ جا گادي جا هنڌ ۽ مشهور قلعا هئا. هاڻي اتي فوڊ ڪورٽ آهي ۽ سنو بار بي ڪيو رات جو ملي ٿو وڃي. دريا جو نظارو، ٿڌي هوا، دلڪش ماحول، فيميليز جو پسنديده اسپاٽ آهي. هڪ طرف پراڻو سکر ٻئي طرف روهڙي جو شهر. لئنسڊائون پل ڪراس ڪري روهڙي شهر جي ٿواٽي تي ايندو آهيان ته 1971ع واري جنگ ياد ايندي آهي. ان جي پرسان دريا جي مٿان هندن جي ٺهيل هڪ جهوني ڪاٺ جي ڇهه ماڙ عمارت آهي. پر مون کي جنگ جي ياد اچڻ جو اهو سبب ناهي. جنگ دوران ان پل تي ڏاڍا بم وسايا ويا. هندستان جي فوج جي طرفان. ماڻهن جو چوڻ آهي ته سکر طرف صدر الدين بادشاهه دفن ٿيل آهي. اهو انهن بمبن کي جهپي دريا ۾ اڇلي رهيو هيو. اها پل بلوچستان کي پوري ملڪ سان ريل رستي ملائي رهي آهي. ان ڪري ان جي دفاع جي معاملي ۾ تمام وڏي اهميت آهي. ٻيا بم ته جهپجي ويا، پر هڪڙو بم جهپجي نه سگهيو. جيڪو اسان جي پياري ممتاز علي ڪوڪر کي اچي لڳو ۽ ان هنڌ ئي ممتاز شهيد ٿي ويو.

ممتاز 1968ع ۾ پي سي ايس ويسٽ پاڪستان جو امتحان پهرين پوزيشن ۾ پاس ڪري ايس ڊي ايم / اي سي روهڙي / سکر لڳو هيو. بجاءِ ان جي جو پاڻ جهازن جي بمباريءَ کان بچڻ لاءِ ڪنهن جاءِ ۾ پناهه وٺي، هو جيپ ۾ ويٺو رهيو. انڌن بمبارن ان جيپ کي فوجي جيپ سمجهيو هوندو ۽ مٿس حملو ڪيو يا وري انڌو بم اچي سندس جيپ کي لڳو هوندو.

Gul Hayat Institute

ان تہ واتي سان جڏهن بہ گذرندو آهيان تہ قل ضرور پڙهندو آهيان. 1971ع جي ڊسمبر ۾ مان پيلي کاتي ۾ عبدالغفور شيخ صاحب ۽ قاسمي صاحب وٽ آر ايف او (زير تربيت) سکر ۾ هيس. جهازن جو اهو تماشو اسان بہ ڏسندا هئاسون. جڏهن جهاز بمباري ڪري هليا ويندا هئا تہ اسان جي جوڌن جون اينٽي ايئر ڪرافٽ بندوقون پوءِ ٺڪاءُ ڪنديون هيون.

1977ع ۾ ممتاز ڪوکر شهيد جو وڏو ڀاءُ انور علي ڪوکر بہ اتي ايس ڊي ايم/ اي سي روهڙي ٿيو. ان زماني ۾ منظور علي اعوان سکر جو ايس ڊي ايم/ اي سي هيو ۽ مان واپڊا ۾ لئنڊ اڪئيزيشن آفيسر هيس. انور صاحب سٺو دوست آهي. اڄا تائين نڀائيندو اچي.

سکر جي وڏي انتظامي تاريخ آهي، جنهن جو ذڪر اڳتي مناسب جڳهہ تي ڪندس.

ٻئي ڏينهن تي آفيس ۾ آيس. تقريباً اڌ کان وڌيڪ واقف هئا. پي اي آصف بہ هيو. جيڪو خيرپور جي زماني ۾ منهنجي جاسوسي ڪندو هيو ۽ ڪمشنر ۽ مون کي ويڙهائيندو هيو. اي ڊي اوز سان ملاقات ٿي. مبين صاحب ۽ خالد شيخ سان ملاقات ٿي چڪي هئي. اهم اي ڊي او ورڪس غلام علي عباسي صاحب سان ملاقات ٿي. پاڻ مهر صاحب جو پراڻو نيازمند هيو. ڪيس ڊيپوٽيشن تي سوئي گئس کان گهرائي، اهم ترين پوسٽ تي لڳايو ويو هيو. مهر صاحب کان پوءِ ڪيس هٽايو ويو. پر واپس نہ ويو. هيپاٽائيٽس ۾ فوت ٿي ويو. اي ڊي او هيلٿ پراچا صاحب هيو ۽ تعليم جي اي ڊي او محترمہ رفيہ ناز پناڻ، جيڪا خيرپور ۾ وومين ڪاليج جي پرنسپال هئي، سان بہ ملاقات ٿي. ساڻس اسان جا فيملي تعلقات هئا. منهنجا پيارا دوست مستان علي ڪوکر جيڪو رتيديري ۾ گڏ پڙهيو هيو اهو ڊي او ويٽرنري هيو رحيم بخش اعوان صاحب، مون سان پيلي کاتي ۾ گڏ هيو، اهو ڊي او فاريسٽ هيو. اعوان صاحب مشهور وڪيل ۽ سينيٽر امداد علي اعوان جو ڀاءُ ۽ سيد خورشيد شاهہ جو ماسات آهي. پاڻ چيف ڪنزرويٽر تي رٽائر ڪيائين. ابوبڪر بلو اي ڊي او فنانس هيو. عباسي صاحب کان اڳ ۾ سيد سرفراز شاهہ اي ڊي او ورڪس هو.

ضلعي حڪومت ۾ اصل ڪم تہ ڊيولپمينٽ، ترقي ۽ فنانس (پيسن) تي ڪنٽرول ڪرڻ جو ۽ صحيح نموني ڪم هلائڻ جو آهي. قاعدن ۽ قانونن موجب خرچ ڪيل هجي. رڪارڊ رکيل هجي، واڻيو بہ خرچ ڏينگ سان ڪندو آهي.

خوشنصيبيءَ سان ڊي سي او ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي مون کي پلاننگ ۽ فنانس جو چڱو خاصو تجربو هيو. ڊسمبر 2003ع کان آڪٽوبر 2004ع تائين منهنجو وقت گند صاف ڪرڻ ۾ لڳي ويو. سائين ناصر شاهہ ۽ ايڊيشنل چيف سيڪريٽريءَ سرور ڪيڙو صاحب جي مدد سان مشڪل سان وڃي ريل کي پٽريءَ تي آندو ۽ پراڻن وقتن ۾ ٿيل غيرقانوني



اسڪيمن تي ٿيل خرچ کي وڃي سڌو ڪيو.

راهو خان بروهي، جيڪو ڪي بي رند صاحب جي ڪري بہ دوست هيو اهو نئين سسٽم موجب سکر ريجن جو آر پي او (RPO) ايڊيشنل آءِ جي هيو. ان جو گهر ڊي سي او جي گهر جي پويان، پراڻو ڊي آءِ جي هائوس هيو. ان جي سامهون ۽ پويان سگهارن ادارن جا سربراهہ رهندا آهن. انهن جون آفيسون بہ اتي آهن. هو بہ اسان جي نظر ۾ ۽ اسان سندن نظر ۾ هڪ ٻئي وٽ ايندا رهندا هئاسون. مون سان سندن رويو مددگار وارو ۽ مثبت رهيو.

مون ٻيا تعلقہ تہ ڏٺا هئا، پر صالح پٽ نہ ڏٺو هيو. نالي مان ئي لڳي ٿو اهو واريا سو پٽ هيو. پر هينئر پاڻي پهچي ويو آهي. آبادي ٿئي پئي ۽ زمين ڏاڍي سٺي ۽ زرخيز آهي. سڄو تعلقو گهمي ڏٺو. هن جي ڏکڻ طرف خيرپور جو نارو تعلقہ آهي. جتي مان اڳ ۾ نوڪري ڪري آيو آهيان.

ايڊمنسٽريشن ۾ ٻن شين جو خيال رکڻ گهرجي. هڪ تہ ان علائقي جي زمين جي ۽ ٻيو عوام جي ڄاڻ. جيستائين آفيسر زمين ۽ عوام کي چڱي طرح نہ سڃاڻندو، تيستائين ان علائقي جو انتظام نہ هلائي سگهندو. فيلڊ آفيسر لاءِ ضروري آهي تہ حد کان واقف هجي.

## لبِ مهراڻ

چيف منسٽر مهر صاحب کي خيال آيو تہ ڪنهن سبب لبِ مهراڻ اجڙي ويو آهي، ان کي ٻيهر اوج ڏيارجي. مون کي حڪم ٿيو. ڪم شروع ڪري ڇڏيوسي. پيسا پورا اسڪيم جا اچي ويا. مون تي بار رکيو ويو تہ مان ان اسڪيم کي ذاتي نظرداري ۾ پورو ڪرايان. ٺيڪيدار سٺو ڳولهيو. ان کي ٺيڪو ڏنو ڪيس ٽن مهينن ۾ ڪم مڪمل ڪرڻو هيو. مون پنهنجو اهو اصول ناهي ڇڏيو تہ آفيس وڃڻ لاءِ نڪرندو هئس تہ اسڪيم جو جائزو وٺي پوءِ آفيس ويندو هيس. واپس ايندي بہ اسڪيم جو چڪر ڏبو هيو. نتيجا بهتر اچي رهيا هئا. هڪ دفعي، سي ايم صاحب پاڻ بہ سرزمين تي بريفنگ ورتي ۽ اسڪيم جو جائزو ورتو ۽ اسڪيم کي بهتر ڪرڻ لاءِ وڌيڪ حڪم ڏنا. ٽن مهينن ۾ اسڪيم مڪمل ٿي وئي. پاڻ ان جي پيڙهہ جو پٿر بہ رکيو هئائون ۽ هاڻي ان جو افتتاح بہ ڪيائون. رکيل پيسن مان ڪجهہ پيسا بچاياسون. انهن بچيل پيسن مان "ماما علي بخش" جي گهر ڏانهن ويندڙ روڊ تي Gate دروازو باب سردار علي محمد خان مهر ٺهرايوسون. ماما علي بخش نيڪ ۽ دلچسپ ماڻهو آهي. مهر صاحب جو مامو آهي، تنهن ڪري ننڍا وڏا ڪيس مامون ڪري سڏيندا آهن. پنو عاقل گيريزن ۾ بہ ڏاڍو مقبول آهي. ان جي ڪينٽونمينٽ جي بورڊ جو ميمبر آهي. پاڻ گيريزن ۽ مهر صاحبان جي وچ ۾ پل جو ڪم ڪندو آهي.

Gul Hayat Institute

هر ڪنهن جو مددگار ۽ ڪنهن کي به اهنج نه ڏيڻ وارو ماڻهو آهي. مامي سان هاڻي به ملاقاتون ٿينديون آهن.

## سي ايم جو پروٽوڪول

جڏهن منهنجي چارج وٺڻ کان پوءِ مهر صاحب سکر ايئرپورٽ تي آيو ته مون خبر ورتي ته پير ضياءَ صاحب ۽ مبين خان جي پروٽوڪول ڏيڻ جو ڇا طريقو هيو. خبر پئي ته پير صاحب پنهنجي گاڏيءَ ۾ پنهنجي ضلعي جي حد تائين سي ايم صاحب جي گاڏيءَ جي پويان ويندو هيو. جتي سندس ضلعي جي حد پوري ٿيندي هئي اتان موٽ ڪائيندو هيو. باقي مبين خان پنهنجي گاڏيءَ ۾ گهوٽڪي يا خانگڙهه تائين ويندو هيو. اتي کين خدا حافظ چئي پوءِ موٽيندو هيو. مون کي پير ضياءَ وارو بندوبست مناسب لڳو. گاڏيون هليون، هلي وري رڪجي ويون. سي ايم صاحب جو پي ايس او ايس پي آزاد خان مون کي ڳولهيندي اچي لڌو چيائين ته سي ايم صاحب توهان کي سڏي ٿو. مان پهتس ته سي ايم صاحب چيو "توهان اسان سان ويهندا ڪريو."

پوئين سيٽ تي ڊي آءِ جي ۽ آر پي او ويٺل هئا. ماما علي بخش به ويٺل هيو. ماما علي بخش کي چيائون ته "توهان اچي گاڏي هلايو ۽ منگي صاحب کي پنهنجي جاءِ ڏيو."

مان ويٺس. گاڏي هلي. پوءِ اهو قاعدو ٿي ويو. سي ايم صاحب سان گهوٽڪي يا خانگڙهه تائين هلڻو هيو. گاڏي ۾ ڪي ڪم جون ته ڪي بي مقصد ڳالهيون به ٿينديون هيون. پر اسان چيف منسٽر سان سفر ڪرڻ وارا پاڻ کي هرو ڀرو پاڳ وارا سمجهندا هئاسون. پوءِ ماني ڪارائي يا چانهن پياري مهر صاحب اجازت ڏيندو هيو.

سکر ايئرپورٽ تي به اها صورتحال هوندي هئي ته پروٽوڪول لائين ۾ پهريون آر پي او، پوءِ ڊي آءِ جي ۽ پوءِ ڊي سي او بيهندو هيو. حالانڪ ڊي سي او چيف پروٽوڪول آفيسر ۽ ضلعي جو پرنسپل ايڊمنسٽريٽو آفيسر آهي. هن جو پروٽوڪول ناظم کان پوءِ ۽ ضلعي جي هر پوليس آفيسر کان اڳ ۾ آهي. ٻن وڏن شهرن ڪراچي ۽ لاهور ۾ به اهو عمل ۾ آهي. پر هت ابتڙ هيو. هڪ اڌ ڀيرو مون اڳتي بيهڻ جي ڪوشش ڪئي ته جونيئر پوليس آفيسرن مون کي ڪور (cover) ڪيو. ڊي آءِ جي ۽ آر پي او کان اڳ ۾ نه بيهڻ ڏنو. مون ڪا اڻ ٻڻت پيدا نه ڪرڻ پئي چاهي. رب جو شڪر ڪري ٽئين نمبر تي بيهڻ تي راضي ٿي ويس. حالانڪ ان وقت مان بي ايس 20 ۾ هيس ۽ ڊي آءِ جي 19 گريڊ ۾ هيو.

*

خانگڙهه ۾ سردار علي گوهر خان مهر "گوهر پئلس" جي نالي سان محل ٺهرايو آهي. ضلع ناظم سائين ناصر حسين شاهه سان گڏ اهو محل ڏسڻ جو موقعو مليو. آسائش جي



هر ضرورت موجود ۽ ڊبل سوئمنگ پول، لفٽ، بين الاقوامي اسٽينڊرڊ جو عاليشان فرنيچر، 40 ماڻهن جي ڊائننگ ٽيبل، ڪشادو ڊرائنگ روم، 500 گاڏين جي ڪليل پارڪنگ ۽ "ڇا هئو جيڪو نه هيو؟"

## جنرل مشرف سان ملاقات

پاڪستان جو صدر صاحب محترم جناب جنرل پرويز مشرف صاحب 14 ڊسمبر 2003ع تي مانجهاندي جي دعوت تي گوهر پئلس تي تشريف فرما ٿي رهيو هو. علائقو ته منهنجو نه هيو پر هر ڪو مهمان سکر ايئرپورٽ کان ٿيندو پوءِ خانگڙهه، گهوٽڪي وڃڻو ۽ واپسي به ساڳي رستي سان ٿيڻي هئي، تنهن ڪري منهنجو ڪم وڏي ويو هيو. منهنجا اي ڊي اوز ۽ ڊي اوز پوري ديانتداري ۽ پروفيشنل حڪمت عملي سان ڪم ڪندا هئا، تنهن ڪري مون کي پڪ هئي ته هي پروٽوڪول به خير خوبي سان گذري ويندو.

سڄي سنڌ سرڪار خانگڙهه پهچي وئي هئي. صدر ٻن جهازن ۾ اچي لٿو. پهريون جهاز عملي کي کڻي آيو هيو. پاڻ ٻئي جهاز ۾ هيو. پر اسٽاف صدر صاحب جي لهڻ کان پوءِ جهاز مان ٻاهر نڪتو. اسان کي ڊي آءِ جي سميت ٽارمڪ تي وڃڻ نه ڏنو ويو. ڪجهه جنرل ٽارمڪ تي ويا. صدر صاحب لائونج ۾ آيو. اسان سان هٿ ملايائين. تعارف ٿيو. ٻئي پاسي مڙيو ته بجلي بند ٿي وئي. هڪ لمحي کان پوءِ اسٽينڊ باءِ جنريٽر آن ٿيو. صدر صاحب جا حسب معمول ڪف چڙهيل ۽ ٽوپي ٽنڊ ٿي هئي. جنرلن سان خوش گپيون ڪرڻ لڳو. هاڻي مان ۽ ڊي آءِ جي به Covered هئاسون. ايئرپورٽ تي جهاز ٽِري پاسيرا ٿي بيهي رهيا هئا ۽ آرميءَ جا هيليڪاپٽر سري اچي لائونج جي لڳ بيٺا. صدر صاحب هڪ سينڊوچ ۽ ڪاري ڪافيءَ جو اڌ ڪوپ بيٺي بيٺي پيتو ۽ مون کي ان وقت فلم 'نائيٽ آف دي جنرلز' ياد اچي وئي. جنرل هيليڪاپٽرن ۾ ورچي ويٺا. چار هيليڪاپٽر هئا. صدر صاحب جي هيليڪاپٽر ٻئي نمبر تي ٽيڪ آف ڪيو. ڊي آءِ جي صاحب به پنهنجي گاڏي ۾ گهوٽڪي لاءِ روانو ٿيو. مون چوڪاري جو ٽڏو شوڪارو ڀريو ۽ ٻه سئنڊوچ ۽ پنهنجي لاءِ ڪڙڪ چانهن ٺهرائي پيتي. مون فيصلو ڪيو هيو ته مان خانگڙهه نه ويندس.

غالب خستہ کے بغیر کون سے کام بند ہیں

طئي ڪيو ته صدر صاحب جي واپسيءَ جو انتظار سکر ايئرپورٽ تي ئي ڪندس. چانهن پي گهر آيس، مون هلڪي لنچ ڪئي، ڪجهه دير رليڪس ڪيو. باٿ ورتو. فريش ٿي ايئرپورٽ تي واپس پهتس.

4 ڪلاڪن کان پوءِ صدر صاحب جو ٻيو هيليڪاپٽر ايئرپورٽ تي پهتا. شيڊيول کان ڪجهه وڌيڪ وقت لڳي ويو هين! لائونج ۾ اچڻ بدران صدر صاحب Change over

Gul Hayat Institute

ڪري اتان ئي جهاز ۾ چڙهيو ۽ راولپنڊيءَ لاءِ روانو ٿي ويو.

## صدر تي خوني حملو

ٽن چئن ڪلاڪن کان پوءِ ٽي ويءَ تي خبر هلي ته ايئرپورٽ کان GHQ ويندي صدر صاحب جي روٽ تي بم ڦاٽو آهي. پاڻ بچي ويو آهي پر سندس قافلي جي گاڏين کي نقصان ٿيو آهي.

يا الله! مارڻ واري کان بچائڻ وارو ويجهو آهي!

جوابدار پڪڙيا ويا. خبر پئي ته اهو سڄو ڪم طالبان جو هيو. کين سزائون ڏنيون ويون ۽ سڀ جوابدار ٽنگيا ويا.

*

ڊسمبر 2003ع ۽ جنوري 2004ع جو مهينو منهنجي لاءِ ڏاڍو ڳورو ثابت ٿيو. فيملي منهنجي حيدرآباد ۾ سرڪاري گهر ۾ G.O.R. ۾ C-6 گهر ۾ رهندي ئي. منهنجي هڪ پٽ اريس خان جي عمر 7 سال ۽ علي جي عمر 3_4 سال هئي. ٻئي اسڪول وڃي رهيا هئا. فيصلو اهو ڪيو ويو هيو ته کين حيدرآباد ۾ ئي پڙهائجي ۽ اتي ئي رهن. منهنجي گهر واري جي نوڪري به حيدرآباد ۾ هئي.

*

نوابشاهه ته وري به ويجهو هيو پر سکر کان حيدرآباد وڃڻ ڏکيو ۽ ڊگهو سفر آهي. تنهن هوندي به پندرهين ڏينهين پيو پيرو ٿيندو هيو.

سکر جو گهر ڪافي ڪشادو هيو ۽ ايراضي به جهجهي هئي. جتي واڪ ڪرڻ جو مزو ئي نرالو هوندو هيو. مون سکر ۾ پنهنجا معمولات ناهي ڇڏيا هئا.

## دردِ دل

ڪجهه ڏينهن کان بي چيني ۽ هلڪو هلڪو سيني ۾ سور پوڻ لڳو. سور وڃي پيو وڌندو. بلڊ پريشر ۽ شگر ته هئي. علاج به ڪيو پئي. آخر سکر جي ڊاڪٽر رياض کي چيڪ اپ لاءِ گهرايو. هن ٽيسٽون ڪيون. چيائين انجائنا جو سور آهي. اينجيوگرافي ڪرايو. جڏهن سور پئي ته انجائسڊ جي گوري زبان هيٺان رکو. انجائنا جا حملا وڌندا ويا.ان جي ڪري به ڏينهن موڪل وٺي، حيدرآباد آيس. ڊاڪٽر نور محمد ميمڻ سان پروگرام رکيو ته ريڊ ڪريسينٽ اسپتال حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر فضل سان مشورو ڪجي ۽ چيڪ اپ ڪرائجي. ڊاڪٽر صاحب وٽ مان ۽ ڊاڪٽر نور محمد ميمڻ پهتاسون. ڊاڪٽر نور محمد سيني آفيسرن جو دوست ۽ معالج آهي. سندس گهر واري ڊاڪٽر آمنه اسان جي زالن جي ڊاڪٽر آهي. ڏکي سکي وقت ٻئي زال مڙس اسان جي علاج لاءِ مڙني



کان اڳتي هوندا آهن. هاڻي ته مان ڪراچيءَ ۾ ٿو رهان. پر ڪنهن علاج يا صلاح مشوري لاءِ هاڻي به ڊاڪٽر نور محمد وٽ ويندو آهيان.

## هارٽ اٽيڪ دل جي اسپتال ۾

ڊاڪٽر فضل چيڪ ڪيو. اينجيو گرافيءَ جي صلاح ڏنائين. سندس چيمبر ۾ چانهن پي رهيا هئاسون ته شديد سور محسوس ٿيڻ شروع ٿيو. مون رڙ ڪري ڊاڪٽر فضل کي ٻڌايو "ڊاڪٽر دل ۾ سور اچي پيو." ڊاڪٽر چيمبر ۾ رکيل بيڊ تي ليٽائي بلڊ پريشر ڏٺو. چيائين "هارٽ اٽيڪ" آهي. مارفين جي انجيڪشن هڻي، بي هوش ڪري ڇڏيائين. عجيب اتفاق هيو ۽ الله پاڪ جي مهرباني هئي. جيڪڏهن ٻيا ٽائيمنگ هجن ها ته ڪجهه به ٿي سگهيو پئي. جڏهن مون کي هوش آيو ته سڀ گهر وارا، زال، ٻار ٻيا مٽ مائٽ هجوم ڪيون منهنجي چوڌاري بيٺا هئا. هاڻي مان settled هيس. مسڪرائي پڇيومانِ: "چو منهن لٿل آهن؟ مان ته ٺيڪ آهيان." سندن وايون بتال هيون. منهنجي ڳالهائڻ تي کين دلداري ملي. ان ڏينهن شام جو ڊاڪٽر فضل مون کي آغاخان اسپتال روانو ڪري ڇڏيو. پاڻ منهنجي فائيل سان تعارفي خط ۽ ڪيس هسٽري لکي ڊاڪٽر فهيم جعفريءَ ڏانهن ريفر ڪيائين. اول ته آغا خان وارن ٽيسٽون ڪيون. ڊاڪٽر فهيم جعفري به آيو. شاندار ۽ همدرد نوجوان ۽ پنهنجي ڪم جو ماهر لڳو پئي. ٻئي ڏينهن فيصلو ٿيو ته انجيوگرافي ٿيندي مون کي اهو به ٻڌايائين ته جيڪڏهن ضرورت محسوس ٿي ته تنهنجي صلاح سان انجيو پلاسٽي ڪنداسون. پر جيڪڏهن ان پروسيس دوران ايمرجنسي ٿي. ٻاءِ پاس ڪرڻو پيو ته ان لاءِ به اسان وٽ تياري ۽ سرجن آن ڪال آهن. هر ممڪن ڪوشش ڪري توهان جو بهتر کان بهتر علاج ڪنداسون.

## اينجيو پلاسٽي

وڌيڪ چيائون ته منهنجي شگر ۽ بي پي وڌيل آهن. اهي نارمل ٿين ته پراسيس شروع ڪندا. دوائن جو ڊرپ لڳايائون. ٻئي ڏينهن تائين ڪنڊيشن نارمل ٿي وئي. 10 تاريخ جنوري 2004ع تي اٺين وڳي منهنجو انجيوگرافي/ پلاسٽي جو پروگرام رکيو ويو. مون کي منهنجي ڪمري ۾ تيار ڪريءَ آپريشن ٿيٽر ۾ آڻي رهايا هئا. منهنجي زال ۽ ٻار آلين اکين سان ٻاهر ورانڊي ۾ هئا. مون کين smile ڏني. منهنجي زال به مسڪرايو پر اکين مان ڳوڙها ڪري پيس. منهن ڪٽي ٻئي پاسي ڪيائين. اهو جنوري مهيني جو ٿڌو صبح هيو. هو ورانڊي ۾ بيٺا هئا، ٿڌ کان ٿڌي هوائن کان بي خبر. منهنجي اسٽريچر کي آپريشن ٿيٽر ۾ رکيائون. لاٿئون آن ڪيائون ڊاڪٽر ماسڪ هيٺ ڪرڻ وارا هئا ته مون ڊاڪٽر فهيم جعفري ڏي منهن ڪري چيو:

Gul Hayat Institute

*"ڈاکٹر صاحب! میرے بچے سردی میں وراندے میں کھڑے ہیں' پلیز ان کا کہیں مناسب جگه پر بیٹھنے کا بندوبست کریں."*

ڊاڪٽر چيو ته "توکي هن وقت به انهن جو فڪر آ! ڳڻتي نه ڪر، هو مانيٽر روم ۾ آهن. مانيٽر تي تنهنجو پراسيس به ڏسندا ۽ شيشي مان توکي ڏسي به رهيا آهن ۽ تون به ڪين ڏسي سگهين ٿو!" مون سڄي طرف ڪنڌ موڙيو ته منهنجي زال، ٻار ۽ نسيم ڪرل جي نياڻي فريال، جيڪا منهنجي زال جي ڀاڻتي آهي، نظر آيا. مون مسڪرائي ڪين هٿ لوڏيو هنن به هٿ لوڏيو. ڏٺم ته هو چپن ۾ ڪجھ دعائون پڙهي رهيا هئا. دل ۾ درد جو ڪيڏو ويجهو ناتو آهي. تڪليف ۾ الله جي ذات به ياد اچيو وڃي. جڏهن به دل ۾ درد ٿئي ٿو ته دل وارن کي به تڪليف ٿئي ٿي، جيڪي دل ۾ رهن ٿا.

ڊاڪٽر فهيم مون کي بريف ڪيو ته "اسان تنهنجي جسم کي پورو نه، پر رڳو وچ وارو حصو سُن ڪنداسون. تون هوش ۾ ئي هوندين. تنهنجي مٿان جيڪو مانيٽر لڳل آهي. ان ۾ تون پراسيس ڏسي سگهندين. مان تو سان ضرورت آهر ڳالهائيندو رهندس. هي صرف پندرهن منٽن جو ڪم آهي."

هن هڪ وڏي سوئي 'انجيڪشن' ساڄي نري وٽان منهنجي رڳ ۾ داخل ڪئي، جيڪا سفر ڪندي منهنجي دل تائين پهتي. جيڪي آرٽريز بند هيون، انهن ۾ بلاڪيج نظر آيو. ڊاڪٽر ٻڌايو ته ٻه آرٽريز ۾ بلاڪيج آهي. هڪ ۾ سٺ سيڪڙو ۽ ٻئي ۾ چاليهه سيڪڙو. اسان فيصلو ڪيو آهي ته جنهن ۾ 60 سيڪڙو بلاڪيج آهي ان ۾ انجيو پلاسٽي ڪرڻ گهرجي. بشرطيڪ، تون راضي هجين. مون اڳ ۾ ئي فيصلو ڪري ذهن ناهي ڇڏيو هيو. مون ها ڪار ڪري ڇڏي. هنن پنهنجو پراسيس اتان ئي شروع ڪيو. جتي پهريون حصو مڪمل ڪيو هئائون. هاڻي جيڪو بلاڪيج هيو ان کي سئي سان صاف ڪري ڳاري ان تي هڪ Stunt لڳايائون ته جيئن ان جڳهه تي چربي وري نه اچي جمي. ان ڪم ۾ به ڪين پندرهن منٽ لڳا. مون کي پنهنجي ڪمري ۾ شفٽ ڪيائون. چيائون ته جتان انجيڪشن نري مان پاس ڪيو آهي، ان جو خيال ڪجانءِ سڌو ليٽيو رهجانءِ. اهو ڪم ڏاڍو تڪليف وارو هيو.

ٻن ڏينهن کان پوءِ مون کي فارغ ڪيو ويو. ان هدايت سان ته مهيني کان پوءِ ڪجھ ٽيسٽون ڪرائي حاضر ٿيان ڪجھ ڏينهن حيدرآباد ۾ رهيس. سکر ۾ آفيس جي ياد ستائڻ لڳي. هن دفعي فيملي به گڏ آئي هئي، ڪجھ ڏينهن مون سان سکر ۾ رهيا. خدا جي مهربانيءَ سان، ٻي احتياطين ۽ ٻي پرهيزيءَ جي باوجود 12



سالن تائين اڃا خيريت رهي آهي. شگر ۽ بلڊ پريشر ڪڏهن ڪڏهن پريشان ڪن ٿا. گذرندڙ عمر کي روڪڻ جو علاج موت کان سواءِ ٻيو ڪونه آهي. شڪر رب پاڪ جو اڃان هلان چلان پاڻ ٿو. ڪائنس دعا آهي ته هلندي هلائيندو. ڪنهن جو محتاج نه ڪندو!

*

ان بيماريءَ ۾ اسپتال دوران به ٽي پيرا سي ايم صاحب سردار مهر فون ڪري طبيعت پڇي ۽ سرڪار کي حڪم ڪيائين ته منهنجي علاج جو خرچ ڀريو وڃي، جنهن جو مان سرڪاري ملازم هوندي حقدار هيس. سرڪار هڪدم ته پيسا ڪونه ڏنا. جڏهن آغا خان اسپتال مان 380000 روپيين جو بل مليو جيڪي پيسا ڀيريا.

انهن 380000 مان سنڌ سرڪار مون کي 200000 ادا ڪيا. باقي هڪ لک اسي هزار منهنجي دوست ملڪ اسرار سيڪريٽري ناٽي ڪاٽي روڪي ڇڏيا. ڇئي سرڪاري اڳهه اهو آهي! ڇا ته اسان جي سرڪار جي آفيسرن جي معصوميت آهي.

پوءِ جڏهن مان سيڪريٽري جنرل ايڊمنسٽريشن ٿيس ته ملڪ صاحب اهي هڪ لک اسي هزار جا بل هڪ فون ڪال تي منظور ڪري چيڪ موڪلي ڇڏيو. ڇو ته بطور سيڪريٽري (G.A)سنڌن بل ۽ بجيٽ پاس ڪرڻ منهنجو اختيار هيو. ان کي چئبو آهي دنيا دورنگي!

*

سائين ناصر شاهه جي به مهرباني جو هو اسپتال ۾ به حال احوال وٺڻ ايندو رهندو هيو ۽ آفيس ۾ واپس اچڻ کان پوءِ به خيال رکندو هيو.

*

## دارالامان سکر

سکر ۾ دارالامان ۾ مسئلو ٿي پيو. مايون اڏامي ويون. جيڪي ڪورٽ جي طرفان عورتون سنڀال لاءِ درالامان ۾ داخل ٿين ٿيون انهن جو ڪهڙو پروسو. هڪ ته دارالامان ۾ ڪاڌ خوراڪ ۽ رهائش جون سهوليتون پوريون ساريون. سنڀال لاءِ نامناسب بندوبست، ڪٿي ڪٿي پوليس ته مقرر ٿيل آهي. آفيسر انچارج، آفيس ٽائيم کان پوءِ گهر هليا وڃن. باقي ڪا پٽيوالي موجود ته سندس اهي آيل مايون ڪهڙيون ڪاڻ ڪيندي. اهي ته موقعا پئي ڳوليندي. سندن ڪو واقف جنهن جي ڪري هو گهر ڇڏي نڪتيون هيون، ان جو سهارو ملي وڃي ته واهه واهه. اڄ ڪلهه موبائيل فون ته وڏيڪ سهوليتون پيدا ڪري ڇڏيون آهن. دارالامان ته نه گهر،

Gul Hayat Institute

ءِ نہ ئي وري اتي ڪا امان. مون کي ڪجهہ پراڻو تجربو هيو. سماجي ڀلائي کاتي جو جتي مون ٻہ سال گذاريا. ان دوران مون هوم ڊپارٽمينٽ کي لکيو هيو تہ دارالامان جو اهو فنڪشن يا ڪم الڳ ڪيو وڃي جنهن ۾ تڪراري عورتون، جن کي ڪورٽ سڳوري دارالامان جي حوالي ڪري ٿي، انهن کي هوم يا جيل کاتي جي حوالي ڪيو وڃي ڇو تہ انهن جي حفاظت ۽ رکوالي جو بار ڪنهن مضبوط اداري جي حوالي هجي. باقي جيڪي غريب غربيون عورتون آهن، بنا ڏٽي سائينءَ جي اهي دارالامان ۾ رهن. ان ڏس ۾ جيڪو دارالامان جو مئنڊيٽ آهي، اهوِ اهو آهي. پر الائي ڪهڙي ڏينهن کان اها پريڪٽس شروع ٿي وئي جو تڪراري عورتون بہ دارالامان جي حوالي ٿيون. ڪورٽ جو حڪم سمجهي دارالامان جي آفيسرن انهن عورتن کي واپس ڪرڻ جي همت نہ ڪئي. پر هاڻي بہ ان ڳالهہ جي ضرورت آهي تہ ان نظام تي وڏيڪ نظرثاني ڪرڻ گهرجي.

سماجي ڀلائي جي کاتي ماني ٽڪي ۽ ٻين ضرورتن جو انتظام ڪرڻ جي بدران اهو غيررسمي طرح اين جي اوز جي حوالي ڪيو آهي تہ انهن عورتن جو ماني ٽڪيءَ جو خيال اهي اين جي اوز ڪن.

مان سکر ۾ دارالامان جي بجيٽ وڌائي ڏهوڻي ڪئي هئي. بلڊنگ جي مرمت ڪرائي، پٽيون وڌيون ڪيون، ڪمرن کي رنگ روغن ڪيو، باٿ رومن کي بهتر ڪيو. ٻہ ٽيليويزن ڏنيون، اخبارون ڏنيون، مانيءَ لاءِ بہ عورتون ملازم رکيون. اندر ليڊي پوليس مقرر ڪرائي، ٻاهر جي پوليس جي نفري وڌرائي، ٻيون جيڪي سهوليتون ممڪن هيون انهن جو بندوبست ڪيو. ڪجهہ سمجهدار ليڊي ڪائونسلر نسيم شيخ، ثمينہ، سلميٰ ۽ ٻين کي دارالامان جي نظرداري ڏني. ڊسٽرڪٽ آفيسر روينيو سعيد منگنڻيجو کي هدايتون ڏنيون تہ هو هر مهيني وزٽ ڪري پنهنجي رپورٽ سڌي طرح مون کي موڪليندو رهي. پر پوءِ بہ اهو واقعو ٿيو ۽ عورتون اڏامي ويون. انسان کي توهان سندس مرضيءَ کان سواءِ ڪيترو قيد ۽ بند ۾ رکي سگهندا.

اهو واقعو ايترو پکڙجي ويو جو چيف منسٽر ارباب غلام رحيم لاڙڪاڻي ۾ آيو تہ مون کي ۽ دارالامان جي انچارج ميڊم کي لاڙڪاڻي گهرايائين. مائي صاحبہ جو ٻڌو تہ ذري گهٽ بيهوش ٿي وئي. اڳ ۾ ئي ارباب صاحب جو سختيءَ جو ٻڌي چڪي هئي. وري جو خيال اچيس تہ جڻ سامت کان نڪري وڃي. آخر هن کي آسرا ڏئي وٺي آياسون. مون هڪ صفحي جي رپورٽ بہ ٺاهي هئي، جنهن ۾ انهن مڙني ڪارائتن قدمن جو بہ ذڪر هيو، جيڪي مون ضلعي حڪومت جي طرفان ڪيا هئا.

ارباب صاحب کي مون بريف ڪيو، حالات کان ڪيس واقف ڪيو. رپورٽ



پڙهيائين، مطمئن ٿيو. منهنجي ان راءِ سان بہ متفق ٿيو تہ سسٽم کي بهتر ڪجي باقي اتي جي اسٽاف جو ڏوهہ ڪونهي.

## ارباب صاحب چيف منسٽر ٿي ويو

ڪنهن تي ڪو اثر نہ پيو، ڪنهن جي لاءِ ڪو فرق نہ پيو. صرف سردار مهر صاحب کي بدلي ڪري رپورٽ ڪرايو ۽ ارباب صاحب کي وڏو وزير ڪيو ويو. نہ سنڌ بدلي نہ سنڌ وارن جا حالات. نہ وزارتون، نہ وزير، نہ ايم ڪيو ايم وارا ۽ نہ ئي سنڌن وزارتون بدليون. هو ويتر وڌيڪ زبردست ۽ سگهارا ٿيندا ويا.

## چيف منسٽر جو مون سان پنهنجائپ جو اظهار

سي ايم ٿيڻ کان پوءِ ارباب صاحب جو لاڙڪاڻي جو اهو پهريون دورو هيو. بريفنگ کان پوءِ مون اجازت طلبي تہ پاڻ مون کي روڪيائين "ميٽنگ کان پوءِ اڪيلو ڳالهائڻ جو چيائين." مان ارباب صاحب جي ميٽنگ پوري ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس.

ميٽنگ سياسي بہ هئي، انتظامي بہ هئي. ميٽنگ پوري ٿي تہ پاڻ ٽارمڪ جي طرف هلڻ لڳو. اسان بہ سڀ سندس ڪڍ. سياسي ماڻهو ۽ انتظامي آفيسر بہ. لاڙڪاڻي جو پي پي کان سواءِ هر سياسي ماڻهو موجود هيو. لائونج جي دروازي کان نڪرندي منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيائين. ٻاهر نڪتاسون. مون کي پاسيرو وٺي هليو. چوڻ لڳو "ان وقت لاءِ دعائون گهريون هيون سي، الله پاڪ مهرباني ڪئي."

ٻيون بہ ڪيتريون غير رسمي ۽ غير اهم ڳالهيون ڪيائين. هنن ڳالهين جو بظاهر ڪو مقصد نظر نہ آيو. ٻين کان موڪلائيندي ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي کي سڄي راڄ جي روبرو امن امان جي ڪري چنڊ پٽيائين. جهاز ۾ چڙهندي مون کي چيائين "جلدي سکر ايندس، ٻي ملاقات اتي ٿيندي!"

سردار علي محمد خان مهر جي چوڻ تي ڪي بي رند صاحب جي بدلي ٿي وئي. ۽ ان جي جاءِ تي متوڪل قاضي، پلاننگ جو 22هين گريڊ جو سيڪريٽري، سنڌ جو چيف سيڪريٽري ٿي ويو. اها بدلي ايترو جلدي ۽ ڳجهہ ڳوهہ ۾ ٿي جو رند صاحب جي تمام گهڻن واسطن هوندي بہ تڏهن ڪيس خبر پئي، جڏهن هو اسلام آباد ميٽنگ لاءِ وڃي رهيو هيو. اتي ئي مهر صاحب جو داءُ هلي ويو هيو. پيچ ڊاهہ جڏهن رستو ڏسي ٿي تہ پوءِ عادي ٿي وڃي ٿي. ڪي بي صاحب سال کن چيف سيڪريٽري سنڌ رهيو.

مهر صاحب مان پي پي بہ خوش ڪونہ. ايس ڊي اي جا سربراهہ ۽ ساٿي بہ گهٽ خوش. امتياز شيخ صاحب جنهن لاءِ چيو پئي ويو تہ سي ايم هائوس ۾ سندس نوازيل ماڻهو اچا ويٺل هئا. ان مهر صاحب کي ڊي اسٽيبلائيز ڪرڻ ۾ اهم رول ادا ڪيو. وڏو

Gul Hayat Institute

ڏک تہ ارباب صاحب کي آيو هيو جو چيف منسٽري سنڌس کن تان وئي هئي. ان کي ورڪس ۽ سروس/ ڪميونيڪيشن جو کاتو مليو هيو. جنهن تي هو بظاهر راضي ٿي چپ ڪري سنڌ جا دورا ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجو ڪم ڪري پاڻ کي هارڊ ٽاسڪ ماسٽر، سخت منتظم ۽ ايماندار وزير طور مڃرايو ۽ اهي ئي تاثرات عوام ۾ بہ ناهيا. سنڌ ۾ هڪ ممتاز علي خان ڀٽو ۽ ٻيو ڄام صادق علي خان سنڌس بہ وزيراعليٰ رول ماڊل هئا. وزارت ۾ بہ انهن جا جلوہ ڏيکاريندو هيو.

مهر صاحب نوجوان، ناتجربيڪار. انتظاميہ ۾ نہ تہ ڪو آفيسر گهڻو واقف، سڄڻ ۽ خير خواهہ ڪونہ. ڦهريان ٻئي جيڪي پنهنجا سيڪريٽري رکيائين. اهي بہ سنڌ کان سنڌ جي سياست ۽ انتظاميہ کان گهٽ واقف ۽ گهٽ نيڪ نام. صحيح صلاح ڏيڻ جهڙا ڪونہ. سياسي ڪم سنڌس پاءُ سردار علي گوهر خان ۽ سيد ناصر شاهہ جي حوالي هئا. اهي ٻئي برجستا ماڻهو پر خبر ناهي ڪٿي خرابي ٿي يا سنڌن مشوري تي گهٽ عمل ٿيندو هيو. ٻيو ڪردار بہ ان سڄي ڊرامي ۾ داخل ٿي ويو هيو سنڌ ۾ جنهن لاءِ چوندا هئا:

"اوپر خدا، نيچي هُديٰ"

## برگيڊيئر هُديٰ!

برگيڊيئر (ر) هديٰ جو انتظاميہ ۾ عمل دخل وڌي ويو هيو. هر ڪو حيران ۽ پريشان هيو. پر جيستائين جنرل صاحب صدر رهيو تيستائين سنڌ جو انتظام ايئن ئي هلندو رهيو.

جڏهن پروسيس ۾ پيچ ڊاهہ شروع ٿي وڃي ٿي تہ پوءِ مڪمل تباهي ٿيندي آهي. مهر صاحب ڏيڍ سال پوروئي نہ ڪيو هيو جو وڏ وزارت جي تبديليءَ جا گهنڊ وڄڻ لڳا. ارباب صاحب کي خاموشي ۽ محنت جو ڦل مليو. سنڌ جي وڏ وزارت جو تاج سنڌس سِرَ تي رکيو ويو. ارباب صاحب پاڻ جنرل يوسف جهڙي واري کي نام بر ڪيو هيو ۽ سنڌس مهرباني سان هما سنڌس ڪلهي تي ويٺو. ان وقت جنرل يوسف (وائيس چيف آف آرمي اسٽاف) ۽ فل جنرل هيو. سنڌ جا ماڻهو ويڳاڻا هئا. جو سنڌ جي قسمت جا فيصلا ايئن ئي اسيمبلين کان ٻاهر، ماڻهن جي مئنڊيٽ کي لتاڙي ڪيا ويندا هئا.

## CM سکر ۾

ارباب صاحب جڏهن ڦهريون دفعو سکر آيو تہ آفيسر تڙي پکڙي ويا. جيڪي اڳ ۾ مهر صاحب جي دور ۾ ڳاهٽ ٿيندا هئا، اهي ماڻهو هاڻي هڪ ٻئي ۾ لڪي رهيا هئا. ڊي آءِ جي ۽ آر پي او صاحب اهو چئي ڏکوڏئي مون کي اڳتي ڪيو تہ پروٽوڪول آرڊر بدلجي ويو آ. ارباب صاحب جي تہ عادت ٿي وئي هئي تہ جنهن بہ ايئرپورٽ تي لهندو هيو هڪ ٻن



آفيسرن کي داٻا ڏئي ڇڏيندو هيو. پوءِ سڄو ٽوٽر ڏاڍو سڪون جو گذري ويندو هيس.

سکر ايئرپورٽ تي لٿو تہ سيني سان مليو. مون کي لاڙڪاڻي وانگر هٿ هٿ ۾ ڏئي حال احوال ڪرڻ لاءِ گپ شپ لاءِ پاسيرو ٿي بيٺو. سڄي بيورو ڪريسي اهو لقاءُ ڏسي رهي هئي. انهن ۾ ڳجها ادارا بہ شامل هئا. مون چيو يا الله خير! منهنجو کاتو ان ڏينهن کان ڪلي ويو هوندو. لائونج ۾ اچي ويٺو. آفيسرن سان غير رسمي حال احوال ڪيائين. سرڪٽ هائوس تي پهتو. امن امان ۽ ترقياتي ڪمن بابت ميٽنگ ڪيائين. ڪن کي داٻا تہ ڪن کي دٻون. شاٻس تہ ڪنهن کي بہ ملٽي ڪونہ هئي، بهرحال ٽوٽر ڪامياب ٿيو.

رات جو ارباب صاحب سان ڪلئي دل سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي. پڇيائين تہ توهان جو پوسٽنگ جو ڇا ارادو آهي. چيم "نوڪريءَ جا پويان باقي ڪي بہ ٽي سال رهيا آهن. سيڪريٽري ٿيڻ ٿو چاهيان."

"ڪٿي؟"

مون چيو "ايم ڪيو ايم جي وزارتن کان علاوہ ڪٿي بہ. مثلاً: ايگريڪلچر، تعليم ...."

چيائين تہ: "بس تنهنجي لاءِ تعليم ٺيڪ آهي". تنهنجي ڊاڪٽر حميدہ کهڙو سان واقفيت هوندي، توهان جي ضلعي لاڙڪاڻي جي آهي. تعليم جي اها وزير ٿيڻ واري آهي، ان سان ڳالهاءِ!"

مان حيران ٿي ويس، "سائين! جيڪڏهن مان شرطن شروطن تي آيس تہ مون مان توهان چڱائي جي ڪهڙي اميد رکندا؟ مان پوءِ پنهنجي مرضيءَ سان تہ ساهہ بہ نہ کڻي سگهندس. توهان ڳالهايوس!"

چپ ٿي ويو. ڳالهہ اڌ ۾ رهجي وئي. انهن ڏينهن ۾ منهنجي خلاف نائب ناظم اقبال پاڪ والا اخباري مهم شروع ڪئي هئي. هر قسم جي پروپئگنڊا...... مثلاً آفيس ۾ ٽي وي ٿو ڏسان، ڪائونسلرن سان نٿو ملان، ماڻهن جو ڪم نٿو ڪيان، گهر ۾ راڳ جون محفلون ٿو ڪريان، سڄي ضلع گورنمينٽ جا آفيسر ڪرپٽ آهن...! دراصل اسان جي نائب ناظم، پنهنجي بدران ڊي سي او ۽ ضلع ناظم جا اختيار استعمال ڪرڻ شروع ڪيا. ناصر شاهہ صاحب بہ چپ ڪري ويهي رهيو. مان سنڌس رستي جو پٿر بڻجي ويس. ڪيس چيو تہ "توهان پنهنجو ڪم ڪيو اسان کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏيو. توهان کي ڪو فائدو گهرجي تہ ٻڌايو. ممڪن هوندو تہ توهان جو ڪم ڪنداسون نہ تہ Sorry." چيف منسٽر صاحب اها بہ ڳالهہ ڪڍي، پاڻ ئي چيائين تہ "هُو ڇريائپ ٿو ڪري. هن کي سياسي ٺيڪ آهي، تنهنجي لاءِ مسئلا پيدا ڪرڻ ٿو چاهي. هو ٻين جي ڪمن ۾ دخل اندازي ٿو ڪري. مون کي سڄي خبر آهي."

Gul Hayat Institute

اسان کي اها خبر هئي تہ سي ايم سچ لٿي جي نماز پڙهي روانو ٿيندو. پائليٽ بہ ايئرپورٽ تي موڪلي ڇڏياسون. پر پاڻ دير ڪندو رهيو. ماني رات جي ڪونہ ڪرائي هئيسون. مون جلدي گهر ۾ ماني ڪرائي ورتي جيڪو سرڪٽ هائوس جي پرسان آهي.

ارباب صاحب قيمون، تازي روٽي، چانور ۽ دال شوق سان کائيندو آهي. مانيءَ جي طلب ٿي، مان کين ڊي سي او هائوس تي وٺي آيس، اتي گهر جي سادي ماني کاڌائون ۽ ايئرپورٽ لاءِ روانا ٿي ويا. رات جا ٻارهن پيا ٿين. رستي ۾ چيائين تہ ”سول اسپتال وزٽ ڪندس.“ اتي ايم ايس ڊاڪٽر خالد شيخ هيو امتياز شيخ جو مائٽ! ظاهر آهي اڌ رات جو اوچتو دورو ڏکيو ئي ٿيڻو هيو. مون اي ڊي او هيلٿ ڊاڪٽر پراچا جي ڳولها ڪئي. پتو پيو تہ هو بہ ٽي ڪلاڪ اڳ ئي سرڪٽ هائوس مان گهر روانو ٿي چڪو آهي. ڪيس ماڻهو موڪليو پر هو اسپتال نہ پهچي سگهيو ۽ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ايئرپورٽ تي آيو.

## ڪِني آگر

اسپتال وزٽ ڪندي سي ايم صاحب جو موڊ ڪو چڱو ڪونہ هيو پر ڊاڪٽر خالد بچي ويو. باهہ ڊاڪٽر پراچا تي نڪتي، جنهن کيس نوڪري ۾ واڌ ڪرائڻ جي سفارش ڪرائي هئي. هن جو Contract اجا ٽي مهينا رهيل هيو. جڏهن ڊاڪٽر پراچا ايئرپورٽ تي پهتو تہ لڳي رهيو هيو تہ اجا اڌ ننڊ ۾ آهي. منهن بہ ڪونہ ڌوئي نڪتو هيو.

چڱي چنڊ نڪتس، سي ايم چيس تہ ”تنهنجو رهيل ڪانٽريڪٽ بہ ختم.“ سي ايم کي شايد چڙ هئي تہ ڪانٽريڪٽ وڌائڻ لاءِ ڇو سفارش ڪرائي آهي. مون سي ايم صاحب کي ڏاڍا ايلاز ڪيا تہ ايئن نہ ڪيو. ان جو اثر مون تي پوندو چيائين ”ڪني آگر وڏي پلي.“

سي ايم جي اٿڻ کان اڳ ۾ پريس وارن دوستن جو جٿو ظاهر ٿيو. پڇپرين ۾ آخري سوال ڪيائون ”سائين نائب ناظم ۽ ڊي سي او جو جهيڙو پيو هلي! ڇا توهان ڪنهن تي قدم کڻي رهيا آهيو؟“ سي ايم کين چيو ”جيڪو صحيح ڪم ڪري ٿو ان تي قدم نہ کڻبو باقي جيڪو ٻين جي اختيارين ۾ دخل ڏئي رهيو آهي، غلط ڪم ڪري رهيو آهي، ان تي ضرور قدم کڻبو! اهو ڊي سي او هجي يا چونڊيل نائب ناظم! هر ڪنهن جون حدون مقرر ٿيل آهن!“ ايئن چئي اٿيو ۽ ڪراچيءَ روانو ٿي ويو.

## نائب ناظم جو جهيڙو

ٻئي ڏينهن سائين خورشيد شاهہ، ناظم سائين ناصر شاهہ، نائب ناظم اقبال پاڪ والا (مرحوم) ۽ مان رحيم بخش اعوان جي گهر رات جي ماني تي گڏ ٿياسون ۽ اسان جو ناهہ ٿي ويو! جيڪڏهن ارباب صاحب پريس وارن کي اهو بيان نہ ڏئي ها تہ اجان ناهہ ڪونہ



ٿئي ها!

ڊاڪٽر پراچا جي نوڪري تہ ختم ٿي وئي، پر هن اها مهم هلائي تہ اهو سڄو ڪم مون ڪيو آهي، جيئن ڊاڪٽر خالد کي اي ڊي او ڪرايان. سندس سفارشي ڦوٽن مون کي ٽارگيٽ تي رکي ڇڏيو.

## ڪم ڪيئن ٿو هلي؟

ڪڏهن ڪڏهن ارباب صاحب پنهنجائپ ۾ فون ڪري پڇندو هيو ”اسان جو ڪم ڪيئن ٿو هلي؟“ مطلب تہ سندس حڪومت جو نظام پاڻ ڪيئن پيو هلائي. جيڪڏهن خوشامد ڪري ڪوڙ ڳالهاءِ تہ بہ سٺو ڪونہ. جي صفا سچ ڳالهاءِ تہ بہ ڳالهہ نہ وٽي! ڪچان تہ ڪافر، ماٺ ڪيان تہ مشرڪ! تہ پوءِ ڪجهہ ڪافر ٿجي ڪجهہ مشرڪ؟ جيڪي چڱيون ڳالهيون نظر اينديون هيون، انهن جي آڌار تي تعريف ڪبي هئي. جيڪي سندس ڏکيون ڳالهيون لڳنديون هيون، انهن جي بنياد تي هلڪي ڇهنڊڙي پائي وٺبي هئي. ڪجهہ سچ ’شگر ڪوٽ‘ ڪري چئي وٺبو هيو. پوءِ اهو سلسلو ڪجهہ وقت هليو. آهستي آهستي منهن موڙيندو ويو. پر پوءِ بہ پنهنجائپ جو ورتاءُ ڪندو رهيو.

## رحيم بخش اعوان

اسان جو پيارو دوست رحيم بخش اعوان، جيڪو سکر ۾ فاريسٽ آفيسر هيو. اهو بہ سکر ۾ ضلع گورنمينٽ ۾ ضلع آفيسر فاريسٽ هيو. ٻيلي کاتي جي ضلع آفيسر جي هلڪي ڦلڪي چارج هوندي هئي. سندس واسطو سائين خورشيد شاهہ سان هيو تنهن ڪري هن پاڻ بہ پاسيرو رهڻ پئي چاهيو. هتي اچي پنهنجي گهر ۾ ويهي رهيو هيو. سٺي بيٺل خاندان جو فرد آهي. پنهنجي فلور ملز اٿس شڪارپور ۾ اها سنڀاليندو آهي. اصل شڪارپور جا آهن. سکر ۾ مليٽري روڊ تي پبلڪ اسڪول جي سامهون پاڻ ۽ سندس ڀاءُ امداد علي اعوان مرحوم سينيٽر ۽ وڪيل گهر ٺهرايا آهن. ٻنهي جون فيمليون اتي رهنديون آهن.

رحيم بخش اعوان سٺو ميزبان آهي، سندس گهر ۾ دال جو ڊش ڏاڍو شاندار ٺهندو آهي. مان بہ مهيني ماسي وٽس اچي ”دال“ کائيندو هيس. يا ڪو مون وٽ مهمان ايندو هيو تہ اهو ڊش بہ گهرائي وٺندو هيس. هڪ بہ پيرو مان ٻارن سميت بہ وٽس ماني کاڌي. اعوان صاحب پنهنجي ڪم ۾ بہ پڙ آهي. ايئرپورٽ جو ٻاءِ پاس روڊ ڪيرٿر ڪينال جي ڪپ سان ٺاهيوسين تہ جيئن شهر لاءِ ٻاءِ پاس لاءِ بہ ڪلوميٽر مفاصلو گهٽجي وڃي. اصل ۾ اها تجويز سردار مهر سي ايم صاحب جي هئي. ٻن مهينن ۾ روڊ ٺهي تيار ٿيو تہ رحيم بخش اعوان اسڪيم ٺاهي کڻي آيو تہ روڊ جي ٻنهي پاسن کان وڻن جون بہ ٽي قطارون

Gul Hayat Institute

لڳائجن. مهيني ۾ اهو بہ ڪم پورو ٿي ويو. هاڻي اهي بيدمشڪ جا ٻوٽا وڏي وڏا وڻ ٿي ويا آهن ۽ ڪينال روڊ سڄو چانوري ۾ ڍڪجي ويو آهي. مهر صاحب ڪي اها ننڍي ڪوشش ڏاڍي وڻي. اعواڻ صاحب رٽائرمينٽ کان اڳ ۾ چيف ڪنزرويٽر آف فاريسٽ ٿيو. ٻيلي کاتي جي اها وڏي ۾ وڏي نوڪري آهي، جيڪو رتبو تمام گهٽ آفيسرن کي ملندو آهي. جيڪو آر ايف او طور نوڪري ۾ ايندو آهي. انهن مان اعواڻ کان سواءِ ڪو بہ چيف ڪنزرويٽر ڪونہ ٿيو آهي. مان بہ آر ايف او ته رهيس. منهنجي خواهش هئي تہ مان ان کاتي جو سيڪريٽري ٿيان پر اها خواهش پوري نہ ٿي.

❋

## سکر جي "منگي" سياست

علي حسن منگي صاحب جو پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سکر جي سياست سان گهاٽو واسطو رهيو. جنهن اسيمبليءَ ون يونٽ ٺاهڻ جي حق ۾ 1954ع ۾ ووٽ ڏنو هيو، ان جو ميمبر هيو. سکر ۾ ڪافي مهاجر، لڏي اچي آباد ٿيا هئا، انهن کي ورسائڻ ۾ سندس وڏو ڪردار هيو. ان وقت اسلامي ۽ پاڪستاني جذبو زورن تي هيو، هنن بہ سياسي طرح منگي صاحب جي گهڻي مدد ڪئي. 1958ع ۾ جڏهن مارشل لا لڳي تہ پاڻ EBDO (ايبڊو) جو شڪار ٿيو. ايوب خان جي دور ۾ ايوب خان ۽ پٽي صاحب سان تعلقات ويجها ڪري ويو. ڪافي ڪارخانہ لڳايائين ۽ ڪاروبار ۽ واپار وڌايائين. وٽس جام پيسو آيو. عام ماڻهن ۽ مائٽن تي خرچ ڪيائين. پر ڪارخانہ ڄمائي نہ سگهيو.

1962ع ۾ پاڻ ايبڊو جي ڪري اليڪشن ۾ نہ بيٺو. پنهنجي پاءُ حاجي گل حسن منگي کي بي ڊي واري چونڊ ۾ بيهاريائين جتان هو ايم پي اي چونڊجي ويو. بي ڊي جي سسٽم ۾ صدر ايوب خان کي ووٽ وٺي ڏنائين ۽ ايوب خان 1964ع ۾ چونڊيل صدر بڻجي ويو. سامهون محترمہ فاطمہ جناح بيٺل هئي، ان کي شڪست ملي.

1970ع جي چونڊن ۾ منگي صاحب پٽي صاحب جي مدد سان اي ڪي. بروهي، عبدالستار پيرزادو ۽ مولانا عبدالڪريم ٻير واري کي شڪست ڏئي ايم اين اي ٿيو.

1977ع ۽ 1988ع ۾ پي پي جي ٽڪيت تي ايم اين اي ٿيو.

ائين 1985ع وارين چونڊن ۾ اسلام الدين کي ضياءَ سرڪار جي ٽيڪ هئي، منگي صاحب هارايو. 1990ع ۾ ڪيس پارٽي جي ٽڪيٽ نہ ملي.

علي حسن منگيءَ جي پيدائش 1911ع ۾ خيري ديري ۾ ۽ وفات 1993ع ۾ ڪراچي ۾ ٿي، جتي هو ميوا شاهہ قبرستان ۾ دفن آهي. ڪيس بہ گهر واريون هيون. وڏي گهر واري ڀڦي



رحيمان مان آفتاب منگي پٽ ۽ ادي ڊاڪٽر انور منگي ڌي اٿس. آفتاب جو ويجهڙائي ۾ انتقال ٿي ويو آهي. ادي انور ۽ سندس مڙس ڊاڪٽر عبدالله منگي ۽ سندن نياڻي نوين منگي باٿ آئلنڊ ۾ ڊنگي مل وڪيل واري گهر ۾ رهن ٿا. جيڪو سنڌ جي تاريخ ۾ پٽي صاحب جي حوالي سان اهم جڳهہ والاري ٿو. سندن بہ پٽ آمريڪا ۾ رهن ٿا.

بدنصيبيءَ سان سندس خاندان مان ڪو بہ صحيح معنيٰ ۾ سياسي وارث طور نہ اڀريو. هاڻي اها سيٽ اسلام الدين شيخ ۽ سيد خورشيد احمد شاهہ ورهائي سرهائي ڪٽن ٿا. چاليهہ پنجاهہ سالن جي سياسي جدوجهد، سندس موت کان پوءِ دفن ٿي وئي. سندس ڏوهٽي نوين منگي اعليٰ تعليم يافتہ آهي. ميڊيا ۽ سماجي ڪمن ۾ ڏاڍو پاڻ موکيو اٿائين. جيڪڏهن ڪيس وجهہ ملي ۽ اسيمبلي جو رڪن ٿئي ٿي تہ اميد ٿا ڪريون تہ هوءَ پنهنجي Vision سان سنڌ جي خدمت ڪندي. نوين لنڊن اسڪول آف ايڪانامس مان پڙهيل آهي.

## اياز گل، ادل سومرو ۽ ممتاز بخاري

سکر جا اياز گل، ادل سومرو ۽ ممتاز بخاري اڪثر ياد ايندا آهن. سکر جا بادشاهہ شيخ اياز ۽ رشيد ڀٽي تہ راهہ رباني وٺي ويا. سندن تخت بہ پائدار نہ رهيو. باقي ٽئي شهزادا وڃنا آهن. ميڊيا، ادب ۽ ثقافت جي کيتر ۾ پاڻ موکيو اٿائون. ويجهڙائي ۾ سنڌ ۾ ۽ سنڌ کان ٻاهر ڏاڍا ادبي ۽ ثقافتي ميلا ملاکڙا ٿيندا رهيا آهن. ڪڏهن ڪڏهن انهي "ٽڪنڊي"، سان اتي ملاقاتون ٿينديون رهنديون آهن يا وري سوشل ميڊيا تي سندن ڪارناما ڏسي ۽ پسي وٺندا آهيون.

جڏهن مان سکر ۾ ڊي سي او هئس تہ ممتاز بخاريءَ سان ڪجھ ملاقاتون ٿينديون هيون. ڪجهہ ڪجهہ ڊي سي او هائوس تي بہ. پر گهڻيون سندس آفيس مهراڻ مرڪز ۾. ادب، فلم ۽ موسيقي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندا هئاسون. مهراڻ مرڪز جي ميوزڪ شاپن تان اچي آڊيو وڊيو وٺندا هئاسون. گهڻو ڪري آرٽ فلمون، غزلن ۽ لوڪ ميوزڪ بابت ٿاور واري علائقي مان ڪجهہ ڪتاب وٺندا هئاسون. منهنجا سياري جا آچر گهڻو ڪري تہ ممتاز سان گذرندا هئا.

ممتاز سان منهنجي ملاقات خيرپور ۾ بہ ٿيندي هئي. انهن ڏينهن ۾ ممتاز عشق جي چوٽ کاڌل عاشق هيو. پوءِ جلدي شادي ڪيائين. سندس گهر واري شميم جسڪاڻي منهنجي زال عزيز فاطمہ سان گڏ گرلز ڪاليج ۾ پڙهائيندي هئي. ممتاز تہ خيرپور ۽ سکر ۾ ايترو رلي ملي ويو آهي، جو مون کي خبر بہ نہ پوندي آهي، تہ پاڻ خيرپور جو آهي يا سکر جو. پر اصل گهوٽڪي ضلع جو آهي. ممتاز بخاي جو نالو تڏهن نروار ٿيو جڏهن 2004ع ۾

Gul Hayat Institute

”بالي“ ڊرامو لکيائين. ڏکيو ڪم هيو. ڪي ٽي اين جا شروعاتي سال هيا. انهن سالن ۾ ڪي ٽي اين کي هٽ ڪرڻ ۾ ”بالي“ جو بہ وڏو ڪردار هيو. ڊرامي ۾ ”باليءَ“ جو ڪردار سبرين هيسباڻي ڪيو. ڏاڍي مشهور ٿي وئي ۽ پوءِ مٿس سنڌي کان علاوه اردو ٽي وي سيريلز جا دروازا بہ کلي پيا. خاص طرح نور الهديٰ شاھ جي ڊرامو ”محبت ڪي اڌوري ڪهاني“ ڏاڍو مشهور ٿيو. ”نور بي بي“ خاص طور ٽريجڊي ۽ رومانس ڏاڍو سٺو لکندي آهي. ايتريقدر جو ڏسندڙن کي مُنڍي چڙهيندي آهي.

## هندستاني سنڌي اديب

انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ سرلو واءُ گهليو. هتان جي سنڌي اديبن جا ٽولا ڀارت ادبي ياترا تي ويا. سندن چواڻي تہ اتي وڏي آءُ ڀڳت ٿين. آگري ۾ تاج محل ڏٺائون. اجمير ۾ دعائون گهريائون. دهليءَ ۾ غالب جي مزار تي ويهي يا بيهي تصوير ڪڍايائون. پوني ۾ ٻاڙهي پٿر واريون عمارتون ڏٺائون. الهاس نگر ۽ بمبئيءَ مان ٿي آيا. پر اصل ۾ جڻ تہ دوستن ۽ واسطن کي وڏايائون. ڪن سنڌي سڄڻ دارو بہ دل تي پيتو. هت وري موٽ ۾ هندستان جي سنڌين ۽ سنڌي اديبن جو لڏو آيو. انهن جي بہ سنڌ واسين ڪليل دل سان آءُ ڀڳت ڪئي. اها جاءِ نہ پئي لڀين جتي ڪين ويهارين. اکين ۽ دلين ۾ جايون ڏنائون. ڪيترا تہ هتي اچي روئي پيا، موٽ ۾ اسان جا دوست ڪين روئيندي ڏسي روئي پيا. جيڪي هندو سنڌي هتان لڏي ويا هئا، انهن پنهنجا ڇڏيل گهر گهاٽ ڏٺا. گهرن جون پٽيون ۽ چانئٺيون چميون. انهن مان ڪي پراڻن ڳوٺن جي پوتر مٽي هڙ ۾ ٻڌي هندستان بہ کڻي ويا. اهو سلسلو ڪجھ سال تہ هليو پر هاڻي تہ سرڪاري عالمي مشاعرن ۽ ادبي ۽ لطيف ڪانفرنسن تي ڪين ويزا بہ نہ ٿي ملي ۽ هند وارن کي وري هتي اچڻ جي اجازت ڪونهي.

اهو هندي سنڌي اديبن جو قافلو سنڌ جي سنڌي اديبن سان گڏ سکر آيو. سرڪاري سطح تي مان سندن ميزبان هيس. ڪجھ اديب خيرپور ۽ سکر جا بہ پاڻ سان رکيا هيا. سندن لاءِ سکر جي مشهور هوٽل ’انٽر پاڪ اِن‘ جي ڇپراٽي تي مانجهاندي جو بندوبست ڪيو ويو. سنڌ جا سازندا سنڌ جون مشهور لوڪ ڌنون وڄائي رهيا هئا. سامهون سکر بيراج ۽ سنڌوءَ جو نظارو هيو جتي وينا هئاسون. ان جي ٻنهي طرفن کان وڏا واھ گجگوڙ ڪري وهي رهيا هئا. سامهون ساڌٻيلو هيو. سکر جي پل تي اڃا تائين لکيل آهي تہ هن جون تصويرون ڪڍڻ منع آهن.

مانيءَ ۾ ڪين ڏٿيرو ۽ پلو ۽ ديسي ڪاڏا ڪارايا سين. مانجهاندي کان پوءِ ڪين اجرڪ ۽ ٻيون سوکڙيون ڏنيونسون. ان کان پوءِ سکر بيراج جي مٿان ٽراليءَ تي چاڙهي سکر بيراج ۽ درياءُ جو نظارو ڪرايو. پوءِ ڪن آيلن کي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي درياءُ مان ڪين ساڌٻيلو



گهمايوسين. پاڻي جو نظارو ڏسي مست ٿي پيا. ڪين ستين جو بہ آستان، روهڙي واري پل، معصوم شاھ جو منارو بہ ڏيکاريو ۽ سکر جو ٽاور ڏيکاريوسين. ائين ڪين ٽارو تي قلفي فلوده آئيس ڪريم بہ کارائيسون. اهو سڄو ڪاج مون سکر هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جي ماتحت ڪيو.

خير سان خيرسگاليءَ جو قافلو روانو ٿي ويو. وفد جي اڳواڻن جا هندستان مان ٿورن جا خط مليا. ڪين جس هجي، اسان پنهنجا وفدن جا هندستان ۾ رستا کوليا ۽ سندن خدمت چاڪري لاءِ هندستان جي وفد کي بہ اتساهيو تہ جيئن هتان ويندڙن جي هند ۾ بہ ڪجھ وڌيڪ خدمت چاڪري ٿي سگهي.

## لائبرري ڊاهيو، پلازا ٺاهيو!

هڪڙي مهم هلي تہ سکر ۾ ’معصوم شاھ لائبرري‘ کي ڊاهي ان جي جاءِ تي هڪ ’عاليشان‘ شاپنگ مال ٺاهجي. هي لائبرري تعلقہ ميونسپل ڪميٽي جي ڪنٽرول ۾ هئي. پراڻي لائبرري وچ شهر ۾، پراڻي شاليمار سئنيما ۽ سيشن ڪورٽ ۽ ضلع جيل جي پرسان، مين روڊ تي آهي. مون کي خبر پئي تہ مون هڪ خط تعلقہ ناظم شاھ صاحب کي لکي موڪليو تہ ان لائبرري جي بهتري لاءِ ضلع گورنمينٽ وٽ نوجوانن جي ضرورت ۽ گهرج آهر اسڪيم آهي.

نوجوانن کي بہ گهرايو. انهن جي سرواڻي ممتاز بخاري ۽ اياز گل ڪري رهيا هئا. انهن سان گڏ مون لائبرري وزٽ ڪئي، ان کي برباد ڪرڻ جي ڪوشش ٿي رهي هئي. ڊرينيج ليڪ ڪري رهي هئي، ان جي مرمت ڪرائي، صفائي سٿرائي جو بندوبست ڪيو. اهڙا قدم کنيا ويا جو لائبرري بچي وئي. ميونسپل جي پرسان جنرل لئبرري تي بہ ڌيان ڏنو. اها لائبرري 1835ع ۾ سنڌ تي انگريزن جي قبضي ٿيڻ کان بہ اڳ جي قائم ٿيل آهي. ان جو بيان اڳتي هلي ايندو.

## مسرت مرزا جو مشاعرو

مسرت مرزا صاحبہ سنڌ جو وڏو نالو آهي. آهي تہ اصل سکر جي پر يونيورسٽي آف سنڌ جي مشهور پروفيسر رهي آهي. سندس جوڙيوال محترمہ مرحب قاسمي صاحبہ آهي. هي ٻئي وڏا نالا هئا، يونيورسٽيءَ جو ڪو بہ فنڪشن سندن موجودگيءَ کان سواءِ ٻُسو ٻُسو لڳندو هيو. هاڻي جيئن امر سنڌو ۽ عرفانہ ملاح جي جوڙي آهي تيئن شيخ اياز صاحب جي دور ۾ (1976ـ1980ع تائين انهن ٻنهي جو نالو هيو. شيخ اياز بہ ادب ۽ علم نواز هيو. ٻنهي جي گهڻي عزت ڪندو هيو.

هڪ ڏينهن محترمہ مسرت مرزا منهنجي آفيس ۾ پيهي آئي. سنو لڳو ميڊم جي

مهرباني، آرٽ جو شعبو سنڌ يونيورسٽي ۾ قائم ڪيو هئائين. چوڻ لڳي ته سکر ۾ به آرٽ کي ٽيڪ ڏجي ۽ هٿي وٺائجي. توهان جي مدد گهرجي، مان ته تيار هيس. ان ڪم کي لڳي وياسون. هڪ ڏينهن پنهنجي گهر ۾ مشاعري جو بندوبست ڪيائين. مان به پهتس، اردو سنڌي مشاعرو ڪيو هئائون. عورت ۽ مرد شاعر گڏ ٿيا هئا. مون کي صدارت جو اعزاز بخشيو ويو. اياز گل به آيل هيو ۽ ڪجھ ٻيا شاعر به آيا. سنو ڇهچٽو رهيو. ميڊم جي مهمان نوازي به ڏٺي ۽ واعدو ڪيوسين ته هر مهيني ٻئي مهيني مشاعرو ڪبو. ٻئي مشاعري جو ذمو مون ”ڊي سي او هائوس تي“ کنيو.

پر مشاعري کان اڳ ۾ ئي منهنجي بدلي ٿي وئي. اهو سلسلو به سکر هسٽاريڪل سوسائٽي جي ماتحت شروع ڪيو ويو هئو.

اياز گل منهنجو پيارو دوست ۽ وڻندڙ شاعر آهي. سندس شاعري مون کي ڏاڍي وڻندي آهي. پر گهٽ ماڻهن کي خبر آهي ته اياز گل جيترو پلو شاعر آ، اوترو ئي سٺو فوٽوگرافر به آهي.

هڪ ڏينهن اياز گل پنهنجون تصويرون ڏيکاريون. دل خوش ٿي وئي. سکر ۽ روهڙي کي قيد ڪيو هئائين.

پلان اهو ٿيو ته اهي تصويرون ڪيپشن لڳائي ڪتابي صورت ۾ ڇپرائجن. ڪتاب جو ڪاٿو ٿي لک لڳو. پيسا بچايا. ضلع ناظم کان اجازت ورتي. ابتدائي ڪم اياز گل صاحب شروع ڪيو. منهنجي بدلي ٿي وئي. اياز گل ته دل هاري ويٺو پر مان نه ٿڪس. اهي پيسا مون شوڪت جوکيو جي حوالي ڪيا، هو تعلقه ميونسپل سکر جو ٽي ايم او هيو ۽ سکر جو اي سي به هيو.

پر ڪتاب، پوءِ به ڇپجي نه سگهيو! افسوس!!

## بيدل سائين

بيدل سائينءَ جي ميلي ۽ عرس لاءِ ته هڪ ڪميٽي جوڙيل آهي، جنهن جو اختر درگاهي انتظام هلائيندڙ آهي. سڄو ڪم سندس حوالي آهي. پر منهنجي وقت ۾ ان جي مقصد کي وسعت ڏني سون. جنهن ۾ ادبي ڪانفرنس ۽ صوفي راڳ محفل ۾ وڏيڪ اديب ۽ ڳائڻا گهرايا سون. هال نهرائڻ سان شروعات ڪئي سون. جيڪو هاڻي مڪمل ٿي چڪو آهي. سنڌ سرڪار، ضلع گورنمينٽ ۽ ٽي ايم اي کان وڏيڪ فنڊز حاصل ڪري اختر درگاهيءَ جي بيدل يادگار ڪميٽي جي حوالي ڪياسون. جنهن جو صدر ناظم/ ڊي سي او هيو. اختر درگاهي هن عرس لاءِ پنهنجو سنو جوش جذبو ڏيکاريو ۽ ڪم کي لڳل رهيو. هن سڄي ڪم ۾ به سکر هسٽاريڪل سوسائٽي پاڻ کي موڪيو.



## سکر جو حال احوال

سکر تي لکڻ ته مون کي شروع ۾ گهربو هيو پر ڇيم ته هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون لکي پوءِ سکر تي لکندس. سکر جي سنڌيءَ ۾ لفظي معنيٰ ئي آسودو يا خوشحال آهي. پر تاريخي حقيقتون سکر جي نالي لاءِ عجيب و غريب ۽ ڏاڍيون ضد واريون ۽ ٽڪراري رهيون آهن.

سکر نالي لاءِ گهڻيون ئي روايتون آهن:

(1) بکر بگڙجي سکر بڻيو.

(2) محمد بن قاسم جڏهن سويون ماڻيندو هت پهتو ته چيائين، شڪر، اهو شڪر بگڙجي سکر ٿي پيو.

(3) ڪن جو خيال آهي ته هتي ڪنڊ جام پيدا ٿيندي هئي، تنهن ڪري شڪر مان بگڙجي سکر ٿيو.

(4) هتان جا ماڻهو خوشحال، سکيا ۽ سَکَر هئا، ان ڪري سکر نالو پيو.

(5) محمد بن قاسم هتان جي گرمي کي محسوس ڪري چيو ”سقر، سقر“ معنيٰ دوزخ، اهو سقر، سکر ٿي پيو! انهن مان ڪيتريون روايتون ڪمزور ٿيون لڳن. جنهن بابت ڪجھ نه ٿو چئي سگهجي. ساڳي طرح سکر شهر جي پراڻي هجڻ بابت به ڪو ڏُکو نه ٿو هٿي سگهجي. ڪن مؤرخين سکر کي قبل مسيح کان ست سو سال ته ڪن 1000 سال اڳ جو ڄاڻايو آهي.

اهي سڀ روايتون تعليمي ۽ تاريخي حقيقتون پڙهي منهنجو ذاتي خيال آهي ته سکر پندرهن سو سالن کان وڏيڪ پراڻو نه آهي. الور/ اروڙ ۽ بکر جي پيچ ڍاهه جي ڪري سکر ۽ روهڙي ترقي ڪئي. شڪارپور جو به اوج ختم ٿيو آ، پنهنجي جاگرافيائي بيهڪ جي ڪري سکر اهم شهر ٿي پيو آهي، چو ته هي بلوچستان، پنجاب ۽ سنڌ جي ٽڪنڊي لنگهه تي آهي. انگريزن هت ريلوي لائين وڇائي ته اڄ وڃ جو سرشتو سولو سستو ۽ تيز ٿي پيو. نه ته درياءَ جي معرفت ئي بيڙين تي واپار ۽ اچ وڃ ٿيندي هئي. ڪيپٽن پونسٽن ته سکر جي سونهن جا ڏيک پريا آهن. سندس چواڻي ته، درياءَ جي گذرگاهن تي جيڪي به شهر آهن، انهن ۾ سکر جهڙو خوبصورت شهر ڪو ورلي ئي ڏسبو. سچ چيو اٿس. سکر اڄ به اوترو ئي سهڻو آهي جيترو به سو سال اڳ ان جو ذڪر پونسٽن ڪيو آهي. نه صرف پونسٽن پر ڪيترن ٻين سياحن ۽ ليکڪن کي به سکر جي سونهن منڊي وڌو هيو.

## سکر جي ترقي ۽ اوج

1843ع ۾ سنڌ فتح ٿيڻ کان پوءِ انگريزن سکر سميت سنڌ جي ترقي ۽ آمد و رفت جا

Gul Hayat Institute

وسيلا بهتر ڪيا ۽ ملڪ جي حفاظت ۽ بچاءَ لاءِ ٽڪڙا قدم کنيا. اڳ ۾ وڻج واپار جتي ٻيڙين ۽ جهازن جي وسيلي ٿيندو هيو ان جي جاءِ تي 1878ع ۾ ڪراچي کان سکر ملتان تائين ريلوي لائين وڇائجي وئي.

ڪليڪٽر ميؤ (Meo) سکر جي ترقي ڏيارڻ ۽ ماڻهن کي آباد ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي سکر شهر ۾ مفت پلاٽ ڏنا. پراڻو سکر ئي سکر هيو باقي ٻيو سڄو جهنگ هيو. هتي آرميءَ جو هيڊ ڪوارٽر ڪيو ويو ۽ ان جهنگ کي صاف ڪري هتي محل ماڙيون ۽ آفيسون ٺاهيون ويون.

ان سان بہ سکر جي ترقي ۾ ڏاڍي واڌ ٿي. سکر ۽ روهڙي کي ملائڻ لاءِ 1889ع ۾ لئنسڊائون پل ٺاهي وئي تہ سکر، شڪارپور ۽ ڪوئيٽا بہ پنجاب سان ملي ويا ۽ هتي تڪڙي ترقي ٿيڻ لڳي.

## ڪر جون ڪجھ اهم جايون

### گھنٽہ گھر ٽاور (سندر داس ڏيئو مل ٽاور)

نئين سکر جي وچ شهر ۾ گھنٽا گھر يا ٽاور سندر داس ڏيئو مل جي ياد ۾ =/10000 رپين جي لاڳت سان تيار ڪرايو ويو. 13 آڪٽوبر 1873ع تي هن جو افتتاح ان وقت جي ڪليڪٽر ميرچنداڻيءَ ڪيو. هن ٽاور تي اڄ بہ سڄو شهر ڪم ڪار لاءِ هتي گڏجي ٿو ۽ هتان ئي شهر جي ٻين واپاري مرڪزن ڏانهن وڃي سگھجي ٿو. تنهن ڪري هن کي هفتہ پهلو (ستن رخن) وارو ٽاور بہ سڏجي ٿو. هي پاڪستان جي ٿورن خوبصورت ٽاورن مان هڪ آهي.

## سياڳو خان زخمي

اسان جو پيارو دوست سياڳو خان جتوئي 1995ع ۾ سکر جو ڊي سي هيو. ٽاور جي چوڌاري قبضہ ٿي ويا هئا. هن انهن قبضن کي هٽائڻ جي مهم شروع ڪئي ۽ پاڻ ان جي رهنمائي ڪئي. هڪ بي وقوف دڪاندار خنجر سان مٿس حملو ڪيو. ڪيس پيٽ ۾ خنجر داخل ڪري ڇڏيو.

ڏاڍي نازڪ حالت ۾ کيس ڪراچي جي O&M اسپتال ۾ هيليڪاپٽر ذريعي منتقل ڪيو ويو. همراهہ بچي ويو پر ان وارَ جا زخم اڃان تائين ساوا اٿس. ڪڏهن ڪڏهن اهي اٿلي پوندا آهن ۽ پاڻ وري وري اسپتال پهڙو ٿيندو آهي.

## لئنسڊائون پل

هي عاليشان پل سکر ۽ روهڙي جي وچ ۾ آهي. ٻنهي شهرن کي ڳنڍي ٿي. هي پل



1889ع ۾ ٺهي راس ٿي. پل بنا ٿنڀي جي ٺاهي وئي آهي، جنهن کي سسپينشن پل (Suspension Bridge) چئبو آهي. هن جو وزن 30300 ٽن آهي. پل جو نالو هندستان جي گورنر جنرل جي نالي تي رکيو ويو. وڏي شاندار تقريب ۾ پل جو افتتاح ٿيو. افتتاح جي وقت عجيب واقعو پيش آيو. ڪو بہ انجڻ جو ڊرائيور، انجڻ پل کان گذارڻ لاءِ ان پؤ کان تيار نہ پئي ٿيو تہ بنا ٿنڀن واري پل ڪِري نہ پئي. هڪ شيدي انجڻ جو ڊرائيور جيل ڪاٽي رهيو هيو. ان کي هٿ ڪيائون. ان پل تان پهريون دفعو انجڻ گذاري ۽ پل جو افتتاح ڪيو ويو. واهہ واهہ ٿي وئي. ان قيدي ڊرائيور جي سزا معاف ڪئي وئي ۽ کيس ريلوي ۾ نوڪري ڏني وئي.

پل جي اڏاوت تي ڪل 335000 رپيہ (ٽي لک ۽ پنجٽيھ هزار رپيہ) خرچ آيو. ان جي پرسان ئي 1967ع ۾ هڪ ٻي سسپينشن برج، ايوب برج جي نالي سان ٺاهي وئي. ريل هاڻي ان ايوب پل تان گذري ٿي ۽ هيءَ پراڻي پل عام گاڏين جي لنگھڻ لاءِ ڪم اچي ٿي.

## سکر بيراج

سکر بيراج (Lloyd Barrage) يا لائيڊ بيراج جو ڪم 1923ع ۾ شروع ٿيو ۽ ان جو افتتاح 13 جنوري 1932ع تي لارڊ لائيڊ ڪيو. جنهن جي نالي سان اها پل مشهور ٿي. هن پل جي ڊيگهہ اٽڪل هڪ ميل (چار هزار ست سو پنجويھ (4725) فوٽ آهي. هن جا 66 دروازا آهن، هر دروازو 66 فوٽ ويڪرو اهي. هن مان ست ڪينال، ٽي سڄي پاسي ۽ چار کٻي پاسي کان نڪتل آهن. سکر بيراج ٺهڻ سان سنڌ ۾ معاشي انقلاب اچي ويو جنهن جو وڏو حصو پوتو غيرآباد ۽ وارياسو هيو. پاڻي اچڻ سان آباد ٿيڻ لڳو ۽ ماڻهن ۾ خوشحالي اچي وئي.

## معصوم شاهہ جو مينار

جڏهن ڪنهن تصوير ۾ معصوم شاهہ جو مينارو ڏسبو آهي تہ علامتي طور سکر شهر نظر ۾ اچي ويندو آهي.

هي مينارو وچ شهر ۾ پهاڙيءَ تي معصوم شاهہ بکريءَ ٺهرايو هيو. سيد معصوم شاهہ اڪبري دور ۾ علم ۽ فضل جو درياءُ ليکيو ويندو هيو. تاريخ معصومي لکي مير صاحب هڪ عظيم علمي ادبي ڪارنامو ادا ڪيو آهي ۽ سنڌ جي آڳاٽن ماخذن ۾ اهم ۽ تصديق ٿيل واڌ آندي آهي. هن ميناري جو ڪم 1594ع ۾ شروع ٿيو هو ۽ 1607ع ۾ ان جي تڪميل معصوم شاهہ جي پٽ مير زرگ ڪرائي. هن مينار جي ڊيگهہ 84 فوٽ تہ ويڪر 84 فوٽ آهي. ڏاڪن جو تعداد بہ 84 آهي. ان جي اڏاوت ۾ سيمينٽ جي بدران جانورن جون

Gul Hayat Institute

هڏيون پيهين ڪتب آنديون ويون آهن. مينار سان گڏ ستن طرفن وارو گنبذ به ٺهيل آهي، جنهن جو نالو فيض محل آهي.

سال 1978ع ۾ جنهن دور ۾ منهنجي پوسٽنگ واپڊا سکر ۾ هئي انهن ڏينهن ۾ مون همت ڪئي ته معصوم شاهه واري هن مُناري جي چوٽي تي چڙهان ان وقت منهنجي عمر 31 سال هئي ۽ آتش اڃا جوان هيو. ميناري جا ڏاڪا وڏا ۽ اڀا هئا، اڌ تي پهچي واپسيءَ جو سفر شروع ڪيو. ساهه چڙهي ويو هيو. اڳتي هلڻ جو سَتُ نه ساري سگهيو هئس.

## مسجد منزل گاهه

سکر شهر ۾ هي مسجد درياءَ جي ساڄي ڪناري تي بندر روڊ تي آهي. سال 1843ع ۾ سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ انگريزن هندن جِي دل خوش ڪرڻ لاءِ هن کي فوج جي حوالي ڪري ڇڏيو جنهن ان تي ڪلف چاڙهي ڇڏيو. هندن جو ڪليم هيو ته اهو هندن جو آستان منزل گاهه آهي. 1920ع ۾ مسلمانن اها مسجد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪيون. 1938ع ۾ سر غلام حسين هدايت الله وزيراعليٰ هيو ان جي ڏينهن ۾ تحريڪ شروع ڪئي وئي. 1939ع ۾ شهيد الله بخش سومري جي وڏ وزارت جي دور ۾ تحريڪ تيز ٿي وئي ته ان هلچل جي نتيجي ۾ الله بخش سومري جي وڏ وزارت ٽٽي پئي. جيڪو هندو ووٽرن جي مدد سان وڏو وزير ٿيو هيو. مسلم ليگ مير بندهه علي خان ٽالپور جي سربراهي ۾ 1940ع ۾ وزارت ٺاهي. 1941ع ۾ مسجد منزل گاهه مسلمانن جي قبضي ۾ آئي. مسجد کي لڳل تالا ٽوڙي مسلمانن اتي نماز شروع ڪئي. اهو هڪ وڏو سياسي واقعو ٿي ويو جنهن جي ڪري هندن ۽ مسلمانن جي ٻڌيءَ کي خاص طور ڌڪ لڳو. ان معاملي کي پير علي محمد راشدي شدت سان بيان ڪيو آهي جنهن ۾ هن جام سياسي ڳالهيون ڪيون آهن. هڪ ته ان مسئلي کي تيز ڪرڻ جو مقصد الله بخش سومري جي وزارت کي ڪيرائڻ ۽ کهڙي صاحب ۽ جي. ايم. سيد کي مضبوط ڪرڻ هيو. هندن کي به ڪمزور ڪرڻ مقصد هيو ۽ مسلمانن کي پنهنجي طرف راغب ڪرڻ هيو. هندن ۾ خوف پيدا ڪرڻو هيو ۽ هندو مسلمان ايڪتا کي ٽڪرا ڪرڻ هيو. انهن ۾ سائين جي. ايم سيد ۽ ٻين ان ڳالهه جو اعتراف به ڪيو ته ان واقعي سان سنڌ ۾ هندو مسلم ايڪتا کي ڌڪ لڳو ۽ سندن تعلقات هميشه لاءِ خراب ٿي ويا. پير علي محمد راشديءَ جي چوڻ موجب ته ان تحريڪ جي اڳواڻي کهڙي صاحب ڪئي هئي.

## ميونسپل جنرل لائبرري

جنرل لئبرري جيڪا هاڻي به ميونسپل ڪارپوريشن جي بلڊنگ ۾ موجود آهي اها



1835ع ۾ قائم ٿي ۽ ميونسپل 1856ع ۾. اهڙي طرح جنرل لئبرري جي عمر ڪارپوريشن کان به وڏي آهي. هي لائبرري 'انڊس فلوٽا ڪمپني' 1835ع ۾ پنهنجي ملازمن لاءِ ٺاهي هئي. 1869ع ۾ جڏهن انڊس فلوٽا ڪمپني ختم ٿي ۽ سنڌ تي گورن جي حڪومت قائم ٿي ته ضلعي جي حاڪم پوپ هن لائبرري جو خيال رکيو. 1893ع ۾ هن لائبرري کي رجسٽرڊ ڪرايو ويو ۽ ان جو نالو جنرل لائبرري سکر رکيو ويو. هن لائبرري لاءِ عام ماڻهن کي به ميمبر ڪيو ويو. 1911ع ۾ ديوان پوڄ سنگهه جيڪو سکر ميونسپل ڪارپوريشن جو پهريون چيئرمين ٿيو اهو ان لائبرري جو سيڪريٽري ٿيو. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ ۽ سنڌ جي بمبئي کان جدا ٿيڻ کان پوءِ پهرين اسيمبلي جو اسپيڪر به ديوان پوڄ سنگهه ٿيو. هن لائبرري ڪافي لاها چاڙها ڏٺا آهن. پر اڃا تائين قائم آهي. علم جي پياس جا پياسا هتي پنهنجي اڄ اڃهائي رهيا آهن.

## ساڌٻيلو

هن جو نالو ته ساڌٻيلو آهي. پر الائي ڇو اردو پريس ان کي ساڌو ٻيلو چوي ٿي. جيئن کهڙي کي کوڙو ۽ ٽالپر کي ٽالپور سڏي ٿي. انهن کي اسان به ائين ئي ٿا سڏيون 'ساڌو ٻيلو' کوڙو يا ٽالپور! احساس ڪمتري آهي.

هي آستان جنهن کي 'ونکنڊي آشرم' به چون ٿا. سنڌوءَ جي وچ ۾ بکر قلعي جي اولهه طرف هڪ ٽڪريءَ تي قائم آهي. انگريزن جي اچڻ کان ويهه سال اڳ ۾ ساڌو ونکنڊئي ان کي ٽڪري تي قائم ڪيو. انگريزن جي اچڻ کان پوءِ اتي سرڪاري بنگلو ٺاهڻ جو ارادو ڪيو ويو پر پوءِ اهو ارادو ختم ڪيو ويو. ان ۾ عاليشان عمارت ٺاهي وئي ۽ بجلي پيدا ڪرڻ جو سسٽم به تيار ڪيو ويو. ساڌ ٻيلو ساري جهان ۾ مشهور آهي. سياح ان کي ڏسڻ لاءِ ٻاهران به اچن ٿا. ان جي خوبصورتي جو تعلق صرف ڏسڻ سان آهي.

جڏهن پي پي پي جا ليڊر شهيدن جي قبرستان تي ڳڙهي خدابخش ايندا آهن ته سيد خورشيد احمد شاهه ڪين دريا جو سير ڪرائڻ لاءِ هيڏانهن به وٺي ايندو آهي.

## سکر ميونسپلٽي

سکر ميونسپلٽي 1856ع ۾ تڏهن قائم ٿي، جڏهن سکر جي آدمشماري رڳو 12000 هئي. هن جو صدر ڪليڪٽر هوندو هيو. 1884ع ۾ جڏهن شهري پنهنجا نمائنده به چونڊي سگهيا ٿي. صدر پوءِ به ڪليڪٽر هوندو هيو. نائب صدر چونڊيل هوندو هيو. خانبهادر پير بخش جي دور ۾ هتي بجلي گهر نهيو جنهن سکر ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو. 1911ع ۾ پوڄ سنگهه ميونسپل ڪارپوريشن جو صدر ٿيو. ان کان پوءِ ميونسپل سکر ۾ گهڻا ترقياتي

Gul Hayat Institute

ڪم ٿيا، جنهن شهر جي واڌ ۾ ڪافي ڦيرو آڻي ڇڏيو.

## انتظاميہ

1843ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي ۽ انتظام رکڻ جا ٽڪڙا اُپاءَ ورتا. جنرل چارلس نيپيئر سنڌ جو پهريون سربراهہ ۽ گورنر مقرر ٿيو. هن 1843ع کان 1847ع تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي ۽ انتظامي قدم کنيا. سنڌ ۾ ٽي ضلعا قائم ڪيا ويا: ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور. عمرڪوٽ ۽ جيڪب آباد جون بہ سپرنٽينڊنٽ ٿاهيون. عمرڪوٽ ۾ ڪرنل تروٽ ۽ جيڪب آباد ۾ جان جيڪب پورن اختيارن سان سپرنٽينڊنٽ مقرر ڪيا ويا. انهن ٻنهي صاحبن اهڙن ڏکين علائقن جي پنهنجي عقل ۽ دانشمنديءَ سان ڏاڍي خدمت ڪئي ۽ انتظامي طرح ٺيڪ ڪيو. ڪرنل تروٽ تہ 74_1873ع ۾ سنڌ ڇڏي ويو پر جان جيڪب هتي رهي پيو.

1901ع ۾ سنڌ ۾ نوان ضلعا سکر ۽ لاڙڪاڻو قائم ٿيا. شڪارپور ضلعي جي حيثيت ختم ڪري سکر جو حصو بڻائي ان کي هڪ سب ڊويزن جو درجو ڏنو ويو. ائين اباوڙي تائين ايراضي سکر ۾ اچي وئي. ڏکڻ طرف خيرپور اسٽيٽ هئي.

ان کان پوءِ سکر جو ٻيو انتظامي دور شروع ٿيو جنهن ۾ سندس اهميت اڃا بہ وڌي. 1932ع ۾ بيراج ٺهڻ جي ڪري تہ سکر وڏيڪ اهم مرڪزي شهر ٿهي پيو. 1889ع ۾ لئنسڊائون پل ٺهڻ سان بلوچستان ۽ ملتان، سکر سان تہ ملي ويا، پر سنڌ سان بہ اهي علائقا ڳنڍجي ويا.

پاڪستان ٺهڻ سان هڪ نئين تبديلي آئي. سکر ۽ ٻين شهرن ۾ هندستان کان آيلن کي هندن جون ملڪيتون مليون. سرڪاري عهدا بہ آيلن کي مليا. سنڌي مقامي ماڻهو گهڻا پڙهيل ڪونہ هئا. نون آيلن جون تہ وفاقي حڪومت ۾ لياقت علي ان ۽ سندس ساٿين ۾ جهڙوڪ پاڙون ڪُتل هيون. سندن پٺڀرائي ٿي رهي هئي. مقامي صوبائي حڪومت کي لياقت علي خان ۽ "پنهنجن" لولو لنگڙو ڪري ڇڏيو هيو. 1954ع ۾ ون يونٽ جو دور دوره ٻڌڻ ۾ آيو.

1955ع کان ون يونٽ جو نظام لاڳو ڪيو ويو. صوبا ختم، سنڌ جو نالو ڪٽڻ لکڻ بہ ڏوهہ ٿي ويو. ٻہ صوبا ٿي ويا. هڪ اسان وارو ويسٽ پاڪستان ۽ ٻيو بنگالين وارو ايسٽ پاڪستان. ان سال ون يونٽ سان ئي ڪمشنريون بہ رائج ٿيون. سنڌ ۾ ٽي ڪمشنريون ٺهيون. ڪراچي، حيدرآباد ۽ خيرپور. خيرپور جي اسٽيٽ واري حيثيت ختم ڪري ڪميشنري ڪئي وئي. والي کي خوش ڪرڻ لاءِ خيرپور کي ڪمشنري ڪري لاڙڪاڻو جيڪب آباد، سکر، خيرپور ۽ نواب شاهہ ضلعا ان ۾ ڏنا ويا.



نئين نظام سنڌ کي پوري ملڪ کي مضبوط ڪيو يا نہ، پر عام طور بدگماني ۽ سياسي عدم استحڪاميءَ وارو تاثر پيدا ٿي ويو. سنڌي ٻولي جي اهميت ختم ڪئي وئي. سنڌ ۾ بہ دلي ۽ ون يونٽ خلاف سياسي تاءُ پڪڙيو ۽ جدوجهد شروع ڪئي وئي. پنجاب لاءِ باقي ٽن صوبن ۽ بنگال ۾ بہ نفرت وڌي وئي. ڇو تہ اڪثر بيورو ڪريسي، فوج ۽ حڪمراني ڪندڙيا تہ پنجاب جا يا وري مهاجر هئا. بنگالين 1952ع ۾ جدوجهد ڪري پنهنجي بنگالي ٻولي کي قومي ٻولي تسليم ڪرايو هيو. جيڪا 50 سيڪڙو کان وڌيڪ آدمشماري جي ٻولي هئي. باقي سنڌي لولي لنگڙي زبان بڻائي وئي. جڏهن تہ هتان لڏپلاڻ ڪري ويندڙ سنڌي هندن ڀارت ۾ سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏياريو.

16 ڊسمبر 1971ع تي پاڪستان ۽ دنيا جي مسلمان ملڪن ۾ تاريخي طرح هڪ ڏکوئيندڙ واقعو ٿيو. پلٽن ميدان ۾ پاڪستاني حڪمران، ايسٽ پاڪستان، هندستان ۽ مڪتي باهمي فوجن جي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪندي سرينڊر ڊاڪيومينٽ صحيح ڪيو. اوڀر پاڪستان هاڻي بنگلاديش ٿي ويو. پاڪستان وٽي چئن صوبن تي رهيو.

جولاءِ 1970ع کان صدر يحييٰ خان ون يونٽ ٽوڙڻ جو اعلان ڪري چڪو هيو ۽ پهرين جولاءِ کان سنڌ جي پراڻي صوبي واري حيثيت بحال ڪئي وئي هئي.

20 ڊسمبر 1971ع تي ذوالفقار علي ڀٽي صاحب پاڪستان جي صدر ۽ چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر جو عهدو سنڀاليو.

ائين پاڪستان جو نئون دور شروع ٿيو.

1972ع ۾ ڪمشنريون ختم ڪيون ويون.

3 جولاءِ 1972ع تي سنڌي لئنگئيج بل اسيمبلي ۾ پيش ڪيو ويو. اسيمبلي ميمبر جو تعداد 60 هيو. سٺن نان سنڌي ميمبرن کان علاوہ سڀني ميمبرن سنڌي ٻولي بل جي حق ۾ ووٽ ڪيو تہ:

جنگ اخبار ۾ رئيس امروهويءَ جي ان هڪ مصرعي "اردو کا جنازہ ہے، ذرہ دھوم سے نکلے" سنڌ ۾ باهہ ٻاري ڇڏي. سنڌي مهاجر جهيڙا شروع ٿي ويا. اهو بل الاهي بخش ڀانئڻ اسيمبلي ۾ پيش ڪيو هيو. ڀانئڻ آهن تہ ٺري ميرواهہ جا، پر سندن هڪ گهر لطيف آباد حيدرآباد ۾ بہ هيو.

مچريل مهاجرن گهر تي خوني حملو ڪري ڏنو پر سندن حفاظتي عملي دفاع ڪندي حملہ آورن کي ڀڄائي ڇڏيو نہ تہ الائي ڪهڙو حشر ٿئي ها. نيٺ ڀٽي صاحب هڪ ٻيو بل آڻائي سنڌ کي ٻن ٻولين وارو صوبو قرار ڏنو. ائين مهاجرن سان هڪ اهڙو اندروني ڳجهو ٺاهہ ڪيو جنهن کي اڃا تائين سنڌي ڀوڳي رهيا آهن.

1972ع ۾ ڪمشنريون ختم ڪيون ويون، پر سرڪار محسوس ڪيو تہ

Gul Hayat Institute

ڪمشنريون هٽڻ گهرجن. ان سوچ سان 1974ع ۾ وري ڪمشنريون بحال ڪيون ويون، پر هن وقت خيرپور جي بدران سکر ڊويزنل هيڊ ڪوارٽر ٿيو ۽ خيرپور ضلعو رهجي ويو. جيڪا صورتحال اڃا قائم آهي.

شڪارپور کي سکر مان ٽوڙي 1979ع ۾ ضلعي جو درجو ڏنو. ائين 1994ع ۾ گهوٽڪي ۽ ميرپورماٿيلي کي جدا ڪري گهوٽڪي کي الڳ ضلعو بڻايو ويو. باقي پراڻي سکر ضلعي ۾ سکر، روهڙي ۽ پنوعاقل تعلقا رهجي ويا آهن.

2001ع ۾ ”ڊواليوشن“ جي نالي ۾ ضلع حڪومتون ٺاهيون ويون ته ڪمشنرين، ڊي سي ۽ مئجسٽريٽري کي ختم ڪيوويو. ڊي سي جا ڪجهه اختيار پوليس کي ته ڪجهه جوڊيشري، ڪجهه ضلع ناظم ۽ باقي هوم ڊپارٽمينٽ کي ڏنا ويا.

ان نظام تحت 2001ع آگسٽ ۾ سکر به هڪ ضلعي حڪومت ٿي وئي جيڪا به هزار ڏهن تائين رهي. ان کان پوءِ وري ڪمشنري ۽ ڊپٽي ڪمشنر بحال ٿي ويا پر هن دفعي ڊي سي جا انتظامي ۽ عدالتي اختيار پوري طرح بحال نه ٿيا. ڪين ڪجهه ترقياتي ڪم ڏنا ويا. ڪمشنري به هلي پئي، سکر هاڻي ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪمشنر جو هيڊڪوارٽر آهي.

## منهنجي سکر مان بدلي

مان آسرو لاهي ويٺس ته ڪو منهنجي بدلي، ڪراچي ڪنهن سيڪريٽريٽ ۾ ٿيندي. انهن ئي ڏينهن ۾ چيف سيڪريٽري اسلم سنجراڻي صاحب سينٽ ميري هاءِ اسڪول ۾ ڪنهن فنڪشن ۾ آيو. هلڪي هلڪي برسات پئجي رهي هئي. جنهن ڪجهه فنڪشن کي ڦٽائي ڇڏيو. ايڏو وڏو هال به ڪونه هيو جنهن ۾ فنڪشن ڪجي. اڏ آلا ٿي وياسون. سنجراڻي صاحب لاءِ ۽ منهنجي لاءِ ڇٽيون آيون. ڪجهه خواتين لاءِ به ڇٽيون هيون پر پوءِ به برسات پنهنجو ڪم ڏيکاريو ۽ سڀني کي پسائي ڇڏيو.

## سرخاب جا پَرَ

ان اسڪول سان اسلم صاحب جو پراڻين يادين جو لاڳاپو آهي. پاڻ مئٽرڪ اتان ڪئي اٿائون. اسان جي دوست آفتاب قريشي به اتان مئٽرڪ ڪئي آهي. غوث بخش مهر، آفتاب منگي، خادم حسين، الطاف منگي، (منهنجي مائٽ ۽ فيس بوڪ تي ساٿي وتايو فقير) به سينٽ ميري مان مئٽرڪ ڪئي. وڏي نالي وارو اسڪول هيو. ان نسبت سان سنجراڻي صاحب اتي پنهنجي يادين جي ورجاءُ جو مزو وٺي رهيو هيو. فنڪشن ڏسندي ڏسندي چوڻ لڳو: ”تياري ڪر تو کي ڪراچي تعليم کاتي ۾ ٿا گهرايون.“ مون چيو ته تعليم کاتي ۾ ڇا؟ چيائين ”نمبر 2“ نمبر ٽو ته پاڻ به نه هجي. چيائين فڪر نه ڪر تنهنجو



اسان خيال رکنداسون. منهنجي هٿن مان ته پکي اڏامي ويا. اهو ڇنڇر جو ڏينهن هيو. سومر تي منهنجو آرڊر ٿيو. اسپيشل سيڪريٽري ايڊيوڪيشن! ٻه ٻه ويون ته ڇهه به ويون. مون حجت ڪري سنجراڻي صاحب کي فون ڪري چيو ته ”سائين ڪٿي ٻه پر سيڪريٽري لڳايو“ ڏاڍو دل ڏکوئيندڙ جواب ڏنائين جيڪو آءٌ زندگي ڀر نه وساريندس. ”تو کي سرخاب جا پر لڳل آهن ڇا؟“ مون پاڻ سنڀاليندي جواب ڏنو”سائين! سرخاب جا پر ته ڪنهن کي به ناهن لڳل!“ پاڻ ڪاوڙمان فون بند ڪري ڇڏيائين. هڪ ته ماٺهوءَ کي ڇهندي پايو وري ڏڪو به ڏئي ڇڏيو! 1991ع کان وٺي به ٽي ڀيرا نوڪري گڏ ڪئي اٿئون. پر اهڙو جواب...؟

ارباب صاحب سان ڳالهائيم ته هن ٻڌايو ته تنهنجو پوسٽنگ آرڊر جو ڊائريڪٽو ته مون سيڪريٽري سروسز جو ڪيو آهي. جتان نرگس گهلو آمريڪا ٽريننگ تي ويل آهي!“ نرگس کي واپسي ۾ اڃا به ٽي مهينا هئا، پر اسلم صاحب اها پوسٽ خالي پئي ڇڏڻ چاهي يا مون کي نه پئي رکڻ چاهيو.

پندرهن ڏينهن کان پوءِ اتي لياقت علي آرائين جي پوسٽنگ بطور سيڪريٽري سروس ٿي وئي. نرگس گهلو اڃا آمريڪا مان نه موٽي هئي.

❊

# 16
# فيبروري 2005 ڪان سيپٽمبر 2006

## ڪلاچيءَ جو ڪُنُ...

17 فيبروري 2005ع تي آرڊر پهتو. آرڊر اوچتو هيو. مون ذهن ڪونہ ٺاهيو هيو. هڪ ٻہ ڏينهن ذهن کي ٺاهڻ ۾ سامان کي سانڍڻ ۾ لڳي ويو ۽ ڪجهہ دوستن جون دعوتون کاڌيون.

آخري دعوت نثار احمد صديقي، ڊائريڪٽر آءِ بي. اي سکر طرفان هئي. سکر جي آءِ بي. اي جو ڪجهہ وقت آئون بطور ڊي سي او بورڊ آف گورنرس جو چيئرمين بہ هيس. جڏهن آءِ بي. اي جو بنياد 1996ع ۾ وڌو ويو تہ مان بہ صديقي صاحب سان ڊي سي خيرپور جي حيثيت ۾ ٻانهن ٻيلي هيس، ۽ بي. او. جي (BOG) جو ميمبر بہ هيس.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اچي ڪراچي ۾ اسپيشل سيڪريٽري ايڊيوڪيشن جي چارج سنڀالي... مون کان اڳ ۾ سهيل اڪبر شاهہ صاحب اتي اسپيشل سيڪريٽري هيو.

مون کي سنجراڻي صاحب چيو هيو تہ تو کي ۽ سيڪريٽري کي ڪم ورهائي ڏبو جيئن اسپيشل سيڪريٽري جي هجڻ جو فائدو ٿئي ۽ فائيلن جو اڪلاءُ بہ جلد ٿئي.

مان ان پاور جي ورهاست جو انتظار ڪندو رهيس پر پاورن جي ورهاست ڪونہ ٿي. نہ ئي اسلم صاحب کي ضرورت محسوس ٿي هوندي، نہ ئي مون ساڻس ملاقات ڪري ياد ڏياريو.

هاڻي منهنجو ڪم اهو رهيو هيو تہ جيڪي بہ فائيل ايڊيشنل سيڪريٽرين کان ايندا هئا، انهن تي صحيح ڪري سيڪريٽري ڏانهن موڪليندو رهيس. سيڪريٽري محمد هاشم لغاري هيو. جيڪو سنڌ ۾ تمام گهڻن ڊپارٽمينٽن ۾ سيڪريٽري رهيو هيو.

اهي فائيل جڏهن مون وٽ ايندا هئا سيڪريٽريءَ جي آرڊرن سان تہ انهن تي وري صحيح ڪري واسطيدار ايڊيشنل سيڪريٽرين ڏانهن بنا ڏسڻ جي روانو ڪندو هيس.



جيڪڏهن مان اهي فائيل پڙهان ۽ انهن تي پنهنجو Input/ راءِ ڏيان تہ پوءِ ڏهاڙي جا فائيل ڏهاڙي نہ پئي نڪري سگهيا.

مون هڪ ڏينهن هاشم لغاري صاحب سان ڳالهہ چوري تہ مان تہ فائينلن تي پنهنجي راءِ ڏيڻ جي لاءِ ٽائيم ڪونہ ٿو ڪڍي سگهان. جيئن جو تيئن فائيل توهان وٽ موڪليان ٿو ۽ توهان جا فائيل واپس هيٺ موڪليان ٿو. تنهن ڪري سڀ فائيل مون وٽ نہ موڪليو پر اهي ونگ جيڪي توهان سمجهو ٿا تہ توهان جي توجہ جون محتاج نہ هجڻ گهرجن، اهي منهنجي حوالي ڪيو تہ توهان تان بہ بار هلڪو ٿي ويندو ۽ مان بہ پاڻ کي ڪنهن ڪم جو سمجهندس. مثلاً تعليم بالغان، مدرسہ اسڪول، اسپيشل ايڊوڪيشن، انفارمل ايڊيوڪيشن ۽ مانيٽرنگ ۽ ايووليوشن يا ڪي اهڙا ٻيا فالتو ڪم.

ان زماني ۾ صرف هڪ اسپيشل سيڪريٽري ۽ چار ايڊيشنل سيڪريٽري هئا. حميده کهڙو صاحبہ هاشم لغاري جي اچڻ کان اڳ ۾ ٽي چار سيڪريٽري 6 مهينن ۾ بدلائي چڪي هئي. سندس معاملا مسعود کهڙو صاحب هلائيندو هيو. نہ هو سيڪريٽرين مان خوش ۽ نہ وري سيڪريٽري منجهائن راضي هئا. پئي ڇڪتاڻ هلندي هئي. منسٽر صاحبہ ۽ مسعود کهڙو مون سان ڏاڍو راضي هئا. ڇو تہ مان کين ڏاڍي عزت ڏيندو هيس، پر ڇو تہ منهنجي اختيار ۾ ڪجهہ ڪونہ هيو تنهن ڪري منهنجا دامن آجا هئا.

ڪڏهن ڪڏهن وزير صاحبہ ۽ سيڪريٽري صاحب جي وچ ۾ مسئلا ٿيندا هئا انهن جو بہ حل ڪڍي مان کين راضي ٻاڙي ڪندو هيس. وزير صاحبہ ۽ مسعود صاحب جو مون ڏانهن راضپو محسوس ڪري سيڪريٽري صاحب مون کان ڪجهہ پاسيرو ٿي ويو. هن کي اهو لڳو تہ مان کيس هٽائي سيڪريٽري ٿيندس. منسٽر ۽ مسعود کهڙي کي مان ئي برغلايان ٿو. پر ڳالهہ ان جي ابتڙ هئي. الله اهڙو ظرف نہ ڏنو آهي تہ پنهنجي باس جون ٽنگون ڇڪيان. مون کيس يقين ڏياريو پر مون کي خبر ناهي تہ هاشم صاحب کي يقين ٿيو يا نہ.

پهريان تہ هاشم صاحب منهنجو اهو پروپوزل قبول ڪيو پر ٻن ڏينهن کان پوءِ مون کي چيو تہ هو اهي پاور مون کي نہ ارپيندو.

## سيڪريٽري G.A جي مقرري

اپريل جي آخر ۾ چيف منسٽر منهنجون سيڪريٽري GA جي پوسٽنگ جون هدايتون ڪيون. پر اسلم سنجراڻي صاحب منهنجو آرڊر روڪي ڇڏيو. جنهن ڏينهن پاڻ بدلي ٿي چارج ڇڏيائين، تيستائين آرڊر نہ نڪتو.

فضل الرحمان صاحب 5 مئي 2005ع تي چارج ورتي ان ڏينهن ئي منهنجو آرڊر

Gul Hayat Institute

نڪتو. مون تعليم کاتي مان چارج ڇڏي سيڪريٽري سروسز جنرل ائڊمنسٽريشن ۽ ڪو آرڊينيشن ڊپارٽمينٽ ۾ سيڪريٽري جنرل ائڊمنسٽريشن (G.A) جي چارج ورتي.

(S.G.A.& C.D.) هيءُ عجيب کاتو آهي. دراصل اهو کاتو ئي چيف سيڪريٽري جي حوالي آهي. هن ۾ سروسز، جنرل ائڊمنسٽريشن ۽ ڪو آرڊينيشن جا کاتا شامل آهن. انهن جي مدد لاءِ سيڪريٽري سروسز ۽ جنرل ائڊمنسٽريشن، چيف سيڪريٽري جا مددگار آهن. انهن کي پنهنجا کاتا ڪونہ آهن. چيف سيڪريٽري کان ڪجهہ اختيارات کين transfer ڪيل آهن، باقي حڪم چيف سيڪريٽري جو هلندو آهي.

سيڪريٽري سروسز تہ نوڪرين جا مسئلا ڏسندو آهي. باقي ٻيا جيڪي اختيارات يا ڪم آهن اهي سڀ سيڪريٽري (G.A.) جي حوالي ئي هوندا آهن. ٻي انتها دلچسپ پر مٿي جو سور آهي.

جيئن: ڪيبينيٽ جو ڪم، جنهن ۾ چيف منسٽر، گورنر ۽ وزيرن جي حلف برداري جو بندوبست، ڪيبينيٽ ميٽنگ ڪرائڻ ۽ انهن جا منٽس ۽ انهن جو عمل درامد.

هر قسم جو سنڌ ۾ پروٽوڪول جو انچارج سيڪريٽري (G.A) ئي هوندو آهي. ان جي مدد لاءِ ڊائريڪٽر جنرل پروٽوڪول ۽ ٻيا پروٽوڪول آفيسر شامل آهن. جنهن ۾ وزيرن جون گاڏيون، آفيسون، گهرن ۽ انهن جي سنڀال جو بندوبست ڪرڻ آهي.

سرڪاري گاڏيون، جهازن تائين انهن جي خريداري سيڪريٽري (G.A.) جي ذميداري آهي. سڄي سنڌ جي ملازمن جي بينوولينٽ فنڊ جو انچارج بہ سيڪريٽري G.A. آهي. ڪن ملازمن کي سيڪريٽيريٽ مان تہ ڪن کي ضلعن مان فنڊ ملندو آهي، ان فنڊ کي هلائڻ لاءِ مون بهتر طريقو اختيار ڪيو تہ جيئن ضرورتمندن کي تڪليف نہ ٿئي. ان مد ۾ پيل پئسا بئنڪ ۾ رکيا ويا ۽ اتان بہ سال ۾ ڪروڙين رپيہ سرڪار جي بچت ٿيندي رهي.

سنڌ سرڪار جون ملڪيتون، انهن جي سنڀال ۽ خريداري وغيره يا الاٽ مينٽ بہ سيڪريٽري G.A. جي حوالي آهي.

آفيسرن جا ميڊيڪل جا ٻيا بل بہ سيڪريٽري جي اي معرفت ئي منظور ٿيندا آهن. انهن جي پيمينٽ، ناڻو کاتو ڪندو آهي. ناڻي کاتي جي بجيٽ منظور ڪرڻ. ٽريننگ جي ذميداري بہ جنرل ايڊمنسٽريشن کاتو سنڀاليندو آهي.

هر اهو ڪم جيڪو سروسز کان علاوه چيف سيڪريٽري جو آهي ان جو ذميدار سيڪريٽري جي اي هوندو آهي. سنڌ سرڪار جي سڄي ملڪيت جو رکوالو بہ جنرل ائڊمنسٽريشن کاتو آهي.



## چيف سيڪريٽري فضل الرحمٰن

فضل الرحمان صاحب آڊٽ ۽ اڪائونٽ سروسز جو 22هين گريڊ جو سينئر آفيسر هو. پاڻ اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ ۽ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري فنانس سنڌ بہ رهيو. ڪي بي رند صاحب جي وقت ۾ اي سي ايس فنانس هيو. حالانڪ ڪي بي صاحب کان سينئر هيو پر پوءِ بہ ساڻس ڀرپور تعاون ڪيائين. ڪي بي رند جڏهن جون 2002ع ۾ چيف سيڪريٽري ٿيو تہ کانئن 7 ٻيا آفيسر سنڌ گورنمينٽ ۾ سنيئر هئا، جن ۾ ٽي چار تہ ڊي ايم جي جا آفيسر هئا.

منهنجي فضل صاحب سان اڳ ۾ رسمي ملاقات هئي. گهڻو گهرا ڪونہ هئاسون. نہ وري ڪڏهن گڏ ڪم ڪيو هيوسين، پر جلدي ئي اسان هڪ ٻئي کي پرکي ۽ هڪ ٻئي جي طبيعت کان واقف ٿي وياسون. فضل صاحب مون کي ڪم ڪرڻ جي پوري آزادي ڏئي ڇڏي ۽ پورو پورو اعتماد ڪرڻ لڳو هيو. ان صورتحال ۾ منهنجو ڪم وڌيڪ ڏکيو ٿي ويو. ڪنهن بہ قسم جو اهڙو ڪم جاٽي ۽ اٽجاٽائيءَ ۾ بہ نہ ٿيڻ گهرجي، جيڪو غلط هجي ۽ سندس اعتماد کي ڌڪ رسي. مان وڌيڪ محتاط ٿي ڪم ڪرڻ لڳس. رب ڪريم جي مهرباني ۽ ڪرم ساڻ هيو. ڏيڍ سال ۾ ڪڏهن بہ اهڙي صورتحال نہ ٿي، جو چيف سيڪريٽري منهن گهنجايو هجي. پٽ رهجي آئي. جڏهن بہ ڪنهن رهنمائي جي ضرورت هوندي هئي، آءٌ کانئس پڇي وٺندو هيس. سيڪريٽري سروسز ۽ G.A کي اها آزادي هوندي هئي تہ جڏهن چاهين وٽس وڃي سگهيا پئي. مان اهو خيال ڪندو هيس تہ جڏهن وٽس ڪو ماڻهو نہ هوندو هيو، فائل ڊسڪس ڪرڻ لاءِ ڪٽي ويندو هيس. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو ويٺل هوندو هيو ۽ ڪم ضروري هوندو تہ پوءِ انٽرڪام تي کانئس اجازت وٺي ويندو هيس.

مون کيس هميشہ شفيق ۽ محبت ڪرڻ وارو ڏٺو. ڪڏهن بہ ڪنهن تي شائوٽ ڪندي نہ ڏٺو. ڪڏهن بہ منفي انداز اختيار نہ ڪيائين. هميشه ان ڪوشش ۾ هوندو هيو تہ ڪو ڪم وارو ماڻهو اچي تہ ان جو ڪم ڪريان. هن وٽ تہ سنڌي، مهاجر، پنجابي جو مت ڀيد ڪونہ هيو. مون کي اڄا تائين اها خبر ڪونہ آهي تہ هو پنجابي آهي يا مهاجر. سندس دوستن ۾ هر طبقي، هر فرقي، هر صوبي ۽ هر نسل جا ماڻهو شامل آهن. سندس وڏ ۾ وڏ دوست سنڌي آهن. نہ صرف ڪراچي جا پر ٻهراڙين جا بہ. سندس سنڌي، مهاجر ۽ پنجابي هڪ جيتري عزت ڪندا هئا. هن سنڌ ۾ بہ ڊگها ٽينيئور گذاريا.

مئي 2005ع کان اڍائي سالن لاءِ چيف سيڪريٽري رهيو. اهو ارباب صاحب جو دور هيو جڏهن بدلي ٿيس سرحد جو ڊي ايم جي آفيسر شڪيل دراني صاحب چيف سيڪريٽري ٿيو. پر ٽن مهينن کان پوءِ شڪيل صاحب بدلي ٿي ويو. ان جي وقت ۾ مان

Gul Hayat Institute

سيڪريٽري ڪلچر هيس. شڪيل صاحب جي جڏهن بدلي ٿي ته هن سيني سيڪريٽرين جو ٿورو مڃيو پر منهنجو ۽ حميد آخوند صاحب جو نالو وٺي اسان جي تعريف ڪئي هئي.

شڪيل صاحب کان پوءِ اعجاز قريشي صاحب سنڌ جو چيف سيڪريٽري ٿيو. سنڌ گورنمينٽ اعجاز صاحب مان به خوش نه رهي ۽ ڇهن مهينن کان پوءِ فضل صاحب ٻيهر چيف سيڪريٽري ٿيو. سندس اهو دور سندس رٽائرمينٽ 30 آگسٽ 2010ع تائين جاري رهيو. پوءِ به سنڌ سرڪار سان 'ذوالفقار آباد ڊولپمينٽ اٿارٽي' تي ۽ ٻين خاص پروجيڪٽن تي ايڊوائيزر ۽ ايم ڊي رهيو. هاڻي به 'سنڌ لئنڊ بئنڪ ڪميٽي' جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر آهي.

هن جو حافظو به واهه جو هيو. سڄي سنڌ جي ڄاڻ سندس آڱرين تي هوندي هئي. هڪ ڀيري ائڊمنسٽريٽو اسٽاف ڪاليج جا شريڪ آفيسر سنڌ جي دوري تي آيا. چيف سيڪريٽري هنن کي بريفنگ ڏني. وٽس نه نوٽس هئا ۽ نه ڪو ڪاغذ. پر جيڪا بريفنگ ڏنائين، سنڌ جي مسئلن کي ڪو ٻيو اهڙو اجاگر نٿو ڪري سگهي. وري جڏهن انهن ڪالاباغ ڊيم تي، نيشنل فنانس ايوارڊ تي ٻين اشوز جيڪي چڀندڙ سوال ڪيا، اهي گهڻو ڪري ته پنجاب ۽ مرڪز سان لاڳاپيل هئا. انهن تي اطمينان ڏياريندڙ جواب همت سان فصل صاحب ڏنا، شايد ڪو سياستدان به ايتري جرائت نه ڪري.

## ڊاڪٽر حميده کهڙو سان عادل صديقيءَ جي بدتميزي

ڪيبينيٽ جون ميٽنگون هر مهيني ٿينديون هيون. وزيراعليٰ ارباب صاحب هيو. ڪيبينيٽ ۾ ايم ڪيو ايم جو وڏو زور هوندو هيو. سڄي ڪيبينيٽ تي ڇانيل هوندا هئا.

محترمه ڊاڪٽر حميده کهڙو تعليم جي وزير هئي. وڪيشن ۽ امتحانن جي شيڊيول تي اسلام آباد ۾ وفاقي وزير ۽ سيني صوبن جي ميٽنگ ٿي. ان تي هڪ گڏيل پروگرام ٺاهيو ويو. ميڊم به جيڪو مناسب سمجهيو اهو فيصلو ڪيو. ايم ڪيو ايم هميشه پنهنجيون ڳالهيون ڪندي آهي. ٿوري ڳالهه تي آسمان مٿي تي کنيون. چي: "توهان ڪير ٿيندا آهيو بنا اسان جي پڇڻ جي فيصلو ڪري آيا." ميڊم کهڙو سان عادل صديقي ڏاڍي بدتميزي سان ڳالهايو. ارباب صاحب دخل ڏنو ۽ عادل کي شرم ڏياريو. پوءِ وڃي خاموشي ٿي. ميڊم کهڙو هڪ عزتدار ۽ عمر رسيده خاتون جي حالت ڏسڻ وٽان هئي. تويا! ڪڏهن ڪڏهن ته ارباب صاحب سان به ڳنڍجي پوندا هئا.

*

چيف منسٽر ايندو هيو ته چيف سيڪريٽري ۽ مان ڪيس سيڪريٽريٽ جي پورچ



۾ آڌر ڀاءُ ڪندا هئاسون ۽ لفٽ ۾ وٺي سندس آفيس ايندا هئاسون. جيڪا ڪيبينيٽ ڪميٽي روم سان لڳ ستين فلور تي آهي.

هڪ دفعي مان سنڌي ٽوپي پائي آيو هيس ته جڏهن لفٽ ۾ چڙهياسين ته ارباب صاحب کلي چوڻ لڳو "اڳ ۾ ئي مڇريا وينا آهن تون وڌيڪ مڇرائيندين!"

ارباب صاحب لاءِ به وڏو ڏچو پيدا ڪيائون. پر جنرل مشرف کين چيو ته "هر هر وزير اعليٰ ڪونه بدلبو." تڏهن وڃي ڪجهه ٺاپر ۾ آيا ۽ ارباب صاحب پنهنجون رهيل ٽينيوئر ساڍن ٽن سالن جو پورو ڪيو. جيڪو ان وقت تائين شايد غلام مصطفيٰ جتوئي صاحب کان پوءِ وڏو ٽينيوئر هيو. پوءِ سائين قائم علي شاهه نوان پراڻا سڀ رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا.

*

ڪيبينيٽ سائيڊ تي، ڪم ڪندڙ عملي ۾ هڪ ڊپٽي سيڪريٽري ۽ هڪ سيڪشن آفيسر هئا. جيڪي ميٽنگ هلائڻ ۾ به مدد ڪندا هئا. ميٽنگ جا ڊرافٽ منٽس به تيار ڪندا هئا، جيڪي بعد ۾ چيف سيڪريٽريءَ کان منظور ڪرائي الڳ الڳ کاتن کي موڪليا ويندا هئا.

ڊپٽي سيڪريٽري لبنيٰ صلاح الدين ۽ سيڪشن آفيسر انتظار حسين هيو. جيڪو ڪافي تجربيڪار ۽ ڪافي وقت کان اتي ڪم ڪندڙ هيو.

*

سڄي نظام ۾ چيف سيڪريٽري جو مک ۽ بنيادي رول آهي. جيئن نالي مان لڳي ٿو. سيڪريٽري هڪ کاتي لاءِ ذميدار هوندو آهي. پر چيف سيڪريٽري سيني سيڪريٽرين جو چيف آهي ۽ سيني جي ڪم تي نظر رکندو آهي. تنهن ڪري چيف سيڪريٽري اهڙو آفيسر مقرر ڪيو ويندو آهي، جيڪو تمام گهڻو تجربيڪار، ديانتدار، ڄاڻ رکندڙ، وچولي طبيعت وارو، ڪامورا شاهي ۽ وزارت جي وچ ۾ توازن رکندڙ ۽ انتهائي ذهين ۽ ڏاهو آفيسر هجي. چيف سيڪريٽري جي پوسٽ 22 هين گريڊ جي آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن 21 هين گريڊ جو برجستو بي انتها خوبين جو مالڪ به چيف سيڪريٽري رکيو ويندو آهي. ڪنهن وقت ته ڪنهن جڏي آفيسر جو به ڪٺو نڪري ايندو آهي.

جتي چيف سيڪريٽري کي صوبي جي ڪامورا شاهي ۽ ڪاروهنوار کي هلائڻو پوندو آهي ۽ اتي چيف سيڪريٽري، چيف منسٽر جو به مک صلاحڪار آهي. هر فائيل تي چيف سيڪريٽري پنهنجي راءِ چيف منسٽر کي ٻڌائيندو آهي. جيڪا سهي صورتحال جي فيصلي ڪرڻ لاءِ مددگار هوندي آهي، پر جيڪڏهن چيف منسٽر چيف سيڪريٽري جي راءِ جي خلاف ڳالهه ڪري ۽ چيف سيڪريٽري سمجهي ته فيصلو

Gul Hayat Institute

قانون، انصاف ۽ عوام جي مفاد جي خلاف آهي ته چيف سيڪريٽري هڪ دفعو ٻيهر پنهنجي دليلن سان ٻيهر چيف منسٽر کي رجوع ڪري سگهي ٿو. ٻيهر به چيف منسٽر جو ساڳيو فيصلو آيو ته چيف سيڪريٽري ان فيصلي تي عمل ڪرڻ جو پابند آهي.

ڪابينه جو ڪو وزير، وزيراعليٰ کي ڪو پروپوزل موڪليندو ته اهو چيف سيڪريٽري جي معرفت ويندو ۽ چيف سيڪريٽري ان پروپوزل تي پنهنجي قانوني راءِ ڏئي چيف منسٽر کي موڪليندو. سندس راءِ کان سواءِ چيف منسٽر جو حڪم اڻ پورو ۽ غيرقانوني هوندو آهي. انگريزن جي دور کان وٺي اهو رواج يا قانون رهيو آهي ته صوبن ۾ چيف سيڪريٽري ۽ آءِ جي وفاقي حڪومت، صوبي جي مشوري سان مقرر ڪندي آهي، جنهن حالت ۾ جيڪڏهن وفاق ۽ صوبي ۾ به سياسي ٽڪراءُ ڪونهي ته صورتحال ڏاڍي ڏکي ٿيندي آهي. ماضي، حال ۾ اهڙا ڪئين مثال اسان جي اڳيان آهن. هينئر آءِ جي سنڌ الهڏني خواجه جو مثال سامهون آهي.

*

ڪجهه سالن کان سنڌ صوبي ۾ اها بدعت اچي پئي آهي ته جڏهن نئين سال لاءِ بجيٽ ٺهندي آهي، اها اسيمبلي ۾ بجيٽ اجلاس ۾ منظوري لاءِ پيش ٿيندي آهي ۽ آخر منظور ٿي ويندي آهي ته ناڻو کاتو پنهنجي عملي ۾ چوڪيدار کان سيڪريٽري تائين ٻن يا ٽن بنيادي پگهارن جي برابر انعام ڏيندو آهي. اهو انعام سيڪريٽري اي جي، جي توسط سان چيف سيڪريٽري منظوري ڪندو آهي. حالانڪ اهو Honoraria ان آفيسر يا عملدر کي ملڻ گهرجي جيڪو پنهنجي عام ڪم کان وڌيڪ ڪو خاص ڪم ڪندو هجي. (Beyond call of duty) بجيٽ ٺاهڻ ته ناڻي کاتي جي فرضن ۾ شامل آهي. پوءِ بجيٽ ٺاهيائون ته ڪهڙو تير هنيائون. نتيجي طور ايڊمنسٽريشن جي عملي به سيڪريٽري ۽ چيف سيڪريٽري تي اهو پريشر وڌو ته جيڪڏهن ناڻي کاتي جي ملازمن کي اهو نذرانو/انعام ملي ٿو ته هو به غريب آهن. کين به ملڻ گهرجي. انهن جو انعام منظور ٿي ويو. هاڻي ته پيا کاتا به اهڙا انعام (Honouraria)، جيڪي ڪروڙين ۾ آهن، پنهنجي ملازمن کي ڏين ٿا.

*

هاڻي ته هڪ ٻي روايت به پئجي وئي آهي. ڪن کاتن ۾ ڪن پوسٽن لاءِ پگهار کان وڌيڪ لک لک، ٻه ٻه لک ڏنا ٿا وڃن. الائي چو هاڻي ويجهڙائي ۾ تعليم کاتي ۾ پي سي ايس يا ڊي ايم جي جي آفيسرن کي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر (DEO) مقرر ڪيو ويو آهي ۽ انهن کي هڪ کان ٻن لکن تائين وڌيڪ الائونس ملندو. چو؟ اهو ڪو نه ٻڌايو ويو آهي. پر اهو ضرور ٿيو آهي ته اهڙين رعايتن سان ٻين عملدارن ۾ بي چيني پيدا ٿئي ٿي. جيڪڏهن اهڙا انعام، اڪرام ۽ وڌايل الائونس ڏيڻا آهن ته پوءِ پوليس آفيسرن ۽



ڊپٽي ڪمشنرن کي ڏنا وڃن. ڪن پروجيڪٽن تي به الائونس رکيل اهن. انهن تي ٺيڪيدار کان ڪميشن به ملي ۽ سرڪار کان به ڪميشن ملي. ڊبل ڪميشن. اهي الائونس منظور ڪرڻ وارو به ناڻو کاتو ۽ فائدي وٺڻ وارو به ناڻو کاتو.

اڳ سختي سان ان ڳالهه تي عمل ڪرايو ويندو هيو ته ناڻي کاتي کي ڪنهن به پروجيڪٽ تي عمل ڪرائڻ جي ذميداري نه ڏني ويندي هئي، چو ته جيڪڏهن هو پاڻ ٿئي پروجيڪٽ ٺاهي. پاڻ منظور ٿو ڪري ۽ پاڻ انهن تي پيسا رکي پاڻ ٿو خرچ ڪري ۽ پاڻ ٿي واهه واهه ٿو ڪري، پر هاڻي ائين ناهي. هاڻي ته ناني رڏڻ واري ڏوهٿا ڪائڻ وارا. ملڪ منصور ٿي ويو آهي. ٿوروڪ رڪاءُ به ڪونهي. هاڻي ناڻي کاتي، انرجي کاتي ۽ پلاننگ ۽ ترقيات جو وزير به ساڳيو آهي.

## ماحوليات ۽ ٻيلن جي تباهي

اڄڪلهه اپر سنڌ ۾ گرمي جو پد 54 ڊگري سينٽي گريڊ کي پهچي رهيو آهي. ماڻهو ٿهڪن ٿا. لاڙڪاڻو جيڪب آباد، سکر، گهوٽڪي، خيرپور، نوابشاهه، شڪارپور ۽ دادو ته صفا توبهه زاري لڳي پئي آهي. سرڪار اعلان پئي ڪري ته ڏينهن لڳڻ گرمي جي اثرن کان بچاءُ لاءِ هر شهر ۾ بچاءُ جون ڪيمپون لڳايون ويون آهن. جيڪو گرمي جي ڪري متاثر ٿئي، اهو اتي هليو وڃي. پر ان جي باوجود اڄ 21 مئي 2016ع جي اخبارن ۾ اها خبر آئي آهي ته گرميءَ جي ڪري 9 ماڻهو مري ويا ۽ ڪيترائي بيهوشيءَ جي عالم ۾ اسپتالن ۾ داخل آهن.

تعليم کاتي عقلمندي کان ڪم وٺندي پهرين جون جي بدران 19 مئي 2016ع کان 25 جولاءِ 2016ع تائين اسڪولن ۾ گرمين جون موڪليون ڪيون آهن. پر جيئن حڪومت جي ٻين حڪمن تي عمل درامد گهٽ ٿو ٿئي، تيئن خانگي اسڪولن به ان حڪم تي اڏو گابرو عمل ڪيو آهي. سيڪريٽري تعليم کين ڏمڪين ڏيڻ ۾ پورو آهي.

اسڪول ته بند ڪيون ٿا. پر اسان ڪڏهن اهو سوچيو آهي ته ايتري گرمي هن پاسي وڌي چو وئي آهي. چون ٿا ته سج اُلا ٿو وسائي. سج نيزي پاند تي اچي بيٺو آهي. اها ته قيامت جي نشاني آهي جڏهن سج نيزي پاند ايندو ۽ هي دنيا تباهه ٿيندي ۽ روز حساب ايندو.

اسان ساوڪ، وڻ، ٽڻ، سڀ تباهه ڪري ڇڏيا آهن. اها مڃيل حقيقت آهي ته ڪنهن به ملڪ جي موسمي ۽ سماجي ۽ معاشي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ ان جي ايراضي جو گهٽ ۾ گهٽ به چوٿون حصو وڻن جي آبادي ۾ هجي. ڀارت ۾ ته 20 سيڪڙو کان وڌيڪ ايراضي ٻيلن ۽ وڻن ۾ آهي، پر سنڌ ۽ پاڪستان جو حشر نشر خراب ٿيندو ٿو

Gul Hayat Institute

وڃي. اسان هر دور ۾ نيون ڳالهيون ۽ نيون فلاسافيون ايجاد ڪري وڻن کي تباهه ڪري رهيا آهيون. پوين ڪجهه ڏهاڪن ۾ "ڌاڙيل" فيڪٽر جي ڪري ٻيلن کي تباهه ڪيو ويو. هڪ ته اصلي ڌاڙيل جي آڙ ۾ ڌوڪڙ ڪمائڻ وارن ڌاڙيلن، سرڪاري ملازمن سان ملي ڀڳت ڪري ناجائز طور وڻ وڍائي پيسا ڪمايا. آفيسرن کي اهو ڊپ ڏئي ڪين ٻيلن جو معائنو ڪرڻ کان روڪيو ويو ته "سائين ڌاڙيل توهان کي اغوا ڪري ويندا." ائين خوف پکيڙڻ لاءِ ڪجهه حقيقي ته ڪجهه نقلي واقعا به ٿيا.

## ڌاڙيل ۽ ٻيلا

اهو 80 يا نوي جو ڏهاڪو هئو جڏهن ڌاڙيل فيڪٽر جي نالي ۾ امن امان قائم ڪندڙادارن پاران ٻيلن مان بلڊوزر هلائي وڻن کي ناس ڪيو ويو. خاص طور ڪچي جي علائقن مان ته اهي ڪچي جا ٻيلا ڌاڙيلن جا پناهه گاهه آهن. هڪ طرف جهنگلي ڌاڙيل هئا، ٻئي طرف شهري ڌاڙيل ۽ دهشتگرد هئا. جهنگلي ڌاڙيلن جي ڪري ٻيلا ته ناس ٿيا پر ڌاڙيل ته اڃا تائين پنهنجي ڌنڌي کي لڳل آهن.

اهو نه سوچيو ويو ته وڻن جي تباهه ٿيڻ جي ڪري ماحوليات تي ڪهڙو اثر ٿيندو؟ اهي سڀ سبب ڄاڻايل آهن، پر پوءِ به انهن جو بلو نه ڪيو ويو. گهٽ ۾ گهٽ پڪي تي جيڪي آبپاشيءَ وارا ٻيلا آهن، انهن کي ئي بهتر ڪجي ها. وڻ لڳائجن ها. زمينداري اهڙيون پوکيون وڃن ها. روڊن، رستن ۽ سرڪاري عمارتن ۾ وڻ پوکيا وڃن ها.

## عرب ۽ وڻ

منهنجو ڪجهه سال اڳ ابوظهبي کان دبئي تائين 80-70 ميل روڊ رستي سفر ڪرڻ جو اتفاق ٿيو هو. اهو علائقو سڄو وارياسو ۽ ريتيلو آهي. پر اتي به هترادو پاڻي جون لائينون پهچائي روڊ جي ٻنهي طرفن کان وڻن جون قطارون لڳائي ڇڏيون اٿائون. ان سان اُتي اهو فائدو ٿيو آهي ته مقامي موسم خوشگوار ٿي وئي آهي ۽ تيز هوائن جي طوفانن جي ڪري جتي واري وسندي هئي ۽ روڊ رستن تي واريءَ جا ڍير گڏ ٿي روڊ بند ڪري ڇڏيندا هئا، هاڻي اتي صورتحال بدلجي وئي آهي. اهي وڻ ان واري کي روڪين ٿا ۽ روڊن رستن تي هلندڙ گاڏين جي سفر کي محفوظ ڪيو اٿائون.

مڊل ايسٽ ۾ نه زمين سٺي ۽ نه ئي پاڻي موجود آهي. سندن پاڻي به پيسن جو آهي. اصل ڳالهه حڪومت پاران فوقيت ڏيڻ ۽ پنهنجي ملڪ جي ضرورتن کي محسوس ڪرڻ آهي!

اسان جي روڊ رستن جي پاسن کان پاڻي به آهي ۽ زمين به سٺي ۽ مٺي آهي، پر ڇاڪجي! اسان پنهنجا پاڻ دشمن آهيون. اربين ربين جي خرچ سان انن انن لائينن جا



موٽر ويز ٺهن ٿا، پر انهن جي وچ تي ۽ پاسن کان وڻڪار ڪونهي. جيترا روڊ جا ٽريڪ آهن جيڪڏهن ايترين وڻن جون قطارون لڳائجن ته جيڪر روڊن جي عمر وڌي وڃي ۽ سفر ڪرڻ وارن مسافرن کي به ماحول سٺو ملي وڃي ۽ آسپاس به بهتري ٿئي ۽ اکين کي راحت ملي.

## نم ۽ جيل

سنڌ جي چيف سيڪريٽري سائين محمد صديق ميمڻ کي به ميسيج ڪري فون تي سڄي وارتا کان واقف ڪيو.

انتظاميا جا سڀ عملدار روشن خيال ۽ روشن دماغ آهن. مون کي اميد هئي ۽ اڃا تائين به يقين اٿم ته هو ان ڏس ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڪندا. ڪراچي کان گهاري تائين سنڌ سرڪار جي ٻيلي کاتي نم جا وڻ لڳايا آهن. ان کي پنج سالن جو عرصو ٿي ويو آهي. اڃا تائين به لڳائين ٿا. اهو اهو دور هيو جو سنڌ سرڪار "نم" کي سنڌ جو وڻ ڊڪليئر ڪيو هيو. صحيح فيصلو هيو. نم ۽ سنڌ هڪ ٻئي سان لاڳاپيل آهن. جيڪڏهن تاريخ ۾ ڏسبو ته نم جو وڻ اسان کي ايترو ئي پراڻو نظر ايندو جيترو سنڌ آهي. جيڪو وڻ يا فصل جنهن علائقي ۾ ٿيندو هجي، ان جو مطلب اهو ٿيو ته اهو وڻ ۽ ان علائقي جي زمين هڪ ٻئي کي قبول ڪن ٿا.

ڇا ٿيو ته ٽن سالن تائين ٻيلي وارن نم کي پاڻي ڏنو. پوءِ پاڻي بند ڪري ڇڏيو. وڻ جون پاڙون جر تائين نه پهتيون هيون جنهن جي ڪري جر جو پاڻي وڻ کي نه مليو برسات به ڪونه پئي، هترادو پاڻي به بند. نتيجو اهو نڪتو ته جيڪي وڻ وڏا ٿي ويا هئا، اهي به سڪڻ لڳا!

جڏهن مان ٻيلي کاتي وارن صاحبن سان ڳالهايو ته انهن محبت سان جواب ڏنو ته "سائين! توهان جي ڳالهه سچي آهي، پر اسان جا آفيسر ڪجهه جيل ۾ پيا آهن، اڌ کان وڌيڪ نيب وٽ انڪوائرين ۾ ڇڪجن پيا، ٻيا باقي خوف ۽ هراس ۾ واسوڙيل آهن." کلي وڌيڪ چوڻ لڳو "توهان کي ان ماحول ۾ نم جي وڻن جي پاڻي جو فڪر لڳو پيو آهي."

مان به ڪيس ساڳي لهجي ۾ کلي جواب ڏنو ته "ادا! جيڪڏهن توهان نم کي پاڻي صحيح نموني سان ڏيو ها ته اڄ اهو ڏينهن توهان کي ڏسڻو نه پوي ها. هاڻي ئي خيال ڪريو."

## ٻيلن جي نامناسب وادي

چيف سيڪريٽري فضل الرحمان صاحب سان گپ شپ دوران ماحول، وڻن ۽ ٻيلن

جو ذڪر نڪتو. ڳالهين ۾ ذڪر ڪندي مون کين مشورو ڏنو ته "وڻن لڳائڻ ۾ ۽ انهن کي وڏو ڪرڻ ۾ ته وقت ٿو لڳي. سرڪار ان معاملي ۾ جيڪو ڪم ڪري ٿي اهو ته ڪري ٿي. پر جيڪا ساليانی ڪٽائي (Tree cutting) ڪاٺي جي طرفان ٿئي ٿي ان کي جيڪڏهن ڪجهه سالن لاءِ بند ڪجي ته ڪجهه صورتحال بهتر ٿي سگهي ٿي."

پاڻ ان ڳالهه سان متفق ٿيا ۽ ٻيلي کاتي جي سيڪريٽري، چيف ڪنزرويٽر فاريسٽ، ڪجهه سينئر ڪنزرويٽرس فاريسٽ جي گڏجاڻي ڪوٺايائون. سندن حڪم تي مان ميٽنگ وارن کي ميٽنگ جي مول متي جو ٻڌايو ۽ چيف سيڪريٽري ڳالهه تي وڌيڪ روشني وڌي.

ٻيلي کاتي وارن جي رهنمائي ٻيلي کاتي جو سيڪريٽري شمس الحق ميمڻ صاحب ڪري رهيو هيو ۽ جيڪو گهڻي عرصي تائين سيڪريٽري ۽ چيف ڪنزرويٽر فاريسٽ رهيو آهي.

ڊپارٽمينٽ ان ڳالهه تي قائم رهيو ته ان وادي کان سواءِ ته ٻيلو ڪاتو نه هلندو. اسان جا ايشين ڊولپمينٽ ۽ ورلڊ بئنڪ سان معاهده ٿيل آهن ته اسان ساليانو پاڻ به ڪمائيندا سون ۽ انهن جي ڏنل گرانٽ يا قرض ۾ شامل ڪري پوءِ اسان خرچ ڪنداسون.

چيف سيڪريٽري ٻيلي وارن کي چيو ته جيترو توهان ٻيلي جي وادي مان ڪمايو ٿا ساليانو اسان ان کان 25 سيڪڙو وڌيڪ توهان کي سنڌ گورنمينٽ جي طرفان ڏينداسون. پر چونڊا آهن ته ننهن کي نوَ ڪوٽ، ڳالهه اڳتي نه چري، گاڏي جتي هئي اتي ئي بيٺي رهي.

مان هي اکر لکڻ کان اڳ ٻيلي کاتي کان 14-2013ع ۽ 15-2014ع جا واديءَ جا انگ اکر ورتا ته پاڻ ڪيترو ڪمايو اٿائون؟ خبر پئي ته انهن ٻنهي سالن ۾ صرف (700000) ست لک رپيا ڪمايا اٿائون.

اسان جي حڪومت جا ادارا نين ڳالهين کي ۽ نئين حقيقتن کي قبول ڪرڻ بجاءِ رڳو اسٽيٽسڪو تي هلي رهيا آهن. مان هاڻي به ان خيال جو آهيان ته جيستائين ٻيلي کاتي جي فاريسٽ پاليسي کي ماحوليات سان گڏي نئين سر ترتيب نه ڏنو ويندو، تيستائين نه ته ماحوليات ۾ ۽ نه ئي ٻيلي کاتي ۾ بهتري ايندي. نتيجو اسان جي سامهون آهي.

## سچڻ سفر هليا

مون کي سيڪريٽري جنرل ايڊمنسٽريشن طور ڪم ڪندي سيپٽمبر 2006ع ۾



هڪ سال ۽ چار مهينا ٿيا هئا. انهن حالتن ۾ ٻي ڪنهن ڊپارٽمينٽ جو سيڪريٽري ٿيڻ به عذاب جي برابر هيو. اڌ کان وڌيڪ اهم کاتا ته ايم ڪيو ايم جي حوالي هئا. ٻيا جيڪي کاتا سنڌي وزيرن وٽ، انهن جون پنهنجون گهرجون. بلڪ انهن ته پنهنجا پنهنجا 'ماڻهو' سيڪريٽري ڪري رکيا. جيڪي سندن هر غلط حڪم تي لبيڪ ڪندا هئا! باقي هڪ به کاتو رهيو جو سيڪريٽري چيف سيڪريٽري يا چيف منسٽر کي جواب ڏيندڙ هو جنهن ۾ سيڪريٽري جي اي به هيو. اسان الله جا ماڻهو وزيرن ڪبيرن کان لڪيل ويٺا، چيف سيڪريٽري جي پاڇي ۾ پيا ساهه کڻندا هئاسين. مان ڏاڍو سڪون سان هيس. هڪ ماڻهو جي پناهه ۾. اهو به چيف سيڪريٽري ٻئي ڪنهن سان نه ڏيڻ نه وٺڻ. پر اها ڳالهه به ڪن 'خير خواهن' کي نه وڻي. اتي به سندن نظر ٻهتي ته پوسٽنگ ڪرائين. آفتاب ميمڻ صاحب جيڪو ڊي ايم جي جو سينئر سيڪريٽري هيو ۽ انٽر پراونشنل ڪو آرڊينيشن (IPC) ڊپارٽمينٽ جو سيڪريٽري هيو. ان جي پوسٽنگ جو آرڊر منهنجي جڳهه تي ڪيو ويو.

چيف سيڪريٽري فضل الرحمان صاحب کي ڏاڍو صدمو ٿيو. هن چيف منسٽر سان ڳالهايو ته منگي صحيح ڪم پيو ڪري. چيائين ته "ان کي ڪافي عرصو ٿي ويو آهي. آفتاب بدلي پيو چاهي، سو آفتاب کي اتي رکو."

قمر منصور صاحب ايم ڪيو ايم جو وزير هيو. جنهن کي پنجن کاتن جو قلمدان مليل هيو. جنهن ۾ ڪلچر، ٽوئرزم، سوشل ويلفيئر، رانديون ۽ نوجوانن جو کاتو هئا. سندس سيڪريٽري محترمه مهتاب اڪبر راشدي هئي. جيئن ايم ڪيو ايم وارن کي ڪو به عزت وارو ۽ پنهنجي پير ۾ سنو ڪم ڪرڻ وارو سيڪريٽري نه وڻندو آهي، تيئن قمر منصور کي به محترمه جي بدلي ڪرائڻ جي ضرورت پئجي وئي. محترمه مهتاب اڪبر راشدي کي بدلي ڪيو ويو ۽ سندس جاءِ تي ڊائريڪٽر اسپورٽس اڪبر شاهه صاحب کي سيڪريٽري جي چارج ڏني وئي. جيڪو اسپورٽس بورڊ جو 19هين گريڊ جو نان سول سرونٽ ايمپلائي هيو. سندس اها پوسٽنگ رولز جي خلاف هئي.

ڪجهه ڏينهن ۾ ايم ڪيو ايم وارن پنهنجن وزيرن جون بدليون ڪيون. قمر منصور وارو کاتو ٻن حصن ۾ ورهايو ويو. رانديون ۽ نوجوانن جي ڀلائي جو کاتو قمر کي ڏنو ويو. باقي ڪلچر، ٽوئرزم ۽ سماجي ڀلائي جو کاتو هوم ڊپارٽمينٽ تان هٽائي رئوف صديقي کي ڏنو ويو. ڇا داخلا جو محڪمو ڇا ڪلچر ۽ ٽوئرزم. سيڪريٽري ٻنهي وزيرن جو هڪڙو ئي هيو. جنهن تي اڪبر شاهه قائم مقام سيڪريٽري جو ڪم ڪري رهيو هيو.

چيف سيڪريٽري کي وجهه ملي ويو هن منهنجي پوسٽنگ چيف منسٽر ۽ رئوف صديقي سان ڳالهائي بطور سيڪريٽري ڪلچر ڪئي. مان ٻئي ڏينهن تي چارج ورتي

Gul Hayat Institute

ڪم کي لڳي ويس. پر قمر منصور جو زور هيو ته ڪيس سيڪريٽري اڪبر شاهه گهرجي. حالانڪ هاڻي سندس ڪاتا اڏ ڪان به ننديا ٿي ويا هئا، پر پوءِ به ضد تي قائم هيو.

چيف سيڪريٽري ڪاتن کي ورهايو ۽ ڪلچر، ٽوئرزم ۽ سوشل ويلفيئر جو سيڪريٽري ته مون کي رهڻ ڏنو باقي راندين ۽ نوجوانن جي ڪاتي جو سيڪريٽري اڪبر شاهه کي (قانون جي خلاف) مقرر ڪيو ويو. وري قمر منصور جو ضد ته جيڪا اصل ڪلچر جي آفيس، جنهن ۾ مان ويٺو هيس، اها به اڪبر شاهه جي حوالي ڪئي وڃي. چيف سيڪريٽري هن جي ڳالهه ڏاڍي دير ڪان پوءِ مڃي ۽ مون کي به ميجرائي، اها ڳالهه اصول جي خلاف هئي. جڏهن ڪان ڪاتو ٺهيو هيو ته اها ڪلچر جي آفيس هئي. پر زور اڳيان زاري آهي. هنن جو هروڀرو انا جو مسئلو ٿي ويو هيو. مون ڏکويل دل سان آفيس ڇڏي. اها آفيس حميد آخوند صاحب قائم ڪئي هئي. هن مون کي ميار به ڏني، پر اسان شايد هن جهڙا مڙس ماڻهو ثابت ڪونه ٿيا هئاسون. حميد صاحب جي مڙسي جا ڪيترائي قصا مشهور آهن. جڏهن جناح ڪورٽس جي بلڊنگ رينجرز کي منتقل ڪئي پئي وئي ته حميد صاحب ضد ٻڌي بيهي رهيو ته بطور سيڪريٽري ڪلچر هُو اها عمارت رينجرز جي حوالي نه ڪندو. ان وقت سنڌ ۾ رينجرز جو ڊي جي جنرل عبدالقادر بلوچ هيو، جيڪو هاڻي مسلم ليگ (ن) ۾ وفاقي وزير آهي. جهيڙو وڌيو. آخر حميد آخوند صاحب کي آخري پيرو ڪلچر مان بدلي ڪيو ويو.

## هندو جيم خانو ۽ ناپا

اهڙو پيو قصو به ٿيو جڏهن هندو جيم خانه جي بلڊنگ ضياءُ محي الدين کي 30 سالن جي مقاطعي تي صدر جنرل پرويز مشرف جي حڪمن تي ڏيڻي پئي.

ڪيترا فرد هوندا آهن جيڪي پاڻ کي وقت سان ڪيش ڪرائيندا آهن. ضياءُ محي الدين مشهور اداڪار، صداڪار ۽ ڊرامه نگار وغيره پنهنجي ساٿين سان (NAPA) "نيشنل اڪيڊمي فار پرفارمنگ آرٽس" ٺاهي، جنهن ۾ آرٽس جي تعليم ڏيندو آهي. جنهن ۾ ڊرامه، راڳ ۽ ڊانس وغيره شامل آهن. مشرف صاحب جي نياڻي عائله مشرف به ضياءُ جي گروپ ۾ شامل هئي. ضياءُ سندس توسط سان مشرف سان ملاقات ڪئي ۽ ڪيس پنهنجي ڪارڪردگيءَ متعلق ٻڌايو. ڪيس وڏيڪ ٻڌايو ته ڪيس مهرباني ڪري هندو جيم خانه جي عمارت ٽيهن سالن جي ليز تي ڏني وڃي. ڊڪٽيٽر جي گهران ڇا ٿو وڃي. نه صرف زبان سان حڪم ڪيائين نه پڇا نه ڳڇا. پر حڪمنامو به نڪري ويو. چيف منسٽر / چيف سيڪريٽري کي مليو. سيڪريٽري ڪلچر محترمه مهتاب اڪبر راشدي هئي، ان چيف مسنٽر لاءِ سمري ٺاهي. مخالفت ڪيائين. چيف سيڪريٽري



سمري رکي ويٺو. هن کي پرنسيپل سيڪريٽري ٽو پريزيڊنٽ ٽي پيرا فون تي به حڪم پهچايا. آخر چيائين ته "ڇا تو کي پنهنجو پاڻ سان دشمني آهي ڇا، صدر صاحب جي حڪمن جي پوئواري نٿو ڪرين؟" چيف سيڪريٽري جڏهن ڳالهه هٿن مان نڪرندي ڏٺي ته سمري چيف منسٽر ڏانهن موڪلي. چيف منسٽر ارباب صاحب هيو. هن سيد سردار احمد کان راءِ وٺڻ لاءِ به سمري اوڏانهن موڪلي. هن به سخت لفظن ۾ هندو جيم خانه کي NAPA کي ڏيڻ جي مخالفت ڪئي. پر سائين ڪمانڊو صدر جي ڪيئن حڪم عدولي ڪري. سو زور اڳيان زاري هئي.

آخر محترمه مهتاب اڪبر راشدي 2006ع ۾ ناپا سان ايگريمينٽ ڪري هندو جيم خانه جي عمارت سندن حوالي ڪئي.

❊

سنڌ جي حقن لاءِ ويڙهاڪ ۽ سابق وزير ۽ هاڻي سينيٽر محترمه سسئي پليجو ان مسئلي کي پنهنجي وزارت جي دور ۾ هٿ ۾ ڪنيو. مشرف اڃا صدر هيو. پر هي ويڙهاڪ ڇوڪري ڊڄي چپ ڪري نه ويٺي. ناپا کي بلڊنگ خالي ڪرڻ جو حڪم ڪيو. ناپا وارا ڪورٽ سڳوري ۾ ويا. اڃا تائين معاملو اتي اٽڪيل آهي. حيرت جي ڳالهه آهي ته انهن ٽيهن سالن مان "ڏهه سال گذري ويا آهن."

❊

# 17

# سيپٽمبر 2006 کان سيپٽمبر 2007ع

## سيڪريٽري ڪلچر

صوبائي ثقافت کاتي جي چارج ورتم ته هڪ خط مليو:

“توهان جي بطور سيڪريٽري ڪلچر مقرري جو پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي. سنڌ گورنمينٽ ويجهڙائي ۾ اهو ئي عقلمندي جو ڪم ڪيو آهي جو توهان کي هن کاتي جو سيڪريٽري مقرر ڪيو آهي. توهان سان اسان جي مدد ۽ دعائون شامل حال رهنديون.”

## ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

خط جو متن ڪجهه اهڙو ئي هيو ڪجهه بيون دل کي آٿت ۽ تسلي ڏيندڙ ڳالهيون به ڊاڪٽر صاحب جي طرفان لکيل هيون. مون اڳ ۾ به ڊاڪٽر صاحب جو ڪٿي ذڪر ڪيو آهي. ڊاڪٽر صاحب جون مددون ۽ دعائون هميشه مون سان گڏ رهيون. جيستائين مان محڪمه ثقافت ۾ رهيس سندس مهربانيون گڏ رهيون. بدنصيبي منهنجي جو مان انهن مان پورو پورو فائدو نه وٺي سگهيس. هلندي هلندي هڪ ڳالهه جو ذڪر ڪندو هلان.

مون کي خبر پئي ته ڊاڪٽر صاحب پنهنجا ڪتاب ڪنهن اداري کي ڏيڻ جو سوچي رهيا آهن. مون کي ٻڙڪ پئي ته مان به وٺن. عثمان منگيءَ سان گڏ، سندن اولڊ ڪئمپس واري گهر ۾ لنگهي ويس. دعا سلام کان پوءِ سندن ڪتابن لاءِ عرض ڪيم. مسڪرائي جواب ڏنائون، “منهنجو ارادو ڪنهن ٻئي کي ڏيڻ جو هيو پر بابا توهان لنگهي آيا آهيو. توهان مون کي پيارا به آهيو. ڪڏهن توهان ڪو ڪم نه چيو آهي، هي به توهان جو ذاتي ڪم ڪونه آهي. پيسا نه وٺندس، باقي ڪتاب ڊنگ سان دائود پوٽي لئبرريءَ ۾ ٺاهي رکجو! ته جيئن آيو ويو ان مان فائدو وٺي سگهي.” مون سندن ٿورا مڃيا. موڪلايو.

❊

مان ڏاڍو خوش ٿيس. اها وڏي حاصلات هئي جو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ



صاحب ايتري وڏي موٽ ڏني هئي. سندس لائبريري جو هڪ ڪتاب به سون ڪتابن جي برابر هيو. عزت ۽ شان تنهن کان سواءِ.

اسان وٽ لائبريرين کي بهتر ڪرڻ ۽ وڌائڻ ۽ فرنيچر جي وڏي اسڪيم هلندڙ هئي، جنهن ۾ حيدرآباد جي مک علامه دائود پوٽو لائبريري به شامل هئي، جنهن جي مرمت ڪرائي رهيا هئاسون.

مان ته ڪراچيءَ ۾ هيڊ ڪوارٽر ڪري ويٺو هوس پر ڪلچر ڊپارٽمينٽ جو ڊائريڪٽر جنرل شمس جعفراڻي، حيدرآباد جو پڪي آهي. هو ان زماني ۾ موڪلون حيدرآباد ۾ گذاريندو هيو.

مون هن سان سربستي ڳالهه ڪئي، هن کي به سٺو لڳو. ڪيس چيم ته هو جڏهن جڏهن حيدرآباد وڃي ٿو ته ڊاڪٽر بلوچ سان ان معاملي کي اڳتي وڌائي. لائبريريءَ ۾ بلوچ صاحب جي خواهش مطابق ڪبٽ ٺهرائي ۽ اها ڪارنر به علامه دائود پوٽو لائبريريءَ ۾ ٺهرائي ته جيئن بلوچ صاحب کان ئي ان لاءِ صلاح مشورا وٺندا رهون ۽ ان جو افتتاح به ڪانئس ئي ڪرائجي.

جعفراڻي صاحب بلوچ صاحب سان ملاقاتون به ڪيون. مونکي حال ڏيندو رهيو پر الائي ڇو ايتري دير ٿي وئي جو اها ڪارنر نه ٺهي سگهي ۽ مان به سال کن ۾ بدلي ٿي ويس.

منهنجو ارادو هيو ته ٻنهي عالمن ۽ اديبن کان به ڪتاب حاصل ڪجن، جنهن جي نالي تي ڪارنرس قائم ڪجن، پر ڦيريون ڪم ئي اڳتي نه هليو ته منهنجي همت به هيٺي ٿي پئي.

## ثقافت کاتو

منهنجي ڪلچر ۾ پوسٽنگ ته ٿي پر ڏينهون ڏينهن بي چيني وڌندي وئي هئي. وزير صاحب گهرو کاتي کان هتي بدلي ٿي آيو هيو پر اجان تائين وزير داخله وانگر پيو پاڻ کي محسوس ڪرائي.

وزير ته وزير پر هن جا پنج پرائيويٽ سيڪريٽري، انهن مان به هر هڪ وزير هيو. ايم ڪيو ايم کي ايتريون وزارتون ۽ ائڊوائيزريون مليون، جو ڪاميڊين عمر شريف کي به ايڊوائيزر ڪري رکيائون. اهوائين پوز ڪندو هيو ته هو به ڪلچر جو ڊپٽي وزير آهي. ان صورتحال ۾ مون ڪلچر جي محڪمي جي چارج سنڀالي.

ان کان علاوه به مون ڪلچر ۾ نوڪريءَ کي سولو نه پئي سمجهيو. ڇو ته ڪلچر جي حوالي سان منهنجي ڪريڊٽ تي ڪجهه اهڙا ڪم هئا، جيڪي مون ڪلچر ۾ نه هوندي به اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر طور ڪيا هئا. جيڪي سنڌي ماڻهن جي دل تي

Gul Hayat Institute

نقش هئا، ان ڪري سنڌي ماڻهن، سنڌ ۽ سنڌ جي ثقافت سان پيار ڪرڻ وارن جي مون سان محبت ، عزت ۽ اميدن جي گهرج اها هئي ته مان ڪجهه وڌيڪ ڪري سگهان، ڇو ته هاڻي سڀ ڳالهيون منهنجي فرضن ۾ شامل هيون.

اڳ ۾ جڏهن اهو سڀڪجهه مون ڪيو، ان وقت مان آزاد هيس، ڪنهن کي نه ته جواب ڏيڻو ۽ نه ئي ڪنهن جي هدايتن تي ڪم ڪرڻو هيو. اتي مون کي عوام، سول سوسائٽي ۽ پوري سنڌ جي ادبي لڏي جي مدد حاصل هئي ۽ هر ڪنهن کي خبر هئي ته مان خالي هٿن سان سڀ ڪجهه ڪري رهيو هيس، پر هتي هر ڪنهن کي اها اميد هئي ته ڪنهن به ڪم ڪاج لاءِ سرڪار جي بجيٽ مقرر ٿيل آهي.

پر هاڻي مان اهڙو پهلوان هيس، جنهن جا هٿ ٻڌي باڪسنگ جي رنگ ۾ لاٿو ويو ته ريسلنگ ڪٽي ڏيکاريان.

هتي ته بجيٽ به ناڪافي ۽ ٻيو ته ان تي به واسينگ ويٺل. بجيٽ جو ڪجھ حصو ته اهڙو هيو جو مشاعرن ۽ مشهورين تي خرچ ٿي ويو.

ڀڳي سان ئي پير، جيسين رتوراس ٿئي.

(شاهه سائين)

مان هڪ سال ڀڳي سان ئي پيريو پر رتوراس ڪونه ٿيو.

## ڪلچر جي آفيس ڪسجي وئي

ٻيهريون جهٽڪو ته اهو آيو ته سيڪريٽري ڪلچر جي اها آفيس، جيڪا حميد آخوند صاحب ۽ مهتاب اڪبر راشدي صاحبه چاهه ۽ چاءِ سان ٺاهي هئي، ڪي چڱڻ جو حڪم ٿيو. حالتن سان سرچاءُ ڪرڻو پيو. ايم ڪيو ايم جي وزير قمر منصور گورنر ۽ چيف منسٽر کي چئي اها آفيس پنهنجي سيڪريٽري کي ڏياري. زور اڳيان زاري! چيف سيڪريٽري چيو ته هو مونکي ٻي بهتر آفيس ڏيندو. آفتاب ميمڻ صاحب جيڪو مون کان پوءِ منهنجي جاءِ تي سيڪريٽري ٿيو ان آفيس نه ڏني. ڪيس چيف سيڪريٽريءَ به ٽي پيرا چيو پر ميمڻ صاحب الائي ڪهڙو پلاند ٿي پاڙيو. هر هر چيف سيڪريٽريءَ ڪي چا چئجي، ٻيو سنڌائتو ڏڪ آفتاب ميمڻ صاحب اهو هنيو جو هن منهنجي چارج چڱڻ جي ٻئي ڏينهن تي هڪ خط ڪڍيو ته مان گاڏيون گم ڪري ويو آهيان. جڏهن ته اهي گاڏيون اڳ ۾ ئي گاڏين جي پول ۾ محفوظ هيون. ميمڻ صاحب ان خط جي آفيس ڪاپي پريس کي ڏئي ڇپائي ڇڏي جنهن سان اهو تاثر مليو ته ڄڻ مان ڏاڙو هٽي ويو آهيان. ڳالهه چيف سيڪريٽري فضل الرحمان صاحب تائين وئي، ميمڻ صاحب ۽ مان حاضر ٿياسون. ميمڻ صاحب پنهنجي ابهرائي قبول ڪئي ۽ مونکي چيف سيڪريٽريءَ جي



روبرو هڪ نه به پيرا Sorry چيو.

ان بيڪ ڊراپ ۾ وري ميمڻ صاحب جي آفيس نه ڏيڻ جي ڳالهه سمجهه کان ٻاهر هئي. مون کيس چيو ته توهان مون کي وڏي آفيس نه ڏيو پر جيتري مان آفيس جي ايريا خالي ڪئي آهي، ايتري مهرباني ڪيو.... پر “مين نه مانون”.

آخر هڪ ايڊيشنل سيڪريٽري منهنجي دربدري محسوس ڪري، پنهنجي آفيس خالي ڪئي.

ڪڏهن ائين هياس، جو پنهون ڏوتم ڪپڙا،
هاڻ ائين ٿياس، جو جت نه نينم پاڻ سين.
(شاهه سائين)

ان وچ ۾ شمس جعفراڻي ۽ اسحاق لاشاري پنهنجي طرفان آفتاب صاحب وٽ لنگهي ويا ته “منگي صاحب کي آفيس ڏيو پر جيڪڏهن توهان کي ڪا شڪايت آهي ته اها به حل ٿي سگهي ٿي!” پر پوءِ ٻئي لٽل ڇهرا ڪٽي موٽي آيا.

مون چارج ورتي ته قمر منصور راندين ۽ نوجوانن جو وزير هيو. ڪانئس ثقافت جو کاتو ڦرجي وڃڻ ڪري ناراض ۽ ناخوش هيو. ٻئي طرف رئوف صديقي داخلہ جي کاتي ڦرجي وڃڻ جي ڪري ناراض هيو ۽ مان مسڪين جنهن کي مجبوريءَ ۾ ثقافت کاتي ۾ چيف سيڪريٽريءَ جي مهربانيءَ سان جاءِ پناهه ملي هئي، اهو پنهنجو پاڻ کان ناراض ۽ بيزار هيو.

## شمس جعفراڻي ڊي. جي ڪلچر

مون کي ڪلچر ۾ آئي هڪ به ڏينهن ئي گذريا هئا. مان اجان پراڻي ڪلچر ڊپارٽمينٽ جي آفيس ۾ ويهندو هيس ته هڪ ڏينهن شمس جعفراڻي آيو. ڪافي ڏينهن کانپوءِ ملي رهيا هئاسون. ٻي انتها خوش ٿيس، شمس ۽ اسان ڪجھ عرصو حيدرآباد نوڪري ۾ گڏ گذاريو آهي. ان کان علاوه اڳ ۾ به سنڌ ۾ گڏ سڏ نوڪري ڪئي آهي. هو به SDM هيو ته مان به SDM هيس، هو به DC هيو ته مان به DC هيس. تنهن هوندي به هڪ ضلعي ۾ گڏ نوڪري نه ڪئي آهي، پر شمس جعفراڻي جلد ئي پنهنجي لاءِ هڪ ذهين، محنتي، دورانديش ۽ سٺي آفيسر وارو تاثر قائم ڪري ورتو آهي. عوام ۾ توڙي آفيسرن ۾ سندس عزت آهي، مونکي خبر هئي ته هو سنڌ سيڊ ڪارپوريشن ۾ ايم ڊي هيو. سنڌ سيڊ ڪارپوريشن به ٻڏل کاتو هيو. ڪجهه وقت اڳ ۾ اهو بند ڪيو پئي ويو. شاباس آهي سيد سردار احمد کي جيڪو ناڻي کاتي ۾ وزير هيو. هڪ آفيسر جي حيثيت ۾ ڪيس سنڌ جي مسئلن بابت پروڙ هئي. پاڻ انهن تي همدردانه راءِ ۽ رويو رکي ٿو. هن بند ٿيندڙ سيڊ

Gul Hayat Institute

ڪارپوريشن کي چالو ڪرايو. پنجاب جي سيڊ ڪارپوريشن نہ رڳو پنهنجو خرچ ڪڍي ٿي، آبادگارن لاءِ ريسرچ ڪري ٻج بہ پيدا ڪري ٿي ۽ سنڌ ۾ ٻين صوبن کي ٻج وڪڻي ٿي. ان صورتحال ۾ شمس جعفراڻي کي ايم ڊي لڳايو ويو پر جيڪو بورڊ ناهي ڏنو ويو ان ۾ چوڌري اسلم ميرپورخاص واري زميندار جو عمل دخل تمام گهڻو هيو. چوڌري صاحب چيف منسٽر ارباب غلام رحيم جو ويجهو دوست هيو. ايم ڊي کي چيو ويو تہ جيئن چوڌري صاحب جو مشورو هجي ان کي اوليت ڏجي.

پوءِ چوڌري ۽ شمس جا مسئلا ڳنڀير ٿيندا ويا. شمس جي بنا پوسٽنگ جي بدلي ڪئي وئي. شمس ڪافي عرصي کان پوسٽنگ جي انتظار ۾ هيو.

شمس کي ڏسي خوش ٿيس، حال احوال ٿيو پوسٽنگ جو پڇيم، چيائين تہ ڪونہ ٿي آهي. وڌيڪ چيائين تہ ڪوشش ڪريان ٿو. مون چيومانس تہ اسان وٽ ڪلچر ۾ بہ 20 گريڊ جي پوسٽ خالي آهي، مان بہ ڪوشش ڪريان ٿو توهان بہ ڏسو چانهن پيئڻ دوران چيائين تہ ”سيڪريٽري هوم، برگيڊيئر (ر) غلام محمد محترم سان سندس ڪنهن دوست جي حوالي سان ملڻو آهي، ڪيس ٽائيم ڏيڻ لاءِ چئو تہ مان ساڻس ملي وٺان.“ مون محترم صاحب کي فون ڪيو. منهنجو بہ محترم صاحب جو سٺو واسطو ناتو هيو. ڪيبنيٽ يا چيف سيڪريٽريءَ جي ميٽنگ ۾ اڪثر ملاقات ٿيندي هئي يا سندس منهنجي ڊپارٽمينٽ ۾ چيف سيڪريٽريءَ ۾ ڪم پوندو هيو تہ ان ۾ بہ مان سندس مدد ڪندو هيس.

مون محترم صاحب کي فون ڪيو. سندس دوست جو نالو وٺي شمس جو ريفرنس ڏنو تہ هو وٽس ملڻ لاءِ اچي ٿو ۽ سندس ڪم ۾ منهنجي بہ سفارش شامل سمجهو. مان سمجهي ويس تہ اهو پوسٽنگ جي متعلق ئي هوندو. اسان جو وزير رئوف صديقي هيو جيڪو هوم ڊپارٽمينٽ ۾ وزير رهيو هيو. مون جڏهن ڪڙيون ملايون تہ مونکي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي، اهو ڪم DG ڪلچر جي پوسٽنگ لاءِ رئوف صاحب کي سفارش هوندو.

ڏهن پندرهن منٽن کان پوءِ جڏهن جعفراڻي صاحب موٽيو تہ ٻڌايائين محترم صاحب سان ملاقات فائديمند رهي. ٻن ڏينهن کان پوءِ جعفراڻي صاحب جي ڊي جي ڪلچر طور مقرري ٿي وئي.

مون کليل دل ۽ کليل ٻانهن سان شمس جعفراڻي صاحب کي پنهنجي ڊپارٽمينٽ ۾ خوش آمديد چيو.

ثقافت کاتو مان چئي آيو آهيان تہ عجيب کاتو آهي، منهنجي نوڪريءَ جو پنهنجو هڪ طريقو ۽ رنگ ڍنگ رهيو آهي. ان ڳالهہ ۾ ايمان رکندو آهيان تہ جيڪو ڪم جنهن



جو آ، ان کي ڪرڻ گهرجي. سيڪريٽريءَ جو ڪم سيڪريٽري ڪري ۽ ڊي جيءَ جو ڪم ڊي جي ڪري، ائين جيڪو ڊائريڪٽر جو ڪم آ، اهو ڊائريڪٽر ڪري. پر بدنصيبيءَ سان هتي ائين ٿيندو رهيو تہ صاحب جنهن کي مناسب سمجهن، ڪم ان کان ڪرائين سيني جا اختيار ڪڍهن تہ سيڪريٽري صاحب پاڻ وٽي رکن. ٻيا سندس منهن وڏا ڏسن. يا وزير صاحب سيڪريٽريءَ جا هٿ ٻڌي ڇڏي سيڪريٽري وينو تاڙيون وڄائي ۽ تماشو ڏسي. شروع ۾ مون کي بہ اها ترغيب ڏني وئي تہ ڊي جيءَ کي واندو ڪري ڇڏيان. جيڪا ڳالهہ منهنجي مزاج ۽ سوچ جي خلاف هئي. ان جي ابتڙ جيڪي منهنجا انتظامي ۽ مالي اختيار هئا اهي بہ مان ڊي جي کي ڏيندو ويس. دراصل مون جعفراڻي صاحب ۾ پنهنجو تسلسل پئي ڏٺو مون اهو پئي چاهيو تہ منهنجي ريٽائرمينٽ کان پوءِ شمس ئي کاتي جو سيڪريٽري ٿئي. سوچ جي پوئواري ڪندي مون ڪيس هر ڳالهہ، هر فيصلي ۾ شامل ڪيو. هو جتي بہ اٽڪيو پئي اتي سندس رهنمائي ڪئي ۽ هٿ وٺي ڪيس اها اڏ پار ڪرائي. سندس ڏکيائي سکيائيءَ لاءِ آءٌ سندس ٽيڪ هيس. منهنجي سوچ موجب اهو بندوبست ٺيڪ پئي هليو. ڊي جي هر ڪم کان مون کي واقف رکيو پئي، جيڪا هڪ سٺي زيردست جي نشاني آهي.

شاعريءَ سان منهنجو ڏاڍو چاهہ رهيو آهي. پر پوءِ جڏهن اسان جي کاتي ۾ مشاعرن جو دؤر هليو تہ پهريون دفعو مون کي مشاعره کان ۽ شاعريءَ کان وحشت ٿيڻ لڳي. مونکي پهريون دفعو راجائن، راڄ واڙن، مغلن ۽ ميرن جون درٻارون ياد اچي ويون، جتي ڪي ڪي راجا ڏينهن جو ننڊون ڪندا هئا. رات جو رات جڳيو ٿيندو هيو ۽ واهہ واهہ جا نعرا لڳندا هئا!

مون ڪراچيءَ کان ٻاهر صرف هڪ مشاعري ۾ عمرڪوٽ ۾ شرڪت ڪئي هئي، ڇو تہ اهو گهڻي مقصد وارو پروگرام هيو جنهن ۾ فيسٽيول هيو ۽ مشاعرو بہ ان جو حصو هيو. مونکي اسٽيج تي ويهڻ جو سڏ ٿيو پر مان اهو چئي هيٺ ويٺل رهيس تہ مان مشاعري ۾ هيٺ ويهي وڌيڪ مزو وٺندو رهندس.

مون ان ڏينهن شمس جعفراڻي جي مشاعري جي نظامت ڏٺي، هن اطلاعات ۾ اخبارن واري نوڪريءَ ۾ بہ ڪمال ڪري ڇڏيو هيو هاڻي بہ جنهن هنرمنديءَ ۽ حرفت سان مشاعري جي سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ نظامت ڪيائين، نصير مرزا جي ڇا طاقت! مون محسوس ڪيو تہ اسان جي وزير صاحب جا مشاعرا مضبوط هٿن ۾ آهن، مونکي هروڀرو پريشان ٿيڻ جي ضرورت نہ آهي.

عمرڪوٽ کان علاوه سنڌي اردو مشاعرا لاڙڪاڻي، سکر، نوابشاهہ ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ بہ ٿيندا رهيا ۽ انهن تي يادگار ڪتاب بہ شايع ٿيندا رهيا.

Gul Hayat Institute

وزير صاحب جو ميڊيا ڪوريج سان بہ ڏاڍو چاھہ هيو ضرورت هجي نہ هجي هڪ نہ تہ ٻئي ڏينهن ڪا نہ ڪا پريس ڪانفرنس ضرور ٿيندي هئي، پريس وارن کي سڏائڻ جو ڪم سنڌس پريس سيڪريٽري جي حوالي هيو، باقي بندوبست ثقافت کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل کي ڪرڻو هيو.

## ڊرامہ فيسٽيول جي قيمت 30 لک!

وزير صاحب ۽ عمر شريف جي چوڻ تي هڪ ستن ڏينهن جو ڊرامہ فيسٽيول ڪيو ويو، جنهن جو افتتاح وزير صاحب ڪيو، آخري ڊرامي جو زبردستيءَ مک مهمان مون کي ڪيو ويو. منهنجي لاءِ اعزاز تہ ڪونہ هيو پر عذاب هيو. وزير صاحب مونکي پاڻ ان ڊرامي ۾ وٺي هليو، وزير صاحب، عمر شريف ۽ ٻين منهنجي شان ۾ تقريرون ڪيون. آخر ۾ ٻڌايو ويو تہ هن فيسٽيول تي پنجاھہ لک خرچ ٿيو آهي. عوام جي تفريح لاءِ ان جي انٽري ان اميد سان فري رکيل آهي، تہ صوبائي ثقافت کاتو اسان کي گهٽ ۾ گهٽ ايتري گرانٽ ڏيندو جيترو خرچ ٿيو آهي. ۽ اها مليل گرانٽ، خدمت خلق فائونڊيشن لاءِ مفت علاج لاءِ ٺهندڙ اسپتال لاءِ چندي طور ڏني ويندي.

وزير صاحب انجنيئر صاحب هيو. هو صنعت، ايڪسائيز ۽ داخلہ کاتي جو وزير رهيو آهي. چندو وٺي ڄاڻي، ٻئي ڏينهن منهنجي وزير صاحب جي آفيس ۾ حاضري لڳي، وزير صاحب چانهن سان گڏ ٻن ٽن قسمن جي بسڪٽن سان منهنجي خاطر تواضع ڪئي، آخر مقصد تي آيو:

"بهائي وہ عمر شريف بهائي کي گرانٽ؟"

مون کيس ٻڌايو تہ سمري چيف منسٽر لاءِ تيار ٿي رهي آهي! چيائين تہ "بهائي آپ تو اس مين دس لاک لکهہ رهي هين، ليکن اس مين پچاس لاکهہ لکهني هين!" مان سنڌس جاسوسي نظام تي کيس شابس ڏئي رهيو هوس، چيومانس "توهان ڪٿي پنجاھہ لک لکجو." چيائين "نہ نہ ائين ڪيئن! سمري ئي توهان پنجاھہ لک جي ٺاهيو."

مون کيس چيو تہ فيسٽيول تي خرچ ئي ٻہ ٽي لک ٿيو هوندو، ايترا پئسا نامناسب آهن. هاڻي سنڌس پارو چڙهڻ لڳو. مان اٿي آفيس آيس، جنهن ۾ مون لکيو تہ "هن فيسٽيول لاءِ آئوٽ آف بجيٽ، چيف منسٽر جي بلاڪ پئسن مان پنجاھہ لک روپين جو گرانٽ ملڪ ۾ ثقافت ۽ ٿيٽر ۽ ادب کي زور وٺائڻ لاءِ ڏنا وڃن."

سمري وزير صاحب جي طرفان رواني ٿي. ناڻي کاتي جي سيڪريٽري ملڪ اسرار ۽ وزير ايم اي جليل وٽان ڦري، سي ايس کان ٿيندي وڏي وزير وٽ پهتي، سمري 30 لکن جي منظور ٿي، چو تہ ناڻي کاتي جي سيڪريٽريءَ لکيو هيو تہ "آئوٽ



آف بجيٽ، چيف منسٽر جي صوابديدي فنڊز مان ايتري گرانٽ نہ ٿي ڏئي سگهجي، چو تہ اهو پئسو اڳ ۾ ئي اهم رسمن تي ورهايل آهي، تنهن ڪري ثقافت کاتي جا جيڪي بلاڪ الوڪيشن مان 30 لک روپيہ بچيا آهن، اهي گرانٽ ۾ ڏنا وڃن." ناڻو کاتو بہ خوش، وزيراعليٰ کي بہ پئسا نہ ڏيڻا پيا. اسان جي وزير ۽ عمر شريف کي بہ ٽيھہ لک ملي ويا، باقي ثقافت کاتي جا کيسا خالي. جيڪي اهم رسمن تي اسان کي پئسا ڏيڻا هئا، اهي رهجي ويا! الله الله خير صَلا!

## سنڌ صدين کان

Sindh Through the Centuries

هيءُ ايترو مهلائتو فنڪشن هيو جنهن سنڌين ۾ نئون ساھہ ۽ اتساھہ وجهي ڇڏيو.

هي سيمينار يا ڪانفرنس بي انتها ڪامياب ويو سنڌي ماڻهو سنڌي راڳ ۽ لوڪ موسيقي، لوڪ ساز، لوڪ فنڪارن سان نئين سر واقف ٿيا، ملڪي ۽ پرڏيهي عالم، اسڪالر ۽ ملڪ ۾ موجود سفارتڪار بہ اچي ڪراچيءَ ۾ گڏ ٿيا هئا، انهن بہ ان ڪانفرنس ۾ حصو ورتو ۽ سنڌ سان نئين سر واقفيت وڌائي. هي اهو وقت هيو جڏهن سنڌ ۾ ثقافتي سرگرميون زور شور سان شروع ٿي ويون.

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌي ٻولي، سنڌي ادارن ۽ سنڌ کي ڪراچيءَ کان ڪيڏي ڪٽي ٻاهر ڪيو ويو هيو. ڪراچيءَ کي وفاقي دارالحڪومت مقرر ڪيو ويو. لياقت علي خان وزير اعظم، وزيرن، وفاقي سيڪريٽرين ۽ وفاقي ادارن جو راڄ پاڳ قائم ٿيو. نيون نيون بستيون آباد ٿيون، لياقت آباد، ناظم آباد، نارٿ ناظم آباد، فيڊرل بي ايريا، انڊسٽريل ايريا، فيڊرل لاجز ۽ فيڊرل ڪوارٽرس ٻاهران آيل ۽ خاص طور پنجاب مان آيل آفيسرن ۽ سنڌن ماڻٽن لاءِ هئا. سنڌي ڪو آفيسر ڪونہ هيو. ڪجھہ سال اڳ ۾ سنڌي وڏيرن ۽ سياستدانن سوسائٽيءَ ۾ ۽ گرومندر جي لڳ ڀڳ ۽ سول لائين ۾ گهر ٺهرائي ورتا هئا. اتي بہ اهي ڄڻ اجنبي ٿي ويا هئا.

رهيل ڪسر تہ ون يونٽ ڪيڏي ڇڏي. جڏهن سنڌ جو نالو ئي نہ رهيو.

سنڌڙي تنهنجو ناءُ وتو،
ڄڻ ڪار پهرتي پير پيو!

جڏهن سنڌ ئي نہ رهي تہ پوچا ڪراچي ڇا سنڌي ماڻهو!

شابس هجي هڪ "راشي" نااهل نالائق ماڻهو يحيٰ خان کي جنهن جولاءِ 1970ع کان ون يونٽ ٽوڙي "هڪ ماڻهو هڪ ووٽ" جو اعلان ڪيو. انهن ٻنهي ڳالهين تي پاڪستان پرستن ڏاڍي واويلا ڪئي.

Gul Hayat Institute

1 جولاءِ 1970ع کان سنڌ وري جمي پئي. ڏاڍي ڪوشش ڪئي وئي ته ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار رکجي. پر لک شابس هجي ان دور جي حڪومتن کي جن تاريخي حقيقتن تي سر نوايو ۽ ليفٽيننٽ جنرل رحمان گل سنڌ جي نئين جمڻ ڪانپوءِ 1970ع ۾ پندرهن سالن کان پوءِ وري سنڌ صوبي جو گورنر ٿيو.

## ڪلفٽن برج تي سنڌي ٽائيل

سنڌ جو نئون نسل ۽ ان دوران جميل ۽ جوان ٿيل نوجوانن کان ته ڪراچيءَ جو نقشو ئي وسري ويو هيو. انهن ڏجي ڏجي ڪراچيءَ اچڻ شروع ڪيو. ڪو سنڌي ٽوپي پائي ڪراچيءَ مان گهمي ڦري ايندو هيو ته ڳوٺ وڃي پنهنجي بهادريءَ جا قصا ڪهاڻيون ٻڌائيندو هيو. پٽي صاحب جڏهن ستر واري ڏهاڪي ۾ ڪلفٽن برچ تي نج سنڌي ٽائيل لڳائي ته سنڌي ماڻهن جا حشام تولا ڪري هي ٽائيل ۽ ڪلفٽن برج ڏسڻ ايندا هئا.

ڪيڏي نه ڏک پري ڳالهه آ ته اڄ ڀُٽي صاحب جي پوکيل پيپلز پارٽي جي حڪومت آهي، ڪين سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي جذبات جو اهو قدر آهي جو ٻن سالن کان ڪلفٽن برج تان ٽائيلون، مرمت جي نالي ۾ پٽائي ڇڏيون اٿائون، پر وري لڳرائڻ جو نالو به ڪونه ٿا وٺن، سائين وڏو وزير ڄام خان شورو ۽ ڪاتن جا سيڪريٽري ان برج وٽان ڏهاڙي به پيرا گهٽ ۾ گهٽ به گذرندا هوندا پر سندن محسوس ڪرڻ واري حس جڏي ٿي وئي آهي. اسان سنڌين کي اهو احساس ٿيڻ گهرجي ته اها پل اسان جو قومي ورثو آهي. سنڌي ماڻهو سندن اها بي حسي گهڻو عرصو برداشت نه ڪندا. پر شايد اسان سنڌي به بي حس ٿي ويا آهيون. نه ڪو آواز نه ڪو احتجاج، نه ڪو ڌرڻو ۽ نه ئي اخبار ۽ ميڊيا ۾ احتجاج. جڻ اسان جو حال به وزيرن ڪبيرن وارو هجي.

”سنڌ صدين جي آئيني ۾“ واري هن سڄي ڪارج ۾ جتي پيار علي الانا، ڊاڪٽر حميده کهڙو، ڊاڪٽر غلام علي الانا، حميد آخوند ۽ سندس ساٿي ممتاز مرزا ۽ ظفر ڪاظمي پيش پيش هئا، اتي سنڌ جو هر سڄاڻ ساٿي ساڻن عملي يا جذباتي طرح گڏ هيو.

ان فنڪشن جون آڊيو ڪيسيٽس مون کي ٻڌڻ جو موقعو مليو. جنهن جو ڪليڪشن اڃان به مون وٽ موجود آهي، فقير عبدالغفور، استاد محمد يوسف ۽ سنڌ جي سازن جون ڇا ته ڪيسيٽس هيون، وري جو نسرين عسڪري پنهنجي آواز ۾ انگريزيءَ ۾ تعارف ڪرايو، ائين پيو لڳي جڻ نسرين ڳالهائي نه ٿي، پر جڻ انگريزي ساز وڄائيندي هجي. هيءَ اها ئي نسرين آهي، جيڪا حميد هارون جي ٽيم ۾ هينئر به ماهوٽه پيليس جي ميوزيم جي انچارج آهي. هوءَ جڏهن حميد آخوند جي توسط سان 1993ع ۾ پنهنجي مڙس



سان ٿر ۽ ننگرپارڪر جي دوري تي آئي هئي ته منهنجون هنن زال مڙسن سان ڏگهيون ڪچهريون ٿيون هيون. سندس مڙس به ايڏو ئي زنده دل ۽ حس مزاج سان ڀريل آهي.

اها راڳ جي محفل ۽ ان فنڪشن جون ڪيسيٽون سنڌي ميوزڪ جي Lovers جي لاءِ هڪ وڏي تحريڪ ثابت ٿيون. پوءِ ته سنڌي ميوزڪ جي ڪيسٽ جو ڪاروبار شروع ٿي ويو. انهن جا اسٽوڊيو سڄي سنڌ ۾ کلي ويا ۽ هر شهر، هر ڳوٺ ۾ بازارون لڳي ويون، ڇا ته جلال چانڊيو، فوزيه سومرو ۽ هاڻي تازي دور ۾ غلام حسين عمراڻيءَ پنهنجي هڪ ڪلام جي زور تي ڪمايو:

”عاشق مجبور آ“

ڪلچر ۾ رڪارڊ ٿيل ميوزڪ کي عام ماڻهوءَ تائين پهچائڻ وارو ڪم مون ڊائريڪٽر جنرل حوالي ڪيو ته ڪجهه ويڊيو، آڊيو سي ڊي، ڊي وي ڊي ۽ ڪيسٽ تيار ڪرائي مارڪيٽ ڪيون وڃن ته سنڌ ۽ سنڌيءَ جي سنجيده ميوزڪ جو شوق رکندڙ مقامي ۽ ٻاهريان شوقين پنهنجو شوق پورو ڪن. ان لاءِ منهنجو ٽارگيٽ ايئرپورٽ، شاپس، وڏا هوٽل، شاپنگ مالز ۽ ٻيا سٺا آئوٽ ليٽس هئا. ڪيسٽ تيار ٿي ويا، انهن سان گڏ سنڌيءَ، اردو ۽ انگريزيءَ جا ڪتاب به انهن دڪانن تي رکڻ ضروري هئا. پر افسوس! ان خيال جي پوري طرح پوئواري ڪونه ٿي سگهي.

اسان ضلع ڪمپليڪس ٺاهڻ شروع ڪيا هئاسون ته هر ضلع ۾ هڪ ڪامپليڪس هجي، جيڪو گهٽيون گهرجون پوريون ڪري. جنهن ۾ لائبرري، آرٽ گيلري، ميوزم، اوپن ايئر ٿيئٽر ڊسپلي ۽ سيلز سينٽر، آڊيٽوريم وغيره هجن. جن ضلعن ۾ اهو سهولتون ڪونه هيون، اتي اهي سهوليتون ڏيڻيون هيون. هر ضلعي تي بار رکيو ويو ته اهو جيڪڏهن ٻن کان چار ايڪڙ زمين اسان جي حوالي ڪري ته ان ضلعي ۾ ڪم شروع ڪرايون. اسان جو ارادو هيو ته هر سال ايترا ڪامپليڪس ٺهرائجن، جيڪي بجيٽ جي آڌار تي ان سال ئي مڪمل ڪري سگهجن.

ضلعي ناظم راحيلا مگسي ان معاملي ۾ پهل ڪئي، هن چار ايڪڙ زمين ضلع ڪامپليڪس لاءِ آڇي ۽ اسان جي سڄي ٽيم منسٽر جي رهنمائي ۾ اتي پهچي وئي ۽ ان پلان جو پهريون سنگ بنياد ٽنڊي الهيار ۾ رکيو ويو.

## راحيلا مگسي

ٽنڊي الهيار جي ڊاڪٽر راحيلا مگسي ڏاڍي برجستي ۽ تيز فهم نوجوان ناظم آهي. جيتري جوان ۽ دلڪش آهي، ايترو ئي ڪم ڪرڻ جي برجستي ۽ تيز آهي. پي آر ڪراچيءَ کان اسلام آباد تائين اٿس، جهڙي طرح ٽنڊوالهيار جي ضلعي ناظم جي سيٽ

Gul Hayat Institute

PPP کان ڪٽي وئي آهي، اهو سندس محنت، اورچائي، دورانديشي ۽ منصوبه بنديءَ جو ئي حصو آهي. پاڻ اصل ۾ سرهاڙي جا آهن، حيدرآباد وسايائون. سندس والد رئيس الله بخش خان مگسي ۽ سندس والده نسيم گل مگسي بزنيس، بلڊري ۽ زميداري اختيار ڪئي، منهنجو الله بخش خان مگسيءَ سان ۽ ڊاڪٽر راحيلا مگسي سان به اٿڻ ويهڻ رهيو آهي. ٽنڊي الهيار ۾ سندن زمينون آهن. الله بخش خان ٽنڊي الهيار مان به اليڪشن وڙهندو رهيو پر ڪيس ڪاميابي نه ملي سگهي. 2002ع وارين چونڊن ۾ سندس پٽ عرفان گل مگسي چمبڙ مان ايم پي اي چونڊجي وزير روينيو ٿيو ۽ راحيلا گل مگسي ٽنڊو الهيار مان 2005ع ضلع ناظم چونڊجي وئي. پي پي کان سواءِ ٽنڊي الهيار مان ٻئي ڪنهن جو ڪٽڻ ناممڪن پئي نظر آيو پر راحيلا گل جنهن نموني پنهنجا ڪارڊ کيڏيا، اهو ڪو بي انتها تجربيڪار سياستدان ئي ڪري سگهيو ٿي.

هن وقت سندس ڀاءُ عرفان گل ۽ ڀيڻ اديبه گل مگسي ڪيس ڇڏي پي پي ۾ هليا ويا آهن. پر پاڻ نااميد نه ٿي آهي. پوين چونڊن ۾ پاڻ اسلام آباد مان نواز ليگ جي ٽڪيٽ تي سينيٽر چونڊجي وئي آهي. پاڻ اجان تائين نواز ليگ سان نڀائي رهي آهي. هاڻي ته اسلام آباد ۾ ماڻهن سان به ڳنڍيون اٿائين.

## صوفي ميوزڪ فيسٽيول

رفيع پير پاڪستان ۾ اسٽيج ۽ ٿيٽر جي بانيڪارن مان آهي، هن ٿيٽر کي پاڪستان ۾ اوج وٺرايو آهي. اسلم اظهر، ڪنور آفتاب احمد، ضياءُ محي الدين ۽ ٻيا سندس ٻانهن ٻيلي ۽ جونيئر رهيا آهن. ٿيٽر جهڙوڪ: رفيع پير جي رت ۾ شامل ٿي ويو ۽ اهو پنهنجي اولاد فيضان پيرزاده، سلمان پيرزاده، عثمان پيرزاده ۽ عمران پيرزاده کي به منتقل ڪيائين. هي پيرزاده برادران ان ۾ وقت سان نواڻ پڻ پيدا ڪندا رهيا. ثمينه پيرزاده جيڪا عثمان پيرزادو جي گهرواري آهي، ٽي وي ۽ فلم جي مڃيل فنڪاره آهي، اها به ساڻن ٻانهن ٻيلي آهي، چو ته اها به ته ان عزم جو حصو آهي.

سلمان، عثمان ۽ ثمينه سنڌ جي گورنر جناب عشرت العباد سان ملاقات ڪئي ۽ کين ٻڌايو ته رفيع پير ٿيٽر ڪراچيءَ جي ٻارهن دري عام پبلڪ لاءِ انٽرنيشنل صوفي ميوزڪ فيسٽيول رکڻ چاهي ٿو جنهن ۾ ايران، افغانستان، ترڪي، عراق، شام، مراڪش، بوسينا، ازبڪستان، انڊيا ۽ پاڪستان سميت ٻين ملڪن جا صوفي فنڪار ڪلاسيڪل صوفي راڳ کي ماڊرن ميوزڪ سان گڏجي پيش ڪندا. گورنر صاحب کي ڳالهه وڻي هو پاڻ به راڳ رنگ جو شوقين آهي. پاڻ به غزل ڳائي ڄاڻي ۽ ڪجهه ساز به وڄائيندو آهي. هن اصولي طرح ڳالهه مڃي ۽ اسان جي وزير صاحب کي چيائين ته سندن



سرپرستي ڪيو.

هنن جون مون سان ملاقاتون ٿيون، ڳالهه ته ڏاڍي سٺي هئي پر مون کي اهو ڊپ لڳو ته سنڌ جا پيسا ڪٽي ويندا، ميٽنگس جو سلسلو جاري هيو. هڪ ڏينهن ارباب صاحب چيف منسٽر، صدر صاحب جي پروگرام جي سلسلي ۾ نئون ڪوٽ ضلعي ٿرپارڪر ۾ ميٽنگ رکي هئي. مان ۽ ڊائريڪٽر جنرل اوڏانهن نڪري وياسون. پويان وزير صاحب کي اسان جي صوفي فيسٽيول لاءِ ميٽنگ جي اوچتي ضرورت پئجي وئي، ڏاڍو ناراض ٿيو. ثمينه به ڪيس روئي روئي منهنجي دانهن ڏني ته تعاون نه ٿو ڪري. هو ڪروڙ به وزيراعليٰ کان ڪڍي چڪا هئا. وزيراعليٰ جي ميوزڪ سان ته گهٽ لڳندي هئي پر گورنر ۽ ايم ڪيو ايم کي خوش ڪرڻ لاءِ گرانٽ ڏنائين.

منهنجي پرپٺ وزير صاحب هڪ خط چيف منسٽر، گورنر ۽ چيف سيڪريٽري کي منهنجي بدليءَ لاءِ مئي 2007ع ۾ لکي ڇڏيو. چيف سيڪريٽري شڪيل دراني هيو. هن سان ٻئي ڏينهن صوفي فيسٽيول ۾ ملاقات ٿي، ڪيس ٻڌايم ته بدلي ڪيو پر ڪٿي پوسٽنگ ڏجو. هن کلي چيو: "بدلي نهين هوگي، ڪام ڪرتي رهو."

واقعي بدلي نه ٿي.

هو فيسٽيول ڪري، پئسا ميڙي وڃي لاهور پهتا. بهرحال گهڻي وقت کان پوءِ ڪراچيءَ ۾ ڪو ميوزڪ جو پروگرام ٿيو هيو ۽ اعليٰ نموني جو ٿيو هيو.

## طاقت جو مظاهرو

صدر جنرل پرويز مشرف پنهنجي عوامي مقبوليت ۽ طاقت جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ پوري پاڪستان ۾ هڪ مهم هلائي.

ٻارهين مئي 2007ع تي چيف جسٽس افتخار چوڌري ڪراچي پهتو. ڪيس باباءِ قوم قائداعظم جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهڻ لاءِ وڪيلن جي جلوس ۾ وڃڻو ۽ بعد ۾ بار سان مخاطب ٿيڻو هيو. ڪراچيءَ جا روڊ رستا ائين بلاڪ ڪيا ويا جو شهر ۾ رڪشا به نه پيو هلي سگهي. فائرنگ ٿي. ڪافي ماڻهو مئا. جج صاحب ايئرپورٽ تي ئي رهجي ويو. صدر صاحب چوڌري شجاعت ۽ چوڌري پرويز الاهي جي محبت ۾ لاهور ۾ جلسو ڪيو. پنهنجي مخصوص انداز ۾ ٻئي مُٺيون پڪوڙي ڌمڪيون پئي ڏنيون ۽ چيو:

"طاقت ڪا اظهار اس طرح هوتا هي، جيسي هماري حامي عوام ني ڪراچي مين ڪرڪي دکهايا هي."

سندس اشارو ڪراچيءَ جي ماڻهن جي مارڪٽ ۽ انهن جي قتل ڏانهن هيو! ججن کي نه ته ڪورٽن ۽ نه وري کين ايئرپورٽ تي پنهنجي چيف جسٽس جي آجيان ڪرڻ لاءِ

Gul Hayat Institute

وڃڻ ڏنو ويو. بعد ۾ هنن به گهٽا آرڊر ڪيا، پر جيڪي ماڻهو مئا، انهن جا خون به لڙهي ويا ۽ جيڪي معذور ٿيا سي اڃان معذور ٿي آهن.

## نئين ڪوٽ ۾ صدر جو جلسو

سنڌ جي وڏي وزير ارباب صاحب تي به اهو بار رکيو ويو ته سنڌ ۾ هو عظيم الشان جلسو ڪري، هن ان لاءِ نئون ڪوٽ چونڊيو. اسان جي کاتي کي اتي اها ڊيوٽي ڏني وئي ته 50 ماڻهن جي چانهن جو بندوبست پي سي هوٽل مان ڪيو وڃي.

شاميانو گرميءَ ۾ اس ۾ لڳل هيو هڪ بجي جلسو شروع ٿيو اسٽيج جي طرف ته ايئر ڪنڊيشنڊ لڳل هئا باقي عام خلق لاءِ ڪجھ پکا هئا. ڪلاڪ ڪن جلسو هيو جنرل صاحب لاءِ هن ساري خلق خدا کي پري پري کان آندو ويو هيو. جنرل صاحب انهن کي ڏسي خوش ٿيو. عوام به پنهنجي ”محبوب ليڊر کي ڏسي گدگد پئي ٿيو.“

خير سان جلسو پورو ٿيو ۽ جيڪو جتان آيو هيو اهو اوڏانهن روانو ٿي ويو. تڏهن اسان پويان پير ڪيا.

## ظفر ڪاظمي جي قبر!

ظفر ڪاظمي صاحب ڊگهي بيماريءَ کان پوءِ حيدرآباد ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. سندس وصيت ته اها هئي ته کيس آمريءَ لڳ پنهنجي آباڻي قبرستان ۾ دفن ڪيو وڃي، پر خاندان گهڻي عرصي کان حيدرآباد اچي آباد ٿيو هيو ان سبب جي ڪري سندس مائٽن جو خيال هيو ته کيس حيدرآباد ۾ ئي مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو وڃي.

سنڌ ميوزيم جو پايو ته ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ساٿين سان وڌو پوءِ جڏهن ڪلچر ڊپارٽمينٽ جو جنم ٿيو ۽ اهو تعليم کاتي جو حصو ٿيو ته ٽن وڏن شخصيتن جو ڪلچر ۽ سنڌ ميوزيم کي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ ۾ وڏو هٿ رهيو. اهو Trioka حميد آخوند، ظفر ڪاظمي ۽ ممتاز مرزا تي ٻڌل هيو.

ظفر ڪاظمي پنهنجي ڌن جو ماڻهو هيو هن جورت ست سنڌ ميوزيم حيدرآباد کي ٺاهڻ ۾ خرچ ٿيو ۽ هن دل سان ئي نه پر پنهنجي روح سان سنڌ ميوزيم جي خدمت ڪئي. ڪجھ سال ٿيا ته ريٽائرڊ ڪيو هئائين ۽ ڊگهي بيماريءَ کان پوءِ فوت ٿي ويو.

سندس خاندان فيصلو ڪيو ته کيس حيدرآباد ۾ ئي جاءِ ڏجي. ڪفن دفن لاءِ سندن خيال هيو ته ظفر ڪاظميءَ جي خدمتن جي پيش نظر ثقافت کاتي کي گهرجي ته سندس جسم خاڪيءَ کي ميوزيم جي احاطي ۾ ئي دفن ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي. ان ڏس ۾ سندس پٽ مون سان فون تي رابطو ڪيو ۽ چيو ته کين اجازت ڏني وڃي ته ظفر ڪاظمي کي ميوزيم ۾ ئي دفن ڪيو وڃي، ڇو ته هن شخص سڄي عمر ميوزيم جي خدمت ۾



گذاري ڇڏي آهي. اهو ميوزيم جو به شان ٿيندو ۽ سندس روح کي به راحت ملندي.

علامه آءِ آءِ قاضيءَ کي به سنڌ يونيورسٽيءَ جي آڳنڊ واري پارڪ ۾ دفن ڪيو ويو آهي.

مون اصولي فيصلو ڪيو ته ڪاظمي صاحب کي ميوزيم جي احاطي ۾ ئي دفن ڪيو وڃي. پر ڪٿي ڪيو؟ رات جو ٻي بجي مان ڪراچيءَ ۾ ويهي جڳھ جو فيصلو نه پئي ڪري سگهيس. موڪل جي رات هئي. ڊائريڪٽر جنرل جعفراڻي صاحب حيدرآباد هيو ان کي فون ڪري چيم ته ڪاظمي صاحب جي، مائٽن سان صلاح مشورو ڪري قبر جي جڳھ طئي ڪئي وڃي.

جعفراڻي صاحب آفيسرن سان صلاح مشوري کان پوءِ جتي ڪاظمي صاحب هاڻي دفن آهي، اها جڳھ سندس وارثن جي حوالي ڪئي ۽ ڪاظمي صاحب اتي ئي دفن ٿيو.

مان حيدرآباد ويجي ڪاظمي صاحب جي تربت تي قل به پڙهيا ۽ سندس وارثن سان تعزيت به ڪئي. ظفر ڪاظمي صاحب جون آرٽ ۽ ميوزيم جي ڪيتر ۾ ڪيل خدمتن کي گهڻي وقت تائين ياد رکيو ويندو.

سال 7_2006ع ۾ اسان ميوزيم کي وڌائڻ ۽ بهتر بڻائڻ لاءِ اسڪيم منظور ڪرائي، ۽ ان تي ڪم پڻ شروع ڪيو. اها اسڪيم پوءِ 2009ع ۾ مڪمل ٿي.

## سچل سائينءَ جو عرس

سچل سائينءَ جو عرس ٽن ڏينهن لاءِ رمضان شريف جي چوڏهين تاريخ لڳندو آهي، روايت اها هئي ته درگاهه شريف تي درازا ۾ صبح جو خاص مهمان چادر چاڙهيندو آهي، اتي صوفي راڳ مزار جي چوديواريءَ جي اندر ٿيندو آهي. مهمان کي پٽڪو ۽ گيڙو چادر پارائي ويندي آهي. ٻين مهمانن کي به گيڙو چادرون اوڍيل هونديون آهن. اجتماعي طرح گيڙو رنگ تصوف جي نشاني سمجهيو وڃي ٿو. چون ٿا ته اهو گيڙو رنگ ٻڌمت وارن پائيچاري جي علامت طور متعارف ڪرايو هو.

سچل سائين جا مريد هر رنگ، نسل ۽ مذهب جا آهن. هندوستان کان هندو به وڏي تعداد ۾ اچي حاضري ڀريندا آهن. پاڪستان ڇڏڻ کانپوءِ سنڌ جا هندو جيڪي سچل سرمست جا مريد، نه صرف هندوستان لڏي ويا آهن، پر پوري دنيا ۾ پکڙيل آهن. انهن جي سچل سائين جي درگاهه سان ايتري عقيدت، نياز منديءَ ۽ نوڙت آهي، جيتري سندن وڏن جي عقيدت هئي، هو جتي به هجن، گاديءَ جي گادي نشين سان نيازمندي سندن رت ۾ شامل آهي.

ڊپٽي ڪمشنر جي حيثيت ۾ مان يادگار ڪميٽيءَ جو چيئرمين به هيس. منهنجي

Gul Hayat Institute

وقت ۾ بہ ميلا لڳا. مون ڪوشش ڪئي تہ ميلي جي تقريبات کي رسمي طور ملهائڻ واري طريقي کي بدلائجي ۽ ان کي وسيع ڪجي. رمضان شريف جي مهيني هجڻ ڪري تقريبات کي احتياط سان منعقد ڪرڻو ٿو پوي. انهن سيني ڳالهين جو خيال رکندي سچل سائينءَ تي ڪانفرنس کي واڌ ڏني وئي ۽ ٻين صوبن مان بہ دانشورن کي دعوتون ڏئي گهرايو ويو. اها ڪانفرنس خيرپور جي سچل آڊيٽوريم ۾ ٿيندي هئي. اهو آڊيٽوريم سائين غوث علي شاهہ جي چيف منسٽريءَ جي دور ۾ مرحوم تنوير عباسيءَ جي ڪوشش سان ٺهيو هيو. ان آڊيٽوريم خيرپور جي ادبي، علمي ۽ سماجي حلقن جي اوسر ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي. خيرپور جي نوجوانن ان آڊيٽوريم ۽ ريڊيو پاڪستان خيرپور مان ڀرپور لاڀ پرايو آهي.

مان ڪلچر ڊپارٽمينٽ پاران هڪ ڪلچر ڪمپليڪس خيرپور ۾ شروع ڪرايو هيو، جيڪو هاڻي پنهنجي پوري اوج تي آهي.

اسان درازا شريف ۾ اوپن ايئر ٿيٽر جي اڏاوت منظور ڪرائي سون. درازن جي ماڻهن ۽ اديبن جي هڪ وڏي انگ جي اها خواهش هئي تہ درازا ۾ ئي سچل جي عرس جون تقريبات ادبي ڪانفرنس سميت منعقد ڪيون وڃن. ان جائز خواهش ۽ ضرورت کي محسوس ڪندي اهڙو ڪامپليڪس/ ٿيٽر اتي ٺهرايو وڃي جتي اهي سڀ تقريبات ڪوٺائي سگهجن. اهو سچل اوپن ايئر ٿيٽر مڪمل ٿي ويو آهي، اتي ئي سڀ تقريبات ٿي رهيون آهن. انهن ڏينهن ۾ ئي سچل يادگار ڪميٽيءَ ۾ ڪجهہ وڏيڪ اديبن جهڙوڪ: ادل سومرو، اياز گل اختر درگاهي ۽ ڪن ٻين کي شامل ڪيو ويو.

قربان منگي تہ سالن کان وٺي، سچل جي يادگار ڪميٽيءَ تي پرنٽنگ جو ڪم ڪندو رهيو آهي، پنهنجي "منگي ٽيم" سان. هن ان ڏس ۾ اديبن، فنڪارن، آرٽسٽن، فوٽو گرافرن جو هڪ وڏو لڏو تيار ڪري ڇڏيو آهي. عرس جي موقعي تي سوونيئر ۽ ڪتاب سچل سائينءَ تي ڇپجي اسان جي هٿن ۾ پهچي ويندا آهن. جڻ ڪا غيبات ڪم ڪندي هجي. نہ پيسن جي طلب نہ ٻي ڪا گهر. نہ جهيڙو نہ جهٽو. گهٽ ۾ گهٽ ٽيهن سالن کان قربان منگي پنهنجي ان پيار ڀرئي پورهئي ۾ رڌل آهي. هاڻي پوپٽ پبلشنگ هائوس هلائي، مقامي اديبن جا جهجها ڪتاب بہ ڇپائي رهيو آهي.

سائين تنوير عباسي، جسٽس اسلم جعفري، مولا بخش لاڙڪ، سينيئرز مان سچل يادگار ڪميٽيءَ ۾ پنهنجي وقت ۾ منهنداري ڪندا رهيا. مختيار ملڪ بہ پنهنجو پاڻ موڪيو آهي.

اسان ان دور ۾ بہ ڪوشش ڪئي ۽ پوءِ سيڪريٽري ڪلچر جي وقت ۾ بہ ان شيءِ جو بنياد وڌو تہ ڪلچر کاتي جي طرفان هر عرس جي موقعي تي سچل سائينءَ تي ڪجهہ



ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪجن. سچل سائينءَ جو سنڌ ۽ خاص طور سندس مڪتبہ فڪر جي پوئلڳ ماڻهن تي وڏو قرض رهيل آهي. جيتري مٿس تحقيقي ٿيڻ گهرجي ان جو ڪجهہ حصو بہ ڪونہ ٿي سگهيو آهي. شاهہ عبداللطيف يونيورسٽيءَ ۾ سچل چيئر تہ آهي، پر ان کي بہ پاڻ موکڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

درازا ۾ هڪ وسيع سچل ڪامپليڪس سيوهڻ ۽ ڀٽ شاهہ وانگر ٺاهڻ گهرجي.

منهنجي نوڪريءَ جا ثقافت کاتي ۾ آخري ڏينهن هئا. ڪم ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هيو، جڏهن ترقياتي رٿائن ۽ بجيٽ جو آخري مهينو جون 2007ع آيو تہ مون اهو سوچي تہ اهي اسڪيمون ترقياتي پلان ۾ وجهجن، جن جو کاتي کي عزت ڏياريندڙ نتيجو نڪري ۽ کاتي تي ايندڙ وقتن ۾ سٺو اثر پوي ۽ ايندڙ وقت ۾ جيڪي بہ آفيسر ۽ وزير هجن انهن لاءِ ڪم ڪرڻ جي ڪافي گنجائش هجي. مون کاتي جو جائزو ورتو! وقت سنڌ ۾ ثقافت کاتي جون 17 لائبريريون هيون، حيدرآباد ميوزيم هيو. ممتاز مرزا آڊيٽوريم ۽ ممتاز مرزا اسٽوڊيو ڪراچي ۽ ان جو ساز و سامان. مطلب تہ جيڪي بہ مرمت طلب پراڻا ادارا هئا، انهن جي مرمت جي لاءِ وسيع رٿائون رکيونسين.

ٻيون اسڪيمون ٽن سالن لاءِ ڪتابن ڇپائڻ جون رکيون ويون تہ جيئن نوان ڪتاب سنڌ جي ادب ۽ ثقافت جي موضوع تي ڇپائي سگهجن. 2007ع کان پوءِ 2011ع تائين جيڪي ڪتاب ڇپبا رهيا، تن جو انتظامي ۽ معاشي بنياد منهنجو پيل هيو.

## شيخ اياز جي مزار

## ۽ ڪتابن جي ڇپائي جي رٿا

سنڌي ادبي بورڊ جي وائيس چيئرمين مدد علي سنڌي ۽ سيڪريٽري اعجاز منگيءَ ريجنٽ پلازا هوٽل ۾ شيخ اياز تي هڪ ادبي ڪانفرنس ڪوٺائي، جنهن ۾ وزيراعليٰ سنڌ ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم خاص مهمان هيو. مدد علي سنڌي ان دور ۾ چيف منسٽر جو پريس سيڪريٽري بہ هيو. هن ڪافي عرصي کان چيف منسٽر صاحب کي ان ڳالهہ تي راضي ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي تہ شيخ اياز جي مزار تي مقبرو ٺهرائجي ۽ سندس ڇپيل، اڻ ڇپيل سيني ڪتابن کي ڇپرائجي.

ان ڏينهن بہ مدد علي سنڌيءَ پنهنجي استقباليہ تقرير ۾ ان ڳالهہ جو سڄو سوريو. ائين تقريرون ٿي ويون. آخر ۾ ارباب صاحب جي تقرير ڪرڻ جو وارو آيو. مان پهرين قطار ۾ اسٽيج جي سامهون ويٺو هيس. تقرير ڪندي چيائين تہ "شيخ اياز اسان جو وڏو شاعر آهي. سندس سيني ڪتابن کي ڇپايو ويندو ۽ سندس مزار کي بہ شايان سان ٺهرايو ويندو." مونکي مخاطب ٿيندي چيائين تہ "منگي صاحب توهان ڪلچر جا سيڪريٽري

Gul Hayat Institute

ٻه آهيو ۽ ادب سان ٻه واسطو اٿوَ اهو ڪم توهان جي حوالي ڪريان ٿو.“ مدد، اعجاز ۽ اسان جو ڪم ٿي ويو. مون مدد کي چيو ته سي ايم هدايت ته ڪري ڇڏي آهي، پر ان جو سرڪاري طرح مون ڏي هدايت نامون ڪيڏرائي موڪليو. ڪجهه ڏينهن ۾ اهو ڪم به ٿي ويو. ساليانى ترقياتي رٿا صوبائي سطح تي تيار ٿي رهي هئي. مون اها رٿا به ان ۾ شامل ڪري ڇڏي. رٿا منظور ٿي وئي. سوچيم ته ڇهن مهينن ۾ مان ته ريٽائرڊ ٿي ويندس، پر ان جو پڙ بنياد اهڙو مضبوط ڪجي، جو جيڪڏهن سرڪار ٻه چاهي ته ان رٿا کي رد نه ڪري سگهي.

منهنجي اعجاز منگي ۽ مدد سنڌي سان ٻه ڳالهه ٿي ته انهن اهو خيال ڏيکاريو ته اها رٿا سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي سان عمل ۾ اچڻ کپي، پر منهنجي سمجهائڻ تي ٻئي راضي ٿيا ته اها رٿا ثقافت کاتو ئي هلائي.

مون هڪ ڪميٽي ٺاهي ۽ ان جي ميٽنگ ڪوٺائي. ڪميٽي ۾ سائين ابراهيم جويو، مدد علي سنڌي، اعجاز منگي، ڊي جي ڪلچر شمس جعفراڻي، ادل سومرو، قاضي منظر حيات، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو، تاج جويو، مختيار ملاح، سيڪشن آفيسر رکيا ويا.

پهرين ان پبليڪيسن ڪميٽيءَ جي ميٽنگ 17 جولاءِ 2007ع تي ڪئي وئي. ان ۾ بنيادي فيصلا ڪيا ويا. مون ڇپائي جو سڄو ڪم جويي صاحب جي حوالي ڪري ڇڏيو هيو ته هو ڇپائيءَ ۽ مزار جي ڪمن جي رهنمائي ڪري. مان بطور سيڪريٽري پنهنجو پاڻ کي ڪميٽيءَ جا فيصلا ڪرڻ واري حيثيت کان الڳ ڪري ڇڏيو ته جيئن ڪميٽي پاڻ فيصلا ڪري ۽ مون کي ان ڪم ۾ رڪاوٽ نه سمجهي. ان لاءِ مون ڊي جي ڪلچر ۽ سيڪشن آفيسر ٻنهي کي ساڻن شامل ڪري ڇڏيو ته جيئن اهي منهنجي ۽ ڪميٽيءَ جي وچ ۾ پل جو ڪم  ڪندي کين ٽيڪنيڪل مدد ٻه فراهم ڪن. پي سي ون جلدي ٺهي وئي. ڪميٽيءَ پنهنجو ڪم تيزيءَ سان ڪيو. مزار لاءِ ٻه جويو صاحب اهو فيصلو ڪيو ته مزار جي مٿان ڪا اڏاوت نه ڪئي ويندي ۽ سندس مزار آسمان، بارش ۽ هوا جي لاءِ کليل هجي، جيئن اياز پنهنجي هڪ نظم ۾ چيو آهي ته:

سوچئين تون مٿان، مون مٿان مقبرو
چنڊ تارا ڪتيون، سج جون مشعلون
مون مٿان روز ٻرندريون پيون
هي خُدائي مُجاور، ڪندا روز مون تي سوجهرو
سوچئين تون مٿان مون مٿان مقبرو

روز مون تي شفق پڙ پائي زريءَ جا



عقيدت جو اِظهار مون سان ڪنديون
ڏينهن جو سورج مُکين سان پئي زندگي جر ڪندي
رات رابيل جا گل نِڇاور ڪندي
ماڪ سان تنهن مٿيءَ کي مُعطر ڪندي آئون هوندس جتي
تون مٿان هِن گنهگار کي وڏي پير سان پيٽين
سوچئين تون مٿان، مون مٿان مقبرو

*

اها رٿا اڳتي وڌي. مزار جو ڪم مڪمل ڪيو ويو. پهريون ڪتاب، جنهن ۾ مهرباني ڪري ابراهيم جويو صاحب تفصيل سان سڄي رٿا جو پسمنظر ڏنو ۽ منهنجي ڪاوش جو ذڪر ڪيو هيو. جون 2008ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

سائين ابراهيم جويو صاحب جيڪڏهن هن سڄي رٿا جي رهنمائي نه ڪري ها ته مان سمجهان ٿو ته اهو ڪم اهڙي سٺي نموني سان وقت اندر پورو نه ٿئي ها. تاج جوئي ۽ سندس ساٿين به پاڻ موڪيو.

مون کي ان ڏس ۾ اهو به اعتراف ڪرڻ ڏيو ته جيڪڏهن مدد سنڌي ان سڄي قصي کي اعجاز منگيءَ سان گڏجي اڳتي نه کڻي ها ته ان رٿا جي شروعات ئي نه ٿي سگهي ها. ڇا ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم کي ان سڄي ڪم جو داد ملڻ گهرجي، جنهن اها رٿا منظور ڪئي؟

منهنجي ته خواهش هئي ته شيخ اياز جا اڻ ڇپيل ادبي خزانا، نظم يا نثر جا ٻه ڇپجن ها پر ائين ٿي نه سگهيو. هاڻي ٻه ثقافت کاتو اياز جا اڻ ڇپرايل اثاثا ڇاپي سگهي ٿو. شيخ اياز جي سڄي فيملي ان ڪيتر ۾ تعاون ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

## مالياتي بجيٽ ۽ ايم اي جليل جي مهرباني ۽ ڪاتي جي وزير کي اک ۾ ڪندو

جڏهن بجيٽ ٺهي آهي ته هر ڪاتي جو سيڪريٽري، ناڻي جي سيڪريٽري سان پنهنجي بجيٽ جي پرپوزل تي صلاح مشورو ڪري طئي ڪندو آهي. ڪلچر جي بجيٽ جو پرپوزل ناڻي جي سيڪريٽريءَ سان ڊسڪس ٿيو پر وڏيڪ چيو ويو ته آخري شڪل وزير ڏيندو. ايم اي جليل ناڻي ڪاتي جو ائڊوائيزر ۽ مان سيڪريٽري جي اي هيس ته منهنجون ساڻس سرڪاري ڪمن جي سلسلي ۾ ملاقاتون ٿينديون هيون. بطور سيڪريٽري G.A ڪاتي جي فنانس ڪاتي جي بجيٽ پاس ڪرڻ منهنجي اختيار ۾ هيو. بجيٽ جي ڪن اسمن ۾ ايم اي جليل دلچسپي رکندو هيو ته مون کي ذاتي عرض ڪندو

Gul Hayat Institute

هيو ته اهي اسم پاس ڪرڻ ۾ دير نه ڪيو.

هاڻي جو مان ڪلچر جي بجيٽ جي منظوري لاءِ وٽس ويس ته هن مونسان بهتر رويو رکيو. مون پنهنجي بجيٽ تجويزن کان ٻاهر ڪجهه پئسا گهريا ته ٽوئرزم کاتي جا ڪينجهر، سيوهڻ ۽ سمبارا هوٽل ۽ ريسٽ هائوس خراب حالت ۾ آهن. انهن لاءِ پئسا ڏيو. هن اسي لک رپيا وڌيڪ منظور ڪيا ۽ اهي پئسا 8_2007ع جي بجيٽ ۾ رکيا ويا. مونکي سال جي وچ ڌاري ريٽائرڊ ڪرڻو هو ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ پنهنجو مدو پورو ڪري حڪومت به ختم ٿيڻي هئي. ته جيئن نيون چونڊون ٿي سگهن. جڏهن بجيٽ ۾ 80 لک رپين جو آفيسرن ٻڌو ته اچي ڪوشش ۾ لڳا ته اهي پئسا ڪنهن طريقي سان ڳڙڪائي ڇڏين. طارق مرزا نئون مينيجنگ ڊائريڪٽر ٽوررزم ٿي آيو. هن ۽ وزير صاحب جي پرائيويٽ سيڪريٽرين اهو سٽل سٽيو ته ڪنهن نه ڪنهن حيلي بهاني سان اهي پيسا حڪومت ٽٽڻ کان اڳ ۾ هڙپ ڪجن. پر مان انهن پيسن تي واسينگ نانگ ٿيو ويٺو هيس. مون بلڊنگ کاتي کي چيو ته ٽنهي ريسٽ هائوسن جي مرمت ۽ سامان جي ايسٽيمينٽ ٺاهين ۽ اخبارن ۾ اهڙو ٽينڊر ڏين.

## شاهه ٻيلو ۾ ڌاڙيلن جي جاءِ تي سفاري پارڪ ڪيئي ۾!

اسان جو وزير صاحب جناب رئوف صديقي جڏهن هوم ڊپارٽمينٽ جو وزير هيو. هن سکر جو شاهه ٻيلو ايس ايس پي سکر محترم شبير شيخ جي دعوت تي ڏٺو هيو. شيخ صاحب اتي ڌاڙيلن جي خلاف آپريشن هلايو هيو. ڌاڙيل ڪجهه پڄي ته ڪي ٽڙي پکڙجي ويا. ائين ڪي ڏنار ٻڌجي ويا ته ڪن هن پاسي اچڻ ڇڏي ڏنو. ڪجهه ڏينهن لاءِ ٺاپر ٿي وئي.

ان دوران هڪ ڳوٺ ۾ هيلي پيڊ ٺاهي وئي. جناب رئوف صاحب کي اتي آندو ويو ۽ کيس بريفنگ ڏني وئي ۽ سندس ڪوريج لاءِ ٻيڙين تي پوليس ۽ ڪوريج لاءِ پريس ۽ ميڊيا کي به گهرايو ويو. وزير صاحب ڏاڍو خوش ٿيو.

پوءِ جڏهن ثقافت کاتي ۽ سياحت کاتي جو وزير ٿيو ته کيس شاهه ٻيلي ۾ سفاري پارڪ ٺهرائڻ جو خيال آيو ۽ ان خيال جي وڏي مشهوري شروع ڪيائين. مان به مينيجنگ ڊائريڪٽر ٽوررزم محترم رابعه حويري آغا کي اڳ ۾ ڪري ڇڏيو ته وزير صاحب سان رابطيڪار جو ڪم ڪندي رهي.

هيءَ اهڙي ناممڪن سوچ هئي جو جنهن به ٻڌو پئي اهو پنهنجو سر مٿو وٺي ويهي پئي رهيو. هڪ سيڪيورٽيءَ جو مسئلو ٻيو دريا جو چاڙهه جيڪو هر سانوڻ ۾ چڙهندو ۽ شاهه ٻيلو پاڻيءَ جي هيٺان اچي ويندو آهي. ٻوڏن جي وقت ۾ ته الله زاري هوندي آهي،



زمين ٻيلي جي، انهن کي به اعتراض. ارسا (IRSA) جي به NOC مليل ڪونه هئي. ائين منصوبه بنديءَ جو وزير شعيب بخاري ايم ڪيو ايم جو به. پر اهو به ڪلي مخالفت نه پيو ڪري سگهي، ايڊيشنل چيف سيڪريٽري غلام سرور کيڙو صاحب به ڪلي مخالفت نه پيو ڪري. اهو به مڙئي ڪم کي هلائي رهيو هيو. نيٺ ٻيلي کاتي جي وزير سيد اعجاز علي شاهه شيرازيءَ کان به NOC ورتو ويو. وڏي وزير ارباب صاحب ويٺي تماشو ڏٺو. سڄو پريشر مونتي لڳايو ويو ته ان اسڪيم کي ڪنهن به صورت ۾ منظور ڪرائڻو آهي. ان دوران ڪجهه عرب ملڪن جا سفير به وزير صاحب جي رفاقت ۾ شاهه ٻيلي ۽ سکر جو چڪر لڳائي آيا. هنن ته وزير صاحب کي الائي ڪهڙو جواب ڏنو پر پاڻ ڏاڍو خوش ٿيو ته اهي عرب سڀ‌ڳورا پئسن جي مدد ڪندا.

## ٻاهرين ملڪن جا دورا

مون کي ڪافي موقعا مليا ته ملڪ کان ٻاهر سرڪاري خرچ تي پڙهي اچان پر پنهنجي گهر ۽ فيمليءَ جي حالات جي ڪري مان ٻاهر نه ويس.

1980ع ۾ مان اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ايس ڊي ايم ڪپرو هيس. سنڌ سرڪار منهنجي نامزدگي ڪئي هئي ته مان سرڪاري خرچ تي 10 مهينن لاءِ MPA (ماسٽرس ان پبلڪ ائڊمنسٽريشن) ڪرڻ لاءِ انگلنڊ، آڪسفورڊ وڃان، پر مون انڪار ڪري ڇڏيو.

94_1995ع ۾ مارچ مهيني تائين مان تعليم کاتي ۾ ڊائريڪٽر پلاننگ هيس. انهن ڏينهن ۾ سرڪار 8 هفتن لاءِ فلپائن، ايشين ڊيولپمينٽ ڪي منهنجي نامزدگي ڪري فنانس ايڊمنسٽريشن ۾ ٽريننگ لاءِ موڪلي. ADB جو هيڊڪوارٽر فلپائين ملڪ جي منيلا شهر ۾ آهي. هي ايشيائي ملڪن لاءِ قرض ڏيڻ جو اهم ترين ادارو آهي. هن اداري جي ڏنل پنج اربن روپين جي مدد سان سنڌ ۾ پنج هزار "اسڪول سنڌ پرائمري ايجوڪيشن ڊولپمينٽ پروجيڪٽ" (SPEDP) نالي سان رهيا هئا ۽ ڪجهه ٻيا تعليم جا پروجيڪٽ به هئا.

جڏهن ان ٽريننگ جو وقت آيو ته مان تعليم کاتي مان بدلي ٿي ڊي سي خيرپور ٿي لڳو هيس. جڏهن ٽريننگ شروع پئي ٿي ته محرم جا ڏينهن ان سان ٽڪراءُ کائي رهيا هيا. چيف سيڪريٽري مونکي موڪل نه ڏني.

2005ع ۾ مان سيڪريٽري GA هيس ته هڪ ڪانفرنس لاءِ چيف سيڪريٽري مونکي نامزد ڪري لنڊن برطانيا نالو موڪليو. جتان منظور به ٿي ويو. پر وقت ايترو ٿورو هيو جو منهنجي ڪاغذن جي تڪميل وقت سر نه ٿي سگهي، هاڻي منهنجي عمر به اچي 59 سال ٿي هئي ۽ مون ڪوبه ٻاهريون ملڪ ڏسڻ جي اميد لاهي ڇڏي هئي.

Gul Hayat Institute

چڪا آهيو جو تهران پيو وڃين!“ انهن ڏينهن ۾ احمدي نجاد جي حڪومت هئي، ايران تي آمريڪا ناراض هيو ۽ UNO ۽ پوري دنيا ناراض هئي. ايران اڪيلو ٿي ويو هيو. سندس تيل ٻاهر اماڻڻ تي به بندش ته ٻين واهپي جي شين آڻڻ تي به روڪ هئي. بلڪ جن ماڻهن ايران وزٽ ڪيو ٿي، انهن کي يورپ ۽ آمريڪا جي ويزا به مشڪل پئي ملي، هن جو اشارو شايد ان ڳالهه طرف هيو.

مان مسڪرائي چپ ٿي ويس. ڪائنس سندس باري ۾ پڇيم. سندس نالو روشن هيو. ممبئي جي وينٽل هئي، جدي وڃي رهي هئي. اتي ڪنهن آئل فيلڊ ۾ نوڪري هيس، مونکي سندس بي باڪيءَ تي حيرت ڪونه ٿي، بمبئي ۽ انڊيا تي ڳالهائيندي رهي. انڊيا ۽ پاڪستان جي تعلقات تي ڳالهايائين. ڪافي چاڻ واري پئي لڳي. سٺي ڪمپني هئي، سندس فلائيٽ اسان جي فلائيٽ کان به ڪلاڪ پوءِ جدي لاءِ وڃڻي هئي. هوءَ به شايد اڪيلي انتظار ڪري بيزار ٿي پئي هئي، تنهن ڪري اسان سان گپ شپ ڪرڻ لڳي هئي. اسان جو ساٿي اينڪر ميڊيا جا حال احوال ڪرڻ لڳو. ڪلاڪ جي ان وٿيءَ ۾ ڪافي هم آهنگي ٿي وئي هئي. مون انگريزيءَ ۾ چيو ڪاش تون ايران هلندي هجين ها يا مان جدي هلان ها! چوڻ لڳي ”پوءِ ته اسان جا سر ڪپيل لاش هڪ انڊيا ۽ ٻيو پاڪستان پهچن ها:“ مون چيو ته ”انهن ٻنهي ملڪن لاءِ ان کان وڏيڪ يڪجهتي جو ڪهڙو بهتر مثال ٿي سگهيو پئي!“

اسان جي فلائيٽ انائونس ٿي. منهنجو ساٿي ائنڪر چڻ اباڻڪو وينو هيو ٽپ ڏئي اٿي ڪڙو ٿيو. مان به اٿيس. هوءَ به اٿي بيٺي، مون موڪلائڻ لاءِ هٿ وڌايو ته هن چيو هلو مان توهان سان توهان جي گيٽ تائين گڏ هلان ٿي. گيٽ تي رش وڌي ويئي هئي. ائنڪر کي لائين ۾ بيهاري اسان ٻئي پروارين ڪرسين تي ويهي رهياسون. ڳالهيون ڪندي موڪلايوسون. نه هن مونکان نمبر ۽ FB جو ID پڇيو ۽ نه مون. چڻ اسان ذهني طرح ان ڳالهه لاءِ تيار هئاسون ته:

”اب ڪي نهين ملنا جانان!“

مون کي خبر نه هئي ته 7 مهينن کان پوءِ مان به ٻارن سان عمري تي جدي ويندس ته گهٽ ۾ گهٽ فون نمبر جو ضرور تبادلو ڪيون ها. مون بورڊنگ گيٽ مان گذرندي ڪنڌ ورائي آخري ڀيرو هن کي ڏٺو هوءَ اتي ئي بيٺل هئي، مونکي ڏسندي هٿ لوڏي الله واهي چيائين. مون به هن کي هٿ لوڏي خدا حافظ چيو ۽ هميشه لاءِ جدا ٿي وياسون، پر ان 60 منٽن جي ننڍڙي خوشگوار ملاقات جي ياد اڃان به تازي آهي.

ائنڪر ۽ مان جهاز ۾ الڳ الڳ ٿي وياسون، مون پنهنجي سيٽ ڳولهي، پنهنجو هئنڊ ڪيري ان جي مٿين خاني ۾ وجهي ڇڏيو ۽ سيٽ تي ويهي رهيس.



## دبئيءَ کان امام خميني ايئرپورٽ لاءِ

مان گهڻو ڪري ونڊو سيٽ نه پر آئيل سيٽ وٺندو آهيان ته ڄنگهن ۽ پيرن جي چرپر جي جڳهه ملي وڃي. هتي به مون کي آئيل سيٽ هئي. مون مسافرن ۽ جهاز جو جائزو وٺڻ شروع ڪيو.

ايمائرٽس جي مهمانداري مشهور آهي. مهماندار مرد ۽ عورتون يڇ ڊڪ ۾ پورا هئا. مسافر مرد ۽ عورتون جهاز ۾ داخل ٿي رهيا هئا. ڪيتريون عورتون ماڊرن لباس ۾ جهاز ۾ چڙهيون هيون. ننڍيون اسڪرٽس ۽ ليڊر لانگ شوز پيل هين.

سج لهي چڪو هيو. جهاز جا دروازا بند ٿي ويا. انگريزي سان گڏ فارسيءَ ۾ ايئرهوسٽس انائونس ڪيو ته جهاز رڙهڻ شروع ٿيو ۽ ٽيڪ آف ڪيائين.

ايمائرٽس وارا پنهنجي سفر جي دوران ”هارڊ ۽ سافٽ ڊرنڪ“ ٻئي serve ڪندا آهن. پر تهران ۾ لهڻ واري کي ڪٿي ڪٽندي جو هارڊ ڊرنڪ جو پڇي. ڊنر serve ڪيائون ته مون ايران جون اخبارون پڇيون پر ڪونه مليون. مان پنهنجون مٿيون لائٽس بند ڪري اکيون ٻوٽي، ٽيڪ ڏئي آرام ڪرڻ لڳس. ذهن ۾ ايران کي آڏي ڪجهه ننڍ ۽ گهٽي جاڳ ۾ سوچڻ لڳس.

محسوس ٿيو ته ايمائرٽس جو بوئنگ اونچائي ڇڏي رهيو آهي، ائين ساڳيو ايئرهوسٽس جو آواز به گونجيو ته ”اسان تهران جي امام خامنئي ايئرپورٽ تي ٿوري دير ۾ لهنداسون.“ ان انائونسمينٽ سان عورتن ۾ ٽاڀڙڪو پئجي ويو جيڪي ماڊرن ڪپڙن ۾ هيون، انهن پنهنجا اُبايا ڪڍيا ۽ حجاب ڪرڻ لڳيون، جڏهن تهران ۾ جهاز بيٺو ۽ هوائي اڏي تي عورتن جو ٽولو لٿو ته سڀ جو سڀ ماڊرن يورپين ڊريسز جي بدران برقعن ۾ يا چادرون اوڍيل هيون.

مان به ايئرپورٽ ۾ اندر آيس، منهنجو سامان لٿو مونکي اڻ تڻ هئي ته ٻاهر ڪو وٺڻ وارو هوندو به الائي ڪونه. مونکي اها ته خبر هئي ته اسان جي رهائش هوٽل انٽر ڪانٽينينٽل ۾ هئي ۽ ڪانفرنس به اتي هئي. دل ۾ چيم ته پوءِ ڪٽي ٽيڪسي وٺندس. هئڊ ڪيري ۽ به بريف ڪيسون ڏڪيندو اچي ٻاهر نڪتس.

پهريون استقبال ته ٿڌي هوا جي هڪ ٿڌي جهوٽي ڪيو. اڳتي آيس ته هڪ ڇوڪري ۽ هڪ ڇوڪرو جن جي عمر 30 سال کن ٿيندي بينر جهليو بيٺا هئا. انهن ٻنهي تي انگريزيءَ ۾ پاڪستان لکيل هيو. منهنجي اباڻڪي چهري تي چمڪ اچي وئي، هو به ٻئي کلي پيا. سنڌن ويجهو وڃي کين سلام ڪندي مون پنهنجو تعارف ڪرايو. ڇوڪري، جنهن جو نالو گل بانو (Gool Bano) هيو. تنهن فارسي لهجي واري انگريزي ۾ پڇيو ته ”توهان جا ٻيا ساٿي ڪٿي آهن؟“ کين ٻڌايم ته انهن جو پروگرام ڪئنسل ٿي

Gul Hayat Institute

ويو پاڪستان مان صرف مان ئي آيو آهيان. هنن ڊرائيور کان منهنجو سامان رکرايو. هنن
به گاڏيون آنديون هيون. مان پوئين سيٽ تي ويٺس. گل به مون سان گڏ ويٺي. سندس بيو
ساٿي فرنٽ سيٽ تي ويٺو. گاڏي هلي. ٻي گاڏي اسان جي پويان پويان ايندي رهي. گاڏيءَ
جي رفتار مان اندازو ٿيو ته روڊ جي حالت سٺي آهي. چوڏاري روشنيون هيون. گل ۽
سندس ساٿيءَ سان گپ شپ ٿيندي رهي. خبر پئي ته جيستائين مان ايران ۾ هوندس گل
منهنجي گائيڊ هوندي ۽ منهنجي چرپر کي مربوط رکندي ۽ مسئلن کي ڏسندي رهندي.
منهنجي پڇڻ تي هن ٻڌايو ته اڳ ۾ ته انگريزي پڙهڻ جي مخالفت هوندي هئي. ڪجهه
سالن کان انقلابي اسلامي ايران جي حڪومت ضرورت محسوس ڪئي آهي ته نوجوانن
کي انگريزيءَ جي تعليم به ڏيارجي. گل بانو به انگريزي تهران يونيورسٽيءَ مان پڙهي
آهي. بيو ته چوڪرن ۽ چوڪرين کي ايران جي ثقافت ڪاتي، جنهن هيءَ سيمينار
آرگنائيز ڪيو آهي، ان مقصد لاءِ خاص تربيت ڏياري آهي ۽ کين ڪائونسلر
(Counsellor) ڪري رکيو آهي ته جيئن مهمانن کي سهوليتون فراهم ڪن. ڳالهائيندي
ڳالهائيندي اسان هوٽل انٽر ڪانٽيننٽل تي پهتاسون. هي هوٽل وچ شهر ۾ مين روڊ تي
آهي. هوٽل انٽر ڪانٽيننٽل هوٽلز جي Chain جو حصو آهي. ايوب خان جي دور ۾ اهڙا
هوٽل ڪراچي ۽ لاهور، ڍاڪا ۽ ٻين شهر ۾ به ٺهيا هئا، پر پوءِ ان Chain جي پاڪستان
هوٽلن کي هاشو گروپ خريد ڪيو ۽ ان جو نالو پرل ڪانٽيننٽل (PC) هوٽل ڪري
رکيو. ان سان گڏوگڏ يورپين ۽ ٻيا PC هوٽل به ملڪ ۾ ٺهرايا ويا. انهن پراڻن هوٽلن جي
چڱيءَ ريت سار سنڀال ۽ اپگريڊنگ ڪئي وئي. ڪراچيءَ جي PC هوٽل ايترو ئي پراڻو
آهي، جيترو تهران جو پر هاڻي به ڪراچيءَ ۾ ٻهرين پسند PC هوٽل آهي، ائين پورين ۽
مظفر آباد ۽ گوادر ۾ به اهڙا هوٽل آهن، پر پورين جو PC خوبصورت آهي. هن جي چوڏاري
جو منظر ۽ موسم! ڇا ڳالهه ڪجي. مون چيڪ ان ڪيو. مون کي 'گل' صبح جي ميٽنگ
جي وقت جي يادگيري ڏياري SOS لاءِ نمبر ٻڌايائين. پنهنجو نمبر ٻڌايائين، هوٽل جا نمبر
۽ اتان جو پروٽوڪول ٻڌايائين ۽ اهو به ٻڌايائين ته هوٽل ۾ منهنجي رهائش ۽ ماني،
چانهن، سافٽ ڊرنڪ، ٽرانسپورٽ وغيره فري آهي. ان جو بل ميزبان ادا ڪندا. اهو هوٽل
به حڪومت جي ملڪيت هيو. ڪلچر ڊپارٽمينٽ ان جو مالڪ هيو. جيئن اسان جو
لاڙڪاڻي جو سمبارا هوٽل آهي.

## تهران ۾

مان ڪمري ۾ آيس، دري کولي ٻاهر ڏٺم، سامهون هڪ مکيه روڊ روشنين ۾ چمڪي
رهيو هيو. رستي جي ٻنهي پاسي وڻ هئا. اهي به روشنيءَ ۾ عجيب منظر پيش ڪري رهيا



هئا. هوٽل جي ٻاهر جو ته حال ڪو نه هيو پر اندر جو حال به پورو سارو هيو. انٽر ڪام تي
ڪچن ۾ چانهن لاءِ چيو ڪمري جو فرج کوليو ڪائڻ پيئڻ جو سامان پيو هيو. خشڪ
ميوو ته زبردست هيو. پاٿي پيتم، سامان کولي، ڪپڙا بدلائڻ لاءِ باٿ روم ويس. جلدي
جلدي باٿ ورتم. باٿ کان پوءِ چانهن ڏاڍو مزو ڏنو.

ڪراچيءَ گهر فون ڪيم. کين خيريت سان پهچڻ جو اطلاع ڪيو.

بيو ڏينهن خوشگوار رهيو. دريءَ جو پردو کوليو ته هلڪي هلڪي ڦڙ ڦڙ پئجي رهي
هئي. آسمان تي جهڙ هيو سامهون واري روڊ تي وڻ وٽندڙ نظارو پيش ڪري رهيا هئا. وڻن
جا پن سُڪي ڪري پيا هئا. هلڪي هلڪي ٽريفڪ هلي رهي هئي، ائين نظر اچي رهيو
هيو جڻ ڪنهن روڊ جي پينٽنگ منهنجي سامهون هجي، صبح جو چانهن دريءَ جي
سامهون ويٺي پيتم. هڪ ڪپ خالي ڪيو دري کولي ته سرد هوا جو جهوٽو جهڙوڪ
ڏنگڻ لاءِ منهنجي وجود کي ويڙهي ويو مون ڪٽي دري بند ڪئي. جسم ۾ گهريل سرديءَ
کي enjoy ڪرڻ لڳس.

تيار ٿي ڪمري ۾ ئي ناشتو ڪيو. به سلائيس به هاف فرائي ايگس ۽ جوس جو
هڪ گلاس. مان ناشتي، لنچ ۽ ڊنر کان پوءِ چانهن نه پيئندو آهيان. ڪاڌي جو مزو
رهڻ ڏيندو آهيان.

## ايڪو (ECO) ڪانفرنس

هيٺ لهي لابيءَ مان ٿيندو هال ۾ آيس، سامهون اسٽيج ٺهيل هيو. ان جي ٻنهي پاسن
کان ۽ سامهون ويهندڙن لاءِ ٽيبل ۽ ڪرسيون رکيل هيون. منهنجي ٽيبل ۽ ڪرسي
اسٽيج جي بلڪل سامهون لڳل هئي. پاڪستان جو ننڍو جهنڊو ٽيبل تي پيو هيو ۽ وڏو
جهنڊو ڪرسيءَ جي پويان جهُلي رهيو هيو. ساڳيو سيٽ اپ سڀني آيلن جي ڪرسين
تي هيو. هوٽل جي ٻاهران به ECO ملڪن جا جهنڊا لڳل ۽ لابيءَ ۾ ڪانفرنس جي افتتاح
۽ ان جو تعارف جا بورڊ به لڳل هئا.

مان سڀني ٽيبلن تي وڃي سڀني آيلن سان هٿ ملائي پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ ڏئي
تعارف ڪرايو ۽ هنن به پنهنجو تعارف ڪرايو. ايران جي پاران ميزبان جا فرائض ايران
جو سيڪريٽري ۽ ڊائريڪٽر جنرل ادا ڪري رهيا هئا. ڊي جي وڏيڪ چست لڳي رهيو
هيو. هوٽل به سندس انتظام ۾ هيو. اسان جي رجسٽريشن کان پوءِ هر ڪنهن پنهنجون
پنهنجون نشستون والاريون. ٻين ملڪن مان وڏيڪ ماڻهو آيل هئا. جڏهن ته مان هيڪلو
ويٺو هيس. ٿوريءَ دير ۾ پاڪستان جي سفارت ڪاتي جو سيڪنڊ سيڪريٽري سعيد به
اچي ويو. هي نوجوان فارين سروس جو آفيسر هيو. اصل پنجاب جو هيو. ڪافي سمجهدار

Gul Hayat Institute

پئي لڳو. پنهنجو ٽن سالن جو ٽينيوئر تهران ۾ پورو ڪرڻ وارو هيو. ايران لاءِ گهڻو ڪجهه ڄاڻي ويو هيو. نشست شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ بريڪ ۾ حال احوال ڏيندو رهيو.

افتتاحي سيشن جي صدارت لاءِ نائب صدر پهچي ويو هيو. ان جي ساڄي پاسي وزير ثقافت ويٺل هيو. نائب صدر کي ڪارو عمامو ۽ ڪاري شال اوڍيل هئي. وزير کي پينٽ ڪوٽ هيو. آٽو ٽرانسليٽر سسٽم جو بندوبست ٿيل هيو. تلاوت ڪلام پاڪ کان پوءِ وزير صاحب ابتدائي تعارفي ڪلمات ادا ڪيا. ان کان پوءِ نائب صدر صاحب پنهنجي تقرير شروع ڪئي. مان آٽو ٽرانسليٽر تي انگريزيءَ ۾ تقرير ٻڌي. اردو ۾ آپشن ڪونه هيو. هن اڌ ڪلاڪ کن تقرير ڪئي. ڪانفرنس جو افتتاح ٿيو. سڀ مندوبين چانهن تي آياسون. خاص مهمان سان باقاعده پروٽوڪول سان تعارف ٿيو. چانهه کان پوءِ فوٽو سيشن ٿيو. سفارت خاني جو سيڪنڊ سيڪريٽري سعيد به مون سان گڏ هيو. سيشن شروع ٿيا. افغانستان پنهنجي سياحت تي ۽ مشڪلاتن تي ڳالهايو. هن به تقرير فارسيءَ ۾ ڪئي. هڪ ٻئي ملڪ به ڳالهايو.

لنچ تي سعيد سان منهنجو ايران متعلق حال احوال ٿيندو رهيو. ايران تي چيائين ته پاڪستان جي فارين پاليسيءَ تي امريڪا سان ويجهڙائيءَ جي ڪري ناخوش آهن. پاڪستانين کي بطور قوم ٺي سٺو ٿا سمجهن. پر ليڊرشپ جي ڪري اسان ڏي هنن جو رويو سٺو ناهي.

چيائين ته هتي ته ڇوڪريون ابايا پايون هلن ٿيون. پر سندن گهر ۾ جيڪي دعوتون ٿين ٿيون، اتي الٽرا ماڊرن لباسن ۾ هونديون آهن. مڙئي اها ٻٽي پاليسي اٿن! مان حيران هيس. وري چوڻ لڳو ته، "ان دوران جيڪڏهن ڪا گهر ۾ پارٽي هوندي ته توکي وٺي ويندس!" مون آسمان ڏي ڏٺو "الله ڪندو!" پر افسوس ته به ٽي ڏينهن اتي هوندي الله ڪونه ڪيو. سعيد به ظاهر نه ٿيو. لنچ کان پوءِ ڇهه بجي ته سيشن ۾ ٿيو ٿي ويا ۽ پوءِ سيءَ، اونده، عجيب اڪيلائي ۽ ڊپريشن هئي.

پهرين ڏينهن ستين بجي کان پوءِ شام جو گاڏي ۽ ڊرائيور وٺي شاپنگ ايريا ۾ ويس، ڪجهه ضرورت جون شيون ورتيون، ڪجهه ٻين شين جو اگهه پڇيم. ٻاهران آيل سامان ته ڪونه هيو. ايران جو ٺهيل سامان هيو آرٽ ورڪ، هينڊ ميڊ ۽ ٻيون اهڙيون شيون هيون. شاپنگ مال ۾ هر ملڪ وانگر، عورتن جو انگ گهڻو هيو. وڏا ليڊر شوز، فل ميڪ اپ، سهڻيون، گوريون، پوريون، اکيون، نڪ ڊگها، قداور، وار ڊگها ڪارا، جسم نهندڙ جيڪا اجتماعي خوبصورتي مونکي ايران ۾ نظر آئي اهڙي گهٽ ملڪن ۾ آهي. رنگ ۽ نسل ۾ ملاوٽ کان پاڪ، واقعي اصلي آريا ٿي لڳا. ڪجهه خريد ڪيو ڪجهه سامان ڇُڪايو ڪجهه خوبصورتيون اندر ۾ اوتي، ڊپريشن کي ڇڄائي واپس وٺاڻ تي آيس.



هوٽل جي لابيءَ ۾ هڪ آرٽ ورڪ وڻيو اهو خريد ڪري پيڪ ڪيو. مون سوَ پائونڊ جو نوٽ ڪڍيو. لابيءَ ۾ جيڪي دوڪاندار هئا، اهي سڀ اچي گڏ ٿيا. "پائونڊ! پائونڊ!!" سندن جوش خروش ڏسي ايئن پئي لڳو جڻ پائونڊ جو نوٽ ڪونه ڏٺو هجائون. ان دور ۾ پاڪستان ۾ ڊالر جي قيمت 60 روپيه هئي، پائونڊ 125 روپيه ۽ ايراني سڪوتمن 15 في روپيه هيو.

سو پائونڊن جي متاستا تي اچي گوڙ ٿيو. مون مزو پئي ڏٺو مون ڪجهه ڊالر ۽ ڪجهه ايراني ريال ورتا. هيٺ ريسٽورينٽ ۾ ئي ماني کاڌي، ڪجهه ايراني کاڌا هئا، جيڪي پاڪستان به هاڻي ناهي رهيو آهي. جيئن چُلو ڪباب، باربي ڪيو ٻوٽي ۽ ڪجهه ٻيون نئديون نئديون ڊشز. مان گهر کان ٻاهر ماني کائڻ ۾ ڪوشش ڪري احتياط ڪندو آهيان. ملڪ ۾ ته ڊشز جي خبر پوندي آهي، پر ٻاهرين ملڪن جي مڙئي خبر پوري ساري هوندي آهي. تنهن ڪري ماني احتياط سان کائجي.

## آخري سيشن

ٻئي ڏينهن صبح جو سيشن جو ٻيو ۽ آخري ڏينهن هيو. ٻين مندوبين سان مان به پنهنجي ملڪ جي سياحت ۽ سياحتي ماڳن تي روشني وڌي. انهن جي آئنده وڌڻ ۽ ECO ملڪن سان تعلقات ۽ سياحت جي متاستا تي ڳالهايو. سنڌ سولائيزيشن، موهن جو دڙو، هڙاپا، ٽيڪسلا ۽ مهر ڳڙهه جا مثال ڏنا. ڪين ٽوئرزم لاءِ معاهدن تي صحيحون ڪرڻ جون آڇون ڪيون. ڪين ٻڌايو ته هماليه کان پوءِ ڏهن مان ٻن وڏن پهاڙن جون چوٽيون به پاڪستان ۾ آهن. هتي مختلف قسمن جون ثقافتون ۽ موسمون، پهاڙ، درياهه، سمندر، ريگستان ۽ نخلستان آهن. خوبصورت ڊنڊون وڻ ٽڻ ۽ جانور آهن. انڊس ڊالفن، ٽرائوٽ، مارخور، ٻارهن سنگها، Ibex ۽ ٻيا ڪيترا جانور آهن. ريل، روڊ، هوائي، سامونڊي رستا آهن، اعليٰ قسم جا تعليمي ادارا آهن. جن مان ڪي دنيا جي بهترين ادارن ۾ شامل ٿي رهيا آهن. اسان جو ريگستان ٿر، دنيا جو نرالو عجوبو آهي، جنهن اندر وري طرح طرح جا ڪلچر ۽ ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون ۽ ماڻهن جي شڪل شبيهه به هڪ ٻئي کان الڳ آهي. ڪوئلي جا وڏا ذخيرا لڌا ويا آهن، جن کي ترقي وٺرائي رهيا آهيون. آخر ۾ اها به ڳالهه ڪئي ته موجوده دهشت گرديءَ جي ڪري ٿوري وقت لاءِ ڪجهه مايوسي پيدا ٿي آهي، پر اسان کي اميد آهي ته توهان جهڙن دوست ملڪن ۽ ٻين سان ٻانهن ٻيلي ٿي هن آيل لهر کي قابو ڪنداسين. ائين ٻين به ڳالهايو. ترڪي سڀ کان اڳيرو هيو. هن سان اسان جا پراڻا تعلقات هئا. ايران سان گڏ اسان ٽئي RCD ۾ گڏ هئاسون. ترڪيءَ دلچسپي ڏيکاري ته اسان پنهنجي ثقافت ۽ سياحت ۽ تعليم کي هتي ڏياريون. مون ڪين خوش

Gul Hayat Institute

آمديد چيوءِ کين ترڪي يا پاڪستان ۾ ڳالهين جون دعوتون ڏنيون.

ماني جي وقفي دوران ڪافي ملڪن مان آيل منهنجي چوڌاري اچي گڏ ٿيا. مون کي مبارڪون ڏنائون ۽ چيائون ته توهان دل کولي ڳالهايو ۽ تعاون جي دعوت ڏني. پاڪستان بنيادي ٽن ملڪن مان آهي. اسان اميد ٿا ڪريون ته پاڪستان ثقافتي سطح تي سيني ملڪن کي گڏ ڪٺي هلڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪندو. مان ڪنڌ لوڏي سندن ان محبت ۽ اعتماد جو شڪريو ادا ڪندو رهيس. دراصل نيون اسلامي رياستون، جيڪي سوويت يونين ٽُٽڻ جي ڪري نهيون آهن، دل سان پئي چاهيو ته پاڪستان lead role ڪرڻ وارو ڪردار ادا ڪري. وٽن پنهنجا سبب هئا. هنن ايران ۽ ترڪيءَ کان وڌيڪ پاڪستان کي اهميت ڏني پئي. مونکي ڏک ٿيو ته هن سيشن کي غير اهم سمجهي، سعيد ڪونه آيو هيو. مون هن کي فون ڪري سڄو قصو ٻڌايو ۽ کيس چيو ته تون اچ ته بهتر آهي. لوهه گرم آهي، پر هو ڪونه آيو الائي ڇو؟

آخري سيشن ۾ ترجيحات، سفارشون ۽ ٺهراءَ بحال ڪيا ويا. ان کان اڳ ۾ ECO جي مٿين ميٽنگ جي ثقافت لاءِ تاريخ ۽ هنڌ لاءِ بحث ٿيو اڪثريت جو خيال هيو ته 2007ع جي ميٽنگ پاڪستان جي ميزبانيءَ ۾ ٿئي. مون سوچيو ته مسئلو ڳچيءَ ۾ ٿو پوي. منهنجي ڳالهه تي اسلام آباد بيهندو ئي ڪونه. مون چيو ته :

”پاڪستان کي ان ميٽنگ ڪوٺائڻ ۽ توهان سيني دوستن کي پنهنجو مهمان ڪري سيني شرڪتدارن کي سڄي ملڪ جا ڪجهه اهم سياحتي مرڪز ڏيکارڻ جو موقعو ملي. ان کان وڌيڪ سنو بيو موقعو ڪونهي. پر مون ڳيت ڏني ۽ پاٽي پيتو سيني جو ڌيان منهنجي طرف هيو. ”پر 2007ع ۽ 2008ع ۾ اسان وٽ پاڪستان ۾ جنرل اليڪشن ٿينديون. توهان کي خبر آهي ته اليڪشن ۾ گهما گهمي ٿيندي آهي ۽ پاڪستان جي اليڪشن ۾ ته هن دفعي ڏاڍي گهما گهمي جي توقع آهي. تنهن ڪري توهان جي خواهش کي هن سال پاڪستان شايد پورو نه ڪري سگهي. اميد ته منهنجي ملڪ جي طرفان هن ڏس ۾ معذرت قبول ڪندا.“

پوءِ اها ذميداري ترڪيءَ قبول ڪئي.

## ECO (اقتصادي تعاون تنظيم)

ECO دراصل RCD (علائقائي ترقيءَ لاءِ تعاون) جي ڪک مان نڪتو آهي. RCD، ايران، ترڪي ۽ پاڪستان جي تنظيم جيڪا ان خطي جي ترقيءَ لاءِ هئي، ڪافي ڪم به ڪيو هيو پر 1979ع جي ايراني انقلاب کان پوءِ ان تنظيم کي ختم ڪيو ويو.

سال 1985ع ۾ پاڪستان، ايران ۽ ترڪي ساڳين مقصدن سان ECO جي نالي سان



تنظيم تيار ڪئي، جنهن جو سيڪريٽريٽ تهران، ايران ۾ ڪيو ويو. سائنسي ترقي جو مرڪز پاڪستان ٿيو ۽ اقتصادي ترقيءَ جو مرڪز ترڪيءَ کي ڪيو ويو. سال 1992ع ۾ ٻين ستن ملڪن کي به ان تنظيم ۾ شامل ڪيو ويو. انهن ۾ افغانستان، آذربائيجان، تاجڪستان، ڪردستان، ڪازڪستان، ترڪمانستان ۽ ازبڪستان به شامل آهن. انهن ۾ ڇهه ملڪ اهڙا به آهن، جن روس کان الڳ ٿي پنهنجي شناخت اسلامي ملڪ طور قائم ڪئي آهي. انهن ملڪن جي مٿانهين سربراهن جي سطح تي به ملاقاتون ٿينديون آهن. مئي جون 2006ع ۾ به انهن جي ڪانفرنس ٿي. ان سلسلي جي هيءَ ڪڙي هئي، جنهن موجب ڊسمبر 11 کان 13 تائين 2006ع ۾ سياحت جي ڪانفرنس ٿي.

شام جو مان گاڏي ۽ ڊرائيور ڪٺي ٽرانسليٽر سان شهر جي چڪر لڳائڻ لاءِ نڪري ويس. مون ٽرانسليٽر کي چيو ته مونکي تهران جا اهم روڊ، رستا ۽ مارڪيٽ ڏيکار جنهن سان تهران ۽ ايران جي پوري خبر پوي. هن پوري ڪوشش ڪئي ته مونکي تهران ۽ ايران جي سماجي ۽ اقتصادي صورتحال بابت چڱي ڄاڻ ڏئي. حالانڪ 2006ع کان ايران آمريڪا ۽ يورپ جي پابندين ۾ جڪڙيل هيو پر پوءِ به هتي ترقيءَ جي رفتار جهڪي نه ٿي هئي. هنن پنهنجي شهرين جي تعليمي ۽ سائنسي پڙهائيءَ ۽ تربيت تي پوري پوري ڪوشش ڪري ڌيان ڏنو ۽ انهن ڪيترن ۾ عورتن توڙي مردن کي تيار ڪيو. هنن وٽ حجاب يا پردي جو جيڪو تصور هيو ان تي ته قائم هيا، پر عورتن جي نوڪري ڪرڻ، پڙهائي ڪرڻ ۽ ملڪ جي ترقيءَ ۾ مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي حصو ورتو ٿي. هنن تي ڌارين مردن سان ڳالهائڻ جي به پابندي ڪونه هئي. ائين هنن جي ملڪ کان ٻاهر پڙهائي ڪرڻ تي به پابندي ڪونه هئي، صرف مختصر حجاب جي پابندي هئي. هو ڊاڪٽر، انجنيئر، پروفيسر، بزنيس وومين، هوٽلن تي، جهازن تي، ايئر هوسٽس ۽ دوڪانن تي به ڪم ڪري سگهن ٿيون. ايراني اهو سمجهي رهيا آهن ته عورتن جي اڌ آباديءَ کي محتاج ڪري گهر ويهاري ويتر مردن جي ذميدارين ۾ اضافو ڪرڻ نقصان ڏيندڙ آهي. عراق سان اٺن سالن جي ڊگهي جنگين ۾ جڏهن ته ايران جا لکين مرد ۽ نوجوان مري چڪا آهن، انهن جو خال پرڻ لاءِ به عورتن کي اڳتي آڻڻو پيو.

مان تهران جي شاهراهن تي گهمندو رهيس. گهڻا روڊ ته نوان ۽ ڪشادهه، ايڪسپريس وي ٺهيل. ٽريفڪ جو نظام به برجستو ۽ ڪارائتو هئو. ٽريفڪ جام ڪونه هئي. نه غير ضروري پوليس هر هنڌ نظر آئي. آزاديءَ جو ٽاور ڏنم جيڪو فن مصوري ۽ آرڪيٽيڪچر جو شاهڪار نظر آيو. هڪ مين روڊ جو نالو ”ڊاڪٽر علامه اقبال پاڪستاني لاهوري“ لکيل نظر آيو. ايران، علامه اقبال کي سندس فارسي ٻولي جي خدمتن جي عيوض وڏي مان جي نگاهه سان ڏسي رهيو هيو. ساڳيءَ طرح ايران اسان جي سنڌي

Gul Hayat Institute

محقق سائين پير حسام الدين راشديءَ کي بہ ڪيترن ئي اعزازن سان نوازيو آهي.

جڏهن ايران ۾ داخل ٿيو هوس تہ مون ائين سمجهيو هو تہ پراڻي ثقافت، ٻولي، آثارن، ميوزيمن کي ايران بہ افغانستان وانگر پيچي پورا ڪري ڇڏيو هوندو پر ايراني سمجهن ٿا تہ سندن تاريخي ۽ ثقافتي ورثو سندن علم ادب ۽ شاعري، جيڪو نہ صرف ملڪي سطح تي پر بين الاقوامي سطح تي بہ مان مرتبي سان ڏٺو وڃي ٿو اهو سندن ماضي تہ آهي پر حال ۽ مستقبل جو بہ تسلسل آهي، ڪنهن بہ ٻاهرين آيل کي پلي اهو کڻڙو بہ رنگ روپ جو هجي، هندو هجي، ڪرسچن، شيعو يا سني، ان تي هت اچ وڃ ۽ هلڻ چلڻ جي ڪا بہ پابندي يا بندش ڪونہ آهي. سواءِ غير مذهبي ۽ غير اخلاقي حرڪتن جي. نشيدارشين جي رکڻ يا واپرائڻ تي موت جي سزا آهي. تهران تمام وڏو شهر آهي پر اهڙا صاف سٿرا شهر ايشيا ۾ تہ نظر نہ ايندا، پر يورپ ۾ بہ گهٽ خوبصورت ۽ صاف سٿرا نظر ايندا. منهنجي خواهش هئي تہ قم ڏسان پر مون وٽ ٽائيم گهٽ هيو بيو مون محسوس ڪيو تہ هتان جا ڊرائيور ۽ گائيڊ توهان کي مذهبي جاين يا مذهبي عبادات لاءِ مجبور نہ پئي ڪيو. جيڏانهن مهمان جي مرضي. اوڏانهن وٺي ٿي هليا.

اسان واپس پنهنجي هوٽل تي اچي پهتا هئاسون. اسان کي سرڪاري ڊنر ۾ شريڪ ٿيڻو هيو، بيو ڏينهن بہ اسان جي ايران ۾ رهڻ جو سرڪاري ڏينهن هيو. شام تائين اسان جو مصروفيتون، شهر جون مشهور ۽ تاريخي جڳهيون ۽ ميوزيم ڏسڻا هئا.

## سرڪاري دعوت ۽ ساز ۽ سرود

مان چئينج (Change) ڪري هوٽل جي هال ۾ آيس، جتي ٻيا مهمان بہ اچي رهيا هئا. ڇا ڏسان تہ اتي ساز ۽ سرود ۽ راڳ رنگ جي محفل جاري آهي. اتي چاليهن سالن جو هڪ مرد ڇڪي ڇڪي سرود وڄائي رهيو هيو ٻيا ساز بہ سندس ساٿ ڏئي رهيا هيا، ان وچ ۾ اسان جو مهمان خاص يا ائين ڪٿي چئجي تہ ميزبان خاص، وزير ثقافت آيو. سازينو بند ٿيو. هو هر هڪ آيل مهمان سان خوش دليءَ سان مليو ۽ حال احوال پڇيو هو ويو تہ سرود اتان ئي شروع ٿيو جتان بند ٿيو هيو ڪجهہ ڌنون هليون. ان کان پوءِ انهن ڌنن ۾ فارسي ايراني گانا بہ شروع ٿي ويا، گاني لاءِ بہ هڪ صحت مند مرد چاليهہ پنجاهہ سالن جي خوبصورت راڳ ڳائي محفل کي مندبي ڇڏيو مونکي حيرت ٿي جڏهن مون ڏٺو تہ ايراني مرد جهومي جهومي، نچي نچي، ميوزڪ بہ پئي وڄايو ۽ راڳ بہ پئي ڳاتو. مهمانن بہ خالص ان انداز ۾ داد پئي ڏنو جيئن مهدي حسن يا غلام علي کي سندس غزل ڳائڻ تي داد ڏيندا آهيون.

ان وقت مون کي ايران جي مشهور ڳائڻي ۽ اداڪاره خانم گگوش ياد آئي. جيڪا



1950ع ۾ جائي هئي ۽ ايران جي انقلاب 1979ع تائين ڏاڍو نالو ڪڍيائين هن کي ايران جي ميڊم نورجهان چيو ويندو هيو. ڪڏهن ڪڏهن PTV تي گگوس جي جهلڪ بہ ڏسي وٺبي هئي.

جيڪو ايران جو Image ٺاهيو ويو آهي. اهو ايران سان ۽ مسلمان ملڪن سان زيادتي آهي، ايران ۾ هر اها شيءِ حرام آهي، جيڪا اسلامي قوانين ۾ حرام ۽ منع ڪيل آهي.

## مشهد ۾ امام علي رضا جي مزار

ايندڙ ڏينهن 13 ڊسمبر اسان جي سرڪاري پروگرام جو تهران، ايران ۾ آخري ڏينهن هيو ان ڏينهن تي ڪجهہ ميوزيم ۽ ڪجهہ ٻيون تاريخي جڳهيون ڏسڻيون هيون. مونکي لنئون لڳل هئي تہ مان امام علي رضا جي مزار، ڏسي ۽ دعا گهري اچان، مون پنهنجي خواهش جو ذڪر پنهنجي ميزبانن سان ڪيو ۽ چيو تہ سفر تي جيڪو خرچ ٿيندو اهو مان ادا ڪندس، باقي مونکي گائيڊ ۽ مترجم جي ضرورت محسوس ٿيندي. هن خوشيءَ سان منهنجو بندوبست ڪيو چيو تہ توهان کي رڳو ٽڪيٽ جي قيمت ادا ڪرڻي پوندي، باقي سڄو بندوبست گائيڊ ۽ مترجم، گاڏيءَ ۽ ماڻيءَ جو اسان ڪنداسون. مون سندن مهرباني مڃي ۽ صبح جو پروگرام ۽ ٽڪيٽ حاصل ڪئي، مونکي صبح جو ڪار ايئرپورٽ تي جهاز لاءِ ڇڏي آئي. سندن گائيڊ مونکي جهاز ۾ ويهاري ٻڌايو تہ اسان جو ماڻهو مشهد ايئرپورٽ تي ملندو پر جيڪڏهن توهان کي ڪا ڏکيائي ٿئي تہ ايئرپورٽ تي ئي اسان جي Tourism جي آفيس آهي، اتي پهچي وڃجو.

جهاز ايران جي ٻيو نمبر وڏي هوائي ڪمپني مهان (Mahan) ايئر لائين جو هيو. جهاز ۾ ايئر هوسٽس ايراني هيون. ننڍا جهاز هئا. پر سروس سٺي هئي، چانهن ڏني ويئي، ان سان گڏ ڊراءِ فروٽ. خاص طور ايران جا پستا ڏاڍا وڏا ۽ ذائقيدار آهن. جهاز 8 وڳي ڌاران صبح جو روانو ٿيو هيو ڏيڍ ڪلاڪن ۾ مشهد شريف پهتو. منهنجو ميزبان. جيڪو ايئرپورٽ مشهد جو ٽوئرزم آفيسر هيو ان اچي هٿ ڪيو چيائين ”يو آر مسٽر عبدالقادر؟“ منهنجي اکين ۾ جوت جاڳي پئي، مون چيو ”يس!“ هن چيو مان ابراهيم آهيان ٽوئرزم آفيس، مشهد ۾ توهان جو ميزبان ”هن کي بہ بنا ٽاءِ جي سليٽي (Gray) رنگ جو ڪوٽ پينٽ پهريل هيو. سمارٽ، ٽيهن سالن کن جو نوجوان، منهن ايرانين وانگر، پريل، قد ڪاٺ جو ڊگهو ڪاريون چمڪندڙ اکيون، جن ۾ ڪجهہ ڪرڻ جو عزم نمايان هيو. مون سان ڀاڪر پائي مليو ۽ ٽوئرزم جي آفيس وٺي آيو. آفيس شاندار پئي لڳي، اها بہ ايئر ٽرمينل ۾ ئي هئي، لڳي پيو تہ هتي ٽوئرزم عام جام هيو ۽ هيءَ آفيس سياحن جي

Gul Hayat Institute

ضرورتن جي پورائي لاءِ هئي. ابراهيم مشهد جي ٽوئرزم جو هيڊ هيو. ٻيو ڪافي اسٽاف سندس ماتحت نظر پئي آيو. جلدي ئي ڪافي اچي وئي.

## مشهد، ڪافي ۽ الرجي

ڪافيءَ جي هڳاءُ مان لڳو پئي ته واهه جو ڪافي هوندي. مون ٻه ٽي وڏا وڏا ۽ گهرا ساهه کڻي ڪافيءَ جي خوشبوءِ اندر جذب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، مون ابراهيم کي چيو ته ”آءِ ايم ساري ـ آءِ ول ناٽ ٽيڪ ڪافي“ هن حيران ٿي چيو ته، مشهد ۾ ته تهران کان به وڌيڪ ٿڌ آهي، ڪافي توهان کي گرم رکندي.“ مون چيو ”ابراهيم يو آر رائيٽ بٽ آءِ ايم الرجڪ ود ڪافي.“

”اوهه سر!“ ابراهيم کان رڙ نڪري وئي ۽ هن کي منهنجي قسمت تي جڻ افسوس ٿيو. مان هن کي ٻڌايان ته دبئي ٽرانزٽ ۾ ”روشن“ جي ڪافي به regret ڪري آيو هوس. هن چانهن گهرائي. پنهنجي ڪافي به موٽائي ۽ پنهنجي لاءِ به چانهن گهرائي. مان ڪافي نه پيئڻ جي ڪري افسوس ڪندو رهندو آهيان. پر اهو ٻهريون پيرو هيو جو مون پنهنجي ڪري ابراهيم تي به افسوس ڪيو. مون هن کي چيو ته تون ته ڪافي پي سگهين ٿو. وڌيڪ ڪلندي مون هن کي چيو ته توکي ته ڪافي کان الرجي ڪونهي نه؟“ هن به کليو. چيائين“ مونکي الرجي ته نه ڪونهي، پر اهو مهمانداريءَ جي اصولن جي ابتڙ ٿيندو ته مان ڪافي پيئان!“ مون زور رکيو مانس ته به هن ڳالهه نه مڃي.

چانهن پيئندي مان ڪيس پنهنجي اچڻ جو مقصد واضح لفظن ۾ ٻڌايو ته مان صرف ۽ صرف حضرت امام علي رضا جي روضي جي زيارت لاءِ آيو آهيان ۽ بس هن چيو ته اسان وٽ ڏهه ڪلاڪ آهن. زيارت کان علاوه ٻيو به ڪافي ڪجهه ڏسي سگهجي ٿو.

چانهن پي اسان روانا ٿياسون. مون وٽ ته هئنڊ ڪيري (هٿ ۾ رکڻ جو سامان) به ڪونه هيو. مان به هٿ ڇنڊي روانو ٿي ويس. گاڏيءَ ۾ ويهڻ کان اڳ ۾ ٿڌ جو هڪ جهوٽو لڳڻ کي لڳو، مزو اچي ويو. مشهد جيڪڏهن تهران کان وڌيڪ ٿڌو نه هيو ته گهٽ ٿڌو به ڪونه هيو ابراهيم مونکي ڏکهي ڊرائيو تي مشهد جي اتر ۾ وٺي هليو ڇا ته خوبصورت شهر هيو. تهران ۽ مشهد ايترا خوبصورت آهن، ته يقينن نالي وارا ٻيا پراڻا شاعرن، عاشقن، صوفين ۽ ولين جا شهر به ايترا ئي خوبصورت هوندا ۽ انهن جي خوشبوءِ ۽ هڳاءُ به نرالو هوندو. جيئن جيئن مشهد کان ٻاهر پئي نڪتاسون ته اوسي پاسي جا پهاڙ ۽ وڻ مون کي سوات وانگر پئي لڳا. ٿورو اڳتي هلياسون ته پهاڙيون ۽ وڻ هلڪي ڦلڪي برف سان ڍڪيل هئا. جتان پاڻي پيو وهي، روڊن تي به موجود تازي برف هئي ۽ ڳري رهي هئي. ڪوئي سحر هيو. جيڪو مون کي آهستي آهستي پنهنجي منڊَ ۾ مَنڊي رهيو هيو. ابراهم



گاڏي روڪرائي. اسان گاڏيءَ مان لٿاسون مون ڪوٽ جي اندران پيل پنهنجو مفلر ڪڍي ڪنن سان ٻڌي ڇڏيو. هلڪي هلڪي هوا جا جهوٽا منهنجي چهري سان ٺهڪي رهيا هئا. مان پنهنجا هٿ پينٽ جي کيسن ۾ وجهي ڇڏيا هئا، ڪجهه دير ماحول جي خوشبوءِ پاڻ ۾ جذب ڪئي، مون ۾ جيتري سُرت هئي اوترو سحر، سونهن ۽ سرهاڻ اندر ۾ اوتيندو رهيس. وڌيڪ همت نه رهي ته ابراهيم کي چيم ته هاڻي موٽون ٿا.

ان وقت مون کي روشن وري ياد آئي جنهن چيو ته ”دنيا جا ٻيا ڪم ٿي ويا، جو هاڻي ايران هليا آهيو“. مون دل ۾ چيو ته جيڪڏهن هوءَ هاڻي به هتي هجي ها ته کيس چوان ها ته ”ٻيا ڪم ته ٿي ويا يا نه، پر جيستائين آمريڪا ۽ يورپ جو تعلق آهي ته مان انهن کي ايران تان ٻن ڪيان! جيڪڏهن باقي عمر ايران ۾ ئي گذارڻي پئي ۽ يورپ ۽ آمريڪا جي بدران تهران، مشهد ۽ ايران جي ٻين شهرن ڏانهن به اچڻو پئي ته سودو مهانگو نه آهي!“

## ميوزيم

ابراهيم شهر جي ٻاهران هڪ ميوزيم ۾ وٺي آيو. اهو ميوزيم غار جهڙي هڪ جاءِ ۾ ٺهيل هيو. هيءَ جاءِ، چون ٿا ته به اڍائي هزار سال پراڻي هوندي. ايڏي وڏي جاءِ ته نه هئي. تهه خانو ته نه، پر تهه خاني وانگر لڳي رهي هئي. ونگن جي ٽيڪ تي بيٺل هئي. جيڪي نو واردات اتي پيل هئا، انهن لاءِ به چيائون ته اهي به ايترا سال پراڻا ۽ شهر جي آس پاس مان هٿ آيل هئا.

## چڪن ٻوٽي ۽ ڊرائيور

اتان نڪتاسون ته ان ٻهراڙيءَ ۾ ئي فوڊ اسٽريٽ هئي. جنهن مان جيڪا بهتر ايراني کاڌي جي رسٽورينٽ هئي اتي وڃي ويٺاسون. ابراهيم ۽ ان سان گڏ اسان جو ڊرائيو حسين به اچي ساڳي ٽيبل تي ويٺو. هو ٻئي منهنجي سامهون وارين ڪرسين تي ويٺل هئا. مون کي ان ڳالهه تي حيرت لڳي ته ڊرائيور به صاحب لوڪ سان گڏ ماني کائيندو. ويٽر آيو. مون کي ابراهيم چيو توهان پنهنجي لاءِ ڊش چونڊيو. مون چڪن ٻوٽي چونڊي، اهڙي طرح ڊرائيور حسين ۽ پوءِ ابراهيم پسند ڇئي. هر ڪنهن جو ڊش ان جي سامهون اچي رکيائون. مان ته پريشان ٿي ويس، هڪ چڪن ٻوٽي، اها مان ڪيئن کائي سگهندس. مون اڌ کائي ڪڻي بس ڪئي، پر اهڙي چڪن ٻوٽي سوادي زندگيءَ ۾ مان ڪڏهن به نه کاڌي آهي. نرم، ڀُريل، مزي واري، مصالحو لذيذ، مرچ به پورا، ڇا ڳالهه ڪجي. بل آيو ته مون ڀرڻ چاهيو پر ابراهيم روڪي ڇڏيو.

اصل حيران ڪندڙ ڳالهه اها هئي ته ڊرائيور ۽ صاحب جو فرق ڪونه هيو. گهر ۾ به ايئن مالڪ ۽ ڊرائيور يا نوڪر گڏ هڪ ئي دستر خوان تي کائيندا. اصل اسلام به اهو ئي

Gul Hayat Institute

تہ سيڪاري ٿو. جيڪي هڪ ٻہ ڏينهن مون ايران ۾ گذاريا. هر هنڌ اها پريڪٽس نظر آئي.

ماني کائي نڪتاسون تہ مون ابراهيم کي چيو تہ هل تہ روضي تہ هلون. دير ٿي رهي آهي. هن چيو فڪر نہ ڪريو، وري هڪ ٻئي ميوزيم ۾ وٺي هليو. هڪڙو ڪتابن جو دوڪان ڏيکاريائين، هاڻي مان ضد ڪري ويٺس. چيم سواءِ روضي جي مان ٻئي ڪنهن بہ پاسي نہ هلندس.

## نادرشاهہ

اسان روضي طرف هلڻ شروع ڪيو. ٻاهران گهٽيءَ ۾ لٿاسون. گهٽيءَ ۾ سڄي پاسي امام علي رضا جو روضو پاڪ هيو ۽ ڪٻي پاسي، نادر شاهہ (افشار) جي قبر ۽ ميوزيم. منهنجي ان تي نظر پئي تہ رڙ نڪري وئي: ”اهو تہ پاڻ وارو نادر شاهہ آهي. جنهن ميان نور محمد ڪلهوڙي کي سنڌ ۾ ٻڪائي ٻڪائي ٿڪايو ۽ آخر کين خراج ڏيڻ تي مجبور ڪيو. سنڌ ملڪ جو آسودو حصو ڦري ورتو ۽ ڪيس سنڌ جي لاڙ وارو حصو حڪومت ڪرڻ لاءِ ڏنو.“

نادر شاهہ هڪ ٻڪرار جو اُٽپڙهيل پٽ هئو. جو پنهنجو ڳوٺ ڇڏي وڃي فوج ۾ شامل ٿيو هو. بادشاهہ جي لاءِ خاص بچاءُ جي دستي جو فوجي ٿيو. بادشاهہ کي هڪ دفعي حملي ڪندڙن کان بچايائين، تہ هن مٿس راضي ٿي ڪيس هڪ علائقي جو حاڪم ڪيو. هي جنگجو تہ هيو. ترقي ڪري وڃي هڪ خاص خطي جو حڪمران ٿيو. مون کي تہ ڪل آئي، چوندا آهن تہ تاريخ ڪيئن پاڻ کي دهرائي ٿي. مونکي تہ پنهنجي چئن نادر شاهن جي ياد اچي وئي، جن کي اسان جي پياري پاڪستان مختلف نالن سان پيدا ڪيو. پهرين جو نالو آهي ايوب خان، ٻئي جي يحيي خان، اهي ٻئي تہ نادر شاهہ جا ذري گهٽ هم وطني آهن. ٽيون آهي ضياءُ الحق (جالنڌري) ۽ چوٿون پرويز مشرف (دهلوي ڪمانڊو).

ڇا هنن جو داستان هن نادر شاهہ کان مختلف آهي؟

نادر شاهہ لاءِ مشهور آهي تہ هو ظالم تہ هيو پر منجهس خوبيون بہ هيون. هي اهو دور هيو جڏهن ايران بري حال ۾ هيو هن ڌارين کي پڇائي، ايران ۾ حڪومت مضبوط ڪئي، ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ هيو تہ هي جنگجو ظالم ۽ شڪي مزاج هيو. هن شڪ ۾ پنهنجي پٽ قلعي علي رضا جون اکيون بہ ڪيرائي ڇڏيون تہ متان هو حڪومت تي قبضو ڪري. هو پنهنجي لاءِ چوندو هيو تہ ”مان تلوار جو پٽ آهيان.“

”نادر شاهہ ابن شمشير ابن شمشير آهيان.“ نادر شاهہ جو هڪ بت ٺهيل هيو جنهن ۾ نادر شاهہ گهوڙي تي چڙهيل هو ۽ گهوڙو ڄڻ جنگ جي حالت ۾ هجي، سنب مٿي ڪري بيٺل هيو. سندس قبر کليل ميدان ۾ سنگ مرمر جي هئي، مقبري ۾ ميوزيم هيو ۽ انهن ۾



مختصر نوارادات هئا. ٻاهر هڪ وڏو پارڪ بہ ٺهيل هيو.

نادر شاهہ نور محمد ڪلهوڙي کي عمرڪوٽ جي قلعي ۾ پهچي وڃي قابو ڪيو، جتي ميان صاحب نادر شاهہ کي هڪ ڪروڙ روپيہ پيش ڪيا ۽ ٻيون قيمتي شيون بہ ڏنيون ، جيڪي هيون ايران جون. پر نور محمد خان جي چوڻ موجب تہ هن اهي ٻين واپارين کان خريد ڪيون هيون.

نادر شاهہ جڏهن دهليءَ تي حملو ڪري ان کي ڦريو ۽ لٽيو تہ ڪيس ان ڦرلٽ ۾ 70 ڪروڙ روپيہ هٿ لڳا. 1740ع جي ان ڦرلٽ ۾ نادر شاهہ کي تخت هائوس ۽ ڪوهنور هيرو بہ هٿ لڳو. جيڪو هن ٺڳيءَ ۽ چالاڪيءَ سان محمد شاهہ کان ڦريو هيو. نادر شاهہ جي موت کان پوءِ اهو هيرو احمد شاهہ ابداليءَ کي هٿ آيو. جيڪو پوءِ پنجاب جي راجا رنجيت سنگهہ، احمد شاهہ ابداليءَ جي پوٽي شاهہ شجاع کان زوري کسيو. جڏهن انگريزن پنجاب تي قبضو ڪيو تہ اهو هيرو ڪوهہ نور انگريزن کي هٿ لڳو جن 1850ع ۾ راڻيءَ وڪٽوريا کي تاج لاءِ پيش ڪيو.

## امام علي رضا جي حرم ۾ ...

منهنجو جڏهن ايران - تهران ۾ ڪانفرنس لاءِ پروگرام طئي ٿي ويو تہ اندازو بہ ڪونہ هيم تہ مشهد ۾ امام علي رضا عليہ السلام جي مزار تي زيارت لاءِ ويندس. ايران ۾ هر نئين ماڻهو جي وڃڻ وانگر مان بہ ڊنل هيس ۽ ڊڄي ڊڄي قدم پئي کنيون. ڊڄي ڊڄي ڳالهايو پئي تہ ڪٿي قابلِ تعزير نہ ٿي پوان. ايران جو ٻاهرين دنيا تي اهڙو خوف ويهاريل آهي، جو سندس عجيب تاثر ٺهي ويو آهي. مان جڏهن دبئيءَ ۾ ٽرانزٽ ۾ ويٺو هيس تہ اتي بہ پنهنجو هئنڊ ڪيري هر هر چيڪ پئي ڪيو. تهران جي ايئرپورٽ تي بہ اهو حال هيو. جيستائين وڃي منهنجا گائيڊ مونکي نہ مليا هئا. منهنجي گائيڊ گل بانو ڏاڍي سياڻي، سڀاجهي ۽ مددگار ثابت ٿي. مون کي جيترو گل بانوءَ تي لکڻ گهربو هيو، ايترو مون ساڻس لکڻ جي معاملي ۾ انصاف نہ ڪيو آهي. هن ڪوشش ڪئي تہ منهنجي رهائش ۽ ڪم ڪار کي حد کان وڌيڪ خوش گوار بڻائي. هن جي ڊيوٽي مون سان ڪانفرنس تائين هئي پر گهر وڃڻ کان پوءِ بہ ڪنهن مرد گائيڊ ۽ ڊرائيور جي ڊيوٽي لڳائي پوءِ وئي ٿي. نہ صرف ايترو پر گهران بہ فون ڪري منهنجو حال احوال وٺندي رهي.

ٻئي ڏينهن ڪانفرنس کان پوءِ مون آزادانہ سوچڻ شروع ڪيو تہ ڪانفرنس جي شيڊيول کان علاوه ڇا ٿو ڏسي سگهجي؟ تہ منهنجو پهريون ڌيان امام علي رضا جي روضي جي زيارت لاءِ مشهد جي طرف ويو. نہ تہ ايران يا ٻين تاريخي، ادبي ۽ اسلامي بزرگن سان بہ ڀريل آهي، پر منهنجو پهريون آپشن مشهد هيو. جيئن مان ڪٿي لکي چڪو آهيان تہ مان

Gul Hayat Institute

نہ شيعو آهيان نہ سني. ٻنهي جي وچ تي يا ائين بہ نہ. سادو مسلمان آهيان. تمام گهڻو مذهبي ماڻهو ناهيان. مذهبي اڪابرين جي عزت ۽ احترام ڪندو آهيان. حضرت علي رضہ ۽ امام حسين رضہ جي خاندان سان جيڪو ڪِيس ٿيو ان کي هرگز درگذر بہ نہ ٿو ڪري سگهجي. هڪ دفعي مون تي هڪ شديد ذهني ۽ زماني جي تڪليف ڪڙڪي، مون پاڻ سان واعدو ڪيو تہ مان ڪربلا گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ضرور ويندس. پر اڃان تائين اهو واعدو وفا نہ ڪري سگهيو آهيان. زندگيءَ وفا ڪئي تہ ڪن پل لاءِ ئي سهي، پر ڪربلا ضرور ويندس. (تازو وڃي چڪس)

ان پس منظر ۾ منهنجي دل چيو تہ اٿين امام حضرت علي رضا جي مزار تي وڃان. امام علي رضا ع ابن موسيٰ ڪاظم عليہ اٺون امام ۽ سندس والد ستون امام هيو. ٻارهن امامن جي هيٺيان نالا آهن: حضرت علي ع، حضرت حسن ع، حضرت حسين ع، امام زين العابدين، امام محمد باقر، امام جعفر صادق ع، امام موسيٰ ڪاظم ع، امام علي رضا ع، امام محمد تقي ع، امام علي نقي ع، امام حسن عسڪري ۽ امام مهدي ع.

امام علي رضا کي خليفي مامون رشيد عباسي خاندانن جي چڱن مڙسن جو هڪ وڏو ڪٺ گهرائي، انهن جي وچ ۾ امام علي رضا کي پنهنجو جان نشين ۽ ايندڙ وقت جو خليفو نامزد ڪيو هيو. صرف ان ڪري نہ تہ هو سيدزادو هيو پر امام علي رضا وڏو عالم، استاد، امانتدار ۽ پاڪ هستي هيو.

پر اسلام جي تاريخ بہ ڏاڍي خون آشام آهي. ستين امام موسيٰ ڪاظم وانگر امام علي رضا کي بہ انگورن ۾ زهر ملائي ڏنو ويو. جيڪو سندس شهادت جو سبب بڻيو. ان شهادت جا پيرا مامون رشيد ڏانهن پئي ويا.

## امام رضا جي مزار جي زيارت

امام علي رضا جي حرم ۾ پير ڌريو تہ حيران ٿي ويس، ڇا تہ وڏو وسيع ميدان هيو. مختلف پاسن کان زائرين جي هجوم روضي شريف ڏانهن اچي رهيا هئا. هيڏي وڏي صحن ۽ ميدان ۾ هر طرف ماڻهوئي ماڻهو هئا. مقبري جي بہ ڇا تہ اڏاوت هئي. اندازو نہ ٿو ڪري سگهجي. ڇا تہ وسيع مقبرو هيو. آئون ڪجهہ دير تہ اتي بيهي نظارو ڪندو رهيس. شعاع پنهنجي اندر ۾ اوتيندو ۽ صلوات سڀوري پڙهندو رهيس. هڪ ڪيف، مستي ۽ سرور جو عالم هيو. اندر ۾ اڌما، اکيون آليون ۽ چپ ڏڪي رهيا هئا. آءٌ اتي ئي زمين تي ڪن پل لاءِ ويهي رهيس. جڏهن اها ڪيفيت ختم ٿي تہ اٿيس صلواه پڙهندو روضي پاڪ طرف وڌڻ لڳس، ابراهيم سان گڏ مک هال ۾ پهتس. پاسو وٺي پٺ جو سهارو ورتم تہ جيئن ڌڪم ڌڪا ۾ هال کان ٻاهر ئي نہ نڪري وڃان. ضريح مبارڪ اتان چڱي



طرح نظر اچي رهي هئي پر منهنجي هٿن کي اتي پهچڻ لاءِ ڪيترن ئي ڪلهن کي عُبور ڪرڻو هيو. مون کي جيڪي بہ قرآني دعائون ياد هيون، اهي وري وري پڙهندو رهيس، حجر اسود کي نہ پهچي سگهبو آهي تہ پري کان ئي اشارن سان ان طرف اشارو ڪبو آهي. مون بہ ضريح مبارڪ جي طرف ٻئي هٿ ڪري پنهنجي چپن تي رکيا. اندر ۾ هڪ وڏو اطمينان ۽ روشنيءَ جو هڪ وڏو مينار نظر آيو. روح مطمئن ٿي ويو. دل ڪشاده ڪشاده ۽ فراغ محسوس ٿي. اکين جي روشني وڌيل پئي ڀانيم. اندر ڪافي دير رهيس. آخر ابراهيم کي روانگيءَ جو اشارو ڪيم. هو بہ منهنجي اشاري جو منتظر پئي نظر آيو. هال کان ٻاهر خاڪ شفا جون ٽڪيون پيون هيون، ابراهيم کان اجازت گهري ڪجهہ ڪنيون. منهنجو سئوٽ محمد پريل منگي پڪو مولائي آهي، اهو ياد اچي ويو هيو.

بازار واري طرف کان نڪتاسون، اتان زعفران، اسٽونس (نگ، ٻڙا) ڊراءِ فروٽ، ڪجهہ هينڊي ڪرافٽ ۽ ڪيترا ڪتاب ۽ بروشرس ورتا. واپسيءَ ۾ اونده ٿي وئي هئي. روڊ رستا ڏسندا ايئرپورٽ تي پهتاسون. هڪ روڊ تي "علامہ اقبال لاهوري" جو نالو لکيل هيو. ايراني علامہ کي وڏي عزت ٿا ڏين. تهران ۾ بہ هڪ روڊ تي علامہ اقبال جو نالو لکيل هيو. ايئرپورٽ تي ابراهيم جي آفيس ۾ آياسون. سندس نائب منهنجو بورڊنگ ڪارڊ ڪيرائي آيو هيو.

## ڊرائيور شاهين

بورڊنگ انائونس ٿيو مان اچي جهاز ۾ ويٺس ۽ اکيون ٻوٽي سيٽ تي ڪنڌ رکي جهڙوڪ اڌ ننڊ جي ڪيفيت ۾ تهران اچي پهتس. تقريباً ڏهہ رات جا وڳا هئا. گاڏي، ڊرائيور شاهين سان آيل هئي. شاهين دلچسپ نوجوان هيو. انگريزي ڳالهائي سگهيو پئي. مونکان حال احوال ورتائين. مون کيس ٻڌايو تہ سپاڻي وڃي رهيو آهيان، هن مونکي ان ڳالهہ تي راضي ڪيو تہ گهٽ ۾ گهٽ بہ نہ تہ هڪ ڏينهن ايران ۾ وڌيڪ ترسان. ايران جي اتر ۾ برف باري ٿي آهي. هو مونکي اتي ۽ ٻين جڳهن تي وٺي هلڻ ۽ ڪجهہ ٻيون جڳهون ڏيکارڻ ٿو چاهي. هڪ ڏينهن هتي وڌيڪ رهڻ معنيٰ منهنجو ٽرانزٽ جو هڪ ڏينهن دبئيءَ ۾ بہ وڃڻ ۽ پاڪستان ۾ واپسي بہ هڪ ڏينهن دير سان ٿيڻ. پوءِ مان ايران ۾ هڪ ڏينهن وڌيڪ رهڻ جي لالچ کي رد نہ ڪري سگهيس. هوٽل پهچي پنهنجي ميزبانن کي اطلاع ڪيم تہ مان هڪ ڏينهن وڌيڪ رهڻ ٿو چاهيان، هنن منهنجي ٽڪيٽ هڪ ڏينهن اڳتي ڪرائي ڇڏي. شاهين جيڪو هوٽل جي لابيءَ ۾ منهنجو انتظار ڪري رهيو هيو ان کي اطلاع ڪيم، هن چيو تہ هو صبح جو نائين وڳي هيٺ لابيءَ ۾ پهچي ويندو. مون هوٽل مان پتو ڪيو تہ گهڻائي مهمان وڃي چڪا هئا. باقي اڳئين ڏينهن وڃڻان هئا.

مون پنهنجي روانگي هڪ ڏينهن اڳتي ڪري ڇڏي هئي. دبئيءَ ۾ پنهنجي هوٽل Rush-inn کي پنهنجي نئين پروگرام جو اطلاع ڏئي مون ڪنفرم ڪرائي ڇڏيو هيو. باقي دبئيءَ کان ڪراچيءَ جي ٽڪيٽ اتي پهچي ٺيڪ ڪرائڻ جو سوچي ڇڏيو هيو.

## تهران ۾ برف باري

پروگرام موجب شاهين وقت تي لابيءَ ۾ موجود هيو. مونکي انٽر ڪام تي اطلاع ڪيائين. مون کانئس پڇيو ته ”مون کي سامان کهڙو کڻڻ گهرجي؟“ چيائين ٿڌ آهي، برف باري ٿيل آهي ۽ اڃان برف باري ٿي رهي آهي. گرم ڪپڙا کڻون. مون ليدر جو اوور ڪوٽ، هڏي ۽ هٿن ۾ گلوز ڪنيا. شاهين به مليو. ڏاڍو پرجوش لڳو پيو هيو. اسان جي گاڏي هوٽل کان ٻاهر نڪتي. ڳڙو پئجي رهيو هيو. گاڏيءَ جي ڇت تي ٺڙ ٺڙ ٿي وئي، ڄڻ ڪو شيطان کي سنگسار ڪرڻ لاءِ ننڍيون پٿريون هٽي رهيو هجي. گاڏي ڪڏي اسان مين روڊ تي آيا هئاسون، صبح جو پهر هيو. تهران اڃان پورو ڪونه جاڳيو هيو. سڄي رات برسات پوندي رهي. ڪڏهن هلڪي ڪڏهن تيز. حيران هيس ته پاڻي ڪيڏانهن گم ٿي ويو هيو. روڊ تي ڪٿي به بيٺل پاڻي نظر نه پئي آيو. هت اسان وٽ ڪراچيءَ ۾ ته ٻيڙيون اچي وڃن ها. صرف ايترو پاڻي نظر پئي آيو جيڪو ان وقت وسي رهيو هيو. اسان مينهن ۽ ڳڙي ۾ آهسته آهسته هلندا ۽ گپ شپ به ڪندا پئي وياسون. شاهين سان ڪلهه به چڱي ڳالهه ٻولهه ٿي هئي. هو ڄڻ ڪليل ڪتاب هيو. هن ٻڌايو ته سندس پيءُ ۽ وڏو ڀاءُ عراق جي جنگ ۾ شهيد ٿي ويا. گهر ۾ سندس ماءُ آهي. هن اڃا شادي نه ڪئي آهي. سندس مڱڻو ٿي ويو آهي. سندس زال سان عشق آهي. سندس زال يونيورسٽي ۾ تاريخ ۽ مذهب پڙهي رهي آهي. ڇهن مهينن کان پوءِ ايندڙ سال 2007ع جي آخر ۾ شادي ڪندا. شاهين پاڻ به يونيورسٽي ۾ پڙهيو آهي، انگريزي به اتان سکيو آهي، نه صرف ڳالهائي ٿو پر لکي ۽ پڙهي به سگهي ٿو. مونکي چيائين ته توهان منهنجي شادي ۾ شرڪت ڪندا؟ مون چيو ته شاهين! تون دعوت موڪليندين ته مونکي تنهنجي شاديءَ ۾ شرڪت ڪري خوشي ٿيندي! هو خوش ٿي ويو. مون هن کي موقعو ڏنو ته هن ايران تي ۽ پاڻ تي وڌ کان وڌ ڄاڻ پئي ڏني. منهنجي مرضي به اها هئي ته مان ايران بابت وڌ کان وڌ ڄاڻان. ڪتابن ۾ به پڙهجي ٿو پر غير رسمي ڄاڻ اهم آهي. زبان خلق کي نقاره خدا سمجهڻ گهرجي.

اسان اتر جي ويجهو پهچي رهيا هئاسون، جتي Skiing ريزارٽ آهي، روڊ مٿي چڙهڻ شروع ٿيو هيو. ڪٿي ڪٿي برف نظر آئي پئي. سامهون وارن پهاڙن تي برف جي اڇاڻ نظر اچي رهي هئي. انٽري پوائنٽ تي بيهي گاڏي پارڪ ڪئي سون. پاسي ۾ گهٽيون ئي فوڊ پوائنٽس ۽ ٽڪ شاپ هئا. مرد ۽ عورتون اچي ڪنا ٿيا هئا. ڪين حجاب به هيو، چادر ته



هئي پر ماڊرن ڪپڙا جين ۽ ليڊر ڪوٽ پهريل هئا. جيڪي چادرن جو ڪم ڏئي رهيا هئا. هروڀرو ويڙهيل سيڙهيل نظر نه پئي آيون، سندن جينز ۽ شوز مان لڳي رهيو هيو ته ٻوساٽيل نه آهن. نقاب جو مقصد اهو به ناهي ورتو ويندو ته شٽل ڪاڪ افغاني برقعو پائي هلنديون وتن. مٿن دنيا جو نعمتون حرام نه آهن. اسان ڪجهه دير اتي ترسي جائزو ورتو. پاڻ کي ماحول سان مانوس ڪندي، ڇانهن پيتي ۽ لفٽ چيئر تي چڙهي مٿين پڇڙيءَ لاءِ روانا ٿياسون. لفٽ چيئر ماڊرن، محفوظ ۽ شيشي جون ڍڪيل هيون. ٻاهر جي دنيا نظر پئي آئي، پر اسان برف باريءَ ۽ هوا کان به قابو هئاسون. اسان جي منزل مٿيون پاسو هيو. جيڪو هيٺين کان هزار کن فوٽ مٿي هيو. اسان جيئن مٿي لٿاسون ته وِلهه وڪوڙي وئي، اسان ڏڪندا ڏڪندا ويو پوائنٽس (View Points) تي اچي پناهه ورتي هئي. پوائنٽس شيشي جون ٺهيل هيون. چوڌاري ڏسي پئي سگهياسون، صرف برف ئي برف هئي. هيٺ وڻ ٽڻ ۽ پهاڙ برف ۾ ڍڪيل ۽ ڪجهه نظر نهار تائين ڏسڻ ۾ پئي آيا. مٿي اڇاڻ هئي. ان ڪري تاڪيد ڪئي وئي هئي ته پهاڙن تي جتي برف هجي اتي ڪارا چشما پائجن نه ته ماڻهو گهڻو برف تي رهڻ جي ڪري انڌو ٿي سگهيو ٿي.

اسان پنهنجو پاڻ کي برف سان مانوس ڪيوسي ۽ اڳتي جتي Skiing ڪري رهيا هئا، ان جي ويجهو ٿياسون. خبر پئي ته ايران کان علاوه ٻين ملڪن جا به شوقين آيل هئا. هن اسپورٽس ۾ به وڏو جوش ۽ خروش آهي. حاضر دماغي، ڦڙتي ۽ فٽنيس گهرجي. هڪ لمحي، سيڪنڊ کان به گهٽ عرصي جي غلطيءَ ۾ همراهه راند مان ته آئوٽ ٿي ويندو پر وڃي ڪنهن کڏ ۾ ڪرندو ۽ توڙي سندن جسم بچاءُ جي سامان سان ويڙهيل هوندو آهي. پر پوءِ به جان جو خطرو رهي ٿو.

اسان کان پوءِ به مرد ۽ عورتون ايندا رهيا ۽ مزو وٺندا رهيا. اسان جنهن بند ٿيل هال ۾ ويٺا هئاسون، ان جي ڇت جي ٽيريس تي مينهن ۽ وقفي وقفي سان برف باري به ٿي رهي هئي. ٽيرس کان پاڻي جا ننڍا ننڍا ٽيپا لار ڪري ڳڙي رهيا هئا ته اهي زمين تي ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي ڄمي رهيا هئا. اسان تماشي لاءِ انهن کي هٿن سان پٽي ڪائي رهيا هئاسون. ايران ته اهو ايران لڳي ئي نه پيو جنهن جو يورپيئن گلائون ڪندا ٿا رهن. تيل جي پيداوار گهٽ، پر پوءِ به ترقيءَ جو ڦيٿو ڦرندو رهي. اهو ڪنهن زنده قوم جوئي ڪم ٿي سگهي ٿو.

اسان ٻه ٽي ڪلاڪ هتي گذاريا. شاهين کان پڇيو ته ڇا پروگرام آ؟ چيائين ته هيٺ لهون ٿا، لنچ ڪنداسون ۽ ڀئي پاسي شهر گهمون ٿا. منهنجو قم شريف ڏسڻ جو خيال هيو پر ان لاءِ به گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن پورو گهربل هيو.

اسان هڪ ايراني ريسٽورنٽ تي اچي ويٺاسون، شاهين منهنجي سامهون ويٺو هيو. هو هاڻي منهنجو ڊرائيور ۽ گائيڊ نه، پر ڄڻ پڳ مٽ يار ٿي ويو هيو. شڪر آهي ايران ۾

Gul Hayat Institute

ڪو تہ دوست نہ هيو. اسان آرڊر ڏناسون. مون شاهين سان صلاح ڪري پنهنجي ڊش جو آرڊر ڏنو. منهنجو ايران جي مڇي کائڻ جو موڊ هيو پر ملاحن جو کهڙو پروسو الائي تازي کارائين يا رکيل. ڪو ڪينجهر ڪنارو تہ ڪونہ هيو جو تازي مڇي پڪڙي کارائين يا وري اسان جي خيرپور واري دوست جنسار ملاح جو ڪاڪ محل ريسٽورنٽ هيو جيڪو هميشہ تازو ڪرڙو کارائيندو هيو. پر ايترو چوندو هلان تہ ايران ۾ کائڻ پيئڻ جون شيون صاف سٿريون آهن. مختلف قسمن جا سلاد گهرايا ۽ ان ريسٽورنٽ جي اسپيشلٽي گهرائي. مزواچي ويو مون پنهنجو ڊش شاهين کي آفر ڪيو پهريان تہ هن نہ پئي ڪاڏو پر پوءِ مان اها اٽڪل ڪئي جو هن جي ڊش مان پيس گهري ورتو ۽ پنهنجي ڊش هن جي پليٽ ۾ رکيو. ٺياسي نہ پڳ مٽ يار!

ايران جي هر شيءِ ۾ خوبصورتي ۽ ڪلاس آهي. هزار سالن جون روايتون سندن پويان آهن. مختلف ڪلچر منجهن شامل ٿي ويا آهن.

لنچ کان پوءِ تهران ۽ ايران جو هڪ فيل (Feel) وٺڻ لاءِ اسان لانگ ڊرائيو لاءِ نڪتاسون.

روڊ صاف سٿرا هئا. ڪٿي ڪٿي ايڪسپريس وي بہ نظر آيا. رش تہ هئي پر ٽريفڪ ڪراچي وانگر جام ڪونہ هئي. گاڏيون گهڻو ڪري لوڪل ٺهيل هيون. ڪي ڪي ٻاهريون گاڏيون نظر آيو. منهنجي حوالي شاهين جي نئين ماڊل جي Camray ٽويوٽا گاڏي هئي. آزادي ٽاور خوبصورت يادگار آهي. 1970ع ۾ ٺهڻ شروع ٿيو. پهريان هن تي آريا مهر بادشاهہ ٽاور نالو پيل هيو پر 1979ع جي انقلاب کان پوءِ هن تي آزادي ٽاور جو نالو پيو. پيٽرول، سي اين جي ۽ بجلي سستي هئي. ڪارون بسون مقامي ٺهيل هيون. تنهن ڪري انهن جو ڪرايو بہ تمام گهٽ هيو. تهران ۾ ڪجهہ علائقن ۾ انڊر گرائونڊ ميٽرو ٽرين جو بنياد پئجي ويو آهي. جنهن ڪي وڏايو پيو وڃي، ٻاهرين ملڪن جون chains تہ ڪونهن پر مقامي سطح جا سستا هوٽل آهن. امن امان جي صورتحال شاندار آهي. مرد توڙي عورتون آزاديءَ سان رات جو دير تائين خريداري ڪندي نظر آيا. مشهد ۾ زعفران ڏاڍا سستا هئا. هونئن بہ ايران ۾ جوراب، سويٽر ۽ ڪمبل سستا آهن. ڊراءِ فروٽ بہ اعليٰ درجي جو آهي. باقي مارڪيٽ تہ چائنا جي شين سان پريا پيا آهن. انهن جي اتي بہ اهائي قيمت هئي، جيڪا هتي هئي.

2006_7ع ۾ ڊالر پاڪستان ۾ 60 کان 62 روپين تائين هيو هاڻي تہ ڊالر هڪ سئو پنج روپين کان بہ وڌي ويو آهي. 15 تمن هڪ روپيہ جي برابر هئا. تنهن ڪري اسان کي هر شيءِ سستي لڳندي هئي.

اسان گهمي ڦري يا ڪٽي چئجي تہ رلي پني هوٽل تي آياسون. مون شاهين کي چيو تہ



ڇهين بجي وري نڪرنداسون. ڪجهہ شاپنگ ڪنداسون ۽ ماني ٻاهر پر ڪنهن وڏي هوٽل تي نہ کائينداسون، ۽ ڪو ايراني ڊش کائبو.

مون کي ڪراچيءَ ۾ تہ ٻن پهرن جو قيلولہ ڪرڻ جي عادت آهي. پلي دير سان ئي آفيس کان اچان، ڪلاڪ اڌ قيلولو ڪرڻ سان وري ري چارج ٿي ويندو آهيان. موٽي اچي ليٽيس. اڌ ڪلاڪ ننڊ ڪئي. هوٽل جي مزيدار چانهن پيتي ۽ واش ڪري ڇهين وڳين تيار ٿي لابي ۾ پهتس. منهنجي گائيڊ گل بانو جو فون آيو. هن ڏينهن جو حال احوال پڇيو. ٻڌايائين تہ هوءَ صبح جو هوٽل تي ايندي ۽ اسان ڏهين بجي ايئرپورٽ لاءِ روانا ٿي ويندا‌سون، جتان جهاز جي دبئيءَ لاءِ روانگي 12 بجي آهي. گل بانو منهنجو ڏاڍو خيال رکيو آهي. سندس مهرباني. شاهين ۽ مان هوٽل جي ڀرسان جتي هڪ بہ وڏا مارڪيٽ هئا، اوڏانهن روانا ٿي وياسون. ڪجهہ مارڪيٽ جو چلتو ڏنوسون، جيڪو عورتن ۽ مردن سان ڀريو پيو هيو مون ڪجهہ ننڍا ننڍا گفٽ ورتا. اسان جي ٻي منزل مانيءَ جي ڍاٻو ٽائيپ ڪا عام ريسٽورنٽ هئي. خواهش هئي تہ ويهڻ جي فضيلت واري هجي. نيٺ هڪ اهڙي ريسٽورنٽ نظر اچي وئي. اسان گاڏي بيهاري ان تي چڙهي وياسون. مون شاهين کي چيو "منهنجو بہ تون آرڊر ڪر. مان ايراني ڊش کائڻ ٿو چاهيان". هن چيو "ايران جو چلو ڪباب پوري دنيا ۾ مشهور آهي، اهو ٿا کائون." چلو ڪباب جو چرچو تہ پاڪستان ۾ بہ ٻڌو آهي، پر هتان وارو چلو ڪباب "ڪيا بات هي." چلو ڪباب تہ اسان سرڪاري رسيپشن ۾ بہ کاڌو هيوسي، پر ان ڏينهن کاڌي جي ڊشز تي توجہ گهٽ، ميوزڪ ۽ پروٽوڪول تي وڌيڪ هيو. چلو ڪباب آهي ئي چانور ڪباب، پر چانور بہ نرالا، تہ پڪل بہ نرالا. ڪباب بہ واهہ جو. گوشت بہ ننڍو ۽ سنو تيار ٿيل. هي چانورن ۽ ڪباب جو ڊش آهي. چانورن سان ملائي کائبو آهي. مان تہ گهر ۾ بہ پڪوڙا، تريل پٽاٽا يا ڪباب سان چانور ڏاڍو مزو وٺي کائيندو آهيان. ننڍي هوندي، اسان جي شهر ۾ رتن مل نالي هندو پڪوڙا ڏاڍا سٺا تريندو هيو ۽ ان جي ڀرسان بشير مهاجر بہ آلو ڪباب ڏاڍا سٺا ٺاهيندو هيو. ڪو مهمان ايندو هيو تہ ان کي اهو ڪباب رات جو ٻين ٻوڙن سان گڏ ضرور کارائيندا هئاسون. مونکي تہ پڪوڙا ۽ چانور کائڻ جو شوق اڃان تائين آهي. جيڪڏهن اڄ بہ مظهر سومرو مون وٽ ماني کائڻ ايندو آهي تہ سفيد چانور ۽ پڪوڙا ضرور کائيندا آهيون.

چلو ڪباب serve سرو ٿيو چا تہ هن ڊش جي خوشبوءِ هئي. صاف سٿرو! مزو وٺي کاڌو سي. شاهين تہ enjoy ڪيو پر مونکي بہ ڏاڍو مزو آيو. ايترو نرم ۽ سوادي گوشت مون گهٽ کاڌو آهي.

منهنجو هاڻي ايران ۾ ڏاڍو پاڻي گهٽجي رهيو هيو دل نہ ڀري هئي. سياڻي ملڻ جو چئي مان شاهين کان موڪلائي اچي صبح جو روانگيءَ جي تياري لاءِ پيڪنگ

Gul Hayat Institute

شروع ڪئي ۽ ٻئي ڏينهن جي سفر جي خيالن ۽ نئين منزل جي خوابن ۾ ننڊ ۾ هليو ويس. صبح جو پوڻين ڏهين وڳي لابيءَ ۾ پهتس ته اتي ڪوبه نظر نه آيو مين گيٽ جي طرفان شاهين جي ڳالهائڻ جو آواز پئي آيو جڻ ڪنهن سان جهيڙو ڪري رهيو هو. هوٽل جو جنرل مئنيجر، گل بانو ۽ اسان جي ميزبانن مان ثقافت کاتي جو ڪو آفيسر بيٺو هيو. مان ڪجهه اڳتي وڌيس ته مونکي شاهين جي ڳالهائڻ جو مطلب سمجهه ۾ اچي ويو. مونکي ڏسي ٻيا به چپ ٿي ويا. شاهين اڪيون مهٽيندو، ڀوڳها اگهندو ٻئي پاسي هليو ويو. مون گل کان پڇيو "ڇا ڳالهه آهي"؟ هوءَ به چپ ٿي وئي. ڪلچر جو آفيسر چيو ته "سر ڪا خاص ڳالهه ڪونهي، شاهين جذباتي نوجوان آهي!" تيستائين مئنيجر ٻي گاڏي گهرائي، منهنجو سامان شاهين جي گاڏيءَ مان ڪيرائي ان ۾ رکرايو پئي. مون چيو ته مان شاهين سان ويندس. مون ٽپ ڏيڻ لاءِ سو ڊالر جو نوٽ ڪڍي پنهنجي مٿين کيسي ۾ رکيو هيو. مون مئنيجر کي چيو ته سامان نه ڪڍ، هن کي گهرائي وٺ. مان ڪائونٽر تي آيس، مئنيجر کي چيم ته مون ڏي جيڪي ڊيوز آهن، ان جو بل ڏيو! هن ٽيليفون جو بل ڏنو. روم جي هڪ ڏينهن جي ڪرائي جو به بل ڏنو. منهنجي روم کان فون جو بل وڏيڪ هيو. مان بل ڏيڻ لڳس ته مئنيجر ٻڌايو ته "شاهين ان ڳالهه تي ڪاوڙجي ويو آهي ته توهان مهمان کان بل ڇو ٿا وٺو! هڪ ڏينهن جيڪڏهن هوٽل ۾ وڌيڪ رهيو آهي ته ڪو آسمان ته ڪِري نه پيو!" منهنجي دل ڀري ٿي پئي. مان پاڻ شاهين کي ڳولهڻ لاءِ ويس پر مونکي هٿ نه آيو. گل به چيو "سر ڏهه ٿي ويا آهن!" مان ٻي گاڏيءَ ۾ وينس، اسان نئين ايئرپورٽ، امام خامنئي ايئرپورٽ IKA ڏي روانا ٿي وياسون. مون سان گل بانو ۽ سياحت کاتي جو آفيسر گڏ هئا. ايئرپورٽ تي ڏاڍي سادي ڪارروائي هئي، منهنجو فون نمبر گل بانو وٽ هيو ۽ هن جو نمبر به مون وٽ هيو. مون هن کي چيو ته مون کي شاهين جو نمبر موڪلجو ۽ منهنجو نمبر به شاهين کي ڏجو. مون ٽوئرزم آفيسر سان هٿ ملايو ۽ ڄاڻي واڻي هٿ وڌائي گل بانو سان به ملائڻ چاهيو. هن سان هٿ ملائڻ لاءِ وڌايو. هن ڪلي چيو Sorry sir، جيڪڏهن مون توهان سان هٿ ملايو ته مونکي سزا ملندي." مون اهو ئي ڏسڻ پئي چاهيو ته هنن کي ڪيتري آزادي آهي. هن کي مٿي تي روسري (حجاب) ۽ اوور ڪوٽ پيل هيو. بورڊنگ دبئي جي لاءِ ايمريٽس جي پرواز جي انائونس ٿي وئي هئي. مان لائين مان ٽپي اندر جهاز ۾ داخل ٿيس. جيڪو ڪولون جي مهڪ سان رچيل هيو ۽ ايئرهوسٽس جون بي حجابانه مسڪراهٽون خوشيون پکيڙي رهيون هيون. مان به اخبارون کڻي پنهنجي سيٽ تي اچي وينس! مهڪ ۽ مسڪراهٽن جي باوجود منهنجو موڊ اڃان ٺيڪ نه ٿيو هئو! من منجهيل هيو.



## دبئي چلو!

ڪنهن زماني ۾ اداڪار علي اعجاز جو هڪڙو ڊرامو PTV چئنل تي هليو هيو. تنهن زماني ۾ هيو ئي هڪڙو چيئنل، شايد 1980 جو زمانو هيو، جنرل ضياءَ صدر هيو. ٽائيٽل رول علي اعجاز ڏاڍو خوبصورتيءَ سان نڀايو هيو. ان ڊرامي جو هدايت ڪار محمد نثار حسين هيو. هن ڊاريڪٽ به ڀلو ڪيو هيو. ان اسٽوريءَ جي ٿيم اها هئي ته دبئي ۾ پيسي جي ريل پيل شروع ٿي وئي آهي. اتي ڪم ڪار سنا هٿ لڳي ويا آهن. پگهارون اسان کان وڌيڪ آهن. جيڪي ماڻهو اتي وڃن ٿا ته اهي جٽ ڄاموٽ، پڙهيا، اڌ پڙهيا ۽ اڻ پڙهيا، محنت مزدوري ڪري پنهنجن مٿن ماڻٽن لاءِ پئسا بيگون ڀري کڻي ٿا اچن. جن ماڻهن کي هٿ ڪم ڪندي، محنت ڪندي ٽپ ٿو چڙهي، اهي اتي وڃي پيسي جي لالچ ۾ پنهنجون ننڍون ۽ سک ڦٽائي، پيسو ڪمائي، بچائي هتي اچن ٿا. پئسو ته هنن کي ٿئي ٿو پر، جٽ ملوڪ گلم جو زبان، جڏهن هتي پاڪستان ۾ واپس اچن ٿا ته افعال اهي هوندا اٿن. هڪ فلم جي سين ياد آهي، جنهن ۾ علي اعجاز سوٽ بوٽ ۽ ڪارو چشمو به پائي ٿو. چشمي جو ڪمپني ٽيگ ۽ پرائيس ٽيگ نٿو لاهي ته متان ماڻهو ائين نه سمجهن ته چشمو پراڻو آهي. حقيقت کي ڊرامائي مزاحيه انداز ۾ پيش ڪيو ويو هيو. پوءِ ان تي ساڳئي نالي سان فلم به ٺهي هئي.

ڀٽي صاحب جي دور ۾ ماڻهن ته اڳ ۾ ئي وچ اوڀر جي ملڪن ڏي ڊيهڙو ٻڌو هيو. ڀٽي صاحب جي پاليسي به اها هئي ته ڊاڪٽر، انجنيئر ننڍا ننڍا ٽيڪنيشن ۽ مزدور انهن ملڪن ڏي لکن جي تعداد ۾ موڪليا وڃن. اهي محنتي مزدور ماڻهو ٻاهرين ملڪن جو ايڏو ته ناڻو موڪليندا هئا، جو اهو اسان جي ملڪ جي وڏي ۾ وڏو ايڪسپورٽ جو وسيلو بڻجي ويو. اسان جي ملڪي معيشت جو بنياد ئي اهو ناڻو بڻجي ويو. ڀٽي صاحب تڪڙا تڪڙا، ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ جا ڪاليج کوليا ۽ ڊاڪٽرن ۽ انجنيئرن کي export ڪيو.

## ڀٽي صاحب جي عرب پاليسي

دبئي هاڻي ته وڌيڪ ترقي يافته آهي. دنيا جي ڊگهي ۾ ڊگهي عمارت، برج الخليفه به دبئي ۾ ٺاهي وئي آهي. هتان جي دوڪانن، مالن ۽ هوٽلن جو ته ڇيهه ئي ڪونهي. تنهن دور ۾ دبئي، يونائيٽيڊ عرب عمارات جو رولر راشد المڪتوم ۽ ابوظهبي جو رولر شيخ زيد بن سلطان، النهيان هيو. جيڪو ٻين ڪيترن ئي مڊل ايسٽ ۽ فار اسٽيرن ملڪن جي سربراهن وانگر ڀٽي جو دوست هيو. سنڌي ماڻهو جنهن جو نالو ذوالفقار علي ڀٽو هيو، ان ۾ قدرت الائي ڪهڙو چقمق فٽ ڪري ڇڏيو هيو. جنهن سان ملندو هيو اهو سندس مريد

Gul Hayat Institute

ٿي ويندو هيو. حالانڪ هي نوجوان هيو پر جمال ناصر، شاهہ فيصل، سوئيڪارنو قذافي، بومدين، ياسر عرفات، رضا شاهہ پهلوي ۽ ٻين مسلمان ملڪن جا سربراهہ نہ صرف دوست پر جڙ تہ سندس عاشق هئا. 1974ع ۾ لاهور ۾ اسلامي ملڪن جي سربراهن جو ڪٺ ٿيو تہ مجيب سوڌا سڀ سربراهہ اچي گڏ ٿيا. حالانڪ هڪ ٻئي جي شڪل ڏسندي بہ خار کائيندڙ پر ڀٽي صاحب جي هڪ طرف شاهہ فيصل تہ ٻئي طرف ياسر عرفات بادشاهي مسجد ۾ ويٺا هئا. مجيب کي گهرائي ٽيانوي هزار جنگي قيدي ڇڏرايائين. گريس ۽ ترڪيءَ جو جهيڙو ٿيو. ڀٽي پنهنجون خدمتون سندن وچ ۾ صلح صفائي لاءِ پيش ڪيون. عرب ملڪن کي تيل کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ جو ڏس ڏنو. اها ئي ڳالهہ تہ دنيا جي سپر پاورس کي ڀٽي جي نہ وڻندي هئي.

## رچرڊ نڪسن ۽ ڀٽو صاحب

هڪ دفعي آمريڪا جي صدر رچرڊ نڪسن ڪيس چيو هيو تہ ”جيڪڏهن تون امريڪا ۾ هجين ها تہ مان توکي امريڪا جو وزير خارجہ ڪريان ها!“ ڀٽي چيس تہ ”شڪر ڪر مان آمريڪن نہ آهيان. جيڪڏهن مان آمريڪن هجان ها تہ تنهنجي جڳهہ تي آمريڪا جو صدر هجان ها!“

## مهتاب

مونکي پنهنجو سامان رولر تان کڻڻو ڪراچي لاءِ ٽڪيٽ درست ڪرائڻي، ۽ ڊيوٽي فري شاپس تان ڪجهہ ضرورت جون شيون وٺڻيون هيون. مان رولر تي پنهنجي سامان جي واپسيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳس. پر ۾ ئي ايمائرٽس جي آفيس هئي. اندر ڪجهہ مرد ۽ عورتون اسٽاف آفيسر چانهن پيئندي ڪچهري ڪري رهيا هئا. هڪ ايئر هوسٽس ٻاهران ڪپ کڻي ڊسپينسر مان چانهن ڀرڻ لڳي. مون کي پاڻ ڏي گهوريندو ڏسي چوڻ لڳي، چانهن پيئندو؟ مان ها ڪئي تہ هن پنهنجي لاءِ ڀاهيل ڪپ منهنجي حوالي ڪيو. مون چانهن جو ڪپ وٺي اتي ئي انهن سان ويهي چانهن پيتم. جنهن ايئر هوسٽس مونکي چانهن ناهي ڏني هئي، ان جو نالو مهتاب هيو. سندس سيني تي نالي جي ٽيگ MAHTAB لڳل هئي. هن کان پڇيم تہ مونکي پنهنجي ٽڪيٽ درست ڪرائڻي آهي، ڪٿان ڪرايان؟ چيائين ”اسان جو ڪائونٽر تہ بند آهي، پر مونکي ٽڪيٽ ڏيو“. ٽڪيٽ ڏني مانس. چيو ”ان کي 24 ڪلاڪ اڳتي ڪرڻو آهي“. هن ڪمپيوٽر تي ڪمانڊ ڏني، ٽڪيٽ درست ڪئي ۽ پرنٽ آئوٽ ڪڍي ڏنائين. تہ مون سندس ٿورا مڃيا ۽ سامان کڻي اتي ئي اميگريشن جي ڪائونٽر تي ويس. جنهن کان پندرهن ڏينهن جي ويزا جي گهر ڪيم. هن ٽڪيٽ، ڏني هوٽل جي بوڪنگ چيڪ ڪئي، ڪجهہ پيسا ورتا. اتي



ئي مونکي ويزا ڪڍي ڏني. ايئرپورٽ تي منهنجي اڳين منزل ڊيوٽي فري شاپ هيو. جتي مون سامان ڏٺو اکهہ ڀڃيا. پر هتي سواءِ وسڪيءَ ۽ چاڪليٽن جي هر شيءِ مهانگي لڳي. وسڪيءَ جون براندون بہ ايتريون هيون. جو مون تہ انهن جا نالا بہ ڪونہ ٻڌا هئا. اهو ئي سبب آهي تہ هتان اسان جا ماڻهو وسڪيءَ جي گهڻي مان گهڻي خريداري ڪن ٿا. ڪن تہ اهو واپار ئاهي چڙيو آهي. ڪجهہ خرچ پڪو بہ وسڪيءَ مان ڪڍيو ڇڏين. ڪجهہ سامان ورتوءِ هوٽل لاءِ روانو ٿي ويس.

## ٻاهرين بند پر اندرين؟

هوٽل رش ان Rush Inn لاءِ ڪنهن دوست ڏس ڏنو هيو تہ سنو آهي ۽ وچ شهر ۾ آهي. مان ٽيڪسيءَ مان سامان لاهي لابيءَ ۾ ڪائونٽر تي آيس. ڪو اسان جي ملڪ جي مهانڊن جهڙو ماڻهو نظر آيو. مون سمجهيو تہ ڪو پاڪستاني مسلمان آهي. هن منهنجو پاسپورٽ ڪاپي ڪرائڻ لاءِ ورتو. مونکي ڪمري جون چاٻيون ڏنيون. ويٽر کي سامان کڻڻ لاءِ چيوءِ مونکي آهستگيءَ سان چيو تہ ٻاهرين عورت مهمان جي اجازت نہ آهي. مون کلندي چيو تہ ”اندرين جي؟“ مون ڪائونٽر مئنيجر جي جواب جو انتظار نہ ڪيوءِ اڳتي نڪري، پنهنجي ڪمري ۾ آيس. ڪمرو ڪشادو تہ ڪونہ هيو پر صفا سوڙهو بہ ڪونہ هيو. صاف بسترو هيو. اي سي. اٽيچ باٿ روم. هاٽ ۽ ڪولڊ واٽر. هرورپرو دبئيءَ جو هوٽل تہ نہ پئي لڳو. جڻ ڪو سکر، حيدرآباد جو يا ڪراچيءَ جي اسٽيشن جو هوٽل هجي. ڪهڙو مون کي هوٽل ۾ عمر پر رهڻو آهي. هڪ اچوڪي رات ۽ هڪ سپاٽي جي. منهنجو هڪ دوست ڊاڪٽر پرڪاش ڪتواڻي چوندو آهي تہ رهائش ۽ کاڌي لاءِ گهر جي مناسب ڪمرو، مناسب سهوليتن سان ۽ ٻہ مانيون ۽ ٻوڙ جي پليٽ! غير ضروري لوازمات تي خرچ ڪرڻ جي ضرورت ڪهڙي!

ڪجهہ ريليڪس ڪيو. چانهن پيتي. تيار ٿي نڪرڻ کان اڳ ۾ ويٽر کي گهرائي پڇيم تہ دبئيءَ ۾ تفريح جي ڪهڙي جڳهہ آهي. چيائين ”ائين دبئي تفريح ئي تفريح آهي. جيڪڏهن توهان اڳ ۾ نہ ڏٺي آهي تہ پوءِ سائيڪلون ڪلب ضرور ڏسو پر اها ڪجهہ مهانگي آهي ۽ ان جي Entry fee بہ آهي. اسان جي هن Rush Inn هوٽل ۾ بہ ٽي چار ڊانس فلور آهن. توهان اهي بہ بنا ٽڪيٽ جي ڏسي سگهو ٿا.“

مون چيو اهو واهہ جو ڪم ٿيو. نائين بجي کان ڪلب شروع ٿيندا آهن. هوٽل ۾ ڪجهہ رش وڌڻ لڳي. هوٽل ٻاهران ايترو وڏو نہ پئي لڳو. جنهن ۾ ٽي مني آڊيٽوريم هجن.

## ننڍو هوٽل، ٽي ڪلبون

مان پهرين آڊيٽوريم ۾ ويس. اتي فلور تي ڪا ڊانسر هندستاني گاني تي ڊانس

Gul Hayat Institute

ڪري رهي هئي. فلور سرڪيولر ٿهيل هيو. مان دروازي جي ڀرسان ئي آخري Row ۾ پيل خالي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. منٽ ئي نہ گذريو تہ ويٽر آيو چيائين: ”سر ايني ڊرنڪ؟“ مون چيو ”مهرباني، مان ڊرنڪ نہ ڪندو آهيان“. ”سر سافٽ ڊرنڪ؟“ هن پڇيو. مان ڦاسي پيس! مونکي ڪوبہ ڊرنڪ نہ وٺڻو ۽ نہ ڪو هڪ فلور تي ويهڻو هيو. هنن جا ڊرنڪ ڏاڍا مهانگا آهن. وسڪي تہ وسڪي پر سافٽ ڊرنڪ بہ وسڪيءَ جيترو چارج ڪندا آهن. مون هن کي هٿ جي اشاري سان چيو تہ ترس، مون اسٽيج تي نظر وڌي، جتي چئني پاسن کان هڪ ڍنگ سان لائيٽ اڇلي رهيا هيا، هڪ نہ پر ٻہ ٽي ڊانسر پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري رهيون هيون. خاص مهمان ڀرين Row ۾ ويٺا هئا ۽ پوري طرح انجواءِ ڪري رهيا هئا. سندن اڳو وسڪيءَ جا گلاس پيل هئا. ان سيٽنگ جو مقصد شايد اهو هيو تہ سندن پياس وڌائجي، پِياري پِياري سندن اڃ وڌائي ڪين رڻ ۾ مارجي. گانو ختم ٿيو. ٻيو شروع ٿيو تہ ٻيو گروپ شروع. مان ان هال مان نڪري ٻئي هال ۾ آيس. گيٽ تي ويٽر چيو: ”فنڪار اڄ ئي لاهور کان آيا آهن.“ مان مسڪرائي اندر اعتماد سان داخل ٿيس. اتي بہ ساڳي ڪرت هئي. ڊرنڪ ۽ ڊانس، ۽ دبئي جا ’وڏيرا‘ خوشامدي پڙوا، تيز آواز، ٺمڪا، اڌ اگهاڙيون بلڪ جسم تي رڳو نالي جي پٽي. ان ٻئي هال مان ٽئين هال ۾ آيس. اهو حال ڪارن غريبن جو هيو جڻ ڪارن جي نظر ۽ دل بہ ڪاري هجي. هن هال ۾ سائوٿ انڊين سانوريون ۽ ڪارڙيون هيون، تماشبين بہ ساڳئي رنگ روپ جا هئا، ۽ گانا بہ پيا ڪنهن هندستاني ٻوليءَ ۾ هلي رهيا هئا. باقي تماشا ساڳيا هيا، مان ان مان بہ نڪري ڪائونٽر تي آيس. مئنيجر جو ٽائيم ختم ٿي رهيو هيو. ڊيوٽيءَ جي تبديليءَ جي تياري ڪري رهيو هيو. مان هوٽل جي گيٽ کان ٻاهر نڪري آيس. ٻارهن ٿي رهيا هئا. ڊسمبر جو مهينو هيو. سيءَ تہ ڪونہ هيو پر ڪجھ ڪجھ ٿڌيري هوا لڳي رهي هئي. مان بنا مقصد بنا سوچ جي فوٽ پاٿ تي هلڻ لڳس. اڃا ٽريفڪ ڪونہ گهٽي هئي. دبئي جو جلوو ساڳيو هيو. هڪ ريسٽورنٽ نظر آئي. مان ان ۾ اندر هليو ويس، ڪجھ ڪجھ بک بہ لڳي هئي. ٻيو ڪجھ سمجھ ۾ بہ نہ پئي آيو تہ اڪيلو ڪيڏانهن وڃان.

مون مانيءَ جو آرڊر ڏنو. هن ريڊوائين جو پڇيو. مان ڪنڌ سان هائوڪار ڪئي. وائين بہ اهڙي شيءِ آهي، جوان جو انڪار نہ ڪرڻ گهرجي. وائين سان، مون وڏيڪ enjoy ڪيو. ريسٽورنٽ جو ماحول دلڪش هيو. منهنجو وائين جو گلاس خالي ٿي ويو. ويٽر ٽيولپ (Tulep) گلاس ۾ ريڊ وائين وجهي وري کڻي آيو. مون کي مزو اچي رهيو هيو. مان مزو وٺي رهيو هوس. جوڙا پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا. سندن هٿ هٿن ۾ هئا. ڪڏهن اوندهہ جو فائدو وٺي ڳل سان ڳل ملائي پئي ورتائون. مان پنهنجو پاڻ کي اڪيلو آگ ۾ جلائڻ کان بهتر سمجهيو تہ ريسٽورنٽ مان نڪري اچان. مان ٻاهر فوٽ پاٿ تي آيس. ٿڌ وڌي



وئي هئي. مان هوريان هوريان پنهنجي هوٽل ڏانهن هلڻ شروع ڪيو. هاٽي اينڊڙ ٽريفڪ منهنجي سامهون هئي. ان جون روشنيون منهنجي اکين ۾ لڳي رهيون هيون. هوٽل تي پهچي پنهنجي ڪمري ۾ وڃڻ جي بدران مان لاهور واري ڊانس فلور ۾ ويس. محفل پنهنجي عروج تي پهچي رهي هئي. پياسا پياڪ بہ پوري ترنگ ۾ هجن. مان وري بہ دروازي جي ڀرسان پوئين سيٽ تي ويهي رهيس. لڳي پيو تہ لاهور جون ڊانسرون وارم اپ ٿي ويون آهن. بہ ڊانس ڏسي مان ڪمري ۾ آيس.

## مارڪس ۽ اسپينسر

ٻئي ڏينهن تي مون ڀرواري مال مان ڪجھ گفٽس ورتا. جيڪڏهن ٻاهر وڃجي ٿو تہ گهروارا يا مٽ مائٽ اها اميد رکن ٿا تہ توهان ڪجھ نہ ڪجھ گفٽس انهن لاءِ آڻيندا. اڄ ڪلهہ تہ مٽ مائٽ ۽ ٻار ٻچا بہ ماشاءِ الله جهڙي تهڙي گفٽ لاءِ راضي نہ ٿا ٿين. لنچ کان پوءِ مارڪس ۽ اسپينسر جي دبئيءَ واري آئوٽ ليٽس تي ويس. هن برانڊ جو سامان مونکي وڻندو آهي. تنهن ڪري مان پنهنجي لاءِ موقعو سٺو سمجهي ان اسٽور تان شرٽس، سوٽس، ٽائيز ۽ شوز خريد ڪيا، جيڪي ڏهن سالن کان استعمال ڪريان پيو پر استعمال ڪرڻ جو اهو حال رهيو ۽ جيڪڏهن حياتي آهي تہ پيا اينڊڙ ڏهہ سال بہ استعمال ڪندس. ڪافي اڻ استعمال ٿيل نيڪ ٽائيون ۽ شرٽس پنهنجي پٽن کي گفٽ ڪندو رهيو آهيان.

## سيڪلون ڪلب

شام جو دير سان مان سيڪلون ڪلب روانو ٿي ويس. شهر کان ٻاهر ڪجھ پرڀرو هئي، ٽيڪسيءَ واري اتي پهچايو ۽ مون کان ڪرايو وٺي روانو ٿي ويو. ٽيڪسيءَ وارو پٺاڻ چارسده جو هيو. اتي ٽريفڪ ڪئميرائن کان هن جو ساهہ پئي ويو. حرام جو ٽريفڪ رولز جي ڀڃڪڙي ڪري. پري کان ٽريفڪ جي ريڪارڊنگ ڪيمرا ڏسي مونکي پئي چيائين! سر! آگي وه ڪئميرا لگا هئا هي. اسان ساڳيا ماڻهو ٻاهرين ملڪن ۾ ڪيئن سڌري ٿا وڃون؟ هتي تہ لالا پٺاڻ گاڏي هلائيندي ماڻهو مارڻ ۾ بہ دير نہ ٿا ڪن. مونکي تہ ڏک ٿيندو آهي، جڏهن اسان جو پيارو دوست ارشاد انڙ مرحوم ياد پوندو آهي، جنهن کي پٺاڻن جي هڪ گاڏي ٽڪر هڻي خيابان شمشير جي مين روڊ تي شهيد ڪري ڇڏيو هيو. ڪراچيءَ پاڪستان ۾ ٽريفڪ حادثي کان بچاءُ جو هڪ طريقو اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ توهان پاڻ کي بچائي هلو! ائين سمجهيو تہ توهان جي ڀرپاسي گاڏي هلائڻ وارا انڌا آهن، سڄا ۽ اکين وارا صرف توهان آهيو، سو پنهنجو بچاءُ ڪريو.

مان ڪلب جي ونڊو وٽ پهتس، هن پنجهتر يو اي اي جا درهم انٽري ٽڪيٽ جا گهريا، جيڪي واپسيءَ جوڳا نہ هئا. اها صرف دروازي کان اندر ٽيڻ جي في هئي، انهن

ڏينهن ۾ درهم 17 روپين جو هڪڙو هيو ان حساب سان مونکي 00_1275 روپيه گيٽ في ڏيڻي پئي، هاڻي ته درهم 29.0 روپين جو آهي.

## سيڪلون ڪلب جي ’مس نائيٽ‘!

ڪلب ۾ اندر ته واقعي طوفان برپا هيو. شراب ۽ پرفيوم جي مليل جليل خوشبوءِ ماحول کي مست ڪري رهي هئي. اونداهون ماحول، دهوان دهوان، رنگين روشنين جي چمڪ دمڪ، هيڏي وڏي هال ۾ رڳو ديوانه ۽ ديوانيون گهمي ڦري ۽ لڏي رهيون هيون. اڪثر جي هٿن ۾ گلاس هئا. هر طرف جل پريون هيون. سنڌن ديوانا مٿن ڳاهٽ ٿي رهيا هئا. سنڌن نيگرو نگهبان جن جي جسامت محمد علي باڪسر کان به ڪشادي ۽ شڪل وڌيڪ خطرناڪ هئي، اهي به موجود هئا. جڏهن ڪا جل پري حد کان وڌيڪ پنهنجي گراهڪ سان فري ٿي رهي هئي ته اهي ديو نما ڪين دپ چاڙهي رهيا هئا. مهمانن کي کجھ نه پئي چيائون. پر انهن جو نمونو اهڙو هيو جو اثر چوڪرين کان وڌيڪ گراهڪن تي قبول ڪيو. هال جي هڪ پاسي هڪ ڊانسن فلور هيو. روشنيءَ جو مرڪز اهو هيو. جوڙا آيا ٿي ڊانس ٿي ڪيائون. هلندي هلندي پارٽنر بدلجي پئي ويا. ڪڏهن ڪڏهن افسوس ٿيندو آهي، ته نه راڳ سکيو نه ناچ سکيو. اڌو ڳابري شاعري ڪئي، پر ان کان به نابري واري سون. مان هال جو جائزو وٺڻ لڳس. سوچيم ته پنهنجي هن دوري کي مزي وارو بڻائيندي اڄ جي رات جي ’مس سيڪلون ڪلب‘ چونڊي وٺان. سو ان تلاش ۾ پوري ڪلب جو جائزو ورتو ۽ جلوا سميٽڻ لڳس. ان تلاش ۾ به سنڌي همراهه مون سان اچي مليا، نالو ڪٽي چيائون ”توهان فلاڻا آهيو! اسان ٿر جا ارباب رحيم جي ڳوٺ ڪيتلاري جا نوهڙيا آهيون.“ توهان اسان وٽ ڊي سي ٿي رهيا آهيو؟ مان هائو ۾ ڪنڌ لوڏيو. همراهه 30_25 سالن جي وچ ۾ هوندا. مونکي ٿر ڇڏي به تڏهن 15 سال ٿيا هئا. ڪين جس هجي، اسان پاڻ ۾ گهلي ملي وياسون. چا ڪجي جڳهه ئي اهڙي هئي. هنن همراهن جي هٿ ۾ گلاس هئا. مونکي صلاح ڪيائون. مون انڪار ڪيو. ويٽرن به وس ڪيو هيو پر انهن کي به ڪتو جواب ڏنم. رنگ ۽ نور جي برسات مان مزو وٺي رهيو هوس. گلاس پيئڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. مان پنهنجي ڪمري مان به ڊرنڪ وٺي نڪتو هيس. اهي ئي ڪافي هئا.

مون پنج ڪن نوجوانڙيون مس نائيٽ لاءِ شارٽ لسٽ ڪيون، جن مان آخر ۾ آزر بائيجان جي مس روبيءَ کي چونڊيو. هن جو رنگ ڪٽڪ جي اڻ ڳوهيل اٽي جهڙو ڳل ملتي فوم جهڙا ۽ اکيون ياقوت جهڙيون هيون. مونکي ڳل پوندي ڏسي هن چيو ته ڊرنڪ وٺندين!



هن کي مائل ڏسي مون avoid ڪرڻ لاءِ سوچيو. ”مان توهان سان ڪمپني ڪرڻ ٿو چاهيان!“ هوءَ ٺري پئي. چيائين ”چو نه. مونکي به تون سنو ۽ باوقار ٿو لڳين!“ مون چيو ”توسان پيار ڪرڻ جو ملهه مونکي ڪيترو ادا ڪرڻو پوندو؟“ هن هزار يا به هزار درهم ٻڌايو ۽ پوءِ هن جا اوئر هيڊس (Over Heads) ٻي حساب! اهو اگهه هيو ’مس نائيٽ‘ جو. اسان کي رازو نياز ڪندي ڏسي نيگرو ٻانهون ڪانڊاريندو اچي پهتو. مان به موقعو غنيمت سمجهيو. ڪلب جي ٻيءَ ڪنڊ ۾ گم ٿي ويس. پڪ هيم ته مون کي ڳولهيندي ناڪام ٿي مس روبي ڪنهن ٻي شڪار جي انتظام ۾ لڳي وئي هوندي منهنجو تماشو به سنو ٿي ويو هيو ’علم‘ ۾ به اضافو ٿيو. صبح جا چار وڄي رهيا هئا. ڪلب پنهنجي عروج تي پهتي هئي، نوجوانن جي ڊانس جي دم لڳي پئي هئي. ٽهڪ ۽ گلاس ڪڙڪي رهيا هئا. شراب ۽ پرفيوم جي خوشبوءِ جي بانس گڏمڏ ٿي وئي هئي. اکيون هاڻي اونده جون هيراڪ ٿي ويون هيون. تنهن ڪري هر شيءِ چٽي پئي نظر آئي ۽ هر چهرو پنهنجي خدو خال سان ظاهر هيو پر بلبن جي رنگن شڪلين تي به رنگ ۽ نور ڦيري چڙهيو هيو. مان آخري پيرو ڪلب جو چڪر ڪاٽيندي دروازي کان ٻاهر نڪري آيس. مونکي اهو وقت اتي گذارڻ جو افسوس ڪونه ٿيو ۽ نه وري پنجهتر درهم خرچ ڪرڻ جو ڪو افسوس هيو.

## ٽارزن جي واپسي

ٻئي ڏينهن صبح دير سان اٿيم. ان ڏينهن شام جو منهنجي فلائيٽ به ڪراچيءَ لاءِ هئي. رات جو هئنگ اوئر ۾ مس نائيٽ جو خيال ايندي ئي کلي وينس. به ڪپ چانهن جا پيتا ته ڪجهه هلڪائي ٿي. گورين کائڻ جي ضرورت نه ٿي. وڌيڪ جيڪا شاپنگ ڪرڻي هئي. اها ايئرپورٽ تان ڪرڻي هئي.

ايئرپورٽ تي چيڪ ان ڪيو ته سامان لمٽ کان وڌي ويو. مون وٽ ڪافي پرنٽيڊ مٽيريل هيو. ان مان ڪجهه اتي ڇڏيو. پوءِ به ايترو سامان وڌيو جو مون کي ڪجهه پيسا وڌيڪ ڀرڻا پيا. اها ايران وارن جي سخاوت ڇئجي جو اتان چارج نه ڪيو هئائون. دبئي وارا ته پڪا واپاري ۽ اسان جي ٻوليءَ ۾ پڪا واڻيا آهن.

ايئرپورٽ تان ڪجهه چاڪليٽ ۽ ڊرنڪس ورتم. گهر وارن کي فون ڪري ڪين واپسيءَ جو شيڊيول ٻڌايو. اٿين ڪراچيءَ جي پروٽوڪول آفيس تي به ٻڌايو ته جيئن سنڌن پروٽوڪول آفيسر سهوليت فراهم ڪري آءٌ اچي پنهنجي سيٽ تي وينس.

بوئنگ 747 ايمائرٽس جو جهاز آهي. تقريباً 450 مسافر منجهس ماپي وڃن ٿا.

جهاز اجان اڏامر نه ورتي هئي، مان اندرين اسٽاف جو جائزو وٺي رهيو هيس. گهڻو ڪري سڀ عورتون هيون. آسٽريليا جي گورين کان فار ايسٽ، ڪوريا ۽ سينگاپور جون

Gul Hayat Institute

نڪ ڦٽل هندستان جون سانوريون سهڻيون. نه هئي ته ڪا پاڪستان جي ايئر هوسٽس نظر نه آئي. مون ڪال بيل دٻايو. ايئر هوسٽيس آئي ته مون هن کي پاڻي ۽ دبئي جي ڪنهن اخبار آڻڻ جو چيو. هوءَ پڇندي وئي ۽ پڇندي پاڻي ۽ اخبار کڻي آئي. هوءَ گوري، ڊگهي، سنهڙي، ASH جي اکين جهڙي اکين ۽ مسڪرائيندڙ چهري واري هئي.

جڏهن جهاز اڏاڻو. هنن ڊنر سان گڏ مونکي ريڊ وائين به ڏني. جڏهن ڊنر کان پوءِ سامان سهيڙي واندي ٿي ته مان هن کي گهرائي ساڻس حال احوال ڪيو. منهنجو جڏهن حال احوال ڊگهو ٿي ويو ته هوءَ منهنجي پرواري سيٽ تي ويهي ڳالهائڻ لڳي. هن ٻڌايو ته هن جو نالو ائنڊرين آهي ۽ آسٽريليا جي آهي. هن جي هي پهرين انٽرنيشنل فلائيٽ آهي. ايئرهوسٽس کان اڳ ۾ هو اسڪول ٽيچر هئي. هن کي گهمڻ ڦرڻ جو شوق آهي. تنهن ڪري فلائنگ کي ڪيريئر ناهيو اٿائين. منهنجو وقت سٺو گذريو. اٿڻ وقت وري پڇيائين ته وائين يا ٻيو ڪو ڊرنگ وٺندين؟ مون کيس ٿئڪس چئي ته به هوءَ هڪ ٻيو ريڊ وائن کڻي آئي.

ڪراچي ايئرپورٽ تي ٻاهر نڪتس ته منهنجي فيملي ۽ پروٽوڪول وارا موجود هئا.

## هلو ته وري دبئي ۽ ابوظهبي هلون

دبئي ۽ ايران کان موٽي پنهنجي ڏهاڙي جي ڪمن ڪارن ۾ غرق ٿي ويس. ٻاهريون ملڪ گهمڻ جي محروميءَ جو احساس هيو. ان مان نڪري آيو هوس. ايران ڏاڍو وڻيو هيو. ٻئي ملڪ پنهنجي جاءِ تي به انتهائون هيون. ايران جي پويان هڪ وڏو قومي ورثو هيو. جنهن کي هنن سنڀاليو ۽ وڌايو آهي. ايران جو علم ادب، فن تعمير ۽ قومي ورثو پنهنجي جاءِ تي ايران جي عظمت جي ساک ڏئي رهيو آهي. وري مٿان 1979ع جو اسلامي انقلاب. ان ته ايران کي صحيح معنيٰ ۾ اسلامي ملڪ بڻائي ڇڏيو آهي. ايران جي هر شيءِ ۾ اسلامي ۽ اخلاقي قدر نمايان آهن.

ٻئي طرف دبئي جي سياڻن حڪمرانن وقت جو پورو پورو فائدو وٺي، هن وارياسي ملڪ کي 30_40 سالن ۾ ڇا مان ڇا ڪري ڇڏيو آهي. هنن هڪ ننڍڙو آمريڪا يا يورپ هن بيابان ۾ بيهاري ڇڏيو آهي. جيڪو به پيسو آيو آهي اهو ٻاهران آيو آهي. دنيا جي هر شيءِ هتي آهي. جيڪو فرنچائيز هتي ناهي. اهو به ڪوشش ڪري هتي پهچيو وڃي. شراب ۽ هوٽلن جو ديس ٿي ويو آهي. ان ڳالهه جو هن عرب شهر کي داد ڏيڻو پوندو ته امن امان کي هنن ڏاڍو سٺو رکيو آهي، قانون کي باقاعدگيءَ سان لاڳو ڪيو آهي. ٽريفڪ جو قانون هجي يا امن امان، هن ملڪ ۾ ڪنهن کي به سياسي سرگرمي ڪُلي



طرح ڪرڻ جي موڪل ڪو نه ڏني آهي. ٻيو جيڪو اهم ڪم هن رياست ڪيو آهي، اهو ڪنهن به ٻاهرين ماڻهو کي هن ملڪ جي شهريت نه ٿا ڏين. ڀلي ماڻهو اچن، رهن، ڪمائين، پيئن، ڪاروبار ڪن، انويسٽ ڪن، پر هن ملڪ جو شهري نه ٿا ٿي سگهن. سنڌ جا ڪافي وڏا ماڻهو ۽ وڏيرا سندن ويجها دوست آهن. پنهنجا گهروٺي اتي رهن ٿا. پر آهن اهو ئي "ٻاهريان".

يونيسيف (Unicef) پاڪستان، اسلام آباد ۾ منهنجو هڪ دوست عبدالمنان هوندو هيو هاڻي ريٽائر ڪري ويو آهي. ڏاڍو هيلپ فل هيو ڪڏهن ڪڏهن اسلام آباد يا مريءَ جو چڪر ڏيڻ کي به ٽي مهينا گذري ويندا هئا ته مان کيس چوندو هيس ته هو سرڪاري خرچ تي ڪانه ڪا ميٽنگ ڪڍي وٺندو هيو. ٻه چار ڏينهن relax ڪري وٺبو هيو.

مارچ 2007ع ۾ منان جو فون آيو ته ابوظهبي هلڻ لاءِ تياري ڪيو. ابوظهبي هلڻ لاءِ يونيسيف هڪ ميٽنگ اتي منعقد ڪري رهي آهي. توڙي ڪٺي مان تازو تازو ايران ۽ دبئي کان موٽيو هيس، پوءِ به مون موقعو غنيمت ڄاتو ته ٻارن کي تيار ڪجي. اپريل 2007ع جي وچ ڌاري ابوظهبيءَ ۾ ٽن ڏينهن لاءِ ڪانفرنس هئي.

عرب ملڪن ۾ اٺن جي ڊوڙ جي مقابلن جي روايت آهي. جيئن اسان وٽ هارس ريس يا ڏاندن جي گوءِ آهي. عرب رئيس به اٺن رکڻ جا شوقين آهن ۽ انهن جا ساليانا مقابلا به ڪرائيندا آهن. خبر ناهي ته اهي به اسان جي رئيسن وانگر پنهنجي اٺن کي باداميون کارائيندا آهن يا نه پر سندن ڏاڍو خيال ڪندا آهن. اٺن کي ڊوڙائڻ لاءِ جاڪي (Jokey) ننڍا ٻار هوندا آهن. جيڪي رحيم يار خان يا گهوٽڪيءَ جي غريب علائقن مان خريد ڪري انهن کي اٺن جي پٺين تي ٻڌي اٺن کي ڊوڙائيندا آهن. ستن اٺن سالن جي ٻارن جو ڇا حشر ٿيندو هوندو! ڪي ته اٺ تان ڪري مري يا معذور ٿي ويندا آهن يا اٺن تي ويٺي ئي سندن جسم ڦڏا ٿي، جنگهون ڪلي وينديون آهن ۽ هو هلڻ کان ويهي ويندا آهن. سندن مائٽ انهن کي واپس کڻي اچي پنائيندا آهن.

يونائيٽيڊ نيشن آرگنائيزيشن (UNO) جي هڪ ذيلي تنظيم يونيسيف، جيڪا ٻارن جي بهبود لاءِ ڪم ڪندي آهي. ان هن صورت حال جو نوٽيس ورتو ۽ اهڙن عرب ملڪ کي جن ۾ يونائيٽيڊ عرب امارات (UAE) سرفهرست هئي، تن کي هدايت ڪئي ته اها روش بند ڪن نه ته سندن UNO مان ميمبرشپ ختم ڪئي ويندي. هنن گهڻي ئي آنا ڪاني ڪئي ته اها اسان جي ستن پيڙهين کا روش هلندي ٿي اچي. اسان بند ڪيئن ڪنداسون، نيٺ مٿن ايترو پريشر وڌيو جو هو جاڪي ٻارن جي جاءِ تي روبوٽ استعمال ڪرڻ لاءِ راضي ٿيا. ان ڳالهه لاءِ به تيار ٿيا ته هو متاثر ٻارن جو علاج ڪرائي انهن کي چڱيءَ طرح بحال ڪندا ۽ ڪين تعليم جون سهوليتون ڏيندا. ان سان گڏ سندن پونئيرن

Gul Hayat Institute

ڪي ڪاروبار ڪدي ڏيندا تہ جيئن انهن جي معاشي حالت سڌري.

ان سلسلي ۾ ورلڊ يونيسيف ابوظهبيءَ ۾ هڪ ڪٺ ڪوٺايو جنهن ۾ Unicef متاثر ملڪن جي سيڪريٽرين يا نمائندن کي ڪوٺ ڏني. پاڪستان مان پنجاب ۽ سنڌ جا نمائندا آيا. هڪ نمائندو وفاقي حڪومت جي محنت (Labour) کاتي جو جوائنٽ سيڪريٽري بہ آيو. سينيگال، سوڊان، سوماليہ ۽ ڪجهہ ٻين آفريڪي ملڪن جا نمائنده ۽ UAE جي حڪومت جا نمائنده بہ شريڪ ٿيا.

آسودن عربن پنهنجا وڪيل نيويارڪ مان گهرايا هئا. نيويارڪ ۾ بہ اهي وڪيل سندن پئيرائي ڪندا آهن. پر هتان جي قاعدن قانونن کان گهٽ واقف هئا. آخر ۾ جيڪو ڊرافٽ ٺاهيائون، اهو بہ غلط هيو جنهن کي جوائنٽ سيڪريٽري ۽ مون سهي ڪيو.

اسان کي بہ ابوظهبيءَ جي شيراٽن خالدي فائيو اسٽار هوٽل ۾ رهائش ڏني وئي هئي، جيڪو وچ شهر ۾ هيو. مون سان گڏ منهنجي گهر واري ۽ پُٽَ اريس ۽ علي حميص بہ هئا. اسان جي رهائش ۽ ماني ان هوٽل ۾ هئي. صبح جو گاڏي ايندي هئي ۽ اسان کي منسٽريءَ جي ڪلب ۾ وٺي ويندا هئا. ميٽنگ بہ اتي هوندي لنچ بہ اتي. شام جو هوٽل واپسي. ان وچ ۾ منهنجا ٻار ابوظهبيءَ مان چڪر ڏئي وٺندا هئا. منهنجي اچڻ کانپوءِ وري ٻئي چڪر تي نڪري ويندا هئاسون.

ٻئي ڏينهن شام جو اسان کي روبوٽ اٺ ريس ڪورس ڏيکاريائون. جتي جاڪي روبوٽ استعمال ڪيا ويا هئا. ٽئين ڏينهن تي آخري ويهڪ هئي. پنجاب هنن کان ڪيترن سالن کان سهوليتون وٺي رهيو هيو. سنڌ کي بہ پنجاب جي حصو ڪري شامل ڪيو ويو هيو. پر هن سال مان وفاق ۽ يونيسيف سان لابنگ ڪري سنڌ لاءِ الڳ پيڪيج ورتو. ائين جڏهن آخري فيصلن جو ڊرافٽ اسان جي اڳيان رکيو ويو تہ مون جوائنٽ سيڪريٽري سعيد صاحب کي چيو تہ تون وفاق جو نمائندو آهين، تنهن ڪري تون پاڪستان جي طرفان صحيح ڪندين، پر چاڪاڻ تہ انهن فيصلن ۾ ڪجهہ پاليسي فيصلا بہ آهن، تنهن ڪري تون انهن تي ان وقت تائين صحيح نٿو ڪري سگهين، جيستائين توکي حڪومت پاڪستان جي اجازت نہ ٿي هجي. هو بہ منهنجي ڳالهہ سمجهي ويو. هن عربن کي چيو تہ مان صحيح نہ ڪندس، جيستائين مونکي حڪومت پاڪستان اجازت نہ ڏئي. اتي جيڪو نوجوان عرب منسٽريءَ جي طرفان رابطي ڪار هيو، ان پڇيو تہ ڪير اجازت ڏيندو؟ اسان ان وقت جي وزيراعظم پاڪستان جناب شوڪت عزيز جو نالو ڪنيو تہ هو ٿوري دير لاءِ اجازت وٺي هليو ويو. اسان سمجهيو تہ هاڻي تہ همراهہ ڦاٿا! پندرهن منٽن کان پوءِ سيڪريٽري ليبر ۽ اوئرسيز پاڪستان فضل الرحمان، جوائنٽ سيڪريٽريءَ کي فون ڪري چيو تہ جيئن عرب چون ٿا تيئن صحيح ڪري



ڇڏ! مون کي ان وقت عربن جي اختيارن جو احساس ٿيو تہ اسان جي وزيراعظم تي سندن اثر ڪيترو آهي ۽ هو هنن جي ڪيترو پهچ ۾ آهي. صحيح ٿيڻ کان اڳ ۾ اهو ننڍڙو جوان عرب آفيسر سڀني ملڪن جي وفدن جي اڳواڻن کي اچي هڪ هڪ ڳورو گفٽ باڪس ڏئي ويو. اسان واري جوائنٽ سيڪريٽري بہ کڻي سڄو گفٽ باڪس پنهنجي تو ٻري ۾ وڌو.

لنچ کان پوءِ ڪانفرنس ختم ٿي وئي. مون کي منسٽريءَ جي ڪار ملي، جيڪا منهنجي فيمليءَ کي دبئي ۾ هوٽل "رش ان" تي ڇڏي وئي. منهنجي وائيف خوب شاپنگ ڪئي ۽ مال گهميا. ٻارن بہ انجواءِ ڪيو. علي حميص جي ان وقت عمر ست سال ۽ اريس جي 10 سال هئي. بہ راتيون رهڻ کان پوءِ اسان واپس ڪراچيءَ پهتاسون. ٻارن لاءِ خاص طور سٺو تجربو رهيو هيو.

## ثقافتي تضادات ڪانفرنس ڪوئيٽا

(Conference on Cultureal Diversities)

جولاءِ 2007ع جي وچ ڌاري ثقافتي تضادات تي يونيسڪو جي تعاون سان ڪوئيٽا ۾ هڪ انٽرنيشنل ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. سيڪريٽري ڪلچر بلوچستان، بلوچ صاحب مونکي ان ڪانفرنس ۾ شرڪت جي دعوت ڏني تہ مان بہ شرڪت ڪريان، پيپر پڙهان ۽ هڪ نشست جي صدارت ڪريان. ڪافي سالن کان مان بہ ڪوئيٽا ڪونہ ويو هوس. موقعو سٺو سمجهيو ۽ وڃي ڪوئيٽا پهتس. بلوچ صاحب جي مهرباني. پاڻ ايئرپورٽ تي Receive ڪرڻ آيو هيو. هوٽل سيرينا ڪوئيٽا ۾ رهايائين. ڪانفرنس بہ هن هوٽل ۾ هئي. ڪوئيٽا، بلوچستان ۽ ملڪ جي امن امان جي صورتحال بگڙيل هئي. شهر ۾ تہ انهن ڏينهن ۾ مکيہ مارڪيٽن ۾ بم جا ڌماڪا ۽ فائرنگ روز جو معمول هيو. نتيجي طور مون پنهنجو پاڻ کي هوٽل تائين محدود ڪري ڇڏيو.

ڪي بي رند صاحب انهن ڏينهن ۾ بلوچستان جو چيف سيڪريٽري هيو. مون کيس موبائيل تي فون ڪيو. ٻڌايائين تہ پاڻ تازين برساتن جي ڪري حب ۾ ايمرجنسيءَ جي صورتحال جي ڪري اتي رهيل آهي، مون کي چيائين تہ مان وڃي چيف سيڪريٽري هائوس ۾ رهان، مون سندس ٿورو مڃيو ۽ اتي ئي هوٽل سرينيا ۾ رهڻ کي ترجيح ڏني. چيف سيڪريٽري هائوس معنيٰ قيد، اندر وارا اندر ٻاهر وارا ٻاهر!

وڏي ننڊ سان پهريون سيشن 10 بجي صبح جو پهرين ڏينهن تي شروع ٿيو. خواتين يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جعفري صاحبہ ان ڏينهن جي نشست جي صدارت ڪئي هئي. ننڍي قد جي سنهي اکين واري متاثر ڪندڙ مائي هئي. مائي صاحبہ ڳالهائڻ جي پڙ

Gul Hayat Institute

پئي لڳي. خواتين يونيورسٽيءَ جون ڪوڙ ساريون استاداڻيون آيون هيون. مسز جعفري، جنهن جو پهريون نالو وسري ويو آهي، هڪ سينيئر سي ايس پي بيوور ڪريٽ جي گهرواري هئي. جعفري صاحب دل بيهي وڃڻ ڪري فوت ٿي ويو ته مائي صاحبه ڪجهه سالن کان پوءِ ٻئي هڪ سينيئر سي ايس پي سڪندر جماليءَ سان شادي رچائي. جمالي صاحب سابق وزيراعظم جو ويجهو مائٽ آهي. پر مائي صاحبه پنهنجي نالي جي پويان جعفري صاحب جو نالو نه مٽايو ۽ اڃان تائين ان نالي سان پاڻ کي سڏرائي ٿي. جمالي صاحب کي به ته مائي صاحبه کي به شاباس هجي.

ان کان پوءِ به سيشن ٻيا هليا. اتي محترم عبدالحڪيم بلوچ سان به ملاقات ٿي. 1998ع ۾ جڏهن اسان ٻيپا سان ڪوئيٽا آيا هئاسون ته بلوچ صاحب، ان وقت ايڊيشنل چيف سيڪريٽري هوم هيو. اسان کي بريف ڪيو هيو. هينئر بلوچ صاحب کي ڄام صاحب جي حڪومت ۾ لڳي ٿو ته لفٽ گهٽ آهي. پاڻ قوم پرست ليڪ جو رول ادا ڪري رهيو آهي. سندس ڪجهه ڪتاب بلوچ قوميت ۽ بلوچ جدوجهد تي آيا آهن. اها رات مان بلوچ صاحب جو مهمان ٿيس. مونکي ويجهي ڪنهن ريسٽورنٽ ۾ ماني کارايائين. سندس مهمانداريءَ جي ڪيس شاباس هجي. پنهنجا به ڪتاب به گفٽ ڪيائين. ٻڌايائين ته سندس پٽ ڪراچيءَ ۾ نوڪريءَ ۾ آهي. پاڻ به اتي رهندو آهي. ائين اسان جو سڳو ڳنڍجي ويو. ڪيترا سال رابطو رهيو. هاڻي تعلق نه رهيو آهي. هو مون کي سچوءِ ڪرو بلوچ لڳو. بلوچ صاحب پڙهيو به ڪراچي يونيورسٽيءَ مان آهي.

آخري ويهڪ جي مون صدارت ڪئي. ڪافي ماڻهو هئا. پنهنجي صدارتي تقرير ۾ مون ثقافتي تضادات تي سنڌ جي حوالي سان ڳالهايو. جنهن ۾ تر، لاڙ، ڪاچو وچولو ۽ اتر به اچي ويو. منهنجي تقرير جو مرڪز ڪراچيءَ ۾ نهنڊڙ ۽ ڍهنڊڙ ڪلچر به هيو. بلوچن ۽ پٺاڻن وڏو مان ڏنو. مان سندن ٿورائتو آهيان. بلوچ صاحب سيڪريٽريءَ ڪافي پذيرائي ڪئي. رات جي مانيءَ سان گڏ هوٽل سيرينا ۾ ميوزڪ جو به بندوبست ڪيو ويو هيو. منهنجي چوڻ تي لوڪ فنڪار وڏيڪ گهرايا هئائون. ٻاهران آيل مهمانن ڏاڍو enjoy ڪيو.

مان اڃان آخري ويهڪ ۾ ئي هيس ته ڪراچيءَ مان منهنجي گهرواريءَ جا سيل فون تي پيغام اچڻ شروع ٿي ويا. مون ڪين ميسيج ڪيو ته واندو ٿي ڳالهائيندس. جڏهن فون ڪيم ته خبر پئي ته منهنجون نياڻيون، نياڻا ۽ انهن جي اولاد عمري جي تياري ڪري رهيا هئا. هنن جو خيال هيو ته اسان به ٻارن سان عمري تي هلون. مان ها ڪئي. اهو اسان جو پهلي پار زيارت جو پهريون پيرو هو.



## عمري لاءِ پهلي پار جو پيرو

ڏهن ڏينهن جو سفر هيو. مان، منهنجا ٻار ۽ انهن جا ٻار سڀ شامل هئا. منهنجو وڏو پٽ انيس قادر منگي پندرهن ڏينهن اڳ ۾ پنهنجي فيمليءَ سان عمرو ڪري موٽيو هيو. دراصل هن ئي سڀني کي اتساهه ڏياريو هيو.

شام سج لٿي ڏاڙان احرام ٻڌي اسان ڪراچيءَ ايئرپورٽ تي پهتا هئاسون. شام جو ئي ايمائرٽس ايئرلائين ۾ جدي لاءِ روانو ٿي ويا هئاسون. جدي کان مڪي پاڪ هوٽل تي پهتاسون. چيڪ ان ڪري ڪعبة الله طرف روانا ٿي وياسون. ٻه ڪلاڪ سعوديءَ جو وقت پوئتي هيو. ٻه ڪلاڪ اسان کي سفر ۾ لڳا. جڏهن حرم پاڪ ۾ پهتاسون، ته اڌ رات ٿي چڪي هئي، پر اتي به ڏينهن جو ئي سمان لڳي رهيو هيو. اسان جيئن دروازي کان اندر داخل ٿياسون ۽ خانه ڪعبه تي نظر پئي ته عجيب ڪيف، سرور ۽ مستيءَ ۾ غرق ٿي وياسون. منهنجو نياڻو نور احمد ته بي قابو ٿي روئڻ ۽ آهون ڀرڻ لڳو.

عمرو ادا ڪيو. واهه! ڇا ته سرور محسوس ٿي رهيو هيو. صبح جي نماز کان پوءِ هوٽل تي موٽڻ ٿيو. ٽي ڏينهن مڪي پاڪ ۾ ۽ باقي ڏينهن مديني پاڪ ۾ گذارياسون. محبوب جو در به محبوب جو در آهي.

مسجد نبويءَ ۾ نمازون پڙهيون ۽ زيارتيون ڪيون. ڪجهه سنڌ جا ماڻهو مديني پاڪ ۾ رهن ٿا. انهن رات جي ماني کارائي. وڏا ڀاڳ وارا آهن تقريباً هر نماز مسجد نبويءَ ۾ ٿا پڙهن. انهن جا کجين جا باغ آهن. مديني پاڪ ۾ ٻئي ڏينهن تي اهي باغ ڏيکاريائون. کجور جي باغن ۾ هنن جا مزدور ڪتل لاهي رهيا هئا. کجيون لاهيندي خيرپور ۾ به ماڻهن کي ڏٺو هيو پر هنن جو طريقو مختلف هيو. جنهن سان کجيون زيان نه پئي ٿيون.

آخري ڏينهن مديني کان وڃڻ تي جده پهتاسون. دادو جو اڪبر اونو سالن کان جده ۾ رهي ٿو. هو منهنجي پٽ انيس جو دوست آهي. هو اتي ٽويوٽا موٽرز جو جنرل مئنيجر آهي. جڏهن اسان مڪ پاڪ ۾ هئاسون ته اونو صاحب پنهنجي فيمليءَ سان اسان جي هوٽل تي آيو. اسان کي جده اچي وڃڻ رهڻ جي ڪوٺ ڏئي ويو هيو. اسان جي ان صبح جي ئي واپسيءَ جي فلائيٽ هئي پر اسان رات جي ماني اوني صاحب جي فيمليءَ سان ڪاڌي. اوني صاحب جده بيچ گهمايو. آئيس ڪريم کارائي ۽ پنهنجين گاڏين تي ايئرپورٽ تي see off ڪري آيو.

واپسيءَ ۾ اسان 12 ڏاري ڪراچيءَ پهتاسون. مٽ مائٽ گلابن جون ڪڏيون کنيون ايئرپورٽ تي بيٺا هئا. مان شمس جعفراڻي جو به ٿورائتو آهيان، جيڪو پڻ ايئرپورٽ تي آجيان ڪرڻ ۽ مبارڪ ڏيڻ آيو هيو. اهو رشتو اسان جي شخصي ويجهڙائپ کي ظاهر ڪري ٿو.

Gul Hayat Institute

## منهنجي سٺوين سالگرهه_ 2006ع

مان پنهنجي سٺوين سالگرهه 26 نومبر 2006ع تي ملهائي. 2006ع ۾ منهنجي عمر 59 سال ٿي پر ان تاريخ تي منهنجو 60هون جنم ڏينهن ٿيو. ان سالگرهه ملهائڻ جو مقصد اهو هو ته پاڻ کي به وارننگ ڏيان ته هاڻي مان 60 سال ۾ پير پاتو آهي ۽ ايندڙ سال جي 25 نومبر تي مان ريٽائرڊ ٿيندس.

59ع سال به ته گذري ويا. باقي هڪ سال اهو به گذري ويندو. مون ڳڻپ شروع ڪئي، 365 ڏينهن، 364 ڏينهن ان طرح مان پنهنجا معاملات نوڪريءَ ۾ سوڙها ڪرڻ شروع ڪيا. بدنصيبيءَ سان مان سٺو self organizer نه رهيو آهيان. نه جي پي فنڊ، نه پرسنل فائيل نه ٻيا ضروري ڪاغذ. ڪلچر کاتي ۾ مونکي هڪ ڊپٽي ڊائريڪٽر شاهد اقبال ملي ويو. هو انهن معاملن ۾ ماهر آهي. هن منهنجو پرسنل فائيل ۽ جي پي فنڊ ۽ گريجوئٽيءَ جا ڪاغذ به درست ڪرائي ورتا. جيڪڏهن شاهد اقبال مڙسي نه ڪري ها ته منهنجي پينشن ۽ GP فنڊ ۽ گريجوئٽي رلي وڃي ها.

اهڙيءَ طرح منهنجي ترجيحات تي جيڪي سرڪار ڪم هئا. اهي به نبيائڻ شروع ڪيا. مثال طور: ADP ۾ ضروري اسڪيمون وجهڻ، شيخ اياز پروجيڪٽ جي پوئواري، اسي لک جيڪي ٽوئرزم جي عمارتن جي مرمت جي لاءِ حاصل ٿيا هئا، انهن کي انجنيئر جي معرفت استعمال ڪرڻ، اسان جي وزير صاحب جي سفاري پارڪ سکر جي اسڪيم کي ڏگ لائڻ.



18

## ريٽائرمينٽ کان پوءِ ...

مون کي اها به ڳڻتي هئي ته ايندڙ سالن ريٽائرمينٽ کان پوءِ ڪجهه ڪرڻ جو سوچجي، صحت به ٺيڪ نظر پئي آئي. ڪجهه ڪري سگهيس ٿي. جڏهن مان پنهنجي ڊاڪٽر فهيم جعفريءَ سان مليس ته هن به اها صلاح ڏني ته چپ ڪري گهر نه ويهجانءِ. مارچ 2008ع ۾ جڏهن سائين قائم علي شاهه سنڌ جو وزيراعليٰ ٿيو هيو ته کيس مبارڪ ڏيڻ ويو هيس. سائين قائم علي شاهه سان سال 95_1996ع کان خيرپور ۾ ملاقاتون ٿينديون هيون. اهو ڏسي چوڻ لڳو ته "توهان ته اجان صحت مند آهيو! توهان جون خدمتون استعمال ٿيڻ گهرجن." مان اندر اندر ۾ ٺڙي پيو هيس، پر پوءِ ان قصي کي سال کن گذري ويو.

### ڏرتي ٽي. وي

پيو آپشن اهو هيو ته فيمليءَ جيڪا سو کن ايڪڙ زمين خريد ڪئي هئي. گهاري ۾ ان ۾ مشغولي ڳولهجي ۽ آبادي ڪجي، مان بي ايس سي فاريسٽري جي بنياد تي پراعتماد هيس ته ڪجهه نه ڪجهه مشغولي ته ڪيدي وٺبي ۽ روزگار جو ڏرتي ٿي. وي تي حيلو وسيلو به ٿي ويندو.

مان جڏهن 2003ع کان 2005ع تائين سکر ۾ ڊي سي او هيس ته، سيد ناصر شاهه صاحب سان، جيڪو ضلع جو ناظم هيو ۽ مهر صاحبن کي ويجهو آهي. ان موضوع تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي ته توهان جي سياسي گروپ کي هڪ ٽي وي چئنل هجي، مان به نوڪريءَ مان جلدي واندو ٿيندس. ان ڪم کي اڳتي ڪجي. ڪين TV جو لائسنس به جلد ملندو ۽ لائسنس ان وقت سستو به هيو پر اها ڳالهه گهڻو اڳتي نه هلي. پوءِ مان ڪراچيءَ بدلي ٿي آيس. سيڪريٽري ڪلچر هيس ته هڪ ڏينهن شاهه صاحب سان ملاقات ٿي، هن ٽي وي چئنل لاءِ سنجيدگي ڏيکاري. مان نوڪري ۾ هيس، پر شام جو مون چئنل جو پيپر ورڪ شروع ڪيو.

Gul Hayat Institute

8–2007ع ۾ اليڪشن ٿيڻي هئي. محترمہ دبئي ۾ ويٺي گهڻو active ٿي وئي هئي. نوازشريف بہ سعودي عرب مان پنهنجي جلاوطني ختم ڪري پاڪستان پهچڻ جا سانباها ڪرڻ لڳو هيو. ان دوران مشرف ۽ محترمہ جي وچ ۾ سياسي ڊائيلاگ شروع ٿي ويو. چون ٿا تہ امريڪا ۽ عرب امارات بہ ان معاملي ۾ تياڪڙي ڪري رهيا هئا. محترمہ ۽ نواز شريف جي وچ ۾ ميثاق جمهوريت (CoD) Charter of Democracy بہ لندن ۾ صحيح ٿي ويو هيو.

هي اهو دور هيو جو ڪنهن بہ ٽئين سنڌي چئنل لاءِ ماحول سازگار لڳي رهيو هيو. اسان ڪم کي تيز ڪري ڇڏيو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ سيد جاويد شاهہ جيلاني سابق MNA خيرپور بہ اچي ناصر شاهہ سان شامل ٿيو. ٻنهي جو خيال هيو تہ مان بہ سندن پائيوار ٿيندس. پر منهنجا ڪيسا خالي هئا. مون کين ٻڌايو تہ مان ورڪنگ پائيوار ٿي سگهان ٿو. پر شيئر هولڊر، جيئن هو محسوس ٿا ڪن، تيئن نہ. سئي ۾ سڀ ڪو سرندو رهيو. گلاس ٽاور ۾ آفيس قائم ڪئي سون، مهرين رزاق پٺو بہ ڊائريڪٽر ٿي وئي. حميد ۽ رفيق پٺو بہ جاويد شاهہ جي معرفت چئنل ۾ آيا. يونس مهر اڳ ۾ ئي مون سان هيو. رحمت ماڇوٺي، غلام حيدر صديقي، غازي صلاح الدين (پراڻو سپاف وارو ۽ هاڻي ايم ڪيو ايم جو ميمبر) ان بہ اچي جوائن ڪيو ۽ خبرن جو حصو الطاف ميمڻ ۽ ان جي ٽيم جي حوالي ٿيو.

شروعات ۾ ئي اسان کي اهو ڏک لڳو تہ اسان چئنل جو نالو مهراڻ ٽي وي تجويز ڪيو هيو سي، پر اسان جي ئي ڪجهہ ساٿين اهو نالو غلام نبي مورائيءَ تي ظاهر ڪيو تہ هن اسان کان اڳ ۾ ان نالي سان درخواست پيمرا کي ڏني. جڏهن اسان جي درخواست ان نالي سان وئي تہ اها ان سبب جي ڪري واپس ڪئي ويئي تہ ان نالي سان اڳ ۾ ئي درخواست مليل آهي. پوءِ اسان ’ڌرتي ٽي وي‘ جي نالي سان درخواست ڏني. ائين ڊسمبر 2007ع ۾ ڪيئرٽيڪر سيٽ اپ ۾ نثار ميمڻ صاحب انفرميشن جو وفاقي وزير ٿيو تہ هن ڪافي مدد ڪئي. ڪراچيءَ ۾ پيمرا جي اچي ڪاري جي مالڪ الطاف مجيد (DIG) ڪافي مشڪلاتون بہ پيدا ڪيون. پر نثار ميمڻ جي مهربانين سان لائسنس بہ ۽ سيٽلائيٽ ڪنيڪشن بہ ملي ويو. 9 فيبروري 2008ع تي وزير اطلاعات نثار ميمڻ، ڌرتي ٽي وي جو افتتاح ڪيو. ائين صحيح وقت هيو. مارچ 2008ع ۾ اليڪشن هئي.

مون شاهہ صاحب کي چيو تہ مان مارڪيٽنگ ۾ جڏو آهيان، تہ مارڪيٽنگ جو شعبو سائين ناصر جي پٽ علي شاهہ جي حوالي ڪندي سندس مدد لاءِ سرفراز بروهي ۽ سيد ذوالفقار شاهہ ايف ايم واري کي مقرر ڪيو ويو. شاهہ صاحب ٽي وي جو ملازم نہ ٿيو.

ايڊمنسٽريشن ۽ اڪائونٽس تي سوشل ويلفيئر جي سينيئر ريٽائرڊ آفيسر صلاح الدين پنهور کي مقرر ڪيو ويو. جنهن مون سان گهڻو وقت ڪم ڪيو هيو. هو آفيسر تہ



هيو پر سنڌ جو ڪلچر ۽ ٻولي بہ سندس رڳ رڳ ۾ سمايل هئي.

جڏهن مان جولاءِ 2007ع ۾ عمري تي ويل هيس تہ پويان ناصر شاهہ صاحب ۽ جاويد شاهہ صاحب مون کي ”ڌرتي نيوز“ جو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر (CEO) مقرر ڪري ڇڏيو هيو.

*

شيخ اياز جي پروجيڪٽ جي اسڪيم بہ سائين ابراهيم جوئي جي هٿن ۾ ڏئي ڇڏي هئي، شيخ صاحب جي نياڻي ادي ڊاڪٽر روحي بہ ان ڪميٽيءَ ۾ شامل هئي، ان ڪميٽيءَ جي بہ نوٽيفڪيشن سرڪاري سطح تي مون جاري ڪري ڇڏي هئي، جنهن ۾ اهڙا ماڻهو بہ شامل ڪيا ويا هيا جن شيخ اياز سان زندگي گذاري ۽ جهڙو ڪر سندس عاشق بہ هئا. مان مطمئن ٿي ويو هوس، تاج جويي جڏهن ابتدائي خرچ جو ڪٿاءُون ڪڍيون تہ مان ڪم ڪندڙن لاءِ 10 کان 20 سيڪڙو ٽائين پيسا وڌايا. ان ڪري بہ تہ ڪمپوزر، ايڊيٽر ۽ ٻيا اهو محسوس نہ ڪن تہ ڪائنن گهٽ اجوري تي ڪم ورتو ٿي ويو. پيو سبب اهو بہ هيو تہ اجورو سٺو ملڻ ڪري ڪم بہ دل سان ڪندا.

منهنجي ئي وقت ۾ اهو طئي ٿي ويو هيو تہ اياز جي مزار ڪيئن ٺهندي؟ مٿس ڪو قبو يا ڇت نہ هوندي. حالانڪ منهنجي خواهش هئي تہ مٿان ڪجهہ هجي تہ جيئن ڪنهن مزار جو ڏيک نظر اچي، پر مون بہ جويو صاحب جي حڪم آڏو ڪنڌ جهڪايو. سال 08–2007ع جي سنڌ سرڪار جي ترقياتي رٿائن جون تجويزون ظاهر ٿي ويون هيون. مان مطمئن هيس تہ منهنجو پيش ڪيل نيون تجويزون شامل هيون. ايندڙ سالن ۾ بہ اهي تجويزون ڪارگر ثابت ٿينديون.

ڊائريڪٽر ڪلچر جي جاءِ جيڪا ڪيڊر آفيسرن مان پربي آهي، اها خالي هئي. ڪو بہ 18–19 گريڊ آفيسر هتي اچڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو آهي. عمران عطا سومري کي مون راضي ڪري هتي پوسٽ ڪرايو. اها غير اهم پوسٽ هئي. آفيس ورڪ لاءِ عمران بيحد تجربيڪار، سياڻو ۽ ڪارآمد آفيسر هو. هن ڪافي سٺو ڪم ڪيو. خاص طور تي جيڪي پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽيءَ جون پيرا (PARA) هيون، انهن کي بہ سڌي ڪرڻ ۾ ڪافي ڪارگر ثابت ٿيو. جڏهن عمران جي پوسٽنگ ٿي تہ وزير صاحب ملڪ کان ٻاهر هيو. موٽي آيو ۽ مهيني کن کان پوءِ وري ٻاهر وڃي رهيو هيو. ايئرپورٽ تي ويندي ويندي ’ڪنهن‘ ڪيس چيو تہ سيڪريٽري تہ توهان کي ڪنگهي بہ نٿو. پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجا لاڏلا آفيسر پوسٽ ڪرائي رهيو آهي. وزير صاحب ايئرپورٽ تان ڳالهايو. پر زمين آسمان هڪ ڪري ڏنو تہ عمران کي ڇو پوسٽ ڪرايو ويو آ ۽ هاڻي جو هاڻي ڪيس بدلي ڪيو وڃي.

Gul Hayat Institute

سنڌ سرڪار جي انجنيئر شاهہ صاحب ڪينجھر ريسٽ هائوس جون ايسٽيميٽس ٺاهي مون کي ڏنيون. سيوهڻ ۾ سمبارا جون بہ رٿائون ٺهيون پئي. وزير جي پرائيويٽ سيڪريٽريءَ جي معرفت مون کي نياپو ڪيو ويو تہ اهي 80 لک روپيہ ايم ڊي ٽوئرزم جي حوالي ڪريان تہ هو ڪم ڪرائي. مون هن جو چيو پٽيءَ پويان اڇلي ڇڏيو. ڪيس ڇيم تہ منهنجي ان معاملي تي وزير صاحب سان ميٽنگ ٿيندي!

## اسي لک

ڪجھہ ڏينهن کان پوءِ طارق مرزا نئون مئنيجنگ ڊائريڪٽر مون وٽ ساڳئي حوالي سان آيو. چوڻ لڳو تہ وزير صاحب کي ناراض نہ ڪرڻ گھرجي. اهو بہ جڏهن ايم ڪيو ايم جو وزير رئوف صديقي هجي. توهان کي جيڪو گھرجي، اهو مان توهان کي ڏيندس، توهان کي گھر بہ ڪونهي، توهان کي نوڪريءَ جا هڪ ٻہ مهينا آهن. توهان کي پيسن جي ضرورت بہ پوندي. هرويرو توهان ريٽائرمينٽ کان اڳ ۾ بدلي ٿي وڃون ڇا فائدو. ڪم بہ ٿيندو. پيسا سرڪاري آهن. توهان کان پوءِ ٻيو ڪو آفيسر اچي بہ اهو ڪم ڪندو. توهان جي ذميداري بہ نہ ٿيندي.”

طارق مرزا منهنجي گھر وينو هيو. چانهن پئي پيتائين. هن چانهن پوري ڪئي تہ مان اٿي کڙو ٿيس. چيو مانس ”طارق! خدا حافظ“ تون منهنجي گھر ۾ نہ هجين ها تہ مان توکي ٻي طرح پيش اچان ها! هن موضوع تي وري نہ ڳالهائجانءِ!

## سفاري پارڪ

وزير صاحب پنهنجي پروجيڪٽ ”سکر سفاري پارڪ“ تي زور ڏئي رهيو هيو. غلام سرور کيڙو جيڪو ايڊيشنل چيف سيڪريٽري هيو ان کي چئي ان وٽ ان اسڪيم جي منظوريءَ لاءِ ميٽنگ رکرايائين.

ميٽنگ شروع ٿي، ٻيلي کاتي جو سيڪريٽري، محترم محبوب انصاري صاحب بہ موجود هيو. مون کيڙو صاحب کي چيو تہ ”انصاري صاحب جي هجڻ تي مونکي اعتراض آهي. جڏهن ٻيلي کاتي جي وزير لکي ڏنو آهي تہ پوءِ ان کي گھرائڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي.“ کيڙي صاحب منهنجو اعتراض رد ڪيو. سفاريءَ واري اسڪيم منظور نہ ٿي، ان وچ ۾ مون وزير کي فون ڪيو. پاڻ ڪونہ مليو. PS کي نياپو ڏنم. مون کيڙي صاحب کي اهو بہ چيو تہ توهان اصولاً اها اسڪيم منظور ڪيو. پوءِ اعتراض دور ڪنداسون. پر اها ڳالهہ قبول نہ ٿي. ميٽنگ ختم ٿي. ڪلاڪ کان پوءِ وزير سان ملاقات ٿي تہ ظاهر ۾ اسڪيم جي منظور نہ ٿيڻ تي ڏاڍو ڪاوڙيل هيو. اسڪيم جي منظوريءَ لاءِ ٻي بہ ميٽنگ ٿيڻي هئي. پر هن جي دماغ ۾ 80 لک رپيا ڦري رهيا هئا. وزير اتان اٿيو تہ وڃي گورنر وٽ



پهتو تہ سيڪريٽري عبدالقادر منگيءَ کي بدلي ڪري شمس جعفراڻيءَ کي مقرر ڪرايو. گورنر چيف منسٽر کي چيو. چيف منسٽر ارباب صاحب دير ئي نہ ڪئي. ٻئي ڏينهن صبح جو منهنجو سروسز کاتي ۾ ريورٽ ڪرڻ جو حڪم اچي ويو. هڪ اڳ ۾ ئي رُسي ويٺي هئي، وري پيڪان نياپو آيس!

شمس جعفراڻيءَ جو ٻڌو تہ منهنجي آفيس ۾ هليو آيو. چيائين تہ ”منهنجو سيڪريٽريءَ جو آرڊر ٿيو آهي، منهنجي لاءِ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي، پر ڏک جي ڳالهہ اها آهي تہ جڏهن توهان جي ريٽائرمينٽ ۾ مهينو ڏيڍ ئي وڃي رهيو آهي. اڇو تہ وزير وٽ هلون ڪيس چئون تہ في الحال آرڊر روڪرائي.“ مون همدرديءَ لاءِ شمس جو ٿورو مڃيو ۽ سندس نيڪ نيتيءَ جي باوجود ساڻس گڏجي وڃڻ کان انڪار ڪيو.

مان ان وقت ئي چارج ڏيڻ جا ڪاغذ ٺهرايا. صحيح ڪري شمس کي ڏنا. ٽيبل جي خاني مان پنهنجا ذاتي فائيل ۽ ڪاغذ ڪنيا. آخري چانهن جو ڪوپ آفيس ۾ پيتو. شمس کي سيڪريٽريءَ جي ڪرسيءَ تي ويهاريو. گھران پنهنجي ذاتي ڪار گھرائي. هيٺين اسٽاف سان انهن جي آفيس ۾ وڃي موڪلائيندي نوڪريءَ دوران تعاون ڪرڻ لاءِ ٿورو مڃيو. گاڏيءَ ۾ ڊرائيور شمس حوالي ڪري، اولڊ ڪي ڊي اي بلڊنگ مٿان جهولندڙ پاڪستان جي جهنڊي کي سلام ڪري گھر روانو ٿي ويس. تقريباً 33 سالن جي نوڪريءَ جو الميہ انجام! اهو اسان نوڪري ڪندڙ آفيسرن لاءِ سنو سبق آهي. توهان ڪجھہ بہ ڪيو. ڪيتري بہ سرڪار جي خوش آمد، عوام جي خدمت ڪريو، پر توهان جو انجام ائين بہ ٿي سگھي ٿو.

Gul Hayat Institute

# هڪ دؤر جي پڄاڻي!

ڪجھ ڏينهن آرام ڪيو. يارن دوستن سان ڪچهريون، ٻارن سان محفلون، دل بهلائڻ جون ڪوششون ڪيون.

هفتي کن کان پوءِ سروسز ڪاتي ۾ ويس. انهن کان منهنجي ريٽائرمينٽ جي ڳالهه وسري وئي هئي، ريٽائرمينٽ جو آرڊر ڪيرايو.

چيف سيڪريٽريءَ سان مليس. فضل الرحمان صاحب جي بدلي کان پوءِ شڪيل دراني چيف سيڪريٽري ٿيو هيو. هو سرحد صوبي جو هيو. سنڌ ۾ دال نه ڳريس. ڇئن مهينن ۾ بدلي ٿي ويو هيو. ان تي ايم ڪيو ايم اهو الزام لڳايو ته هو پٺاڻ آهي. تنهن ڪري مهاجرن جي مقابلي ۾ پٺاڻن جي مدد ڪري رهيو آهي. حالانڪ هو پٺاڻن کي انتظامي طرح سڌو ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيو هيو. هي 12 مئي 2007ع وارو دؤر هيو جنهن ۾ مشرف جي چوڻ تي چيف جسٽس افتخار چوڌري کي ايئرپورٽ تي بند ڪيو ويو، ڪراچيءَ ۾ مار موچڙو ڪيو ويو هيو، ماڻهو ماريا ويا.

شڪيل درانيءَ کان پوءِ اعجاز احمد قريشي ٿوري وقت لاءِ چيف سيڪريٽري ٿيو هيو. هن به گهڻي نوڪري سرحد صوبي ۾ ڪئي هئي. هن پنهنجي لاءِ مشهور ڪرايو هيو ته سخت، ايماندار ۽ اصول پرست آهي. مان وٽس سلام ڪرڻ لاءِ لنگهي ويس. ڪيس چيم ته "توهان منهنجي بدلي ڪري ڇڏي آهي، نيڪ ٿيو پر پوسٽنگ به ڪونه ڏني آهي، جڏهن ته مهيني کن ۾ مان سٺ سال جو ٿي رهيو آهيان ۽ اينڊڙ مهيني ريٽائر ٿيندس ته پينشن ڪٿان ڪڍندس؟"

هن چيو "پر مونکي ته ڪنهن به نه ٻڌايو ته ڪو توهان نومبر ۾ ريٽائر ٿيڻا آهيو." مان کيس خدا حافظ چيوءِ نڪري آيس.

ٻن ڏينهن کان پوءِ پنهنجي ٽر جي پراڻي يار، جيڪو چيف منسٽر سنڌ هيو ۽ جنهن منهنجي بدليءَ جا حڪم ڏنا هئا ۽ ان وٽ پهتس. "موڪلائڻ ۽ خدا حافظ ڪرڻ آيو آهيان، اينڊڙ مهيني ريٽائر ٿي رهيو آهيان!"



چيائين، "بس!" مون به چيو "جي بس!" ۽ موڪلايو.

ڪجھ ڏينهن کان پوءِ گورنر صاحب وٽ ملاقات جو ٽائيم مليو. ممتاز الرحمان سنڌس پرنسپل سيڪريٽري هيو!

گورنر سان ملاقات ٿي. ڪائنس موڪلايو!

ٻئي ڏينهن تي ممتاز الرحمان جي فون آئي. چيائين ته گورنر صاحب چئي ٿو ته "منگي صاحب کان پڇو ڪر ته اومبڊ سمين جو ڪنسلٽنٽ ٿيندو؟" ان وقت ڪنسلٽنٽ کي پنجويھ، ٽيھ هزار پگهار ملندي هئي. هاڻي ته ستر هزار کن آهي. مون گورنر صاحب جا ٿورا مڃيا ۽ انڪار ڪري ڇڏيو.

مون پنهنجو من ۽ "عشق" ڌرتي نيوز ۽ ٻنيءَ سان لڳائي ڇڏيو هيو.

ڳُنڍي ڪِلين وچ ۾، جڏهن هئين جن،
موٽي مون پرين، ڪيڏڻ جي ڪين ڪئي.

*

منهنجي ٻارن 26 نومبر 2007ع تي، منهنجي پسنديده جڳهه، گهارو ريسٽ هائوس تي، منهنجي سالگرهه جو پروگرام رٿيو. منهنجو اولاد ۽ انهن جي اولاد سڀ اچي اتي گڏ ٿياسون. "هيپي برٿ ڊي ٽو يو ڊيڊي" جا آواز اڀريا، هڪ ميڻ بتي وسائي. منهنجي ڪهول جي ٻن ننڍي ۾ ننڍين ٻارن مريم انيس ۽ هبا فاطمه منهنجي ڪيڪ ڪٽڻ ۾ مدد ڪئي.

مان انهن ٻارن جي صحبت ۾ شامل ٿي ويس.

ائين هڪ دؤر جي پڄاڻي.... يا نئين دؤر جي شروعات ٿي!!

Gul Hayat Institute

# مهاڳ

آٽو بائيو گرافي لفظ اصل ۾ يوناني لفظ آهي، ان جي معنيٰ آهي هڪ شخص جي حياتي جو لفظن ۾ احوال، جيڪا ان شخص جي پنهنجي لکيل هوندي آهي. اولهه واري دنيا جي اهم اوائلي آتم ڪٿائن ۾ سينٽ آگسٽن( 354_430) جي ليٽن ٻوليءَ ۾ لکيل اعتراف تمام اهم آهن ساڳئي وقت قبل مسيح دور ۾ جوليس سيزر (144_100 ق ـ م) جون گيلڪ جنگ بابت لکيل يادگيريون، اسپيني ٻوليءَ جي پهرين آتم ڪٿا ليونر ڊيڪورو دويا (1420_1362)، اسلامي دنيا جي پهرين لکيل آتم ڪٿا اسپين جي بادشاهه عبدالله ابن بگلن ( 1090_1056 ) جيڪا هن غرناطا مان جلاوطن ٿيڻ بعد مراڪش جي شهر اغمط ۾ ويهي لکي هئي ۽ اتي ئي هو گذاري ويو.

آٽو بائيو گرافي جو لفظ پهريون پيرو مسٽر وليم ٽيلر 1797ع ۾ هڪ انگريزي مئگزين ۾ ڪتب آندو هو. ساڳئي وقت ايسا ڊورا 1877-1927) Isadora ع) جيڪا مشهور آمريڪي ڊانسر هئي. سندس لکيل آتم ڪٿا My life پڙهڻ جهڙي آهي. هن سڄي يورپ ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. هوءَ ـ آمريڪي شهر سان فرانسڪو جي هئي، هن فرانس جي شهر نائيس ۾ زندگيءَ جا پڇاڙڪا ڏينهن گذاريا.

مشهور هدايتڪار ستيه جيت ري جي آتم ڪٿا، جيڪا هن بنگالي ٻوليءَ ۾ لکي شاندار آهي، آتم ڪٿائون، سوانح حيات، يادگيريون، تاريخ جي حوالي سان خاص اهميت رکنديون آهن.

آتم ڪٿائن لکڻ جو سلسلو قديم آهي. مغل سلطنت جو باني تيمور گونگائي امير تيمور لنگ (وفات 1405ع) پنهنجي دور جو هڪ قهار حاڪم هو. ملڪن کي فتح ڪرڻ جو جهڙو ڪر جنون هيس. جيڪڏهن ائين چئجي ته ان ۾ ڪوئي وڌاءُ هرگز نه ٿيندو نه هن روءِ زمين تي جيتري رتوڇاڻ ڪئي، اهڙي ورلي ڪنهن حڪمران ڪئي هوندي. بهرحال هو پنهنجي خودنوشت لکيو ويو "تزڪ تيمور" اج به پڙهڻ جهڙي آهي، سندس پونئيرن مان هندستان جي پهرئين مغل بادشاهه بابر (وفات 1650ع) ۽ جهانگير (وفات 1627ع) جون آتم ڪٿائون به اهم آهن. اهي حڪمران پنهنجون آتم ڪٿائون پاڻ لکندا هئا، يا وري پنهنجي دربار جي فاضل ۽ قابل منشين کي ڊڪٽيشن ڏيئي لکرائيندا هئا، تنهنجي خبر خدا کي ـ پر اج به دنيا ۾ اهي آتم ڪٿائون، "بابر نامو ۽ تزڪ جهانگيري" پڙهيون وڃن ٿيون. بابر جي خودنوشت ۾ مصوري جا اعليٰ شاهڪار موجود آهن. ان کانسواءِ جهانگير جي خودنوشت ۾ اندور جي مشهور مصور نهر هڪ ابوالحسن ۽ منوهر جا ناهيل چتر اج به ڏسڻ وٽان آهن. هندستان جي پهرين مغل حڪمران ظهيرالدين بابر پڻ پنهنجي آتم ڪٿا ترڪي ٻوليءَ ۾ لکي هئي ان جا مختلف ٻولين ۾ ترجما به ٿيا آهن. بابر پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکي ٿو ته هندستان ۾ نه ته کائڻ لاءِ گهوڙي جو گوشت ٿو ملي، نه وري وهنجڻ لاءِ حمام خانا. عورتون گوڏ پائن ٿيون جڏهن ته هندستانين کي نه وري سنين جاين ٺاهڻ جو شوق آهي.

ساڳئي وقت بابر جي ڌيءُ گلبدن بيگم، جيڪا پنهنجي ڀاءُ همايون سان گڏ رهي ان پڻ پنهنجيون يادگيريون لکيون آهن. هوءَ پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌ جي شهر پاٽ ۾ همايون جي حميده بيگم سان شادي جو ذڪر ڪري ٿي.

مغل بادشاهه جهانگير پنهنجي آتم ڪٿا " تزڪجهانگيري" ۾ ڏاڍا دلچسپ واقعا لکيا آهن. مشهور مصور ابوالحسن کي لقب "نادرالزماني" سان نوازڻ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته اج تيرهين جشن نوروز جي موقعي تي ابوالحسن کي "نادرالزماني" جي خطاب سان نوازيو ويو. هن منهنجي تخت نشينيءَ جي جيڪا تصوير جهانگيري ۾ مهاڳ طور شامل ڪرڻ لاءِ ٺاهي هئي. اها مون کي به ڏيکاري چاڪاڻ ته اها تصوير ڏاڍي سُهڻي ۽ واقعي واڪاڻ جوڳي هئي، ان ڪري هو منهنجي بيپناهه عنايت ۽ مهرباني جو مستحق ٿيو. هن جو فن ڪمال تائين پهچي ويو آهي ۽ هن جون ناهيل تصويرون زماني جي شاهڪار جو درجو رکن ٿيون. هو واقعي هندور جو هڪ بيمثال فنڪار آهي. جيڪڏهن اج استاد شهزاد ۽ استاد عبدالحئي جهڙا فنڪار هن دنيا ۾ موجود هجن ها ته اهي به هن جي فن کي داد ڏيڻ کانسواءِ نه رهي سگهن.

تزڪ جهانگيري ۾ هن جهانگيري دور جي هڪ ٻي چترڪار استاد منصور جو به ذڪر ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته مون کي تصويرن سان ايتري دلچسپي ۽ انهن کي پرکڻ ۽ سمجهڻ جي ايتري قدر مهارت حاصل ٿي ويئي آهي، جو جيڪڏهن ماضي ۽ حال جي ماهرن قاشي جي ڪا به تصوير، نقاش مصور جو نالو ٻڌائڻ کانسواءِ منهنجي آڏو رکي وڃي، ته آئون فوري طور تي سمجهي ويندس ته اهو فلاڻي استاد جو ڪم آهي.

***

محترم عبدلقادر منگي جي آتم ڪٿا "جوئي آهيان سوئي آهيان"ڪمپوز ٿيل ۽ دستخط شده منهنجي آڏو آهي. هڪ شخص جي زندگي جي ڪٿا جو سربستو احوال. زندگي ڪيڏي نه عجيب آهي. بس ڊوڙندي رهي ٿي. ۽ اسين ان ڊوڙ ۾ شامل ٿي، وقت جو حصو ٿا بڻجي وڃون. پوءِ رهجي وڃن ٿيون ڇڙو يادگيريون ۽ اهي ساروڻيون ئي انسان جو بهترين سرمايو هونديون آهن.اهي يادگيريون ئي انسان جو ساٿ ڏينديون رهن ٿيون. هڪ حساس دل ماڻهو جڏهن اڪيلو ويهي پنهنجي گذري ويل زندگيءَ تي ويچار ڪندو آهي، ته اهو گذري ويل سمو، اهو دور ڪيس سپني وانگر، ڪنهن چانڊوڪي رات وانگر، هوا ۾ جهومندڙ وڻن جي پنن مان لنگهندڙ هوا جي جهوٽي وانگر،سج لٿي مهل سمنڊ جي ڪناري لهندڙ سج جي لام جيان، يا آڪاس تي ٻيٽل سترهين تاريخ جي چنڊ وانگر پاسندو آهي. حياتي ڪوئي هوا جو جهوٽو آهي ـ جڻ گذري ويل وقت به ان هوا جي جهوٽي وانگر، لنگهي وڃي ٿو.

انسان پنهنجي جمار ۾ آهستي آهستي سج جي نيرڙي ٽپهري مهل تي اچي پهچي ٿو. پر هن

Gul Hayat Institute

کي ان ڳالهہ جو احساس ڏاڍي دير سان ٿو ٿئي. ماڻهوءَ کي جڏهن اهو ڇهاءُ ئي نٿو ٿئي تہ صبح ويو سج مٿان اچي بيٺو. منجهند ٿي پاڇا. لڙيا. پيهري سانجهيءَ ۾ منهن مٿائي ويئي. پر ماڻهو گذاريل زندگيءَ ۾ هر دم جوان شگفتہ ۽ پرباش رهي ٿو. جڏهن عمر جي اچا هاڻ باک ڦٽي آهي. ماڻهو پلي جمار ۾ ڪيترو بہ وڏو ٿئي، پر جڏهن بہ هن جو بنهہ نہ جهريو آهي ۽ هو اهڙوئي آهي. اصل ۾ انسان جو مزاج آهي ئي عجب جهڙو. بنهہ ڪڏهن بہ نہ سمجه ۾ ايندڙ!

***

پرڏيهي ادب ۾ آتم ڪٿا، سوانح عمري، اعترافن ۽ تحقيقي ادب جي وڏي اهميت حاصل آهي. ماڻهو جيڪي ڪجهہ پنهنجي گرد و پيش ڏسي ٿو محسوس ڪري ٿو سندس دل ۽ ذهن ۾ سندس چوگرد واقعا رونما ٿي ماضي جو حصو بڻجن ٿا، انهن کي نٿو وساري سگهي. ڇاڪاڻ تہ اهي واقعا ۽ ڳالهيون، جيڪي مٿس اثر ڇڏين ٿا، انهن جو عڪس مٿس سدائين طاري رهي ٿو. سنڌي ٻوليءَ ۾ شابس هجي، ميرزا قليچ بيگ کي، جنهن سڀ کان پهرين پنهنجي آتم ڪٿا، "سائو پن ۽ ڪارو پنو" لکي.ان ۾ هن جي روزاني ڊائري پڻ شامل آهي. دراصل ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ ڪهاڻي، شعر ڪانسواءِ ٻين موضوعن تي لکڻ جو رواج گهٽ هو. البت ان دور ۾ ڪن اهم شخصن جي حياتيءَ جا احوال ضرور لکيا ويا. ننڍي کنڊ ۾ ادب ۾ تحقيق جو عنصر ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، شاهہ جو رسالو ترتيب ڏيئي شاهہ صاحب جي زندگيءَ جو احوال لکي ڪيو. بعد ۾ محترم جي ايم سيد، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي، پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين راشديءَ ڪجه ٻين جو ڪارنامو آهي، جن پنهنجي حياتي جو احوال لکيو۽ ساڻن گڏ گذاريل شخصن بابت بہ گهڻو مواد فراهم ڪري ويا. مشهور اديب شيخ اياز پنهنجي آتم ڪٿا لکي ويو اها سنڌي ادب جو هڪ شاهڪار ڪتاب آهي. مشهور اديب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي حياتي جو احوال لکيو آهي.

ڪجه وقت کان سنڌ ۾ شاعري، ڪهاڻي جو رجحان خاص طرح هر شاعر ڪهاڻيڪار جي لکڻين جا ڪتاب وڏي تعداد ۾ ڇپجڻ لڳا. اها چڱي ڳالهہ پر محسوس ٿي رهيو هو تہ اسان وٽ سوانح عمري، آتم ڪٿا وغيره. لکڻ جو سلسلو گهڻو ڪري ختم ٿي رهيو آهي. پر هن وقت ڏٺو ويو آهي تہ سنڌ ۾ آتم ڪٿائن لکڻ جو رجحان تيز ٿي ويو آهي. ڪيترا بيوروڪريٽ بہ سنڌيءَ ۾ پنهنجيون آتم ڪٿائون لکي رهيا آهن. دراصل سنڌي ادب ۾ هاڻ تحقيقي ادب، توڙي ماضي قريب واري سياست تي لکڻ ۽ تحقيق جي ضرورت آهي. ۽ خوشيءَ جهڙي ڳالهہ آهي تہ ان موضوع تي هاڻ گهڻو ڪجه سرجي رهيو آهي.

***

گهڻو ڪري سمجهيو ويندو آهي تہ آتم ڪٿائن ۾ لکڻ واري جي ذات ۽ شخصيت جو عمل دخل گهڻو هوندو آهي، جنهن جي ڪري واقعات جو توازن قائم نٿو رهي. ڪنهن حد تائين اهو صحيح بہ آهي، پر تاريخ جو شاگرد ان ڳالهہ جو سولائي سان پتو لڳائي سگهندو آهي. آتم ڪٿائن ۽ يادگيرين جي مطالعي مان هڪ وڏو فائدو اهو هوندو آهي تہ ليکڪ اهڙن واقعات جو ذڪر ڪندو آهي، جن کي ٻيا سوانح لکندڙ يا مورخ غيرضروري سمجهي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن اهي غير اهم واقعات، يعني مسائل جي صحيح تصوير تيار ڪرڻ ۾ ڏاڍا اهم ۽ ضروري ثابت ٿي پوندا آهن. خاص ڪري اها آتم ڪٿا، يادگيريون، ڪنهن اهڙي شخص جون مرتب ڪيل



هجن، جنهن پاڻ مختلف دور ڏٺا، يا انهن جو اکين ڏٺو شاهد هجي، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اهو شاهد ڏٺل واقعات کي ڪيتري ايمانداريءَ سان ٿو ويهي بيان ڪري. مثال طور سنڌ ۾ نائونمل جون يادداشتون، جيڪي هن جي پوٽي آلومل انگريزي ۾ لکيون.

***

آتم ڪٿائون پڙهڻ منهنجي هابي رهي آهي. مون کي منگي صاحب جي آتم ڪٿا پڙهندي زيڊ اي بخاري جي آتم ڪٿا پئي ياد اچي. مرحوم زيڊ اي بخاري، مشهور شخص هو. پاڻ ۽ سندس وڏو ڀاءُ پطرس بخاري، آل انڊيا ريڊيو جا بنيادي معمار هئا. زيڊ اي بخاري پنهنجي آتم ڪٿا "سرگزشت" ڏاڍي پيرائتي انداز ۾ لکي جيڪا ڏاڍي دلچسپ هئي. هو آواز ۽ اُچار جو بادشاهہ هو. محرم ۾ پاڻ ريڊيو ڪراچي تان مرثيو پڙهندو هو.

جيئن مون مٿي ذڪر ڪيو تہ آتم ڪٿائن جا ڪتاب پڙهڻ منهنجي هابيءَ ۾ شامل آهن. پاڪستان جي ٽن اهم بيوروڪريٽس جون آتم ڪٿائون پڙهندي مونکي محسوس ٿيو تہ هنن جو ورتاءُ خصوصي طور تي سنڌي رهنمائن سان تعصب سان ڀريل آهي. انهن ڪتابن ۾ روئيداد خان، م. ب. خالد ۽ سلطان محمد خان شامل آهن. مثال طور روئيداد خان لکي ٿو تہ " جناب ذوالفقار علي ڀٽو وزيراعظم پاڪستان، سوئيزرلينڊ جو دورو ڪري آيو. واپس اچي حڪم جاري ڪيائين تہ سنڌ جي مشهور ڊيڊ ڪينجهر تي جنيوا وانگر هڪ عاليشان ڦوهارو ٺهرايو وڃي. پر اسان ڄاڻي واڻي ان پروجيڪٽ کي مهمل ڪري ڇڏيو. ڇاڪاڻ تہ ڪٿي جنيوا ۽ ڪٿي وري ڪينجهر م. ب. خالد پنهنجي يادگيرين جي ڪتاب " ايوان صدر ۾11 سال" ۾ هڪ سنڌي سياستدان جو ذڪر ڪندي لکيو آهي، تہ غلام محمد گورنر جنرل منڇر ڊيڊ تي شڪار ڪرڻ هليو. جڏهن ٻيڙيءَ مان لهندي بوٽ پائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ان سنڌي سياستدان پنهنجي هٿن سان ڪيس بوٽ پارائي پوءِ ٻئي هٿن جون آڱريون عقيدت طور پنهنجي اکين تي رکيون تہ جيئن غلام محمد گورنر جنرل جي خوشنودي حاصل ڪري سگهجي.

سلطان محمد خان آتم ڪٿا " هڪ سفارتڪار جي سرگزشت" ۾ پڻ وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سان پنهنجي رفاقت جو ذڪر نيڪ نيتي سان نہ ڪيو آهي. جڏهن تہ آتم ڪٿا ۾ ڪوشش ڪجي تہ سچ لکجي نہ تہ اها نہ لکجي. بنيادي طور تي سچ اهوئي هوندو آهي جيڪو انهيءَ دور ۾ چيو وڃي باقي بعد ۾ چيل ڳالهون سچ نہ پر مرثيو ٿي سگهن ٿيون.

***

منگي صاحب جنهن دور ۾ شروعاتي نوڪري ڪئي. اهو وقت سک ۽ سلامتي وارو هو. ماڻهن ۾ ماڻهپو موجود هو. ٻيو تہ ٺهيو پر ان وقت جي ڌاڙيلن بہ حيا ۽ شرم جو دامن نہ ڇڏيو هو. پاڻ لکي ٿو تہ اهو ڀٽي صاحب جو زمانو هو. ميرپور ماٿيلي مان ٻارن کي وٺي هو رتيديري لاءِ نڪتو. شڪارپور ۾ سانجهي ٿي ويس. ڳڙهي ياسين تعلقي ۾ سون واهہ ڪراس ڪندي سندس پويان هڪ جيپ اچي لڳي. ان ۾ ڪي هٿيار بند ماڻهو ٻُٽ ٻڌل ويٺا هئا. اهي هنن کي ڏسي پر مان نڪري ويا. پر هو وڃي خيرسان ڳوٺ پهتا. بعد ۾ ٽن ڏينهن بعد سندس مامي ٻڌايس تہ ٻي جيپ ۾ مشهور ڌاڙيل ميهر شاهہ هو جيڪو نياپو ڏيئي ويو آهي تہ ادا کي چئو تہ اهڙي بيگاهہ وقت ٻاهر نہ نڪرندو ڪري! ميهر شاهہ ان وقت مشهور ڌاڙيل هو.اهو تر جي هڪ چڱي مڙس جو فرزند هو. منگي صاحب سان گڏ اسڪول ۾

Gul Hayat Institute

ٿر ۾ رهي ڪيس ٿر جي ريتن رسمن جي به ڄاڻ پئجي وڃي ٿي، تڏهن ته لکيو اٿس ته ٿر ۾ جيڪڏهن ڪنهن عورت کي ٻانهن ۾ ٺونٺ کان هيٺ ۽ مٿي چوڙا هجن، ته اها مائي پرڻيل هوندي.

***

منگي صاحب، پنهنجي آتم ڪٿا ۾ ڪيترن ساٿي ڪامورن جو ذڪر محبت سان ڪيو آهي. مثال طور رشيد عباسي، جيڪو اڄ هن جهان ۾ موجود نه آهي. پر سندس فضيلت ڪلمڪ طبيعت ڪڏهن به وسرڻ جوڳي ڪونهي. منهنجي ساڻس ويجهڙائپ هئي. جڏهن لاڙڪاڻي جو ڊپٽي ڪمشنر هو ته 1983ع ۾ سندس ئي مهرباني سان، آئون ڪونج رسالي جي ايڊيٽر دوست هري موٽواڻي کي لاڙڪاڻي وٺي ويو هوس. تڏهن موهن جي دڙي ريسٽ هائوس تي اسان جي رهائش جو بندوبست عباسي صاحب ڪيو هو. سندس وڏي ڀاءُ سان گڏ ڪراچي حيدرآباد سپر هاءِ وي تي ڪار جي ايڪسيڊنٽ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. ساڳئي وقت قلي بخش رند، جيڪو سنڌ جو چيف سيڪريٽري پڻ ٿيو يا وري امتياز قاضي جيڪو حيدرآباد جو ڪمشنر به ٿيو جو ذڪر هن دل سان ڪيو آهي.

***

هڪ بيوروڪريٽ جي حيثيت سان ماڻهو مختلف هنڌن تي نوڪري ڪري ٿو. منگي صاحب به پنهنجي ڪٿا ۾ انهن ضلعن جو ذڪر ڪيو آهي- 1983ع ٺٽي ۾ اڳوڻي آمر جنرل ضياءُالحق جي ٺٽي سرڪٽ هائوس ۾ ماني جو بندوبست هو. دادوءَ ۾ ضياءَ سان اڳي ئي ماڻهن جٺ ڪئي هئي، جنهن ڪانپوءِ جڏهن شام جو حيدرآباد آيو عبرت، آفتاب، ۽ سنڌ نيوز جي ايڊيٽرن کي سرڪٽ هائوس ۾ سڏايو هئائين. قاضي عبدالمجيد عابد، شيخ علي محمد، ۽ آئون سرڪٽ هائوس پهتاسين، ته پاڻ اڃا نه پهتو هو. پر جيئن آيو ته ان وقت ڏاڍو تتل هو. ايندي شرط قاضي عابد صاحب، ڏي منهن ڪري چيائين" توهان جي ڪري هي سڀ ڪجهه ٿيو آهي.! " ائين چئي پاڻ اندر هليو ويو. اها ڳاله هن چو چئي ته بعد ۾ خبر پئي ته دادوءَ ۾ صدر صاحب سان ماڻهن اهڙو ڪم ڪيو جو هو پنهنجي ڪاوڙ نه روڪي سگهيو.

جڏهن ضياءُالحق ٺٽي پهچي ٿو ته ان وقت ڊي سي قلي بخش رند، ۽ ايس ڊي ايم منگي صاحب هئا. صدر صاحب جي ماني جو انتظام سندس حوالي هو. ضيا جي ماني اغوا ٿيڻ جي ڊپ کان ماني جون ديڳيون پوليس وين ۾ وجهي سرڪٽ هائوس آنديون ويون.

جنرل ضيا ٺٽي شهر کان پر پرو مڪلي هل تي ٺهيل عوامي احتجاج ڏسڻ کان بچي ويو. سچ پچ ته هڪ بيوروڪريٽ جي حيثيت سان ماڻهوکي ڪيترا اٿونڊڙ ڪم به ڪرڻا پون ٿا. جيئن پاڻ ذڪر ڪري ٿو، ته اهو ڪيڏو نه مشڪل وقت هو جڏهن مارشلا اختيار وٽان حڪم آيو ته ميرپور ٻٺوروي جي مشهور سياسي شخصيت ۽ فرنٽ ليڊر اعجاز علي خواجه کي گرفتاري جو حڪم آيو ۽ پاڻ پوليس آفيسر سان گڏجي، اعجاز خواجه کي گرفتار ڪرڻ لاءِ هن جي گهر وڃن ٿا. پر اعجاز هڪ بردبار سياسي شخص وانگر گرفتاري ڏيئي ٿو.

سچ پچ ته نوڪري ائين ئي ڏکي هوندي آهي.ضياءُالحق جي مارشل لا جو دور ان لحاظ کان تمام ڏکيو هو. سنڌي اخبارن لاءِ به مشڪلاتون هيون، ته انتظاميه ۾ به پئي ڏکندي هئي. منگي صاحب جي ٽنڊي الهيار وارو سندس اسسٽنٽ ڪمشنري وارو دور به ياد اٿم. آئون ان وقت عبرت گروپ ۾ ڪم ڪندو هيس. قاضي عبدالمجيد عابد صاحب، گورنر جهانداد خان جي صوبائي وزارت



۾ مير علي احمد خان ٽالپر به ضيا جو دبنگ ڊفينس منسٽر هو. ٽنڊي الهيار واري قومي اسيمبلي جي سيٽ تي مير علي احمد خان ٽالپر بيهڻ جو اعلان ڪيو. قاضي عابد سندن ايم اين اي لاءِ نه پر حيدرآباد تعلقي واري صوبائي سيٽ تان بيهڻ جو ارادو ڏيکاريو. قاضي عابد صاحب، مون کي سڏي چيو " توهان جي وڏي ڀاءُ سان مير صاحبن جا شخصي تعلقات رهيا آهن، توهان مير صاحب وٽ وڃو ۽ منهنجي لاءِ هن کان ملاقات جو ٽائيم وٺي اچو. مير صاحب علي احمد خان حيدرآباد آيل هو. آئون وٽس هليو ويس. ۽ کيس قاضي صاحب جي خواهش ٻڌائي. هن چيو قاضي صاحب مون وٽ چو ٿو اچي،اهو ته مون کي معلوم آهي. بهرحال مون وٽ هلي ايندو ته مون کي مجبور ٿي سندس ڳالهه مڃڻي پوندي، ان ڪري توهان هن کي چئو ته آئون توهان وٽ صبح جو هلي ايندس.!" مون اها ڳالهه اچي، قاضي صاحب کي ٻڌائي. هوڏاڍو خوش ٿيو. يڪدم سندس وڏي پٽ قاضي افضل عابد، جي ڊفينس حيدرآباد واري بنگلي تي مير صاحب جي بريڪ فاسٽ جو بندوبست ڪرايو ۽ مون کي تاڪيد ڪيائين، ته مير صاحب کي فون ڪري چئو ته صبح جو بريڪ فاسٽ مون وٽ اچي ڪري. ٻئي ڏينهن صبح جو 9 وڳي مير صاحب پنهنجي سرڪاري اٽالي ۽ پنهنجي سيڪريٽري ڪرنل يوسف سان اچي قاضي افضل جي بنگلي تي پهتو. اندر ڊرائينگ روم ۾ سندن ڳالهه ٻولهه ٿي. قاضي افضل عابد،( الله سائين کيس وڏي حياتي ڏي، اڃا حيات آهي.) ۽ آئون اتي موجود هئاسين. قاضي صاحب پنهنجو مسئلو کيس ٻڌايو ته توهين ايم اين اي تي بيهو، آئون هيٺ ايم پي اي جي سيٽ تي بيهڻ ٿو چاهيان!ان سيٽ تي مير صاحب جو ڀائيٽو ۽ مير رسول بخش ٽالپر جو پٽ مير رفيق ٽالپر کي بيهڻو هو. بهرحال مير صاحب کيس چيو " آئون اوهانکي ڪجهه ويچار ڪرڻ بعد جواب ڏيندس.!"

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ وري قاضي صاحب مون کي مير صاحب ڏي موڪليو. وٽس شيخ علي محمد ايڊيٽر روزاني آفتاب پڻ ويٺل هو. مير صاحب چيو" سرڪار ڳالهه سڌي آهي. مير رفيق ٽالپر ان ايم پي اي جي سيٽ تان ايم پي اي جو اميدوار آهي. ان ڪري مير صاحب اتان بيهندو. ۽ آئون اڳي ئي ايم اين اي سيٽ جو اميدوار آهيان. اوهين پلي قاضي صاحب کي اهو وڃي نياپو ڏيو!"آئون اهو نياپو کڻي، يڪدم قاضي عابد جي سول لائين حيدرآباد واري بنگلي تي موجود ڪاوش اخبار جي آفيس پرسانپهتس. پاڻ منهنجي انتظار ۾ ويٺو هو.ڳالهه سڄي سربستي ڪري کيس ٻڌايم. پاڻ ڪاوڙجي پيو. منهنجي ويٺي گورنر جهانداد کي فون ڪري ڪائنس ٻئي ڏينهن جو ٽائيم ورتائين، ۽ان وقت ئي ڪراچي روانو ٿي ويو. پوءِ ڪراچي مان ئي اچي ايم اين اي جي سيٽ تي مير علي احمد ٽالپر سان مقابلو ڪرڻ جو اعلان ڪيائين. ساڳئي وقت هن ايم پي اي جي سيٽ تي مير رفيق ٽالپر جي سامهون حاجي راول خان پهوڙ کي بيهاري ڇڏيو.

بس پوءِ ته بقول منگي صاحب جي ته " پير تي ڏونڪو وڳو ۽ ڌمال شروع ٿي ۽ سياسي ناچوئن ناچ شروع ڪيو."

تعجب انگيز ڳالهه اها هئي ته ان وقت حيدرآباد تعلقي جو اسسٽنٽ ڪمشنر عبدالجبار عباسي ۽ ٽنڊي الهيار جو ايس ڊي ايم عبدالقادر منگي ٻئي منهنجا شخصي دوست هئا. هوڏانهن آئون ڇاڪاڻ ته عبرت گروپ ۾ ڪم ڪندو هوس، ان ڪري قاضي صاحب جي اليڪشن مهم جي خبر هوندي هئي. 28 فيبروري 1985ع تي سڄي ملڪ ۾ غير جماعتي چونڊون ٿيون. مير علي احمد

Gul Hayat Institute

خان ٽالپر، ۽ سندس ڀائيٽو مير رفيق ٽالپر ٻئي قاضي عبدالمجيد عابد ۽ حاجي راول خان پهوڙ جي مقابلي ۾ هارائجي ويا.

منگي صاحب ان تاريخي مُعرڪي يعني اليڪشن جي حوالي سان قاضي عابد صاحب جي ڪارڪي آرمي طرفان پڪڙڻ جو ذڪر ڪيو آهي. منگي صاحب موجب ڪيس خبر پئي ته ان گاڏيءَ ۾ نوٽن جون پيٽيون ۽ ڏگيءَ ۾ مير علي احمد خان ٽالپر جون قابل اعتراض تصويرون به هيون ۽ گرفتار ٿيندڙ شخص قاضي سعيد اڪبر هو.

اهو قصو تفصيل سان منگي صاحب پنهنجي آتم ڪٿا ۾ بيان ڪيو آهي. قاضي سعيد اڪبر اڄ هن جهان ۾ ڪونهي. پر اها خبر اٿم ته قاضي سعيد، پنهنجي چاچي قاضي عابد صاحب تي اصل فدا هوندو هو. اسان کي قاضي سعيد جي گرفتاريءَ جي خبر بعد ۾ پئي،بقول منگي صاحب جي برگيڊيئر صاحب، مٿي بالا عملدار صاحب سان ڳالهايو ۽ آخر ڪار قاضي سعيد کي، ان ڪار سميت جنهن ۾ فوٽا پيل هئا.، آزاد ڪيو ويو.

منگي صاحب لکي ٿو ته ڪيس اڄا تائين اها حسرت آهي ته ان موٽر ڪار ۾ مير صاحب جا اُهي چٽ پٽا فوٽو ڏسڻ کان هو ۽ ڊي ايس پي جهان شاهه محروم رهجي ويا.

سو منگي صاحب جي اها حسرت هنن لفظن ۾ ٿو پوري ڪريان. ” اصل ٿيو ائين ته قومي اسيمبليءَ جي ان چونڊ مهم ۾ برابر قاضي صاحب جي ڪيمپ طرفان هڪ فوٽو ورهايو پئي ويو. ان فوٽوءَ جي هڪ جهلڪ مون به ڏٺي. بلڪ ڪجهه وقت تائين اهو فوٽو مون وٽ به پيل هو. جنهن فوٽوءَ جو منگي صاحب ذڪر ڪري پيو. ان فوٽوءَ ۾ مير علي احمد خان ٽالپر، ڪنهن فيملي دعوت ۾ وينو آهي، دعوت شايد نيوايئر يا ڪنهن جي سالگرهه جي هئي. باقي فوٽوءَ ۾ عورتون ست اٺ ڪن هيون. مون کي تجسس رهيو ته اهو فوٽو ڪٿان جو نڪتل آهي. بعد ۾ خبر پئي ته اها تصوير، مير صاحب جي هڪ ڄاڻ سڃاڻ واري عورت جي بنگلي ۾ نيو ايئر نائيٽ وري تقريب جي آهي. ۽ اهو فوٽو ان وقت قاضي صاحب کي ڪنهن شخص پهچايو هو. مير علي احمد خان ٽالپر جي هارائڻ کان پوءِ منهنجي ساڻس پارسي ڪالوني واري بنگلي تي سيپٽمبر 1985ع ۾ ملاقات ٿي هئي. آئون ڪيس پنهنجي وڏي ڀاءُ ممتاز علي قريشي جي ورسيءَ جو ڪارڊ ڏيڻ ويو هوس. پاڻ پنهنجي بنگلي جي آڳنڌ ۾ چمپا جي وڻ هيٺان ويٺو هو. جنگ جو عيوضي هن کان انٽرويو وٺي رهيو هو. جڏهن مير صاحب کان صحافي پڇيو ته اوهان جو جنرل ضياءُالحق بابت ڪهڙو خيال آهي، ته مير صاحب اڙدو جو هي شعر پڙهيو هو:

هم تو زخمي هوئي خير هوئي
عشق ۾ جان چلي جاتي هي

۽ پوءِ جنگ جو عيوضي جڏهن اتان اٿي ويو، ته منهنجي لاءِ ڪافي گهرائي هٿائين، ۽ ان ۾ ماکي ملائي مون کي ڏنائين.انهيءَ آخري ڪچهريءَ ۾ جڏهن مون ان تصوير جو ذڪر ڪيو ته کلي چوڻ لڳو،”سرڪار اهو فوٽو گهريلو فوٽو هو. ۽ فلاڻي صاحب جي زال به ان فوٽوءَ ۾ ويٺي آهي. پر هن مائي جي ڏير وڃي اهو فوٽو قاضي صاحب جي حوالي ڪيو. بس سرڪار ڇا ڪجي؟ خدا جي پناهه آهي، هنن ماڻهن کان.!“



منگي صاحب هڪ دلڪش، ۽ ايماندار ماڻهو آهي. انتهائي مٺاج واري طبيعت اٿس. گلاب جي گلن جو شوقين رهيو آهي. گلن ۽ وڻن پوکڻ جي به عادت اٿس. اها ڳالهه هڪ چڱي ماڻهوءَ جي اعليٰ طبيعت جي نشاني آهي. ٽنڊي الهيار جي ايس ڊي ايم واري نوڪريءَ کان وٺي جتي به ويو، اتي گلن پوکڻ جي اها عادت برقرار رکيائين. نوڪريءَ دوران ساڻس هڪ دهشت ناڪ واقعو به ٿيو.اها ڳالهه ڊسمبر 1985ع جي آهي، ٽنڊي آدم واري روڊ تان ٽنڊي الهيار وڃي رهيو هو. ان مهل جيپ ۾ سراج الحق ميمڻ جو ڪتاب ” انون ماڻهو“ پڙهيائين پئي، ته مين روڊ تان ڌاڙيل نورو ماڇي وارا ڪيس اغوا ڪري ويا. بهرحال ڪيس ڀڄا ڳاڇا ڪري، ڇڏي ڏنائون.

اهو واقعو هن بيان ڪندي هن ٻڌايو آهي ته ڪچي ۾ ڇڏڻ وقت هڪ ڌاڙيل سندس تلاشي ورتي، ته وٽس ڪيسي ۾ پئسا نه هئا. جيڪا ڳالهه ضرور ڌاڙيل صاحب کي محسوس ٿي هوندي. ان دور ۾ توڙي اڄ هڪ ايس ڊي ايم اغوا ٿئي ته اها تمام گهڻو اهم واقعو ٿي وڃي ٿو. منگي صاحب پنهنجي آتم ڪٿا ۾ ننڍي کان ننڍين ڳالهين جو به ذڪر ڪيو آهي. مثال طور ان وقت جي چيف منسٽر سيد غوث علي شاهه جو چوڻ هو ته جڏهن ٽوئر تي اچي، ته سندس باٿ روم ۾ صابڻ جون به چڪيون پيل هجن. ۽ ضياءُالحق مرحوم جي اي ڊي سي جي تاڪيد موجب هن لاءِ باٿ روم ۾ سرنهن جو تيل ضرور رکيو ويندو هو. يا وري ڪن بيوروڪريٽس جو ذڪر ڪندي هو ٻڌائي ٿو ته اسلم سنجراڻي حيدرآباد جي ڪمشنريءَ واري دور ۾ ڪمشنر هائوس ۾ هڪ سوئمنگ پول ٺهرايو. سچ پچ ته اهي ڳالهيون پڙهي ماڻهو اچرج ۾ به ٿو اچي وڃي. مثال طور هڪ ڪمشنر صاحب فقط پنهنجي دلپسنديءَ لاءِ ڪمشنر هائوس ۾ سوئمنگ پول ٿو ٺهرائي. پر ماڻهن کي ان مان ڪهڙو فائدو پهتو؟ ماڻهو ڪم اهو ڪري وڃي، جنهن سان عام جي ڀلائي ممڪن ٿي سگهي. جيئن اڄ منگي صاحب کي ٿرپارڪر، ٽنڊي الهيار، گهاري، ۽ لاڙڪاڻي جا ماڻهو ياد ڪن ٿا.

منگي صاحب هن ڪتاب ۾ فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جي ڊائري جو به ذڪر ڪيو آهي. اها ڊائري واقعي ڏاڍي دلچسپ آهي. ان ۾ سنڌ جي دوري دوران ايوب خان جي ڪيل شڪارن جو تفصيلي ذڪر آهي. مثال طور هڪ هنڌ لکي ٿو ته سنڌ جي دوري دوران هڪ چيئرمين ضلعي ڪائونسل تقرير ڪندي ڪيس گذارش ڪئي، ته پاڪستان ۾ توهين تاحيات صدر ٿي وڃو!

اهو احوال اسان کي انهن ذاتي ڊائرين ۽ آتم ڪٿائن مان ئي ملي سگهي ٿو. آتم ڪٿا ۾ منگي صاحب جي ڊي سي خيرپور دوران پيش آيل واقعا به ڏاڍا دلچسپ آهن. خيرپور ۾ رهندي سيد قائم علي شاهه، موجوده پير صاحب پاڳارو عرف راجه سائين، ممتاز علي خان ڀٽو وغيره سان هن جا ويجها ناتا قائم ٿيا. پر جڏهن سندس تعلق وارو ممتاز ڀٽو صاحب نگران وزير اعليٰ ٿيو ته هن منگي صاحب جي بدلي ڪئي. پاڻ ٻڌائي ٿو ته ان جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو ته هن بطور ڊپٽي ڪمشنر خيرپور، سندس هڪ ڪم نه ڪيو هئائين. پر ممتاز صاحب وري ڪيس سڏائي، ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو به مقرر ڪيو. سو اهي هوندا آهن، اسان جي سياستدانن جا طور طريقا. يقينن اهو ڏکيو دور هو. مير مرتضيٰ ڀٽو ڪراچي ۾ شهادت واري افسوسناڪ واقعي بعد شهيد محترمه بي نظير ڀٽو جي حڪومت کي سبڪدوش ڪيو ويو هو. وڏي ڳالهه ته 5 جنوري 1997ع تي شهيد ڀٽو جي سالگرهه جي موقعي تي محترمه لاڙڪاڻي پهتي ته منگي صاحب ڊي سي هوندي به سرڪاري لينڊ ڪروز محترمه شهيد لاءِ پوليس گرائونڊ لاڙڪاڻي تي ڏياري موڪلي.

منگي صاحب جنهن دليريءَ سان لاڙڪاڻي ۾ سياسي ماڻهن کي منهن ڏنو، ان مان سندس اندر جي دليري ظاهر ٿئي ٿي. ان وقت محترمه غنويٰ ڀٽو سان لاڙڪاڻي ۾ وچي ملاقات ڪرڻ کان انڪار يا وري سبڪ مجيد جي ڌڙڪن ۽ دهمانن ۾ نه اچڻ. هڪ باهمت ماڻهو جي همت جو اظهار آهي- ساڳئي وقت نگران وزير اعليٰ ممتاز ڀٽو جي انتظامي صلاحيت جو اظهار سبڪ مجيد کي اهو جواب پڻ آهي ته ” ڊپٽي ڪمشنر ڪنهن جو به ڪمدار ڪونهي. جنهن کي به ڪا شڪايت آهي ته اهو وڃي ڊي سي آفيس ۾ ڪيس چوي“

يا وري اهم ڳالهه ته ممتاز ڀٽو نگران وزير اعليٰ هوندي هڪ پيرو به ڊي سي لاڙڪاڻي عبدالقادر منگي سان اليڪشن متعلق ڊسڪس نه ڪيو جنهن اليڪشن ۾ يعني 3 فيبروري 1997ع تي نگران وزير اعليٰ جو پٽ امير بخش خان ڀٽو اياز سومرو کان فقط ٽن سون ووٽن تي هارائي ويو.

منگي صاحب جي آتم ڪٿا، هر طرح سان دلچسپ ۽ دلڪش آهي. ۽ سنڌي ادب ۾ آتم ڪٿائن جي ياڳي ۾ هڪ اهم جاءِ والاريندي. مون کي اها پڙهندي مٿس لکيل منهنجي هيءَ تحرير ياد اچي ويئي:

ڪو وقت هو انگريز آفيسر سنڌي ٻولي ۽ سنڌ جا ڏاڍا مداح هوندا هئا. ميرن جي صاحبي فيبروري 1843ع ۾ وڃڻ کان پوءِ واقعي انگريزن سنڌي ٻولي کي اوج وٺرايو. سڀ کان پهريون ته سر چارلس نيپيئر سنڌ جو گورنر ٿيڻ شرط فارسي کي دفترن مان نيڪالي ڏيئي ڇڏي پوءِ فارسي جي جاءِ تي سنڌي ٻوليءَ کي فارسي جي جاءِ تي سرڪاري آفيس ۾ رائج ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيائين. بعد ۾ خدا ڀلو ڪري، سر بارٽل فريئر جو پاڻ 1851ع ۾ سنڌ جو ڪمشنر ٿي آيو.هن ايندي شرط پنهنجي اسسٽنٽ ڪمشنر مسٽر ايليس کي سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي سڌارڻ جو حڪم جاري ڪيو.هن هڪ ڪميٽي ناهي، ڪميٽيءَ ۾ ديوان ننديرام مير چنداڻي، ديوان پريداس، راءِ بهادر جڳنناٿ، ۽ خانبهادر مرزا صادق علي (مرزا مخلص بيگ جو پٽ) جهڙا عالم شامل هئا. فريئر صاحب جي ڪوشش سان شمس العلماءِ مرزا مخلص بيگ سنڌ جي پهرئين ليٿو گراف پريس ڪراچي قائم ڪئي. اتان مشهور فارسي اخبار مفرج القلوب ۽ مطلع خورشيد (سنڌي ۽ فارسي) نڪرنديون هيون. بعد ۾ پهرين سنڌي اخبار سنڌ سڌار به انگريز سرڪار 1866ع ۾ جاري ڪئي. پر ان کان اڳ فريئر صاحب جي ڪوشش سان 1854ع ۾ سنڌي زبان جي 52 اکرن جو عربي رسم الخط نهي راس ٿيو. 1858ع ۾ ارنيسٽ ٽرمپ جو پهريون سنڌي ريڊنگ بوڪ لنڊن مان شايع ٿيو هو. 1866ع ۾ فريئر جي مالي مدد سان ٽرمپ جو شاهه جو رسالو جرمني جي شهر لبزڪ مان ڇپرائي آيو هو. 29 آگسٽ 1857ع ۾ هڪ ساڳيو ڏينهن آهي. هن تاريخ تي سنڌ جي ڪمشنر سربارٽل فريئر پنهنجي دربار مان حڪمنامو جاري ڪيو. ان ۾ لکيل هو ته آئنده هر سرڪاري لک پڙهه فقط سنڌي ۾ ڪئي ويندي.

تنهن کان سواءِ انگريز آفيسرن جهڙوڪ جارج اسٽيڪ، ڪيپٽن ايسٽيوڪ، جيمس برنس، ميجر آئوٽرام، ڪيپٽن اسٽينلي ريڪس، وليم نيپيئر، اليگزينڊر برنس، ۽ رچرڊ برٽن به پنهنجي جاءِ تي سنڌ بابت لکڻ ۾ پاڻ ملهايو. پر سر رچرڊ برٽن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟ عجيب ماڻهو هو. هن سنڌ بابت ڪيترائي ڪتاب لکيا. سندس نگاهه ڏورس ۽ دوربينيءَ جهڙي



هئي. سنڌ بابت علمي ۽ ادبي شوق ڪيترن تي انگريز آفيسرن ۾ هوندو هو. رچرڊ برٽن جا ڪتاب ته پڙهندي ته من ٿو ونجي وڃي.

اهو مون ڪيترن سنڌي آفيسرن ۾ به ورهاڱي کان پوءِ قائم رهيو. ڪيترا ڪليڪٽر جهڙوڪ سائين مدد علي شاهه، عبدالله چنا، آغا عبدالنبي، الله بخش عقيلي، قاضي سچيڏني، نون صاحب به موجود هو.ڪهڙي سندن ڳالهه ڪجي، سنڌ جي علم ۽ ادب سان ڪين چاهه هوندو هو. سائين الله بخش نظاماڻي، آغا تاج محمد مرحوم ڪليڪٽر ته ڪو نه هئا. تعليم کاتي ۾ نوڪري هوندي هئن. پر اهي ٻئي به شاهه عبدالطيف ڀٽائي جي هر ميلي توڙي ڀٽ شاهه ڪلچرل ڪميٽيءَ سان سلهاڙيل رهيا. رٽائرمينٽ کان پوءِ عبدالله چنا مرحوم به ڀٽ شاهه ڪميٽي لاءِ ڪم ڪندو رهيو. شاهه صاحب بابت ڪانفرنسون ڪرائڻ سندن اعليٰ خدمتن ۾ شامل آهي، سنڌ جو وزير اعليٰ پيرزادو عبدالستار مرحوم ته سنڌي راڳ جو عاشق هو. سيد ميران محمد شاهه ۽ سائين جي ايم سيد، شاهه عبدالطيف ڀٽائي جي ميلي جي شروعاتي بانين مان رهيا آهن. ميران محمد شاهه مرحوم 1958ع ۾ مارشل لا اچڻ کان پوءِ ڪنڊائتو ٿي ويو. پر ڀٽ شاهه ڪلچرل سينٽر ٺهرائڻ ۾ سيد ميران محمد شاهه، سائين جي ايم سيد، ۽ پيرزادو عبدالستار جا نالا ڪڏهن به وساري نٿا سگهجن. اهو شروعاتي دور هو. شاهه جي ميلي کي زور وٺرائڻ ۾ انهن سان گڏ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جو به وڏو هٿ هو. اڄ سندن پوڪيل ٻوٽو وڏو وڻ ٿي ويو آهي.

سو ڳالهه پئي هلي سنڌي آفيسرن ۾ سنڌي ادب لاءِ پاڻ پتوڙڻ جي، ته انهيءَ لسٽ ۾ وري اسان دوست، عبدالقادر منگيءَ جو نالو به ڪنهن طرح سان هرگز پوئتي ڪونهي. سندس همعصر ۽ ڪجهه سينيئر بيوروڪريٽس ۾ محمد هاشم ميمڻ، نوراحمد شاهه، حميد آخوند، سيد محب الله شاهه، عبدالله جي ميمڻ، مظهرالحق صديقي، غلام محمد ميمڻ، قُلي بخش رند، امتياز حسين قاضي، عبدالغفار سومرو، آغا شهاب به اچي وڃن ٿا. انهن به سنڌي ادب، ڪلچر، ۽ ٻولي لاءِ گهڻو ڪجهه ڪيو آهي. هاڻوڪن آفيسرن ۾ وري اڪبر لغاري، شفيق مهيسر، قاضي شاهد پرويز، سليم رضا ڪيڙو، منظور قناصرو، اعجازميڻ به پنهنجي طور تي اهو سلسلو جاري رکيو پيا اچن.

عبدالقادر منگي ته ٿرپارڪر ۾ اچا به ماڻهن کي ياد ٻينو آهي، ٿني جا ماڻهو ڪيس سدائين ڀيا ساريندا آهن. آئون جيڪڏهن وساريان ٿو ته ياءُ عبدالقادر منگي، پهريون ڀيرو ڀنڀور سيمينار 1983ع ۾ منعقد ڪرايو هو. تڏهن پاڻ گهاري جو اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ضلعي ٺٽي جو ڊپٽي ڪمشنر وري قلي بخش رند هو. رند صاحب، پاڻ هڪ علمي ۽ ادبي ذوق رکندو هو. مون کي ياد آهي ته 1972ع ڌاري جڏهن پاڻ سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهندو هو ته يونيورسٽيءَ جي سينٽرل ڪينٽين ۾ شاهه عبدالطيف لائبريري قائم ڪئي هئائين. اتي شاگردن کي ڪتاب پڙهائيندي ڏسيڏاڍو خوش ٿيندو هو. اهو ئي شوق ۽ جذبو رند صاحب کي ڪجهه وقت نوڪري دوران به رهيو. پر منگي صاحب ان شوق ۾ سيني کان زور رهيو. هن 10 اپريل 1983ع تي ڀنڀور جي ڀڙپانگ ماڳ ۾ ميلو مچائي ڇڏيو. سيمينار ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، جي ايم مهڪري، ڊاڪٽر رياض الاسلام، ڊاڪٽر ايف اي خان، حڪيم محمد سعيد، ڊاڪٽر لوئي فيم، ڊاڪٽر حميده کهڙو، بيگم ممتاز اڪبر راشدي، ميڊم امينه خميساڻي، حيدرآباد جو ڪمشنر عبدالله جي ميمڻ ، ايم ايڇ پنهور، علي احمد بروهي، مظهر يوسف، مهتاب راشدي، مير محمد بخش ٽالپر، غلام رباني آگرو، عزيز جعفراڻي،

Gul Hayat Institute

عبدالله ورياھ، سراج الحق ميمڻ، حسين شاھ راشدي، حميد آخوند، تاج سحرائي، جهڙن عالمن اچي شرڪت ڪئي هئي.

پنيور سيمينار جي اهم ڳالھ تہ هن پنيور جي کوٽائي واري سرواڻ ڊاڪٽر ايف اي خان جي سيمينار ۾ شرڪت هئي. موهن جي دڙي جي سرجان مارشل ڊسڪور ڪري 1922ع ۾ ان جي کوٽائي پنهنجي ساٿين راءِ بهادر ڏيارام، گوپال مجمدار ۽ ڊاڪٽر اين جي مئڪيءَ سان گڏ ٻيهي ڪرائي هئي. هو صاحب پنهنجي حياتيءَ ۾ وري ڪڏهن موهن جي دڙي کي نہ ڏسي سگهيو. نہ وري سندس حياتيءَ ۾ موهن جي دڙي تي ڪو سيمينار ٿيو. پر پاڪستان آرڪيالاجيڪل ڊپارٽمينٽ جو اڳوڻو ڊي جي محترم ايف اي خان خوش قسمت هو. هن پنهنجي اکين آڏو پنيور جي کوٽائي ڪرائي هئي. هن پنيور جي کوٽائي واري ڪم جي شروعات 1958ع کان شروع ڪرائي هئي. پنيور بابت 23 مارچ 1959ع جي روزاني ڊان ۾ پنيور بابت پهرين خبر شايع ٿي هئي. ان خبر ۾ چيل هو تہ پنيور جي کوٽائي مان خليفي هشام بن عبدالملڪ جو سڪو لڌو ويو آهي. انهيءَ کوٽائي وقت سڪي هٿ اچڻ کان پوءِ جهڙوڪر ثابتي ٿي هئي، تہ پنيور جي قدامت ڪيڏي نہ پراڻي آهي.

ساڳئي پنيور تي ٿيندڙ پهريون عاليشان سيمينار کوٽائي جي 24 ورهين کان پوءِ ٿيو. اهو واقعو ڊاڪٽر خان لاءِ وڏو اهم هو. ان سيمينار ۾ ڊاڪٽر خان بہ پنهنجو مقالو پڙهيو. پنهنجي اکين سان ڊسڪوري آف پنيور کي ڏسي خوش ٿيو هو. سيمينار ۾ عالماڻيون تقريرون ۽ مقالا ٻُڌي، هن کي اطمينان ٿيو هو پيلا هڪ اسڪالر ۽ هڪ آرڪيالاجسٽ لاءِ ان کان وڏيڪ ٻيو ڪهڙو ٿي انعام ٿي سگهيو. مون کي ياد آهي تہ سال 1990ع ۾ منهنجي ڊاڪٽر ايف اي خان سان ملاقات ڪراچي ۾ ٿي هئي. پاڻ تڏهن پي اي سي ايچ ايس جي بنگلي نمرب 58_2 ايل ۾ رهندو هو. بنھ جهور ٿي ويو هو. تڏهن آئون روزاني هلال پاڪستان ڪراچي جو چيف ايڊيٽر هوس. پنيور بابت ڪا معلومات وٺڻ لاءِ وٽس ويو هوس. جڏهن پنيور سيمينار جي ڳالھ نڪتي تہ ڏاڍو خوش پئي ٿيو.

عبدالقادر منگي ۾ ڏاڍي سني عادت آهي، هو صاحب هر سيمينار ۾ پڙهيل مقالا گڏ ڪري رکندو آهي، بعد ۾ انهن مقالن کي ڪتابن شڪل ۾ ڇپائيندو آهي. پنيور سيمينار جا مقالا بہ ڪتابي شڪل ۾ 1986ع ۾ ڇپرايا هئائين.

منگي صاحب، پنيور سيمينار کان پوءِ ماٺ ڪري نہ ويٺو. 1985ع ۾ ٽنڊي الهيار جو اسسٽنٽ ڪمشنر ٿيو. ان وقت هن وتائي فقير تي هڪڙو سيمينار ڪرائڻ جو اعلان ڪيو. اها سندس وڏي همت هئي، وتائي فقير تي تحقيق مقالا لکرائي هٿي وچي هنڌ ڪيائين. مقصد تہ اتي بہ هن پنهنجي ادبي شوق ۽ چاهت کي ڪنهن بہ طرح سان ختم نہ ڪيو. بلڪ انهيءَ ڳالھ کي اڳت وڌائيندو رهيو. تان جو وچي 1991ع ۾ ٿرپارڪر جا وڻ وسايائين. اپريل 1990ع ۾ ٿر ضلعي جي شڪل اختيار ڪري چڪو هو. هن صاحب بہ اچي ٿر ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر جو عهدو سنڀاليو. ٿر جهڙي علائقي ۾ بہ هو چپ ڪري نہ ويٺو. بلڪ اڪتوبر 1992ع ۾ ٿر سيمينار ڪرائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. سچ پچ تہ ٿر جي هيڊ ڪوارٽر مٺيءَ ۾ سيمينار ڪرائڻ ڪا سولي ڳالھ بنھ نہ هئي. هڪ تہ مٺي شهر پري پيو پنڌ اٽانگو ۽ مٺي ۾ مهمانن لاءِ سهوليتن جي اٽاٽ، پر هڪ سٺي منتظم اعليٰ ۽ پنهنجي سڀاجهي طبيعت جي ڪري اهو سيمينار بہ ڪرائي ڏيکاريو.هن سيمينار ۾ بہ هن ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر نبي



بخش بلوچ، ڊاڪٽر نواز علي شوق، عبدالقادر جوڻيجو ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، بدر ابڙي، غلام محمد لاکي، بشير احمد لغاري، تاجل بيوس، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر، اعجاز قريشي، سلطانہ وقاصي، نسيم شيخ، هدايت پريم، ڊاڪٽر بشير احمد شاھ، عبدالله ورياھ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، ۽ ٻين چڱن چوکن سڏائي ورتو. جڻ ريگستان ۾ منگل ٿي ويو. مٺي جي پٿن بہ پنهنجي ڌرتي جي عظمت کي ٻڌو ٿر جهڙي پنتي پيل علائقي جو ذڪر جيڪڏهن ڪنهن پهرئين انگريز آفيسر پنهنجي ڪتاب ۾ آندو تہ اهو هو ڪرنل جيمس ٽاڊ هو.

سندس ڪتاب Annais and Antiquities of Rajistan on the Central and Western Notes of India آهي. اهو ڪتاب سال 1829ع ۾ ڇپيو هو. پر ٿر تي انگريزيءَ ۾ پهريون ڪتاب لکندڙ ڪيپٽن اسٽينلي ريڪس هو. هن اهو ڪتاب ميمسائرز آف ٿر اينڊ پارڪر جي عنوان سان لکيو هو. منگي صاحب، اهو اڻلڀ ڪتاب ڪٿان هٿ ڪيو جنهن جي خبر خدا کي، پر ڪيس شابس هجي پاڻ ان جو ڊاڪٽر علي نواز شوق کان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرايو. ۽ پوءِ اهو ڪتاب ڇپائي سيمينار ۾ ورهائي هٿي وچي هنڌ ڪيو. ٿر تي مير محمد بخش ٽالپر بہ 1967ع ۾ مارئي ميلو ڪرايو هو. سائين نوراحمد شاھ ٿرپارڪ ضلعي تڏهن ميرپورخاص ۽ ٿر هڪ ئي ضلعو هو جو ڊپٽي ڪمشنر ٿيو تڏهن بہ 1967ع ۾ ٿر بابت هڪ سيمينار اجا تائين گهڻ اديبن کان نہ وسريو آهي.

اصل ۾ ٿر آهي بہ دلڪش پاڻ ڏي ڇڪيندڙ ۽ موهيندڙ خود عبدالقادر منگي کي بہ پاڻمرادو ٿر پاڻ ڏي، Facinate ڪيو هو. سندس چواڻي تہ ڪيترن ورهين کان جڏهن هو اجا ٿر نہ ويو هو تہ ڪيس ٿر لاءِ ڇڪ محسوس پئي ٿيندي هئي. پهريون پيرو هو ڊپٽي ڪمشنر ٿي مٺي شهر ۾ داخل ٿيو.سائين مصري شاھ جي درگاھ وارو وراٽو ٿيندي مٿس هڪ عجيب ڪيفيت ڇائنجي وئي هئي. پهرئين پهرئين سال 1858ع ۾ نهيل ريسٽ هائوس جي عمارت ڪيس مائل ڪري ڇڏيو. ڪيس شايد خبر هئي تہ هن ئي عمارت ۾ سنڌ ۽ سنڌي ادب جو محسن ميرزا قليچ بيگ سان 1889ع ۾ ٿرپارڪر جي ڊپٽي ڪليڪٽر جي حيثيت سان اتي رهيو هو. ٿر وسڪاري بعد دلڪش ۽ ڏڪار ۾ ڏکوئيندڙ منظر ۾ بدلجي ويندو آهي. هتي پاڻي جي ڏُڪ لاءِ وڏا ڪشالا ڪڍڻا پون. علاج ۽ ٻين سهوليتن جي اتي سدائين اٽاٽ آهي. اتي اڄ رستا هوندي بہ ڪيترين ڳالهين جي کوٽ آهي، پر مٺي شهر اڄ ٻهراڙي نہ رهيو آهي. ميرزا قليچ بيگ، ڪيپٽن تروٽ اسٽينلي ريڪس، امرڪوٽ جي قلعي ۾ آرامي انگريز ڪليڪٽر هربرٽ واٽسن وارو ٿر بہ ساڳيو نہ رهيو آهي. پر ٿر جون هوائون ٿر جو آسمان ۽ ان تي چمڪندڙ تارا، مٺيءَ جي پٽ گڊي تي چمڪندڙ چوڏهينءَ جو چنڊ، ائين آهي. ۽ ٿر جي فضائن ۾ سمورا آواز موجود آهن. جن ٿر جي چڱائيءَ لاءِ پاڻ ويهي پتوڙيو.

منگيءَ صاحب ٿر ڪانسواءِ، خيرپور ۽ لاڙڪاڻي ۾ بہ ڊپٽي ڪمشنر ٿي رهيو آهي. خيرپور ۾ هن سال 1995ع جي پڇاڙي ڌاري 15 ڏينهن وارو جشن خيرپور ۾ ڪرايو هو. خيرپور جي رهواسين کي بہ اهو جشن خيرپور بنھ نہ وسريو آهي، خيرپور جا پيلا اڳي ئي رياستي ماڻهو سچل سائين بہ اتي موجود ۽ مير علي نواز ٽالپر، مرحوم جا قصا بہ اتي مشهور. منگي صاحب خيرپور ميلي جي موقعي تي سچل سرمست جي مقبري جو ننڍڙي ريپلڪا ٺهرائي، اهو اديبن ۾ انعام طور ورهايو. ايڏو خوبصورت تحفو اجا تائين مون نہ ڏٺو آهي. خيرپور جي جشن ۾ بہ وڃڻ تہ ٿيو هو. پر دوست سرفراز راڄڙ جي گهر ۾

Gul Hayat Institute

سندس ڊرائينگ روم ۾ سچل سائين جي مقبري جو خوبصورت ريپلڪا ڏسي دنگ رهجي ويو هوس. خواهش اٿم ته شاهه لطيف جي عرس جي موقعي تي سنڌ ثقافت کاتي لطيف ايوارڊ لاءِ لطيف سائين جي روضي جو ريپلڪا ٺهرائي. انعام طور ڏيو وڃي.

منگي صاحب 1996ع جي وچ ڌاري لاڙڪاڻي ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر ٿيو. پر اهو مدو مختصر هو. نه ته پڪ لاڙڪاڻي ۾ به مرحوم محمد هاشم ميمڻ وانگر لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو جهڙو جشن ضرور ڪرائي ها. مرحوم محمد هاشم ميمڻ 1985ع ۾ اهو فنڪشن ڪرايو هو. ۽ لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو جهڙو عاليشان مضمونن جو ڪتاب به ڇپرايو هئائين.

ڇون ٿا ته ماڻهو ۾ ڪي چڱايون ڪيس پنهنجن وڏڙن کان ٿيون منتقل ٿين. منگي صاحب ۾ به پنهنجن وڏن جون دعائون ۽ چڱايون شامل آهن. هو وري جڏهن سيڪريٽري ڪلچر ٿيو ته اتي به طرح طرح سان پاڻ ملهائيندو رهيو. سندس آفيس ۾ وڃبو هو ته اديبن ۽ فنڪارن جا ميلا متل هوندا هئا. غريب غربي فنڪار جو ڪم پاڻ مرادو پيو ٿيندو هو. مون کي ياد آهي ته سال 2006ع هڪ تقريب ۾ ان وقت جي وزير اعليٰ ڊاڪٽر ارباب غلام رحيم کي رٿ ڏني، ته شيخ اياز جا ڪتاب ڇپرائڻ لاءِ ۽ شيخ اياز جو مقبرو ٺهرائڻ لاءِ سنڌ حڪومت کي هدايت جاري ڪري، وزير اعليٰ فوري طور تي اها رٿ ان تقريب ۾ قبول ڪئي. ۽ ڪلچر کاتي کي اهڙي هدايت ڏني. ان وقت سيڪريٽري ڪلچر منگي صاحب هو. هن سان مون صلاح ڪئي پوءِ پاڻ فوري طور تي هڪ ڪميٽي محمد ابراهيم جويو جي سربراهي ۾ جوڙي ورتي. ساڳئي وقت ان سلسلي ۾ پي سي ون ٺهرائي سي ايم هائوس کي ڏياري موڪليائين. ان پي سي ون منظوري کان پوءِ ڪلچر کاتي شيخ اياز جي سمورن ڪتابن کي شايع ڪرائڻ ۽ اياز جي قبر جوڙائڻ لاءِ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. اهو ڪم منگي صاحب ۽ سندس رٽائر ٿيڻ کان پوءِ وري شمس جعفراڻي سيڪريٽري ڪلچر، ۽ ان وقت جي صوبائي وزير ڪلچر سسئي پليجو جي ذاتي دلچسپي سبب تڪميل تائين پهتو.

منگي صاحب سان منهنجي شخصي ملاقات تمام پراڻي آهي. اها جنوري 1972ع جي ڳالهه آهي مرحوم نبي بخش کوسي سان گڏ آئون ۽ ارباب کهاوڙ شيخ اياز سان ملاقات ڪرڻ لاءِ سکر ويو هوس. اتان ٻئي ڏينهن اسين شڪارپور ويا هئاسين. اتي بيدل مسرور جي جاءِ تي هدايت پريم، ۽ عبدالقادرمنگيءَ سان پهريون پيرو ڪچهري ٿي هئي. تڏهن پاڻ شڪارپور فاريسٽ ڊپارٽمينٽ ۾ ڪم ڪندو هو. بعد ۾ 1981ع ۾ دوست سرفراز راڄڙ جي دعوت تي قاضي اسلم اڪبر، چيف ايڊيٽر ڊيلي سنڌ نيوز سان گڏ ڪپري وڃڻ ٿيو. اتي شام جو سرفراز راڄڙ اسان کي اسسٽنٽ ڪمشنر ڪپري جي بنگلي تي وٺي ويو هو. تڏهن خبر پئي هئي ته اسان جو پراڻو دوست عبدالقادر منگي ڪپري جو ايس ڊي ايم آهي. ان وقت به سندس ڪچهريءَ جو موضوع سنڌي ادب هو. هڪ پيري گهاري ۾ به وٽس وڃڻ ٿيو هو. هن سان محبت ۽ تعلق جو رستو قائم آهي.

هو ضلعي لاڙڪاڻي جي شهر رتيديري جو رهاڪو آهي. رتوديرو ضلعي لاڙڪاڻي جو اهم تعلقو رهيو آهي. هي علائقو گهڻي وقت کان خان بهادرن، راءِ بهادرن، سرصاحبن، جاگيردارن، ۽ موچارن جڳ مشهور ماڻهن جي جنم ڌرتي رهي آهي. پر ۾ ٻڙهي خدابخش، جو تاريخي ماڳ به اٿس. نئون ديرو به هن تعلقي ۾ شامل رهيو آهي. سر شاهنواز خان ڀٽو راءِ بهادر گوڪلداس ( سنڌ جي بمبئي کان ڌار ٿيڻ بعد پهرين سنڌ وزارت ۾ شامل وزير) سنڌ مان پاڪستان جو پهريون پيرو ٿيندڙ



صدر ۽ وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو خاتون وزيراعظم شهيد بينظير ڀٽو. هندستان جي پهرين سينيٽرل اسيمبليءَ جو ميمبر نواب واحد بخش خان ڀٽو نواب نبي بخش خان ڀٽو سائين پير شاهه راشدي، رسول بخش خان ڀٽو، خانبهادراحمد خان ڀٽو، ممتاز علي خان ڀٽو، پير علي محمد شاهه راشدي، پير حسام الدين راشدي ۽ سردار الله بخش خان جلباڻي اول، سيد خير شاهه، سيٺ هرچي مل، سيٺ قيمتراءِ، ڏيارام ڪشنچند، جئسنگهاڻي، ديوان خوبسنگهه، قاضي عبدالحئي قائل، شيام جئسنگهاڻي مشهور شاعر پرڀووفا، ۽ ذوالفقار راشدي، ديوان ريواچند، ( جيڪو ورهاڱي کان پوءِ به وطن نه ڇڏي ويو) بنگل ديري جو رهاڪو ڊاڪٽر ٻلديو متلاڻي، ( بمبئي يونيورسٽيءَ جي سنڌيڊپارٽمينٽ جو اڳوڻو سربراهه) ڊاڪٽر منوهر متلاڻي ممبئي يونيورسٽي جي سنڌي ڊپارٽمينٽ جو هاڻوڪو سربراهه اسان جو پراڻو يار ڪامريڊ اعتبار علي جاگيراڻي مرحوم ۽ ڪامريڊ نذير احمد جلالي، سائين ديدار حسين شاهه، عبدالرزاق سومرو، پروفيسر نذير احمد سومرو، قاضي منظر حيات، عبدالخالق ڪنڌر، نئين ديري وارو به هتان جا آهن.

منگي صاحب پاڻ هڪ ڪلمک شخص آهي. مون ته سدائين کيس مُرڪندي ۽ ڌيرج سان ڳالهائيندي ڏٺو نه ڪڏهن کيس وڏي واڪي ڳالهائيندي ٻڌو آهي. ٿي سگهي ٿو ته ڪيترن سڄڻن کيس رنجايو به هوندو. ڏکويو به هوندو پر چاڪاڻ ته هي سنڌ آهي، هڪ هزار ورهين جي غلامي به هڪ بيماري آهي. ان ڪري ڪنهن به صورت ۾ ڏک ۾ اچي ڪڏهن به نه ٻوليندو. لاڙڪاڻي مان هاڻ سڳداسي چانور اٺلپ ٿي ويا آهن، پر منگي صاحب ۾ اها سڳداسي چانورن واري سڳنڌ اڄ به موجود آهي، بنهه مانيٽو ۽ محبتي ماڻهو بختوارو هئڻ سان گڏ ابي امان جون دعائون به شامل اٿس. پير به ڪو ڏاڍو سياڳو اٿس، پاڳوند آهي. الله سائين کيس سکيو ستابو رکيو آهي، گهر ٻار جي به خوش اٿس. رٽائرمينٽ کان پوءِ پنهنجو گهڻو وقت مطالعي ۾ گذاري ٿو. ڪتب خانو پنهنجو شاندار اٿس-ڀلا ڀيو ماڻهوءَ کي ڇا گهرجي! سامهون اڇو به سنڌي سمنڊ جي لهرن کي ڏسندي، هن لاءِ اياز جو هي شعر ٿا پيش ڪيون:

پرينءَ جي پکي ۾ وڃين ٿو اياز،
تڙي آهه ٽانگر به ٿي قول ڪڻ.

شال سدائين خوش هجي. شل سدائين ائين ئي مُرڪندو رهي. اسان جون دعائون ساڻس شامل راهه آهن.

**مدد علي سنڌي**
نيشنل ميوزيم،
برنس گارڊن، ڪراچي
12_آڪٽوبر 2017ع
فون نمبر: 03232574353

Gul Hayat Institute

# من اندر جي ڳالهه

هي ڪتاب عبدالقادر منگيءَ جي آتم ڪٿا جو تعارفي باب آهي جيڪو هن ٿرپارڪر ۾ نوڪريءَ واري عرصي بابت لکيو آهي. ڪتاب تي نالو بہ مناسب رکيو اٿس ”جي مون گهاريا ٿر ۾“. ٽڪرن ٽڪرن جي صورت ۾ بيان ڪيل سندس حياتي پر جو هي من موهيندڙ رومانوي بيان آهي جيڪو ڊرامائي طور المناڪ ، دل ڏوڏيندڙ واقعي سان شروع ٿئي ٿو. اهو واقعو سندس محبوب زال جو دارالبقا ڏانهن ڪُمهلو لاڏاڻو آهي.

ناول جهڙي هن آتمڪٿائي آکاڻي جولهجو ۽ مزاج سندس نثرجي سون ساريکي ڇهاءَ جو خاصو آهي، جيڪو طره امتياز آهي خاص نج نموني جي سمپورڻ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن جو. هڪ پلوڙ اپياسي مهذب ذهن جو جنهن جي تفصيل ڀوليندڙ باذوق اک هجي، جيڪو برجستو هجي. اهو حيران ڪندڙ ۽ غيرمتوقع فصل ناهي،باوقار، پالش ٿيل، شهري ۽ لاڙڪاڻي جواسلوب آهي، لاڙڪاڻو جيڪو راشدي برادران جي جادوئي ڌرتي آهي.

ليکڪ ۽ سندس ٿري دوستن، واقفڪارن، جي وچ ۾ وڌندڙ قرب ۽ جٿادار، پراسرار، روحاني ۽ دنياوي تعلق جي ڪري اڪث ثقافتي ماڳ مڪان ۽ سيمينار هاڻي پنٽي پيل ان ڌرتي تي قادرمنگيءَ جي نوڪري جي حوالي سان منسوب ڄاتل سُڃاتل سهيوڳي ٿري لوڪ ورثي جو حصو آهن جنهن ڌرتي تي موجوده دورجهڙيون مواصلات ۽ رهائش جو سهوليتون ميسر نہ هيون

نوجوان روينيو آفيسرجي هن سحرانگيز ڪهاڻي جوهڪڙونمايان رخ اسان جي هيروجي بي داغ غيرمعمولي هردلعزيزي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ هو جديد دور جو ڪرنل تروٽ لڳي ٿو.

هن نموني بلڪل سانت ۾ گهاريل بامعنيٰ زندگي ، ذهني سڪون، عام ٿري ماڻهوءَ سان ايڪتا ۾، ليکڪ جو نرالو ادبي اعتماد ۽ ميڙاڪن ڪان پري رهڻ ، مجموعي ادبي ۽



اخلاقي پيغام آهي جيڪو پلوڙ نموني لکيل ڪتاب مان ملي ٿو. هي ڪتاب هڪ جمال پسند ليکڪ جو همت پريواعتراف پڻ آهي، هي ليکڪ هڪڙو مهذب شخص آهي ۽ پنهنجي هم ڪارآفيسرن (جيڪي نوڪري ڪن پيا يا نوڪري ڪري چڪا آهن ) توڙي سنڌ لاءِ امتيازي اثاثوآهي

درحقيقت، هيءَ وقت جي وهڪري بابت پڙهڻ جوڳو ادبي پورهيو آهي جيڪو سيکاريندڙ بہ آهي تہ وندرائيندڙ بہ آهي. جلدبازيءَ ڪان هٽي ڪري فنڪاراڻي ۽ نکريل ادبي اسلوب ۾ لکيل آهي. هي هڪ معياري سڃاڻپ وارو ڪتاب آهي. هن نموني هڪ سُٺي آتم ڪٿا تصورائڻ گهرجي، مسودو ٺاهجي، ايڊٽ ڪجي ۽ لکجي جيڪا مختصر هجي، جامع هجي،اندرا وريندڙ هجي ۽ ڀرلڳي ڀرهيل ڳالهه هجي .

**ليکڪ : گل محمد عمراڻي**
**سنڌيڪار: نوراحمد جنجهي**

Gul Hayat Institute

# پنھنجي پاران

نيٺ مون فيصلو ڪيو تہ پنھنجي آتم ڪٿا لکندس!

سوچيندو رهيس تہ مان پنھنجون نندي هوندي کان ذاتي ڊائريون تہ لکيون ڪونہ، جيڪڏهن ڪجھ وقت لکيون بہ تہ اهو سوچي اهي تباھ ڪري ڇڏيون تہ متان اهي ڊائريون ڪنھنکي هٿ نہ اچي وڃن جن ۾ منھنجا 'راز' سمايل هئا. تہ پوءِ ڪجھ دوستن کن چاهڻ وارن جا خط اهي سانڍيا! پوءِ جڏهن 27 ڊسمبر 1970ع تي منھنجي شادي ٿي وئي تہ انھن کي سانڍڻ بہ مشڪل ٿي ويو. وهندڙ ڳوڙهڻ سان اهي "چند تصوی ریں اور چند هستیوں کے خطوط" تيليءَ جي حوالي ڪري ڇڏيا.

ريٽائر ٿيڻ جي ڇهن سالن تائين عبدالغني "سليم" چنا، عاشق منگي ۽ ڪجھ ٻيا دوست زور پرڻ لڳا تہ مان پنھنجون "سارو ٽيون"/آتم ڪٿا لکان. مون 2013ع ۾ فيصلو ڪيو تہ آتم ڪٿا لکندس ۽ قلم کنيون. بہ ٽي صفحا لکي منجھي پيس. پين ۽ پنا هڪ پاسي رکي ڇڏيم!

چا لکجي؟ اڳ ۾ چا لکجي، پوءِ چا لکجي. وري هڪ ڊگھي وقفي کان پوءِ لکڻ شروع ڪيو. وقفا ايندا رهيا. در اصل سالن کان نثر، افسانا، ترجما ۽ مضمون لکڻ ڇڏي ڏنا هيم. شاعري ڪڏهن ڪڏهن ڪندو هيم پر لکڻ جي پريڪٽس ڪونہ رهي هئي! منھنجي ڳالهائڻ واري ٻولي بہ عجيب ٿي وئي آهي، سڄي سنڌ ۾ سالن جا سال نوڪري ڪئي اٿم تنھن ڪري اترادي، وچولي، لاڙيءَ، ڪاڇوءِ ٿر جا لهجا شامل ٿي ويا آهن. مون بهتر سمجهيو تہ جيڪو لکان اهو پنھنجي ڳالهائيندڙ لهجي ۽ ٻوليءَ ۾ ۽ نندين نندين سٽن ۽ جملن ۾ لکان، جيڪو منھنجي لاءِ سهوليت وارو ڪم آهي. نہ ڪتاب ۾ ادبي "چاشني" ملندي نہ ادبي انداز ۽ ڊيگھ. هيءَ ڪتاب سڌن سادن پڙهڻ وارن لاءِ هوندو. ڳالھ شروع ڪيم ٿي زندگيءَ جي شروعات کان.

پهريون باب، ڄمڻ ۽ اسڪول جي تعليم جو منھنجي لاءِ ڏکيو ۽ صبر آزما هيو. پوءِ



اَينئَ سڏي ٿي وئي. فاريسٽ ڪاليج جي باب لکڻ سان. مون فيصلو ڪيو تہ جنھن تسلسل سان زندگي گذري آهي ۽ نوڪري ڪئي آهي، ان تسلسل سان ئي لکڻ کي اڳتي وڌائجي.ڪتاب جا باب، ان ترتيب سان لکيا اٿم پر مون وٽ ڪوبہ مواد ڪتاب لکڻ لاءِ ڪونہ هيو سواءِ يادگيرين جي. انھن کي بہ پنجاھ سالن جو وقت گذري ويو. يادگيرين کي ورائڻ وڏو ڏکيو بلڪ جيءَ کي جنجال ۾ وجھڻ وارو ڪم هيو. ڏينھن جا ڏينھن ۽ راتين جون راتيون اڌ جاڳي ۽ اڌ سمهي انھن يادين کي موٽائيندو رهيس جڻ پاڻ کي Hypnotize ڪندو رهيس. ڪڏهن ڪڏهن تہ مان انھن پراڻين ڪيفيتن ۾ داخل ٿي ويو هوس. ڏينھن جا ڏانھن مون انھن ڏکن ۽ سکن جي پراڻين حالتن ۾ گذاريا. انھن مان نڪرڻ تہ ڪڏهن ڪڏهن اوکو ٿي پوندو هيو. جيڪڏهن نڪري بہ ايندو هيس تہ مڪمل طرح نہ! اڪثر ائين محسوس ٿيندو هيو تہ مان هڪ وقت بہ زندگيون گذاري رهيو آهيان! هڪ اڄوڪي ۽ ٻي گذريل.

ڪتاب تہ مڪمل ٿي ويو پر آهي جان جي خطري جو ڪم. وڏو خطرو اهو آهي تہ جنھن کي نہ وڻندو اهو هٿ ۾ پٿر کنيون بيٺو هوندو. سچ پچو تہ ڪنھن کي رنج پهچائڻ کان وڏ ۾ وڏ پرهيز ڪئي اٿم. سچ ڪڏهن ڪڏهن ڏوهاري بہ ٿي پوندو آهي. ڪو سمجهي تہ سندس ناجائز دل آزاري ٿي آهي تہ درگزر ڪري. حقائق جيڪڏهن ڪو سمجهي ٿو صحيح نہ لکيا ويا آهن تہ انھن لاءِ اڳواٽ معافي. ساٿي جيڪڏهن انھن جي نشاندهي ڪندا تہ درستگي ڪئي ويندي. ڪتاب سڄو يادگيرين جي بنياد تي ئي لکيو ويو آهي. واقع، تاريخون ۽ نالا ڪٿي ڪٿي غلط ٿي سگھن ٿا.

هن ڪتاب جو چيپٽر ٿر جنھن کي "جي مون گهاريا ٿر ۾" الڳ ڪري، ٿري ماڻھن سان واعدي مطابق ڪين مجتا ڏيڻ لاءِ ڇاپيو ويو آهي، تہ جيئن ڪين خريد ڪرڻ ۽ پڙهڻ ۾ سهوليت ٿئي. اهو چيپٽر/ڪتاب بہ هن سڄي آتم ڪٿا جي حصي طور شامل آهي. هن چيپٽر کان سواءِ تہ منھنجي آتم ڪٿا مڪمل ناهي. ان ڪتاب کي پريس توڙي اهل ادب ۽ ٿر جي دوستن کان وڏي مڃتا ملي آهي اهو چيپٽر جڻ هن ڪتاب جو مهاڳ آهي. ان چيپٽر تي انگريزي ۾ لکيل گل محمد عمراڻي صاحب پاران تعارف يا Review هٿ توهان جي جاڻ لاءِ ڏجي ٿو. گل محمد صاحب ميرپور خاص جو ڪمشنر رهيو آهي، ٿر بہ جنھن جو حصو رهيو آهي.

من ۾ محبت پائي رندا روڙيا اٿم. ڪنھن خاص ترتيب سان ڪونھن. جيئن، جتي جهڙو وقت وهيو واپريو آهي ان کي ورجايو اٿم. دعوي ڪونهي تہ ڪو هيءَ وڏو ادبي شهڪار آهي ڪو ريفرنس جوڳو ڪتاب آهي. جتي وڏن ماڻھن جا من موهيندڙ مضمون هوندا اتي غريب غربن جا حال احوال بہ هوندا، جنھن ۾ جمعي فقير جو قصو تہ وتائي فقير

Gul Hayat Institute

جون ڳالهيون شامل آهن، جتي چيف سيڪريٽرين ۽ سيڪريٽرين جي رعب تاب جا ليک هوندا اتي توهان کي هوت خان پٽيوالي ۽ سنيڊل ڪلارڪ جون ڳالهيون بہ ملنديون، جتي وڏن ماڻهن جا وڏا قصا آهن اتي انهن کي ڇهنڊڙي بہ پائي ورتي اٿم اها ڪنهن پڙهڻ واري کي محسوس ٿيندي ڪنهن کي نہ ٿيندي. بخش تہ پاڻ کي بہ ڪونہ ڪيو اٿم! انسان آ ان جي زندگيءَ جا ڪي ڪمزور ترين لمحا بہ آهن. مون ڪوشش ڪئي آهي تہ پنهنجي واڪاڻ نہ لکان پر پنهنجين ڪمزورين ۽ ڪچاين جو ذڪر ضرور ڪيان. ڪي تہ اهڙيون ڳالهيون لکيون آهن جيڪي مونکي ڏوهاري ۽ قابل تعزير بڻائين ٿيون! پر جيڪو منهنجي ۽ منهنجي رب پاڪ جي وچ ۾ وهي واپري ٿو تنهنجي 'توکي' کهڙي خبر. سندس درگذر جا در سدا کليل آهن. انهن ڳالهين جي لکڻ جو رواج آتم ڪٿا ۾ ڪونهي، خاص طور آفيسرن طرفان.

هن ڪتاب ۾ مون ڪيترن ئي ويجهن ماڻهن ۽ اهم واقعن جو ذڪر نہ ڪري سگهيو آهيانجيڪي منهنجي آڏو گهمندا ڦرندا نظر ايندا رهيا آهن پر رهجي ويا آهن. هونئن بہ مون تي اهو الزام عام آهي تہ مان پنهنجن کي نظرانداز ڪندو آهيان. مثلاً عاشق منگي جنهن مونتي لکي لکي ڪاغذ ڪارا ڪيا آهن يا امتياز منگي پنهنجو هڪ سفرنامي جو ڪتاب مونکي 'ارپيو' آهي يا منهنجو ننڍپڻ پائڻ جهڙو دوست ڊاڪٽر فقير محمد کوکر. اهڙا ڪيترائي پيا سائين ۽ سانڍون رهجي ويا. هڪ خوبصورت خاتون کي خبر پئي تہ مان آتم ڪٿا ٿو لکان! چيائين تہ "جيڪڏهن ان ۾ منهنجو ذڪر نہ هوندو تہ جڻ تنهنجي آتم ڪٿا مڪمل نہ هوندي!" مون دل ۾ چيو "چريا! الله تہ درگذر ڪري ٿو پر انسان انسان جو ويري آهي، هرو پرو مفت ۾ مارجي وڃان!" کهاںا پ یا کچه نہیں، گلاس توڑا، صاحب س ے 12 آن ے لو! چريا ڪريا آهيون پر سمجهئون سڀ ڪجهہ ٿا!

هن ڪتاب کي هن حالت ۾ آڻڻ ۾ ڪيترن ئي پلن انسانن جي مدد ۽ مشورا شامل آهن. روشني پبلڪيشن جي علي نواز گهانگهري ۽ سندس نوخيز پٽ وڪي گهانگهري ۽ سندن سڄي ٽيم جي مهرباني. نصير مرزا بنا اجر اجوري جي ڪتاب جون پروف پڙهيون ۽ ايڊيٽنگ ڪئي. ڪمپوزر تولا رام کي شابس هجي جنهن گهڻو ڪتاب ڪمپوز ڪيو. انور بلوچ صاحب ڪجهہ پروف پڙهيا ۽ مونکي مشورا ڏنا. نعيم ديش والي ٽر چيپٽر لاءِ ٽائيٽل ٺاهي ۽ ڪلر فوٽو تيار ڪري سٺو ڪم ڪيو. ٽائيٽل در اصل منهنجي پٽ محمد عريس خان منگي، جيڪو ڪمپيوٽر ڊيزائننگ ۾ سند يافتہ آهي ان ٽر چيپٽر لاءِ Design ڪيو هيو، پر ان کي سندس مشوري سان آخري شڪل نعيم ديش والي ڏنو.



سنڌيڪا جي ٽيم پنهنجي سرواڻ نور احمد ميمڻ جي سرواڻيءَ ۾ ڪتاب "جوئي آهيان سوئي آهيان" کي خوبصورت ڪري پيش ڪيو آهي. نور احمد ميمڻ هر طرح جي دامي، درمي ۽ سخني مدد ڪئي. انهن کان سواءِ غلام حسين قريشي، امتياز منگي ۽ منير منگي جي بہ مدد ۽ مشورا شامل رهيا.

مان مدد علي سنڌيءَ جو بہ ٿورائتو آهيان جيڪو منهنجو ديرينہ دوست آهي، منهنجي ساڻس واقفيت 71_1970ع کان آهي. جڏهن مان ٻيلي ڪاتي شڪارپور ۾ نوڪري ڪندو هوس. ان کان پوءِ ساڻس سبنڌ قائم رهيو آهي. مصروفيت مان ٽائيم ڪڍي جنهن محنت سان هن آتم ڪٿا جي ڪتاب لاءِ مهاڳ لکيو اٿائين، ان لاءِ سندس ٿورائتو آهيان.

وڏي مدد گهر مان ملي منهنجي گهر واريءَ جي طرفان! گهر واريءَ کان وڏيڪ نقاد ڪير ٿو ٿي سگهي! لکيل هر سٽ کي ٽٽوليائين ۽ ان کي بهتر ڪرڻ لاءِ مشورا ڏنائين.

هن منهنجي هر لحظي هر پل همت افزائي ڪئي ۽ منهنجو اعتماد بحال رکيو! ڪي وسريل ڳالهيون بہ ياد ڏياريون! سندس مدد کان سواءِ هن ڪتاب جو هن شڪل ۾ اچڻ ممڪن نہ هيو. منهنجا پٽ محمد عريس خان منگي ۽ علي حميص قادر منگي، ننڍي عمر ۾ لٽريچر، ناولن ۽ آرٽ ورڪ ۽ ڊيزائننگ دلداد آهن. انهن بہ پنهنجا معصوم مشورا ڏنا. اسان پراڻا پڪي آهيون هو بئي هن دور جا ديدهہ ور. ڊاڪٽر انيس قادر منگي پڻ پاڻ موکيو.

عقم
26_11_2017

ڪراچي
021_35290950
0300_9379110
email: mangiabdulqadir@gmail.com